جَامِعِ سُنڌيِ لُغَاتُ

جلد اول (ا - پ)

سعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Sindhi Adabi Board Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

جامع
سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد اول (ا - ب)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ
زير نگراني
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2007ع

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

چاپو پهريون	سال 1960ع	تعداد چار هزار
چاپو ٻيو	سال 2007ع	تعداد هڪ هزار

هي ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي سالياني ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو ويجي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 07-2006 جي بجٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه رپيا

[Price Rs. 350-00]

Gul Hayat Institute

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڑهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڈمي ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

چپائيندڙ پاران

لغت، ڪنهن ٻ ٻوليءَ جو هڪ دستاويزي ۽ تاريخي رڪارڊ آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي اصل مفهوم، ساخت ۽ ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن. لغت نويسي (lexicography) باقاعده هڪ فني علم ۽ سائنس آهي، جنهن ۾ لغت نويس هر هڪ لفظ جي ترتيب ۽ ساخت طرف پورو پورو ڌيان رکي ٿو. ڇو ته هر لفظ پنهنجي سرشت ۾ هڪ پورو تهذيبي ۽ ثقافتي دور رکي ٿو. جنهن ۾ لفظ جي سموري ارتقائي اوسر ۽ واڌ ويجهه کان وٺي خاتمي تائين سمورو سفر سمايل هجي ٿو. لفظ ٻ جاندارن وانگر هڪ زندهه وجود رکن ٿا. هو جاندارن جيئان ڄمن ٿا، وڌن ٿا ۽ پنهنجي وجود مان ٻيا ڪيترائي نوان لفظ پيدا ڪري، ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪرڻ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ پوءِ مري وڃن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ جيڪي لفظ ڳالهائجن ٿا، سي صدي اڳ ساڳي صورت ۽ شڪل ۾ نه هئا ۽ نه وري اڃوڪا لفظ ايندڙ صديءَ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ هوندا! ٻوليءَ ۾ اهڙو تغير پسنديءَ وارو عمل اٽٽر ۽ فطري آهي. شاهوڪار ٻولين ۾ تبديل ۽ بگاڙ جو عمل ٽيندو رهي ٿو، اهو هڪ مستقل عمل آهي. ڇاڪاڻ ته تغير پسنديءَ ۽ بگاڙ جو عمل اُتي ٽيندو آهي، جتي ٻولي ڇرپر ڪندي آهي. بينل ٻوليءَ ۾ اهو عمل نه ٿو ٿئي. سنڌي ٻولي ٻ شاهوڪار ٻولين ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. هن ٻوليءَ ۾ ٻ بگاڙ جو عمل ٽيندو رهي ٿو. بگاڙ جو فطري طرح ڪوبه طئ ڪيل منطق (Logic) نه آهي، پر اُن ۾ هڪ ڳالهه جو عمل دخل ضرور ٿئي ٿو ته لفظ هميشه ڏکيائين کان سولائي طرف سفر ڪندو آهي.

اسان جو اهو عام مشاهدو آهي، ته روزمره جي زندگيءَ ۾ انسان جيڪو ڪجهه ڳالهائي ٿو، ان ۾ هو اها ڪوشش ڪري ٿو، ته ڳالهه کي سولو ۽ مختصر پيش ڪري. تنهن ڪري دنيا جي ڪنهن ٻ خطي ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي زبان کي فصيح ۽ سليس ڪرڻ ۾ اڻ محسوس طريقي سان سوڌ سنوار ڪن ٿا. ٻولي، انساني سماج يا گروهه ۾ پاڻمرادو پيدا ڪيل هڪ تنظيم آهي، جنهن ۾ پوري جو پورو انساني سماج اچي وڃي ٿو. ٻوليءَ جو ناهه ٿوهه ۾ فقط ڪنهن هڪ فرد يا اداري جو انفرادي طرح ڪوبه جامع ڪردار نه آهي، پر ٻوليءَ جي فقط ترقيءَ ۽ ڦهلاءَ ۾ انهن جو ڪردار پنهنجي جاءِ تي هجي ٿو.

اسرندڙ ملڪن ۾ لغت نويسيءَ جي ڪر لاءِ مستقل طور ادارا ڪُليل آهن، جتي هن علم تي لڳاتار ڪم هلندو رهندو آهي. هيءُ هڪ مسلسل ۽ جاري رهندڙ ڪم آهي، ڇو ته تقريباً هر ڏهاڪي ۾ لفظن جون شڪليون ۽ معنائون وقت ۽ حالات مطابق تبديل ٽين ٽيون، تنهنڪري اُسرندڙ ملڪن ۾ اهڙي علم لاءِ باقاعده ماهر مقرر ٽيل هوندا آهن، جن جو ڪم آهي: ٻوليءَ جي انهيءَ تغير پسنديءَ کي اک ۾ رکڻ ۽ لفظن جي ترتيب ۽ معنيٰ ۾ واڌارا سڌارا ڪرڻ، ته جيئن لغت، هر دور سان نه رڳو هم آهنگ ٽيندي رهي، پر هن جو ثقافتي ۽ تهذيبي سفر ٻ جاري رهندو اچي.

Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ تي ڪم انگريزن جي دؤر کان ئي وجود ۾ اچي چڪو هو ۽ پوءِ جيئن جيئن ڇپائيءَ جون سهوليتون ميسر ٿيندڻيون ويون، تيئن تيئن هن ڪم ۾ تيزي ۽ ترقي ايندي وئي، تان جو اڄ لغت نويسي ڇگيءَ طرح اسان وٽ متعارف ٿي چُڪي آهي.

جامع سنڌي لغات، سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ جي انهيءَ تهذيبي ۽ ثقافتي سفر ۾ هڪ اهم ۽ مثالي وک آهي. هيءَ لغت، سنڌي ٻوليءَ جي نامياري عالم ۽ ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جي محنتن جو ثمر آهي. هن لغت جو فارميٽ سادو، عام فهم ۽ عوامي آهي. اهوئي سبب آهي جو هن لغت مان عام پڙهيل لکيل ب استفادو ڪري سگهن ٿا. بورڊ هن جامع رٿا تي ڪم ڪري سچ پچ هڪ وڏي قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حالانڪ لغت ڇپائڻ جو ڪم هن اداري جي حصي جو نہ آهي پر بورڊ جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن جي مفيد مشورن، نيڪ صلاحن ۽ اجازت سان هڙو ڳرو ڪم پنهنجي ڪلهن تي کنيو. اميد آهي، تہ ٻوليءَ سان دلچسپي ۽ محبت رکندڙ حضرات بورڊ جي هِن "ڪاوش" کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا.

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو، سنڌ
اربع، ۴- محرم الحرام سنہ ۱۴۲۸ھ
بمطابق 24- جنوري 2007ع

Gul Hayat Institute

باسمه تعالیٰ

مهاڳ

سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو ۱۸ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو. خاص طرح انهيءَ لاءِ ته ٻاهرين ماڻهن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ آساني ٿئي: انهيءَ کري اهي لغاتون 'انگريزيءَ مان سنڌي' يا 'سنڌيءَ مان انگريزيءَ' ۾ لکيون ويون. کٹپٽن سٹئک، پهريائين 'انگريزي – سنڌي لغات' ۱۸۴۹ع ۾ شايع کئي ۽ ان کان پوءِ سندس 'سنڌي – انگريزي لغات' ۱۸۵۵ع ۾ ڇپي. جنهن ۾ سنڌي الفاظ ديوناگري اکر ۾ لکيائين ۽ اُنهن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين. ساڳئي وقت سنڌ جي عالم ۽ محقق آخوند عبدالرحيم عباسي "جواهر اللغات" مرتب کئي، جنهن ۾ هن سنڌي لفظن جي معنيٰ فارسيءَ ۾ ڏني. جيئن ته فارسي تعليم اُن وقت سنڌ ۾ عام هئي، ان کري هيءَ ڇڻ پهرين لغات هئي جيکا ملک جي رهواسين لاءِ لکي ويئي، حالانڪ فارسيءَ جي رواج گهٽجڻ سببان اها بنا ڇپجڻ جي قلمي صورت ۾ ئي رهجي وئي. ان بعد ۱۸۷۹ع ۾، شرٽ، اڈارام ۽ مرزا صادق علي ٽنهي گڏجي 'سنڌي – انگريزي لغات' تيار کئي، جنهن ۾ آخوند عبدالرحيم عباسيءَ کان پڻ مدد ورتائون. کٹپٽن سٹئک جي برعکس، هنن صاحبن عام رواج موجب سنڌي الفاظ سنڌي–عربي صورتخطي ۾ لکيا پر معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنيون. ۲۰ـ صديءَ جي شروعات ۾، پرمانند جي 'سنڌي – انگريزي لغات' (۱۹۱۰ع) ۽ سندس 'نئين انگريزي –سنڌي لغات' (۱۹۳۳ع)، ٻن ٻولين ۾ سنڌي لغات لکڻ جي شروعاتي سلسلي جون ڪڙيون هيون.

باوجود انهن کوششن جي، سنڌي ٻوليءَ جي خالص 'سنڌي مان سنڌي لغات' جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيه الفاظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، ان وقت تائين لکجي شايع ٿي نه سگهي. البته ڪن خاص مقصدن لاءِ، ڪن ٽورن لفظن تي مشتمل مخصوص لغاتون لکيون ويون. مثلاً سنه ۱۸۸۶ع ۾ جهمٽ مل جي لغات "وَئِتَپَتِي ڪوش" شايع ٿي، جنهن ۾ هن فقط اهڙا چوند سنڌي لفظ ڏنا جيکي سنسڪرت مان نڪتل آهن. ان بعد پيرومل، شاهه جي رسالي جي پهرين ٽن سُرن ۾ آيل ڏکين لفظن کي "غريب اللغات" ۾ مرتب کيو. جنهن جو پهريون پاڳو ۱۹۰۷ع ۾ شايع ٿيو. ميرزا قليچ بيگ سچي رسالي جي لفظن کي "لغات لطيفي" ۾ سهيڑيو، جيکا سنه ۱۹۱۴ع ۾ شايع ٿي. مولوي هدايت الله هالائيءَ پڻ رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکڻ جي ڪوشش کئي ۽ ان بعد ميرزا قليچ بيگ، شاهه ۽ ٻين نون (۹) شاعرن جي شعر مان ڏکين لفظن کي چونڊي معنائن سميت "لغات قديمي" ۾ مرتب کيو، جا سنه ۱۹۲۴ع ۾ شايع ٿي.

Gul Hayat Institute

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جامع لغات لکڻ جي ضرورت پوري کانه ٿي. انهيءَ کري سنڌ سرکار جي "سنڌي ساهتيه مرکزي صلاحکار بورڊ"، ۱۹۴۰ع بعد اهڙي جامع لغات لکڻ جو ڪم عالمن جي هڪ کاميٽيءَ جي حوالي ڪيو. پر ڪن سببن کري، سالن جي عرصي گذرڻ بعد به انهيءَ لغات جو مسودو فقط پهرين ڇئن اکرن (الف، ب، ٻ، ڀ ڪجهه پ) تائين محدود رهجي ويو. سنه ۱۹۵۱ع ۾ جڏهن سنڌ سرکار طرفان هن بورڊ جي نئين سر تشکيل ٿي، تڏهن نئين "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان، ڏن سالن اندر هڪ جامع لغات تيار کرڻ جي مونکي آڇ ٿي جنهن کي مون خوشيءَ سان قبول ڪيو. ڇاکاڻ ته ان کان اڳ، ۴۹ـ۱۹۵۰ع ۾ جناب سيّد غلام مرتضيٰ شاهه (جي.ايم. سيد) جن جي همت افزائيءَ سان، ذاتي طور تي مون اهو ڪم شروع کري ڇڏيو هو.

ڊسمبر ۱۹۵۱ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي فاضل وائيس چانسلر علامه آءِ.آءِ. قاضيءَ جي عنايت سان، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هن جامع سنڌي لغات جي تياريءَ ۽ تکميل لاءِ، مرکزي آفيس قائم کئي وئي ۽ ڪم جي تجويز جو خاڪو تيار ڪيو ويو. ۽ جنوري ۱۹۵۲ع کان ڪم باقاعدي شروع ڪيو ويو. رات ڏينهن لڳاتار محنت سان هن جامع لغات جو مسودو ڏن سالن جي مقرر عرصي اندر، ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. البته مسودي جي تکميل بعد کي اهڙيون رندڪون پئجي ويون، جو ڏن سالن تائين ڇپائي کانه ٿي سگهي. انهيءَ موقعي کي غنيمت ڄاڻي، لغات جي مسودي کي گهٽي ياڳي سنواريو ويو ۽ پڻ ويهه سيکڙو ڪن نوان الفاظ شامل کيا ويا. ۱۹۵۷ع ۾ ڇپائي شروع ٿي ۽ جملي ۸۰ صفحا مس ڇپيا ته وري ٻيون رندڪون پئجي ويون، جنهنکري تقريباً هڪ سال تائين ڇپائي بند رهي. انهيءَ عرصي ۾ پڻ وڌيڪ اصلاح جو موقعو مليو. بالآخر نومبر ۱۹۵۸ع کان ڇپائيءَ جو سلسلو نئين سر شروع ٿيو، جيڪو البته آهستي، پر بنا رندڪ جي، جاري رهيو.

Gul Hayat Institute

سرمايي ۽ وقت جي ڪمي توڙي ڄاڻو عملي جي ڏورڙائيءَ سببان، هن لغات جي تياريءَ ۾ ڪافي تڪليفون پيش آيون. ان کان سواءِ لغات جي مسودي جي تکميل بعد، ويتر اهڙيون رندڪون ٻيون جيڪي دل شڪنيءَ جو باعث بنيون، پر بقول عرب شاعر جي:

لاسْتَهْلنّ الصّعْب او اَدرِک الْمُنیٰ
فَمَا انْقَادَتِ الآمالُ اِلاّ لِصابِر.
(ڪندس حل مشڪل يا ويندس مري،
نه پڄندیون مرادون ڪڏهن صبر ري).

هن اهم ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ هر مشڪل کي صبر سان منهن ڏيئي حل ڪيو ويو البت لغات جي تڪميل بعد، ان جي فوري ڇپائي راقم جي وس کان ٻاهر هُئي ۽ ان ۾ ڪافي دير ٿي وئي، پر چوندا آهن ته "جيئن دير تيئن خير" ـ انهيءَ دير سببان بنيادي مسودي جي ڳچ پاڳي کي وڌيڪ سنواريو ويو. ۽ پڻ لفظن جي تعداد کي وڌايو ويو. لفظن جي تعداد جي ٻيٽ انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿي، ته ڇپيل لغاتن مان 'ڪئپٽن سْٽئڪ' واري سڄي لغات ۾ اٽڪل ۱۶۹۰۰ الفاظ-۽ اصطلاح آهن، شرٽ، اڏارام ۽ مرزا صادق عليءَ واريءَ لغات ۾ ۲۱۴۵۰، پر مانند واري سنڌي – انگريزي لغات ۾ ۲۵۱۴۰، ۽ هن لغات جي فقط پهرين ٽن حرفن هيٺ ۱۵۷۳۵ الفاظ ۽ اصطلاح آهن.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو: (الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لڪيل اندازاً ۴۵۰ ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ انهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا. (ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو. (ج) ادب ۽ لغت بابت اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو ـ خاص طرح شاهه عنايت رضوي، خليفي نبي بخش، صوفي محمد صديق ۽ غلام محمد خانه زئي جا رسالا (جيڪي 'لغات قديمي' جي تياريءَ وقت ميرزا قليچ بيگ صاحب جي آڏو نه هئا)، تن مان انوکا الفاظ چونڊي هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان، آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي "جواهر اللغات" ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسوّدو)، انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا. بمبئي مان مسٽر تاراچند گاجرا، لالا هاسانند جي لڪيل لغات جا الفاظ اتاري موڪليا، جن کي داخل ڪيو ويو. (د) مٽين ٽن ماخذن کان سواءِ، عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي کي وڏي اهميت ڏني وئي. اڳ جيڪي به لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا، تن جي اڪثر مصنفن ۽ مولفن جو واسطو شهرن سان رهيو؛ اهي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقه واقف نه هئا. انهيءَ ڪري سندن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي محاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نه آهن. هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي؛ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه پاڳن ۾ مڪاني ڪارڪن مقرر ڪيا ويا انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تَرجي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح لکي موڪلين. مثلاً ڪاسبين جهڙوڪ ڪنيارن، لوهارن، ڪورين، سونارن، وادِن، وگهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح: جنسن جا نالا، جهڙوڪ گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا؛ ريتين رسمن جهڙوڪ شادي غمي جا اصطلاح؛ ميلن ملاکڙن جا اصطلاح؛ گهرو الفاظ جهڙوڪ عورتن جا اصطلاح ۽ ٻرت جا نالا وغيره؛ اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ پوک جي مڙني قسمن

Gul Hayat Institute

جا الفاظ ۽ اصطلاح: ميوي جي فصلن جهڙوڪ انب، ڪجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. هن سلسلي ۾ خاص احتياط رکيو ويو. ته جيئن سنڌي هوليءَ جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ سري، ٿر ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس هيلي جي مقامي هولين جا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي هوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن جن کي سنڌي هولي آڏي مکي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هيا ڪي عربي فارسي الفاظ ۽ محاورا، ۱۹ـصدي کان وٺي سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي، سنڌي ادب جو جُز بنجي، ڪتابن ذريعي شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي داخل ڪيو ويو ته جيئن هڪ جامع لغات جي صورت ۾ سيني طبقن لاءِ ڪار آمد ٿي سگهي.

لغات جي سٽاءَ

جيئن ته هن قسم جي هيءَ پهرين لغات آهي، انهيءَ ڪري ان جي سٽاءَ کي پڻ نئين سر هيٺين اصولن تي قائم ڪيو ويو آهي.

لفظن جي ترتيب: جيئن ته لغات ۾ جملي الفاظ، جدا جدا اکرن هيٺ 'الف — ب' وار ترتيب ڏيئي رکيا آهن، انهيءَ ڪري سڀ کان اول 'الف — ب' جي تختي هيٺين سٽاءَ سان قائم ڪئي ويئي آهي.

ا ب ٻ پ ت ٽ ث ٺ پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڏ ڈ ڊ ذ ر ڑ ز
س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن و ھ ء ي

'الف — بي' جي انهيءَ سٽاءَ موجب، لغات جي منڊ ۾ 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظن، پوءِ 'ب' سان شروع ٿيندڙ لفظن ۽ اهڙيءَ طرح آخر ۾ 'ي' سان شروع ٿيندڙ لفظن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي.

(۲) اصولي لفظ کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان جي آڏو گول ڪاري هڙيءَ (●) جو نشان ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ اصولي لفظ مان نڪيل ٻين لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي، ۽ انهن جي آڏو ننڍي ٽلهي ڪاري ليڪ (—) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(۳) 'الف' هيٺ، اول مد (آ) سان شروع ٿيندڙ لفظن کي رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته 'مد' کي هن الفن، يعني ته 'الف' جي پويان 'الف'، جي برابر تسليم ڪيو ويو آهي.

(۴) ساڳي صورتخطيءَ وارن لفظن جي ترتيب، هر لفظ جي شروع واري اکر جي زير زبر موجب قائم ڪئي ويئي آهي: يعني ته جنهن لفظ جي منڊ واري اکر تي زبر آهي، اُهو اڳ ۾ رکيو ويو آهي، ان بعد اُهو جنهن جي منڊ

Gul Hayat Institute

واري اکرتي زير آهي، ۽ آخر ۾ اهو جنهن جي منڊ واري اکرتي پيش آهي: مثلاً:

اول 'اَت'، پوءِ 'اِت' ۽ آخر ۾ 'اُت': ساڳيءَ

طرح اول 'بَر' پوءِ 'بِر' ۽ آخر ۾ 'بُر'.

لفظن جي سجاڻپ: لفظن جي صحيح سجاڻپ لاءِ هيٺيان اپاءَ ورتا ويا آهن:

(۱) هر لفظ جي صحيح اُچار کي زبرن زبرن ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. البته ملڪ جي مختلف ۽ پاڳن جي لب و لهجي سببان، جيڪڏهين ڪنهن لفظ جو اُچار ذرا مختلف آهي، ته اول عام مروج اُچار ڏيئي ان بعد مخصوص مقامي اُچار ڏنو ويو آهي، ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 'ٿوري دم' (،) جي نشاني ڏني ويئي آهي، مثلاً:

آنَـرُ، آنُـرُ؛ آجهَـڙُ، آجهِـڙُ؛ آڏوکو، آڏوکو:

(۲) جيڪڏهن ملڪ جي مختلف پاڳن ۾، ٻوليءَ جي مختلف محاورن سببان، ڪو لفظ ايتري قدر جدا نموني ۾ اُچارجي ٿو، جو ان جي صورتخطيءَ جي سٽاءَ، اصولي طور قِري وڃي ٿي، ته اهڙيءَ حالت ۾ ان مستند اُچار کي هڪ مستقل لفظ جي صورت ۾، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيو ويو آهي، ۽ ان جي معنيٰ ڏيڻ وقت، ان جي ٻئي اُچار واري صورت وارو لفظ پڻ ڏنو ويو آهي. البته اهڙي لفظ جي سربستي معنيٰ، صرف ان جي عام مروج اُچار واريءَ صورت جي آڏو ڏني ويئي آهي، ۽ ان جي مخصوص مقامي اُچار واريءَ جاءِ تي، معنيٰ ڏسڻ لاءِ اصولي اُچار واريءَ صورت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي ــ مثلاً

آبت ۽ آبتَ، آديس ۽ آڏيس، آرسڻ

۽ آرکڻ، آرهڙ ۽ آرهاڙ، ٻوهل ۽ ٻوئل، وغيره.

(۳) ڪيترائي اهڙا الفاظ آهن، جن ۾ (سواءِ حيدرآبادي ٻوليءَ جي) "ڊ" ۽ "ڏ" جي اچارن بعد، اڪثر "ر" جو اچار هوندو آهي. اهڙن لفظن جي ٻوياڻ ڏنگين ۾ 'ر' جو اچار نروار ڪيو ويو آهي، مثلاً:

آنْدبرُو (آنْدرُو)؛ بَدبوکو (بَدرُوکو)، وغيره.

(۴) اسمن جي حالت ۾، هر لفظ کي واحد توڙي جمع جي صورت ۾ لکيو ويو آهي، ۽ ج جي نشان ذريعي جمع کي واحد کان جدا ڪيو ويو آهي، مثلاً:

آبَتَ ج آبَتُونْ، آتَتُ ج آتَتَ، آثَـرُ ج آثَـرَ، آڏيو ج آڏيا.

(۵) اهي لفظ جيڪي ملڪ جي مختلف پاڳن جي مخصوص مقامي ٻولين سان خاص واسطو رکن ٿا (پوءِ ڪٽي اهي ٻين پاڳن ۾ پڻ استعمال ٿيندا هجن)، ته مڪاني ٻوليءَ ۽ ماحول جي سجاڻپ خاطر انهن لفظن جي ٻڌيان هيٺيون نشانيون ڏنيون ويون آهن:

Gul Hayat Institute

(ت) = اتر. يعني اتر جي ٻولي (خصوصاً سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن، ۽ خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اترين پاڳن جي ٻولي).

(ل) = لاڙ. يعني لاڙ جي ٻولي (خصوصاً حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي پاڳي ۽ ان سان لاڳو ٺتي ۽ ٺرپارکر ضلعن وارن پاڳن جي ٻولي).

(ک) = ڪوهستان ۽ ڪاڇو. يعني سنڌ جي الهندين ڪوهستاني اراضي ۽ ان سان لاڳو (اوپر طرف) سنڌو ماٿريءَ جي وٽ واري ٻولي (خصوصاً دادو ضلعي جي الهندين ڪوهستاني سرحد ۽ ان سان لاڳو هيٺ سنڌ واريءَ اراضيءَ جي ٻولي).

(ٺ) = ٺر. يعني ٺرپارکر ضلعي جي مٺي، ڊيپلي، ننگرپارکر ۽ ڇاڇري تعلقن جي ٻولي.

(ڏات) = ڏات يا ڏٽ. يعني ٺرپارکر جي خاص 'ڏات' واري پاڳي جي ڏاڪي ٻولي.

(ک) = کارو. يعني ٺٽي ضلعي جي خصوصاً سمنڊ جي ڪناري واري اراضيءَ جي ٻولي.

(ک) (لس) = يعني سنڌ ۽ لس ٻيلي جي سرحد واري ڪوهستاني اراضيءَ ۽ لس ٻيلي جي ٻولي.

(ڪچ) = يعني ڪچ رياست جي جتکي ۽ ڪچي محاورن واري سنڌي ٻولي.

(٦) لفظ جي صورتخطيءَ ۽ سجاٽپ کان پوءِ تشريحي نشاني (:) رکي ويئي آهي. جنهن بعد لفظ جي سمجهاڻي شروع ٿئي ٿي.

لفظن جي سمجهائي: هر لفظ جي سمجهاڻي عموماً ٽن پاڳن ۾ ورهايل آهي. (الف) پهرئين لفظ جي نحوي صورت نروار ڪئي ويئي آهي. (ب) ان بعد ان جو اشتقاق ڏنو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ، (ج) ان جي معنيٰ سمجهائي ويئي آهي.

(الف) (١) لفظ جي نحوي حالت نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون استعمال ڪيون ويون آهن.

Gul Hayat Institute

ذ. = اسم، مذڪر. ظرف. = ظرف.

ث. = اسم ، مؤنث. مصدر. = مصدر.

ذ. صفت. = صفت، مذڪر. حرف جر. = حرف جر.

ث. صفت. = صفت، مؤنث. حرف جملو. = حرف جملو.

صفت. = صفت، مذڪر توڙي مونث. حرف ندا. = حرف ندا.

اسم خاص. = اسم خاص. محاورو. = خط وار ٻوليءَ موجب استعمال.

ضمير. = ضمير. جملو. = جملو.

(۲) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون آهن، جن موجب اُن جون نحوي حالتون پڻ جدا جدا آهن، تہ هر نئين معنيٰ کان اول، ڏنگين اندر، نحوي حالت کي مڌين نشانين موجب نروار ڪيو ويو آهي.

(۳) اسر مذڪر جي حالت ۾، معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ اُن جي مؤنث (واحد توڙي جمع) کي ڏنو ويو آهي.

(۴) مصدر جي حالت ۾ معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ اُن فعل جي 'فاعل'، 'ماضي' توڙي 'اسر حاليي' کي نروار ڪيو ويو آهي.

(ب) لفظ جي نحوي صورت نروار ڪرڻ بعد، چورس ڏنگين ۾ اُن جي مول ۽ اشتقاق کي سمجهايو ويو آهي.

(۱) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، اُن جي 'بنيادي صورت' مطابق آهي، تہ پوءِ صرف انهيءَ بنيادي هوليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، جنهن مان اهو لفظ ورتل آهي، مثلاً:

آخر: ظرف. [ع] آباد: صفت. [ف]

انهن بنيادي هولين کي نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن:

سن. = سنسڪرت. هـ = هندي.

پرا. = پراڪرت. بل. = بلوچي.

ع. = عربي. ف. = فارسي.

انگ. = انگريزي.

انهن کان سواءِ ٻين بنيادي هولين جي حالت ۾، هوليءَ جو سڃو نالو لکيو ويو آهي ـ مثلاً [سرائڪي]، [ترڪي].

(۲) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، بنيادي صورت کان الڳ آهي، تہ ان حالت ۾ اشتقاق نروار ڪرڻ وقت، اصل بنيادي لفظ پڻ ڏنو ويو آهي. اصل بنيادي لفظ مان جنهن ڦيرگهير سان، لفظ پنهنجي موجوده صورت ورتي آهي، ان کي سمجهائڻ لاءِ ٻہ نشانيون > ۽ < استعمال ڪيون ويون آهن. مثلاً:

آڇام < آجام < آماج — يعني تہ اصل لفظ 'آماج' هو، جو تقليب سببان ڦري 'آجام' ٿيو ۽ آجام وري سنڌيءَ ۾ 'آڇام' جي اڇار سان رائج ٿيو.

لَهَڻُ < اَلَهَڻُ < اَلَهنْدو — يعني تہ 'لَهڻ' مان 'اَلهڻ' ۽ 'اَلهڻ' مان الهندو لفظ ٺهيو.

(۳) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت اهڙي آهي، جو ان جو اشتقاق، هڪ کان وڌيڪ هولين مان پيو پاڻجي، تہ انهيءَ حالت ۾ انهن مڙني هولين جا اُهي بنيادي الفاظ ڏنا ويا آهن جن مان موجوده لفظ جي نڪرڻ جو گمان ٿي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

(ج) لفظ جي اشتقاق نروار ڪرڻ بعد، ان جي معنيٰ ڏني ويئي آهي:

(۱) هر معنيٰ کي پوريءَ طرح سمجهائڻ لاءِ، ۽ يا ۽ ۾ ڪان وڌيڪ هم-معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن: ۽ اهڙن هم معنيٰ لفظن جي وچ ۾ نندي ليڪ (-) ڏني ويئي آهي.

(۲) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ ڪان وڌيڪ آهن، تہ 'دم' جي نشانيءَ (۰) سان هڪ معنيٰ کي ٻيءَ ڪان جدا ڪيو ويو آهي.

(۳) جيڪڏهن ڪا معنيٰ ملڪ جي ياڳي جي ڪنهن خاص محاوري مطابق آهي، تہ انهيءَ معنيٰ ڏيڻ بعد، ڏنگين ۾ ان مخصوص محاوري جو نشان ڏنو ويو آهي، مثلاً:

- آتِي ج آتِي (ڪ): ذ. صفت. آهِتِي - هميشه ايندڙ. گراهڪ. (صفت) ايندڙ - ايندڙ وقت وارو (ٿ).
- اُچارڻ (ل): مصدر. آچارڻ - آگهارڻ. اُتارڻ (لس).

(۴) لفظ جي هر انوکي معنيٰ جي آخر ۾ شعر، پهاڪي يا چوٽيءَ کي شاهديءَ طور آندو ويو آهي. مثلاً:

- آبَڙُ: مصدر. [ف. آب = پاڻي + ڙُ = مصدر جي نشاني] آب ڏيڻ - پاڻي ڏيڻ. آلو ڪرڻ - پڄائڻ - پُسائڻ "اُيي کي آبِينْدي، لڏائون سنڌڙيءَ سار" (سچل).
- آيَڙُ (ٿ): مصدر. [سن. آ = چوڌاري + ياسْ = چمڪڻ] ظاهر يا صاف ٿي اچڻ. مٽان اچي سهڙڻ. جهُڙ ٽيڻ "اُپ آيِيو، ياڳِيو جاڳِيو" (جهُڙ ٽيو، مالدار سانگ لاءِ سجاڳ ٽيو).

هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي؛ ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي. البتہ لفظن جي اشتقاقن وارو پهلو ايان وڌيڪ تحقيق طلب آهي، جيتوڻيڪ حالات مطابق اِن تي بہ ڪافي توجہ ڏنو ويو آهي. اهي لفظ جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آهن، تن جي اشتقاقن سمجهائڻ ۾ خاص طرح تاراچند گاجرا (بمبئي) مدد ڪئي، ۽ پڻ انهيءَ ڪم ۾ گنگارام سامراٽ (اُن وقت رهندڙ سن، ضلعو دادو) ڪجهہ مدد ڪئي. انهيءَ هوندي بہ ذاتن بابت پوري تحقيق ڪانہ ٿي ۽ سنڌي لفظن جا اصل سنسڪرت لفظ چونڊي ڏيڻ بدران متبادل لفظ ڏنا ويا. هن ايڊيشن ۾ اهڙا لفظ ڇڏي ڏنا ويا آهن.

سنڌي، سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي "سنڌو ماٿر جي قديم هند - آريائي ٻولي" آهي، ۽ ٻين هند - آريائي ٻولين جي ٻيٽ ۾، سنڌيءَ جي بناوت ۾، آڳاٽين هند - ايراني ۽ داردي ٻولين، توڙي ڪن "سامي صفت" زبانن، قديم ترڪي ۽ ايراني ٻولين کي دخل آهي. نسبتاً پوئين دور ۾ پالي پراڪرت ذريعي، سنڌيءَ تي سنسڪرت جو اثر پيو؛ ۽ ان بعد سنڌيءَ جي ستاءِ ۽ ساخت، توڙي لساني تشڪيل، عربي ۽ فارسي اثر هيٺ

Gul Hayat Institute

ٿي. انهي تاريخي پس منظر ۾ مختلف هولين جي تمدني اثر سببان، سنڌي هوليءَ ۾ پڻ اهڙيون لساني خصوصيتون ۽ لُغوي ڳوڑهايون موجود آهن جو موجوده ڄاڻ جي روشنيءَ ۾، ڪن لفظن جا اشتقاق پروڙڻ البته مشڪل آهن. ازانسواءِ وقت جي پابندي ۽ سرمايي جي قلت سببان، هن لغات ۾ لفظن جي اشتقاقن تي وڌيڪ تحقيق جو امڪان ڪونہ هو: انهيءَ ڪري هن تحقيق کي مستقبل جي حوالي ڪرڻو پوي ٿو.

هن لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني پاڳن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب صاف ڪري لکيو ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان، الفاظ ۽ اِصطلاح چونڊي قلمبند ڪيا. ٻاهرين سيني ڪارڪنن خاطر خواهہ ڪم ڪيو، جن مان خاص طور هيٺين صاحبن ڪافي محنت سان پنهنجي پنهنجي مقامي هوليءَ جو مطالعو ڪري، لفظن ۽ اصطلاحن جو جهجهو مواد موڪليو: صالح محمد سمو ۽ محمد عرس سمو (ڪراچي) جن لس ٻيلي ۽ ڪوهستان جي هوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح سهيڑيا؛ محمد طالب لوهار (ٽنڈو باگو) ۽ مقبول احمد بلوچ (بدين) لاڙ جي هوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو گڏ ڪيو؛ پمي مل (اسلام ڪوٽ) ۽ رائچند (چيلهار) ٿر جي هوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي جمع ڪيو؛ عطا محمد 'حامي' (خيرپور)، محمد عالم عباسي (سکر) ۽ عبدالرزاق ميمڻ (پيرجوگوٺ) اتر جي هوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا موڪليا.

مرڪزي آفيس جي عملي محنت سان ڪم ڪيو ۽ لغات جي جملي مواد کي سهيڑڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيئي مسودي تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. خاص طرح هيٺين صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن، جي هڪٻئي پويان راقم جا نائب ٿي رهيا: مرحوم محمد بخش واصف، جنهن ڪم جي شروعات جي وقت مدد ڪئي؛ سيّد سردار علي شاهہ، جنهن لغات جي مسودي جي تياريءَ ۽ تڪميل تائين رفاقت ڪئي؛ ۽ شيخ محمد اسماعيل، جو شروع کان ئي هڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ شامل رهيو ۽ ان بعد لغات جي پهرئين جلد جي صاف ڪاپي، نظرثانيءَ بعد ان جي ٻي صاف ڪاپي، ۽ ان بعد پريس ڪاپي تيار ڪرڻ، پروفن پڙهڻ ۽ ڇپائيءَ کي توڙ تائين پهچائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

آفيس جي عملي ۽ ڪارڪنن کان سواءِ، هن وڏي ڪم کي ڪامياب بنائڻ ۾ خاص طرح انهن سڄڻن جو هٿ آهي، جن وقت بوقت منهنجي لاءِ سنڌ جي هر پاڳي جو سفر سولو ڪيو ۽ مقامي ڳوٺن جي عمر رسيده بزرگن سان ملاقاتن ۽ سڃاڻ سگهڙن ۽ شاعرن، توڙي ڪڙمين ڪاسبين، پاڳين ۽ ملاحن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جو انتظام ڪيو، جن کان نہ فقط نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو مستند ذخيرو مليو، پر ڇپيل لغاتن ۾ ڏنل، توڙي ڪارڪنن کان پهتل ڪن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي تصديق ۽ تصحيح پڻ ڪئي ويئي.

خادم العلم
نبي بخش

Gul Hayat Institute

الف

• اِ: ذ. [ع.ف] سنڌي، عربي، فارسي 'الف ـ ب' جو پهريون اکر. لکڻ ۾ عمود صورت ۾ اچار 'الڤ'. لفظ ۾ حرف متحرڪ جي صورت ۾ نالو 'همزة'، ۾ ساڪن يا بي آواز واريءَ حالت ۾ 'حرف علت'. ا، و، ي جو حامل "آ، اِيْ، اي، اَيْ، او، اَوْ اوُ". اِمالہ جي حالت ۾ 'ي' سان تبديل ٿيندڙ "رڪاب > رڪيبُ؛ حساب > حسيب". فارسيءَ ۾ صيغهء امر جيَ آخر ۾ فاعل واسطي ڪم ايندڙ "دان > دانا؛ بين > بينا". الف اتّصال طور ڳاندڀاپي واسطي استعمال ٿيندڙ "رنگا رنگ، لبالب، مالا مال، گوناگُون". الف عطف جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ "شباروز، راتيان ڏينهن". ندبه واسطي استعمال ٿيندڙ "دريغا!، حَسرتا!، دردا!". ندا واسطي ڪم ايندڙ "شاها!، ڪريما!، جانا!". لفظ جي اَول، وچ يا آخر ۾ زائدتي ڪم ايندڙ "افروغ <فروغ، اسڪندر < سڪندر؛ نمڪ خوار < نمڪ خور، ستمگار < ستمگر؛ پارسا < پارس". مفعول لاءِ ڪم ايندڙ"گوارا، پزيرا". سنسڪرت ۾ مذڪر جي پويان اچي مونث بنائيندڙ نشاني 'ڪرشن > ڪرشنا، موهن > موهنا". سنڌيءَ ۾ امر استقباليہ جي آخر ۾ جمع واسطي ڪم ايندڙ "سُٹج > سٹجا، ڪج> ڪجا، وڃ>وڃا". اِشباع طورقافيي ۾ ڪم ايندڙ "ساراَهَا، تعريفا". هڪ جي بدران ڪم ايندڙ نشاني. ابجد موجب عدد هڪ. علم نجوم ۾ "ثور" جي نشاني. 'اللهُ' جو پهريون اکر جنهنڪري اصطلاحاً 'الف' بمعنيٰ 'اللهُ' "اوڏو ٿي الف کي من ميم سين گڏ" (روحل). (صفت) بنا نقطي خالي هئڻ سبب بمعنيٰ اڻ ڏيکيل ـ ننگو — اڳهاڙو، عمود وانگر اُڀو سڌو هئڻ سبب بمعنيٰ سنئون — سڌو — اُڀو.

اَ: صفت [سن. اَنَيـ =اڻ پورو، پڳل] اڻ — بنا — سواءِ. 'اڻ' جو مخفف"اڻ ميو> اَميو. اَڻ جاڻ > اَجاڻ". اسم يا صفت جي اڳيان اچي انڪار جي معنيٰ ڏيکاريندڙ يا ابتي معنيٰ ڏيکاريندڙ 'اڳياڙي' "اَمُلهه، اَوير، اَياڳو، اَبوجهُ". سَ ۽ سُ، اڳياڙيءَ جو ضد.

• **آ:** ذ. ڪنهن ڏڪ لڳڻ سبب وات مان نڪتل آواز "آه!". قياس جي اظهار ڪرڻ لاءِ همدرديءَ جو آواز. افسوس يا شرمساريءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ آواز. يادگيريءَ جي اظهار جو آواز "هَا". راڳيندڙ جي وات مان ڳائڻ کان اڳ سُر ملائڻ خاطر نڪتل آواز. 'اڇڻ' مصدر مان امر واحد حاضر جو صيغو "آءُ ـ آڇ!". هر ڪاهڻ وقت ڏڪن کي ورائڻ لاءِ ڪم ايندڙ آواز "وري اڇ! ـ موٽ!". ڪنهن غائب ٿيل شيءِ کي گهرائڻ لاءِ بازيگر جي وات مان نڪتل آواز. ٻيلهاڙي راند ۾ جهليندڙ همراه جي للڪار. (سنسڪرت ۾ ظرف) چؤطرف — چوڌار — آسپاس. جڳيءَ طرح. (فعل) 'آهي' جو مخفف "ساجن! انهيءَ سورجي، ڪل نہ آ ڪنهن کي" (شاهه).

• **آآ:** اَمر. [سن. آيَـ=اَچُ] اَچ ـ آءُ آءُ. (ذ). (ڪڪڑن، پالين پکين وغيره کي) سڌڻ جو آواز.

• **آبُ ج آبَ:** ذ. [ف. آبْ: سن. ١. آپْ < اَپْ = پکڙڻ: ٢. آو ا= مَٽان جو پاڻي، آسماني (برسات جو) پاڻي] پاڻي — نيُر — جَل "لُڙ، لهريُون، لَس ليٽ، جت اَنت نہ لڀي آب جو" (شاهه). مينهن — برسات — بارش "وٺو آب اگونڊرو". اڪين جو پاڻي — لُڙڪ — ڳوڙها "آڏيو آب اڪين مان، ڏيهه کي ڏيکارين" (شاهه). بَحَرُ — سَمُنڊ. درياءَ "پاڻ اُڇلي آب ۾ .... الخ" (شاهه). شرابُ. ترار يا ٻئي تکي اوزار تي چڙهيل پاڻي — جوهَرُ. تيزائي — تکائي(ترار وغيره اوزار جي) "آبُ شل اُتري نہ ڪنهن دم، دوست جي تلوار جو" (واصف). (سون، هيري، لعل، وغيره قيمتي پٿرن جو) اوجَرُ ـ چلڪو — تجلّو. مانُ — شانُ — عزت "آب وارو ماڻهو". ديد —شرم. يهودين جي يارهين مهيني جو نالو (15 جولاءِ کان 15 آگسٽ تائين، جنهن جي پهرين تاريخ حضرت هارون عليه السلام جائو هو). آبڪلانيءَ وارو مهينو.

— **آبُ آبُ:** ذ. پاڻي پاڻي. ڦڙا ڦڙا. (صفت) پگهر ۾ ٻڏل —

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

پگھرِ ۾ شل.

ـ **آبُ آبُ ٹیئُ:** پاڻي پاڻي ٹيڻ. شرم کان منهن يا پيشانيءَ تي پگهر جو ڦڙن جي صورت ۾ ظاهر ٹيڻ. لڄي ٹيڻ – شرمسار ٹيڻ. پگهرجڻ. (اکين ۾) رئڻ جو پاڻي اچڻ – لڙڪ پرجڻ" لکڻ يا ڳالهائڻ وقت پيشانيءَ تي ادراکي موتي ڦڙا پيدا ٹيڻ. طبعي تکليف کان يا محنت کان پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا ڦڙا پيدا ٹيڻ.

ـ **آبُ اُجَلُ:** گهٽي پاڻيءَ جي وَهڪَ (وڏي رئڻ سببان اکين مان)

ـ **آبُ آثُنُ:** لڙڪ وَهائڻ –روئڻ – هنجون هارڻ "آٿيو آبُ اکين مان، ڏيهه کي ڏيکارين" (شاهه).

ـ **آب آتش:** ذ. باهه جو پاڻي. گرم پاڻي. رت جاڳوڙها. گاڙهو شراب.

ـ **آب آهَن:** ذ. لوهه جي اوزار تي چاڙهيل پاڻي.

ـ **آب أحمَر:** ذ. گاڙهو پاڻي. شراب.

ـ **آب أرغَواني:** ذ. گاڙهو پاڻي. گاڙهو شراب. رت جا گوڙها.

ـ **آبُ أرتو:** ذ. ٻٽا ٻنَالڙڪ – مسلسل وهندڙ گوڙها. گاڙهو پاڻي. رت جاڳوڙها "آبُ آرْتو اکئين. لڙڪ وهائين لال" (شاهه).

ـ **آب أنارَ:** ذ. ڏاڙهُونءَ جو پاڻي. شراب.

ـ **آبُ أنگُور:** ذ. انگورن جو پاڻي. شراب.

ـ **آبُ اوتَنُ:** پاڻي نائڻ. گوڙها گاڙڻ – لڙڪ وهائڻ.

ـ **آبائتو ج آبائتا:** ذ. صفت. عزت وارو – شان وارو – مانائتو.

ـ **آبَائتو ٹيئُ:** عزت وارو ٹيڻ. عزت حاصل ڪرڻ – مانُ لهڻ.

ـ **آب بَارَانْ:** ذ. مينهن جو پاڻي.

ـ **آبُ بَسْتَهُ:** ذ. جميل پاڻي. برف. پارو.

ـ **آبُ بَقَاءُ:** ذ. هميشه جيئرو رکندڙ پاڻي – آب حياتُ – امرت جَلُ.

ـ **آبُ پَري أَچَنُ:** اکين جو پاڻيءَ سان پرچي اچڻ – رُئڻ هارکو ٹيڻ.

ـ **آب پَرِيْ أَکُ:** ث. گوڙهن پري اک. عزت ۽ ڏيا واري اَک – آبدار اَک.

ـ **آبُ تابُ:** ذ. دٻدٻو – حشمت – رعب – شان شوکت. تجلّو – جهلڪو. رونق. پيڪو – نَڪُ.

ـ **آب تَلْخ:** ذ. ڪڙو پاڻي. شراب.

ـ **آبَاشْيْ ج آبپاشيُونْ:** ث.پاڻيءَ جي ڇڻڪار.

ـ **آبَائُنُ:** عزت حاصل ڪرڻ. مانُ لهڻ.

ـ **آب جَرَا:** ذ. گلن تي رُئڻ جا نارَ – لڙڪ "آب جَرا اُتلي وُڙهَا، ويرُونْ ڪَري واهِ"

ـ **آبِ جَزر:** ث. لاهواري ويڑرَ – آلَڙويڑ – لهندڙ ويڑ – Ebb_tide.

ـ **آبُ جَل:** ذ. دائو پاڻي – چُوٽو. رزق. هندُڪي اصطلاح ۾ ڪفن دفن.

ـ **آبِ جوشُ:** ذ. ٿهڪيل پاڻي. ڇڪايل پاڻي. پاڻيءَ ۾ ٿهڪايل شيءِ "آب جوشي يا جوشِي چانور". پسار جي شين جو ڪاڙهو. شوروو – رهو – رَسُ. آچار تيار ڪرڻ جو ٽانءُ.

سوڊا پاڻي – Soda_water.

ـ **آب جُوي:** ث. پاڻيءَ جي ترائي (جتي هيٺاهين زمين هجڻ سبب پاڻي بيهي رهي).

ـ **آبُ جهَلَّنُ:** بي عزت ٹيڻ.

ـ **آب چَشمُ:** ذ. اک جو پاڻي – اکِ جو آب. گوڙها – لڙڪ.

ـ **آبَ حَرامُ:** ذ. حرام ڪيل پاڻي – شراب.

ـ **آبَ حَسرت:** ذ. تَمنّا – خواهش.

ـ **آب حَنْظَلُ:** ذ. توهه جو رَس. ڪڙو پاڻي.

ـ **آبَ حَيَا:** ذ. حياءَ ٹيڻ وقت منهن مان نڪتل پاڻي – شرم جو پگهر.

ـ **آب حَيَاتُ:** ذ. حياتيءَ جو پاڻي. اُهو پاڻي جنهن جي پيڻ سان دائما زندگي حاصل ٿئي – آب بقا – امرت جلُ – آب خضر. ڏڏو ۽ مٹو پاڻي. (اصطلاحاً) ڪابه اهڙي شيءِ جا زندگيءَ کي جاودان بنائي. [محمد حسين آزاد جو ارادو شاعرن بابت لکيل ڪتاب.]

ـ **آب خضر:** ذ. خواجه خضر (عليه السلام) جو پاڻي (چيو وڃي ٿو ته بحر ظلمات ۾ خواجه خضر اهو پاڻي وڃي پيتو جنهنڪري دائما زندگي مليس. جنهن جي ڳولا ۾ سڪندر ڪوشش ڪئي مگر اهو پاڻي حاصل نه ٿيس). آب حياتُ.

ـ **آب خُنْجَرُ:** ذ. خنجر جي ڌار.

ـ **آبُ خورو:** ذ. پاڻي پيڻ جو ٽانءُ (خاص ڪري اُهوٽانءُ جنهن جي ڪُڇي سوڙهي هجي). خُمرو – ٽيو.

ـ **آبدارُ:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو – پاڻي رکندڙ. واهن جي پاڻيءَ جو سنياليندڙ نندو عملدار. پاڻي پياريندڙ – ساقي. گوڙهن سان پريل "آبدار اک". پاڻيٽ ۽ رطوبت وارو. پاڻيءَ جڙهيل – تيز "خنجر آبدار". چمڪندڙ "آبدار موتي". نفيس. خوبصورت.

ـ **آبدَارِيْ:** ث. آبدار جو ڪم. پاڻي رکڻ ۽ پياريڻ جو ڪم. تيزي – تکائي. چمڪ. خوبصورتي. مضمون جي خوبي. خوش بياني.

Gul Hayat Institute

ـ **آبُ داتو:** ذ. داتو پاڻي — انّ جل. ڪاڏو پيتو. رزق. روزينو. قسمت — نصيب.
ـ **آبُ دَاتُو بَنْد ڪرڻ:** داتو پاڻي بند ڪرڻ.
ـ **آبُ داتو ڪٽڻ:** حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ. حياتيءَ جووقت پورو ٿيڻ. مري وڃڻ. مسافري ڪري هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ وڃڻ "هاڻ منهنجي دل ڪجي ويئي ديس ڪان، جڙ چمن مان آب داتو ويو ڪجي."
ـ **آبُ داتُو ڪَلڻ:** قسمت ڪلڻ.
ـ **آبَ دَاتي جيْ چڪ ٻيڻ:** رزق جي ڪشش ڪان ڏوراهن ڏيهن تي وڃي نڪرڻ، يا ڏوراهين پنڌ تان وطن يا منزل تي اچي پهچڻ.
ـ **آبَ دَاتي جي گَالهه هُئڻ:** تقديري معاملو يا لکيو هئڻ.
ـ **آبَ دَاتي جي هٿ ۾ هُئڻ:** تقدير جي وس ۾ هُئڻ.
ـ **آبدَسْتُ:** ذ. هٿن ڌوئڻ جو ٽانءُ — گينڊي — چلمچي. استنجا — طهارت. وضو.
ـ **آبُ دوز:** صفت. پاڻيءَ هيٺ آيل — هڏل — غرق. پاڻيءَ جي اندران هلندڙ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (جا اندران وڃي دشمن جي جهاز کي ڏڪ هڻي ناس ڪري).
ـ **آبَ دَهَن:** ذ. وات جو پاڻي — پڪَ — لعابُ.
ـ **آبُ دِيْدَ:** ذ. اکين جو پاڻي — ڳوڙها — لڙڪ — هنجُون.
ـ **آبُ دِيْدَه:** صفت. اکين ۾ پاڻي پرڻي آيل — رئڻ هارڪو — رئندڙ.
ـ **آبُ دِيْدَهْ ٿيڻ:** رئڻ هارڪو ٿيڻ — ڏکارو ٿيڻ — دلگير ٿيڻ.
ـ **آبُ دِيْنُ:** عزت ڏيڻ — مانُ ڏيڻ. آبدار ڪرڻ — چمڪائڻ. بي عزت ڪرڻ.
ـ **آبُ رَکَڻ:** عزت رکڻ — پت رکڻ.
ـ **آبَ رَوَانْ:** ذ. وهندڙ پاڻي. ڪپڙي جو هڪ قسم — سَنهي ململ جو هڪ قسم.
ـ **آبرو:** ث. (آب + روءِ) مُنهن جو پاڻي. عزت — مان — مرتبو.
ـ **آبريزُ:** ذ. ڇٽڪار لاءِ ٽانءُ — ڦُوهارو. ڏول. باڙدي. نيسارو. گندي پاڻيءَ جي ڪڏ.
ـ **آبَ زَرْ:** ذ. سون جو پاڻي — ملمعو. سنيد شراب. زعفران.
ـ **آبَ زُلَالْ:** ذ. صاف ۽ مٺو پاڻي. عربستان ۾ واريءَ کي کوٽي ڪڍيل صاف پاڻي. (برف ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ڪينئون. جنهن جو نالو زُلال چون. اهو ڪيئون مقدار ۾ آگر کان ڪجهه وڏو ٿئي. برفاني ملڪن ۾ ان کي نچوڙي ان جو رس پين).
ـ **آبِ زَمْزَم:** ذ. زمزم کوهه جو پاڻي (زمزم کوهه لاءِ چيو وڃي ٿو ته بيبي هاجره حضرت اسماعيل عليه السلام جي ولادت کان پوءِ اڄ سبب پاڻيءَ جي تلاش ۾ 'صفا' ۽ 'مروه' جبلن جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي هئي. خدا جو شان! جنهن زمين تي حضرت اسماعيل ستو پيو هو. اتي سندس پيرن جي ڪڑين لڳڻ سبب پاڻي نڪري پيو. جڏهن پاڻي وهي هلڻ لڳو. تڏهن بيبي صاحبه ڪيس مٽيءَ جو ٻنوڙو ڏيئي چيو 'زم زم' يعني 'ٽم ٽم' يا 'بيهه بيهه'. جيئن ته هي حضرت اسماعيل عليه السلام جو هڪ معجزو آهي ۽ خانه ڪعبه ۾ به اهو پاڻي ايڏا سوڏو صرف ٿئي ٿو. تنهن سبب مسلمان ان جي وڏي عزت ڪندا آهن ۽ حاجي پنهنجي ملڪ ۾ تبرڪاً نيندا آهن. هڪ حديث موجب هي پاڻي مرضن واسطي آب شفا آهي).
ـ **آبِ سَبيلْ:** ذ. سبيل جو پاڻي — خدا ڪارڻ خيرات جو پاڻي (رستيَ تي مسافرن لاءِ رکيل).
ـ **آبُ سُرخْ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. شراب.
ـ **آبَ سِيَاهْ:** ذ. ڪارو پاڻي. اونهو پاڻي (جو تَر ۾ ڪاراڻ تي مائل ڏسبو آهي). نزلي جو پاڻي (جواکين ۾ پيدا ٿئي ۽ نظر لاءِ نقصانڪار آهي). شراب.
ـ **آبْشَارْ ج آبْشَارَ:** ذ. زور ۽ وڏي آواز سان (جبل تان) هيٺ ڪرندڙ پاڻي — سالارو. جبلن مان سمنڊ ڏانهن وهندڙ پاڻيءَ جي زور سان (آواز ڪري هيٺ ڪرندڙ) وهندڙ نَهَر. زمين مان گوها ڪري نڪرندڙ پاڻي. جهرٽو.
ـ **آبُ شُمَارْ:** ذ. پاڻيءَ جي ماپ ڏيڪاريندڙ اوزار — Water Gauge.
ـ **آبُ شَمْشِيْرْ:** ذ. تلوار جي ڌار. تيزيُ يا چمڪ.
ـ **آبْشَنَاسْ:** صفت. پاڻي سُجاڻيندڙ. زمين مان پاڻي ڳولي ڪڍڻ جو ماهر يا ڄاڻو. ڪاري مٽي پاڻيءَ جي زمين کي سُجاڻيندڙ — ڪوهاڻو. ساموندي وهڪرن ۽ طوفان جي اهجاڻن کي سمهي ڪندڙ — آزمودگار ملاح.
ـ **آبُ شورْ:** ذ. کارو پاڻي. سمنڊ جو پاڻي.
ـ **آبَ شيرِيْن:** ذ. مٺو پاڻي. درياه. ڪوهه يا ڪنهن نهر جو پاڻي.
ـ **آبْڪَارَ ج آبڪَارَ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو ڪم ڪندڙ. پاڻي پيرَيندڙ — پخَالي. پاڻي پياريندڙ — ساقي. شراب فروش. شراب چڪائيندڙ. ڪَلاڙ. جوهر صاف ڪندڙ — جوهري.
ـ **آبڪَاريُ:** ذ. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي چوڪسي رکندڙ

Gul Hayat Institute

ڪاتو. شراب چڪائڻ ۾ وڪٽڻ جو ڪم.

ـ **آبگاري ڪاتو:** ذ. نشيدار شين جي ٺهڻ ۾انجي استعمال تي ضَابطو رکندڙ ڪاتو.

ـ **آبُ ڪَرانيُ:** ث. آبُڪلائي.

ـ **آبُ ڪري آڇڻُ (ل):** بدن ۾ پرجڻ ــ متارو ٽيڻ. مال جو جهنگ چَريُ سٽائو تي اچڻ.

ـ **آبُ ڪَشُ:** ذ. صفت. پاڻي ڪيندڙ. پخالي. (ذ)مالهه جو لوٽو. ڪوهه جو ڏول.

ـ **آبُ ڪَلائيُ:** ث: پاڻيءَ جي گهٽائي. پاڻيءَ جي چاڑهه جي موسم (مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ وارو عرصو). سانوٽيءَ جي موسم. اُتَلَ ــ ہوڏ.

ـ **آبُ ڪَلائي ڪاتو:** ذ.پاڻي ۾ واهن جي سنيال ڪندڙ ڪاتو ــ انجنيئري ڪاتو.

ـ **آب ڪوثرُ:** ذ. ڪوثر جو پاڻي (چيو وڃي ٿو ته بهشت ۾ ڪوثر نالي هڪ چشمو آهي). مٺو ۽ ٺڏو پاڻي.

ـ **آب گِريَ:** ذ. ڳوڙها ــ لُڙڪ ــ هَنْجُونْ.

ـ **آبُ گل:** ث. پاڻيءِ مٽي. طبيعت ــ سرشت. بنياد.

ـ **آب گـُلگـُونْ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. ڳاڙهو شراب.

ـ **آبَ گوشْتُ:** ذ. گوشت جو پاڻي ــ ماءُ اللحم.

ـ **آبگوَنْ:** صفت. پاڻيءَ جي رنگ جهڙو. (ذ) اک جو ڳوڙهو ــ لُڙڪ "هي آبگوناڪين مان منهنجا لُڙڪ ڪيوتہ لهن" (مولوي بُگائي).

ـ **آب گوهَرُ:** ذ. موتيءَ جو پاڻي. موتيو پاڻي.

ـ **آبَ ۾ آڇڻُ:** بيماريءَ يا ضعيفيءَ بعد ڪنهن ڇگيريءَ حالت ۾ اچڻ. سڌريل حالت ۾ اچڻ. سامت ۾ اچڻ.

ـ **آبُ مَرواريدُ:** ذ. موتيو پاڻي. نرلي جو ڪارو پاڻي.

ـ **آب نُقْرَه:** ذ. چانديءَ جو پاڻي. گِلٽ جو پاڻي.

ـ **آبنوش:** ذ. پيٽ جو پاڻي.

ـ **آبَ نَيْسان:** ذ. وڏڙو مينهن (جو مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ بعضي نندڻ ڳڙن جي صورت ۾ وسي. چون ٿا ته انهيءَ مينهن جي ڦڙن جهڙڻ ڪري سپن ۾ موتي پيدائيندا آهن. ڏسو 'جانجڙو مينهن'، يا 'نَيسان').

ـ **آبُ وَتاب:** ذ. آب تاب.

ـ **آبُ هَوا ج آبُ هَوائُونْ:** ث [ف.آب و هوا] پاڻيءَ ۽ هوا جي گڏيل ڪيفيت. ڪنهن ملڪ يا شهر جي موسمي يا طبعي حالت. موسم ــ مُنڊ.

ـ **آبُ هَوا بَدلائڻُ:** صحت سانگي ڪنهن خاص شهر يا مُلڪ ڏي وڃڻ ــ هوا بدلائڻ.

ـ **آبُ هَوا بَدلجڻُ:** موسم جو بدلجڻ ــ موسم جي تاثير ۾ فرق اچڻ.

ـ **آبُ هَوا بگڙڻُ:** موسم جو خراب ٽيڻ.

ـ **آبُ هَوا پَاءِ پَوَنْ:** هوا ۽ پاڻيءَ جو طبيعت کي پسند اچڻ ۽ صحت لاءِ مفيد ثابت ٽيڻ ــ آب هوا جو طبيعت موافق ٽيڻ.

ـ **آبِيْ ج آبِيْ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو ــ پاڻيءَ وارو. پاڻيءَ ۾ رهندڙ (جَانور). ٺڏو.

ـ **آبِيَار:** ث. مينهن جي ڪوٽيل نئن ــ جابلو نَهر ــ واهي. واهُ. ڪَڙيو ــ ڪَسيْ.

ـ **آبِيارُ:** ذ. زمينَ کي سائو ۽ آباد ڪندڙ پاڻي. (صفت) وٽن ۽ ٻنَين کي پاڻي ڏيندڙ.

ـ **آبِيَاريْ:** ث. وٽن وغيره کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم ــ آب پاشي. ريَج جو پاڻي. بکيءَ جو هڪ قسم ــ پاڻيءَ جي سطح متان آکيرو ناهيندڙ هڪ نندڙو پکي.

ـ **آبيانو:** ذ. پاڻيءَ تي ٻڌل هڪ قسم جي ڊل (جا سيني جاگيردارن ۽ زميندارن کان ورتي وڃي).

● **آ ـ بَا:** ذ. 'الف ب' جي 'مَدّ' سان هجي. 'الف ـ ب' جي مدّ سان هجي جا تتڪرا.

ـ **آبَادُ:** صفت. [ف] سرسبز (پاڻيءَ جي ڪري) ــ سائو. پاڻي، ساوڪ ۽ ماڻهن جي ڪري وسايل (ملڪ) ــ وسندڙ ــ وَسيَل ــ برسيل. ٻوڪيل. وڏندڙ. ترو تازَه. خوش خُرَم ــ خوش ــ شاد "شل آباد هجين!". (اسم خاص) ڪنڊياري، جيڪب آباد، ڏوڪري، سيوهڻ، ڪوٽڙي، ميهڙ، واره، روهڙي۽ ڪوٽ ڏيجيءَ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

ـ **آبَادَانْ:** صفت. تمام گهاٽو وسايل (ملڪ) ــ ماڻهن سان پريور.

ـ **آبَادَانيْ:** ث. سرسبزي ــ ساوڪ ــ آبادي. پوک. وَسُنْئُنْ ــ بستي. رونق. خوشحالي.

ـ **آبَادُ ٽِيڻُ:** ڪنهن زمين جو ٻوکي هيٺ اچڻ. ڪنهن مُلڪ، شهر يا ڳوٺ جو وسڻ. سُڪيو ٽيڻ ــ آسودو ٽيڻ.

ـ **آبادُ ڏِسڻُ:** ڪنهن ماڻهوءَ کي خوش ڏسڻ. ڪنهن بستيءَ

Gul Hayat Institute

ڪي وسندو ڏسڻ. سکيو ڏسڻ. سرسبز ڏسڻ.

ـ **آباد رهڻ:** سر سبز ۽ وسيل رهڻ. خوش رهڻ. برقرار رهڻ — سلامت رهڻ.

ـ **آباد ڪاري:** ث. آبادگاري.

ـ **آباد ڪرڻ:** ڪوشهر يا مُلڪ وسائڻ. (ڪنهن ڳوٺ ۾ ماڻهو) رهائڻ. هاريءَ جو زمين پوکڻ. سرسبز ڪرڻ.

ـ **آباد گار** ج **آبادگارَ:** ذ. صفت. ويران زمين کي آباد ڪندڙ — زمين پوکيندڙ. ڪرمي — هاري. وسندڙ — رهندڙ. آبادڪار.

ـ **آبادگاري:** ث. آبادي۽ جو ڪم — ڪيتي۽ جي ڪرت — ڪُرمت — ڪاشت گاري.

ـ **آبادُ هُجَڻ:** وسندڙ هجڻ. پوکيل هجڻ. خوش هجڻ.

ـ **آبادي** ج **آبادِيُون:** ث. وسنديءَ واري جاءِ ـ بستي — وسنئڻ. پوک. آدمشماري. سُک — آرام.

ـ **آبادي ٽيڻا:** (جُملو) وڏي ڳالهه ڪاڻ ٽي.

ـ **آبادي ڪرڻ:** پوک ڪرڻ. نامياروڪم ڪرڻ. (طنزاً) سوپ ڪٽڻ. ڪجهه به نه ڪرڻ.

• **آباد پانجو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباد جَاگِيْر:** اسم خاص. گوني. روهڙي. ڪڙ ۽ سکر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **آباد جَبَلْ:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباد ريو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباد مَهْلاڻي:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباءَ:** ذ. [ع. آب ج آباء] آبا — پيءُ ـ پيُرَ. ابا ڏاڏا. وڏا (اڪثرڪري لفظ "اجداد" سان گڏ استعمال ٿيندڙ "آباء و اجداد").

ـ **آباء سُفْلِي:** ذ. هيٺيان آبا. علم نجوم موجب نَوَ زمينون يا ان جي تهن جا قسم. نَوَ دوزخ. پُوتن ۽ ديون جون نَوَ بينڪون.

ـ **آباء عُلْوِي:** ذ. مٿيان آبا. نَوَن ديوتائن جا نَوَ آسمان. نَوَسرڳ (بهشت). نظام شمسيءَ جا ست تارا(جي سج۽ چند سميت نَو ٽيا). ست تارا. ست آسمان.

ـ **آباءِ وَ أجْداد:** ذ. اَبا ڏاڏا — پيءُ ڏاڏا. وڏا. بزرگ.

ـ **آبائي** ج **آبائِيُ:** صفت. وڏن کان ورثي. اباڏو. موروثي.

ـ **آبائِي أجدادي:** صفت. اباڏو ڏاڏاڏو. موروثي — بنيادي.

ـ **آبائِي حقّ:** ذ. وڏن جو حق. خاندااني وَرثو.

• **آبَتَ** ج **آبَتُون (ت. ل):** ث. [ف.آب = پاڻي]پاڻيءَ جا ڏينهن — آبڪلائيءَ جا ڏينهن. سانگهاري. جا ڏينهن — پاڻيءجي چينهري. جو وقت (جڏهين ڪڙين ڪسين جي ڪاڻيءَ لاءِچيڙ جي ضرورت ٿئي). پاڻيءَ جي ڪاڻيءَ جي ونگار—پاڻيءَ جي چيڙ. ڪيتيءَ جي ڪم ۾ هڪٻئي جي مددگاري — چيڙ — ونگار. ڪم جي ڪوٽ — سڏ — هڪل (ل). بنا اجوري مزدوري (جنهن ۾ ڪمين يا ڪاسبين کي رڳو ڪاڏو ڪارائجي).

ـ **آبتاڻو** ج **آبتاڻا:** ذ. صفت. ونگاري پورهيت (جنهن کي اجوري ۾ رڳو ڪاڏو ملي) — آبتُو.

ـ **آبَتُ ڪَرڻ:** سوال تي ڪم ڪرائڻ لاءِ ماڻهو گڏ ڪرڻ — ونگارڪرڻ.

ـ **آبتُو** ج **آبتُو:** ذ. صفت. آبت وارو.

• **آبَتَ** ج **آبَتُون (ت. ل):** ث. آبت.

• **آبتو** ج **آبتّا:** ذ. آپت يا آبت جو سڏ. ڪفن دفن جو ميڙ "آبتو اميَر، مارو ڪندا، مارُئي!".

• **آبْدار:** اسم خاص. ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آبدارَو:** ذ. بازدارن جو لفظ. باز کي صبح بک وجهڻ (ائين ڪان پوءِ ڏنل ڪجهه ڪاڏو

• **آبدانُ** ج **آبدانَ:** ذ. [ف] پاڻيءَ لاءِ ٽانءُ. حوض. جانور جو پتو. درّيائي ملاّح. بحري مسافر.

• **آبدَسْت:** ذ. [ف. آب = پاڻي + دسْت = هٿ] هٿ ڏوئڻ جو ٽانءُ(گينڊي يا چلمچي). وضو — غسل.

• **آبرائِي** ج **آبرائِيْ:** ذ. صفت. [ف.آبرائي = جنّ واري چريائي: جنّ ڪيڏ جو ڪم] جنّ ڪيندڙ — جنائي — ديوگيُر — پوپو. (اسم خاص) سُرندائي فقيرن جو هڪ گروهه (جي سُرندو وڄائي ماڻهوءَ جي جنّ ڪيڏ جو بهانو ڪن).

• **آبرُو:** ث. [ف. آب + رُوْء] منهن جو پاڻي ـ مُنهنجي رونق. عزّت — مانُ ـ شان. رتبو — درجو. لج — شرم — حياءُ. عصمت. اعتبار — پَت.

ـ **آبرُو بَچائِڻ:** عزت بچائڻ — ننگ ناموس بچائڻ.

ـ **آبرُو برباد ڪرڻ:** عزت وڃائڻ —شانُ وڃائڻ. پَت ڪار وڃائڻ.

ـ **آبرُو هوڙڻ:** آبرُو برباد ڪرڻ.

ـ **آبرُو تي پاڻي ڦيرڻ:** آبرُو هوڙڻ. بدنام ڪرڻ.

ـ **آبرُو تي ڏڪو لائڻ:** عزت برباد ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ.

ـ **آبرُو تي حرف اچڻ:** ناموس کي ٽڪو لڳڻ. پاڪدامني ۾ خلل پوڻ.

Gul Hayat Institute

ـ **آبرُوْ تَکي جِيْ ٽِيَڻ:** عزت تمام گهٽ ٽيڻ. سخت بيعزتي ٽيڻ. نهايت بدنامي ٽيڻ.

ـ **آبرُوْتَکي جِيْ ٽِيَڻ:** عزت تمام گهٽ ٽيڻ. سخت بيعزتي ٽيڻ. نهايت بدنامي ٽيڻ.

ـ **آبرُوْ پائڻ:** عزت لهڻ ــ مانُ پائڻ. درجو حاصل ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ پيداڪرڻ:** مانُ وڌائڻ. ناموري حاصل ڪرڻ. اعتبار حاصل ڪرڻ.

ـ **آبرُوْجي پُليانْ پوڻ:** عزت وڃائڻ جهڙا ڪم ڪرڻ.

ـ **آبرُوْجهلَڻ:** بي عزتو ٽيڻ.

ـ **آبرُوْخاڪ ٽيڻ:** عزت متيءَ ۾ ملڻ ــ عزت تباه ٽيڻ.

ـ **آبرُوْ خاڪ ۾ ملائڻ:** عزت وڃائڻ ــ آبرو هوڙڻ " ننگ ناموس برباد ڪرڻ.

ـ **آبرُوڏارَ ج آبرُوْڏارَ:** ذ. صفت. آبرُوْ وارو ــ عزت وارو ــ مانائتو ــ معزز. مرتبي وارو.

ـ **آبرُوْڏيڻ:** عزت ڏيڻ ــ مانُ ڏيڻ. عزت ۽ مانُ بخشڻ. مرتبو وڌائڻ.

ـ **آبرُوْ ڏوڪڻ:** آبرُو نه رهڻ ــ آبرُو برباد ٽيڻ. عزت وڃڻ ــ ناموس ڇٽ ٽيڻ.

ـ **آبرُوْ رَکڻ:** عزت رکڻ. پنهنجي برائي عزت قائم ڪرڻ. لڄ رکڻ ــ شرم رکڻ. لحاظ رکڻ.

ـ **آبرُوْ رَهْجِيْ اَڃڻ:** عزت بچي اچڻ يا قائم رهڻ. عزت يا پت سان گذري اچڻ. خير جو وقت گذري وڃڻ.

ـ **آبرُوْ ريزِيْ:** ث. عزت وڃڻ جي حالت ــ بي عزتي.

ـ **آبرُو ريزِي ڪَرڻ:** مانُ لاهڻ ــ عزت وڃڻ. ناموس خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ سلامَتَ رَهڻ:** عزت بچڻ هميشه آباد رهڻ.

ـ **آبرُوْ قائم رکڻ:** آبرُو سلامت رکڻ.

ـ **آبرُوْ ڪوڙيءِ جي ٽِيَڻ:** عزت صفا نه رهڻ. بي عزت ٽيڻ. بالڪل بدنام ٽيڻ. پت ڪار نه رهڻ.

ـ **آبرُوْ ڪوهڻ:** آبرُووڃائڻ ــ عزت وڃائڻ. پَت وڃائڻ.

ـ **آبرُوْ ڪي ٽِڪو:** ذ.آبرُو کي داغ ــ عزت ۾ رخنو.

ـ **آبرُوْ کي ڪَڙهڻ:** عزت جو اونو رکڻ ــ (پنهنجي) عزت جو خير گهرڻ.

ـ **آبرُوْ لاهڻ:** بي عزت ڪرڻ ــ بي مانوڪرڻ. خوار خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُو ۾ خَلل وَجهڻ:** عزت ۾ رخنو وجهڻ ــ بي عزتي ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ ۾ فَرقُ اَڃڻ:** عزت گهٽ ٽيڻ. بي عزتي ٽيڻ. بدنامي ٽيڻ.

ـ **آبرُوْ ونڃڻ:** بي عزتي ڪرڻ. ذليل ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. عصمت خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُوْوِجائڻ:** پَت وڃائڻ. بي عزت ٽيڻ.

ـ **آبرُوْوَڌائڻ:** عزت وڌائڻ. مرتبو وڌائڻ. شان ۾ اضافو ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ وڪڙڻ:** عزت وڪڙڻ. بدپيشو اختيار ڪرڻ. ذليل ڪَر ڪرڻ.

ـ **آبرُوْئِي:** ث. عزت ــ آبرُو ــ آبرُائي.

• **آبريْ:** ث. صفت. [سن. اَبَلاَ (= نه + بَلَ = بَلُ = بي زوري. هيٺي. اَبَلاَ > اَبلاَ >اَبَلِيْ > اَبَرِيْ > آبريْ] اَبلاَ ــ ايريْ ــ ضعيف ــ هيٺي. ايايل (آب + ري). سڪايل. (ذ) شاهَ جي رسالي ۾ هڪ سُر جو نالو. شاهه جي راڳ ۾ هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

ـ **آبريْ لاهڻ (ت):** سُستي لاهڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **آبَرَ (ت):** اسم خاص. ابڙا قوم. ابڙا قوم جي بستي.

• **آبڙِيْ:** ث. ڪاڪ جو گلدستو. (اسم خاص) هڪ ڪُوٽ جو نالو. بدين. قمبر. گوني. حيدرآباد ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ (ابڙا قوم جي بستين تان پيل) ديهن جو نالو. آبريْ.

• **آبَسُ ج آبَسَ:** ذ. [ف. آبُ = پاڻي + س] پِرَاءُ (لَهَرَ. وِيَرُ. درياءَ يابدن جو) ــ چَاڙهه مُنْهَنْ جي رونق ــ مُنْهَنْ جو پاڻيَ ــ مُنهن جي تازگي ــ آبيسُ.شرم ــ حياءُ "فلاڻِيءَ کي مُنهن ۾ آبَسُ ئي ڪونهي".

• **آبُ گذارَ ج آبُ گذارَ:** ذ. صفت [ف. آبُ= پاڻي + گذارَ < گذاشتن =لنگهڻ] پاڻيءَ مان اڪاريندڙ. پاڻي. ٽپال لاءِ پٽڻ تي مقرر ڪيل قاصد ــ تڪڙو قاصد. ڏنڊ. ڏوري يا درياءَ وغيره. جو پٽڻ.

• **آبگِيْرَ:** ذ. [ف. آب = پاڻي + گير < گرفتن = وٺڻ] ترائي (جتي مينهن جو پاڻي ڪنو ٿئي). جُوءِ. حوض. تلاءُ. گهوڙي جي هڪ بيماريءَ جو نالو (گهٽي پنڊ ڪرڻ يا داڻي کارائڻ کان پوءِ يڪدم پاڻي پيٽ ڪري گهوڙي جا سَنڊ وڃي پونداآهن).

• **آبگِيْنَهَ:** ذ. [ف] شراب جو شيشو. شراب جو گلاس. شيشو ــ آئينو ــ آرسي ــ ٽِڪَ.

• **آبلڙ:** ذ. [ف] ڦوڦيندو ــ ڦُرڪٽو ــ لِڦ. ڦرڙي. ڳڙ. ماتا جوَ داڻو.

ـ **آبلڙ پا:** صفت. پيرن ۾ لڦون پيل. ٽَڪَلُ.

ـ **آبلڙ دِل:** ذ. صفت. (عشق ۾) دل جو ڦٽيل. حاسد (جنهن کي

Gul Hayat Institute

ہين جي رشڪ ۽ حسد وچان دل ۾ ڦرڪٽا ٿي پون).

ـ **آبلڙ فرنگ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم ــ بادفرنگ.

ـ **آبلڙي ج آبليون (لس):** ث. [ف. آبُ = پاڻي + لِيْ = واري] پاڻيءَ جي ڪلِيْ ــ سانداري ــ اوئِيْ.

• **آبناي:** ذ. [ف. آبُ = پاڻي + ناي = ڳچي] ڳچي سمنڊ.

• **آبنوس، آبٽوس:** ذ. [ذ] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ ڪارو، نهَرو ۽ قيمتي ٿئي). Ebony دوا طور ڪم ايندڙ ڪاٺي. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (جِلر سنهڑو سائي پيٽ تي اڇا ڪارا پٽا).

• **آبُڻ:** مصدر [ف. آب = پاڻي + ڻ = مصدرجي نشاني] آبُ ڏيڻ ــ پاڻي ڏيڻ ــ آلو ڪرڻ ــ پڇائڻ ــ پُسائڻ "اُپي ڪي آبيندي، لذائون سنڌڙيءَ سار" (سچل). ڏوٻين جي اصطلاح ۾ ڪپڙن کي استري ڏيڻ يا کوڙ ڪرڻ مهل پاڻيءَ جو چنڊو هٽڻ يا وات سان پاڻيءَ جو ڦوهارو هٽڻ. موچين جي اصطلاح ۾ چمڙي کي نرم ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو چنڊو هٽڻ. (آبِيو ــ آبيندو ــ آبيل').

• **آبٽوس:** ذ. آبنوس.

• **آبَو:** ذ. [ف. آب = پاڻي + او= وارو] پاڻي گڏيل چڊي پنگ جو ڇُڪو ــ سُڪو، پنگ.

ـ **آبو پاڻي ڪرڻ:** پنگ پيڙ ــ نشو پاڻي ڪرڻ. نيرن پاڻي ڪرڻ. ساهي ڪٽڻ ــ تَڪ پيڇڻ.

ـ **آبو پيڙ:** پنگ پيڙ.

ـ **آبوشابو ڪرڻ:** نشو وٺي يا پنگ پي تازو ٿيڻ ــ نشو پتو ڪرڻ.

ـ **آبو ڪرڻ:** آبوپيڙ. مال جو ڪائي پي ڏوڙ ڪرڻ. مال جو چڙھ ڪري ڪائڻ. چوپائي جو گهٽي ڏوڙ سبب کاڌي ڏانهن نہ نهارڻ. مال جو گهٽي ڪائڻ ڪري (اوڳر وقت) گاهه جا ٽڪرا وات مان ڪيرائڻ (ڪ) "نہ آپو نہ آبو، اُنن اوڳاريو ڪِيَنَ".

• **آبُ:** ذ. [ف] ڪُوٽيءَ جو گل. (اِسم خاص) راجپوتانا ۾ هڪ جبل جو نالو ــ آبُو جبل.

• **آبُوٽي، آهُوٽي:** ث. [سن. ١. آ = چوڌاري + بُوسْتَا > بُوسْتَ = بُوٽ، بُوسَتَ، گهُٽَ ٢. بُور = ساهه جي نلي + اسْتتَ = جاءِ = ساهه کڻڻ لاءِ هوا جي نلي] سوڙهه ــ گهُٽَ ــ بُتَ. ساهه کڻڻ لاءِ ناسُن واري جاءِ ــ ناڪيل جُونْ نليُونْ. مال جو مُنْهُنْ، خاص ڪري نڪ ۽ وات وارو حصو. مُنهن ــ بُوٽ. ڪَنڌ ڪلي وَاري حالت ــ هٽ ــ فخر.

• **آبُوجهلي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (ڦُلڦُليو. آنن تي ٽُهڪا ٽُهڪا. ڪيس آرو ڪرڻ ڪونہ اچي ان ڪري آنا ڪُڪڙ هينان رکي ڦوڙائجن). آبوجبَلِيْ ــ گِلِيْ خور.

• **آبوسُ:** ذ. بدن جي سوج ــ ڦيڦ ــ تولهه ــ آبوسُ. ڦُرڙي ــ گُڙ.

• **آبوهڻ:** مصدر. [ف. آب = پاڻي] پاڻيءَ هاڻو ڪرڻ ــ پُسائڻ ــ آبوهُڻ. (آبوهيو ــ آبوهيندو ــ آبوهيَلُ).

• **آبِيْ ج آبِيْ:** صف. [ف. آب = پاڻي] آب جو ــ آب وارو ــ پاڻيءَ جوَ ــ پاڻيءَ وارو . پاڻياٽو ــ گهميل ــ پُسيل ــ مرطوبُ. پاڻيءَ ۾ رهندڙ (جانور، پکي، وغيره). (ث) آبپاشي ٽيندڙ زمين (جنهن تي موڪ پاڻي لڳي). پياڪ زمين. سيلابي پوڪ. واريَاسي نهري زمين. طبيعت جو هڪ قسم (چئن طبيعتن سان هڪ طبيعت. آبي، خاڪي، بادي، آتشي). (ذ) رنگ جو هڪ قسم ــ هلڪو نيلو رنگ. پيالِيْ ــ وَنِيْ.

ـ **آبِيْ بُرُجَ:** ذ. علم نجوم موجب آسمان جي ٻارهن برجن مان آبَي اٿر رکندڙ بُرج (١. ورشچڪ = عقرب = وڇون، ٢. ڪرڪ = سرطان = ڪيڪرَو، ٣. مين = حُوت = مڇي).

ـ **آبِيْ حَرْفَ:** ذ. علم جفر جي قاعدي موجب ابجد جي حساب سان آبي عنصر جي درجي ۾ ايندڙ اکر "ج، ز، ڪ، س، ق، ث، ت، ظ"

• **آبِيسُ ج آبِيسَ:** ذ. [سن. آويشَ = ڪنهن شيءِ تي ڌيان ڪپائڻ] سخت چاهُ، محبت يا جنون. ڪنهن ڳالهه ڪي لاهي پاهي چنبڙي پوڻ جي حالت. دل جو پاڻي. محبت ــ چاهُ. ڪاوِ ــ چڪ. خوشي. ميلان.

ـ **آبِيسِيْ ج آبِيسي:** ذ. صفت. خوش مزاج. خوش اخلاق. محبتي. دل وارو. دل آويز.

• **آبُوٽِيْ ج آبُوٽِيُونْ:** ث. آبُوٽِيْ.

ـ **آبُوٽِيْ وَرائِنْ:** منهن ڦيرائڻ. مخالف بنجڻ. مال (چوپائي) جي نڪ ۽ وات ۾ هٿ وجهي سندس ڪنڌ ورائي جَهلڻ (جيئن ڦٽڪي نہ سگهي)، ڪج رَوي يا هٽ پيڇڻ.

• **آبوچِيْ:** ث. [سن. آپَ = خراب + چَيَ = چِيَهو] گهٽو نقصان ــ ٽوٽو ــ آبوچي.

• **آبُوسَڻ:** مصدر. [سن. آپُشَن (آ = سيني پاسن کان + پُشّ = بُهه) بهه وانگر ڏني پرڻ] زور سان پرڻ ــ ڏني پَرڻ ــ دَبَڻ. اُقرڪَڻ. تيل يا گيهه جو اُپري بڙ بڙ ڪرڻ. تيل يا گيهه ۾ آلو

Gul Hayat Institute

کرنا – تیل ہاٹو کرنا. [ف. آب > آبوھنا > آہوسنا] پاٹیءِ جو چندو ڈیٹ – آلو کرنا. آہوُ ھنا. (آہوُسیو – آہوُ سیِنْدو – آہوُ سیَلُ).

• **آہوُسو ج آہوُسا:** ذ. پیٹ پریل تلئڑ و یا پکوڑو. بھَ ءِ کَجریءَ سان پَري. تریل سنبوسو یا پکوڑو.

• **آہوھنُ:** مصدر. [سن. آیُبکْشَنَ (اَپ = مٹان + اُکَشَ = اُکَس = تاءِ جي اَبَ) تابشي اُکَ] تیل یاگیھ وغیرھ ۾ مٹاچرو ٹُبڑ. سنبوسي یا پکوڑي کي بھَ یا کَجریءَ سان پري ترڻ. پَکيِ ماني یا مالپڑو ترڻ. [ف. آبَ > آبوھنا > آبوھنا] پاٹیءِ جو چندو ڈیَنُ – پُسائڻ. آلو کرنا. آہوسَنُ. (آہوُھیو – آہوُھیِنْدو – آہوُھیَلُ).

– **آہوُھو آہوھو ج آہوُھا، آہوھا:** ذ. تیل یا گیھ ۾ ڏنل توبو. پاٹیءِ یا تیل جو چَنْدو یا مَکَ – روغن پاشي. اوہارو – ٹھکو.

– **آہوُھو ڈیَنُ:** پاٹیءِ جو چندو ڈیٹ – پاٹیءِ یا تیل ھَاٹو کرنا. پاجي وغیرہ کي اوُہارَنُ – ٹھکو ڈیٹ. ترڻ.

• **آپَ ج آپوُنْ:** ث. [سن. آپا = قَر تي (جانور جو) آرکرنا] آواز – پُکارَ (خاص نمونو جي) – سَدَ.

– **آپ کرنا:** چوپائي مال جو کنھن قَر کي مخصوص نمونو ۾ آرَ یا پیار مان سڏ کرنا.

• **آپارَنُ:** مصدر. [سن. ۱.آ = ساڻ، تائین، چگّيءِ طرح + پر = پَرنُ؛ ۲. آڈمَانَ = ٹوکجنُ، واءِ سان پرجنُ؛ ۳. اُپ مٹي + اوُرَجنْ = پڏائڻ] ہئي جي تعریف کرنا –پڏائڻ – ساراھنُ. حد کان زیادہ تعریف کرنا – کُوڙي تعریف کرنا. پني ٹپرنُ – ھمتائڻ "دَتّيءَ ڈَئل سجّٹَن مون کي اھڑي رسالي رَجَ لاءِ آیاریو". پرجائڻ – ریجھائڻ. ھُشي ڈیٹ – ٹیکرَ ڈیٹ (ت) –پڑکائڻ – چاڑھو ڈیٹ. گِلٹو ہَڈنُ. ڦُنڊائڻ. برغلائڻ. (آیاریو – آیاریندو – آیاریل).

– **آپارَ ج آپارُونْ:** ث. وڏائي. واکاڻ – تعریف – ساراھ. ٹُونڈَ – پڏاءِ – پڈ. ھُشيْ – چاڑھ.

– **آپارُ ج آپارَ:** ذ. چاڑھ مبالغي آمیز تعریف – آیارَ.

– **آپارَجنُ:** 'آپارنُ' مصدر مان فعل مجھول. پرجي مٹي چڑھنُ (واءَ سانَ). باھ تي چڑھیل کُني جو اُڪرکنُ. گھٹي کاڈي یا بادیءَ کان پیٽ ٹوکجَنُ. چٹن. اسپنگر وغیرہ جو پاٹیءِ ۾ ڦُنڈنُ. ٹوکجنُ – آڏرجنُ. بدھاضمو ٹیٹ. وڏائيءَ ۾ ٹوکجنُ. (آیاریو – آیاریو – آیاریل).

– **آپارُ ڈیَنُ:** ھُشيْ ڈیٹ – چاڑھ ڈیٹ. بیجا تعریف کري پڏائڻ.

– **آپارُ کَرنُ:** پڏاءُ کرنا. تعریف کرنا – واکاڻ کرنا.

– **آپارو ج آپارَا:** ذ. بیجا تعریف – پڏاءِ، آپارَ.

• **آپاسَنُ:** مصدر. [سن. آ = چوڌاري + پَاسَنَ > پَاسْ = چمکَنُ] روشن ٹیٹ. چمکنُ. ظاھر ٹیٹ. پڌرو ٹیٹ – نروار ٹیٹ. ظاھر یا صاف کرنا.

– **چمکائنُ.** (آفَاسیو – آپاسیندو – آپَاسیَلُ).

• **آپاسَ:** ث. روشنيَ. چمکوَ. تجلو. جھَلَکَ.

• **آپامَرُ ج آپامَرَ:** ذ. صفت [ع. اَبْھَمَرُ = گونگو] گونگو – بي زبان. معصوم – ابھمر. اہوجھ – ہالو – پولو – جاھل. "آپامنُ" مصدر مان اسم.

– **آپامرُو ج آپامرَا:** ذ. صفت. آپامَرُ جو اسم تصغیر.

• **آپامَنُ:** مصدرَ. [سن. آ+ڦُلْن = واءَ سان پرجنُ] ڦُوکجنُ – ڦُندَنُ – اُپامنُ – آڏرنُ. ڦُونڈ ۾ پرجنُ – پڈنُ. پریٹ – پرجنُ – ڏاڏرنُ. پرمنُ. (آپامیو – آپامنْدو – آپامیل).

– **آپامَرَ:** ث. ڦُونْڈَ – اُپامر. آڏرِيْ. پَڈَ – پڏاءِ، چَتَ – ڏَادر.

– **آپامُ ج آپامَرَ:** ذ. چاڑھ. پڏاءَ. مبالغو – وڏاءِ.

– **آپامائنُ:** 'آپامنُ' مصدر مان فعل متعدي بالواسط.

– **آپامجنُ:** 'آپامنُ' مصدر مان فعل متعدي مجھول.

• **آپَرَجَ آپَرَ:** ذ. [سن. آ+ پَر = بارُ ٹیکَ] ٹیک – آڈر – آسرو – جھل. ھئینْ جھَل. پاٹیءِ جو کنھن ہاري ۾ چاڑھ.

• **آپرنُ:** مَصدر. [سن. آ+ پُر = پَرَجنُ] پَرنُ (پیٹ وغیرہ) – (مال جَ) آپَر کرنا –پیٹ پرنُ – ڈوکرنُ. ڦُنڈنُ. آکڙنُ (آپریو – آپرندو – آپریل).

– **آپَر ج آپَرُونْ:** ث. پیٹ پرائي. سیْتَ – ٹوکَ. ڦُونْڈَ. وڏائي – ھَکُ. پیار – محبت. سکَ.

– **آپرپایر:** ث. سیْتُ ڦُوکَ –وڏائي. خوشامد.

– **آپرَجَ:** ذ ث. پیٹ پَرائي (جي وڏائي). ھَکُ – اَیمانُ.

– **آپَرَجَنُ:** 'آپرنُ' مصدر مانَ فعل مجھول. کنھن خراب شيءِ یا گند سان پرجي خراب ٹیٹ. خراب صحبت ۾ ڦاسنُ. پلیت ٹیٹ. آپرَجنُ. (آپریو – آپربو – آپریل)

– **آپرِيْ ج آپرِيُونْ:** ث. آکڙ – سیتَ. ٹُوکَ – ڦُونْڈ. وڏائي. آڦَرِيْ – بدھَاضمي.

– **آپرِيْ لاھنُ:** وڏائي لاھنُ. سستي لاھنُ. سیکت ڈیٹ.

• **آپرَجنُ (لَ. ت):** فعل مجھول. پلیت ٹیٹ – ناپاک ٹیٹ – چُوپجَنُ.

Gul Hayat Institute

• **آئڻ (ٽ):** مصدر. [سن. آ = چوڌاري + پاسْ = چمڪڻ] ظاهريا صاف ٿي اچڻ. مٽان اچي سهڙڻ. جهڙ ٽيڻ "اُٿي آيبو. پاڻيو جاڳيو" (جهڙ ٽيو ته مالدار سانگ لاءِ سجاڳ ٽيو). پڌرو ٽيڻ (ٻار جو پيٽ ۾، ڳپ جو قَلِ ۾، لاپ جو پيدايش ۾). آيبو — آيبُندو — آيبَلُ].

ـ **آيِڻِ ج آيِبُوْنْ:** ث. صفت. اُها عورت جا پڌريءَ طرح پيٽ سان هجي.

• **آيو ج آيا:** ذ. [سن. آ = نہ + بَهُ = گهڻو] ٿورو وسڪارو. وَس جهڙي فضا "آيَن ءِ پَايَن، منهنجو جيءُ جِيَارِيو". آسمان — اُپ (ٽ). (صفت) ٿورو—گهٽ. ڳپ وارو.

• **آيُوْ ڪَنْ ج آيُوْ ڪَنْ:** ذ. [سن. آ + يُوشَنَ = ٻُورَ جو قولجڻ ءِ قَلجَنُ، سينگارڻ، پَهرائِڻ، اچڻ سان مجلس کي رونق بخشَنُ] هار سينگار جي شگفتگي — زيورات ۽ پوشاڪ جي ٻهڪ يا جلوه نمائي (حسن جي جلوي سميت). رونق افروزي. زيورات — گَهَ. هار سينگار.

• **آيُوْنْ ج آيُوْنْ:** ذ. [سن. آيُشَ] پيدائش جي آڏو گابري نرواري — ڪجو ڳيُ. اڌ ڪجو ڪير وارو اَنّ. اَنّ جا ڪيرا سنگ — ڪيرو (ڪ). باهه تي سيڪيل ڪڪ، جوئر يا ٻاجهريءَ جو سنگ.

• **آيِري:** ث. [سن. پَرش وَ يہ = ٻهار جي راڳڻي] راڳڻيءَ جو هڪ قسم (جا هڪ سُهٽيءَ زال جي صورت ۾ ڏيکاريل آهي).

• **آيِنْ (ٽ):** ضمير. اوهين — اوهان — توهان.

• **آتُ ج آتَ:** ذ. [سن. آت = اندران آيل، اوڪاريل وَٽ] اوڪارو — اُلٽي. اُپرَاڪ — اُپرَڪو — اُهٽو — اُلٽو. چارَ اوگرائِي. [سن. آرَتْيہ] ديوتائن جي (مشعل جي جوت سان) ٽالهيءَ ۾ تيل ۽ وَٽِيُوْنْ وجهي پاٽ پوُڄا جو ڪريا ڪرم (جو خاص طرح چاندوڪيءَ ۾ ١٤، ١٤ ۽ ٢٤ تي ملهائين ته ديوتائون پنهنجي جوت يا حُسن جي ماڻهن تي وارڪا ڪن). چوٽ جو ڇَنڊُ. ضروري ڪم (جنهن لاءِ ماڻهوءَ کي آتو ٽيڻو پوي). ضرورتمندي ـ سخت ضرورت. سعي ڪار. سعيو.

• **آتارَ ج آتَارُوْنْ:** ث. ڏُتارَ — ڏاڏَرَ — چَتَ. ڏنار جي تنوار (ٽ) "چيلاءِ ليلا ٻيا جي ڏڻ ڏنار: انهن جي آتار، آءٌ ٻڏان هن ڪنن سان".

ـ **آتارِ ج آتَارِيُوْنْ:** ث. اچڻ جي حالت — آمد. سانگي پڪين جي ڏينهن ڪَپن تي آمد — آٽر.

• **آتَرْ:** مصدر. [سن. آ = چوڌاري + تُرِيْ = پار لنگهائڻ، غالب ٻوڙ، وڏائڻ] پار اُڪارڻ — تاري اُماڻڻ — پار لنگهائڻ. اُڪارڻ ٽ "آندي آتاري، ستگر پنهنجي گهر ۾" (سامي). ياد ٻوڙ. [سن. آتَارَڻ] ريبَڙ. ڏارائڻ — تاترائڻ — ڏُتارڻ — ريجهائڻ. ٻُجڪَارَڻ — ڳُنڪارڻ. (آتاريو — آتاريندو — آتاريَل)

• **آتَارو ج آتَارا:** ذ. پتڻ جو اجَورو، ٻيڙيَءَ جو سامان (جو ڪپر تي لاهڻو هجي يا پرينءَ پَر ڪٽي وڃڻو هجي).

• **آتَارِيْ ج آتَارِيُوْنْ:** ث. ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار (جو ٻيڙيءَ کي تڪَ تار، چوَهي واءَ ۾ لهرين جي لس ليٽ مان ڏيمي ڏيمي هَلائي جيئن اڳتي نہ پوي). نَاتَارِيْ — هِلِيْ — آتَرَ.

• **آتَارُو ج آتَارَا:** ذ. صفت. تڪڙو — اُبهرو — آتو. (ذ) ٽاهو — ڏڪ (ٽ) "مال پاڻيءَ تان آتارُو نہ ڪائي".

● **آداب بَجا آڻڻ:** اٽڻ ويھڻ جا دستوري رسمي طريقا اختيار ڪرڻ.

ـ **آداب تسليمات:** ذ. سلامَ ۽ نياز.

ـ **آدابَ سيکَارَڻُ:** نشست برخواست جا طريقا سيکارڻ – اخلاق جي تعليم ڏيڻ. تھذيب سيکارڻ.

ـ **آداب شَاھَانَہ:** ذ. بادشاھن کي سلام ڪرڻ ۽ انھن سان گفتگو ڪرڻ جا طريقا – ڪورنش بجا آڻڻ جا طريقا.

ـ **آداب صُحْبَتْ:** ذ. نشست برخاست ۽ گفتگو جا قاعدا.

ـ **آداب مَجْلِس:** آداب صُحبَتْ.

● **آداسيو ج آداسيَا (ڪ):** ذ. ڪپڙي ۾ پيل ھيو ڏاريو ٽڪر – جتيَ. گج يا چولي ۾ وجھڻ لاءِ رنگين ڪپڙي جو ٽڪر.

● **آدَانُ:** ذ. [سن] ڪنھن جي اچڻ تي وفد جي صورت ۾ ڪيل استقبال –آڇيان – خيرمقدم.

● **آدَاھُ:** ذ. صفت. [سن. ۱. اَرْدَ = اَدَ: ۲. اَرْدَ = ڪارائيءَ سان پورا ٻ ٽڪر ڪيل] ٻ ٽڪر – اڌ و اڌ. پور پور – چيھُونْ چيڀُونْ "دلو دور درياھ جي، ڪيو ارادي آداھُ" (شاھ).

● **آدِتُ:** ذ.[سن. ۱.آدِشْتَ = آد کان پيدا ڪيل تارو: ۲. آدتيہ] سَجَ ـ سورج – شمس ـ آدِت. آدِو رکڻ جو تحفو يعني پَيغام ـ نياپو – آدِتُ چئج اِن کي، ڏيانءِ جو روئي" (شاھ).

● **آدَرِ آدَرَ:** ذ. [سن. آدَرَ = (آ = ساڻ + دْرُ = عزت ڏيڻ)] عزّت – تعظيم – مانُ. مرحبا. آڇيان.

ـ **آدر ياءُ:** ذ.عزت جي ھَلت – مَانَ ڏيڻ جي حالت. عزّت – احترام. مرحبا. گھٽي عزت. مھمان نوازي. خدمت خاطري.

ـ **آدَرْسَتْڪَارَ:** ث. مانُ – عزّت. مرحبا – آڇيان.

● **آدَرْشُ:** ذ. [سن. آ = چڱي طرح + دْرشَ = نھارڻ] آرسيُ – آئينو. علم اصول جو ڪتاب ۽اِن جَو لکيل نسخو. قَلمي نسخو (جنھن تان نقل ڪيو وڃي)،نقل. شرح تفسير. [سن. آدَرشَہ] نمونو – مثال. نصبالعين. اعليٰ مقصد.

● **آدَرْشِي:** ذ. صفت. اصول تي ھلندڙ (جھڙوڪ رشي، مني، وغيره) – بااصول. نيم تي پيروي ڪرڻ لائق.

ـ **آدَرْشِي جِيُوْ:** ٻين لاءِ مثال جوڳو ماڻھو – مثالي ماڻھو.

● **آدَسَمَادُ:** ذ. [ع. عَادُ ثمود] عربستان جون ٻ مشھور قديم قومون، عاد ۽ ثمود. [سن. آدَسَمَادِيَہ. آدَ = اصلي + سَمَادِيَہ = انسان جھڙي بشري قوم] قديم بشري قوم (جنھن مان انسان جو حسب نسب ھلندو اچي). قديم قومون. (ظرف) اصل کان – آڳاٽو "آدَسَمادَ کان اھو رواج ھلندو اچي" (جملو). (ذ) حَسب نسب.

ـ **آدمُ:** ذ [ع] پھريون ماڻھو – انسان ذات جو ڏاڏو. خليفة

االله. پهرئين پيغمبر جو نالو (حضرت آدم عليه السلام). خَلقَ — ماڻهو — آدمي (جمع ۾). اُٺ جو هڪ قسم (پوري يا ڪڪي رنگ وارو). هرڻ جو هڪ قسم. (پوري رنگ جو. پٽيءَ تي ڪارن ترن سان).

ـ **آدَمِ بُوُ:** ث. ماڻهوءَ جي ذَبَ (جيئن ديو پوت کي اڇي). ماڻهو.

ـ **آدَمِ بُوُءِ ڪَرڻُ:** قديم ڏند ڪٿائن موجب ڪنهن ديو، راکاس وغيره جو ماڻهوءَ جي ذب سُجاڻي ان کي مارڻ جو قصد ڪرڻ. ڪنهن تي ڪاوڙ ۾ غصي ۾ اچي پچا ڪرڻ ۽ سندس لاءِ سزا يا مارڻ جو قصد ڪرڻ.

ـ **آدَمِ بيزار:** ذ. صفت. ماڻهن جي صحبت کان ٿهندڙ — پري پڃندڙ —ٿهندڙ. اڻ سڌريل — جهنگلي. اڻ هيرُو جانور (جو ماڻهو هيرائي نه سگهي).

ـ **آدَمِ ثَانِي:** ذ. ٻيو آدم. حضت نوح عليه السلام جو لقب.

ـ **آدَمِ چَشْمُر:** ذ. شيرين اکين وارو منحوس (گهوڙو يا ماڻهو).

ـ **آدَمِ خورُ:** ذ. صفت. ماڻهو کائيندڙ (ديو يا انسان). وحشي يا ڏاريندڙ (جانور). بيرحم — سنگدل (اصطلاحاً) وياج خور.

ـ **آدَمِ ذَاتُ:** ذ. انسان ذات — ڪُل ماڻهو — بني آدم — بني نوع.

ـ **آدَمِ زَادُ:** ذ. صفت. آدم جو جڙيل — انسان مان جاول — آدم جو اولاد — بني نوع انسان.

ـ **آدَمِ شُماريُ:** ث. ماڻهن جي ڳڻپ. سرڪاري طور ڏهه سالي (ماڻهن جي) ڳڻپ — مردم شماري.

ـ **آدَمِ شنَاسُ:** ذ. صفت. ماڻهو سڃاڻندڙ. قدرشناس.

ـ **آدَمِ شَناسيُ:** ث. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي سُجاڻپ — قدر شناسيُ.

ـ **آدَمِ گَريُ:** ث. انسان کي انسان بنائڻ جو ڪم. اخلاقَ سيکارڻ جو ڪم —آدميت جي تعليم. آدميتَ — انسانيت. خوش اخلاقي. نرمي. مروّت. درد مندي. همدردي. دانائي — چالاڪيُ.

ـ **آدمِ قَدُ:** ذ. ماڻهوءَ جو قَدُ (ٻن پهرن جي وقت، جنهَن ۾ سج جو پاڇوماڻهوءَ جي قد ۾ لڪي ويندو آهي) "پاڇو آدم قد اڇي — تہ ہ هاري پيو هڇي".

• **آدمَائِيُ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **آدَميُ ج آدمِيُ:** ذ. [ع. آدَمُ: ف. آدميُ] آدم زادو — ماڻهو — بشر — انسَان — آدَمُ. سمجهو ساهوارو — ڏهني. جيءُ وارو — آبدار (گوهر يا موتي).

ـ **آدميُ بٽَائِنُ:** ماڻهو ڪرڻ — ماڻهپو سيکارڻ — مُهذب بنائڻ. تهذيب ۽ اخلاق سيکارڻ "علم آدمي پڻ بڻائي ٿو توکي، سُياويڪ ۾ هو نپائي ٿو توکي".

ـ **آدميَّت:** ث. ماڻهپو — انسانيت. سمجهه — عقلمندي — شعوَر. شرافت.

ـ **آدميَّت سکَڻُ:** ماڻهپو سکڻ — شعور سکڻ — عقل ۽ تميز سگَڻُ.

ـ **آدميَّت کان لنگهي وَڃڻُ:** انسانيت کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

ـ **آدميُ ٿيڻُ:** ماڻهو ٿيڻ — ماڻهپو ڪرڻ. انسانيت ڏارڻ.

ـ **آدميءِ جو اُڏامَڻُ:** عقل ۽ فراست جو پرواز ڪرڻ. دوراندیشي ڪرَڻ.

ـ **آدميءِ جي پرکا ڪَرڻُ:** ايمانداري ۽ وفاداريءَ جو اندازو لڳائڻ.

ـ **آدُوتيُ:** اسم خاص. هندو فقيرن جو هڪ گروه ـ آڏوتيُ.

• **آديسُ:** ذ. [سن. ١. آديش < آدش = اشارو ڪرڻ، ديدار ڪرڻ، ڏسي خوش ٿيڻ] ڪَروءَ کي (ڪيل) شوق ۽ مجتا جو سلام. هٿ جوڙ — نمسڪار — نياز. مَٿي ٽيڪ. نمرتائي — نمرتا. جوڳين جو سلام. نصيحت. تلقين. سمجهاڻي "آديسي، آديس! هتان ڪري هليا" (شاه). [سن. آديشَ <دشا = جهڪمڳ وارو ڏيک، نوراني چهرو. ٢. دشّ = ديدار يا زيارت جي خوشي] روشن ضمير مرشد جي منهن جي نوراني رونق. روشن خيالن جو نتيجو. نمشڪار. آگيا — حُڪم. [سن. آديشَا] اڳواڻ جي خبر — اڳڪٿي — پيشنگوئي. تارن جي ميلاپ جو نتيجو. [صفت] غير ملڪي — پرديسي. جنهن جو ڪو مڪان نه هجي — لامڪان.

ـ **آديسُ ڪَرڻُ:** سلام ڪرڻ — نمسڪار ڪرڻ "تنهين کي تارن، اڇي ات آديسُ ڪيو" (شاه). نصيحت تي عمل نہ ڪندڙ هٺيلي ماڻهوءَ کي پنهنجي حال تي رهڻ لاءِ چڏي ڏيڻ.

ـ **آديس گَرُوُ:** ذ. مرشد کي نياز. نمرتا ۽ خوشيءَ وارو سلام (جنهن ۾ پيشانيءَ تي هٿ رکي ڪنڌ هيٺ نمائبو آهي). سنياسي فقيرن جو پنهنجي گروءَ کي سلام. حڪم جي مجتا. گروءَ جو حڪم.

• **آديسيُ ج آديسيُ ذ.** صفت. سر نمائيندڙ — مٿو ٽيڪيندڙ. گروءَ جي حڪمَ ۾ (هميشہ) رهندڙ. فرمانبردار. جوڳي فقيرن جو هڪ گروه ـ ڪن چير فقير. االله لوڪ. الائي ڪهڙي مُلڪ جو. لامڪان فقير. نصيحت ڏيندڙ "آديسي اُٺي وبا، مڙهيون

Gul Hayat Institute

مون مارين" (شاھ).

• **آديش:** ذ. [سن] آديسُ. حڪم – فرمان. تعليم – سکيا. تلقين.

ـ **آديش گُرُ:** ذ. آديسي فقيرن جو نعرو. جوڳيءَ جو گروءَ کي سلام.

• **آدِيڻَ:** ذ. [ف] جمعي جو ڏينهن.

• **آڏ:** ث. [سن. آڌِ] فڪر ـ ڳڻتي – آنڌ مانڌ ڌراوت. گروي – گَهُڻ. پٽَ – مصيبت.

• **آڏا:** صفت. [سن. اَرْڌَ =اڌ] اَڌُ – ٻن پورن حصن مان هڪ حصو.

• **آڏار:** ذ. [سن. آڌارَ (آ + ڌُرْ = تي رکڻ، جهلڻ، ٽيڪ ڏيڻ) = جهلَ، ٽيڪ] ٽيڪ – سهارو – تڪيو – جهلَ – پَر. ڏِڻ. آڌَر. آسرو – پروسو. مدد – همراهي. حوصلي افزائي. تربيت. ٽانڀ. حوض. وڻ جي پاڙ جي چوڌاري چَڻ يا تانئر. بند.

• **آڏارڻ:** مصدر. [سن. آڌارَڻ (آ + ڌُرْ = جهلڻ) = ٽيڪ ڏيڻ] آڌر ڏيڻ – ٽيڪ ڏيڻ – پشتي ڏيڻ. ٽورو متي ڪٽڻ. پرپائڻ – سرجائڻ – پرجائڻ – ڏاڌرائڻ. همت افزائي ڪرڻ. سڌارڻ – هيرائڻ. ترقي ڏيڻ (آڌاريو –آڌارينڊو – آڌاريَل).

• **آڏاري ج آڏاريُ:** ذ. صفت. هيريَل – هٿ هيرو – هٿالو. وَهُو (جانور يا وَهٽ وغيرَه) "جي آڌاري نہ آهي تہ ساڌاري ڪيئن ٽيندو". سيکڙات.

• **آڏاري ڪر ڪَڍڻ:** پرپائي يا ريجهائي نرميءَ سان ڪر ڪڍڻ.

• **آڏاهُ:** صفت. [سن. اَرْڌَ] اَڌُ –آڌاهُ

• **آڏائُون ج آڏائُنْ:** ذ. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اڌ سال يعني چيٽ ۽ ڪتيءَ جي وچ وارو ٽيون فصل (انڙ، گدرا، گوار، جُوار، سائون، آڏائون وغيره فصل جي مارچ، اپريلءِ مئي مهينن ۾ ٽين).

• **آڏَر ج آڏَرُون:** ث. [سن. آ = چگيءَ طرح + ڌر = جهلڻ، ٽيڪ ڏيڻ] ٽيڪ – آڌَ – جهل – آڌ. ڏِڻ – پروسو – سهارو – آڌار. اجهو – پناه. مدد – حمايت [سن.آدَرَ =عزت] عزت – مَانُ – شانُ – آبُ. خاطر تواضع – مرحبا – آجيان.خدمت – چاکري – ٽهل. سنيال.

• **آڏَر ج آڏَرَ:** ذ.[سن. آ + ڌر =ٽيڪ، جهلَ] جنڊ وغيره جو هينيون پڙُ.

• **آڏَرَپاءُ:** ذ. آئي جي عزت. تعظيم – سواگت – خوش آمديد. مرحبا – آجيان. خاطرمدارت. ٽهل ٽڪور.

ـ **آڏَرَپاءُ ڪَرڻُ:** آئي جي عزّت ڪرڻ – ٽهل ٽڪور ڪرڻ. مَانُ ڏيڻ. تمام گهٽيءَ عزت سان خدمت ڪرڻ.

ـ **آڏَرڪَرڻُ:** آدر پاءُ ڪرڻ. عزت ڏيڻ. مهمان نوازي ڪرڻ.

• **آڏرُ ج آڏرُ:** ذ. [سن. اَرْڌَ = اڌ] کجور يا کارڪ جو اڌ – اَڌَرُ – آڏيو (ت) –آڏيلو (وچولو).

• **آڏَرڻُ:** مصدر. آڏيرَا کائڻ – ٽاپا جهلَڻُ –آکڙڻُ. (آڏرَيو – آڏرَندو – آڏرَيل)

• **آڏَرِيو ج آڏَرِيَا:** ذ. صفت. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اڌ پائيوار – حصہ دار. (ذ) ڳوٺ جو اَڌُ – اَڌرِيُ.

• **آڏَلَ (ت):** صفت. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اَڌُ (زمين جو. پوک جو. پائيچاري جو).

• **آڏِل:** ث. [ملتاني] اڌ ڪوهہ –وَاءِ (ل).

• **آڏو:** صفت. [سن. اَرْڌَ] اَڌُ – نيم – نصف.

• **آڏو رَهڻُ:** غافل رهڻ – سُست رهڻ (ڪم تي).

• **آڏُرِيُ ج آڏُرِيُ:** صفت.[سن. ١. آڏُوت = جدا ٿيل، تياڳيل؛ ٢. اُوَڏُو (اَو = هيٺ + ڏُوْتَ = ڏُٽيل < ڏُوْ = ڏُوڻڻ) جنهن دنيوي خواهش کي ڏوڻي ڇڏيو هجي] دنيا کي ترڪ ڪندڙ – تارڪ. تياڳي فقير. (دنيا سان لاڳاپو توڙيندڙ) فقير "عدم جي اوڙاه تي، ڪيا آسڻ آڏوتين" (شاھ). سنياسي. ويراڳي. ساڌو. جوڳي.

• **آڏُورو ج آڏُورَا (ت):** ذ. صفت. [سن. اَرْڌَ] اڌُورو – اڌ جهڙو. اڻ پُورو. بيڪار – نڪمو. غافل – سست.

• **آڏوڙ (ل):** ث. [سن. ١. اَرْڌَ = اَڌ؛ ٢. آدولَ = ڏول جيان متي ٽنگيل چوڙو]. ٻڪريءَ يا ڍڳي جي اڌ ڪل (جنهن تان وار ڪرڻي ٻهر جا چوڌاوجهي رڳجڻ لاءِ ٽنگي چڌبي آهي). آڌَ يا ٽسانگ تي چڙهيل (سبيل) چوڙو (جنهن ۾ رڳجڻ لاءِ ٻهر جي چوڌي يا رنگ جو پاڻي وجهجي). اڌوڙ. (صفت) ڦوڪيل – سُڄيل. ڦُلهو – متارو.

ـ **آڏوڙِيُ ج آڏوڙِيُونْ:** ث. اڌوڙي.

• **آڏهي:** ذ. هندو فقيرن جو هڪ قسم – آديسي.

• **آڏِيُانگ:** ذ. [سن. آدَ + اَنْڪا] ڪاٽ جي اڌاوت جو وُڇ. ٻن منزلن يا هڪ منزل جو وچ (جنهن ۾ ڪا شيءِ لٽڪائي ڇڏجي).

• **آڏِيُ ج آڏِيُونْ:** ث. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اڌ (ربيو) – آڏيو. اڌ رات جو وقت –آڌ رات. بيگاه وقت – ڪمهلائي "آڏي مانجهي" اڌ عُمر جي وَهِي –اڌوڏ عمر – آڌ وَهي.[سن. آڌِ] من جي جُڪ جُڪ – هُر ڪُر – آنڌ مانڌ. ڳڻتي – چنتا – فڪرات. درد. تڪليف. بيماري. ڪاٽ ۾ سَلّ ڪرڻ لاءِ سيُرائيءَ جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

ـ **آڏيُ آڏ:** صفت. پورو اڌ ــ اڌو آڌ.

ـ **آڏيُ رات:** ث. اڌ رات. بيڳاه وقت.

ـ **آڏيءِ رات ئي ڪڏ هِر ڪرڻ:** نقصان ۽ چيهي جهڙو ڪم ڪرڻ.

ـ **آڏيُ ڪَرڻ:** دير ڪرڻ ــ اويرَ ڪرڻ.

ـ **آڏيُ مانجهيُ:** ث. اڌ رات ــ آڏيءَ ڏاري. (ظرف) ڪنهن به مهل. هر وقت ــ اويل سويل.

• **آڏيارُ آڏيرو:** ذ. [سن. آرْدَ = اڌ] آڌو آڌ ــ اڌو پتي. پائيواري.

ـ **آڏيارو آڏيرو ڪَرڻ:** شراڪت يا پائيواري ڪرڻ ــ حصي داري ڪرڻ "آڏيارو مال".

• **آڏيارُي ج آڏيارُيُون(ڪ):** ث. [سن. آرْدَ =اڌ] چاراڻيءَ جي عوض چوپائي مال جيَ پيدائش جو اڌ (يعني، ڪُل چوپاين جي اڌ چوپاين جي پيدائش، جهڙوڪ، ڪير، مکڻ، گيهه، ڏاس وغيره، جو چاراڻيءَ عوض ڏجي).

ـ **آڏيارُيُون ڏيڻ:** پيدائش مان اڌ ورهاست جي حساب سان ڏيڳيون، مينهُون وغيره چارائڻ لاءِ ڏيڻ.

• **آڏيُ اوپارُ:** ذ. هُرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪائي (جا نار جي اوپاري جي اڌ جيتري ٿئي).

• **آڏيُ رَنبو:** ذ. رنبي جو هڪ قسم ــ ڏَري ڪوٽڙ جو رنبو.

• **آڏيڑو ج آڏيڑا:** ذ. [سن. ١. اَڌير =ڏڏندڙ؛ ٢. آرد + ولِيہ] اڌو ڳابرو ٽاهو (جنهن ۾ ماٹهوڪرڻ ڪان بچي وڃي)ـ ڏڪو ــ ٽاهو ــ دوماهي.

ـ **آڏيڑا ڪائڙ:** ٽاها ڪائڙ ــ ڏڪا ڪائڙ ــ ڏومائون ڪائڙ.

• **آڏيڪو ج آڏيڪا:** ذ. صفت. [سن. اَرْدَ] اڌ جيترو ــ اڌ ڪن ــ اڌو ڳابرو. اڌ پريل ــ اڌيڪو.

• **آڏيگامُ:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو "اڌ ۾ آڏيگام، اڌ ۾ سجو پارڪر".

• **آڏيلو ج آڏيلا:** ذ. [سن. اَرْدَ = اڌ + ايلا (پچاڙيءَ جي) نشاني] پئسي جو اَڌ ــ اڌپئسو ــ ڏيڍ پائيءَ جو سڪو.

• **آڏيُنُ:** صفت. [سن. اَدين = (آ <آ = نہ + دِيُنُ < دِنَيہ = رهڻ جي جاءِ) جنهن جو گهرگهات نہ هجي] گهر ــ بي اجهي ــ بي وسيلو. محتاج ــ پَروَسُ ــ ويچارو. خيرات جي آڌار تي رهندڙ ــ فقير. غريب ــ مسڪين.

ـ **آڏيُنتا:** ث. بي وسي، محتاجي. فقيري. غريبي ــ مسڪيني.

• **آڏيڙ ج آڏيا:** ذ. [سن. اَرْدَ = اڌ] اڌ رپيو ــ آڏيُ. نندي بوتل ــ ڊُنگيُ. اڌ ڪارڪ ــ اڌڙ ــ آڌيلو. [سن. آرتو] سنهون ڪپڙو ــ شبنم. ڪپڙي جو هڪ قسم. شربتائين ململ جو ٽاڻ. جوئر جو هڪ قسم ــ آڌائون ۽ ان جو ٻُج.

ـ **آڏيا ڪَرڻ:** ڪجيون اڌ ڪري سُڪائي رکڻ.

• **آڏُ، آڏِ ج آڏُون:** ث [سن. ١. آدرَ ٢. آدِ = آڏو وڌائڻ، ٣. اَڳ = آڏو اڇڻ، ڏِکڻ] آڏورڪيل. شيءِ يا انڪَ]. روڪ ــ رندڪ ــ آڙ ــ بندش ــ انڪاءِ، جهلَ. اَجهوُ ــ سهارو ــ پناه ـ سڙهه جي جهَلَ لاءِ ڪائِيُ. ڏِڳي گاڏيءَ جي هڪ ڪائي. ڏنگائي ــ ڊِنگ ــ ترڇاڻ. ڪوڙو سَبَبُ. [سن. ١.آرڇا، آروڇا = پيشانيءَ جونشان؛ سن. ٢. آرڇ = چوپائي جيَ پيشانيءَ تي ٻولاهو نشان؛ ٣. آرڪا= وَاءُ (و) جو نشان. ڳاڙهو ٽِڪو. ڳاڙهي بيرق] پيشانيءَ جو نشان. چوپائي جي پيشانيءَ تي ٻولاهو نشان. (هندن ۾) گهر جي در تي واءُ (و) جو نشان. واءَ جي بيرق (هندو مهاڏا ۽ باراني ملڪ جا هندو آرگا جي پوجا ۾ ڪندا آهن. جو بارش جو ٻُت ۾ آهي، ۽ متائنس ڳاڙهي بيرق ڪوڙيندا آهن). درتي ڪوڙيل ڳاڙهي بيرق ــ وارڪا. سُنڊر ڳاڙهو ٽِڪو. فقيرن جي نراڙ تي ڳاڙهو تلڪُ. ٻيڙيءَ جو منهن وارو پاسو ــ آڳل ــ آڏيُ. صفت. [سَن.آد] اصل ــ پهريون ــ خاص.

ـ **آڏِ اڪريُ:** ث: ڊِنگن اڪرن واري تحرير ــ اڌ اڪري. مُنجهيل لکڻي. اڪرن ۾ لِکل ڳجهارت ــ مُعمّا (ڳجهارت) جو هڪ قسم.

ـ **آڏَ ڏيئيُ ٻيهَڻُ:** اڙ جهلڻ. رندڪ وجهڻ ٻانهون ساهي گوهيُ ڪري ٻيهڻُ. وارو نہ ڏيڻُ.

ـ **آڏَ مارَڻُ:** ٻيڙيءَ جو تانگهي پاڻيءَ جي گپ ياواريءَ ۾ ٻيهي رَهَڻ ــ آڏيُ مارَڻُ.

ـ **آڏَ وَرَائي ٻيهَڻُ:** ورندي ڏيڻ ــ جواب ڏيڻ. آڏو جواب ڏيڻ. منهن تي چوڻ. بي ادبي ڪرڻ ــ گستاخي ڪرڻ.

ـ **آڏَ هُڻڻُ:** ٻيڙيءَ جو اڳ لڳي پَوَڻُ ــ آڏيُ هڻڻ. ابتي سُبتيءَ هوا سبب سڙهه جي آڏ کي هيڏانهن هوڏانهن لوڏڻ ــ آڏيُ مارڻ.

ـ **آڏَ هُڻيُ ٻيهَڻُ:** ٻيڙيءَ جو گپي ٻيهڻ. مشڪل سان چرڻ.

• **آڏا اڏي:** سامهون اڏي (هاڻي جڏهن پاڻي لهي ويو آهي. تڏهن آڏا رڇ اڏي ان جا ڪلا ٺوڪي مضبوط ڪري چڏيا اٿن).

• **آڏَ انڳڙيُ (ڪ):** ث. وَل جي اک. وَل جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

• **آڏارُ (ت):** ذ. آڏارُ.

• **آڏارڻ:** مصدر. [سن.آڏريٰ (آ = چڱيءَ طرح + دَلْ = ڏَرڻُ) = چيڑڻ] ڏَرڻ — ڏَڏَر ڪرڻ (اناج، دالين، چانور، ساريون وغيره). جنڊيءَ يا جنڊڙي (ت)۾ ساريُن جا ٿُهَ لاهڻ — ڏَرڻُ. چڑڻ(چانور). ڏارڻ — چيڑڻُ — ڦاڙڻ. ڦوڙڻُ. ٻ اڌ ڪرڻ. چير ڦاڙ ڪرڻ. ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ (ڪاڻي يابُنڊ)۔ڦوڙائيون ڪرڻ. چلهڻ — چٽڻُ — گڏڻُ. سونڻن جي مار ڏيئي نرم ڪرڻ (چوڙي ڪي). خوب مار ڪيڏ — اڌ مُئو ڪرڻ — جاگورڻ. (ڪِلڻ جُوئرڪي ڦُلارڻ لاءِ) نيم گرم پاڻيءَ ۾ اوبارڻ. اڌو گابرو رڌڻ — اڌ اوبارو ڏيڻ — اوبارڻ. اڌ گرم ڪرڻ. انّ، چٽا، وغيره گرم پاڻيءَ ۾ وجهي پسائڻ (جيئن ڪلون آساڻيءَ سان لهي سگهن). ڪُڪڙ، گوشت، مڇي، ڏونرا وغيره گرم پاڻيءَ ۾ اوبارڻ. (آڏاريو — آڏاريندو — آڏاريل).

ـ **آڏاري ڇڏڻ:** چلهي چڙهڻ — مار ڏيئي هڏ گڏ پيڇي ڇڏڻ.

ـ **آڏاري رکڻ:** ڪُٽي نرم ڪرڻ — ڏک هٽي ساٽوڪرڻ. جاگوري وجهڻ. گوشت وغيره کي (بانسي ٽيڻ کان بچائڻ لاءِ) ٽهڪائي رکڻ.

• **آڏارو ج اڏارا:** ذ. [سن. آوڏارَا = هوا نڪرڻ جو ٽُنگ] نهائين مان دونهين نڪرڻ جو سوراخ.

• **آڏاڻو ج آڏاڻا:** ذ. [سن. ١. آوابَنَ = آڏاڻو، ڪپڙي اُڻڻ جو اوزار،ريل ياڇوڪَ (جنهن تي ڏاڪاويڙهجن)، اُبرو؛ ٢. اَوَتْ = ڪڍ، ڪپڙي اڻڻ جي جاءِ]ڪورين جي اُڻاوت جو مانڌاڻو — ڪپڙي اُڻڻ جا اوزار — ڪورڪو مانڌاڻ. ويهي اُڻت ڪرڻ جي ڪَڏ(ت). [سن. اَدّ = اڏّڻ] وَرَن، لينّڍِ پَڇَرن جو پچرو (چپر ٺاهڻ لاءِ). ڏينگو (نار جو). [سن. آڏارَت] عوض ۾ رکيل شيءِ— گروي — گَهُ (ت). ڏوهين جي اصطلاح ۾ ڪپڙا ڦرهي تي سٽي بعد ۾ (سڪائڻ کان اڳ ۾) نپوڙيل ڪپڙن رکڻ جو ڪپڙو يا چادر.

ـ **آڏاڻو اڏڻ:** آڏاڻُ ٺاهڻ. ڪا وَڏيُ اڏاوت ڪرڻ —مانڌاڻو منڊڻ. وڏو پچرو (گهر ٺاهڻ لاءِ) تيار ڪرڻ. گهَر ٺاهڻ "پڪا پڪن سامهان، آڏاڻا تہ اَڏي ويا"(شاه).

• **آڏاويس:** ظرف. [سن. اَشَاشْوَتَ = ٺاڻ جونمونو، وضع قطع] نموني طور — ڏسڻ لاءِ ـ عارضي —في الحال — بالفعل. (ذ) ڏيڪ ويک جي عارضي اڏاوت. بيڪ — نمونو. نمائشي نمونو — جنس جو نمونو. حُسن جو جلوو.

• **آڏڻ:** صفت. [سن. ١. آ + ٽرِيَجَ؛ ٢. اَگ وَ تَ = اڳَ ڦريل، ڏنگو ورايل] اڳيون پاسو ڦريل (اڏاوت جو) — آڏو — ڏنگو — ترڇو.

• **آڏڻ:** ذ. [سن. ١. آدتْيَهْ؛ ٢. اَدَتَ= هڪ ديوتاجو نالو] سجّ ـ سُورج — آدتُ "اُڏر اَڏِت اُپريو، وهاڻيءَ وَڻءِ پَوُنَر"(شاه) تارن جي هڪ ميڙ جو نالو. هڪ تاريَ جو نالو (چيو وجي ٿو تہ ان تاري اُپرٽ سان پاڻي سڪڻ شروع ٿئي ٿو) — سُهيل تارو — ايٽ تارو. صبح جو اُپرندڙ تارو — وهَائوُ تارو. چند جي ستين منزل (علم نجوم جي اصطلاح ۾ چَندِ جي گهَٽا وَڌيُ چوٽين چوٽين ڏينهن ظاهر ٿيندي آهي. ان حساب سان ٤ X ٧ = ٢٨ ڏينهن بعد ٻ ڏينهن گم ٿيندي آهي). [سن.آدَشْ = پر انهين ملڪ جي قاصد جو پيام] حُڪم — فرمان. پيغام — نياپو — سنيهو "آڏِتُ چئج ان کي، ڏيانْءِ جي روئي" (شاه). (صفت) پر انهين ملڪ ۾(ڪنهن جي طرفان واپار ڪندڙ دَلاَل — پلاوٽو — گماشتو — آڏيتو.

ـ **آڏِتوار:** ذ. سج جو ڏينهن — آرتوار — آچر.

ـ **آڏِتيو ج آڏِتيا:** ذ.صفت. گماشتو — پلاوٽُ — آڏِتُ. واپاري سَماءُ ڏيندڙ.

• **آڏَ ڦرجو ج آڏَڦرڇا:** ذ. صفت. [پرا. ترچّ: سن. ١. آوْرْت (آ =تائين، چوڌاريَ+ وْرْتْ = ڦِرڻ)؛ ٢.آتْرَيچه = ڏنگو] آڏوتيڏو —ڏنگو ڦڏو —تيڏو ترڇو — ور وڪڙ وارو. اُبتو سبتو. هيٺ مٿي"آڏَ ترڇا آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا" (شاه).

ـ **آڏَترو ج آڏَترا:** ذ. صفت. آڏَترڇو.

ـ **آڏَڦري ج آڏَ ڦريُون:** ث. آڏَ ترڇي (پٽَ جي وروڪڙَ واري چاڙهي يا لَڪُ).

• **آڏَر ج آڏَر:** ذ. [سن. ڏروٽي] چوپائي مال کي گاهه يا ڏاري ڪارائڻ لاءِ ٽڪر جو ويڪرو ٽاڻْءِ ياپاتوڙو — ڪُونڊَر — آهرو — هودي (حوضي) — بَنْدَرُ (ت). (ڦُلن پُڄڻ لاءِ) ڪچيءَ مٽيءَ جو گنڊڙو. ڪُڪڙن جي گڏيُ. ڪِلَڻ (جُوئر) کي ڦُلن پُڄَڻ کان اڳ پاڻيءَ ۾ ٽهڪو يا اوبارو. گوشت کي ڪني ٽيڻ کان بچائڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٽهڪو. [انگ. Order] آرَڊَر.

ـ **آڏَر ڪرڻ:** ڪِلَڻ(جُوئر) کي اوبارو ڏيئي ڦُلن ٺاهڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

• **آڏِرا(ت):**ث. [سن. آدَرَ] آدَر—آڏَر — مرحبا ـ پَلِيڪار.

• **آڏِرَا (ت):** اسر خاص. مينگهواڙن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **آڏڙِي ج آڏڙِيُون:** ث. [سن.آڏْرِيْ = ٽيڪ ڏيڻ] ٽيڪَ — جهَلَ — آڏ —آڙَ. روڪَ ـ رنڊڪ. ملَهه جو هڪ ڏاءُ. (اصطلاحاً)عذر — منْهُنْ — بَهانو.

Gul Hayat Institute

• **آڏڻي، آڏڻيو ج آڏڻيُ، آڏڻيا:** ذ. صفت. آڏَ ڏيندڙ. ٻئي بدران آڏو ٽيندڙ. عذر ڏيندڙ. نٽائيندڙ.

ـ **آڏڻيون ٽيڏڻيون ڏيڻ (ت):** عذر بهانا ڏيڻ.

• **آڏڻ ج آڏڻيون:** ث. پلن ماڻ جي هار سُڪائڻ لاءِ ڪاٺ جي ٺهيل گهوڙي. چپر يا ڪڙَ جي پيچري ٻڌڻ لاءِ ڪاٺَ جون ڪٽل مُنيوُن. ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (جو پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻُنڊن تي ويهي جيت جهٽيندو رهندو آهي) ـ هانڊو ـ هانڊي جو ڪاڻ ـ ٻگهلو. شڪار جو هڪ نمونو (جنهن ۾ هانڊوُ يا آڏڻ هٿراڏو ٺاهي، پاڻيءَ ۾ بيهاريو ويندو آهي. ۽ شڪاريءَ کي ٻگهلي جو هٿراڏو منهن پوش چڙهيل هوندوآهي. جنهنڪري آڙيون ۽بدڪون بي خوف انهيءَ هٿراڏو ٻگهلي وٽ اچن: شڪاري انهن کي جهلي اندر ئي اندر ڪاري ۾ هٽندو ويندو آهي. بندوق جي شڪار جو پڻ هي آسان نمونو آهي) ـ دَلبو. رات جو تن پاسن کان هار ٻڌي پکين ۾ ٺاهه آڻي شڪار ڪرڻ جو نمونو.

• **آڏو ج آڏا:** صفت. [من. ١. آ+ڏِرَيَجَ: ٢. اَگّ = اَڳَ، اڳيان] ڏنگو ـ ٽيڏو ـ ٽيڙو ـ ترڇو ـ آڙو. اُبتو ـ مخالف ـ آڏائو (واءُ). (ظرف) اڳيان ـ سامهون ـ روبرو ـ مقابل ـ سنمُک "آڏو ڇڪَ ڇاڙه، منهنجي موج نه سَهي مڪڙي" (شاه). آر پار. ڪٽيو. خراب. ڪاوڙيل.

ـ **آڏا جوابَ ڏيڻ:** ڏنگا جواب ڏيڻ. اڻ وٽندڙ ورنديوُن ڏيڻ. سامهان جواب ڏيڻ. رَدَ ڪَدَ ڏيڻ.

ـ **آڏو آرَ لنگهڻ:** پٽ يا ٽَڪري هڪ پاسي کان پارڪري ٻئي پاسي وڃڻ. جبل جهاڳڻ. تڪليف سهڻ.

ـ **آڏو اَڇڻ:** سامهون اچڻ. ڪم ۾ رندڪ وجهڻ ـ رندائڻ. دشمني ڪرڻ. نقصان پهچائڻ. لکيو لوڙڻ ـ پنهنجي عملن جي سزا پوڳڻ. بدلو ملڻ. خراب نتيجو ملڻ. ڪڙو ڏيڻ (در ڪي).

ـ **آڏو ٽيَڻ، پَوَڻ:** سامهون ٽيڻ. بي ادب ٽيڻ.

ـ **آڏو ٽيڏو ج آڏا ٽيڏا:** صفت. ڏنگو قِدّو ـ آسيرو پاسيرو ـ اِنگڙ ونگڙ. جهڙو تهڙو. معمولي. اڻ وٽندڙ.

ـ **آڏو ٽيڏو ڪم ڪرڻ:** خراب ڪم ڪرڻ ـ اڻ وٽندڙ ڪم ڪرڻ. هالوُ چالوُ ڪم ڪرڻ ـ معمولي ڪم ڪرڻ.

ـ **آڏو ٽيڏو هلڻ:** خراب نمونو اختيار ڪرڻ. اڌنگي نموني هلڻ.

ـ **آڏو ٽِڻي:** آڏو اڇي عيب ڏڪي.

ـ **آڏو سُوَالَ ج آڏا سُوَالَ:** ذ. ابتو سُوال. جوابي سُوال. رَد ڪد جو سوال.

ـ **آڏو فَرياد:** ذ. فرياديءَ جي مقابلي ۾ جوابدار جو فرياد.

ـ **آڏو قِڏو ج آڏا قِڏا:** ذ. صفت. ڏنگو قِڏو ـ آڏو ٽيڏو.

ـ **آڏو قُرڻ:** خواه مخواه مخالفت يا بدڌيءَ ۾ رَهَڻ ـ اڳيان اچڻ ـ آڏو اچڻ. مخالفت ڪرڻ. نقصان پهچائڻ. اڳ قُرڻ.

ـ **آڏو وَرُ پاسي ڪَرڻ:** گمراهي ڏورڪرڻ ـ سنئين وات ڏيڪارڻ. وسوسو ڪيڻ.

ـ **آڏي پائي آڻ:** آڏو آڻ وجهي، آڏو ڏوهيءَ وارو ليکو ڏيئي.

• **آڏيرو ج آڏيرا:** ذ. صفت. ڪجهه ڏنگو ـ پاسيرو ـ ٽيڏو ـ قُريل ـ وريل.

• **آڏَ وَاهَر:** ث. بچاءَ جي مدد. ازغيبي مدد ـ اوچتي مدد. قانوني بچاءُ يا ڪنهن مشڪل ۾ ڪم ايندڙ مدد. چوريءَ جي شڪ ۾ جهليل مال. اڳ جي بچاءَ جي قسم تي شاهدي پيش ڪرڻ جي حالت. غير حاضريءَ جي (ڪورٽ ۾) پيش ڪيل شاهدي (ته موقعي تي حاضر نه هو).

ـ **آڏَوَاهَر ڏيڻ:** ڪورٽ ۾ (ڪنهن شاهد يا جوابدار طرفان، غير حاضر رهڻ جي ڏوهه کان بچاءَ لاءِ) قَسم نامي تي ڪنهن جي شاهدي پيش ڪرڻ. اڳ جو بچاءُ ڏيڻ.

ـ **آڏَ وَاهَر ڪَرڻ:** شڪ ۾ چوريءَ جي مال تي (پوليس جو) جڙتو پاڳيا بيهارڻ. مدد ڪرڻ. بچاءَ جي شاهدي ڏيڻ.

• **آڏوَائِيُ:** اسم خاص. آڏوُ مَل جو اولاد. حيدرآبادي عاملن جي هڪ آڪهه جو نالو.

• **آڏَ وَڏَائِيُ:** ث. حسبي نسبي يا خانداني فخر. ورثي ۾ مليل عادت. اصل جي عادت ـ اَڏ. وڏن جي ريٽ 'ڪامڻ اهنجي ڪُرَ جي، آڏوڏائي آهه" (شاهه). اباڻي ڏاڏاڻي ريت. شرافت.

ـ **آڏَوَڏَائِيِ هُجَڻ:** عادت هُجَڻ ـ اَڏ هجڻ.

• **آڏَوَرو ج آڏَوَرَا:** ذ. چَپَر جو پاسيرو ورو. بيل گاڏيءَ ۾ بَم جي چيڙي ۾ لڳل اُپي ڪاٺي (جنهن ۾ نارو ٻڌن ۽ پانجاريءَ سان ڏِڳا چڪين).

• **آڏَوَرِيُ ج آڏَوريُون (ث):** ث. ٻن ڪٽل ڪاٺين تي رکيل آڏي ڪاٺي ـ ڪاڇَڻ.

• **آڏُوڻِيُ ج آڏُوڻِيون (ث):** ث. اُها ڳالهه (يا عذر) جا آڏو آڻي جند ڇڏائجي ـ جند ڇڏائڻ لاءِ سچي ڳالهه لکائي ٻي (هٿراڏو ٺاهيل) ٻڌايل ڳالهه.

• **آڏيُ ج آڏِيون: ث.** صفت. [سن. آڏريچَڊ] ڏِنگي ـ قِڏيُ ـ وريل ـ ٽيڙيُ ـ ٽيڏيُ. اُبتي ـ مَخالف. ظرف. [سن.آگ

=آڏ] اڳيان –سامهين (ث) آڏ – روڪ – رندڪ. ڳجهارت. ڪُتر هٽڻ جي جاءِ (ت. ث) – آڏي. ٻيڙيءَ جو اڳيون حصو – آڏ – آڳيل.

– **آڏي اڇڻ:** مُنهن ۾ اڇڻ – سامهون اڇڻ. بدلو ملڻ. روڪ اڇڻ.

– **آڏي ترجي ٻڌائڻ:** گهٽ وڌ يا بدشد ٻڌائڻ.

– **آڏي ٽيڏي، آڏيون ٽيڏيون ڏيڻ:** اجايابهانا پيش ڪرڻ.

– **آڏي پڇا ڄ آڏيون پڇاڙون:** ث. ڪورٽ ۾ مخالف ڌر جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ يا شاهد کان سندس ڏنل بيان بابت قانوني پڇا.ڏنل بيان تي منطقي سوال جواب – تفتيشي پڇا – پرکيا.

– **آڏي مارڻ:** ميرِ بحرن جي اصطلاح ۾ ٻيڙيءَ جو آڳ لڳي ٻرڻ. ٻيڙيءَ جو اوپاري طرف (پاڻيءَ جي زور سبب) مشڪل سان ڇرڻ يا هلڻ. لوڏا کائڻ. هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ. آڏ هڏڻ.

– **آڏي پڇا ڪرڻ:** شاهد کي منجهائڻ لاءِ آڏا ابتا سوال ڪرڻ.

– **آڏي وَرَنڊي ڄ آڏيون وَرَنڊيون:** ث.آڏو جواب – منهن سامهون جواب. اڻ وٽندڙ جواب.

• **آڏي تار(ث):** ث. پرتَ جو هڪ نمونو.

• **آڏيتو ڄ آڏيتا:** ذ. صفت [سن. آ + دُشتَا = پرانهين ملڪ جو واپاري يا قاصد] ٻاهرئين ملڪ جو واپاري – آڏتيو – گماشتو. پري کان نياپو آڻيندڙ – قاصد – پيغامي (پکي، جهڙوڪ، ڪبوتر، طوطو، ڪانگل وغيره) "آڏيتا آڻيج، ڪوئي پيغام پرجو".

• **آڏي ڏامراهُو:** اسم خاص. تعلقي وَاره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آڏيري:** ڀ. ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم (ول وانگر، پن ڪنڊن وارا، سندس ڪاڙهو ڪَنگهه، سهڪيءَ، جلندر، سنڊن جي سُور ۾ حيض لاءِ مفيد'ٻڌ پراڻي تپ ۾ خلط بلغم لاءِ مفيد، هن جو ڏينهو سُڪائي، ڪُٽي چاڻي مٽي جي سُور کان ناس ڏجي. دماغ جي رطوبت کي خشڪ ڪندڙ، ان جي لپري ناهي ٻڌبي ته پاسي جي سُور لاءِ مفيد). باد نجان بري (ف) "آڏيريءَ جان اُبتَ ڦريُ، واسينگ وجهن ٽا وَرَ" (پيربخش فقير)

• **آڏيس (ث. ل):** ذ آديسُ.

– **آڏيسي:** ذ. صفت. آديسيِ.

• **آڏي ڦري (ث):** ث. پرتَ جو هڪ قسم.

• **آڏيڪ، آڏيڪي:** ذ. صفت. [سن. اَديكَشْ]آسائو –آسائتو – اميدوار.

• **آڏيو ڄ آڏيا:** ذ. ساهميءَ جي ڪاٺ لاهڻ جو وَڏنُ – آڙ – پاسنگ.

(ڪوهه تي پير رکي پاڻيءَ ۾ پرڻ لاءِ رکيل) پائيي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هنيل پَٽيِ. ٻيڙيءَ تان ڪَپرَ تي ماٿهن جي لهڻ لاءِ ڪاٺ جو تختو. هوڙي (ٻيڙي) جي اَڳلَ جهلڻ لاءِ ڪاٺ جو تختو. درجي ۾ن طاقن مان هڪ کي وڌائي هنيل پَٽيِ (جيئن در بند ٽي سگهي). در جي ٻنهي پاسن کي ڳنڍڻ لاءِ هنيل ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي. بُنڊن کي چيرڻ لاءِ ٽُلهو ڪَرَنُ.

• **آڊَرُ ڄ آڊَرَ:** ذ. [انگ. Order] آرڊر.

• **آڊَمبَرُ ڄ آڊَمبَرَ:** ذ.[سن.آڊمْبَر] غرور–هَڪ.اميري اتالي، حشر يا ڏهڏهي جو ڏيڪ. ٻاهريون ڏيک ويڪ. حشمت. ڏهڏهو – نَڪُ. اتالو. حملي کان اڳ بگل ياتوتاري جو آواز. شروعات. ڪاوڙ – غصو – غضب.

• **آڊوکو، آڊوکو ڄ آڊوڪا، آڊوڪا:** ذ. صفت. [سن.آڊُدَرَ، آڊُدَرَكَا = اڏ خشڪ، آلو] ٽوروآلو – گهميل – ٽورو پُسيل. اڏ سُڪو (ڪپڙو) پوريءَ طرح نہ پُسيل (ڪاٺ). (ث) آڊوڪيِ، آڊوڪي ڄ آڊوڪيُونُ، آڊوڪيون.

• **آڊوڪائيِ، آڊوڪائي:** ث. اڏ سُڪل هڻڻ جي حالت.

• **آڊَ ڄ آڊُونُ:** ث. [سن. ١. آ – مُرْدْ = مهٽڻ،اٽوهڻي مَرلاهڻ. ٢.اَپ – اڳَجَ = آڊَ: ٣.آڊَيَ = مَالش ڪرڻ] ويم جي سورن جي مالش. پيٽ جي سُورجي مالش. ڇڪيءَ جي مالش. مَهٽ – مالش. مروڙَ.

– **آڊَ ڏيِئَڻ:** مَهٽ ڏيڻ – مالش ڪرڻ. هٿُ هڻڻ.

– **آڊَ سَاڊَ:** ث. مَهٽ سَهٽَ. ڇڪيءَ جي ابتي سبتي مالش (جيئن ڇڪيِ پنهنجي جاءِ وَڻي). مالش.

– **آڊَ سُوٽَ:** ث. ويايل زال جي مهٽ سهٽ يامالش (نرن جي رڳن ۾ پيٽ وغيره جي).

– **آڊَ سُوٽَ ڪَرڻ:** ويايل زال کي مالش ڪَرَنُ. مهٽ سَهٽ ڪرڻ – هٽ هڻڻ.

– **آڊَ مَڪ:** ث. آڏڻ ۾ تيل مکڻ جي حالت – چيٽ. مهٽ سَهٽ.

– **آڊَ مَڪ ڪَرڻ:** بدن کي آڏڻ ۾ تيل مکڻ.

• **آڊَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آڊَارَڻ:** مصدر. [سن.آ + رُوْ ڪُشْ = ڪَهرو ڪَرڻ] جنڊ کي کهرو ڪرڻ – آهوڙڻ. هيٺ لاهڻ – ڊاري وجهڻ. جنڊ جي ماتَ مان پيٽل اتو سنيالي ڪٽي ٻئي ٽانوَ ۾ وجهڻ. (آڊَاريو – آڊَاريندو – آڊاريل).

• **آڊَ انگو ڄ آڊَانْگا:** ذ. [سن.آڪْره + اندو. آڳاندو جي تقليبي

Gul Hayat Institute

صورت] ڏکيءَ مَهل جو آسرو. پروسو – پرجهلو. آسانبو – آسانگو – آڳاڻيو.

• **آڏائڻي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آڏائڻ:** 'آڏڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه [سن. آ – مُرْدْ = مهٽڻ] تري ڏيارڻ – هَٿ هٽائڻ. مالش ڪرائڻ. ويم جي آڏ سُوٽ ڪرائڻ. پيٽ سُور کان تيل جي تري هٽائڻ'. (آڏائيو – آڏائيندو – آڏائيل).

• **آڏائڻي ج آڏائيون:** ث. آڏائڻ يا آڏڻ جي مزدوري.

• **آڏڻ:** مصدر. [سن.آڏارَ] آڏر ڏيڻ – ٽيڪ ڏيڻ (هٻي تي). بيمار جو ويڙهيل هنڌ ياوهاڻي کي ٽيڪ ڏيڻ. ٽاهو کائي ڪرڻ (ننڊ ۾ وهت تان، يا تڪڙو هلڻ سبب) – آٽڙڻ. (آڏريو – آڏرندو – آڏريل).

– **آڏر ج آڏرُون:** ث. آڏَر – ٽيڪ – اِرڪ.

– **آڏرو ج آڏرا:** ذ. ٽيڪ ڏيڻ جو وڏو وهاڻو.

• **آڏَڻ، آڏڻ:** مصدر. [سن. ١. آمْرْدْ =مَهْٽَڻ؛ ٢. آدَيَ =مالش ڪرڻ. تيل سان بدن کي مهٽ ڏيڻ – مَالش ڪرڻ. مهٽ سهٽ ڪرڻ. هٽ هٽڻ (ويم واري زال کي) مالش ڪرڻ. (تـ ڇڪيءَ پوريُ جاءِ تي اجي). ڳچيرڻ ياڇڪيءَ کي دوهُڻ. آڏي بدن جو سُور ڪيڏڻ – لڳ ڪيڏڻ. (آڏيو – آڏيندو – آڏيل).

• **آڏو:** صفت. [سن. ١.آوْرڏوْ = متي رکيل يا ڪَنيل؛ ٢. اُورْ ڏْوِيَ = وهي چڙهيل، عُمر ڪاڏل؛ ٣. اَرْڏَوِيَ = (اَرْڏَ= اڏ +وَي = وَهي، عمر) اڏَروٽ]عُمرڪاڏل (يعني سٺ ستر سالن کان متي چڙهيل) – وڏيءَ عُمر وارو – پوڙهو – پيرمرد.

– **آڏو ٻُڍو آڏڙو ٻُڍڙو:** ذ. صفت. تمام پيرسن – نهايت ڪُراڙو.

• **آڏو ٻُڍو آڏڙو ٻُڍڙوٽيڻ:** (دعا جو اصطلاح) وڏيءَ عمروارو ٽيڻ – پُٽن پوٽن وارو ٽيڻ.

• **آڏوڪو ج آڏوڪا:** ذ. صت.آڏوْ کو (ث) آڏوْڪي ج آڏوْ ڪيوُنْ.

• **آڏيجا:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آڏرُ:** ذ. [ف. آگَر <آذ: عبراني. آزر. آذَر] خوشبودار گاه جو هڪ قسم (جو هارڙ سان خوشبو ڏئي). ڪستُوريُ –آگَر. اگربتي (جا آتشڪده ۾ رکي وڃي). باه – آڳ. شمسي سال جو نائون مهينو (جو ميوات پڇ، خصوصاً انگورن ۽ نارنگين جو مهينو آهي).

– **آڏرُ آباد:** ذ. لُهارن جو شهر (جتي باه جو ڪم ٿئي ۽ ڪهاڙيون، هٿيار وغيره ٺهن). (اسر خاص) ايران جي اولهه واري پرڳڻي ۾ هڪ مشهور قديم شهر جو نالو – تبريز.

– **آڏربائجان:** ذ. ايران جي اُپرندي واري پرڳڻي جو نالو.

– **آڏرپرست:** ذ. صفت. آتش پرست. بُت پوڄيندڙ.

– **آڏرڪده:** ذ. باه جو گهر – آتش ڪده. اهو مندر جتي باه جي پوڄا ڪئي وڃي.

– **آڏرگون:** ذ. باه جي رنگ جهڙو. چمڪندڙ.

– **آڏر ماهْ:** ذ. فصل پڇڻ جو مهينو (ايران ۾ سيپٽمبر جو مهينو).

– **آڏريْ:** ذ. صفت. آذر بائجان جو رهاڪو (اسر خاص) محمود بادشاه جي درٻار جو هڪ شاعر. ڪتاب جواهرالاسرار جو مصنف شيخ جلال الدين حمزه ايراني شاعر.

– **آڏري بُرْج:** ذ. آتشي بُرج.

• **آڏُوقو ج آڏُوقا:** ذ. [ف. اَرْوُقَه < اَرْوُگَهْ؛ سن. آجيوڪا] آجڪو – ٽمَرَ – ڦُوٽ –گذران. توشو. گهرو سامان. چوڪو – ڇُوٽو. وڏي پڪيءَ جو پڇن جي وات ۾ ڏنل داڻو. پناه. ڏِڪ – پردو. آسرو – پروسو.

• **آرَ ج آرُوْن:** ث. [سن. ١. آرَا (آ =تائين + رْ =وڃڻ)؛ ٢. اَرَ = اڳتي يا آربارلنگهي وڃڻ؛ ف. آرَهْ] اُها شيءِ جا (ڪُنگ ڪري) اندر لنگهي وڃي. لوهَ جو نوڪدار اوزار. سُئيءَ جوهڪ قسم. موچيءَ جي ڪم جو هڪ اوزار – ڪاٽ جي مُنيي ۾ لڳل ٽُلهي سئي (جنهن سان چمر کي بخيي لاءِ سوراخ ڪيجي). ڪُنديءَ (برَتَ) جي ڪم جو. گنجي، جورابن وغيره اُڻڻ جو سُئو. ڳاڏيءَ ۾ آهستي هلندڙ ڍڳي کي پڇ جي پاسن کان هڪڙ لاءِ نوڪدار ڪاني – چُونڪ – ڪُنبٽي. [سن. اَرَيْ] جيت جو هڪ قسم (جو مينهن يا لَڳ جي مند سنياليِ دانهون ڪري، ۽ آنَن لاهڻ بعد دانهون بند ڪري). تڏو – ٻُندو – مڪڙي "آرون ابر آسري، تاڙا تنوارين". [سن. آيَرا =ماڪيءَ جي رس] ماڪيءَ جي ڪاڇ گڏ ٽيڻ جي جاءِ يا تاريْ. [سن.آرِيْ = اُٽلڻ] دل جو لارو. انگلُ – نارُ "مارئي، غلام شاهَ مورنہ مجيون عمرجون آرُوْن". انيِ ڏکر راند ۾ پنجون انگ.

– **آرَ ڏُنديْ:** ث. سنهي آر سان پرت جو هڪ قسم. چولي جي ڪنار تي هنيل پرت جو وَرُ. ڪُنديءَ جو پرتُ – ڳانڍو.

– **آرَ وڏيْ:** ث. ٽُلهيءَ آر سان پرت جو هڪ قسم. جاريدار پَرْتُ.

• **آرَ ج آرَ:** ذ. [سن. ١. اَرّ = اڳتي وڏي جُلهه ڪرڻ؛ ٢. آرَڻ =لَهر جي اُٽل پُٽل، ٣. آ +وِرْتَ = ٽُهيْ، ڪُن] وهڪري جي جوطرفي تيزي يا ڇڪ (جَا سمنڊ ۾ واءَ ۽ درياءَ ۾ اونهي ڪڏ سبب ٿئي، جنهن ڪري پاڻيءَ جو وهڪرو ڦيرو ڪائي هڪ

Gul Hayat Institute

جاءِ تي پيو ڦرندو آهي). درياءَ يا سمنڊ ۾ ڪُن پيدا ڪندڙ وهڪرو. گرداب – نڪونج – غرقاب –آجهور "ڏيئي توکَل تکيو آر لنگهيا آسان" (شاه). پاڻيءَ جي تيز وهڪري جو گهمرو. درياه جو ڪُن. "ويرِ مر لائي ويهه، مٿي آر اوڙاه جي" (شاه). درياه جو لاڙو ياوهڪرو. درياه جي تک – تيزي – وهُڪ.پاڻيءَ جو مارو. لسيُر. دل جو لاڙو يا ميلان "جيڈانهن چت چَاهُ گهٽو، آر به اوڈانهين"(شاه). چڪَ – ڪشش. اُڪنڊ – اُڪير – سڪَ. حُبّ ـ قُرب – پيارُ "پسٽائن پري ٽيا، اوري آرُ سندون" (شَاه). مالَ جو قَرَ تي آرو. پالوٽ. اَتَلَ – ليتَ. انگل – ناز . نخرو – لاڙ – هيج – چاڪَ. [سن. آيَرا] ماکيءَ جي ماناري واري ڪائِيْ. آلي ڪائيءَ جولَڪَ (ڪ) – تَلهڙُ.آرو – خانو – ڪَپ – ڏُنڊو.

ـ **آرَ ہِڈّ:** حملو ڪرڻ – ڪاهه ڪرڻ – جنگ ۾ يڪمشت حملو ڪرڻ (درياءَ جي پاڻيءَ وانگر). تراريون وهائڻ – آرَ ہِڈّ.

ـ **آرَرَکَڙ:** پيارُ ڪرڻ (چوپائي جو). انگل ڪَرڻ.

ـ **آرَ ڪَرڻ:** انگل ڪَرڻ. لاڙو ڪرڻ. پيار ڏيکارڻ.

ـ **آرَلَگِياس:** لنو لڳي ـ آرو لڳو.

ـ **آرِيْ ج آرِيْ:** ذ. صفت. آرَ ڪندڙ – انگلي.

● **آرَا:** صفت [ف. آرَاسْتَنْ= سينگارڻ] سينگاريندڙ. مرڪبات ۾ اسم جي پٺيان اچي فاعل جي معنيُ ڏيکاريندڙ "جهان آرا، دل آرا، وغيره".

● **آرَاتو ج آرَاتا:** ذ. [سن. رُوْ =روئڻ > آرَاوَ = رڙ، واڪو، آواز] روُج– راڙو– روڏَنُ اوراتو– اوراٽو.

● **آرَاتِيْ ج آرَاتِيُوْنُ:** ث. [سن. وَارَه = وارو] واري واري – واريتي. واريتي ڪير ڏيندڙ يا مڙندڙ چوپائي. (صفت) هڪ مهل تي نه ڏُڌَل – سَنڈوٽَل (ل).

● **آرَادَ:** ث. [سن. آرادَنْ > آرَادَ = جوڳ پچائڻ] آرادَ –آرادنا. پُوجَا – زهد.

ـ **آرَادَکَ:** ذ.صفت. آرادَ ڪ – پوجاري. يوگي.

● **آرَادَائِيْ ج آرَادَائِيُوْنُ:** ث. علحدگي – وڇوڙو – جدائي – ڦوڙائو – فراق – آرادَائي.

● **آرَادو ج آرَادَا:** ذ. صفت. [سن. آرَادَيه = اڪيلائيءَ ۾ وهندڙ.ع. علاحده = الڳ] اڪيلو علحده ـ جدا – ڏار – الڳ – آراڏو.

● **آرَادَيْن:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر) نواب شاه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

● **آرَادَنْ:** مصدر. [سن. آ+ رَادَنْ =جوڳ پچائڻ، ڪشٽ ڪيڻ] عبادت ڪرڻ – پوجا ڪرڻ – پوجڻ – پرستش ڪرڻ. جوڳ پچائڻ. رُهڪرڻ. ڏٽيءَ کي ياد ڪرڻ ۽ اورڻ. ريجهائڻ – راضي ڪرڻ. مهرباني گهرڻ. عزت ڪرڻ. لائق ٽيڻ.

ـ **آرَاڏُ:** ث. جوڳ جو پاڻ – پوجا – بندگي"اٺ ئي پهراندر ۾ الڳ جي آراڏَ" (دلپت). خدمت – احترام.

ـ **آرَاڏُ:** ذ. جوڳ. اڪيلو ويهي عبادت ڪرڻ جي حالت. خلوت – ايڪانت. فِراقَ – علحدگي.

ـ **آرَاڏُکُ:** ذ. پوجاري.يوگِي زاهد.

ـ **آرَاڏْنَا ج آرَاڏْ نَائُوْنْ:** ث. آرَاڏَ.

ـ **آرَاڏِ نَائُوْنْ کَرڻْ:** اندر ۾ عاجزي ڪرڻ – هاڏائڻ. پوجا ڪرڻ. عرض ڪرڻ – منٽون ڪرڻ. سُوال ڪَرڻ.

● **آرَاڏو ج آرَاڏَا:** ذ. صفت. [ع. علحده' سن. آرَاڏَيه = اڪيلائيءَ ۾ وهندڙ] الڳ – جدا – علحدو – آرادو. عجيب – انوکو. جنهن. ۾ ڪنهن ٻئي جو حصو نه هجي. اڪيلو – نويکلو – خلاصو. نرالو. ازغيبي. الک. محويت وارو – مستغرق. (ث) آرَاڏي ج آرَاڏِيُون "آرادي آٽِيءَتي، ٽي آيو ٽُکرائِي ٽُلُ".

● **آرَاڙِ ج آرَاڙِ يُوْنُ:** ث. [سن. آرَٽَيْه، اَرَٽَيَهْ =اٽ پوکيل، اٽ جريل زمين] بريت_ بيابان. ٻيلو – جهنگل. ٻَنُ. ٻوڌ جو جهنگ. هُڙي ويڑهه. وٽراهه. سائو ميدان. چراگاه جو ميدان برساتي پوک ۽ ساون گاهن وارو ميدان "جي اڪنديون آراڙِ لوهه تنين کي لائيينْ" (شاه). [سن. آرانڪي] جهنگلي گاهه جو هڪ قِسم (جنهن جي پاڙ ۾ چٽن جيڏا داڻا ٽيندا آهن، جي مارو ماٺهو رڌي کائيندا آهن) – آراڙي. ٻوٽي جو هڪ قِسم (جو بنا بج ڇڻڻ جي ايرندو آهي). ٻوڌ کانپوءِ سارين جي پوک لاءِ زمين جي کيڙَ.

● **آرَاڙِ ج آرَاڙِ:** ذ. [سن. آرَٽَيْه] بريت. جهنگل. وٽراه. آراڙِ. گاهه جو هڪ قِسم. جنگ – ويڑهه – لڙائي – يُدّ – آرَڙُ. آرَڙُه – اونهارو.

● **آرَاڙو:** اسم خاص. جوهي ۽ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● **آرَاڙو ج آرَاڙَا:** ذ. [سن. ارانڪي] آرڙي پوک جو گاهُ. ڪَچو ڏُٽ (ڏونرا وغيره). [سن.آلوڏَن = اکيڙَنُ، ملائڻ] ساريال زمين ۾ آلي مٽيءَ جو هَرُ "جويان جنڊ نه وسري، ڏانُڊان آراڙو". پوک جو اٽ پَکلُ اَنُ. اڌ رڌو يا اڌ پڪو ميوو ڪاڌو وغيره. ڏُٽ جو هڪ قِسم. ڏونرن جي ٻج جو پَٽُ. (ڪَچين گارين سان) ويڑهه. قَدو. جهيڙو. لڙائي – جنگ. ٻوڌ سبب ٽيل

Gul Hayat Institute

گاھ يا جھنگ. ھُڙي. زمين جو پلو تڪر (جنھن ۾ دوباري يا آرڙي پوک ٿئي). ھئي ھج جو ڦَرُ – گارطور ڪم ايندڙ لفظ. (صفت) حرامزادو. (ذ) ڪير ڏائڻ کان مٽي (عمر) ڇڙھيل ٻَڪرُ (ڪ).

• **آزاڙھ:** ذ. پاڻيءَ جي چاڙھ واري موسم – آبُ ڪلاڻي. اونھارو – آرڙھ.

ـ **آزاڙھي:** ث. آرڙھ جو فَصُل – آراڙيُ.

• **آزاڙيُ:** ذ. صفت.[سن. آرَٹيَکَ] جھنگ جو رَھاڪُو. ھيلي ۾ رھندڙ – ھيلاڻي.

• **آزاڙيُ ج آزاڙِيُون:** ث. [سن. اَراٹڪي=اَ + رَاٹَک) بنا مند واري پوک]اڻ منڊائتي. بي اڪيُ جوُئر (جا صرف گاھ طور ڪم اچي).

آرڙھ جو فَصُل. ڏُڻ جو ھڪ قِسم – آرھاڙي. ميھَن. چيڙن جي ڪچرين جي ڪڙھي "پلاھ نہ پاڙين، عُمرا آراڙي سينْ" (شاھ). برسات جي موسم ۾ اُپرندڙ گاھ جو ھڪ قِسم (پن سنھڙا، اڇا گُل. ڏَڻ ۾ وڇپي رڌجي). ڦوڳيسي. ڏَڻُ جو رھڙو پَٽ (ت). پڪن جي ھج جو پَٽ.

• **آراستو:** ظرف. [ف. آھستہ] آھستي – ھوريان – ڏِيري –ڏِيمي. بنا آواز.

ـ **آراستگي:** ث. آھستگي.

ـ **آراسْتہ:** صفت. [ف. آراسْتَنْ= سينگارڻ، ڇانگڻ] سينگاريل. ڇانگيل. بنايل – ناھيل. درست – برابر.

ـ **آراسْتگيُ:** ث. نھي ٺڪيءَ واري حالت. سينگار جي جوڙجڪ واري حالت. سينگار. ناھ ٺَڪ – سجاوت.

ـ **آراسْتہ پيُراسْتہ:** صفت. سينگاريل. ناھيل بنايل. نھيل ٺڪيل.

ـ **آراسْتہ ڪَرڻُ:** سينگارڻ ـ سَجائڻ. ترتيب ڏيڻ. درست ڪرڻ.گڏ ڪرڻ.

• **آراضيُ:** اسم خاص. سيوھڻ پرسان ھڪ شھر جو نالو.

• **آراڪو ج آراڪا:** ذ. [سن. آرَا + ڪاہ < ڪَاوَشَ = ڪاوڙ جو حملو. ڪاھ] سيلاب جو حملو. سيلابي وھڪرو – ھوڏ. پائيندڙ درياءُ "سُھڻيءَ کي ڪو سَڏ، آراڪي ازلا ڪيو".

• **آراڪھ:** ث. [سن.آرا + ڪاوَشَ = ڪاوڙ مان ڪاھ يا حملو] ڪاھ. ھوڏ جي پاڻيءَ جي اٽل. پاڻيءَ جو چاڙھ. سيلاب جو وھڪرو. اڪين جي ڳوڙھن جي آوَتَ "ھڪ آراڪَبہَ اڪين جي، جو پنڌ نہ ڏسان پَيرُ". درياءَ جو چڙيل پيٽ.

• **آرامُ ۾ آرامَ:** ذ.[ف. سن. آرام] بدن جي آسايش واري حالت. فرحت. سُک – آنند – راحت – آسايش. مرض ۾ افاقو. درد ۽ سور لھڻ بعد قرار. اطمينان – چَين – نند. تندرستي – صحت. خوشي. فراغت فرصت – واندڪائي.

ـ **آرامُ اَجَنْ:** سُک اڇڻ. فرحت ٿيڻ. تسڪين ٿيڻ. مرض جو ڪي قدر ڏور ٿيڻ.

ـ **آرامُ پائڻُ:** سُکپائڻ – آنند حاصل ڪرڻ.

ـ **آرامُ پَذِيرُ:** ذ.صفت. (ف . آرام + پذير< پذير فتن) آرام ۾ آرامي – فرحتي.

ـ **آرامُ پسَنْدُ:** ذ. صفت.آرام چاھيندڙ. سُست.

ـ **آرامِ جَان:**ذ.دلجو آرام.(صفت) آرام ڏيندڙ. محبوب – معشوق.

ـ **آرامِ حُرامُ ڪَرڻُ:** سُک ڦٽائڻ. نند حرام ڪرڻ.

ـ **آرامَ سَانْ سُمھڻُ:** سُک سان سمھڻ. بنا ڪنھن تڪليف جي نند ڪرڻ. بي فڪر ٿي سمھڻ.

ـ **آرامُ طَلَب:** صفت. آرام چاھيندڙ. سست – ڪاھل.

ـ **آرامُ ڦٽائڻُ:** نند ڦٽائڻ. سُک ڦٽائڻ..

ـ **آرامُ ڦِٽَڻُ:** بي آرامي ٿيڻ. (ڪنھن پريشانيءَ سبب) نند نہ اچڻ. ھڪ ھنڌ سُک نہ اچڻ.

ـ **آرامُ ڪُرسيُ ج آرامُ ڪُرسيُون:** ث. [انگ. Arm Chair] ٻانھن واري وڏي ڪرسي (جنھن تي اڏو ڪابرو ليٽي يا آرام سان ويھي سگھجي).

ـ **آرامُ ڪَرڻُ:** نند ڪرڻ. راحت وٺڻ. سُک ٿي سمھڻ "عاشقن آرام ، ڪڈھن تان ڪون ڪيو" (شاھ).سمھڻ. مات ڪرڻ – صبر ڪرڻ.

ـ **آرامُ گَاھُ ج آرامُ گاھَ:**ذ. آرام جي جاءِ. فرحت ڪرڻ جو ھنڌ. سُمھڻ جي جاءِ. نند جو ڪمرو.

ـ **آرامُ مَلْيُ:** ث. صفت. آرام يا عيش جي ماريل. غفلت يا سُستيءَ ۾ مُنل.

ـ **آرامُ ۾ رُخنو وجھَڻُ:** آرام ڦٽائڻ.

ـ **آرامُ وَٺڻُ:** فرحت وٺڻ – سُک وٺڻ. وَسرام ڪرڻ.

ـ **آرامُيُ ج آرامُيُ:** ذ. صفت. آرام ۾ پيل – سُتل. بي فڪر. خوش.

ـ **آرامُيُ ٿِيَڻُ:** آرام ڪرڻ. نند ڪرڻ. سمھڻ. واندو ٿيڻ. مطمئن ٿيڻ. سکيو ٿيڻ. (اصطلاحاً) وفات بعد قبر ۾ سمھڻ.

• **آرانبيِ، آرانْبِيُ:** ث. [سن. ۱. اَلاَتَ؛ ۲. اُلْمُکَ =اُماڙي]

Gul Hayat Institute

هرندڙ ڪائي – اُماڙي. اُهاڪائي جنهن جي پچاڙيءَ ۾ اڳڙين جو مڇو ٻڌي گاسليٽ يا ٻئي ڪنهن تيل ۾ ٻوڙي هارجي. [سن. اُ + لَنْبا < لَنْبَ =ڏِگهي لڏندڙ شي] جهنبي جي بيرق جا ڦڙڦڙ ڪري. باھ جو اُلو. لاتَ – شعلو –جيي. پيڙُ – پنيَڙُ. اولانبي. هوائي(آتشبازيءَ جي). هرندڙ سَنهي ڪائي (جاڪٽي اونده مان ڪا شيءِ ڳولجي).شهداگر – ڏسٽي اگر.

• **آرانبيُ ڪرڻ:** ٻه چار سنهيون ڪائيون گڏي مڇو ٺاهي باھ ٻارڻ.

• **آرانبُو ج آرانبا:** ذ. [سن. ۱.اُپالَنْبَ; ۲. اُالَنْبَ +پَ < يا= جهجهي روشنائي; ۳. اُلْمُكَ = اُماڙي] باھ جو پنيٽ يا پيڙ. مشعل. ڏياڻي. ٻريل مُتو. اُماڙي. گولين جو وسڪارو يا دَسُ. بدوقن يا تيرن جووسڪارو. ڏوراپو –اوپالو – اولانبو.

• **آرانڻون:** ذ. گدرن، چانهين وغيره جي ولين جي پوک.

• **آرانڻ:** ٿ. [سن. اَرَڻ] درياءِجي لهرين جي ليٽ پيٽ. صلح – سُلوڪ –سازُ. اَر – لاڙو. شوق. پيارُ – قربُ "للن كي لطيف چي، اچي سان آران" (شاه). [سن. آرڻ]. جهيڙو – جنگ. لڙائي جو گوڙشور.

• **آرانڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو(اڪثر حيدرآباد ۽ خيرپور ضلعن ۾).

• **آرائي ج آرائِي، آرائين:** صفت. [سن. آرامڪَ = باغائي] پاڇيءَ،گلن وغيره جو وڪرو ڪندڙ. گل ۽ پاڇيون پوکيندڙ. پاڇي وڪٽندڙ – بَڪاري – بڦال. باغائي – مالهي –آرائين. (اسم خاص)پنجاب جي هڪ مشهور ذات جو نالو(جي اصل ۾ باغائي هئا).

• **آرائِي ج آرائيُون، آرايُون:** ٿ. گرميءَ جي موسم ۾ بدن تي نڪرندڙ سنهڙيون خارش واريون ڦڙڙيون. ٽاھُ – ميل – ٻٽ. ڪارائي.

• **آرائِيُن:** ذ. آرائي – باغائي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. هالا ۽ سکر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **آرايشُ ج آرايشُون:** ث [ف]زيبايش – بناوت – سينگار –ڏيک ويگ. نَٽُ.

ـ **آرايش پسنْد:** ذ. صفت. سينگار جو شوقين. ڏيک ويک کي چاهيندڙ.

ـ **آرايش محفل:** صفت. محفل جو سينگار – ڪجهريءَ جو زيب.

• **آرَبْ:** ذ.[سن] شُبَ يا مبارڪ شروعات (ڪنهن مهاپرش يا بزرگ جي هٿن سان سنگ بنياد رکجڻ يا افتتاح ٿيڻ). آرَنْبُ. (مال جو ڦَرتي) پيارُ – اَر – آلنب.

ـ **آرَبْ ڪَرڻُ:** شروعات ڪرڻ.

• **آرْتَ:** صفت. [سن] مصيبت زده ـ دردمند ـ دُکايل –هلاڪ. منجهيل. (ث) هلاڪت. محتاجي (ث)

• **آرْتا:** ث. [سن.آرَاتْرِكَ =ديوتا يا بت جي اڳيان روشني (تانوَ ۽رڪيل) ڦيرائڻ، جَوت ورڪا ڪرڻ] هندن ۾ پرڻيجي هڪ رسم (جڏهن گهوٽ پهريائين ڪنوار جي گهر ايندو آهي، تڏهن ڪنواريتا، هڪ رنگارنگي ٽالهيءَ ۾ اتي مان ٺهيل ڏئي ۾ گيهه وجهي گهٽيون وَٽِيُون هاري سندس مٿي جي چوڌاري ڦيرائيندا آهن) – آرتو.

• **آرتا:** ٿ. [سن. آرْتَ + تا] سور – اهنج –ايذاءِ(دل جو). ڏک – درد. محتاجي – بيوسي. هلاڪت.

• **آرْتارْ(ڪ):** ذ. آرتوارُ – آچَرُ.

• **آرتو ج آرْتا:** ذ. صفت. آرتيو.

• **آرْتوارْ:** ذ. [سن. آد تْيَہ =سج + وار = ڏينهن] سج وارو ڏينهن – Sunday هفتي جي هڪ ڏينهن جو نالو – آچَرُ.

ـ **آرْتوارَ رَکَڻُ:** (هندن ۾) آرتوار جو ورتُ (روزو) رکڻ.

• **آرْتِي ج آرتيُون:** ث. [پرا. آراتسَيَہ: سَن. ۱. آرْت; ۲. آرَاتْرِكَ; ۳.آرُكْشَا = ورکا ڪرڻ] هندن جي پوڄا جو هڪ نمونو (هڪ ٽالهيءَ ۾ ٻريل ڏيئا ۽ ڦل ڦُول رکي ڪنهن ديوتا يا بُت اڳيان ڦيرائڻ). پوڄاپاٺ جي سامان (هرندڙ ڏيا، ڦل ڦُول، وغيره) رکيل ٽالهي.

• **آرْتيوُ ج آرْتيا:** ذ. صفت. گماشتو – پلاوٽو.

• **آرْتُ:** ذ. [انگ. Art] هُنرُ–فَنَ – ڪاريگري.

• **آرتُ ج آرتَ:** ذ. [سن. آرْتْرا] اَيْتُ – اَرْتُ. نار.

• **آرَتِي ج آرَتِي (ل):** ذ. صَفت. [سن. آرْتْرا] نارُ. هُرلي يا هر ۾ وهيل (ڏِڳو). وَهُوَ (ڏِڳو يا اُٺ).

• **آرتِيڪلُ:** ث. [انگ. Article] لکيل مضمون – مقالو. قانون جو بند – قانوني مضمون جو قلم يا فقرو. ڪاڄ ڪارآمد شَيءِ.

• **آرٽو:** ذ.ڪلر واري اُپاميل نرم زمين.

• **آرپار آروپار:** ظرف. [سن. اَوَارَپَارَ = (آوار. = هيءَ پَر (جبل يا درياءَ جي) + پار = پَرِنْ پَر ـ هن ڪَپ ۽ هُن ڪَپ – هن پار ۽ هُن پار. هڪَ پاسَي ڪان ٻئي پاسي تائين. هڪ ڪَناري ڪان ٻئي ڪناري تائين. اندران ئي اندران – وڃان ئي وڃان – منجهان –ٻسَٽ. آمهون سامهون. سڌو – تُرُ.

Gulbayat Institute

ـ **آرپار ڪرڻ:** هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين (ٽنگ) ڪرڻ. ٻسٽ ٻاهر ڪڍڻ (سوراخ يا ٽنگ پالي وغيره سان).

• **آرپار** ج **آرپارَ:** ذ. [سن. آوَارَ پارَ] اورين ءِ پرين حدّ. چيڙو — چيهه — انتَ "الله جي قدرت جو نڪو آر نڪو پارُ". وڏو سمنڊ — مَهاساگر. سڄو ملڪ. سُجاڻپ جا نشان — شڪل جا اهجاڻ — رَوَش. مُهانڊو — شبيهه. لَڇَڻ — ارڪان.

• **آرڀا** ج **آرڀائُون:** ث. [سن.آيُرْدَا] هيءَ عُمر — هتي (هن دنيا) جي حياتي. عُمر — هُمار — آوَرْجا. وَهيءِ.

• **آرڀُوڻ:** ث. لاچار يا بي وس حياتي. لاچاري حالت. لاچاري جيئڻ جي حالت "آرڀُوڻ آياس، نہ تہ ڪوٽينْ اڇن نہ ڪُنواريون".

• **آرڏا:** ث. [سن.آر = اورين پَر + ڏار = لاءُ] پٽ يا جبل جو لاهه. (ڳاڻيءَ جي) سلامي. عمق جولاهه (ڳاڻيءَ ۾). پَاس تراشيءِ. (ظرف) اورينْ پَر ـ اوراڙ.

ـ **آرڏار وَڻڻ:** سلامي وڻڻ (ڪنهن بَنْدَ وغيره جي). ڪاڻيءَ وقت ڪُوڏر سان ڪڙيءِ، ڪسيءَ، اڏ وغيره جا پاسا گهڙي سڌا ڪرڻ — ڪپر سنوان ڪرڻ.

• **آرڊَر** ج **آرڊَرَ:** ذ. [انگ Order] حڪم — فرمان.

• **آرڻ:** [سن. آرَڻَ] لڙائي ـ جنگ "آرڻ ۾ احسان ڇڻي. سوڀا ٽيا سردار" (احسان). [سن. آشاد] آرهَڙُ. آڪاڙ.

• **آرڻُ** ج **آرڻَ:** ذ.صفت [سن. اَرالَ] ڏکيو — اردو — ڏنگو. منجهيل (سُٽ). ڏکيو (مسئلو). قَدَو — ارڙو.

• **آرڻُ** ج **آرڻَ:** ذ. گدرن، هنداڻن وغيره جي واڙي — آرَڻُ.

• **آرڙو** ج **آرڙا:** ذ. پاڻيءَ يا گپ ۾ زمين جي کيڙَ. (گهر کي) راڳو — ليپو. مشڪلات — اهنجائي — ڏکيائي. ارڏائي — ڏنگائي. ڏاڍائي — زبردستي — ارڙو. ڪارائي — آريءُ.

• **آرزُو:** ث. [ف] آس — اميد — تمنّا. سَڌَ — خواهش. مرضي. دلي مراد. شوق.

ـ **آرزُو پُوريءُ ٿيڻ:** خواهش پوري ٿيڻ اميد پوري ٿيڻ. دل جي مرادپوري ٿيڻ.

ـ **آرزُو پُوريءُ ڪرڻ:** اميد پوري ڪرڻ. دل جي مراد پوري ڪرڻ.

ـ **آرزُو خاڪ ۾ ملائڻ:** نا اُميد ڪرڻ ـ نراس ڪرڻ.

• **آرزُو مَنْدُ** ج **آرزُو مَنْدَ:** ذ. صفت. اميدوارو — اميدوار. خواهشمند. چاهيندڙ.

• **آرزُوڻ:** صفت. بي وس — لاچار.

• **آرَسُ** ج **آرَسَ:** ذ. [سن. آلَس < آلَسْيَ (آ = نہ + لَسْ = ڪم ڪرڻ) = ڪم نہ ڪرڻ] بدن جي سستيءَ واري حالت. بت جي پيڙا. سستي — ڪاهلي. ڪَر — لگ. آلَس. غفلت — ڍرائي. موڪائي. ٽڪاوٽ. برسات جي گڏ ٽيل ڪني پاڻيءَ ۾ هلڻ ڪري ٽيل قرڙيُون (ٽ).

ـ **آرساٽو** ج **آرساٽَا (ٽ):** ذ. سُستي — ڪاهلي.

ـ **آرَسُ پَجَڻُ:** ڪَر موڙڻ — لگ پجڻ.

ـ **آرَسُ ٽيڻ:** سستي ٽيڻ. ٽَڪاوَتَ ٽيڻ.

ـ **آرَسُ مَارَڻُ (ڪ):** سُستي ڪڍڻ. لِگ موڙڻ — ڪَر پجڻ.

ـ **آرسيُ:** ج آرسي ذ. صفت. سُست — ڪاهل. ڪم جو ٽوٽي (ماڻهو).

• **آرسائڻُ:** مصدر. [سن.آلَس] آرس ڪرڻ. سُستي ڪرڻ. ڪاهل ٽيڻ. نٽائڻ. ٽائمائڻ. ڍرو ٽيڻ. خيال لاهي ڇڏڻ (ٽ). (آرسائيو — آرسائيندو — آرسائيل).

• **آرسائتو** ج **آرسائتَا:** ذ. صفت. آرسي — ٽوٽي — ڪاهل سُست. ڪم چور.

• **آرسُجَڻُ:** 'آرسڻ' مصدرمان فعل مجهول سُست ٽيڻ.

• **آرَسڻُ:** مصدر. [س. ۱. آسْرَوَ = اُپامندڙ جانورن متان لئي: ۲.آرسا = وارن. تَنْدُن يا ٻين اهڙين شين جي آراستگي] تيلءِ پيجي ملائي تاجيءَ جي تندن کي سونهاري سان سنوارڻ — آرڪڻ. تاجيءَ کي تيل پيڻ ڏيڻ. تاجيءَ کي ڪلف هڻڻ. پيڻ ۾ پُسايل تاجيءَ کي سُڪائي لسو ڪرڻ. ڦٽيءَ وٽ ڇڇي پيل تند کي ڳنڍڻ. تيل ڦليل ڪرڻ. هار سينگار ڪرڻ. (آرسيو — آرسيندو — آرسيل).

• **آرسڻُ** ج **آرسڻَ:** ذ. [سن. آسْرَو = اُپامندڙ جانورن متان لئي] ڪورين جيَ اصطلاح ۾ سُونهارو يا ٽنيڻ (جنهن سان اَڏڻ تي پٽريل، پيڻ ۾ پُسايل تاجيءَ کي سنواري سڪائين). ڪلف — پيڻ — پيجي — آهَر.

ـ **آرسڻُ ڪَرڻُ:** اڏڻ تي چڙهيل تاجيءَ کي پيڻ ڏيڻ. ڇنل تند کي ڳنڍڻ. تيل سُرمي ۾ وقت وجائڻ. دير مدار ڪرڻ. ڍرَ يا سستي ڪرڻ.

• **آرسيُ** ج **آرسيوُنْ:** ث. [پرا. آرْسو؛ سن. آدَرْشَ (آ = چئني طَرَفَن کان + دْرُشْ = ڏسڻ) = ڏسڻ جو شيشو] آرسيُ — آئينو — اَري — اهينو — درسني — ڏڪَ.

ـ **آرسيُ ٽيڻ:** نمونو ٽيڻ. مثال بنجڻ.

ـ **آرَسيُ ڏسڻُ:** پنهنجي ڪرتوتَن کي پاڻ ڏسڻ.

Gul Hayat Institute

• **آرَشُ ج آرَشَ:** ذ. [سن. رَشّ = سمجهائڻ، رَچڻ] تمثيلي فعل يا عمل. رشين کان ورتل شادي يا وهاڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڪنوار پيءُ کي گهوٽ وٽان هڪ به جوڙا ڳڻون ملن).

• **آرَفُ،آرڤُ (ڪ):** ذ. [سن. آرَبّ < رَبّ =مٽيءَ جو قولجڻ، اُپامڻ] ڪَلَر يا ڪلرائي مٽيءَ جي اڇي اُپامَ. ڪلرائي مٽي. ڪَلَر جو لوڻ. ڪلرجي ڪار. ڪار ۾ صابڻ جو (ڪڙهيل يا رڌل) پَاڻي — اوڪرَ (ل). ڪَلَرجو آنريل پاڻي (جوڪَلَر رجهڻ بعد آڏر جي بهي). ڪنيءَ جو ڪُنڊ.

• **آرڪَانِي ج آرڪَانِيْ:** ذ.صنت.آرڪان شهر جو ويندل (جتي جا ناڪا شايد ماڻهر ٿين). ٻيڙي هلائيندڙ — ناکئو — ڪشتيبان — ملاح. سُڪاني — (دنگيءَ جو) ٻيون. (اسم خاص) ميربحرن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آرڪَار(ت):** ظرف [ف.آخرڪار > آرڪار] آخرڪار — نيٺ نڏان.

• **آرَڪَرُ ج آرَڪَرَ:** ذ. [سن.آرا+ ڪَر = آر جو ڪر] خسيس يا بينائدو ڪر. (صفت) خفيف — هلڪو — واهيات — تڇ —ادنيٰ. نڪمو.

ـ **آرَڪَرُ ڪَرڻُ:** خسيس يا بي فائدو ڪر ڪرڻ. ناز نخرا ڪرڻ. آناڪاني ڪرڻ. ديروجهڻ.

• **آرڪميدِيز:** اسم خاص. [يوناني] علم ڪيميا جي هڪ يوناني عالم جو نالو — ارشميدس.

• **آرَڪُ ج آرَڪ:** ذ. صفت.[سن.آرڪش] لڇڪڻو. نازڪ.ترڪ تاليو. بي وفا.

• **آرَڪَڻُ:** مصدر. آرسَڻ. (آرڪيو — آرڪيندو — آرڪيل).

• **آرَڪُ ج آرَڪَ:** ذ. [سن. آلَڪْشَ: ع. اُرْڪان = لڇڻ] نشست برخاست ۾ هلت چلت جو نمونو — اخلاق — لڇڻ — ارڪان. طبعي رجحان. عادت — روش. سُڀاءَ. مُهانڊو — چهرو (جو اطوارن مان معلوم ٿئي) "هَٽين، پيرين، آرڪٽين، مُنهن نہ مهاڻي" (شاه). آريڪَڻُ.

• **آرڪَٽِي ج آرڪَٽِيُونْ:** ث. آرسي —آئينو — آهري.

• **آرَگو ج آرَگا (ت):** ذ. [سن. آرْگ (= ٽاقوڙو) < اَرَگ (= پاڻيءَ ۾ اڳتي وڌڻ)] ٻيڙيءَ جو ڳُڻ — ڇڪو — ويڙو. وڏو چمچو (هوڙ وغيره جو).

• **آرگوز:** اسم خاص. تعلقي ڏڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آرگون:** ذ. [انگ. Argon] گيس جو هڪ قسم.

• **آرلو ج آرلاَ (ت):** ذ. [سن.اُرْل = پاڻ يا دونهين جي لاٽ] ڏئي جو جارو(پٽ ۾ نندوءِ ٽڪندو خال).

• **آرلِي ج آرلِيُونْ:** ث. [سن. اَرَلّ = لٽڪندڙ ڪاٺي < اَرّ = آڏ ٽيڻ] چوپائي مال جي واڙ ٽاهڻ لاءِ استعمال ٽيندڙ ڏگهو ڇڪر (جو هن نندين ٽوٽين تي رکيل هوندو آهي). اڙهو — لڙهو.

• **آرَمْ:** ذ. [ف. اَرْمَڪ] اوني ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **آرمَاڙ،آرماڙ،آڙماڙ:** ذ. [هَسپاني. لاٽن آرميٽا (Armata) يا آرميٽس: انگ. آرميڊا (Armada) = هٿيارن پنهوارن سان جهنجهيل، مُسلّح] بحري جنگي جهازن جو ميڙ (جو اڻ جيت هجي، خصوصاً اهو جنگي ٻيڙو جو سپين جي بادشاه فلپ ثاني 1588ع ۾ انگلنڊ خلاف موڪليو). سامونڊي فوج جو ٻيڙو — بحري ٻيڙو.

• **آرْمِيْ:** ث. [انگ. Army = فوج] خشڪيءَ جي فوج — لشڪر.

• **آرمِيْنِيا:** اسم خاص. اناطولِيا جي هڪ صوبي جو نالو.

• **آرَنْبُ:** ذ. [پرا. آرَنْبَ: سن. ١. آرْنْبِ: (آ = ڪٿو + رَبْ = شروع ڪرڻ)؛ ٢. آرَمْبِ] شروعات — آغاز — ابتدا. مُهاڳ — ديباچو — مُنڊ. (برسات کان اڳ)ڪاڙهو يا ڪُهڻ. [سن. آلَمْبْ = ٽيڪ ڏيڻ، ليڻي پوڻ] آسرو — پروسو — ٽيڪ — آڌر.

ـ **آرَنْبُ ڪَرڻُ:** شروع —هٿ ڳنڍڻ — آغاز ڪرڻ.

• **آرَنْبَڻُ:** مصدر. [پرا. آرَنْبَ: سن. ١. آرَنْبِ: ٢. آرَمْبِ] شروع ڪرڻ. آغاز ڪرڻ. ڪم ۾ هٿ وجهڻ.

• **آرَنْگُ ج آرَنْگَ (ت):** ذ. [سن] جهڙ برسات جو سعيو. آڙَنْگ.

• **آرَنْگُو ج آرَنْگا:** ذ. رسي جو ٽڪر يا توڙهو (جو پاڇاريءَ جي پاسي ۾ ٻڌبو آهي).

• **آرَنْگهو ج آرَنْگهَا:** ذ. [ف. آوَنْد = ٽاڻڻ: سن. آرَنَ + گايَ = سٽيوٽاڻ] گيهه يا تيل وجهي رکڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٽاڻ (جو ٽامي يا ٽڪر وغيره جو هجي).

• **آرَنْهْنْ (ت):** ث. [سن. ١. آ + رَنْ= خوشي، مزو؛ ٢. آلَمْب >آرَنْب > آرَنْهَنْ] موج — مزو — خوشي. سڪ. ورُونْهن. دوستي — الفت.

ـ **آرَنْهْنْ ڪَرڻُ:** مزو وٺڻ. ورُونْهه ڪرڻ.

• **آرَنِيْ،آرَٽِي(ت):** ذ. [سن. آرْٽِيبه] وٽ جو هڪ قسم (جنهن جي ڪائين گهَڻَ سانڍ باهه پيدا ٿئي).

• **آرَڙُ ج آرَڙَ (ل):** ذ. [سن. آرْٽِيبَهْ] ٻيلو ٻوڏ جو جهنگ.

چراگاھ. گدرن ۾ هنداڻن جي پوڪ. پاڇين جو باغ. آراڙ — آرڙ. آڏائوڻ فصل. [سن. اَرڻ] جنگ — لڙائي. [سن. اَرڻ + گاي = جاءِ] آديسي فقيرنجي بيٺڪ.

ـ **آرڻ، آرڻ ٻڌڻ:** جنگ جوٽڻ — لڙائي ڪرڻ "آرڻ ٻڌي اَبڙي، ڪي رڻ ۾ رُکَرئي" (شاھ).

ـ **آرٽي ج آرٽي:** صفت. جھنگ جو — جھنگ ۾ رھندڙ.

• **آرھاڙي:** آرھڙ (مئي — جون) جو ڏٽ (سگھ، پڪا ۾ پيرون)، جن جي ملي رس ۾ ٻيو ڪو ڏٽ (لنب جو داڻو وغيره) رڌجي، آرھڙ جي ڏٽ وارو طعام.

• **آرو ج آرا (ل):** ذ. [سن. ١. اَرّ ٢. آرا] آر — پيار — قربُ. حُب — سڪ. دل جو لاڙو. خواھش. لاڏ — ھار جو انگل "اڪڙين آرو، مونھان پَڇي نہ ڪئو" (شاھ). مرضي. [سن. آرڻ]درياءَ جي پاوَڪ. درياءَ جي پاڻيءَ جي اُتَلَ. پاڻيءَ جو وھکرو، سير ـ تک (پاڻيءَ جي). [ف. اَرَ] ڪارائي — ڪرڻ — آرڙو (ت). جوپائي مال جي وقت تي نہ مڙڻ واري حالت (ل) ڪُکڙِ (يا ٻئي پکيءَ) جي آنڊ تي ويھڪ.

ـ **آرو ناڪارو:** ذ. [ف. آري > آرو = ھائو + ناڪار > ناڪارو] انڪار اقرار. ھا ۾ نہ. ناز نخرو. ٻھاني بازي.

ـ **آرو پَڇائڻ:** ڪُکڙ(يا ٻئي پکيءَ) جو آنڊ تي وھڪ ڪرڻ. جھوڪَ ٻڌي وھڻ. وھڪ ڪرڻ. ويٺي رھڻ (اندر گھر ۾ گھٽو وقت). ھڪ ھنڌ ڪپَي وھڻ. عشق ڪرڻ — پيار ڪرڻ. سخت تڪليف جو ڪم ڪرڻ.

ـ **آرو پَوَڻ(ل):** جوپائيءَ کي وقت تي نہ ڏُھڻ سبب وارو پوڻ.

ـ **آرو رَکڻ:** پيار رکڻ (ڪنھن ھار تي، يا جوپائي جو پنھنجي ڦَر تي). شوق رکڻ. آر رکڻ.

ـ **آرو ڪَڙڻ:** ڪُکڙ جو، ڪوڙي ھيٺ آنا رکي وھڻ — چارُ ڪرڻ. انگل ڪرڻ. لاڙو ڪرڻ.

ـ **آروڪَٽَڻ:** ڪکڙ يا ٻئي ڪنھن پکيءَ جو آنڊ تي وھڻ چڏي ڏيڻ. ڳئون، ھڪري وغيره جو پنھنجي ڦر تان پيار ڪٽي چڏڻ. ھار جو راضپو رکڻ ۾ ان کي ھر طرح خوش ڪرڻ ـ انگل سھڻ. ڪنھن جي مرضي موجب ڪم ڪرڻ.

ـ **آرو ھُجَڻ:** پيارھجڻ. سڪ ھجڻ.

ـ **آري تي وھڻ:** ڪکڙ(يا ٻئي پکيءَ جو) آنڊ تي ويھڻ. لاڳيتو يا يڪو گھر ۾ ويھڻ.

• **آرُوْ ج آرُوْ:** ذ. صفت. پيار ڪندڙ.

• **آروٻلو:** ذ. [ف. آري = ھائو + بَلي = ھائو] ڪنھن کي راضي رکڻ لاءِ ھائو ھائو ڪرڻ جو طريقو — الوپلو. ھا ۾ ھا ملائڻ يا خوش ڪرڻ جو نمونو. چاپلوسي — خوشامد. صفت. پيار ڪندڙ.

ـ **آرو ٻلو ڪَرڻ:** ھمتائڻ. اڇي مَڇي ڪرڻ. ھمدردي ڪرڻ. اَلو پلو ڪرڻ.

• **آروتَ ج آروتُوْن (ت):** ث. [ف. آلوده؛ سن. آروش] گھري نند. استغراق. اونگھ. محويّت.

• **آروپار:** ظرف. آرپار.

• **آروھيو ج آرُوْ جھيا (ت):** ذ. سُتَ يا ريشم وغيره جو منجھيل ڦورو.

• **آروڙُ ج آروڙ:** ذ. آلي يا مَليل گاھ جو ڪُونڙ —آھر.

• **آروڙَڻُ:** فعل مجھول. [سن. آ+ رُتْ = ڪاوڙجڻ] ڪاوڙ وقت منھن ۾ گھُڀڻ. ڪاوڙجڻ — ڏمرجڻ "آروڙ جي اٽيو، ديمين پيس دانھ" (شاھ) (آروڙيو — آروڙبو —آروڙيَل).

• **آروڙُ:** مصدر. [سن. آ + رُتْ] ڪاوڙائڻ. [سن. ١. آلودَنْ =گندَڻ، اَکيڙَڻُ؛ ٢. اُتْکَرشَڻْ = ھر ڏيڻ] ھرڏيڻ. پوک لاءِ ريج ڏنل زمين کي کيڙڻ. ساريال زمين ۾ پاڻيءَ اڇڻ کان پوءِ ٻج چڻڻ. (آروڙيو — آروڙيندو —آروڙيل).

ـ **آروڙو ج آروڙا:** ذ. [سن. آلود] ٿوري پاڻيءَ ۾ گپ ۾ زمين جي کيڙ. گپ يا گاري جو ليپو — پوٽو — پوچو — راڳو. ڪلرائيءَ سُڪل اڈ کي ڏنل ليپو. جاءِ جي مرمّت. [سن. اَرڻ] جنگ — جھيڙو — آرَاڙو.

• **آروڙو ڏيڻ:** ليپو ڏيڻ.

• **آروڙي ج آروڙيُوْن:** ث. [سن.آلوديا] آليءَ مٽيءَ جو ڍڳ. گند گوبر جو ڍڳ — آروڙي. دل جي پليتي — خرابي — ٻيائي — دوئي "ڪِڏي آروڙي، تہ سُکي ٿئي سامي چئي" (سامي). مالھ ۾ پيل ڪائين مان ھڪ ڪائي — اِرڙيُ.

• **آروسَڻ:** مصدر.[سن. اَرْس = زخم، ڦٽ] آھستي آھستي ڪنھن زخم مان گَنڊُ ڪڍڻ. سُوڻڻُ (پيٽ، رسي، تنگ وغيره کي). آڏ ڏيڻ — مالش ڪرڻ —ھٿ ھٽڻ.

ـ **آرُوْس ج آرُوسُوْن:** ث. مالش.

• **آروغ:** ذ. [ف] اوڳرائي.

• **آروڳي، آروگي ج آروڳيُوْن (ت):** ث. [سن.آروگيہ] بدني روڳ، سڙيل بدن جي بوءِ. مردي ساڙڻ جي جاءِ ـ مَساڻ. چڪيا.

Gul Hayat Institute

• **آروگيڻ:** ذ.[سن.اَ=نہ +روگ = مرض] علم بيماري. نِمَرائي — تندرستي — چڱيلائي — صحت.

• **آروهہ:** ث. پيار پري لوڏ "اُنهن جي آروهہ، جياريو جيءُ جلال جئي" (جلال).

• **آروهڻ:** مدر. [سن. آ + روهْ = اٽڻ، چڑهڻ]مٿي چڑهڻ "اديون آروهَڻ آئيا، جَبَل جاکوڙا". سُوار ٽيڻ (اٽ، گهوڙي، گڏهه وغيره تي).

• **آرَه:** ذ. [ف. ارّه] کارائي — کرڻ.

• **آرَه ڪش:** ذ. صفت. ڪاٺ چيرو — واڍو.

• **آرَه، آرِه:** ث. [ع. رائِ = راءِ:سن. آرو] مرضي. راءِ ـ رايو — لحاظ.

• **آرَهَ رَکَڻ:** (هار جي) مرضي رکڻ. راءِ رَکَڻ. آرو رَکَڻ.

• **آرَهاڙ ج آرهاڙَ(ل):** ذ. آرهَڙ.

• **آرَهڙ ج آرَهڙَ:** ذ. اونهارو.

• **آرَءِ (ت)ڙ ذ.** [سن. ١.اَرَٹْيہ = ويرانو، بريت، ٻيلو؛ ٢. اَهَلْيَہ = اٽ هر ڏنل] بنا وَس جو سَالُ (جنهن ۾ مينهن بہ نہ پوي ۽ پاڻيءَ جو رَءُ بہ نہ اچي). آرَءِ. خشڪي. ٻُڪ.

• **آرَٹَڻ:** ث.[سن. اَرٹْيَہ= ٻيلو] گدرڻ هنداڻن جي پوک — آرَڻ. آڏائين جو فصل.

• **آريُ:** ذ. صفت. [سن. آرْيَہ = شريف،سڌريل، خاندان] سڌريل،پڙهيل،شريف، عزت مند — مانوارو، خاندائي، سردار. [اسمخاص] هوت قوم جي سردار جو نالو. پنهونءَ جي پيءُ جو نالو پنهون جام "بَرَ پڻَن بُڪاءِ، اُڪنديا آريءَ لءِ گهٽو" (شاه). (ظرف). [ف] هائو.

• **آريُ ج آريُوڻ:** ث. [ف. اَرّه] کارائي — کرڻ،پتائي گجرن جو آچار — آهَري. (صفت) سهيلي — سرتي — جيڏي.

• **آريا (ک):** ث. [سن.آد + وَرہ] سڙه جي ٻڌڻ جي ڏگهي ڪائي.

• **آريا ڪَرڻ (ک):** (ٻيڙيءَ جو اصطلاح) واءَ ۾ ٻيڙيءَ کي پنيرو هلڻ لاءِ مورگيل ۾ گوش وارو واجهه ڏرو ڪرڻ. (پتو) ڏَرو ڪرڻ. ميلڻ. آڏ جو ورمٽائڻ. آڏ کي هواموجب سڌاري ٻڌڻ.

• **آرياڻِي ج آرياڻيونْ:** ث. صفت.[سَن. آرْيہ +وَنِي] آريہ قبيلي جي چوڪري يا عورت. آريءَ نسل جي عورت — شريف عورت. معزز خاتوُن. سائنڻ. آريءَ جام جي اولادمان "مون کي چڏنہ چپرين، آرياڻي آڌار" (شاه). گلن وڪٽندڙ عورت — باغائڻ.

• **آرِيتا:** ث. پل مانسائي — شرافت.

• **آرِيتو ج آرِيتا:** ذ. صفت [ع. عاريت = اوڌر]مال موڪلينڊڙ (ٻئي ملڪ ياشهرمان) ـ گماشتو — دلال — آڏيتو.

• **آريتِي ج آريتِيُونْ:** ث. اُها چوپائِي جا پاڙي (ڪاڏي، لالچ) تي ڪيرڏهڻ ڏئي.

• **آرِيٹ (ک):** ذ. [سن. آرَبْ(آ + رَبّ = مٽيءَ جو اُپامڙ) ڪلر جي اڇي مٽي] اُپاميل ڪلر واري نرم زمين (جنهن ۾ اُٺ يا گڏه ليٽهڙو ڪن). (اُٺن جي) وهڻ (يا ليٽڻ) جو هنڌ. اُٺ جي ليٽ، وهڪ، جهوڪ (ل).

• **آرِيٹوَ آرِيٹو ج آرِيٹا، آرِيٹا:** ذ. [سن. آرشْٹ] وَڻ جو هڪ قِسم ۽ اُنهيءَ وڻ جو ٻَڄ (جو گول داڻن جي صورت ۾ سوپاريءَ جيڏو ٿئي، جنهَن کي پيچي ڪلون پاڻيءَ ۾ وجهي چاڇولجي تہ صابڻ وانگر گجي ٿئي، ۽ ان گجيءَ ۾ ريشمي ڪپڙا ڈوتا ويندا آهن. ٻَڄ جو اندريون گول ڪارو داڻو بدنظر کان بچڻ لاءِ هار جي ڪرائين ۾ ٻڌبو آهي). گزلَئي جو سُڪل ٻَڄ.

• **آرِيُوتَا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرَيُج ج آريجَ:** ذ. بنا ريج خشڪ زمين جو ٽُڪر — آريُج. (نهور زمين جو) پوئو ياميدان بيابان. ڪُرَءِ.

• **آرِيُجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرَيُجري:** ث. درياءَ کي پرتي ڪندڙ شاخ (جا ڪنهن جبل تان وهي اچي نديءَ ۾ پوي).

• **آرِيُجو ج آرِيُجَا:** ذ. آريءَ جو اولاد. آريءَ جام جا پٽ "وارو وَر وڃي ويا، آريَجا اظلام" (شاه).

• **آرِيُڙو:** اسر خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **آرَيڙي ج آريڙيُونْ(ل):** ث. گند جو ڍير — اُروڙي(ل).

• **آرِيڙِي، آرِيڙِي ج آرِيڙِيُونْ (ل):** ث. اِرڙي.

• **آرِيڙِي ج آرِيڙِيُونْ:** ث. [ع. عريضہ] عريضي.

• **آرِيُ سَرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرِيُسَراءِ:** ذ. [سن. آرِيُشَر < آرِيُشَ = هوڏ جي پاڻيءَ جو بينل ڏُهو: ڏورو ف. آريز] ڏوري جو پاڻي. (اسر خاص) سيوهڻ تعلقي ۾ آرهيءَ جي پرسان مُهاڻن جي هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **آريکَڻ ج آريکَڻ:** ذ. [سن. آل + لَکشَڻ مُهانڊو — شڪل — صورت — چهرو، شبيهہ، علامت، نشان، روش "سلڇٽو ۽ ڪلڇٽو آريکَڻ ۾ پڌرو [سن. آلِيْشَنف] ڪورڪي ڪم جي هڪ اوزار جو نالو. (جنهن مان تاجيءَ جون تندرون

Gul Mayat Institute

لنگھائين: آريكڻ هميشه ۾ عدد ٽيندا آهن).

• **آرِيہ، آرِيہ:** ذ. صفت. [سن. آرِيہ] سڌريل. پڙهيل. شريف. عزت وارو – مانوارو – مانائتو – معزز. بزرگ. وڏو. مقدس. خانداني. سردار. (اسم خاص) هندستان جي هڪ قديم قوم جو نالو. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پنٿ.

ـ **آرِيہ برَهْمَنْ:** ذ. معزز برهمڻ.

ـ **آرِيہ پَتْ:** ذ. علم نجوم جو هڪ مشهور هندو عالم.

ـ **آرِيہ ديش:** ذ. آرين جو مُلڪ.

ـ **آرِيہ رُوپ:** ذ. صفت. ڏسڻ ۾ شريف (پر) منافق. پاکنديءِ. ٻهه رُوپي. ٺوڳي.

ـ **آرِيہ سَمَاج:** ذ. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پَنْٿ.

ـ **آرِيہ سَمَاجِي:** ذ. صفت. آريہ سماج جو فرد سوامي ديانند جو پوئلڳ.

ـ **آرِيہ مَارگ:** ذ. عزت وارو رستو يا طريقو.

ـ **آرِيہ وَرْت:** ذ. (قديم) آرين جي بينڪ. هندوستان جو قديم نالو.

• **آرِيہ ويش:** ذ. صفت. سکر ماٺهوءَ وانگر پهريل. (ذ) آرين جي پوشاڪ – شريفاٽو ويس.

• **آرْ ج آرْون:** ث. [سن. ١. آ–وْر =روڪڻ. پري جهلڻ. اٽڪ وجهڻ. بچائڻ. لڪائڻ. ڍڪڻ. ٢. آ–وَرَنْ = ڍَڪُ. پوشاڪ. ڪپڑو. لوڙهو. ديوار. ڍال. تاڙي. اٽڪاءُ. روڪ] اوٽ – پناه –اولو – لَڪُ – اجهو – پردو – ڍَڪُ. آڏ – روڪ – ٽيڪ. سام. اَڑيْ [سن. آوال = وَکَڙُ] اوهاڑ – چڪاس – جاچ – وَائڙ.

ـ **آرْ ٽِيڻْ:** بجاءِ ٽيڻ. آڏو اچڻ(مخالفت ۾).

ـ **آرْ ڈِيئِي بيهڻْ:** آڙ ڏيڻ.آڏ ڏيئي بيهڻ. ڪا شيءِ مُنهن ۾ ڏيئي بيهڻ. هوڏ ٻڌي بيهڻ. ڏڍو ڪرڻ.

• **آرْ ڳولْڻْ:** وَجهُ ڳولڻ – هنگ – موقعو.

ـ **آرْ ۾ وهڻْ:** ڪنهن شيءِ جي اوٽ ۾ لڪي وهڻ. گوڏا ڪوٽي ٽوننيءَ تي جُڪ هڻڻ. شڪار لاءِ ڪڏڻ ۾ لڪي وهڻ.

• **آرَا گوڑَيْ، آرَا گهوڑَيْ:** ث. [سن. آرا گوريہ = پاڻيءَ جي اَٽل پٽل ۾ پڇڻ يا مڇيءَ وانگر ترڻ] گوٽ ناٽ يا گوهيءَ واري چال گوٽناٽي – تال متول – آناڪاني.

• **آرَا واڑِيْ (ت):** ث.ويجها مائٽ. ڪٽنب. آکيه. قبيلو.

• **آرَاهْ ج آرَاهَ:** ذ. [سن.آوَرْتَہ > آرَڻ =ڪُن. اوڙاهُ] باه جو مُجُ. ڪُورو. نرڳ – دوزخ. [صفت] تمام وڏو. اَٿاهه اُونهو. حد درجي جو.

• **آرِ پَارِ (ل):** ث. آڇڻ ۽ موتائي ڏيڻ جي حالت. سدوبدل جو سودو. سودي جي لاڑ پاڑ – مَٽ سَٽ.

ـ **آرْپَارْ ڪَرڻْ:** آيل مال جي ٻيل مال سان بدل سدل ڪري وڻڻ (جيئن. اَنّ ڏيئي ڪپڑو وغيره وڻڻ) وهنوار صاف ڪرڻ.

• **آرِ جهارِ (ل):** ث. اناج جي مَٽ سَٽ (جيئن ڪٽڪ جي عيوض چانور ڏيڻ). (ظرف) لاڑ پاڑ.

ـ **آرْجهَارْ ڪَرڻْ:** جنس جو سودو جنس ۾ ڪرڻ.

• **آرَڪَ (ث):** ث. برسات تي اُپرندڙ اٽپوڪيل (خود رُو) جهنگلي گوار(ڪاري هج سان).

• **آرَنْگ ج آرَنْگ (ل):** ذ. [سن. آ + گهْرمَ = گرمي. پگهر] برسات کان اڳي هواجي گهُٽ. هُوسٽ – رُگهَ – رونپو "آرَنگ آگَرَ لايا وي. رم جهم بادل ڪيا بهارَا" (ميران محمد شاه).

• **آرَنْ:** مصدر. [سن. ١. آهْلادْ = خوش لڳڻ. وٺڻ: ٢.آوْر = چوندڙ. پسند ڪرڻ. چاهڻ: ٣. آورتَنْ = سيبائڻ. وٺڻ] وٺڻَ – پسند اچڻ – سهڻو لڳڻ – آئرَنْ – سيبائڻ "جي ڪارُون آرَيا ڪانڌ ڪي. تہ روئي ريجهائيج" (شاه). [سن. آوْر = روڪڻ. بند ڪرڻ] روڪڻ – بند ڪرڻ. پري جهلڻ. اڙائڻ –اٽڪائڻ – قاسائڻ. آڏ ڏيڻ. ڍَڪڻ – لِڪائڻ (جيئن. پيري چورن جا پير ڍڪين) – پيرن جا نشان جاچڻ ياڳولڻ. [سن. اَوَ ذارَنْ] جاچڻ ـ چڪاسڻ.(آڙيو – آڙيندو – آڙيَلُ).

• **آرُو:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آرُو ج آرَا:** ذ. درياءَ جي چڙيل هيٺاري (ت). پاڻيءَ جي وچ ۾ رهيل ڏَڙيُ (جنهن تي ماٺهو ويٺل هجن). ٻَنن ٻڌل پاڻي (يعني هاري ۾ بيٺل پاڻي جنهن جي چوڌاري وڏو ٻنو آيل هجي. وڏو پارو(پوک جو). ڪانن جو بَنْدُ – گڏو (ل). پَرجهلو – جهَلَ –آسرو – ڍَڪُ – پناه ـ پُشت "ميم مدايون ميٽين تون. آهين عالم جو آرُو" (صاحبڏنو). سُٽ جي ٻن تندن جو ٻٽو ڪيل قورو. آرو ـ ڪيٽو – رُسامو – تيسو (ت) (صفت) ڏنگو – قِدّو(ث) آڙي ج آڙيون.

ـ **آرُا بَنْڌْ:** وڌا ٻنا چاڙهڻ.

ـ **آرُو چوتال:** ذ. دهل. پکواز يا طبلي جي هڪ وجت (جنهن ۾ ١٤ ماترائون ٽين).

ـ **آرُو وَجائِڻْ:** 'آڙو' تال وڄائڻ. منجهائي وجت ڪرڻ(جيئن گوئيو تال ۾ پُلجي پوي).

• **آرُو:** ونگ. پيچ. آڙو.

Gul Hayat Institute

• **آڑُوُ:** ذ. ميوي جو هڪ قسم.
• **آڑو پاڑو:** ذ. اوسو پاسو ــ آس پاس. جنبو پاڑو. پاڑو ــ ويڑهو. اوڑو پاڑو.
ــ **آڑو پاڑو اُڃائي ڪَٽڻُ:** آس پاس جي رهاڪن کي بيزار ڪرڻ. پاڙيسرين کي نهايت تنگ ڪرڻ ــ اوڑو پاڑو تپائي ڪٽڻ.
• **آڑُ ــ ويڑُ (ث):** ث. دوا درمل ــ سُتي ڦڪي.
• **آڑهَ ج آڑهَ:** ذ. باهه جو وڏو مَڄ ــ آڑاهُ "سنجهي صبح سوريان. سي ڪيئن آڑهُ اُجهامن" (رمضان ڪنهر).
• **آڑهَاڙي:** ذ. صفت. آرهڙ جو (فَصُل، جنهن ۾ رڳو گاه ٿئي جو وهٽن کي ڪارائين).
• **آرهُڙُ:** ذ. [سن.آشاڍ = آڪاڙ = هندن جي هڪ مهيني جو نالو] اونهارو ــ آرهُڙ.
• **آڑهُنگ ج آڑهُنگ:** ذ.آڑُنگُ.
• **آڑِيْ ج آڑِيُوْنُ:** ث. [سن. آٺ، آڌ] ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (ڳچي ڏڳهي، رنگ ڪارو) هولاهي ــ مُرغابيْ. [سن.آڌيْ] راڄڪٽيءَ جو هڪ قسم.
• **آڑِياڙِي ج آڑِياڙِيْ:** صفت. [سن. آوُرتَ = بنديل] اڙيءَ يا ڪنهن ڪاڻ ۾ قائل. باندي ــ قيدي. آڑياڙُو.
• **آڑِيانو ج آڑِيانا:** ذ.[ف. آشيانهْ] آشيانو. آستانو. (ڪائين جي آڙ ٻڌل) آکيرو.
• **آڑِيْتو ج آڑِيْتا:** ذ. صفت. آڏيتو.
• **آڑِيڪا:** آڏا ڏکيا چاڙهه ۽ وَرَ، وَرَ ۽ وٿوارا گهيرا، ڦيرا، پيچ وراڪ.
• **آڑِيْ ڪَاپ ج آڑِيْ ڪَاپ:** ذ. صفت. [انگ. Aid de camp= آفيسر جي ڪمپ ۾ مدد ڪندڙ] چالاڪ. هُوشيار. بهادر ــ پهلوان. هر انڪلي. حرفتي.
• **آڑِيْڪَڻُ (ڪ):** مصدر. [سن. آلِيكَنْ = جوڏاري ليڪو ڏيڻ] گول ليڪو ڏيڻ. پرت لاءِ ڪچي ڏاڳي سان ٽِڪُون ڪڍڻي تي انڪائڻ.
• **آڑِيْڪو ج آڑِيْڪا (ل):** ذ. [سن. آڪَرشَڻِيْ، آنْڪُوشَيه = ڪُنڊو] ڪُنڊو. آڪڙو ــ آنڪڙو ــ انگوڙو. ڪُنڊِيْ. ڪلوئڙو. پيچ ــ وَڪَڙ ــ وَرُ "اديون آڑِيْڪا، هينئڙي پيم هوت سين" (شاه). رَسي جي ٻَڌ کي مضبوط ڪرڻ ۽ رسي کي وٽڻ ۾ ڪم ايندڙ ڪائي. آئُنڊِ (ث). ڏُنْگُ ــ وَرُ (ڪتي يا شينهن جي پڇ جو) "آڑِيْڪو نہ اُلهي، توڙي نڙاندي‌ءَ نوَ سال". زمين جو وڏو هارو (ت).
• **آڑِيْگوڙُ ج آڑِيْگوڙَ:** ذ. صفت [سن. انْترايَه = اڙي وجهندڙ] رڪاوٽون وجهندڙ ــ آڙاگوڙي ڪندڙ ــ اڙِيْبَاڙُ.
• **آڑِيئِي:** (هيئين لاڙ ۽ ڇ جي جاتڪي هولي جو لفظ) توکي وٽي، اِئڙِيئِي.
• **آڑْ:** ذ. [ف] شوق. خواهش. آس ــ اميد لالچ ــ لوڀ. حرص.
ــ **آڑْمَنْدُ:** ذ. صفت. خواهشمند. آسروند ــ اميدوار. حريص ــ لالچي ــ لوڀي.
• **آزَادُ ج آزَادَ:** ذ. صفت. [ف] خودخيال ــ پنهنجي مرضيءَ وارو ــ خودمختيار. آجو ــ ڇُٽل ــ ڪليل. ڇرواڳ. واندو. اڪيلو. سَروُ جي وڻ جو هڪ قسم. هڪ قسم جو زهريلو وڻ.
ــ **آزَادَانَهْ:** ظرف. آزادي‌ءَ سان. ڪليءَ طرح ــ ڪليو ڪلايو.
ــ **آزَادَانهْ وَضْعَ:** ث.آزاد هلت چلت. عام ماڻهن کان نرالو ڍنگ.
ــ **آزَادُ ٽِيَنْ:**آجو ٽيڻ ڇُٽڻ (قيد يا بند مان) ــ نڪرڻ (مصيبت مان) ــ واندو ٽيڻ (ڪنهن ڪم مان).
ــ **آزَاد خيَال:** ذ. صفت. خود خيال. پنهنجي‌ءَ مرضيءَ وارو.
ــ **آزَاد رَهَنْ:** پنهنجي روءِ سوءِ رهڻ. چڙواڳ رهڻ. بي تعلق رهڻ. اڪيلو رهڻ.
ــ **آزَاد طَبْعَ:** ذ. ث. خود خيال. خيالات جو آزاديءَ (بنا ڊپ) سان اظهار ڪندڙ. بي خوف ــ بيپرواهه.
ــ **آزَاد ٿِرڻ:** اڪيلو گهمڻ. چيڪ گهمڻ.
ــ **آزَاد ڪَرڻ:** آجو ڪرڻ ــ چوٽڪارو ڏيڻ.
ــ **آزَاد گَان:** ذ. صفت. آزاد مرد. دنيا جي پابندين کان چٽل ماڻهو.
ــ **آزَادگِيْ:** ث. آجائي ــ چوٽڪارو. چڙواڳي. فرصت ــ واندڪائي. اڪيلائي. آزادي.
ــ **آزَاد مَرْدُ:** ذ. بلند خيال آدمي. آدي پُرش.
ــ **آزَاد مزَاجُ:** ذ. صفت.آزاد طَبْعَ. لا پرواه.
ــ **آزَادِيْ:** ث. خودمختياري. خودخيالي.چوٽڪارو ــآجائي. رهائي. فرصت ــ واندڪائي. نجات ــموڪ. اڪيلائي.
ــ **آزَادِيْ ملڻُ:** چوٽڪارو ملڻ. فرصت ملڻ. واندڪائي ملڻ. نجات ٽيڻ.
ــ **آزَادَاڻِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو)
ــ **آزَارُ ج آزَارَ:** ذ.[ف] تڪليف ــ اهنج ــاوڪائي ــڏُک. عذاب ــ مصيبت ــ ڏاڪڙو. ايذاءُ ــ سور ــ دردُ. جنجال. بکيڙو. بيماري ــ روڳ. گاروٽي ــ جهوري ــ وڇل "سائر صحت سپرين، آهي نہ آزار" (شاه). (صفت) تڪليف ڏيندڙ ــ

Gul Hayat Institute

آزاريندڙ "دل آزار، وغيره".

ـ **آزارُ اُتارڻ:** مصيبت پيدا ڪرڻ ـ آزار ڀارڻ.

ـ **آزارُ بنجڻ:** ڪنهن لاءِ ايذاءُ جو ڪارڻ بنجڻ. آزار ٿيڻ.

ـ **آزارُ ڀارڻ:** تڪليف ڏيڻ. مصيبت پيدا ڪرڻ. ايذاءُ ڪرڻ.

ـ **آزارُ ٿيڻ:** تڪليف ٿيڻ. سُورُ ٿيڻ ـ دَرْدُ ٿيڻ.جنجال ٿيڻ. رنج جو سبب بنجڻ.

ـ **آزارُ پرائڻ:** تڪليف يا ڏک حاصل ڪرڻ. جنجال ۾ پوڻ.

ـ **آزارُ يڪجهڻ:** ڪنهن ۾ بيماريءَ جو عام ٿيڻ. مصيبت ڦهلڻ.

ـ **آزار پکڙڻ:** مصيبت ڦهلڻ ـ ڪا وڇڙندڙ بيماري وڏي تڪليف عام ٿيڻ.

ـ **آزارُ پُهچائڻ:** تڪليف رسائڻ. ڏک ڏيڻ. ايذائڻ ـ ستائڻ. هلاڪ ڪرڻ ـ ڪڪ ڪرڻ.

ـ **آزار پُهڃڻ:** عذاب رسڻ ـ اهنج رسڻ. تڪليف پهچڻ. درد رسڻ.

ـ **آزارُ پَيدا ڪَرڻ:** تڪليف پيدا ڪرڻ ـ مصيبت کڙي ڪرڻ ـ آزار ڀارڻ.

ـ **آزارُ ڏيڻ:** تڪليف ڏيڻ. ڏک رسائڻ. ايذاءُ پهچائڻ. اهنج ڏيڻ.

ـ **آزار رسائڻ:** تڪليف پهچائڻ ـ ڏک ڏيڻ ـ ايذاءُ رسائڻ.

ـ **آزارُ رَسڻ:** ايذاءُ يا اهنج پهچڻ. تڪليف پهچڻ.

ـ **آزارُ ڪَرڻ:** تڪليف ڏيڻ. ايذاءُ ڏيڻ. ڏکوئڻ ـ اهنجائڻ. آزار ڀارڻ.

ـ **آزار مَچائڻ:** آزار ڀارڻ ـ تڪليف پيدا ڪرڻ.

ـ **آزارُ ۾ پَوڻ:** تڪليف ۾ پوڻ. مصيبت ۾ ڦاسڻ. جنجال ۾ پوڻ.

ـ **آزارُ ۾ وجهڻ:** تڪليف ۾ وجهڻ. مصيبت يا جنجال ۾ وجهڻ.

ـ **آزاريُ:** ڪ. صفت. تڪليف ڏيندڙ ـ آزاريندڙ. ڏکوئيندڙ. بيمار. ٽوٽي ـ ڪم زور. جنجالي.

○ **آزارڻ:** مصدر. [ف. آزارِيدْنْ] تڪليف ڏيڻ رنجائڻ. ڏکوئڻ. زخمي ڪرڻ ـ گهايل ڪرڻ. بيمار ڪرڻ. هلاڪ ڪرڻ ـ ستائڻ ـ تنگ ڪرڻ. (آزاريو ـ آزاريندو ـ آزاريل).

○ **آزَرَ:** اسر خاص. [ع] آذرَ "منهن ۾ مسلمان، اندر آزَر آهيين" (شاه).

○ **آزَرَ:** اسر خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي پيءُ يا چاچي جو نالو (جو بت ٺاهي وڪڻندو هو).

○ **آزَرت، آزُرت:** صفت. [ف.آزُرده] ڏکويل. عاجز ـ ڪڪ.

ـ **آزَرتو:** صفت. آزُرتُ. مُنجهيل ـ پريشان.

○ **آزُردگيُ:** ث. [ف] تڪليف. رنجش ـ رنجيدگي. غم ـ ڏک. پريشاني. خفگي. ناراضگي.

○ **آزُردَه:** صفت. [ف] تڪليف وارو. ناخوش ـ ڏکويل. رنجيده ـ غمگين ـ ناراض. اُداس ـ مَلُول. پريشان. ڪَڪ ـ آتو. منتظر.

ـ **آزُردَه خَاطِر دِل:** ذ. صفت. دلگير. رنجيده ـ اداس ـ ملول ـ غمگين.

ـ **آزُردَه دِليُ:** ث. دلگيري. افسردگي ـ غمگيني.

ـ **آزُردَه ڪَرڻ:** ناراض ڪرڻ ـ ڏکوئڻ ـ رنجائڻ. خفي ڪرڻ ـ ڪڪ ڪرڻ. پريشان ڪرڻ ـ حيران ڪرڻ.

○ **آزَقَ، آزُوقَ:** ذ. آزڪو.

○ **آزُڪو ج آزُڪَا:** ذ. [ع. آذُوقَهْ] آجڪو. "آزُڪو اباڻن جو آهي ڏونرا پُسي جنَڻ" (نواب جان علي لغاري).

○ **آزُڪيُ (ل):** ث. اُلين جو اٽڪاول ڪتو ڪير. قِتل ڪير جي ڪتاڻ.

○ **آزْمَا:** صفت. [ف] آزمائيندڙ. صفاتي پڇاڙيءَ طور ڪم ايندڙ لفظ "همت آزما، محبت آزما".

○ **آزمَائِش، آزمايش ج آزِ مَائِيشُوْنْ:** ث. [ف] آزمودو ـ امتحان. تجربو. پرک ـ چڪاسَ ـ جاچ.

ـ **آزمَائِش وَنْڻ:** امتحان وٺڻ ـ آزمودو وٺڻ ـ پرک لَهَڻ.

ـ **آزمَائِشيُ:** ذ. صفت. آزمائش لاءِ ـ پرک طور ـ چڪاس وارو ـ تجرباتي.

○ **آزمَائڻ:** مصدر. [ف. آزمُودَنْ] آزمودو ڪرڻ ياوٺڻ ـ امتحان وٺڻ ـ پرک لهڻ. چڪاسڻ ـ جاچڻ "آزمائي ڪي آزمائي، سو ڏوڙ منهن ۾ پائي." (آزمايو ـ آزمائيندو ـ آزمائيل).

ـ **آزمائي ڏِسَڻ:** امتحان وٺي ڏسڻ ـ پرکي ڏسڻ ـ تجربو ڪري ڏسڻ.

○ **آزْمُرْدو ج آزْمُوْدَا:** ذ. [ف. آزْمُودَه] امتحان ـ تجربو ـ پرک. چڪاس ـ آزمائش. استعمال.

ـ **آزْمُوْد ڪَار، آزْمُوديڪَار:** صفت. [آزموده + گار] تجربي وارو ـ تجربه ڪار. جهان ديدو. هوشيار. ماهر.

ـ **آزْمُودي خَاطِر:** ظرف. آزمودي لاءِ ـ تجربي طور. اتڪل رُوءِ ـ نموني خاطر.

○ **آزوءِ:** صفت. [ف. آز + وَرو] خواهشمند ـ گهرجائو ـ حاجتمند ـ محتاج ـ ڪتل ـ سُجو.

○ **آزيُ ج آزِيُوْنْ:** ث. [ف. آز = سَڏَ] منٽَ ـ التجا ـ نيزاري. سڏ ياخواهش ڏيڪارڻ جي حالت.

ـ **آزيُ ڪَرڻ:** منت ڪرڻ ـ نيزاري ڪرڻ. التجا ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

ـ **آزيُ نيَازيُ، نيْزاريُ ج آزيُوْنُ نيَازيُوْنُ، نيزاريُوْنُ:** ث. منت ميڙ.
ـ **آزيُ، نيزاري ڪَرڻ:** منت ميڙڪرڻ – ليلاڻ.
• **آس ج آسُوْنُ:** [پرا. آسا؛ سن. آشَا < آشْ = حاصل ڪرڻ؛ ف.آز] اميد – آرزُوُ – آسرو. خواهش – تمنا. پروسو "االله جي آس ڪري هليو هيائين" (شاهه) مينهن يا ڏڳيءَ جي سار جو اندريون حصو (جو ڏُڪي ٽيڻ بعد سجي پوي ۽ وهڻ وقت ٻاهر نڪري اچي) – سُپرو(ت). [ف] آڪاس – آڀ.
ـ **آسَ اُپاءَ:** اميد، تمام گهٽي اميد.
ـ **آسَ اُميْد ڏِسَڻ:** اولاد جي شاديءَ جي مُرادَ اکين سان ڏسڻ. جيئري مقصد پورو ٽيڻ.
ـ **آسَ بَڌَڻ:** اميد رکڻ – آسرو رکڻ.
ـ **آسَ پُجَائڻ:** مرادپوري ڪرڻ. اُميد پوري ٽيڻ.
ـ **آسَ ڇڏَڻ:** اميد ترڪ ڪرڻ – اميد لاهڻ. نراس ٽيڻ.
ـ **آسَ ڏِيڻ:** آسرو ڏيڻ – اميد ڏيڻ. تسلي ڏيڻ.
ـ **آسَ رَکَڻ:** اميدرکڻ. آسرو رکڻ.
ـ **آسَ سَان ٽِيڻ:** اميد واري هُجڻ – پيٽ ٽيڻ – حامل ٽيڻ.
ـ **آسَ ڪَڍڻ (ل.ت)** چوپائيءَ جو ڳيرڻ يا ڪچو رَتُ ٻاهر ڪڍڻ.
ـ **آسَ ڪَرڻ:** اميد ڪرڻ – پروسوڪرڻ. توڪل ڪرڻ.
ـ **آسُوْ آسِيْ ج آسُوْ آسِيْ:** ذ. صفت آس وارو – آس رکندڙ – آسائتو – اميدوار.
ـ **آسِيَاتو ج آسِيَاتا (ت)** ڏ. صفت. آسُوْ.
• **آسَا ج آسَائُوْنُ:** ث. [سن. آشَا] آس – اميد – آسرو. آرزُوُ – مُراد – تمنّا – خواهش. غرض – آشا. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪ).
• **آسَا بَنْڌُ ج آسَابَنْڌ:** ذ. صفت. اُميد جو پڪو. جنهن تي اميد ٻڌل هجي. آس وارو – آسائتو. آسرو – آڌار. ڏَڍِ – آٽت "هوم آسا بند اکين جو، منهنجو سڄڻ ساڻيها" (رمضان ڪنبر).
ـ **آسا پُرائِتْ:** صفت. جنهن جي اميد پوري ٽي هجي – ڪامياب.
ـ **آسَا جِيْ گولِڪِيْ:** ث. مُراد جي مڻي مانيْ (جي آس بيبيءَ (حضرت بيبي عائشه) جونْ ٽِڪيُوْنْ سڏبيون آهن، ۽ فقط عورتن ۾ مراد پوري ٽيڻ تي ورهائبيونْ آهن: مردن کي ڪائڻ کان منع آهي).
ـ **آسَا رَکَڻ:** اميد رکڻ.
ـ **آسَا ڪَرڻ:** آس ڪرڻ – خواهش رکڻ – آرزُوُ رکڻ. توڪّل يا پروسو ڪرڻ.
ـ **آسَا گورَک:** ذ. صفت. پيشانيءَ تي گول نوراني ٽڪيءَ وارو. آس پُجائو – مُراد پُجائو (جنهن لاءِ آس پڄڻ بعد گول منيونْ ٽڪيون ورهائيون وڃن) "منهنجا آسا گورک آئيا، هتَ سَنْکن ساڻ سَويري (رحميداد فقير). (اسم خاص) فَقيرن جو هڪ گروهه (چندر ماسي فقيرجن جي پيشانيءَ تي چند وانگر گول چمڪندڙ نشان ڏنل جو چند جي ڪلائن سان گڏ يا ڏڻ جي نومي موجب گهٽايو وڌايو وڃي. جاجڪ چندر نومي برهمڻ جي نراڙ تي گولڪي ڏيئي لولاڻ ڳاڙيندا هئا).
ـ **آسَاوَنْتُ، آساوَنْدُ:** ذ. صفت. آس ٻڌل – اميدوار – آسائتو – آسَوَنْدُ.
• **آسَاپُرِيْ ج آسَاپُرِيُوْنُ:** ث. [سن. آشَا پُرِيَ] زمين جو هڪ قسم (جو پاڻ طوَر ڪم اچي). پَاڙَتِ زمين (جا پاڻ کان سواءِ پوک نه ڏئي).
• **آسَائِتُ، آسَائِتو ج آسَائِتَ، آسَائِتا:** ذ. صفت. آساوَنْدُ. سڪَ وارو. سيکڙُوْ. (ث) آسَائِتِيْ ج آسَائِتِيُوْنُ.
• **آسَائُو ج آسَائُو:** ذ. صفت. اميدوار – آساوَنْتُ. سُوالي "اَوَسَر آساڻو، اڻي گوندر گڏيا" (شاهه).
• **آسَاڻُ (ڪچ):** ذ. آڪاڙ.
• **آسَارَ ج آسَارُوْنُ:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (پُوري رنگ جي ڳنڊيين سان پاڙ).
• **آسَارْ ج آسَارَ:** ذ. آسرو – اميد. يادگيري.
• **آسارا:** اويسرا بيخبر. آسارا.
• **آسَارَڻ:** مصدر. [سن. آ + سَمَرڻ = ياد ڪرڻ، يڪ خيال ٽي ياد ڪرڻ. (ڏک وڃان) اوسارڻ – پار ڪڍڻ – روئڻ "الوداع الوداع، سورٺ آساري" (شاهه). [سن. آشا] آس وارو ڪرڻ. اميدوارڪرڻ. (آساريو – آساريندو – آساريل).
• **آسارو ج آسَارَا:** ذ. [سن. 1. آشَا = اميد؛ آشْرَيه = آسرو،پروسو. پناه] پروسو – اميد – آڌار – آسرو "ٻاڙو پئي نه ٻيڙيْ، اَبرُ آساروس" (شاهه).
ـ **آسَارِيَ:** ظرف. آڌار تي –اسري تي "آءٌ جن آساري، مٽي تَرَ گذاريان" (شاهه).
• **آسَاريو:** ذ. [سن. آسَرِيْ = آهُر] پسارڪي وکر جو هڪ قسم – دوا طور ڪم ايندڙ بج جو هڪ قسم – آهريو.
• **آسَاڙُ (ت):** ذ. آڪاڙ.

Gul Hayat Institute

• **آسائش ج آسائش:** ذ. [پرا. آسايَس:سن.آشْوَاسَ (آ+ شْوَس = ساه کڍڻ): ف. آسايَشْ] آرام – فرحت. ساهي. آسيَس.

ـ **آسائش اُڇڻ:** آرام اچڻ – فرحت اچڻ. آسيس اچڻ.

ـ **آسائش ڪرڻ:** آرام ڪرڻ. ٽڪ پچڻ – دمُ پٽڻ.

• **آسامر:** اسم خاص. تعلقي ڪپري پر هڪ ديهه جو نالو.

• **آسامي ج آساميُن:** ث. [ع. اسم ج اَسْمَاءُ ج آسامي = نالا:سن. آشَام = سڃو. جُٽو] هي لفظ سنڌيءَ ۾ واحد طور استعمال ٿئي. نالي وارو شخص. شاهوڪار گهر. دولتمند فرد. جٽو –شخص – فرد. ڏيتي ليتي ڪندڙ – خريدار ۽ گراهڪ. مڪيه ماٿهو. وڏيءَ پهچ وارو شخص. ملڪيت – دولت –ناڻو.

• **آسان:** صفت. [ف. آسانيْدَنْ = سهنجو ٿيڻ] سولو – سهنجو – سوکو. ٿورو 'هي ءِ هڏ آسانَ، پر مڱڻهارمتي وهي" (شاهه).

ـ **آسانُ ٿيڻ:** سهنجو ٿيڻ – سولو ٿيڻ.

ـ **آسانُ ڪرڻ:** سولو ڪرڻ. مشڪلاتون دور ڪرڻ. سَهنجو ڪرڻ. (ڪم پوري ٿي وڃڻ لاءِ) حالتون سازگار بنائڻ.

ـ **آسانيْ ج آسانيُن:** ض. سهنجائي – سَولائي – سوکائي. سهولت.

• **آسانبو آسانْبو ج آسانْبا،آسانْيا:** ذ. [سن. آشْمْبو < آشَا = آس] آسرو – اميد – آسانگو. دلجاءِ ـ تسلي. آڌار. آڌُ. اڪندِ – اڪير – پياس. اَرَ" جذبو" ڪشش"آسانبي ارواح جي، اُپي ترتڪيام" (شاهه).

• **آسانبو،آسانڈو،آسانڈو (ڪ):** ذ. آسانبو – آسانگو. جابلو وڻ جو هڪ قسم (جنهن جي پن ۾ تماڪ وجهي پيڙي ٺاهجي).

• **آسانڈي ج آسانڈيُن:** ث.صفت. اُڪنڊ وَاريْ –منتظر.

• **آسانگو ج آسانگا:**ذ.[سن. ١. آشَا = آس: ٢. آسَنگَه = (آ = سانڀ + سَنْگ < سَنْجْ =پيار ڪرڻ) لاڳاپو.الڻت. محبت] سانگو – آسانبو – آسرو – آهو –اميد – پروسو. تعلق"ڇڏ آسانگا ارواح جا، لاهُوتي لاهي" (شاهه). سنگت جو سنهڙ – لحاظ – ڏَڏ. پيار – محبت.

ـ **آسانگا پلڻ:** اميدون آسرا لاهڻ. واسطا توڙڻ. تعلقات ختم ڪرڻ.

ـ **آسانگو ڇڏڻ، لاهڻ:**آسرو پلڻ – اميد لاهڻ.

ـ **آسانگي ارواح جي:** جياپي جي آسري.

• **آساوَريْ:** ث. [سن.آشاوَتيْ] هڪ راڳڻيءَ جو نالو – ميگهه ديوتا جي زال (جا ملار ديوي ب ڪوٺجي). راڳ جي هڪ ٺاٽ جو نالو.

• **آسائش،آسائِش ج آسائِش، آسائِشُوْن:** ث. [ف. آسايش.] آرام – راحت. سُک – آنند. فرحت. سَاهيْ.

ـ **آسائش گاهُ:** ذ.ث. آرام وٺڻ جيَ جاءِ ـ آرام گاه.

ـ **آسائش مَنْدُ:** ذ. صفت.آسائش جو هيراڪ – آسائشي. آرام طلب.

ـ **آسائُو:** آس ڪندڙ. اميد ڪندڙ. چاهيندڙ.

• **آسْتِيْن ج آسْتِيْنُوْنْ:** ث.[ف] قميص،ڪوٽ، پهراڻ وغيره جي بانهن.

ـ **آسْتين جو نانگ:** ذ.ظاهر ۾ دوست پر اندر ۾ دشمن.

ـ **آسْتِين چاڙهڻ:** بانهون ڪُنڊجڻ. ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ.

• **آسْتَانو ج آسْتَانَا:**ذ. [سن.ف] آستان –آستانو.

• **آسْتِرِيليَا:** اسم خاص. [انگ] هڪ ڪنڊ جو نالو – دنيا جو وڏي ۾ وڏو ٻيٽ.

• **آس پَاس:** ظرف. [سن. ١. آيْ پايْ =مٿي هيٺ، چوڌاري: ٢. آيَس پايَس = ڪبي سجي. اڳيان پويان = چوڌاري: ٣. آسَهَ + پارْشْوَ] چئني پاسن – چوطرف – چوڌاري – ارد گرد – چوگرد. نزديڪ – ويجهو.

ـ **آس پاس وَسَنُ:** فقط ڏارين کي فائدو پهچائڻ.

ـ **آس پاس هُئڻ:** ويجهو هئڻ – نزديڪ هئڻ. چوڌاري هئڻ – چوطرف هئڻ.

• **آسُ آسَرَ:** ذ.ث. [سن. آشَا >آشَرَ = اميد، آس]آس – اميد "آسَرَ هَڏَرَ لاهه، سڃڻ ۾اجهيندڙ گهٽو" (شاهه). "آسَرَ پري آهيان، الامانَ اچي" (شاهه). آسرو – آڌار.

ـ **آسرائِتُ:** ذ. صفت. مدد جي آسري ۾ رهندڙ. دلاسي ۾ رهَندڙ. مدد وارو. ٽيڪ وارو.

ـ **آسَرَ پَري:** آسري پَري. اُميد پَري.

ـ **آسَرِيوَنَاڻِي ج آسْرِيوَنَاڻِيُوْنْ:** ث. صفت. آجائي آسري واريْ (ڳالهه) – اجائي – بي نتيجي.

ـ **آسْرِيوَنَاڻِيُوْنْ ڳالهيون ڪَرڻ:** اجايون، بي نتيجي ۽ بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ.

ـ **آسْرِيوتو ج آسريوتَا:** ذ.صفت. اميد جو اجايو، پروسو ڏيندڙ – ٻُلهن دلاسن وارو. ٻتاڪي. ڪُوڙو. چرب زبان.

ـ **آسْرُوَنْدُج آسَرُوَنْدَ:** ذ. صفت. اميد وارو– آسائُو. سڪندڙ "اڳڻ آسروَنْد جي، پيرو ڪج پليرَ".

• **آسَرِيوتَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آسِرَنْهه، آسِرَنْهَنْ:** ذ. [ع. اَثْلَة ، اَثْل] لئي جو هڪ قسم –

Gul Hayat Institute

آسري لئو – آسرڻهڻ لئو.

• **آسرو ج آسرا: ذ.** [پرا. آسہ: سن. آشْرَبْ = (آ = چوڌاري + شْري = وڃڻ) آڌار – پروسو –ٽيڪ – سهارو – ڏيڻ. اميد –آس. دلاسو. اعتماد. اجهو – پناهہ وسيلو.

ـ **آسرو اَللّٰه جو ڇوڙ:** الله توهار ڇوڙ – خدا حافظ ڇوڙ.

ـ **آسرو پلڻ:** اميد لاهڻ.

ـ **آسرو ڏيڻ:** دلاسو ڏيڻ – اميد ڏيکارڻ.

ـ **آسرو رکڻ:** اميد رکڻ. پروسو ٻڌڻ.

ـ **آسرو لاهڻ:** اميد لاهڻ.

ـ **آسري پلڻ:** ث. ناااميدي. مايوسي.

ـ **آسري پلڻ ڪرڻ:** نا اُميد ڪرڻ. نااميد ٿيڻ – آسرو لاهڻ.

ـ **آسري جي جاءِ:** ث. اميدگاه (جنهن ۾ اميد هجي).

ـ **آسري ۾ رکڻ:** اجايو دلاسو ڏيڻ. دوکي ۾ رکڻ.

ـ **آسري ۾ رهڻ:** اميد يا پروسي تي وهڻ.

• **آسريُ ج آسريُون:** ث. [سن. ١. آشْرَبَ = ڪوبہ اوپڙ (نباتات)؛ ٢. اُتَ = مٿي + سَرُوَ = اُسرڻ] ٻُوٽي يا وڻ جو ڪوبہ اوپڙ. جهنگ جي ٻُوٽي. آسريُ لئو. اوپر – واڌ.

• **آسريُ لئو:** ذ. [ع. أَثْلَ] لئي جو هڪ قسم. وڏو لئو – آسرڻهہ لئو –سنڌ جو سَرُو.

• **آسريا، آسرَيا (ث):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آسَڪُتُ:** ذ. صفت [سن. آسَكْت] اُتساهي. چهُٽل. ٻڌل.راسخ. فدائي "عشق ۾ آسڪُتُ ٿي، اڄ دين در تي بَهُ پيو".

• **آسَڪُتَا:** ث. اُتساهہ. پيوند. پيار. فدائيت.

• **آسڪُنْدَ:** ذ. [سن. ١. آشْوَ = گهوڙو + گَنْدَ = بُوءِ؛ ٢. اَشْو = سُنب ياپاڙ + ف. گنده > كَنْدهَ = پَتيل (پاڙ)]هڪ ٻُوٽيءَ جي پاڙ (جا دواطور ڪم اچي) – پاڙول.

• **آسڪُنْدَ، آسڪُنْدَ:** ذ. آسڪَنْدُ. ڦ "آسڪُنْدَ اندر جا، منهنجا وهيو ويَرُوْنْ ڪن" (مولوي غلام محمد بگائي). هڪ ٻوٽو. ٻنين ۾ باغن ۾ ٽئي ۾ دوائن ۾ ڪم اچي.

• **آسمانُ ج آسمانَ:** ذ. [ف. آس = جند + مان = جهڙو (جندوانگر ڦرندڙ. اڳئينءَ خيال موجب تہ آسمان ڦرندڙ آهي)؛ سن. آس = آڇ، هاڻ + مان = جهڙو = هاڻ جهڙو اڇو] اُٻ – اَنبر – آڪاس – گگن – سماءَ – فلڪ.

ـ **آسمان تانْ ڪرڻ:** تمام مٿانهين هنڌ تان ڪرڻ. مٿانهين درجي تانَ هيٺ لهڻ. اميرمان غريب ٿيڻ.

ـ **آسمانَ تان ڪريُ ڪجيءَ ۾ اٽڪڻ:** وڏيءَ مصيبت مان ڇُٽي اهڙيءَ نندڙيءَ مصيبت ۾ ڦاسڻ جنهن مان ڇُٽڻ وڏيڪ مشڪل هجي.

ـ **آسمانَ تي اُڏامڻ:** مٿانهان خيال پچائڻ غرور ڪرڻ – ڦوڙجڻ. لاف زني ڪرڻ – ٻڙاڪ هڻڻ.

ـ **آسمانَ تي پاڇو پوڻ:** وڏي اوج ۽مرتبي تي پهچڻ. سخاوت ۾ نالو ڪيڻ. پلارن کان پلارو ٿيڻ.

ـ **آسمانَ تي پهچڻ، رَسڻ:** وڏي مرتبي تي رسڻ. ڪا وڏي حاصلات اوڇتي ملڻ.

ـ **آسمانَ تي چاڙهڻ:** مٿي ڪرڻ – تمام مٿي ڪرڻ. حد کان زياده تعريف ڪرڻ – پڌائڻ – لياقت کان وڌيڪ تعريف ڪرڻ.

ـ **آسمانَ تي قَدم رَکڻ:** وڏيون اميدون رکڻ. خيالي پُلاءُ پچائڻ. نانءِ ۾ پرجهڻ. مغروريُٿيڻ.

ـ **آسمانُ ٽُٽي پَوڻ:** آسمانُ ڪرڻ – ڪنهن مصيبت جو نازل ٿيڻ.

ـ **آسمانِ پيڙ:** ذ. [ف.] پوڙهو آسمان (شاعرن جو آسمان کي ڏنل نالو).

ـ **آسمانَ جو تارو هُجڻ:** نايابِ ياانوکو شَي هجڻ.

ـ **آسَمانُ ڏَارڻ:** شورِ هُل ڪرڻ. ٻڙاڪون هڻڻ.

ـ **آسَمانَ ڏي ٽُڪ اُڇلائڻ:** ٻاڙ کان ڏاڍي سان هٿ اٽڪائڻ ياسَينو ساهڻ. ٻاڙ کان وڏي جي مخالفت ڪرڻ. ڪنهن ڇگي ماڻهوءَ تي اجايو الزام رکڻ (جنهن مان نڪي وري نڪي سري). نيڪ ماڻهوءَ سان بيڙو قدم کڻڻ.

ـ **آسمان زمين جا قَلابا ملائڻ:** ڪنهن ڳالهہ يا ڪنهن جي تعريف ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو ڪرڻ. ڳالهہ ۾ وڌاءُ ڪرڻ. سر توڙ ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمانَ زَمين جو فرقُ:** ذ. وڏو فرق – تمام گهٽو ڦير.

ـ **آسمانُ زَمين هڪ ٿيڻ:** ڪوشس جي انتها ٿي وڃڻ. حد ٿي وڃڻ. واويلا مچڻ.

ـ **آسمان زَمين هڪ ڪَرڻ:** ڪنهن ڳالهہ يا ڪم ۾ زيادتيءَ کان ڪم وٺڻ. حد کان زياده ڪوشش وٺڻ. ڏاڍي ڦوڙلا ڪرڻ.

ـ **آسمانَ سانْ جوڙي گسڻ، لَڳڻ:** وڏي مرتبي تي هُجڻ. ٻاڙ کيَ سيني کان مٿي سمجهڻ. فخر يا مغروري ڪرڻ.

ـ **آسمانَ سانْ كُلهو هڻڻْ:** ڪنهن اعليٰ مرتبي واري سان

Gul Hayat Institute

برابريءَ جو دم هڻڻ. وڏائي ڪرڻ.

ـ **آسمانَ سانْ گالهيُون ڪرڻ:** نهايت بلند هجڻ ـ تمام مٿي هجڻ "جبل آسمان سان گالهيون پيو ڪري". سڪرات جو وقت اچڻ.

ـ **آسمانُ سانْ لاڳڻُ:** حد کان وڌيڪ ساراهه ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ ـ مبالغو ڪرڻ.

ـ **آسمان سان متو گسائڻُ:** حيثيت کان وڌيڪ هلت ڪرڻ. تانءِ سان هلڻ.

ـ **آسمانَ سر تي کڻڻ:** هُل ڪرڻ ـ شور مچائڻ.

ـ **آسَمانُ ڦاٽي پَوڻُ:** تمام گهٽيون مصيبتون نازل ٿيڻ.

ـ **آسَمانَ کي اڳڙيُون وهڻُ:** خدائي مصيبتن کي جهلڻ. پڌرا عيب لڪائڻ. اجائي ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمانَ مانْ تارَالاهڻُ:** نہ ٿيڻ جهڙو ڪم ڪرڻ ـ ناممڪن ڪم ڪرڻ. ڪنهن وڏيءَ گالهه ۾ ڪامياب ٿيڻ. عجيب ڪم ڪري ڏيکارڻ.

ـ **آسمانَ ۾ اکيُون انڪائڻُ:** خدا جي رحمت جو اميدوار ٿيڻ. سندس رحمت ڏانهن منتظر رهڻ. خدا تعالىٰ کي ياڏائڻ.

ـ **آسمانَ ۾ اڇڙي ٽنگڻُ:** مشڪل ڪم ڪرڻ. اُتانهينءَ تي رسڻ. سخت چالاڪي ڪرڻ.

ـ **آسمانَ ۾ اُنگرَا وڇڙائڻُ:** اجائي ڪوشش وٺڻ ـ اجايو پاڻپتوڙ. انتيٽيون گالهيونَ ڪرڻ.

ـ **آسمانَ ۾ تَرارُيُون هڻڻُ:** اجايو ڪم ڪرڻ. بيسُود ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمانَ ۾ ٽُڪُ اُڇلائڻُ:** بيوقوفيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ (جو وري به آڏو اڇي) ـ اهڙوڪم ڪرڻ جنهن جو نتيجو وري به ڪم ڪندڙ تي پوي.

ـ **آسمانَ وَريسمانَ:** آسمان ءِ نوڙي. اڪبر جو مڪبر ـ انيِ جو گهوهاٽو.

ـ **آسماني ج آسمانيْ:** صفت. آسمان جو ـ آسمان وارو ـ سماوي. آسَمان جهڙو ـ هلڪو نيرو (رنگ). بهشتي.

ـ **آسمانيْ آفَت:** ث. سماوي مصيبت ـ خدائي قهر. ازغيبي مصَيبت ـ اوچتي بلا.

ـ **آسمانيْ تيْرُ:** ذ. ڪرندڙ تارو. اجايو ڏُڪو.

ـ **آسمانيْ زَبان:** ث. ملائڪن جي ٻولي. آسمانيْ ڪتابُ: ذ. آسمان تان لٿل (آيل) مذهبي پاڪ ڪتاب (توريَت، اَنجيلَ، زبور، فرقان).

ـ **آسمانيْ ڪَڪَرُ:** ذ. آسمان تان آيل رحمت ـ اَبر رحمت ـ خدا تعاليٰ جي (خاص) مهرباني. اوچتي مدد. وڏيءَ سخاوت جو مالڪ ـ ڏاتار.

ـ **آسمانيْ ڪَلامُ:** ذ. خدائي ڪلام ـ الهام ـ آڪاس واڻي.

ـ **آسَمانيْ گيڙهو:** ذ. آسمان ۾ تارن جو پٽو ـ آڪاش گنگا ـ ڪَهڪشان.

ـ **آسمانه:** ذ. [ف] چت.

• **آسَمانيْ:** ذ. [ف] رَنگ جو هڪ قِسم ـ نيلو رنگ. (ث) آتَشبازيءَ جو هڪ قِسم ـ هوائيْ.

• **آسَنُ:** ذ. [سن.آشْوَنَ] وڻ جو هڪ قِسم(جنهن تي پٽ ڪيئون پلندو آهي).

• **آسَنُ ج آسَنْ:** ذ.[سن] آسَنْ.

• **آسندو ج آسَنْدَا (ڪ):** ذ. وڻ جو هڪ قسم ـ آسانڊو.

• **آسُنْڊَ:** ث. [سن.آ + شُنْڊي =سُنْڊِ] سُنڊِ. پسارکوکر جو هڪ قسم ـ بهمڻ اچو.

• **آسَنْگُ ج آسَنْگَ:** ذ.[سن.آ + سنگ] الفت ويجهڙائي. سنگ ـ صحبت.

• **آسَنْ ج آسَنَ:** ذ. [پَرا. آسَنَ: سن.آسَنَ < آس = واهَنْ] وهڻ جي جاءِ ـ بينڪ ـ گدي. پاڻاري ـ وهَڪَ. آستان ـ ماڳ ـ تڪيو ـ مڪان. فقيراڻو تڪيو ـ اوتارو ـ آستانو "ڪوڙئين ڪن سلام، اڇيو آسڻ ان جي" "آسڻ جن آريج ۾ تن جي وه جو وَرُ ٻيو"(شاه). وهڻي ـ ويهڻ جو نمونو ـ وهڪ ـ نَشستَ ـ بينڪ. ڏُکانَ.پوڄا پاٽ لاءِ وهڻ جي ٽپڙيَ ياننديو غاليچو. وهت تي جمي ويهڻ جو ڏنگُ. سُواريءَ جو ڏنگ. هاٿيءَ جي ڪُهلي تي پيلبان جي وهڻ جي جاءِ. جماع ڪرڻ جو هڪ نمونو (ڪوڪ شاستر ۾ چٽيءِ "آسڻ ڏنل آهن). جوڳين جي عبادتي ورزش جو نمونو (اهي نمونا پنجن کان وٺي چوراسي ليکيا آهن. جن کي 'يوگ آسڻ' چئبو آهي). بيڪ ـ خيرات (ث).

• **آسڻِ اُجوڙا:** بنا ڪنهن رتَ وارا، بي رتائتا رهڻ وارا هنڌ ءِ ماڳ.

ـ **آسڻُ بَدْڻُ:** وهڻ جو نمونو اختيار ڪرڻ. پُوڄا يا جوڳ ۾ رهڻ. پنهنجي جاءِ تي پختو رهڻ (گهوڙي تي) ـ جمي وهڻ.

ـ **آسڻُ جوڙڻُ:** پلٽي مارڻ ـ پلٽي هڻڻ. سنجوڳي حالت ۾ وهڻ.

ـ **آسڻُ جَمائڻُ:** بينڪ ڪرڻ ـ پنهنجو تڪيو جمائڻ. گهوڙي

Gul Hayat Institute

تي جمي وهڻ. سواري ڪرڻ. جماع ڪرڻ.

_ **آسڻ لڳائڻ:** بيٺڪ ڪرڻ. ڏرڻو ماري وهڻ. جمائي وهڻ. ترسڻ — ٽڪڻ.

_ **آسڻ ماري وهڻ:** پلٽي ماري وهڻ. جوڳين وانگر ڏرڻو ماري وهڻ.

_ **آسڻ هيٺ آڻڻ:** تابعدار ٿيڻ. پيش پوڻ.

• **آسٽي ج آسٽيون:** ث. [سن. آسَنَ < آسْ = ويهڻ] ننڍو غاليچو يا ٽپڙي (جنهن تي هندو عبادت لاءِ ويهن،ٿا زالون ويهي رڌ پچاءِ ڪن).

• **آسُو:** ذ. [سن. اَشْرَ] ڳوڙها — هنجُون — اَشڪ.

• **آسُو ج آسُو:** ذ.صفت[سن.آشا =اميد] اُميد وارو — اُميد پريو — اُميد رکندڙ —آسائو. (اسم خاص) مرد (جو'آسُو' مهيني ۾ جمي) جو نالو هڪ هندو شاعر جو نالو "آسُو. آڪاڻي. جڳ مڙيوئي سپنو".

• **آسوتو (ٿ):** ذ. وَل جو هڪ قسم (وڻ تي چڙهي، سڄو سال سائي رهي، اُٽ ۽ ٻڪريءَ جو بهترين کاڌو آهي). پيلولو (ٿ).

• **آسُوڏ:** ذ. [ف. اَسُودَن = آرام ڪرڻ] آرام — آسائش — چين.

• **آسُودرو (ٿ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڪنڊي يا ڪونيٽ جهڙو) لَسيٽ ڪَنڊيءَ جو هڪ قسم — ننڍي ڪنڊي.

• **آسُودو ج آسُودا:** ذ.صفت [ف. آسُودَهْ] خوش. سُکيو — باآرام. بي اونو — خوشحال — پاڻيو. هوند وارو. غني —شاهوڪار — دولتمند.

_ **آسُودائي ج آسُودائيون:** ث. سکيائي. دلجمعي. خوشحالي — شاهوڪاري — دولتمندي — هوند.

_ **آسُودگي ج آسُودگيون:** ث. آسُودائي.

_ **آسُودو ٿيڻ:** سکيو ٿيڻ. آرامي ٿيڻ. بي اونو ٿيڻ. خوشحال ٿيڻ. دولتمند ٿيڻ.

_ **آسُودو هُڻڻ:** سکيو هڻڻ. دولتمند هڻڻ. بي فکر هڻڻ.

_ **آسُوده:** صفت. [ف] آسُودو.

_ **آسُودهْ حال:** ذ. صفت. آسُودو — فارغ البال.

_ **آسُودهْ خاطر دل:** ذ. صفت. آسُودو.

• **آسُوڪا:** ذ. صفت. [سن. آشڪو = بي غم] ٽڏو ٽانهريو. بي غم — بي فکر. (اسم خاص) ٻڌ ڏرم جو هڪ وڏو راجا "اشوڪ".

• **آسيُ ج آسيُون:** ث. صفت. [ف] مڙس جي بي زال — پهاج.

• **آسَيا:** ث. ڪ. [ف] جنڊ — جانڊه _ چَڪِي.

_ **آسَيا آڻڻ:** ذ. صفت. جنڊ آهوڙو.

_ **آسَيابَ:** ث. پاڻيءَ جي چڪي —آبي چڪي.

_ **آسَيَاسَنگ:** ذ. جنڊ جو پٿر — جنڊ جو پٿر.

_ **آسَيَاگر:** ذ. صفت. جانداهي.

_ **آسَيَانَ:** ث. [ف] روهي.روهيءَ جو پٿر.

• **آسَيبَ ج آسَيب:** ذ.[ف] صدمو — ڏک. تڪليف. اهنج. دشمني —مخالفت. آفت — بلا. جن پُوت — جنّ پَري وغيره جو اثر. لڳت جو حساب. ڊپ — ڀؤ.

_ **آسيبُ پهچائڻ:** ايذاءِ رسائڻ. ڏک پهچائڻ.

_ **آسيبُ زَدَه:** صفت. جنّ جو ورتل —لڳت وارو.

• **آسي پاسي:** ظرف. اردگرد — آسپاس. پرپر _ ويجهو.

• **آسيُرو ج آسيرَا:** ظرف. [سن آشرَ = هُن مٽي وٽيرڪو — پاسي تيَ — پاسي — پري — دُور. لفظ "پاسيرو" سان گڏ ڪم ايندڙ "آسيرو پاسيرو". (ضد)پاسيُروج پاسيُرا.

_ **آسيُرو پاسيُرو:** ظرف. [سن.آشرَ = هُن مَٽي + پاشِرَ =پاسي تيَ] آڏو ڏڏو — اڻ سڌو — ڏنگو ڏڏو.

_ **آسيُرو پاسيُرو ٿيڻ:** بُت ڪي وٽڻ سٽڻ ناز نخرو ڪرڻ. نٽ نٽاءُ ڪرڻ. ڦٽڪڻ سٽڪڻ.

• **آسيُس ج آسيُسُون:** ث. [سن. ١.آشس = (آ=ساڻ + شاسْ = حڪم هلائڻ)دُعا. گهُر. ٢.آشش] دُعَا. برڪت. راحت — خوشي. ڏَڍِ. آڏَتُ. سڪ —آرام.

_ **آسيُسَا:** ث.آسيُس.

_ **آسَيُس ڏيڻ:** دُعاڪرڻ. سُک ڏيڻ. دل کي تسڪين بخشڻ.

_ **آسَيُس ڪَٽڻ:** دُعا ڪٽڻ.

• **آسَيُ ڦُلِي:** ث.[سن. آ + شْتَارَ =آڦرجڻ. آڦري —آلِي ڦُلي. تيَڪَ جي بيماري — پولهه اوگر چوپائي مال (خاص ڪري ٻڪرين) جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ سَهر ٿي پوي).

• **آسيُنگو ج آسيُنگا (ٿ):** ذ. آسرو. خيال سهولت. آسانگو.

_ **آسيُنگو ڳولَڻ:** سهولت ڳولڻ —آسانگو ڳولڻ.

_ **آسيُوَل:** ذ. ٻيڙيءَ جي آڳل واروسامان آڳل جو وَرُ يا رسو (پَڳهَ).

• **آسيَه:** اسم خاص. [ع] فرعون جي زال (جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام کي پٽ ڪري پاليو هو)

• **آشَ:** ث. [ف: سن. آشَ =آڇ، رڇ] پٽڙي آڇ يا رَڇ (جا آساڻيءَ سان پي سگهجي) — رَڇ — پيچ. رَسُ — شوروو.

_ **آشِ جوَ:** ث. جَوَن جي آش (جا بيمارن گي جَو پُڄي. رڌي ڏجي).

Gul Hayat Institute

• **آشخَانو:** ذ. بورچي خانو ـ رڌڻو.
ـ **آشدَارُ ج آشدَارَ:** ذ. آش رکڻ جو ٽانءُ.
ـ **آشکَارَه:** ذ. صفت. بورچي.
• **آشَا ج آشائُونْ:** ث. [سن] آسَا – اميد – آسرو – آرزو – خواهش – تمنّا.
ـ **آشَا پُراپْتَ:** صفت. آسا پُرَ پُتَ.
• **آشَام:** صفت. [ف. مصدر آشاميْدَنْ = پيڻ] پياڪ (پيڙي شَي جو) ـ پيَنْدَرُ. اسر جي پنيان اچيَ اسر فاعل جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ "خَون آشام = رَت پيندڙ، مَي آشام = شراب پيندڙ".
• **آشتِيْ:** ث. [ف] صفائي – اوجَر. اَمن. صلح – ناھ. محبت "جنگ کان آھي، آشتي بھتر".
• **آشْرَمُ ج آشْرَمَ:** ذ. [پرا. آسّرَ' سن. آشْرَمَ] سَاڌُن، سنياسين جي رھڻ جي جاءِ ـ مڙھي – ڪُٽيا. برھمڻ جي جيوت جي ھڪ منزل (چار آشرم آھن، ١. برھماچاريہ = برھما جي پوجاجي خيال وارو، آديسي، صوفي، ويدانتي، خدائي طالب. ٢. گرھستي = گھر تڙ وارو، جو جھان ۾ وھنوار ۾ ڪري. ٣. وان پْرَست = ويدانتي علم جو طالب علم. ٤. سنياس = لاتعقلي يا تياڳ جي خيال وارو). خوشيءَ جي موقعي تي ناھيل جھوپڙي يا ڇنو. مدرسو – اسڪول. ڏرمي اسڪول يااصول. وٽن جو جھڳٽو – جھنگ.
• **آشُفْتَه:** صفت. [ف] پريشان – حيران. عاشق – چريو – ديوانو.
ـ **آشُفْتَه اَحوال (حال):** صفت. پريشان حال – خراب حال – بدحال – چريو. عاشق.
ـ **آشُفْتَه خَاطِر دل:** صفت. آشُفته حال.
ـ **آشُفْتَه دِمَاغ:** ذ. صفت. دماغ ڦريل – مٿي ڦريل.
ـ **آشُفْتَه روز:** ذ. صفت. بدحال. ڪمبخت.
ـ **آشُفْتَه سَر:** ذ. صفت. مٿي ڦريل – چريو. عاشق. پريشان.
ـ **آشُفْتَه سَريْ:** ث. بَدحالي. پريشاني. چريائي.
ـ **آشُفْتَه عَقْل:** ذ. صفت. مَت اُڪتيل. مَت ڪٽل.
ـ **آشُفْتَه گَاکُل:** ذ. صفت. زُلف چڙيل – چَتن چُڙيل – چوٽي چڙھيْ.
ـ **آشُفْتَگِيْ:** ث. حيراني. پريشاني. چريائي. بدحالي.
ـ **آشُفْتَه مُوْ:** ذ. صفت. چَتن چُڙيل – وارن چُڙيل – زُلف پريشان.
ـ **آشکَار:** صفت. [ف] ظاھر – پڌرو – چٽو – نروار – کليل.
ـ **آشکَارَا، آشکَارَه:** صفت. آشکَار.
ـ **آشکَار کَرڻ:** مشھور ڪرڻ – ظاھر ڪرڻ.
ـ **آشِکَارَگِيْ:** ث. اظھار – اعلان – پَبْلِسِٽِيْ.
• **آشکَارَا:** اسر خاص. [ف] مشھور درويش شاعر سڃڙ جو پارسي شعر ۾ تخلص.
• **آشنَا:** ذ. صفت. [ف] دوست – يار. ھانھو – غلام – مطيع. ناجائز تعلق رکندڙ – ڏڃڙ – چگھوٽو. واقف – سُجاڻو – جاڻو ـ جَاڻُ سُجاڻُ. ترندڙ – تارُو – شناور. مرڪبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ "صورت آشنا، وغيره".
ـ **آشنَابَاز:** ذ. صفت. تَارُو – ترندڙ.
ـ **آشنَابَازِيْ:** ث. تَرڻ – شناوري.
ـ **آشنَابِيزَار:** ذ. صفت. دوستن کان تھندڙ.
ـ **آشنَاپَرِسْت:** ذ. صفت. دوست نواز – دوست. محبّ. قدردان.
ـ **آشنَا وَبيگَانَه:** ذ. صفت. پنھنجو ۽ پرايو (ڏاريون).
ـ **آشنَائِيْ ج آشنَائِيُوْنْ:** ث. واقفيت – سڃاڻپ – جاڻپ – سھيپو – جاڻ سُجَاڻ. دوستي – ياري.
ـ **آشنَائِيْ کَرڻ:** واقفيت پيدا ڪرڻ. دوستي ڪرڻ.
• **آشُوْ ج آشُوْ:** ذ. صفت. [سن.آشَ > آشُوَ: ف. آزُوْ] اُڀھرو (تہ آس جلدپوري ٿئي). تکڙو – تيز – زوُد.
• **آشوبْ:** ذ. [ف] گوڙ – شور – ھُل – غوغا. فتنو – فساد. غبار (دل جو). اوبَرُ (اک جو). اوبارو (ڪُني جو) – ٽھڪو – جوش. فڪر. خوف. آفت. تڪليف – پريشاني. اسر جي پنيان اچي اسر فاعل ناھيندڙ لفظ "شَھر آشوبْ، وغيره".
ـ **آشوبُ اَنگيز:** ذ. صفت. گوڙيلو. فسادي.
ـ **آشوب چَشْم:** ذ. اکين جو اوبَر. اکين جي ڳاڙھاڻ ۽ سوڄ.
ـ **آشوبَ حَالْ:** ذ. صفت. بدحال – آشفته حال – پريشان.
ـ **آشوب گُسْتَر:** ذ. صفت. فساد پکيڙيندڙ.
ـ **آشوب محشر:** ذ. ھنگامو. قيامت.
ـ **آشِيَانْ ج آشِيَانَ:** ذ. [ف] آشيانو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "جنّت آشيان، خُلد آشيان".
ـ **آشِيَانو ج آشِيَانَا:** ذ. [ف. آشيانه] آکيرو – آھيرو. گھر. آستان – مڪان.
ـ **آشيانو اُجڙ کَرڻ:** گھر برباد ڪرڻ.
• **آشِيْرواد:** ث. [سن. آشْس = آسيس + وَادَ < وَدْ = ڳالھائڻ] آسيس – دُعا. برڪت.
• **آصَفُ:** اسر خاص. [ع] حضرت سليمان عليہ السلام جي وڏي وزير جو نالو (آصَفُ بن بَرخيا). نُورجھان جي پاءُ جو نالو. ھڪ ايراني شاعر جو نالو.

Gul Hayat Institute

ـ **آصَفُ جَاهُ:** اسم خاص. حيدرآباد دكن جي نواب جو لقب.
ـ **آصَفُ راءِ:** صفت. آصَفَ جيڏو دانائ ـ ڏاهو صلاحڪار.
ـ **آصَفِيَه:** ث. آصَفَ ڏانهن نسبت ڪيل. هڪ اردو لُغت جو نالو (فَرهَنگ آصَفِيّه).
• **آصَال:** ذ. [ع. اَصيل ج آصَال] ٽپهريءَ کان شام تائين وقت.
• **آغَا ج آغا:** ذ. [ترڪي] آقا ـ سائين ـ ڌڻي ـ مالڪ ـ آڳا. سردار ـ امير. وڏو ياءِ.
ـ **آغا خان:** اسم خاص. اسماعيلي خوجن جي پير جو لقب.
• **آغَا خَانِي:** صفت. خوجن جي پير (آغا خان) ڪي مڃيندڙ.
• **آغَاز:** ذ. [ف] شروع ـ مُنڊ ـ اوّل ـ ابتدا. (انجام جو ضد)
• **آغَشْتَه:** ذ. [ف] آلو ـ پڳل. آلودو ـ مليل ميلاپ ـ مَٽ.
• **آغوش:** ذ. [ف] جهولي ـ گود ـ هَنْجَ. بَغل ـ پاڪُر. ٻڪ.
ـ **آغوش گرم كَرَنْ:** ڪچ ڪوسي ڪرڻ. پاڪر پائي وهڻ.
ـ **آغوش ۾ سُمهڻ:** جهوليءَ ۾ سمهڻ. ڪچ ۾ سمهڻ ـ پاڪُر ۾ سمهڻ ـ پاسي ۾ سمهڻ.
• **آغِيل:** ث. [ف] ترڇي. ٽيڙي (ڪاوڙ يا حقارت جي) نظر. شرميلي نظر. آگيل.
• **آف:** ذ. [بلوچڪي] آبَ ـ پاڻي. [ف] آفتابُ ـ سُج.
• **آفَات:** ث. [ع. آفت ج آفات] آفتون. مصيبتون. تڪليفون.
• **آفَاقَ:** ذ. [ع. اُفقُ ج آفاق] پراهين ۾ پراڏون ڏيکيرو جتي زمين آسمان مليل نظر اچن ـ سَنسمان ـ اُفَق. زمين ۽ آسمان جا ڪنارا يا حدون. سارو جهان ـ دنيا ـ سنسار ـ جَڳ.
• **آفَاقَ بَنْدُ، ستان، گير:** ذ. صفت. ساري دنيا جو فاتح ـ بادشاه.
• **آفَاقو ج آفَاقَا:** ذ. صفت. [ع. اُفقُ] اهو ماڻهو جو آفاق گهُمي. اجايون ٻڌاڪون هٿي ۽ ڪوڙ ڳالهائي. بڪواتي. دريده دهن ـ وات ڦاٽورو.
• **آفَاقِي ج آفَاقِيْ:** ذ. صفت. [ع] جهان گهمندڙ ـ سيلاني ـ سياح. مڪي کان ٻئي ملڪ ڏي ويندڙ يا ٻئي ملڪ کان مڪي ڏانهن ويندڙ.
• **آفَتَ ج آفَتُون:** ث. [ع. آفَت: سن. آپدَ] مصيبت ـ آپدا ـ بلا. حادثو. ظلم ـ قهر. سختي. بيماري. ڏڪار. (صفت) چالاڪ. ذهين. شرير ـ لُڇ.
ـ **آفَتَ اَيْمَنْ:** مصيبت اچڻ. ڏکر پوڻ.
ـ **آفَتِ آرضِيْ:** ث. زمين مان پيدا ٿيندڙ آفت.
ـ **آفَتَ بَرپَا كَرَنْ:** مصيبت پيدا ڪرڻ. ٽرٽلو مچائڻ.
ـ **آفَتَ ٽَارَنْ:** مصيبت دور ڪرڻ.
ـ **آفَتِ جان:** ث. جان جي بَلا. جان جو روگ. معشوق ـ دلبر.
ـ **آفَتِ جو پُرڪَالو:** ذ. آفت جو ٽُڪرو ـ غضب. جو پُتلو. فتنو انگيز.
ـ **آفَتِ دِيْنْ:** ذ. دين لاءِ مصيبت. (مجازاً) محبوب ـ معشوق.
ـ **آفَتِ رَسِيْدَه:** صفت. مصيبت جو ماريل ـ ڏنڙيل.
ـ **آفتِ روزگار:** صفت. شوخ ـ شرير. معشوق. فسادي ـ فتنو انگيز.
ـ **آفَتْ زَدَه:** صفت. مصيبت جو ماريل ـ زماني جو ستايل. نياڳو.
ـ **آفَتِ سَمَاوِي:** ث. آسماني آفت. ڏٺيءَ جي طرفان آيل مصيبت ـ الاهي آفت ـ خدائي قهر.
ـ **آفَتِ سَماوِيْ اَچَنْ:** سخت مينهن. هوڏ. ماڪڙ. پليگ. وبا. ڏڪار وغيره نازل ٿيڻ.
• **آفَتِ مَجَائِي ڈِيَنْ:** ظلم ۽ ستم برپا ڪرڻ. آفت ناگهاني: ث. اوچتي مصيبت.
• **آفتَابَ ج آفَتَابَ:** ذ. [ف] سج سورج ـ شمس ـ خورشيد ـ آڏِتُ. سجَ جي روشني ـ اُس ـ تڙڪو. (مجازاً) گرم. شرابه معشوق.
ـ **آفتَابِ اِقْبَالْ:** ذ. بخت جو سج ـ روشن بلندي.
ـ **آفتَابَ پَرَسْتْ:** ذ. صفت. سجَ جي پوجا ڪندڙ. سُورج مکي گل. ساندو.
ـ **آفتَاب پَرَسْتِيْ:** ث. سج جي پوجا.
ـ **آفتاب جمال:** صفت. خوبصورت ـ حسين.
ـ **آفتاب رُخ، رُو:** صفت. جنهن جو منهن سج جهڙو روشن هجي.
ـ **آفتَاب جَبِين:** صفت. جنهن جي پيشاني سج جهڙي روشن هجي.
ـ **آفتَاب زَدَه:** صفت. جنهن کي گرميءَ جي چپيٽ لڳي هجي.
ـ **آفتَاب زَرْد:** ذ. سج لهڻ جو وقت. شفق.
ـ **آفتَاب سَوار:** ذ. صفت. سوير اٿندڙ.
ـ **آفتَاب گاه:** ذ. جتي سج جو تڙڪو هجي.
ـ **آفتَاب گُرْدَان:** ذ. اُس کان بچاءَ لاءِ تنبو.
ـ **آفتَاب گِيْر:** ث. چَتْري.
ـ **آفتَاب مَحْشَر:** ذ. قيامت جي ڏينهن جو سج. (مجازاً) تمام گرمي. حسن واري زال (جنهن جو منهن سج وانگر چمڪي) ـ معشوق.

Gul Hayat Institute

_ **آفتابي:** صفت. آفتاب جو — آفتاب وارو — شمسي.
_ **آفتابي رنگ:** ذ. سج جهڙو رنگ. گهاٽو ڳاڙهو — پيلو.
_ **آفتابي گلئنڈ:** ذ. اُس ۾ تيارڪيل گلئند.
• **آفتابو ج آفتابا:** ذ. آفتابه.
• **آفتابه:** ذ. [ف] آفتابو — ڪونرو — لوٽو — بدنو.
_ **آفتابچي:** ذ. ڪونرو ڪٺندڙ خادم.
• **آفتابيَ ج آفتابيُون:** ث. [ف] ڇٽي (آفتاب جهڙي گول). (سون جڙيل) ڍال آتشبازيءَ جو هڪ قسم.
• **آفرج آفرون:** ث. [انگ. Offer] آڇ. واڪ.
• **آفريد گار:** ذ. صفت. [ف. آفريد < آفريدَن = پيدا ڪرڻ + گار] پيدا ڪندڙ — خلقيندڙ — خلقٽهار — خدا تعاليٰ.
• **آفريدي:** اسم خاص. سرحد تي آباد ٽيل پٺاڻن جي هڪ قوم جو نالو.
• **آفريقه، آفريڪا:** اسم خاص. [ع. اِفريقه] هڪ ڪنڊ جو نالو.
_ **آفريقي، آفريڪي:** ذ. صفت. آفريڪا ڪنڊ جو رهاڪو.
• **آفرين:** ذ. صَفت. [ف. آفريدن = خلقڻ] پيدا ڪندڙ — خلقيندڙ — اُپائيندڙ "جهان آفرين، سخن آفرين".
_ **آفرينش:** ث پيدائش — خلقت — دنيا — عالم.
• **آفرين ج آفرينون:** ث. [ف] شاباش — جَسَ_ واه واه _ تحسين — داد.
_ **آفرين ڏيڻ:** شاباش چوڻ. تحسين ڏيڻ — جَسُ ڏيڻ.
_ **آفرين نامو ج آفرين نامَا:** ذ. شاباش جو پروانو. سرڪاري خدمتن جي قبوليت جو پروانو.
• **آفَنْدي:** ذ.[ترڪي] (تعظيم جو) خطاب — جناب — حضور. مالڪ — آقا.
• **آفُوس:** ذ. [پورچوگيز. آلفنسو] انب جو هڪ قسم.
• **آفيس ج آفيسون:** ث. [انگ. Office] سرڪاري ڪم (لکپڑهه) ڪرڻ جي جاءِ _ دفتر.
_ **آفيسر ج آفيسرَ:** ذ. صفت. آفيس وارو. بالادست عملدار — عملدار — ڪامورو.
• **آفيمُ ج آفيمَ:** ذ. [سن. آهْفينَمَ، آفينَمْ، (آهه = نانگ + فين = گجي) آفيم، جهڳ يا گجيءَوانگر نڪرندو آهي' ع. ف.آفيون: انگ. اوپيم Opium] ڏوڏيءَ جو رَسُ — ڏوڏيءَ جو ڳاڙ — اَمَلُ.
• **آفيمي ج آفيمي:** ذ. صفت آفيم ڪائيندڙ — آفيم واپرائيندڙ — املي. نشئي.
• **آڪَر:** ث. پيٽ جي قوڪ (گهٽي ڪائڻ سبب يا باديءَ سبب) — آڪريُ — پرتي. بدهاضمو. بادي. سيٽ — ڦوڪَ آڪَرُ. هٽ. تڪبّر. ڪاوڙ.

• **آڪَرڻ:** مصدر. [سن. ١.آڪْشَار = (آ = چڱيءَ طرح + ڪْشَارْ = سُڄي پوڻ < قَرُ = پرحڻ، ڦُوڪجڻ)؛ ٢. آ+ ڪاي = سُجڻ، وڌي پوڻ] گهٽي ڪائڻ ڪري پيٽ جو ڦوڪجڻ — پرحَڻُ. بمجڻ — سُجڻ. بادي ٿيڻ. بدهاضمو ٿيڻ — پرتي ٿيڻ. پيٽ تي بار ٿيڻ. ڏونري، ڏڏ. وغيره جو گرميءَ سبب اُڀرڪڻ. مغرورٿيڻ — ڦوندجڻ. (آڪريو — آڪرندو — آڪريل).
• **آڪرائڻ:** 'آڪرڻ' مصدرمان فعل متعدي باالواسطه. چڱيءَ طرح ڏؤ ڪرائڻ.
• **آڪرجڻ:** 'آڪرڻ' مصدر مان فعل مجهول. گهٽي ڪائڻ سبب پيٽ ڦوڪجڻ — بمجڻ — سُجڻ — پرحڻ. بدهاضمو ٿيڻ — پرتي ٿيڻ. بادي ٿيڻ. ڏؤنري جي دِڳن جو گرميءَ سبب پورو ٿي متي چڙهڻ — اُڀرڪڻ. وڏائيءَ ۾ پرحڻ — سيٽجڻ — ڦوندجڻ — مغرور ٿيڻ.
_ **آڪرجي پَوڻ:** گهٽي ڪائڻ سبب پرجي پوڻ — بمجي پوڻ.
_ **آڪرلاهڻ:** هٽ ڇڏڻ — سيٽ لاهڻ — آڪڙ لاهڻ. سزا ڏيڻ.
_ **آڪريُ:** ث. پيٽ جي ڦُوڪَ — پرتي. بدهاضمو. سيٽ — وڏائي.
_ **آڪريُ لاهڻ:** سيٽ لاهڻ — آڪڙ ڇڏڻ. سيڪت ڏيڻ.
• **آڪُو:** صفت. [سن. ڦُو=اجائي بکواس] ڏڏ — ڪُنڊ ذهن — ٽُڪ — مُڊ — اَڻُو.
• **آڪُونْڊجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. آ + سْڪُنْدِ = موڪرو ٿيڻ] وڏائيءَ ۾ پرجي وڃڻ — ڦوندجڻ. چرجو مسخري ڪرڻ.
• **آقا ج آقا:** ذ. [ترڪي] سردار — امير. بزرگ. سائين. مالڪ. آغا. آڪا. حاڪر.
• **آقاي نامدار:** ذ. اسم خاص. حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.
• **آقي باقي:** ظرف. [آقي + ع. باقي] رهيو ڪهيو — بچيو سچيو. هائي ڏائي — ويتر — هيڪاري.
• **آڪ ج آڪون:** ث. [سن. آنْڪَ] زنجيريءَ جهڙي پرت جو هڪ نمونو — آنْڪَ. انگ يا بدن. چيلهه يا هنج. پاسو. انگ. ٻڙيُ. پاٽيءَ جي گَنَ يا ڪسي (ٿ).
• **آڪ ج آڪ:** ذ. [سن. آنْڪَ= انگ، نشان] نشانُ. ڪپڙي يا ٻئي سامان تي نشان. ٽپو — چاپو (سُجاڻپ لاءِ). جانور تي ڏنپ جو نشان — داغُ. اوڪارو. صفت.[ع. عَاق = بي چيو] بي چيو. احمق — نادان — جاهل. نفرت جهڙو — آڪو.
_ **آڪ ٻڏو:** صفت. ٽپي يا مُهرلڳل (يعني ٻڏو سودو) _

Gul Hayat Institute

سَبّ جو سَبُ.

• **آڪارَ:** ث. هائوڪار – اقرار. مال کي 'آ آ" وارو سَدُ.

• **آڪارَ ج آڪارَ:** ذ.[سن.آڪارَ] صورت – شڪل – رُوپ. ڏول. اشارو – نشان. اُهڙڪو. گهوڙن جي بيماريءَ جو هڪ قِسم –آڪَ جي وڻ سان ڪنهڻ سبب گهوڙي کي ٽيل ڦٽُ.

• **آڪارجڻُ:** فعل مجهول. [سن. آرَكَ = آڪُ] چوپائي مال يا گهوڙي جي چمڙيءَ کي اڪ جي کيرلڳڻ ڪري زخم ٿي پوڻ.

• **آڪارڻُ:** مصدر. چَنڊُ. چاٽي صاف ڪرڻ – آچارڻ. ٽاڻڻُ. (آڪاريو – آڪاريندو – آڪاريل).

• **آڪارو ج آڪارَا:** ذ. [سن. آرَكَ = آڪَ + آرو = وارو] آڪ جي وڻ جا تاندُرا (جي اُڪَ جي ڪائين مٽان ڪيڏن). ڪُوڙو ريشم. آڪَ جي تاندورون مان ٺهيل ڪپڙو. اڪ جي تاندورن مان ٺهيل واڄهُ يا رسو "هڪ چرڪ سان چوڙي، ٻنڊڻُ ڇني ڇڏايم، ڪاهارُ ءِ اَڪارو، توڙي سڀي سڄاتو" (آسرداس). پليڪار – ڪيڪار – آڏرياءُ – مرحبا.

• **آڪاسُ ج آڪاسَ:** ذ. [برَا. آگاسَ؛ سن. آڪاشَ (آ = چئني طرفن کان + ڪَاشْ= چمڪڻ) چوڌاري چمڪندڙ] زمين ۽ آسمان جي وچ وارو پولار – خلا – آسمان "ڪنول پاڙون پاتال ۾، پَونر پري آڪاسُ" (شاهه) – اُپ.

ـ **آڪاس آڳَنَ گولو:** ذ. ٻرندڙ تارو – ڪرندڙ تارو –شهاب ثاقب.

ـ **آڪاس بُرتُ:** ذ. آسماني روزي – ازغيبي رزق – هوائي روزي.

ـ **آڪاس بُرتي:** ذ. صفت جيڪو آسماني (هوائي) رزق تي هلي.

ـ **آڪاس بَيلُ:** ث. وٽن تي چڙهندڙ وَل – وڻ ويڑهي – بي پاڙي وَل.

ـ **آڪاس ٻاڻِي:** ث. آسماني آواز – هاتفي آواز – آڪاس وَاڻِي.

ـ **آڪاس پَوَنَ:** ث. آڪاس بيلَ.

ـ **آڪاس ڏِيو:** ذ. اُهو ڏيو جو هندوُ ڪَتيءَ جي مهيني ۾ ڏياريءَ جي موقعي تي بانس جي وڏيءَ لڙهيءَ جي چوٽيءَ ۾ بڌي ٻاريندا آهن.

ـ **آڪاس ڦُلُ:** ذ. اولاد.

ـ **آڪاس گرِيُ:** ذ. زمين آسمان جي گڏجڻ وارو هنڌ. اُفق – حد نگاه ـ سَمْڻان.

ـ **آڪاس گَنگا:** ث. آسماني گِيهُو –آڪاس ندي – ڪهڪشان.

ـ **آڪاس گولو:** ذ. آسمان. آسماني نڪت. تارو. گرہ.

ـ **آڪاس مَنْڊَلُ:** ذ. سج، چند ۽ تارن جو ميڙ – نظام شمسي.

ـ **آڪاس نديُ:** ث. آسماني گِيهُو – کيرڌارا – ڪهڪشان.

ـ **آڪاس ٽِروَارُ:** ذ. آسماني جسمن جو علم ـ علم هَيئت – ڪچول وديا.

ـ **آڪاس وَاڻِي:** ث. آڪاس ٻاڻي. غيبي آواز الهام. آسماني ڪتاب.

ـ **آڪاس يوَڪنُ:** ذ.آسماني جسمن جي ڏسڻ لاءِ جاءِ ـ رصد گاه.

ـ **آڪاسِي ج آڪاسِيُ:** ذ. صفت. آسماني.

ـ **آڪاسِي ڪَڪَرُ:** ڏ. ڏٽيءَ جي ٻاجهَ – الاهي رحمت.

ـ **آڪاسِي وِرْتُ:** ذ. آڪاس برتُ – هوائي رزق – الستي روز (جنهنَ تي پَروسو نه هجي).

• **آڪاسيو (ٿ.ڪ):** ذ. [سن.آڪاشَ وَايَ] ٻاراڻيءَ راند جو هڪ قِسمَ – پٽن يا جبلن تي ڊوڙ ڊُڪ جي راند. جبل يا پٽ تي ڪتل جهنڊي (وَر وڪڙ واريءَ وات جي سجاٽپ لاءِ) ـ مَائِي (ڪ).

• **آڪاهه ج آڪاهيُون:** ث.[سن.اوْكَس = گهَرُ: يوناني. اوئي كاسَ] آڪهه – ڪُنڊ – ڪُڙهه – کهولُ.

• **آڪاهتو آڪاهيو:** ذ. صفت.آڪهه وارو – عيالي – اولادي. وڏو ٻچڙوالُ. وَڏيءَ آڪهَ مان – خانداني.

• **آڪٽ ج آڪٽَ:** ذ.[انگ. Act] قانوني مجلس جو منظور ڪيل قاعدو. محصُول – ناڪو.

• **آڪٽراءِ:** ذ. [انگ. Octroi] نشيدار شين جو محصول. محصول – چونگي.

• **آڪٽوبَرُ:** ذ.[انگ October] انگريزي سال جي ڏهين مهيني جو نالو.

• **آڪڻو:** صفت. ڪَنو – گڏ ٽيل.

• **آڪَرُ:** ث. [سن.آڪريْ = پَرڻُ] ڊير – ڊِڳ – انبار. خزانو. سرجشمو – نڪرڻ جي جاءِ (ڪنهن درياءَ وغيره جي). ڪاڻ. انبوه ـ ميڙ (ماڻهن جو) ـ اجتماع – مجموعو. جمع بندي. پرڻ جي حالت – پَرپ. مُلهه جو چاڙهه – مهانگائي – اڳهه جي تيزي – چڙهت – آڪرائي. پاڻيءَ جي ڪپر تان اٽل. شينهن يا بگهڙ وغيره جي ڏَر.

• **آڪَرَ آڪُرَ:** صفت. [سن. آ = نه + ڪريْ = خريد ڪرڻ] مهانگو – گران – آڪرو – تيز (اڳهه ۾). [سن.آڪريْ = پرڻ] تمام جهجهو – بي انداز – گهٽو. پريل. تمام سَٺو – بهترين – اُچو.

• **آڪَرُڪَرهو:** ذ. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – عاقر قرحو.

• **آڪَرمَ:** ث.[سن] غلبو. ڪاهَ – حملو – جُلهه. چانئجي وڃڻ جي حالت. فوقيت – برتري. گهٽو بار. طاقت – سگهه – زور.

• **آڪرامڪ:** ذ صفت حملي آور – ڪاهه ڪندڙ.غالب پوندڙ سگهارو.

• **آکَرمِيْ ج آکَرمِيْ:** ذ.صفت. حمله آور. غالب. زوراور. ڈاڈو.

• **آکرَڻ:** مصدر. هَيٹ کري پوڻ. آٹرَڻ – آکَرَڻ – آکُرَڻ – آهرَڻ – ٹاپرَڻ. (آکريو – آکربو – آکريل).

• **آکرو ج آکرا:** ذ. صفت. [سن.آکرَا < آ + کريُ = اڻ ڳڏل. جنهن اڳهه ۾ اڳي ڪنهن به نه ورتو هجي] مهانگو – گران – تيز – وڏي اڳهه وارو. ڳرو – پاري. قيمتي. [سن. آکُلَ] ڪَهُرو – شوخ – مغرور – هٹيلو. ڪاوڙيل. بي چيو. ضدي. تکو – تيز. طاقتور – زبردست. وڏائيءَ وارو. [سن. اگرک] اڳرائي ڪندڙ – حملي آور. اُتامرو – اُبهرو – جلد باز. چڑهتو. غالب – حاوي. گهٽو – ججهو – بي حد "تُرهو تنين بار، عشق جنين کي آکرو" (شاهه). ڳوڙهو – گهاتو. [سن.آکَرَ = ڊِڳ. خزانو. ڪاڻ] ڏُنِي پريل – مُنهن تار پريل – پُر. بار ۾ ڏهيل. (ث) آکري ج آکريُوْنْ.

– **آکرائِي ج آکرائِيُوْن:** ث. اگهه جي چڑهت – تيزي – مهانگائي – گراني. مغروري – هٹ – وڏائي.

– **آکرو ٹيڻ:** مهانگو ٹيڻ – گران ٹيڻ. ڪاوڙجڻ. گرم ٹيڻ. بي لحاظ ٹيڻ. بي پرواهه ٹيڻ. ضد تان نه لهڻ.

– **آکرو پوڻ:** ڪاوڙجڻ. حملي لاءِ ويجهو پوڻ. پنهنجيءَ تان نه لهڻ.

– **آکري:** مهانگي. ڳري. وڏي قيمتي.

• **آکرَڻ:** مصدر. [سن. ١. آ + کرِيْ = پَرڻ؛ ٢. آکَبّ = (آ = چڱيءَ طرح + کَبّ = سخت) زور سان پريل] آکڙ ڪَرڻ – سيٽجَڻ. وڏائي ڪرڻ – مغروري ڪرڻ. (آکڙيو – آکڙندو – آکڙيل).

– **آکڙ:** ث. سيٽ – ٹُوڪ – ٹُونڊَ. وڏائي. غرور – فخر – گهمند. تند – تانءِ. تڪبّر. ڪاوڙ – غصو.

– **آکرَائِيُ:** 'آکرَڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. ڪاوڙائڻ. مار ڏيڻ. آکيڙي يا وڙ ۾ قاسائڻ – آکيڙو ڏيڻ.

– **آکرَباز ج آکرَبَازَ:** ذ. صفت. وڏائي ڪندڙ. هٹيلو – مغرور.

– **آکرِجَڻ:** 'آکرَڻ' مصدر مان فعل مجهول سيٽجڻ – ٹوڪجڻ. آکڙ ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ. تند ڪرڻ. ڪاوڙجڻ. (آکڙيو – آکڙبو – آکڙيل).

– **آکرَوخان:** ذ. صفت. آکڙ ڪندڙ – سيٽ رکندڙ. ترڙو – سفلو.

– **آکرَوگَرڻ:** وڏائي ڪرڻ. سيٽ ڪرڻ ٹوندجڻ: – آکڙجڻ.

– **آکرَو مُلو:** ذ. صفت. آکڙ ۾ پريل – ٹوڪيل هٹيلو – متڪبّر. ڪاوڙيل. سُوند مُنهون.

– **آکرِيو ڪُهُمَڻ:** سيٽيو گهمڻ – ٹوڪيو وٽڻ. ڪاوڙيل هئڻ. مغروريءَ سان هلڻ.

• **آکُڙَڻ: مصدر.** [سن. آکُرَش = لڳ مُڙڻ] سُور يا ٹَڪَ سبب بدن ونجي پوڻ. ڪُڙجڻ. سيٽجڻ – آماسجڻ –. ڦٽ ڦرڙي سبب ماس جو سُجهڻ. ايذاءُ ٹيڻ. آکُرَڻ. ڏکو ڪائي ڪرڻ – آٹرَڻ – باهُڙڻ. ترڪڻ ڪرڻ. چوپائي مال (اُٺ ٻکريءَ، وغيره) جو ڪنڌ ڏگهاري وڻ چَرڻ يا نرا ڪٽي (ڪ). آکُڙيو – آکڙندو – آکڙيل].

– **آکُڙ آکُڙ:** ث. ذ. ڦُرڙيءَ يا ڦٽ سبب بدن ۾ ٹيل سيٽ يا سُورَ – آکيڙ. سوج – آماس. سُور – ايذاءُ. اُٺ ٻکريءَ وغيره جي وڻ چَرڻ وقت بيهڪ يا ڪنڌ ڏگهيرڻ جي حالت (ڪ).

– **آکُڙَجَڻ:** 'آکرَڻ' مصدر مان فعل مجهول ڦٽ يا ڦرڙيءَ ۾ سُور ٹيڻ. سُور سان پرجڻ ڳڏڙيون پوڻ. سنڌ ڪُڙجي پوڻ. بدن سيٽجڻ.

– **آکُوْ کَنَڈُ (ڪ):** ٻکريءَ جو وڻ چَرڻ لاءِ اڳيون تنگون اُڀيون ڪرڻ. نرا ڪٽڻ. اُره ڏيڻ. مهاڏو انڪائڻ.

• **آکرِو ج آکرَا:** ذ. [سن. آنْکَ = انگڙو. نشان] نشان. ٽپو. داخلا – نُوندَ. حساب ڪتاب – ليکو دَرَ يا دريءَ جو ڪُنڊيو. (ث) آکرِي ج آکرِيُوْن.

• **آکسفُرڊ:** اسم خاص. [انگ Oxford] انگلنڊ جو هڪ مشهور شهر (جتي مشهور "آکسفورڊ يونيورسٽي" آهي).

• **آکسيجَن:** ث. [انگ Oxygen] هڪ گيس جو نالو.

• **آکُلتَا:** ث. [سن] مُونجهه – پريشاني. ميڙي چوندي.

• **آکلو ج آکلاَ:** ذ. صفت. اڳرائي ڪندڙ. اُتامرو – اُبهرو. تکو – تيز. جيڙاڪ.

• **آکڻ ج آکڻيُوْن (ڪ):** ث. [سن. آنْکَ، آنْکَسَنَ] ڪليءَ جي مُنهن کي ٻڌي ڪٽڻ جي رَسِّي.

• **آکَڻ:** مصدر. [سن. آپَکْتَ = ڪجائي] خراب ٹيڻ – ڪنو ٹيڻ. ڪتو ٹيڻ (ڪير وغيره). باس ڪرڻ. بي سواد ٹيڻ. چوپائي مال جي منهن کي اَڪ جي ڪير لڳڻ ڪري زخم ٹيڻ. [سن. آنْکَ = نشان] نشان ڪرڻ – ٽپو هڻڻ – آنڪڻ. ڏيان سان ٻڌڻ – ڪن ڏيڻ. (آکيو – آکيندو – آکيل).

• **آکو ج آکا:** صفت. [پرا.آڪو: سن.آ = نه + پَکْتَ = پڪو] اڻ پڪل – ڪچو – خام. ڦيلو – آنڪو (متيءَ جو ٽانءُ) "آکي جا احوال، معلوم ٽيا مهراڻ ۾" (شاه). ڪتيل (ڪير) – ڪتو ٽيل – سواد ڦريل – بدبُودار. اڻ وٽندڙ – خراب. [ع. عَاقّ] نافرمان – بي چيو. فسادي – باغي – ڦريل.

Gul Hayat Institute

_ **آکوئيٽ:** بيسواد ٹيٽ (کير) — کنو ٹيٽ. قِطي پوٽ.

• **آکورَ ج آکورُنْ:** ث. خام خيال. ڳڻتي. سوداءُ.

• **آکُونْدو ج آکونْدَا (ک):** ذ. ٻُوٽي جو هڪ قِسم — جابلو ڊپ جو هڪ قِسم.

• **آکَهه ج آکَهيُونْ:** ث. [سن.اوکَس= گهر] ڪُٽنب — ڪُٽمبُ. گهرُ. پَار ٻچا — پاتي. خاندان — گهراڻو — نَسَل.

• **آکَهُ:** صفت. [سن.آ = نہ + کَتْ = بيان ڪرڻ] جو ٻڌائڻ جهڙو نہ هجي — بي بيان — آکَهُ.

• **آکيرُو،آکيرُو ج آکيرَا:** ذ.[سن. ١. آ = ڇڪڻ، طرح + کيلْ = ٻڌڻ، مضبوط ڪرڻ، کلو هڻڻ ٢. آکُنْجَ = وَکَڙُ، آکيرُو] وَکَڙُ — پيچ — وراکو. سخت وَکَڙُ — زور پريو وَتُ — اشڪنجو. جنڊ جي مڪڙيءَ کي جهلينڊڙ سٽيءَ جو ڏاڳو. رسي کي وَٽ ڏيڻ لاءِ ڪاٺيءَ ٽُڪر. ڏُهل جي رسين کي ڪشڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪر.

_ **آکيرَا ڇاڙهڻ:** جنڊ جي مڪڙين ۾ ڏاڳا وجهي، وکڙ ڏيئي جنڊ جي پڙ کي مٿيرو ڪري هلڪو ڪرڻ. وکڙ چاڙهڻ — سختي ڏيڻ. جنّ ڪيڏ لاءِ ماٿهوءَ کي آڳرين ۾ ڪاٽيون وجهي ايذاءَ لاءِ زور ڏيڻ.

• **آکيڙي ج آکيڙيُونْ (ک):** ث. آکَڙ (ک).

• **آکَ:** ث. [سن.اَکيَانَ = چوٽي] آگيا_ حڪم — امُر. گنتار — چوٽي.آڇ"عمر ڪريو آک، پهريو تي پن چران" (شاهه).

_ **آکَ ڪَرڻ:** حُڪم ڪرڻ — آگيا ڪرڻ. چَوَڻُ — آکَڻُ.

• **آکَ ج آکُونْ:** ث.[سن.آڪُشوتَ] اکڙوتُ — آکوتَ"آکونْ ڏاکون سر ڪنڊ شاخون، جن چوڪا چندن ڪونر" (شاهه).ڪوس جي منهن وَارو پاسو (ٿ).

• **آکَابِي ج آکَابِيُونْ:** ث. ويساک مهيني جي ٽين تاريخ — اکن وجهڻ جي ٽين تاريخ — اکن جو ڏڻ — اکٽيج. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن. پيرُن يا سڳرُن پڇڻ جي موقعي تي وَٽَ ڏيڻ وٺڻ جي رسم ۽ خوشي "ڪندس ڏُڌ ڏيهه ۾ ميڙي اباڻن ساڻ آکابي" (ميوو خان لغاري).

• **آکَارو ج آکَارَا:** ذ. [سن. آڇادَ] ڪنين جي ٽيڙَ — اُپي ٽيڙَ (خاص ڪري مورَ ڪبوتر ۽ ٻين پکين جي پڇ وارن ڪنيَن جي). ڏوتل ڪپڑن جو ڦَڙ لاءِ (سُڪڻ لاءِ). ڪار رڌل ڪپڑن جو ڏيرُ.

_ **آکَارو ڪَرڻ:** ڪنپ ٽيڙڻ (مور جو) — ڪنپ ڪولڻ — ڪنپ ڏوئڻ (پکي ڪنپ ڪولي وهنجندا آهن).

• **آکَارِيْ ج آکَارِيُونْ (ٿ):** ث. ڪوه مان ڪجهه وقت پاڻيءَ نہ ڪيڏ جي حالت (انهيَءَ لاءِ تہ ڪوهه ۾ گهنڊجي ويل پاڻيءَ جي پُورائي ٿئي).

• **آکَارُ:** ذ. [پرا. آساڍَ: سن.آشَاڍ] هندي سال جي چوٿين مهيني جو نالو.

• **آکَاڙو ج آکَاڙَا:** ذ. [پَرا. کاڻ: سن. آکْشَ + پاتَ = پاترو ميدان] کيڙيل يا نرم کيل زمين جنهن ۾ مَلهه. ڪُشتي يا راند ڪن). ڪُشتي وڙهڻ جي جاءِ. ورزش جي جاءِ ـ ڪسرت شالا. راندين جي جاءِ. ڪُڪڙن جي ويڙه جي جاءِ ـ دائرو. سَيا — دربار "اندر جو آکاڙو". مڪان — ڪُٽيا.

_ **آکَاڙوڳَائِڻُ:** گوڙ ڪرڻ. دائرو وجهڻ.

• **آکَاڻِي ج آکَاڻِيُونْ:** ث. [پَرا. آکَاڻِيَ: سن. آکْيَانَمْ، آکْيَانکَا > آکيَا = چَوَڻُ] ٻڌايلَ ڳالهه — قصو — ڪهاڻي — حڪايت — وارتا.

_ **آکَاڻِي ڪَري ٻَڌَائِڻُ:** بيان ڪري ٻڌائڻ. سربستو احوال ٻڌائڻ. در در بدنام ڪرڻ — هر هنڌ گلا ڪرڻ.

_ **آکَاڻِي کَڻَڻُ:** ڳالهه ڪٽڻ — ڪهاڻي ٻڌائڻ.

_ **آکَائِڻُ:** 'آکڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. چوائڻ. ڳالهرائڻ. ٻُڌي جي ڪن تي (ڳالهه) وجهائڻ. (آکائيو — آکائيندو — آکائيل).

• **آکتو ج آکتَا (ت):** صفت. تڪڙو. آتو. مايوس.

• **آکَڙ ج آکَڙ:** ذ.[سن. آ + ڪْشَرْ = صاف ڪرڻ] رجايل ۽ آچرايل گيهه "عُمر اباڻي پار ڏي، آهن آکر کير" (نَڦو). مکڻ رجائي کڌيل کتاڻُ _ قُلِي — وسناڻ — کنو — جهنگڙ.

• **آکِر(ل):** ث.[ع.آخر جو عامي تلفظ] مصيبت — وَڍُ.

• **آکَرڻُ:** مصدر.[سن. آهْلاَدْ،آوَر = آتَرَڻُ] وَڻَڻُ —آتَرڻ — پسند اچڻ. ريجهڻ — خوش ٿيڻ — راضي ٿيڻ. قبول ڪرڻ — مَڃڻُ.

• **آکِرِي ج آکِرِيُ (ت):** ذ. صفت. [سن. آڇَارِي = مڪريل] جادوگر — آچري.

• **آکَڙُ ج آکَڙ:** ذ. [سن. آڪُشوتَ] اکڙوتُ. ڪينهو — ڏڙهو — بَالُ "اُچليو آکَڙُ تڪي ڪيئن، ڦُهين ڪنگرين تان".

• **آکَڙڻُ:** مصدر. [سن.آ + سْکَلْ> سْکَلَنَ] آتَڙڻ — ٽاهڙڻ — ٻاهڙڻ — ڏکو ڪائڻ — ٽاهو ڪائڻ. ڪرڻ "آڏيءَ سي آکَڙنڊيونْ، اکيون جن ڪپار" (شاهه). پير مڙڻ سبب ٽاهو ڪائڻ. هڪڪڻ — هڪڙائڻ. اُبتو سبتو ڳالهائڻ. آکلَڻُ — اُکڙڻ — پٽجڻ "جي اُکڙئن آران تہ ڪنڊيءَ اچڻ ڏاکڙو" (شاهه ڪريم). (آکڙيو — آکڙندو — آکڙيل).

_ **آکـزَحٽ:** 'آکڙڻ' مصدر مان فعل مجهول ٽاهڙحٽ، ٻاهڙحٽ — آتڙحٽ.

Gul Hayat Institute

• **آڪڙي:** آڙڙي، ٽاپڙي، ڪشالاڪري (آڪڙ = ٽاپو).
• **آڪڙيو ج آڪڙيا:** ذ. صفت. آڙڙيل – ٽاپڙيل – باهڙيل. ترڪيل – ڪريل. گمراه. لڏندڙ. هيڪندڙ. نشي ۾ ڪيرو. (ذ). ڏڪو. صدمو. هَڪڙاڻ – هيڪ. چوڪ.
• **آڪَلْ (ل):** ث. [سن.آسْكَلَ] قيءَ – اُلٽي.
• **آڪَلڻُ:** مصدر. [سن. آ + سْكَلْ] آڪڙڻُ. قيءَ ڪرڻ – اُلٽي ڪرڻ (ل). (آ ڪِليو – آڪِلندو – آ ڪليل).
• **آڪِلو ج آڪِلا (ث):** ذ. صفت. آڪو.
• **آڪِلو پاڪِلو (ث):** ظرف. آس پاس وارو.
• **آڪَنْبو پاڪَنْبو:** ذ. سيراندي پيراندي – سيرُ پيرُ.
• **آڪَڻُ:** مصدر. [پرا. آيَكّڻ' سن. آكْيَا، آكْيَانَ < كْيَا = بيان ڪرڻ] چوڻ – ڪَهَڻُ – بولَڻُ. آڇڻُ. ڳالهه ڪرڻ – ڳالهائڻ. ٻڌائڻ – ڏسڻ. چوائي موڪلڻ. حُڪم ڪرڻ. (آ ڪيو – آ ڪيندو – آ ڪيل).
• **آڪو ج آڪا (ث):** ذ.صفت. ڪَلَ جهڙو ڪُتيل (ڏڳو) – آنڪو.
• **آڪوڙُ ج آڪوڙ:** ذ. اڪوڙُ.
• **آڪوڙو ج آڪوڙا:** ذ.[سن.آڪَشْكَ] دروازي جي چوڪٽ ۾ انجيس وجهڻ لاءِ ڪانڇو يا سَلُ. دروازي جي چانئٽ ۽ سَردري ۾ نڪتل ڪَپ (جن ۾ طاقن جون ڇهنبڙيون پون جي دروازي کي قِرڻ ۾ مدد ڪن).
• **آڪوڻُ (ث):** ذ. چمڙ جو وڏو ٽڪر. چَمڙ يا گوشت جو ڪپيل ٽڪر.
• **آڪون ڏراڪون:** قسم قسم جون ڏراڪون.
• **آڪِيَانُ:** ذ.[سن. آكْيَانَ] نصيحت آميز آکاڻي يا ڪهاڻي.
• **آڪِياڻِي ج آڪِياڻِيُون:** ث. آکاڻي.
• **آڪيٽڪ:** ذ. صفت. [سن] شڪاري – آهيڙي – صَيّاد.
• **آڪِڙو ج آڪيڑا:** ذ. آکيرو.
• **آڪيرو ج آڪيرا:** ذ. [سن.آشْرَ] ڪِڪيءَ جو ڪائون اڇو – آشيانو – واهيرو. (اسم خاص) تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آڪيڑو ج آڪيڑا:** ذ. ڪُڪڙن يا تترن ويڑهائڻ جي جاءِ.
• **آگ:** ث. [پرا. آگ' سن. آگْن] باه – آتش. ڪاوڙ – چڙ – غصو. سازُ – حَسَدَ. ڪامَ – جَل. خار.
– **آگ گاڏي ج آگ گاڏيون:** ث. باهه جي زور تي هلندڙ گاڏي – ريل گاڏي.
– **آگ لڳڻ:** باهه لڳڻ. سڙڻ. ڪاوڙجڻ. خارَ لڳڻ.
– **آگ ج آگُون:** ث.[سن.١.آگْر=آگْ؛ ٢.آگْ = مٽي وڄڻ] راندجو وارو – بازي – پَلُ. راند ۾ ڪَٽڻ جي حالت – ڪَتَ – جيت. ميار. هول – عهد – قسم. وهنوار.
– **آگ ڏيڻ:** راند ڪٽڻ مخالف ڏُرڪي راند ۾ وارو ڏيڻ.
– **آگ لاهڻ:** راند جووارو ڇُڪائي ڏيڻ. رکيل ڪم جهڙو تهڙو پورو ڪرڻ. ميار لاهڻ.
– **آگ وُڌڻ:** راندِ مخالف ڏر کان وارو وڌڻ. ٻيءَ ڏُر کان پلاند ڇڪي وڌڻ.
– **آگا ج آگا:** ذ.[ترڪي.آغا،آقا] آغا – آقا. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.
• **آگاڏُ ج آگاڏَ:** ذ. صفت.[سن.آگاڏَ] اونهون – عميق.
• **آگاسَ ج آگاس:** ذ. صفت. [سن. آڪاشَ] آسمان – آڪاسُ.
• **آگانْدي ج آگانْدِيُونْ (ث):** ث. سيراندي (ڪٽ جي).
• **آگاڻِي:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **آگاهِ، آگاهِي ج آگاهِيُونْ:** ث.[ف] سڃاڻپ (ڪنهن جاءِ يا صورت جي) – پَڇاڻ – پروڙ – ڄاڻ. خبر – سُڌ. واقفيت – ڏيٽ "جن جِي الڪ سين آگاه، هلو، تڪيا پسون تنجا" (شاه).
– **آگاهِ ڏَهُ:** خبر لهڻ – سُڌ سماءُ لهڻ "ناهي پُڇاڻي پنڌ جي، آءُ لهج آگاه" (سچل).
• **آگاهُ ج آگاه:** ذ. صفت.[ف] واقف – ڄاڻو "دانهون ڪن درياه جا اونهي جا آگاه" (شاه). باخبر. تجربي ڪارُ.
– **آگاهُ ٿيڻ:** خبردار ٿيڻ.
– **آگاهُ ڪَرڻ:** خبردار ڪرڻ – هوشيار ڪرڻ. اطلاع ڏيڻ.
– **آگاهِي ج آگاهِيُونْ:** ث. واقفيت – معلومات.
• **آگبُوٽُ ج آگبُوٽ:** ذ. [سن. آگْنَ = آگ + انگ. بوٽ = ٻيڙي] باهه جي زور تي هلندڙ ٻيڙي – دُخاني ڪشتي. ٻاڦِيءَ جو جهاز.
• **آگت:** ث. [سن] آمدني يا جمع وارو پاسو – آڳت. ٽائِن' جو ضد.
– **آگت ڪَرڻ:** آيل رقم جمع ڪرڻ – آڳت ڪرڻ.
• **آگتجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. وِيَاگهات] جهلجڻ. اٽڪجڻ. آڳتجَڻُ. (آگتيو – آگتبو – آگتيل).
• **آگٽ (ث):** ذ. ٻاڦِيءَ پرڻ جو هنڌ – تَڙ – ڪوه.
• **آگر:** ذ. [ف] خوشبودار گاهه جو هڪ قِسم (جو ٻارڻ سان خوشبوءَ ڏئي). اگربتي.
• **آگرا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **آگرو:** ذ. [سن] ٻن درياهن جي وچ وارو زمين ٽُکر – دوآبو. دوآبي جو شهر. (اسر خاص) پارت جي هڪ مشهور شهر جو نالو (جو مغل شهنشاه شاهجهان جي ٻُهرايل تاج محل کان مشهور آهي). تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو. (ذ. صفت) آڪرو. مٽاهون. مهربان.

• **آگرهه:** ذ. ٻڌل داڻو (موهيڙو، رت ڪڍڻ يا گرمي سبب بدن تي نڪتل ڪوبه داڻو). آرائي. ڇُلڻو.

ـ **آگرهه ڪرڻ:** پڪڙڻ. وکوڙڻ. قبضو ڪرڻ. مجبور ڪرڻ.

• **آگسٽ:** ذ. [انگ August] شمسي (گريگوريءَ) سال جو اٺون مهينو.

• **آگلي:** ث. [ملتاني] ڪمند يا جُوئر جي ڪُني جي ڪِري.

• **آگر:** ذ. [سن. آگمَ = (آ = ابتو + گرْ = وڃڻ = گمَنَ = الاڻي ڪڏهن اچڻ)] ايندڙ وقت (جنهن جي خبر يا گر نه رهي)ـ مستقبل. آئنده جو احوال – اڳڪٿي – پيشنگوئي. موت کان پوءِ جي حالت (جنهن بابت ڪا خبر ڪانهي). اڳيون وقت. آغاز – ابتدا – شروعات. آمدني. اچڻ جي حالت – داخلا. حاصل ٿيل شي. ڏرمي نيمن جو هڪ شاستر (جو ڏند ڪٿا موجب مهاديوَ جو لکيل، جنهن ۾ منترءِ ڪريا ڪرم ڏنل). دستاويز. لکيت. مشرق – پورب. (صفت) اوائلي – شروعاتي – پهريون.

ـ **آگرْ انديشو جاڻڻ:** نتيجي جو خيال رکڻ.

ـ **آگرْ بڪٿا:** ذ. صفت. اڳڪٿي ڪندڙ – پيشگو – نجومي.

ـ **آگرْ ٻڌڻ:** پيشنگوئي ڪرڻ.

ـ **آگرْ گيانيْ:** ذ. صفت. اڳڪٿي ڪندڙ – نجومي – جوتشي – رمّال.

ـ **آگرْ ڳالهه:** ث. پيشنگوئي – اڳڪٿي.

ـ **آگرْ وديا:** ث. اڳڪٿيءَ جو علم – نجومت.

• **آگمائڻ:** مصدر. [سن. آگمه] پيدا ڪرڻ.

• **آگمَنا:** ذ. صفت. هر اول. دلير. پهرين پيدا ٿيڻ وارو (ميوو).

• **آگو:** ڏڻي، مالڪ، آقا.

• **آگمَڻ:** مصدر. [سن. آگر = (آ = چٽني پاسن کان + گَرْ = ويجهو اچڻ) مينهن جو ويجهو اچڻ)] ڪرن جو مڙي اچڻ – جهڙ ٿيڻ – برسات جو لهي اچڻ "آگمئو آهي، لڇه پس لطيف چئي (شاهه). (آگميو – آگمندو – آگميل).

– **آگرُ ج آگرَ:** ذ. ڪرن جي مڙي اچڻ جي حالت – جهڙ – ملار. مينهوگهي – مينهن جي موسر. بارش – برسات (1) "اج پڻ اميدون، آگر سنديون آپ ۾" (شاهه)؛ (2) "اکين آگر سِٽيا، سانوڻ کان سرسا" (رمضان ڪنيو). مينهن پوڻ کان اڳ ۾ ٽيل گهُمَڻ – اُڪرس.

– **آگمائڻ:** 'آگمڻ' مصدر. مان متعدي بلواسطه (هوا ۾) جهڙ ڪرائڻ. آسمان کي مچائڻ آگر ڪرائڻ.

– **آگمجڻ:** 'آگمڻ' مصدر مان فعل مجهول آسمان جهڙ وارو ٿيڻ. آگر ٿيڻ – جهڙ ٿيڻ.

– **آگرُ ڪرڻ، لائڻ:** جهڙ ڪرڻ. بارش ڪرڻ.

• **آگو ج آگا:** ذ. [تُرڪي. آقا؛ ف. آغا] آغا – آقا – آگا. (اسر خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "ساراهيان سو ڏٽي جو آگو عليما" [سن. آگْن = باهه] سونارن جي ٻٽي ڪوري. يا ڇُلهو. آڳ:ٻي. (ذ. صفت) اگهاڙو. ننگو (ث).

• **آگوا:** ذ. زين جو آڳ :آ قُ:ڻ حصو هُني جو مُنيو – ڪُوڇ – پرٽو.

• **آگوتر** (ث): ث. [سن. آ + ءُڙ = محسوس] جيڪا شي محسوس نه ٿئي – غير محسوس يا غير مرئي شيءِ ايندڙ حياتي – آڳوتر.

• **آگهه:** صفت. [ف. 'آگاه' جو مخفف] آگاهُ اڳوان – رهبر – سونهون "آگهه امام حق جو، داورَ جوڙيو دُرّ" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي)

• **آگيا ج آگيائون:** ث. [پرا. آجا؛ سن. آجيا] مينا. حڪم

ـ **آگيا آنوسار:** ظرف. حڪم موجب فرمان موجب.

ـ **آگيا پالڻ:** حڪم مڃڻ – حڪم بجا آڻڻ.

ـ **آگيا ڏيڻ:** حڪم ڏيڻ.

ـ **آگيارتُ:** ذ. حڪم – فرمان.

ـ **آگيا ڪاريْ:** ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ – فرمانبردار.

ـ **آگياوانُ:** ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ – آگيا ڪاري – چئي وانُ.

• **آگياريْ:** ث. [سن.آگْن = باهه + آري = واري] باهه جي پوجا باهه جو مندر – آتشڪده. پارسين جو مندر (جتي باهه جي پوجا ٿئي)ـ اڳياڙي. گيهه جو داغ.

• **آگيليْ ج آگيليونْ:** ث. آڳيلي.

• **آگيل:** ذ. صفتَ. [سن. آگر = اڳ] راند ۾ پهريون وارو ونندڙ – آڳيل. پيڇيل جو ضد.

• **اِگيهَ (ڪ):** ذ. باهه. باهه جو پٽر – پُرز (ڪ). ٻن ڪائين سان باهه هارڻ لاءِ گسائڻ جي حالت.

• **آگيڙو ج آگيڙا:** ذ. صفت. [سن. آگر = اڳ] راند جو وارو ڏيندڙ

Gul Hayat Institute

ـ آڳ ڏيندڙ ـ آڳيئڙو.

• **آڳ ۾ آڳون:** ٽ. [سن.اڳڻ = ٻاھ] آگ ـ ٻاھ "آڳ اندر جي ڪين اجھامي، ٻاروچل جا ٻاري ھئي" (ڪبير شاھ). [سن. اڳر = اڳ] ٽڪي. جيڏ (راند ۾).

ـ **آڳ ڄاڙھڻ:** سرسي ڪرڻ (راند ۾) ـ راند ڪٽڻ.

ـ **آڳ لاھڻ:** وارو ڏيڻ (راند ۾). جيئن تيئن ڪم پورو ڪرڻ.

ـ **آڳ موڪڻ:** انجام پاڙڻ. ميار لاھڻ "آڳين جون آڳون، ڪونڙ ڪلي ۾ موڪيون" (شاھ).

• **آڳ وَسائڻ:** ٻاھ وسائڻ. آتشبازي ڪرڻ. اُس تيز ٽيڙ.

• **آڳُ ۾ آڳَ:** ذ.[سن. اگر = اڳيون] مُنڊ. (صفت) مھندار ـ آڳو ـ سردار ـ آگو. (ذ) وسيلو ـ پروسو ـ سھارو ـ آڌار "تون اوڍر، تون اوڍ ڪو، تون اجھو، تون آڳُ" (شاھ). مَارُو ماڻھُو "عُمر! آھيون آڳُ، پھريوتي پن چران" (شاھ).

• **آڳاتو ۾ آڳاتا:** ذ. صفت. [سن. اگرتس = اڳيون، پھريون] اڳياڙي وارو ـ اڳيون ـ اڳوڻو ـ جھونو ـ پراڻو ـ قديم "پاڃاتيان پئي، ٽيو آڳاتين اڳرو" (شاھ). پاڃاتو جو ضد. (ٽ) آڳاتيُ ۾ آڳاتيُون.

ـ **آڳاتائيُ ۾ آڳاتائيُون:** ٽ. جھونائي ـ پراڻائي ـ قدامت.

ـ **آڳاتيُ ۾ آڳاتيُون:** ٽ. صفت. شروعاتي ـ ابتدائي.اڳين ـ جھوني ـ پراڻي "آڳاتي ڳالھ". (ڳئون يا مينھن) مند کان اڳي ڦريل (ڪ). اڳوات پوکيل "آڳاتي پوک" پاڃاتي جو ضد.

• **آڳاجھ ۾ آڳاجھ:** ذ.[سن.آڪانڪشا] اميد ـ خواھش ـ تمنا. توقع. اُڪير ـ سڪ. مقصد ـ ارادو. سوال. آڳانجھ. صفت.[سن.اگاڌ] تمام اونھو ـ عميق ـ اوڙاھ.

• **آڳاسيُ ۾ آڳاسيُون:** ٽ. [سن.اگاڌ] تمام اونھو ـ عميق ـ اوڙاھ.

• **آڳاسَيُ ۾ آڳاسيُون:** ٽ.[سن. اگاشيہ] ڇڇھري ـ ڪھڙو. پٽڪو ـ پڳڙيُ.

• **آڳانجھو،آڳاندو ۾ آڳانجھا،آڳاندا:** ذ. صفت.[سن.اگاڌ] اونھو ـ عميق .تمام گھٽو. وڏيڪ.[سن. اگريہ= سپ کان اڳي] اڳئين وقت جو. آڳاتو ـ اڳوڻو ـ قديم.

• **آڳاندو ۾ آڳاندا:** ذ. صفت.آڳانديو.

• **آڳانڊيُ:** مصدر.[سن. آ=چوڌاري+ گُرنٽ = گنڊ ٻڌڻ،پُوئڻ، ملائڻ] گنڊيڻ. گڏڻ ـ ملائڻ ـ جوڙڻ.(آڳانديو ـ آڳانديل).

• **آڳانڊيو ۾ آڳانڊيا:** ذ. [سن.آ= چوڌاري+ گُرنٽ=گنڊيڻ، پوئڻ] ڳانڊياپو ـ آسرو ـ آڌار ـ پرڇھلو "جانب جڏي جيءَ جو، آڳانڊيو آھيو" (شاھ). ٽيڪ. مدد.

• **آڳانھ:** صفت. مشھور ـ پڌري "ڪَماحَقّہ، ڪکن جي، آھي، ڳالھ آڳانھ" (شاھ). آڳاھہ.

• **آڳاڻو ۾ آڳاڻا:** صفت. [سن. اگر= اڳيون] اڳوڻو ـ آڳاتو ـ قديم. (راند ۾) اڳ وارو ـ آگيل.

• **آڳاھہ:** ٽ. [ف. آگاہ: سن.اگريہ] آگاھ ـ آڳانھ. مشھور ـ پڌري.

ـ **آڳاھہ ڪرڻ:** آگاھ ڪرڻ. جاڻ ڏيڻ.

ـ **آڳاھي، آڳاھين ۾ آڳاھيُون:** ٽ.اڳوات جو اطلاع. چتاءَ ـ جاڻ. سجاڻپ ـ واقفيت.

• **آڳاھُون ۾ آڳاھاڻ:** ظرف. [سن.اگر= اڳيون] اڳوڻو ـ قديم ـ پراڻو "مون کي نہ موتاءِ، آءٌ آڳاھون آئيو" (شاھ). اڳيرو ـ اڳتي ـ اڳيان. پري ـ دور.

• **آڳت:** ٽ. [سن. آگت] وصولي. وَهِي ۾ پئسن ملڻ ۽ جمع ڪرڻ وارو پاسو.

ـ **آڳت جو ڪَرُو:** ذ. آمدني جي داخلا وارو ڪرڙو يا وَهِي. اوڌر تي ورتل مال جي داخلا رکڻ جي وَهِي.

ـ **آڳت ڪَرڻ:** مليل رقم حساب ۾ داخل ڪرڻ. دڪان ۾ اڌارو آيل سامان بنديءَ ۾ لکڻ.

• **آڳَتُ:** مصدر.[سن.١. آگھت= لڳڻ، ڇھڻ. ٢. وياگھات =رندڪ] بند ڪرڻ ـ قابو ڪرڻ. گھُٽڻ ـ ٻُوساڻ.(آڳتيو ـ آڳتيل).

ـ **آڳَتَ ۾ آڳَتُون:** ٽ. گھُٽ ـ ٻُوساتَ ـ سوڙھ ـ ماندگي.

ـ **آڳتجڻ:** 'آڳتڻ' مصدر مان فعل مجھول. جھلجڻ ـ روڪجڻ ـ رندجڻ ـ اٽڪي بيھڻ "ڇھتي ريءَ ڇھاڙ ۾، اُٺ مَ آڳتجن" (شاھ).

ـ **آڳَتَ ساڳَتَ:** ظرف. ھڪ ٻئي پٺيان ـ لاڳيتو ـ لڳولڳ ـ مسلسل. ڪُلھو ڪُلھي ۾ ـ ٻٽو ٻٽ. منھان منھن.

• **آڳَتُ (ٽ):** ٽ. تڙ. پاڻي پيڙ جو ھنڌ ـ ڪُوھ.

• **آڳر ۾ آڳرون (ڪ):** ٽ [سن.اگريہ] اڳرائي. وڌائي ـ ٽنڊ ـ سيڌ.

• **آڳر ۾ آڳرُ:** ذ. صفت. [سن. اگر = اڳي] راندين ۾ واري ڏيڻ وارو ـ آڳيئڙو.

• **آڳَسُ آڳرُ ۾ آڳَسُ آڳرُ:** ذ. [سن. اگگن] گھر جو اڳڻ ـ آڳنڊ ـ پڌر ـ دالان.

• **آڳرو ۾ آڳرا:** ذ. صفت. [سن. اگر، اگرتہ = اڳ ۾ ھلندڙ، پيشوا، مھندار] اڳواڻ ـ مھندار ـ سالار ـ سردار "آپ گھٽ آسان ان تي، جن جو احمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم آڳرو". (اسم خاص) ھڪ قبيلي جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **آڪرُ ج آڪرَ:** ذ. اَنّ وائرُ وقت ان ۾ ٻُريءَ جي گڏجڻ وارو هنڌ.
• **آڪڙيو ج آڪڙيا:** ذ. [سن. ١. آيَسْكَارَه، ٢. آكَنَ = باهه + كار = ڪر (وارو)؛ ف. آهنگر] لوهار "اڄ آڪڙيا آيا، سوڏا سيراٽي" (شاهه). [آڳ = مٽي وجڻ] راند جو پلاند يا وارو وٺندڙ.
• **آڳل:** ث. [سن. آڳر = اڳيون] ٻيڙيءَ جو اڳيون پاسو — آڳيلَ — مهڙو، پاڇل جو ضد.
• **آڳمَڻ:** مصدر. آڳمَڻُ — جهڙ ٽيڻ. (آڳميو — آڳميل).
• **آڳنتي ج آڳنتيُون:** ث. روانگي.
• **آڳنڊ (ل):** ذ.ا يندڙ سال.
• **آڳنڊ ج آڳنڊَ:** ذ. [سن. آڳريه، آڳڳنَ] اڳڻ — صحن — دالان.
• **آڳنڊيڻ:** مصدر. [سن.آ = چوڌاري + گُرنْٽ =ويڑهڻ] ڳنڍڻ. ويڑهڻ. جوڙڻ. ٺاهڻ.
• **آڳو ج آڳا:** ذ. [سن. آڳريه = اڳيون حصو] زناني چولي جو اڳ. آڳيلَ. مُنْهِي. (ظرف) اڳتي. هُن پَر — پار.
• **آڳوان، آڳوانُ:** ذ. صفت. [سن. آڳريه + وان] حاضر خدمت — پيش خدمت — پيش كار — اَردلي. دربان.
• **آڳوتر:** ث.[سن.آگو چَر] آگوتر. غير حاضر. خدا. آخرت.
ـ **آڳوتر واڇڻ:** اڳ ڪٽي ڪرڻ. اڳ جي حياتيءَ جو خيال ڪرڻ.
• **آڳوتلُ:** ذ. صفت. [سن. آگوتلَ] ترائيءَ جا رهاڪو — مارُو.
• **آڳوٽ ج آڳوٽُون (ل):** ث. پاڪڙي كي مضبوط ركڻ لاءِ ٻنهي پاسن ۾ پَسرجي ڪڙن ۾ ٻڌل ڪشٽو.
• **آڳو ٻيڇو:** ذ. [سن.آڳريد = اڳيون + پَشْچَ = پويون] اڳ پوءِ — اڳياڙي پچاڙي — اڳ پَٺ. چولي جو اڳيون حصو ۽ پويون حصو.
ـ **آڳو ٻيڇو جاڇڻ، سنڀالڻ:** اڳ پوءِ جاچڻ. سوچ ويچار ڪرڻ — دور انديشي ڪرڻ. ڳالهه جو نتيجو جاچڻ. نفعو نقصان سنيالڻ.
ـ **آڳو ٻيڇو ڪرڻ:** قميص جو اڳيون پويون حصو ٺاهڻ. پوئواري يا خدمت ڪرڻ. همراهي ڪرڻ. چاپلوسي ڪرڻ.
ـ **آڳو ٻيڇو ڪٽڻ:** شاديءَ ۾ ٻنهي طرفن جو خرچ پنهنجي ذمي ڪرڻ — ٻئي مٽا ڪٽڻ.
ـ **آڳو ٻيڇو ڳٽڻ:** ڳالهه جو اڳ پوءِ جاچڻ. دور انديشي ڪرڻ. نفعو نقصان سنيالڻ.
ـ **آڳي ٻيڇي:** ظرف. اڳو پوءِ. نيٺ.
ـ **آڳوڙ ج آڳوڙ:** ذ. اگڻ — آڳنڊ.
• **آڳوڻت:** ث. [سن. آڳر = اڳ + وَت] خدمت — چاكري — ٽهل. صفائي. زمين جي هاري مان ڪڪ، ڪنڊا، ڪچرو ميڙي صفائي ڪرڻ جي حالت.
ـ **آڳوڻت ڪرڻ:** هاري جو اصطلاح. كيتي لاءِ زمين ٽڪر جي صفائي ڪرڻ يا ان كي سنوارڻ. ڪم ڪارڪرڻ. اڳوات بندوبست ڪرڻ. استقبال ڪرڻ.
ـ **آڳوڻتي ج آڳوڻتيُ:** ذ. صفت. خدمتگار ـ ٽهليو — نوكر.
• **آڳوڻي ج آڳوڻيُ:** ذ. صفت.اڳيان ڪر ڪندڙ — ميزبان جو عوَضي.
• **آڳون ٻيٽ:** ث.[سن.آڳر=اڳ+ پَشتَ] آجيان ـ مرحبا — استقبال.
• **آڳهه ج آڳهه:** ذ. [سن.آڳرهه= قابو جهلڻ، لاڳاپو، الفت] جهلو، وسيلو — پروسو ـ آڌار، ٽيڪ — پُشتي — پناهه — تكيو (١) "كونهي آڳهه اهڙو جهڙي محبت من"، (٢) "سي تُرت لنگهنديون تار، اكنڊ آڳهه جن سين" (شاهه). [سن آكهاتَ] سُرنڊو. سُرندي وڄائڻ جي گزي — كمانچو "ڳايائين گِڙهه گرنار ۾، كري آڳهه سان آواز" (شاهه). [ف. آگاه] سماءُ — چتاءُ — خبر — سُڌ. اڳتي واري منزل. [سن. آگَگنَ] اگڻ — آڳنڊ. صفت. [سن. آگر= اڳيان] اڳواڻ — مهندار — پيشوا "آڳهه جن علي، آءُ نہ جيندي ان ري". ظرف.[ف.آگاه] واقف — ڄاڻو — خبردار.
ـ **آڳهه ڪرڻ:** آگاه ڪرڻ — واقف ڪرڻ — چتاءُ ڪرڻ.
ـ **آڳهه وٺڻ:** اٽكل سان كنهن جو راز معلوم ڪرڻ. اڳ وٺڻ.
• **آڳٽرو ج آڳٽرَا:** ذ. صفت. [سن. آگر = اڳي] راند ۾ جنهن جي مٽان آڳ اڇي.آڳ هيٺ آيل — راند ۾ جيتيل. راند ۾ آڳ نہ ڏيندڙ — راندجو ڏوهو "آڳ نہ ڏيندوآڳٽرو، لاهيان پٽس جو پاڳيڙو".
• **آڳي:** ظرف.[سن. آگري = اڳي] آئنده ـ اڳتي هن كان پوءِ. اڳيان ـ سامهون.
ـ **آڳي آڇڻ:** روبرو اڇڻ — سامهون اڇڻ. ويجهو اڇڻ — قريب اڇڻ — نزديك اڇڻ. پيش اڇڻ. بنا پردي اڇڻ. مقابلي ۾ اڇڻ — مقابلو ڪرڻ. سزا ڪائڻ. اجورو حاصل ٿيڻ.
ـ **آڳي ٻيڇي:** ظرف اڳي پوءِ ـ هك ٻئي پٺيان. پير پير تي. بعد ۾. دير سوير، هيڏانهن هوڏانهن.
ـ **آڳي ٻيڇي ڪرڻ:** خوشامد ڪرڻ.
ـ **آڳي ٻيڇي هلڻ:** اڳيان پٺيان هلڻ. تقليد ڪرڻ.
ـ **آڳي ڄاڇڻ:** آئنده جي نتيجي جو انتظار ڪرڻ.
ـ **آڳي خيال ڪرڻ:** اڳتي جي نظر ركڻ — آئنده جو خيال ركڻ.

Gul Hayat Institute

ـ **آڳي ڏيڻ:** سامهون ڏيڻ. زياده ڏيڻ. ڪابه شيءِ اڳيان ڏيئي خيال ٻئي طرف ڪرڻ.

ـ **آڳي رهڻ:** مقابل رهڻ ــ سامهون رهڻ.

ـ **آڳي:** ڪاڻ: ظرف. پهرئين ڪان ــ ابتدا ڪان ــ شروع ڪان.

ـ **آڳي وڌائڻ:** اڳتي ڪٽي وڃڻ. اڳتي آڻڻ.

ـ **آڳي وڌي وڃڻ:** اڳتي هلڻ. روانو ٿيڻ ــ ڪُوچ ڪرڻ. دعويٰ ڪرڻ. بد زباني ڪرڻ. مقابلي ۾ اچڻ. سامهون ٿيڻ. ويجهو وڃڻ. سبقت ڪٽي وڃڻ. ترقي ڪرڻ. استقبال ڪرڻ ــ پيشوائي ڪرڻ ــ رستو ڏيڪارڻ.

ـ **آڳي واڳي:** ظرف. حوالي ــ هٿ سان ــ مڪمل طور قبضي ۾.

• **آڳِ:** ث. [سن. اگْن] باھ ــ آگ. ڏکو هٽندڙ ــ ڏُکائي. بنا سوچ ويچار ڪم ڪندڙ.

• **آڳِينِي ج آڳِينِيُون:** ث. [سن. اگن = باھ + ستَسْنْتَ = بيھڪ جي جاءِ] منگل ــ سگري ــ انگيٺي. چلھ. جي چوڌاري ڏنل ٻنوڙو.

• **آڳِيلِ:** ث. [سنَ. اگْر = اڳَ] ٻيڙيءَ جو اڳيون پاسو ــ آڳِل. پاڇيل جو ضد.

ـ **آڳِيل پاڇيل:** ث. ٻيڙيءَ جو اڳيون ۽ پٺيون حصو.

ـ **آڳِيلِيَ لڳ:** ذ. ٻيڙيءَ جو اندريون ھيٺ وارو تختو.

• **آڳِيل ج آڳِيلَ:** ذ. صفت. [سن. اگْرِيْ = اڳ] راند ۾ پھرين وارو ونندڙ.

• **آڳِيون:** باھيُون.

• **آڳھَاتَ:** ثَ. [سن] ضرب ــ ڏَڪُ. زخم. قتل ــ ذبح. ڪوس گھُرُ.

• **آڳھَاتَ آڳھاتو ج آڳھاتَا، آڳھاتا:** ذ. صفت. [سن.اگْرِڏَ] لالچي ــ لوڀي. ھيڇي ــ پيٽوڙي. سڪٽو.

• **آڳھَاتِجَڻُ:** فعل مجھول. [سن. آ + گھَتّنَ] ڏُوسجڻ. سٽجڻ. گڏ ٿيڻ. (آڳھاتيو ــ آڳھاتيو ــ آڳھاتيل).

• **آڳھَارُ:** مصدر.[سن.١. آوَ ــ ڪُشَلْ = پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڏوئڻ ٢. آ = چئني پاسن کان + گھْرشَنَ = گھَڙڻ] ٽانءُ ۾ پاڻي وڃي (ڏُوئڻ سانگي) ڇاڇولڻ ــ آڇلائڻ. صاف ڪرڻ. ڏُوئڻ. ڪپڙي کي پاڻيءَ ۾ وڃي ڇاڇولڻ (جيئن ميل مَرندڙ وڃي). (آڳھاريو ــ آڳھارينڊو ــ آڳھاريل).

ـ **آڳھَار:** ث. آڳھارڻ جي حالت ــ ڪنھن ٽانءُ ۾ پاڻي وڃي ڇاڇول ڏيئي ڏوئڻ جي حالت ــ آڇلائپ. ڏوئڻي ــ ڏوئَپ. ڏوپ جو پاڻي .ٽانءُ ۾ ھارڻ بعد باقي بچت پاڻي. چنڪار ــ (ٻُت جي اڳيان) باھ تي گيھ جي چنڪارَ.

ـ **آڳھَارَائِڻُ:** 'آڳھارڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. ڏئارڻ ــ آڇلارائڻ ــ ڇاڇولائڻ.

ـ **آڳھَارَجَڻُ:** 'آڳھارڻ' مصدر مان فعل مجھول. ڇاڇولجڻ. صافَ ٿيڻ.

ـ **آڳھَارو:** ذ. کار جو ڪنپ ڇڙھيل (ڪپڙن جو) ڊيڙ (آڳھارڻ لاءِ).

ـ **آڳھَرَڻُ:** مصدر.[سن. اَوْ ــ ڪُشَلْ] آڇلڻ ــ ڏوپڻ. صاف ٿيڻ. (آڳھريو ــ آڳھريو ــ آڳھريل).

ـ **آڳھَرَج آڳھَرُوڻْ:** ث.آڳھَار.

ـ **آڳھَرَائِڻُ:** متعدي بالواسطه. آڳھارڻ.

ـ **آڳھَرَجَڻُ:** فعل مجھول. آڳھارجڻ.

• **آڳھَڙُ گھَتُ (ت):** ذ. صفت. ڏُکو ھٽندڙ ــ ڏُکائي. بنا سوچ ويچار ڪم ڪندڙ.

• **آڳھَارُو:** ذ. ٻُوٽي جو ھڪ قسم (جو برسات ۾ وٽن ۽ ڄارين جي ٻاڙن ۾ ٿئي. وڌاپن. سرديءَ ۾ بيمارين ۾ گھوٽي پيئجي).

• **آڳھَاڳھمَڻُ:** مصدر گوڙ مچائڻ ــ ڏمچر ڪرڻ. (ذ) شور ــ فساد ــ ڏمچر ــ ھُل.

• **آڳھَتَ:** ث. [سن.آ+گھَتَ] آڳَتَ. سوڙھ.

• **آڳھَتجَڻُ:** فعل مجھول.[سن.١.آگھَتَ=لڳڻ: ٢. وْياگھاتُ = رندڪ] روڪجڻ ــ انڪي بيھڻ. سوڙھ ۾ قاسڻ ــ پيڙجڻ ــ قسجڻ ــ سٽجڻ ــ دوسجڻ "اونھي تڙ آگھٽيا، آڏي پائي آڻ" (شاھ).(آگھٽيو ــ آگھٽيل).

• **آڳھَرُ ج آڳھَرَ:** ذ. [سن. اگْرَ] گَرُ.

• **آڳھور (ل):** صفت. [سن. آنْگھار= چمڪندڙ صورت واري] سُھڻي. سُني ــ پَلِي.

• **آڳھورِيُ ج آڳھورِيُ:** ذ. صفت.[سن. آگھورِيْ] ھندو فقيرن جو ھڪ فرقو ("آگھورينٽ' جا پوئلڳ)"آسڻ آگھورين جا امراپورآھين" (نواب جان علي لغاري).آگوري. (مجازاً) درويش. آگھوري.

• **آڳھِي:** ث. [سن. آرْگھ=آگھ] مھانگائي ــ اڳھ جي آڪرائي.

• **آڳَرُ ج آڳَرِيُوْنْ:** ث. [پرا. اَنْگِلَ: سن. اگْگَلْ = آگر.آگونو. آگَرُ جي ويڪر: ف. آنگشْتْ لغت جي لحاظ سان آگَوئي کان سواءِ ھٿ يا پير جي باقي آگرين مان ڪابه ھڪ. پنجن آگرين مان ڪابه ھڪ "پنجئي آگرين برابر نہ آھن"، "ڏھن ئي آگرين جو زور لائڻ".

ـ **آڳُر آڳرين تي نچائڻ:** ڪنھن کي بيوقوف بنائڻ. ڪنھن

Gul Hayat Institute

ڪي پنهنجي مرضي موجب هلائڻ. ڪنهن کان آساني ۽ سان ڪم وٺڻ. ڪنهن کي ستو ڪري ڇڏڻ. ڪنهن کي بيزار ڪرڻ. جوگي جُٽ ڪرڻ.

- **آگـرڏرڻ:** ويڪ ڪيڻ – عيب جوئي ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ.
- **آگـرڏيڻ:** گڏي ڏيڻ – هُشي ڏيڻ – آپارڻ. ڪاوڙائڻ. ڀرچ ڪرڻ.
- **آگـرزڪڻ:** قبضو ڪرڻ. اشارو ڪرڻ.
- **آگـرسڃڻ:** انگشت نمائي ڪرڻ – اشارو ڪرڻ.
- **آگـرڪڙڻ:** گڏي هٽڻ. ڪُڄ ڪَرڻ. ڀُراند ڪرڻ. آپارڻ. ڏڪارڻ. ڇڏي ڏيڻ – بچر ڇڏڻ (ڏڪار وچان). ڪاوڙائڻ – چيڑائڻ. ٽُنولي ڪرڻ.
- **آگـر ڪڍڻ:** اشاروڪرڻ – آگر سان ڏيکارڻ. نالو وٺڻ – حرڪت ڪرڻ. سزا ڏيڻ. انگشت نمائي ڪرڻ.
- **آگـر ڪُنڍ جمڻ:** رواجي ڳالهه ٽيڻ.
- **آگـرڪات پر وجهڻ:** حيرت پر پوڻ – تعجب ڪرڻ.
- **آگـر ويڑهو:** ذ. آگـر تي ويڑهجي ويندڙ ڦُرڙي – آگر پر ساڙو پيدا ڪندڙ ڦوڦيندو – اڳاريءَ جي بيماري.
- **آگـر هڏڻ:** گڏي هڏڻ. وات صاف ڪرڻ.
- **آگـرين جا زور لائڻ:** سڄي طاقت لڳائڻ. پوري طاقت سان ڪم ڪرڻ.
- **آگـريون ڏندن هيٺ اچڻ:** اچرج پر پوڻ – حيرت پر پوڻ.
- **آگـريون ڏيڻ:** خاطري ڏيڻ. قسم کڻڻ.
- **آگـريون ڳڻڻ:** حساب ڪرڻ. ڳڻتيون ڪائڻ.
- **آگـر ج آگـر:** ذ. [سن. اگْـگل] آگـرجي ويڪر جيتري ماپ "چار آگـر – ست آگر وغيره.
- **آگـرئو ج آگـرئا:** ذ. [پرا. اَنْـگ سن. اگْـگشْـتَ] هٿ يا پير جي نر آگر – ٽينگو.
- **آگـرئوڇوپائڻ:** ڪجهه به نه ڏيڻ.
- **آگـرئوڇوپڻ:** لاحاصل ڪم ڪرڻ – اجايو ڪم ڪرڻ.
- **آگـرئو ڏيڻ، ڏيڪارڻ:** ڪجهه به نه ڏيڻ – ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ. جواب ڏيڻ – انڪارڪرڻ. پرواه نه ڪرڻ.
- **آگـرئوڪيو وهڻ:** جواب ڏيڻ. انڪار ڪرڻ.
- **آگـرئو وڃڻ:** صحيح طور ڪهي هٽ (زالن لاءِ ساڃي هٽ) جي آگوٺي جو نشان وٺڻ.
- **آگـرئو هڏڻ:** ڪاغذ تي آگوٺي جو نشان ڪرڻ (صحيح بدران). بنا سمجهه جي قبول ڪرڻ.

- **آگـوٺي تي چڙهڻ:** ڪاڃي تري پر پوڻ. حقارت ۽ بدڪلامي جو اصطلاح، جو هڪڙو شخص پنهنجي مخالف کان بي پرواهي ڏيکارڻ طور استعمال ڪري "چڙهه آگوٺي تي"، "آگوٺي تي چڙهي ڦيري ڏي".
- **آگـوٺيِ ج آگـوٺيُون:** ث. [سن. آگْـگلَ] ڳهه جو هڪ قسم – پيرجي آگوٺي جو ويڑهه (چڪو).
- **آگـوٺيو ج آگـوٺيا:** ذ. آگوٺي.
- **آل:** ث. ڪاري پاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم. ويائل زال کي ٽينڊڙ هڪ بيماري. سنهون ۽ ڏگهو هنداڻو (ٿ).
- **آلَ:** ذ. [ع] اولاد. نَسْـلُ. گهَرَ –گهَرجا پاتي – ڪُٽنب،خاندان – گهراڻو. قبيلو_ڪٽم. (صفت) پوئلڳ_ پيروي ڪندڙ – مجيندڙ.
- **آلَ اِقبَال:** ذ.اولاد ۽ بخت.
- **آل اَوْلاد:** ذ. ڪٽنب – خاندان. ٻار ٻچا.
- **آل رَسُول:** ذ. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جا پويان يعني بيبي فاطمه سڳوريءَ جو اولاد.
- **آل عُثمَان:** ذ.حضرت عثمان جو اولاد.
- **آلَ عمرانَ:** ذ. عمران (حضرت موسيٰ عليه السلام جو والد) جو اَولاد. (اسم خاص) قرآن شريف جي ٽينءَ سورة جو نالو.
- **آل نَبي:** ذ. نبي سڳوري جو اولاد – اهل بيت "آل ۽ اصحاب".
- **آلُ وَاَطْفال:** ذ. ٻار ٻچا – ڪٽنب.
- **آلُ وَعيَال:** ذ. اولاد ۽ زال. زالون ۽ ٻار ٻچا.
- **آلَات:** ذ. [ع. آلَة ج آلات] اوزار – هٿيار. اسباب.
- **آلاتَ ج آلاتُوْن:** ث.وڏي ٻيڙي.
- **آلاتيل:** صفت. سمنڊ پر هلڻ لائق ٽيل (ٻيڙي).
- **آلاپڻ:** مصدر.[سن.آلاپَن (آ = چڱيءَ طرح + لَپْ=ڳالهائڻ)] ڳالهائڻ. آلاپ ڪرڻ.آواز ڪڍڻ. آواز کي هيٺ مٿي ڪرڻ (ڳائڻ ۾). ڳائڻ. سُرڪڍڻ. (آلاپيو – آلاپيندو – آلاپيل)
- **آلاپ ج آلاپ:** ذ.[سن. ولاپ = آواز، ڳالهاءِ، دانهن] ورلاپ – پار، درد واري دانهن "اتر ڏَنُهَ آلاپ، ڪالهو نڪر ڪونج ڪري" (شاهه). راڳ جو شروعاتي آواز. تان. آواز. سُر. راڳ "هيءَ دانهن آهي دردي، آلاپُ راڳ ناهي" (بيوس).
- **آلاپ ڪرڻ:** روئڻ وقت غم جو اظهار زبان سان ڪرڻ – پار ڪيڻ – ورلاپ ڪرڻ. اوچنگارون ڏيڻ.
- **آلاڏو ج آلاڏا:** ذ.صفت. [ع. علحده] علحده _ نرالو – نيارو – ٻيءَ طرح جو. (ث) آلاڏيُ ج آلاڏيُون.

Gul Hayat Institute

• **آلارامُ ج آلارامَ:** ذ. [انگ Alarm] نند مان جاڳائڻ لاءِ گھنڊٽيءَ وارو گھڙيال – تائيم پيس.
• **آلاڙڻ:** مصدر. تَرڻ لاءِ ٻانهون هٽڻ.
_ **آلاڙي ج آلاڙيُون:** ث. ترڻ وقت هڪ دفعو ٻانهن سان ڏنل لاماروَ.
_ **آلاڙي ڏيڻ:** پاڻيءَ ۾ تاري ڏيڻ. تتن تاري ڪرڻ.
_ **آلاڙو ج آلاڙا:** ذ. لاماروَ.
_ **آلاڙو ڏيڻ:** لاماروَ ڏيڻ.
• **آلاڪ:** صفت. [ع. اُلْف ج آلاف] هزارين – سهسين.
• **آلاڪَتَ:** تازا رَتايل ڦٽ.
• **آلاڪو ج آلاڪا:** ذ. [ع. علاقه] ڳانڊاپو – لاڳاپو – واسطو. ميل. رغبت – لاڙو. محبّت "آلاڪو اوهان سان، مون چني ڪونه چڏيو" (گلو مياڻو).
• **آلامُ:** ذ. [ع. اَلَمْ ج آلام = ڏک] ڏک – اهنج – تڪليفون – مصيبتون، چاڪ – ڦٽ.
• **آلانگو ج آلانگا (ل):** ذ. [سن. ۱. آسَنْگه: ۲. آلَمْب = پروسو. ٽيڪ، پناه] آسانگو. اميد – آسرو. پروسو. لحاظ. لالانگهرو.
• **آلاڻ:** ٿ [سن آرْدْرَتا] پوسل – پاٽيٽ – گهم – نمي – رطوبت
• **آلاڻو ج آلاڻا:** ذ. اولاڻو – اوراڻو.
• **آلاءُ:** ذ.[سن.آلاپَ = ڳالهاءِ] آلاپ. گفتگو ڳالهه ٻولهه.
• **آلائش، آلايش ج آلائشُون، آلايشُون:** ث. [ف. آلودَن = گَدڻ] ميل – ملاوت. گندگي – پليدي – ناپاڪائي. ميرائي. ڪدورت. ڪَسُ – زنگ.
• **آلائڻ:** مصدر. [سن. آلاپَنْ = ڳالهائڻ] ڳالهائڻ. آواز ڪرڻ. ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. [سن. آرْدْرَ = آلو] آلوڪرڻ – پُسائڻ – پڇائڻ. آلو محسوس ڪرڻ. (آلائيو – آلائيندو – آلائيل).
_ **آلائي ج آلائيُون:** ث. آلاڻ رطوبت.
• **آلْبَمُ ج آلْبَمَ:** ذ.[انگ Album] ڪتاب جنهن ۾ هٿ سان نڪتل تصويرون يا نقش، يا فوتا محفوظ ڪيا وڃن.
• **آل جَال:** صفت. [سن.آلَ = وڏو + جال = گهٽو] عام جام – ريل چيل. گهرج ڪان وڌيڪ. تمام گهٽو.
• **آلْجَبْرا:** ث. [ع. اَلْجَبْرُ وَالْمُقابَلْ] اصولاً عربن جو ايجاد ڪيل رياضي جو هڪ علم – موجوده رياضيءَ جو علم (Algebra).
• **آلڏَ:** ث. سمنڊ جي ويڑ جو لهڻ يا موت – آلڙ.
• **آلڏڻ:** مصدر.[سن.آلَڊْ = گهمائڻ، رلمل ڪرڻ] سمنڊ جي ويڑ جو لهڻ يا پوئتي موٽڻ – آلڙ.
• **آلڙُ (ل):** مصدر.[سن. آلَڊ] بدن کي ڊرو ڪرڻ – آهلڻ – آڊرَڻ. ڊرڪڻ – ڊرڪي پوڻ. آرس ڪرڻ.
• **آلرو:** ذ. گاهه (ڪيرولي) جو هڪ قسم
• **آلڙُ:** ذ. ڪاري مرونءَ يا رڇ تي ڪتن جي ٻچ.
_ **آلڙُ ڪرائِڻُ:** ڪاري مرونءَ يا رڇ کي ٽوٽيءَ سان ٻڌي مٽس ڪتن جي ٻچ ڪرائڻ.
• **آلڙڪ (ث):** ث. پنڙي يا ڇڊي رَٻ.
• **آلڙڻُ:** مصدر. [سن. آلَڊْ = گهمائڻ، رلمل ڪرڻ] سمنڊ جي ويڑ جو لهڻ – آلڏڻ. [سن. آولَ = ميرو] درياهه جي پاڻيءَ جو لڙاٻجڻ. نئين آيل پاڻيءَ ۾ ڪچرو وغيره اچڻ.
• **آلڙ:** ث. ويڑ (سمنڊ جي) جي موٽ – جَزْرَ – آلڏ. پاڻيءَ ۾ مٽي يا ڪَچري جي ملاوٽ – لڙاٽ.
• **آلڙيَڻُ:** ويڑ جو لهڻ. پاڻيءَ جو گهٽ ٽيڻ. لڙاٽ ٽيڻ.
• **آلَسُ:** ذ. [سن. آلَس = سُست > آلَسْتا، آلَسْيَمَ = سستي] بدن جي ڊرڪڻ جي حالت – سُستي – ڳاموڙ. بدن جي وٽ سَٽ – ڪَرموڙ – آرسُ.
_ **آلَسائِتو ج آلَسائِتا:** ذ. صفت. آرس وارو – سُست – ڪاهل.
_ **آلَسْپَڻو:** ذ. سُستي – ڪاهلي – ڪرموڙ.
_ **آلَسي ج آلَسِي:** ذ. صفت. ڪيرو. آرسي. سُست – ڪاهل – ٽوٽي.
_ **آلَسي پَنڊو:** ذ. سست – ٽوٽي – ڪَم چورُ – هڏ رکو.
• **آلَسائِڻُ:** مصدر. [سن. آلَس = سُست] ڪر موڙڻ – سُستي ڪرڻ – آرسائڻ.
• **آلَڪائِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **آلَڪِي:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آلو ج آلا:** ذ. صفت. [سن. آرْدْرَ = آلو] پُسيل – پڳل – پنل – تر "اکيون آلو ماڻهو، سدا سنياسين جون" (شاه). آڏو ڪو (ڪپڙو). تازو. رَسُ وارو. (ذ) ڪِيرُ (ڪ). تازو وهايل هڪري يا رڍ جو ڪير. پاڻي پيل ڪيرُ. [ع. آلة] اوزار – هٿيار.
_ **آلوڙو:** ذ. تازي وهايل مال جو ڪير.
_ **آلوڙي ج آلوڙيُون:** ث. صفت. تازو وهائِل مينهن، ڳئون، هڪري يا رڍ. سوئا – ڪيرواري. "ڦَڏيءَ" جو ضد.
_ **آلونيڻ:** ذ. ڳوڙهن پريل اکيون – آبديده اکيون.
_ **آلِي ج آلِيُون:** ث. صفت. پسيل. ڳوڙهن سان پريل اک – نَمناڪ "سدا اک عشق جي آلي، ڏاڍي ڪا پرت پاتي سين" (نصير).

Gul Hayat Institute

• **آلو ج آلوُ:** ذ. [ف] پتاتو.
• **آلو بالو:** ذ. [ف] ميوي جو هڪ قسم – شفتالو.
• **آلو بخارو ج آلوبخارا:** ذ. [ف] ميوي جو هڪ قسم.
• **آلو پولو ج آلا پولا:** ذ. صفت. ٹوري عقل وارو – ساده لوح – هالو پولو – سادو سُودو. اهوجهه – اڻ جاڻ. ويساه وسوڙل (ث) آلِي پولِي ج آليون پوليُون.
• **آلودو ج آلودا:** ذ. صفت. [ف. آلودَهْ] گدّيل – مليل. پُسيل – پنل – پڳل – تر "آهي آلودو رت ۾، هيءَ هيءَ منجهان حالُ" (شاهه). پَريل ـ لتّڙيل – هاڻو آب آلوده = آلوديُون "آلوديُ آزار کان، توريءَ ٽيس طبيب" (شاهه). (اسر خاص) [ع. علحده = جدا، يڪي سر] مرد جو هڪ نالو.
• **آلوڏهْ:** صفت. [ف] پُسيل – پڳل – لتّڙيل – پَريل (گند وغيره ۾). خراب – پليد.
ـ **آلوڏگيْ:** ث. ملاوت. آلاڻ. گندگي – غلاظت. ناپاڪائي – پليدي.
ـ **آلوڏهْ دامنْ:** صفت. دامن پُسيل. دامن پريل – گنهگار – ناپاڪ.
• **آلوڙ ج آلوڙُونْ:** ث. [سن. آلولَ = لوڏو گهيرت] سستي – ڪاهلي. گُهَر ـ خمار. نند جو جهوُٽو – پنڪي – اوجهراٽي.
• **آلوڙڻ:** مصدر. [سن. آلودَن = گهُمائڻ. ولوڙڻ] ولوڙڻ. سوچ ويچار ڪرڻ.
• **آلوڙو ج آلوڙا:** ذ. نند جو جهوُٽو – پنڪي جهپڪي – جهوُٽو. گُهَر – گُمَر – سُستي. نندڪاڪڙائي. خمار "آلوڙا اکين، آيم نند اپاڻ کي" (شاهه). تازي ويايل ڏڳيءَ يا مينهن جو گهاٽو ڪير – آلو (ڪ).
• **آلوڙئي آلوڙيو اکين:** نندر لاءِ اکين آلاڻ ڪئي، اکين ۾ آلاڻ ٿي.
• **آلوڙيْ ج آلوڙيُونْ:** ث. نئين ويايل مينهن ڏڳي، هڪري يا ردِ. سُوئا ـ ڪيرواري. ڦندي‌ءَ جو ضد.
• **آلوماهُ:** ڪچو گوشت (رڍ ۽ ڳوڙهن سببان ڪچيو اکيون)
• **آلوند:** اسر خاص. همدان ۾ هڪ جبل جو نالو – ڪوهِ آلوَند.
• **آلو نُور آلانُور:** ذ. صفت. [ع. اعليٰ نُور] ڏاڏ – موگو. بنهه بيڪار. صفا چٽ "آلو نُور، مٽي جو سُور".
ـ **آلو نُورُ هُجَڻ:** بنهه بيڪار هجڻ – ڪنهن به ڪم جو لائق نه هجڻ.
• **آلو يائِي ج آلويائِيُونْ:** ث. صفت. [سن. آرْدَرَ = آلو] تازي ويايل (ڏڳي، مينهن، هَڪري، ردِ) – آلوڙي – سوئا.
• **آلهْ:** ذ. [ع] هٿيار. اوزار.
• **آلهنْ:** ث. [سن. آرْدَرَنَا] آلاڻ – پوسل. گپ – چڪ.
ـ **آلهنْ تي مَرڻ:** دنيا ڏسي هرکڻ – پئسي تي موهجڻ.
ـ **آلهنْ ڏيڪارڻ:** اميد ڏيکارڻ – دلاسو ڏيڻ – دلداري ڏيڻ.
ـ **آلهنْ هُجَڻ:** آلاڻ هجڻ – پوسل هجڻ. ناٽو هجڻ.
• **آليَاوَڙو ج آليَاوَڙا (ت):** تازو جاول ڦر.
• **آليت (ل. لس):** ث. [سن. آ = چوڌاري + لُٺ = ليٽڻ] اُڻن جي ليٽڻ جي جاءِ.
• **آليپ:** ذ. [آ+لِپْ = ليپو ڏيڻ] ليپ – پَلستَر.
• **آمَر:** ذ. ث. مچيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو – پيٽ اڇو، پُڇ ڊگهو، قد ٤ کان ٥ فوٽ، گوادر طرف ٿئي).
• **آماجُ ج آماجْ:** ذ. [ف] تير يا تفنگ جو نشانو – آچامُر.
ـ **آماجُ خانه، گاهْ:** ذ. نشاني وارو هنڌ – هدف.
• **آماجُ ج آماجَ:** ذ آماجُ – آچامُر.
• **آمادو ج آمادَا:** صفت. [ف. آمادَهْ] تيار – سنيريل – رضامند.
ـ **آمادو ٿيڻ:** تيار ٿيڻ – رضامند ٿيڻ.
• **آمادَهْ:** صفت. [ف] آمادو.
• **آمادگيْ:** ث. تياري. رضامندي. استعداد. سُجاڳي.
• **آمارْ آمارَهْ:** ث. [ف] ڳڻپ – شمار – حساب. باريڪ تحقيقات. جلندر جو مرض.
• **آمارَهْ:** ذ. [ف. انبار] انبار – ڍسڳ.
• **آماسَ:** ث. [ف] سوج ـ ٿوٿر.
• **آماسجَڻ:** فعل مجهول. [ف] سُجڻ – ٿوٿرجڻ – ڦُندجڻ.
• **آماڻو ساماڻو:** صفت. [سن. سَمَارُوْه، سَمْ وِرْدِ = سامائجڻ، وڌڻ] ساماڻل – اُڏو ساماڻو. قابل ۽ تيار ٿيل.
• **آماهُ:** مصدر. [سن. آمَنْتْ = جوش ۾ اچڻ] مَچڻ – تُلهو ٿيڻ. (جانور جو) ڏندجڻ – (ڍڳن جو) جواني ۾ اچڻ. لائق جهڙو ٿيڻ. (اصطلاحاً) مغرور ٿيڻ – هنيلو ٿيڻ. (آماهيو – آماهيندو – آماهيل).
• **آمَدْ:** ث. [ف. آمَدَنْ = اچڻ] اچڻ جي حالت – تشريف آوري – آوَت. اچڻ جا آثار. آمدني – اپت – ڪمائي. فائدو. فطري طور خود بخود زبان تي ايندڙ شعر يا مضمون ـ "آورد" جو ضد.
ـ **آمَدْ آمَدْ:** ث. اچڻ جو اطلاع.
ـ **آمَدرَفت:** ث. [ف. آمدورفت < آمدن ورفتن = اچڻ ۽ وڃڻ] اچ وچ. راهه و رسم. دوستيءَ جو رستو.
ـ **آمَدرَفت بَند ٿيڻ:** اچ وچ بند ٿيڻ. ملاقات بند ٿيڻ.
ـ **آمَدْ (و) شدْ:** ث. آمدرفت. اچ وچ.
ـ **آمَدْخَرْچ:** ذ. ڪمائي ۽ خرچ. آمدني روانگي.

Gul Hayat Institute

ـ **آمَدَنِي ج آمَدَنِيُون:** ث [ف. آمدَنْ = اچڻ] آمَد ـ آوَت ـ اُپت – پيدائش – ڪمائي.
ـ **آمَدَنِي رجسٽر:** ذ. اُهو ڪتاب جنهن ۾ باهران آيل لکپڙه داخل ڪئي وڃي.
ـ **آمَدَنِي رَوَانگِي:** ث. اج وج (مال جي) آوَت جاوَت.
ـ **آمِرُ:** ذ. [ع. آمِرَ = حڪم ڪرڻ] اَمرُ ڪندڙ – حاڪُم.
ـ **آمِرُ وَنَاهِي:** ذ. صفت. [ع. آمِر = حڪم ڪرڻ + نَهي = منع ڪرڻ] اَمَر ۽ نهي ڪندڙ – حڪم ڪندڙ ۽ منع ڪندڙ.
ـ **آمريتّ:** ث. حاڪميت. جبرواستبداد. فرعونيت.
• **آمَرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور ۾).
• **آمَرزِش:** ث. [ف] بخشش – معافي.
• **آمَرزِ گارْ:** صفت. [ف. آمرزيدَنْ = بخشڻ] بخشڻهار – معاف ڪندڙ. (اسر خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **آمريْ:** ث. [پرا. آنْبليا؛ سن. آملڪا، آملي] گدامري. گدامريءَ جو وڻ ۽ ان جو ڦَلُ. (اسر خاص) تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. تندي جان محمد لڳ مشهور "آمري وارو مقام" (جتي چون ٿا ته آمري جي وڻ ۾ جادو جو هڪ نانگ هو ۽ ان وڻ کي ميين عبدالرحيم گرهوڙي اچي وڌايو).
• **آمزا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **آمَڙيْ:** ث. آمريُ.
• **آمُل:** اسر خَاص. [ف] طبرستان ۾ هڪ شهر جو نالو. آمو درياه تي هڪ شهر جو نالو.
• **آمُلْ:** اسر خاص. ث. (اَمُلهه) سنڌ ۾ عورت جو نالو.
• **آمُلَه:** ذ. [سن. آ مَلَک؛ ف. آملَ] هڪ وڻ جو ڦَل (جو دوا، مربي ۽ تيل بنائڻ جي ڪم اچي) – آنئرو – آنورو.
• **آملِيْ:** ث. آمريُ.
• **آمَلِيت ج آمليتّ:** ذ. [انگ. Omelet] بصرن ۽ مصالح سان تريل بيضو.
• **آمِنْ:** ذ. صفت. [ع] اَمن وارو. سوگهو – سلامت.
• **آمَنَّا و صَدَّقنَا:** جملو. [ع] اسان ايمان آندو ۽ اسان سچ جاتو – مجوسون – بجا آهي – درست آهي.
• **آمِنَه:** اسر خاص. [ع] آنحضرت صلي الله عليه و آله وسلم جن جي والده ماجده جو نالو. مسلمان عورت جو نالو.
• **آمَنْ، آمُنْ ج آمَنْ، آمُنْ:** ذ. [ف. آمَنْ = گِردو، گهيرو] گردو – گهيرو، تُر – سرائي. ڦيٽي (بيل گاڏي) کي آساني سان ڦيرائڻ لاءِ تُم ۾ پيل لوهي نرو. (صفت) سولو – آسان. سادو – اڻ گهڙيو – بي ڊولو.
• **آمنْ ج آمنْ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم – تُوتيو – هيَراڪس. معجُون – گُوهَتُ. قوّت لاءِ خوراڪ. طاقتور کاڏو – مقوّي کاڏو "صبر جو تنهن ساعت ۾ ٽا آمنْ ات ڏين" مينهن يا ڏڳيءَ کي گهٽي کير خاطر ڏنل طاقتور چارو. کيترين شين جو مرکب – خمير. ڪنهن هٿيار يا بندوق جي پُرزن کي ڏنل پاٽي (ڪ).
ـ **آمنْ اَجْنْ:** بدن تي ماس جي واڌ ٽيٽ – ٽولهه ٽيٽ.
ـ **آمنْ تِي لڳڻ:** معجون مثل بدن کي مقوي خوراڪ طور اثر ڪرڻ – بدن کي طاقت ڏيڻ.
ـ **آمنْ سيرَ:** ث. تُوتيو.
• **آمو جَ آمَا:** ذ. [سن. آمْر = انب جو وڻ ۽ ان جو ڦَرُ] اَنْبُ "آما، ليما، ڦل، قاروهان، جت ڪٺهار ڪلن" (شاهه). ليمون (ت).
ـ **آمَا مُوْرَهُ:** ڪر پوڙ – ڪتي پوڙ.
• **آمُوْخْتَه:** صفت.[ف. آموختن = سيکارڻ] سيکاريل. پڙهيل.
• **آمُوزگارْ:** ذ. صفت [ف. آموختن] استاد، شاگرد.
• **آموسَ:** ث. [ف. آماسيدن] آماس.
• **آمُهَائِنْ:** مصدر. ڪر جي نئين ٽانءُ کي پاٽيءَ سان پري رکڻ (جيئن ڪر پاٽيءَ کي جگيءَ طرح ڇُهي وڃي) – اُمهائِنْ. واپرائڻ. (آمُهائيو – آمهائيندو – آمهايل).
• **آمهُوْنْ سَامهُوْنْ:** ظرف. [سن. آمُک سنمکْ] مُنهن مقابل – روبرو – بالمقابل – دُوبدُو. اکين آڏو – اکين اڳيان.
• **آميْ ج آميُوْنْ:** ث. [سن. آمْر] انبڙي.
• **آمَيْزْ:** صفَت. [ف. آميختن = گڏڻ] گڏيل – مليل – پريل. مُرڪب صفت ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ لفظ "درد آميز = درد پريل، رقّت آميز = ڳاراٽيءَ سان پريل".
ـ **آميْزْشْ:** ث. هي شيءِ سان گڏجي وڃڻ جي حالت – ملاوٽ.
• **آمَيْنْ:** فعل. [ع] خدايا قبول ڪر. (ذ) دُعا جي پڇاڙيءَ ۾ چوڻ جو لفظ.
• **آنْ:** ضمير. [پرا. آم، آيَم: سن. آهَمْ = آئون] آئون – مان "آنْ تَنينْ لاءِ لوٽي، جي مير مسافر رانئيا" (شاهه). [سن. يُشْمَانْ] اوهَان – توهان "آنْ ڪي ساڻي ڏِنا ..... الخ" (شاهه). (ظرف) اقراري معنيٰ واري آوازي صورت – آنْڪار – هائو – ها. حرف جر جي پڇاڙي – کان "گهران < گهر کان: باهران <

Gul Hayat Institute

ٻاهر کان".

ـ **آن پر:** اوهان وٽ – اوهان ڏي "ک لکيون آن پر لِک، ک کوهيارا ورميا" (شاه).

• **آنَ:** ث. [ع] پلڪ – گهڙي – لحظو – ساعت – ڪن. [ف] شان – شوڪت – عزت. [سن. آجيَا] آڻ – آڳيا – مڱتا – تابعداري.

ـ **آن بان:** ث. شانُ مانُ. واجبي فخر.

• **آنَ ڇ آنَ (ت):** ذ. [سن. آڄيَا] اڪ جو اشارو – اُهڇ.

• **آنَا فَانَا:** ظرف. [ع. آنٌ = وقت] وقت بوقت، بروقت – اُتي جو اُتي.

• **آناڪَاني:** ث. [سن. آنَ + آڪَرڻ = ٻڌڻ، ٻڌو اٺ ٻڌو] نہ اقرار نہ انڪار – آڪار ناڪار – گوٽنائي – آڙا گوڙي.

• **آنَبهُ ڇ آنَبهَ:** ذ. [سن. انبوه] گوڙ، ميڙ – اجتماع. باهه جو مَڇ – آڙاهُ. [سن. آمياس] تاب – قوّت – جلال "ڏِسُ ڪيڏو آنَبهُ ڪيو سرمستي جوش حلاج جي" (بيدل). [سن. پَاسْ] ڏيکاءُ – نظارو.

• **آنَبلي (ت):** ث. آمري – گدامڙي.

• **آنَبو ڇ آنَبا (ت):** ذ. انب – آمو.

• **آنَبيڪو ڇ آنَبيڪا (ت):** ذ. گدامريءَ جو ٻڇ – چيچڪو.

• **آنَيارَ ڇ آنَيارُون:** ث. [سن. آيْر = واهر ڪرڻ] آپار، مدد. ٽيڪ.

• **آنَيار سانَيار، آنَيارو سانيارو (ڪ):** ظرف آمهون سامهون. آرپار. منهنجان مُنهنُ هڪ ٻئي جي سڌائيءَ ۾ ـ برابر.

• **آنَياڻجڻ:** فعل مجهول. هوا ۾ پرڇي پوڻ. سُڃي پوڻ. آپاڻجڻ. (آنياڻيو – آنَياڻبو – آنَياڻل).

• **آنَترو ڇ آنَترا (ت):** ذ. آندو.

• **آنَتِيرو ڇ آنَتِيرا:** ذ. گولين راند ۾ هڪ گولي‌ءَ کي ٻي گولي هڻي کيل شروعات – آتيرو.

• **آنَڏَ (ت):** ث. سڄ لٽي جي مَهل.

ـ **آنَڏِ سَوار:** ث. صبح سانجهي – شام ۽ صبح.

• **آنَڏو (ت):** ذ. آلهندو.

• **آنَڊ ڇ آنَڊون:** ث. [سن. آنَڊ = نوڙي سلام ڪرڻ] وٽ – وَڪڙ – پيڇ – ڦيرو. پرت جو وَر. اڙي. اڙتي – آڏ – رنڊڪ. پيڇي اکرن لکڻ جي طرز. (بلورن راند ۾) بلور هڻڻ جو نمونو. آگر جو ڏوڏو. مخالفت. حسد. ڇڪ. انتظار – فڪر "جَن محبت ياد مولي جي اندر ۾ آه آنڊ" (گل). ايمانداري. تيز نظري. پائيواري. ڳنڍ.

ـ **آنَڊ سانڊ:** ث. ڳنڍ سنڍ – ور وڪڙ.

ـ **آنَڊ ۾ آڇڻ:** وڪڙ ۾ اڇڻ – وَر چڙهڻ.

• **آنَڊو ڇ آنَڊا:** ذ. وَر – وَڪڙ – ونگ – پيڇ. جانڊو. پاڪُر – ڳرانڊي. گهوڙي کي (پنڊ ڏيڻ لاءِ) ٽوري مفاصلي ۾ ڏنل وراڻو. ڦيرو – گهمرو – وراڪو. تڪرار – فساد.

• **آنَڊِي ڇ آنَڊِيون:** ث. [سن. آنَڊر = آندو] آندن ۾ وَڻُ – مَروڙُ – ٻاهي – پيچش – سُوريُ. آنَڊَ. ڏيريُ. گَڏو. ڪائين جي پيري.

ـ **آنَڊِي تپَڻُ:** گولين راند ۾ صحيح نشاني تي هٽ هڻڻُ.

ـ **آنَڊِي پَوَڻُ:** پيٽ ۾ مروڙ پوڻ.

• **آنَڊِي ڇ آنَڊيون (ت):** ث. سُٽ يا پٽ کي ويڙهي رکڻ لاءِ ڪاٺ جي گِيڙِي (رگيل ڪائي).

• **آنَڊِيڙِي ڇ آنَڊِيڙِيون (ت):** ث. آنڊيُ.

• **آنَڊَهَانِي:** صفت. [ف. آن = هو + جهان] هُن جَهان جو ساڪن – پرلوڪ نواسي – مرحوم – مَرهيات.

• **آنَڊهِي مَانَڊهِي:** ظرف. آڏي مانجهي – اوير سوير.

• **آنَڇ ڇ آنَڇون:** ث. [سن. آنَڇر] شطرنج راند ۾ وڪڙ يا پيچ ۾ آيل ساري. شَهه – مات.

• **آنَڇ:** ث. [سن. آڄِتِيْ] باهه – آڳ. جيڏُ. لَهَس.

• **آنَڇَر ڇ آنَڇَرَ:** ذ. [سن. آنَڇَلَ] بُرقعي جُني، شال يا ڪپڙي جي ڪناري. دامن.

• **آنَڇرو ڇ آنَڇرَا:** ذ. ڪِيرو (پلو) – آڇرو.

• **آنَڇُڪ ڇ آنَڇُڪَ:** ذ. شطرنج راند ۾ شهمات کان بچڻ لاءِ آڏو ڏنل مُهرو يا ساري.

• **آنَڇُڪَ ڇ آنَڇُڪُون:** ث. رنڊڪ – رڪاوٽ.

ـ **آنَڇُڪَ وِجهَڻُ:** رنڊڪ وجهڻ.

• **آنَڇَڻُ:** مصدر. [سن. ١. آنَڇ = موڙڻ، ورائڻ، ڦيرو ڪرڻ، چورڻ، هلائڻ؛ ٢. آنَڇَن = بدن مان ڪنڊو يا تير ڪيڻ] وڪڙ يا پيچ ۾ قاسائڻ – ور ۾ آڻڻ. شطرنج راند ۾ شاه کي شهه کان بچائڻ لاءِ ٻيو مُهرو اڇيان ڏيڻ "ڪِيرُ رُخا گهوڙا پڏر تي، شاه پنهنجو ڪيم آنڇ" (گل). (آنڇيو – آنڇيندو – آنڇيل).

• **آنَڇِڻِي ڇ آنَڇِڻِيُون:** ث. ڏَسٽي آگَر.

• **آنَڇِي ڇ آنَڇِيُون:** ث. نَڙُ (حَقي ۽ چلم جو) جي ڪائي. بانس يا نَڙ جي چِلَيل سنهي تيلي (جا لغڙ جي وچ ۾ ڪمان طور ڪم اچي).

ـ **آنَڇِي ڦُول:** ذ. نشان چٽڻ لاءِ (راند طور) آنچي ۽ سُئي ۾ ٻڌل ٽوَنڙ (سُئي ٽونر واري آنچيءَ ۾ وجهي ٻئي پاسي کان ڦُوڪ ڏِبي آهي ته سُئي باهر نڪري زور سان نشاني واري هنڌ تي

Gul Hayat Institute

ڇپي ويندي آهي). نَرَ مان تيرن اڇلائڻ جي راند.

• **آنْدَارَ:** اسر خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **آنْدَ پَانْدَ:** ذ. [سن. آنْتَ + پرانْتَ] ڪنڌي ـ ڪنارو، ڇيڙو ـ ڇيهه ـ حد ـ انهتا.

• **آنْدَ رُوْ ج آنْدَرُوْ:** ذ. صفت. اندريون (ڍڳو) ـ هَرَ يا گاڏيءَ ۾ ڪاهي پاسي جوتيل (ڍڳو)، گهَرَ ۾ ايندڙ ويندڙ (نوڪر).

• **آندريو ج آندريا:** ذ. ملهه جو هڪ انگ يا داءُ. پنهنجي تنگ جي وڪَڙَ سان اندرين طرفان مخالف جي تنگ کي پوئتي ڇڪڻ جو انگ.

• **آنْدَرِ گانْدَرِ(ت):** ث. تڙتڪڙ ـ جهٽ پٽ ـ جلدي.

• **آنْدَمانْد:** [ف. اند + ماند] آنڊ مانڊ.

• **آنْدَو ج آنْدا:** ذ. [سن.آنڀِ] آمدني ـ پيدائش ـ ڪمائي. (اسم خاص) مرد جو نالو ("اللهُ آندو" جو مُخفف).

ـ **آنْدو ۾ ڪاڏو:** ذ جيڪي ڪمائجي سو ڪائي ڇڏجي ـ ٿوري آمدني.

ـ **آنْدو ۾ نينْدو:** ذ. آمدني ۾ خرچ.

• **آنْدي نينْدي تي هئڻ:** ٿوري ڪمائي وارو هئڻ. آڻڻ ۾ چاڙهڻ ـ آڻڻ ۾ ڪپائڻ. بچت نه ٿيڻ.

• **آنْدولو ج آنْدولا:** ذ. [سن. آنْدولَيه = (لڏڻ، جهولڻ) لوڏو، ڏڪڻي.

• **آندي:** پهچائي.

• **آنْڊِ ج آنْدِيُوْن:** ث. سن. ۱. آنْدَيه = آنْڊائي: ۲. اَنْڊَسْ = انڊڪار، انڌاري، اونده] اونداهي ـ انڌاري ـ انڊائي. آنْڊاريْ ـ متي جي ڦيري ـ پنواتي. [سن. آنْتَ] ڪنارو ـ ڪنڌي ـ ڪپر.

ـ **آنْڊِ اڇڻ:** اکين اڳيان اونده اڇڻ ـ آنڌاري اڇڻ.

ـ **آنْڊِ چڙهڻ:** اکين اڳيان اونده اڇڻ ـ آنڊَ چڙهڻ.

ـ **آنْڊِ ڪَرڻ:** اونده ڪرڻ. گهُٽ ڪرڻ.

• **آنْڊَ اَلَ (ل):** ث. ماٿهن جو ميڙ ـ ڳوڙهه.

• **آنْڊَارو ج آنْڊارا:** ذ. [سن. آنْڊَيه = اُونده] اُوندهه ـ انڌارو. ڳڙ (ڪ).

• **آنْڌاري ج آنْڌاريُوْن:** ث. [سن. آنْڌس] اونداهي ـ آنڌاري. نار يا گهاٽي ۾ وَهندڙ جانور جي اکين تي پٽڻ جا ڪويا. گاڏيءَ ۾ ٻڌل گهوڙي جي منهن تي چڙهيل چمڙي جا ڪويا. گهوڙي جي منهن ڏڪڻ لاءِ جهالردار ڪپڙو. آنڊِ.

• **آنْڊِ مانْڊِ:** ث. [ف. آند ماند] لوڇ پوڇ ـ اُن تُڻ ـ چورا ڪورا ـ ڳڻتي ـ بي قراري. انتظار ـ پريشاني.

• **آنْڊو ج آنْڊا:** ذ. سُور جو وَٽ (پيٽ ۾). ٻاري ۾ پاڻي ورائڻ لاءِ اڏ يا ٻني ۾ ڏنل ٽڪو ـ آوَانْڊو.

ـ **آنْڊو بَڏَنْ:** ٻاري جي ٽڪَ ٻڏڻ. اڏ ڪي ڳنڍيو ڏيڻ. آوَانْڊو ٻڏڻ.

ـ **آنْڊو وَرائي ڇڏَنْ:** هڪڙي ٻاري مان پاڻي بند ڪري ٻئي ۾ ڇڏڻ.

• **آنْڊِيْ ج آنْڊِيُوْنْ:** ث. [سن. آنْڊَيه = اونده] اونده ـ ڪاراڻ. جهَڪ. اونداهي ڪنڊ طوفان "اول آنڊي آئي، پويان جهُڙ جهجهو" (سجل).

• **آنْڊِ ج آنْڊِيُوْنْ:** ث. خصيو. آنُورو.

• **آنْڊُرُ ج آنْڊُرَ:** ذ. صفت. وڏن آنُورن وارو.

• **آنْڊُوْنْ پَتَنْ:** ڪجهه به نه ڪري سگهڻ.

• **آنْڊو (آنْڊرو) ج آنْڊا (آنْڊرا):** ذ. [سن. آنْتر،آنْتر = آنڊو] انسان يا جانور جي پيٽ جو رودو. اولاد. ويجهو عزيز.

ـ **آنْڊا آخر آنْڊا هُئَنْ:** پيٽ جايو اولاد هرحال ۾ پيارو هئڻ.

ـ **آنْڊا تورَنْ:** اولاد کان جدا ڪرڻ.

ـ **آنْڊا سارَنْ:** ڏک ڏيڻ. ظلم ڪرڻ.

ـ **آنْڊا سُڪَنْ:** بُک کان بي حال ٿيڻ.

ـ **آنْڊا سُڪَنا وِجهَنْ:** بُکَ مرڻ ـ لنگهڻ ڪيڻ. ڪاڏو نه ڪائڻ.

ـ **آنْڊا ڪيڻ:** تمام گهٽي مار ڏيڻ ـ جهڳورڻ. سخت سزا ڏيڻ.

ـ **آنْڊا ڪَلُورِ ڪَلُسِ ڪرڻ:** بُک ۾ پاه ٿيڻ ـ تمام گهٽي بک لڳڻ.

ـ **آنْڊا گَجيُوْنْ:** ث. آنڊا گَونڊا ـ پيٽ جا اندريان عضوا. ويجها عزيز ـ مٽ مائٽ. اندر جا راز ـ ڳجهه.

ـ **آنْڊا گَجيُوْنْ جَاڻَنْ:** ڳُجهه جاڻڻ.

ـ **آنْڊا گَجيون ڪيڻ باهر ڪرڻ:** رَت پِت باهر ڪرڻ. ڳُجهه ظاهر ڪرڻ. سڀ حالت پڌري ڪرڻ. راز ۽ عيب ظاهر ڪرڻ.

ـ **آنڊا گجيون گڏڻ:** پاڻ ۾ مٽي مائٽي ڪرڻ.

ـ **آنْڊا گدڙ جي حَوالي ڪَرڻ:** بي ايمان ۽ بد ديانت ماڻهوءَ کي خزانچي بنائڻ.

ـ **آنڊا مُنْهُن اڇڻ:** ڏک جهڙي حالت ۾ سخت بيقرار ٿيڻ.

ـ **آنْڊا مُنْهُن ڏي وَرَنْ:** سخت ايذاءُ يا صدمو پهچڻ.

ـ **آنْڊَنِ جِيْ سِكْ:** ث. اولاد جي محبت.

ـ **آنڊنِ ۾ ڪاتيون پوڻ:** صدمو رسڻ ـ آنڊن ۾ وڍ پوڻ.

ـ **آنْڊَنِ ۾ هُٽ وِجهَنْ:** ڪنهنجي اولاد کي پاراتو ڏيڻ يا گهٽ وڌ ڳالهائي مائٽ کي ڏک ڏَنڻ. گار ڏيڻ.

ـ **آنْڊَنِ ۾ وَڏِ پَوَنْ:** صدمو پهچڻ.

ـ **آنْڊَنِ ۾ وَڪَڙَ پَوَنْ:** پيٽ ۾ وَٽ پوڻ. درد محسوس ڪرڻ

Gul Hayat Institute

– تڪليف پهچڻ.
ـ **آنڊو آتڪڻ:** ڪنهن جي لاءِ گهٽو اونو يا انتظار ٽيڻ – ساه ٽنگجڻ. نياڻيءَ جي مائٽي ٽيڻ.
ـ **آنڊو گنڊ جڻ:** آنڊو منجهي پوڻ.
ـ **آنڊي اُهو:** ذ. صفت. پيٽوڙي – هيڪي.
ـ **آنڊي جو وَڪوُ لاهڻ:** ٻُکن کان پوءِ ڏوَ تي ماني کائڻ.
ـ **آنڊي جڻي جَڙ:** ث. اولاد جي باهر – اولاد جي ڇڪ.
ـ **آنڊي جڻي جرهڻ:** اولاد جي وڇوڙي يا موت جو صدمو هڻڻ.
ـ **آنڊي جَائو:** ذ. صفت. پيٽ جائو.
ـ **آنڊي کي جَڙ اَچڻ:** اولاد لاءِ ڪاوڙ لڳڻ.
ـ **آنڊي کي سيڪ اچڻ:** همدردي ٽيڻ.
ـ **آنڊي گجين گڏيل هڻڻ:** ويجهو مائٽ هڻڻ.
ـ **آنڊيل گانڊيل:** صفت. گڏوڇڙ.
ـ **آنڊي ۾ تانڊو وجهڻ:** ويجهن مائٽن جو پاڻ ۾ نفاق وجهڻ.
ـ **آنڊين گونڊين گڏجڻ:** سڳا بندي ڪرڻ.
ـ **آنڊي وارو هڻڻ:** پنهنجي اولاد وارو هڻڻ.
ـ **آنڊي وَڏي:** ث. بيماريءَ جو هڪ قسم – هڏڪي – وڏڻي.
• **آنڊو گانڊو (ت):** ذ. حساب ڪتاب – وهنوار. عِوَض – بدلو. لالچ – حرص.
ـ **آنڊا گانڊا ڪرڻ:** عوض ڏيڻ – بدلو ڏيڻ.
• **آنرَ ج آنرَ:** ذ. صفت. [سن. اَن – وُرْتْ = گڏجي هلڻ] شاديءَ ۾ سوڙ طور گهوٽ سان گڏ هلندڙ ماڻهو – اَهْنَر – اَرْهَڻُ – آنْهَر.
• **آنر:** ث. صفت. آنا ڏيندڙ (ڪُڪڙ).
• **آنَرُ ج آنَرُ:** ذ. صفت خصين وارو اَڻ ڪُتيل (ڍڳو يا گهوڙو) – سَانُ (ڍڳو يا گهوڙو). آنين وارو يا آنيارو (پلو).
• **آنَرَ بَل:** ذ. صفت. [انگ. Honorable] عزت وارو – معزز. وڏي رُتبي وارو.
• **آنَريُ:** صفت. [انگ. Honorary] بنا اُجوري يا بنا پگهار (ڪم ڪندڙ) – اعزازي.
• **آنرو:** ذ. [بلوچڪي] نياڳو يا بيمار اُٺ. آلڙو – لَونڍ. گاهه جو هڪ قسم.
• **آنڑو ج آنڑا (ل):** ذ. [سن. آنْجَنْ = سُرمو + ڑو] نندي سرميداٿي. (صفت) هلڪي طبيعت وارو (ل).
• **آنڑيُ ج آنڑيُون:** ث. اک جي تُنري وٽ ٽيل آرائي جيتري گوڙهي يا ڦُلٽو. نندي سرميداٿي.
• **آنڑيءَ مان ڪانڑي ڪيڻ:** ٽورڙي ڳالهه کي وڌائي وڏو ڪرڻ – تيليءَ مان ٽنب بنائڻ.
• **آنسُوج آنسُو:** ذ. [پرا. آنْسيَ: سن. آشْرُ] ڳوڙهو – لُڙڪ.
ـ **آنسُو وَهائڻ:** لُڙڪَ وهائڻ – رُوئڻ.
• **آنڪ ج آنڪُوڻ:** ث. پرت جو هڪ قسم – آڪ. ڏاڳي جي زنجير. چمڪدوزيءَ ۾ سنهي ليڪ.
• **آنڪَ ج آنڪُوڻ:** ث. [سن. آتْڪَ = تمام نندڙو باريڪ] سڪي جو هڪ قسم – آنو. تور جو هڪ وزن – سيرُ جو سورهون حصو – چٽانڪ.
ـ **آنڪَ تي اُڙهڻ:** اجائي آڪڙَ ڪرڻ – نڪمي سيٽ ڪرڻ.
• **آنڪَار آنڪَر:** ث. [آنْ = هائو + ڪُر = ڪرڻ] هائوڪار – هاڪار – اقرار – مڃتا – قبوليت جو آواز.
• **آنڪَارَڻ:** مصدر. [آنْ + هائو + ڪُر = ڪرڻ] ها ڪَرَڻُ – هائوڪار ڪرڻ، قبولڻ، مڃڻ – اقرار ڪرڻ – قبول ڪرڻ. ساڪ تي ڇوٽ (آنْڪَاريو – آنڪارينْدو – آنڪاريل).
• **آنْڪارو ج آنْڪارَا (ت):** ذ. آڪارو.
• **آنْڪڑو ج آنْڪڑَا:** ذ. [سن. آڪْڪَ = انگڑو] ڪُنڊو (لوهي). آنْڪڑو.
• **آنْڪسُ ج آنْڪسَ:** ذ. [سن. آنْڪشَ] هاڻي هلائڻ لاءِ لوهي ڪُنڊو.
• **آنْڪَڻُ:** مصدر. [سن. آنْڪ > آنْڪَنْ = نشان ڪرڻ] نشان ڪرڻ. انگ هَڻَڻُ – نشاني هَڻَڻُ. (آنڪيو – آنڪيندو – آنڪيلُ).
• **آنڪو ج آنْڪا:** ذ. صفت. اڻ پڪل (دلو) – ڪچو (دلو) – پيلو "جي ڪچي ساڻ ڪهن، آنْڪو تن اوباهيين" (شاه). آڪو ڪيُر – آڪو – وانڪو.
• **آنْڪُوڑو ج آنْڪُوڑا (ت):** ذ. آنْڪڑو.
• **آنْڪُونْ (ل. ڪ):** ذ. پرت جو هڪ قسم.
• **آنڪيُ ج آنڪيُون:** ث. [سن. آتْڪَ] آنو – آنڪَ. رُپئي پٽيان (چوٽ ڏنل يا ورتل) آنو. محصول – سُنگ. وَلَ. ڏَنُ.
ـ **آنڪيُ اُڪاڙڻ:** وَل وصول ڪرڻ. محصول وٺڻ. رپئي پٽيان آنو وصول ڪرڻ.
ـ **آنڪيُ ٻرڻ:** وَل پَرڻُ. آڙ مڃڻ. زيردست ٿي رهڻ.
• **آنْڪو ج آنْڪا (ل):** ذ. صفت. سَانيُ ڍڳو – اڻ ڪُتيل (ڍڳو). (ظرف) سمورو (ت).

Gul Hayat Institute

ـ ج آنْكيرا (ل): ذ. آكيرو.
نْگاڙو ج آنْگاڙا: ذ. اوهَ جي سوڃَ.
آنْگَاسُ ج آنْكَاس: ذ. وڏو جهنبو ـ عَلَر ـ انگاسُ. دِگهو (ماڻهو).
ـ آنْگاسِي ج آنْگاسِي: ذ. صفت. آنگاس جاڙهيندڙ.
• آنْگاهُوْ: اسم خاصَ. تعلقي سكر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• آنْگر ج آنْگرُوْنْ (ل): آكڙَ ـ سيتَ. هَكَلَ.
ـ آنْگر ڏيڻ: هَكَل ڏيڻ (كنهنَ ڇوپائي كي)
• آنْگِرَائِي ج آنْگِرَائِيُوْنْ (ل): ث. [سن. اگْگ] كَر پيچ ـ آرس پيچ ـ انگڙائي.
• آنْگِرَجَڻ (ل): فعل مجهول. وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيهَڻ. (آنْگِريو ـ آنْگِربو ـ آنگريل).
• آنْگِرْيارو ج آنْگِرْيارا: ذ. صفت. اهڙيءَ طرح قاتل (ڪپڙو) جنهن كي ٽوپو نه اچي سگهجي ـ آنگرْ يارو.
• آنْگَنَ ج آنْگنَ: ذ. [سن. اگْگن] اگڻ. آڱنڊ.
• آنْگوڙو ج آنْگوڙا: ذ. [سن. آنْكُر = ڏنگي نوك] اُهو لَكڙو جنهن جو هڪ چيڙو كمان وانگر وريل هجي.
• آنْگوڙِي ج آنْگوڙِيُوْنْ: ث. [سن. آنْكَ = انْگڙو] متئين پاسي وريل ڏِگهي كاني ـ آنْگوڙِي.
• آنگهو ج آنْگهَا: ذ. ڏائڪ قَرُ كي كير ڏائڻ كان روكڻ لاءِ منهن تي ٻڌل ٻسانگي كاني ـ ٻلَهڻَ. رَهڙ جو نشان (ت) ـ لينگهو.
ـ آنْگهَا كَڍَڻ (ت): نشانَ كڍڻ ـ لِينْگهَا كَڍڻُ.
• آنَنْدُ ج آنَنْدَ: ذ. [سن. آ = ساڻ + نَدْ = خوشي كرڻ] خوشي ـ سرهائي. آرام ـ فرحت ـ سُك. موج. عيش. لذت. ججهو رزق. (صفت) كوڙ ـ ڏِڪ ـ جامُ.
ـ آنند كرڻ: موجَ كرڻ ـ آرام كرڻ. خوشيءَ ۾ گذارڻ.
ـ آنَنْدِي ج آنَنْدِي: ذ. صفت. سُكِي ـ خوش آرامي ـ فرحتي.
• آنَنْد صَاحِبْ: ذ. سكَن جي هڪ مذهبي كتاب جو نالو.
• آنُوْ: ث. [سن. ١. آمَه؛ ٢. آنْدوَش = آندي جو گندُ] سُوريءَ ۾ پيٽ مان نكتل لڳلگدار مادو ـ هور ـ لَهو.
• آنو ج آنَا: ذ. هڪ سكي، جو نالو ـ آنَكَ ـ رُپئي جو سورهون حصو ـ چَو پَيسي. سير جَو سورهون حصو ـ چَٽانْكُ. آنو ـ بيضو.
• آنَا أنْبَن ۾ تہ ہِجا ہِبرن ۾ هُئُنْ: سارو كارخانو ڏانُوان ڏول هُئُنْ.
ـ آنَا ہِجَا كَرڻ: پكي يا ٻئي جاندار جو كنهن جاءِ تي ٽاڪ كرڻ. وڌڻ ويامڻ. دل مَنَ هٽڻ ـ گِٽتي كائڻ. پَكَ نه هڻڻ سبب ويجار كرڻ. پور پچائڻ.

ـ آنا پورڻ: سَوڻ طور گهوت كُنوار جي سيج هيٺان (اكثر) كُكڙ (يا كنهن ٻئي پكيءَ جا) آنا پُوري چڌڻ (ته گهوت جڻ كنوار تي آرو كري كركي ويهي).
ـ آنَا لاهڻ: ككڙ يا ٻئي پكيءَ جو آنا ڏيڻ. بنا كم ترسڻ. تمام گهٽي سك لڳڻ. فائدي وارو كم كرڻ.
ـ آنو اچڻ: ككڙ جو آني لاهڻ كان اڳ دانهون كرڻ. بي آرامي ٽيڻ. خسيس كم يا ڳالهه كي وري وري ڏُهرائڻ.
ـ آنو ڦاسڻ: بي آرامي ٽيڻ. تكڙ ٽيڻ. پريشاني ٽيڻ. انتظار ٽيڻ. ٽوريءَ ڳالهه تي وٺي گهٽو شور كرڻ.
ـ آنو ڦُوڏي ۾ اچڻ: آنو مُنهن تي اچڻ ـ تر تر ٽيڻ ـ ڦٽكارو ٽيڻ. مستي ٽيڻ.
ـ آنو مُٺ ۾ اچڻ: پريشاني ٽيڻ ـ گهبراهت ٽيڻ. ساهه واريْ لڳڻ.
ـ آني مان ڦٽڻ: جمڻ. پيدا ٽيڻ. نندِيءَ عمر وارو ۽ ناتجربيكار هُئڻ.
ـ آني ۾ پاڻِي اَچڻ: بلوغت كي رسڻ. كم جو نه هُئڻ.
• آنُو ٽِرُو ج آنو ٽِرا: ذ. صفت. [پرا. آتِر = ايترو؛ سن. آتْتِر] ٽِرڙو. لڇَكٽو. جنجَل. بي ويساهو. چِچلو. حركتي.
• آنُوَرَجَڻُ (ت): فعل مجهول. [سن. آوَسَنّ] بيهوش ٽيڻ. آهُرَجَڻ ـ ڊِكرجڻ. آكڙجڻ.
• آنُورو ج آنُورا: ذ. [سن. آمَلَكَ: ف. ع.آمَلْ] وَڻَ ۽ قَلَ جو هڪ قسم (جو دوا. مربي ۽ آچار ۾ كم اچي). پساركي وكر جو هڪ قسم. آمُل ـ آنُولو.
• آنُورو ج آنُورا: ذ. [سن.اَنْڈ، آنْدَ] آنْدِ ـ خصيو.
• آنُوَلَ: ذ. آنُورو ـ آمُل.
• آنُولاسَارِ: ذ. [سن. آمْلَ ـ سَارَ] پساركي وكر جو هڪ قسم ـ صاف ٽيل گندرف (جو دوائن ۾ كم اچي).
• آنْهَ: ث. [ف. آهْ] آهَ ـ دانهن ـ شكايت. افسوسو (ظرف) [سن. آنْ] هائو. ضمير. [سن. يُشمان] اوهان.
ـ آنْهَانْ: حرف جر. اوهان كان "آءِ آهيان آنهان ڏار" (شاهه).
• آنْهَ: ث. [سن. آسْ = هُئُنْ] هُئُنْ ـ هستي ـ وجود "جت آنْهَ نه نانْهه كا، اِي خاكيءَ جو خيال" (شاهه).
• آنْهَ، آنْهُنْ ج آنْهُنْ: ذ. [سن. اَهاوَ] چوپائي مال كي پاڻيءَ پيارڻ لاءِ كوهه جي پرسان ٺهيل حوض ـ آواڙو "ميان مارُوئڙن جا، اونها ڏُنر آنْهَ" (شاهه). نيسرَ مان پاڻيءَ كرڻ وارو هنڌ.

Gul Hayat Institute

• **آنْهَرُ:** ذ. [ملتاني] آرْهَنُ — آهنَرُ.
• **آنهرا، آنهيرا:** آكيرا، وانهرا پكين جا.
• **آنْهريْ ج آنْهريُوں:** ث. آرسي.
• **آنْهكارَ ج آنْهكارُوْں:** ث. [سن. آنْ = هائو + كُر = كرڻ] هاكار — هائوكار — آنْكَر — مجتا.
• **آنْهكارڻ:** مصدر. [سن. آنْ = هائو + كُر = كرڻ] هائوكار كرڻ — اقرار كرڻ — هائوكار — آنْكَر — مَجتا.
• **آنْهَلُ ج آنْهَلْ (ت):** ذ. صفت. [سن. آبَلَ] كمزور — نِبَلُ. ڍرو — سُست.
• **آنْهل ٹيڻ:** كمزور ٹيڻ. ڍرو ٹيڻ — سُست ٹيڻ.
• **آنْهُنْ:** ث. [سن. آنْ = هائو] هائو — هاكار.
• **آنْهُو آهو:** ذ. مال پهرائڻ يا كاهڻ وقت ڏراڙ جو آواز.
• **آنْهُوْن:** اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آنْهيريْ ج آنْهيريُوں:** ث. آنهري — آهري.
• **آنْهٔ:** ث. [سن. آمَهْ] ٻور ـ آنُوَ. (ضَمير) [سن. اَهَمْ: ع. آنا] آءُ، آئون — مانْ.
ـ **آنْهٔ ءِ كانْهٔ:** ضمير. رڳو آئون ۽ منهنجو سر — فقط آئون. اڪيلو سر. خود غرضي.
• **آنْهُلو ج آنْهُنا:** ذ. [سن. ١. آنَشْنا = پوکڻ؛ ٢. اَكْرِشْتَ] هڪ پيرو ڪڙيل يا آباد ٽيل زمين — آئنو.
• **آنْهُرو ج آنْهُرا:** ذ. [سن. آمَلَكَ؛ ف. آمْلَ] آنُورو.
• **آنْهُڙ (ت):** ذ. ڏوبارو ڏرڻ جهڙيون چانورن گڏيل ساريون — آڙ (ل).
• **آنْهُنْ:** ث. [سن. آنْ = هائو] هائو — هاكار. ٻڌي — ايكتا. (ظَرف) ها — هائو!
• **آنْهِ ج آنْهُوْں:** ث. [سن. أَتْبَ = آنو] آنياري پَلي جي پيٽاري واري حصي ۾ پيل داڻ داڻ واري مادي جي ٽيلهي. [سن. اَتَكَ] آنو — آنَكَ.
• **آنيارو ج آنيارا:** ذ. [سن. ١. آتْبُوت = آنن وارو؛ ٢. آتْبتي = داڻن وارو؛ ٣. آنْيَ = داڻو. آنو > آنيارو] آنيءَ اورو (پلو). پلي جو هڪ قسم — مايُر. "كيُرو" جو ضد.
• **آنْيارِيْ ج آنْيارِيُوں:** ث. ٻيڙيءَ جي كوهي جهلڻ لاءِ رسي — آياريْ.
• **آني بهاني:** ظرف. كنهن نه كنهن بهاني — اَهاني بهاني.
• **آنْ:** ث. [پرا. آڻا، سن. آجِيا] حكم — فرمان — آگيا. تابعداري — مجتا — اطاعت — محكومي — هار — شكست. ڍوهي — قسم "گوگي ڇهواڙ جي آنْ ڏيئي نانگ جهلڻ". ڍوهيءِ جو گول ليكو — دائرو. ميار (ت). عوض — بدلو. كوهه جي تر پاسن كان پاڻيءَ جي زور تي مٽيءَ جي اُڇَلَ سبب كوپ. كوهه ۾ اوساريءَ جي هڪ پاسي لهي پوڻ سبب خالُ. [سن. آوَرَنْ] روڪ — اٽڪ — آڏ. "اونهي تَرَ آڪنيا، آد پائي آنْ" (شاهه). كَڙهه. لوڙهو. پت. دوباره ڏرڻ جهڙيو چانورن گڏيل ساريون — آنْئِنُ (ت). 'آنْڻُ' مصدر مان اَمر — كٽي اڇا.
ـ **آنْ پائڻ:** آنْ مجڻ. آڏو آنْ وجهڻ — كنهن سبب جي بناءِ تي رندڪ وجهڻ. برادريءَ ۾ ميار ركي رسامو وجهڻ.
ـ **آنْ كرڻ:** ٻئي جي طرفداري كرڻ.
ـ **آنْ لاهڻ:** ميار لاهڻ.
ـ **آنْ مجڻ:** شكست قبول كرڻ. بيش پوڻ. حكم مجڻ — چيو مجڻ.
ـ **آنْ ۾ رهڻ:** روڪ ۾ رهڻ. تابعداريءَ ۾ رهڻ. ڍوهيءَ ۾ وهڻ (نانگ بلاجو).
• **آنْ:** ث. [سن. آتْمِ] ڦيٽي جي سرائيءَ جي كلي. سٽر. ترار جي ڌار. گهر جي كُنڊ. ليكو — حد. اَنّ جي راه جي چوڌاري نكتل ليكو.
• **آنْ:** ذ. ساريں سان گڏ اُپرندڙ گاه جو هڪ قسم. چانورن سان ملیل جهنگلي گاه جو ٻج. لوهو گول ڇلو (جو جنڊ جي مڪڙيءَ جي سوراخ ۾ وجهجي، ته كير سان لڳڻ سببان مكڙي نه گسي).
• **آنْائِيْ ج آنْائيُوں:** ث. صفت. ڏُكي — آٹائي — مُشكل.
• **آنْاسو ج آنْاسا:** ذ. صفت. [سن. آناشَ (آنْ + آشا) = بي اميد. جنهن جي سڌرڻ جي اميد لاهي ويهجي] جنهن كي مستقبل جي اميد نه هجي. جنهن كي ناس پٽو نه هجي — اَٹاسو.
• **آنْائنُ:** 'آنْڻُ' مصدر مان متعدي بالواسطه كٹائي اچڻ — گهرائڻ. خريد كرائڻ حاضر كرائڻ. (آٹايو — آنْائيندو — آنْايل).
ـ **آنْائِيْ، آنْائِي ج آنْائِيُوں:** ث. آنْائنُ جو اجورو — كٹائي.
• **آنْ جانْ (ت):** ث. اچ وچ — آمد رفت.
• **آنْڻُ، آنْڻِ:** مصدر. [سن. آنِيْ (آ = ساڻ + نِيْ = هلائڻ) = آنْڻُ] وٺي اچڻ. كٹي اچڻ. هٿ كرڻ — حاصل كرڻ. (آنْيو — آنْيندو ـ آندل).
ـ **آنْڻُ نِيْڻُ:** پهچائڻ ۽ وٺي وڃڻ.
ـ **آنْڻُ ۽ جاوْهڻ:** جيكي كمائڻ سو سڀ خرچ كرڻ "آنْيون ۽

Gul Hayat Institute

ڙهيون، ڏُٽ ڏهاڙي سومرا" (شاهه).

ٽين ۽ ڇاڙهين: آٽڻ ۽ ڇاڙهڻ وارا، بنا رڪيل ٽوڙ جي توڪل وارا (جيڪي روزانوَ جڏهن کا شيءِ ملي تڏهن کٽي اڇي پچائين).

آٽو پاڻي (ت): ظرف. جدا جدا — علحده ـ نويڪلو. آرادو. آڙ پاڙ.

• **آٽو ماٽو ج آٽاماٽا:** ذ. ناز نخرو — انگل آرو.

ـ **آٽا ماٽا ڪرڻ:** ناز نخرا ڪرڻ. خوشيون ڪرڻ — موجون ماڻڻ.

• **آٽِي ج آٽِيُوْنْ:** ث. [سن. آٽِي = سُئيءَ جي ڇنب] ڪنهن به تڪيءَ شيءِ (تير، پالي، ترار وغيره) جي ڇنب يا ڪنارو — نوڪ — آٽِي. [سن. آنَ = وات، نڪ] وات. نڪ "ليبي لعنتيءَ کي آٽيءَ ۾ آهي". خود غرضي — خود مطلبي.

• **آٽِيانْ مورَ:** ث. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (جا ماڻهوءَ کي ٻچ سان ڏڪ هڻندي آهي).

• **آوا:** ذ. [ملتاني] سُرن جو ڪورو — بٹو.

• **آواجُ ج آواجَ:** ذ. [ف. آواز] آواز "آنيئي آواجُ، پنان ڪيِ نہ پاوَ سان" (سامي).

• **آوادانُ، آوادانو:** صفت. [ف] آبادان — وسندڙ.

ـ **آوادانِي ج آوادانِيُوْنْ:** ث. آباداني. بستي — آبادي. رونق. پوکيل زمين.

• **آوار (ک):** ث. [ف. آوردن] گهوڙي جو تڪو پنڊ — چوٽ — سراڙو.

• **آوارَ ج آوارَ:** ذ. صفت. [ف. آوارَه] چٽيل — پکڙيل "چبر چائون مُڪيون، عطر ٽيو آوارُ" (شاهه). سرگشتو — رولو — پٽڪندڙ — آواره. بريڪ بياباني، چوڏاري، جيڏانهن ڪيڏانهن پکڙيل.

• **آوارو ج آوارا:** ذ. صفت. [ف. آوارَهْ] رولو — پٽڪندڙ — گمراه، بدچال — آوارَهْ.

ـ **آوارگِي:** ث. رولڙو — پٽڪڻ جي حالت. بدهلت.

ـ **آوارهْ گرد:** ذ. صفت. رولو — آواره.

ـ **آوارهْ گَردي:** ث. اجايو رُلڻ — آوارگي.

• **آواريُ ج آواريُوْنْ:** ث. [ف. آوارَهْ] اوياري چولي "ڀُر ڪري جيئن يُغديون، آواريون لَهوار" (شاعر "نمر").

ـ **آواريُوْنْ لَهواريُوْنْ:** ث. اوياريون لهواريون. ابتيون سبتيون.

• **آواڙو ج آواڙا:** ذ. [سن. آهاوَ] ڪوه يا ڪوهيءَ جي پرسان جانورن جي پاڻي پيڻ لاءِ ڏِڳهي حودي — آٽهَنْ. [ف. آوارهْ] بي فائدو يا اجايو پٽڪندڙ — آوارو. وائڙو — بتليل. (ث) آواڙِي ج آواڙيُون.

• **آواز ج آوازَ:** ذ. [ف] شين جي پاڻ ۾ لڳڻ جو ٻڙلاءُ ـ اهڙو ٻڙلاءُ جو ٻڌڻ ۾ اچي. ڳالهاءُ. آلاپ. تنوار. سڏ. هڪلَ. پُڪار. ندا. هُل — گوڙ. سُوال — صدا. ڪڙڪو. ڪڙڪو. چيخاٽ. ڦهڪو. گونجَ. غلغلو.

ـ **آواز اُٽارڻ:** گهُرَ ڪرڻ. دانهن ڪرڻ.

ـ **آواز پوڻ:** مشهور ٿيڻ. هل ٿيڻ.

ـ **آواز پهچائڻ:** عوام جون شڪايتون ۽ گهرجون حڪومت اڳيان پيش ڪرڻ.

ـ **آواز ڪرڻ:** ڳالهائڻ. سڏ ڪرڻ. گوڙ ڪرڻ. وَڄڻُ، هوڪو ڏيڻ.

ـ **آواز ڪليل هُئڻ:** وڏي آواز سان ڳالهائڻ — ڳالهائڻ جي سگهه هئڻ.

ـ **آواز ويهي وڃڻ:** نڙي ويهي وڃڻ. ڪابه دانهن ڪوڪ نہ ڪري سگهڻ. بي سُرو ٿيڻ.

ـ **آوازِي ج آوازِي:** ذ. صفت. آواز ڪندڙ وڄندڙ. چيچاتي (ٻوٽ).

• **آوازهْ:** ذ. [ف] مشهوري — ناموري — نالو — ناموس.

• **آواگمَن، آواگوَن:** ذ. [سن. آيه = اچڻ + گمْ > گمَنْ = وڃڻ] اڇ وڇ. وري وري جمڻ ۽ مرڻ — جوٽيون وٺڻ — پُنر جنم — تناسُخ.

• **آواگهَرُ:** ذ. [سن. آو + گُرْهُ = جهلجڻ] اوجهڙ — گمراهي. آل بزار. گورک ڌندو.

• **آواگهين:** ظرف. تار (پاڻي) — عميق — اُونهو.

• **آوانَ:** ذ. [ع. آن ج آوانَ] وقت. موسم.

ـ **آوانْدو آوانْدو ج آوانْدا، آوانْدا:** ذ. [سن. آ + بَنْدَ = ٻڌڻ] پاڻيءَ جو ٻاري ۾ چوڙ. ٽڪو — آنڌو.

ـ **آوانْدو آوانْدو ٻڌڻ:** ٻاري، جو پاڻي بند ڪرڻ.

ـ **آوانْدو آوانْدو لاهڻ:** اڏ يا ڪسيءَ جو مُنهن کولڻ ۽ اُن مان پاڻي وهائڻ.

ـ **آوانْدو آوانْدو وَرائڻ:** هڪ ٻاري، مان پاڻي بند ڪري ٻئي ۾ ڇڏڻ.

• **آواهُ ج آواهَ (ت):** ذ. تيل جو اُهو ننڍڙو ڏبو جو ٻيل گاڏيءَ جي قيٽن کي تيل ڏيڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ ٻڌل هجي.

• **آواٽو ج آواٽا:** ذ. [سن. ١. آ + هيوَ = سڏڻ؛ ٢. آهوانَ = سَدَ، سَمَنْ، دعوت] ڪنهن جي اڇڻ جي خبر (جنهن جي پڪ نہ هجي) — هاواٽو. هُل — افواه.

• **آواهَن:** ذ. [سن. آهْوَنَ] سَدُ — ڪوٽ — دعوت. ڪنهن ديوتا کي مُناجات.

• **آوتِ ج آوتُوْنْ:** ث. [سن. آين = اچڻ، ف. آمد] اچڻ جي حالت

Gul Hayat Institute

– آمد. آمدني. وصولي. ٻاهران مال جي آمد. سال جي وصولي. هلڻ جو نمونو – هلڻي. عوض – بدلو. اَنّ جي وائـرَ.

ـ **آوت جاوت:** ث. اڄ وڃ. آمدني روانگي.

• **آوتُو ج آوتُو:** صفت. ايندڙ – اڃڻ وارو – ٻاهران ايندڙ (مال).

• **آوَٽِرو ج آوَٽِرا:** صفت. آئنٽرو – هوٽرو – حرڪتي (ٻار).

• **آوتو ج آوتا (ل):** ذ. پٽيءَ کان ڏنل سوڙ يا وهاٽي جي ٽيڪ.

• **آوَڏ ج آوَڏ (ل):** ذ. [سن. اوَنّه] وڏي ڪَڏ. اوڙاهُ سوراخ – خال – پور. کوهه.

• **آوَر ج آوَر:** ذ. [سن. آوَرْتَ = گهمرو، پيچ] وَر. وهڻ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ث).

ـ **آوَر ۾ اُچڻ:** پيچ ۾ اچڻ – وَڪڙ ۾ اچڻ. ٻَل ۾ اچڻ. هٽ لڳڻ.

• **آورت:** ث [سن. آوَرْتَ = گهمرو، گهيرو] وائـرا وقت گاڏي مان ان ڪرڻ وارو هنڌ. آوت.

• **آوَرتا:** ث. [سن. ١. آرا تْرڪَ = جوت ورڪا؛ ٢. آوَرْڪشتا = ورڪا] ديوتا اڳيان آندل نذر يا پَيٽ – آرتو – آرتا.

ـ **آوَرتا ڪَرڻ:** اول گهولُ جو ساڻ سَوڻ ڪرڻ (ديوتا نہ هجڻ جي حالت ۾ پيءُ مٽان ۽ ان جي نہ هجڻ جي حالت ۾ ماءُ مٽان يا ويجهي عزيز مٽان ڏيو ڦيرائڻ) – آرتا ڪَرڻ.

• **آورتَ ڏهائِي:** ث. ڏهائيءَ جي انگن جي مَٽا (ڏهاڪن جي انداز ۾).

• **آوَرتي:** ث. ڇاپي.

• **آوَرْجا ج آوَرْجائُون:** ث. [سن. آيَرْدا] آرجا – عُمر – جمار.

• **آوَرْدَ:** ث. [ف. آوَرْدَن = آڻڻ] طبيعت جي خلاف (زوريءَ) خيال ۾ آندل ڳالهه. خيالي چڪ تاڻ. شعر چوڻ ۾ طبيعت تي ڏنل زور. شعر گوئيءَ ۾ تڪلف ۽ تصنع. بناوت.

• **آوَرْڊ ج آوَرْڊ:** ذ. [سن. آوَرْڻ] ڍڪ – پردو. ٿهـ. اهڙي شيءِ جا بچاءُ ڪري (جهڙوڪ ڪڙهه، جهنگلو، پت، وغيره). رندڪ – اٽڪ.

• **آورو ج آورا:** ذ. [سن. آ ملڪ، پرا. آمَلِيَ] آنَورو – آنَٽُرو.

• **آوَرِي (ل):** ث. آهري.

• **آوَڙ:** مصدر. [سن. ١. آوْر؛ ٢. آهْلاد] آئڙڻ – دل سان لڳڻ. پسند پوڻ – وٽڻ – پياروٿيڻ (آوَڙيو – آوَڙَندو – آوَڙيَل).

• **آوَسْتا ج آوَسْتائُون:** ث. آوسٽا.

• **آوَڪ:** ذ. [هـ] وٻمو (انشوئرنس).

• **آوَڪارَڻ (ڪ):** مصدر. اُڪاڻڻ – مينهن وسي بس ٽيڻ. آسمان جو صاف ٽيڻ.

• **آوَلو ج آوَلا:** ذ. صفت. [سن. آوَلَنْ = چاهه رکڻ، ميل رکڻ < آوْر = چوندڙ، پسند ڪرڻ چاهڻ] پسند ايندڙ – وٽندڙ. ذ. (ث) آوَلِي ج آوليُون "آوَلِي ۽ چَاوِلِي، آپرينءَ پاهوه" (جلال).

• **آوَلِي ج آوَلِيُون:** ث. [سن. آوَل، آوَلِي = قطار] قطار – سلسلو (خاندان، گهراٽي).

• **آوَنْڊ:** ذ. [ذ] ردّي جو سامان (ٽانوَ ٽپا). ڪپڙن سُڪائڻ يا ڍاڪ جي ڇڪن ٽنگڻ لاءِ رسي. ٽينس راند جي رئڪيٽ. شطرنج جو تختو. تخت.

• **آوَنْداڻ:** صفت. [ف. آونگان] لٽڪندڙ.

• **آوَنْگ:** ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **آوَنْگَ ج آوَنْگَ:** ذ. [ف. آونگ = ڪَرل] ردّ پڇاءُ جو ڪوبہ ٽاڻ "اسان اُڏارا، آٽي آونگ چاڙهيا" (شاهه). مال اسباب. ڪَرل، انگورن جي ڇڪن يا ڪپڙن ٽنگڻ لاءِ رسي. ٻيڙيءَ کي هلائڻ لاءِ ٻنهي ڪپن تي آربار ٽنگيل رسي.

• **آوَڻ:** مصدر. [سرائيڪي] اڃڻ "وڃ عروج نزول دي گهِن تون لذت آوڻ جا وڻ دي" (بيدل).

ـ **آون جاون:** اڃن وڃن "اُڏر مٽان ڦانگ، تہ گهر جاون آوَن پرين" (شاهه)

• **آوٽي ج آوٽِيَانْ:** ث. آمد. (صفت) ايندڙ "اُتر ڏيسان آوٽيان، ڏکڻ سانوٽيان" (شاهه).

• **آوَه:** ث. [ف. آوَهْ] لوهار خانو. لوهار جو ڪورو – ٻَني. سڙن پڇاڻ جو ڪورو. نهائين – آوِي. دوزخ. آفت – چٽيَ – مصيبت – آپدا. دامن جي ڪَنيَ.

• **آوَهَ ج آوَهَ:** ذ. [ف] ڪاب پڙاڏو ڪندڙ شيءِ. هڪ ساز جو نالو. هاءِ هاءِ! افسوس!.

• **آوِي ج آوِيُون:** ث. [ع. هاويَه: ف. آوَه] دوزخ جو ترو – هيَناهون دَوزخ – هائي. نهائين. آفت – آپدا. چٽي – مصيبت. آوَه.

• **آويڙ ج آويڙُون:** ث. [سن. آويشْٽ = ويڙهڻ، لپيٽڻ] لوهه جي پٽيءَ مان هڪ جهڙا ٻہ ٽڪر ٿاهي ٻنهي کي ملائي ٿاهيل هٿيار (جهڙوڪ کهاڙي، وغيره).

• **آويڙو ج آويڙا:** ذ. صفت. [سن. لٺس] اويڙو – ڏنگو.

• **آويزان:** صفت. [ف. آويخْتَنْ] لٽڪندڙ.

• **آويزو ج آويزا:** ذ. [ف] ايرنگ.

• **آويلو ج آويلا:** ظرف. آويلو.

Gul Hayat Institute

• **آهَ ج آهُون:** ث. [ف آهـ: سن. آهَهَ] دُکَ، تکليف، درد يا سُور ۾ اندر مان نڪتل آواز. دانهن فرياد "آهه ڪريندي ساه، ڪڍهن ويندو نڪري" (شاهه). رڙ. پٽ – پاراتو "آه غريبان، قهر خدائي". [سن. آشا] آس – اميد – آسرو "آهَ نہ لاهيندياس، جيئري جت ڏسي مران" (شاهه) (ندا) افسوس!

ـ **آهَ پَرڻ:** شوڪارو پرڻ. ظلم ڪان دانهن يا شڪايت ڪرڻ.

ـ **آهَ تان نِراهِ هُئَڻ:** هڙڪ ٻاهر نہ ڪڍڻ – خاموش رهڻ. هيسيل رهڻ.

ـ **آهَ پَوَڻ:** مصيبت ٻوڙ.

ـ **آهه جانفشانْ:** ث. ماريندڙ دانهن.

ـ **آهَ جانڪاه:** ث. دل ڳاريندڙ دانهن.

ـ **آهَ جگرسوز:** ث. جگر ساڙيندڙ آهه.

ـ **آهه زَنْ:** ذ. صفت. آهه ڪيندڙ. شوڪارو پريندڙ.

ـ **آهه سَرد:** ث. ٺڏو ساهه.

ـ **آهَ سَرد پرڻ:** ٺڏو ساهه ڪڍڻ.

ـ **آهه صَدْ آهه:** افسوس صد افسوس!

ـ **آهه ڪيڻ:** ٺڏو ساهه پرڻ.

ـ **آهه ڪَڙڪ:** آفت يا قهر نازل ٿيڻ.

ـ **آهه ڪَشْ:** ذ. صفت. آهه ڪيندڙ.

ـ **آهه نيمْڪَش:** ث. اڌ لڪو ٺڏو ساهه.

ـ **آهَ نِيمْ شَب:** ث. اڌ رات واري دانهن – فرياد.

ـ **آهَ نَڪرڻ:** دل مان پاراتو نڪرڻ.

ـ **آهه وَيْڪا:** ث. روڄ راڙو – پٽڪو – واويلا.

ـ **آهه وزاري:** ث. روڄ – پٽڪو – واويلا.

ـ **آهه وفغان:** ث. روڄ راڙو – واويلا.

ـ **آهون:** پٽون (آهُون اَڪنديَن جيُون).

ـ **آهُون ڪَرڻ:** دانهون ڪرڻ. رڙڻ – روڄ ڪرڻ "ڪنڌيءَ جهليو ڪانهه، عاشق اُيو آهُون ڪري" (شاهه). ڪوڪارڻ.

• **آهه:** فعل. [سن. آس] "آهي" جو مخفف – آهي "سالڪن سمجهي چيو، اي ۽ آه دنيا ڏينهن ڏون" (گل).

ـ **آهه ۾ ناهه:** هُئڻ ۾ نہ هُئڻ، موجود ۾ غير موجوده، وجود ۾ نيستي.

• **آهَ ج آهَ:** ذ. [سن. آهَارَ] آڻهه.

• **آها:** حرف ندا. [سن. آهَهَ] تکليف، عجب يا ڏک مان نڪتل آواز (جو هاءِ هاءِ، واه واه! بَلي بَلي! جو اظهار ڪري).

• **آهار:** ظرف. [سن. آدار] آڏار تي – آسري تي – ٽيڪ تي.

• **آهارْ ج آهار:** ذ. [پرا. سن. آهارَ: ف. آهارْ] ڪاڏو – خوراڪ – قوت. [سن. آڏارَ] ٽيڪ – مدد. آسرو.

• **آهاريْ ج آهاريْ:** ذ. صفت. ڪائيندڙ "ماس آهاري" (= گوشت ڪائيندڙ).

• **آهاڻ (ث):** ضمير. اوهان.

• **آهَتَ ج آهَتَ:** ذ. [سن.آ + هت] ڪاسبي. ڪُڙمي يا ٻئي ڪنهن ٻه مُهاڙي تي ساليانو ٻنڌاڻ يا لاڳ (جو فصل لهڻ تي ڏنو وڃي)ـ رڪَبَ. هلي چلي – دستور. خوءِ ـ خصلت "اڪين جي آهت، ڪٽي اُچلايس چپرين".

ـ **آهَتُ رَكَڻْ:** ششماهي يا ساليائي معاوضي تي ڪاسبين ڪان ڪم وٺڻ لاءِ ساڻن لاڳاپو رکڻ. ڪاسبيءَ جو ساليائي يا ششماهي معاوضي تي ڪنهن ٻه مهاڙي سان وهنوار رکڻ.

ـ **آهتُو ج آهتُو:** ذ. صفت. آهتي.

• **آهَتيْ ج آهتيْ:** ذ. صفت آهت پريندڙ (ڪڙمي يا ٻيو ڪوبه مهاڙيو). آهت ونندڙ (ڪاسبي) "فلاڻو ڪڙمي منهنجو آهتي آهي".

• **آهَتَ ج آهَتُونْ:** ث. پيرن جو خفيف ڪڙڪو. هلڻ جو هلڪو آواز.

• **آهَرَ:** ظرف. [سن. اَنْسارَ] پٺاندر – موجب – سارُو – مطابق. جيترو. آڏار ث. [سن. آڏَرَ] آڏار – ٽيڪ – جهلو. واهَر "پڌ توڪل ترهو، آهَر ساڻ الله" (شاهه). پهچ – طاقت – پناه.

• **آهَرْ:** ذ. [ف. اَهارْ: سن. آهارَ = آ + هُرْ = ڪٽڻ، وڍڻ] پٽو (جو ڏوبي ڪپڙن کي ڏيندا آهن) – ڪَلْفُ – پيجي – پيڙُ.

• **آهرُ ج آهر:** ذ. صفت. [ع. عاهرُ] ڏاريو مرد – غيرمرد. يارُ – سَيندو – ڇڪهُ. آهيڙ. [سن. اسَرْيُ] معالجت جو هڪ نمونو – جراحت – ڏنڀ.

• **آهَرُ:** ث. تيلي ٻج جو هڪ قسم (سرنهه ۽ ڄاڻيي جي جنس مان).

• **آهَرَ آهَرَ ج آهَرُونْ، آهَرْ:** ث. ذ. [آف. آخورْ] ۱. مال جي ڪاڏي لاءِ ڪُونڊَر – آهُرو. مينهن يا ڳئون جو هڪ وقتو ڪاڏو. 'آهر ڏيڻ، آهر وجهڻ' ۲. سنهڙو ٻج جيڪو مصالحي طور ڪم اچي، ف. خردل، هرائي.

• **آهَرَ رَهَڻ ڪرڻ:** تنگيءَ سان وقت گذارڻ – مينهن يا ڳئون جو هڪ وقتو ڪاڏو.

• **آهَرناريْ:** اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **آهَرڻ:** مصدر. [ف. آهار] کَلُف ڏيڻ جوءَ يا لئي لڳائڻ. (آهَريو — آهَرندو — آهَريل).

• **آهرو ج آهرا:** ذ. ڪائي يا پيلپائو (جنهن تي پڪي وهندا آهن) — واهيرو. ڪُڪڙن يا پکين جي رات جي وهڻ جي جاءِ ـ آهيرو.

• **آهُرو ج آهُرا:** ذ. [فن. آخوڑ] ڏورن جي ڪاڌي لاءِ ڪُونر — آهورو. آهَر — آڏَر.

ـ **آهُرن ۾ ڪائڻ:** گهٽي چاري مان ڏوڪري ڪائڻ. تمام گهٽو يا ريل چيل خرچ ڪرڻ.

ـ **آهُرين:** آهُرن ۾ (مال جي ڪائڻ وارن) ڪُونارَن ۾.

• **آهَريُ:** اسمَ خاص. تعلقي ڏگهڑيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آهريُ ج آهريُون:** ث. [سن. آدَرْشه = (آ = چئني طرفن کان + دَرْش = ڏسڻ)] أرسي

• **آهريُ ج آهريُ:** ذ. صفت. [ملتاني] چُست چالاڪ. محنتي.

• **آهُريُ (ل):** ث. [سن. آسُريْ] گجرن جو آچار.

• **آهُريا:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آهُڙ ج آهڙيُون (ل):** ذ. وَلَر — ٽولي. جماعت.

• **آهُڙڻ:** مصدر. [ف. آڙَنْدن = آهوڙڻ؛ سن. آ — سْكَلْ] جنڊ ڪي آهوڙڻ. ٽِڙڪڻ — ٽاپڙڻ باهڙڻ. (آهُڙيو — آهُڙيو — آهُڙندو — آهُڙيل).

• **آهُڙو ج آهُڙا:** ذ. صفت. [سن. ١. آسْكَر = ڏکيو؛ ٢. آوَجْڈ = آهڙڻ] آهنجو — ڏکيو. چُيندڙ. کهُرو "آڏ ترچا آهُڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا" (شاه).

• **آهسْته:** ظرف. [ف] ڈيري — ڈيمي — هوريان — آهستي.

ـ **آهَسته آهسته:** ظرف. ڈيري، ڈيري. ڈيمي ڈيمي. هوريان هوريان. رفته رفته درجي بدرجي.

ـ **آهسته رَوْ:** ذ. صفت. آهسته هلندڙ.

ـ **آهسته سُخْن:** ذ. صفت. آهسته ڳالهائيندڙ.

ـ **آهسته سُخَن:** ذ. صفت. آهسته ڳالهائيندڙ.

• **آهسْتگي ج آهسْتگيُون:** ث. ديرائي. نَهر تحمّل — ديرينائي.

ـ **آهَستو:** ظرف. آهسته.

ـ **آهستي:** آهستي: ظرف. آهسته آهسته.

• **آهَڪُ:** ذ.[ف] چونو — سيڙهي — گَچ.

• **آهلُ:** صفت. [ع. آهلٌ] ماٹهن سان معمور وسندڙ — آباد (شهر). اهڙ عيال وارو.

• **آهِلُ:** مصدر. [سن. آلَمْبَ = ٽيڪ] ليٽڻ — لاڙو ڪرڻ — اَٽَلَ ڪَرڻُ. آرام ڪرڻ. ٽوري دير لاءِ بُت سنئون ڪرڻ — چيلهه ڍگهي ڪرڻ. [سن. آوَهيل = بيمانائي، ڪِل مسخري، حقارت] ويچارا ڪيڻ — چهرا ڏيڻ. نَڪُل ڪرڻ — اَهِل ڪرڻ (آهليو — آهلندو — آهليل).

• **آهلَ ج آهلُون:** ث. ليٽ — لاڙو — اَٽل. رُجحان. ڪاٽ. ويچارا — آهلَ — نقل.

ـ **آهلاڻڻ:** 'آهلڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. ليٽائڻ — لاڙڻ. لاڙو ڪرائڻ. اُلار ڪرائڻ. سُمهارڻ. ننڊ ڪرائڻ. آرام ڪرائڻ.

ـ **آهلجڻ:** 'آهلڻ' مصدر مان فعل مجهول. ليٽجڻ — اُلارجڻ.

ـ **آهَلَ ڪرڻ:** ويچارا ڏيڻ — چهرا ڪيڻ.

ـ **آهَلِيَل:** ذ. صفت. ٽيڪ ڏنل. ليٽيل. ٽيڏو.

• **آهمَر:** ضمير. مون کي آهي — آهيم "آهمِ اي ءُ عجب، جيئن واُرئو ويج وهاريين" (شاه).

• **آهَنْ، آهَنُ:** ذ. [ف] لوهه. فولاد — رُڪ. [سن. آشْمَنْ] ٽانوَ جي وزن پوري ڪرڻ لاءِ ساهميءَ جي پڙ ۾ وڌل وَٽ، تورا يا پٽر — آهُن.

ـ **آهنْ رُبا:** ذ. لوهه کي چڪيندڙ — چقمق.

ـ **آهنگر:** ذ. صفت. لوهه گهڙيندڙ — لوهار.

ـ **آهني ج آهني:** صفت. لوهه جو — لوهي. مضبوط.

• **آهَنْڊ ج آهَنْڊَ:** ذ. صفت. آهنڊُ. لُڇ. اَئٽرو. سنئون پلءُ نه ڏيندڙ.

• **آهَڪ ج آهَڪُون:** ث. خوشبوءِ ـ سُڳنڌ.

• **آهَنَڙ ج آهَنَر:** ذ. آهَنَر.

• **آهَنگ ج آهَنْگ:** ذ. [ف] آواز. جهُونگار — آلاپ. نغمو. سُر. ارادو — قصد.

• **آهڻو ج آهڻا (ڪ):** ذ. [سن. آلَنْبَ] ٽيڪ — ليٽ — لارو — رُجحان. اَٽَل — ڪاٽ. نقل پيروي — اَهل.

• **آهو:** ذ. [سن.آشَا] آسرو — اميد — دلاسو. هيج. قُرب. لاڳاپو.

ـ **آهو پَلَڙ:** آسرو لاهڻ.

ـ **آهو ڏيڻ:** آسرو ڏيڻ — دلاسو ڏيڻ.

ـ **آهو ڦاهو ڪرڻ:** سخت تڪليف وٺڻ — وڏي ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آهو ڪَڏڻ:** آسرو پلڻ — اميد لاهڻ "سامونڊي سنيوڙا، ڪٽي مون اڳهيءَ تان آهو" (سانوڻ). جوکو ڪٽڻ. قرباني ڪرڻ.

• **آهُوْ ج آهُوْ:** ذ. [ف] هَرڻُ — مرگهُ. ڪبوتر جو هڪ قسم (گهٽي ڇُٽ ڇُٽ ڪندڙ ڪبوتر). هاراڻي راند جو هڪ قسم — ليٽ ڪبُوتر. نقص — عيب.

Gul Hayat Institute

ـ **آهُوْپا:** ذ. صفت. [آهو = هرڻ + پا = پير] هرڻ وانگر پيرن جو تکو – تمام تيز دوڙندڙ.
ـ **آهُوپرو:** ذ. اهو باز جنهن کي ڪنين تي هرڻ جي پير وارو چتر هجي.
ـ **آهُو پيرُ:** ذ. هڪ پسارڪو وکر.
ـ **آهُوچشمُ:** ذ. جنهن جون اکيون هرڻ جي اکين جهڙيون هجن – هرڻ اکيون – وڏين اکين وارو. سهڻو. معشوق.
ـ **آهُوْدل:** ذ. صفت. ڊڄڻو.
ـ **آهُوْگيرُ ج آهُوْگيرُ:** ذ. صفت. هرڻ ونندڙ – شڪاري.
ـ **آهُوشڪمُ:** ذ. صفت. جنهن جو پيٽ هرڻ جي پيٽ جهڙو (پٺيءَ سان لڳل) هجي – لڪدار.
ـ **آهُونگاهُ:** ذ. صفت. سهڻين اکين وارو – معشوق.
ـ **آهُوي چَرْخُ:** ذ. آسمان جو هرڻ. سج.
• **آهُوْ ييرُ ج آهُوْ ييرَ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (پير جي داڻن جهڙو ٽٻي).
• **آهُوتي ج آهُوتيُون:** ث. [سن. ١. آهَ = هل چاڙهڻ. پيٽا ڏيڻ؛ ٢. آهُت = هل] هندن ۾ ديوتائن اڳيان باهه سان گڏ هل چاڙهڻ جي رسم. هل چاڙهڻ سان گڏ ڪابه ڪريا ڪرم. ساڙيل گيهه جي پيٽا.
ـ **آهُوتي ڏيڻُ:** هَل چاڙهڻ – قرباني ڪرڻ. ساڙيل گيهه پيٽا طور ڏيڻ.
ـ **آهُوتي وهڻُ:** ڪاوڙيل کي وڌيڪ ڪاوڙائڻ.
• **آهوحا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• **آهورو ج آهورا:** ذ. [ف. آخور] آهُرو – ڪونر.
ـ **آهورن ۾ ڪائڻ:** گهٽي چاري مان ڏوڪري ڪائڻ "جن ڪاڏو آهورن ۾، سي ڪيئن ڪائيندا پاهورن ۾".
• **آهوڙُ ج آهوڙَ (ل):** ذ. لوهارن جي اصطلاح ۾ ڪنهن اوزار (ڪهاڙي، ڏاتي، واهُلي، وغيره) جو اڏورو تيار ڪيل ٻوتو.
ـ **آهوڙَ وَرائڻ:** اوزارن جا اڏو ڳابرا ٻوتا تيار ڪرڻ.
• **آهوڙڻُ:** مصدر. [سن. آوْجِدْ: ف. آرندن] جنڊ جي ڪهرو ڪرڻ – ٽڪڻُ. [سن. آوْدارَ] گم ٿي ويل پير (چور، وهٽ وغيره جي) ڳولڻ لاءِ اوهاڙون ڏيڻ – اوري پري پير جي جانچ وٺڻ. (آهوڙيو – آهوڙيندو – آهوڙيل).
• **آهوڙَ ج آهوڙُن:** ث. پيري جي تحقيقات لاءِ چوڌاري ڳولا – اوهاڙ.
ـ **آهوڙَ ڏيڻُ، هڻڻُ:** چوريا چوري ٽيل چوپائي مال جي وجايل پير جو نشان ڳولڻ.
ـ **آهوڙائڻُ:** "آهوڙڻ" مصدر مان متعدي بالواسطه. جنڊ ڪي ٽڪائڻ يا ڪهرو ڪرائڻ.
ـ **آهوڙَ ٻڌَڻُ:** لاڳيتو مارڻ – سٽڻُ.
ـ **آهوڙجڻُ:** "آهوڙڻ" مصدر مان فعل مجهول. جنڊ جو ڪرندجڻ – ڪهرو ٽيڻ.
• **آهوڙو ج آهوڙا:** ذ. صفت. جنڊ ڪي آهوڙيندڙ – ڪهرو ڪندڙ. ڳولائو – ڳولينڊڙ (پيري جو). (ذ) جنڊ ڪي آهوڙڻ جو اوزار – چيٽي – تاڪٽي.
• **آهوڙيُ ج آهوڙيُون:** جنڊ ڪي تاڪڻ ۽ ڪهري ڪرڻ جو اوزار – چيٽي – تاڪٽي.
• **آهوڙيُ:** ذ. آهيڙي – شڪاري. ڳولائو. طالب.
• **آهُوڙيُ:** اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آهُوْ ساهُوْ (ت):** ذ. صفت. مسافر – پرديسي. اڻ واقف. ڇگو مَلو.
• **آهي:** فعل. 'هُئڻ' مصدر جي حاليه صورت حاضر – موجود.
ـ **آهي اللهُ:** جملو. خيرات لاءِ صدا هڻڻ جو اصطلاح – اللهُ باقي!.
• **آهي ج آهيُون:** ث. [سن. آدْ] فڪر – ڳڻتي. درد. پيڙا. بدبختي. آئي.
• **آهيڄُ:** ذ. نشان – پتو – اهڃاڻ. خبر.
• **آهيڙ ج آهيڙ:** ذ. صفت. [ع. عاهِر] آهُر – ڏاريو مرد "جا آهير آئڙي، سا هُنن بہ سيبائي" يار – سيندو – ڇڪهُ. [سن. اَسُر =ديوتا دئت، شيطان: زند. آهَر < اَهرمن = شيطان] اَپيرُ (هڪ وحشي قوم).
• **آهيرو ج آهيرا:** ذ. [سن. آڏار: پرا. اوهير] آڪيرو – وانڍيرو "سا سڪ سليان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا" (شاهه).
ـ **آهيرو ڪرڻُ:** آرام ڪرڻ.
• **آهيريُ ج آهيريُون:** ث. [سن. آدرْش] آرسي – آهريُ. منهن "آهيريان اُجرو، قلب ۾ ڪارو" (شاهه).
ـ **آهيريان:** آرسيءَ ڪان، آئيني ڪان.
• **آهيرَيو:** ذ. [سن. آسُري] آهُر.
• **آهيڙو ج آهيڙا:** ذ. صفت. آهيڙي.
• **آهيڙيُ ج آهيڙيُ:** ذ. صفت. [سن. آڪيٽڪَ (آ = ساڻ + ڪٽ = ستائڻ) شڪار ڪندڙ] شڪاري (مرن جو) – صيَادُ – آهيڙو "جهنگل آهيڙين ري، پنڌ ڪيو روُنڊو" (شاهه). حلال خور –

Gul Hayat Institute

ڇهڙو – ٽوري.

• **آهيڑيائي ج** آهيڑياٽيون: صفت. 'آهيڑي' جو مونٽ. گهٽ ذات واري (عورت) – ڪمذات. گوليڙ – هانهي.

• **آهيڻ ج آهيون:** ث. مڪ جو هڪ قسم (جا پشم جي گدامن ۾ ٿئي، ۽ وات ۾ پوڻ سان ڪنگهه ٿئي).

• **آهينو ج آهينا:** ذ. [ف. آهينه، آئينهٔ < (صفت) اجايو – بي فائدو (ٿ).

ـ **آهينو ڏيڻ:** آرسي ڏيکارڻ. ٻُجو ڏيڻ.

• **آءُ ج آئيون:** ث. آئي – ماءُ.

• **آءُ (آئون):** ضمير. [سن. آهَمْ، آيَمْ] آئون – مان. (ث) وڏائي – تڪبّر هُڻ 'عالم آءُ سان، پريو تو پير ڪري" (شاه).

• **آءُ آءُ:** ذ. ڏاريل مال يا پکين کي سڏڻ جو آواز. شڪارين جي اصطلاح ۾ سوئر کي سڏن جو آواز.

• **آءُ ياءُ:** ذ. [سن. ياو] آڏرياءُ – پلي ڪار – آجيان. خاطر مرحبا.

• **آءُ ڪاءُ:** فڪر – ڳڻتي – اونو – وهُل.

ـ **آءُ ڪاءُ ڪرڻ:** ڳڻتي ڪرڻ – فڪر ڪرڻ – ويچار ڪرڻ "وَڌ سُر ٿي سَرهو، مَ ڪي آءُ مر ڪاءُ" (شاه).

• **آئتو:** ذ. وڏائي.

• **آئتوار:** ذ. آرتوار.

• **آئتڻ:** مصدر. [سن. آوَرْتَنْ] ڪنهن ڏاتو (سون، چاندي وغيره) کي ڳارڻ – رڃائڻ – پگهارڻ. هٿين پوڻ – وڙهڻ – جهڳڙڻ – اَٽڪڻ. اونڌو ٿيَ ڪرڻ. ٻج چڌڻ (ث). (آئتيو – آئتندو – آئتيل).

• **آئتَ ج آئتَون:** ث. ڳَرڻ يا رَڇڻ جي حالت – ڳارو ڳَدارُ. ڳارُوٽي – جهوراٽو.

• **آئتائڻ:** 'آئتڻ' مصدر مان فعل مجهول. ڳَرڻُ – پگهرڇڻ – رَڇڻُ.

• **آئتو آئتئو آئتئرو ج آئتا، آئتئا، آئتئرا:** ذ. صفت. [سن. آدْشَتْ] بي اولادي. سُڃو – پينگيو. بدبخت – نياڳو. پَليدُ – جوُئو.

ـ **آئتو ڪرڻ:** پليد ڪرڻ – خراب ڪرڻ – ناپاڪ ڪرڻ – وڃائڻ.

ـ **آئتو نپتو آئتئرو نپتئرو:** ذ. صفت. بي اولادي – نانگو نپتُو. بدبخت – نياڳو. ڪدڙو.

• **آئتَنُ، آئيتَنُ (ث):** ذ. آتَنُ – آتيرَنُ.

• **آئتي آئتو ج آئتا:** ذ. [سن. ١. آ – ڪُرشْتَ؛ ٢. آنْشْنا] غيرآباد زمين. اَڻ ڪاهيل زمين جو ٽڪر. آبادَيءَ کان سواءِ پيل زمين جو ٽڪرو.

• **آئرس:** اسر خاص. [يوناني] اندلڪ جي ديوي (Iris). ديوتائن کي پيغام رسائيندڙ.

• **آئرڻ:** مصدر. [سن. آهَل = اڳتي وڌڻ] هيڙيءَ جو پاڻيءَ ۾ روانو ٿيڻ – آهرڻُ. (آئريو – آئرندو – آئريل).

• **آئروج آئرا (ت):** ذ. پت وجهڻ لاءِ ڪنيل ننڍي پيڙهه.

• **آئروج آئرا:** ذ. آنورو – آنئرو.

• **آئريُ:** اسر خاص. درڪاٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **آئڙڻ:** مصدر. [سن. 1. آهْلادْ < آوْرْ = پسند اچڻ] وَڻڻُ – ڪش اچڻ – پانئڻُ (دل ڪي). دل سان لڳڻ "لاٿي وجان لوڪ، تو ڪهڙي اکر آئڙيُ" (شاه).

ـ **آئڙي آهڻ:** پسند اچڻ – دل ڪي وڻڻ. دل سان لڳڻ.

• **آئسو ج آئسا:** ذ. [سن. آشَيَه] اشارو – ڪنايو – مام.

• **آئسڪريمُ:** ث. [انگ. آئيس = برف + ڪريمْ = ملائي، Ice cream] برف جي ملائي.

• **آئڪ:** ث. آنڪ (زنجيريءَ جي نموني پرت).

• **آئلپور:** اسر خاص. تعلقي ننڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آئندرو ج آئندرا:** ذ. صفت. آئندو.

• **آئندو آئينده:** ذ. صفت. [ف آينده] ايندڙ وقت – مستقبل. ايندڙ سال. (ظرف) هن کان پوءِ ـ اڳتي – آئيندي. ٻئي پيري – وري – ٻيهر.

ـ **آئندي، آئيندي:** ظرف. ايندڙ وقت ۾ ـ هن کان پوءِ ـ ٻيهر – وري.

• **آئڻُ ج آئڻَ (ت):** ذ. گندي‌ءَ مان اَنّ ڪڍڻ جو سوراخ.

• **آئو ج آئو:** ذ. مٽي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم – ڇرڪو. (صفت) جُلهه ڪري ايندڙ. هاڻو ڪري ڪائي ويندڙ – گهٽو ڪائيندڙ.

ـ **آئو آئو ڪرڻ:** هاڻو هاڻو ڪرڻ. سُور مان دانهون ڪرڻ.

• **آئوٽ:** صفت. [انگ. Out] راند ۾ باهر نڪتل – هارايل – جيتيل. ظاهر – پڌرو – شايع.

• **آئوڌُ:** ذ. وڌو ڇرڪو.

• **آئوڙو ج آئوڙا (ل):** ذ. [سن. آهاوَ] آواڙو – آنهن.

• **آئون ج اَسين:** ضمير. [پرا. هَئُون: سن. آهَمْ: آيَمْ] مان – مون – آءٌ (ذ) اهنڪار – خودي "ٻڌ تہ ٻيائي لَهي، آئون ڀُت نہ آهہ" (شاه). [سن. آمر] سُوريءَ جي بيماريءَ ۾ پيٽ مان نڪرندڙ لڳ لڳ دار غلاظت – آنئُون. ("جري" پچاڙي) کان – منجهان "گهرانئون، منجهائون".

Gul Hayat Institute

نڙو ج آئُونڙا (ل): ذ. صفت. آئڙو.

ج آئِيُوْنْ: ث. [سن. ١. آرْيا = سکر زال؛ ٢. اَنْبا = ماءُ] آيل — ءُ — اما — جيجل — اَمڙ. عزت وارو خطاب (کنهن بہ زال لاءِ) "سيٹن ساجهر لڏيو. تون آئي نهارين اڄ" (شاهه). کير پياريندڙ عورت — دائي — آيا. [ف. آوَهْ] نهائين — آوي — آتشدان "عشق اِهو آئيءَ کان، سکيو ساهيڙن" (سچل). مصيبت — مشڪلات — ہُوهو — آهِي. [سن. آجَ] ردِ — ہڪري — آئِي. اوچتو آيل مصيبت.

- **آئِيءِ ہِر اُڇڻُ:** اوچتيءَ مصيبت ہِر ڦاسڻ.
- **آئِيءِ ويلَ:** ث ضرورت جي وقت — ڏکئي وقت.
- **آئِيءِ ويلَ ڪَم اُڇڻُ:** مصيبت يا ضرورت جي وقت ڪم اچڻ "اُهو ڪي ڪجي جو آئيءِ ويل ڪم اچي".
- **آئِي پائِي:** ظرف. ٺهي ٺُڪي — مڪمّل. تيار.
- **آئِينْ:** ث. هائوڪار. ظرف. هائو.
- **آئين ڪرڻ:** هائوڪار ڪرڻ — ميڙ.
- **آئِيْن:** ذ. [ف. آئين] قاعدو — قانون — دستُور. رواج — رسم. زيب و زينت.
- **آئِين اڪْبَري:** ذ. اڪبر بادشاه جو (ابوالفضل جو مُرتب ڪيل) قاعدن قانونن جو ڪتاب.
- **آئِين ساز:** ذ. صفت. قاعدو جوڙيندڙ — قانون ٺاهيندڙ — دستور ساز.
- **آئِين ساز اسيمبلي:** ث. قاعدا قانون ٺاهيندڙ جماعت — دستوريه.
- **آئِيني:** صفت. قاعدي مطابق — قانون موجب — قانوني — دَستُوري.
- **آئِينو ج آئِينا:** ذ. [ف. آئِينَه < آهِينه > آهَنْ = لوهه مان ٺهيل آرسي] آرسي — ٽِڪَ — آهِرِي — درَسني — آهينو.
- **آئِينو اُنڊي ڪي ڈيڪارڻ:** ناشناس ڪي هنر ڏيکارڻ. نادان ڪي نصيحت ڪرڻ.
- **آئِينو بڻجڻ:** صاف ٽيڻ — شفاف ٽيڻ. آب و تاب وارو ٽيڻ. بي، خود ٽيڻ — هَڪو بَڪو ٽيڻ. ہين لاءِ مثال ٽيڻ.
- **آئِينو ڈيکارڻ:** آرسي ڏيکارڻ. جلد موٽڻ لاءِ (ٻاهر ويندڙ ماڻهوءَ کي) پٺيان آرسي ڏيکارڻ جو هڪ سوڻ ڪرڻ. اُهو کانءُ جو گهر جي ويتين تي ويهي تان تان ڪري بيزار ڪري، ان کي ڇڏائڻ لاءِ آرسيءَ جو اولڙو ڪرڻ (جيئن اولڙي پوڻ سان کانءُ ڇڏي وڃي). هلڪو يا ترڙو ماڻهو جڏهن حد کان نڪري يا ڪنهن ڇڳي ماڻهوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائي، اهڙيءَ حالت ۾ ان کي سندس عيب، خاميون ۽ اصليت ٻڌائي شرمندو ڪرڻ. ٽوڪ ڪرڻ — چٽر ڪرڻ.

● **آئِينَه:** ذ. [ف] آئِينو.

- **آئِينَه باطن:** ذ. صفت. جنهن جو اندر آرسيءَ جهڙو صاف هجي — صاف دل — نيڪ دل — ايماندار — سچار.
- **آئِينَه بَنْدي:** ث. شيشي، بلور وغيره سان ڪيل ٺاهه ٺوهه.
- **آئِينَه جمال:** ذ. صفت. تمامَ سهڻو. خوبصورت.
- **آئِينَه دار:** اسر خاص. آئينو رکندڙ — حجّامَ. عيب ظاهر ڪندڙ.
- **آئِينَه دان:** ذ. آئيني، رکڻ لاءِ چمر يا ڪپڙي جي ٿيلهي.
- **آئِينَه دل:** ذ. صفت. صاف دل — ايماندار — سچار.
- **آئِينَه رُخ:** ذ. صفت. جنهن جو منهن آرسيءَ جهڙو هجي — سهڻو — حَسين، معشوق.
- **آئِينَه رُخسار:** ذ. صفت. آئينه وانگر چمڪندڙ ڳلن وارو — سهڻو — حسين.
- **آئِينَهْ رُوْ:** صفت. آئِينَه رُخ.
- **آئِينَهْ ساز:** ذ. صفت. آرسيُوْن ٺاهيندڙ. شيشي جو ڪم ڪندڙ.
- **آئِينَهْ سازِي:** ث. آرسين ٺاهڻ جو ڪم.
- **آئِينَه سڪَنْدر:** ذ. سڪندر بادشاه جي آرسي (بلياس حڪيمَ جو ٺاهيل ايڪيهه گز گهيري ۽ ست گز قطر وارو آئينو. جو سڪندر بادشاه جي حڪم سان ٺاهي شهر ۾ ٽي سؤ گز ڊگهي مناري تي رکيو هئائين، جنهن ۾ سوين ڪوه پري جون شيون آسانيءَ سان ڏسي سگهبيون هيون).
- **آئِينَه طبع:** ذ. نيڪ دل — ايماندار — سچار.
- **آئِينَه طلعت:** ذ. صفت. نيڪ.
- **آئِينَه طينت:** ذ. صفت. نيڪ دل — ايماندار.
- **آئِينَه گَرَ:** ذ. صفت. آرسيون ٺاهيندڙ — آئينه ساز.

● **آئِي وئِي:** ذ.صفت. ايندڙ ويندڙ. مهمان مسافر. (ث) آئِي وئِي ج آيُوْنْ ويُوْنْ.

- **آئِي وئِي ڪي مُنهن ڈِيڻُ:** مهمان مَڙي جي خاطر مرحبا ڪرڻ.
- **آئِي وَئِي ڪَري چَڏڻُ:** نٽائي ڇڏڻ — در گذر ڪرڻ. پورو ڏيان نہ ڏيڻ.

● **آئِيوِيتا ج آئِيوِيتائُون:** ث. [آ — اِ _ اُ — ت: هندو سنڌي لپيءَ

جي ٻڌن اکرن جي ست "آئو، اِيَڙيُون، آيه، تا > آءِ ـ اِيْ – تا" = آئيُويتا] الف، ب جا اکر – الفباءِ ـ لپي – وَرڻ سالا – Alphabet.

• **آيا:** ضمير. [ف] چا. (ظرف) جيڪر. شايد.

• **آيا ج آيائُونْ:** ث. [سن. ١. آرْيا = سکر زال: ٢. آنْبا = ماءُ] ماءُ – آئي. هارن نپائڻ لاءِ عورت – دائي. هارن سنپالڻ لاءِ خادمه.

• **آيات:** ث. [ع. آيَةُ ج آيات] آيتُون (قرآن شريف جون). نشانيون (فطرت جون).

ـ **آياتُ اللّٰه:** ث. اللّٰه جون نشانيون – فطرت جا قانون ۽ ڪرشما.

• **آيتَ ج آيَتُون:** ث. [ع. آيَةُ = نشاني] قرآن شريف جو هڪ جملو يا فقرو "جي، تو بيت پائنيا، سي آيتون آهين" (شاهه). نشاني – علامت. نصيحت. مثال. معجزو.

• **آيام:** آيا مون وٽ (اڳڻ آيامِ پيهي = منهنجي اڳڻ ۾ اندر قدم پري آيا).

• **آيُرويدُ:** ذ. [سن] طب جو هڪ ڪتاب (آٽروبد جو خُلاصو).

• **آيل:** فعل. [سن. آيا، آءِ = اچڻ] اچي ويل حاضر ٿيل.

• **آيلَ ج آيلُون:** ث. [سن. ١. آرْيا = سکر زال: ٢. آنْبا = ماءُ] ماءُ – جيجَل – آئي "آيلِ! آن نہ وسهان، هنجُون جي هارين" (شاهه).

• **آيُن:** ڪين آيو (آين نہ آرام = ڪين ڪڏهن به آرام نہ آيو).

• **آيُنْدَهْ:** ظرف. [ف] آئيندي.

ـ **آيُنْدَهْ رَوَنْدَهْ:** صفت. اسم فاعل. اُيندڙ ويندڙ.

• **آيُنْگ:** ظرف. اوچتو – اَينگ.

• **آيو:** فعل. "اچڻ" مصدر مان ماضي معطوفي. رسيو – پهتو. ملیو. (سڏ جو جواب) اچان ٿو! – اجهو حاضر ٿيس!

ـ **آيو پايو:** ظرف. ٽهيل ٽڪيل. هڪيو تڪيو. لڦي پڦي. اڳو پوءِ. هميشه لاءِ.

ـ **آيو پايو ڏيڻ:** بلڪل ڏيئي ڇڏڻ. مفت ۾ ڏيڻ.

ـ **آيو رَهْ:** ٽوري گهٽي تي يڪدم ڪاوڙ ڏيکارڻ.

ـ **آيو رهيو:** ظرف. جاڻ تہ آيو – اجهو آيو. جهٽ پٽ – يڪدم. جاڻ تہ ختم ٿيو – جاڻ تہ پُورو ٿيو.

ـ **آيو نہ ڪَرڻ:** اچڻ جي نہ ڪرڻ.

ـ **آيو ويو:** ذ. صفت. ايندڙ ويندڙ – اچڻ وارو ۽ وڃڻ وارو. مسافر. مهمان. (ث) آئي وَئي ج آيون ويون.

ـ **آيُون وِيُون ڪَرڻ:** در گذر ڪرڻ – نظر انداز ڪرڻ – وساري ڇڏڻ – ڏيان نہ ڏيڻ.

• **آيِيْن:** ث. ذ. [ف] آئينُ.

ـ **آيِيْن پرستي:** ث. هانهپ – بندگي.

ـ **آيِين گاه:** ذ. عورت جي هار سينگار ڪرڻ جو خاص جهت پٽ – ٽهه ڦهه.

• **اَبَ:** ظرف. [سن. آدْيَه = اج] هن وقت – هاڻي – ـ

• **اَبُ:** ذ. [ع. آب = ابو] اَبو – پيءُ – بابو" جي رَبَّ ڏُني تہ اَبُ به ڏُني".

• **اَبا:** ذ. [ع. ابٌ] "ابر" جو جمع. بابا. بزرگ. وڏا. شهر يا قوم جا وڏا. (حرف ندا) بابا! پُتَّ! ٻچا!.

• **اَبابِيْلَ ج اَبابِيْلَ:** ذ. [ع] پکيءَ جو هڪ قسم (ننڍو جهڙڪيءَ جيڏَوَ چمڙي جهڙو ڪارا پَر. چاتي اڇي ۽ پُڇ شاخدار).

• **اِباحَت:** ث. [ع] مُباح سمجهڻ جي حالت (هڪ فرقو 'اَهلِ اِباحت' آهي، جو سيڪا شيءِ مباح يا حلال سمجهي).

• **اَباڻا:** ذ. هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. [ع. اَب = ابو] پيءَ جي پُريءَ وارا. ڏاڏاڻا. متّ مائٽ (پيءُ طرفان) "عُمر ياد آيم، اڄ ڪي، اَباڻا"

ـ **اَباڻا ڪَکَ:** ذ. پيءُ ڏاڏي جو گهر – مائٽاٽو گهر.

ـ **اَباڻِڪو ج اَباڻِڪا:** ذ. صفت. اَباڻن جو – ابي ڏاڏي جو – مائٽاٽو.

• **اَباڻو ج اَباڻا:** ذ. صفت. [ع. اَب = ابو] اَبي جو – بابي جو. ڏاڏي جو – موروئي. مائٽاٽو.

• **اَباهڻ:** مصدر. [سن. اُدْ – دْر، اُدْدار = ڪڍو ڪرڻ، اُچو ڪرڻ، مانَ ڏيڻ، چُنائڻ] ڪڍو ڪرڻ – قائم ڪرڻ – اُچو ڪرڻ – اُيو ڪرڻ – بيهارڻ (سڏڻ). اَڏڻ – ٺاهڻ. چُنائڻ – چونڪارو ڏيڻ – چڏائڻ. معاف ڪرڻ – بخشڻ. سلامت رکڻ. برقرار رکڻ. اوباهڻ. (اَباهيو – اَباهيندو – اَباهيل).

• **اُبَتَ:** ث. [سن. وُيَتْيَيَه] اُبتو پاسو – ٻيو پاسو – پُٺ. اُلَتَ – اُبتائي. "سبُت جو ضد". هيٺيون پاسو. لهندڙ پاسو (درياه جو – لهواڙ "آچاران اُبَت، گهڙج گهاڻِيءَ نِينْهَنْ جي" (شاهه). وَرْ – ڏِنگ.

ـ **اُبَتَ پيرو ج اُبَتَ پيرا:** ذ. صفت. پيرڙيو جاول هار – اُپَ پيرو. نحس – چندو.

ـ **اُبَت سُبَت:** ث. مٿيون هيٺيون پاسو (ڪپڙي جو). اُتَل پُتَل

ـ **اُلَتِ پُلَتِ.** (ظرف) اُبتو سبتو. گڏ وڇڙ. هيٺ مٿي.

Gul Hayat Institute

بو ج اُبتاٽا: ذ. اُبداٽو.

بُتائڻ: مصدر. [سن. وُيَتْيَس] اُبتو ڪرڻ – اُلٽائڻ – اُٽلائڻ – اندريون پاسو ڦيرائي ٻاهر ڪرڻ. اونڌو ڪرڻ. ليٽائڻ. بگاڙڻ. ڪاڙڻ. گمراه ڪرڻ. ناپاڪ ڪرڻ. (اُبتايو – اُبتائيندو – اُبتايل).

• **اُبتائي ج اُبتائيُون:** ث. اُبَت – اُلَٽ – اُلٽائي. ڦيرُ – ڏنگ. برخلافي. بي حيائي.

• **اِبْتدا:** ث. [ع] شروعات – آغاز. آرنڀ. مُنڊ – مُنْهُنْ – مُهڙ – اَوَل. مُهاڳ. اڳياڙي "اِنْتها" جو ضدُ.

ـ **اِبتدا ڪرڻ:** شروعات ڪرڻ ـ آرنڀ ڪرڻ.

ـ **اِبْتداء:** ظرف. شروع کان – اَوَلا.

ـ **اِبْتدائِي:** صفت. شروعاتي – اوائلي.

ـ **اِبتدائِي تعليمُ:** ث. ٻار جي شروعاتي تعليمُ – Primary education.

• **اِبْتداعَ:** ث. [ع] بدعت. ڪا ڳالهه نئين سرڪرڻ.

• **اَبَت ڏاڏي ڏاڙهيو:** ذ. صفت. اُبتي ڏاوڙ وارو. هڪ قسم جي عيب وارو (گهوڙو)، جنهن جي آمهون سامهون ڪُندائتن پيرن تي اڇا ٽڪا هجن. عام وهم موجب نياڳو گهوڙو. (ث) اَبَت ڏاڙِي.

• **اَبَت ڏاوُ:** ذ. صفت. اڇن پيرن وارو (گهوڙو) ابت ڏاڙو.

• **اَبَتا:** اوپارا.

• **اِبْتذال:** ذ. [ع] بي اعتباري – منهن اگهاڙائي. پاڻ کي سستو ڪرڻ. رذالت.

• **اَبْتَرُ:** صفت. [ع. بَتَر = پُڇ وڍڻ] پُڇ وڍيل. بي اولاد. اڌين – بي پهُچ. بَدْتَر.سپ کان ويل – نڪمو. (ذ) علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ زِحاف جو نالو – شعر جي وزن ۾ ڪَميءَ سبب پيدا ٿيل تغير.

ـ **اَبْتري ج اَبْتريُون:** ث. بي پُهچي – اڌينائي. خرابي. تباهي – بربادي. زوال. مَفلسي. بي بندوبستي.

• **اُبتَرَ:** ظرف. اُبتيءَ طرح – اُلٽي نموني – برعڪس – ضدُ. "سُبْتَرَ" جو ضد.

ـ **اُبَتَرُ سُبتَرُ:** ظرف. اُلٽو سُلٽو – اُبتو سبتو – اونڌو سونڌو – اُلٽ پُلٽ.

• **اَبتَ ڪُنْڊي، ڪُنْڊڙي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم – اُبتن ڪندن واري ٻوٽي – گدڙ ول.

• **اِبْتلاءُ:** ث. [ع] آزمائش – پرک – امتحان.

• **اُبتو ج اُبتا:** ذ. صفت. [سن. وُيَتْسَيْيَه] اُبت وارو – اُلٽو. برعڪس – اُبتڙ. بيءَ طرح. مخالف. ڏنگو. پوئتي. سُبتو' جو ضد.

ـ **اُبتا تويا ڏيڻ:** غلط طريقو اختيار ڪرڻ. اجايا ڪم ڪرڻ – اجايو خرچ ڪرڻ.

ـ **اُبتا واهُڙ تَرڻ:** اجائي ڪوشش ڪرڻ. بي نتيجي زور لائڻ.

ـ **اُبتو اُنگ:** ذ. اُلٽو اڪر. ڪُوڙ بَدوڙ.

ـ **اُبتو توپو:** ذ. توپي جو هڪ قسم (هڪ پاسي سُنو ۽ ٻئي پاسي خراب نظر ايندڙ توپو). عام دستور جي خلاف قدم – اجايو قدم – بي فائدو ڪم.

ـ **اُبتو پير ڪَڍڻ:** اڏنگو پير ڪڍڻ – اڏنگو ڪم ڪرڻ – خراب روش هلڻ. گمراه نموني ۾ هلڻ ڪُڌا ڪرتوت ڪرڻ. اجايو خرچ ڪرڻ.

ـ **اُبتو سُبتو ج اُبتا سُبَتا:** ذ. اُلٽو سُلٽو.

ـ **اُبتو ڦِرڻ:** ٻئي پاسي ڦرڻ – پُنيءَ ڏي منهن ڪرڻ – پنيرو ٽيڻ.

ـ **اُبتو قَلَمُ وَهائڻ:** غلط فيصلو ڪرڻ – بي انصافي ڪرڻ.

ـ **اُبتو ڪَرڻ:** سُبتو پاسو هيٺ ۽ هيٺيون پاسو مٿي ڪرڻ. اُٽلائڻ – الٽائڻ.

ـ **اُبتو ڪري تنگڻ:** سيکت ڏيڻ – سزا ڏيڻ.

ـ **اُبتو گهمرو ڏيڻ:** اُبتو ڦيرو کائڻ. اُٽلي پوڻ. سخت نقصان پهچائڻ. دوستيءَ بدران دشمني پيدا ڪرڻ.

ـ **اُبتيُ ج اُبتيُوُنْ:** ث. صفت. ظرف. اُبتو' جو مؤنث. اُلٽي – اونڌي.

ـ **اُبتيُ تسبيح پڙهڻ:** بد دعا ڪرڻ – پٽڻ.

ـ **اُبتي پَٽيُ پڙهائڻ:** غلط رستو ڏيکارڻ – برغلائڻ.

ـ **اُبتيُ ڪاتي وَهائڻ:** سخت ظلم ڪرڻ.

ـ **اُبتيُ ڪاتي، سان ڪُهَڻ:** دستور خلاف ٽوري اگهه واري شيءِ وڏي اگهه تي وڪڻڻ – وڪري ۾ سخت ڪس لائڻ. انصاف جي برعڪس فيصلو ڪري ڪنهن ڏر سان ناحق ڪرڻ.

ـ **اُبتي ڪُنْڊَ:** ث. جاميٽريءَ جي اصطلاح ۾ ۱۸۰ درجن کان مٿي ۽ ۳۶۰ درجن کان گهٽ ماپ واري ڪُنڊَ.

ـ **اُبتي ڪَلَ لاهڻ:** ٽوريءَ قيمت جي عوض تمام گهري قيمت وصول ڪرڻ. تمام گهٽو نقصان پهچائڻ. تمام گهٽي جُٽ ڪرڻ.

ـ **اُبتي گنگا وَهائڻ:** عام قانون يا دستور جي اُبتڙ ڪم ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

ـ **اُبتي ڳالهه ٻڌائڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ. دل جو پيد نہ ڏسڻ.
ـ **اُبتي مُشابهَت:** ث. غلط تشبيه ـ غلط مناسبت.
• **اِبْتهاج:** ثـ. [ع. بَهَجَ] خوشي ـ سرهائي.
• **اِبْتهال:** ث. [ع] گريه سان عبادت ڪرڻ جي حالت.
• **اُبْتَڻُ:** مصدر. [سن. اُدْوَرْتَنْ] بدن تي هڪ صاف ڪندڙ ڦوڙڻ يا مرکب لڳائڻ ـ اُبْتَڻُ ڪرڻ.
• **اُبْتَڻُ ج اُبْتَڻ:** ذ. [سن. اُدْوَرْتَنَ] آٽي، مهلب ۽ خوشبوين جو مرکب (جنهن سان مُنهن کي ۽ بدن کي مهٽي صاف ڪجي) ـ شادي، وقت ڪنوار جي بدن کي مهٽڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ اٽي، مهلب ۽ ٻين خوشبوين مان ٺهيل چورڻ ـ اُبتَڻُ ـ پِيڻي (ل) ـ ہاٽِڻ (سرائڪي).
• **اُبْڏَڻُ:** مصدر ر. [سن. اُدْپَتْ] بيهڻُ ـ ڪڙو ٽيڻ ـ اُبَهڻُ. محڪم ٽيڻ ـ قائم ٽيڻ "چورُ اُبڏو چوءِ، آءٌ اهوئي آهيان" (شاهه). (اُبڏو ـ اُبڏيل).
• **اَبْجَدْ:** ذ. ث. [ع] ڳاڻيٽي جي ترتيب موجب عربي الف ب مان ٺهيل اٺ لفظ (اَبْجَدْ < ا = ا + ب = ٢ + ج = ٣ + د = ٤؛ هَوَزْ < هـ = ٥ + و = ٦ + ز = ٧؛ حُطّيْ < ح = ٨ + ط = ٩ + ي = ١٠، كلمَنْ < ك = ٢٠ + ل = ٣٠ + م = ٤٠ + ن = ٥٠؛ سَعفَصْ <س = ٦٠ + ع = ٧٠ + ف = ٨٠ + ص = ٩٠؛ قَرشَتْ < ق = ١٠٠ + ر = ٢٠٠ + ش = ٣٠٠ + ت = ٤٠٠؛ ثَخذْ < ث = ٥٠٠ + خ = ٦٠٠ + ذ = ٧٠٠ + ضَظِغْ < ض = ٨٠٠ + ظ = ٩٠٠ ع = ١٠٠٠).
ـ **اَبْجَدْ خَوانْ:** ذ. صفت. الف ـ بـ سکندڙ سيکڙات ـ نوَ آموز ـ اَلهڙ.
• **اَبْجِيْ:** اسم خاص. نوشهري ۽ جوهيءَ تعلقن ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.
• **اَبْخِرَهْ:** ذ. [ع. بُخار ج اَبْخِره] بُخَارَ ـ ہاڦُون ـ اَبُونْ.
• **اَبْخَلْ:** ذ. صفت. [ع] سڃ کان وڌيڪ بخيل.
• **اَبَدْ:** ذ. [ع] اُهو وقت جهن جي شروعات معلوم ناهي. (ظرف) سدائين ـ هميشہ ـ اَناد، 'اَزَلْ' جو ضدُ.
• **اَبَدُ الاباد:** صفت. شروع کان وٽي. هميشہ ـ سدائين. قائم.
• **اَبَدِيْ ج اَبَدِيْ:** صفت. شروعاتي. مُنڊ کا وٽي قائم رهندڙ. بقا وارو ـ فنا نہ ٿيندڙ.
• **اَبَدِيّت:** ث. هميشہ رهڻ جي حالت ـ هميشگي.
• **اِبْدَاعْ:** ذ. [ع. بَدَعَ] نئين سر خلقڻ جي حالت.

• **اَبْدالْ ج اَبدالْ:** ذ. صفت. [ع. بَدَلَ] ٻئي جي پاران ڪندڙ ـ عيوضي. (خدا جا چونديل ٻانها (ڪن جو آهي تہ اهي جملي ستر آهن. جن مان چاليهہ ڇٽا شام ۾ باقي ٽيهہ دنيا جي ٻين حصن ۾ پکڙيل آهن: جڏهن اُ مان ڪو مري ٿو، تڏهن انسان ذات مان هڪ ٻيو مقبول بند سندس جاءِ وٺي ٿو). خدا جي محبت ۾ دنيا کان پري ٽيل ماڻهو ـ اَلَهُ لوڪُ. مجزوب يا مست فقير. (اسم خاص) درويشن جو هڪ گروهہ.
• **اِبْدالْ:** مصدر. [ع] بدل سدل ڪرڻ ـ ڦير گهير ڪرڻ. (ذ. ث) مَٽا سَٽا ـ بَدل سَدل.
• **اَبْدالِي:** اسم خاصَ. پٺاڻن جي هڪ قوم جو نالو (جنهن جا چار باڙا: ١. محمد زئي، ٢. فاضل زئي، ٣. بارک زئي ۽ ٤. آلڪ زئي. اَبْدالِي هاڻي "دُرّاني" ٻہ سڏجن ٿا).
• **اَبْدانْ:** ذ. [ع. بَدَن ج اَبدان] جسم ـ بدن.
• **اَبْدانْ ج اَبْدانْ (ل):** ذ. اُبداڻو.
• **اَبْدانْو ج اَبدانا:** ذ. سُٿڻ، پاجامي يا پڙي ۾ اڳيئ پوڻ وارو حصو ـ نيفو.
• **اَبْدو:** ذ. [اَوِدِ < آ = نہ + وِدِ = قانون] بي قاعدي ـ اجوڳ. [ع. عَرْبَده] جهيڙو ـ جهڳڙو. [سن. بُدْ بُدْهْ] بُد بُدو ـ بوڙيو.
ـ **اَبْدا اَبَدِيْ:** ث. هميشہ لاءِ ڪيل جُدائي (ڪاوڙ سببان مائٽن وغيره سان).
ـ **اَبدا اُتارَڻُ:** هَل هُلاڻُ ـ افواه اڏارڻ.
• **اَبدو اَبدو ٽِيڻُ:** وڙهي ڏار ٽيڻ ـ قِٽڻ. دشمني وهائڻ.
• **اَبْدُوْتْ، اَبْدُوت:** ذ. [سن. اَوَدُوْتَ < اَو + دُوَ = چنڊڻ] دنيا کان تارک ـ تارک الدنيا. يوگي ـ سنياسي. شِوَ جو پوجاري. (اسم خاص) جوگين جو هڪ گروهہ.
• **اَبْرُ ج اَبْرُ:** ذ. [ف. اَبْرُ: سن. اَپْرَ = (اَپْ = پاڻي + پَرْ = پَرَڻُ) پاڻيءَ پريل] ڪَڪَرُ ـ بَادَلُ ـ ميگهہ ـ وڏَڙ "ہاڙو پئي نہ ٻُڙي، اَبَرُ آساروس" (شاهه).
ـ **اَبْرباران:** ذ. برساتي ڪَڪَرُ. وسندڙ ڪَڪَرُ.
ـ **اَبْربهار:** ذ. بهار جي موسم ۾ وسندڙ ڪڪر ـ اَبْر بَهاريْ.
ـ **اَبْررَحْمَت:** ذ. رحمت وارو ڪڪر ـ ہاڇهہ جو ڪَڪَرُ.
ـ **اَبْرسياه:** ذ. ڪارو ڪَڪَرُ ـ ڪارونبار ڪَڪَرُ.
ـ **اَبْرغَليظ:** ذ. گهاٽو ڪڪر.
ـ **اَبْرڪَرَم:** ذ. ہاڇهہ جو ڪَڪَرُ.

Gul Hayat Institute

ـ **اَبْرمُرْدَهْ:** ذ. سمنڊ جي پيدايش جو هڪ قسم (ربڙ جھڙو سوراخدار جسم) ـ ڪَڪَرُ ـ اسفنج.

ـ **اَبْرمَطِيْر:** ذ. مينهن وارو ڪڪر ـ وسندو ڪَڪَرُ.

ـ **اَبْرنَيْسَانْ:** ذ. موتي پيدا ڪندڙ ڪڪر (جو بهار جي موسم ۾ وسي: چون ٿا ته سپون اُن مينهن جي ڦرن کي جھٽي موتي پيدا ڪن ٿيون ۽ پڻ اِنهيءَ مينهن جو ڦڙو ڪيلي، ۾ ڪافور ۽ ڪاري نانگ ۾ زهر پيدا ڪري ٿو).

• **اَبْري:** ذ. صفت. ڪڪرن وارو ـ جھُڙالو.

• **اِبْرْ:** ث. [ع. اِبْرَة] سُئي (١) "ڪيئن ٿوپايان ڪن، اَباڻيءَ اِبَر ري" (٢) "ٻيهر ڇاپي ڇاڻ، اِبْر جي اوصاف کي" (شاه). تيزاب سان لوهي هٿيار تي ڏنل نشان. جوهر شمشير.

• **اَبْرَارَ:** ذ. صفت. [ع. برّ ج اَبْرَارُ] پلارا ـ نيڪ ـ صالح. تابعدار (ماءُ پيءُ جا). اولياءَ.

• **اِبْرَازْ:** ذ. [ع] ظاهر ڪرڻ ـ ٻاهر ڪڍڻ. فُضلات کي جسم کان خارج ڪرڻ.

• **اِبْرَامْ:** ذ. [ع. اِبْرامُ = رَسي وٽڻ، اصرار ڪرڻ، ڪڪ ڪرڻ] ستاءِ ـ نيزاري ـ وينتي ـ التماس.

• **اَبْرَاٽُو (ٽ):** ذ. صفت. اڻ ڏِکيل ـ اُگهاڙو "فلاٽو پيرين اُبراٽو پيو هلي".

• **اِبْرَاهِيْمُ:** اسر خاص. [ع] مشهور پيغمبر سڳوري جو نالو ("آزَر" جو پٽ ۽ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق جو پيءُ؛ لقب "خليل الله"؛ نمرود کيس آڙاه ۾ وڌهايو؛ 'ڪعبة الله' جو معمار ۽ اسلامي 'ملت' جو باني). سنڌ ۾ مردن جو عام نالو (اڪثر بلوچن جي مختلف قبيلن. مثلاً ڪلمتين ۽ لغارين. ۽ جتن جي شاخن جا وڏا ڏاڏا 'ابراهيم' نالي هئا، انهيءَ ڪري اهي شاخون 'براهماڻي' سڏجن). لس بيلي جي شيخ گهراڻي جي مشهور سنڌي شاعر جو نالو "شيخ ابراهيم".

• **اِبْرَاهِيْمُ پِتافِيْ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِبْرَاهِيْم مَهر:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَبْرَائِيْ:** مصدر. اوبارڻ. اوهارڻ ـ تهڪائڻ (اُبْرايو ـ اُبْرايَل).

• **اَبْرَصْ:** ذ. صفت. [ع. برَصْ = ڪوڙهه] ڪوڙهي ـ ڪوڙهيو.

• **اَبْرَقُ ج اَبْرَقْ:** ذ. [ع. بُرْقُ = وڇ: سن. اَپْرِكْ: ف. اَبْرَكْ] معدني پيدايش جو هڪ قسم (چمڪندڙ ۽ منجهس ڪيئي ٿَهَ ٿين: جبلن مان ليي ۽ ٻاهه ۾ نه سڙي: ابرق جا ورق شربت ۾ وجهڻ ۽ منائيءَ جي مٽان سهڻائيءَ خاطر رکن: ابرق کي ڪُٽي ڇُوري ڪري ڪپڙن تي چمڪي لاءِ هٽن) پُورَلُ ـ اَبْرَكُ.

ـ **اَبْرَقِي:** ذ. صفت. ابرق وارو ـ ابرق جو ـ اَبرق جھڙو.

• **اَبْرَكُ ج اَبْرَكْ:** ذ. اَبْرَقُ.

• **اَبْرَكْنُ:** مصدر. [١. سن. سْقَر = قَرڪڻ ٢. سن. اُتْسْوَيَنايه = نند ۾ ڳالهائڻ] وقلڻ. اُقِرڪَنُ. واقَنُ.

• **اَبرَنَوِيْ:** ذ. سنڌ جَي "سينگار" شاعريءَ جو اصطلاح. عورت جا هٿراڏو هار سينگار. "فطري سونهن جي سينگار" جو ضد.

• **اَبْرُنْ:** مصدر. [سن. اُدْوَرْتَ = اوبر] اوبارجڻ ـ اوبارو ٿيڻ "جانْ کي اُتان اُبريو، تان قرض ماٿهن لاءِ" (گرهوڙي). (اُبريو ـ اُبرندو ـ اُبريل).

• **اَبْرُوْ ج اَبْرُوْ:** ذ. [ف. اَبْرُو، سن. پُرُو] اک جي مٽان وارن جي ڪمان ـ پُرُونْ.

ـ **اَبْرُوْ پُرخَمْ ٿِيَنْ:** منهن ۾ گهُنج پوڻ ـ ڪاوڙجڻ.

ـ **اَبْرُوْ ڪَمان:** صفت. جنهن جا پُرون ڪَمان وانگر وريل هجن ـ حسين. (اصطلاحاً) معشوق.

ـ **اَبْرُوْ ۾ وَرْيَوْنْ:** شوخ ٿيڻ. بيزار ٿيڻ. ڪتو ٿيڻ.

• **اَبْرُو ج اَبْرا:** ذ. [سن. آواپَنْ = اوبرُ، اوبڙ يا اٽڻ جو اوزار] سُٽ ويڙهڻ جي چرخي ـ اوبڙو ـ اوبَرو. اَيْت جو هڪ حصو. ڪوهَ مان بيل ڪيندڙ چڪرَ.

• **اَبْرُوْ:** ذ. [ف] ڪوٽ يا پوستين جو مٿيون ڪپڙو ـ "اَسْتَر" جو ضدُ.

• **اَبْرَهُوْ:** اسر خاص. [ع. اَبْرَهَةُ] حبش ملڪ جي بادشاه جي هڪ نائب ۽ سپه سالار جو نالو (جنهن اسلام کان اڳ هاٿين جي لشڪر سان ڪعبي شريف تي ڪاهه ڪئي هئي، پر اڏ وات تي خدا جي حڪم سان، ابابيل پکين پٿرن جو وسڪارو ڪري لشڪر کي برباد ڪري ڇڏيو.)

• **اَبْري:** صفت. [ف] ڪَڪَر جي رنگ جھڙو.

ـ **اَبْري ڪاغَذْ:** ذ. سنهون ڪاغذ. ڪاغذ جو هڪ قسم ـ ڪتابن جي جلد تي لڳائڻ لاءِ ڪم ايندڙ رنگدار ڪشميري ڪاغذ ـ روغني ڪاغذ.

• **اَبْري ج اَبْرِيُوْنْ:** ث. [سن. آواپَنَ = اوبڙ يا اٽڻ جو اوزار] نندو اُبرو يا اوبڙو. تاجي ڪيڏ جو اوزار.

• **اَبْرِيشَم ج اَبْرِيشَمَ:** ذ. [ف. ابريسم] ڪچو پٽُ ـ ريشم.

ـ **اَبْرِيشمي:** صفت. ابريشم مان ٺهيل.

Gul Hayat Institute

• **اَبْرِيْقُ:** ذ. [ع: ف. آبريز] كونرو – كرو – كُوزو.
• **اَبْرِيو ج اَبْرِيا:** ذ. كوءَ ۾ بيل هٽڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ (ڪاٺيءَ جو) اوزار.
• **اَبْرَا:** ندا. 'اَبَا' جو اسم تصغير.
• **اَبْرِي اَبوا:** جملو. هار ڪنهن خاص واقعي تي اهو جملو استعمال ڪندا آهن.
• **اَبْرَا:** اسم خاص. سنڌ جي سمات نسل جي هڪ ذات جو نالو. ابرا قوم جي بستي. ابرا قوم جو ڳوٺ.
• **اَبْرَاڻُ:** ث. ابرا قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي، شهر ۾ ديهه جو نالو.
• **اَبْرُو:** اسم خاص. دودي سومري جو هڪ سمو دوست (جنهن سومرن جي زالن کي پناه ڏني هئي) "ابرو آڪهامن ۾، سَپڙ جئن ٻيلي" (شاهه).
• **اَبْرِي، پوتا:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبْرِيجا:** اسم خاص. ابرا قوم سان نسبت رکندڙ هڪ ذات جو نالو.
• **اَبْرِيجاڻِي:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبرِي جِي تَرائِي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبرِيْنگ:** اسم خاص. سمات قوم جي هڪ ذات جو نالو. تعقلي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبَسْتَنْ ج اَبَسْتَنْ:** ذ. [ع. حَبْسُ = هوا بنديءَ واري حالت، مونجهه واري حالت] مونجهارو – ڦيٽاڙو.
• **اَبَسْتُ:** مصدر. ڪنو ٿيڻ.
• **اَبْصار:** ذ. [ع. بَصَر ج اَبْصارُ] اکيون – نيڻ.
• **اَبْصَرُ:** صفت. [ع. بَصِيْر جو تفصيل] وڌيڪ ڏسندڙ – بيناتر.
• **اَبْطال:** ذ. صفت. [ع. بَطَل (= بهادر) ج ابطالُ] بهادر مڙس – بانڪا – شجاع – مانجهي.
• **اَبْطَحُ:** ذ. [ع] نشيب گاه ـ وادي.
• **اَبْطَحي:** صفت. [ع] مڪي شريف جي وادي ۾ رهندڙ. (اسم خاص) رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جو لقب.
• **اَبْطَل:** صفت. [ع. 'باطل' مان اسم تفصيل] وڌيڪ باطل.
• **اَبْعادُ:** ذ. [ع. بُعْد ج اَبْعادُ] فاصلو – ويجهو – وٿي.
• **اَبْعاد ثلاثه:** ذ. ٽي ويجها يا فاصلا (ڏيگهه، ويڪر ۽ اوچائي يا ٿولهه).
• **اَبْعَدُ:** ذ. صفت. [ع. "بَعِيد" مان اسم تفصيل] وڌيڪ بعيد يا پري. غدار.
• **اِبْغاضُ:** ذ. [ع] بغض – ڏڪار.
• **اِبْقاءُ:** ذ. [ع] بَقاءُ – هميشگي يا دوام.
• **اَبْقَيُ:** صفت. [ع. 'باقي' جو تفصيل] وڌيڪ بقاءَ وارو – سڀ کان وڌيڪ جتاءِ ڪندڙ.
• **اَبْكار:** ث. [ع. بِكْر ج اَبْكارُ] ڪنواريون يا دوشيزه ڇوڪريون.
• **اَبْكَمُ:** ذ.صفت. [ع] گونگو.
• **اَبَك:** صفت. [سن. اَبَكْشِيَ] نه ڪائڻ جوڳو (ڪاڏو) – حرام.
• **اَبَلُ:** ذ. ('ابو' مان پيار واري تصغير) بابل – ابو. (اصطلاحاً) پٽڙو – ڇڇرو.
• **اِبِلُ:** ذ. [ع] اُٺ – شُتُر.
• **اَبْلا ج اَبْلاكُوْن:** ث. صفت. [سن] اَبْلاَ.
• **اَبْلَغُ:** صفت. [ع. "بليغ" مان اسم تفصيل] وڌيڪ بليغ.
• **اَبْلَقُ ج اَبْلَق:** ذ. [ع] ڳهوڙي جي رنگ جو نالو. اهڙو ڳهوڙو جنهن جي بدن تي وڏا اڇا ڪارا (= ڪارو ابلق) يا اڇا ۽ ڳاڙها (= ڳاڙهو ابلق) ڏڙڪ هجن.
ـ **اَبْلَقُ چشم:** ذ. صفت. ڪارين اڇين اکين وارو.
• **اَبْلَهُ ج اَبْلَهَ:** ذ. (ع) صفت. ڇسو – بيوقوف – يُوڪ – احمق – ٻوگهلو.
ـ **اَبْلَهانَ:** ظرف. بيوقوفي واري نموني ۾.
ـ **اَبْلَهي:** ث. بيوقوفي –ناداني – ڇسائي.
• **اِبْلِيْس ج اِبليسَ (اَبالِسه):** ذ. صفت. [ع. بَلَس= نااميد ٿيڻ] وڏي شيطان جو نالو (جو پهريائين عبادت ڪري ملائڪن مقربن جي درجي کي پهتو پر پوءِ حضرت آدم کي سجدي نه ڪرڻ ڪري لعنتي ٿي بهشت مان نڪتي) ـ شيطان – شرير. لعنتي – ڏڪيل.
• **اِبْلِيْسانَهْ:** ظرف. اِبليسي نموني.
• **اِبْنُ:** ذ. [ع. اِبْن] پٽ – پسر. نالي اڳيان اچي ڪُنْيَتْ پيدا ڪندڙ لفظ "اِبن العربي".
ـ **اِبْنُ آدَم:** ذ. آدم جو پٽ. آدم زاد. انسان ذات. ماڻهو – آدمي.
ـ **اِبْنُ السَّبيل:** ذ. واٽهڙو ـ مسافر.
ـ **اِبْنُ العِنَبّ** ذ. انگور جو پٽ. شراب.
ـ **اِبْنُ الغَرض:** ذ.صفت. مطلب جو پٽ. خود غرض – خود مطلبي.

Gul Hayat Institute

ـ **اِبنُ الغَيبُ:** ذ. صفت. مجهول النسب – پوءِ ڏائو.

ـ **اِبنُ الْوَقت:** ذ.صفت. وقت جو پُٽ. وقت موافق هلندڙ – وقتي دوست. خود غرض.

• **اِبنُ الْوَقت ٿيڻ:** خود غرض يا پنهنجي مطلب جو يار ٿيڻ.

• **اَبَنَاسُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + وناسَ = فنا يعني ناس نہ ٿيڻ واري حالت] دوام – هميشگي – غير فنائيت – اَبديّت.

ـ **اَبناسي:** صفت. ناس نہ ٿيندڙ – غيرفاني – لازوال – اَمر. سدا رهندڙ – اَبدي – سرمدي – قيّوم.

• **اَبْنَاءِ:** ذ. [ع. اِبْن ج اَبناءِ] پُٽَ.

ـ **اَبناءِجنس:** ذ. بَني نوع – بني آدم – ادم ذات.

• **اَبناءِجَنّ وانس:** ذ. جنّ ۽ انسان.

• **اَبناءِجَهان:** ذ.ماڻهو، جانور ۽ ٻوٽا.

• **اَبناءِ دَهْر:** ذ. همعصر – معاصر – سهيوگي.

• **اِبنُ الْبَيطار:** اسر خاص. عبدالله بن احمد ابن البيطار، اسپين جي شهر ملاگا (مالقه) ۾ جائو ۽ ١٢٤٨ ع ڌاري دمشق ۾ وفا ڪيائين. اسلام جو مشهور نباتاتي ماهر ۽ عطّار. سندس ڪتاب "جامع" ۽ "مغني" غذائن ۽ ٻوٽين تي مشتمل جي لاطيني زبان ۾ ترجمو ٿيا.

• **اِبنُ الْعَرَبي:** اسر خاص. ابوبڪرمحمد بن علي محيّ الدين ابن عربي، اسپين جي مشهور شهر مرسيه ۾ ١١٦٥ ع ڌاري جائو ۽ ١٢٤٠ ع ڌاري دمشق ۾ وفات. تمام وڏو صوفي تنهنڪري ڪيس "الشيخ الاڪبر" جو لقب. سندس ٻ مشهور تصنيفون "الفتوحات المڪيّه" ۽ "فصوص الحڪم" آهن.

• **اِبنُ الفارض:** اسر خاص. عمر بن الفارض (١١٨١ – ١٢٣٥ ع)، عربي ادب ۾ وڏي ۾ وڏو صوفي شاعر. سندس شعر جو اثر سيني موخّر شاعرن تي پيو. سندس جي بزرگ گرهوڙيءَ جي "حقيقت محمدي" واري ڪلمي ۾ ٻ سندس اثر جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

• **اِبنُ الْهَيثَمْ:** اسر خاص. ابو علي الحسن ابن الهيثم، علم المناظر (درشتي وديا، اکين جو علم) جو وڏو ماهر، پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن سان ڪيترائي غلط خيال درست ڪيائين.

• **اِبنُ خَلْدُون:** اسر خاص. عبدالرحمان ابن خلدون، اسپين جي هڪ مشهور عرب خاندان مان تونس (مغربي آفريقه) ۾ ١٣٢٢ ع ۾ جائو ۽ قاهره ۾ ١٤٠٦ ع وفات ڪيائين. اسلام ۾لڪ ساري دنيا جو پهريون اجتماعي فيلسوف آهي جو پنهنجي معرڪة الارا تصنيف "مقدمه" جي ڪري مشهور آهي.

• **اِبنُ خَلّكان:** اسر خاص. قاضي شمس الدين احمد بن محمد ابن خلكان، سندس ڪتاب "وَفيات الأعيان" جنهن ۾ هن ٨٦٥ عالمن، فاضلن، اديبن، فقيهن، فيلسوفن وغيره جون سوانح عمريون وڏيءَ تحقيق سان لکيون آهن.

• **اِبْن رُشْد:** اسر خاص. اَندلس جي مشهور مسلر فيلسوف جو نالو (وفات ١١٩٨ ع)، ارسطو جي تصنيفات جو شارح، علم هيئت ۽ فن طب جو ماهر.

• **اِبن زِيادُ:** اسر خاص. بنو اُميّه جي دور ۾ ڪُوفي جو حاڪر، علوي خاندان جو وڏو دشمن.

• **اِبنُ سيرِيْن:** اسر خاص. "تابعين" مان، خوابن جي تعبير جو ماهر ۽ هڪ برگزيده شخص.

• **اِبْن سينا:** اسر خاص. "اَبُوعلي سينا".

• **اِبنُ طُفَيل:** اسر خاص. ابوبڪر محمد اِبن عبدالملڪ ابن طفيل (وفات ١١٨٥ ع)، ارسطاطاليسي فيلسوف، موحّد بادشاه ابو يعقوب يوسف جو وزير ۽ مڪيه طبيب ۽ پٽ اِبن رُشد جو مربّي ۽ دوست. سنديس مشهور تصنيف "حيّ بن يقظان".

• **اِبن مَرْيَم:** اسر خاص. حضرت بي بي مريم جو پُٽ (حضرت عيسيٰ عليه السلام).

• **اَبُوْ:** حرف ندا. افسوس يا عجب جي اظهار جو لفظ.

• **اَبو ج اَبا:** ذ. [ع. اَب = اَبو] پيءُ – بابو – پتا – والد – پدر. شهر يا قوم جو وڏو، بزرگ. اڳواڻ.

ـ **اَبا ڏاڏا:** ذ. وڏا (ڏاڏاڻي آکهه جا). خاندان جا باني. بزرگ.

• **اَبو اَما:** ذ. پيءُ ماءُ – والدين.

• **اَبو ڏادُو:** ذ. پيءُ ڏادُو – وڏو مائٽ – خاندان – قبيلو "اَبو ڏادُو گهور، پاڻ سُوڏو پرين تان" (شاهه).

ـ **اَبي پتايو:** ذ.صفت. پيءُ جو پٽيل – ناخلف پُٽ.

• **اَبُوَ:** ڪ. [ع] پيءُ – اَبو. نالي جي اڳيان اچي ڪُنْيَت پيدا ڪندڙ لفظ "اَبُو بَكْر، اَبُو تُرابْ، ابو هريره".

• **اَبْواب:** ذ. [ع. باب (= در) ج اَبوابُ] دروازا. ڪتاب جي متن جا ترتيب وار پاڳا. داستان. ڏڻ جي وصولي ۽ مان حاصل ڪيل رقم. لوازمو – اُجورو – لاڳ.

• **اَبُوالْبَشر:** اسر خاص. انسان ذات جو پيءُ (حضرت آدم عليه السلام).

Gul Hayat Institute

• **اَبُوالْحَسَن:** ذ. [ع]. "كُنْيَت طور استعمال ٿيندڙ اسر حُسن جو پيءُ." (اسر خاص) سنڌ جي ڇٽن مشهور عالمن جو نالو: (١) ابوالحسن اول جنهن "مُقدمة الصلواة" سنڌيءَ ۾ لکيو جو "ابوالحسن جي سنڌي" جي عام نالي سان مشهور آهي: (٢) ابوالحسن ڪبير "صحاح ستّة" جو شارح،مديني شريف ۾ حديث جي مدرسي جو باني ۽ اُتيَ ئي وفات ڪيائين: (٣) ابوالحسن صغير، جو وڏي ابوالحسن (ڪبير) جو شاگرد ۽ ڪانئس پوءِ، مديني شريف واري مدرسي جو مُهتمم ٿيو: (٤) ابوالحسن ڏاهري، مقامي طور "حاجي ابوالحسن" جي نالي سان مشهور، فقه ۽ تصوف جو وڏو عالم ۽بلند پايه جو مصنّف، سندس تصنيفن مان "رسالة الفريَة والمرية" (خريد و فروخت جي شرعي احڪامن بابت)، "سِراج المصَلي" (فارسي نظم) ۽ اسلامي تصوف تي ڪتاب "يَنابيعُ الحياة الأبَدية" مشهور آهن.

• **اَبُوالحَيا:** اسر خاص. اِسلام جي ٽئين خليفي حضرت عثمان رضہ جو ڪُنيو، يعني "حياءَ جو پيءُ"، چاڪاڻ تہ هو حلم ۽ حيا جو صاحب هو.

• **اَبُوالْفَضل:** اسر خاص. مغل شهنشاه جلال الدين محمد اڪبر ج خاص وزير، شيخ مبارڪ ناگوريءَ جو پُٽ ۽ فيضيءَ جو ننڍو ڀاءُ، "اڪبر نامه" ۽ "آئين اڪبري" جو مصنّف: سندس خاندان جي اوائلي سڪونت سيوهَڻ.

• **اَبُوالهَول:** اسر خاص. مصر ۾ قديم زماني جو پٿرائون وڏو بُت (جنهن جو منهن زال جهڙو ۽ ڏڙ شينهن جهڙو آهي) ـ سنفنڪس (Sphinx).

• **اَبُوبارْج اَبُوبارْ:** ذ. ڏک ـ تڪليف ـ رنج، مشڪل.

• **اَبُوبَحْرْج اَبُوبحْرْ:** ذ. [ع. اَبُو = پيءُ + بحْرُ = سَمنڊ، يعني سمنڊ جو پيءُ] ڏکهي ڳالهه. بکوات ـ يخيَ ـ جهَڪ.

ـ **اَبُو بَحْر بَكَّن:** اَپ ڪارڙ ـ اجايا ڪُوڙ ڪُٽڻ ـ وڌا زٽ هٽڻ. بکوات ڪرڻ.

ـ **اَبُوبَحْرِ پوڻ:** وڏي يا ڏکهي ڳالهه ڪرڻ. اجائي بَڪ ڪرڻ.

• **اَبُو بَكْر:** اسر خاص. عبدالله بن اَبي قُحانه (وفات سنه 12 هجري)، حضور مقبول صلي الله عليه وَ آلہ وسلم جن جو سُهرو ۽ وڏو يار، ڪانئن پوءِ سندن جاءِ نشين ۽ اسلام ۾ پهريون خليفو.

• **اَبُوتَتْ:** ث. [ع] پئيتائي ـپيءُ جو سَڳُ.

• **اَبُوتُراب:** اسر خَاص. حضرت علي ڪرم الله وجه جو ڪُنيو يعني "متيَ جو پيءُ"، (اڪثري زمين تي سُمهڻ ڪري حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن کيس هن ڪُنْيه سان نوازيو).

• **اَبُو پوتَا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَبُو جَهْل:** اسر خاص. عرب قوم جي سردار ۽ اسلام جي جاني دشمن جو ڪُنيو اصل نالو عمروبن هَشام، يعني "نادانيءَ جو پيءُ"، (هي ڪُنيو مٿس ان ڪري پيو جو هن اسلام کي ڇاڻي ٻُجهي نہ سمجهڻ خاطر پنهنجي قلب تي اَڻ ڄاڻائي جا ڪڙا ڪفل چاڙهي ڇڏيا هئا).

• **اَبُو حَفْص:** اسر خاص. اسلام جي ٻئي خليفي حضرت عمر بن الخطاب رضہ جو ڪُنيو، يعني "حفصة جو پيءُ"، (سندس نياڻي بيبي حفصة حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي گهر ۾ هئي.

• **اَبُو حَنِيفَه:** اسر خاص. فقه جي وڏي اِمام حضرت نعمان رضہ جو ڪُنيو.

• **اَبُو دَرْدَاء:** اسر خاص. هڪ نهايت پاڪباز صحابيءَ جو نالو.

• **اَبوذَرّ:** اسر خاص. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هڪ دلير صحابيءِ جو نالو (وفات سنه ٣٢هـ)، حضرت عثمان جي زماني ۾ ڪيس مديني کان ٣ ميل پري ربذه جي بريت ۾ شهر نيڪالي ملي.

• **اَبُورَدّ:** مصدر. [سن. اَپ = تي + اُكْش = ٻُرڪڻ] ٻُرڪڻ (لُوڻ يا مصالحو مڇيءَ وَغيره تي) ـ لُوڻ ڏيڻ ـ چڙڪڻ.

• **اَبُو رَيحان:** اسر خاص. مشهور سائنسدان ۽ محَقّق "محمد بن احمد البيروني" جو ڪنيو (اَبُو ريحان = نازبوءِ جو پيءُ)، خوارزم جو باشندو (وفات سنه ٤٣٠هـ)؛ علم هئيت، رياضي، نجوم طبقات الارض ۽ جواهر شناسيءَ جو ماهر: عربي، يوناني، سرياني، فارسي، ۽ سنسڪرت زبانن جو وڏو عالم: قديم سنڌ جي ايراضيءَ اندر، خصوصاً ملتان واري علاقي ۾ هندن جي تمدن ۽ تهذيب جو ڳوڙهو مطالعو ڪري "ڪتاب الهند" لکيائين، جنهن ۾ ڏينهن، مهينن ۽ ڪن شين جا عام نالا جي اُن وقت مُروج هئا سي ڪم آندا اٿس ۽ اُهي سنڌي هوليءَ سان تعلق رکن ٿا ۽ سنڌي هوليءَ جي قدامت ۽ لغوي وسعت جو پتو ڏين ٿا: هيون سندس مشهور تصنيفون "الآثار الباقيه" ۽ "قانون المسعودي" آهن.

• **اَبُوزُو:** اسر خاص. (اَبو" مان اسر تغير) مرد جو نالو.

• **اَبُوزَيد:** اسر خاص. هڪ وڏي فصيح ۽ بليغ حڪيم جو نالو "ابوزيد بلخي"، جو بلخ شهر جو باشندو ۽ شطرنج جو وڏو

Gul Hayat Institute

ماهر هو.

• **اَبُوصَمَد:** اسر خاص. (حقارت جو لفظ) لاڏلو – نازپرورده.

• **اَبُوطالِب:** اسر خاص، حضرت علي رضہ جي والد ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي چاچي جو نالو.

• **اَبُو عَلِي سينا:** اسر خاص. اَبُو عَلي الحسين بن عبدالله بن سينا (وفات سنہ ۱۰۳۷ ع)، مشهور فيلسوف ۽ زماني جو يگانو حڪيم، طب تي سندس لکيل اصولي ڪتاب "قانون" سترهين صديءَ تائين يورپ جي يونيورسٽين ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو هو طبي دنيا ۾ سندس عزت پريو لقب "شيخ الرئيس" آهي.

• **اَبُو قَلمون (بُوقَلمون):** صفت. رنگ برنگي. قرٽو گهرٽو. (ذ) سانڍو (جو اُس ۾ پنهنجا ورن متائيندو آهي). پَت جو هڪ قسم.

• **اَبُو كِرو ج اَبُو كِرا:** ظرف. [سن. اُوْرْدَو = متي + كُشْرَ = ڪر، ڪڙي؛ پرا. اَبّ] اَپيءَ ڪڙيءَ تي – تڪڙو. اُباهرو – اُچاترو. اُقونگڙو – دَبي نہ پريل. هري هري.

• **اَبُو نَصْرفارابي:** اسر خاص. مشهور مسلم فيلسفو (وفات ۹۵۰ ع)، ڪيس "المعلمّ الثاني" (ٻيو نمبر استاد) جو لقب مليل هو. سندس مشهور تصنيف "المدينة الفاضلة" آهي.

• **اَبُو هُريرہ:** اسر خاص. رسول صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي هڪ وڏي اصحابيءَ جو ڪُنيو. يعني "ٻلين ۽ جو پيءُ" (چو تہ هو ٻلين کي گهٽو پائيندو هو).

• **اَبَوي:** صفت. [ع. "اَبُو" جي نسبت] پيءُ جو – پئيتو "ابوي محبت".

• **اَبَوي مثال:** صفت. پيءُ جهڙو.

• **اَبَوي محبت:** ذ. پئيتو پيار.

• **اَبْهامُ:** ذ.صفت. [ع. اَبَهَمُ = گونگو] اَپامُ – معصوم – ٻالو – پولو – بي سمجهہ.

• **اِبْهامُ:** ذ. [ع] شَكّ – شُبهو. بي يقيني. ٻن معنائن وارو ڪلام. دو اَرتي. آگوٽو.

• **اَبَهايو ج اَبَهايا:** ذ. صفت. چورو – يتيم.

• **اَبْهَرُ:** ذ.[ع] هڪ شريان جو نالو – سرارو.

• **اَبْهَكَ ج اَبْهَكُون:** ث. [مصدر اَبهڻ > اَبهك] اَپيَكَ – بيْهَكَ – اَڏاوت.

• **اَبْهَمُ ج اَبْهَم:** ذ. صفت. [ع] بي سمجهہ (ٻار) ـ معصوم.

• **اَبَهَڻ:** مصدر. [پرا. اَبّ: سن. اُوْرْدَو = اَپو] اَڏڻ – بيهڻ – ڪڙو ٽيڻ. اُپرڻ – اُسرڻ (پُوتو). بچڻ – چُٽڻ – چوٽڪارو حاصل ڪرڻ "ورجيو ويج وڃن، آءٌ تہ پريم اَبَهان" (شاه) (اَبَهيو – اَبيئو، اَبَهندو اَبَهيلُ – اَبئيل).

• **اَبَهو:** مٽاهان ٽيو. ڪامياب ٽيو.

• **اَبي:** ظرف. [هـ آبهي] اَپي – هينئر – هينئر ئي – هنئي وقت – هاڻي – پل ڪِن ۾ ـ اِجهو – جلد.

• **اَبي ڪَرڻ:** جلدي ڪرڻ – اِجهو ڪري وڃڻ – اَپي ڪرڻ.

• **اَبَيّ:** ذ. صفت. [ع. اِبيّ] اِهوشخص جو خسيس ڪمن کان اِبّا (انڪار) ڪري – غَيرتمند – بلند همّت.

• **اَبْيات:** ذ. [ع. بَيْتٌ ج اَبيَات] بَيت – شِعْر.

• **اَبيئو:** فعل. مصدر "اَبهڻ" مان ماضي ۽ منعول – بيئو.

• **اَبَيلي:** ظرف. بيلي – بيهندي.

• **اَبَيچٹي ج اَبيچٹيُون:** ث. [سن. آچيادَ = اوچڻ] زناني ڪپڙي جو هڪ قسم – بوچٹي. هانڊٽي جو هڪ قسم. ڇُرپل اوڍڻي.

• **اَبيدانُ (ڪ):** ث. ڪاري جي وڏي ٻيڙيءَ ۾ سڙه واري ٽُلهي ڪَاڻيءَ کي مٽي ڪِڻڻ لاءِ وڏي ڪَپي.

• **اَبيرَ:** ث. [سن. اَ = نہ + وارَ =وقت] اوير – دير.

• **اَبيرائي ج اَبيرائِيُون:** ث. ٽانون رکڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي – طاقي.

• **اَبْيَض:** صفت. [ع] اَڇو.

• **اَبيلائي:** اسر خاص. تعقلي واره ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَبَيئار ج اَبيئاريُون (ث):** ث. [سن. اَ = نہ + ويَت = ويايل] اَهَا ٻَڪري جَا ويايل نہ هجي ياقَرنہ ڏئي اَويارُلَ.

• **اَبْ ج اَبُون:** ث. [ع. حَبْس = اَبس] پاڻيءَ جو بخار – ٻاڦ. هلڪو دونهون – غبار. سانوڻ جي مينهن ۾ چانيل ڪرن جا هلڪا ۽ هينانهان هلندڙ دونها "اَبون ڪرن ڪَنڊيَرون، اُتر ڏي آهين" (شاهہ). بَدلي – ڪَڪري. گرمي – ڪوساڻ. بانس – بُوءِ (ث).

• **اَباءُ ج اَباب:** ذ. [ع. حُبابُ = بوڙيو] اَبَ – ٻاڦ. گرم ساهہ. شوڪارو. اوچتي دانهن. [ع. حُبّ] سڪ – حُبّ.

ـ **اَباب سان ملڻ:** گهٽيءَ حُبّ ۽ سڪ سان ملڻ.

• **اَباتَ ج اَباتُون:** ث. [ع. حبسَ = اَبس] گرمي – اَبس – گهُٽ – ٻُرسات. گرميءَ سبب رنگ جي جهڪائي. دونهات – دُونهي جي لَهَس. ڪچائي – خامي.

Gul Hayat Institute

• **اُباتِجَڻُ:** مصدر "اُباتڻ" مان فعل مجهول. [ع. حَبْس = اَٽڪل، ٻوساڻ، پرا. اَمْهَ. سن. اَشْمن، اَشْمَه > اَشْڻَ = گرمي > اَشْ = سڙڻ] گرميءَ ۾ ڪومائجڻ "اندر اُباتجو وڃي، جيئن قبر ۾ ڪاڙهو". لهسجڻ. دونهي ۾ ڪاراتجڻ – دونهاتجڻ. ساه منجهڻ – ٻوساتجڻ. رنگ جوجهڪو ٿيڻ – ڦِٽي وڃڻ – جهڪو ٿيڻ (رنگ) – بدلجي وڃڻ. (۱) "اُباتجي اڄ وئو، راڻا توريءَ رنگ". (۲) "رڃي جي ريتو ٿيا، ڪين اُباتجن اُوءِ" (شاهه). (اُباتيو – اُباتبو – اُباتيل).

• **اُباڻڻُ:** مصدر. ساڙڻ – دونهاڻڻ. جهڪو ڪرڻ. ڦِٽائڻ (رنگ). لَهْسڻ (باهه ۾). ٻاڦڻ – گهُٽڻ. (اُباتيو – اُباتيندو – اُباتيل).

• **اُباجهو ج اُباجها:** ذ. صفت. [اَ = نہ + باجهه = باجهه ڪان سواءِ] بي باجهو – بي رحم – بي قياس – نردئي. (ضد) سَباجهو ج سَباجها.

• **اُبارُ ج اُبارَ (ڍات):** صفت. اجايو – بي فائدو.

• **اُبارڻُ:** مصدر. اوبارڻ – ٽهڪائڻ. رڙڻ. پُسائڻ. اُپارڻ.

• **اُبارو ج اُبارا:** ذ. اوبارو. ٽهڪو – جوش. هيڪار.

• **اُباري ج اُباريُون:** ث. صفت. اُباڻڪي – پريشان.

• **اُباڙو ج اُباڙا:** ذ.صفت. [اَ = نہ + بَلَ = طاقت] بي طاقت هيڻو. لاڃجهو – ابالو – بدحال. بُڪيو.

• **اُباسَ ج اُباسُون:** ث. [سن. اُچْڇواسه = ساهه ٻاهرڪڍڻ] اوباسي. اُساتَ – اُڄ.

• **اُباسرُ ج اُباسرَ:** ذ.صفت. اُباسر – اُباسيون ڏيندڙ. سُست. ننڊاکرو.

• **اُباسَي ج اُباسيُون:** ث. اوباسي.

– **اُباسيُون ڏيڻَ ڪائڻ:** اوباسيون ڏيڻ. نڪمو ويهڻ.

• **اُباڪَ ج اُباڪُون:** ث.راز جي پڌرائي.

• **اُباڪُڻُ:** مدر. [سن. اُدْ = مٿي + واشْپَ، بَاشْپَ = ٻاڦ] ٻاهر ڪڍڻ. اندر جو اظهار ڪرڻ – راز ظاهر ڪرڻ.

• **اُباڪڻُ:** مصدر. [سن. اُچْڇواسه = اونهون ساهه ڪڍڻ، شوڪارڻ، اُبڪارڻ، سهڪڻ] اُبڙڪا ڏيڻ – اوڪارا ڏيڻ – اوڪڻ. اُلٽي ڪرڻ. اوباسي ڏيڻ. ويهڪ واريءَ حالت مان اٿڻ خاطر ڪجهه مٿي ٿيڻ. اُچر پَڻُ. (اُباڪيو – اُباڪيندو – اُباڪيل).

– **اُباڪَ ج اُباڪُون:** ث. قيءِ. اُبڙاڪ – اُبڙڪو – اُبٽو – اواڪرو. اوباسي. شواڪرو – ڏڍو ساهه. اوچتي دانهن. اُباڪي. سڪَ. پيار.

– **اُباڪِي ج اُباڪِيُون:** ث. ويهڪ واريءَ حالت مان اٿڻَ خاطر مٿي پڙڪو. سُڏڪو. ننڊ مان اوچتو چرڪ. ڏڍو ساهه – شوڪارو. اوباسي.

– **اُباڪِيءِ پوڻ:** لاڳيتو ڏڍا ساهه پرڻ. ساندهه سڏڪاپرڻ. پوين پساهن ۾ هجڻ.

• **اُباڪِي ڏيڻ:** اوباسي ڏيڻ. اُٿڻ خاطر ٽوروٽي ٽيڻ. ڪنهن ٻئي کي اُٿڻ خاطر ٽيڪ ڏيڻ – ٽوروٽي ڪڍڻ.

• **اُباڪِي ڪائڻ:** اوباسي ڪائڻ ڏڍو شوڪارو پرڻ ننڊ مان اوچتو چرڪ پرڻ. ڪجهه مٿي ٽيڻ. اُچر پڻ. اُٿڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ – اٿڻ خاطر پڙڪي ڪائڻ. ٽوري حالت سُڌرڻ.

• **اُباڪِرو ج اُباڪِرا:** ذ. صفت. [سن. اُرْدْوَ = اُپو + ڪُشرَ = ڪڙي] اُپيءَ ڪڙي تي – اُيڪڙو. اُبهرو – اُباهرو – تڪڙو – اُتامرو "پُٺ ٿا پلاڙين، اوٺي اڄ اُباڪرا" (شاهه).

• **اُبالو ج اُبالا:** ذ. صفت. [سن. اُول] گندو – ميرو (جسم ۽ ڪپڙن ۾) – گدلو – غليظ. بي وَاهو – بي وسيلو – ڏنڍيل – بدحال – تنگ حال. غريب. (ث) اُبالِي ج اُبالِيُون.

– **اُبالائِي ج اُبالائِيون:** ث. ميرائي – گدلائي – غليظائي. ڪپڙن جي خراب حالت. بدحالي. غريبي. يتيمي.

• **اُبالو ج اُبالا:** صفت. ظرف. [سرائڪي] اُبهرو – تڪڙو.

• **اُبائِڪو ج اُبائِڪا:** ذ. صفت. [ع. حُبّ = سڪ: سن. اَدْ + وگْنَ = غمگين. منتظر. فڪرمند. غائب محبوب لاءِ ڳرندڙ] سَڪندڙ. ويڳاڻو (سڪ ۾) – اداس – غمگين – دلگير. پريشان – حيران. اڪيلو – هيڪل وسُوڙو.

• **اُبائِڪائي ج اُبائِڪائِيُون:** ث. اَداسائي – ويڳاڻائي – مايوسي – مُونجهه – پريشاني. غمگيني.

• **اُباوَڙو:** اسم خاص. سکر ضلعي ۾ هڪ تعلقي ۽ شهر جو نالو.

• **اُباهَر ج اُباهَرُون:** ث. [سن. ۱. اَدْ = مٿي + رَيَس = شوق، چاهه، جوش: ۲. اُورْدْوَ = اُپو + ڪُشَر = ڪڙي] اُيڪڙائي – اُبهرائي – (اجائي) تڪڙ – اُتامرائي.

– **اُباهرو ج اُباهرا:** ذ. صفت. اُبهرو.

• **اُباهَو ج اُباهَا:** صفت. [سن. اَدْ = مٿي + باهه = هانهن = هانهون مٿي ڪنيل] ڪڙوٽيل – تيار.

• **اُباهِي ج اُباهِيُون:** ث. اوباهي. اوباسي. ٻارجو سانده روئندي ڪيرو ٽي وڃڻ جي حالت ساهه جي مونجهه (روئڻ يا ڪنگهٽ وقت).

– **اُباءِ ج اُباءِ:** ث. اُباهي.

– **اُبائي، اُبائين پوڻ:** ٻارجو سانده روئندي ڪيرو ٽي وڃڻ.

Gul Hayat Institute

• **اَهتَ ج اَهتُون:** ث. [سن. اَدْوَمْ = اَلتي ڪرڻ] اوڪارو – اَهڙڪو. ساهه گهٽجڻ جي حالت – هيانُو گهُٽ. ڏَپ – ڇَتَ – بَانس.

• **اَهتُون اَچڻ:** اَلتيون اچڻ.

• **اَهتو ج اَهتا:** ذ. اَهڙڪو – اوڪارو – آتُ.

ـ **اَهتو اَچڻ:** اَهڙڪو اچڻ.

• **اَهتَ ج اَهتُون:** ث. [ع. حَبْسُ] گهُٽَ – هوساڻ – سوڙهه.

• **اَهتَڙُ ج اَهتَڙَ:** ذ. [سن. اَدْوَرْتَن = بدن جي مالش ۽ صفائيءَ لاءِ سُرهو ڇُورو يا مرهم] بدن کي مهٽڻ لاءِ خوشبودار آتو – اَبْتَڙُ (وَنواه ۾ ڪنوار کي جلوي وٺائڻ خاطر مهٽڻ لاءِ). سَتَپُڙي (اَقراني) کي گيهه جو مَڪ.

• **اَهجهُ ج اَهجهَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + بُدْ = سمجهه] اهوجهه – بي سمجهه. پورڙو. معصوم.

• **اَهڊَ:** صفت. [سن. اَبُدْ = سمجهه] بي سمجهه – بي عقل. خراب مت وارو – مت ڪتَلُ.

ـ **اَهڊو ج اَهڊا:** صفت. اڻ ٻڌل – اَڻ سُئلُ.

ـ **اَهڊوان:** ذ. صفت. [سن. اَبُدْيمان] جنهن کي ٻڌي نہ هجي – بي سمجهه – موڳو.

ـ **اَهڊي ج اَهڊيون:** ث. بي سمجهائي – جهالت – اڻ ٻڌي سُئي – اڻ.

• **اَهرُ ج اَهرَ:** ذ. صفت. [سن. اَبَلَ > اَ = نہ + بَلَ = بَلُ، بَرُ] اَپرو – هيٺو – ضعيف. نبَرُ.

• **اَهراس ج اَهراسُون:** ث. [سن. اَدْ = متي + اَپَر = ڪڙ] پري کان برَساتي ڪَڪرن جو متي چڙهڻ.

• **اَهرڻُ:** مصدر. تهڪڻُ – تجڪڻ – جوش ڪائڻ – اوهارجڻ. باهه جَي تَوَ تي اَپرڻ – اَپامڻ. گرميءَ سبب اکين جو ڏکڻ ۽ ڳاڙهو ٿيڻ. پاڻيءَ يا پٽڑيءَ شيءِ جو قوهاري وانگر نڪرڻ. (اَهريو – اَهرندو – اَهريل)

ـ **اَهرُ:** ذ. اوبر – تهڪو – اوهارو – جوش.

ـ **اَهراڻ:** ث. اکين جو اوهر – اتندڙ اکين جي ڳاڙهاڻ.

ـ **اَهري پوڻ:** جوش کان ڦاٽي پوڻ. تمام گهڻو خوش ٿيڻ.

• **اَهَريڙو، اَهريڪو ج اَهريڙا، اَهريڪا (ث):** ذ. برسات بند ٿيڻ بعد آسمان جي صفا ٿيڻ جي حالت – نوائي – وائڪائي.

• **اَهڙاڪ ج اَهڙاڪَ:** ذ. اوڪارو – اَلتي. آتُ – اَهڙو. تڏو ساه – شوڪارو.

• **اَهڙاڪڻُ:** مصدر. اَهڙڪا ڏيڻ – آت ڏيڻ – اَهڙا ڏيڻ – اوڪارا ڏيڻ.

ـ **اَهڙُڪ ج اَهڙَڪ:** ذ. [سن. اَدُوَمْ] اوڪارو – آتُ – اَهڙڪو. ہڙڪَ – حرفُ – لفظ.

ـ **اَهڙڪ اَچڻ:** اوڪارا اَچڻ – دل ڪچي ٿيڻ.

ـ **اَهڙڪو ج اَهڙڪا:** ذ. اوڪارو – اَهڙو – آت.

ـ **اَهڙڪو ڪائڻ:** اوڪارو ڏيڻ. چرڪ پيڻ. متي اُڇٽ لاءِ پڙڪو ڪائڻ.

• **اَهڙاڪو ج اَهڙاڪا:** ذ. اَهڙڪو. اڇٽ خاطر متي پڙڪو – اَهاڪي.

• **اَهڙهه ہوڙهائي:** ث. اَهرائي. تڪڙ – جلدي.

• **اَهَس (ث)، اَهسَ:** ذ. [ع. حَبْسُ] گرمي – مونجهه – گهُٽَ – رُگهه – اَهتَ – هَبس.

• **اَهسائڻُ:** مصدر "اَهسڻ" مان متعدي بالواسطه باسي ڪرڻ – ڪنو ڪرڻ – خراب ڪرڻ.

• **اَهسڻُ:** مصدر. [سن. واس] باسي ٿيڻ. ڪنو ٿيڻ. (اَهسيو – اَهسيل).

• **اَهڪَ ج اَهڪُون:** ث اوڪارو – اَهڪائي – اَهتَ.

• **اَهڪار (ث)، اَهڪارَ:** ذ. آهه – دانهن – پُڪار – شوڪارو. آواز – نعرو "اي ءَ عشق جي اَهڪارَ. نعرو آهي نينهن جو" (شاهه). هُهڪار. خوشبوءِ. ہاڦ. بخار.

• **اَهڪارڻُ:** مصدر. آهُون پرڻ – شوڪارا پرڻ. اوڪارا ڏيڻ.

• **اَهَڪ:** ث. ڏڪائي – اهنجائي.

• **اَهڪَرُ ج اَهڪَرا:** ذ. صفت. [سن. اَوڙْدَوَ = اَپو + ڪُشْر = ڪڙي] اَپڪڙو. تڪڙو – تڪو. اُبهرو.

• **اَهڪو ج اَهڪا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + وَڪْشَ = ٻَڪ، چاتيءَ، ٻڪ يا پاڪر ۾ نہ هئڻ واري حالت] اهنجو – ڏڪيو – اَڻائو.

ـ **اَهڪائي:** ث. ٻڪ ۾ نہ هئڻ واري حالت. اهنجائي – ڏُڪيائي.

• **اَهلَ ج اَهلَ:** ذ. صفت. [سن. اَبَلَ = (اَ = نہ + بل = طاقت) بي طاقت] هيٺو – ڏُهرو – نبَلُ. ضعيفُ – اَپرو.

ـ **اَهلائي ج اَهلائيون:** ث. اپرائي – ضعيفائي. ويجارائي.

• **اَهلا ج اَهلائون:** ث. [سن. اَبَلا (اَ = نہ + بَلَ = طاقت) = بي طاقت] عاجز بي پهچ عورت – عاجزه. ضعيفه – ويچاري.

• **اَهنڌَ:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَهنگُ ج اَهنگَ:** ذ. [سن. اَدْبَنْدْ = ٻڌڻ، ٽنگڻ] اها نوڙي جا لوٽي، چونريءَ، ڏڪيءَ وغيره کي سولائيءَ سان کڻڻ لاءِ اُن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي "لوٽي کان اَهنگُ ڳرو". ٻگهُٽو – ٻَنگهٽو.

• **اَهو ج اُها:** ذ. آوانو – هُهو – هُلاڇو – غوغا، پٽڪو – ہڙڪَ – ہاڦَ.

Gul Hayat Institute

• **اَهوتُ (ث):** صفت. اَڇِتُ (ڪاڏي جو ڪنهن ڇُهيو نه هجي).
• **اَهوَجهه:** ث. [سن. اَبُدّ] بي سمجهائي – بي وقوفي – جهالت.
ـ **اَهوجهاٽو:** ذ. صفت. بي عقليءَ جو – بي وقوفيءَ جو.
ـ **اَهوجهائِي ج اَهوجهايُون:** ث. اڻ ڄاڻائي – اَڻ سمجهي – ناداني – بي وقوفي. پورڙائي.
• **اهوَجهاءِ:** اي اهوَجهئو!
• **اَهوجهُ ج اَهوجهَ:** ذ. صفت. [سن. اَبُدّ > اَ = نہ + بُدّ = سياڻو] جنهن کي ٻوجهَ يعني ڄاڻ نه هجي – بي سمجهه – بي عقل – اَڻ ڄاڻ – نادان. پورڙو – ٻالو ٻولو – ساده لوح.
• **اَهوجهو:** ذ. صفت. اَهوجهُ.
• **اَهوجائِي ج اَهوجائِيُون:** ث. اَهوجي.
• **اَهوجي ج اَهوجِيُون:** ث. [سن. اَپَچَيَه] نقصان – گهاٽو – توٽو – چيهو. ڪَسُ – گهٽتائي.
• **اَهوجي پوڻ:** نقصان پوڻ. ڪس لڳڻ.
• **اَهوڏُ ج اَهوڏَ:** ذ. صفت. [سن. اَبُدّ] اَهوجهه – بي عقل – بي سمجهه.
• **اَهُورَڻُ:** مصدر. اَبُورَڻُ.
• **اَهُوسُونْ:** ث. [سن. اَيُر = ڪڪر + وُرْشْ = وَسَ] سنهي ڦُڙ ڦُڙ (مينهن جي).
• **اَهُوڪِرو ج اَهوڪِرا:** ذ. صفت. [سن. اَوُرْدْوَ + ڪُشَرَ = ڪڙي] اَڦونگڙو – اَهڪرو.
• **اَهُوڪِڙو ج اَهوڪِڙا:** ذ. صفت. اَيُوڪڙو.
• **اَهولُ ج اَهولَ (ث):** ذ. صفت. جو هولي (ڳالهائي) نه سگهي – بي زبان – گونگو – گگدام.
• **اهوهيو ج اَهوهيا:** صفت. اَڻ ونڊيل (موتي) – ناسُنڌ.
• **اَهَهَرَ ج اَهَهرُونَ:** ث. [سن. اَوُرْدْوَ + ڪُشَرَ] اَتامرائي – اجائي تڪڙ – اَڇهرائي – عُجلت. بي صبري.
• **اَهَهرائِي ج اَهَهرايُون:** ث. اَهَهَر.
• **اَهَهرو ج اَهَهرا:** ذ.صفت.[سن اَوُرْدْوَ + ڪُشَرَ = اَيو ڪڙو] تڪڙو – جلدباز – اَتامرو – بي صبر – اَهڪرو. (ث) اَهَهري ج اَهَهريُون.
• **اَهَهَري:** ث. جوئرجو هڪ قسم.
• **اَهَهَڙُ:** ذ. اَهَسَ – اُهمو – هُتَ (هوا جي) – رُگهَ – ڪاڙهو – گهُٽَ. تاءُ – گرمي.
• **اَهيرو ج اَهيرا (ث):** ذ. برسات بعد آسمان صاف ٿيڻ جي حالت.
• **اَپُ ج اَپَ:** ذ. اُپُ – آسمان.
• **اُپُ ج اُپَ:** ذ. [پرا. اَپّ: سن. اَيُر = ڪڪر، آسمان] اُپ – آسمان – آڪاس. (ظرف) مٿي – اُپو – اُڇو.
ـ **اُپُ اُڪِئينْ ڏيڪارجڻ:** سپ ڳالهه پڌري هجڻ. نتيجو ظاهر هئڻ. مصيبت ويجهي هئڻ – ساهه جو دپ هئڻ. دشمن جو پئو هئڻ.
ـ **اُپُ بَڪڻ:** نه ٽيڻ جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ – ٽلهيون ٻڌاڪون هڻڻ.
ـ **اُپُ تاريو ج اُپُ تاريا:** ذ. صفت. اڇين اکين وارو – چندو – نحس.
ـ **اُپُ ٽَڪُو:** ذ. صفت. هميشه اُپ ڏانهن تڪيندڙ (ڪاڇي جي آبادي ٽئي برسات تي، تنهنڪري اُتي جا ماڻهو اُپ تَڪو ٽين، سدائين آسمان ڏي نهارين.)
ـ **اُپُ ڏارڻ:** ٻڌاڪون هڻڻ.
ـ **اُپُ ڏِسڻ ۾ اچڻ:** ڳالهه پڌري هئڻ.
ـ **اُپ سامهون ٽُڪون اچلائڻ:** بي نتيجي ڪم ڪرڻ – پنهنجو پاڻ کي نقصان رسائڻ جهڙو رويو اختيار ڪرڻ.
ـ **اُپ سان مٿو گسائڻ:** پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ وڌائي ڏيکارڻ.
ـ **اُپسرو:** ذ. صفت. اوچي ڳاٽ وارو – سَربُلند جنهن جو مٿو اُپو هجي.
ـ **اُپَ قاتل کي اڳڙيون وجهڻ:** ظاهر ڳالهه کي لِڪائڻ.
ـ **اُپَ ڪاڙڻ:** ٻڌاڪون هڻڻ – ڏاڙون هڻڻ.
ـ **اُپ ڪاڙي وجهڻ:** وڏو خطري جهڙو ڪم ڪري وهڻ.
ـ **اُپَ ڪَپرو ج اُپَ ڪَپرا:** د. صفت. اُپي ڪپرَ وارو (ڪڙيو. واهه) – هيٺ مٿي سَطح وارو (ث) اُپ ڪَپري ج اُپَ ڪپرُون.
ـ **اُپُ ڪرڻ:** مصيبت نازل ٿيڻ.
ـ **اُپَ ڪرو ج اُپَ ڪرا:** ذ. اُپن ڪرن وارو (گهوڙو، گڏه) (ث) اُپَ ڪري ج اُپَ ڪريُون.
ـ **اُپَ کي اڳڙيون وجهڻ:** پڌري ڳالهه يا عالم آشڪار ڳالهه کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
ـ **اُپ ۾ تراريون هڻڻ:** ناممڪن ڪم ڪرڻ – وت کان ٻاهر هلڻ.
ـ **اُپ ۾ تيرهڻڻ:** ناممڪن ڪم ڪرڻ.
ـ **اُپ ۾ ٽُڪون اُڇلائڻ:** پاڻ کي نقصان پهچائڻ جهڙو (بيوقوفيءَ جو) ڪم ڪرڻ. جاهليت جهڙو ڪم ڪرڻ. بي نتيجي اجائي ڪوشش ڪرڻ.
ـ **اُپَ ۾ ڪَڪرٽيڻ:** اميد جاڳڻ – اميدواري ٽيڻ (زال کي).

Gul Hayat Institute

ـ **اُپ مان تارا لاهڻ:** وڏو ڪم ڪرڻ. نہ ٽيڙ جهڙو ڪم ڪرڻ.

• **اُپا:** بينا.

• **اُپارَ ج اُپارَ:** ذ. [سن. ١. اُتْ سْتا؛ ٢. اُدْ. اُتْ = متي + پُر = پرڻ] طلوع (سج جو). اوپَر (سيني جو) — ماڃ. پڙڪاءَ (جوش جو) — آپارَ — هُشي.

• **اُپارڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ. اُتْ = متي + پُر = پرڻ] متي چاڙهڻ. ڪڙوڪرڻ — بيهارڻ. ڪنهن ڳالهه لاءِ همتائڻ — آماده ڪرڻ — پڙڪائڻ — ڏاڍرائڻ — آپارڻ. جوش ڏيارڻ — هُشي ڏيڻ. اُپائڻ (زمين جو نباتات کي) ـ پيدا ڪرڻ. سج سنئون ڪرڻ — ڏينهن ڪرڻ "اُپي اُپاريام، نڪت سپ نئي ويا" (شاهه). (اُپاريو — اُپاريندو — اُپاريل).

• **اُپاڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتْپَدْ] اُپائڻ (نباتات) "اُمت جي آخوند اوپڙ سپ اُپاڙيا" (شاهه). (اُپاڙيو — اُپاڙيندو — اُپاڙيل).

• **اُپاس:** صفت. [سن. اَ = نہ + پاسْ = چمڪ، ڏسڻ ۾ اچڻ. صاف ٽيڙ] جو ڏسڻ ۾ نہ اچي — غير مرئي — غير محسوس — نامعلوم. (ذ) بي نور سوجهرو (سجّ يا چند جو گهاٽي جهڙ سبب). ڪنهن شي ياحقيقت جو سوجهرو. عڪس — اولڙو — پاڇولو "اٽئي سپ اُپاس، جڳت هيءُ جڳديس جو" (سامي).

• **اُپاڳ:** ذ. [سن. اَ = نہ + پاگ = ياڳو. بهرو] نياڳ — بي پاڳائي — بي بختي — بي نصيبي (١) "ڪنوٽ ڪنوايو، آئي نند اُپاڳ جي". (٢) "ڪونهي قادر ڪر پيو، انين جو اُپاڳ" (شاهه). "سَپاڳ" جو ضد.

ـ **اُپاڳائي:** ث. بي پاڳائي — بي بختي — نياڳائي.

ـ **اُپاڳڻ ج اُپاڳڻيُن:** ث. نياڳي — بدبخت (عورت).

ـ **اُپاڳو ج اُپاڳا:** ذ. صفت. نياڳو — بي بخت بي بهره ـ بي نصيب. (ث) اُپاڳي ج اُپاڳيون. (ذ) اپاڳ — بدبختي "محمد ڏاران ملڪ ۾ آهي اونده اُپاڳو" (گرهوڙي).

ـ **اُپاڳي ج اُپاڳيُون:** ث. صفت. نياڳي — بي نصيب (عورت) — اُپاڳڻ "مون اُپاڳيءَ ساڻ، ڪير ڀُلندي چپرين" (شاهه).

ـ **اُپاڳيو ج اُپاڳيا:** ذ. صفت. اُپاڳو "اڪر پڙهي اُپاڳيا! قاضي ٽئين ڪياءِ" (شاهه).

• **اُپالَو ج اُپالا:** ذ. [سن. اُپالَمْبَ] اوپالو — طعنو — مهڻو — عتاب — ڏوراپو.

• **اُپامُ ج اُپامَ:** ذ. صفت. [ع. اَبَهُمُ] بي سمجهه — معصوم (ٻار). بي گناه.

ـ **اُپامڙو ج اُپامڙا:** ذ. صفت. "اُپامُ" جو اسم تصغير. معصومڙو — ٻارڙو.

• **اُپامَڻُ:** مصدرُ. اُپامڻُ.

• **اُپامڻُ:** مصدر. [سن. اُدْپَرِمَڻَ = متي چڙهڻ] ٽهڪو ڪائي متي چڙهڻ (پاڻيءَ وغيره) — ڦڦڪي ڪنن تان هارجڻ ياوهڻ "ڪُني اُپامندي تہ بہ پنهنجا ڪَنا ساڙيندي". جوش ڪائڻ. ڦوڪجڻ — سيڙجڻ. هٿ يا ڪاوڙ ۾ پرجڻ — آپامڻ. (اُپاميو — اُپامندو — اُپاميل).

ـ **اُپامُ:** ث. ٽهڪو — اوپَر — جوش. ڦوڪجڻ جي حالت — آپامَ.

ـ **اُپامائڻُ:** مصدر "اُپامڻ" مان متعدي بالواسطه. ٽهڪائڻ — جوش ڪارائڻ — آپامائڻ.

ـ **اُپامجڻ:** مصدر "اُپامڻ" مان فعل مجهول. اُپامڻ.

ـ **اُپامَنديُون (ڪُنيون) ڇَڏڻ:** اَجايا ڊِڪا ڪائڻ. سُور ٻَري جو ڪم ڪرڻ — بي دليو ڪم ڪرڻ. بنا سوچ جي ڪم ڪرڻ.

ـ **اُپامڻي ج اُپامڻيون:** ث. صفت. اُپامندڙ — پلٽندڙ — جوش ڪائيندڙ.

• **اُپانْ (ڻ):** ضمير. اوهان "اَپان جو = اوهان جو. اَپان رو = اوهان وارو. اَپان نانْ = اوهان ڪي. اَپان وٽ = اوهان وٽ".

• **اُپاءُ:** ذ.[سن. اَ = نہ + پاوَ = هستي، موجودگي] نيستي — نابودي. پَرلئ. موت.

• **اُپائڻُ (ڪ):** مصدر. اُباهڻ — اُپو ڪرڻ. بيهارڻ — ڪڙوڪرڻ. (اُپايو — اُپائيندو — اُپايَل).

• **اُپَتِ:** ظرف. [سن. اَ = نہ + پَڪْت = نمونو. ڏنگ، ريت] بي پتيو — اَڏنگائيءَ سان — بي قاعدہ ـ ڪُريت — بي ڏنگو.

ـ **اُپَتَ:** ث. اُبَت.

ـ **اُپَت سُپَت:** ث. اُبت سُبَت. اَذائي قِذائي. رنج راحت — ڏک سُک.

• **اُپَتَ ج اُپَتُون (ل):** ث. اَبت — ونگار.

• **اُپَتڻُ:** مصدر. اُپٽڻُ.

• **اُپَٽائو ج اُپَٽائا، وا(ل):** ذ. صفت. [سن. اُوْرْدْوَ + پادَ =پير] اُهو ٻار يا ڦر جو جمڻ مهل ماءُ جي پيٽان اُبتو اچي (يعني پهرين پيراچن ۽ پوءِ متو. عام طور پهرين متو ۽ پوءِ پير ايندا آهن) — اَمهڙو.

• **اُپَٽوتُ:** ذ. [سن. اِپَ = هاڻي + پوتَ = وڃيرو، ٻچرو] هاڻيءَ جو ٻچڙو — هاڻيڙو — ڦُرنْدو — هَرنو.

• **اُپَٽُور:** اسر خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُپَڇ:** صفت. اُهو جو پَڇي نہ سگهي — نہ پَڇندڙ — پَڪو — ثابت قدم — محڪم.

• **اُپَڏانُ:** ذ. [سن. اُپَدان] لغت — فرهنگ — ڪوش — ڊڪشنري.

• **اُپَرَ ج اُپَرَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَرَ = بار، آڌار] جنهن کي

Gul Hayat Institute

ڪو پُر يا پروسو نہ هجي. بي واهو — بي وسيلو. اَپرو — "سَپرُ" جو ضد. بي بنياد ڳالهه — بهتان — الزام — ڪوڙ.

ـ **اَپريچڻ:** تهمت مڑهڻ — بهتان هڻڻ.

ـ **اَپريرڻ:** ڪوڙو الزام رکڻ — تهمت مڑهڻ.

• **اَپُرسَپرُ:** ذ. صفت. اَپرو سپرو — هيٺو ڏاڍو.

• **اَپَرامُ ج اَپرامَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پْرَمَن = آڏار، قوت، پرورش] بي واهو. بي قوت سُجو. ڏهرو — لاغر.

• **اَپراڏو ج اَپرانا (ث):** ذ. صفت. پيرين اڳهاڙو.

• **اَپْرائڻ:** مصدر. اَپارڻ — مٿي چاڙهڻ — هُشي ڏيڻ.

• **اَپْرت:** ث. پير سان هنيل ڏڪ — لت.

• **اَپَرتُ (ت):** صفت. پور پور — چُور چُور. اَپرڏ.

• **اَپْرت (ث):** ذ. ڏُٽ جو هڪ قسم.

• **اَپْرڏ ج اَپرڏَ:** ذ. صفت. اَپوگو — اَٽيو — خشڪ — بي روغن. ريزه ريزه

ـ ذرا ذرا.

ـ **اَپرڏائي:** ث. اَپوگائي — اٽيائي — خُشڪي.

• **اَپرڪڻ:** مصدر. اَڦرڪڻ — ننڊ ۾ ڳالهائڻ — وڪوڙ.

• **اَپَرَنڊو:** ذ. [سن. اَدْيُوْ = اَپرڻ، اَسرڻ، پيدائيڻ] اوير — پورب — مشرق.

• **اَپَرڻُ، اَپرڻ:** مصدر. [سن. اَدْيُو = اَسرڻ، پيدا ٿيڻ، اُپرڻ] سج چنڊ تارن وغَيره جو اَپرندي طرف يا افق کان نڪرڻ — طلوع ٿيڻ. مٿي چڙهڻ. اَسرڻ. وڌڻ (قد جو). ڦُٽڻ (نباتات جو) — نسرڻ "اَپرياسم انگور سُتي سُپرين جا" (شاهه). نڪرڻ. ظاهر ٿيڻ "اُپرن شوڪارا، پسئو وَرَ ٻين جا" (شاهه). پيدا ٿيڻ. ڊڳي جو ڊڳيءَ تي (ڦُرڻ لاءِ) چڙهڻ. اُپو ٿيڻ. (اَپريو — اَپرندو — اَپريل).

ـ **اَپرندي تاءِ نہ ڪرڻ:** منڊ ۾ ئي ڪو جوش يا جوهر يا سوجهرو نہ ڏيکارڻ.

ـ **اَپري اَچڻ:** متان چڙهي اچڻ — اَلرڪي اچڻ. وڙهڻ لاءِ سنبري اَچڻ.

ـ **اَپَري وَڻڻ:** ڳچيءَ پوڻ. حملو ڪرڻ — حملوڪري پڪڙڻ. ٻهانو ٺاهڻ.

ـ **اَپري وڃڻ:** ڪاوڙ يا جوش مان جلدائيءَ سان اٿي ڪڙو ٿيڻ.

• **اَپرو اَپرو ج اَپرا:** ذ. صفت. [سن. اَبَلَ > اَ = نہ + بَلَ = طاقت] بي طاقت — ضعيف — ڏهرو — هيٺو — ڪمزور — لاڇجهو. (ث) اَپري ج اَپريُون "اَدر نڏر اَپري، اَسونهين آهيان" (شاهه).

• **اَپراڻي، اَپرائي ج اَپرائيُون:** ث. بي طاقتي — ڏهرائي — ڪمزوري.

• **اَپرو سَپرو ج اَپرا سَپرا:** ذ. صفت. هيٺو ڏاڍو. جهڙو تهڙو. (ث) اَپري سَپري.

• **اَپڙَڻ:** مصدر. [سن. اَپدّ] ڦُٽڻ — انگورجڻ (وڻ يا پوک جو). اَسرڻ. (اَپڙيو — اَپڙندو — اَپڙيل).

• **اَپڙي:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَپَساهي ج اَپساهيُون:** ث. [سن. اَوْرْدْوَ = مٿي + شْواسَه = ساهه يعني اُپو ساه] ٽڪ سبب ٽيل سَهڪي — اُماهي. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ساه ٽڪڙو ٽڪڙو ٿِڪَ سان کڄي) ـ دَمکشي.

• **اَپسرو ج اَپسرا:** ذ. صفت. [سن. اَوْرْدْوَ + شْرَس = مٿو] اُپي سرَ وارو — جنهن جو گردن يا ڳاٽ مٿي هجي — سر بُلند — آسمان سان مٿو هٽندڙ. مٿي ڦريل — چريو. اُپسنئون.

• **اَپَڪ:** ث. اَپَيڪ — بيهڪ — اَڏاوت — "ويهڪ" جو ضد. اُپساهي — دمکشي. پَڪ کنگهه.

• **اَپَڪَرُ، اَپَڪَرو اَپَڪَپو:** ذ. صفت. [سن. اَوْرْدْوَ + ڪچّه = ڪچر] اُپن ڪپن وارو (واهه، واهڙ وغيره) — لاهيءَ بغيرڪَپن وارو.

ـ **اَپَڪري ج اَپَڪَرُيُون:** ث. اَڏو پَر — اوکي چاڙهي.

• **اَپَڪڙَ، اَپَڪڙيو ج اَپَڪڙا، اَپَڪڙيا:** ذ. صفت. [پرا. اَپَ + ڪرَ؛ سن. اَوْرْدْو + ڪُشْرَ] اُپيءَ ڪڙيءَ تي — ڪڙين پر — اُباڪرو. هلڻ لاءِ تيار "پڻ ٿا پلاٽين. اوئي گهٽو اپڪڙا" (شاهه). تڪڙو — اُبهرو — آتامرو.

ـ **اَپَڪڙو ٿي ويهڻ:** پيرن پر ويهڻ — اوڪڙو ويهڻ. اشاري تي ويهڻ.

• **اَپَڪَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پاڳَ = پاڳو، نصيب] اپاڳو — بي نصيب. نہ پڄندڙ — بهادر "اَيْ ابڙو ئي اپڪ، ڏونگر هو ڏيهه ٻيو" (شاهه).

• **اَپَڪو ج اَپَڪا:** ذ. صفت. بي ادب — بدتميز. ڪم ڪوس.

• **اَپَل:** صفت. [سن. اَ = نہ = نہ + پُرمْ = پُل ڪرڻ] اُهو ماڻهو جو نہ پلجي — خطا نہ ڪائيندڙ. آڳس. اَپرانت.

ـ **اَپَلتا:** ث. ڇُڪيا غلطي نہ ٿيڻ جي حالت.

• **اَپلاشا ج اَپلاشانُون:** ث. [سن. اَپلاش] آرزو — تمنا — خواهش — چاهنا — سڌ — ڪامنا — سَڪ — اَبلاڪا.

ـ **اَپلاشي:** ذ. صفت. سڌائتو. سڪ وارو.

• **اَپمانُ ج اَپمانَ:** ذ. [سن. اَپمانَ > اَپ = گهٽو + مَنْ = ڄاڻڻ، سَمجهڻ يعني پاڻ کي وڏو سمجهڻ] وڏائي — فخر — هٺ — گهمنڊ — گيرب — خودي — اهنڪار — تڪبر "مَتيو تنهنجي من مان، اَوديا جو اپمان" (سامي).

ـ **اَپماني ج اَپماني:** ذ. صفت. هٺيلو — مغرور — گهمنڊي.

Gul Hayat Institute

• **اَپَنڊيو ج اَپَنڊيا (ل):** ذ. ڏڌ ولوڙڻ جو ٽاڻ يا منڊيو (جنهنکي ٻه ڇڙا بيهي ولوڙين).
• **اَپَنڊ ج اَپَنڊَ:** ذ. اَپندِيو.
• **اَپَنگ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پنگ < پَنْجَ = پيڇڪڙي] جنهن ۾ پنگ يا پيڇڪڙي نہ پوي – بنا رَکاوٽ جي – بي رُخني.
• **اَپَنگ ج اَپَنگَ:** ذ. [سن. اَشْرَ = اَس، ۾ گڏ ٽيل ڪٽ جو ڳنڍيو (لوهہ کي تپائڻ سان ڪٽ جو ڳنڍيو (لوهہ کي تپائڻ سان ڪٽ ڪوري جي تر ۾ گڏ پَٽي ٽيندي آهي ڇا ڪجهہ وقت بعد رُڪ کان ٻہ وڌيڪ مضبوط ٽيندي آهي). آڙنگ.
• **اَپڻ (ل):** مصدر. [سن. اُدْيُو < اُدْ = مٿي + يُو = ٽيڻ] اَيو ٽيڻ – اَبَهڻ – ڪڙو ٿي بيهڻ – مٿي ٽيڻ. (اَيبو – اَبهندو – اَييل).
• **اَپو ج اَپا:** صفت. [پرا. اَبْبَ: سن. اَرْڙَوَ] بيٽو – بيٽل – ڪڙو – سڏو "چور اَپو ئي چوءِ، آئون اهو ئي آهيان" (شاهہ). (ذ) سنڌ جو مٽيون حصو (سکر ضلعي جو مٽيون پاڳو بهاولپور سميت). "لمو" جو ضد "اَپي ڪي آبيندي، لڏائون سنڌڙيءَ سار" (سچل). اُتر – سرو. (ظرف) سنئون مٿي. سنئون هيٺ. "پاسيارو" جو ضد.
• **اَپو ٽيڻ:** ڪڙو ٽيڻ – سڏو ٽيڻ. اُٺڻ – بيهڻ – اَبهڻ. سامهون ٽيڻ.
– **اَپو ساهہ ج اَپا ساهہ:** ذ. وڏو ۽ ڏگهو ساهہ اَماهي. ٽڏو ساهہ. اَپ ساهي.
– **اَپو ساهہ ڪٽڻ:** ڊوڙڻ يا ٽڪ سبب تکو ساهہ ڪٽڻ – سهڪڻ. اَمهين ۾ پوڻ.
– **اَپو ڪاڻ ٽي بيهڻ:** سڏو ٽي بيهڻ. بنا ڪُيڻ پڇڻ جي سنئون ٽي بيهي رهڻ.
– **اَپو لَمو گهُمڻ:** مٽان ديري غازي خان کان وٽي هيٺ اُتر سنڌ تائين گهُمڻ. اُتر ڏکڻ گهُمڻ – پري پري گهُمڻ – رُلڻ.
– **اَپو ڪڙو:** ذ. صفت. اَپڪڙو.
– **اَپي ڪَرُ:** ظرف. سڏي ڪنڊ – اوچي ڳاٽ – فخر سان.
• **اَپوتُ:** صفت. [سَن. اَپوتَ < اَ = نہ + پُو = ٽيڻ] عدم موجود – نيست – نابُود.
• **اَپوتُ:** ڪَچو – اڻ ڪاهيل.
• **اَپوجُ:** ذ. [سن. اَپوجَ < اَ = نہ + پُجْ = مزي سان کائڻ] نہ کائڻ جهڙو – اَپوڪُ.
• **اَپور ڪڙي، اَپور ڪِڙي:** ث. صفت. اَپوڪڙي. ڪپائي نہ رکيل – اَڻ ٺهڪيل.
• **اَپورِ ڪڻ:** مصدر. اَپامڻ (ديگڙي جو).

• **اَپوڪُ ج اَپوڪَ:** ذ.صفت. [سن. اَ = نہ + پُجْ = ماڻڻ، مزو وٺڻ] گهٽ سٽڻ وارو (جنهن مان مزو نہ اچي) – اَڻپو – بي ڇَسو – بي سواد – قِڪو – خُشڪ.
– **اَپوڪائي ج اَپوڪايُون:** ث. اَڻپائي – خُشڪي – بي سوادائي – قِڪاڻ.
– **اَپوڪو ج اَپوڪا:** ذ. صفت. گهٽ سٽڻ وارو – اَڻپو. (ث) اَپوڪي ج اَپوڪيُون.
• **اَپُومِ، اَپُومي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پُومہ، پُومي = پُونْءِ] اَڻ پُونيو – ٻئي ڏيهہ جو – پرڏيهي. اڻ واقف – اَڻ سونهون – ڏاريو – اجنبي.
• **اَپُومائي:** ث. آڻ سونهپ. اَڻ جاڻائي – ناداني.
– **اَپُومي اَپُوميو:** ذ. صفت. اَپُومِ – اَپُومي. پرڏيهي – اَجنبي.
• **اَپُونْ:** ذ.صفت. [سن. اَ = نہ + پُومي = پُونْ] اَپُومُ. (ث) اَپُونَئِينْ.
• **اَپَهُ، اَپَئُو:** صفت. [سن. اَ = نہ + فَہ = گهٽو] ٽورو – قليل – گهٽ – بي برڪت. "سَپَهُو" جو ضد.
• **اَپَئُو، اَپَئي:** صفت. [سن. اَپَي] بي پَئُو – بي ڏپو.
• **اَپي ج اَپيُون:** ث. صفت. سنئين سڏي هيٺ ڪتل يا مٿي ڪَڙي ڪيل. (ظرف) بيهڻ واري حالت ۾ – بيني (1) "سُوري سينگاري، اَپي عاشقن کي"؛ (٢) "پنهون جا پريات، اَپي پُڇي پهيڙا" (شاهہ).
– **اَپي روءِ:** بيني روءِ.
• **اَپيَارُ:** مصدر. [سن. اَوْدَرَ = اَپو] اَپارڻ. اُتارڻ – اُتارڻ – ڪڍڻ – بيهارڻ "سي لاڳاپا لاهہ، اوريان اَپيارين جي" (شاهہ). (اَپيارڻ – اَپيارينڊو – اَپياريل).
• **اَپياسُ:** ذ. [سن. اَپْياسَ] مطالعہ – پڙهڻ. وري وري پڙهڻ – دَوُر – مشق. حاصلات. استعمال. ورزش. هڪ ڏيانائي.
– **اَپياسُ ڪَرڻ:** مطالعو ڪرڻ – پڙهڻ – اُتلائي پڙهڻ – دَورڪرڻ. ياد ڪرڻ.
– **اَپياسي ج اَپياسِي:** صفت. اَپياس ڪندڙ – محنت سان پڙهندڙ.
• **اَپياڳَتُ ج اَپياڳَتَ:** ذ. صفت. [سن. اَپْيا گَتَہ] گهر ۾ آيل مَهمان. ڪوبَہ سامهون ايندڙ (ماڻهو). غريب – سُڄو. پينو – گداگر.
• **اَپِيانْ:** مضارع. [مصدر "اَپڻ"] بيهان.

Gul Hayat Institute

• **اَپيترو ج اَپيترا (ث):** ذ. صفت. ڏڳهي ۽ سنهي منهن وارو.

• **اَپَيتو اَپيتي ج اَپيتا، اَپيتِ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پيد = ڪنهن فرق يا امتياز ڪانسواءِ] جو پيت تي نہ پوي. پيت تي نہ پيل. اڻ واقف. ڏاريو.

• **اَپيڻُ (ل):** مصدر. [سن. اُڏ–سْٹا] بيهڻ – ڪڙو ٽيڻ – اُڀڻ – اُبهڻ – اَپاڻ. (اَپيلو – اُبهندو – اَپيڻل).

• **اَپيڻا:** بينَا، اُپا.

• **اَپيڄ (ث):** مصدر "اَپڻ" مان امر مدامي. بيهڄ! – ترسج!.

• **اَپَيڇَڙ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (بهلڪاڻي پاڙو).

• **اَپيدُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پيدَ = فرق] پيد يا فرق ڪان سواءِ ـ بي امتياز – هڪ جهڙو – ساڳيو "تنهنجي عشق اَپيد ڪيو لَٿو لَٿو ۽ لڪاءِ" (سامي). (ذ) ساڳيائي – هڪ جهڙائي – تشبيهه.

• **اَپيدي ج اَپيدِي:** ذ. صفت. جنهن ڪي پيد يا فرق ڏسڻ ۾ نہ اچي – جيڪو پيد نہ رکي – دوئيءَ ڪان دُور – ٻيائيءَ ڪان پري "اَپيدي عاشق، پيد چڏي پرپور ٿيا" (سامي).

• **اَپيرَ:** اسر خاص. [سن. اَپير، اَپيرَ] هڪ ذات جو نالو جنهن جو ڪم آهي ڳٺئون چارڻ. هندَن جيَ هڪ ذات جو نالو – آهيرَ. ڳنوار.

• **اَپيرائي:** ث. پت ۾ لڳل تختو (جنهن تي ٽانوَ وغيره رکجن) – ٽانون رکڻ جي پچتي – طاق.

• **اَپيري:** صفت. پير ڪان سواءِ. بي نشان "نَہ ڪو راه نہ رند، اِنَ اَپيريءَ يُونءَ ۾" (شاهه).

• **اَپَيڪ، اَپيڪ ج اَپيڪُن:** ث. [سن. اُڏ – سْٹا] بيهڪ – اڏاوت (۱) "وهَڪ نہ ڪيائون، اُپيڪ عيب ان جو" (شاهه)؛ (۲) "عالم اُپيڪ جن تيَ، هُون سلامت سي" (لطف الله قادري).

• **اَپيڪْتُ:** صفت. [سن. اَپيشڪْتَ] تيل مکيل. گاديءَ تي وهاريل – تخت نشين. سج.

• **اَپيُن (ث):** ضمير. اوهين.

• **اَپَيَنگ:** ذ. [اَپي، اُپو + انگ، اَنگهه] مَنڊي (جنهن سان بيٺي ڏڏ ولوڙجي). نهيلو – منجو.

• **اَپيڙ:** مصدر. گهڙڻ – داخل ٿيڻ – اندر وڃڻ.

• **اَپَيڙ، اُپيهڙ:** مصدر. بيهڻ.

• **اَپَيُو:** صَفت. [سن. اَپيدَ] اَپيدُ – اڻ ورهايل – اڻ وندبل – اَڻ تقسيم ٿيل – لايتجزي.

ـ **اَپيوا:** صفت. اَپيدُ. جنهن جو ڏول، رنگ روپ ڄاڻي نہ سگهجي. جنهن ڪي ورجي نہ سگهجي "اَمُک اَپيوا، پُورن ڏسي پريم سان" (سامي).

• **اُپيئو:** صفت. [سن. اَپَي < آ = نہ + پَي = پِئُ] بي پِئو – بي ڏپو.

• **اُت:** ظرف. [سن. اَت = انداز، وقت، مڪان ڪان پري، نهايت، تمام گهٽو] گهٽو – جهجهو – بي انداز – بي انتها – بي شمار – بي نهايت – حد ڪان باهر "اَت اُڪنديِ آهيان، مَنَهن مارُوءِ جي" (شاهه). وڌيڪ – زياده.

• **اُتُ:** ذ. [سن. اَنْتَ] اَنتَ – انتها – پڇاڙي – ڇيهه – دنگ – حد "ٽيا غرق ٻيڙا هار ۾، اَتُ ناهه ڪو هت آب جو" (واصف). اندر جو حال – ڳجهه – راز "توڙيَ چڪَن چاڪ، تہ پهه اَتُ نہ ڏين عام ڪي" (شاهه).

• **اِت:** ظرف. [سن. ۱. اَتْر: ۲. اِه] اِتي – انهيءَ هنڌ – هن هنڌ "ماڻهو اِت ڪياءِ، منڊ نہ ڏسين منڊيو" (شاهه)

• **اُت:** ظرف. [سن. تَتْر] "اُتي" جو مخنف – اُتي – اُنهيءَ هنڌ – هُتي.

• **اَتابُ ج اَتابَ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + ف. تاب < تابيدن = چمڪڻ: سن. تاپَ = گرمي، چمڪو] بي تاب – بي حال – بي آرام – پريشان.

• **اَتابَڪ:** ذ. [ترڪي. اَتا = پيءُ + بَڪ = سردار. يعني وڏو يا مربّي پيءُ] شيراز جي حاڪمن جو لقب (جن جو پايو وجهندڙ سعد بن زنگي هو). سنيالينڊڙ – مربي – استاد. وڏو وزير. ڪنهن به اميرجو اعزازي لقب.

• **اَتابو ج اَتابا:** ذ. صفت. بنا تاب يا چمڪي جي. سُجو – ڪنگال. "ستابو" جو ضد. نرجو – بي ڏولو. اَڏنگو. نيج.

• **اَتارُ ج اَتارَ:** ذ. [سن. اَتارَ = ڪناري تي لهڻ، چوٽڪارو، بچاءُ، تقوّيت، واڌارو] اُها دوا جنهن سان ٻيءَ دوا جو اثر لاهجي "گيهه زهر جو اُتار آهي". اُتارو – مُصلح.

• **اُتارڻ:** مصدر. [سن. اُتارَڻَ = پار ڪرڻ، هيٺ لاهڻ، بچائڻ، مٽي چاڙهڻ، قوّت بخشڻ] لاهڻ، پار ڪرڻ. ڇُٽائڻ – بچائڻ. امداد ڪرڻ. وڌائڻ. ڪا عبارت نقل ڪرڻ. (اُتاريو – اُتاريندو – اُتاريل).

ـ **اُتارائي ج اُتارائِيُون:** ث. اُتارڻ جي مزوري.

ـ **اُتارائڻ:** مصدر "اُتارڻ" مان متعدي بالواسطه. لهرائڻ – هيٺ ڪرائڻ. پار ڪرائڻ – بچارائڻ. ڪو ڪتاب نقل ڪرائڻ.

ـ **اُتارو ج اُتارا:** ذ. اُتارُ. نقل.

Gul Hayat Institute

ـ **اُتارو ڏيڻ:** صدقو ڏيڻ ـ ردّ بلا ڪرڻ.
ـ **اُتاري چڙهي:** نقل ڪري چڙهي.
ـ **اُتارينڊڙ:** ذ. فاعل.نقل ڪندڙ ـ اُتارو ڪندڙ.
ـ **اُتارَن:** ان تارن کي (اهي جيڪي تري نه جاڻن)
• **اُتارو ج اُتارُو:** ذ. صفت. [اَ = نہ + تارُو < سن. تْري = ترڻ] اَڻ تارُو "اُتي اَتارُن، هادي ڏرين هٿڑا" (قاسم).
• **اُتارو ج اُتارا:** ذ. [سن. اُتْرِيْ = لَهڻ، منزل ڪرڻ] اوتارو ـ منزل. اوطاق. مڪان. دائرو.
• **اُتاڙ جڻ:** فعل مجهول. گهوڙي يا ڪنهن وهت جو ڪنهن سبب پاڻي نه پيئڻ. اُٿهڙجڻ.
• **اُتاڪُ ج اُتاڪ:** ذ. [سن. ١. اَكَتْيه = جنهن جي ڪتا يا ڳالهه ڪري نه سگهجي: ٢. آگاڏ = اونهو] جنهن جي ڳالهه نَ ڪري سگهجي ـ بي بيان. اٿاهه ـ بي پايان.
• **اُتاڪو ج اُتاڪا:** ذ. [سن. اَكَتْيه] ڪٽ نه ڪندڙ. تور تڪ نه ڪندڙ ـ تڪڙو ـ اُبهرو. اُچانڪ ـ اوچتو ـ ناگاه. [سن. اَتْرِكَ = بي منطق بحث ڪندڙ] بيهودي حجت ڪندڙ ـ لُچو. حيران ـ عاجز ـ پريشان.
• **اُتاڪو ج اُتاڪا (ل):** ذ. صفت. [اُتاڪو < اُتاڪو] بنا سوچ سمجهه جي ڪم ڪندڙ ـ تڪڙو ـ اُبهرو. بي پرواه.
• **اُتالا ئِي ج اُتالا يُون:** ث. [سن. اُتَالَ = ڏاڍو مضبوط. زبردست. ڏکيو. مشڪل. تڪڙو. تکو. عمدو. بهترين] تڪڙ ـ اُبهرائي ـ اُتاولائي ـ اُتامرائي "اُتالائي عيسو چوي، جتن سين نه جڳاءِ" (ميون عيسو).
• **اُتالو ج اُتالا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + تالَ = آواز. تان. سُر] بي تالو ـ بي سرو. اَڻگو. بيهودو ـ بدافعال.
• **اُتالو:** صفت. [سن. اُتَال] ڏاڍو ـ مضبوط ـ زبردست. اُتاولو. تڪڙو ـ تکو. ڏکيو ـ مشڪل.
• **اُتاليقُ ج اُتاليقَ:** ذ. [ترڪي] خانگي طور پڙهائيندڙ ـ گهَرُو معلّم. اُستاد. سَنياليندڙ.
ـ **اُتاليقي:** ث. خانگي تعليم.
• **اُتامرو ج اُتامرا:** ذ. صفت. [سن. اُتَال] تڪڙو ـ اُبهرو. گستاخ ـ شوخ ـ كَهَرُوَ. وڙهڻ يا مارڻ لاءِ تيار ـ ڪاوڙيل.
ـ **اُتامرائي ج اُتامرائيون:** ث. تڪڙ ـ اُبهرائي ـ جلدائي ـ تيزي.
• **اُتامرو ٿيڻ:** اُبهرو ٿيڻ تڪڙو ڪرڻ. ڪاوڙجڻ.
ـ **اُتامرو پوڻ:** شوخ پوڻ ـ کهرو ڳالهائڻ.

• **اِتانْ:** ظرف. [سن. اِتَهْ] هتان ـ اِتانهون. انهيءَ هنڌ.
ـ **اِتانهُون، اِتانهين:** ظرف. اِتان.
• **اُتانْ:** ظرف. [سن. تَتَهْ] اُنهيءَ جاءِ ڪان ـ اُنهيءَ هنڌان ـ اُتئون ـ اُتاهُون. متان.
ـ **اُتانهر:** ظرف. اُنهيءَ جاءِ تان ـ اُتاهين "اُچيو اتانهر گهڙي، جنانَ جيءِ وٺاءِ" (شاهه).
ـ **اُتانهُون، اُتانهين:** ظرف. اُتان.
• **اُتانئ:** ظرف. اُتانئن ـ هنن جي متان ـ متانئُن "انهيءَ پر اُتانَ، پُوندين مُنڌ پهاڙ ۾" (شاهه).
• **اُتانگُ:** صفت. اُتانگهه.
• **اُتانگهُ:** صفت. [سن. اَگاڏ] جو تانگهي نه سگهجي ـ اَڻ تانگهو. اٿاهُ ـ اُونهو ـ عميق "اَڄ ڪ سنجهه صباح، اُهريندين اُتانگهُ نڙين" (شاهه).
ـ **اُتانگهو ج اُتانگها:** ذ. صفت. اُتانگهه.
ـ **اُتانْهون ج اُتانها:** ظرف. [سن. اُتّر] متانهون ـ بلند ـ اُچو ـ اعليٰ.
• **اُتانْهين ج اُتانهيُون:** ث. [سن. اُچْتَوَم] اوچائي ـ متانهين ـ بلَندي.
• **اُتاوڙو ج اُتاوڙا:** ذ. صفت. [اُتاولو < اُتاوڙو] اُتاولو ـ اُبهرو ـ تڪڙو.
• **اُتاوَل:** ث. [سن. ١. اُتالتا: ٢. اُتْ = متي + تْوَرْ = تڪڙ ڪرڻ] اُتاولائي ـ اَجائي تڪڙ ـ اُتامرائي ـ اُبهرائي.
ـ **اُتاوَلائي:** ث. اجائي تڪڙ ـ اتامرائي ـ ابهرائي ـ جلد بازي. بي تابي. عُجلت. اُتالائي.
• **اُتاوَلو ج اُتاوَلا:** ذ. صفت. تڪڙو ـ اُتامرو ـ اُبهرو ـ جلد باز ـ بي صبر.
• **اُتاوَلِي ج اُتاوَلِيُون:** ث. اُتاولائي.
• **اُتاهُ:** صفت. اَتاهه ـ بيحد ـ گهٽو ـ جهجهو.
• **اُتاهَلُ:** ث. اُتاوَل ـ اَجائي تڪڙ ـ اُبهرائي.
• **اُتائُ:** مصدر. [سن. اُتْ (= متي) < اُتائُ] متي ڪٽڻ. اُجاڙ ڪرڻ ـ تنگ ڪرڻ ـ آزارڻ ـ پائي ڪٽڻ. (اُتائيو ـ اُتائيندو ـ اُتايل).
• **اُتائِي ج اُتائِي:** ذ. صفت. [هـ. اُتائي <سن. اَتَس = رمتو فقير < اَتْ = رُلڻ پنڻ جيئن ڏرمي فقير ڪندا آهن] ڏرمي رمتو فقير جو مفت ۾ ڳائي نچي ـ مفت ڳائڻو يا ناچو "جا جڪ

Gul Hayat Institute

جهونا ڳڙهه ۾ ڪو اَتائي آيو" (شاهه)

• **اَتباعُ:** ذ. [ع. تابع ج اَتباع] پيرو – پوئلڳ.

ـ **اِتباعُ:** ذ. [ع] پيروي.

ـ **اِتباع ڪرڻ:** پيري ڪرڻ – تابعداري ڪرڻ – پٺيان لڳڻ.

• **اَتبَت، اَتپَت (ڪ):** ث. اَٽبٽت.

• **اَتَت:** ث. [سن. اُدْ + تپ] تپت (جا تڪي اُس۽ هوا بند هجڻ ڪري ٿئي) ـ تابش – گرمي – ڪاڙهو. اُس. بي آرامي – مونجهه (ل).

• **اَتِتي:** ذ. صفت. [سن. اَتِتِ] مسافر – واٽهڙو. سيلاڻي. مهمان.

• **اَتْپات:** ذ. [سن] اُهج – شگون. اُپَسَوڻ. عجب اسرار – قدرتي علامت – ليلا.

• **اَتپَت، اَتپَتي:** ث. [سن. اُتْپَتّ] پيدائش – جَمُ – تخليق. رچنا – جهان جي جوڙ – مخلوقات.

• **اَتپَت:** ث. [سن. اُدْ + پَتْ] هُرڪر – آندَ ماندَ – اَن تڻ – انتظار – ڪُٿتي – مونجهه.

• **اَتپَنْ:** ذ. [سن. اُتْپَنّ < اُدْ = مٿي + پَدْ = وجڻ = پيدا ٿيڻ، جمڻ] پيدايش. حاصلات. فائدو.

ـ **اَتپن ٿيڻ:** پيدا ٿيڻ – جنم وٺڻ.

• **اِتّحادُ:** ذ. [ع. اِتّحدَ = هو هڪ ٿيو] ايڪو – اِتّفاق – ٻڌي – ايڪتا – ميلاپ – يگانيت.

ـ **اِتّحادي:** ذ. صفت. اِتحاد وارو. ٻڌي ڪندڙ ڏر.

• **اَتَخرّج ج اَتَخرّجَ:** ذ. [سن. اُدْ = مٿي + ف. خرج] مٿيون خرچ – بالائي خرچ – ريزڪي خرچ.

• **اِتر:** ث. [هـ. اِترانا] ٽيڙگر – تانءِ ـ سيٽ.

• **اَتَرُ:** ذ. [سن. اَتَر = مٿانهون < اَترا = اَتر] اُيرندي سجّ ڏي منهن ڪرڻ سان ڪاهي هٿ وارو طرف –شمال. اُتر جو واءُ "اُتر ڏاهي اَن جا، تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن" (شاهه).

ـ **اُتراڌي ج اُتراڌِي:** ذ. صفت. اُتر جو. اُتر طرف جو رهاڪو. سنڌ جي اُترئين پاڳي جوويندل.

ـ **اُتر قُطبُ:** ذ. ڌرتيءَ جي محور جو اُتر وارو خيالي نقطو يامرڪز. "ڏکڻ قطب" جو ضد. اُتر وارو قطب تارو ـ دُرو – دُرو.

ـ **اُترلڳڻ:** اُتر جو واءُ لڳڻ "سَر نسريا پاند، اُترلڳا، آءِ پرين" (شاهه).

ـ **اُتَريو ج اُتريا:** ذ. اُتر جو – اُتر وارو.

ـ **اُتَرُ ج اُترَ:** ذ. [سن. اُتَرمْ = جواب، واڌ] جواب. عوض – بدلو – متا سَتا. متاسٽا ۾ ڏنل واڌو رقم.

ـ **اُترڏِيڻ:** جواب ڏيڻ – ورندي ڏيڻ. (سودي يا متاسٽا ۾) واڌو رقم يا ٻي شيءِ ڏيڻ.

• **اُتْراڪُ:** ذ. [ع. تُرڪُ ج اَتْراڪ] تُرڪ، تُرڪ قوم.

• **اُتَراڻُ، اُتَرائِنُ:** ذ. [سن. اُتَرايَنَ] سج جو اُتر طرف وڌي خط استوا کان دور ترين حد "راس السرطان" تي پهچڻ (يعني ٢١ جون جڏهن ڏينهن وڏي ۾ وڏو ۽ رات ننڍي ۾ ننڍي ٿيندي آهي) – ڪَرڪَ سَنْڪْرات – منقلب صيفي. (سنڌ ۾ هندو غلطيءَ کان اُتراڻ کي سياري ۾ ٢١ ڊسمبر تي ليکيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ "اُتراڻ اُتريو. اڌ سيارو ڪتريو". انهيءَ ڏينهن کي وڏو ڏينهن ڪري ليکيندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن تي تروغيره کائيندا آهن). "ڏکڻائن" جو ضد.

• **اُتْراڻِي:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو. هڪ ذات جو نالو (سکر ضلعي ۾).

• **اُتَراوَنُ:** ذ. [هـ] اُهو هنڌ جتي مڇيون اڇي ڪنيون ٽين.

• **اِتْرائِنُ:** مصدر. [هـ. اِترانا] ٽيڙگر ڪرڻ – سيٽ ڪرڻ.

• **اِترائي:** ث. ٽيڙگر – سيٽ.

• **اِتَربتَر:** صفت. [هـ. تتر بتر] چڙو چڙ – پراگنده ـ منتشر – ڊانوادول.

• **اُتْرپَتْ:** صفت. [سن. اَتْرپْتَ < اَ = نہ + تْرپْ = ناراض ٿيڻ] ناراض – رنج. بي ڏِئو. خواهان.

• **اُتْردو، اُتْردو ج اُتْردا، اُتْردَا:** صفت. ظرف. مٿيون – مٿان – مٿان ئي مٿان. وڌيڪ. انٽلندو. حساب کان سواءِ ـ علي الحساب – سرسري – مٿاڇرو. دلچسپيءَ کان سواءِ.

• **اُتَرساوڙي:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُتْرندو ج اُتْرندا:** صفت. اُتْردو.

• **اُتَرڻُ:** مصدر. [سن. اُتَرڻَ = لهڻ، ڪنهن دڪ، مصيبت يا بدبختيءَ مان نڪري پار پوڻ، ندي وغيره پار پوڻ] لهڻ – هيٺ اچڻ. (دل تان) لهي وڃڻ – وسرڻ. (اُتريو – اُترندو – اُتريل).

• **اُتْري:** ذ. [سن. اَتْري، اَتري] ڳڙڪائيندڙ راکاسُ. هڪ وڏي رشيءَ جو نالو (جنهنَ ويدن جا ڪيترا گيت ٺاهيا). دُبّ اڪبر جي ستن تارن مان هڪ تاري جو نالو.

• **اِتري قَلْ:** ذ. [سن. تْرقَلا: ع. اِطْريفَل] تن قلن (آنورن، ٻهيڑن ۽هريڙن) مان ٺهيل قَڪي (هاضَمي ۽ بادي۽ لاءِ) – تِڪلو.

• **اَتَرُ:** ذ.صفت. اَوَتَرُ.

• **اَتَرو ج اَتَرا:** ذ.صفت. [سن. اَ = نہ + تَتّ = تَرُ = بي تڙ] جنهن

Gul Hayat Institute

جو تَرَئي نہ هجي — بي تَرَو جنهن جو ڪناروئي نہ هجي — بي ڪنار — اَجهاڳ (درياءَ، ڍورو وغيره). جنهنجو سُولو تر يا گهيرَ نہ هجي — اَوتر — ڊُنڊر — ڪُتر.

• **اُترو ج اُترا:** ذ.صفت. تڪڙو — اُڀرو — جلدباز. (ث) اُترَي ج اُترَيُون.

• **اُترَي:** صفت. [سن. اَتَلَ < اَ = نہ + تَلَ = ترو] اونهون — عميق — اُترو. اَتاهُ — اَجهاڳ بيئل پاڻي (جو هارهوئي بيئو هجي).

• **اُتَس:** ث. [سن. اُتْ — تاپه] اُتت — گرمي. گرميءَ جو بخار.

• **اُتساهُ ج اُتساهہ:** ذ. [سن. اُتساهَ < اِدْ = مٿي + سَهْ = سهڻ] قوّت ارادي — عزم. دليري. ڪوشش — لاڳيتي محنت — اورچائي. سرجوشي — سرگرمي. اُمنگ. چاهه — جزبو — شوق. جوش. ثابت قدمي — تحمل. خوشي.

ـ **اُتساهي ج اُتساهي:** ذ.صفت. محنتي — اورچ. سرگرم. شوق. محنت ۽جوش سان ڪم ڪندڙ.

• **اُتسَبُ:** ذ. اُتسَئُ.

• **اُتسَئُ:** ذ. [سن. اُتْسَوَ < اُوْ = مٿي + سُو < شو = پيدا ڪرڻ، جڏڻ] وڏو ڪم. شروعات. ميلو — جلسو — شادمانو — عيد — خوشي. ڏڻُ. بي صبري — غصو. گستاخي. خواهش — آرزو. خواهش جو جاڳڻ. ڪتاب جو پاڳو.

• **اِتّصافُ:** ذ. [ع. وَصف < اِتّصاف = وصف رکڻ] وصف — ساراه.

• **اِتّصالُ:** ذ. [ع. وَصَلَ < اِتّصال = ڳنڍڻ] ڳنڍ — ڳانڊاپو. ميل — ميلاپ — سنگم — ڳنڍجي وڃڻ جي حالت. نجوم جي اصطلاح ۾ ستارن جو برجن ۾ درجن جي حساب سان پاڻ ۾ يا هڪ بئي جي سامهون ٽيڙ.

• **اِتّفاقُ:** ذ. [ع. وَفَق < اِتّفاق] هڪ ٿي وڃڻ جي حالت — ايڪتا — ٻڌي — ميلاپ — ايڪو — صلح. صلاح. اوچتو واقعو — حادثو. سانگو — سبب.

ـ **اِتّفاقات:** ذ.جمع "اتّفاق" جو. اتّفاق — موقعا — سانگا.

ـ **اِتّفاقاً:** ظرف. اِتّفاق سان — اِتّفاقي. اوچتو — اچانڪ — ڪنهن قضاني — ناگهان.

ـ **اتّفاق راءِ:** ذ. سڀني راين جو ميلاپ — يڪراءِ ـ هڪ صلاح.

ـ **اتّفاق ڪرڻ:** ٻڌي ڪرڻ — يڪ صلاح ٽيڙ.

ـ **اتّفاق وڏائڻ:** محبت ۾ ميلاپ وڏائڻ.

ـ **اِتّفاقي، اِتّفاقيه:** ظرف.اِتّفاقاً.

ـ **اِتّقاءُ:** ذ. [ع. وَقَي < اِتّقَي] بچاءُ. پرهيزگاري.

ـ **اُتّقيا:** ذ. صفت. [ع. تَقِيّ ج اَتقياءُ] پرهيزگار — نيڪ ماڻهو.

• **اُتڪائي ج اُتڪايُون:** ث. [سن. اَتْڪَ] سفر — مسافري. رولڙو.

• **اُتڪو ج اُتڪا:** ذ.صفت.[سن. اَتْڪَس] اُتاڪو — مسافر. رولو.

• **اُتَلُ:** ذ. صفت. [سن. اَتَلَ < اَ = نہ + تَلَ = ترو] بي تَرو — نهايت اونهون. زمين هيٺان هڪ دوزخ جو نالو.

• **اُتَلُ:** صفت. [سن. اَتُلْيَہ < اَ = نہ + تُلْيَہ = برابر < تُلْ = تورڻ] جنهن جو ڪو تُل يا مٽ نہ هجي — اَمٽ — لاثاني — بي مثل. جو تُري نہ سگهي — اَتورُ.

• **اُتَلُ:** مصدر "اُتَڻُ" جو مفعول. چيل — آکيل — ڳالهايل.

• **اُتَمُ:** صفت. [ع] تمام پورو — بالڪل ڪاميل — مُڪمّل.

• **اُتَمُ ج اُتَمَ:** صفت. [سن. اُتْمَ] سڀ کان مٿي — تمام اُتانهون — اعليٰ ۾ اعليٰ. اوچو — عمدو. وڏي درجي وارو. قيمتي — نفيس.

ـ **اُتَمتا ج اُتَمتائون:** ث. مٺانهين — بلندي. وڏائي — اوچائي.

• **اِتْمامُ:** ذ. [ع. تَمَّ < اِتْمامُ = تمام ڪرڻ، پورو ڪرڻ] تڪميل — پورائي. پُڄاڻي.

ـ **اِتْمامي:** ث. تماميّت — پُورائي — تڪميل.

• **اُتمٹيَ:** ذ. ٻيڙيءَ جو اُبتو سڙهه. "سُتمٹي" جو ضد.

• **اُتَنُتُ:** صفت. [سن. اَتِيَنْتَ] بي حد — بي انتها. تمام گهٽو.

• **اُتَنگ:** صفت.[سن.اَتْنگ] مٺانهون — اُوچو — ڏگهو. چڙهيل(ندي).

• **اُتَنگهُ:** ذ. [سن. اَتَنْكَ < اَ = وبجهو. ڏانهن. سڀني پاسن کان + تَگُّكَ = غم. دُک يا غريبيءَ ۾ گذارڻ] تڪليف. دل جو دک — بي آرامي. خوف — ڊپ. مرض — بيماري (جسماني). تپ.

ـ **اُتنگهي ۽ ڦاسڻ:** تڪليف هيٺ اچڻ. مصيبت ۾ پوڻ.

• **اُتَڻُ:** مصدر. [سن. ۱. اُداهْرڻ = چوڻ، بيان ڪرڻ؛ ۲. اُكْتَ = اُتل، چيل] چوڻ — آکڻ — ڪَهڻ (۱) "آري اُتن جيئن، اُونءَ تان اونين نہ ڪيو"، (۲) "آخر والعصر جو، ايهين اُتائُون" (شاهه). (اُتو — اُتل).

• **اُتو ج اُتا:** ذ. [سن. اُتارَ اُتري ـ اوڪارو ڏيڻ] اوڪارو — اُبتو — اُبڙاڪ — اُٽو.

• **اِتو (ث):** صفت. ايترو — هن جيترو.

• **اُتو (ث):** صفت. اوترو — اُن جيترو.

• **اُتو:** مصدر "اُتڻ" مان ماضي مطلق. چيو — ڪهيو "وحده لاشريك لَہُ، جن اُتوسين ايمان" (شاهه).

• **اُتَرُ:** ذ. [هـ] ڪپڙي جو تهہ.

Gul Hayat Institute

ـ **اُتوکرڙ:** ڪپڙو تهڻ.

• **اِتوارُ:** ذ. [سن. آدتْيوار] آرتوار ـ آچر.

• **اُتوڙُ(ل):** ٿ. پريشاني ـ گهبراهٽ.

• **اُتوڙڻ:** ٿ. مائٽيءَ ۾ مخالفت.

• **اُتوتو ج اُتوتا (ل):** ذ.صفت. اُهو مائٽ جو ٻئي مائٽ سان برادريءَ ۾ مخالفت ڪري ـ اُتيتي (ت).

• **اُتوتي ج اُتوتي:** صفت. [سن. اُتْ = مٿان + آيَتَ = آيل] هڪ ٻئي مٿان ڇاول (ٻار) ـ هڪ ٻئي جي پٺ جا ڇاول (ٻار). مَسَهُو ـ حاسد ـ رقيب، اُتيتي.

• **اُتورُ ج اُتورَ:** صفت. [سن. اَتَلْيَه (اَ = نہ + تُلْيَه = برابر > تُلْ = تورڻ) اَڻ مٽ، جيڪو توري نہ سگهجي] بي مثل ـ لاثاني "لوڪ سُجاتو ڪين ڪي، جو آرياڻي اُتورُ" (شاهه). بي حد ـ بي حساب ـ اَڻ ميو. گهٽو "ڏيئي آڳ اُتور، سپ نہ ڪانڌي سسئي" (شاهه).

• **اُتولُ:** ذ. صفت. اُتورُ.

• **اِتهاسُ ج اِتهاس:** ذ. [سن. اِتهاس] قصو ـ آکاڻي. روايت. تاريخ. اڳين واقعن جو روايتي احوال. پُراڻي ڳالهه. قديم سُورمن جون ڪهاڻيون (جيئن مهاپارت يا رامائڻ).

• **اِتهامُ:** ذ. [ع] تهمت ـ الزام.

• **اِتهينْ:** ظرف. اِنهيءَ هنڌ ـ اِتي. اِنهيءَ هنڌ ڪان ـ اِتان.

• **اِتّوُنْ:** ظرف. اِتان.

• **اَتّوُنْ:** ظرف. اُتان.

• **اُتي:** صفت. [سن. اَت] اَت ـ گهٽو ـ جهجهو ـ نهايت ـ زياده.

• **اُتي:** ظرف. [سن. تَتْرَ] هُتي ـ اُنهيءَ هنڌ ـ هُن هنڌ "پريت اُتي پرسن، سامي ٽيندءِ سُپرين" (سامي). (حرف جر) مٿان ـ مٿي تي.

ـ **اُتي جو:** صفت. انهيءَ هنڌ جو ـ اُنهيءَ ملڪ جو "اُتي جو اِت ڪنهين، ڏنو ڪو نہ جواب" (شاهه)

ـ **اُتي جو اُتي:** ظرف. انهيءَ هنڌ ـ تڏي تي. انهيءَ وقت ـ يڪدم ـ اُمالڪ.

• **اُتياچارُ:** ذ. [سن. اَت = پري + آچارَ = انصاف] بي انصافي ـ ظلم ـ انڌير ـ ڪُنيائ ـ ناحق ـ وَيلُ. پاپ ـ هَڇا. بي قياسي ـ بي رحمي.

ـ **اُتياچاري:** ذ. صفت. ظلمي ـ ظالم ـ پاپي. ڪنور ـ سنگدل ـ ڪُڪرمي ـ ويل وهائيندڙ.

• **اُتياري ج اُتياري:** ذ. صفت. [اَت،اُتان (= مٿان) > اُتياري = جو مٿان نظر ڪريَ، جو ڪنهن جي مٿان هجي] چاري ـ جاسُوس.

• **اَتيتُ ج اَتيتَ:** ذ. صفت. [سن. اَتيتَ = گذريل، تياڳيل] جنهن دنيا ڪي تياڳيو هجي ـ تياڳي ـ ويراڳي ـ تارڪ "سي اَتيتَ چئجن جن سَرب آتيت سَهي ڪيو" (سامي). سَجو ـ پينگيو ـ ڪنگال. ڪنجوس ـ مکي چُوس،هندو رمتو فقيَر ـ ياترائي. ساڌو. جوڳي. نيارو ـ الڳ. [سن. اَتِتْ] مهمان. مهماني‌ءَ جو لائق مسافر.

• **اَتيتُ ڪالُ:** ذ. گذريل زمانو ـ زمان ماضي.

• **اَتيتو اُتيتي:** صفت. هڪ ٻئي مٿان ڇاول ٻار. جي اڪثر پاڻ ۾ نہ ٺهندا آهن. رقيب ـ اُتوتو ـ اُتوتي.

• **اُتيجَت:** صفت. [سن. اُتيجتَ] اُپارَيل ـ چُرج ڏنل ـ هُشڪاريل. تکو ڪيل. صافَ ٽيل ـ اُجاريل.

• **اُتيجڪَ:** صفت. [سن. اُتيجڪَ] اُپاريل ـ چُرج ڏنل ـ هُشڪاريل. تکو ڪيل،صافَ ٽيل ـ اُجاريل.

• **اُتيجڪَ:** صفت. [سن. اُتّيجَڪَ] چُرج ڏيندڙ ـ هُشڪاريندڙ. اُپارَيندڙ ـ اُتساه وڌائيندڙ.

• **اُتيرَ:** ظرف. [سن. اُتْدَرَ] هن ڪانپوءِ.

• **اُتيرا:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ قوم جو نالو.

• **اَتيرو ج اَتيرا:** ذ. صفت. [سن. اَدْدَتَ] مغرور ـ هٺيلو ـ آڪڙ باز ـ وڏائي خور.

• **اَتيسارُ:** ذ. [سن. اَتِسار ـ اَتيسارَ: اَت = گهٽو + سْرْ = وَهڻ] بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ دَست گهڻا ٿين). تيڪ. سُوري ـ ٻاهي.

• **اَتيرُ ج اَتيرَ:** ذ. صفت. يتيم ـ بي پهچ ـ مسڪين.

• **اَتيوَ:** صفت. [سن] تمام گهٽو ـ بي حد.

• **اِتيهاسُ:** ذ. اِتهاسُ.

• **اَتيونْ:** ظرف. مٿيون. ايندڙ (مهينو يا سال).

• **اُتيهنْ:** مصدر. [سن. اُتْ + تَنْ = تَهَرَ] تَهَرَ (اَنّ جا) لاهڻ. اَنّ جَڙڻُ.

• **اَتَ:** "آهي" جي معنيٰ ۾ متصل ضمير جي آڏو استعمال ٿيندڙ اڳياڙي "اَتَم (=مونوٽ آهي)، اَتئُون (= اسان وٽ آهي)". ڪا شيءِ ڪنهن وٽ هڻڻ جي تصديق. ڪنهن کي ڏڪ لڳڻ جي تصديق خاطر ندا "اَتَس!".

ـ **اَتس:** هن وٽ آهي يا آهن.

ـ **اَتَر:** "آهي" يا "آهن" جي معنيٰ ۾ "ڪيو اَتر يا ڪياَتر". مون وٽ آهي "رپيو اَتر". مون وٽ آهن "روپيا اَتر". مون

Gul Hayat Institute

کي آهي "سُور اتم". مون کي آهن "ياد اَتم".

ـ **اَتَن:** هنن وٽ آهي، آهن.

ـ **اَتَوَ:** اوهان وٽ آهي يا آهن. اوهان کي آهي يا آهن.

ـ **اَتَسُون:** اسان وٽ آهي يا آهن.

ـ **اَتَئي، اَتيئي:** تو وٽ آهي يا آهن. توکي آهي يا آهن. ڏک لڳڻ جي تصديق خاطر ندا "اَتئي! (= تصديق سان توکي ڏک لڳو آهي)."

• **اَتَ:** ظرف. [سن. اَتْر] اَت ـ اُتي ـ اُن هنڌ.

• **اَتُ:** ث. [سن. اُتْتا = اَتُ] اَتڻ جي حالت — نند مان چرڪ پري اٿڻ جي حالت — اُٿڻ — اوٺارو.

ـ **اَتُ ويهڙ:** ث. اَٿڻ ۽ ويهڻ جي حالت — اُٿڻ وهڻي — اُٿڻ ويهڻ — نشست برخواست. (هار کي) اُٿڻ ۽ ويهڻ جي (ڪئي پيرا) ڏنل سزا.

ـ **اَتُ ويهڙ ڪرائڻ:** اَٿارڻ ويهارڻ — سزا ڏيڻ.

ـ **اَتُ ويهڙ ڪرڻ:** ورزش ڪرڻ.

• **اَتارَ ج اَتارُون:** ث. ٽيون هَڙ يا ٽيلهه (پهريون پيرو هر کي ڪيڙ ۽ ٻيو پيرو هر جي ٻيلهه يا ٻيو هَڙ چئبو آهي).

• **اَتارمار:** ث. ظلم — ڏاڍ — جفا. قُرلٽ.

ـ **اَتارمار ڪرڻ:** ظلم ڪرڻ. قُرلٽ ڪرڻ.

• **اَتارڻ:** مصدر. [سن. اُتْ — سْتا = اَتارڻ] بيهارڻ. ڪڙو ڪرڻ — اُيو ڪرڻ — مٽي ڪرڻ. اُياريڻ (دل يا جذبات). سجاڳ ڪرڻ (نند مان) — جاڳائڻ. چڏائڻ (سڪول). لڏائڻ. ٽِڪائڻ (آلت). پرٽائڻ (نياڻي). (اَتاريو — اَتارينڊو — اَتاريل).

• **اَتارو اُتارُو:** ذ. خراب يا خوفناڪ خواب (جو نند مان چرڪ پرائي اَتاري) ـ اوٺارو — ڊيجڙو — ڪابوسُ (ع).

• **اَتاڪُ ج اَتاڪ:** ذ. صفت. [هـ. اَتاهُ؛ سن. اَسْتاگهَ] تمام گهٽو. بنا ٽاڪ جي — رولو.

• **اَتاگ (ث):** صفت. [هـ. اَتاهُ؛ سَنْ اَگاڏَ] گهٽو.

• **اَتامارَ ج اَتامارُون (ل):** ث. [سن. اَسَاوَدان] ترڪ تال — لهو ٽهو.

ـ **اَتامارَ تي ڪر ڪرڻ:** لهي ٽهي يا ترڪ تال تي ڪر ڪيڻ.

ـ **اَتامارَ تي هَلڻ:** پَٽ سَٽ تي هلڻ. بيَ دليو ٿي ڪر ڪرڻ.

• **اَتانْ:** ث. [سن. اُتْثانَ] قيامت — رستاخيز. اُٿڻ. ڪوشش — مردانو سعيو. جنگ. خوشي.

• **اَتانو (ث):** ذ. اَتاٿو — آچار — سانڌاٿو.

• **اَتاڻِي ج اَتاڻِيُون:** ث. (صبح جو) اُٿڻ جي مهل — فجر.

• **اَتاهُ ج اَتاهَ:** ذ. صفت. [سن. ١. اَگاڏَ؛ ٢. اَسْتاگهَ] جنهن جي تري جو پتو نه لڳائي سگهجي — تمام وڏو — اونهون — عميق. وسيع — بي انت — بي حد.

• **اَتِتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سْتِت = مُحڪم] غير محڪم — تزندڙ. بي ثبات — فاني. [اَ = نه + تِت > تِتَ = مقرر وقت] بنا تت جي — غير مقرر.

• **اَتِر ج اَتِرُ:** ذ.صفت. [سن. اَسْتِر = (اَنه + سْتِرَ(نهريل. محڪم] غير مستقل. بي بقا — بي ثبات — بي قرار — هلڙو. چنچل — ٻه دليو — گهٽ متيو.

• **اَتَرپَتَر:** ظرف. هَٽڙ پٽڙ — بنا هٽن وجهڻ جي.

• **اَتَروِيد:** اسم خاص. [سن. اَتَرْوِيدَ] هندن جي چئن ويدن مان پوئين وِيد جو نالو.

• **اَتَرَ ج اَتَرُون:** ث. [سن. اَتِپَتْ = مٽي ٽيڻ] ٽيڙ — تِپ — اَچلَ. بيماريءَ جي اَٽل يا موتَ. گهٽو موت.

• **اَتَرَپَتَرَ:** ظرف. کليل هٽين — بنا ٻکن وجهڻ جي — هاڙ ٻاڙ.

ـ **اَتَرپٽَرَ گالهائڻ:** بي ڍپو ٿي ڳالهائڻ. لڄ لاهي بي حجاب ٿي گفتگو ڪرڻ.

• **اَتَرجَڻُ:** مصدر "اَتَرڻ" مان فعل مجهول. ٽيڙ کائي پري ٽيڻ. اُڪڙجڻ. ٽاٻڙجڻ.

• **اَتَرڻُ:** مصدر. [سن. اَتِپَتْ = مٽي ٽيڻ] ٽيڙ کائڻ — تڙي وڃڻ — جاءِ تان تڙڻ. اُڇل کائڻ. اُڪڙڻ (ڪانيءَ تان چوڏي جو. نڙيءَ مان ڪانگهاري جو). ٽاٻڙجڻ. بيماريءَ جو موٽڻ — اَٽل کائڻ. موقوف ٽيڻ — تڏجڻ. (بيماريءَ سبب) گهٽا موت ٽيڻ. (اَتَريو — اَتَرندو — اَتَريل).

• **اَتَڪُ ج اَتَڪ:** ذ. صفت. [اَ + تَڪُ] اَڻ تَڪُ — نه ٽڪندڙ. اَورج.

• **اَتڪائي:** ث. نه ٽڪجڻ واري حالت — اورجائي.

• **اَتَڪَ ج اَتَڪُون:** ث. اَٽ — اَٽي — اَٽڻ جو نمونو. "ويهڪ" جو ضد.

ـ **اَتَڪ بيڪ:** ث. اَٽ ويهه — هڪ قسم جي ورزش.

ـ **اَتَڪ ويهڪ:** ث. اَٽڪ بيڪ — اَٽ ويهه.

• **اِتڪَڙ (ث):** ظرف. هتي.

• **اَتَلُ ج اَتَلْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سْتَلْ = بيهڻ] بي قرار — غير محڪم — لچڪدو — هلڙو قِلڙو.

• **اَتَل:** اسم خاص. لس ٻيلي ۾ هَڪ ڳوٺ ۽ تعلقي جو نالو.

• **اَتَلَ ج اَتَلُون:** ث. [سن. اَپْلاوَ > اَپْلَ = اَتلڻ] ٻاٽيءَ جي ليتَ — ٻوڏ — سيلابُ. پالوٽ — پَلٽ. وڏيءَ بيماريءَ سببان گهٽو موت. موتَ. دل جو امنگ يا جوش "گهڙان گهوريو جندڙو اَتل مون اوپار" (شاهه). هڪ ٻئي سان ڪيڪار. گهري لڙهه.

Gul Hayat Institute

ـ **اُتل پتل ج اُتلون پتلون:** ث. هيٺ مٿي ٽيڙ جي حالت ـ ليٽ پيٽ ـ لوٽ پوٽ ـ اُلٽ پُلٽ. بي آرامي. مٿا ستا. انقلاب ـ قيرو. بي انتظامي ـ گڙبڙ رولو.

ـ **اُتل ڪرڻ:** درياءَ جو ڪنارن تان اڇلي هوڏ ڪرڻ.

ـ **اُتل ڪائڻ:** پوئتي موٽ ڪائڻ.

ـ **اُتل گهُرڻ:** اُتل گهرڻ ـ فائدي جي گهُر ڪرڻ. حتي رقم ڪان وڌيڪ پيسن جي گهُر ڪرڻ.

• **اُتلاڻ ج اُتلاڻيون:** ث. [سن. سْتُول = تلهو ٽيڙ] تولهه ـ ماڃ. مال (ڍڳيءَ، مينهن وغيره) جي تلهي متاري ٽيڙ واري حالت. اُها ڍڳيءَ يا مينهن جي بيماري جنهن ۾ تولهه جي ڪري وري وري پيئي قَرحي پر ڏُکي نه ٿئي.

• **اُتلائو ج اُتلائا:** ذ. ردّ پڃائڻ جو اوزار (جنهن سان تئي تي تريل شيءِ کي اُتلائجي). وراڻي ـ تڻٽي. ڪريو ـ ڪريي.

• **اُتلائي ج اُتلائيون:** ث. اُتلائڻ جي حالت. اُتل. نئين سر شروعات. ڪتاب جو دَور ـ وراڻي ـ گهمرو ـ پيرو. هيو دفعو ڏنل اوتي يا بخيو. اختلاف ـ رد ـ خلاف بياني.

• **اُتلاءِ:** ذ. نئين سر شروعات ـ دور ـ تڪرار.

• **اُتلائڻ:** مصدر. هيٺيون پاسو مٿي يا مٿيون پاسو هيٺ ڪرڻ. اُبتو سبتو ڪرڻ. اونڌو ڪرڻ. ليٽائڻ. وراڻڻ (گارو، مٽي وغيره). زمين کي ولڻ. نئين سرشروعات ڪرڻ (ڳالهه جي). ڪتاب جو دور ڪرڻ. وري چوڻ (ڳالهه). ڳالهه جي پُتلي ڪڍڻ. وري هلائڻ (متدمو). ورندو جواب ڏيڻ. (اُتلايو ـ اُتلائيندو ـ اُتلايل).

ـ **اُتلائڻُ پُتلائڻ:** اتل پتل ڪرڻ ـ هيٺ مٿي ڪرڻ. قيرائڻ گهيرائڻ ـ ابتو سبتو ڪرڻ. چگيءَ طرح جاچي ڏسڻ. چگيءَ طرح استعمال ۾ آڻڻ (ڪا شيءِ).

• **اُتلجَڻُ:** مصدر. "اُتلڻ" مان فعل مجهول. اُتلي پوڻ ـ ليٽي پوڻ. بيماريءَ جو وري نئين سر غلبو ٽيڙ. اُتل ڪائڻ. ماندو ٽيڙ ـ عاشق ٽيڙ "آڻ ڏني اُتليا پون، سي ماڻهو ٽيا مستان".

• **اُتلڻُ:** مصدر. [پرا. اُتّلن: هـ. اُتّلنا] مٿيون پاسو هيٺ يا هيٺيون پاسو مٿي ٽيڙ ـ هيٺ مٿي ٽيڙ ـ اُلٽ پُلٽ ٽيڙ. اُبتو ٽيڙ ـ اونڌو ٽيڙ. ڪنارن جون حدون ٽپڻ (پاڻي، درياءَ وغيره) ـ هوڏ ڪرڻ ـ اُتلي پوڻ ـ اُتل ڪائڻ ـ سيلاب ڪرڻ. ليٽڻ (ٽاڻ جو). ليٽ ڪرڻ ـ هڪ پاسي ڪرڻ ـ ڍهڻ. موٽڻ (بيماريءَ جو). وري اڇڻ (ماڻهوءَ جو) ـ موٽي اڇڻ. گهُمرو ڪائڻ. پوئتي قرڻ. نئين سر شروعات ٽيڙ (ڪنهن ڪم جي يا مقدمي جي). ڍڳي، مينهن وغيره مادي چوپائيءَ جو لڳ نه جهلڻ. ٽُلهو ٽيڙ (بدن ۾). (اُتليو ـ اُتلندو ـ اُتليل).

ـ **اُتلي پوڻ:** اُتل ڪرڻ ـ هوڏ ڪرڻ. ليٽي پوڻ. اونڌو ٽيڙ. (بيماريءَ جو) وري ٽي پوڻ. نئين سر ٽيڙ. ڪلي پوڻ (قَت قَرڙيءَ جو). ڳالهين جي بَهُور ۾ پوڻ. ڪچو قرچندڻ.

ـ **اُتليل پُتليل:** صفت. هيٺ مٿي ٽيل (شيون). اُٿيل ويٺل (زماني ۾) ـ آزمودگار ـ تجربه ڪار. گهڻ پيڻل. استعمال ۾ آيل.

• **اُتلِو ج اُتلا(ل):** ذ. وَر ـ گهمرو ـ آنتو. موڙ.

• **اُتَڻَ ج اُتڻون:** ث. حاصلات ـ فائدو ـ نفعو.

• **اُتَڻُ:** ذ. هَتَڻُ ـ اِملاڪ ـ مڈي مال. ڪم ڪار ـ ضرورت ـ حاجت.

ـ **اُتَڻِ اُڇڻ:** ڪارج ۾ اڇڻ. فائديمند ٽيڻ. ڏکئي وقت ۾ ڪم اڇڻ.

• **اُتَڻُ:** مصدر. [سن. اُتْتا (= اُتْ = مٿي + سْتا = ويهڻ): پرا. اُتّاڻ] ڪڙو ٽيڻ ـ اُيو ٽيڻ. جاڳڻ ـ سُجاڳ ٽيڻ (نند مان). سُجڻ (اکيون) ـ اُهرڻ. ٽهڪڻ ـ جوش ڪائڻ (پاڻي). برخاست ڪرڻ (ڪچهري، ڪورٽ "ڪورٽ جي اٺڻ تائين سزا"). ظاهر ٽيڻ (ڇڻ). باعث ٽيڻ. اُپرَڻُ ـ اُڀرڪَڻُ. رڻ ۾ ڪنهن شيءِ جي وَڏي ڏيڪاري ڏيڻ. مٿي چڙهڻ ـ ترقي ڪرڻ. نڪِرَڻُ (آلت). (اُٿيو ـ اُٺندو ـ اُٿيل).

• **اُتڻ ويهڻ:** صحبت جا آداب پرائڻ. اُٺ ويهه ڪرڻ. اڇڻ وڃڻ (برادريءَ ۾). (ذ) اُٺ ويهه ـ نشست برخاست. نشست برخاست جو نمونو.

ـ **اُتڻ ويهڻ جي جاءِ:** ث. جاءِ ضرور ـ ڪاڪوس.

ـ **اُتڻ ويهڻ جي واتَ هئڻ:** اڃ وڃ جو رستو هئڻ ـ پير پنڌ جو رستو هئڻ ـ مرڻي پرڻي يا شاديءَ غميءَ جو پير پنڌ هئڻ.

ـ **اُتڻ ويهڻ نه اُڇڻ:** نشت برخاست جا آداب نه هئڻ. پائيچاريءَ جي معاملن ۾ بلڪل اڻ ڄاڻ هئڻ.

ـ **اُتِي ج اُتيُون:** ث. اُتڻ واري حالت ـ اُتَپ. اُتڻ جو نمونو ـ "ويهڻ" جو ضد.

ـ **اُتِي وَڃڻ:** هليو وڃڻ. برخاست ڪرڻ. ختم ٽيڻ (محفل يا ڪچهري). ڇڏي وڃڻ (سڪول يا جاءِ) ـ نڪري وڃڻ. لڏي وڃڻ. مري وڃڻ ـ گذاري وڃڻ "آديسي اُتي ويا، مڙهيون مون مارين" (شاهه).

Gul Hayat Institute

• **اُٹيو ويلو:** ذ. صفت. گهميو ڦريو. تجربه كار. جهان ديدو.
ـ **اُٹئي ويلي:** ظرف. اُتندي ويهندي "اُٹيي ويلي آرام نه آوي، هيو نه كريان كوئي كام" (رمضان واڍو).
ـ **اُٹِي ويلي:** ث. ٽورو گهٽو كم – معمولي كم. اندر باهر جي اڇ وڇ. خدمت – ٽهل ٽكور.
ـ **اُٹِي ويلي كرڻ:** ٽورو گهٽو كم كار كرڻ. ٽهل كرڻ. خدمت چاكري كرڻ.
• **اُٹو:** ذ. كپڑو ٽكيندڙ جيت يا سُرو – ڇٽو – ڏُٽو – هُوٽو.
• **اُٹوڙ ڄ اُٹوڙون:** ث. اُٽڙ – اُها ڳئون يا مينهن وغيره جاڳپ نه جهلي – اُٽلاڻ.
• **اُٹوڙ ڄ اُٹوڙ:** ذ. اُٽ جو نندڙو تودڙو جنهن كي كير چڏارائي گاهه تي وجهجي.
• **اُٹوڙڻ:** مصدر. [سن. اُٽ – كِدْ = اكوڙڻ] كتل شيءِ كي لوڏي لوڏي ڊرو كرڻ يا باهر كيڏ – اكوڙڻ. ٽيڙ ڏيڙ – ٽيڙ كارائڻ. ٽُڏڻ – تڏي باهر كيڏ. (اُٹوڙيو – اُٹوڙيندو – اُٹوڙيل).
• **اُٹوڙي ڄ اُٹوڙيُون:** ث. [سن. اُنْتا = اُٹڻ] جبل جي چوٽي. جبل جو مٿانهون پاڳو.
• **اُٹو مٹو ڄ اُٹامٹا:** ذ. حد ۽ حساب. حيلو حوالو – مٹو مونو – بلو پيٽي. نڏان – ڇيهه.
ـ **اُٹو مٹو كرڻ:** حيلو وسيلو هلاڻ – انو سنو كرڻ – بلو پيٽي كرڻ.
ـ **اُٹو مٹو نه هڻڻ:** گهٽائيءَ كري حد ۽ حساب نه هڻڻ – تمام گهٽي انداز ۾ هڻڻ – پرو ۽ پاند نه هڻڻ ـ ڇيهه نه هڻڻ.
• **اُٹ ويهڻ:** ث. [اُٽڻ ويهڻ < اُٽ ويهڻ] اُٽڻ ۽ ويهڻ جي حالت – اُٽڻ ۽ ويهڻ. بار بار اُٽڻ ۽ ويهڻ جي ڏنل سزا. ورزش جو هك قسم. هلت چلت. رسم ۽ رواج. بي آرامي – بي قراري – آندُ ماندُ – اڻ تڻ.
ـ **اُٹ ويهه ٽيڙ، لڳڻ:** بي قراري – بي آرامي ٽيڙ.
• **اُٹهون:** اسان كي آهي.
• **اُٹئين:** ظرف. هتّئين – هيكاري – مُورڳو.
• **اُٹي:** اٽئي.
• **اُٹي:** تون اُٹي، تون كوشش كر.
• **اُٹيارڻ:** مصدر. اُتارڻ "اُٹياري اُٹي ويا، منجهان مون آزار" (شاهه).
• **اُٹياڪ ڄ اُٹياڪ:** ذ. [اُٽڻ < اٹياڪ] اُٽڻ وارو – اُتندڙ. نئون اسرَندڙ يا سرجندڙ – اُپرندڙ (عشق) "اُٹيو ۽ اُٹياڪ، كالهوكو كاڏي گيو" (شاهه).
• **اُٹيڙ ڄ اُٹيڙون:** ث. [مصدر. اُٹيڙڻ > اُٹيڙ] چيڙ – چونگ. جوش – كاوڙ – ڏمر. اُٽل – بيماريءَ سبب گهٽو موت. بيماري. ذك. متي ڏنل اُڇل.
• **اُٹيڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْ – كِدْ] ٽيڙڻ. اُكيڙڻ. ٽُڏڻ. كولڻ. چونگ ڏيڻ. جوش ڏيارڻ.
• **اُٹيل:** صفت. [مصدر اُٽڻ > اُٹيل] جاڳيل (نند مان). اُبريل (اكيون). طوفاني (سمند). مجازيل (دل).
• **اُٹيڻ (ل):** مصدر. [سن. اُنْتا] اُٽڻ "پلاٽيان پئو، اولاٽئو نه اُٹيي" (شاهه). كڙو ٽيڻ – قائم ٽيڻ. جاڳڻ (نند مان). هلڻ – اُسهڻ "اُن اوسيڙي اُٹيان، سنجهي كري سينگار" (شاهه). سنيڙڻ، نكرڻ (باهر). كوشش كرڻ. (اُٹيو – اُتندو – اُٹيل).
ـ **اُٹيٽي ڄ اُٹيٽيون (ل):** ث. مصدر. "اُٹيڻ" مان اسم. اُٽڻ. اُٽڻ جو وقت – صبح.
ـ **اُٹيو:** مصدر. "اُٹڻ" مان مفعول. اڳيئي اُٹيل – جاڳيل.
• **اُتَ، اُتْ:** ث. [سن. اَوَرْتَنَ] پگهرڻ يا گهرڻ جي حالت – لوهه كي پاسي تي ڏك هڻي پترو كرڻ جي حالت. اُتَّ – گارو – گداز. [سن. آوَرْتَه] عادت – هير.
• **اُتْ ڄ اُتَ:** ذ. اسم، صفت يا فعل جي آخر ۾ ايندڙ پچاڙي جا اصل مفهوم كي زياده زوردار بنائي "كُوكَ > كوكُتُ، موگو > موگَتُ، گهيرڻ > گهيرت".
ـ **اُتْ پَتْ كائڻ:** رَك نه كرڻ – بد پرهيزي كرڻ – گهٽ وڌ كائڻ.
ـ **اُتْ مت:** ذ. صفت. برابر. تل – هك جهڙو. (ملتاني) كوهه جي تري جي گپ. زمين جو لٽ.
• **اِتْ، اِتِي ڄ اِتون، اِتيون:** ث. گڏهه جي پوئين لَت – اِتي – پُستي – ٽونٽي. كچي سَر. بيل گاڏيءَ جي قيٽي جي هك حصي جو نالو.
ـ **اِتْر ڄ اِتَر:** ذ. صفت. لٹون هٽندڙ – لتر.
ـ **اِتَ هَٹي بيهڻ:** هوڏ ٻڏي بيهڻ – ضد كري بيهي رهڻ. انكار كرڻ.
ـ **اِتيون ڇڏڻ:** پُستيون هٽڻ – ٽپا ڏيڻ – ڦوندجڻ.
ـ **اِتيون هَٹڻ:** بود ۾ اچڻ – خرمستي كرڻ.
• **اِتُ ڄ اِتَ:** ذ. گاهه جو ٻُٽ يا مُٽ.
• **اَتُ:** اسر خاص. هك ذات جو نالو (ضلعي خيرپور ميرس ۾).
• **اُتُ ڄ اُتَ (ل):** ذ. [سن. اُدّت، اُدگْرتا، اُتْگتا = مٿانهين، بلندي] ڊگهُ – ڊيرُ – دڙو – مَٹُ. كوڙي - گَنڊ. بلندي – چوٽي. كُبُ. "كيئُون پچي پوري برابر، صاف سپ تودا ۽ اُتَ" (گل).

Gul Hayat Institute

ـ **اَٽ تي چڙهڻ:** ڍڳ يا دڙي تي چڙهڻ (دنگ ڏيکارڻ لاءِ).
ـ **اَٽ ٽيڻ:** گهٽي بار لَڏڻ ڪري ڍڳ ٽيڻ.
ـ **اَٽ راند:** ث. راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ هار اُنا تي هڪ ٻئي جي پُٺيءَ تي ٽپ ڏيئي چڙهندا آهن).
ـ **اَٽ ڪَڍڻ:** پولُهه متي ڪرڻ.
• **اَٽاڪ:** ث. [سن. سْٽوتّ] سوج ـ ٿوڪر ـ اَماس. لڦ. تانءِ.
ـ **اَٽاڪي:** ذ. صفت. اَٽاڪ وارو ـ سيٻيل ـ سُوڻل.
• **اَٽاڪ ڇ اَٽاڪ:** ذ. ڦَرڪٽو ـ ڦَوڪيندو.
• **اَٽاڪجڻ:** فعل مجهول. سُڄڻ ـ آماسجڻ ـ ٿوٿرجڻ. ڦوڪيندو ٽيڻ. لڦ ٽيڻ. بيزار ٽيڻ. ضربيجي پوڻ.
• **اَٽاڪرو ٽيڻ:** سيٽ ڏيکارڻ.
• **اَٽار ڇ اَٽارَ:** ذ. [سن. اَڌْ + سْتَر] فڪر ـ ڳڻتي. غم. دل جو بار يا غُبار. انتظار. نشي جو غلبو ـ خمار. [سن. اَتَال] تکو ـ تيز ـ چالاڪ ـ هوشيار.
• **اَٽاري:** ث. [ه] گهرجي متان ڪڪائين ڪوئي.
• **اَٽاڙ:** ث. (يڪدم) ڪاوڙجڻ جي حالت. (جلد ۾) وَهُرجڻ جي حالت ـ وَهُر.
• **اَٽاڙ آڻڻ:** يڪدم ڪاوڙجي پوڻ. (يڪدم) وَهُرجڻ.
• **اَٽاڙجڻ:** فعل مجهول. [سن. اُتري = قيءَ ڪرڻ. اتهڙو اڇڻ] پاڻي پيٽ وقت پاڻيءَ جو ڦڙڻ واريَ نليءَ ۾ وڃڻ ڪري ڪنگهه ٽيڻ ـ اَٽجڻ ـ اَٽهڙجڻ.
ـ **اَٽاڙي پوڻ:** اَٽهڙجي پوڻ ـ اَٽڪجڻ ـ اَٽڪو ٽيڻ.
• **اَٽاڙو ڇ اَٽاڙا:** ذ. اَٽهڙو ـ اَٽڪو ـ پاڻي پيٽ وقت ٽيل اوچتي ڪنگهه.
• **اَٽال:** ذ. [ه] گاهه يا انّ جي دن. سامان جو ڍڳ.
• **اَٽالَ:** ث. [سن. اَتّالَ، اَتّالَڪَ] ڇت متان طبقو يا بي ماڙي.
• **اَٽالڪا ڇ اَٽالڪائون:** ث. [سن]هن يا وڌيڪ ماڙين واري جاءِ ـ اُجو گهر. محلات.
• **اَٽالو ڇ اَٽالا:** ذ. [سن. اَتّالَ < اَتّ = متانهون] ڍير ـ ڍڳ. اسباب ـ سامان ـ ٽَپڙ. گهٽا ماٺهو ـ عملو ـ ڍنبلو ـ حشر ـ ڪُٽنب.
• **اَٽالي ڇ اَٽالي:** ذ. صفت. سامان سڙي جي حفاظت ڪندڙ.
ـ **اَٽالي وارو:** ذ. صفت. گهٽن ماٺهن وارو. عملي وارو. وڏي ڪٽنب وارو ـ عيالدار ـ ڳرو ٻچڙيوال.
• **اَٽالي:** ث. اُها زمين جنهن تي درياه جو لٽ پيو هجي ـ لَٽارَ ـ نواڻ.
• **اَٽامٽا:** ث. ڏي وٺ (شين جي) ـ متاسٽا ـ تبديلي ـ بدل سدل.

• **اَٽانگ ۽ پٽانگ:** ذ. صفت. واهيات (گفتگو) ـ اجايو (ڳالهائڻ).
• **اَٽانگڻ (ل):** مصدر. مَٽڻُ (انّ). تورڻ.
• **اَٽاڻ:** ذ. سُڪل انو جنهن سان مانيءَ پچائڻ وقت پٽڑي ڳوهيل اتي ڪي ڏاڍيروڪجي ـ اَٽڻُ. (ظرف) هميشه ـ سدائين ـ هار هوئي.
• **اَٽاڻجڻ:** مصدر. [سن. اُدْويگْنْ] اُتاڙجڻ. نفرت ٽيڻ ـ بُڇان لڳڻ. ڪڪ ٽيڻ. دل کتي ٽيڻ.
• **اَٽاڻڻ:** مصدر. [سن. اُدْويگَنْ] دل ڪٽي چڏڻ. وڇوڙڻ.
• **اَٽاڻو ڇ اَٽاڻا (ث):** ذ. پَرُڻ ـ چاڻٽو.
• **اَٽڪ:** ذ. صفت. [ه] ڪهرو ـ مضبوط (ڪپڙو).
• **اَٽڪ:** ذ. [سن. اَ = نہ + ٹُڈْ = ٹُٽڻ، پهچڻ] اٽ پَهچندڙ ـ مضبوط ـ پڪو.
• **اَٽڪ پٽڪ ڇ اَٽڪ پٽڪ:** ذ. گاه ٻُوتا. گند ڪچرو ـ اَٽر گٽر.
• **اَٽڪ پاڻي ٽيڻ:** سجو ملڪ پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ (برسات يا ٻوڏ سبب).
ـ **اَٽڪ ڪائڻ:** ڪن ڪچرو ڪائي وڃڻ. ڪائي پٽ ڪرڻ ـ سيڪجهه ڪائي وڃڻ ـ بد پرهيزي ڪرڻ.
• **اَٽڪ پٽانگ:** ث. [ه. اُوٽ پٽانگ] واهيات ـ بيهودائي ـ اٽانگ پٽانگ.
ـ **اَٽڪ پٽانگي:** ذ. صفت. ٻڪاڪي ـ بڪواسي.
• **اَٽڪ پٽي:** صفت. اٽ سڏي ـ آجوگي (هلت) ـ غير واجبي ـ واهيات (ڳالهه).
• **اَٽر ڇ اَٽر:** صفت. [سن. اَتَل] اَٽر ـ اٽ گس ـ مَچَڏُو هڏي ـ ضدي.
• **اَٽر گٽر:** ذ. اَٽ پٽ ـ ڪن ڪچرو ـ گند بلا.
• **اَٽرمٽر:** صفت. ويڑهيل سيڑهيل ـ اونڌو ابتو (ٻڌل). سُست.
اَٽ آڏيل ۽ بي ڏولو (ٻاں). بي افعالو ـ بي فضيلت بي ڪِرو.
• **اَٽڙي ڇ اَٽڙيون:** ث. [سن. اَر گهَٽَ = گِرٽو يا چڪرو جنهن سان ڪوه مان پاڻي ڪڍجي] اَيٽڙي ـ نندڙو اَيٽ. اَرٽي ـ اَٽني (ت).
• **اَٽڪ سٽڪ:** ث. اَنَسٽ ـ اَنو سَنو. اَٽڪل سَٽڪل ـ چالاڪي. سازش. جوڙجڪ. ڳانڍو ـ آشنائي. اَٽهُ سَٽهُ.
• **اَڏڪ ڇ اَڏڪُون:** ث. [سن. اَرْگَڊ] روڪ ـ رندڪ ـ اَڙ ـ آڏ ـ بندش "عاشق ٽَپي آيا، اَڏڪ جي اَڏڪ" (سچل). ٽيڪ ـ جهَلَ. دير ـ سيڙاپو.
ـ **اَڏڪ ڏيڻ:** آڏ ڏيڻ ـ روڪ ڏيڻ. ٻَندوڏيڻ (پاڻيءَ کي).

Gul Hayat Institute

ـ **اَنڪ وجهڻ:** رندڪ وجهڻ – روڪڻ.

• **اَنڪُ:** اسر خاص. سنڌو نديءَ تي (پنجاب ۾) هڪ شهر جو نالو. هڪ نديءَ جو نالو.

• **اَنڪار ج اَنڪارَ:** ذ. ڪُچيڪارُ (اک ۾ ڪترجو).

• **اَنڪار ج اَنڪاءَ:** ذ. اَنڪ – جهلَ – روڪ – رندڪ. پڇڪڙي – وگهن. اَنڪار. دير – سيڙپ.

ـ **اَنڪار وجهڻ:** اَنڪ وجهڻ. رندڪ وجهڻ (ڪم ۾) ـ پڇڪڙي وجهڻ (نوڪريءَ يا ڪم ۾).

• **اَنڪائڻ:** مصدر. [سن. اَرْگَبْ] اَنڪ وجهڻ. بند ڪرڻ. قاسائڻ. ڳنڍڻ. ترسائڻ. لڳائڻ (ڪم ۾). انڪائڻ". (انڪايو – انڪائيندو – انڪايل).

ـ **اَنڪائي ڇڏڻ:** لڳائي ڇڏڻ (ڪنهن ڪم يا ملازمت ۾). ويڙهائي ڇڏڻ (ماٺهو). پني جي ڪنڊ پاسي تي رقم لکي ڇڏڻ. ڳنڍي ڇڏڻ.

• **اَنڪجڻ:** مصدر. "انڪڻ" مان فعل مجهول. قاسجڻ. ڳنڍجڻ. بندجڻ. روڪجڻ. جهلجڻ. هڪجڻ. پاڻ ۾ وڙهي ڳنڍجي پوڻ.

• **اَنڪ سُرخ:** ث. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – دوا طور ڪم ايندڙ ڪائي جو هڪ قسم.

• **اُنڪ ٽُنڪ:** ث. اِنڪ ٻنڪ.

• **اَنڪَل ج اَنْڪَلُون:** ڏ. [هـ] تخمينو – قياس – انومان. اُڪو ڏُڪو – تَڪَ – ڪَڪ. خيال – ويچار. رڌ – تجويز – صلاح. حڪمت عملي. ڪيڏ – چالاڪي – حرفت – "انڪل ساڻ الله، ڪڏهن ملندو ڪينڪي". رمز. سياڻپ. فَنُ.

ـ **اَنڪل باز:** ذ. صفت. حرفت ڪيڏندڙ – انڪل ڪندڙ – چالاڪ – حرفتي – انڪلي.

ـ **اَنڪل بازي ج اَنڪل بازيُون:** ث. حرفت بازي – ڪيڏ – چالاڪي.

• **اَنڪل روءَ:** ظرف. تخميناً – قياساً – ٽلهي ليکي – لڳ پڳ.

ـ **اَنڪل سَنڪَلَ ج اَنْڪلُون سَنڪلُون:** ث. حڪمت عملي. چالاڪي. حرفت بازي – انڪل بازي. تجويز – ڪيڏ.

ـ **اَنڪل ڪرڻ:** حرفت ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ. ڪيڏ ڪرڻ. رڌ رٽڻ – صلاح ڪرڻ. سياڻپ ڪرڻ.

ـ **اَنڪَلِڻ:** ث. صفت. انڪل واري (عورت) ڪيڏارڻ – حرفتڻ. سياڻي. چالاڪ (عورت).

ـ **اَنڪل ڪلائڻ، ويڙهائڻ:** حرفت کان ڪم وٺڻ – ڪيڏ ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ. تجويز ڪرڻ. منصوبو سٽڻ. سياڻپ ڪرڻ.

• **اَنڪَلِي ج اَنڪَلِي:** ذ. صفت. انڪل بَاز. ڏاهو. چالاڪ. حرفتي – ڪيڏاري.

• **اَنڪُ مَنڪُ:** ذ. [هـ] ناز نخرو – معشوقانه انداز.

• **اَنڪڻُ:** مصدر. [سن. اَرْگَبْ] وڇڙڻ – قاسڻ. روڪجڻ – رندجڻ – اَڙڻُ. هَڪڻ (ڳالهائڻ ۾). جهلجڻ – بند ٿيڻ. پاڻ ۾ ڳنڍجي پوڻ. (انڪيو – انڪندو – انڪيل).

ـ **اَنڪي پوڻ، وَجڻ:** قاسي پوڻ. رندجي پوڻ. ڳنڍجي وڃڻ. لڳي وڃڻ (ڪم سان).

• **اِنڪي ٻنڪي، مَنڪي:** ث. اِنڪ ٻنڪ. چالبازي – حرفت. اَنڪَل سَنڪَل.

ـ **اِنڪي ٻنڪي، مَنڪي جاڻڻ:** چالبازي جاڻڻ – حرفت جاڻڻ.

ـ **اِنڪي ٻنڪي ڪرڻ، ڪيڏڻ:** چالاڪي ڪرڻ. چالبازي ڪرڻ.

• **اُٺ ڪٽ ج اُٺ ڪٽُون:** ث. [سن. اُنْٹ] اُدڪو – ڪنڪو – اونو – اُڻ تُڻ – اوسيڙو. دِپ – پڙ. اضطراب – بي قراري – فڪر.

• **اُٺ ڪٽو ج اُٺ ڪٽا:** ذ. اُٺ ڪٽ.

• **اَٽَلُ ج اَٽَل:** ذ. صفت. [سَن. اَتَل < اَ = نہ + تَلْ = تَرڻ، ڇرڻ] اڻ تَر – اَتَر – اڻ گهٽ. پختو. لازوال. محڪم. ضرور ايندڙ "هاروجا ٻيا گهٽا، منهنجو اَٽل آرياڻي" (شاهه).

ـ **اَٽل صاحبي ڪمائڻ:** سکيو وقت گذارڻ.

• **اَٽل ج اَٽلُون:** ث. [سن. 1. اُتولَن = تورڻ؛ ٢. اَتَلْ = وڌيڪ وزن وجهڻ] تورڻ ۾ وزن جي هڪ پاسي واڌ يا سرسائي. ساهميءَ جي انهي پڙ جي ڳوراڻ جنهن ۾ تُرندڙ شيءِ پيل هجي. هڪ پاسي لاڙو – ليٽ. زيادتي – ڪثرت. اثر اندازيءَ سببان طبيعت جو رجحان "اَٽل اوڏانهين ٿئي، جيڏان ٻيجل ٻُرائي" (شاهه).

• **اَٽلائڻُ:** مصدر. اَٽل واري تور ڪرڻ. اُلٽائڻ – اونڌو ڪرڻ. پٺيان اچلائي وجهڻ. اُلٽو جواب ڏيڻ. (اُٽلائيو – اُٽلائيندو – اُٽلايل).

ـ **اَٽلائي وجهڻ، اُٽلائي مٽان وجهڻ** – اونڌو ڪرڻ.

• **اَٽل بازي ج اَٽل بازيُون:** ث. بازولي – قلابازي. اَٽل پٽل.

• **اَٽل مُرادائِي:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَٽلَنْدو:** ظرف. اُبتو – برعڪس – هيڪاري – مورڳو – رَهندو – ماڳهين.

• **اَٽلڻُ:** مصدر. اَٽل وارو ٿيڻ. اُلٽو ٿيڻ – اونڌو ٿيڻ – ابتو ٿيڻ – اُٽلڻ. هارجڻ (ٽان۾). موٽڻ – پويان پير ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

• **اُتلو:** ظرف. اُتلندو.

ـ **اُتلو تنگ رکڻ:** مورڳو متان حرف رکڻ — اجائي ميار رکڻ. خواه مخواه رعب ويهارڻ.

• **اِتَلي:** اسر خاص. يورپ جي هڪ ملڪ جو نالو (Italy) ـ اطاليه.

• **اَتَر:** ذ. [هـ] ڊيرُ.

• **اَتّ مٽ:** ظرف. اَڌو مٽ — برابر — هڪجهڙو — مَٽ. [ملتاني] کوه جي تَري جي گپ. زمين جو لَٽ.

• **اُتَنيَ ج اُتَنيُون:** ث. [سن. اُتْكَنْتَ = ڳاڻ مٿي ڪٽي نهارڻ، تانگهڻ، سڪڻ] سڪ — چڪ — تانگهه — ڪاوَ. [سن. اُتْ + نَمْيَ = ٽنيو] آڏارَ — ٽيڪ. [سن. اُتْكاسَه] کانسي — کنگهه. اُٽپ — برخاستگي.

• **اُتَنيَنْ:** مصدر. [سن. اُتْ — جْرِيْ] ٽورو اُٽي وري ويهي رهڻ يا ڪري پوڻ — اُجريَنْ — اُجرِ ڪَنْ.

• **اُتَنگَنْ:** مصدر. [سن. اُتْكَٹْ] ڳاڻ ڪٽي مٿي نهارڻ. ڪنهن وٽندڙ شخص يا شيءِ لاءِ اُڪير مان تانگهڻ — سڪ مان انتظار ڪرڻ. (ذ). [سن. اُتَ = گاهه] پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (ڪانديري جو هڪ قسم يا ڇپندڙ ڇج. جو دوا طور ڪم اچي).

• **اُتني ج اُتنيون:** ث. [سن. اَتَن] ڪمان جو گوشو. سگ جي نُڪي واري پڇڙي.

• **اُتَنْ:** مصدر. [سن. اُدْ — تُرْتُ = ٽُٽڻ] ياراني قٽائڻ — سنگت ٽوڙڻ.

• **اِتِلو ج اِتا:** ذ. پاڻي پيئندي ٽيل ڪنگهه — اُناڙو — اُٿهڙو.

• **اَتو ج اُتا:** ذ. [ف. آرد] پينل اناج (ڪڻڪ، چانور، ڀاجهري، جوئر، مڪائي). ڪابه پينل شيءِ ـ ڇُورو — ٻُورو — سُفوف.

ـ **اُتائي:** صفت. اتو وڪڻندڙ — اتي وارو.

ـ **اَتو آٽَ ٽيڻ:** اتو 'آٽ' جي ڀهاني استعمال ڪري ڪپائي ڇڏڻ. هڏ پوري ڪرڻ. مليا ميت ٽيڻ. پيسجي وڃڻ.

ـ **اَتو اُتو ڪَرڻ:** پڇتائڻ. دانهون ڪرڻ — گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

ـ **اَتو ہَڈي پليان پوڻ، لڳڻ:** هڪ چتو ٿي ڪر کي لڳڻ — لاهي پاهي ڪر کي لڳڻ. اوڄ ٿي لڳڻ.

ـ **اَتو چي گهوباتو:** ذ. اَتي جو گهوباتو — هڪ جي ہي — اَڪبر جو مڪبر.

ـ **اَتو خراب ٽيڻ:** بُرا حال ٽيڻ — مٽي مردار ٽيڻ. رُلي مرڻ — بُرا حال ٽيڻ "اڄي ڏاڙهي، اتو خراب" (چوٽي).

ـ **اَتو ڪائڻ:** اجايو ڪر ڪرڻ — بي فائدو ڪر ڪرڻ. ڪمائي ڪائڻ (ہئي جي). هانڀهه ڪرڻ ملازمت يا نوڪري ڪرڻ "اتو ڪاڏو ڪئي، مار پئي گابي تي = يعني ڏوهه ڪري هڪڙو ونجي ہيو" (پهاڪو).

ـ **اَتو ڪُتڻ:** محتاج ٽيڻ — لاچار ٽيڻ. ڪر ڦاسڻ — گنتي پوڻ.

ـ **اَتو گڏيل هُئڻ:** مٽي مائٽي هئڻ. تعلق يا لاڳاپو هئڻ. شراڪت يا پائيواري هئڻ.

ـ **اَتو مَٽڻ:** سگهن جي ڏي وٺ ڪرڻ.

ـ **اَتي پورَ تي بيهڻ:** جهيڙي سڃاڻڻ لاءِ تيار ٿي بيهڻ.

ـ **اَتي پورَ ڪرڻ:** جهيڙو وڃهائڻ — فساد ڪرائڻ — چيٽو پورڻ.

ـ **اَتي تي اَتو:** اصطلاح. اتي تي اتو بدلائڻ. بنا نقصان جي سَودو ڪرڻ "اتي تي اتو نڪي ڪارو نڪي ڪتو".

ـ **اَتي تي ڇَتِي:** اصطلاح. بيڪار ماٺهو (جو رڳو مفت ماني کائي ۽ ڪوبه ڏندونه ڪري).

ـ **اَتي جو ڏيو گَڏو جي گَڏِي:** ذ. صفت. بي همت — ڪمزور. ڊڄڻو — بزدل. ڦيٽو.

ـ **اَتي جو نَڪَ:** ذ. صفت. بي شرم. بي نڪو.

ـ **اَتي جو نَڪَ هُئڻ:** لڄ شرم نه هئڻ.

ـ **اَتي ڪاپائو:** ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ — پيٽوڙي — ماني ٽوڙ. ہين تي بار.

ـ **اَتي مان وار ڪيڻ:** ذري پرزي (ڳالهه) جاچڻ. باريڪ بيبيني ڪرڻ. پوريگهه طرح جاچي ڪر ڪرڻ. پورو پورو انصاف ڪرڻ. عيب جوئي ڪرڻ.

ـ **اَتي ۾ لوڻ:** تمام ٿورو — قليل — جزوي انداز.

ـ **اَتي ۾ لُوڻ ٽيڻ، تي وڃڻ:** ٿوري انداز ۾ ٽيڻ — گهٽ مقدار ۾ ٽيڻ — اُڻ لکو. حَل تي وڃڻ — ملي (ڳري) وڃڻ. گمنام ٽيڻ.

ـ **اَتي ۾ لُوڻ ڪري ڪائڻ:** تمام ٿورو ڪائڻ (فائدو وغيره).

ـ **اَتي ۾ لُوڻ هُئڻ:** تمام گهٽ انداز ۾ هئڻ. اڻ لکي انداز ۾ هئڻ.

• **اَتو ج اَتا (ل):** ذ. صفت. گوڏن تي هٿ رکي ڏونڊڙو تي بينل — بانبڙو — نوڙيل — ٿورو. ڊير (اَتْ، اَدْ).

ـ **اَتو ٽي بيهڻ:** گوڏن تي هٿ رکي بيهڻ — ڏُونڊڙو تي بيهڻ.

ـ **اَتو ٽي پَوڻ:** اونڌو تي پوڻ. سخت محنت ڪرڻ.

ـ **اَتو ٽيڻ:** پولهه مٽي ڪرڻ — گوڏن ۾ ٿونٽين ۾ بانبرو ٽيڻ.

• **اَتُوتُ:** صفت. [سن. اَ = نه + تَدْ = پڇڻ] اڻ پڇندڙ.

• **اُتروڙجڻ:** فعل مجهول. اُناڙجڻ — اٿهڙجڻ.

Gul Hayat Institute

• **اِتوڑو (ڻ):** ذ. گرم ربَ جو قڑو. نندي جُونءَ. سِرَ جو ٽڪر — سروتو — کروٽو.
• **اَتوڑَهڻ:** مصدر. اَتوڑجڻ.
• **اَتوڪ:** صفت. [هـ اَ = نہ + توکنا = ٽوڪڻ، سوال پڇڻ، روڪڻ] جنهن کي توڪي نہ سگهجي.
• **اَتول:** صفت. اڻ گهڙيل (پٿر، هيرو وغيره). اڻ سڌريل — بي ادب.
• **اَتومَت، اَتومَتو:** ظرف. برابر — هڪجهڙو — تور ۾ هڪ جيترو.
• **اَتومَت، اَتومَتو:** ظرف. برابر — هڪجهڙو — تور ۾ هڪ جيترو.
ـ **اَتو مُتو:** ظرف. تخميناً — اٽڪل رُوءِ ـ بنا مَٹِ يا ڳڻڻ جي — اُڪو ڏڪو. گڏيل صورت ۾ ـ دوم شوم — ملي الحساب.
ـ **اَتو مُتو ڪرڻ:** تخمينو ڪرڻ — ڪَٽ ڪرڻ — اُڪو ڏڪو ڪرڻ.
• **اَتَهُ ج اَتَهَ:** ذ. [سن. وَتَهـ = نوڙي، رَسي] ڏين مان وٽيل نوڙيءَ جو ٽڪر (جنهن سان ڪِڙ يا ڇپر ٺاهڻ وقت پَڇرن ۾ ڪائيون ٻڌجن يا مُرلي جي پاندڀيءَ ۾ مالهـ ٻڌجي). ڏنو — دلبو.
ـ **اَتهـ ٻَڌڻ:** نار جي مالهـ يا ڇپر جي لڙهين کي وٽيل پيش جي نوڙيءَ سان ٻڌڻ.
• **اَتَهُ ج اَتَهَ:** ذ. وات جي اَٽهڙ (جنهن ۾ ڪاڏو ٻاهر نڪري ايندو آهي). (صفت). ديرهضم. ناگوار.
• **اَتهاس:** ڀ. [سن] وَڏي ڪِلّ — اَڀاسو تَهَڪ — اجائي تَهـ تَهـ.
• **اَتهائيندو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ٺهائڻ < ٺهارڻ = هلڻ، پاڙڻ، نباهڻ < تْوَرَڻ = تڪڙو هلڻ] ناگوار — آڳ سُهائيندو. حرام — ناروا.
• **اَتهـ پَتهـ، اَتِي پَتِي:** ظرف. هڪ ٻئي مٿان — گهٽي انداز ۾ ـ اوت اوتان — وري وري — هر هر. پريور نموني ۾ (ٻوٽن وغيره کي پاڻي ڏيڻ).
• **اَتهُ سَتهـ:** ذ. گڏيڪپ. اَٽڪل سَٽڪل. حيلو حوالو.
ـ **اَتهـ سَتهـ ڪرڻ:** گڏيڪپ ڪرڻ اٽڪل سٽڪل ڪرڻ اٽڪل ۽ تجويز سان ڪنهن ڪَريل شيءِ کي درست ڪرڻ.
• **اَتَهلو ج اَتَهلا:** ذ. اَٽالو.
• **اَتِي:** ٹ [ملتاني] سُٽ جي قاري. "پَٽڪي" لاءِ حقارت جو لفظ.
• **اِتِي ج اِتيون:** ٹ. راند ڪيڏڻ لاءِ هڪ خاص نموني ۾ ڪائيءَ جو گهڙيل ٽڪرو — گلي.
ـ **اِتي ڏَڪَرُ:** ذ. هڪ مشهور ديسي راند — گلي ڏڪر.
• **اَتِي ج اَتيُون:** ٹ. [سن. اَدْ — تُرتَ = ٽُٽڻ] قينچاڙو (سنگت ۾) ـ ڪَٽِي (جا ننڍا هار هڪ ٻئي کي سنگت توڙڻ وقت چيڪ ڏيڪاري ڪندا آهن). (ضد) بَڈي ج بڈيُون.
ـ **اَتِي ڪرڻ:** ياراني قِٽائڻ — سنگت توڙڻ — ڪَٽي ڪرڻ — اُفِي ڪرڻ.
• **اَتِي پَتِي:** ظرف. هر هر — وري وري — بار بار.
• **اَتِي مُتِي:** ظرف. اَتو متو — دوم شوم — علي الحساب.
• **اَتيرُ ج اَتيرَ:** ذ. سُٽ ويڑهڻ جو ٽڪلو يا ناپٽو. سُٽَ جي ويڑهي يا ريلَ.
• **اَتيرَڻ:** مصدر. سُٽ ويڑهڻ — ڊيري ٺاهڻ. (گهوڙ ي ڪي) قواعد ڏيڻ.
• **اَتيڙَجَڻ:** مصدر. آڪلڻ — گيهـ يا تيل جي ڏُڪ ڏيڻ مهل ڏور جو آڪلجي پوڻ — اُٽهڙجڻ.
• **اَتيڪَ:** ظرف. بنا ٽيڪ.
• **اَتَ:** صفت. [سن. اَشْٹ: ف. هَشت] هڪ عدد جو نالو — ۽ چونڊ ـ (٨). گهٽا — جهجها — بي انداز. چتر يا چويڙ راندين ۾ داءَ جو نالو (جنهن موجب ساري اٺ خانا اڳتي هلي سگهي). راند جو سهڻو ۽ وڏو داءَ.
ـ **اَتَ آگرو:** ذ. صفت. اٺن آگرين جي ماپ وارو. اُهو سُوئر جنهن جا وَڃَ (سنگها) اَٺ آگر هُجن — وڏو سُوئر — اَنورُ.
ـ **اَتَ پَهَرَ:** ذ. ڏينهن رات — چوويهـ ڪلاڪ. (ظرف) اٺئي پهر — هر وقت — هر گهڙي — سڄو وقت. سدائين — هميشه.
ـ **اَتَ پيرو:** صفت. اٺن پيرن وارو. (ذ) جيت جو هڪ قسم — ڪوريئڙو.
ـ **اَتَ ڌاتُو:** ذ. سون، چاندي، تامو، قلعي، سيهو، پتل، لوهـ ۽ رُڪ.
ـ **اَتَ ڏِسيُون:** ٹ. قبلہ نما جا اٺ طرف.
ـ **اَتَ رُخو:** صفت. اٺن پاسن وارو — اٺن مُنْهَن وارو. (ذ) شطرنج راند جو هڪ مُهرو، وزير (جو اٺن طرفن ڏانهن هلي سگهي ٿو).
ـ **اَتَ سَلو:** ذ. سهولت ۽ آساني وارو ماڳ.
ـ **اَتَ سَلو:** ذ. اٺن سوراخن وارو — ڪتولو (هيءُ اصطلاحي نالو اڪثر قسم ڪٽڻ لاءِ استعمال ٿئي "ادا! اٺ سَلي تي وينو آهيان تہ اها ڳالهـ ايئن آهي").
ـ **اَتَ کائيو:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اَتَ + کَاشْتَ = کاٺ] اَٺن کائين وارو — اٺن کائين مان ٺهيل (کتولو) "اَٺ کاٺ، نائين نوڙي، جيکو نہ پڄي تنهنجي ناني ٽوڙهي" (ٻاراڻي ڳجهارت). [سن. اَشْتَ = اٺ + کَشْتَ = مشڪل] سخت — ڏکيو — ڪٺن — مشڪل. اهڙو ڪم جيکو ڪرڻ ۾ ڏکيو هجي.

Gul Hayat Institute

ـ **اَڪ ڪائيو ڪر ڪرڻ:** ڏکيو ڪر ڪرڻ – مشڪل ڪر سر انجام ڪرڻ.

ـ **اَڪ ڪُنڊيو ڪُنڊيارو ج اَڪ ڪُندا، ڪُندياراِ:** ذ. اڻن ڪندن وارو – هشت پهلو – مثمّن.

ـ **اَڪ ڪَنيو:** ذ. تنبو يا شاميانو جو اڻن چوبن تي بيهل يا اڌيل هجي.

ـ **اَڪ ڪَٽو:** ذ. صفت. اَڻُوٽو. اَڻن ڪَٽن وارو.

ـ **اَڪ لڳي وڃڻ:** جٹر يا چوپڙ راند ۾ "اڻن" جو داءُ لڳڻ. (اصطلاحاً) ڪو ڪم نهايت سُهٽي نموني پوريءَ طرح راس ٿي وڃڻ "پورا اڪ لڳي ويا".

ـ **اَڪ مَنگَل:** ذ. اُهو گهوڙو جنهن جي پيشاني، پُڇ، بُشڪون، چاتي ۽ چار پير اَڇا هجن.

ـ **اَڻون:** صفت. سلسلي ۾ ستن کان پوءِ وارو – قطار ۾ اڻين نمبر وارو.

ـ **اَڻُوٽ:** ث. اَڪ پيرا وڌيڪ هڻڻ جي حالت – اَڪ پيرا.

ـ **اَڪ هڻڻ:** چوپڙ يا چوسر راند ۾ اڻن خانن هلڻ جو داءُ هڻڻ (جنهن ۾ ستئي ڪوڏيون سُٽل هونديون آهن).

ـ **اَڪ هُٽي ڇڏڻ:** ساراه جوڳو ڪر ڪرڻ. دلبو ڏيڻ – ناهي جوڙي ڪوڙ هڻڻ – وڃائي ڇڏڻ.

ـ **اَڻئِي:** صفت. سيئي اڪ "اڻئي پهرالڪَ جو ڪوڏ ويراڳين" (شاه).

ـ **اَڻئِي اَڻهوت، اَڻوت:** سنڌي سڳهڙ پائيءَ جو. ڪو ڏ ويراڳي" (شاه).

ـ **اَڻئِي اَڻوهوت، اَڻوت:** سنڌي سڳهڙ پائيءَ جو مقولو (جنهن موجب هيٺيون اڪ شيون نشي ۾ چُور ڪري مرد کي بي اعتدال بنائين ٿيون "١. بادڻ پنگ؛ ٢. پراڻي مَنڊَ؛ ٣. گانجي جي پهرين سُوٽ؛ ٤. گهوڙو پور ميدان ۾؛ ٥. هَري گاڏَئين سوٽ؛ ٦. پهرين رات پرٽي جي؛ ٧. ٻهَر پينگهَن جهوٽ؛ ٨. عشق اول جو لڳي. اهي اَڻئي اَڻهُوت").

ـ **اَڻئي لڳي وَڃڻ:** راند ۾ مخالف جي اڻن جي داءَ لڳڻ سان پريشاني پيدا ٿيڻ. حواس گم ٿي وڃڻ – حواس باخته ٿيڻ – هوش خطا ٿيڻ.

● **اِڪ:** ث. [سن. اِشْڪَ] خواهش – مرضي – اڇا. پيارُ. تقاضا.

● **اُڪ ج اُڪ:** ذ. [پرا. اُڪَ؛ سن. اُشْٹْرَ؛ ف. اُشْتر، شُتر] جانور جو هڪ قسم – شُتر – مَيو – ليڙو – ڪرهو – چانگو – بوتو – تودو. (ث. اُڪ، اُنٽي، اُني ج اُنيُون، اُنٽيُون). (صفت. اصطلاحاً) موڳو – بيوقوف – بي عقل. اجايو ڏگهو.

ـ **اُڪ بَنجڻ:** بيوقوف ٿيڻ – پُوڪ بنجڻ. قد ڏگهو ڪرڻ.

ـ **اُڪ تي بَلا ڪائڻ:** بنا سبب تڪليف پهچڻ – بد بختي اچڻ – راهه ويندي ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسڻ.

ـ **اُڪ پَٽڻ تي:** جملو. اُٺ ٻيڙيءَ تي مشڪل سان چڙهي ۽ ڏاڍي مار ڪائي "اهڙي مار ڪائيندين. جهڙي اُٺ ڪائي پٽڻ تي". (اصطلاحاً) ڪنهن ڪر ڪرڻ کان سخت نتاءُ واري حالت.

ـ **اُڪ پتو:** ذ. (عام گمان ته اُٺ کي پتو ٿئي ئي ڪونه) بي پتوَ – نڏڪ.

ـ **اَڪ پٽيان گهنڊڻي:** اصطلاح. پنڊٽي – پندي – ڪِڪَ – ليلو ٿي لڳڻ جي حالت. وڏي مڙس پٽيان نندي زال. اَڄائي جورَتَ.

ـ **اُڪ پُٽيرو:** ذ. صفت. اُٺ جي پُٽيءَ جهڙو (جبل جو لاهه). ڏکيو – اهنجو. عارضي – وقتي – ٿوري وقت لاءِ.

ـ **اُڪ پُٽيءِ تي:** ظرف. هميشه مسافريءَ تي – سدائين سفر ۾.

ـ **اُڪ پَکِي ج اُڪ پکي:** ذ. شُتر مرغ. صفت. مَڪريل – مڪر ڪندڙ (عام گمان ته اڪ پکيءَ کي جيڪڏهن چئبو ته اُٺ آهين ته پلا بار ڪڻ، ته چوندو "مان پکي آهيان"، جي چئبس ته پکي آهين ته پلا اَڏام، ته وراڻيندو ته "مان اُٺ آهيان").

ـ **اُڪ پنهنجي مُٺ ۾ ترکي:** چوٽي. سيڪو پنهنجي ڪئي جو نتيجو لوڙي. اهڙو ماڻهو جو پنهنجي ڪيل ڳالهه مان پاڻ ونجي.

ـ **اُڪ پيرُ ج اُڪ پيرَ:** ذ. اُٺ جو پير. (مجازاً) ويهڪ جي جاءِ (بَندڙ. جيڪڏهن منيءَ ۾ مقعد پر ويهي اُٺبو ته اُٺ جي پير جهڙو نشان ٺهي پوَندو) – مقعد.

ـ **اُڪ پيرُ ناهڻ:** گيسي ڪرڻ لاءِ زمين تي ويهندي اڪ پير جهڙو نشان ناهڻ – گيسي ڪرڻ. باڻ ڪرڻ – توبه ڪرڻ. همّت هارڻ – مڙسي ڇڏڻ – پاڙي ٽيڻ.

ـ **اُڪ پيرُ ڪرڻ:** گيسي ڪرڻ – توبهه ڪرڻ "سومرين سانگ ڪنئي، اَبڙي ڪيو اُٺ پير" (شاه).

ـ **اُڪ پيرو:** ذ. صفت. اُٺ واري ٽور هلندڙ. جنهن جا پير اُٺ جي پيرن جهڙا هجن. پانوڙو – وڏي پاٽ. تکو قاصد. پانڌيڙو.

ـ **اُڪ پيري ٻاجهري:** ث. اُٺ جي قدم جي وچوٽيءَ تي ڏار ڏار چنڊيلَ ٻاجهريءَ جا داڻا (پوک لاءِ) "اُٺ پيري ٻاجهري، اَٺ گامون انب: داڻي تي داڻو چنڊ، آهي پوکڻ لَنبُ" (چوٽي).

ـ **اُڪ جو پُٺ:** ذ. صفت. بيوقوف – وڏو بيوقوف. بلڪل پُوڪ. طاقتور.

ـ **اُڪ جو سڳ:** صفت. ڪجهه به نه.

Gul Hayat Institute

ـ **اُڪ ڏاڻ:** ذ. مَلهه جو هڪ داءِ – ٻنهي ٽنگن ۾ جاڻڻو.
ـ **اُڪ قطاري ڏيڻ:** تمام گهٽو ڏيڻ – زياده سخا ڪرڻ.
ـ **اُڪ ڪُنڊي:** اسر خاص. ٽر ۾ هڪ پٽ جو نالو.
ـ **اُڪ ڪوڊيرُ (ٿ):** ث. ول جو هڪ قسَر (ڪوڊير جهڙي، جنهن کي اُڪ ڪائين).
ـ **اُڪ لُڪ:** اسر خاص. ٽر ۾ هڪ پٽ جو نالو (نبيسر جي پر ۾، جنهن تي هڪ اُڪ چڙهندي سَهڪيَ سهڪي مري ويو).
ـ **اُنِ، اُنِي ج اُنِيُون:** ث. اُنَ جو مونث – اُنِ ـ ڏاڇي.
ـ **اُنيرو ج اُنيرا:** ذ. صفت. اُڪ وارو – اُڪ هلائيندڙ – اونار – اونِي – جَتُ.
● **اُنارو:** ذ. [سن. اَشْتَ = اٺ + آرو] اٺن طرفن وارو عالم (اتر. ڏکڻ، اوپر، اولهه ۽ چار ڪنڊون).
ـ **اُنارو عالم:** ذ. سڄي دنيا – ڪل ڪائنات.
● **اُنارهن:** صفت. ارڙهن.
● **اُناسُ ج اُداسَ:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اٺ + سْر] اٺن پاسن وارو – هشت پهلو – مُثمّن – اَٺ ڪنڊو. (ذ) اٺون حصو. اٺن جو انگ. پتي جي تاس ۾ اٺن داڻن وارو پَتو – اَٺِي. اٺن جربين يا اٺن ايڪڙن وارو زمين جو ٽڪرو. جنڊيءَ جي گل جو هڪ قسر. (ذ. صفت) اٺن مهينن جو ڇاول ٻار – اڻ ٻيو – اناسو.
● **اُناسو:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اَٺ] اٺن مهينن جو ڇاول – اڻ ٻيو.
● **اُناسي:** صفت. [سن. اَشْتاشتي. اَشْتاشيت < اَشْتَ = اٺ + اَشِيْت = اسي] هڪ عدد جو نالو (۸۸) – اسي ۽ اٺ.
● **اُناگِيرُ ج اُناگيرَ:** ذ. [هـ. اُنانا + ف. گير] هلندي هلندي ماٺهوءَ جي ڳنڍ ڪترينڊڙ – ڳنڍيچوڙ – لَليجو.
● **اُناڳَ ج اُناڳَ (ل):** ذ. اَڳَڪ – ناڙو – ازار بند.
● **اُنانگَ:** ذ. [سن. اَشْتَ + اَنگ] بدن جا اٺ عضوا جن سان زمين تي پورو سجدو ڪجي (پيشاني، نڪ، هٿ، گوڏا، پيرَ). زمين جي اٺين پتي.
● **اُنانَوي:** صفت. [سن. اَشْتانَوَت = (اَشْتَ = اٺ + نَوَت = نوي)] هڪ عدد جو نالو (۹۸) – اٺ ۽ نوي.
● **اُناڻو ۽ اُناڻا:** ذ. صفت. اٺن ورهين جي ڄمار جو (جانور).
● **اُناوَنُ:** مصدر. [سرائڪي: پرا. اُناوَنُ: سن. اُنْتا پَن] اُناٺ – ڪٽڻ.
● **اُناويهه:** صفت. [سن. اَشْتاوَنْشَت < اَشْتَ = اٺ + وَنشت = ويهه] هڪ عدد جو نالو (۲۸) – اَٺ ۽ ويهه.
● **اُناويهو:** د. ڪورڪي اصطلاح ۾ سُٽ جو هڪ قسر.
● **اُناهَ ج اُناهَ اُناهَ:** ذ [پرا. اُناهَ سن. اُدْ = مٿي + سْتا = بيهڻ] ڇاڙهه – هُشي – ٽيڪر. اُتاريل ڳالهه – افواهه وڌاءِ – مبالغو. بهتان – الزام.
● **اُنائِنُ:** مصدر. [پرا. اُناوَنَ: سن. اُدْ = مٿي + سْتا = بيهڻ] مٿي ڪٽڻ – ڇاڙهڻ. پڏائڻ – ساراهڻ. ڪٽي هلڻ. اُسهڻ "ايئن اُٺ اُناءِ، جيئن هوندي رات هت مڙون" (شاهه). (اُنايو – اُنائيندو – اُنايل).
● **اُنِتيهَ:** صفت. [سن. اَشْتَ = اٺ + تْرِنْشت = تيهه] هڪ عدد جو نالو (۳۸) – اٺ ۽ تيهه.
● **اُنڙو:** ذ. مچيءَ جو هڪ قسر (ڪاريءَ پٽيءَ سان، چلرن سان، ڏيگهه تن ڪان نون انچن تائين). جيت جو هڪ قسر.
● **اُنڙيو ج اُنڙيا:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اٺ + ڙو] اٺين مهيني ڇاول (ٻار). ڪميٽو – نيچ – ڪُڌو (عام گمان ته اُنڙيو ٻار اڪثري بدتميز يا بدمزاج هوندو آهي). ضدي – نٺر – هوشيار – چالاڪ – سياڻو. لُڇ – شرير. بيهودو ڳالهائيندڙ – ڪوڙا قصا ٻڌائيندڙ. اٺن ڏينهن جو – اٺن ڏينهن وارو. (ذ) چونڙي ۾ وڌل اٺن لڙهن مان هڪ لڙهو (ل).
● **اُنَسائي ج اُنَسائِي:** ذ. صفت. ڏاريو – اوپرو.
● **اُنسَلو ج اُنْسَلا:** ذ. اٺ ڪائيو عارضي (مٿي چانو جهڙو) ڇپڙ (جنهن ۾ چار ٽوٽيون، چار پيچر رکي مَنَهنْ ڌاهجي). بندوبست – جوڙجڪ. تجويز – رٽ. ويچار. سهنج – سولائي.
ـ **اُنسَلو ڪرڻ:** بندوبست ڪرڻ. ڪَٽ ڪرڻ ويچار ڪرڻ.
● **اُنسوَ:** ذ. [سن. اَشْتَ = اٺ + سَو] اَٺ سؤ تندن واريءَ تاجيءَ مان ٺهيل ڪپڙو. (صفت) بيوقوف – ڇسو. لُڇ – بدمعاش.
● **اُنڪلو (ل):** صفت. اُنڪائيو. سمورو – سڀ.
● **اُنڪُجور:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسر – دوا طور ڪم ايندڙ ڪاري رنگ جي هڪ ڪڙي پاڙَ.
● **اُنِكيلي:** ث. [هـ] چچلائي مچلائي – نازنخرو.
● **اُنَ گهَڙيو:** ذ. پرت جو هڪ قسر.
● **اُنَل:** ذ. [هـ] گهوٽ ڪنوار جو پَرٽي ڪان پوءِ ٽئين ڏينهن گڏجي وهنجڻ.
● **اُنلائنُ:** مصدر. [هـ. اِنلانا] نازيا تانءُ سان هَلڻُ. اترائڻ.
● **اُنَنگَنُ:** ذ. [هـ] ٽيڪ – آڌار – ٽنيو.
● **اُنڻُ:** مصدر. [سن. اُدْسْتا] اُٽڻ. اُپرڻ – اُسرڻ – بيهڻ. تانءِ ۾ پرجڻ. سڪڻ (ٿ). [سن. وُرْشْ = وسڻ] وَسڻ (مينهن) – برسڻ.
● **اُنو ج اُنَا:** ذ. پتي جي تاس ۾ اٺن داڻن جو پتو – اَٺِي. سُٽ جو هڪ قسر (تمام ٽلهو ست).

Gul Hayat Institute

• **اِئو:** صفت. [پرا. اِتّ؛ سن. اِشْتَ = اِڇا ڪيل] خواهش ڪيل. تڪيل – نظريل. ڏنل "ميهر ۾ سُهٽيءَ ڇا ڏنو، ڇا ڪيرهو ڪنهن جو اِئو" (گل). جادوءَ ڪيل.

• **اُئو:** ذ. [سن. وُرْش = وسڻ > وئو > اُئو] وئو – وئل مينهن – برسات – بارش "اَڄي ٽي اُئي جي ڏڏي هير ٽرمان". [سن. اَدشْتَ] جوئو – اوباريل – ناپاڪ – خراب.

• **اُئواتِي ڪَتواتِي:** صفت. بستري داخل (بيماريءَ) يا پيڙا جي حالت ۾ – لازم الفراش.

• **اُئوترَ، اُئوترو:** صفت. [سن. اَشْتَ = اٺ] سؤ تي اٺ (وياج، وَٽو يا لاڻَ) – اٺ في سيڪڙو.

• **اُئوپَت:** ث. اَپت جي صلاح مصلحت – گهرُو صلاح، همدردي – مدد.

• **اُئوپَلي (ل):** ظرف. هڪ ٻئي پٺيان (اٽڻ وانگر) – قطار ۾.

• **اُئورُ ج اُئورَ:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اَٺ] اٽڻ سالن جو (گهوڙو جو پورو جوان ۽ نهايت زور وارو هجي). اَئڙيو – لَڄ – بدمعاش – شرير، ٺگ – ترناڪ.

• **اُئوري ج اُئوري:** ذ. صفت. اُئورُ. ڳرو بدمعاش.

• **اُئورُ، اُئورِي:** ذ. صفت. اُئورُ – اُئوري.

• **اِئورِي ج اِئورِيُون (ث):** ث. پڳل سر.

• **اُئوسَلو:** ذ. اَسلَسلو.

ـ **اُئوسَلو ڪرڻ:** اَسلَسلو ڪرڻ – پُورائي سَرائي ڪرڻ.

• **اُئوڳُ ج اُئوڳَ:** ذ. [سن. اَشْتَمک = اٽون] اٽون حصو – اٽين پتي. ڪنهن پيدائش جو (ڏل طور) ڏنل اٽون حصو. تعلقي اُباوڙي ۾ ڏهن جي سردار کي سرڪاري طرح اُباوڙي تعلقي جي ڏل جو ملندڙ اٽون حصو. رن زال کي مري ويل مڙس جي مليڪت مان مليل به آنا حصو.

• **اُئون:** ذ. صفت. [سن. اَشتمْ] اٽن جو عدد قطاري.

• **اُئونجاهَ:** صفت. [سن. اَشْتا پنچاشَتْ < اَشْتَ = اٺ + پَنْچاشَتْ = پنجاهه] هڪ عدد جو نالو (۵۸) – اٺ ۽ پنجاهه.

• **اُئوڻ:** ث. [سن. اَشْت + گڻ] اٺ دفعا – ساڳي شيءِ اٺ ڀيرا.

• **اُئهَتَر:** صفت. [سن. اَشْتَ سَپْتَت < اَشْتَ = اٺ + سَپْتَت = ستر > هتر] هڪ عدد جو نالو (۷۸) – اٺ ۽ ستر.

• **اُئهَتُ:** صفت. [سن. اَشْت شَشْتِ] هڪ عدد جو نالو (٦٨) – اٺ ۽ سٺ.

• **اُئهَڙيو:** ذ. صفت. [سن. اَڄچَ – سوَڄچَ] آئريو – اَئريل – صاف ٽيل.

• **اُئهُنْ، اُئنِ:** ث. [سن. اَشْمي] ڇنڊ واري مهيني جي اٽين تاريخ.

• **اُئيِ پَهَر:** ڏينهن رات.

• **اُئي:** فعل. [سن. وُرْش = وسڻ" وَئو > وُئي > اُئي] وُئي مينهن – وسندي مينهن. مينهن وسڻ واري وقت – ساوڻ جي موسر "سَمَنَ سچاڻي. آهر اُنائي اُن سين" (شاهه).

• **اُئي واڻِي:** ث. [سن. اُنْشْتَه + واڻِي] اُئي جي ڳالهه ٻولهه – مينهن جي خبرچار – وسڪاري جو حال احوال.

• **اُئيتاليهه:** صفت. [سن. اَشْتَ چَتْوَارِنْشَتْ] هڪ عدد جو نالو (٤٨) – اَٺ ۽ چاليهه.

• **اُئيَلّ (ث):** ث. [سن. اَوَشيتَ] اويرَ – جُوٽ.

• **اُئِينْ:** ث. قطار ۾ اٽون نمبر شيءِ، اٽين تاريخ – اَئنِ.

• **اُئِيو:** صفت. اُئوتَر – اَٺ في صدي.

• **اَثاثُ:** ذ. [ع] سامانُ – اَسبابُ.

• **اَثاثُ البَيتِ:** ذ. گهر جو سامان يا اسبابُ – فرنيچر.

• **اَثامُ:** ذ. [ع] دوزخ جي هڪ ندي.

• **اِثامُ:** ذ. [ع] ڏنڊ. سزا.

• **اَثامي ج اَثامِي:** ذ. صفت. [ع] ڏوهي – مجرم – گنهگار. مدّعيٰ عليه.

• **اَثباتَ:** ذ.[ع. ثَبْتُ ج اَثبات] اعتبار وارا دوست – معتبر يار، معتبر شاهد.

• **اِثباتُ:** ذ. [ع] ثابتي – ثبوت. مضبوطي. دعويٰ. اقرار. بقاءِ (نفيءَ جو ضد). **الله** تعاليٰ جي هستيءَ جو اقرار "آهي ڪلمي ۾ ڏس نفي اثبات" (واصف). ("لااِله) نفي آهي ۽ "الاَّاللهُ" اِثبات).

• **اِثْباتِي:** صفت. اثبات وارو – ثابتي رکندڙ. اِقراري – هائوڪاري. ڪلمي شريف جو اثباتي فقرو – **الله** تعاليٰ "اندر باهر ٽيو اثباتي".

ـ **اِثباتي جُملو:** ذ. گرامر موجب اقراري يا هائوڪاري جملو (سَلْبي يا انڪاري جملي جو ضد).

• **اَثَر ج اَثَرَ:** ذ. [ع] تاثير. خاصيت – گُڻ. نتيجو – ردعمل. علامت – نشان. پيرو. بقايا – نقش قدم. احساس. دٻاءُ – اختيار. حديث – اصحابَن سڳورن جو قول، طريقو ۽ رهڻي ڪهڻي. اڪ جي پردي جي ويجهي اچاڻ.

ـ **اثرائتو ج اَثرائِتا:** صفت. اَثر وارو – مؤثر. فائدي وارو – ڪارائتو.

ـ **اَثرپذير:** صفت. اثر قبول ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

_ **اثر دار:** ذ. صفت. اَثر رکندڙ — خبر رکندڙ.
_ **اثر طراز:** ذ. صفت. مؤرخ — تاريخ نويس.
_ **اثر ڪرڻ:** تاثير ڪرڻ. فائدو بخشڻ.
• **اُثقال:** ذ. [ع. ثِقْلُ ج اَثقالُ] بارَ — بوجا. اَنڪوُن.
• **اُثقل:** صفت. [ع. "ثقيل" جو تفصيل] وڌيڪ گُورو.
• **اُثل:** ذ. [ع] گدامڑيءِ جو وڻ.
• **اِثمُر ج اِثمَر:** ذ. [ع] گناھ — ڏوھ.
• **اَثمار:** ذ. [ع. ثَمَر ج اَثْمارُ] ميوا.
• **اِثمد:** ذ. [ع] سُرمي جو پٿر.
• **اِثناعَشري:** اسم خاص. [ع. اِثناعشرة = ھارھن] ھارھن امامن کي مڃيندڙ شيعن جو ھڪ فرقو.
• **اُثناء:** ذ. [ع. ثِني = ثَھُ ج اَثناءُ] ثَھَ. (ظرف) وچ ۾ يا ھلندي "انھيءَ (جي) اثناءَ ۾ = انھيءَ (جي) وچ ۾، انھيءَ ڪَالھ ھلندي."
• **اُثير:** ذ. [ع] آسمان — پولار. ھاڪ جو عنصر يا گولو. (صفت. عالي — بلند. ڇُوندڙيل.
• **اَثِيمُ:** ذ. صفت. [ع] عاصي — گنھگار — ڏوھاري — مجرم.
• **اَڀَ:** صفت. [سن. اَڀَ] اسم اڳيان ايندڙ حرف. پري. ھيٺ. نہ. خراب. خسيس "اَڀ سَوُڻُ = خراب سڳڻ: اَڀَ ڪامَ = ڏڪار. نفرت: اَڀَ پِيْ = پَوَ ڪانسواءِ، بي خوف".
• **اُڀ:** ذ. [سنَ. اَپ] اسم اڳيان ڪم ايندڙ حرف جنھن مان ويجھائيءَ يا پرڇي معنيٰ نڪري "اُڀيت = ذري گھٽ بيٺ: اُبَسَمُنْد = تقريباً سمند. جنھن کي تن طرفن کان زمين ھجي.
• **اُپات:** ث. ڏسو "اُپاڌ".
• **اُپاتُو ج اُپاتُو:** ذ. صفت. [سن. ١. اُپَتي = مسافر، رمتو؛ ٢. اُپَرِچته = ڏاريو] اُپاتو — ڏاريو — بيگانو — اوپرو — اوقٽو. مسافر — وانھڙو — رَولو.
• **اُپاتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = + پاتْر = لائق] نالائق — اڻ جوڳو.
• **اُپاپُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پاپ] بيگناھ — بي ڏوھ. جو گناھ کي ويجھو نہ وڃي. مسڪين.
• **اُپاءُ ج اُپايَ:** ذ. [سن. ١. اُپاجَ = ويجھو آڻڻ؛ ٢. اُپ = ويجھو + جَنَ = ھڻڻ، پيدا ڪرڻ] پيدائش — پيداوار — تخليق. اُپت — آمدني — ڪمائي — اُپراسو — فائدو.
• **اُپادانُ:** مصدر. [سن] ڪٽي وڍڻ — حاصل ڪرڻ. زوريءَ ڪٽي وڍڻ — ڇڪائڻ. تصرّف ڪرڻ. معنوي تصور (جنھن ۾ حواس معطّل ڪري ڇڏجن). انتھائي سبب يا غرض. ايھام (دو معنيٰ لفظ).
• **اُپاڌ:** ث. [سن] فرض ادائيءَ لاءِ ڪُٽتي يا ويجار. ڪُٽائتو خيال. اُھو ماڻھو جنھن کي پنھنجي ڪنڊب جي سنڀال جو ويچار ھجي. نگي — ڏوھ — فريب — بيڪ. لقب — مذاقي نالو. نياري خاصيّت. حد. باعث. بي انصافي — ظلم — انڌير — ڏاڍ.
• **اُپاڌي ج اُپاڌِي:** ذ. صفت. ڏاڍائي ڪندڙ — سھر — ظالم. نگ — فريبي.
_ **اُپاڌي گھنجڻ:** بار گھنجڻ. ڏڇي کان ڇُٽي پوڻ. تڪليف گھنجڻ.
• **اُپارَ:** صفت. [آ = نہ + پارَ = پَرين ڪنڈي] جنھن کي ھيو ڪنارو نہ ھجي — بي ڪنار — بي ڪَنڈي — انحد — بي حد. اَٿاھ — بي انت — بي شمار — اَپو — گھٽو. اڪيلائي. اھا حالت جو ڪا پَھَرَ ئي ڪانھي. (١) "عمر ٽيھ اُپار، وره وٽيندیس ڪن سين". (٢) "اُڪنڊ مون اپارَ، شال منھنجا موتيا" (شاھ).
• **اُپارَ:** ث. [سن. اُپارْجْ] نيڪال — روانگي — اُڪلاءُ (ڪم جو).
• **اُپار جَت:** ث. [سن. اُپ = ويجھو + اَرْجَ = حاصل ڪرڻ] حاصلات — ڪمائي. اڪتساب.
• **اُپارجَڻُ:** فعل مجھول. [سن. وْيَاپْر = رُڌل رھڻ] مشغول ٿيڻ — رُڌيل وڃڻ — ڪم ۾ غلطان رھڻ.
• **اُپارجَڻُ:** فعل مجھول. [سن. اُپارْجَنَ < اُپْ + اَرْجَ = ويجھو آڻڻ، حاصل ڪرڻ، ڪمائڻ] ويجھو آڻڻ — حاصل ڪرڻ. ڪمائڻ.
• **اُپارَڻُ:** مصدر. [ويدڪ. اُتْپارَڻ] پار پھچائڻ (مال) ھڪڙي ھنڌان ٻئي ھنڌ نيڻ. ڪڍو ڪرڻ.
• **اُپاريو ج اُپاريا:** ذ. صفت. [سن. اُپارتَ = رُڌل] گھٽي ڪم وارو — مشغول — اُپاريو. [سن. اُپار] پرينءَ پر — پري. [سن. اَپارَکَ، اَپارَيَتْ] ھيٽو — اڻ سڳھو — بي طاقت — بيوس "ڪيئن لھندم گَر، مارو پاڻ اُپاريا" (شاھ).
• **اُپاڙُ:** ث. [ويدڪ: سن. اُپارُ] غلطي — ڏوھ — گناھ.
• **اُپاڙڻُ:** مصدر. [سن. اُپارْ] غلطي ڪرڻ — ڏوھ ڪرڻ. رنجائڻ — ايذائڻ. [سن. اُتْپَتْ > اُتپاتَن: ھ. اُپاڙنا] پاڙئون پٽڻ — جڙ اکيڙڻ — بيخ ڪني ڪرڻ. تڏو ڪٽائڻ. (اُپاڙيو — اُپاڙيندو — اُپاڙيل).
• **اُپاڙو:** ذ. ڪُم جو ٻُج — ناپو — اناپو.
• **اُپاڙو ج اُپاڙا:** ذ. صَفت. [اَ = نہ + پاڙ] پاڙ کان سواءِ — بي پاڙو. بي بنياد. (ث) اُپاڙِي ج اُپاڙِيُون.
• **اُپاڙو ج اُپاڙا (ث):** ذ. ھيرَ جي ڏنگھرن جو ڏڪُ.

Gul Hayat Institute

• **اُپاسَ:** ث. [سن. اُپواس] روزو – ورتَ. [سن. اُپاسَ] دُک. انتظار.
• **اُپاسا:** ذ. [سن] ڈيان. تفڪّر.
• **اُپاسَڪُ ج اُپاسَڪ:** ذ.صفت. [سن. اُپاسَڪ] نوڪر – چاڪر. پوجاري – پوءِ لڳ – پيرو.
• **اُپاسَنا:** ث. [سن] بندگي – عبادت – پوڄا. شيوا. عبادت يا تفڪّر لاءِ هڪ طرفو ٿي ويهڻ.
• **اُپاڪُ ج اُپاڪ:** ذ. صفت. [سن. اُپاڪَ < اَ + پچ = پچڻ] اَڻ پڪل – خام – ڪچو – اَپَڪُ. برانهون. پري ڪان ايندڙ. بي مثال. [اَ + پاڪ] ناپاڪ – پليد.
• **اُپاڪرو ج اُپاڪرا:** ذ. صفت. [اَ + پاڪُ] ناپاڪ – پليد. اُڦونگڙو – هلڪڙو – اڻ ڏهيل. مٺاچرو – سرسري طور.
• **اُپانَ:** ذ. [سن. اَپانَ = ساهه باهر ڪڍڻ] ساهُ – تَنَفّس. باد – ريح – ڦوسَ.
• **اُپانڊِ، اُپانڊي:** ث. [سن. اُپادِ] دغا – ٺڳي – ڪُپت – دِوهُ – دولابُ – ڪوڙ "ڪيي ڪاپڙيءَ ڦلوب مون، ما يا موه اپانڊِ" (دلپت).
ـ **اُپانڊِي ج اُپانڊي:** ذ. صفت. ٺڳ – ڪوڙو – ڪُپتيو "وادي، اُپانڊي، ڪوڙئين گهُمن ڪيترا" (سامي).
• **اُپاهَتَ:** ث. [سن. اَ = نہ + پَدْدَت = رستو. واٽ. هلت] ناسازي – بي اتفاقي – اَٽبٽ – بدسُلوڪي.
• **اُپاهَجُ ج اُپاهَج:** ذ.صفت. [سن. اَپاها = چڏي ڏيڻ. وسارڻ: اَپاسْتَ = لوڏيل. چڏي ڏنل. نڌڪو] بي پهُچ – اَڌين. مسڪين. هيٺو – ڪمزور – لاغر. لُولو لنگڙو. ست.
• **اُپاهَڪُ، اُپاهَڪي:** ظرف. اَپاڪُ – اَپاڪي. اوچتو. اچانڪ. اتفاقي.
• **اُپاءِ ج اُپاءِ، اُپاوَ:** ذ. [سن. اُپايَ = اُپَ = ويجهو + آ = ساڻ + اِ = وڃڻ] بندوبست – چارو – تدارڪ – بلو – طريقو – رستو. علاج. تجويز – حيلو وسليو – تدبير. دشمن مٿان سوپ پائڻ جو طريقو (چار طريقا: ڏڦيڙ وجهڻ. صلح جون ڳالهيون هلائڻ. رشوت. ڪلم ڪلاحملو).
• **اُپائڻُ:** مصدر. [سن. اُتْپَدْ. اُتْپادَن] پيدا ڪرڻ – خلقڻ. ڪمائڻ (پَيسو) ـ حاصل ڪرڻ. [سن. اُتْپَتْ = اچلائڻ]. ڪنهن جاءِ تي ڳڏ ٽيل پاڻيءَ کي هٽن ڪرڇيءَ سان باهر ڪڍڻ. ٻيڙيءَ اندر سميل پاڻي ڇاڇيءَ سان ڪڍڻ. (اُپايو – اُپائيندو – اُپايل).
ـ **اُپائِڻهارُ:** ذ. صفت. [سن. اُتْپادَكُ] پيدا ڪندڙ. خالق – سرجڻهار.
ـ **اُپائِڻِي ج اُپائِڻِيُون:** ث. پيدايش – اُپت – ڪمائي – آمدني.
ـ **اُپائُو ج اُپائُو:** ذ. صفت. پيدايش وارو – اُپتائتو – زرخيز. ڪندڙ ڪمائيندڙ.
• **اُپَبَن:** ذ. [سن. اُپَ = مٿي + وَنْ = وڻ جهنگل] جهڳٽو. هٿراڏو جهنگل يا باغ.
• **اُپَبيڪ ج اُپَبيتَ:** ذ. [سن. اُپَ = ڏري ڳهٽ + دُويپ = ٻيٽ] اُهو زمين جو ٽڪر جنهن کي ٽِن پاسن کان پاڻي ۽ چوٽين پاسي خشڪي هجي.
• **اُپَ پاشا ج اُپَ پاشائُون:** ث. [سن. اُپَ + پاشا = هولي] مڪيہ هوليءَ جي شاخ يا فرع. گاڏڙ هولي.
• **اُپَ پِرَنْشَ:** ث. [سن. اَپَپْرَنْشَ < اَپَ = هيٺ + پْرَنْشْ = ڪرڻ] معيار کان ڪريل لفظ. غير معياري هولي. ڪريل يا بگڙيل هولي. پراڪرت هولين مان تمام بگڙيل هولي. ڳوٺاڻي نادرست هولي. ويا ڪرڻ جي قانون خلاف لفظ. خراب ڏڪو.
• **اُپَتِ:** ث. [سن. اَپَتِ] بي ويساهي – بي اعتباري – ڪُپت. بي عزتي. ظلم.
ـ **اُپَتِوَرَتا:** بي پتي يا بيوفا عورت.
ـ **اُپَتِيارو، اُپَتِيو ج اُپَتِيارا، اُپَتِيا:** ذ. صفت. بي پتيو – بي اعتبار – ڪُپتيو.
• **اُپَتُ:** ث. [سن. اُتْپَتْ < اُدْ = مٿي + پَدْ = پيدا ڪرڻ] پيدايش – پيداوار – ڪمائي – آمدني – حاصلات.
ـ **اُپَتائتو ج اُپَتائتا:** ذ. صفت. اُپت وارو – آمدني وارو – پيدايش وارو.
• **اُپَتاپُ:** ذ. [سن. اُپَتاپَ] گرمي. درد – مرض. مصيبت – بدبختي.
• **اُپَتاپائڻُ:** مصدر. [سن. اُپَ + تَپْ] ڪڪ ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – هلاڪ ڪرڻ. زور پرڻ – گهٽو چوٽ – اصرار ڪرڻ.
• **اُپَتُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پَتَ = رستو] غلط رستي تي هلندڙ – گمراه ـ ڪُواٽ.
• **اُپَتِي، اُپَتِيو:** ذ. صفت. [سن. اَ + پَتْيَہ = دوستاڻو. موافق. فائده مند] ديرهضم – ناموافق.
• **اُپَتَ:** ث. [سن. اُدْ گَهْتْ = پَتڻ. ظاهر ڪرڻ] پڌرائي – اظهار – اِنْڪشاف – واشگافي. اُگهٽ – اوگهڙ – ذڪر – بيان. خبر – سُڌ "پئي ڪان اُپَتِ، وَري ويچ وصال جي" (خانہ زئي).
• **اُپَتارَ ج اُپَتارُون:** ث. [سن. اُدْ گَهَتْ] پڌرائي – اظهار – واشگافي. خبر – پچار – ڳالهہ – ذڪر. ٽوري سُٽس – هاڪُور. قولهہ. چيڙ چاڙ.

Gul Hayat Institute

ـ **اُپتار پوڙ:** مصدر. ٽوري خبر پوڙ ـ هاڪور ملڻ ـ سُٽس پوڙ.

ـ **اُپتار ڪرڻ:** ذڪر اذڪار ڪرڻ. ڪا ڳالهه چيڑڻ ـ پچار ڪرڻ. واضح نموني ۾ ڳالهه ڪرڻ.

• **اُپتارڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ + گهَتْ] ذڪر ڪرڻ ـ بيان ڪرڻ. پچارڻ. (راز) کولڻ. (وري) چوڻ (ڪا ڳالهه). پڌرائي ڪرڻ ـ واشگافي ڪرڻ.

• **اُپتَڻُ:** مصدر. [سن. ١. اُدْگهٹْ; ٢. اُتپَتَنَ < اُتْ = مٿي + پَتْ يا پَدْ = پيدا ڪرڻ] پَٽڻ ـ کولڻ ـ واڪرڻ. ظاهر ڪرڻ ـ واشگاف ڪرڻ. ١. "مُٺ پيڑيائي پلي، جو اُپتي تہ واءُ" (شاهه ڪريم). ٢. "دستگير ڏري، اُپتَ ڪا احسان جي" (شاهه) (اُپٽيو ـ اُپٽيندو ـ اُپٽيل).

ـ **اُپتَ:** ٽ. اُپٽڻ جي حالت ـ کولڻ جي حالت. پڌرائي ـ اظهار ـ واشگافي. اوگهڙ. ڳالهه ـ ذڪر.

ـ **اُپتائڻُ:** مصدر. ("اُپٽڻ" مان متعدي بالواسطه) کولائڻ ـ پڌرو ڪرائڻ ـ ظاهر ڪرائڻ.

ـ **اُپتجڻُ:** مصدر "اُپٽڻ" مان فعل مجهول. کلڻ ـ پڌرو ٿيڻ ـ ظاهر ٿيڻ.

• **اُپتَڪُ:** صفت. [هـ] هٿين پيرين شل ـ ارڌانگي.

• **اُپتَڻُ ج اُپتَڻَ:** ذ. اُپٽڻ يا اُپٽڻ.

• **اُپتَڻُ:** مصدر. [هـ. اُپتَنَا]، ٽڪجي پوڻ. ڪڪ ٿيڻ.

• **اُپتو ج اُپتا:** ذ. صفت. [سن. وِپْرِيَسْت = اُلٽو سلٽو] اُلٽو ـ اونڌو. ڏانوا ڏول. پريشان ڪندڙ. (ث) اُپتي ج اُپتُيون.

ـ **اُپتي نظر:** ٽ. اُلٽي يا نامهرباني جي نظر.

• **اُپتَتني ج اُپتَتنيُون:** ٽ. [سن. اُپ = ذري گهٽ + پَتني = زال] سينڊي ـ ساهيڙي. وٹشيا.

• **اُپتَتي ج اُپتَتي:** ذ. [سن. اُپَ =ذري گهٽ + پَت = مرَسُ] يارُ. سينڊو ـ چگهه.

• **اُپتُراڻُ:** ذ. نندو پُراڻ (جو ڪنهن پراڻ جو تفسير هجي).

• **اُپتُ، اُپتُ:** ذ. [سن. اُپجات < اُپ = مٿي + جَنْ = جڻڻ، پيدا ڪرڻ] پيدايش ـ خلقت. جَمُ.

• **اُپجاءُ:** صفت. [سن. اُپجَنْ] آباد ـ سرسبز ـ وسندڙ ـ پلو.

• **اُپجائڻُ:** مصدر. [سن. اُپجَنَ] پيدا ڪرڻ ـ خلقڻ. جڻڻ.

• **اُپجَتنُ:** [سن. اُپَ = ويجهو هيٺ + يَتْ = جتن يا سعيو ڪرڻ] جتن. سعيو ـ تياري.

• **اُپجَسُ:** ذ. [سن. اُپَ = گهٽ + يَشَسْ = جَسُ] بدنامي ـ خواري ـ گلا ـ رُسوائي ـ بي عزّتي ـ توهين. بُرائي. داغُ.

ـ **اُپجَسي:** صفت. بي جسو ـ ڪُجسو ـ خواريءَ جهڙو.

• **اُپجَنُ:** مصدر. [سن. اُپجَن < اُپَ = هيٺ ويجهو + جَنْ = جڻڻ] پيدا ٿيڻ ـ پَڌَرڻُ.

• **اُپجَندڙُو:** ذ. صفت. جو پُڄي نہ سگهي ـ بي پهچ ـ ڪمزور ـ هيٺو.

• **اُپجَرَ اُپجَرا ج اُپجَرُن، اُپجرائُون:** ٽ. [سن. اُپَسَرَسْ، اُپْسَرا] پَري ـ اَپسرا. تمام سُهڻي عورت ـ حُور.

• **اُپديشُ ج اُپديش:** ذ. [سن. اُپَ =ويجهو + دِشْ + ڏيڪارڻ] نصيحت ـ پَنڊ ـ وعظ ـ پرچار ـ هدايت ـ تعليم ـ سکيا. صلاح.

• **اُپديشَڪُ، اُپديشي:** ذ. صفت. واعظ ـ ناصح ـ هادي ـ صلاحڪار.

• **اُپَرُ:** صفت. [انگ. upper] مٿاهون ـ مٿيون.

ـ **اُپَرسُنڊ:** ذ. سنڊ جو مٿيون حصو.

ـ **اُپَرڪلاسُ:** مٿاهون درجو (ريل گاڏيءَ يا سئنيما ۾).

• **اُپَرُ:** صفت. [سن. اُپارَ] جهجهو ـ گهٽو. لاثاني ـ بي مثل. ويتر ـ اُتلو ـ هيڪاري. اعليٰ. وڏي معنيٰ واري، وڏي فڪر سان. سمجهه ۾ اچڻ جهڙي، وڏو شاهي، غير مولي. نرالو. گهٽو. "اُپر اڪانجهو ٿيو، سُور اُنين کي سڪَ" (شاهه).

• **اُپَرُ:** حرف جر. ظرف. [سن. اُپَر] مٿاهون ـ مَٿي.

ـ **اُپَرُ اُپر:** ظرف. مٿي مٿي ـ تَمام مٿي. وري وري ـ ساندهه.

• **اُپَرادَ ج اُپَرادَ:** ذ. [سن. اُپَراذَ (= اُپ= خراب طرح سان + راذْ = پورو ڪرڻ)؛ پرا. اُوَرَدّ] گناهه ـ ڏوهه ـ دوش ـ پاپ ـ قصور. ظلم.

ـ **اُپَرادي ج اُپَرادي:** ذ. صفت. گنهگار ـ ڏوهي ـ خطاڪار. ظالم ـ پاپيَ.

• **اُپَرادُو:** صفت. [سن. اُپَرِ جنّه] اوپرو ـ ڏاريو ـ اوڦٽو ـ اڻ ڄاڻو.

• **اُپراڙو (ث):** ذ. ٻاهريون پاسو.

• **اُپَراسو (ل):** ذ. [سن. اُپَ = گڏ + راسْ = ڏيڻ] آمدني ـ پيدائش ـ اُپت ـ ڪٽيو ـ ڪمائي. صافي ڪمائي. لاڀ ـ نفعو ـ فائدو.

• **اُپرانْتُ:** ظرف. [سن. اُپرانْتْ < اُپَر = مٿان + اَنْتَ = چيڑو] پوءِ ـ بعد ـ تنهن کان پوءِ ـ انهيءَ بعد ـ انهيءَ مٿان. بچت ـ باقيات. اوپر ـ جوڙ ـ وٽاريل.

• **اُپراڙو (ث):** ذ. صفت. پيرن اڳهاڙو.

Gul Hayat Institute

• **اُپراوَري:** صفت. [ھ] جھيڑاڪار – جھگڑالو.
• **اُپرَتَ:** صفت. [سن] نيارو. نفساني خواهشن کان الڳ – تارڪ – تياڳي. مُئل.
• **اُپرتاپ:** ذ. [سن. اَ = نہ + پْرتاپ = روشني، تيزي] مُڏائي. جھڪائي. طاقت يا بخت جي اڀ هوند.
ـ **اُپرتاپي:** صفت. مڏو. بي طاقت. بدبخت.
• **اُپرتِيْتَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پْرتِيْت = مشهور، نالي وارو، اعتبار، ايمان] بي اعتبار – بي ايمان – بي نام.
• **اُپرتِيْتي:** ث. بي اعتباري.
• **اُپرَتِيْ:** ث. [سن. اَ = نہ + پَر = موجب + پَتْ = هلڻ] راھ ۾ رسم کان انحرافي.
• **اُپرَپايو (ٿ):** ذ. [سن. اُپر = مٿي + پاد= پير] جانور – ڍور – چوپايو.
• **اُپرَچا:** ث. [سن. اَ = نہ پَر = موجب + اِيْش = ڏسڻ] عدم آزمايش يا عدم ثبوت.
• **اُپرَڏانَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پْرَڏان = مڪير] تابع – ثانوي – خسيس. بي طاقت.
• **اُپرَسُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سپْرَشْ = ڇُهڻ] نہ ڇهڻ جهڙو (اشنان بعد ۾ کائڻ ۾ پوڄا کان اڳ هڪ هندوءَ جي اها حالت جنهن ۾ هن کي کاڌ شيءِ ڇُهڻ حرام آهي). نہ ڇهندڙ. ڪنهن بہ دنيوي شيءِ کي هٿ نہ لائيندڙ – پرهيزگار "اَنيئي اُپرَسُ، کوڙين ۾ کو هڪڙو" (سامي). [ع. اَبْرصُ] کوڙهيو.
• **اُپرَسادي:** صفت. [سن. اَ = نہ + پْرَسادِي = جيڪي ديوتائن کي آڇجي] پيتا جو اڀ لائق.
• **اُپرَسُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ پُرُشَ = مڙس] نامرد. زنانو.
• **اُپرَمَانُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پْرَمانَ = ثابتي] بي ثابتي – کوڙو.
• **اُپرَمْپارَ اُپرَنْپارَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَرَمَ = اصل + پارَ = درياءَ جو پرين طرف] بيحد – بي انت.
• **اُپرونْجا:** ذ. [ھ] انگوڇو – توال.
• **اُپريا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ضلع خيرپور ۾).
• **اُپرِيْتَ:** ث. [سن. اَ = نہ + پْرِيْت] دشمني – عداوت.
• **اُپرِيمَ:** ذ. [اَ = نہ + پريم] اُپريَتِ ـ دشمني – خصومت – ڏکار.
• **اُپريلُ:** ذ. [انگ. April] عيسوي سال جي چوٿين مهيني جو نالو.
• **اُپريل فُولَ:** ذ. اپريل جي پهرين تاريخ ڪيل چرچو.
• **اُپريو ج اُپريا:** ذ. ڪٽ جي مٿي يا پيرن واري ڪاٺي – اوپرو – سيرون.

• **اُپَڙُ:** صفت. [اَ = نہ + پَڙ < پَڙڻُ] نہ پڙندڙ – پورو نہ پوندڙ. اڻپورو – ناقص.
• **اُپڙُ:** ذ. [سن. اُتْكَرْشَ] واڌ. اُتَرُ (جو مٽا سٽا ۾ ڏجي يا وٺجي).
• **اُپڙائِنُ:** مصدر. ٽوري پنڌ تائين چڙي اچڻ – اماڻڻ – پهچائڻ. پار ڪرڻ. جلدي ڪرڻ – اڪلائڻ. ڏرو ٽيڪ ڏيئي مٿي کڻڻ (زمين تي بيل ڪنهن ڳري شيءِ کي). (اُپڙايو – اُپڙائيندو – اُپڙايل).
• **اُپڙُتُ:** ذ. صفت. اُپرت.
• **اُپڙَڻُ:** مصدر. [سن. اُتْپَتَنَ – اُتْپَتْ < اُدْ = مٿي + پَدْ = وڃڻ] مٿي ٽپڻ – کڄڻ. اُسرڻ. وڌڻ ويجهڻ – مٿي چڙهڻ. پيدا ٽپڻ. اُپرڻ. غالب ٻوڻ. بهتر حالت ۾ ٽپڻ – سڌرڻ. ٻاهر نڪرڻ "دنگي وچ درياه، ڪي ٻڌي ڪي اُپڙي" (شاھ). تڪو هلڻ – تڪڙو هلڻ – وک وڌائڻ "جَتُ وجي تُو زور، اُپڙ تان اوڏي ٽئين" (شاھ). (اُپڙيو – اُپڙندو – اُپڙيل).
• **اُپَسُ:** صفت. [سن. اَپَشْيه = نہ ڏسندڙ] اڻ ڏٺل – نادیدھ. جو ڏسڻ ۾ نہ آڇي. (ظرف) [سن. اَن پيكْشْتَ] اتفاق سان – اتفاقاً – اوچتو – ناگاه ـ قضائي – بي خبريءَ ۾ ـ پَهَس.
• **اُپسُ، اُپَسَ:** ث. [ھ. اُپَسْ: سن. اُچِشْتَ] بدبوءِ ـ پاروٽائي – گندگي.
• **اُپْسَرا ج اُپْسَرائُون:** ث. [سن] اُپچرا.
• **اُپسَرَڪُ ج اُپسَرڳ:** ذ. [سن. اُپسَرُگ < اُپْ = ويجهو + سْرْجْ = پيدا ٽپڻ، رکڻ: پرا. اَوَسَگَ] اهو اڳياڙيءَ وارو حرف جو اسر يا فعل اڳيان اچي ان جي معنيٰ ۾ قيرو آڻي "اَ، اَڻ، بي وغيره" – صفاتي اڳياڙي (prefix). ڏاتو يا بنياد جي اڳيان ڪم ايندڙ نشاني. واڌ. تڪليف – بدبختي. اُهڃ – اَپسوڻ. روڳ – بيماري. جن جو واسو. موت جي نشاني.
• **اُپسَڪُتُ ج اُپسَڪَنَ:** ذ. [سن. اَپَ شَكَنَ < اَپَ = خراب + شَكَنَ = سُڳن] اَپسَوڻُ – بدشگون – بدسوڻ – خراب فال.
• **اُپسُمارَ:** ث. [سن. اَپَ = نہ + سْمْر = ياد ڪرڻ] ويسر جو مرض – مرگهي.
• **اُپسَمُنْدُ ج اُپسمُنْدَ:** ذ. [سن. اَپ = جهڙو، ذري گهٽ + سَمُنْدر = سمنڊ] سمنڊ جو اهو پاڳو جنهن کي ٽن پاسن کان زمين هجي ۽ چوٽون پاسو پاڻيءَ سان ڳنڍيل هجي.
• **اُپسَنْگي:** صفت. [سن. اُپسَنْگْرْ = هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ، ڪنهن ناتي يا شرط ۾ داخل ٽپڻ] مددگار.

Gul Hayat Institute

• **اُپسَڻُ:** مصدر. پُسڻُ "وٺي جا قلات، جيڪس لوڙها اُپسيا".
• **اُپسَوڙ، اُپسَوڙُ:** ذ. وهر — سَنسو.
• **اُپکُ:** ذ. صفت. [اَ + پَکُوَ = پکو] اَڻ پکو — ڪَچو. پورو هضم نہ ٿيل. (ظرف) اُپاهَڪُ — اوجتو.
• **اُپڪار:** ث. [سن. اَپَ = خراب + کار = ڪر] خراب ڪر — غلطڪاري. بُرائي. ايذاءِ. نقصان. ظلم — دشمني.
• **اُپڪارَ، اُپڪارُ:** ث. ذ. [سن. اُپَ = ڏانهن، ويجهو. ساڻ + ڪُرْ = ڪرڻ] مدد. فائدو. شيوا. مهرباني — پلائي "ست گر جو اُپڪار، ڪهڙو ڳڻيان مُک سان" (سامي).
• **اُپڪاري ج اُپڪاريِ:** ذ. صفت. مددگار. ڇڳائي ڪندڙ. فائدو بَخشيندڙ.
• **اُپڪ ج اُپڪ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + پَکُش = پر، ڪنپ] پرن يا ڪنين ڪان سواءِ ـ بي پرو. بي مددگار.
• **اُپڪُرهُ ج اُپڪُرهَ:** ذ. [سن. اُپ + ڪُرهَ] ننڍو گرھ (جو ڪنهن ٻئي وڏي گرھ جي چوڌاري ڦرندو رهي ۽ ان جي ڪشش جي زير اثر هجي. جهڙوڪ چند، جو ڌرتيءَ جو اُپڪُرهِ آهي).
• **اُپَل ج اُپَلْ:** ذ. صفت. نہ پلجڻ جهڙو. جو روڪجي يا جهلجي نہ سگهجي — اڻ جهلُ. ڇيڪ.
• **اُپلاڻو ج اُپلاڻا (ث):** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پْرِيَاڻ — پَلْيَان: ف. پالان] بنا پلاڻ يا پاکڙي جي (اُٺ).
• **اُپَلجُ ج اُپَلجَ:** ذ. صفت. [سن. اَپَلَجّا] بي لڄو — بي حياءِ.
ـ **اُپَلجَا، اُپَلجائي:** ث. بي لڄائي، بي شرمي.
• **اُپَلڪُ:** ذ. [سن. اَپ = خراب + لَگْ] خراب رشتو — خراب تعلق.
• **اُپَليو:** ذ. صفت. اَڻ پليو. اَڻ جهل "آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نيهن اَ پليو نہ رهي" (شاهہ).
• **اُپَما، اُپَمان:** ث. [سن. اُپَ = ويجهو. ساڻ. ڳڏ + مَا = ماپڻ] هڪجهڙائي — مشابهت — تشبيه ـ پيٽ.
• **اُپمانُ ج اُپمانَ:** ذ.[سن. اَپَ = خراب، ڳهٽ + مان = عزت: پرا. اَپمانْ] بي مانائي — بي عزتي — توهين.
ـ **اُپماني ج اُپماني:** ذ. صفت — بي عزّت — خوار.
• **اُپَنْتُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + پَتّ = رستو] خراب رستو — بي راهي — ڪفر.
ـ **اُپَنْتِي ج اُپَنْتِي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَتّ = رستو] بي ڌرم — بي دين. گمراه ـ بي راهہ.
• **اُپَنشَدُ:** ذ. [سن. اُپَ + نشَدَ] اهو الاهي علم جو جهالت کي دور ڪري. باطني اصول ۽ عقيدا (جي ڪن برهمڻن جي ڪتابتن ۾ موجود آهن) جن جي وسيلي ويدن جي اندروني معنيٰ معلوم ٿئي. سچو علم.
• **اُپَنگُ ج اُپَنْگَ:** ذ. صفت. [سن. اَپانگَ] پنگلو — جڏو. ڪنهن بہ عضوي کان بيڪار.
• **اُپڻا:** صفت. [سرائڪي] اَپنا — پنهنجو.
ـ **اُپڻاڪائيُ:** پنهنجي ساراهہ ڀاڙ ڪرڻ — پاڻ ڀڏائڻ.
ـ **اُپڻائپ، اُپنايت:** ث. پنهنجائي. ڪُٽنب — هار ٻچا. مٽ مائٽ.
• **اُپڻائڻُ:** مصدر. اُپڙائڻ.
• **اُپَڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ + پَرَنَ = هوا] هوا ۾ اَڏ صاف ڪرڻ — واڙڻ. اڏ مٽيءَ کان ڌار ڪرڻ.
• **اُپڙو ج اُپڙا:** صفت. [سرائڪي] پنهنجو — اَپڻو. (ث) اَپڙي ج اَپڙيُون.
ـ **اُپڙي گهوڙَڻُ:** ڀاڙ تي پاڙڻ. پنهنجي سرمحنت ڪرڻ ۽ ڪمائڻ "اپڙي گهوڙ تہ نشا ٿيوي".
• **اُپواسُ ج اُپواسَ:** ذ. [سن. اُپَواسَ (= اُپَ = ويجهو + وَسْ = رهڻ): اُوَواسَ] روزو — وڙتُ. فاقو.
ـ **اُپواس رکڻ:** روزو يا ورت رکڻ. لنگهڻ ڪڍڻ — فاقو ڪڍڻ.
ـ **اُپواسي ج اُپواسي:** ذ. صفت. روزائتو — ورت وارو. فاقه ڪش.
• **اُپُوتّ:** ذ. صفتّ. [سن. اَ = نہ + پُتْر = پُٽ] بي اولاد — نِپُتو. بي چيو. [سن. اَ + پَوِتْر] ناپاڪ — پليد.
• **اُپَوِتْرُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پوتَرَ = پاڪ] ناپاڪ — پليد — نجس.
ـ **اُپَوِترائي، اُپَوِتْرتا، اُپو ترتائِي:** ث. ناپاڪي — نجاست — پليدي. غلاظت.
• **اُپوتّ:** ذ. صفت. اَپوتْرُ.
• **اُپُڻ ج اُپُوڻ:** ذ. [سَن. اَپُوپ] موٽيل ٻڪي — موٽي — لولي.
• **اُپُوجُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پُوجيَ] نہ پوڄڻ جهڙو.
• **اُپُوجَا:** ث. [سن] بي ادبي — اَپماني.
• **اُپُورَڻُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پُورْڻُ] اڻ پورو — نامڪمل — ناتمام — ناقص.
• **اُپُولو:** اسم خاص. [يوناني، Appolo] يونان جي قديم يارهن ونڊن ديوتائن مان هڪ جو نالو (جو جواني، خوبصورتي ۽ راڳ جو ديوتا سمجهيو وڃي ٿو).
• **اُپويدُ ج اُپويدَ:** ذ. [سن. اُپَ — ويدَ] ثانوي علم. چئن ويدن جا ضميما. پُراڻ.
• **اُپَهْتو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَدْڌَت = رستو، ريت] اونڌيءَ

ريت وارو — ڪُريتو. اهنڌ — نالائق — نامناسب.

• **اَپَهِجَ (ل):** صفت. بي پهج — بي طاقت — بي وَسُ.

• **اَپَهُسُ:** ظرف. پَهُسُ. جلد — شتاب "اَپَهُسَ اُٿي عيسو چوي، وڃي ٽي تن سين گڏ" (ميون عيسو).

• **اَپَهَڪُ، اَپَهڪي:** ظرف. اپاهڪ — اوچتو — ناگاه ـ امالڪ. ارادي کان سواءِ ـ بنا ويچار جي.

• **اَپُهو اَپ:** ذ. [آواز] جتن جو اُٿن کي هڪلڻ جو مخصوص آواز.

• **اَپيتو ج اَپيتا:** ذ. صفت. [سن. اَدْ + پيت] وڃ يا پيٽ ٻاهر نڪتل — اَپريل — ماهي پشت — ڪُهو.

• **اَپِيارا:** ذ. صفت. [اَتِتِ = رمتو فقير] غريب — مسڪين — سُڃو. يتيم — چورو.

• **اَپِيرِيْ:** ث. اها وات جنهن ۾ پير هٽ نه اچي — ڪپيري "اَپيريءَ ۾ پير ڪنين پاتو پيريين" (شاه).

• **اَپِيلُ ج اَپِيلون:** ث. [انگ. Appeal] هيٺينءَ ڪورٽ ۾ فتويٰ ملڻ بعد اُن کان مٿينءَ ڪورٽ ۾ داد ملڻ لاءِ وري ڪيل پڪار.

• **اَپِينْدي:** ث. گهرج — احتياج — ضرورت — ڪَپ — لوڙ.

• **اَپِيوگُ:** ذ. [سن. اَپِيوگ] مشغولي — ڪر — خدمت — فائديمندي. دوا درمل ڪرڻ. لائقي. گڏجائي — ويجهڙائي. واجبي هلت.

ـ **اَپِيوگي:** ذ. صفت. لائق — قابل ڪار — استعمال جوگو. ڪمائتو.

• **اَجُ:** ذ. [سن. اَجَ] ٻَڪرُ — ٻڪرو — ٽيهرُ. گهيٽو.

• **اَجَا:** ث. [سن. اَجَا] ٻڪري.

• **اِجابَت ج اِجابتُون:** ث. [ع. اِجابَة = جواب ڏيڻ] جواب — قبوليت — منظوري — مڃتا — اقرار. پاخاني اَچڻ جي حالت — خلاصو پيٽ.

• **اَجاتُ ج اَجاتَ:** ذ. صفت. [سن. اَجَاتَ = اَڻ ڄاول] جو اڃا نه ڄائو هجي — اڻ پيدا ٿيل — اَڻ سرجيل. اَبدي. [سن. اَ + جات = ذات] جنهن جي ذات يا ورن (ساڳيو) نه هجي. ذات پات مان نڪتل. نيات کان نڪتل — ٽالهين مان لٽل. نڙگوءِ کان نڪتل.

• **اَجاپُ:** ذ. صفت. [سن. اَ — جاپ = جپڻ، سس پس ڪري پڙهڻ] مڙ مڙ ڪري مالها يا تسبيح پڙهڻ يا عبادت ڪرڻ. ويدن جا ٽَڪرا جهيٽي آواز ۾ يا پُٽ پُٽ سان پڙهڻ.

• **اِجارَ ج اِجارون (ڪ):** ث. [ع. "ازار" جو بگڙيل ٻهراڙيءَ جو تلفظ] اِزار — سلوار — سُٿڻ — ڪانچ.

• **اَجارَڻُ:** مصدر. [سن. اُجْجولْ < اُجْ، اَدْ + جُوَلْ = چمڪڻ] صفا ڪرڻ — پالش ڪرڻ. چمڪائڻ (مهٽي يا صاف ڪري). صيقل ڪرڻ "آيا اَجارين، تيڳ تراريون تيورا" (شاه). سُونارن جي اصطلاح ۾ سون چاندي وغيره کي صاف ڪري (تيزاب ۾) چلڪائڻ — اوجَرُ ڏيڻ — اوجارڻ. روشن ڪرڻ (نالو). نالو پڌرو ڪرڻ — ناماچار ڪيڻ (وڏن جو). سينگارڻ. سينگاري ٺاهي دفن ڪرڻ (لاش کي). (اَجاريو — اَجاريندو — اَجاريل).

ـ **اَجارُ:** ذ. صفائي — صيقل — اوجَرُ. چمڪو — چلڪو. (صفت) اجاريندڙ — صاف ڪندڙ — چمڪائيندڙ.

ـ **اَجارائِڻُ:** مصدر "اَجارڻ" مان متعدي بالواسطه. صاف ڪرائڻ. صيقل ڪرائڻ. چلڪائڻ. ڪَتُ ڪيائڻ. مَٽُ ڪيائڻ.

• **اَجارو ج اَجارا:** ذ. چمڪو — چلڪو. صيقل. روشني — سوجهرو. تجلو. نيڪنامي. (اسم فاعل) اَجاريندڙ — چمڪائيندڙ. ناموس ڪيندڙ.

ـ **اَجاري ڇڏڻ:** (ٽنولي ۾) اڏي ڇڏڻ.

• **اِجارو اِجاره:** ذ. [ع. اِجارَة] محصول. ناڪو. محصول اڳاڙڻ جو ٽيڪو. پَٽو. ٽيڪو — مقاطعو. لاپو. پاڙو — ڪرايو. اهو محصول جو پاڻي درياه پار ويندڙ مسافرن کان وٺي.

ـ **اِجارَه دار:** ذ. صفت. ٽيڪيدار — مقاطعه دار.

ـ **اِجاره داري:** ث. ٽيڪيداري — مقاطعو.

ـ **اِجارهُ ڪولاب:** ذ. سيلابي زمين ۽ ڏنڊن واريءَ زمين تي آبادي ڪرڻ جو ٽيڪو. ڏنڊن جو ٽيڪو.

ـ **اِجاره نامو:** ذ. ٽيڪي جو سَنَد.

• **اَجاڙُ:** ذ. [هـ] سٽيءَ جو ٽلهو ڪپڙو.

• **اَجاڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ = مٽي + جُڑِي — جَاڙَڻُ = ناس ڪرڻ] ويران ڪرڻ — سُڄ ڪرڻ — برباد ڪرڻ — ڇت ڪرڻ "ڪانهي ڪاڻ ڪَٽَڻ جي سچل کي، آٽڻ دوست اَجاڙيون هليو ويو" (سچل). (اَجاڙيو — اَجاڙيندو — اَجاڙيل).

ـ **اَجاڙَ ج اَجاڙُون:** ث. ويراني — سُڄ — پينگ "پنيوران اَجاڙ، سرتيون سکر پانئيان" (شاه). (صفت) برباد — ويران — غيرآباد.

ـ **اَجاڙ ڪرڻ:** برباد ڪرڻ — ويران ڪرڻ — سُڄ ڪرڻ — پينگ ڪرڻ.

ـ **اَجاڙي ڇڏڻ:** برباد ڪري ڇڏڻ — ويران ڪري ڇڏڻ.

• **اِجازَتُ:** ث. [ع] موڪل — رخصت — منظوري. تعويذ لکڻ يا عمل ڪرڻ جي اِجازت (جا مرشد يا اُستاد ڏئي) ـ هُدو.

ـ **اِجازَت خواه:** ذ. موڪل گهرندڙ.

ـ **اِجازَت نامو ج اِجازت نامَا:** ذ. اِجازت جي سند. مختيار نامو.

• **اِجازو:** ذ. [ع. اِجازه] سَنَدَ "توکي اِجازو يا نبي ڪامل ڪوٽر جو".

Gul Hayat Institute

• **اُجاگ، ج اُجاگ (ث):** ذ. چلڪو – چمڪو – روشني.
• **اُجاگر:** صفت. [ھ] روشن.
• **اُجالو:** ذ. [سن. اُجْجُوَلا] روشنائي – تجلو – چمڪو . سوجھرو – سُھاڻو. اُجارو – اوجَر.
• **اُجالي:** ث. [سن. اُجْجُوَلا] تاب – روشني.
• **اُجامَرُ:** ذ. [سن. جامْرِيَه] اَمرت جل – آب حيات.
• **اُجامَرجو پاڻي پيئڻ:** تمام وڏيءَ عمر جو ٿيڻ.
• **اُجايو ج اُجايا:** ڏ. صفت. [اَ = نہ + جايو < ف. جا] بيجا – غير ضروري – بيسُود – بي فائدو – بيڪار – ڪنھن نہ ڪر جو – فضول. بيھودو – خواہ مخواہ. گھٽو. (ث) اَجائِيُ ج اَجايُون.
ـ **اُجايو پاڻي ولوڙڻ:** بيسود ڪوشش ڪرڻ – اَجائي محنت ڪرڻ.
ـ **اُجائي ڪي سَجايو ڪرڻ:** بيڪار کي باڪار بنائڻ – فضول ڳالھ ۾ حقيقت پيدا ڪرڻ.
• **اِجْبارُ:** ذ. [ع] جبرو – زور – زبردستي.
ـ **اِجْباري:** صفت. زوري – لازمي – جبري.
ـ **اِجْباري تعليم:** ث. زوري تعليم.
• **اِجْتِماعُ ج اِجْتِماعَ:** ذ. [ع] ميڙ – مجمع ميلو . ميٽنگ – سَميلَن. جماعت – سوسائٽي. سج ۾ چند جو ھڪ بُرج ۾ ھڪ درجي ۾ ھڪ دقيقہ ۾ گذجڻ (انھيءَ وقت چند نظر کان غائب ٿي ويندو آھي.
ـ **اِجْتِماعِ نَيرَّين:** ذ. سج ۽ چند جو ھڪ بُرج ۾ گڏ ٿيڻ واري حالت.
ـ **اِجْتِماعي:** صفت. مجموعي. جملي – گڏيل – ساريءَ جماعت سان تعلق رکندڙ – سوسائٽيءَ سان وابستہ – سَماجي.
• **اِجْتِنابُ:** ذ. [ع] ڪري – پرھيز – رک.
• **اِجْتِھادُ ج اِجْتِھادَ:** ذ. [ع] ڪوشش – اُدم . حديث مان پنھنجي علم ۽ فراست سان ڪو نئون فقہ جو نڪتو يا اُصول پيدا ڪرڻ.
• **اَجَپو (ث):** ذ. صفت. [سن. اَجَپ = اَ = نہ = جَپُ = دل ۾ ياد ڪرڻ] جو ياد ڪري نہ سگھجي. ناشدني – آڻ ٽِيٽو. ناممڪن.
• **اَجْدادَ:** ذ. [ع. جَدّ ج اَجدادَ] ڏاڏا. ابا ڏاڏا – وڏا بزرگ.
ـ **اَجرُ ج اَجَر:** ذ. [ع. اَجْرُ ج اَجور] عوضُ. ڦَل. جَزا. ثوابُ.
ـ **اَجرُ عَظيم:** ذ. تمام گھٽو عوضُ. تمام وڏو ثواب.
• **اَجَرُ:** صفت. [سن. اَ + جَرِيَه] ھضم نہ ٿيندڙ – دير ھضم. [سن. اَ + جَر < جْرِي = ھيڏو ٿيڻ. ناس ٿيڻ] دائما جوان. غيرفاني "جنھن ۾ اَجَرُ اَمَرُ پُرک وَسي پرماتما" (سامي). [سن. اُجْوَلْ < اَ = پہ + جُوَلْ = ٻرڻ] نہ ٻرندڙ – اُھو جنھن کي باھ نہ ساڙي سگھي.
ـ **اَجَرُ جَري:** صفت. غير فاني – اَمَرُ "ڪوڙين ۾ ڪو ھڪڙو سمجھي اَجَرُ جَري" (سامي).
• **اُجَرُ ج اُجَر:** ذ. [سن. اُجْجوَلَ] سون. چاندي وغيره ڌاتن مان ٺھيل شين جي صفائي – چمڪو – اوجَر.
• **اِجْرا، اِجْراءُ:** ذ. [ع. اِجراء = جاري ڪرڻ] تعميل – بجاوري – سرانجامي. نيڪال.
• **اِجرا ڪرڻ:** جاري ڪرڻ – تعميل ۾ آڻڻ.
• **اَجْرامَ:** ذ. [ع. جِرْم ج اَجْرام] جِرْمَ – اجسام.
ـ **اَجرام چَرْخ، اجرامِ سَماءِ، سماوي، اجرامِ فَلَكي:** ذ. آسماني جسم – ست گرھ يا سيّارا – ثابت تارا – ثوابت.
• **اِجْرامُ:** ذ. [ع] جُرم يا ڏوھ ڪرڻ.
• **اِجْرائِنْ:** مصدر. اُجارَڻ – جرڪائڻ – چمڪائڻ.
ـ **اِجرائي ج اِجْرايون:** ث. صفائي – سنائي – پاڪيزگي.
• **اُجْرتَ ج اُجْرتُونْ:** ث. [ع. اُجْرَة] عوض محنتاڻو. مزوري. قيمت.
• **اَجْرَڪَ (ث)، اَجْرَڪُ ج اَجْرَڪُون، اَجْرڪ:** ذ. [ع. اَزْرَقُ = نيلو. اَجرڪ ۾ بنيادي رنگ نيلو ٿيندو آھي] ھڪ قسم جي رڱيل ۽ ڇريل ڏھڪن واري چادر، جا خاص طور سنڌ ۾ ڪلھن تي ڪرڻ، پٽڪي يا گوڏ ٻڌڻ لاءِ استعمال ٿئي: چنسالي‌ءَ جي لحاظ کان "ڪڪر"، "ڏھلي" وغيره قسم اٿس. "ھِ پُڑِي اَجرَڪَ" يعني ھنھي پاسن کان رڱيل.
ـ **اُجرڪ چَندڻ:** ڪاوڙجي اُٿڻ.
ـ **اَجرڪ ڪُلھي تي رکڻ:** سنيرڻ – وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڪاوڙجي وڃڻ.
• **اَجْرَكاري:** ث. صفت. [اَجْرَڪ + ڪار] اَڏ سفيد ۽ اَڏ سُرخ – چتڪمري.
• **اَجَر گُجَر:** ذ. گند ڪچرو. (صفت) ڪين جھڙو – خسيس. گندو – ڪنو.
• **اُجْرڻ:** مصدر. [سن. اُجْجُوَلْ] صفا ٿيڻ – روشن ٿيڻ – چمڪڻ "شڪرالحمدالله اُجريو آڏيءَ اَڳڻ احمد، سجن آيوڪ سج اُپريو سياھي صبحدم چيري" (ملاح). (اُجريو – اُجرندو – اُجريل).
• **اَجرو ج اَجَرا:** ذ. [سن. اَجَرِيَه = جو ھضم ڪري نہ سگھجي] بدھاضمو. (صفت) لُچو – شرير – ڏنگو (ث). گستاخ.
ـ **اَجرو ٿيڻ (ث):** گستاخ ٿيڻ – بي اَدب ٿيڻ.
• **اُجَرو ج اُجرا:** ظ. صفت. [سن. اُجْجُوَل] صاف پاڪ – صفا –

Gul Hayat Institute

چمکندڑ – اَجَل – اَوجل – روشن – چمکندڑ – چمکیدار. (ث) اُجري ج اُجريُون.

ـ **اُجَرو ٹیڑ:** صاف پاک ٹیڑ. (اُبتيءَ معنيٰ ۾ مُنهن کارو ٹیڑ.

• **اُجڙ (ث):** ذ. [سن. اَج = ولر يا ڏڻ، ہَڪَرُ؛ اَجا= ہڪري] ہڪرين يا رڍن جو ڏڻ يا وَلَرُ. ہَڪري يا رڍ.

ـ **اُجَڙدار:** ذ. صفت. ہَڪرين ڏَارين ڏڑ – ہڪرار. مالوَنڈُ "هٹي وينا پکڑا سُک ٹي اَجَڙدار" (سچل).

ـ **اُجڙوال:** ذ. صفت. ہڪرين وارو – ڏٹار – پاڳيو – مالوَنڈ. (ث). اجڙوال "آ ڇَ مَ اَجڙوال کي، عُمرا سَوَرَيين" (امير بخش).

• **اُجڙ ج اُجڙ:** ذ. صفت. [سن. اُتْ + جَري = ناس ٹيڻ] چَٽ – ناس – برباد – اجاڙ. ويران – سُڃو.

ـ **اُجڙ ٻَجڙ:** صفت. ويران – سُڃو.

• **اُجڑڻ:** مصدر. [سن. اُتْ + جَري = ناس ٹيڻ] ناس ٹيڻ – چٽ ٹيڻ – ويران ٹيڻ – برباد ٹيڻ – سڃ ٹيڻ. (اُجڑيو – اُجڑندو – اُجڑيل).

ـ **اُجڑي وَڃڻ:** برباد ٿي وڃڻ – ناس ٿي وَڃڻ.

• **اُجَسُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + يَشَس = شان] بدنامي – خُواري – رُسوائي. (صفت) بدنام – خوار. كُجَسو – بي سويو.

ـ **اُجَسُ كمائڻ:** بدنامي ڪٽڻ – بي مانُ ٹيڻ.

ـ **اُجَسي:** ث. بدبختي – كُجَسي. خرابي – خواري.

ـ **اُجَسيارو (ث):** ذ. صفت. بدنام – رُسوا – خُوار.

• **اُجسَادُ:** ذ. [ع. جَسَدُ ج اَجساد] اَجسام – جسَم – بدَن – بُتَ.

• **اُجسام:** ذ. [ع. جسْمُ ج اَجسامَ] جسْم – بَدَن – بُتَ.

• **اُجَكو ج اُجَكا:** ذ. صفت. [سن. اَجَنَ = اَ + نہ + جَنْ = ماڻهو] ماڻهن کان سواءِ – ويران – سُڃو. اَڻانگو – ڏُکيو – تکلي فده (پنڊ يا رستو). بي ڏِنگو – خَسيس. خالي – سکڻو. [ف. اَذوقه] آجکو – توشو – سمر.

• **اُجَكو اُجَكا ج اُجَكا، اُجَكا:** صفت. اَجَكو.

• **اُجَكو اُجَكيو ج اُجَكا، اُجَكيا:** صفت. [سن. اَ = نہ + دُهْكَ = دُک] دُک بغير – سولو – بي جو ڪو – بي خطر.

• **اُجگر ج اُجگر:** ذ. [برا. اَيَگَرَ: سن. اَجَ = ہَكَرُ + گُري = گَهڻ = ہڪر گَهي ويندڙ] اَرڙ نانگ – اَزدها – ازدها – اَروڙ بلا "بحر بلاڻون بچڙيون، آفتون اجگر" (حنيظ). (صفت) تمام وڏو "ايريس لهريون عشق جون، اجگر اُليلا" (رمضان كنير).

• **اُجَل ج اَجَل:** ذ. [ع. اَجَلُ ج آجالُ] مقرر ٹيل مُدّو – ڪٽ. ڪٽي – قَضا – موت "آج اچي پيس اوجتي، ڪنهن اَجَل جي هيٺان آري" (رمضان كنير).

ـ **اَجَل اُچڻ:** موت اچڻ – ڪٽي آڇڻ.

ـ **اَجَل جي مُنْهَنْ ۾ وَڃڻ:** موت جي مُنهَن ۾ وڃڻ.

ـ **اَجَل رَسيدو:** ذ. موت جي چنبي ۾ آيل – مرٽينگ – موت وگهي.

ـ **اَجَل طَبيعي:** ذ. طبيعي يا قدرتي موت (جو صرف حرارت غريزي جي ختم ٹيڻ سبب ٹئي). پيريءَ جو موت.

ـ **اَجَل ڪَٽڻ:** ڪٽيءَ ڪٽڻ.

ـ **اَجَل کي سَڏ ڪرڻ:** گهُري موت وَٺڻ.

• **اَجَلُ:** صفت. مبالغه. [ع. "جَليْلُ" جو اسم تفضيل] سڀ کان وڏو. وڏيءَ وڏائيءَ وارو. تمام شاندار. نهايت بزرگ "نوريءَ جي نيازجو، عجب اَجَلُ هوءِ" (شاهه).

• **اُجَلُ ج اُجَلَ:** ذ. صفت. [سن. اُدْ = مٿي + جُوَلْ = چمڪٽ] صاف – اُجرو – پاڪ. چمڪندڙ. شفاف – نرمل. اُجو – سفيد. تجليءَ وارو – چمڪدار.

ـ **اُجلو ج اُجلا:** ذ. صفت. اَجَلُ – اُجرو.

ـ **اُجَلو ٹيڻ:** ظاهر ٹيڻ. (اصطلاحاً) بدنام ٹيڻ.

ـ **اُجلو ڪرڻ:** (اصطلاحاً) خُوار ڪرڻ. نقصان رَسائڻ.

• **اِجلاسُ ج اِجلاس:** ذ. [ع. جَلَس = ويهڻ] بيٺڪ – نشست – ميٽنگ – جَلسو – ميڙ.

ـ **اِجلاس سڏائڻ:** اِجتماع جي نشست ڪوٺائڻ. ميٽنگ سڏائڻ.

ـ **اِجلاسُ ڪرڻ:** دربار ڪرڻ – ڪچهري ڪرڻ. ڪنهن اجتماع جي نشست سڏائڻ.

• **اَجلاف:** صفت. [ع. جِلْفُ ج اَجلاف] اوباش – رولو – بدمعاش – لوفر.

• **اِجلالُ:** ذ. [ع] وڏائي – تجمّل – شان.

• **اُجلائڻ:** مصدر. [سن. اُجْجُوَل] صاف ڪرائڻ – اُجرائڻ.

• **اُجلائي:** ث. صفائي – سُٿرائي – پاڪائي. چمڪ. تيج.

• **اِجْلِسْ:** ذ. [ع. جَلَسَ (= ويهڻ) جو اَمر بمعني ويهه] ويهَڪَ "ڦَرْ ٿي پهچ قريب کي، اِجْلِسْ تو نہ جڳاءِ" (شاهه).

• **اُجلڻ:** مصدر. [سن. اُجْ + جُوَلْ = چمڪٽ] صاف ٿيڻ – اُجرڻ.

• **اِجماعُ ج اِجماع:** ذ. [ع. جَمَعَ = گڏ ٿيڻ] ماڻهن جو ميڙ – هجوم. ڪنهن ڳالهه تي اِتفاق راءِ – ہڏي – اِتّفاق. ڪنهن شرعي مسئلي تي مسلم مجتهدن جو اتفاق.

ـ **اِجماعِ اُمّت:** ذ. جملي مسلمانن جو اِتفاق – هڪ ئي راءِ تي

Gul Hayat Institute

بيهڙ واري حالت.

ـ **اِجماع صَحابَہ:** ذ. ڪنهن فِقهي يا شرعي مسئلي تي اصحابن سگهورن جو اِتّفاق.

• **اِجمالُ:** ذ. [ع] مختصر بيان ـ اِختصار. "تفصيل" جو ضِد.

ـ **اِجمالاً:** ظرف. مختصر طور.

ـ **اِجمالي:** صفت. مختصر. گول مول ـ مُبْهَم.

• **اَجمَعِيْن:** عدد. [ع. اجمْع ج اَجْمَعُوْنَ، اَجْمَعِيْن] سيئي.

• **اَجمَلُ:** صفت. [ع. "جميل" مان اسم تفضيل] سڀ کان سهڻو.

• **اَجَمَڙ (ڪ):** ث. اجواڻ ـ جاڙ (دوائي ٻوٽي).

• **اَجمُود:** ذ. [ف؛ سن. اَجَمودَ يا اَجَمودا = ٻَڪريءَ جي موج، خوشي] ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم ـ جاڙ ـ وَلجاڙ.

• **اَجمِيْر:** اِسم خاص. هندستان جي هڪ رياست / شهر جو نالو جنهن ۾ خواجہ معين الدين چشتيءَ (رح) جي درگاه آهي.

• **اَجَنْ:** ث. [سن. اَ = نہ + جن = ماڻهو = اُها جاءِ جتي ڪو ماڻهو نہ ليڀي] بيابان ـ ويرانو.

• **اَجناس:** ذ. [ع. جِنْس ج اَجْناسُ] جنسُون.

• **اَجنالُ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَجَنبي:** ذ. صفت. [ع. جَنَبَ = پري رکڻ يا موڪل] پَراهُون ـ پرائي ملڪ جو ـ پرڏيهي ـ پرديسي. ڏاريون ـ غير ـ اوپرو ـ اَپاتُو ـ اوڪتو. اَڻ واقف ـ اَسونهون ـ بيگانو.

• **اَجَنبِيّت:** ث. ڏاريائي ـ بيگانائي.

• **اَجَنْمَڙ:** صفت. [سن اَ = نہ + جَنْمَنْ = جڻڻ] اَڻ جاولُ ـ جو جائو نہ هجي (يعني خدا تعاليٰ).

• **اَجَڙ (ل):** مصدر. [سن. اَجْ = هلڻ، هَڪلڻ] مال جو ويهَڻ.

• **اَجواڻ، اَجواڙ:** ث. [هـ] دوا طور ڪم ايندڙ بج جو هڪ قِسم ـ جاڙ ـ ولجاڙ.

• **اَجوائِي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَجوت:** صفت. [سن. اَ = نہ + جيوتس = جوت] بي جوت ـ اونداهو. اَڻ روشن.

• **اَجوڙو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جُشْتَ = اوباريل] اَڻ چتل ـ پاڪ

• **اَجوڙ، اَجورو:** صفت. [سن. اَ = نہ + ف. زور > جور] ازور ـ بي زورُ ـ بيطاقت ـ ڪمزور ـ هيڻو ـ ڏَهَلُ ـ ڏُهرو ـ ضَعيف ـ نرهل. (ث) اَجوري "آهيان اَجوري، تنهنجي جهوريءَ جبل جهاڳيان" (شاهہ).

ـ **اَجوري (ث):** ث. [اَ = نہ + زور] بي زوري ـ بي طاقتي ـ اَڳهائي ـ ناچاڪائي ـ بيماري ـ علالت.

• **اُجُورو ج اُجُورا:** ذ. [ع. اُجُوْرَة] عوض ـ بدلو ـ معاوضو. محنت جو ڦل ـ اَجُرُ. مَزوري. انعام. ثواب "وڃان جي وصال کي، سي سڀ اُجورا" (شاهہ).

• **اُجُوره دار:** ذ. صفت. پورهيت ـ مزور.

• **اَجوڙ ج اَجوڙ:** ذ. صت. [سن. اَ = نہ + جُڎ = ڳنڍيڻ يا ملائڻ] جنهن جو جوڙ جيس نہ هجي ـ بي نظير ـ لاثاني. اَڻ ڇڳو ـ ناچاڪ ـ بيمار.

• **اَجوڙا:** بنا ڪنهن رٽ جي، بي رڪاوٽ.

• **اَجوڪو ج اَجوڪا:** ذ. صفت. [هـ. اَ = نہ + جوڪِرُ = جوڪو؛ سن. اَ = نہ + دُهْكَ = غم، يعني بي غم، بي فڪر] بي جوڪو ـ بي خوف. صحيح سلامت ـ محفوظ ـ هٿيڪو ـ سانپيل ـ ساديل ـ سوڳهو. (ث) اجوڪِي "وهن وراکن ۾، اُن جي اَجوڪي اوطاق" (شاهہ).

• **اَجوڪي:** بنا جوڪي جي، (بي معنيٰ) نَرالي.

• **اَجوڳ ج اَجوڳ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + يوگْيَہ = لائق، مناسب] نہ جڳائيندڙ ـ اڻ جڳائيندڙ ـ نامناسب ـ غيرواجبي ـ ناجائز ـ اڻ لائق ـ اڻ جوڳ. خراب ـ بُرو.

ـ **اَجوڳائي:** ث. اَڻ سُهائيندڙ حالت. نالائقي.

ـ **اَجوڳو ج اَجوڳا:** ذ. صفت. اَجوڳ.

• **اَجُوڻ، اَجُوڻِي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + يُون = گرپ، جر، يعني اهو جو وري وري نہ جمي، ۽ نئين جوڙ نہ وٺي] اَڻ جاول ـ لم يولد يعني خدا تعاليٰ.

• **اَجْهَل:** صفت. [ع. "جاهل" جو اسم تفضيل] سڀ کان وڏيڪ جاهل.

• **اَجَهَڙ (ڪ):** مصدر. ويهڻ (خاص ڪري وهڻن جو).

• **اَجَيْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جَيَ = فتح] اَڻ سويو ـ هارايل ـ ناڪامياب. (اسر. ث) هار ـ شڪست ـ ناڪاميابي.

• **اَجيتُ ج اَجيتَ:** ذ. صفت. [سن. اَجتَ < اَ = نہ + جِ = جيتڻ؛ جَتَ = جيتَيل] جو جيتجي نہ سگهجي ـ اڻ جيت ـ غير مَغلوب. هميشہ غالبَ ـ فَاتح. مضبوط.

• **اَجيتڙو ج اَجيتڙا:** ذ. صفت. جيتڙو ـ جيتامڙو. ضعيف ـ هيڻو. نندڙو.

• **اَجيَدُ:** صفت. [ع. جَيِّدَ ج اسر تفضيل] تمام ڇڪو، زور عمدو.

Gul Hayat Institute

• **اَجِيُرُ:** ذ. [ع] ٻانهو. اُجرت تي مزدور يا نوڪر.
• **اَجِيُرڻُ:** ذ. صفت. [سن. اَجِيُرڻُ < اَ = نہ + جُري = هضم ڪرڻ] بد هَاضمو. بادي.
• **اُجُيري (ل):** ث. اِڪين جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ رات جو نظر نہ پوي ۽ جا اڪثر حامل زالن کي ٿئي) ـ شبڪوري. جيراندبي (ہڪريءَ جي، جنهن جو ڪائڻ شبڪوريءَ جو علاج آهي).
• **اَجِيڪار:** ذ. وڏو سمنڊ ڪُن ـ اوڙاهه "آهي اهڙو اجيڪار جنْ پرو پَنهنجو پاڻ لهي" (ميون عيسو).
• **اَجِّين:** اِسم خاص. هندستان جو آڳاتو شهر، جو چون ٿا تہ وڪر ماجيت جي گاديءَ جو هنڌ هو. البيروني اُن جي محل وقوع کان زمين جي گولي جو گهيرو دريافت ڪيو ۽ جنهن جي طول ۽ عرض کان مسلمان جغرافيہ نويس ہين شهرن جي ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڳڻڪن جو حساب ڪندا هئا.
• **اَجِيُوُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + جِيُوَ = حياتي يعني اهو جنهن کي ساهہ نہ هجي] بيجان ـ مئل ـ مرده.
• **اَجِيُوَڪا:** ث. [سن. اَجِيُوَنَ. آ = ويجهو + جِيُوْ = جئرو رهڻ] آجيوڪا ـ گذران ـ روزگار ـ ڪاڏ خوراڪ.
• **اَجَ:** ظرف. [سن. اَدْيہ: پرا. اَج، اَپ] هلندڙ ڏينهن ـ اڄوڪو ڏينهن ـ اِمروز "اج جو ڪم، سُيان تي نہ رکجي". هن وقت ـ هينئر "اڄي اورج اَج، سيان ناه صديق چئي" (صديق فقير).
ـ **اَج اَجوڪي اَجوڪلي اَجُوٽو:** ظرف. اَج ڏينهن وارو ـ اَجوڪو. اَج ئي. اَجوڪي ڏينهن تائين "اَج اَجوڪو سُوال، روضي پاس رَسندو" (ث) اَج اَجوڪي، اَجوڪلي، اَجوٽي.
ـ **اَج سُيان، اَج سُياڻي:** ظرف. اَجوڪي ۽ سُياڻڪي ڏينهن ـ ڏينهن ہن ۾. جلد ئي ـ سُتت ئي ـ سگهوئي.
ـ **اَج سُيان، سُياڻي تي هجڻ:** ختم ٿيڻ تي هجڻ ـ تقريباً پوري ٿيڻ وارو هجڻ ـ قريب الاختتام هئڻ.
ـ **اَج سُيان، سُياڻي جي غم ۾ گرفتار ٿيڻ:** دنيا جي مصيبتن ۾ قائل هُئڻ. پيٽ قُوت لاءِ پريشان هئڻ. ڏنڀيل حالت ۾ سرگردان رهڻ.
ـ **اَجُ سُيان ڪرڻ:** اَج ۽ سياڻي جا ڪُوڙا يا سڪٽا دلاسا ڏيڻ. نٽائڻ. ڳالهہ کي اَجائي ڏيگهہ ڏيڻ.
ـ **اَجُ سُيان ڪري وڃڻ:** (ڪم کي) جلدي ڪري وڃڻ ـ دير نہ ڪرڻ.
ـ **اَجُ ڪلهہ:** ظرف. اَجوڪي ۽ ڪلهوڪي ڏينهن. هلندڙ وقت ۾ ـ موجوده وقت ۾.
ـ **اَجُ ڪلهہ ڪرڻ:** نٽائڻ ـ ڏِرَ وجهڻ. سڪٽا دلاسا ڏيڻ.
ـ **آجوڪي اَجوڪلي اَجُوٽو:** ظرف. اَج جو ـ اَج وارو. هاڻوڪو ـ هلندڙ وَقت جو ـ هينئر ڪو.
• **اَجَ ج اَجُوْنُ:** ث. ["اَجڻُ" مصدر مان اِسم، مخفف "اَوْجِ" جو. ع. اَوْجَ = مٿانهين] اَوْجَ ـ اُٽاٽي. اوج ـ مَدد.
• **اَجاڑُ ج اَجاڑُ (ل):** ذ. صفت. [سن. اَتْ + اتْ + جُري] اَجاڙيندڙ ـ ناس ڪندڙ. ڦٽائُو.
• **اَجاڻُ:** ذ. صفت. [سن. اَجْيا > اَ + جْيا = جاڻڻ يعني جنهن کي جاڻ نہ هجي] ـ اَڻ جاڻ ـ اَبوجهہ. بيخبر ـ ناواقف. سادو سُودو. بي سمجهہ ـ بي وقوف. اڳياڻي ـ بي علم ـ جاهل. نادان ـ بي عقل ـ اَياڻو (ث) اَجاڻ "آهيان گهٽو اَجاڻ، پر سُور پريان جا ساڻ مون" (شاه).
ـ **اَجاڻائي:** ث. اَڻ جاڻائي ـ اَبوجهائي ـ بي سمجهي. نادانی ـ جهالت. اَياڻپ ـ چريائپ ـ جٽپائي.
ـ **اَجاڻپ:** ث. نادانی ـ اَياڻپ ـ جٽپائي. غير واقفيت.
ـ **اَجاڻَندي:** ث. صفت. اَڻ جاڻ ـ ابوجهہ "محبت منجهيين مَنَ مانهہ، مون اَجاڻندي اُجهئو" (شاه).
ـ **اَجاڻو ج اَجاڻو:** ذ. صفت. اَجاڻُ ـ اَڻ جاڻ ـ اَڻ جاڻندڙ.
• **اَجَت:** ث. [سن. اُدْيَہ = اُٽڻ] اُڻت ـ اُٽاوَت.
• **اُجَت سُ ج اُجَتَ (ت):** ذ. [سن. اُد = مٿي + سَتْ = بيهڻ] مٿاهين زمين.
• **اُجَتُ ج اُجَتَ:** ذ. [سن. اُدْ = مٿي + سُتْ = بيهڻ] شيءِ شڪل رکڻ لاءِ نوڙين مان ٺهيل پجرو، جو ڇت ۾ لڙڪيل هجي ـ ڇڪو.
ـ **اُجَتَ تي رکڻ:** ڇڪي تي رکڻ ـ اَجايو احسان جَتائڻ. خواه مخواه پاڻ پڌائڻ.
• **اَجرُ ج اُجرَ (ل):** ذ. [سن. اُدْيَرْ > اُدْ = مٿي + يَرْ = کڻڻ، ڪوشش ڪرڻ] اُدَمُ ـ سعيو ـ محنت ـ سرجوشي ـ اُتساه.
ـ **اُجمائتو ج اُجمائتا:** ذ. صفت. آدمي محنتي ـ اَوڙ ـ سَرگرم.
• **اُجمِيُ ج اُجمي:** ذ. صفت. [سن. اُدْيَمِيْ] اُدميَ ـ محنتي ـ اُجمائتو.
• **اُجَن:** اوڇي ۾ اڇن، اُجي تيار ٿين.
• **اُجَنُ:** اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهہ، سکر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).
• **اُجَنُ:** مصدر. [سن. اُدْيَہ = اُٽڻ] اُٽجڻ (ڪپڙو وغيره). اُٽاوت ٿيڻ. ٺهڻ ـ تيار ٿيڻ.

Gulrayat Institute

ـ **اُجڑُ پُجڑُ:** ٹَکجَڑ ٹُنجَڑ "اِجي پُجي آئيا، بيان ڪن نہ ٻات" (شاھ).

ـ **اُجَڙي ج اُجَڙيُون:** ث. اُٽي ـ اُٽاوَتَ ـ اُجَت.

• **اَرْقانُ:** ذ. [ع. "يَرْقان" جي بگڙيل صورت] يرقان – سائيءَ جي بيماري – ڪامڻ. رتي. سُرو. مُهلو.

• **اَرْکَ ج اَرْکَ:** ذ. [سن. اَرْکَ] شعاع – ڪرڻو – وڃ جو چمڪاٽ. سج. ٻلور. ٽامو. اندر ديوتا جو هڪ نالو آرتوار. اَڪ جو وڻ. مذهبي ڪريا ڪرم. ثنا – ساراه – گيت. راڳيندڙ – ڳائڻو. عالم شخص. وڏو پاڻ. ڪاڄ.

• **اِرْکَ ج اِرْکُون:** ث. [سن. اَرَتْنِکَ = ٽونڊ < اَرَتْن = ٽونڊ، ڪُنڊ، وڇڙي چاڙهي، ٽونڊ ڪان ڇيڄ جي چوٽيءَ تائين وَڇوٽي، گوشو يا مُک] ٽونڊ – ٽونڊ ڪان ڪرائيءَ تائين ٻانهن جو پاڳو. ڏوڪ ڏوڪان. اٽڪ – آڏ – جهل – رندڪ – روڪ.

– **اِرْکَ ڏِيڻ:** ٽونڊ ڏيڻ – ڪوڙا بهاڻ ڪرڻ – ڪوڙا عذر پيش ڪرڻ. آڙا گوڙي ڪرڻ – اڙي وجهڻ.

– **اِرْکَ ڏيئي ويهَڻ:** ٽونڊ پر ويهڻ.

– **اِرْکَ هڻڻ:** چالاڪي ڪرڻ – نقصان پهچائڻ. پيچڪڙي وجهڻ – ڦڙتي هڻڻ. شاهو ڏيڻ – هشي ڏيڻ.

– **اِرْکِي ج اِرْکِيُون (ت):** ث. اِرْک.

– **اُرکَڻُ:** مصدر. [سن. اُد = مٿي + گُر = گِرڪائڻ] منهن مٿي ڪري وات ۾ پاڻي يا کير هاري پيئڻ – گُٽ گُٽ ڪري پيئڻ.

– **اُرْکَ ج اُرْکُون:** ث. پاڻيءَ يا کير جي يڪساهي گيت – تڪ. ڦڙي – ڦنگ – ڏُک – مرڪ.

– **اُرکَ ڇَڏَڻُ:** سڪٽو ڏيڻ. بکيو هجڻ.

• **اُرْکَ سُرْکَ:** ث. سُرڪ – سُرڪي – مرڪ (ت) "اُرڪ سرڪ، سيد چئي، لڳيس ڏوت ڏهي" (شاهه).

• **اُرْکَابِي ج اُرْکَابِي:** ذ. ناکئو – بُيون (دنگيءَ جو). جهاز جو سونهون يا مُعلم.

• **اَرْکَانُ ج اَرْکَانُ:** ذ. [ع. رُکْن ج اَرْکان = ٿنيو] ٿنيو – پُشتي – جهلاءِ. عادت – فضيلت. لڇڻ.

– **اَرْکَانُ دَوْلَت:** ذ. حڪومت جا ٿنيا. اميراُمراءِ.

– **اَرْکَانُ دين:** ذ. دين جا ٿنيا جي پنج آهن (١) توحيد ۽ رسالت، (٢) صَلاةَ يا نماز، (٣) صَوْم يا روزو، (٤) زڪوات، (٥) حج.

• **اَرْکُونڙکو ج اَرْکا ڙَرکا:** ذ. [ع. ڙَرِکَةٌ = ورثو] ورثو ترڪو. اڏو تڏو – اَلهو ٿلهو – تپڑ ٽاڙي – سموري ملڪيت – ميڙي چونڊي – هرڪو ترڪو (ت) – سيڪجهه.

– **اَرْکو ڙَرکو چَڏڻ:** سڀ مال ملڪيت چڏڻ.

• **اَرَک:** ظرف. [سن. ١. اَ = نه + رَکْش = رکڻ، سنپالڻ؛ ٢ اَرَکَ > اَرَکْ > اَلَکْ = اَ = نه + لَکْ = لڳائڻ، چنبڙائڻ؛ ٣ اَلَگْنَ = اٽڪ ڳنڍيل] نه سنپالڻ جهڙو – قبضي کان ٻاهر. الڳ – جدا "اَرَک ٿيو آرام، ڪاکل پسي ڪانڌ جو" (شاهه).

• **اَرَک: اَرَکَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + رَکْش = رکڻ، سنپالڻ > رَکْشَکَ = اٽڪ رکيا ڪندڙ، نه سنپالينڊڙ] رکيا نه ڪندڙ – نا پرهيزگار. نه رکندڙ – نه رهائيندڙ يا بي وفا. بي خبر – غافل – غائب، ختم. "احدان جي ارک ٿيا، سي ڪانئر ڪٻ ڪاهه" (شاهه).

• **اَرْکَر ج اَرْکَرُون (ت):** ث. آنڊ ماندَ – چورا ڪورا – خيال – هُر ڪر.

• **اَرْکَڻُ، اُلْکَڻُ:** مصدر. [سن. اُپَلَکْشَنَ = جاچي ڏسڻ] پرکڻ – جاڻڻ – سجاڻڻ – واقف ٿيڻ.

– **اَرْکَ ج اَرْکُون:** ث. اُلڪ – پرک. جاڻ – سجاڻ – واقفيت.

– **اَرْکائِڻُ:** مصدر. "اُرکڻ" مان متعدي بالواسطه. اُلڪائڻ – پرکائڻ. جاڻائڻ – سجارائڻ.

• **اَرْگُ ج اَرْگ:** ذ. [سن. اَرْگهَ، اَرْهَ = ملهه لهڻ، لائق ٿيڻ] قيمت – لياقت – ملهه. ائن جزن جي ادبائتي پيٽا ڪنهن ديوتا يا برهمڻ اڳيان، پوجا پاٺ وقت (سج، چند) ديوتا جي شان ۾ پاٽي هارڻ جي رسم.

• **اَرَگ ج اَرَگ:** ذ. [سن. اَرْسَ = چاتي + گَرْ = هلڻ] نانگ جو هڪ قسم.

• **اَرْگانو ج اَرْگانا:** ذ. صفت. [ف. يگانه] پيارو – دادلو – سڪيلڏو – لاڏلو.

• **اَرگَتُ ج اَرگَتَ (ت):** ذ. ڪاٺ يا لوهه جي گسائي صاف ڪرڻ لاءِ رَڪ جو ننڍن ڏندانن وارو ڪَهرو اوزار – روات – سونهڻ.

• **ارگجا:** عرق، عطر.

• **اَرْگَچِينْي ج اَرْگَچِينِيُونْ:** ث. [ف. عَرَق چين = پڳ يا پٽڪي جي پگهر ڪان بچائڻ لاءِ ننڍي توپي يا رومال توپيءَ جو هڪ قسم. دالچينيءَ جو ارڳ (عرق).

Gul Hayat Institute

• **اَرگَرُ:** ث. [سن. گرْهيَه = گرو] ڪن ڪجرو – گند بلا – ميراڻ سيراڻ.
• **اَرْگَنُ ج اَرْگَنْ:** ذ. [يوناني. آرگنان: انگ. Organ] افلاطون جو ايجاد ڪيل هڪ ساز – ارغنون.
• **اَرْگَنِي ج اَرگنيون:** ث [ه] رسي يا نوڙي جنهن تي ڪپڙا سڪائجن. سنئين بانس يا ڪاٺ جي لٽ.
• **اَرْگو ج اَرْگا (ث):** ظرف. [سن. اَگْري. اَگرتَ] اڳيرو ـ اڳتي. پريرو. پري.
• **اَرْگَنُ ج اَرگَنُونْ:** ذ. [يوناني. اَرگَنان] ارغنون.
• **اَرَگ ج اَرَگُون:** ث. قر ڪي سولو نہ ڏارائيندڙ – چتي مزاج واري ڳئون يا ٻکري – ڪتر. "سَرَگ" جو ضد. الڳ، جدا، ختم.
• **اَرگُ ج اَرگ:** ذ. [ع. عَرَق = پگهر. چڪايل پاڻي] (دوائن جو) سَت – عرق – نچوڙ.
• **اَرْگِجو ج اَرْگِجا:** ذ. [ه. اَرْگجا] خوشبوءَ جو هڪ قسم.
• **اَرْگو ج اَرْگا (ڪ):** ذ. حملو ڪاهه. ڪڏڪ – ميڙ. وارو.
• **اَرْگهَ ج اَرْگهَ:** ذ. "اَرْگ".
• **اَرْگها:** ذ. [سن. اَرْگهْيَه] نندِو ٻيڙيءَ جي شڪل جو ٽاڻ جنهن سان هندو پيٽا ڏيندا آهن.
• **اَرَلَ ج اَرَلُون:** ث. [سن. اَرْگَدَ. اَرْگَلَ = اٽڪ] تاهڙ ۾ ڏنگي مال کي جنگهن ۾ سزا طور ٻڌل ڏڪهي ڪاني. آڏ – آڙ – روڪ (درجي) تاڙي. چوپائي مال کي سڃاڻڻ جو هڪ نشان (ث).
• **اَرلُ ج اَرلَ (ت):** ذ. ڏگهو ماٿهو.
• **اَرْلو ج اَرْلا:** ڊينگو – هُرلو. اَيٽ – چرخو. شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم.
• **اَرْلِي ج اَرْلِيُون:** ث. [سن. اَرْگَلَ = اٽڪ] مال جي پاڻ يا واڙ جي دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي تاڙي. واڌ يا نوڙ وٽڻ وقت ٻن ٽنن سنهين نوڙين کي وکڙ چاڙهڻ لاءِ ڪم ايندڙ اِنِيءَ وانگر ۽ وچ تان ڪَپ نڪتل ٽلهي ڪاني – آٽيرڻ.
– **اَرْلِيُون ڏيڻ:** چوپائي مال کي پاڻ ۾ بند ڪرڻ – مال واڙڻ.
– **اَرْلِيُون لاهڻ:** چوپائي مال کي پاڻ مان ٻاهر ڪڍڻ – مال چوڙڻ – مال ڦهرائڻ.
• **اَرَمْ، اِرَمْ:** ذ. [ف. اُرْمَک = هڪ پشمي ڪپڙو] ريشمي يا اوني ڪپڙي جو هڪ قسم "اَرَمَ هڏ نہ اوديان، پٽولا، پٽ چير" (شاهه).
• **اِرَمْ:** اسم خاص. [ع] صَنْعاءِ ۽ حَضْرَموت جي وچ ۾ "شدّاد بن عاد" جو ٺهرايل ارضي بهشت. عاد جي ٺهرايل ٽنين واري شهر جو نالو. اِرَمَ ذَاتِ الْعِماد" (قرآن حڪيم).
• **اَرْمانُ ج اَرْمانَ:** ذ. [ف] افسوس – ڏک – رنج – غم – آرزو – چاهه – خواهش – دل – مرضي.
– **اَرْمانُ ٽيڻ:** افسوس ٽيڻ – ڏک ٽيڻ.
– **ارمان پُورو ٽِيڻ:** دل جي حسرت پوري ٽيڻ.
– **اَرمانجَڻ:** فعل مجهول. افسوس ڪرڻ – ڏکوئجڻ – غمگين ٽيڻ.
– **ارمان ڪَيڻ:** ڏک ظاهر ڪرڻ.
– **اَرمانيل ج اَرمانيلَ:** ذ. صفت. ڏکويل. غمگين.
• **اَرمائڻ:** مصدر. ڏک ڏيڻ – رنجيده ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ "ڪارا ڪيس ڪتوريءَ جهڙا، اَرمائين عنبر کي".
• **اَرْمَڙو ج اَرْمَڙا (ڪ):** ذ. پرت جو هڪ قسم.
• **اَرْمَغانُ، اَرْمَغانُ ج اَرمغانَ:** ذ. [ف] تحفو – سوغات – سُوکڙي.
• **اَرْمَڪُ ج اَرمَڪ:** ذ. [ج. اُرْمَک = پشمي ڪپڙو] اوني يا ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم. "اَرمڪ هڏ نہ اوديان، پٽولا، پٽ چير" (شاهه).
• **اَرمَکُ ج اَرمَکَ:** ذ. اُرْمَڪ.
• **اَرْمَلُ ج اَرْمَلَ:** ذ. [ع] رنڊ.
• **اَرْمَلَه:** ث. [ع] بيوه ـ رن زال – وڏوا.
• **اَرْمَنُ:** اسم خاص. آرمينيا ملڪ جو نالو.
– **اَرْمَني ج اَرْمَني:** ذ. اَرمن جو رهاڪو.
• **اَرْموشُ ج اَرْموش:** ذ. تيرهن چوڏهن ورهين جي ڇمار جو اُٺ ("نيش" اٽن ورهين جي اٺ کي چئبو آهي، نيش ٽيڻ کان پوءِ پنجن ورهين جو اُٺ) – عمر چڙهيل اُٺ.
• **اِرْميا:** اسم خاص. [بائيبل. جيريميا] حضرت خضر جو نالو (ڪن حضرت الياس جو به نالو لکيو آهي). حضرت علي. يروشلم.
• **اَرنُ ج اَرنَ:** ذ. [سن. اَرنَ = چڪرو] چڪرو – گراڙي.
• **اَرْنَبُ ج اَرْنَب:** [ع. اَرْنَبُ ج اَرانِب] خرگوش – سَهو.
• **اَرَنگ:** ذ. [سن. اَرْڪَه] سج "اُپريو اَرنگ، جر ٽر ڏيا جهپيا" (شاهه).
• **اَرَنْگُ ج اَرَنْگ (ل):** ظرف. اصل – بلڪل – بنهه – صفا. (ذ) گهوڙي جي مرض جو هڪ قسم.
• **اَرَنْگَرُ ج اَرَنْگَرَ:** ذ. [سن. اَرَگ = اَرَسْ = چاتي + گَرْ = هلڻ] نانگ – بلا. اَرگ.
• **اَرْنئو ج اَرْنئا:** ذ. [سن. اَرَنْيَه = بريٽ، ٻيلو] بريٽ – بن – بيابان – صحرا – ويرانو. جهنگ
• **اَرنِي ج اَرنِي:** ذ. [سن. اَرَنْي] هڪ گل جو نالو. چندن وڻ جون

Gul Hayat Institute

ڪائيون جن کي گسائي باهه ڪڍبي آهي. ٻوٽي جو هڪ قسم — ٽانڪارو.

• **اَرني:** جملو. [ع. = "مون کي ڏيکار"] حضرت موسيٰ جو خدا پاڪ کي پنهنجي ديدار ڪرائڻ لاءِ قرآن شريف ۾ چيل عرض "رَبِّ اَرِنِي اَنْظُرْ اِلَيْكَ" (يا ربّ، مونکي پاڻ ڏيکار تہ توڏي نهاريان!) جو مخنف االله تعاليٰ جواب ڏنس تہ "لَنْ تَرَانِي" (تون مونکي هرگز نہ ڏسندين).

• **اَرني ڪاري ج اَرنيُون ڪاريُون:** ث. [هـ. اَرْنِي = جهنگلي مينهن] صَنا ڪاري مينهن.

• **اَرَنياري ڦري (ث):** اسم خاص. هڪ وڏيءَ پٽ جو نالو. ٻني.

• **اَرَنڊ ج اَرَنڊِيُن:** ث. سنداڻ.

• **اَرَڊ ج اَرڊ:** ذ. [سن. اَرن = ڦيٽو] ڦيٽو — چڪر. اَيٽ — چرخو. [سن. اَرْڊ = جنگ جو گوڙ] جنڊ پيهڻ جو لاڳيتو آواز.

• **اَرَڊ:** مصدر. [سن. ورْج] اُرْجڻ — ٽڪجڻ. ڦَڪَڻ (ڪابہ شيءِ). اُورڻ. ڪائڻ (ل). جلديَ جلدي ڦَڪ هڻڻ (ڪ).

• **اَرْڊِي ج اَرْڊِيُون:** ث. [سن. اَرَڊِي] هڪ قسم جو ٻوٽو (جو چار پنج فوٽ ڪن ڊگهو ٿئي). ٽانڪارو. (ٽ) اَرني.

• **اَرو ج اَرا:** ذ. [سن. اَرَه] ڦيٽي جو ٽانپو — نار جي چڪر جو ڏندو. پيچ — وڪڙ. ڦيرو — گهمرو — ولو (ڪ) "اڄ اڇي پيس اوجتي، ڪنهن اجل جي هيٺان اري" (رمضان ڪنير). [ف. اَرّہ] ڪارائي — ڪرت. پڑ — تازو توانو — متارو — نمرو (ت).

ـ **اَرا اُلوڙي ڇڏڻ:** لڇڪائي ناس ڪرڻ.

ـ **اَرَن ڪَڍڻ:** بيڪار بنائڻ — پاڙُون پٽڻ — ڪاري خراب ڪرڻ — وٽئون وجائڻ. مٽي تي چاڙهڻ (ت).

ـ **اَرَنڀُون نڪرڻ:** هوش حواس وجائڻ.

ـ **اَري لڙِيو ج اَري لڙِيا:** ذ. صفت. بد بخت — بد نصيب — چنڊو — نحس.

ـ **اَري ۾ اُڇڻ:** ڪنهن وڪڙ يا مصيبت ۾ ڦاسڻ.

• **اَرَو:** ث. [اَ = نہ + رو = درياءَ جي وهڪ. درياءَ جي پاڻيءَ جو چڌيل رَڻ] اريجائي خشڪ زمين — اريج واري زمين. خشڪي.

ـ **اَرو ڏِيڻ:** زمين کي ساهي ڏيڻ. پاسو. گهمرو يا ولو ڏيڻ. اڳ جهلڻ — ڦري اڳ وٺڻ.

• **اَرْواحُ ج اَرْواحَ:** ذ. [ع. روحُ ج اَرْواحُ. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ] روح "پسي جهاڻءِ جهجي هنيون، آر مٽي ارواح" (شاهه). طب جي اصطلاح موجب ارواح تَن قسمن جا آهن (۱) روح حيواني، (۲) روح نفساني، (۳) روح طبعي. حياتي — دم — ساهہ.

خواهش — خيال. اشتها — سڪ.

• **اَرواح پلجي وڃڻ:** آسرو پلجيَ وڃڻ. دل ڪچي وڃڻ. سَڌ مري وڃڻ.

ـ **اَرْواح جي آري:** جملو. آرزو جي آسري — سڪ جي سانگي "تن وڏائين تار ۾، ارواح جي آري" (شاهه).

ـ **اَرْواحِ خَبيثَہ:** ذ. خبيث روحَ يعني جن، ديو يا دوزَخين جا روح.

ـ **اَرْواحِ طَيِّبَہ:** ذ. چڱا يا ڀُتل روح. ملائڪ.

ـ **اَرْواحِ ڪَجَڻ، ڪجي وَڃَڻ:** دل تهي وڃڻ.

• **اَرْواحُ وَرَڻ:** دل جو خيال ٽيڻ — روح جو ريلو ڏيڻ. سڌ ٽيڻ — سڪ جاڳڻ — ڪشش ٽيڻ — مرضي ٽيڻ.

• **اُرْوارُ:** ظرف. [سن. اَوارَ = هن پَر] اوراڙ — اورئين ڪَپر — اورين ڪنڊيءَ ـ هن پَر.

ـ **اُروارپار:** ظرف. هن پَرَ ءِ هُن پر — اوراڙ پراڙ "ساري چڙهيو سير تي، اُروار پار هيئي" (سامي). اوڙي پاڙي — ادائي گهرين.

• **اَروتَ ج اَروتُون:** ث. (اڪين جو) انتظار — اوڪاس — سڪ واري نگاهہ. اوجاڳو.

• **اَروتُ ج اَروتَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پُلْشْتَ = پَڪل] خام — ڪچو. الڙ — اڻ آزمود گار — نا تجربہ ڪار — ناواقف "اِجا تون اروتُ، ڪوروي خبر نہ لهين" (شاهه).

• **اَروتِ ج اَروتُون:** ث. [سن. آرْدرتا] آلاڻ ـ نمي "جنين رءِ جهان ۾، اڪڙين اَروت" (شاهه). آٽوت ـ خشڪي — سُڪلائي.

• **اَروتُ ج اَروتَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + = رسُ = يعني خشڪ] خشڪ مزاج — رکو روح — شوم — ڪهرو — نامهربان. اَروتُ.

• **اَرُوپُ ج اَرُوپَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + روپَ = شڪل] بنا روپ جي — بنا شڪل جي — نر آڪار.

• **اَروجُ ج اَروجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + رُدْ = روئڻ] بنا روج جي. بي سمجهہ (ٻار).

• **اَروجي ج اَروجي:** صفت. [اَ = نہ + رو (ف) = پاڻيءَ جي وهڪ' ف. ريج > ريزش = وَهڪ] اَريجي — بي ريجائتي — خشڪ — دريا جي رَڻ نہ چڙهيل (زمين). ٽوٽ — سُڪل — غيرآباد (زمين) "تر گهر جي نينهن جو، آهيان آءٌ اَروجي" (شاهه).

• **اَروڊِ پَروڊِ (ل):** ظرف. جتي ڪٽي — هرجڳهہ — هرهنڌ.

• **اَرورا:** اسم خاص. هندن ۾ مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو.

• **اَروڙ ج اَروڙُون:** ث. صفت. بي گناهہ — معصوم "آنديئي جا اروڙ، تنهن بنڊياٽيءَ بدا ڏيين" (شاهه).

Gul Hayat Institute

• **اَروڙَ ج اَروڙون:** ث. [سن. اَجَگر = وڏو نانگ جو هڪري ڳهي وڃي] اجگر – اَرڙ نانگ – ازدها – دِمڙ. وڏي خوفناڪ بلا.

• **اَروڙ:** اسر خاص. [ف. رُوْدُ (= دريا) > ع. الرود > الرور: (سنڌي اچار=) اروڙ. الور] قبل از اسلام سنڌ ملڪ جو تختگاھ – الور يا اروڙ جو قديم شھر، جنھن جا کنڊرات روھڙيءَ کان پنج ميل ڏکڻ اوپر طرف، اپرندي ناري (= هاکڙو) لڳ ۾ قديم وقت جي درياء جي پيٽ جي مٿان موجود آھن "هاڪ و هندو هاکڙو پنڌي ٻڌ اروڙ" (ماموين جا بيت). اروڙ جو نندڙو ڳوٺ جو قديم شھر اروڙ واريءَ جاءِ تي موجود آھي. ھڪ ذات جو نالو. روھڙي تعلقي جي ھڪ ديھ جو نالو.

• **اَروڙ وَنْسي:** اسر خاص. سنڌ جي اروڙ حصي جي رھاڪن ھندن جي اولاد مان، پنجاب ۾ رھندڙ ھندن جي ھڪ ذات جو نالو.

• **اَروڙ ج اَروڙ:** ذ. انبار – ڍڳ – ڍير – کوڙ. پکين يا چوپاين يا ماڻھن جو گھات.

• **اَروڙا:** اسر خاص. اکثر حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ رھندڙ ھڪ ھندو ذات جو نالو.

• **اَروڙَڻُ:** مصدر. تپي ڳاڙھو ٿيڻ – ڪاوڙجڻ – ڪوپ ٿيڻ. ڏسو "اَروڙَجڻُ".

• **اَروڙي ج اَروڙيون:** ث. بدي – برائي – خرابي – وڪار. ٻيائي – دوئي – غيرت – ڪُپت "ڪيڊي اروڙي، تہ سڪي ٽئي سامي جئي" (سامي). ڪن ڪڇري جو ڍڳ – چيٽن يا گند جو ڍير (ملتاني). ڍب. ڪُتي يا گدڙ جي وڏي اونائي.

• **اَروڙي ج اَروڙيُون:** ث. اُرڙي: (ماتا جي بيماريءَ جو ھڪ قسم) – لاکڙو – نندي ماتا.

• **اَروسو ج اَروسا:** ذ. [سن. اَتْرش: ف. اَروسا] ھڪ ٻوٽي جو نالو – کنگھ وغيره لاءِ دوا طور ڪم اينڊڙ ھڪ ٻوٽيءَ جا ساوا پن.

• **اَروش ج اَروشَ:** ذ. [سن. اَروش = سج. ھڪ قسم جو نانگ] سج. باھ جو ٻيڙ – ٻڙڪو – جھلڪو – شعاع – شعلو. ھڪ قسم جو نانگ.

• **اَروڪڙو ج اَروڪڙا (ڪ، ل):** ذ. صفت. [اَ = نہ + روشَ > ريکا = مھانڊو] بدشڪل – بدصورت – ڪوجھو.

• **اَروڪو ج اَروڪا (ڪ):** ذ. صفت. [سن. ڪروهْ = ڄامڙو: اَ = نہ + روشَ > ريکا = مھانڊو] بدشڪل – بدصورت – بي مھانڊي – ڪوجھو. اپرو – بي زور – ڪم طاقت – نھل.

• **اَروگ ج اَروگ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + روگ = روڳ، مرض يعني بنا روڳ جي] تازو توانو – تندرست – چگو ٻلو – نروبو – نمرو.

– **اَروگ وگيان:** ذ. صفت. [سن. اَروگيَہ] اَروگ.

– **اَروگائِي:** ث. تندرستي – چاقائي – چگيلائي – سڃائي. سگھائي – صحّت.

– **اَروگو ج اَروگا:** ذ. صفت. اَروڳُ.

– **اَروگَ وديا:** ث. چگيلائي رکڻ جو علم – علم الصحّة.

– **اَروگي جَ اَروگي:** صفت. اَروڳُ.

• **اَرونھرو ج اَرونھرا (ڪ):** صفت. اروڳ – چاق – چگو ٻلو.

• **اَروڻ ج اَروڻ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + لَوَنَ = لوڻ] اَلوڻو – بي نمڪ – ڦڪو.

– **اَروڻو ج اَروڻا:** ذ. صفت. اَلوڻو. بي سواد – ڦڪو. بداخلاق – بدچال – ڪُلڇٽو.

• **اَروٽي:** ذ. وائُر کان پوءِ اڇو ٽيل اَنّ. (اسر خاص) تعقلي جو ھيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

– **اَروٽي ڪَرڻ:** اَنّ صاف ڪرڻ. وائُر ڪرڻ.

• **اَروڻي:** ث. [سن. اَروجَ = اڻ وٽندي] حمل جا اُڀيڙ.

• **اَرَهُ (ت):** ذ. ڪنھن سان بدن لڳڻ جي حالت – چوت – ڇھ – لَمَس.

• **اَرَھ:** ث. [سن. آراڌَ = راضي رکڻ] مرضي – سَڌَ – خوشي – خواھش. انگل – اَرَه (ت).

– **اَرَھ رکڻ:** ٻار جي غير واجبي مرضي رکڻ – دِل وٺڻ. ڪوڏائڻ – داد لائڻ. اَرَءِ رکڻ – سانگو ڪرڻ.

• **اَرَه:** ذ. [ف] کاراڻي.

– **اَرَھ ڪُش:** ذ. صفت. وادو – ڪاٽ چيرو.

• **اَرَهُ ج اَرَهَ:** ذ. چاتي – سينو – پستان – ٻُبو. جبل جي ٻُڌ کان ھيٺ زمين (ڪ).

– **اَرھ اَنبورجڻ:** ڏڪ ظاھر ٿيڻ – ٻُبا ظاھر ٿيڻ.

– **اَرَهُ پَرجڻ:** ٻُبا سگوئجڻ. چوڪريءَ جو بالغ ٿيڻ.

– **اَرَهُ ڏِيڻ (ت):** مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي اچڻ – مقابلو ڪرڻ. اڇي مَڇي ڪرڻ – همتائڻ – مدد ڪرڻ.

– **اَرَه زورائِي ج اَرَهَ زورائِيُون:** ث. سينه زوري – ڏاڍ مڙسي – زبردستي. ڏاڍائي – ظلم.

– **اَرَه زورائِي ڪَرڻ:** ڏاڍ مڙسي ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ – ظلم ڪرڻ.

– **اَرَه زوري:** ث. اُرھ زورائِي – سينه زوري.

• **اَڙهاڻُ:** مصدر. [سن. اَرَهْ = سينو] سوڙھ ڪرڻ – ٻئي کي

Gul Hayat Institute

ڏکڻ. گهُنٽڻ. اُجاڙڻ – هوکر ڪري وڙهڻ. تپائڻ.

ـ **اَرهاتَ ج اَرهاتُون:** ث. اُرهه زورائي – ڏاڍائي – اُجات.

ـ **اَرهاتَ ڏيڻ:** پاڪر ۾ زور ڏيڻ – پيڙڻ – چپڻ – چيپاڙڻ.

• **اَرهالَ ج اَرهالَ (ڪ):** ذ. صفت. نندڙو ٻار – الڙ – معصوم. بي سمجهه.

• **اَرهاڻو ج اَرهاڻا (ڪ):** ذ. صفت. نئون. پرائو – ڏاريو. چوري ڪيل.

ـ **اَرهاڻي پيرين ڪَيڻ (ڪ):** اڳهاڙي پيرين ڪيڻ – نااميد ڪري ڪيڏ.

• **اَرهائڻ:** مصدر. [سن. اَ = نه + هُرش = خوش ڪرڻ] ارهو ڪرڻ – ناراض ڪرڻ – رنج ڪرڻ – دُکيَ ڪرڻ.

• **اَرهجَڻ:** فعل مجهول. ناراض ٿيڻ – رنج ٿيڻ. دل ۾ ڪرڻ.

• **اَرهَر ج اَرهَر:** ذ. دال جو هڪ قسم.

• **اَرهنْ، اَرينْهنْ:** ظرف. "پَرينْهنْ" کان پوءِ ٻيو ڏينهن – ٽئين ڏينهن.

ـ **اَرهَنْڪَي اَرينْهڪو:** ذ. صفت. اَرينهن وارو.

• **اَرَهُنْ (ڪ)، اَرهُون (ل):** ذ. (ڏهائيندڙ) مال جي اوهه تي سوج.

ـ **اَرهن هٽڻ:** چوپائي مال جي ٽٽن جو سُڄي پوڻ. هڪريءَ جا ٽَڻَ تپي ۽ سُڄي پوڻ. هڪريءَ جي ٽٽن مان کير ڏهڻ وقت رت نڪرڻ.

• **اَرهَنْدو ج اَرهَنْدا:** ذ. صفت. [سن. اَنْرَه < اَن = نه + اَرْهْ = لائق هٽڻ] نَ رهندو – نَه رهائيندڙ – نه سُهائيندڙ – اڻ جوڳو – اڻ لائق – غير مناسب – نامَناسب. ناشائسته – غير واجب – ناشايان. حرام – ناجائز (ديني لحاظ سان). زبردستيءَ سان ورتل. بي انصافيءَ سان حاصل ٿيل (ث) اَرهَندي ج اَرهَنديُون.

ـ **اَرهَنْدائي:** ث. اڻ لائقي. بي قاعدگي – لاقانونيت (ديني يا اخلاقي).

• **اَرهَنْدي ج اَرهَنديُون:** ث. ڏاري – اوپري – نڏڪي – رولَ چولَ – دَٽَين مُئي.

• **اَرهَنْ ج اَرهَنُون:** ث. سنداڻ (سونارن جي) – اَرٽي.

• **اَرهَنْ ج اَرهَنْ:** ذ. اَهْنَر.

• **اَرهو ج اَرها:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + هُرْش = خوشي] ناخوش – ملول – رنج – غمگين – ڏکويل. "سَرهو" جو ضد. (ث) اَرهي ج اَرهيُون.

ـ **اَرهاڻ:** ث. اَرهائي.

ـ **اَرهائي:** ث. ڏک – رنج – ناراضپو – رنجش. ملولائي – غمگيني.

ـ **اَرهو ٿيڻ:** ناخوش ٿيڻ – رنج ٿيڻ – ناراض ٿيڻ.

ـ **اَرهي سَرهي تَڪڻ:** امير غريب کي هوسڻ. ڏکئي سکئي سان حسد ڪرڻ.

• **اَرهو ج اَرها (ٿ):** ظرف. هيڏانهن – هيڏ پرو. اورتي – ويجهو – قريب.

ـ **اَرهو پَرهو:** ظرف. هيڏانهن هوڏانهن – اوري پري.

ـ **اَرهي:** طرف. اوري – اورتي – ويجهو.

• **اَرْهي ج اَرهيُون:** ث. آرسي. عورت جي آگوٽي جي ٽِڪَ واري مُندي. ٽڪَ.

• **اَرَه ج اَرَڙُون (ت):** ث. [سن. آراڌَ = راضي رکڻ] راءِ ـ رايو – انگل – سَڌَ – شوق – مرضي – خيال. سانگو. اَرداس.

• **اَرَڙ:** ث. [سن. اَ = نه + رو = درياءَ جي وهڪ] درياءَ جي لٽ نه چڙهيل زمين – غيرآباد زمين – خشڪ زمين – پوٽو – دَشت. غير موسمي فصل.

ـ **اَرَڙ ڏيڻ:** زمين کي آبادي ۽ کان ساهي ڏيڻ.

• **اَرَڙُوٽو ج اَرَڙُوٽا (ث):** ذ. هَر.

• **اَرَڙُوٽو ج اَرَڙُوٽا:** ذ. صفت. [سن. اَنْ = نه + اَرْهَ = لائق] اَڻ لائق – بد عادت – بد چال – بد فضيلت – نالائق.

• **اِري ج اِريُون:** ث. ڪائيءَ جو نندو ٽڪرو. عضوو – سَنڊ. ڪنهن به شيءِ جو ٽورو حصو (ث).

• **اَري ج اَريُون:** ث. رڍ – گهيٽي – ڏُنبي.

• **اَرِيبُ:** ذ. [ع] داناءَ – ڏاهو.

• **اَرَيب ج اَريبُون:** ث. [ف. اُريبُ = قَڏو] چورس. مستطيل يا ڪنهن به چوڪنڊي جي آمهين سامهين ڪنڊن کي پاڻ سان ملائيندڙ ليڪ.

• **اَريبُ ج اَريبَ:** ذ. ڏِنگائي – قَڏائي. فريب.

ـ **اَريبي ج اَريبي:** صفت. پاسيرو – ڪنڊائتو – ڪُنڊو ڪُنڊ.

• **اَريَجَ ج اَريَجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + ف. ريُج > ريزش = وَهَڪ] بنا ريج زمين – خشڪ زمين – سُڪي ٻني – بيابان – صحرا "آسڙ جن اَريجَ ۾، تن جي وهَ جو وَرن ٻيو" (شاه).

• **اَريڙ ج اَريڙيُون:** ث. [سن. اَجگر = بلا جا سڄي هڪري ڳهي وڃي] هڪ تمام وڏي ۽ ٽلهي بلا – ارڙ نانگ – اروڙ – ازدها – اجگر. آفت. چالاڪ – هوشيار.

• **آريسَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (آريسر).

• **آرَيندو ج اَرينْدا (ث):** ذ. صفت. اجايو. بي وقوف.

• **اَرينْهنْ:** ظرف. اڄ کان پوءِ جوٽون ڏينهن – اڄ کان جوٽين ڏينهن (ت).

• **اَريئو ج اَريئا (ث):** ذ. ائٽ – چرخو – ارٽ.

• **اَڙ ج اَڙُون:** ث. [سن. اَڌْ = جهڪڻ] هوڏ – اصرار – مخالفت. اَڙ – آڏ – اٽڪ – رندڪ – روڪ – رَندِ – رڪاوٽ – جهل.

Gul Hayat Institute

ٽيڪ – آڌار. اوٽ – اَجهو – جهلو – پناه "سال ستڪن، جال جهٽڪن، ڪاڻ ڪن اَڙَ آڏ اوٽ" (گل). ترار جي چهنب – اَٽي ـ نوڪ. رستو – پيچرو – گس – گهيڙ – لنگهه – وات. اٽڪل – ڪيڏ. چال – چالبازي – عياري. اولو – اوڍر. مورڇو – ڪاهي. فوج جو ڪنهن هيءَ فوج سان مقابلو – لڙائي – جنگ – جهڙپ. وهت تي هڪ پاسي پيل بار. هارن کي ٽيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم.

ـ **اَڙَ ڏيڻ:** لکي وڃڻ – اوٽ ڏيڻ – جهل ڏيڻ. بند ڏيئي ڇڏڻ – جهلو ڏيڻ. اٽڪل ڪرڻ.

ـ **اَڙَ ڳري ويهڻ:** ڪنهن وڻ وغيره جي پناه يا اوٽ ۾ لکي ويهڻ – ڪاهي ڪوتي ويهڻ – مورڇي ۾ ويهڻ.

ـ **اَڙَ ۾ ويهڻ:** جُڪي ويهڻ – لکي ويهڻ – ڇپي ويهڻ – جهڪي ويهڻ.

• **اَڙ ج اَڙَ:** ذ. جانور تي لڏيل بار جو هڪ پاسو. حصو پتي – وندي – پاڳو – وانتو. بار – مشڪل – ڏکيائي. اوٽ – اجهو.

• **اَڙ ٽيڻ (ت):** بار ٽيڻ – بار پوڻ. روڪ ٽيڻ – بندُ ٽيڻ – رندڪ ٽيڻ.

• **اِڙ ج اِڙَ (ل):** ذ. ڍير – ڍِڱُ – انبار.

• **اَڙا گوڙي (ت):** ث. قِڙتي – قَڏو – اَڙي – رَڙِي – اَڙتي – ڪيٽو.

• **اَڙانگ ج اَڙانگ:** ذ. صفت. ڏکيو ـ اوکو ـ اهنجو ـ مشڪل ـ دشوار "اوهان ري اڙانگ، ويني ورهه وسايان" (شاه).

• **اَڙانگو ج اَڙانگا:** ذ. صفت. اٽانگو – ڏکيو – اهنجو (ث) اَڙانگي ج اَڙانگيون.

• **اَڙائڻ:** مصدر. [سن. اَنْتَرايَه = انڪ، روڪ] قاسائڻ – انڪائڻ – ڳنڍڻ – متصل ڪرڻ. (اَڙايو، اَڙائيو – اَڙائيندو – اَڙايل).

• **اَڙائي ج اَڙائيُون (ل):** ث. پهريات ٻڪري – اوٽ – اَئنَ (ت).

• **اَڙبَڙ:** ث. بي معنيٰ لفظ – بڪ شڪ.

• **اَڙبَنڊ ج اَڙبَنڊ:** ذ. لنگ، گوڏ.

• **اَڙبڙات ج اَڙبڙاٽون (ت):** ث. آهٽ – آواز – اَڇٽ.

• **اَڙبَنگ ج اَڙبَنگ:** ذ. صفت. بي پرواه ـ اردو. پهلوان – هلوان – طاقتور – سگهارو. ڏنگو – اهنڌ – حرڪتي. شوخ – هوڏي.

ـ **اَڙبنگائي ج اَڙبنگائيُون:** ث. اهنڌائي – اردائي – ريڙائي.

• **اَڙتي ج اَڙتيُون:** ث. [سن. اَنْتَرايَه = انڪ، روڪ] قَڏو – قِڙتي – گدي. انڪ – رندڪ – روڪ.

ـ **اَڙتي باڙ:** ذ. صفت. قڏو وهندڙ – قڏائي – اڙيگور – گدي خور.

ـ **اَڙتي خورُ:** ذ. صفت. قڏو وهندڙ – اڙتي باز.

ـ **اَڙتي ڪرڻ:** قڏو وهڻ – گدي ڪرڻ.

• **اَڙِڪ:** ظرف. بي دليو – بي خيالو.

• **اَڙَڪ:** ظرف. لڪ ڇپ – متو مت – وهنوار – لڙپڙ – آنا ماڻا. بيباق – چُڪتو (حساب ڪتاب) آجايا.

• **اَڙڪڻ:** مصدر. "اَڙڻ" مان فعل مجهول. ڦاسجڻ – ڦاسي وڃڻ – اٽڪجڻ.

• **اَڙڪي بيهڻ، پوڻ:** اٽڪجي پوڻ. مُنجهي بيهڻ – (مصيبت ۾) ڦاسجي پوڻ.

ـ **اَڙِڪي وَڃڻ:** ڦاسجي پوڻ. ڪک ٽيڻ.

• **اَڙَڪَڻ:** ث. اَرجڻ – انڪ. ڏکيائي – مشڪلات – تڪليف – اهنجائي. پيچڪڙي – ڦڙتي – چيڙڪ – رندڪ. بي قراري – بي آرامي.

• **اَڙد:** ث. دال جو هڪ قسم – مانڍن جي دال.

• **اَڙدُ ج اَڙدُ:** ذ. [ترڪي. اُردو = چانوٽي] فوج – لشڪر – ڪٽڪ. جَمّ غفير – ميڙ – انبوه ـ ڏَنب – خَلق. ڍِڱ – انبار – ڪوڙ.

• **اَڙدا بيگ ج اَڙدا بيگ:** ذ. [ترڪي. اُردو > اَڙد = چانوٽي + بيگ = سردار] هٿيار بند سپاهي – لشڪري يا فوجي ماڻهو. وڏو اميير. لاپرواه – اردو – بي خيالو (ت).

ـ **اَڙدا بيگِي ج اَڙدا بيگِيُون:** ث. مرداني فوجي لباس ۾ محلات جي پهري جو انتظام رکندڙ عورت – محلات جي پهريدار عورت. ٻانهي – نوڪرياڻي – دربان عورت. سنهو پَرڻ – سنهي چاٽي.

• **اَڙداءُ ج اَڙداءُ:** ذ. گوشت مڇي وغيره جي ٻوڙ ۾ شوروي کي گهاٽي ڪرڻ لاءِ وڌل آٽو يا لسي – لاس.

• **اَڙدَائي:** ذ. فوجي – سپاهي – لشڪري.

• **اَڙدَڪ ج اَڙدَڪ:** ذ. گهوڙي جو هڪ سنڀ.

• **اَڙدَها ج اَڙدَهائُون:** ث. [ف. اَژدها = وڏو نانگ] ارڙ نانگ – اجگر – اروڙ "عظمت سان هئي ازدها، ڏور جنهن جو ڏهڪار" (رمضان کنيو).

• **اَڙَس (ت):** ث. مينهن ٻوڙ وقت گند ۽ گپ ۾ هلڻ ڪري نڪتل قٽ ڦڙڙيون – مَلو.

• **اَڙُس ج اَڙَس:** ذ. مُنگهڻ – ڪتمل.

• **اَڙُڪ:** ظرف. آخرڪار – نيٺ – اوڙڪ – لٽي پٽي. هُن مٽي.

• **اُڙڪَ ج اُڙڪُون:** ث. منشا – مراد – نيت "ڪاجا اَڙڪ اونئين. ڪرهل ڪوڏ ڪَسين" (شاه). اوڙڪَ – ڏاڍو مينهن.

Gul Hayat Institute

• **اَڙڪ ڏِڙِڪيو ج اَڙڪ ڏِڙِڪيا (ث):** ذ. تياكر – ٽالٽ – شفيع – چگوَ مرَس.

• **اَڙڪَ گوار (ث):** ث. اُها گوار جا ٻئي ڪنهن فصل سان گڏ خود بخود ڦُٽيَ (داڻو ۽ ڦري سخت ٿئي، صرف جانورن کي گاهه طور ڪارائي وڃي).

• **اَڙڪَڻ:** مصدر. اٽڪڻ – روڪ – رندڪ – رڪاوٽ.

• **اَڙڪ ج اَڙڪُون:** ث. اٽڪ – روڪ – رندڪ – رڪاوٽ.

– **اَڙڪائڻ:** مصدر "اَڙڪڻ" مان متعدي بالواسطه. اٽڪائڻ. بند ڪرڻ – قيد ڪرڻ – گرفتار ڪرڻ – قاسائڻ. جڪڙڻ – قابو ڪرڻ – سُڪ ڪرڻ.

• **اَڙڪجَڻ:** مصدر "اَڙڪڻ" مان فعل مجهول قاسجڻ – اٽڪجڻ – بند ٿيڻ – قيد ٿيڻ – گرفتار ٿيڻ. قابو ٿيڻ – سُڪ ٿيڻ.

• **اَڙِڪو ج اَڙِڪا:** ذ. روڪ – رندڪ – جهل – پيڇڪڙي – اٽڪ.

• **اَڙَڪ ج اَڙَڪون:** ث. اکر – حرف. لفظ. طرف – پاسو – ڏِس. خبر – ڄاڻ – سمجهه.

• **اَڙَڪ پَڙَڪ:** ث. سُڌ سماءُ – آسپاس جي خبرچار. ڄاڻ سڃاڻ.

• **اَڙَڪي پَڙَڪي، اَڙَڪي ڦَڙَڪي:** ظرف. آسپاس.

• **اَڙَڪو ج اَڙَڪا:** ظرف. دور – پري. اوجهڙ.

• **اَڙَڪِيل ج اَڙَڪِيلَ (ث):** ذ. صفت. اَڻ ڪِيلَ – بيمار – اگهو – مرضيل.

• **اَڙَلَ ج اَڙَلُون:** ث. لوڙهي جي وچ ۾ لنگهه ٽاهڻ لاءِ پاسن کان ٻه اڀيون ڪاٺيون هٽي انهن جي وچ ۾ عمود وانگر رکيل ٻن يا ٽن ڏاکن جي ننديِ ڏاکڻ – ڳَلي.

• **اَڙَلَ ج اَڙَلَ:** ذ" [سن. اَلْ، لَلَ = لَڏڻ] ڏِگهين لڏندڙ بشڪن وارو ڪُڏڻو گهوڙو – بوجرو گهوڙو – ٽهٽو ٻهاڻ – جَڙو وڇيرو "ڪارا ڪُنڊَ هٽن ۾، اَڙَل وڇيرا هيٺ" (شاه). (صفت) اَلَڙ – بي خيالو – واڇرو – ٻڌو – ٻگهلو. ترڙو – هلڪڙو – وڏائي خور.

• **اَڙَل وَڇيرو:** ذ. ڪُڏڻو گهوڙو. بيِ خيالو ماڻهو – ترڙو – هلڪڙو – وڏائي خور.

• **اَڙَلَ:** ث. اسم خاص. سيوهڻ وٽ هڪ واهه ۽ ڏنڊ جو نالو.

• **اَڙِل ج اَڙِلُون (ک):** ث. پَن (وَل) جو وُڏيو.

• **اَڙِلي، اَڙِلِي ج اَڙِليُون (ث):** ث. چوپائي کي پڇڙ يا تکي هلڻ کان روڪڻ لاءِ پيرن ۾ پيل ڏاوڙ ۾ ٻڌل ڪاٺي.

• **اَڙَڻ:** مصدر. اٽڪڻ – اڙڇڻ – منجهڻ – قاسِڻ. ڳنڍجڻ. (حساب ڪتاب) صاف ٿيڻ – بي باق ٿيڻ – چڪتو ٿيڻ. ملڻ (عوض يا پلاند). (اَڙيو – اَڙندو – اَڙيل).

– **اَڙَڻ پَڙَڻ:** وهنوار ٽيڻ – لٽ پٽ ٿيڻ. چڪتو ٿيڻ (ليکو).

– **اَڙِياتُ، اَڙِياتُو:** ذ.صفت. اَڙيل – قاتل – محتاج – منجهيل.

• **اَڙِيالُ ج اَڙِيالَ:** ذ. صفت. اَڙيل – گهرجائو – ضرورتمند – منجهيل – قاتل. سائل.

• **اَڙِين آڌارَ:** ذ. صفت. بي وسيلن جو وسيلو – مسڪينن جو سهارو – پرجهلو – آسرو – ڏيڍ.

• **اَڙِين جي اوٽ:** محاورو. هيٺن جي حمايت – بي وسيلن جو وسيلو – هيٺن جي پناه يا آڌار.

– **اَڙِيو ج اَڙِيا:** ذ. صفت. محتاج – تنگدست – منجهيل. گمراهه ٽيل. قاتل.

– **اَڙِيو رهڻ:** روڪيل رهڻ. ٻڌسي بنا تنگ رهڻ – منجهيل رهڻ.

• **اَڙو ج اَڙا:** ذ. [سن. اَرَ = چَڪَرَ] اَرو – ڏَندو. تاجيءَ جون ٻاڻ ۾ ٽڦجي ڳنڍيو ٽي پيل تندون. حيض اڇڻ کان سواءِ ٻيو ٻيرو ٽيل حمل. (صفت) برابر – هڪ جيترو – هم وزن. هڪ جهڙو – پيڇي. ٻٽ – جُٽ. (ذ) وهت تي لڏيل بار جو هڪ پاسي لڙيل بوجوَ (ٽ) – يَڪ طرفو بار. ورهايل مال جو هر هڪ حصو – پاڳو – وانڊو – وندي – پتي. هڪ مينهن جو ٻيءَ مينهن کي هنيل سگ – اَڪلَ. گاهه جو گڏو – ٻُوڙو – مُڇو – پَري – بند (ڪانن جو). قاعدو – قانون.

– **اَڙي ۾ جهلجَڻ:** قاعدي ۾ قابو ٿيڻ – قانون موجب گرفتار ٿيڻ.

• **اِڙو ج اِڙا:** ذ. گاهه جو ٻُو. گاهه يا ڪانن جي پَري.

• **اَڙو اَڙو (ل):** ث. راند جو هڪ قسم.

• **اَڙوڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَڙوڪو:** ظرف. بي ايماني ۽ سان – ٺڳيءَ رستي.

– **اَڙوڪو ڪائڻ:** بي ايماني ۽ سان ڪائڻ – چوريءَ ڦهائڻ.

– **اَڙوڪي وڪ:** ث. ٺڳي – چالاڪي.

• **اَڙوَل ج اِڙوَلُون:** ث. روڪ – رندڪ – اٽڪ. ڇيڙڪ – پيڇڪڙي.

• **اَڙونڊ ج اَڙونڊَ:** ذ. اڙيال – سوالي. ادينگو – بدفضيلتو – بدچال.

• **اَڙو والِي:** ظرف. وڃڙي سڃڙي.

• **اَڙوئي ڪَرڻ (ث):** پنڻ – فقر ڪرڻ – بکيا ونڻ.

• **اَڙويل ج اَڙويلَ:** ذ. وڪڙ – وَڙ – ڦيرو. رندڪ – روڪ. مونجهارو.

Gul Hayat Institute

• **اُڙهني ج اُڙهنيُون (ث):** ث. اوڍڻي. ڇني. رئو ـ پوتي.
• **اِڙهڻُ (ڪ):** مصدر. هڪ ٻئي مٿان ڍڳ ڪرڻ.
• **اُڙهڻ:** مصدر. پهرڻ ـ وڇڻ ـ اُسهڻ. جوتڇڻ ـ جُٽڻ. وَهڻ ـ ڳهڻ (بار ۾). وَهڻ ـ وهي هلڻ (پاڻي). وسڻ (برسات). (ڪناية) هر ڪاهڻ ـ ڪيڙڻ. ريج ڪرڻ ـ ٻني پيارڻ. مدد ڪرڻ. پاڻيءَ جو وارو وڻڻ ـ پاڻي ورائڻ (ت).
• **اُڙِيا:** حرف ندا. [سن. اَري] ٻئي کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ ـ اي ـ ڙي ـ او. گهٽتائيءَ، ڪراهت يا نفرت وچان سڏ ڪرڻ مهل ڪم آندل لفظ.
• **اُڙِي ج اُڙِيُون:** ث. [سن. اررِي] ملهه ۾ (ناجائز قرار ڏنل) هڪ قسم جو جانور. آڙ ـ آڏ ـ آڏڙي ـ مونڙي ـ ڦڙتي ـ آڙتي. آڙاگوڙي ـ قڏو ـ گدي ـ ڦتڙڪ ڪوٽ ـ ڏوهه. اٽڪ ـ رڪاوٽ ـ روڪ ـ رندڪ. جهل ـ ٽيڪ ـ جهلو. گس گساءُ ـ نٽ نٽاءُ. انگوڙي ـ وکڙ ـ پيچ. هٽ ـ غرور ـ وڏائي. تڪليف ـ مشڪلات. ڏک ـ سور ـ اهنج ـ ايذاءُ. نوڪ ـ ڇهنب ـ آٽي. (ظرف) اڙجي ـ پلجي ـ پنيلجي ـ قاسجي. (حرف ندا) زال کي سڏڻ جو لفظ ـ اڙي ـ ائي. زالن جو هڪ ٻئي کي سڏڻ جو لفظ. ٻڙي ـ اَئِي.
ـ **اُڙِي اوڙي:** ڏک ـ تڪليف. ڏکئي وقت.
ـ **اُڙِيبازُ ج اُڙِيبازَ:** ذ. صفت. رڪاوٽون وجهندڙ ـ اُڙتيباز ـ اَڙيگوڙ ـ ڦڙتيباز.
ـ **اُڙِي ڏيڻ:** گهوڙي وغيره تي بيلهه چاڙهڻ لاءِ هٿ يا پير جي ٽيڪ ڏيڻ.
ـ **اُڙِي رَهڻ:** رندڪجي بيهڻ ـ روڪجي وڃڻ.
• **اُڙِي ڪَرڻ:** بهانو ڪري رندڪ وجهڻ ـ بهاني سان تڪليف ۾ وجهڻ ـ قڏو ڪرڻ ـ اڙتي ڪرڻ ـ ڦتڙڪ هڏڻ ـ ڏڏڙ ۾ پير هڏڻ.
ـ **اُڙِيگوڙُ ج اُڙِيگوڙَ:** ذ. صفت. قڏائي ـ اڙي باز ـ ڦڙتي باز.
ـ **اُڙِي هَڏڻ:** وهت کي تڪڙي هلائڻ لاءِ پيٽ ڏاري پير جي ڪڙي هڏڻ ـ مهميز ڏيڻ. اٽڪل ويهڙائڻ ـ تجويز ڪرڻ ـ کيڏ کيڏڻ.
ـ **اُڙِيءَ ۾ اَڇڻ:** ڏنڊ پرڻ لاءِ مجبور ٿيڻ. مُصيبت ۾ اڇڻ.
• **اِڙِي ج اِڙِيُون (ث):** ث. گدي. پُتلي ـ پوري.
• **اُڙِي ج اُڙِيُون:** ث. ڪڙي.
• **اُڙِي ڏُڙِي:** ث. صفت. رهيل کهيل ـ بچيل سچيل. رَهي کهي ـ بچت سَچت.
• **اُڙِيو ڏُڙِيو ج اوڙِيا ڏُڙِيا:** ذ. صفت. [سن. اُتپَتَر = بيراهه] رستي پليل ـ ڏڙيو ٽاهڙيو.
• **اُڙ:** حرف جر. [ف] کان ـ کنان ـ طرفان ـ وٽان.

• **اُڙانسواءِ:** ظرف. انهيءَ کان سواءِ ـ انهي ڏاران.
ـ **اُڙَبَر:** ظرف. ياد ـ حفظ.
ـ **اُڙَبَس:** صفت. نهايت ـ ڪافي ـ ڪافيءَ کان زياده.
ـ **اُڙَحَد:** صفت. نهايت ـ تمام گهڻو ـ بيحد ـ بيشمار.
ـ **اُڙخود:** ضمير. پنهنجو پاڻ ـ پاڻهي ـ خود بخود پاڻ مرادو ـ پاڻئون ـ پاڻهي جاڻي.
ـ **اُڙ(سَڙ) نَو:** ظرف. نئين سر ـ وري ـ ٻيهر ـ دوباره. سري کان.
ـ **اُڙغيبُ:** ذ. صفت. نامعلوم ـ اوجتو. لکل ـ ڳجهو.
• **اُڙغَيبي:** ظرف. اوجتو ـ ناگاهه ـ اچانڪ. ڳجهيءَ طرح ـ ڳجهو.
• **اِڙِدارَ ج اِڙِدارُون:** ث. [ع] سڏڻ ـ شلوار. پاجامو. گوڏ.
ـ **اِڙِدَبنْد ج اِڙِدَبنْدَ:** ذ. [ع+ف] اَڇڻ ـ ناڙو ـ ڪمربند.
ـ **اِڙِدبندي رشتو:** ذ. زال طرفان مائٽي.
• **اِڙِدو ج اِڙِدا (ت):** ذ. [ع. اِجارة] ناڪو ـ چونگي ـ محصول.
ـ **اِڙِدِيدارُ ج اِڙِدِيدارَ:** ذ. صفت. [ع. اِجاره + ف. دار] محصول. ونڊڙ منشي.
• **اِڙِلو ج اِڙِالا:** ذ. [ع. اِزالَة = زائل ڪرڻ. محو ڪرڻ] زوال ـ دفع ـ رفع ـ منسوخي ـ نورتي.
ـ **اِڙِالهُ غَلَطفَهمي:** محاورو. غَلَطفهمي لاهڻ.
• **اُڙبَڪُ ج اُڙبَڪَ:** ذ. صفت. [ترڪي. اوزبڪ = هڪ شاهي خاندان جو نالو] مضبوط ـ رانوڙ ـ جانور ـ بهادر ـ پهلوان ـ جوڌو. هُوڙهه ـ اُبهرو ـ تڪڙو ـ جلد باز.
ـ **اُڙبَڪيُون بَڪڻ:** ٻَٽاڪُون هَڏڻ ـ ڏاڙون هڏڻ ـ اجايون ڳالهيون ڪرڻ ـ بي بنياد خبرون ڏيڻ. اڻ ٽيٽيون ڳالهيون ڪرڻ ـ اَپ قاڙڻ.
• **اِڙِدحامُ ج اِڙِدحامَ:** ذ. [ع] ماٺهن جو گوڙ ـ انبوهه ـ ڏَنب ـ پيڙ ـ وڏو مجمع ـ ميڙ ـ ٻيهر ـ ڳپا گيهه ـ ڪلهي گس.
• **اِڙِدواجُ:** ذ. [ع] نڪاح ـ شادي ـ پرٽو ـ مٽا ميڙ. بيت جي آخر ۾ هن مُتشابهه الاخر متحدُ اللّفظ ءِ مختلف المعنيٰ لفظن جي استعمال واري شعر جي هڪ صنعت "ڏڪ هڏي پنهنجي هٿئون يا برهه جو بيمار مار ـ شهسوارا! وصل جي. يا واڳ تون هڪوار وار" (واصف).
• **اِڙِدواجُ البَصَر:** ث. [عَ] ٻني نظر ـ نظر جي ٻڌائي ـ هڪ شيءِ جو ٻه ڏيکائي ڏيڻ.
• **اُڙدُها ج اُڙدُهاڻُون:** ث. [ف. اَژدَها] نانگ جي شڪل ۾ تارن

Gul Hayat Institute

جو ميڙ. هڪ وڏو نانگ – اروڙ.

• **آزردیون:** ڏک واريون، عاجزي واريون.

• **اَزْرَق ج اَزْرَق:** ذ. صفت. [ع] نيرو – نيلو – آسماني. فريبي – پاکنديءِ. ڇاپڙو – وچ ويڑهائو.

ـ **اَزرق پوش:** ذ. صفت. نيلو لباس پهريندڙ.

ـ **اَزْرق چشْم:** ذ. صفت. نيلين اکين وارو – هلي ءَ جي اکين جهڙو – شيرو. بي حيا – بي مروت.

ـ **اَزْرق فامُ:** ذ. صفت. نيلي رنگ وارو – نيراڻ تي مائل.

• **اَزْگَر ج اَزْگَر:** ذ. [سن. اَجگَر = هڪري کائيندڙ نانگ. ڪوراڙ] اجگر – وڏي بلا – ازدها – اروڙ. آفت.

• **اَزَلْ:** ذ. [ع] شروعات کان سواءِ هميشگي – اناد. "اَبد" جو ضد – دنيا جي پيدا ٿيڻ و پهريون ڏينهن "از ابد جي وچ ۾، دريا دور کيا" (گهوڙي) – ميثاق وارو ڏينهن – منڊ – اصل – بنياد – ابتدا – تخليق جي شروعات – ابتداءِ آفرينش. قسمت – مقدر – تقدير.

ـ **اَزَلي ج اَزَلِي:** صفت. اصل کان – شروعات کان وٺي – انادي. "ابدي" جو ضد. ابتداءِ آفرينش کان وٺي آخر تائين رهڻ وارو – باقي.

• **اَزْواج:** ذ. [ع . زَوْج = جفت، زال يا مڙس] بيبيون – گهرواريون. مڙس – خاوند – وَر.

ـ **اَزْواجِ مُطَهّرات:** ث. سڳوري رسول جون پاڪ بيبيون – آنحضرت ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا حَرَم سڳورا.

• **اَزورو ج اَزورا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ف. زور = طاقت] بي زور – نهل – نستو – بي طاقت – ڪمر طاقت – هيڻو. (ث) اَزوري ج اَزوريُون "آهيان ازوري، تنهنجي زوريءَ جبل لنگهيا" (شاه).

• **اَزْهَرْ:** ث. [ع. زَهْرج اَزهار] گل.

• **اَس:** ث. [سن. اَس] ترار – ڪاٽي – ڇري (جانورن کُهڻ لاءِ).

• **اَسَ ج اَسُونْ:** ثَ. [سن. اَشْمَ. اُشْتا = گرمي] سج جو تؤ – سج جو پَرتوو – ڏَپ – سج جي روشني – تڙڪو – ڪاڙهو – گرمي – تابش – تپش. اُتَ – تائي – تاؤڙي – تپت.

ـ **اَس تي هُجڻ (ت):** بک تي هجڻ – لنگهڻ تي گذارڻ – بکئي پيٽ رهڻ.

ـ **اَسَ چَٽڻ، کائڻ:** تڙڪو جهٽڻ – اَس تي گرم ٿيڻ – تڙڪي تي بيهڻ – تڙڪو وٺڻ. بکيو رهڻ.

ـ **اَس سَڙيو ج اَس سَڙيا:** ذ. صفت. ڏَپ سڙيو – لوهاٽيل – لوساٽيل – ڪاراٽيل.

ـ **اَس کارائِڻ:** وائکو ڪرڻ – سُڪائڻ.

ـ **اَس ۾ اَچا ڪَڍڻ:** آزمودي پرائڻ کان سواءِ پوڙهو ٿيڻ. آزمودو نہ هڻڻ – ناتجربيڪار هڻڻ – الڙ هڻڻ. عُمر اَجائي وڃائڻ.

ـ **اَس ۾ وارَ اَچا ڪَرڻ:** آزمودو نہ پرائڻ – عقل نہ هڻڻ – اَس ۾ اچا ڪڍڻ.

• **اَساتَذْهْ:** ذ. [ع. اُستاذ ج اُساتذه] اُستادَ – ماهر – ڪاملَ – ڪاريگر.

• **اُساتِرو ج اُساتِرا (ث):** ظرف. ڪنهن ڪر لاءِ سنيريل.

• **اُساتَڻ:** مصدر. [سن. اُشْنَ = گرم < اُشْتَا = گرمي] اَس ۾ ساڙڻ – سڪائڻ – ڪومائڻ – مُرجهائڻ. (اُساٽيل – اُساتيندو – اُساتيو).

ـ **اُساتَ ج اُساتُونْ:** ث. سخت اڄ – ڏوگهو (ت) – ڏوگهه ڏوگهان – پياس – خشڪي – تاس – عطش – تَونس – ترشنا – تشنگي – تهه. تسيو. شوق ـ چاه ـ چاهنا. اوسيڙو – اون – آتاڙ. سڪ – اُڪير – اُڪنڊ – ڪشش. گرمي – ڪاڙهو – تپش – سوزش – تپت – ساڙو. سوڪهڙو.

ـ **اُساتِجَڻ:** مصدر "اُساتڻ" مان فعل مجهول. سخت اُجائجڻ. ڪومائجڻ – سڙي سُڪي وڃڻ.

• **اُساتو ج اُساتا:** ذ. صفت. بي ساتو – خشڪ – سُڪل – ٽوٽ – اُساٽيل.

• **اُساڌُ ج اُساڌ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ساڌ = پاڪ] پليد – ناپاڪ

• **اُساڌِيو ج اُساڌِيا:** صفت. [سن. اَساڌِيَ] اڻ ٽيڻي – نہ ٽيڻ جهڙو – ناممڪن – اَسمِيو – ناشدني.

• **اُسارَ ج اُسارُونْ:** ث. [سن. اَ = نہ + سار = رس، سواد، قوت، قيمت] بي رس – بي سوادي – ڦوڳو. سچي قوت ۽ قيمت بغير – بي قوت. ڪنو. نالائق – اجايو – بي فائدو. هيڻو – ضعيف – بي طاقت. ناڪئون.

ـ **اُسارَتا ج اُسارَتائُونْ:** ث. اَپوڳائي – بي رسي. نالائقي. ناڪَٽائي.

• **اُسارْ ج اُسارَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + سار < سُمر = ياد ڪرڻ] غافل – بي پرواه ـ ڳهيلو – بي خبر – بيَ سرتيو – بي گوندرو – بي خيالو – اوگهو – موڳو – چرياڻ – تواڻي – واڇرو – هڏو – هُگهلو. ٽوٽ. لول – ڪنٽور. فاني – بي بقا.

ـ **اُسارو ج اُسارا:** ذ. صفت. بي سمجهه – بي عقل – بي خبر – غافل – ويسلو – ويسارو "ويرِ وري ويئي، آسارن تان

Gul Hayat Institute

اوجتي" (شاھ). نستو – بي وسيلو. ڦوڳو – بي سوادي – جنھن ۾ رس نہ ھجي.

ـ **اُساري ج اُساريُونْ:** ث. بي سمجھ عورت اَبوجھ – بي عقل – مورک. بي گوندري، بي خيالي. نادان – ڇٽ. پورڙي – موڳي – اوڳي. غافل. بي خبر – ويسلي – ويساري – ويسري. اڻ ڄاڻ "اصل اَساري پئي، پوري پڳئي جيئن" (شاھ).

• **اُسارا، اُسارا:** صفت. [ع. اَسير ج اَسارا] قيدي – باندي.

• **اُسارڻ:** مصدر. پت جي مٽي تعمير ڪرڻ. اوسارڻ – پٽڻ. (اُساريو – اُساريل – اُساريندو).

• **اُسارو ج اُسارا:** ذ. پت جي تعمير. پٽڪو – اوسارو.

ـ **اُساري ج اُساريُونْ:** ث. پت جي تعمير – اوساري.

• **اُساسَ:** ث. [سَن. اَ = نہ + شْواسَه = ساس، ساھ] ساھ جي بندش – ساھ جي روڪ "مالھا ساسَ اَساسَ جي، پائي ڳل پوئي" (سامي).

• **اُساسُ، اُساسَ:** ذ. [ع] واحد طور ڪم ايندڙ لفظ. بنياد – پاڙ – جڙ – پيڙھ.

• **اُساسي ج اُساسي:** صفت. بنيادي – اصولي.

ـ **اُساسي قانونُ:** ذ. مکيہ يا بنيادي قانون.

• **اُساسَ:** ث. [سن. اَتْ = مٽي + شْوَسْ = ساھ کڻڻ] اُپ ساھي – اَوْساس.

ـ **اُساس ٻرڻ:** ساھ کڻڻ.

• **اُساطِيرُ:** ذ. [ع. اُسْطورة ج اَساطير] قصا – کھاڻيون – ڪٿائون – آکاڻيون – ڳالھيون.

ـ **اُساطيرُ الاوّلين:** ذ. اڳين جون آکاڻيون.

• **اُساطِينُ:** ذ. [ع. اُسطوانه ج اَساطين] ٿنيا – پيل پاوا.

• **اُسافِلُ:** ذ. [ع. اَسْفَلُ = سڀ کان ھيٺيون] خسيس يا نيچ ماڻھو يا شيون.

ـ **اُسافِلِ ناسُ:** ذ. ردّي يا نيچ ماڻھو.

ـ **اُسافِلِ و اَعالِي:** ذ. نيچ ۽ اوچ طبقي جا ماڻھو.

• **اُساکِرو ج اُساکِرا:** ذ. زمين جي آبادي زمين جي ماپ.

ـ **اُساکِرو ٽِيڻُ:** مينھن پوڻ کان پوءِ زمين جو جمي سخت ٿي پوڻ يا زمين جو ھموار ٽيڻ.

• **اُساکِرُو ج اُساکِرا:** ذ. صفت. [سن. اُشر =اَس] ڪجھ سکل ڪجھ آلو – ڪُڪرو – آڏوڪو. (ث) اُساکڙي ج اُساکڙيون.

• **اُساکِرُو اُساکِڙو ج اُساکِرا، اُساکِڙا (تـ،ل):** ذ. صفت. [سن. اُشر = اُس] صاف ٽيل (ت) اَڌ آلو اَڌ سکل ـ ڪُڪرو ـ آڏوڪو ـ اُساکڙو. پُسائي سُڪائڻ بعد وڻجي ويندڙ (ل).

• **اُساکِرِي، اُساکِڙِي ج اُساکِرِيونْ، اُساکِڙِيُونْ:** ث. [سن. اُشْرْ = اَس] پاڻيءَ واري زمين – وٽ واري زمين – پوسل واري زمين. ڪُڪري زمين. سڄ جي روشنائي – ڪاڙھو – اُبس – ھُبس – اُگھم – اُکرس – اُگھَٽ – گھُٽ. تپت – تاوڙي. مينھن وسي بند ٽيڻ جي حالت – سواسائي (ث).

• **اُسالِيبُ:** ذ. [ع. اسلوب ج اساليب] نمونا – ريتيون. عبارت جا نمونا.

• **اُسامَرتُ ج اُسامَرتَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سامْرْتِيَه = طاقتَ] بي طاقتَ – ڪمر طاقت – بي پھچ – ناتوان – ھيٺو – ڪمزور.

• **اُسامَه:** اسم خاص. [ع. اُسامَهْ = شينھن] ھڪ اصحابي سڳوري جو نالو جنھن کي پاڻ ڪريمن پنھنجي وفات وقت شام جي فتح لاءِ ٽي موڪلڻ گھريو.

• **اُسامي ج اُسامِيُون:** ث. [ع. اِسم ج اَسماء اَسامي = نالا] نالو. آبادي. مال ملڪيت – جائداد – دولت. شاھوڪاري – دولتمندي – آسامي.

• **اُسانْ:** ضمير جمع متڪلم. [سن. اَسْمَدْ] اسين.

ـ **اُسان سَري نہ اَڻي ري:** اسان عاشقن جي محبوب کان سواءِ کا کار سولي کانہ ٿي (نٽي ٽئي)، گھڙي ب سندس محتاجي کان سواءِ نہ گذري (ءِ نٽي گذري).

• **اُسانھين:** اسان جي ئي.

• **اُساوَري:** ث. [سن. اَساوَري] ھڪ راڳڻيءَ يا سُر جو نالو.

• **اُساوَنْتُ ج اُساوَنْتَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + ساوَنْتْ = بھادر] ڍڇو – ھيٺو – رحم جوڳو. بي صبر.

• **اُسائڻُ (ث):** مصدر. پيڇيءَ مٽان پاڻي تاري ھارڻ يا جدا ڪرڻ.

• **اُسْبابُ:** ذ. [ع. سَبَبُ ج اَسْباب] وُجوهَ ـ مقصدَ – ذريعا – سَبَبَ (مسبب الاسْبابُ = سڀني سببن جو پيدا ڪندڙ يعني ڏٽي تعاليٰ). (سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ). "ھر ھر پڇيائون، عشق جي اسباب کي". (شاھ). مال ملڪيت – جائداد – سامان سٽو – ٽپڙ ٽاڙي – ضرورت جو سامان.

• **اُسْبابِ سَفَرُ:** ذ. مسافريءَ جو سامان.

• **اُسباطُ:** ذ. [ع. سِبْطُ ج اَسْباطُ] ڏوھتا "سِبْط الرَسُول = رَسُول جو ڏوھتو". بَني اسرائيل جون 12 ذاتيوَن يا قومون.

• **اِسْبَرْگ:** ذ. [ف. اِسپَرگ] ڳاڙھو ھڙتال. ھيبي رنگ جي ھڪ ڪائي (جا رنگ ڏيڻ لاءِ ڪم اچي). ھيبر.

Gul Hayat Institute

• **اَسْبَن نَسْبَن:** ظرف. [ع. حَسْباً نَسْباً] حسب نسب جي لحاظ کان – اصليت جي لحاظ کان ويندي اصل تائين – سڄو ئي – هر طرح.

• **اَسَتُ ج اَسَتَ:** ذ. [سن. اَ = نہ + شَکْت = طاقت] نست – بي زور – هيڻو.

• **اَسَت:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَتْيَه = سچ] کوڙو – بي حقيقت – نابود – بي بقا.

ـ **اَسَت کَرڻ:** نقصان پهچائڻ – بي عزتو کرڻ.

ـ **اَسَت هوڻ:** کوڙ ڳالهائڻ.

• **اُسْتَ ج اُسْتَ (ل):** ذ. کير جي لسي. اُئين جو ڇمايل کير – اُئين جي کير جو ڏونرو "اُستُ جو اُئين جو. مونکي رهيو من" ڏهي – ڏڏ – دوڳ – دڳ (ت).

• **اُسْتادُ ج اُسْتاد:** ذ. صفت. [ف: ع] سيکارينڊڙ – معلم – رهبر – سياڻو – مدبّر – اديب. هر فن مولا – چالاک – کيڏاري – چتر – هوشيار. ميان جي.

ـ **اُسْتاد اَزَل:** ذ. سڀ کان پهريون استاد – ازل کان وڻي استاد. خداتعاليٰ – قدرت. ڳجهه سيکارينڊڙ استاد.

ـ **اُسْتاد ٹِي گَدْجَڻ يا مَلْڻ:** کنهن ٻئي کان حرفت سان کٽي وڃڻ – کنهن ٻئي تي حرفت سان غالب پوڻ.

ـ **اُسْتاد لڳڻ يا هَڻڻ:** وڏيڪ ڏاهو هجڻ ـ کيڏاري ٽي لڳڻ.

ـ **اُستاداڻو ج اُستاداڻا:** ذ. صفت. اُستاد وارو – اُستاد جو – استاديءَ وارو. استادن جهڙو.

ـ **اُسْتادکو ج اُسْتادکا:** ذ. صفت. استاد وارو – اُستاداڻو.

ـ **اُستادي ج اُسْتادِيُون:** ث. کاريگري – هنر. چالاکي – کيڏ – حرفت بازي – انڪل – ترکيب – تجويز – هوشياري – سياڻپ – چترائي.

ـ **اُسْتادي کَرڻ:** چالاکي کرڻ يا هلاڻ – ٺڳي کرڻ.

ـ **اُسْتادي وَڻڻ:** هنر پرائڻ – سکڻ – تعليم وٺڻ.

• **اِسْتادَکي:** ث. [ف. استادن = بيهڻ] بيهک.

• **اِسْتادَهْ:** صفت. [ف] بيٺل.

• **اَسْتانُ ج اَسْتانَ:** ذ. [سن. سْتَانَ = جاءِ ف. اَستان = جاءِ] فقيرن جو جهوپڙو – فقيرن جو آستانو – اوتارو. ملڪ – مڪان – جاءِ ـ رهڻ جو هنڌ "هندستان، عربستان وغيره".

ـ **اَسْتانُو ج اَسْتانا (ت):** ذ. آستان. ماڳ مڪان – رهڻ جو هنڌ.

• **اَسْتا وو ج اَسْتاوا (ت):** ذ. [ف. اَفتابَهْ] ڪُنرو – کوزو – بدنو.

• **اِسْتِبدادُ:** ذ. [ع] زبردستي – زور – جورُ – ظلم – جورو جفا – ڪنهن جي مرضيءَ خلاف مٿس هلايل حڪم – شخصي يا ظلمي راج. ضد – هٺ.

• **اِسْتِبْصارُ:** ذ. [ع] خيال سان ڏسڻ واري حالت – غور و خوض – انهماڪ. شيعن جي حديث جو ڪتاب.

• **اِسْتِبْعادُ:** ذ. [ع] پري رهڻ جي حالت – عزلت.

• **اَسْتَتُ، اُسْتَتي ج اُسْتَتِيُون:** ث. [سن. سْتُتْ] واکاڻ – ساراه ۽ نيڪي – ناموس – تعريف – ثنا – مدح. بندگي – عبادت. مناجات – پرارٿنا.

• **اِسْتِتارُ:** ذ. [ع] لِڪَ ۾ رهڻ جي حالت. لڪ (تصوف جو لطيفو. جنهن ۾ ڪو وقت ڪشف کان سواءِ رهندو آهي ۽ تجلي حاصل نہ ٿيندي اٿس). "تجلي" جو ضد.

• **اِسْتِثْناءُ:** ذ. [ع] پاڻ کي علحدي کرڻ جي حالت. ڪنهن شيءِ کي ٻين کان علحدو کرڻ. ڪنهن ۾ بيان بعد "اِنْ شاءَاللّٰه" جوڙ جي حالت.

ـ **اِسْتِثْنائي:** ذ. صفت. وانجي – الڳ. قاعدي کان ٻاهر – خارجي "قياس اِستِثْنائي" (منطق) – هڪ قسم جو فرضي قياس.

• **اُسْتُ پُسْتُ:** ذ. [ف. اَسْپِسْتْ = اَطريفل. تڦلو. برسيم] لوسٽ گاه. هڪ دوا جو نالو – هڪ پسارڪو وکر. بدوي يا جهانگي ماڻهن جو ڪاڄ. هڪ قسم جو ڦريا ميوو.

• **اِسْتِجابَتْ:** ث. [ع. اِسْتِجابَه] قبوليت – هاڪار – اقرار.

• **اِسْتِحسانُ:** ذ. [ع] پسنديدگي. نيڪي – تعريف جهڙو ڪم. ساراه ـ خوبي.

• **اِسْتِحْقاقُ:** ذ. [ع] لياقت – لائقي. حق.

• **اِسْتِحْڪامُ:** ذ. [ع] مضبوطي – پختگي – جڻاءِ.

ـ **اِسْتِحْڪامات:** ذ. شهر يا ڇانوڻيءَ جي چوڌاري بچاءَ جا بندوبست جهڙوڪ قلعا. ڪاهيون وغيره.

• **اِسْتِخارو ج اِسْتِخارا:** ذ. [ع. اِسْتِخاره] غيبي اشاري معلوم کرڻ جي دعا. خدا کان خاص دعا جي رستي خير جي طلب. فال.

• **اِسْتِخْراجُ ج اِسْتِخْراجَ:** ذ. [ع] اِخراج – نيڪالي. اپياس ۽ ڪوشش (هڪ شيءِ مان ٻي شيءِ ڳولي ڪڍڻ).

• **اِسْتِخْلاصُ:** ذ. [ع] خلاصي – رهائي – ڇوٽڪارو – آزادگي – آزادي.

• **اُسْتُخوانُ ج اُسْتَخْوانُ:** ذ. [ف] هڏو. ميوي جي ڪڙي.

• **اُسْتَخوانُ بُزُرگ:** ذ. صفت. وڏي خاندان وارو.

ـ **اُسْتَخوانِ بَنْدُ:** ذ. چپڙي – پٽي.

Gul Hayat Institute

ـ **اُسْتَخوان بَندي:** ث. هڏ ناهڻ. ناهه ڪرائڻ.
ـ **اُسْتَخوان تَراشي:** ث. رڌ جي ڦٽي ۽ رستي فال وجهڻ جي حالت.
ـ **اُسْتَخوان خوار:** ذ. هماءُ پکي. ڪتو.
ـ **اُسْتَخوان فِروشي:** ث. هڏا وڪڻڻ. بدمعاشي ـ لچائي.
• **اِسْتِدْ راج:** ذ. [ع] درجي بدرجي ڪنهن کي هٿائڻ يا هر ڪائڻ جي حالت. ڪنهن بزرگ کان ظاهر ٿيل عجيب ڪم ـ ڪرامت . ڪافر کان ظاهر ٿيل عجيب ڪم.
• **اِسْتِدْراک:** ذ. [ع. اِسْتِدْراک = ڪوشش ڪري ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءَ کي پڇڻ] چوڪن يا غلطين جي تلافي. جا ڳالهه گسي ويئي هجي سا وري ڪتاب جي آخر ۾ لکڻ جي حالت.
• **اِسْتِدْعا ج اِسْتِدْعائون:** ث. [ع] عرض ـ التجا ـ گذارش. منٽ ـ آزي. خواهش. مطالبو ـ اپيل.
• **اِسْتِدْلال:** ذ. [ع] دليل ـ ثابتي ـ ثبوت ـ حجت.
• **اَسْتَرَ ج اَسْتَر:** ذ. [سن. اَ = چوڌاري + سْتُر = ڍڪڻ، پکيڙڻ > سْتَر = تَهه: ف. اَسْتَر] ڪپڙي جو هيٺيون تهه ـ ڪوٽ وغيره جو اندريون ڪپڙو. [سن. اَشْوَتَر] خچر. [سن. اَسْتر] هٿيار.
• **اَسْتَر ڍِيڻ:** پني يا پائي کي اندران ٻيو چمڙو ڍيڻ. ڪوٽ وغيره کي اندران ڪپڙي جو تهه ڍيڻ.
ـ **اَسْتَر کاري:** ث. لنب ـ ليپو.
• **اَسْتَرَ ج اَسْتَر:** ذ. [ف. سُتور، اَستور] ڪو ورلي مادي خچر مان پيدا ٿيل خچر ـ نهايت طاقتور خچر.
• **اَسْتَرآباد:** اسم خاص. بحر قزوين تي مازندران جي علائقي ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو.
• **اِسْتِراحَت:** ث. [ع] راحت ـ آرام ـ عيش.
• **اِسْتِرخاء ج اِسْتِرْخاء:** ذ. [ع] ڪنهن به عضوي جي ڍرڙي ٿيڻ جي حالت ـ بيماريءَ جو هڪ قسم.
• **اِسْتِرْدادْ:** ذ. [ع] کاڌ شي موٽائي گهرڻ جي حالت.
• **اَسْتَرَکْ، اَسْتَرَگْ:** ذ. [ف: يوناني. اِسْتَرَک] سلاجيت ـ سلارس (رجوليت وڌائڻ جي هڪ دوا).
• **اَسْتَرگي، اَسْتَرَگي:** ث. [ف. سُتَرگ = بزرگ، عظيم، اهر] ترغيب ـ تحرڪ. ڏس ـ سکاوت. طاقت. چالاکي ـ هوشياري ـ ڏڙتائي.
• **اَسْتُرو ج اَسْتُرا:** ذ. [ف. اَسْتُرَه < مصدر. سْتُرْدَنْ = ڪوڙڻ] پاکي.
• **اِسْتِري ج اِستريُون:** ث. [سن. سْتْري = زال] عورت ـ جوءِ ـ زال. ڏوبيَن ۽ درزين جو هڪ لوهي اوزار جنهن کي تپائي ڏوتل ڪپڙي کي لسو ۽ هموار بنائيندا آهن.
ـ **اِسْتِري بَرَڻ:** اِستريءَ ۾ اگر وجهڻ ـ استري تيار ڪرڻ.
ـ **اِستري چَنڊڻ:** تتل استريءَ مان تاندا ڪڍڻ.
ـ **اِستَري ڏَنَ:** زال جي خاص ملڪيت.
اِستري گَرڻ: ڪپڙي کي سڌي ڪرڻ لاءِ لوهه گهمائڻ. ـ
• **اِسْتِسْقا:** ث. [ع. اِسْتِسْقاء = پاڻي گهرڻ] خدا کان پاڻيءَ جي گهُر ـ برسات وسڻ جي گهُر. تمام گهٽي اُجَ لڳائيندڙ هڪ بيماري ـ جلندر. اُلي ـ ڏوگهو.
• **اِسْتِسقاءِ طَبْلي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ غليظ هوا سان جسم پرجي ويندو آهي).
• **اِسْتِسْقاءِ لَحْمي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ عضون تي سوج ٿئي).
• **اِسْتِسْقاءِ زَقي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ معدي، دل ۽ جگر ۾ پاڻي جمع ٿئي).
• **اِسْتِطاعَت:** ث. [ع. استطاعة] طاقت ـ سگهه ـ قوّت ـ زور. حيثيت ـ مقدور. وَسُ ـ پهچندي.
• **اِسْتِطْراد:** ذ. شعر يا قصيدي ۾ هڪ ڳالهه ڇڏي ٻيءَ ۾ ٽپي پوڻ جي حالت.
• **اِسْتِعارو ج اِسْتِعارا:** ذ. [ع. اِسْتِعاره = اڌارو ونڊ] اها تشبيهه جنهن ۾ تشبيهه جو حرف (جهڙو، جئن، جيان، وانگر) ڪم نه آڻجي مثلاً "هو شينهن آهي" (= هو شينهن جهڙو بهادر آهي). اُپمان. روپڪ.
• **اِسْتِعانَت:** ث. [ع. اِسْتِعانه = مدد گهرڻ] مدد جي گهر ـ واهر جي طلب ـ امداد.
• **اِسْتِعْبادْ:** ذ. [ع] عبد يا ٻانهون بنائڻ جي حالت ـ غلامي.
• **اِسْتِعْجابْ:** ذ. [ع] عجب ـ حيرت.
• **اِسْتِعْدادْ:** ذ. [ع] تيار رهڻ جي حالت ـ تياري. لياقت ـ قابليت. ذهني طاقت.
• **اِسْتِعْفا ج اِسْتِعْفائون:** ث. [ع. اِسْتِعفاء = معافي گهرڻ] نوڪري يا عهدي ڇڏڻ جي درخواست. معافيءَ لاءِ عرض.
• **اِسْتِعْمال:** ذ. [ع] عمل ۾ آڻڻ جي حالت ـ ڪم آڻڻ، عمل، تجربو ـ آزمودو. ورزش.
ـ **اِسْتِعْمال کرڻ:** ڪتب آڻڻ ـ ڪم ۾ آڻڻ.
ـ **اِسْتِعْمالي ج اِسْتِعْماليُون:** ث. عمل ـ ڪم آڻڻ جي حالت. آزمائش ـ تجربو ـ آزمودو. (صفت) ڪم جي لائق.

Gulshan Institute

دستوري – معمولي. مستعمل.

• **اِسْتِغاثَہ:** ذ. [ع. اِسْتِغاثه = مدد لاءِ پُڪار] فرياد – دانهن – مقدمو – ڪيس. دريافت.

• **اِسْتِغْراقُ ج اِسْتِغْراق:** ذ. [ع] غرق ٿيڻ جي حالت. ڪنهن خيال يا فڪر ۾ پُڄجي وڃڻ جي حالت. ڏٺيءَ پاڪ جي يادگيريءَ يا بندگيءَ ۾ محويّت – انترڌيان – ٽهي. ڏَنَ.

ـ **اِسْتِغْراقِي ج اِسْتِغْراقِيون:** ث. محويت – ٽهي – ڏَن.

• **اِسْتِغْفارُ ج اِسْتِغْفار:** ث. [ع] مغفرت گهرڻ. گناهن يا پاپن جي بخشش لاءِ دعا يا گهرَ – توبہ زاري. توبہ جو ڪلمو.

ـ **اِسْتِغْفارُ پڑهڻ:** توبهہ ڪرڻ – معافي گهرڻ.

ـ **اِسْتَغْفارُ ڪرڻ:** توبهہ ڪرڻ – بخشش گهُرڻ.

• **اَسْتَغْفِرُاللّٰہ:** ڪلمو. [ع] آءٌ خدا ڪان معافي گهران ٿو. ڪنهن غلطيءَ تي خبردار ٿيڻ وقت چوڻ جا الفاظ. خدا بچائي. توبہ.

• **اِسْتِغْنا ج اِسْتِغْنائُون:** ث. [ع. اِسْتِغْناء = غني يا بي پرواه ٿيڻ] غنا – تونگري – شاهوڪاري. بي نيازي – خودداري – بي پرواهي.

• **اِسْتِفادَہ:** ذ. [ع. اِستفاده = فائدو پرائڻ. فائدي جي حاصلات. نفعو – فائدو.

• **اِسْتِفاضَہ:** ذ. [ع] فيض جي حاصلات.

• **اِسْتِفْتا:** ث. [ع. اِسْتِفْتاء = فَتْويٰ گهرڻ. مقدمي جو نتيجو – فيصلو – فتويٰ – شرعي فيصلو.

• **اِسْتِفْراغ:** ذ. [ف] قَيءَ ڪرڻ – پيٽ صاف ڪرڻ.

• **اِسْتِفْسارُ ج اِسْتِفْسار:** ذ. [ع. اِسْتِفسار = تفسير گهرڻ] پڇا ڳاڇا – حقيقت جي جاچ.

• **اِسْتِفْعالُ:** ذ. [ع. اِسْتِفْعالُ = ڪنهن بہ ڪم جي خواهش ڪرڻ] ڪم جي خواهش. عربيءَ ۾ اسم مصدر جو هڪ وزن (جنهن تي هن صفحي ۾ آيل ڪي لفظ ٻڌل آهن).

• **اِسْتِفْهامُ ج اِسْتِفْهام:** ذ. [ع. اِسْتِفْهام = سمجهڻ جي خواهش ڪرڻ] ڪنهن ڳالهہ ڪي سمجهڻ لاءِ پڇيل سوال. گرامر ۾ سوال پڇڻ لاءِ ڪم ايندڙ ضمير. ("آدات اِسْتِفْهام" يا "حُرُوفُ اِسْتِفْهامُ" = سوال پڇڻ جا حرف آهن، جهڙوڪ: ڇو، ڇا، ڇالاءِ، آيا، ڪجاڻ وغيره).

ـ **اِسْتِفْهامُ اِنْڪاري:** ذ. انڪار جي معنيٰ ظاهر ڪندڙ سوال مثلاً "ائين وري ڪيئن هوندو؟ يعني "ائين ڪونہ هوندو".

ـ **اِسْتِفْهامي:** ذ. صفت. سوال جو.

• **اِسْتِقامَتُ ج اِسْتِقامَتُون:** ث. [ع] مضبوطي – پختائي. بيهڪ – بيٺلائي – ثابت قدمي. اُستواري – اِسْتِقي.

• **اِسْتِقْبالُ ج اِسْتِقْبال:** ذ. [ع. اِسْتِقْبالُ = اڳيان مرحبا لاءِ وڃڻ] ٻه چار قدم اڳتي هلي ڪنهن کي ملڻ – مرحبا – آجيان – آءُ ڀڳت – پيشوائي – آڏر ياءُ – پذيرائي. ايندڙ زمانو – آئيندہ ـ مستقبل "ڪنين ماضي من ۾، ڪنين اِسْتِقْبالُ" (شاه).

• **اِسْتِقْراءُ ج اِسْتِقْراء:** ذ. [ع] چڪاس. تحقيقات. علم منطق ۾ خاص قضين مان عام قياس (نتيجو) ڪڍڻ.

• **اِسْتِقْرارُ:** ذ. [ع. اِستقرارُ = قرار وٺڻ، ڪَٻَ ٿيڻ، جَمي وڃڻ] قرار. جَمت.

• **اِسْتِقْصاءُ:** ذ. [ع. اِسْتِقْصاء = توڙ تائين ڳالهہ کي نيڻ] سري ڪان توڙ تائين تلاش.

• **اِسْتِقْلالُ ج اِسْتِقْلال:** ذ. [ع] مضبوطيءَ سان هڪ ڳالهہ تي بيهڪ – پختگي – ثابت قدمي – خودمختياري – آزادي.

• **اِسْتِقْلالِيّت:** ث. غير محدود اختياري.

• **اَسْتَڪار:** ث. [سن. اَ = نہ + سَتْڪارَ = چگو عمل. چگو سلوڪ، مرحبا، آڏر، پذيرائي، آجيان، مهمان نوازي، مان، عزت] بي عزتي – بي مانائي. بي حرمتي – نرآدر.

• **اِسْتِڪْبارُ:** ذ [ع. اِسْتِڪْبارُ = پاڻ کي وڏو سمجهڻ] تڪبّر – هٺ.

• **اِسْتِڪْثارُ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْثارُ = ڪثير يا گهڻو گهرڻ] گهٽائي – جهجهائي.

• **اِسْتِڪْراهُ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْراهُ = ڪرهت اڇڻ] ڪرهت – نفرت.

• **اِسْتِڪْشافُ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْشافُ = ڪنهن شيءِ کي ظاهر ڪرڻ] اظهار – ظهور – چٽائي – پڌرائي.

• **اِسْتِڪْمالُ ج اِسْتِڪْمال:** ذ. [ع. اِسْتِڪْمالُ = ڪمال جي خواهش رکڻ] ڪمال.

• **اِسْتِلامُ:** ذ. [ع] حجر اسود کي چمڻ يا هٿ لائڻ جي حالت.

• **اِسْتِماعُ ج اِسْتِماع:** ذ. [ع. اِسْتِماعُ = ڪن ڏيڻ، ٻڌڻ] خبر – افواهہ

• **اِسْتِمْدادُ:** ث. [ع. اِسْتِمْدادُ = مدد وٺڻ] مدد – واهر.

• **اِسْتِمْرارُ:** ذ. [ع. اِسْتِمْرارُ = هليو هلڻ] دائمي طرح ٽيندڙ ڳالهہ. جاري – چالو.

ـ **اِسْتِمْراراً:** ظرف. دائماً – متواتر – لاڳيتو.

• **اِسْتِمْراري:** ذ. صفت. جاري رهندڙ – دائمي هلندڙ. گرامر ۾ جاري رهندڙ ڪم لاءِ ڪم ايندڙ زمان (زمان حال اِستمراري،

Gul Hayat Institute

مستقبل استمراري يا ماضي استمراري).

• **اِسْتِنْباطْ:** ذ. [ع. اِسْتِنْباطُ = قرآن شريف يا حديث جي آذار تي کو نئون مسئلو ڳولي کڍڻ] نئين مسئلي جي ايجاد.

• **اِسْتَنْبولْ:** اسم خاص. [ترکي. اِستانبول] اسلام بول – قسطنطنيه ـ ترکي سلطنت جي اڳين گاديءَ وارو شهر.

• **اِستِنْجا:** ث. [ع. اِسْتِنْجا = ناپاکائيءَ کان نجات پائڻ] جهاڙي يا پيشاب بعد طهارت يا مسحو.

• **اُسْتو ج اُسْتا:** ذ. صفت. [ع. اُستاذ] اوستو – ڪنهن هنر جو استاد – ڪاريگر. مستري – رازڪو يا واڌيڪو ڪم ڪندڙ.

• **اِسْتِوا:** ث. [ع. اِسْتِواءُ] برابري – هڪ جهڙائي (خط اِستوا = اوپر کان اولهه ڏي زمين کي پورن ٻن پاڻ ۾ ورهائيندڙ خيالي ليڪ).

• **اُسْتُوارْ:** صفت. [ف] مضبوط – محڪم – قائم – پختو – ڏاڍو – پڪو – اِسْتَتْ.

• **اُستواري:** ث. مضبوطي – پختائي – پڪائي – ڏاڍائي.

• **اُسْت وَبُسْت:** ذ. [ف] سربستو احوال – وجود – ڪيفيت.

• **اُسْتورْ:** ذ. [ف. سُتور، اُسْتورْ] وهت. گهوڙو. خچر.

• **اِسْت وسْت:** ث. صفت. [سن. اَسْوَسْتَ، وْسْتَ، وْيَتْيَسْتَ، اَوْيَوَسْتِتَ، اَوْوَوَسْتِت، = بي ترتيب] تڙيل – پکڙيل – بي قاعده ـ بگڙيل – اُبتڙ سبتڙ – ڪروکر. ڪِکو وکو.

• **اِسْتِهْزاءْ:** ث. [ع] ٺلولي ـ ڪل – مسخري – چٽر.

• **اِسْتِيْصالْ:** ذ. [ع. اِسْتِئْصالُ = اصل يا پاڙ کان پٽڻ] بيخ ڪني – تَحْس نَحْس – ستيا ناس – پائمالي.

• **اِسْتِيْلاءْ:** ذ. [ع] غالب پوڻ – غلبو.

• **اَسْتِيْلو:** اسم خاص. ضلع دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِسْڤَانْ ج اِسْڤانْ:** ذ. [سن. سْتاپَنَ = بيهارڻ، ڪڙو ڪرڻ، بنياد وجهڻ، دل جا خيال پختا ڪرڻ] بنياد – پايو. رهايش جي جاءِ.

ـ **اِسڤان ڪرڻ:** بيهارڻ – قائم ڪرڻ – بنياد وجهڻ. ٽاپڻ – برپا ڪرڻ.

• **اَسْڤانْ ج اَسْڤانْ:** ذ. [سن. سْتانَ = بيهارڻ] آستان – جاءِ ـ هنڌ – ماڳ – مڪان.

• **اِسْڤَرْ:** صفت. [سن. سْتِر = قائم]. قائم مضبوط – پختو. نبيهه.

ـ **اِسْڤرتا:** ث. بيٺلائي – پختائي – آرام. استقامت.

• **اِسْڤَلْ ج اِسْڤَلْ:** ذ. [سن. سْتَلَ = پختو بيهڻ] پختي زمين – خشڪي – ڪنارو. ماڳ – جاءِ ـ هنڌ – مڪان. ٽل. آستان.

• **اَسْڤنگْ ج اَسْڤنگ (ٽ):** ذ. صفت. بلڪل نئون – تهدر – ڪورو.

• **اِسْڤُولْ ج اِسْڤُولْ:** ذ. صفت. [سن. سْتُول = ٺلهو] ٺلهو – متارو – جاڏو – پاري – ڳورو. "سُوکيم" جو ضد. مت جو موڙهو – ٺلهيءَ سمجهه وارو – اَڃاڻ – هالو پولو. ڏکيو. گاهه جو هڪ قسم.

ـ **اِسْڤُولْ سَرِيرْ:** ذ. صفت. جاڏو جسم – ٺلهو بدن – ڦيٽو.

• **اَسْڪْ:** ذ. صفت. ڪم نه آندل – بلڪل نئون – تهدر.

• **اِسْتافْ ج اِسْتافْ:** ذ. [انگ. staff] عملو – ڪاتي يا آفيس جا ملازم.

• **اِسْتامْپْ ج اِسْتامْپْ:** ذ. [انگ. stamp] دستاويز وغيره لاءِ سرڪاري ڇاپ لڳل پنو – استامُ.

• **اِسْتانْ ج اِسْتانْ:** ذ. [انگ. stand] پڙي – گاڏين وغيره جي بيهڻ لاءِ اڈو.

• **اِسْتْرائِيْڪ ج اِسْتْرائِيڪُونْ:** ث. [انگ. strike] هڙتال – ڪم ڪندڙن جو ڪم ڪرڻ کان جواب.

• **اِسْتَمَرْ ج اِسْتَمُونْ:** ث. [انگ. stump] بٽ بال راند ڪرڻ ۾ ڪتل ڪائين مان هڪ ڪاٺي.

• **اِسْٽُودَنْٽْ ج اِسْٽُودَنْٽْ:** ذ. [انگ. student] پڙهندڙ – شاگرد – طالب العلم.

• **اِسْتولْ ج اِسْتولْ:** ذ. [انگ. stool] ڪاٺيءَ مان ٺهيل ڇونڪي – ڇڻ ٽنگن واري تختي لڳل منجي.

• **اِسْتْري ج اِسْتْرِيُونْ:** (ڪ ل): ث [سن. سْتري] عورت – زال – اِستري.

• **اِسْتيٽ ج اِسْتيٽُونْ:** ث. [انگ. state] رياست – جاگير. غير متحرڪ جائداد. [انگ. state] رياست. راجڌاني.

• **اِسْتيجَ ج اِسْتيجُونْ:** ث. [انگ. stage] ڪنهن تقرير ڪرڻ لاءِ يا ناٽڪ تماشي لاءِ ٺلهو صندل يا چبوترو.

• **اِسْتيشَنْ ج اِسْتيشَنُونْ:** ث. [انگ. station] ريل گاڏيءَ جي بيهڻ جي مقرر جاءِ ـ ايستگاه گودي. ٽاٽو – ڪاٽو – مڪان.

• **اِسْتيشنري ج اِسْتيشنريُونْ:** ث. [انگ. stationary] آفيس ۾ لکپڙهه ۾ ڪم آڻڻ جو سامان.

• **اِسْتيل ج اِسْتيلُونْ:** ث. [انگ. steel] لوهي نب سان قلم.

• **اِسْتيلْ:** ذ. [انگ. Steel] رڪ ـ فولاد.

• **اِسْتيمَرْ ج اِسْتيمَرْ:** ذ. [انگ. steamer] آڇبوٽ – پاڻيءَ جو جهاز.

• **اَسْپْ ج اَسْپْ:** ذ. [ف. اَسْپ: سن. اَشْو] گهوڙو.

ـ **اَسْپْ تازي:** ذ. تيز رفتار عربي گهوڙو.

• **اِسْپِتالْ ج اِسْپِتالُونْ:** ث. [انگ. hospital] بيمارن جي علاج جي جاءِ ـ شفا خانو – دواخانو.

Gul Hayat Institute

ـ **اِسْپتالي ج اِسْپتالِي:** ذ. صفت. اسپتال ۾ رهڻ جو لائق ـ بيمار ـ مريض ـ اڳهو. چرين جي استپال ۾ رهڻ جو لائق. چريو ـ اڌ مغزي.

• **اَسْڇ ج اَسْڇَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُچ = صاف] ميرو ـ گدلو ـ ناپاڪ ـ غليظ.

• **اِسْپرٽ:** ذ. [انگ. spirit] جوهر ـ روح ـ جذبو. گاڏيءَ جو تيل. شراب.

• **اِسْپرنگ ج اِسْپرنگ:** ذ. [انگ. spring] لوهه جو ويڙهو. لوهه جو ورن وَرو ويڙهو.

• **اِسْپنج، اِسفنج:** ذ. [انگ. sponge] اسفنج ـ ابر مُرده مُٹل ڪڪر.

• **اِسْپنڈ:** ذ. [ف. سپند، اِسْپند] هر مرو ـ پسارڪي وڪر جو هڪ قسم.

• **اِسْپن اُنڊي:** اسر خاص. بلوچستان ۾ جهونو غرق ٽيل ڊرو جنهن جي ڪوٽائي سينٽ جان 1881ع ۾ ڪرائي.

• **اِسْپنگر ج اِسْپنگر:** ذ. [ف. اَسْپَغول < اَسپ = گهوڙو + غول = ڪن. هن ٻوٽي جو پن گهوڙي جي ڪن جهڙو ٽيندو آهي] دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم.

ـ **اِسْپنگرجي ٽُهي:** ث. اِسپنگر جون ڪلون.

ـ **اِسْپيشَلْ:** ذ. صفت. [انگ. special] خاص ـ مخصوص ـ جداگانہ.

ـ **اِسْپيشَل ڪلاسْ:** ذ. خاص ڪلاس.

ـ **اِسْپيشَل مَئجسْٽريٽ:** ذ. سرڪار طرفان بنا پگهار خاص طرح ٽاڪيل مئجسٽريٽ.

• **اِسْپيڪَرَ ج اِسْپيڪَر:** ذ. [انگ. speaker] تقرير ڪندڙ ـ مُقرّر ـ ليڪچر ڪندڙ ـ ليڪچرار. قانون ساز مجلس ۾ چونڊيل تقرير ڪندڙ.

• **اِسْپيْنْ:** اسر خاص. [انگ. Spain] هسپانيہ ـ اَنْدَلُس ـ فرانس جي ڏکڻ اولهه ۾ يورپ جو هڪ ملڪ.

• **اَسَجْ ج اَسَجْ:** ذ. [سن. اَ = نہ + سَتْيہ = سچو + جَنْ = شخص] ڪوڙو شخص. ڪُجَڻ ـ دشمن ـ بدخواه. "سَجَڻ" جو ضد.

• **اِسْحاق:** اسر خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي فرزند ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جي والد جو نالو (جو پڻ هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي).

• **اَسَدَ ج اَسَدَ:** ذ. [ع] شينهن. آسمان جي ٻارهن برجن مان هڪ جو نالو ـ شنگهه. راس.

• **اَسَدُاللّٰه:** اسر خاص. [ع] خُدا جو شينهن. حضرت علي رضہ جو لقب.

• **اَسِدَ ج اَسِدَّ:** اسر خاص. [سن. اَ = نہ + سِدّ = پورو] اڻ پورو. اڌ پڪو ـ ڪچو ـ ناقص. بيمار ـ جڏو. ڪوڙو.

• **اَسَدَ ج اَسَدَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + سدّ = پورو] اڻ پورو. اڌ پڪو ۽ ڪچو ـ ناقص. بيمار ـ جڏو. ڪوڙو.

• **اَسَرَ ج اَسَرَ:** ذ. [سن. اَسْرا = صبح، پريات] اڌ رات کان پوءِ جو وقت ـ پرهه ڦٽيءَ کان اڳ جي مهل ـ انبرت ويلو ـ صبح صادق ـ پوئين رات ـ رات جو پويون پهر ـ اَسُور.

• **اَسَرويلَ:** ظرف. [سن. اَسرا + ويلا = وقت، مند] پيڇ پني ـ پريات ـ ڏکيءَ جو ـ پوئينءَ رات ـ جنڊن مهل ـ پرهه ڦٽيءَ "اَسَرَسَندو آسرو وڃڻ کي وڏو" (شاه).

• **اَسراتْ ج اَسراتُونْ:** ث. [سن. اَشْٽا = اَس + ٽ] اَساٽ ـ اَڄ ـَ ترشنا ـ پَياس.

• **اَسراتَجَڻ (ت):** مصدر. [سن. اَشْ = هڻ] اَساٽجڻ ـ اَڄائجڻ ـَ تمام گهٽي اَڄ لڳڻ.

• **اِسْرارَ ج اِسْرارَ:** ذ. [ع. ١. سرّ ج اَسرار = ڳجهه ـ راز. ٢. ع. اِسْرارُ = لڪائڻ] ڳجهه ـ پَيد ـ ڳجهيون ڳالهيون ـ ڳجها ڪر ـ راز رنگ. جن پُوت جو اثر ـ ڪامڻ ـ دوهه ـ آسيب. عجائب. تماشو. حيرت.

ـ **اِسْراري ج اِسْراري:** ذ. جادو گر ـ پوپو ـ هانيو.

• **اِسْرافَ ج اِسْرافَ:** ذ. [ع] حد کان ٻاهر وڃڻ جي حالت ـ فضول خرچي ـ بالفضولي ـ اجايو خرچ هٽ ڦاڙائي.

• **اِسْرافيلُ:** اسر خاص. [ع] چئن وڏن فرشتن مان هڪ جو نالو (جو دنيا جي فنا ٿيڻ کان اڳ صُور يا ڏند وڄائيندو).

• **اِسْرامَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اِسْرانو:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو ـ اِسراڻ.

• **اِسْراڻ:** اسر خاص. هڪ قوم جو نالو ـ اِسْرانو.

• **اَسْرانْ ج اَسْرانُونْ:** ث. [سن. اَوَسارَڻ = پري ڪرڻ] درگذر ـ معافي ـ ڪميا.

• **اِسْراء:** ذ. [ع. اِسراءُ = رات جو مسافري ڪرڻ] رات جي مسافري ـ "لَيْلَةَ الاَسْراءِ = معراج جي رات".

• **اِسْرائيلُ:** اسر خاص. [ع] حضرت يعقوب عليه السلام جو اصلي نالو (بني اِسرائيل = حضرت يعقوب جو اولاد. يهودي).

• **اَسْرْدا ج اَسْرْدائُونْ:** ث. [سن. اَ = نہ + شْرَدْدا = اعتبار] بي اعتباري ـ بدگماني ـ اَوشواس.

• **اَسَرڻ (ڻ):** مصدر. وڻ جا پن پٽڻ يا روڙڻ.

Gul Hayat Institute

• **اَسَرگلو ج اَسَرگلا(ت):** ذ صفت. [سن. اَسَر = دئيت + گلَ = گل] بدجال.
• **اَسَرڻ:** صفت. [سن. اَ =نَ + شَرڻ = پناه] بي واهو – بي وسيلو – بي ڪس – بي پناهو.
• **اَسَرڻ:** مصدر. [سن. اُڌ = متي + سَرڻ = گذرڻ، چرڻ] اُپرڻ – وڌڻ – متي چڙهڻ. روانو ٿيڻ – اُسهڻ وڃڻ – هلڻ. نڪرڻ. (اُسريو – اُسرندو – اُسريل).
• **اُسرائڻ:** مصدر "اُسرڻ" مان متعدي بالواسطه. وڌائڻ. روانو ڪرڻ.
• **اُسَري لَنگهڻ (ت):** آڏي جواب جي طاقت رکڻ.
• **اَسَرِير ج اَسَرير:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شَرِيرَ = جسم] سرير کان سواءِ – بي جسم – بي جان نر آڪار – روحاني.
• **اُسرِڪڻ، اوسرِڪڻ، اوسرَڻ:** مصدر. [سن. اُشْڻ = اُسَ] اوسيڙو ڪرڻ – انتظار ڪرڻ "اُيِّي اوسرَان اُسَ ۾، جهليو ڪُن ڪنار". اُس ۾ پنڪڻ – اجايو رلڻ. ڪُلڪڻ. ناسون هڻڻ. بک ۾ پاهه ٽيڻ. سَڏَ ڪرَڻ – سڪَڻ "مُنڊ مَ مَنهن ويهه، اُيِّي اوسرَ (اُس ۾" شاهه ڪريم). (اُسرِڪيل – اُسرِڪندو – اُسرِڪيو).
• **اسسٹنٹ:** صفت. [انگ. assistant] مددگار. نائب. عيوضي.
• **اُسْطُرلابُ ج اُسْطُرلابَ:** ذ. [يوناني] سِجَ ۾ تارن جي اوڄائي معلوم ڪرڻ جو اوزار.
• **اُسْطُوانُ ج اُسْطُوان:** ذ. [ع. اُسْطوانَه] ٿنيو – رُکن – پيل پائو.
• **اُسْطوخُدوسُ:** ذ. [يوناني] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ وڪر – levander.
• **اُسْطُورُ:** ذ. [ع. اُسْطورَه] آڪاڻي – قصو – افسانو.
• **اَسْعارُ:** ذ. [ع. سعْرُ ج اَسْعارُ] قيمتون – اڳهه.
• **اِسْعافُ:** ذ. [ع] مددگار – عطا ڪاري.
• **اَسْعَدُ:** ذ. صفت. [ع. "سَعِيدُ" جي تفضيل] تمام خوش – سڀ کان خوش – آسودو.
• **اَسَفُ ج اَسَفْ:** ذ. [ع] ارمان – غم "واَسَفَا = افسوس، واويلا".
• **اَسْفارُ:** ذ. [ع. سَفَرُ ج اَسْفارُ] سفر – مسافريون – پنڌ. [ع. سِفْرُ ج اَسْفارُ] ڪتاب (خصوصاً پيشينگوين جا) – تحريرون – نسخا.
• **اَسْفَلُ ج اَسافِلُ:** ظرف. [ع "سافِل" جو تفضيل] وڌيڪ هيٺ – سڀ کان هيٺ.
• **اَسْفَلُ السّافِلِينَ:** ظرف. هيئين کان هيٺ.
• **اِسْفَنْدُ:** ذ. [ف. سپند، اِسْپَند] هڪ پسارڪو وڪر – هرمرو.
• **اِسْفَنْديارُ:** اسمَ خاص. [ف] ايران جي هڪ قديم پهلوان "ابن گُشْتاسْپ" جو نالو (جنهن کي رستم ماريو هو).
• **اِسْقاطُ ج اِسْقاط:** ذ. [ع] حمل ڪيرائڻ جو عمل – ڪهائي – ميّت جي ساري عمر جي ڪاڌي پيتي ۾ گناهن جو ڪفّارو (بخشائڻ).
• **اِسْڪاٽلَنْڈ:** اسم خاص. [انگ. Scotland] انگلنڊ جي لڳ اترين هڪ ملڪ جو نالو.
• **اِسْڪالَر:** صفت. [انگ. scholar] عالم – اديب – ماهر. تعليم ونڊ لاءِ وظيفو ڪٽندڙ.
• **اِسْڪالَرشِپ ج اِسْڪالَرشِپُون:** ث. [انگ. scholarship] طالب العلم جي امداد – وظيفو.
• **اِسْڪائوٽ ج اِسْڪائوٽ:** ذ. [انگ. scout] اسڪولي شاگردن يا بين وڌن جي منظم جماعت (جا اويل سويل ماڻهن کي ڪم اچي، ۽ گم ٿيلن جي تلاش ڪري).
• **اِسْڪرُو ج اِسْڪرُو:** ذ. [انگ. screw] لوهه جو پيچ – بوتل جي هوج کولڻ جو پيچ.
_ **اِسْڪرو ڊرائيور:** ذ. پيچڪش.
• **اِسْڪَنْدَرُ:** اسم خاص. [يوناني. Alexander] سڪندر – يونان جو مشهور بادشاهه.
_ **اِسْڪَنْدَري:** صفت. اسڪندر جو. اسڪندر جهڙو – نهايت اعليٰ.
• **اِسْڪَنْدَرُونا:** اسم خاص. شام ملڪ جو هڪ بندرگاهه
• **اِسْڪَنْدَرِيَه:** اسم خاص. مصر جي اتر طرف هڪ مشهور شهر ۽ بندرگاهه جو نالو – Alexanderia.
• **اِسْڪَنْدُ ج اِسْڪَنْدَ:** ذ. [سن. سْڪَنْدَ = ڪنڊ، انساني علم جو پاڳو] اڌياءِ – باب – فصل – داستان.
• **اَسْڪَني:** اسم خاص. پنجاب جي چناب نديءَ جو آڳاٽو نالو.
• **اُسْڪَنُ:** مصدر. [سن. اُتْسُڪَ = اُتساهي، منتظر، سڪايل: اُتْسُڪايَه = بي آرام ٿيڻ، بي آرام] سڪڻ – اُڪيرجڻ. ڪاڌائڻ. (اُسڪندو – اُسڪيو – اُسڪيل).
• **اِسْڪُنُ ج اِسْڪُون:** ث. سڪ – چڪ – ڪشش – اُڪير.
• **اُسْڪائِيُ:** مصدر "اُسڪڻ" مان متعدي بالواسه. سڪائڻ – ڪاڌائڻ. دل ٻڌائڻ – اُپارڻ.
• **اِسْڪُولُ ج اِسْڪُول:** ذ. [انگ. school] ابتدائي مڪتب. تعليم گاهه. درسگاهه. مدرسو – پائشالا – وديالو.
_ **اِسْڪُولِيو ج اِسْڪولِيا (ت):** ذ. صفت. شاگرد – متعلم.
• **اِسْڪيلَ ج اِسْڪيلُون:** ث. [انگ. scale] اندازو – درجو – پيمانو. فُٽي يا فتڪٽي.
• **اِسْڪِيمَر ج اِسْڪِيمُون:** ث. [انگ. scheme] رٽ – ڪَٽ – تجويز.

Gul Hayat Institute

• **اَسُک ج اَسُک:** ذ. [سن. اَ = نہ + سُکَ = آرام] بي آرامي – گهبراهٽ – بيقراري – بيچيني. بيداري – اوجاگو. (صفت بي آرام، بيقرار "اَسُک جن اويِر سي سانجهيءَ رهن سمهي" (شاه).

• **اَسَگاهُ ج اَسَگاهَ:** ذ. صفت. [سن. اَسْتَاگهَ يا اَسْتاگهَ = تمام اونهون] اتانگهَ – عميق. اٿاهه بيحد – آنانت – اَپار. سمنڊ – ساگر.

• **اَسُگائِيُ:** مصدر. اَسگائڻ.

• **اَسْگَسَ ج اَسْگَسُون:** ث. گَسُ گَسَاءِ – نٽ نٽاءِ – اَسڙ گسڙ – گسڙ ڦسڙ – آڏ ٽيڏ.

• **اَسُگَنْڈ، اَسُگَنْڈ:** ذ. [سن. اَشْوَ گَنْدا < اَشْوَ = گهوڙو اسپ + گَنْدَ = بوءِ، بانس] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي – آسگَنْد – عروس در پرده (ف).

• **اَسُگِي ج اَسُگِيُون (ت):** ث. [سن. سگرِيا] حامل – ٻيٽ سان – ڀُڪي.

• **اَسَگهائِي ج اَسَگهائِيُون:** ث. [سن. اَ = نہ = شَکتي = طاقت] بي طاقتي – ڪمزوري. بيماري – ناچاڪائي.

• **اَسَگهَتي ج اَسَگهَتِيوُنُ:** ث. سُرڪي – ڇُڪي.

• **اَس گهَنْڊِي ج اَس گهَنْڊِيُونْ:** ث. چاندوڪيءَ رات ۾ ڪرڻ جي هڪ ٻاراڻي راند – اَس ڪِندڙي (ت).

• **اَسَگهو ج اَسَگها:** ذ. [ع. سن. اَ = نہ + شَکْت =طاقت] ڪمزور – هيڻو – ضعيف – بي طاقت – ڏهرو – ناتوان. ٽڪل. نا چگو – بيمار.

• **اَسْلاف:** ذ. [ع. سَلَفُ ج اَسلافُ] اڳئين زماني جا بزرگ ۽ نيڪ انسان – وڏا – ابا ڏاڏا.

• **اِسْلامُ:** ذ. [ع. اِسلام = پاڻ سونپڻ. تسليم ڪرڻ. ڪنڌ جهڪائڻ] دين فطرت. الله تعاليٰ جو حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جي معرفت سڄيءَ انسان ذات ڏانهن موڪليل مڪمل دين.

• **اِسْلامي ج اِسلامي:** صفت. اسلام جو – اسلام وارو – اسلام سان تعلق رکندڙ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **اِسْلامُ بول:** اسم خاص. [ترڪي. اسلام + پولس = شهر] اِستنبول – قسطنطنيه – ترڪيءَ جو اڳوڻو تختگاهه.

• **اسلام ڪوٽ:** اسم خاص. تعلقي مڃيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو جتي اول "اسلام ڪوٽ" نالي تالپرن جو قلعو هو.

• **اَسْلِحَه:** ذ. [ع. سلاح ج اَسلحه] هٿيارَ پنوهارَ – جنگ جو سامان. سامان سڙو – ٽپڙتاڙي.

• **اِسْلِحُ، سُلُحُ:** ذ. [ع. اَسلحه] نار يا هُرلي ناهڻ لاءِ ڪائيون وغيره ڳهربل سامان – اڏاوت لاءِ ڳهربل سامان.

• **اَسْلُوْبُ ج اَسْلُوْبَ:** ذ. [ع] ڪم ڪرڻ يا هلڻ جو نمونو – ڍنگ – طرز – طريقو – رستو. ترتيب – سلسلو.

• **اُسلوب دار:** صفت. سهڻو ترتيب ٽيل. زيبائتو.

• **اَسَلِيَّهْ:** ذ. [ع. اَسَلَه] زبان جي چوٽيءَ کان نڪرندڙ آواز وارا اکر (جهڙوڪ ز، س، ص: جن کي "حروف اسليه" يا "حروف صفيره" ۾ چئبو آهي).

• **اَسَرُ ج اَسَرَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَرْ = برابر هڪجهڙو] هڪجهڙو نہ – ناهموار – نابرابر – غير مساوي.

• **اِسْرُ ج اِسْرَ:** ذ. [ع] نالو. گرامر موجب ڪنهن ماڻهوءَ، شيءِ، جڳهه، خاصيت يا ڪم جو نالو ظاهر ڪندڙ لفظ. هڪ نار يا هُرلي تي پوکيل زمين جو نمبر.

ـ **اِسر آلَه:** ذ. اهو اسم جنهن مان اوزار جي معنيٰ نڪري (جهڙوڪ مقراض، مفتاح، مطرقو، وغيره).

ـ **اِسْرُ اِشارَه:** ذ. اهو لفظ جنهن مان اشاري قريب يا اشاري بعيد جي معنيٰ نڪري – ضمير اشارو.

ـ **اِسْرُ اَعْظَمْ:** ذ. ڏٺيءَ پاڪ جو وڏو نالو (جو فقط پيغمبرن کي ئي معلوم هوندو آهي، حديثن موجب "اَاللهُ لا اِلٰـهَ اِلاّ هُوَ الحيّ القيّوم" ۽ "لاَ اِلٰـهَ اِلاّ اَنْتَ سُبْحانَکَ اِنّي کُنْتُ مِنَ الظّالمين" اسم اعظم آهن).

ـ **اِسْرُ بامُسَمّيٰ:** محاورو. جهڙو نالو تهڙا گُڻ ـ نالي جهڙو لڇ.

ـ **اِسْرُ تَصغيرُ:** ذ. نندڙائيءَ ۽ ٿورڙائيءَ جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ لفظ. سنڌيءَ ۾ تصغير ناهڻ لاءِ ٻه نشانيون مستعمل آهن، ۱. مذڪر لاءِ "ڙو" ۽ مؤنث لاءِ "ڙي" گڏڻ سان. جيئن ته ٻيڙو = ٻيڙڙو: ڇوڪرو = ڇوڪرڙو: ٻيڙي = ٻيڙڙي: ڇوڪري = ڇوڪرڙي وغيره ۲. فارسيءَ جي اثر هيٺ ڪن خاص لفظن ۾ پويان 'ڪ' گڏڻ سان نهندو آهي. جيئن ته ڪَسيرُ = ڪسيرڙو يعني جنهن جو ملهه ڪسيري کان ٻه گهٽ هجي – بلڪل گهٽ – ڪميٽو: ٽَڪَ = ٽڪڙو يعني جنهن جو ملهه ٽڪو ٻه نه هجي – گهٽ ڪميٽو.

ـ **اِسْرُ تَنکيرُ:** ذ. اهو اسم جو ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جي دلالت ڪري. (سنڌيءَ ۾ 'ڪ' يا 'هڪ' جا الفاظ اسم آڏو اچي اها معنيٰ ڏيڪاريندڙ مثلاً ڪو ماڻهو، هڪڙو نينگر، ڪا جاءِ، هڪڙي نينگري).

ـ **اسمِ جَلالِي:** ذ. دهشت ۽ بزرگيءَ جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ. الله جو نالو "قَهّارُ، جَبّارُ".

Gul Hayat Institute

ـ **اِسْمُ جَمَالِي:** ذ. پروردگار جو اهو نالو جنهن مان محبت ۽ شفقت ظاهر ٿئي "ڪريم، رحيم".

• **اِسْمُ جَمع:** ذ. (اسم مجموع) هڪ ڪان وڌيڪ عدد جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ لفظ "ٽڙاهه، ٻيڙو، ڪٽنب، لشڪر، وغيره".

ـ **اِسْمُ حالِيَه:** ذ. فعل جي اسمي صورت جا هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيڪاري – ورتمان – ڪردنٽ. (سنڌيءَ ۾ اَمر جي پڇيان "ندو يا يندو" گڏڻ سان ٺهندو آهي "لکندو، سمهندو، ايندو ۽ ويندوَ وغيره".

ـ **اِسْمُ خاص:** ذ. ڪنهن ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جو خاص نالو ڏيڪارينڊڙ اسم (جهڙوڪ، حمزو، فاطمه، همالیه، سنڌ وغيره).

ـ **اِسْمِ ذات:** ذ. ڪنهن شيءِ جو ذاتي گڻ ڏيڪارينڊڙ اسم (جهڙوڪ: نيڪي، سخاوت، بهادري، وغيره). خدا تعالیٰ جو ذاتي نالو "اللّٰه".

ـ **اِسْمُ عامُ:** ذ. هڪ قسم جي سڀني فردن لاءِ ڪم ايندڙ اِسم (جهڙوڪ ماڻهو، جانور، ديو، جبل، ندي، وغيره).

ـ **اِسْمُ فَاعِل:** ذ. ڪم جي ڪندڙ لاءِ ڪم ايندڙ اسم.

ـ **اِسْمُ فَرضِي:** ذ. جڙتو نالو يا تخلص.

ـ **اِسْمُ كَمَائِنْ:** روحاني ذڪر ڪرڻ.

• **اِسْمُ مُشْتَقّ:** ذ. فعل مان ٺهيل اسم (جهڙوڪ لکڻ مان ليک، وڏڻ مان واڌ يا واڌارو، وغيره).

• **اِسْمُ مَعْنِيْ:** ذ. اسم ذات.

• **اِسْمُ مَفْعُول:** ذ. ٽيل ڪم جي معنيٰ ڏيندڙ اسم (جو امر جي پڇيان "يَل" گڏڻ سان ٺهندو آهي – دِڪيَلُ، تَڙِيَلُ، وغيره).

ـ **اِسْمُ نَوِيسُ ج اِسمُ نَوِيْس:** ذ. نالن جي ياداشت لکندڙ. نمبر شماري ڪندڙ.

ـ **اِسْمُ نَويسي:** ث. نالن جي ياداشت.

ـ **اِسْم وارَ:** ظرف. نالي وار – نام بنام، نمبروار.

• **اِسْماعِيلُ:** اسر خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي ننڍي فرزند جو نالو، جو هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي، ۽ قريش ان جو اولاد آهن.

• **اِسْماعِيلِيَه:** اسر خاص. [ع] مصر ملڪ ۾ هڪ هڪ بندرگاهه جو نالو. (صفت) شيعه مسلمانن جو فرقو (جي حضرت جعفر صادق جي پٽ اسماعيل کي ستون امام ڪري مڃيندا آهن).

• **اَسَمانُ ج اَسَمانْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + اَسَمانَ = برابر] هڪجهڙو نہ – ناهموار – اڻ برابر.

• **اَسْماءُ:** ذ. [ع. اِسم ج اَسماءُ] نالا. (اسر خاص) حضرت ابوبڪر جي نياڻيءَ جو نالو.

• **اَسْماءُ الْحُسْنيٰ:** ذ. ڏٽيءِ پاڪ جا ۹۹ صفاتي نالا.

• **اَسَمْجهہ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَمْ = ڳڏ + اُوهَ = ڏيان ڏيڻ، ڏسڻ] بي سمجهه – اڻ ڄاڻ – نادان.

• **اَسمْرتَ ج اَسمْرتِيُوْنْ:** ث. [اَ = نہ + سُمْر = ياد ڪرڻ] يادگيري نہ رهڻ جي حالت – ويسر – غفلت – ويسلائي. ڳينواري.

• **اِسْمرْت ج اِسْمرْتِيُوْنْ:** ث. [سن. سُمْر = ياد ڪرڻ] سُمرتِي – هندوَ قانون.

• **اَسَمْرْتُ ج اَسَمْرْتَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَمْرْت = سگهه وارو] بي طاقت – اڻ سگهو – بي سگهو – ناتوان – هيٺو – ڪمزور – لاچار، ستايل.

• **اَسَمو ج اَسَما:** ذ. صفت. [سن. اَ =نہ + سَمَيَ = وقت] بي وقت – ڪَمَهلو، ڪُمندائتو – بي موسمو، ڏکيو وقت.

• **اَسَنْ:** ث. [سن. اُشْمَنْ = تپت] گرمي – ڪوساٽ – تپت.

• **اَسن ۾ آنِي:** ڪاڙهي گداز ڪئي، ڳاري.

• **اَسَنْ:** اس ۾ پڪ، ڪاڙهو سهڻ.

• **اَسْنادَ ج اَسْنادُوْنْ:** ث. [ع. سَنَدَ ج اَسناد = زنجير، اختياري] حديث جي روايت جو سلسلو. ثابتيون. قانوني ڪاغذ – دستاويز.

• **اِسْنافُ، اِسنائِيفُ ج اِسْنافْ، اِسنائِيفْ:** ذ. [انگ. سْنائِيپ] ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (ننڍو حلال پکي، پاڻيءَ جي ڪپ تي ويهي ڪاڏو هڻ ڪندڙ).

• **اَسْنانَ:** ذ. [ع. سِنّ ج اَسْنان] ڏندَ "طَبِيْبُ الاَسْنَان = ڏندن جو ڊاڪٽر".

• **اِسْنانُ ج اِسْنانْ:** ذ. [سن. سْنانَ = وهنجڻ] سَنان – اِسْنان – غسل – تَڙ.

• **اَسَنْتوشُ، اَسَنْتوكُ ج اَسَنْتوشْ، اَسَنْتوكْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَنْتوش = خوش، راضي، قانع] ناراضپو – اَرهائي – ناخوشي.

• **اَسَنْجوگُ ج اَسَنْجوگْ:** ذ. [سن. اَ = نہ + سَنْيوگَ = ميلاپ] ڇيتاڙو – اڻ بڻت.

• **اَسَنْگتُ ج اَسَنْگتْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + اَسَنْگتُ = مناسب] نالائق – بيهودو، بچڑو.

• **اَسَنْمانُ ج اَسَنْمانْ:** ذ. [سن. اَ = نہ + سَنْمانَ = مانُ، عزت، احترام] بي مانائي ـ بي عزتي ـ توهين.

• **اَسَنْماني ج اَسَنْماني:** ذ. صفت. بي فضيلت – بي مانو – بي عزت.

• **اَسْنْهُوْنْ ج اَسْنْهانْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سْنَدْ = جاڇڻ،

Gul Hayat Institute

ڳولڻ] اَسونهون — سونهين يا رهبر کان سواءِ ـ اڪيلو — ناواقف — نڏر "اوهڙ اَسونهَن، ڏيهه گهٽوئي ڏوريو" (شاه).

• **اَسُنْهِينْ ج اَسُنْهِيُونْ:** ث. سونهين يا رهبر کان سواءِ ـ اڪيلي — نڏر "جي هو اوڳڻ ڪنئي، اَسُنْهِينْ! تون ڳُٽائي ڳُڻ" (شاه).

• **اَسو ج اَسا:** ذ. [سن] هسو. ٻاهر نڪتل ماس جي ڳوڙهي. ڪائيءَ جو اَنگهو (ڪ).

• **اَسو:** ذ. [سن. اشوک] وڻ جو هڪ قسم — اشوک وڻ. چَوَڙَ — چَوَنَ. چندن وڻ. ڪيوڙو.

• **اَسُوْ:** ذ. [سن. اَشْوِيج، اَشْوِنَ] هندڪي سال جو ستون مهينو (جنهن ۾ چنڊ راس الحمل ۾ ايندو آهي ۽ ڏياري ٿيندي آهي). ثابتي (ث).

• **اَسْوارُ ج اَسْوارَ:** ذ. [ع. اِسْوارٌ: سن. اَشْوَ + والَ = گهوڙي سوار] هسوار — سوار.

ـ **اَسْواري ج اَسْواريُونْ:** ث. هسواري — سواري "عاشق اَسْواري، ڪئيَ جنهن ڪاَ ريت ري" (سامي). (ف) ڪهاڙين ۽ گرزن سان لڙائيءَ جو نمونو.

• **اَسْوارْ:** ذ. [ع. سُورٌ ج اَسْوارٌ] ٻاهرين ديوار. ڪوٽ — عالم پناه.

• **اَسْوارْتَ ج اَسْوارْتُون:** ث. [سن. اَ = نہ + سْوَ = پنهنجو + اَرْتَ = غَرَضُ] بي غرضائي — بي طمعي.

• **اَسْوارْتِي ج اَسْوارْتِي:** ذ. صفت. بي طمع — لاغرض.

• **اَسوپا ج اَسوپائُونْ:** ث. [سن. اَ = نہ + شوپا = سونهن] ڪوجهائي — بد صورتي — بدشڪلائي.

• **اَسُوَهْ، اُسْوَهْ:** ث. [ع] نمونو — نظير — آدرسن.

• **اُسْوَهْ حَسَنَهْ:** ث. چڱو مثال.

• **اَسوپَس:** ث. [سن. اُشْش = فجر] فجر مهل — ٻانگ مهل — اَسرويل.

• **اَسوجهَهُ ج اَسوجهَهَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُدْ = صاف ڏسڻ، جاچڻ] ناپديد — غير مرئي — بي جسم.

• **اَسوجُ ج اَسوجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سُجَ = غم. ويچار] بي غم — لاپرواه. ڪهيلو — بي سمجهه. بي خيال.

• **اَسوجي ج اَسوجي:** صفت. اَسوجُ.

• **اَسُوَدُ:** ذ. صفت. [ع] ڪارو.

• **اَسُوْرُ ج اَسُوْرَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُوْلَ = درد] بي سور — بي درد — اَگوندرو "آيل! جي اَسُوْرَ، پاند نہ پوي تن سان" (سچل). [سن. اُسْرا] رات جو چوٿون پهر — اڌ رات کان پوءِ ـ پريات — پرهه — پرهه ڦٽيءَ کان اڳ جو وقت — پيج يني "اللّٰه لڳ اَسُوْرَ اُتائين ٽي آءُ تون" (شاه).

ـ **اَسُوْرَ کائڻ:** روزو رکڻ — سحري کائڻ.

• **اَسُوْرو ج اَسُوْرا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُوْل = سورَ] بي اونو — غافل — گينوار — اَسارو.

• **اَسوسُ ج اَسوسَ (ل):** صفت. [سن. اَ = نہ + شُسْ = سُسڻ، خشڪ ٿيڻ] تار (پاڻي) — بي انداز (پاڻي) — تمام وڏو "واه ۾ تہ پاڻي اَسوسَ آهي".

• **اَسوکُ، اَسوگ ج اَسوکَ، اَسوگ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شوک = ارمان] ارمان نہ ڪندڙ — بي درد — بي غم.

• **اَسوکي، اَسوگي ج اَسوکي، اَسوگي:** ذ. صفت. آرام ۾ ـ آسودو.

• **اَسُون ج اَسُوْن (ڪ):** ضمير. اسين — اسان.

• **اَسُوْنهَ ج اَسُوْنهيُون:** ث. [سن] اڻ واقف — بيگاني "اڳهين هوند اَسُونهَ، جي جانارن ياد پون" (شاه).

• **اَسُونْهُوْ ج اَسُوْنهانْ:** ذ. صفت. اَسُنْهون.

• **اَسُونهين:** اڻ ڄاڻن، ناواقفن. جيڪي سونهيون نہ هيون.

• **اَسوڻ ج اَسوڻ:** ذ. [سن. اَپَشَڪنه] اپسوٽ — خراب سوٽ — بدسوٽ.

• **اَسُوْءِ ج اَسُوْءَ:** ذ. [سن. اَسُوْيا] حَسَدَ — چاوت — ساڙ — ريس — ايرکا.

• **اَسَهه:** ذ. [سن. اَوَسَ] پورو — سڃوئي — سمپورڻ.

• **اَسَهڙ ج اَسَهڙَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَهْيَه = سهڻ جهڙو] نہ سهڻ جهڙو — اَسَهَڄ — برداشت نہ ڪرڻ جهڙو — مَر سَهُو. حاسد.

• **اَسَهارو ج اَسَهارا (ڪ):** ذ. [سن. اَ = نہ + سَهايَتا = مدد] بي مددگار — بيواه ـ چڙو — اڪيلو — يتيم.

• **اِسْهالُ ج اِسْهالَ:** ذ. [ع. اِسْهالُ = ڊرو ٽي پوڻ] دست (هڪڙو مرض).

ـ **اِسْهالُ ٽي پوڻ:** دست ٽي پوڻ. ڊڄي وڃڻ.

ـ **اِسْهالُ خُونِي:** ذ. رت جا دست — سوري — اَتيسارُ.

• **اَسَهَجُ ج اَسَهَجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَهْيَه = سهڻ جهڙو] نہ سهڻ جهڙو — غير مُتَحمّل.

• **اَسَهْڪارُ ج اَسَهْڪارَ:** ذ. [سن. اَ = نہ + سَهَڪارْتا = باهمي مدد] ساڻ ڏيڻ کان انڪار — قطع تعلقات — ترڪ موالات.

• **اَسَهَلُ:** ذ. صفت. [ع. "سهل" جو تفضيل] نهايت آسان — سڀ کان سولو — سڀ کان سهنجو.

• **اَسَهَڻُ:** مصدر. [پرا. اَوَسيه؛ سن. اَپْسْرْ] وڃڻ — روانو ٿيڻ. (مسافريءَ تي) سَنبرڻ. (اَسهيو — اَسهَندو — اَسهيل)

Gul Hayat Institute

• **اَسهُو ج اَسهُو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شَهَ = سَهَڻ] نہ سهندڙ — مَ سَهُو — حاسد.
• **اَسْئَلَهْ:** ذ. [ع.سَوال ج اَسئله] سُوالَ.
• **اَسُو ج اَسُا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَهايَ = دوست] بي يار — بيَ واهو. مَت ڪِتل — بي عقل — بي وقوف. [سن. اَشِيتِکَ = اسي ورهيہ] اسي ورهيہ عمر وارو "انهيءَ پارين اَسئو، چو ڇئي وڃائي پاڻ" (شاه ڪريم).
• **اَسُئو ج اَسُئا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + سُئو = ٻڌو] اڻ ٻڌل — گمنام.
• **اَسُئي:** اڻ — سُئي. اَڻ سُئل. جيڪا سُئل ٻڌل نہ هُجي. گهٽ ڄاتل سڃاتل.
• **اَسي:** صفت. [سن. اَشيتَ] هڪ عدد (۸۰) — چار ويهون. [سن. اَسَ] ترار — ڪاتي — ڇُري (جانورن ڪُهڻ لاءِ). ڪوڙ يا ڪَهاڙيءَ جي اندر پاڪي ۾ لڳندڙ ڳُندِ. ڪاڪ جي چيريل ڦٽي. پت ۾ ڦوٽ.
ـ **اَسيئُونْ:** ذ. صفت. اَسي شين مان پويون عدد.
ـ **اَسَيئُونْ:** ث. ڪنهن شيءِ کي اَسي ڀيرا ڪرڻ.
ـ **اَسيئُونُو:** ڪنهن شيءِ جو اَسي ڀيرا ٽيل حاصل.
• **اَسْيارو ج اَسْيارا:** ذ. صفت. پهلودار — پاسن سان.
• **اَسِيرُ ج اَسِيرُ:** ذ. صفت. [ع. اَسيرُ ج اَسْرِيُ، اَساريُ] باندي — قيدي. گرفتار — ورتل — قائل "گنهگارن اسيرن کي اوهان جو آسرو آهي" (قليچ).
ـ **اَسيري ج اَسيريُون:** ث. بند — قيد.
• **اَسَيَرَ:** ذ. [سَنَ.اَشيرَ] هڪ خوشبودار گاه جي پاڙ — خَس.
• **اَسَيَرڻُ:** مصدر. مَٿل ماٺهوءَ کي ياد ڪري روئڻ — اوسارڻ.
• **اَسَيسَرُ ج اَسيسَرَ:** ذ. صفت. [انگ. assessor] راءِ پيش ڪندڙ — تجويز ڪندڙ — مشير — پنچ. فوجداري مقدمي ۾ ڪيس هلندي پنهنجو رايو ڏيندڙ — جيوري.
• **اَسي قُـلِي:** ث. [سن. اَ + قُري = پرجڻ = اَڦري ٽيڻ] جانورن جي بيَماريءَ جو هڪ قسم — بوَڪ — تيڪ (بيماري) — اَلي ڦلي.
• **اَسيڪو ج اَسيڪو (ڪ):** ذ. [سن. اَسيسا] وهاڻو — تڪيو.
• **اَسَيمْبلِي جَ اَسيمْبلِيُونْ:** ث. [انگ. assembly] وفاق يا صوبيَ وغيره جي انتَظام هلائڻ لاءِ ووٽن ذريعي چونديل ميمبرن جي جماعت.
• **اَسِينْ:** ضمير متڪلم. [اَسْمي Proto Prakrit] سنڌي زبان جوَ قديم لفظ، جو سنڌو ايراضيءَ وارين ٻين هولين ۾ ب ساڃيو آهي — اسان.
• **اَسِينْدُو ج اَسِينْدَا (ث):** ذ. [سن. اَ = نہ + سَنڌا = ملائڻ] اڻ واقف — اڻ سڃاڻ — آسونهون.
• **اِشْ:** ث. هارن کي پائخاني ڪرائڻ وقت ڪيل آواز.
• **اَشْ اَشْ:** حرف ندا. [ف] خوشي — واه واه ـ بي اختيار تعريف — عَش عَش.
• **اَشا ج اَشائُونْ:** ث. [سن. اَشا] پره ڦٽي — پريات — صبح ڪاذب — ڏَڪي — پينپرڪو.
• **اِشارات:** ذ. [ع. اِشارَة ج اِشارات] اشارا — اَهُجَ. (اسم خاص) "ابن سينا" جو فلسفي بابت هڪ مشهور ڪتاب.
• **اِشارَتَ ج اِشارَتُونْ:** ث. [ع. اِشارَة] اشارو — اَهُجُ "اِشارتون اُن جون، سُڪوتان سُجن" (شاه). ڪنايو. اشارن ۾ ڏنل اهجاڻ، اشارن ۾ رازن رمزن جون گالهيون.
• **اِشارو ج اِشارا:** ذ. [ع. اِشارَة] هٿ يا اک سان ميڇ — اهجاڻ — رمز، ڳجهو ڪر — مام — ڪنايو.
ـ **اِشارا هَلڻ:** اکين سان اشارا ٽيڻ — ميڇون.
ـ **اِشارن ۾ پُورو ڪَرڻ:** پاڻ ۾ ڳجهي نموني انجام اقرار ڪرڻ. اشارن ۾ ئي فدا ڪري ڇڏڻ.
ـ **اِشاري تي هَلڻ:** ڪنهن جي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ.
ـ **اِشاري وَهيٽو ج اِشاري وَهيٽا:** ذ. صفت. ٽوري حڪم هلڻ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار.
• **اِشاعَتَ ج اِشاعَتُونْ:** ث. [ع. اِشاعَة = پڌرو ڪرڻ] پڌرائي — مشهوري — پرچار — پکيڙ. ڪنهن خاص تاريخ تي نڪتل اخبار، چاپو.
• **اَشاعِرَهْ:** ذ. [ع] مذهبي ڪلامي فرقو (جو امام اشعريءَ جي اصولَن تي هلندو آهي).
• **اَشانْتِ:** ث. [سن. اَشانْتِي = سانت کان سواءِ] بي آرامي — بي قراري — پريشاني — گهبراهٽ — آشانتي.
• **اَشْباحِ:** ذ. [ع. شبْح ج اَشْباحُ] شخص. جسمَ.
• **اِشْباعَ ج اِشْباعَ:** ذ. [ع. شَبَعَ = هوُ ڏائو] شعر ۾ زير، زبر ۽ پيش کي پڙهڻ ۾ ڊگهو ڪرڻ (جيئن زبر وڏي "الف"، زير وڏي "ي" ۽ پيش وڏي "و" ٿئي).
• **اَشباهُ ج اَشْباهَ:** ذ. [ع. شُبْهَ] شڪ — شبهو — گمان — وهم. صفت. [ع. شَبَهَ، شِبْهُ] هڪجهڙا — هڪ جيڏا، هڪ مهانڊا.
• **اِشْباهُ:** ذ. [ع] هڪجهڙي ٽيڻ يا ڪرڻ جو عمل — هڪجهڙائي.

Gul Hayat Institute

• **اَشُبْ ج اَشُبْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُبْ = چگو ياڳوارو] نياڳو – منحوس – بدبخت – ادورو – برو. بدفالي – بدسوڙ.

• **اِشْتَباهُ ج اِشْتَباهَ:** ذ. [ع. اِشْتِباه = شڪ ڪرڻ] شڪ – شبهو – گمان. مونجهارو.

• **اِشْتَباهي:** ذ. صفت. منجهيل – مشڪوڪ.

• **اُشْتُر:** ذ. [ف] شتر – اٺ – ڏاڳهو.

ـ **اُشْتُربانُ ج اُشْتُربانَ:** ذ. صفت. شتربان – ساربان – اوٺي.

ـ **اُشْتُربانِي:** ذ. ول يا هوتي جو هڪ قسم (جنهن جا پن اُٺ جي پير وانگر ٽين).

ـ **اُشْتُرخار:** ذ. شترخار – ڪانڊيرو.

ـ **اُشْتُرخو:** صفت. تندخو – سوڙل موڙل. ويروٽو.

• **اُشْتُردارُ ج اُشْتُردارَ:** ذ. صفت. اونار – اوٺي.

ـ **اُشْتُردل:** صفت. ڍڇڙو گيدي.

ـ **اُشْتُرگاه:** ذ. جراف – زراف.

ـ **اُشْتُرمُرغ:** ذ. شترمرغ – اُٺ پکي.

ـ **اُشْتُرمُورُ:** ذ. وڏي ماکوڙي.

ـ **اُشْتُروارُ:** ذ. اُشْتُربار – اٺ جو بار.

• **اِشْتِراكُ ج اِشْتِراكَ:** ذ. [ع] پائيواري – حصيداري – شراڪت. شرڪت – شموليت "بَر وجہ اِشتراک = ڪڏ ملڪيت، ورهاست؛ عَلَي الاشْتِراک = شراڪت ۾". چندو.

• **اِشْتِراكِيَّت:** ث. [ع] حڪومت جو اهڙو سرشتو جنهن ۾ ملڪ جي ملڪيت ۾ سڀني جو هڪ جيترو حصو هجي. حڪومت – سمايہ واد – سوشلزم.

• **اِشْتِراه:** ذ. [ع]. خريد.

• **اِشْتِعال ج اِشْتِعالَ:** ذ. [ع] پڙڪو – جوش – باه. جهڪڙو.

ـ **اِشْتِعالِ اَنْگيز:** صفت. پڙڪائيندڙ – جوش ڏيارينڊڙ (تقرير). فساد ڪرائيندڙ – مانڊاڻ مچائيندڙ.

ـ **اِشْتِعالِ اَنْگيزي:** ث. فساد ڪرائڻ يا باه پڙڪائڻ جي حالت.

ـ **اِشْتِعالِ ڏيڻ:** پڙڪائڻ – همت ٻڌائڻ. باه جاڳائڻ – هشي ڏيڻ.

• **اِشْتِغالُ ج اِشْتِغالَ:** ذ. [ع] مشغولي – شغل – مصروفيت.

• **اِشْتِقاقُ ج اِشْتِقاقَ:** ذ. [ع] ڪنهن لفظ مان جيري ڪڍيل بنيادي لفظ – ڏاتو – بنياد "عِلمُ الاشْتِقاق" = اِشتقاق ڪيڻ جو علم، صرف، سادن وديا.

• **اِشْتِقاقِي:** صفت. اهو لفظ جو ٻئي لفظ مان نڪتل هجي – مُشْتَق.

• **اِشْتِمالُ:** ذ. [ع. اِشتِمالُ = سمائڻ] گنجائش.

• **اِشْتِمالِيَّت:** ث. [ع] اِشْتِراكيت – سامہ واد – سوشلزم.

• **اِشْتِهاءُ:** ث. [ع. اِشْتِهاء] ٻک – خواهش (ڪاڏي جي). رُڇي.

• **اِشْتِهارُ ج اِشْتِهارَ:** ذ. [ع. اِشْتِهارُ = مشهور ڪرڻ] پڌرنامو – اعلان – اطلاع. مشهور ڪرڻ جو پرچو – نوٽيس – آرٽيڪل.

• **اِشْتِياقُ ج اِشْتِياقَ:** ذ. [ع] شوق – سڪ – آرزو – چاهنا. انتظار ڪڍيل خواهش.

ـ **اِشْتِياقِ نامو ج اِشْتِياقِ نامَا:** ذ. سڪ پريو خط.

• **اَشْتَ:** صفت. [سن. اَشْتَ] اَٺ.

• **اَشْتَمي ج اَشْتَمِيُونْ:** ث. [سن. اَشْتَ = اَٺ] قمري مهيني جي اَٺين تاريخ – اٺون تٿ.

• **اَشْجارُ:** ذ. [ع. شَجَر ج اَشجارُ] وڻ – درخت.

• **اَشْجَعُ:** ذ. صفت. [ع. "شُجاع" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ شجاع – سڀني کان بهادر – وڏو پهلوان – دلاور – جرّي. هڪ قسم جو ڪارو رنگ.

• **اَشْخاصُ:** ذ. [ع. شَخْصُ ج اَشخاص] ماڻهو – جڻا – آدمي. ڏگهيون مَرئِي شيون.

• **اَشَدُّ:** صفت. [ع. "شديد" جو تفضيل] تمام سخت – بلڪل گهٽو – نهايت.

• **اَشُدُّ:** صفت. [سن. اَ = نہ + شُدّ = پاڪ، برابر] ناپاڪ – پليد – اَبَو تر – گندو – غير خالص. غلط.

• **اَشْرارُ:** ذ. صفت. [ع. شَرِيرُ ج اَشرار] لچا ماڻهو – لفنگا.

• **اَشْراطُ:** ذ. [ع. شَرْطُ جَ اَشراطُ] شرط. نشانيون – علامتون – اُهجاڻ "اَشْراطُ الساعَة = قيامت جون نشانيون".

• **اَشْرافُ ج اَشْراف:** ذ. صفت. [ع. شَرِيفُ ج اَشرافُ. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ] شريف انسان – چگو ماڻهو – نيڪ مرد – پلو مانس. عالي خاندان – امير زادو. عزت وارو – مهذب. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.

ـ **اَشْرافَتَ ج اَشْرافَتُونْ:** ث. پل مانسائي – چگهڙسي – شريف پائي – شائستگي – چگي چال. عزت. چگو حسب نسب.

• **اِشْراقُ ج اِشْراقَ:** ذ. [ع. اِشْراق = سج جو اُپرڻ] سج جو اوپارو – طلوع. سج اپرڻ کان پوءِ نفلي نماز. پري کان طالب کي روحاني روشنائيءَ ۽ فيض جي پهچ (باطن جي صفائي). نيج – روشنائي – جمال.

• **اِشْراقِيْن:** ذ. [ع. اِشْراقِي ج اِشْراقِيّون: ف. اِشْراقِيان] رياضت سان پنهنجي اندر ۾ روشني پيدا ڪندڙ فيلسوفن جي هڪ

Gul Hayat Institute

قديم جماعت (افلاطون ۽ بقراط بہ انهيءَ طبقي مان آهن).

• **اِشْراک:** ذ. [ع. اِشْراکُ = شرک کرڻ] شرک. پائيواري.

• **اَشْرَف:** ذ. صفت. [ع. "شَريفُ, جو تفضيل] تمام شرف وارو — بلڪ پلو — بلڪل شريف.

ـ **اَشْرَفُ المَکان:** ذ. سيني جاين ۾ پلاري جاءِ (مَڪو شريف).

ـ **اَشْرَفُ والاَنْبياءِ:** ذ. سيني ۾ پلارو نبي (حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ وَسلم).

ـ **اَشْرَفُ الاوقات:** ذ. سڀ ۾ سڻو وقت يا ٽڻ.

ـ **اَشْرَفُ السّاعات:** ث. سڀ ۾ سياڻي گهڙي (نجوم جي نڪته نظر کان).

ـ **اَشْرَفُ المَخْلوقات:** ث. سيني مخلوقن کان پلو — انسان ذات — بني آدم.

• **اَشْرَفي ج اَشْرَفيون:** ث. [ع] سون جو هڪ سڪو — سوني مُهر — گني — رَتو تَڪو. گل جو هڪ قسم — گل اشَرفي.

• **اَشْرَر ج اَشْرَرُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + شَرِيْر = بدن] بنا بدن جي — روحاني.

• **اَشْعار:** ذ. [ع. شِعْرُ ج اَشعار] شعر ـ نظم ـ گيتَ [ع. شِعْرَ ج اشعار] وار — زلف.

• **اَشْعَر:** ذ. صفت. [ع. "شاعرُ" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ شاعر يا سمجهدار.

• **اَشْعَري:** اسر خاص. [ع] اَبوالحسن علي بن اسماعيل اَلْاَشْعَري (ولادَت ۸۷۳ ع ۽ وفات ۹۳۵ ع)، شهر بصري جو هڪ وَڏو ڪلامي مصنف.

• **اَشْغال:** ذ. [ع. شُغْلُ ج اَشغالُ] ڪم ڪاريون — دَنڌا.

• **اَشْفاق:** ذ. [ع. شَفَقُ ج اَشفاقُ] شفقتون — مهربانيون.

• **اِشفاق:** ذ. [ع. اِشفاقُ = شفقت ڪرڻ] شفقت ـ رحم ـ قياس.

ـ **اِشفاقُ اَنْگيز:** صفت. رحم جوڳو.

• **اَشْقَر:** ذ. صفت. [ع] ڳاڙهي منهن ۽ وارن وارو (گهوڙو) — بورُ. پالڪ ياڃي. ڪٽونبڙو.

• **اَشْقِياء:** صفت. [ع. شَقِيّ ج اَشقياءُ] نالائق — مردود — ڪمينا — نيچ بدمعاش — رهزن — دُڪي.

• **اَشْڪ ج اَشْڪ:** ذ. [ف] ڳوڙهو — لڙڪ. ڦڙو — قطرو.

ـ **اشْڪ اَبْرِ سَحاب، نَيسان:** ذ. ڪکر جو ڳوڙهو. مينهن جو ڦڙو.

ـ **اشْڪَ آتشين:** ذ. گرم ڳوڙها.

• **اَشْڪَ اَفسَوسُ:** ذ. افسوس جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ اَفْشاني:** ث. ڳوڙها ڳاڙڻ.

ـ **اَشْڪ آلود:** صفت. [ف. اَشْڪُ + آلود] ڳوڙهن پريل.

ـ **اَشْڪبار:** صفت. [ف. اَشڪ + بار = وسائيندڙ] ڳوڙها ڳاڙيندڙ — هنجهون هاريندڙ — لڙڪ وهائيندڙ — روئندڙ.

ـ **اَشْڪ پشيماني:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ حَسْرَت:** ذ. افسوس ۽ ارمان جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ خُونين، سُرخ:** ذ. خون آلود ڳوڙها — رت جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ دائودي:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ رَوان:** ذ. وهندڙ ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ ريز:** صفت. ڳوڙها وهائيندڙ.

ـ **اَشْڪ ريزي:** ث. ڳوڙها وهائڻ.

ـ **اَشْڪ شادي، ـ طَرَب:** ذ. گهٽي خوشيءَ جي جوش جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ شَمْعَ:** ذ. ٻرندڙ شمع جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪَ کوه:** ذ. هيرا جواهر.

ـ **اَشْڪَ نَدامَت:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

• **اَشْکال:** ذ. [ع. شَکْلُ ج اَشْکال] شڪليون — نمونا — جاميٽريءَ جون شڪليون. منطق جون شڪليون. طعام جا نمونا.

• **اِشْکال:** ذ. [ع] مشڪلات — مونجهارو. شڪ.

• **اَشْکانيان:** اسر خاص. [ف] ايران جو قديم تيون گهراڻو. جنهن سڪندر اعظم کان پوءِ اتڪل ۱۹۰ ورهيہ راج ڪيو.

• **اَشْکَبوس:** اسر خاص. [ف] ايران جو هڪ پهلوان جنهن کي رستم ماريو هو.

• **اِشْکَره:** ذ. [ف] شڪرو (بازجو هڪ قسم).

• **اِشْکَنْجو ج اِشْکَنْجا:** ذ. [ف. شْکَنْجَه] شڪنجو — ٻيڪڙ — ٻيڙ. ڏوهين کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪاٺ. ڪتابن جي ڪنارن جهلڻ لاءِ جلد بندي جو هڪ اوزار.

ـ **اِشْکَنْجي ۾ آڻڻ:** وڪڙيا پيچ ۾ قاسائڻ.

• **اَشْکول، اَشْکيل ج اَشْکول، اَشْکيلَ:** ذ. [ع. شکيل] انڪاء — روڪ. نيئر — ڏاوڻ — ٻيڙيون — واڳهہ — وهت جي ساڳئي پاسي اڳين پوئين تنگ ٻڌڻ جو ڏاوڻ. ڪهي پير ۽ ساڃي تنگ اڃيءَ وارو گهوڙو. ڦڏو — اَڙي. ڪوڙي تهمت — الزام — ڪوڙو ڪيس — منصوبو.

ـ **اَشْکيل وَرائڻ:** ڦڏا وجهڻ.

• **اَشْکيلي ج اَشْکيلي:** ذ. صفت. ڪوڙو دعويدار — ڪوڙي تهمت رکندڙ — ڦڏائي.

Gul Hayat Institute

• **اَشَلّ:** ذ. صفت. [ع] اَرڏانگي – هٿنهن سُڪل – ٽونڊو.
• **اَشْلوڪ ج اَشْلوڪَ:** ذ. [سن. شْلوڪ] سلوڪ – بيت.
• **اِشْمارُ:** ذ. [ع. اِشْمارُ = سنگهائڻ] عطرافشاني.
ـ **اِشْمارِ ضَمّه:** ذ. "خ، د ۽ ش" جي وچ ۾ واؤ جو آواز گهر ٽيڻ ۽ پيش جو آواز حاصل ڪرڻ (جيئن "خود" = خُد، "خُوْش" = خُش).
ـ **اِشْمارِ فَتْحَه:** ذ. (جيئن خواب = خاب، خواهش = خاهش).
ـ **اِشْمارِ كَسْرَه:** ذ. (جيئن خويش = خيش).
• **اِشْنانْ ج اِشْنانْ:** ذ. [سن. شْنانْ = وهنجڻ، صفا ٽيڻ] ترَ – غسل – سنان.
• **اِشْنان:** ذ. [ف] ڪار.
• **اِشُو:** ذ. [انگ. issue] بحث هيٺ ڪُنتو – تڪراري ڳالهه. نتيجو. اولاد. گمان (ت).
• **اَشوبا:** ث. [سن. اَ = نہ + شوبا = سونهن] ڪوجهائي – بدصورتي – قباحت.
• **اَشُورْ ج اَشُورَ (ڪ):** ذ. [سن. اَسْرا] اَسور – اَسُر – صبح ڪاذب – فجر.
• **اَشُورْ ڪَرڻ:** صبح جو سويل ڪائڻ – اَسُر مهل ڪائڻ.
• **اَشوكُ ج اَشوكَ:** ذ. [سن. اَ = نہ + شوک = ڏک] بنا ڏک – بي غم – اڳوندرو.
• **اَشوكُ:** اسم خاص. [سن] موريا گهراڻي جو هڪ مشهور راجا (راجا چندوسار جو پٽ ۽ چندرگپت جو پوٽو). هڪ وڻ جو نالو.
• **اَشوميدَ:** ث. [سن. اشْوَ = گهوڙو > ميْدَ = قرباني] گهوڙن جي قرباني.
• **اَشْهَبُ:** ذ. صفت. [ع] گهٽي اڇاڻ ڏيڻ. ڪارن وارن کان گهٽن اڇن وارن وارو گهوڙو – سرخو.
ـ **اَشْهَبُ اَخْضَرْ:** ذ. چينو گهوڙو.
ـ **اَشْهَبُ اَدْهَمْ:** ذ. گرو گهوڙو.
• **اَشْهادَ:** ذ. [ع. شاهدُ ج اَشهادُ] شاهدَ – گواهَ.
• **اَشْهَدُ:** ذ. [ع] ڪلمه شهادت جو پهريون لفظ (= آءٌ ساک ٿو پريان، آءٌ شاهدي ٿو ڏيان). شهادت جو ڪلمو "اڪ اَشْهَدُ چاءِ، تہ مسلماني ماڻئين".
ـ **اَشْهَدُ اَڪْبَرْ:** ث. ڏسڻي آگر.
• **اَشْهَرْ ج اَشْهَرَ:** صفت. [ع] گهڻو مشهور.
• **اَشْياءَ:** ذ. [ع. شبي ج اَشياءُ] شيون، چيزون ـ وٿون.
• **اَشْياخْ:** ذ. [ع. شَيْخُ ج شُيُوخُ ج اَشياخُ] ٻڌا ماڻهو – وڏا – قبيلن جا پريا مڙس.
• **اَصاغِرَ:** ذ. [ع. صَغيرُ ج اَصاغِرُ] نندا. "اَڪابِرَ" جو ضد.
• **اَصالَتْ:** ث. [ع. اَصالَة] اصليّت – بنياد – نَطفي جو اثر. خاصيت – اثر. پختگي.
• **اَصْبَحَ:** ذ. صفت. [ع. "صَحيح" جو تفصيل] خوبصورت – صبح جهڙو روشن ۽ صاف – ڳاڙهو (منهن).
• **اَصَحَّ:** ذ. [ع. "صَحيحَ" جو تفضيل] زياده صحيح.
• **اَصْحابُ ج اَصْحابَ:** ذ. صفت. [ع. صاحب ۽ اصْحاب] نبي صلي الله عليه و آله وسلم (حضرت محمد) جو صحبتي – سنگتي – ساڻي – دوست.
ـ **اَصْحابِ اَدَب:** ذ. صفت. ادب جا صاحب – عالم. فضيلت وارا.
ـ **اَصْحابَ اِعْتِبار:** ذ. صفت. اعتبار جا صاحب – معتبر ماڻهو.
ـ **اَصْحابَ بِدْعَت، ضَلالَت:** ذ. صفت. گمراه.
ـ **اَصْحابِ تَدْبير:** ذ. صفت. تدبير جا صاحب – مُدبّر – ڏاها وزير.
ـ **اَصْحابَ تَواريخ:** ذ. صفت. تاريخ لکندڙ – مؤرّخ.
ـ **اَصْحابَ جاه:** ذ. صفت. مرتبي وارا ماڻهو.
ـ **اَصحابَ جنت:** ذ. جنتي ـ بهشتي.
ـ **اَصْحابِ جَهَنَّمَ، جَهيم، دَوْزَخ، نار:** ذ. صفت. دوزخي.
ـ **اَصْحابَ دِرايَت:** ذ. صفت. عقل تيَ هلندڙ انسان.
ـ **اَصْحابَ دَوْلَت:** ذ. صفت. حڪومت جا صاحب – امير اُمراءَ. شاهوڪار.
ـ **اَصْحابِ رِوايَت:** ذ. صفت. راوي – ناقل. ٻڌل ڳالهين تي هلندڙ.
ـ **اَصْحابِ سَيْف:** ذ. صفت. ترار جا صاحب – وڙهندڙ – لشڪري – فوجي آفيسر.
ـ **اَصْحابَ فَضْلْ:** ذ. صفت. فضيلت جا صاحب – فضيلت وارا.
• **اَصْحابَ فَهْمَ:** ذ. صفت. فهم جا صاحب – فهميدا – سمجهدار ماڻهو – سمجهو.
ـ **اَصْحابِ قَلَم:** ذ. صفت. قلم جا صاحب – قلم وارا – لکندڙ. ديواني آفيسر.
ـ **اَصْحابِ كِبار:** ذ.صفت. وڏا اَصحابي – حضرت رسول الله صلي اَللّٰه عَليه و آله وسلم جا چار وڏا يار ۽ خليفا (ابوبکر الصديق، عمر ابن الخطاب، عثمان ابن عفان ۽علي ابن اَبيْ طالب رضوان الله عليهم).
ـ **اَصْحابَ كِرامَ:** ذ. صفت. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جا سڳورا صحابي.
ـ **اَصْحابِ كَهْفْ:** ذ. صفت. غار جا يار – توريت ۽ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل غار وارا ست دوست.
ـ **اَصْحابي ج اَصْحابِ:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن حضرت

Gul Hayat Institute

محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي ہ حالت ايمان ڏنو ۽ ہ حالت ايمان هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

• **اَصْدافَ:** ذ. [ع. صَدَفٌ ج اَصداف] سِپُون.

• **اِصْرارُ ج اِصْرارَ:** ذ [ع] ڪنهن ڳالهہ تيَ گهٽو زور – ضد – هٺ. تاڪيد.

• **اِصْرافُ ج اِصْرافَ:** ذ. [ع] اجايو يا بيهودو خرچ – گهٽو خرچ.

• **اِصْطَبْلُ ج اِصْطَبْلَ:** ذ. [ع. اِصْطَبْلَ: انگ stable] طبيلو – ڪڙهہ – گهوڙي جي هڏڻ جي جاءِ ـ ٽاڻ.

• **اِصْطُرْلابُ ج اِصْطُرْلابَ:** ذ. اَسْطُرْلابُ.

• **اِصْطِلاحُ ج اِصْطِلاحَ:** ذ. [ع] ڪنهن ڏندي يا فن جو لفظ – ورڇيس. هولي‌ءِ جي محاوري وارو لفظ. لفظن جو جوڙ.

• **اصطلاحات:** ذ. اِصلاح ـ ورڇيسون.

• **اِصطلاحي:** ج. اِصْطلاحي: صفت. محاوري وارو. مشهور معنيُ ڪان سواءِ ہي خاص معنَيُ رَکندڙ (لفظ).

• **اِصْطَخْرُ:** اسر خاص. قديم ايران جي گاديءَ جو هنڌ.

• **اَصْعَبُ:** صفت. [ع. "صَعْب" جو تفضيل] تمام ڏکيو – وڌيڪ ڏکيو – سڀ ڪان ڏکيو.

• **اَصْغَرُ:** صفت. [ع. "صغير" جو تفضيل] وڌيڪ ننڍو – سڀ ڪان ننڍو. (اصطلاحاً) ننڍي لڙائي (جهاد اَصْغَرُ = ننڍي لڙائي يعني ظاهري جنگ ڪافرن سان: ضد. جهاد اکْبَرُ = وڏي جنگ يعني نفس جي لڙائي) "اصغر ڏي آهين گهٽاَ، تون اڪبر ڏي آءُ" (شاه).

• **اَصْفَرُ:** ذ. صفت. [ع] پيلو رنگ.

• **اِصْفَهانُ:** اسر خاص. [ف. ع] ايران جو هڪ مشهور شهر.

• **اَصْفَيُ:** صفت. [ع. "صاف" جو تفضيل] وڌيڪ صاف.

• **اَصْفِيا:** ذ. [ع. صَفِيّ ج اَصْفِيا] صاف پاڪ ماڻهو ـ اولياءُ الله.

• **اَصْلُ ج اُصُلَ:** ذ. [ع.] بنياد. بُڌ ـ نسل – پاڙ – شروع – پيڙهہ. سڄو ٻڇو – حقيقي. خالص – ريءِ ـ نج. ضرور. ٺيڪ. رڳو. بلڪل. مطلقاً – سبب. ڪتاب جو اصلي نسخو – "نقل" جو ضد. بدن تي ٻُرٻُرٽيندر هڪ بيماري. عام سنڌي اُچار اصل.

ـ **اَصْل:** ظرف. اصل ڪان – شروع ڪان. هرگز – بنهہ – پٽيءَ ـ اَصلي – مطلقاً.

ـ **اَصْلاً وَقَطْعاً:** ظرف. هرگز نہ – مطلق نہ.

ـ **اَصْلاڻو ج اَصْلاڻا:** صفت. بڻائتو – بنيادي – اصل وارو. عام سنڌي اُچار. اَصْلاتو.

ـ **اَصْلُ حَرْفُ:** ذ. ڳالهہ جو مول مقصد.

ـ **اَصْل زادَهْ:** ذ. صفت. شريف زادو – عالي نسب.

ـ **اَصْل کتابُ:** ذ. ڪتاب جو پهريون قلمي مسوّدو.

ـ **اَصْل قِيْمَتْ:** ث. پهرين قيمت – خريدي قيمت. نفعي ڪان سواءِ.

ـ **اَصْل نامُ:** ذ. سڄو نالو.

ـ **اَصْلُ وار:** صفت. اصل يا حقيقت تي ٻڌل.

ـ **اَصْل وَ فَرْعَ:** ذ. (پاڙ ۽ ٽاري) مڪيہ ۽ ان جي تابع ڳالهہ – اصلي ۽ مددي ڳالهہ.

ـ **اَصْلوڪو ج اَصْلوڪا:** صفت. [ع. اصل + ڪو] اصل وارو – اوائلي – قديم.

• **اَصْلَڪُوْنْ:** ظرف. اَصْلاً – بلڪل – مطلق.

• **اَصْلِي ج اَصْلِي:** ذ. صفت. بنيادي – اَساسي. فطرتي – ذاتي – پيدائشي – جگري. خاص – قديم. اصيل. (ث. ذ) ڪجيءَ جو هڪ قسم. بهترين قسم جي ڪجي ۽ ڪجور. (ظرف) هرگز. عام سنڌي اُچار اصلي.

• **اَصْلِيَتَ ج اَصْلِيَتُوْنْ:** ث. بنيادي حقيقت ذاتي گڻ. بنيادي شرافت. اصل نسل.

• **اَصْلابَ:** ذ. [ع. صُلْب ج اَصْلابُ] چيلهيون پُٽيون.

• **اِصْلاحَ ج اِصْلاحُوْنْ:** ث. [ع] درستي – سُڌار. اوتارُ.

ـ **اِصْلاحات:** ث. سڌارا – ترميمون.

ـ **اِصْلاح پَذِيرُ:** صفت. سڌاري جوگو.

ـ **اِصْلاحَ ذاتُ الْبَيْن:** ذ. هڪ ٻئي جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ.

ـ **اِصْلاحِي ج اِصْلاحِي:** صفت. سڌارو ڪندڙ. سڌاري وارو. سڌاري بابت.

• **اَصْلُ السُّوس:** ث. [ع] مٺي ڪاٺي.

• **اَصْلَحَ:** صفت. [ع. "صَالح" جو تفضيل] وڌيڪ صالح – وڌيڪ لائق.

ـ **اَصْلَحَهُ الله:** جملو. خدا شال هن کي صالح ڪري.

• **اَصْلَعُ:** ذ. صفت. [ع] ٽوڙهو.

• **اَصَمُّ:** ذ. صفت. [ع] ٻوڙو. اهو انگ جنهن جو ٻيو مول نہ نڪري سگهي جيئن ۳، ۵، ۷ – عدد غير ناطق.

• **اَصْمَعي:** اسر خاص. [ع] هڪ مشهور عربي اديب جو نالو.

• **اَصْنافَ:** ذ. [ع. صِنْف ج اَصْنافُ] جنسون.

ـ **اَصْناف خَلْق:** ذ. ماڻهن جا قسم.

ـ **اَصْنافَ قَبائِل:** ذ. جدا جدا قبيلا.

ـ **اَصْنافَ مُخْتَلِفَه:** ذ. جُدا جُدا جنسون.

• **اَصْنامَرَ:** ذ. [ع. صَنَمَرُ ج اَصْنامُ = بت] بُتَ. سُهٽا ماڻهو.

Gul Hayat Institute

• **اَصْوات:** ذ. [ع. صَوْتُ ج اَصْواتُ] آواز.
• **اَصْوَب:** صفت. [ع. "صائِبُ" جو تفضيل] وڌيڪ صحيح – وڌيڪ سڌو (نشان).
• **اَصُولُ ج اُصُول:** ذ. [ع. اَصْلُ ج اُصُولُ] پاڙ – بنياد. بنيادي قاعدو – قانون – نيم. موسيقي آواز يا ڌنڪ (هي ڪل سترهن اصول "هڪڙو بحر اُصُول" چيا اٿن. جن مان فقط "اُصُولُ فَاخِتَه" جو نالو ڏنو اٿن).
• **اُصُولِ عَشَرَه:** ذ. ڏهه اصول يعني عشر مقولات يا قاطيفورات يا ڏهه عقل (١) جوهر (٢) ڪمّ (ڪيتراڻ) (٣) ڪيف (ڪيئن، ڪيفيّت) (٤) اضافت (تعلق) (٥) اَيْن (ڪٿي) (٦) متيٰ (ڪڏهن) (٧) وَضعْ (نمونو جاءِ جو) (٨) ملڪ (ملڪيت، ڪنهن جي) (٩) فعل (ڪم) (١٠) اِنْفعالُ (ڪم جو اثر).
ـ **اُصُولِ فاخِتَه:** ذ. [ع. اصول + ف. فاخِتَهْ = ڪبوتر] راڳ جو هڪ تال.
ـ **اُصُولِ مَوضُوعَ:** ذ. مقرر حقيقت. بديهيت – اوليّت – بديهي يا ظاهر رَي دليل.
ـ **اُصُولُ وَ فُرُوعُ:** ذ. [ع] پاڙون ۽ ٽارين مکيه ۽ تابعي ڳالهيون. علت ۽ معلول – سبب ۽ اثر.
• **اَصِيل ج اَصِيلُ:** صفت. [ع. اَصَلَ = هو محڪم بنيو] چڱي نسب وارو – شريف – نيڪ ذات – چڱو مڙس – اصل نسل وارو – بٹائتو "متان مون کي ڇڏئين، آري جام اصيل" (شاه). اصل خاندان – خانداني – عزت وارو. سچو ماڻهو. ننگپال "آڪير جو اصيل، سو سر ڏي نه سرهو ٿيين" (شاه). وڪيل جو ٿيٽي – گراهڪ. (ذ) ويڑهو ڪڙ جو هڪ قسم (جنهن جا ماڻ ٻيءَ هڪڙي قسم جا هجن). عمدي لوهه جي ترار. نانگ جو هڪ قسم.
• **اِضافَتْ ج اِضافَتُون:** ث. [ع. اِضافَة] نسبت – لاڳاپو – تعلق. گرامر ۾ اسمن جي وچ ۾ مالڪيءَ جي يا ٻي نسبت ڏيکارينڌڙ حالت – حالت اضافت. اضافو – واڌارو – زيادتي. اِضافه ـ مهماني ڪڙ.
• **اِضافو ج اِضافا:** ذ. [ع. اِضافَه] واڌ – واڌارو – زيادتي. پگهار يا عهدي ۾ واڌارو.
• **اِضافِي ج اِضافِي:** صفت. [ع] نسبتي صفت (جا اصلي نه هجي). بالائي.
ـ **اِضافِي وُجُودُ:** ذ. اهو وجود جنهن جو ٻئي وجود سان تعلق هجي – اعتباري وجود.
• **اُضْحَيٰ:** ذ. [ع. ضَحيّه، اُضْحيَة ج اَضْحَيٰ] قربانيون "عيدالضّحيٰ = ٻاڪري عيد، يَوم الاَضْحيٰ = قربانين جو ڏينهن".
• **اُضْحِي ج اُضْحِيُون:** ث. [ع. اُضْحِيَة، اُضْحَيٰ] قرباني، جو جانور – قرباني.
• **اَضْداد:** ذ. [ضدّ ج اَضْدادُ = هڪ ٻئي جي ابتڙ شيون] اهي لفظ جن جون هڪٻئي جي مخالف معنائون هجن "آڇو: ڪارو" معنائون هجن. مخالفت.
• **اِضْطِراب:** ذ. [ع] پريشاني – بي قراري – تڙپ. لوڇ – ڦٽڪو – گهبراهٽ. جلدي. تڪڙ.
– **اِضْطِرابِي:** ث. بي قراري ـ بي تابي ـ بي آرامي.
• **اِضْطِرارْ:** ذ. [ع] لاچاري. پريشاني – بي قراري – بي چيني – بي آرامي.
• **اَضْعاف:** ذ. [ع. ضِعْفُ ج اَضْعافُ] ٻيڻا پاڳا. سمائيندڙ انگ.
• **اَضْعَفُ:** صفت. [ع. "ضعيف" جو تفضيل] سڀ کان ضعيف – ڏهرو.
• **اَضَلّ:** صفت. [ع. "ضَالّ" جو تفضيل وڌيڪ گمراه.
• **اِضْلال:** ذ. [ع. اِضلالٌ = گمراه ڪرڻ] گمراهي.
• **اِضْمار:** ذ. [ع] دل ۾ ڳالهه جي لِڪ. علم عروض ۾ ڪنهن به وزن جي ٻئي متحرڪ حرف کي ساڪن ڪرڻ "مُتَفاعلُن جو ٻيو حرف 'ت' ساڪن ڪبو ته ٿيندو مُتْفاعلن = مُسْتَفْعَلُن".
• **اَضْياف:** ذ. [ع. ضَيفُ ج اَضْياف] مهمان.
• **اَضْيَق:** صفت. [ع. "ضَيّق" جو تفضيل] وڌيڪ سوڙهو يا تنگ.
• **اُطاقِي ج اُطاقِي:** صفت. اوطاقي.
• **اَطِبّاء:** ذ. [ع. طَبيبُ ج اَطِبّاءُ] طبيب – حڪيم – ويج.
• **اَطْباع:** ذ. [ع. طَبْعُ ج اَطْباعُ] طبعون – سُڀاءَ.
• **اَطْراف:** ذ. [ع. طَرَفُ ج اَطْرافُ] پاسا – ڏسيون.
– **اَطْرافِي ج اَطْرافِي:** صفت. ٻاهرين حد وارو.
• **اِطْرِيفَل:** ذ. [سن. ترِڦَلا = تي ڦل يعني هريڙون، ٻهيڙا ۽ آورا] ٽِڙِلو (هڪ دوا جو نالو جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل تي پسار ٽين). تِرڦلو.
• **اَطْفال:** ذ. [ع. طِفْلُ ج اَطْفالُ] ٻار. ٻارُ ٻچا.
• **اِطِّلاعُ ج اِطِّلاعَ:** ذ. [ع. اِطلاع] خبر – سڌ – چتاءِ – اعلان. نوٽيس.
– **اِطِّلاعاً:** ظرف. اطلاع طور – اطلاع جي وسيلي.
– **اِطِّلاعات:** ذ. خبرون – نَشْريات.
– **اِطِّلاعُ ڏِيڻ:** سڌ ڏيڻ. نوٽيس ڏيڻ.
– **اِطِّلاعُ نامُو ج اِطِّلاع ناما:** ذ. اطلاع لاءِ خط – نوٽيس – سَمن.
• **اِطْلاق ج اِطْلاق:** ذ. [ع] لاڳاپو. ٺهڪي اچڻ واري حالت.
• **اَطْلَس (ث)، اَطْلَسُ ج اَطْلَسُون، اَطْلَس:** ذ. [ع] اچو لسو

Gul Hayat Institute

زريدار ريشمي ڪپڙو – ساٽين.
– **اَطْلَسي:** صفت. اطلس جو. ڪارو.
– **اَطْلَسي فَلَڪ:** فَلَڪ اَطْلَسُ (بطليموس جي نظريي موجب نائون يا سڀ کان مٿاهون ستارن کان سواءِ آسمان).
• **اِطْمينانُ ج اِطْمينانَ:** ذ. [ع. اِطْمينان] تسلي – دل جمعي – دلاسو – خاطري – دلجاءِ ـ بي فڪري – صبر – آنند – اندر جو آرام.
– **اِطْمينانِ خاطر:** ذ. دل جي خاطري – پڪ.
• **اَطْنابَ:** ذ. [ع. طَنابُ ج اَطْنابُ] تنبوءَ جون رسيون.
• **اِطْنابُ ج اِطْنابَ:** ذ. [ع] ڪلام ۾ اجائي ڏيگهه – تطويل.
• **اَطْوارِ:** ذ. [ع. طَوْرُ ج اَطْوارُ] طريقا. نمونا – رَوَشُون – ڍنگ – دستورَ. افعالَ – لڇڻ – ڪرَ – عادتون – ڪرتوتَ – فعلَ – آداب – قاعدا.
• **اَطْوَلُ:** صفت. [ع. "طَوِيْل" جو تفضيل] وڌيڪ ڊگهو.
• **اَطْهارِ:** ذ. [ع. طاهِرُ ج اَطْهارُ = پاڪ، صاف] پاڪ – صاف "آل اَطْهارُ = رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جو پاڪ اولاد يا پونيَر".
• **اَطْهَرُ:** صفت. [ع. "طاهِرُ" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ پاڪ – نهايت پاڪ – تمام پوتر "پڙهو صلوات سرور تي، آل نبيءَ جي اَطْهَرَ تي" (مولود).
• **اَطْيَبُ:** صفت. [ع. "طَيِّب" جو تفصيل] وڌيڪ چڱو.
• **اِظْهارُ ج اِظْهارَ:** ذ. [ع. اِظْهارُ = پڌرائي ڪرڻ] پڌرائي – مشهوري. ڪورٽ اڳيان بيان – گواهي. زباني شاهدي.
– **اِظْهارِ تَحْريري:** ذ. لکيل شاهدي.
– **اِظْهارِ تِيَرَّ:** ظاهر ٿيڻ "ادبون نيٺ اظهار ٿي عشق آيو".
– **اِظْهارِ سَلامي:** ذ. شاهدي لکندڙ جوبي قانوني اُجورو.
– **اِظْهارِ ڪَرڻ:** ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ.
– **اِظْهارِ نامو ج اِظْهارنامَا:** ذ. اعلان – پڌرنامو.
– **اِظْهارِ نَويسَ:** ذ. شاهدي لکندڙ آفيسر.
• **اَظْهَرُ ج اَظْهَرَ:** صفت. [ع. "ظاهِر" جو تفضيل] وڌيڪ ظاهر – تمام پڌرو – تمام چٽو – گهڻو مشهور.
– **اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْس:** ظرف. سج کان وڌيڪ پڌرو – ظاهر – مشهور – پڌرو – چٽو.
• **اِعادَتَ:** ث. [ع. اِعادَهْ = وري موڪلڻ، وري چوڻ] ٻيهر گفتگو – تڪرار.
• **اِعانَت ج اِعانَتُون:** ث. [ع. اِعانة] واهر – مدد – سهائتا. چندو.
• **اِعْتِبارِ ج اِعْتِبارَ:** ذ [ع] پروسو – يقين وِيساه ـ ساک – پت – قسر.
– **اِعْتِبارِ رَکَڻ:** پروسو رکڻ.
– **اِعْتِبارِ وِجائڻ:** پت وڃائڻ.
– **اِعْتِباري ج اِعْتِباري:** صفت. پروسي وارو – ويساه وارو – ساک پَت وارو – معتبر.
– **اِعْتِباري اَمْر:** ذ. فرعي يا عارضي ڳالهه (جنهن جو مکيه يا اصوليَ ڳالهه سان تعلق هجي) – اضافي امر.
• **اِعْتِدالِ:** ذ. [ع] وچترائي – درميانگي – وجون وهُ – نه گهٽ نه وڌ – پورائي پُنائي – موافقت.
– **اِعْتِدالِ پَسَنْد:** صفت. درمياني خيال وارو – نرم ڏر وارو (راجنيتي يا سياسي ڳالهين ۾).
– **اِعْتِدالِ خَريفي:** ذ. ڪتيءَ واري موسم ۾ ٢٢ سيپٽمبر تي ڏينهن راتَ جي برابري.
– **اِعْتِدالِ رَبيعي:** ذ. چيٽ جي موسم ۾ ٢١ مارچ تي رات ڏينهن جي برابري.
– **اِعْتِدالِ لَيل وَنَهارَ:** ذ. ڏينهن رات جي برابري.
– **اِعْتِدالِ هَوا:** ذ. هوا جي موافقت.
– **اِعْتِدالِي ج اِعْتِدالِيُون:** ث. برابري – هڪجهڙائي.
• **اِعْتِذارَ:** ذ. [ع] عذر – معافي طلب.
– **اِعْتِذارَ نامو:** ذ. عذر نامو – معافي نامو.
• **اِعْتِراضُ ج اِعْتِراضَ:** ذ. [ع. اعتراض = وچ ۾ پوڻ] ڪنهن ڳالهه جي برخلاف اٿاريل حجت – نڪته چيني – رندڪ – مخالفت.
– **اِعْتِراضي ج اِعْتِراضِي:** صفت. اعتراض جهڙو – نامناسب.
• **اِعْتِرافُ ج اِعْتِرافَ:** ذ. [ع. اِعْتِرافُ = مڃڻ، ڏوهه ٻاسڻ] قبوليت – اقرار – تسليم. ڏوهه يا قصور يا غلطيءَ جي مڃتا.
– **اِعْتِرافِ آڻڻ:** ڏوهه ٻاسڻ – گناه قبول ڪرڻ – قصور محسوس ڪرڻ – پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ.
– **اِعْتِرافِ ڪَرڻ:** مڃڻ – قبول ڪرڻ.
• **اِعْتِزالُ ج اِعْتِزالَ:** ذ. [ع] علحدگي – دست برداري – جدائي.
• **اِعْتِصامُ:** ذ. [ع] پختي جهلڻ جو عمل.
• **اِعْتِقادُ ج اِعْتِقادَ:** ذ. [ع. اِعتقاد = مڃڻ] عقيدو – يقين – پروسو – ويساه. ايمان. اعتبار.
– **اِعْتِقادي:** صفت. اعتقاد وارو. اها ڳالهه جنهن جو اعتقاد تي بنياد هجي.
• **اِعْتِكافُ ج اِعْتِكافَ:** ذ. [ع] گوشه نشيني – عبادت لاءِ ڪنهن خلاصيءَ جاءِ ۾ گوشه نشيني – رمضان شريف جي

Gul Hayat Institute

پوئين ڏهي (ڏهن ڏينهن) ۾ مسجد ۾ گوشه نشيني. پنهنجي نفس جي حفاظت.

• **اِعْتِمادُ:** ذ. [ع] پروسو – اعتبار – يقين "ڪن استخاره آسرو، اوسه اَتي ڪن اعتماد" (صدرالدين). ساڪ. مدار. ٽيڪ.

– **اِعْتِماداً:** ظرف. پروسي تي.

– **اِعْتِمادُ النَّفْس:** محاورو. پاڻ تي پاڙ.

– **اِعْتِمادُ نامو** ج **اِعْتِمادُ ناما:** ذ. سَنَدَ – اختيار نامو.

• **اِعْتِيادُ:** ذ. [ع] هيڙ – عادت "لَڪُ ٻڌي ليلاڻ جو آهي ڪيو مون اِعْتِياد" (صدرالدين).

• **اِعْجابُ:** ذ. [ع] عجب – حيرت.

• **اِعْجازُ** ج **اِعْجازَ:** ذ. [ع. اِعْجازُ = عاجز ڪرڻ] معجزو – وڏي ڪرامت – حيران ڪندڙ ڪرامت.

– **اِعْجازِ قُرآن:** ذ. قرآن شريف جو معجزو – ته ڪوبه بني بشر يا مخلوق ان جهڙي عبارت ناهي نه سگهي).

– **اِعْجازِ مَسيحي:** ذ. حضرت مسيح عليه السلام جو معجزو (ڪوڙهيا ڇتائڻ ۽ مئا جيارڻ).

– **اِعْجازِ مُوسَوي:** ذ. حضرت موسيٰ عليه السلام جا ٻه معجزا (۱) لٺ جو نانگ ٿيڻ، (۲) يَدِبَيْضا (يعني اڇو هٿ) ڪڇ ۾ هٿ وجهڻ کان پوءِ هٿ جو اڇو ۽ نوراني ٿيڻ.

• **اَعْجَزُ:** صفت. [ع. "عاجز" جو تفضيل] وڏيڪ عاجز.

• **اَعْجَمُ:** ذ. صفت. [ع] گونگو. اهو جو عربي ڳالهائي ٻولهائي نه ڄاڻي. جهنگلي.

– **اَعْجَمي:** صفت. اهو جو عربي چگي نه ڄاڻي (حَيوانِ اَعْجَمي = غير ناطق حيوان).

• **اَعْجُوبَه:** ذ. [ع] عجب – عجائب.

– **اَعْجُوبَه روزگار:** ذ. زماني جو عجب.

• **اَعْدا:** ذ. صفت. [ع. عَدُو ج اَعْداءُ] دشمن – ويري.

• **اَعْدادُ:** ذ. [ع. عَدَدُ ج اَعْدادُ] انگ – تعداد.

– **اَعْدادُ شُماري:** ث. ڳڻپ – شُمار – ليکو. آدمشماري.

• **اِعرابَ** ج **اِعْرابَون:** ث. [ع] اکر کي چورندڙ نشاني – اُچار کي چٽو ڪندڙ حرڪت – اِعْرابُون اسر جون جدا جدا حالتون ڏيکارين ٿيون. لفظ جي پڇاڙي واري حرف تي حرڪت (جنهن سان اسر جي حالت جي خبر پوي. هيئين تن جملن ۾ اسر "گهر" جي آخري لفظ "ر" جو پيش، زبر ۽ زير اعرابون آهن. ۱. گهرُ سهڻو آهي. ۲. گهرَ ۾ ادو وينو آهي. ۳. گهرِ وجي ڏس ته ڪير وينو آهي) – جملي ۾ اسر جي آخري حرف واري حرڪت يا لاڪنا "ڪثرت آهي قرب ۾، اِدْغام ۾ اِعْراب" (شاهه).

• **اَعْرابُ، اَعْرابي** ج **اَعْرابي:** ذ. صفت. [ع] عرب جي ٻهراڙيءَ جو رهاڪو – بدوي. سانگي. مال جي سانگي تي گذارينڊڙ – خانه بدوش. مارو لوڪ "زمر زخرف سومرا، عَيش اَعرابين" (شاهه).

• **اِعْراضُ:** ذ. [ع. اِعْراضُ = وڃ ۾ اڇڻ پُٺ ڏيڻ] منهن موڙڻ – پٺ ڏيڻ. نفرت – حقارت.

• **اَعْرافُ** ج **اَعْرافَ:** ذ. [ع. عُرْفُ = ڪنگرو، برج] قرآن شريف جي ستين سورة جو نالو. دوزخ ۽ بهشت جي وچ وارو هنڌ (جو نڪي گرم آهي نڪي سرد).

• **اَعَزُّ:** صفت. [ع. "عَزِيزُ" جو تفضيل] وڏيڪ پيارو. وڏيڪ سڳهارو.

• **اَعِزّاءُ:** ذ. [ع. عَزِيزُ ج اَعِزّاءُ] پيارا مائٽ مٽ – عزيز دوست.

• **اِعْزازُ** ج **اِعْزازَ:** ذ. [ع] عزت – آبرو – مان – مرتبو.

– **اِعْزازُ نامو** ج **اِعْزاز ناما:** ذ. مان پتر.

– **اِعْزازي:** صفت. بنا اجوري – بنا عوض – مفت.

– **اَعْشاري:** صفت. [ع. عَشر] ڏهين حصي وارا. ڏهائي.

• **اَعْصابُ** ج **اَعْصابَ:** ذ. [ع. عَصَبُ ج اَعْصابُ] ٻَڌي.

– **اَعْصابُ وَعُرُوقُ:** ذ. ٻڌيون ۽ نبضون.

• **اَعْضا:** ذ. [ع. عُضْوُ ج اَعْضاءُ] عضوا – لڳ – بدن جا حصا ڪنهن به جماعتي سوسائٽيءَ جا ميمبر يا رُڪن.

– **اَعْضابَنْدي:** ث. سنڌ ۾ هڏي پڇڻ جو علاج.

– **اَعْضاءِ تَناسُل:** ذ. نسل پيدا ڪرڻ جا عضوا.

– **اَعْضاءِ رَئِيسَه:** ذ. رئيس يا مکيه عضوا (دل، دماغ، جگر، وغيره).

• **اَعْظَمُ** ج **اَعْظَمَ:** صفت. [ع. "عَظِيمُ" جو تفضيل] تمام وڏو – سڀ کان وڏو – تمام وڏيءَ عزت وارو "اِسْم اَعظم = وڏو نالو، صَدْر اَعْظَم = وڏو وزير، قائد اَعْظَم = سڀ کان وڏو ليدر".

• **اَعْقابَ:** ذ. [ع. عقِبَ = ڪڙي] ڪڙيون ـ اولاد – پويان.

• **اَعْلىٰ:** صفت. [ع. "عَلِي" جو تفضيل] تمام مٿانهون – اُوچو – بلند. تمام وڏو. وڏي مرتبي وارو. اُتر – عمدو.

– **اَعلىٰ حَضْرَت:** ذ. وڏي ۾ وڏو حضور (بادشاه جو لقب).

• **اَعْلامَ:** ذ. [ع. عَلَمُ ج اَعْلامُ] جهنڊا، نشانيون. جبلَ. خاص

Gul Hayat Institute

نالا – خاص اسر.

• **اِعْلامُ:** ذ. [ع. اِعْلامُ = خبر ٻڌائڻ] جاڻ – اطلاع – اِعلان – مشهوري – پڌرائي – اشتهار – نوٽيس – سمن ـ ڏَسُ.

– **اِعْلامات شَرْعي:** ث. شرعي فتوائون ۽ فيصلا.

• **اِعْلانَ ج اِعْلانَ:** ذ. [ع. اِعْلانُ = پڌرو ڪرڻ] اطلاع. پڌرائي – اشتهار. اِعلام – مشهوري – اظهار.

– **اِعْلانَ جَنْگ، حَرْبُ:** ذ. جنگ جو اعلان.

– **اِعْلانَ رَسْمي:** ذ. سرڪاري اعلان.

– **اِعْلان نامو ج اِعْلان ناما:** ذ. پڌرنامو.

• **اَعْلَمُ:** صفت. [ع. "عالِم" جو تفضيل] وڌيڪ جاڻندڙ "اللهُ اَعْلَمُ = خدا سڀ کان وڌيڪ جاڻندڙ آهي".

• **اَعْمالَ:** ذ. [ع. عَمَل ج اَعْمالُ] عَمَلَ – ڪرتوت – افعال.

– **اَعْمال نامو ج اَعْمال ناما:** ذ. ڪمن جو تفصيل – ڪارگذاري. انسان جي ڏوهن ثوابن جو دفتر.

– **اَعْمال نامو سياهُ ڪَرڻ:** تمام گهٽا گناهه ڪرڻ.

• **اَعْيانَ:** ذ. [عَ. عَيْنُ ج اَعْيانُ] اکيون. وڏا ماڻهو – امير اُمراء. شيون. موجودات جا خارج ۾ ذرات.

– **اَعْيان ثابته:** ذ. الٰهي اسمن جون علمي صورتون.

• **اَغْذِيَهَ:** ثَ. [ع. غِذاءٌ ج اَغْذِيَه] غذائون – کاڌا.

• **اَغَزَّ:** صفت. [ع] اڇو چمڪندڙ. شريف. ستار پيشاني (گهوڙو).

• **اَغْراضَ:** ذ. [ع. غَرَضُ ج اَغْراضُ] غرض. ـ مطلب.

• **اَغْلاطَ:** ذ. [غَلَطُ ج اَغْلاطُ] غلطيون – چڪون.

– **اَغْلاط نامو ج اَغْلاط ناما:** ذ. غلطين جي فهرست – پُل نامو.

• **اَغْلَبُ:** صفت. [ع. "غالِبُ" جو تفضيل] وڌيڪ غالب – سوپارو. اڪثر – گهڻو ڪري.

– **اَغْلَبُ النّاس:** صفت. اڪثر ماڻهو "غَلَي الاغْلَب" = گهڻو ڪري – وڏو احتمالَ آهي.

• **اِغْمازَ ج اِغْمازَ:** ذ. [ع. اِغْمازُ = عيب ڪڍڻ. غمزو ڏيڻ] غمزو – اکين يا پُرن جو اشارو. غيب جوئي.

• **اِغْماضَ ج اِغْماضَ:** ذ. [ع. اِغْماضُ = اکيون پوري. چشم پوشي ڪرڻ] چشم پوشي.

• **اَغْنِياءَ:** ذ. صفت. [ع. غَني ج اَغْنِياءُ] شاهوڪارَ.

• **اِغْوا:** ذ. [ع. اِغْواءُ = لالڇائڻ. ڦُتارڻ] بدراهي – ڦُتارَ.

– **اِغْوا ڪَرڻ:** برغلائڻ – گمراه ڪرڻ – پڇائڻ.

• **اَغْيارَ:** ذ. صفت. [ع. غَيْرُ ج اَغْيارُ] غير ماڻهو – اوپرا – ڌاريا – بيگانا – اَجنبي – پراوا "غَيْرُوَ اَغْيارَ = دشمن ۽ دوست. سڄي دنيا"

– **اَغْياري ج اَغْياريون:** ث. ڌاريان ئي – حريفي.

• **اُفْ:** حرف ندا. [ع. اُف] ڏک ۽ غصّي ۾ ڦُوڪ ۽ جهٽڪ جو آواز. ڏک ۽ ارمان جو لفظ – درد جو ٿورو آواز. ٻڙڪ.

– **اُفْ نَ ڪَرڻ:** پرواهه نه ڪرڻ – چخي ڪرڻ.

• **اِفادو ج اِفاداً:** ذ. [ع. اِفادَه = فائدو ڏيڻ] فائدو – لاڀ – نفع.

– **اِفادَه وَاِسْتِفادَه:** ذ. سيکارڻ ۽ سکڻ جي حالت.

• **اَفاضِلَ:** صفت. [ع. اَفْضَلُ ج اَفاضِلُ] فاضِل ۽ عالِمَ ماڻهو.

• **اِفاقو ج اِفاقا:** ذ. [ع. اِفاقَه = جاڳڻ. بيماريءَ مان اُٿڻ] سجاڳي – هوشياري – بيماريءَ مان چاقائي.

• **اُفْتاد:** ث. [ف] عاجزي – ناچارگي. حياتيءَ جي شروعات – ٻالپڻو.

– **اُفْتادَگي ج اُفْتادَ گِيُون:** ث. نماڻائي.

– **اُفْتادَه:** صفت. ڪريل. عاجز – ستايل.

• **اُفْتان وخيزان:** ظرف. [ف] ڪرندو ۽ اٿندو.

• **اِفْتتاحُ ج اِفْتِتاحَ:** ذ. [ع] ڪنهن ڪم جي شروعات – آرنپ. "اللهُ اڪبر" چئي نماز شروع ڪرڻ جي حالت.

• **اِفْتخارُ:** ذ. [ع] فخر – وڏائي – هٽ. ناز.

• **اِفْتِرا:** ث. [ع. اِفْتراءُ] تهمت – الزام – بهتان. نندا – گلا.

• **اِفْتِراض:** ذ. [ع] فرض جي مقرري.

• **اِفْتِراقَ:** ذ. [ع] فراق – جدائي – وڇوڙو. اختلاف.

• **اِفْراتفري ث.** [ع. اِفْراطُ وَ تَفْريطُ = وڌ گهٽ. بي اِعْتدالي] پريشاني. گهبراهٽ – ڏڪيڙ – ڀاڄڙ. ڇڙ وڇڙائي.

• **اَفْرادَ:** ذ. [ع. فَرْدُ ج اَفْرادُ] فرد – جڏا – ماڻهو.

• **اُفْرادُ:** ظرف. [ع. اِفْراطُ = جهجهائي] گهٽي قدر – اجايو – عبث – بيجا. (صفت) مفت – بيفائدو ـ بيسود – نڪمو – بيڪار.

• **اُفْرادو:** صفت. اوپرو – اوڦٽو – ڌاريو.

• **اُفْراز:** صفت. [ف] مصدر "اَفراختن" جو اَمر. جو اسر جي پويان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيندو آهي "سرافراز = مٿو مٿي ڪندڙ". (ظرف) بلند – مٿاهون "سڄل سرافراز. ڪيو آٿي عشق اَجهَل" (سڄل).

• **اَفْراسيابُ:** اسر خاص. [ف] توران جي هڪ قديم بادشاه جو

Gul Hayat Institute

نالو (جو ايران جو ويري هو ۽ جنهن کي کيخسرو ماريو هو).

– **اِفراطَ:** ث. [ع] زيادتي – گهٽائي – واڌارو. (صفت) اجائِي – بي فائدي "عمر ويئي افراط اجائي، کين کمايو کوڏي کائي."

• **اِفْراطَ وَ تَفريطَ:** ث. جهجهائي ۽ ٽورائي – بي اعتدالي.

• **اَفْروزُ:** ذ. [ف] مصدر "اَفروختن" جو امر، جو اسر پٽيان اَڇي ان کي "فاعل مرکب" جي معنيٰ آهي "بوستان اَفْروز = باغ روشن کندڙ، عالَمَ اَفْروز = جهان کي اجاريندڙ، مَجْلِس اَفْروز = مجلس سينگاريندڙ"

• **اَفْروزَه:** ث. [ف] بتي يا ڏئي جي وَٽ.

• **اَفْروغ:** ذ. [ف. فروغ] روشنائي. نورجو ترورو – شعاع. زيب و زينت.

• **اَفْريتُ، اِفْريتْ، اِفْريدُ:** ذ. [ترڪي. اِفريت: ع. عفْريت] ديو – جنّ. خدمتگار – هانهو "اِفْريد کيائين اڳ ۾، نگُهَ نروارا" (رمضان کنيي).

• **اَفْزائش ج اَفْزائشُون:** ث. [ف. اَفْزودَن = وڌائڻ] واڌارو – زيادتي.

• **اَفْزود:** ذ. [ف. افزودن] زيادتي – واڌ – گهٽائي – جهجهائي. (صفت) زياده ـ جهجهو "الفت رک الک سين، اندر ۾ افزود" (شاهه).

– **اَفْزُودَگي:** ث. زيادتي – واڌ – اضافو.

• **اَفْزُون:** صفت. [ف] وڌيل – زياده ـ وڌيڪ – گهڻو. واڌارو کيل "روز افزون = روز بروز وڌندڙ"

– **اَفْزُوني:** ث. زيادتي – گهٽائي – جهجهائي – فراواني.

• **اَفْسار:** ذ. [ف] گهوڙي جي واڳ.

• **اَفْسانو ج اَفْسانا:** ذ. [ف. اَفْسانَه] کهاڻي عجيب و غريب قصو. کوڙي ڳالهه. نقل. فسانو. داستان. بيان (سورن جو).

– **اَفْسانه پَرْداز:** صفت. کوڙيون ڳالهيون ٺاهيندڙ.

– **اَفْسانه نگارْ نَوِيْسْ:** ذ. صفت. افسانو چٽيندڙ – افسانو لکندڙ.

• **اَفْسَرُ ج اَفْسَرَ:** ذ. [انگ. officer] عملدار – کامورو – آفيسر. سردار. حاڪر. [ف] تاج – چٽ.

• **اَفْسُرده، اَفْسُردو:** صفت. [ف] مايوس – کومايل – اُداس – دلگير – غمگين.

– **اَفْسُرْدَگي:** ث. دلگيري – اُداسي – مايوسي – ارمان. رنجيدگي. بي رونقي.

– **اَفْسُرْدَه بَيان:** صفت. جنهن جي ڳالهائڻ مان مزو نه اچي.

– **اَفْسُرْدَه جان، خاطِر دِل:** صفت. رنج – اُداس – پريشان حال – غمگين.

• **اَفْسَنْتين:** ث. [يوناني] گوماندر. پساريکي وکر جو هڪ قسم.

– **اَفْسوسْ ج اَفْسوسَ:** ذ. [ف] ارمان – ڏک – شوڪ – غم. صدمو. (حرف ندا) هاءِ! آهُ! "آتش اورانگهي ويا، اگڙ مون افسوس!" (شاهه).

– **اَفْسوسَ جا هَتّ مَلڻ:** پڇتائڻ.

– **اَفْسوسْ ڪَرڻ، ڪائڻ:** ارمان ڪرڻ – غم ڪرڻ – ماتم ڪرڻ – ڏک ڪرڻ.

– **اَفْسوسناڪ:** صفت. دکدائڪ – ارمان جهڙو.

• **اَفْسُون:** ذ. [ف] جادو – منتر – ٽيٽو. ٺڳي – فريب – چالاکي.

– **اَفْسُون پَرْدان ساز:** ذ. صفت. جادوگر.

– **اَفْسُون خوان:** ذ. صفت. جادو پڙهندڙ. جهاڙ وجهندڙ.

– **اَفْسُون گر:** ذ. صفت. جادو گر. ٺڳ.

• **اَفْشانْ:** صفت. [ف] مصدر "اَفشاندن" جو امر، جو اسر جي پٽيان اڇي اسر فاعل مرکب ڏيکاريندو آهي "خون افشان، زر افشان، عطر افشان، گل افشان وغيره". هاريل. پکڙيل. اڇلايل.

• **اَفْشاءْ:** ظرف. [ع. فَشَي] ظاهر – نروار – پڌرو.

– **اَفْشاءْ ٿِيڻ:** نروار ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ – کلڻ.

• **اَفْصَحْ:** صفت. [ع. "فَصِيحْ" جو تفضيل] وڌيڪ فصيح يا صاف زبان.

• **اَفْضَلْ ج اَفْضَلَ:** صفت. [ع. "فاضل" جو تفضيل] سڀ کان پلو – سڀ کان فضيلت وارو – تمام چڱو – بهترين پلارو.

• **اَفْضَلُ الذِّکر:** ذ. سڀ کان پلو ذکر "لااِلٰـهَ اِلاَّهُو".

• **اَفْضَلِيَتْ:** ث. برتري – فوقيت.

• **اِفْطارْ:** ذ. [ع] روزي چوڙڻ يا کولڻ جي حالت.

• **اِفْطاري:** ث. روزي کولڻ وقت کاڌي جي شيءِ.

• **اَفْعالَ:** ذ. [ع. فَعل ج اَفْعالْ] ڪر – ڪرتوت – فعلَ – لڇڻ "لنگها چڙلطيف چئي، اُجهڻ جا افعالَ" (شاهه).

• **اِفْعالْ:** ذ. [ع. اِفْعالهُ = ڪَرائِڻُ] فعل جو ٽيون مزيد ثلاثي وزن، جنهن تي سببي فعل ٺهن "نَزَلَ = لَهَڻ > اِنْزالُ = لَهرائِڻ، هيٺ ڪيرائڻ".

• **اَفْغانُ ج اَفْغانْ:** ذ. اَفغانستان جو رهاڪو – پٺاڻ.

– **اَفْغانستانْ:** اسر خاص. پاڪستان جي اتر اولهه ۾ افغانن جو ملڪ.

– **اَفْغاني ج اَفْغاني:** صفت. افغانستان جو (ث) افغانستان جو سڪو.

• **اُفَق ج اُفُقُون:** ث. [ع. اُفَقْ ج آفاقْ] زمين ۽ آسمان گڏ

Gul Hayat Institute

ڈسجڻ واري خيالي جاءِ ـ سَمسٽان – آڪاس گرب.

• **اُفْکار:** ذ. [ع. فِکْر ج اَفْکار] فِکر – خيال.

• **اُفْگار:** ذ. [ع] قٽ – زخم – چتو (وهت جي ٻنيءَ تي). (صفت) زخمي – قٽيل – مجروح. ٽڪر ٽڪر.

• **اُفْگن:** صفت. [ف] مصدر "اَفْگندن" جو امر اسر جي ٻنيان اچي اسر فاعل مرکب جي معنيٰ ڏيڪارينڌڙ "مرد افگن = ماڻهو اڇلائينڌڙ. شيرافگن = شينهن اڇلائينڌڙ. سايه افگن = پاڇو وجهندڙ".

• **اُفْگَنْدو ج اُفْگَـنْدا:** ذ. صفت. [ف] اُڇلايل – اڇليل – ڪيرايل. نيچ – خسيس. غلام.

• **اُفْگَنْدگي:** ث. [ف. افْگَنْدَن] ڪم بختي – نياڳائي – ندورائي. نوڙت – نياز "پوءِ پائڇ پير پڙ ۾ پرت جي: عاجزي، اَفگندگي اڳوار رک" (فاضل)؛ "بندگي افگندگي، اها ميڙ مڪيام" (شاه).

• **اِفْلاس:** ذ. [ع] ڪَٽلائي – سُڄائي – ڪنگالپڻو – غُربت – مسڪيني – ناداري – تنگدستي.

• **اَفْلاطُون:** اسر خاص. يونان جو مشهور فيلسوف. جنهن "الاهي حڪمت" جو پايو وڌو. (صفت) عقلمند – استاد – هوشيار – قابل. چالاڪ حرفتي – اٽڪلي.

– **اَفْلاطُوني:** ث. چالاڪي. حڪمت عملي.

• **اَفْلاکْ:** ذ. [ع. فَلَکْ ج اَفْلاک] فَلَک – آسمانَ – اَبَ. آسماني اجرام (آسماني گرهن وغيره جا دائرا) "زير و زبر اشاري ۾، افلاک ٽي پيا".

– **اَفْلاک خَزينَه:** ذ. اُهي نندا دائرا جي ذرتيءَ جي چوڌاري ڦريل نہ آهن.

– **اَفْلاک شناسْ:** صفت. [ع + ف] نجومي – جوتشي.

– **اَفْلاک کُلِيَه:** ذ. اُهي وڏا دائرا جي زمين جي چوڌاري ڦريل آهن.

– **اَفْلاکي ج اَفْلاکِي:** ذ. صفت. آسمانن جا پوجاري. آسمان ۾ رهندڙ. اُهي جي آسماني دائرن جي اثرن ۾ جُنبشن جو اڀياس ڪن ٿا.

• **اَفَنْدي ج اَفَنْدِي:** صفت. [ترڪي] سائين – سردار. لقب طور ڪم ايندڙ لفظ.

• **اَفْواجَ:** ث. [ع. فَوج ج اَفْواج] فوجون – لشڪر.

• **اَفْواهْ ج اَفْواه:** ذ. [ع. فوه (= وات) ج اَفواه] هُل – هاواٽو – غير معتبر ڳالهه – بي بنياد ڳالهه – بازاري گپ – سنسني – اَڏو – هَوڙَ.

– **اَفْواهي، اَفْوائِي:** صفت. اجائي – غير معتبر – بي اصل (ڳالهه) – هَليلَ.

• **اُفْيُونْ:** ذ. [سن. اَهِ ڦينْم، اڦينْم] آفيم – امل.

– **اُفْيوني ج اُفْيوني:** ذ. صفت. آفيمي – امل کائيندڙ – اَملي.

• **اُفِي ج اُفِيُون:** صفت. [ف. اُف] ڦوڪ. ڇُٽ – ناس.

– **اُفِي ڪَرڻ:** سنگت ڪٽائڻ. ناس ڪرڻ – سيڪجهه ڪپائي ڇڏڻ.

• **اُفْ:** ث. هُڇ – گرمي – اُهس – اُڪرس. پرتي – آپام – آڪري. – [ع. اُفّ] پٽڪو – گهٽو. نفرت جو آواز. (صفت) ڇٽ – ناس – برباد.

– **اُفْ اُفْ ڪَري، ڪَڍڻ:** تپائي ڏيڻ.

– **اُفْ ڏائِنْ:** جملو. هار جي ڪنگهه سائڻ وقت، هار جي روئڻ تي دائيءَ جو ڪيل آواز "هٽ ڏائنْ!"

– **اُفْ ڪَرڻ:** ڇٽ ڪرڻ – ڏُڇ ڪرڻ.

• **اُفاداتو ج اُفاداتا:** ذ. ڀڳانو (گهوٽ جي پويان ڪانن جو چوڪٽ، جو اهنريا ٻيو ڪو ڪٽي هلي).

• **اُفاڻُ (ل):** مصدر. [سن. اُشْٽرْ، اُشَٽ] ڪير جي خراب ٽيٽ ڪان بچائڻ لاءِ ڪيرجي ڪُني جي ماڄي پوءِ ان جي مارنگن تي اونڌو ڪري سيڪ ڏيڻ.

• **اُفائِنْ:** مصدر. [سن. اُشْمَ] ڇُهڻ. ٽڪر جي نئين ڀانوَ جي پاٽيءَ ۾ پچائڻ – اُمهائڻ – ڪنهن شيءِ جي تپائڻ.

• **اُفَتْ:** ظرف. [سن. اُدْ = مٿي، تي + پَدَمَ = هنڌ] انهيءَ هنڌ تي – اتي جو اتي – انهيءَ دم – بنهه – نيٽ – صفا. ٽڦٽپ.

– **اُفَتْ مارَنْ، ماري وڃَهَنْ:** صفا ماري ڇڏڻ – اتي جو اتي صفا ماري پورو ڪري ڇَڏڻ.

• **اُفْجَنْ:** مصدر. هُڦجَڻ – گرميءَ ۾ ماندو ٽيڻ.

– **اُفْجَر اُفْجَرا ج اُفْجِرائُون:** ث. [سن. اَپْسَرا] اپچر – پري. حور – تمام سهڻي زال – حسينه ـ اپسرا.

– **اُفْجَرائي ج اُفْجَرائِيُون:** ث. حسن – جمال – سونهن.

• **اُفَرْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سْفَرْ = ڦرڪڻ، ڏڪڻ] بنا ڦُرٽي – بي اونو – بي الڪو – بي فڪرو. ڳٽتيءَ ڪانسواءِ "ڪري من اُفَر سامي چڏيائين چن ۾" (سامي).

– **اُفْرو ج اُفْرا:** ذ. صفت. بي الڪو – بي فڪرو.

• **اُفْرانو ج اُفْرانا:** ذ. [سن. اُدْ = مٿي + پلشت = سيڪ آيل] سوڪ يا ڪنديل مانيءَ. پُڙن پُڙن واري سٽيءَ مانيءَ – ڪرڦانو.

• **اُفْراني:** ڦُندي ڦوڪجي.

• **اُفْرانْدو ج اُفْرانْدا (ث):** ذ. صفت. پڻيرو.

• **اُفْرڪَنْ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + سْفَرْ = ڦرڪڻ، ڏڪڻ] ننڍ ۾ ڳالهائڻ – دَبرڻ. ڦنڊڻ – ڦٽڻ. مٿي ٽيڻ – اُڦڙڪڻ –

Gul Hayat Institute

اڦلڪڻ. ڏونري جو جمي ڦٽيون ۽ پاڻي علحده ٿي پوڻ.
– **اَڦرڪ ج اَڦرڪون:** ث. ننڍ ۾ ڳالهاءِ – وڦل.
– **اَڦرڪائڻ:** مصدر "اَڦرڪڻ" مان متعدّي بالواسطه. ٽهڪائڻ – جوش ڏيارڻ.
• **اَڦرُدو (ٿ):** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جو پَڙن ناهڻ ۾ ڪم اچي).
• **اَڦرڪڻ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي، تي + سْڦُٽ = ڪلڻ، ويڪروٽيڻ] ڦندڻ. اُڦرڪڻ.
• **اَڦَلُ ج اَڦَلْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ڦَل = ميوو لاءِ] بي ڦَرو – نڦَلُ. بي فائدو – بنا نتيجي.
• **اَڦلڻ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + سْڦَل = ڏڪڻ] وڦلڻ – جايون ڳالهيون ڪرڻ. بڪ بڪ ڪرڻ. اُڦرڪڻ. ڏَبرڻ.
– **اَڦَلَ ج اَڦَلون:** ث. اجائي بڪ بڪ – بي فائدي گفتگو – بڪواس.
• **اَڦَنڊ:** مصدر. [سن. اُتْ، اُدْ = مٿي، تي + سْڦَل = ڦُندڻ؛ ڦِينَ = ڦيڻ، گِجي] جميل ڪير يا ڏونري جو گِجي ڪري ٽانوَ جي ڪنن کان ٻاهر نڪرڻ. ڦندڻ – اُيرڻ – اُڦرڪڻ. اُياماڻ. ڦِٽڻ (ڪير جو) تڪبّر ڪرڻ.
• **اَڦونڊ:** ث. [سن. اُدْ + مٿي + سْڦُنڊ = ڪلڻ، ڦوڪجڻ، ويڪروٽيڻ] آڪڙ – سيٽ – وڏائي – ڦوڪ. هٽ – تڪبّر.
• **اَڦونڊجڻ:** مصدر. سيٽجڻ – ڦوندڻ ۾ پرجڻ – ڦوڪجڻ.
• **اَڦونڪرو ج اَڦونڪرا:** ذ. صفت. اَڇڪرو. ٻاهريون بوتو وڏو اندر پورو – دٻي نہ پريل – ڦندبل – اُڦرڪيل. اَڇوڪرو – اڻيل – هلڪو – اڇاترو.
• **اَڦيِ ج اَڦيون:** ث. [سن. اُچّواس = سهڪي، ماندگي] ساه جي گهُٽ – مونجهه – سوڙهه. هُڦي. گهاٽو – نقصان – زيان – چيهو.
• **اَڦيرڪو ج اَڦيرڪا (ت):** صفت. [سن. اَ = نہ + پَر = پرڻ] مٽاچرو پريل – اڦرڪيل – ڦندبل.
• **اَڦيڪو ج اَڦيڪا:** ذ. صفت. بي ڍولو – ٽلهو متارو – بي زوروَ – اَڦيگو (ل) – ڦيٽو.
• **اَڦيگو ج اَڦيگا (ل):** ذ. صفت. اَڦيڪو.
• **اَقارِبَ:** ذ. [ع. قَرِيْبُ ج اَقارِبُ] ويجها مائٽ.
• **اَقالِيا:** ذ. [يوناني. اَڪيشيَا] ڌرتيءَ جي رَس (جا رت بند ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي آهي).
– **اَقالِيم سَبعَه:** ذ. هفت اِقْليمُ – ست ولايتون – آباد دنيا جا ست پَٽا.
• **اِقامَتَ ج اِقامَتُون:** ث. [ع. اِقامَةٌ = بيهارڻ] نماز ۾ تڪبير جي لفظن "قَدْقامَتِ الصّلواة" ٻڌڻ سان نماز لاءِ ڪڙو ٿي تيار بيهڻ جي حالت. بيهڪ – استقامت. ٽِڪڻ جي حالت.
– **اِقامَت گَزين:** صفت. رهندڙ.
• **اِقْبالَ ج اِقْبال:** ذ. [ع. اِقْبالٌ = اڇيان وڃڻ] بلندي – اوج – مرتبو – عروج – درجو. عزت – مان – شان. پاڻ – بخت – خوش قسمتي – خوش نصيبي – خوشحالي. سعادت – نيڪ طالع. (اسر خاص) پاڪستان جي مشهور اردو ۽ فارسي شاعر جو نالو – علامه اقبال.
– **اِقْبال مَنْدْ:** ذ. صفت. پلي پاڻ وارو – خوش نصيب.
– **اِقْبال مَندي:** ث. خوش نصيبي – خوش قسمتي – پلو پاڻ.
• **اَقْبَحُ:** صفت. [ع. "قَبيحٌ" جو تفضيل] وڌيڪ قبيح – بيڇڙو.
• **اِقْتِباسَ ج اِقْتِباس:** ذ. [ع] چونڊ – انتخاب. نقل – پنهنجي تصنيف ۾ ٻئي جي لکيت جو ورتل ڪجهه حصو.
• **اِقْتِدارَ ج اِقْتِدار:** ذ. [ع] طاقت – قوّت – پهچ – وسعت. عزت. مرتبو. درجو – عهدو. "بلند اقتدار = وڏي مرتبي يا رسوخ وارو".
• **اِقْتِرابُ:** ذ. [ع] ويجهائي – قرب.
• **اِقْتِصادُ:** ذ. [ع] ڪفايت – صرفو. "عِلْمُ الاِقْتِصادُ = سياست مدني: ارٿ شاستر"
– **اِقْتِصادي:** صفت. معاشرتي – مالي.
– **اِقْتِصادِيات:** ث. دولت جي پيداوار ۽ ورهاست بابت علم – اَرٿ شاستر.
• **اِقْتِصارُ:** ذ. [ع] اڪتفاء – قناعت. انحصار.
• **اِقْتِضا:** ث. [ع] گهُرَ – ضرورت.
• **اِقْتِضايِ حال:** ث. حالتن جي ضرورت.
• **اَقْدارَ:** ذ. [ع. قَدَرَ ج اَقْدارُ] انداز. خدائي قضائون.
• **اَقْدامَ:** ذ. [ع. قَدَمَ ج اَقْدام] پيرُ – قدمَ. اُپاوَ – وسيلا.
• **اِقْدامَ:** ذ. [ع] پيش قدمي – اڳرائي. قدم.
• **اَقْدَسُ:** صفت. [ع. "قُدّوس" جو تفضيل] سڀني کان پاڪ – وڏيڪ پاڪ. مُقَدّسُ.
• **اِقْرارَ ج اِقْرار:** ذ. [ع] انجام – وعدو – قول – وچن – سُخن – هوُل – پرتگيا. مڃتا – قبوليت. هائوڪار.
– **اِقْرار صريح:** ذ. صاف بيان.
– **اِقْرار ڪَرڻ:** انجام ڪرڻ – وعدو ڪرڻ. مڃڻ – قبول ڪرڻ – باسڻ.
– **اِقْرار مُبْهَم:** ذ. منجهيل بيان.
– **اِقْرارنامو:** ذ. انجام نامو – معاهدي جي لکيت – عهدنامو.

Gulshayat Institute

– **اِقْراري:** ذ. صفت. اِقرار ڪيل – اِقرار ڪندڙ – قبول ڪندڙ – باسيندڙ. انجامي.

– **اِقْراري ٿيڻ:** انجامي ٿيڻ. اقرار ڪرڻ. قبولدار ٿيڻ (ڏوهه جو). باسڻ.

• **اَقْرانُ:** ذ. [ع. قَرِنٌ ج اَقْرانٌ] هڪ جيڏا – همعصر.

• **اِقْرانُ:** ذ. [ع. اِقْرانٌ = گڏڻ] هڪ ئي احرام ۾ عمره ۽ حج ادا ڪرڻ جي حالت.

• **اَقْرَبُ:** ظرف. [ع. "قريب" جو تفضيل] قريب – تمام ويجهو.

• **اَقْربا:** ذ. [ع. قَريب ج اَقْربا] ويجها مٽ مائٽ – عزيز – خويش.

• **اَقْساط:** ذ. [ع. قِسط ج اَقْساطٌ] قِسْطُون.

• **اَقْسار:** ذ. [ع. قِسر ج اَقْسارٌ] قِسرَ – نمونا "زلف، عارض، خال، خط، دندادن، لب – هي مڙيئي ٽا ڇون اَقْسار سَرَ" (بلبل).

• **اَقْصَرُ:** صفت. [ع. "قصير" جو تفضيل] وڌيڪ ڇوٽو – سڀ کان ڇوٽو.

• **اَقْصيٰ:** ظرف. [ع. "قاص" جو تفضيل] وڌيڪ پري – سڀ کان پري. (اسر خاص) فلسطين ۾ مسلمانن جي پاڪ عمارت جو نالو (المسجدالاقصيٰ = پراهين مسجد) – بَيتُ المُقَدس.

• **اَقْطابُ:** ذ. [ع. قُطب ج اَقْطابُ] وڏا ولي "قُطب الاَقْطاب = قُطبن جو قُطب".

• **اَقَلُّ:** صفت. [ع. "قَليل" جو تفضيل] بيحد ٿورو – تمام قليل.

– **اَقَلَ قَلِيْلُ:** صفت. ٿوري مان ٿورو.

• **اَقْلامُ:** ذ. [ع. قَلَمُ ج اَقْلامُ] قَلَمُ.

• **اَقْلِيّت ج اَقَلِيّتُون:** ث. ٿورڙائي.

• **اُقْلِيدَس:** اسر خاص. [يوناني. يُوڪلِد] هڪ يوناني حسابدان جو نالو.

• **اِقْلِيمُ:** ذ. [ع. اِقْليمُ ج اَقاليم] زمين جي متاچري جو هڪ پَٽو يا پاڳو. هفت اقليم جي سَتن پَٽن مان هڪ پَٽو (مشرقي جغرافيه دانن هفت اقليم کي ڪُرهِ ارض جي ڇوٽين حصي ۾ ورهايو آهي). ولايت – مُلڪ.

• **اَقْوالُ:** ذ. [ع. قولُ ج اَقْوالُ] نصيحتون گُفتا – ڳالهيون.

• **اَقْوام:** ز. [ع. قَوم ج اَقْوامُ] قومون.. فرقا – مَذهَب.

• **اَقْويا:** صفت. [ع. قَوي ج اَقْويا] قُوَت وارا – سَگهارا.

• **اِقْيانُوسُ:** ذ. [يوناني] وڏو سمَنڊ – مها ساگر.

• **اَكُ ج اَكَ:** ذ. [سن. اَرْكَ] هڪ مشهور وَڻ.

– **اَكارَ ج اَكارَ (ڪ):** ذ. اَڪ جي تندن جو رسو.

– **اَكارو:** ذ. صفت. اَڪ جي کيرسان داغيل. اَڪارو (ڏسو).

– **اَڪَ تي اَنو هارَڻ:** بي فائدو ڪم ڪرڻ.

– **اَڪَ تي ماڪِي هارڻ:** مُورک کي سمجهائڻ.

– **اَكَ تَنْرُ ج اَكَ تَنْرَ:** ذ. اڪ جي انبڙيءَ جو اندريون مغز.

– **اَكَ تَنْوَ ج اَكَ تَنْوَ:** ذ. اَڪَ جي ڪپهه مان جيت مثل اَڏامندڙ ذرو. اَڪَ ٽُنڙو.

– **اَكَ تَنْرو ج اَكَ تَنْرا:** ذ. اَڪَ جي ٻُوٽي جو ڦُر – اَڪَ جو اَنْبُ.

– **اَكُ پاڏيئو ج اَكَ پاڏيئا (ث):** ذ. اَڪَ تَنڙو.

– **اَكَ پَڙو ج اَكَ پَڙا (ث):** ذ. اَڪ جو پَن.

– **اَكَ پوكڻ:** ڪنهن سان ٺهي نه هلڻ.

– **اَكَ جو بُنڊ، ڪُڻ:** ذ. نازڪ ماڻهو.

– **اَكَ جي ماڪِي:** محاورو. سَولي ڳالهه – تمام آسان ڪم.

– **اَكَ جي ماڪِي سَمجهڻ:** ڪنهن ڪم کي سَولو سَمجهڻ.

– **اَكَ جي ماڪِي لاهڻ:** آسان ڪم ڪرڻ. بنا تڪليف ڪم پورو ڪرڻ. مفت ۾ فائدو حاصل ڪرڻ.

– **اَكڙو ج اَكڙا:** ذ. "اَڪَ" جو اسر تصغير – نندو اَڪُ. سنڌ ۾ ڪن ڪوٽن جو نالو.

– **اَكَ سان اَك اَڳهڻ:** ڏِسي وائسي نقصان جهڙو ڪم ڪرڻ. جوڪائتو هلڻ. پاڻ ڏاڍي سان هٿ انڪائڻ.

– **اَكَ سِٽي:** ث. اَڪَ جي سُڪل چوڏيءَ جُون تَندُون (ڪ).

– **اَكَ ڦاڏيئو ج اَكَ ڦاڏيئا (ث):** ذ. اَڪَ جو پَن.

– **اَكَ ڦُرُ ج اَكَ ڦُرَ:** ذ. اَڪَ تَنڙو.

– **اَكَ ڦُلڙي ج اَكَ ڦُلڙيُون:** ث. اَڪَ جو گل "اَڪ وَڻ جي ڦلڙي. ميوا بيد وَڻن – جنهن پڙي ۾ نه پيا سو سائو ڪِينَ وَڻن" (گرهوڙي).

– **اَكَ ڦُليئو ج اَكَ ڦُليئا (ث):** ذ. اَڪَ ڦُلڙي.

– **اَكَ كارا ڪرڻ:** (طنزاً) وڏي ڪاميابي حاصل ڪرڻ – سوپ جهڙو ڪم ڪرڻ – وڏو ڪم ڪرڻ – ڪنهن مُهم کي مٽو ڏيڻ. ڪرامت ڪري ڏيکارڻ. (مجازاً) ڪجهه به نه ڪرڻ – سوجهرو نه ڪرڻ.

– **اَكَ ڪَرُ:** زمين جو اڪ پيدا ڪرڻ – زمين جو آبادي ڪان ڪرڻ "زمين ڪري اَڪ ڪري".

– **اَكَ مَكَرُ ج اَكَ مَكَرَ:** ذ. اَڪَ تي ويهندڙ سائو جيٽ – سائو مَڪڙ. گوگو (ث).

– **اَكَ وات ۾ اَڇڻ:** خراب ڳالهائڻ. ڪاوڙ ۾ آڇڻ.

– **اَكَن تي اَنو هارَڻ:** آجايو نقصان پائڻ. بيسود ڪم ڪرڻ.

– **اَكَن تي پارو:** محاورو. سختي سان تباهي.

– **اَكَن تي پارو پوڻ، پٽجي وڃڻ:** سخت سيءَ سببان اڪن جي

Gul Hayat Institute

پنن جو بلڪل سُڪي سڙي، پُري وڃڻ (رواجي سيءَ کان اڳ متاثر نہ ٿيندو آهي، اڪن جو سڙي وڃڻ سخت سيءَ جي مترادف آهي). صفا تباهي ٿي وڃڻ. بلڪل خاتمو ٿي وڃڻ. ڪنهن ڏاڍي جو هيٺن سان ڪلور ڪري ڇڏڻ. غريبن سان نسورو ظلم ٿيڻ.

– **اَڪَن جي واڙِ ويهڻ (ت):** هيٺو ٻنجڻ – اَپرو ٿيڻ.

– **اَڪَن سَان ڪَنهڙ:** نُقصان جهڙا ڪم ڪرڻ. ڏاڍين سان هَٿ اَٽڪائڻ.

– **اَڪَن کان آما (اَنب) گهُرڻ:** بَخيل پر نَفعي جي اُميد رکڻ

– **اَڪَوارو ج اَڪَوارا (ث):** ذ. اَڪَ جي ڪائيءَ جي ڪل مان نڪتل سَنها تاندورا.

– **اَڪيرو ج اَڪيرا (ل):** ذ. صفت. اڪَن وارو هنڌ.

• **اِڪَ (ت):** ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم. اِڪَڙُ.

• **اُڪ:** ث. [سن. اُتاپ] ہُوسَتَ – گهُٽَ – رُگهَ – اُڪرس. اَجَ – پياس – تاسَ – تَونس. اُڪَندِ – اُڪيرَ – چڪَ – تانگهَ.

– **اُڪَ ڪنگهه:** ث. سُڪي ڪنگهه ـ پُڪَ ڪنگهَ.

• **اِڪا ج اِڪائون (ت):** ث. اُڪرَس – گهُٽَ. (صفت) هڪُ.

• **اَڪابِرُ ج اَڪابِرَ:** ذ. صفت. [ع. اَڪبر ج اَڪابر] عقل وارو – هوشيَار – قابلَ – سياڻو – ڏاهو. لائق مُدبر. وَڏو – بُزرگ. نالي وارو – نامياروـ مشهور.

• **اَڪاجُ ج اَڪاجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + کاريہ = ڪاجُ. ڪم] بي ڪَمو – نڪمو – نڪارَ. بيعقل – بي سَمجهَ – بي هنر – جَٽُ – آڪاجُ "آيل آءٌ آڪاج. هول هاروجي وترو" (شاهه). (ث). اَڪاجَ ج اَڪاجُونْ "اَت اُڪندبي آهينا، عُمر آءٌ اَڪاجَ" (شاهه).

– **اَڪاجي:** صفت. بيڪار (شيءِ، جانور) – بي همت – آلسي (ماڻهو).

• **اَڪارُ ج اَڪارَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + کاريہ = ڪم] نِڪمَو – بي ڪَمو. سُست. اَجايو – فضول – واهيات.

– **آڪارَتُ، اَڪارَتُ ج اَڪارَتَ، اَڪارَتَ:** ذ. صفت. [سن. اَ + کاريہ + اَرتَ] بي فائدو – بي سود – اَجايو. نڪمو – ضايع – بيڪار – فضول.

– **اَڪاريو ج اَڪاريا:** ذ. [سن. اَڪاريَہ] بيڪار – اجايو – بي فائدو – اَڪَاجُ.

– **اَڪارتو ج اَڪارتا:** ذ. صفت. نڪمو – بيڪار – اَجايو.

– **اَڪارئون:** ذ. صفت. نڪمو – بيڪار.

• **اَڪارَم:** ذ. [ع. اَڪرَمُ ج اَڪارِمُ] سڀ کان ڪَريم (سخي) – شريفَ – سڳورا.

• **اَڪارَڻ:** ظرف. [سن. اَ = نہ + کارڻ = سبب] بي ڪارڻ – بي سبب – حق ناحق.

• **اُڪارَڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ = مٿي + کرش = ڇڪڻ] مٿي ڇڪي ڪڍڻ – چاڑهڻ. پار لنگهائڻ – هيءَ ڪنڊيءَ رسائڻ – اُپڙائڻ "ڪَپَرڪارونيار، اُڪاريين احسان سين" (شاهه). (اُڪاريو – اُڪاريندو – اُڪاريل).

– **اُڪارَ ج اُڪارُون:** ث. پار ڪرڻ واري حالت.

– **اُڪارُڻي:** ث. اُڪارڻ جو محنتاڻو يا اُجورو.

• **اُڪارَو ج اِڪارا:** ذ. اَڪ جي ڪائيءَ جي ڪَل مان نڪرندڙ سنها تاندورا (جنهن مان مضبوط نوڙيون ٺهن ۽ هاري ڪانياڻين جا پوڇڙ وَٽين). اَڪَ جي تاندورن مان ٺهيل رَسي "هڪ چرڪ ساڻ چوڙي ٻنڌڻ چني چڏايم – ڪاهار ۽ اَڪارو توڙي، سڻي سِجاتو" (آسو).

• **اِڪارَهن:** صفتَ. [سن. ايڪادَشْنْ] يارهن (11).

• **اُڪاسَڻ:** مصدر. [سن. اُتْسُک سڪڻ – چاهڻ – واجهائڻ. "اُڪاسيام يارهينءَ اَباڻا اوطاق" (مولانا غلام محمد مَلڪاڻي). سَڙڻ – پَڇڻ – تڙڦڻ. پريشان ٿيڻ. (اُڪسايو – اُڪاسيندو – اُڪاسيل)

– **اُڪاسَ ج اُڪاسُوَنْ:** ث. پياسَ – اُڪير – اِشتياق – سڪَ – چڪَ – تانگهَ – طَلب – اُڪَندَ.

– **اُڪَاسجڻ:** مصدر "اُڪاسڻ" مان فعل مجهول. دل جو چِڪڻ – من ڪاڏو ٿيڻ.

• **اُڪاسيو ج اُڪاسيا:** ذ. صفت. سڪايل – سِڪَ رکندڙ.

• **اَڪالُ ج اَڪال:** ذ. [سن. اَ = نہ + کال = وَقت] وقت جي حَد کان آزاد – ڪال کان بچيل. بي وَقت – بي موقعي. موت کان اڳو. قحط سالي – خُشڪ سالي – ڏُڪارَ. مهانگائي – گراني.

– **اَڪال پُرشُ، پُرکُ:** ذ. سَدا حيات – سدائين جيئرو – دائر قائر.

– **اَڪال پُنْڊُ:** ذ. خالصن جو هڪ پنڊ.

– **اَڪال پُنڊِي:** ذ. صفت. اڪال پنڊ جو فرد (سک يا خالصو) – اَڪالِي.

– **اَڪالو ج اَڪالا:** صفت. بي وقتو – ڪُمَهلو.

– **اَڪالو موت:** ذ. بي وقتو موت.

– **اَڪالِي:** ذ. گرو گوبند سنگهه جو پوئلڳ سڪ – اَڪال پَنڊِي.

– **اَڪالِي دَل:** ذ. اَڪالي سکن جو مجموعوَ.

• **اُڪانجهَر:** ث. اَڪير – سِڪَ – چِڪ – تانگهَ – محبت – چاه ـ پيار.

Gul Nawaz Institute

• **اُکانبو:** اُکنڊ. انتظار سڪ.
• **اُکانهُ، اُکانهُن:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + کَتْ = ٻڌائڻ] اَکھَ – جيڪو ٻڌائي نہ سگھجي – چوڻ کان ٻاهر – بي بيان.
• **اُکائِجڻ:** مصدر. قِنڊي وڃڻ – قِنڊڻ (دوستي).
• **اُکائڻ:** مصدر. روانو ٽيڻ. (اُکاٽيو – اُکاٽيندو – اُکاٽيل).
• **اُکائِڻ:** مصدر. کپائڻ – آزارڻ – تنگ ڪرڻ – خفي ڪرڻ – دق ڪرڻ. (اُکائيو – اُکائيندو – اُکائيل).
• **اُکائِڻ:** مصدر. [سن. ۱. اُوْگھَ = اُکو مُنو؛ ۲. ايڪي ڪَرْڻْ = حساب چڪائڻ] روانو ڪرڻ – موڪلڻ. ختم ڪرڻ – ليکو صاف ڪرڻ – حساب چُڪتُو ڪرڻ.
– **اُکائِجڻ:** مصدر "اُکائڻ" مان فعل مجهول. ٿڙي پکڙي وڃڻ (ڪڪر). قِنڊڻ – ختم ٽيڻ. اُس نِڪرڻ.
– **اُکائي وڃڻ:** فيصلو ڪري وڃڻ.
• **اُکائونٽ ج اُکائونٽ:** ذ. [انگ. account] حساب – حساب ڪتاب – ليکو چوکو.
• **اُکَائي:** اِسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ڏيهه.
• **اُکْبَرُ:** ذ. صفت. [ع. "ڪَبيرَ" جو تفضيل] سڀ کان وڏو – وڏيڪ وڏو. (اسم خاص) ڏٺي تعالىٰ هو هڪ صفاتي نالو "اللّٰه اکبر = اللّٰه سڀ کان وڏو آهي" مشهور مُغل شهنشاه جو نالو جنهن ۱۵۵۶ ع کان ۱۶۰۵ ع تائين هندستان تي حڪومت ڪئي.
– **اُکبر جو مَکبر:** محاورو. اَٽي جو گهوٻاٽو – سُوال از آسمان، جواب از ريسمان.
– **اُکبر جو مکبر وڃڻ (ت):** ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن وڃڻ.
– **اُکبَري ج اُکبَري:** صفت. اڪبر جي زماني جو سڪو. منائيءَ جو هڪ قِسم – ٽِڪي. وڏو (حج) "حج اَکبري (اَکبر) = وڏو حج. جو جمعي جي ڏينهن ٿيندو آهي. جنهن جو ثواب ايڪيهن حجن جي برابر آهي".
– **اُکبَري اَشرَفي ج اُکبَري اَشرفِيُون:** ث. اڪبر بادشاه جي زماني جي سَوني مُهر (جنهن جو مُلهه سورهن روپيا هو).
– **اُکبَري سيرُ:** ذ. اَڪبر بادشاه جي زماني جو سيرُ (تورجو ماڻ).
• **اُکبَنْدُ ج اُکبَنْدَ (ک):** ذ. صفت. سَربَسته ـ سڄو – سَمورو.
• **اُکَتَرُ:** اسم خاص. دادو ضلع جي تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **اِکْتِسابُ:** ذ. [ع] آمدني – ڪمائي – پيدائش – حاصلات.
– **اِکْتِسابي:** صفت. حاصل ڪيل. اُها شيءِ جا اصلي پيدائشي نہ هجي. اُهو علم جو طبع جي زور تي حاصل ڪجي ۽ نہ خدائي ذات (وهبي) هجي. غير موروثي مرض.
• **اِکْتِفاجِ اِکْتِفائُون:** ث. [ع] ڪِفايت – صَرفو – سنجم – پورت – پورائي.
– **اِکْتِفا ڪرڻ:** قناعت ڪرڻ. راضي رهڻ.
• **اَکَتُ ج اَکَتّ:** صفت. [سن. اَ = + کَتْ] کَٽڻ يا چوڻ کان ٻاهر – نہ کَٽڻ جهڙو – بي بيان – بيحد – اَپار – بي شمار – بي انداز.
• **اَکْتُ:** ذ. [انگ. Act] قانون – قاعدو – دستور آکٽراءِ ڊيوٽي – ميونسپل محصول (گيهه وغيره تي).
• **اَکْتُ مَکْتُ:** ذ. جُلاب ۾ ڪم ايندڙ هڪ دوا.
• **اُکْتُوبَرُ:** ذ. [انگ. October] سال جو ڏهون مهينو – آڪٽوبر.
• **اِکْتِير مکتير ڪرڻ:** چا جو چا بَڪڻ.
• **اَکْثَرُ:** صفت. [ع. "کَثَرَ" جو تفضيل] وڌيڪ – زياده ـ گهٽو. (ظرف) گهٽو ڪري – عموماً.
– **اَکثراوقات:** ظرف. گهٽو ڪري – خاص ڪري – بارَها.
– **اَکثرڪري:** ظرف. گهٽو ڪري – بارها.
– **اَکثَري:** ظرف. اَڪثر – عموماً – گهٽو ڪري.
– **اَکثَريَتُ:** ث. [ع] گهٽائي – جهجهائي – زيادتي. قانوني مجلس ۾ هڪ پارٽيءَ جي ميمبرن جي گهٽائي.
• **اَکْحَلُ:** ذ. صفت. [ع. کُحْلُ = سُرمو] سُرميل – ڪارَ اکيو.
• **اِکْدادُ ج اِکْدادَ (ت):** ذ. [ع. اِعتقادُ] پروَسو – آسرو.
• **اَکْذَبُ:** ذ. صفت. [ع. "کاذِب" جو تفضيل] وڌيڪ ڪوڙو – سڀ کان ڪُوڙو.
• **اَکُرُ ج اَکُر:** صفت. [سن. آکري] وڏي قيمت يا گهٽي مُلهه وارو – آڪرو – مهانگو ـ گران. ڏُکَر – قحط – ڪالُ. محال – ڏُکيو.
– **اَکُرُ ڏُکَنُ:** تمام مهانگي شيءِ وٽڻ.
– **اَکُرُ لُڳُ:** قحط پوڻ – ڏُڪار پوڻ.
• **اَکراتَ ج اَکراتُون (ک):** ث. [سن. اَکْرتا] کاوڙ – غُصو – خارَ.
• **اَکْرَاوُ:** اِسم. خاص. تعلقي مٽيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **اِکْراسَ ج اِکراسُون:** ث. مرضَي – رضامندي.
• **اَکْراسَڻ (ت):** مصدر. ٻُڌڻ جي ڏُکي ڪوسي پاڻيءَ سان ڏوئڻ.
• **اِکْرامُ ج اِکْرامَ:** ذ. [ع] عزت – آبرو – توقير – تعظيم.

Gul Hayat Institute

بخشش – مهرباني.
• **اُکْرائِي:** اِسر خاص. رياست خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اِکْراهُ:** ذ. [ع] زور – زبردستي. نفرت. ناخوشي.
• **اُکَرتَرڪ:** فعل. [سن. اَ = نہ + کَرتَر = ڪر ڪندڙ] گرامر ۾ هڪ پريوگ جو نالو – فاعل کان سواءِ فعل – فعل بي فاعل "هي ڪر ڪرڻ گهرجي" جو فعل "ڪرڻ گهرجي".
• **اُکَرڙو ج اُکَرڙا (ل):** ذ. [سن. ١. اَوَکَر نِکَرَہ = چيٽن جو نالهه: ٢. اُتْکَرَسْ = گنڊ، ڊير، ڊِڪَ] گند اُچلائڻ جي جاءِ ـ اَروڙي – دڙو – ڊِڪَ. (ث) اُکرڙي ج اُکرڙيُون.
• **اُکَرَس ج اُکَرَسُون:** ث. گهٽي گرمي – گهُٽَ – ہُٽَ – اُتَت. گرميءَ جو اُباءُ. آڙنگ – رُگهه – اَہَتَ – اَہَس – ڪاڙهو – اوگهه.
• **اُکَرمُ:** صفت. [ع. "ڪريم" جو تفضيل] وڏيڪ ڪرم وارو – ڏاڍو ڪريم. ہاجهارو. وڏو سخي – فياض – دَيالُو. (اسم خاص) مرد جو نالو.
• **اُکَرُنجهَ:** ث. [سن. آڪاڱڪشْ = سڪڻ، سَڏ ڪرڻ] محبت – سڪ – تانگهه – اُڪانجهر.
• **اُکَرنبو ج اُکَرنبا (ث):** ز. تنگ ہَڏڻ لاءِ چمڙ جو ڪَشو.
• **اُکَرُڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَرْشَنْ = مٽي چڪي ڪڍڻ] پار وَڃڻ – ہيءَ پر لنگهي وَڃڻ – پار پوڻ "اُکري آرا ڪنڊيءَ پِڇ ڏاکڙي" (شاه ڪريم). [سن. اُتْکُري] ڪاٽ يا پٽر تي چٽ ڪنڊ – چٽ ڪڍڻ. ہيڻين جو هڪ ہَٿي پرسان لنگهڻ. (اُڪريو – اُکَرندو – اُکريل).
– **اُکَرُ ج اُکَرُون:** ث. [سن. اُتْکري = اُکيرڻ، چٽ ڪڍڻ] ڪاٽ يا ڪنهن ڏاتُوءَ تي چٽسالي‌ءَ جو ڪَر – قلم ڪاري.
– **اُکرائڻ:** مصدر "اُکرڻ" مان متعدي بالواسطه. نقل ڪرائڻ – اُتارائڻ.
– **اُکرِڙي ج اُکرِڙيُون:** ث. [سن. اُتکارَ] اُکَر جو ڪم – چٽسالي. کوٽائي.
– **اُکري وَڃڻ:** لنگهي وڃڻ – پار ڪرڻ (درياه وغيره)
• **اُکَرو:** اِسر خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **اُکري:** اِسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اِکَري بکري (ڪ):** ذ. ہارن جي راند ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ بي معنيٰ لفظ.
• **اُکَڙ:** صفت. [اَ = نہ + ڪڙ = ہَڏڻ] اَڻ ہَڏل.
• **اِکڙ ج اِکڙ:** ذ. ہُوٽي جو هڪ قسم جو خريف جي فصل ۾ اُپري.
• **اُکڙبَکڙ:** ذ. راند جو هڪ قسم.
• **اِکڙو بِکڙو (ڪ):** ذ. ايڪڙ ٻيڪڙ.
• **اُکُڙُڻ:** مصدر. مال جو ڪنڊ ورائي وڻ ڇڙڻ.
• **اُکڙَڻ:** مصدر. [سن. اُت + ڪُوَٹ] گهٽو گرم ٿيڻ – تهڪڻ. (اُکڙيو – اُکڙندو – اُکڙيل).
• **اُکڙو:** اِسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اُکِڙي:** ث. ہوٽي جو هڪ قسم (جو دوائن ۾ ڪم اچي). (اِسر خاص). تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو. فيض گنج ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.
• **اُکيرِتُ ج اُکيرِيتَ:** صفت. آڪڙ وارو – مَغرور – تيڪڙ باز.
– **اُکَسُ ج اُکَسَ (ڪ):** ذ. [ع. عَکَسَ] دُشمني – ضد – ويرُ. سارُ – تيسو "ڏونگر ڏکوين سين، ڪو اڳيَ هوءِ اُکَسُ" (شاه).
– **اُکَسُ ڪاڍو ج اُکَسَ ڪاڍا:** ذ. صفت. اندر جو ڪوڙو اندر رَڏو – دَغا باز – ڪنبو.
– **اُکَسي ج اُکَسي:** صفت. دُشمن – دغا باز – ويري.
• **اُکَسَ ج اُکَسُون:** ث. [سن. اُتْ + ڪُوَٹ = تهڪڻ] گرمي – گهُٽَ. پاڻِيءَ جي ہاڻَ.
• **اُکسائڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ + کَسْ = چورڻ، ڇُرڻ] پَڙڪائڻ. چاه پيدا ڪرڻ. (اُکسائيو – اُکسائيندو – اُکسائيل).
• **اُکسِيرُ ج اُکسِيرَ:** ذ. [ع. اِکْسِيرُ] تامي کي سون بنائيندڙ دَوا – ڪيميا – پارس. هِکَتِ دوا. تِرياق. آب حيات. (صفت) نهايت مُفيد.
– **اُکسيرِ اَحمَر:** ذ. ڪيمياڻي ڳاڙهي دوا.
– **اُکسَيرِ رنگ، مردمي:** ذ. شَرابُ.
– **اُکسَيرِ گر:** ذ. صفت. ڪيمياگر.
• **اِکْفاءُ:** ذ. [ع] شعر ۾ قافيي جو هڪ عيب، جنهن ۾ حرف روي يا قيد مختلف هجي، بشرطيڪ مخرج ساڳيو هجيس "صباح ۽ سپاه يا بحر ۽ شهر".
• **اَکْفَرُ:** ذ. [ع] ڪٽو ڪافر – بلڪل مُنکر. سخت يا وَڏيڪ اَحسان فراموش.
• **اُکْلُ:** ذ. [ع] غذا – روزي – کاڌو.
• **اُکْلُ حَلال:** ذ. حلال جي روزي يا کاڌو.
• **اُکَلُ ج اُکَلَ:** صفت. [سن] اَڻ ڇاتل – لاحد. اَڻ ورهايل – بسيط – سجو.

Gul Hayat Institute

• **اُکلڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَلْ < اُدْ = متي + کل = چوڙڻ، ڊرو ڪَرڻ] نيڪال ٽيڻ – پورو ٽيڻ – فيصل ٽيڻ. وات مان ڳالهه نڪرڻ "ڳالهائڻ، نٽو اُکلي". ٽيڻ (ڪم). اُڇهڻ – پُڇڻ. جلدي ٽيڻ. تعميل ٽيڻ – پوئواري ٽيڻ. (اُکليو – اُکلندو – اُکليل).

– **اُکلَ ج اُکلُون:** ث. اُکلڻ واري حالت – سيگهه – جلدي.

– **اُکلاءِ ج اُکلاءِ:** ذ. ڪم جو پورائو – نيڪال – تڪميل.

– **اُکلاءِ ڪرڻ:** جلد پورو ڪرڻ – جهٽ ختم ڪرڻ. ڇيڙو ڇڏائڻ – فيصلو ڇڏائڻ.

• **اِخْلاص (ت):** ذ. [ع. اِخلاصُ] سچائي.

• **اِڪْليلُ ج اِڪليل:** ذ. [ع] تاج – ڇت. اڪ جي ڪاراڻ ۽ سفيديءَ جي حَد – اڪ جي ڪاراڻ جو حَلقو.

– **اِڪليل الجبل:** ث. سُرهي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (Rosemary).

– **اِڪليل الملک:** ث. بادشاه جو تاج. سُرهي ٻوٽيءَ جو هڪ قِسر (Nelidot).

• **اِڪْمالُ:** ذ. [ع] ڪر جو پورائو. تڪميل.

• **اَڪْمَل:** ذ. [ع. "ڪامل" جو تنضيل] وڌيڪ ڪامل – سڀ کان ڪامل – سمپورڻ.

• **اَڪْمو ج اَڪْما (ل):** صفت. [سن. اَ = نہ + ڪَرْمن = ڪم] بيڪار – نڪارُ – نڪمو.

• **اَڪْناف:** ڏ. [ع. کَنْفُ ج اَکْناف] حدون – سَنڌا – سَرحدون "اطراف و اَکناف = پسگردائي، گردونواح".

• **اَڪَنْ پرحڻ (ڪ):** بُبيُون پرحڻ – بالغ ٽيڻ – ڏُڪا ڪيڻ.

• **اَڪُنْڌُ:** صفت. لازوال – غيرفاني – اَبناسي.

• **اَڪُنْ ڇَڪُنْ:** صفت. عاشق – مستان – مفتون – فدا – شيدا – قربان – صدقو – ٻلهار.

– **اَڪُن ڇَڪن ٽيڻ:** فدا ٽيڻ – محبت ۾ مست ٽيڻ.

• **اَڪُنْڌ، اَڪُنْڊِ ج اَڪُنْڊون، اَڪُنڊيون:** ث. [سن. اُتْکُنْنا < اُتْ = مٿي + کُنْ = ڪنڌ] پيار – محبت – پريت – نيهُن. سڪ – اُکيڙ – حُبّ ڪشش – چڪ – تانگهه (۱) "اکين ۾ اَڪنڊ، مُئيءَ کي ميهارجي"؛ (۲) "پيلو پيري پج، اَڪنڊ ڪٺ اَپار ۾" (شاه).

• **اَڪُنڊ پرحڻ:** گهٽي اُکيڙ سبب وياڪل ٽيڻ. سڪ کان دل پرحڻ. تمام گهٽي سڪ لڳڻ.

– **اَڪُنڊائڻ:** مصدر. سڪ رکڻ – چڪجڻ – اُکيڙحڻ – اُکنڊائڻ.

– **اَڪُنڊجڻ:** مصدر. سَڪڻ – واجهائڻ – اُکنڊجڻ.

– **اَڪُنڊي ج اَڪُنڊيُون:** ث. صفت. سڪايل – اوسيڙيل – منتظر – واجهائيندڙ.

– **اَڪُنڊيو ج اَڪُنڊيا:** ذ.صفت. سڪايل – سڪندڙ – آسروند "توکي ساريو ساه، اَڪُنڊيو آهون ڪري" (شاه).

• **اَڪَڻُ:** مصدر. [سن. اَ = نہ + کَن = راضي ٽيڻ] آزارڻ – بيزار ڪرڻ – خفي ڪرڻ. (اَڪيو – اَڪائيندو – اَڪايل).

• **اِڪو ج اِڪا:** صفت. [سن. ايڪ =هڪ] يَڪو – هڪڙو – هڪ عدد.

• **اُڪو ج اُڪا:** ذ.صفت. [سن. اُڪَهَ = اُڪو. سڄو] سڀ – ڪُل – سَڄو – سَرَبستو. علي الحساب – ٻَڏو – سمورو. سيڪُجهه – هَڙموڙي. دوم شوم.

– **اُڪو ڦُڪو ج اُڪا ڦُڪا:** ذ. (واپاري اصطلاح) ٻَڏو – سربستو – ڪُل.

– **اُڪو ڏُڪو:** ذ. اَنڪل روءِ ـ اندازو – ڪَڇَ – تَڪ.

– **اُڪو مُڪو:** ظرف. ٻَڏو – سربَستو.

– **اُڪو هُڪو:** ظرف. اٽڪل روءِ ـ اندازو.

– **اُڪوئي:** ظرف. مڙيئي – سَمورو – سڀ.

– **اُڪوئي وَڃڻ:** بنهَه وڃڻ – ماڳهين وڃڻ.

– **اُڪوتو ج اُڪرَتا:** ذ. صفت. ڪچيءَ دل وارو.

• **اُڪوتو:** اِسر خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُڪور:** اِسر خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُڪُورو ج اُڪُورا (ڪ):** صفت. گهٽو – جهجهو – مَٹو – جام.

• **اُڪُوڙ ج اُڪُوڙ (ل):** صفت. [اَ = نہ + کوڙيل] اَڻ ڪَتريل (جويايو مال).

• **اِڪولاهي ج اِڪولاهيُون (ث):** ث. اڪيلائي – ايڪولائي. ڇَلا وغيره ناهڻ لاءِ سونارن جو هڪ اوزار.

• **اُڪُونُجُ ج اُڪُونُجَ:** ذ. صفت. [سن. اگوچر] بي انتها ـ تار (پاڻي) – اَڪونجهه – اوڙاهه.

– **اُڪُونْجَرُ ج اُڪونْجَر (لس):** ذ. صفت. عميق يا اونهو (پاڻي) – اوڙاهه – اَڪونج.

– **اُڪُونجهہ ج اُڪونجهہ:** ذ. صفت. اُڪُونُج.

• **اِڪوهي، اِڪوئي:** ث. [ف] ڪنگ جهڙو نشيدار هڪ پَسارڪو وَڪر – جابلو پَنگ.

• **اِڪوئي:** ث. جمڙيءَ جي بيماريءَ جو هڪ قِسر (پير جي آڱرين جي وچ ۾ ڳهر خارش ۽ پکريز).

• **اَڪهہ ج اَڪهہ:** صفت. [سن. اَکَتْيَه: اَ = نہ + کَتْ =

Gulbayat Institute

ہڈائڑ] اَندازي کان ہاھر – بيان کان ہاھر – چوڑ کان ہاھر.

• **اُکَھَڑ (ت):** ذ. (ہار کي) ليسُ يا رُکام.

• **اُکِي ج اُکِيُون:** ث. ڈُک – مُشکلات. نياڳ – نِدورائي – بدبختي – شامت. ڈنڌ. (ظرف) سموري – سربستي.

• **اِکِي:** صفت. [سن. ايک = هڪ] اُهو عدد جو ہن سان نہ وندي سگھجي – "ہَڈِيءَ" جو ضد.

– **اِکِي اَنگ:** ذ. اُهو عدد جنھن کي ہن سان پورو نہ وَندي سگھجي.

– **اِکِي ہَڈي:** ث. ہاراٽيءَ راند جو هڪ قسم.

• **اَکيارُ ج اَکيارَ:** صفت. بيسود – بيڪار.

• **اَکيارتُ ج اَکيارتَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + ک + اَرْتھ] بيسُود – اَجايو – بيڪار – اَکيار – بي فائدو – اکيار ٿو.

– **اَکيارتو ج اَکيارتا:** صفت. بي فائدو – اَجايو – بيسود.

• **اَکيچارُ ج اَکيچارَ:** صفت. [سن. اَکوپار] بي اَنت – بيشمار – بي انداز. جام – بَجھو – مَٹو.

• **اُکيرڻ:** مصدر. [سن. اُتْکري] کائيءَ يا ڏاتوءَ تي کنڊي چڻ کيڏ – چتسالي ڪرڻ – نقش کيڏڻ. (اُکيريو – اُکيريندو – اُکيريل).

• **اُکِيرڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَلِکا] ياد ڪرڻ – سنياڻ – ڇڪ ڪرڻ – سڪ – حُب رکڻ – تَمنّا رکڻ – اُکنڍ – پياس رکڻ – انتظار ڪرڻ – واجھائڻ. (اُکيريو – اُکيريندو – اُکيريل).

– **اُکيرَ ج اُکيرُون:** ث. [سن. اُتْکَلْکا؛ پرا. اُکّلِيا] دل جي ڇڪ – سڪ – حُبّ ـ چاھ ـ پيار – قُرب – اُکنڍ. شوق – سَڌ.

• **اَکيڪُ ج اَکيڪَ (ت):** ذ. اُکرَس – گھُٽ.

• **اُکيلُ ج اُکيلُون:** ث. اُکلاءِ جلدائي – تَکڙ – جلدي – تيزي "ميرو متائج تون، اچي کج اُکيلُ" (شاھ).

– **اُکيل ڪرڻ:** اُکلاءِ ڪرڻ – جلدي ڪرڻ.

• **اُکيلاريو ج اکيلاريا (ک):** ذ. ڪانڇي کيڏڻ لاءِ وادي جو هڪ اوزار.

• **اِکيلڏو ج اِکيلڏا:** صفت. "سکيلڏي" جو ضد. جيڪو تلاش ڪان سواءِ هٿ آيو هجي – جيَکوَ گھٽو پياروَ نہ هجي. ڇڙو – هيڪلو – اَکيلو.

• **اَکيلو ج اَکيلا:** ذ. صفت. [سن. ايک = هڪ + ھ. لا] هڪڙو – واحد. علحدو – جدا – الڳ. ڇڙو. نويکلو. هيڪلو. تَنھا. (ث) اَکيلِي ج اَکيليُون.

• **اَکيلائِي ج اَکيلائيون:** ث. هيڪلائِي – تنھائي – ڇڙائي – نويکلائي – خلاصگائي.

• **اَکيلي وڻ هيڪان لنگھڻ:** طبيعت خشڪ ٿيڻ – ڪاوڙ اچڻ. پُوت وغيره جي اثر هيٺ اَچڻ.

• **اَک ج اَکيُون:** ث. [سن. اَکْشِ] نيٽ ـ چشم – عين. – ڏيان – سنڀال – نظرداري. هٿ يا پير ۾ گاڏ سبب ٿيل هنڌ. رَڄَ جو چوڪنڍو گھَر يا هڪ خانو. وڻ جو گ وڻ ۾ ٽاريءَ نڪرڻ وارو هَنڌ.

– **اَک آلِي ٿيڻ:** اَکين ۾ پاڻي تري اَچڻ – روئڻ "سدا اَک ء جي آلِي، ڏاڍي کا ٻرت پاتيسين" (نصير).

– **اَک اُڏڻ:** اَک ڏُکڻ – اَک ۾ درد ٿيڻ اک تي اوپر ٿيڻ.

– **اَکَ اَڊکائڻ:** نينھن لڳائڻ – عاشق ٿيڻ. ٽَکڻ – ڏِسڻ.

– **اَکَ اَڙائڻ:** نيھن لڳائڻ – اَک اَڊکائڻ.

– **اَکَ اَڙڻ:** محبت ٿيڻ – عشق لڳڻ. نيھن لڳڻ.

– **اَکائي چڏڻ (ک):** ڏيان تي آڻي چڏڻ. نظر ۾ ڏيکاري چڏ

– **اَک بداڻو ج اَک بداڻا:** ذ. اَک ڦريل. ٽيڏو – ڪاڻو. اکين سَ

– **اَکَ بَتلائڻ (ت):** ڪاوڙ ڪرڻ – شوخي ڪرڻ.

– **اَکَ بُري ڪرڻ:** نيّت بَد ڪرڻ – بد نيّتيءَ سان نھارڻ. ا جو مَنڪھرو ٿيڻ.

– **اَک بہ ڪانہ پُورڻ:** ننڊ نہ ڪرڻ – اوجاگو ڪرڻ. ساري رات جاڳ

– **اَکَ بند ڪرڻ:** سُمھي رھڻ – بيخبر ٿيڻ – غافل ر اَنجام نہ پاڻڻ. بي مروّت ٿيڻ – بي وَفا ٿيڻ. گذر ڪر مَري وڃڻ.

– **اَک بَڌڻ:** جسم بندي ڪرڻ. جادو ڪرڻ.

– **اَکَ بَنڌڻ (ت):** ڳجي ڪرڻ.

– **اَکَ ہُوتَ:** ث. ہاراٽيءَ راند جو هڪ قسم – لِک لِکو چشم پوشي. بي خبري. اونگھَ.

– **اَک ہُوتُ ج اَک ہُوتَ:** ذ. صفت. بي ساڃاھ ـ بي حيا – اَ پور – بي شرم. اَک ہُوتيل – ڪاڻو بي حيّا. بي شنا چشم پوشي.

– **اَک ہوتَ پوڻ:** بي خبر ٿيڻ – نشي ۾ هُجڻ.

– **اَکَ ہوتَ ڪرڻ:** ڏنو اَڻ ڏِنو ڪرڻ – ڏيان نہ ڏيڻ. پوشي ڪرڻ. بي شناس ٿيڻ.

– **اَک ہوڻ:** آرام ڪرڻ – سُمھڻ. مَري وڃڻ. حَيا نہ ڪرڻ بيَ شناس ٿيڻ.

– **اَک ہِڻ:** ميڇ ڏيڻ – اک سان اِشارو ڪرڻ. مخفي اِش ڪرڻ. عاشق جو اِشاري ۾ پيغام ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

– **اَک پَجَڻ:** اک آلي ٿيڻ – ڏُک ٿيڻ.
– **اَکَ پَرجڻ:** اک ۾ لڙک تَري اَچڻ – ڏک ٿيڻ. دل کي آئڙڻ.
– **اَکَ ترکڻ:** ٿورو نظر اچي وري گم ٿي وڃڻ.
– **اَکَ تَرکي وڃڻ:** نظر کان نڪري وڃڻ – پوريءَ طرح نہ ڏسي سگھڻ.
– **اَکَ تَڙڻ:** اک ۾ ڪَنڊ پوڻ ڪري پاڻي پرجي اچڻ. ڏک ٿيڻ.
– **اَکَ تي پَٽي ٻَڌڻ:** پَڪ ڪرڻ. بي اونو ٿي ويهڻ.
– **اَکَ تي پردو پوڻ:** ڏسي نہ سگھڻ.
– **اَکَ ٽيڪ:** ث. چوڪسي – نظرداري – سنيال.
– **اَکَ ٽيڪ ڪرڻ:** اَنڪل سان ڏسڻ – اَڻ لَکي طرح نگاھ ڪرڻ. تاڙي ويهڻ.
– **اَک ڏائڻ:** نظر وجھڻ – تڪڻ. خواهش ڪرڻ.
– **اَکَ ڏِنائڻ:** هوشيار ڪرڻ – خبردار ڪرائڻ.
– **اَکَ ڏِڻڻ:** جاڳڻ – سُجاڳ ٿيڻ – بيدار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ – هوشيار ٿيڻ. ڏيان ڏيڻ – خيال رکڻ. ٻوءِ سوچڻ. دوراندیشي ڪرڻ. وقت کي سڃاڻڻ.
– **اَک ڏُورڻ:** نند ڪرڻ. مري وڃڻ. بي حيا ٿيڻ.
– **اَکَ ڏوڻ:** نظر پوڻ. عشقيہ نگاھ پوڻ. لالچ سان ڏسڻ. بُري نگاھ پوڻ. ڪوڏين راند جي داءَ ۾ هڪ ڪوڏي اونڌي پوڻ.
– **اَک جو پاڻي نہ سُکڻ:** هميشہ رُوئندو رهڻ.
– **اَکَ جو ڇِڪو ٿيڻ:** بي مُروّت ٿيڻ – بي حيا ٿيڻ.
– **اَکَ جو ڪَڙو:** محاورو. رقيب. دُشمن.
– **اَکَ جو ڪَڙو ٿيڻ:** رعب وارو ٿيڻ. سخت مزاج ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.
– **اَکَ جي مَرکڻ:** ڏڏائي ڪڍڻ لاءِ هدايت ڪرڻ – بي حيائي ڏيکارڻ.
– **اَکَ جو ميرو ٿيڻ:** اک جو اُٽڻ. بدنظر ٿيڻ.
– **اَکَ جي مَک مارڻ:** اَکر بہ اَکر لکڻ.
– **اَکَ جھڪي ٿيڻ، هُجڻ:** لڄي ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ. ڏوهاري ٿيڻ.
– **اَکَ چورائڻ:** اَنڪل سان لِکي وَڃڻ.
– **اَکَ چَهري ڪرڻ:** ناز ڏيکارڻ. هار سينگار ڪرڻ.
– **اَکَ چِنڀ:** ث. اکين کي يڪدم بند ڪرڻ ۽ کولڻ واري حالت – طرفة العين. (ظرف) جهت پٽ – جلدي. اک چنيڀ جيترو وقت – ڪِنَ.
– **اَکَ چِنيڀَ:** اک جي چپرن کي پاڻ ۾ ملائڻ. اِشارو ڏيڻ – ميڇ ڏيڻ – اَکَ ٻيڇڻ.
– **اَک ڏيکارڻ:** ڪاوڙ جي نگاھ سان ڏسڻ – گھوري نهارڻ. فهمائش ڪرڻ – مَهميز ڏيڻ. دڙڪو ڏيڻ – ڏَبائڻ – ڊيڄارڻ – هيسائڻ – ڊَمڪائڻ.
– **اَک ڏيکھڙ:** ث. ٿورو فاصلو – ڪجھ پنڌ.
– **اَکَ ڏيکھ ڪرڻ:** خيال کان سواءِ جاچڻ. اٽڪل سان جاچ ڪرڻ.
– **اَکَ ڏيکھ ۾:** ظرف. حد نظر تائين ـ نظر پوڻ جي حد تائين.
– **اَک رکڻ:** نظر ۾ ڪرڻ. چوڪسي ڪرڻ.
– **اَکَ سان اَک آڙائڻ:** عشق لڳائڻ – محبت ڪرڻ.
– **اَکَ سان اَکَ اَڙڻ:** محبت ٿيڻ – عشق لڳڻ.
– **اَکَ سان اَکَ ملائڻ:** نظر لڙائڻ – اک اَڙائڻ. محبت ڪرڻ.
– **اَکَ سان جوڙو ٻَڌڻ:** ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيڻ.
– **اَکَ سبڻ:** نہ نهارڻ – بلڪل نہ ڏسڻ – تَوجہ نہ ڏيڻ. ڏيان نہ ڏيڻ.
– **اَکَ سُپارَڻ:** نِهارڻ – ڏسڻ – نظر ڪرڻ – ڏِيان ڏيڻ – توجہ ڏيڻ.
– **اَکَ سَرڻ:** اَک پوسرڻ – اَک ۾ سور ٿيڻ. نہ سَهڻ. ڏُک ٿيڻ. غيرت اَچڻ.
– **اَک ڦِرڻائڻ:** ڪاوڙڻ ۾ گھُور ڪري نهارڻ. چوڌاري جاچ جوڄ ڪرڻ.
– **اَک ڦَرڪڻ:** اک جي پَلڪن جو حرڪت ۾ اَچڻ. سَوڙ يا بد سَوڙ سمجھڻ.
– **اَک ڦيرائڻ:** نظر ڪرڻ – سَرسَري نظر ڪرڻ – متاچري نگاھ ڪرڻ. چوڌاري نهارڻ.
– **اَک ڦيرڻ:** سَرسَري نظر ڪرڻ. مُنْهُن موڙڻ. اِنڪار ڪرڻ – بي خيالو ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.
– **اَک ڦَرڪڻ:** اَک ڦَرڪڻ.
– **اَکَ کاڻ:** ث. لَڄ – شرم – حَيا.
– **اَکَ کَڍڻ:** ڪاٽو ڪرڻ. نقصان وڃڻ. سڄ جي ڪَني ڪڍڻ.
– **اَکَ کرائڻ:** اکين جو آپريشن ڪَري موتيو پاڻي ڪڍائڻ.
– **اَکَ کُرڙي ڪَرڻ:** تند يا پوائتي اک ڏيکارڻ – ڪاوڙ مان نهارڻ.
– **اَکَ ڪَرڻ:** اَک جو موتيو پاڻي ڪڍڻ.
– **اَکَ ڪَڙائڻ:** اَک تي جهاڙ يا ڦيٽو وجهائڻ.
– **اَکَ ڪَڙڻ:** اک تي جهاڙ يا ڦيٽو وجَهڻ. ڦيٽي وغيره سان اک جو علاج ڪرڻ.
– **اَکَ ڪَڪڙي ڪَرڻ:** نَشو ڪرڻ.
– **اَکَ کان ٻاهر هُجڻ:** نظر کان پري هجڻ.
– **اَکَ کِلڻ:** رنج مان راحت نصيب ٿيڻ. دوست جو ديدار ٿيڻ – خوشي حاصل ٿيڻ.
– **اَک کُلڻ:** جاڳڻ – سُجاڳ ٿيڻ – بيدار ٿيڻ – خبردار ٿيڻ. سمجھ حاصل ٿيڻ – عقل اَچڻ

Gul Hayat Institute

– **اَک کَٹڑ:** مٹي نهارڑ.
– **اَکَ کَٹي ڈِسڑ:** نظر ملائي نه ڈِسڑ. بي پرواهي کرڑ. شرم کرڑ – حيا رکڑ. پشيمان ٹيڑ.
– **اَک کَٹي نه سَگهڑ:** همت نه ڈارڑ.
– **اَکَ کوڑ:** چتائي نهارڑ.
– **اَکَ کولڑ:** جاڳڑ. خبردار ٹيڑ – هُشيار کي خبردار کرڑ. وڈو ٹيڑ.
– **اَکَ کي پَٹي پَڈڑ:** نراس ٹيڑ – نااُميد ٹيڑ.
– **اَکَ لاڑ:** عاشق ٹيڑ – محبت کرڑ.
– **اَکَ لاڑي بهيڑ:** تَکڑ. سماءُ لهڑ. نظر ۾ رکڑ.
– **اَکَ لَجا:** ث. اکين جو شَرم – اک جي لَجَ.
– **اَکَ لجي ٹيڑ:** پشيمان ٹيڑ. حَيا ٹيڑ.
– **اَکَ لڑائڑ:** اک ملائڑ – تَکڑ – گهُورڑ. نظربازي کرڑ – محبت کَرڑ. عاشق ٹيڑ.
– **اَک لڑڑ:** عشق لڳڑ – دل لڳڑ.
– **اَکَ لڳائڑ:** لَنوُ لاڑ – پريت پائڑ.
– **اَکَ لَڳڑ:** ڪجي نندِ اَڇڑ – پنڪي اڇڑ. نندِ جي شروعات ٹيڑ. محبت ٹيڑ – پريت ٹيڑ – عشق لَڳڑ.
– **اَک مارجي وَڃڑ:** هڪ اک جي نظر گهٽ ٹيڑ.
– **اَکَ مانَ کِيڑ:** نظر مان کِيڑ – سرسري نظر کرڑ. جاچڑ.
– **اَکَ ۾ ٹيڑ:** ڪنهن جي نظر ۾ هڻڑ – دُشمن يا حاسد جي بُري نظَر ۾ هجڑ. جلد کپائڑ جي سَڌ هجڑ.
– **اَک ۾ رکڑ:** نظر ۾ رکڑ – خيال ۾ رکڑ. تاڙ رکڑ. پنهنجي سنيال ۾ رَکڑ – چوڪسي کرڑ.
– **اَک ۾ رَهڑ:** نظر يا سنيال هيٺ رکڑ.
– **اَکَ ۾ سُرمو وجهڑ:** پنيلائڑ. نگي کرڑ.
– **اَکَ ۾ کَتَر پوڑ:** ڪنهن کان بدگمان ٹيڑ.
– **اَکَ ۾ کُکرو پوڑ:** بدگماني ٹيڑ.
– **اَکَ ۾ کَکَ پوڑ:** اک چُبڑ. بدگمان ٹيڑ.
– **اَکَ ۾ مَر پوڑ (ڪ):** مَس مَس اک لڳڑ. – نندِ اَڇڑ.
– **اَکَ ۾ وَرُ وجهڑ:** اک کُرڑي کرڑ – تَنبيهَ کرڑ.
– **اَکَ ۾ هُڻڑ:** نظر ۾ هڻڑ. ويروٽڻ لاءِ تيار رهڑ. تَکڑ.
– **اَکَ موڑڑ:** اِشارو ڏيڑ. مُنهن مَتڑ.
– **اَکَ ميري ٹيڑ:** اک بچڑي يا خراب ٹيڑ – نظر بد ٹيڑ.
– **اَکَ ميري کَرڑ:** بد نيَتيءَ سان نهارڑ – بدنظر کرڑ.
– **اَکَ نه اُٿڑ:** اک جو خراب نه ٹيڑ. خوش رهڑ – ڪجهه به بيماري يا تڪليف نه ڏسڑ.
– **اَک نه پَتجڑ:** اک نه ڪلڑ – غافل رهڑ. گناهن کان باز نه اڇڑ. نفعَو نقصان نه جاچڑ – پچاڑي نه سوچڑ – عاقبت کان بيخبر رهڑ.
– **اَک نه ٻَڌڑ:** ڌيان ۾ نه آڻڑ – پرواهه نه کرڑ. ڪا شيءِ نه سمجهڑ – گهٽ سمجهڑ.
– **اَک نه ڏسي مُڄ کي:** نشي جي حالت ۾ هوش خطا ٹيڑ. اونداهه سبب ڪجهه به نه ڏسي سگهڑ.
– **اَک نَڪ ڇپ نه هڻڑ:** بي غيرت هجڑ – عزت جو ڪو به خيال نه هڻڑ.
– **اَک وجهڑ:** گهُور ڪري ڏسڑ – چتائي ڏسڑ. تَکڑ. لالچ رکڑ.
– **اَکَ وَڃائڑ:** نيهُن لاڑ – لَنوُ لاڑ – پريت پائڑ – عشق کرڑ.
– **اَکَ هَڻڑ:** محبت جو اِشارو کرڑ – ميچ ڏيڑ.
– **اَکَ ٻُجهڑ:** راند ۾ اک تي اِٽِي رکي هٽڑ. قلم هٽڑ – پيوَند کَرڑ – ڳنڍ هٽڑ.
– **اَک هُڻڑ:** نظر هڻڑ. خواهش هڻڑ.
– **اَکَ هيٺ کرڑ:** لَجي ٹيڑ – ڇِڪو ٹيڑ – شرمائڑ.
– **اَکيان پوڑ:** نفرت جهڙو ٹيڑ – نه وَڻڑ – حقير ٹيڑ. حسد کرڑ. دُشمني ٹيڑ.
– **اَکين اَڇو:** ذ. صفت. اَڇين اکين وارو – اَنڌو. مَنحُوس. بي حيا – بي شرم.
– **اَکين اَڳيان:** ظرف. مُنهن سامهون – رُوبرُو – دُوبدُو.
– **اَکين اَڳيان اَنڌيون اَڇڑ:** اکين اڳيان اونده اَڇڑ. وائڑو ٹيڑ – عجب ۾ پوڑ. بيهوش ٹيڑ.
– **اَکين اَڳيان اونده اَڇڑ:** ڏاڍو پريشان ٹيڑ.
– **اَکين اَڳيان تي ڪَنڑ:** روبرو واقعو ٹيڑ.
– **اَکين اَڳيان قِرڑ:** غائب شيءِ جو خيال اَڇڑ – تَصَوّر ۾ اَڇڑ. يادگيري پوڑ. سُجهڑ – هُرڑ.
– **اَکين اَڳيان گهُمڑ:** اکين اڳيان قِرڑ.
– **اَکين ٻوڑ:** ذ.صفت. بي حيا – بي شرم. نرلَج.
– **اَکين تي آستين مَهڙ:** پشيمانيءَ تي روئڑ. ڳوڙها اَڳهڑ. دلاسو ڏيڑ – همدردي کرڑ. اَدب کڑڻ – تعظيم کرڑ.
– **اَکين تي پَردا چَڙهڑ:** اَنڌو ٹيڑ. ساڃهَ وڃائڑ – ڪجهه نه سمجهڑ.
– **اَکين تي پردو پَوڑ:** ڪجهه به نه ڏسڑ ۽ سمجهڑ. غافل ٹيڑ.

Gul Hayat Institute

ڏوکو کائڻ – فريب ۾ اچڻ. بيوقوف بنجڻ.

– **اَکين تي پردو چڑهڻ:** انڌو ٿيڻ. نہ ڏسي سگهڻ.

– **اَکين تي چپر چڑهڻ:** بي حيا ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ.

– **اَکين تي رات کاڻڻ:** سڄي رات جاڳڻ. اِنتظار ڪرڻ.

– **اَکين تي رَکڻ:** خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.

– **اَکين تي رَوَ چڑهڻ:** غُصي يا جوش ۾ اَندو ٿي پوڻ – ڪاوڙ ۾ دوست دشمن سُجاڻڻ جي سايَهہ کان نڪري وَڃڻ.

– **اَکين تي کوپا چڑهڻ:** ڪا ڳالهہ پوريءَ طرح نہ سمجهڻ يا ڏسڻ. بي حَيا ٿيڻ – بي غيرت ٿيڻ.

– **اَکين تي گذارڻ:** ساري رات جاڳڻ – اِنتظار ڪرڻ.

– **اَکين تي ويهارڻ:** حد کان زياده قدر ڪَرڻ – نهايت تعظيم ۽ عزت ڪرڻ – خاطر مدارات ڪرڻ.

– **اَکين تي هَلڪو هُئڻ:** بار نہ ٿيڻ. تڪليف نہ هُئڻ.

– **اَکين پُوريو ڇ اَکين پُوريا:** ذ. صفت. بي ساڃاهو – اَڪ ٻوٽ – بي ديدو – بي حيا – بي شرم. بي شُڪر – اَحسان فراموش.

– **اَکين جا اِشارا ڏيڻ:** ڳجهہ ۾ ڳالهائڻ. ميڻون ڏيڻ. محبت جو پيغام ڏيڻ.

– **اَکين جو آسا بند هُجڻ:** اکين جو آسرو هئڻ. نهايت پيارو هجڻ.

– **اَکين جو ٺارُ:** صفت. تمام پيارو – وَڻندڙ – قُرّتالعين.

– **اَکين جو پاڻي سُڪڻ:** روئي روئي ٽڪجي پوڻ – ڏاڍو روئڻ. اَندو ٿيڻ.

– **اَکين جو ڏِڙ:** محاورو. ٽورو آتت يا آسرو.

– **اَکين جو رَتُ چڙڻ:** سخت ڪاوڙجڻ.

– **اَکين جو سوجهرو، محاورو.** نُور – نظر – اَکين جي روشني. نُور نظر – اولاد – پُٽ.

– **اَکين جو نُور:** محاورو. اَکين جو سوجهرو – اولاد – پُٽ.

– **اَکين جو نُور ڪري ڏسڻ:** پنهنجي اولاد وانگر سمجهڻ – گهڻو پائڻ – پيار ڏيڻ.

– **اَکين تي ڪَپهہ جا ٻڌا چڑهڻ:** تمام پوڙهو ٿي وڃڻ – پرون اَچا ٿيڻ.

– **اَکين جي ديد وڃائڻ:** شرم حيا وڃائڻ. بي شرم بنجڻ.

– **اَکين جي نند حَرام ڪَرڻ:** اوچاڳا ڪرڻ اِنتظار ڪرڻ.

– **اَکين ڏِنو ڇ اَکين ڏِنا:** ظرف. ظاهر ظهور – ڪليو ڪلايو.

– **اَکين سان:** ظرف. دل وجان سان – خوشيءَ سان. بنا عذر جي.

– **اَکين سان اَچڻ:** گهڻي پيار ۽ خوشيءَ سان اچڻ.

– **اَکين سَجو ڇ اَکين سَجا:** ذ. انڌو. اکين کان معذور.

– **اَکين سمٽو ڇ اَکين سمٽا:** ذ. لاچار. سدا بيمار.

– **اَکين کان اُجلائڻ:** نظرن تان ڪيرائڻ – ڏکار جي نظر سان ڏسڻ – نفرت ڪرڻ – گهٽ سمجهڻ. اعتبار جهڙو نہ سمجهڻ.

– **اَکين کان جَڏو:** انڌو – نابين.

– **اَکين کان وڏو ٿيڻ:** انڌو ٿيڻ.

– **اَکين کي اَنڌاري اچڻ:** اَکين اڳيان اونداهہ اچڻ. ڪجهہ نہ ڏسي سگهڻ. سَخت صدمو پهچڻ – مغز کي قَيري اچڻ – ڪمزور ٿيڻ.

– **اَکين کي انڌيرو اَچڻ:** ضعف کان اکين اڳيان انڌيرو اچڻ – اَکين اڳيان ترورا اچڻ. مٿو ڦرڻ.

– **اَکين ڳاڙهو ڇ اَکين ڳاڙها:** ذ. صفت. ڪاوڙيل – رعبدار – حشمتي.

– **اَکين لَونگ لڳڻ:** نوان دوست مٽا لڳڻ. ڏاريان دوست ٿيڻ.

– **اَکين مان آب اوتڻ:** ڏاڍو روئڻ – اَکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ.

– **اَکين مان ارتو وهائڻ:** اَکين مان رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ.

– **اَکين مان اُلانکڻ:** سخت ڪاوڙجڻ. گرميءَ ۽ ڪاڙهي جي شدت کان اَکين مان گرمائش نڪرڻ.

– **اَکين مان ديدَ نڪري وَڃڻ:** انڌو ٿيڻ. بي غيرت ٿيڻ. بي حيا ٿيڻ.

– **اَکين مان لَال لُڙڪ وَهائڻ:** رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ – زار زار روئڻ – اوچنگارون ڏيڻ "لُڙڪ لال لطيف جئي، وَرَ لاءِ وهايان" (شاه).

– **اَکين ۾ آهُو هُئڻ:** اَکين ۾ عيب هئڻ.

– **اَکين ۾ تِيَڻ:** نظر يا ڏيان ۾ ٽيڻ. دشمنيءَ ۾ اچي وڃڻ.

– **اَکين ۾ پاڻي:** ذ. موتيو پاڻي – اَکين جي بيماري.

– **اَکين ۾ پاڻي آڻڻ:** روئڻ. ڳوڙها ڳاڙڻ.

– **اَکين ۾ پاڻي اَچڻ:** اَکين ۾ لُڙڪ تري اچڻ – اَبديده ٿيڻ – روئڻهار ڪو ٿيڻ.

– **اَکين ۾ جايُون ڏيڻ:** گهڻو پيار ڪرڻ – گهڻو پائڻ.

– **اَکين ۾ ديدَ نہ هُئڻ:** انڌو هئڻ. بي شرم هئڻ.

– **اَکين ۾ جَمْبوري وجهڻ:** اَکيون اَنبوريءَ سان ڪڍڻ. دبائڻ – ضابطو رکڻ.

– **اَکين ۾ ڏُوڙ وجهڻ:** نڱي ڪرڻ – دولاب ڪرڻ. مڪاري ڪرڻ. برغلائڻ.

– **اَکين ۾ سانڊيڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ. گهڻو پيار ڪرڻ.

– **اَکين ۾ سُرمو پائڻ:** ظاهر ظهور ڪنهن سان ڏوکو ڪرڻ. ڏنو وائڙو ڏنگي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **اَکین مر ڦُلا پوڻ:** انڈو ٹيڻ. اکين جي هڪ بيماري ٹيڻ.
– **اَکین پر ڪَتر پوڻ:** اکين ۾ ڪکرا پوڻ. تڪليف پهچڻ.
– **اَکین پر ڪَرڻ:** تاڙڻ – تڪڻ. ويجهو ٹيڻ. دشمني رکڻ.
– **اَکین پر ڪنڌو ٹيڻ:** دشمن جو اکين ۾ ڪنڪڻ. مخالف جو اکين کي ئي نه وڻڻ.
– **اَکین پر لِکائڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ. گهڻو پيار ڪرڻ.
– **اَکین پر وَسڻ:** نظر ۾ سمائجڻ – تصور ۾ جمڻ پسند اچڻ. چهري مان ظاهر ٹيڻ.
– **اَکین پر وِهارڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ – گهڻو پيار ڪرڻ.
– **اَکین پر هُڻڻ:** نظر ۾ هجڻ. تاڙجڻ. دشمن ٹيڻ.
– **اَکین وَڏو ج اَکین وَڏا:** ذ. نابين – انڈو – سورداس.
– **اَکیون آب ڪَتورا:** محاورو. آبدار يا خوبصورت اکيون.
– **اَکیون اُپ ڏي ڪَرڻ:** دعا گهرڻ – ڏٺيءَ در ٻاڏائڻ. پڪارڻ.
– **اَکیون آڏو اَچڻ:** لحاظ ڪرڻ – محابو رکڻ. نظر جو ڏوکو کائڻ. پياري ماڻهوءَ جو ڏوکو ڏيڻ.
– **اکيون آهوءَ جهڙيون هڻڻ: هرڻ جهڙيون اکيون هجڻ.** خوبصورت ۽ ڪاريون اکيون هجڻ.
– **اَکیون اُهرڻ:** اکين اُٽڻ جي شروعات ٹيڻ – اکين ۾ سور ٹيڻ.
– **اَکیون اُٽڻ:** اکين جي بيماري ٹيڻ. اکين ۾ درد ٹيڻ.
– **اَکیون اُچیُون ٹي وڃڻ:** نابين ٹي وڃڻ – نظر گهٽجي وڃڻ.
– **اَکیون اُڏامڻ:** واٽون نهارڻ – انتظار ڪرڻ – ديدار لاءِ آتو هجڻ.
– **اَکیون اُڙائڻ:** گهُور ڪري ڏسڻ. عشق ڪرڻ.
– **اَکیون اُڙائي وِهڻ:** گهور ڪري پيو ڏسڻ. عشق ڪرڻ.
– **اَکیون اَلو ماه ٹيڻ:** اکيون روئي روئي ڳاڙهيون ٻيرا ٹيڻ.
– **اَکیون بي خواب ٹيڻ:** نند نه اَچڻ. بي قرار ۽ بي آرام هجڻ – تڙڦڻ. آنڊ مانڊ ٹيڻ.
– **اَکیون بيهي وَڃڻ:** انڈو ٹيڻ. ديدَ گهٽ ٿي وڃڻ.
– **اَکیون بَڏَڻ:** اکيون پورڻ – مَرڻ.
– **اَکیون بَرڻ:** ڪاوڙَجڻ. اکين ۾ سور ٹيڻ.
– **اَکیون بُرڙَڻ:** بيحيا ٹيڻ – بيغيرت ٹيڻ – لج لاهڻ. مَرڻ. نند ڪرڻ.
– **اَکیون پَڃڻ:** اکين سان اِشارا ڪرڻ.
– **اَکیون پَڻل رَهڻ:** روئڻ – ڳوڙها ڳاڙڻ.
– **اَکیون ٽُپائڻ:** ڪاوڙ ڏيکارڻ – غصو ڏيکارڻ.
– **اَکیون ٽَڏيُون ٽِيڻ:** ڏاڍو خوش ٹيڻ ٻئي جي فائدي ۾ راضي رهڻ.
– **اَکیون ٽِمڪائڻ:** شرمندو ٹيڻ. ڪکو وکو ٹيڻ. گهَهَر ڪان اکيون چِنيڻ.
– **اَکیون ٿَرڻ:** راضي رهڻ – خوش ٹيڻ.
– **اَکیون ٿائڻ:** نظر ڪرڻ. نظر هٽڻ – تَڪڻ – نهارڻ. بد نظر سان ڏسڻ.
– **اَکیون ٿائي وِهڻ:** نهارڻ – واٽ ڏسڻ – انتظار ڪرڻ. آسرو رکڻ – اُميد ڪرڻ.
– **اَکیون ٿَڙڻ:** اکيون وڃائڻ. جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ – تمام گهڻو آڏرياءُ ڪرڻ. تمام گهڻي عزت ڏيڻ.
– **اَکیون ٿَڻجَڻ:** هوشيار ٹيڻ. خبردار ٹيڻ.
– **اَکیون ٿَڻَڻ:** ٿاڻ سنياڻڻ – خبردار ٹيڻ. جاڳڻ – هوشيار ٹيڻ. سمجهه رکڻ. ٽورو سکر ٹيڻ – چگو پلو ٹيڻ.
– **اَکیون ٿَڻي ڪر ڪَرڻ:** نهايت غور و فڪر سان ڪم ڪرڻ – ڏسي وِاُسي ڪم ڪرڻ.
– **اَکیون ٿُورڻ:** نند ڪرڻ. مرڻ. بيحيائي ڪرڻ – ساڃهه ڇڏڻ.
– **اَکیون ٿوري ڇَڏڻ:** بي توجهه ٹيڻ. ڄاڻي ٻجهي ڏيان نه ڏيڻ – ڏَنو اُٿ ڏَنو ڪرڻ.
– **اَکیون ٿوري ڪَر ڪَرڻ:** بي پرواهيءَ سان ڪم ڪرڻ – بي فڪر ٿي ڪم ڪرڻ. آنڊن وانگر ڪم ڪرڻ. بي خياليءَ سان ڪم ڪرڻ. اَکيون پوري ڪم ڪي لڳي وڃڻ – ڪم ۾ مستغرق ٹيڻ.
– **اَکیون پير ڪري اَچڻ:** سڪ ۽ محبت سان اچڻ. بيحد نياز نوڙت سان پيش اچڻ "اَکيون پير ڪري، هلجي وو هلجي" (شاهه).
– **اَکیون پير ڪري پُهچڻ:** تمام تڪڙو پُهچڻ. گهٽيءَ سڪ يا هيج سان اچڻ "اکيون پير ڪري، وڃجي وو وڃجي" (شاهه).
– **اَکیون پيرن تي سِٽڻ:** قدمن تي ڪري پوڻ – پيرين پوڻ. معافي گهرڻ. ندامَت ظاهر ڪرڻ. هيٺ نظر ڪرڻ.
– **اَکیون جاءِ ڪَرڻ:** هوش ڪَرڻ. ڏيان ڪرڻ. خبردار ٹيڻ – هوشيار ٹيڻ. ڏيان ڏيڻ.
– **اَکیون جاءِ ڪري هَلڻ:** سنياڻي هلڻ – ڏيان سان هلڻ.
– **اَکیون جَلڻ:** اکين ۾ سوزش ٹيڻ.
– **اَکیون جُهَيڙ (ت):** ڪاوڙ لڳڻ.
– **اَکیون چَرخ ٽِيڻ:** حيران ٹيڻ. وائڙو ٹيڻ.
– **اَکیون چِت سان لڳڻ:** سڪرات ۾ اَچڻ سخت بيمار هجڻ.
– **اَکیون چِنيَڻ:** اکين جا پلڪ هيٺ مٽي ڪرڻ – اکيون تَمڪائڻ.

Gul Hayat Institute

کیون ڈَرا ڈیڻ: اکين ۾ ڪَڏون پوڻ – تمام ضعيف ٿيڻ.
کیون ڈسڻ: ڪنهن کان مرعوب ٿيڻ – ڪنهن جي ڪاوڙ کان متاثر ٿيڻ.
کیون ڈِکڻ: اکيون پورڻ – بي شرم ٿيڻ. لِڪَڻ – ڇُپڻ.
کیون ڈِکي ڳالهائِڻ: ڳالهائڻ وقت ساڃهه نه ڏارڻ – سا ڳاهي نه ڳالهائڻ.
کیون رَبَ رَکيُون: محارو. اکين جو نُور سُهائو. خدا جي حفظ ۾ ڪيل اکيون "تنهنجون اکيون رب رکيون – هو جمالو".
کیون رَتّ ٿِيڻ: سخت ڪاوڙجڻ.
کیون رت چَڙهڻ: اکيون جوش ۾ ڳاڙهيون ٿيڻ – سخت ڪاوڙجڻ.
کیون ڪپائِڻ: هڪ ٽِڪ نهارڻ. جوهه وجهڻ.
کیون ڪلڻ: اکيون پٽجڻ. سجاڳي ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.
کیون کڻڻ: منهن مٽي ڪري ڏسڻ – مٽي نهارڻ. ڪنڌ مٽي ڪڻڻ. ڏسڻ – نظر ڪرڻ.
کیون ڳاڙهيون ڳاڙهيون ڪرڻ: سخت ڪاوڙ ڪرڻ – سخت ناراضپو ڏيکارڻ.
کیون ڳريون ٿيڻ: اکين ۾ نند پرجي اچڻ – نند جو خمار چڙهڻ.
کیون لڪائِڻ: پردو ڪرڻ. حياءُ ڪرڻ.
کیون لَڳڻ: بيماريءَ سببان پڇيون ڪري اکين جي چمڙن جو هڪ ٻئي سان چنبڙي پوڻ اکيون اُٽڻ. نند ڪرڻ. نظرن جو اٽڪڻ – عشق ٿيڻ.
کیون مٽي کڻي نه نهارڻ: حياءَ ۽ لڄ وڃان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ – لڄارو ٿيڻ.
کیون مٽي نه کڻڻ: لڄارو ٿيڻ.
کیون مَندڻ: اکين تي جادو ڪرڻ. بيخبريءَ ۾ شيءِ کڻي وڃڻ.
کیون مَهڻ: اکيون مَلڻ – اکين کي صاف ڪرڻ (ڪنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ لاءِ).
کیون میچڻ (ت): اَکيون پورڻ. شناس نه رکڻ.
کیون وَڻڻ (ت): مرندڙ ماڻهوءَ جي اکين کي هٿن سان پورڻ.
کیون وَلي ويهڻ: انڌو ٿي ويهي رهڻ.
کیون وجهڻ: تَڪڻ – گهُورڻ – نظر وجهڻ. لالچ سان ڏسڻ.
کیون وڃائِڻ: انتظار ڪرڻ – واٽون نهارڻ. نهايت عاجزيءَ سان خاطر مدارات ڪرڻ.
کیون هڻڻ: اکين سان اشارا ڪرڻ – اکيون ٻيڇڻ. ميڇون ڏيڻ – محبت جا اشارا ڏيڻ. ٽاڏون هڻڻ – مستي ڏيکارڻ.

– **اَکيون ڪيڻ:** انڌو ڪرڻ. سخت سزا ڏيڻ ڪاوڙ ۾ نهارڻ. سخت تابش ڪرڻ (سج).
– **اَکيون ڪيڻ نهارڻ:** گهور ڪري نهارڻ. ڪاوڙ مان نهارڻ. دوڙا ڪاڙي ڏسڻ.
– **اَکيون ڪرائِڻ:** اکين جو علاج ڪرائڻ. ڦُلي يا موتيي پاڻيءَ جو علاج ڪرائڻ.
– **اَکيون ڪُرڙيون ڪرڻ:** سخت ڪاوڙ جي حالت ۾ اَکين ۾ شور وجهڻ.
– **اَکيون ڪَکورَڻ:** اکين ۾ رَت جي لالاڻ تري اچڻ. اکين ۾ جواني جو رت ظاهر ٿيڻ.
– **اَکيون ڪپائِڻ:** هڪ ٽِڪ نهارڻ. جوهه وجهڻ.
– **اَکيون ڪلڻ:** اکيون پٽجڻ. سجاڳي ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.
– **اَکيون کڻڻ:** منهن مٽي ڪري ڏسڻ – مٽي نهارڻ. ڪنڌ مٽي ڪڻڻ. ڏسڻ – نظر ڪرڻ.
– **اَکيون گاڙهيون، لال ڪرڻ:** سخت ڪاوڙ ڪرڻ – سخت ناراضپو ڏيکارڻ.
– **اَکيون گَريون ٿيڻ:** اکين ۾ نند پرجي اچڻ – نند جو خمار چڙهڻ.
– **اَکيون لڪائِڻ:** پردو ڪرڻ. حياءُ ڪرڻ.
– **اَکيون لَڳڻ:** بيماريءَ سببان پڇيون ڪري اکين جي چمڙن جو هڪ ٻئي سان چنبڙي پوڻ اکيون اُٽڻ. نند ڪرڻ. نظرن جو اٽڪڻ – عشق ٿيڻ.
– **اَکيون مٽي کڻي نه نهارڻ:** حياءَ ۽ لڄ وڃان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ – لڄارو ٿيڻ.
– **اَکيون مٽي نه کڻڻ:** لڄارو ٿيڻ.
– **اَکيون مَندڻ:** اَکين تي جادو ڪرڻ. بيخبريءَ ۾ شيءِ کڻي وڃڻ.
– **اَکيون مَهڻ:** اکيون مَلڻ – اکين کي صاف ڪرڻ (ڪنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ لاءِ).
– **اَکيون ميچڻ (ت):** اَکيون پورڻ. شناس نه رکڻ.
– **اَکيون وَڻڻ (ت):** مرندڙ ماڻهوءَ جي اکين کي هٿن سان پورڻ.
– **اَکيون وَلي ويهڻ:** انڌو ٿي ويهي رهڻ.
– **اَکيون وجهڻ:** تَڪڻ – گهُورڻ – نظر وجهڻ. لالچ سان ڏسڻ.
– **اَکيون وڃائِڻ:** انتظار ڪرڻ – واٽون نهارڻ. نهايت عاجزيءَ سان خاطر مدارات ڪرڻ.
– **اَکيون هڻڻ:** اکين سان اشارا ڪرڻ – اکيون ٻيڇڻ. ميڇون ڏيڻ – محبت جا اشارا ڏيڻ. ٽاڏون هڻڻ – مستي ڏيکارڻ.

Gul Hayat Institute

– **اَکیون هیٹ کَرڻ:** شرم کان کنڌ هيٺ کرڻ – لڄي ٽيڻ – ڦڪو ٽيڻ. بيغيرت ٽيڻ – بيحيا ٽيڻ

– **اَکئين لائي ويهڻ:** انتظار کرڻ – اوسيڙي ۾ رهڻ – واٽ نهارڻ.

• **اَکُ ج اَکَ:** ذ. [سن. اَکْشوت] ميوي جو هڪ قسم. اکروٽ.

(صفت) [سن. اَکشَيه] نہ کنندڙ، ناس نہ ٽيندڙ ـ غيرفاني ـ امر.

• **اَکا:** داڻا جيڪي شادي وقت گهوٽ کي هٿن. داڻا جيڪي پيٽا طور پاڻيءَ کي ڏجن. داڻاجيڪي خيرات طور ڏجن (ڪچ جي هولي: فقير کي اکا ڏي نہ وڃي.

• **اَکا (ت):** اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَکاج ج اَکاجَ:** صفت. [سن. اَ + کادْيَه] نہ کائڻ جوگو – نہ کائڻ جهڙو.

• **اَکاڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَنْ: اُتْکَدْ] پاڙئون پٽڻ. ناس کرڻ – تباه کرڻ. (اَکاڙيو – اَکاڙيندو – اَکاڙيل).

• **اَکَتڻ:** مصدر. [سن. اُتْ – تري = اُترڻ، لنگهڻ، پار وڃڻ] ٻاهر اُڇڻ – نکرڻ (پاڻيءَ مان). اُکرڻ. لنگهڻ. ١. "جنين پاسي پاڻ، سي اُوتران ئي اُکتيون"؛ ٢. "سورن سهيلي، جئن تئن جهاڳي اُکتي" (شاه). (اُکتو – اُکتل) – پاڻي جهاڳي مٿي ٻاهر نکرڻ (مينهن جو).

• **اَکَٽ ج اَکَٽَ:** صفت. [سن. اَکْشَيه] اڻ کٽ – بيشمار – بي انت – بي انداز.

• **اَکَتَ ج اَکَتُونْ:** ث. [سن. اُدْ + گهتْ] اوگهڙ. پڏرائي – رسوائي – بدنامي "آٽ منجهه اکت، کانڌ کنهن جي نہ ڪري" (شاه).

• **اَکَتَنْ:** مصدر. [سن. اُتْکري] اُکرڻ – نقش کيڏڻ. کوٽڻ. مشهور ٽيڻ (اُکتو – اُکتندو – اُکتيل).

• **اَکَڄ ج اَکَڄَ:** ذ. صفت. [ا + کڄڻ] نہ کڄڻ جهڙو – ڳورو.

• **اَکَرُ ج اَکَرَ:** ذ. [سن. اَکْشَر] حرف. لفظ. ميار – ڏوراپو. سُخن – شبد. چٽ – نقش "ڏورنمائين ڏس، اکر جنائين جڙيا" (شاه). سبب – حسابَ "لائي وڃان لوڪ، تو کهڙي اکر آڙي" (شاه).

– **اَکرَ بَ اَکرَ:** ظرف. حرف بحرف. سربستو – سمورو. هوبهو.

– **اَکَرَ پائڻَ:** لکڻ. اندا ڀرڻ.

– **اَکرَ ڏاتو:** ذ. اِشتقاق – اکرن جو بنياد.

– **اَکرشناسُ:** ذ. صفت. اکر جاڻندڙ – حرف شناس.

– **اَکرشناسَ، اکرشناسي:** ث پڙهي وڃڻ جيتري جاڻ.

– **اَکرن وارو ج اَکرن وارا:** ذ. صفت. پڙهيل اڻکلي – سياڻو.

– **اَکري ج اَکريُونْ:** ث. اکرن جو شمار – حرف شماري "تيهه اَکري – سي حرفي". (صفت) اکرن جو جاڻو – پڙهيل.

– **اَکري ڪاڳري:** صفت. حساب ڪتاب جو جاڻو – ليکي چوکي جو اُستاد.

– **اَکري معنيٰ:** ث. لفظي معنيٰ.

• **اَکڙ ج اَکِر (ل):** ذ. [سن. اَکْش = اک] اکين وارو – وڏيه اکين وارو – دوڏر اکين جهڙن نقشن يا چٽن نڪتل ڪپڙو.

• **اَکراڙَ ج اَکراڙُون (ت):** ث. اُکران ـ کرڙ – کرڇ.

• **اَکراڙ ج اَکراڙُونْ:** ث. ڪنهن بہ رڌل شيءِ جو سڙيل تروڪرڙ. کرڇ.

• **اَکرڙڻ (ت):** مصدر. ڏاڍي سان کرڙڻ (اُکرڙيو – اُکرڙندو – اُکرڙيل).

• **اَکرڪنبو:** ڪنبي جو وڏو ٽلهو وڻ (پکي ڪاٽ وارو جنهن مان اکريون ٺهن).

• **اَکرلو ج اَکرلا (ل):** ذ. [سن. اُلوکَل] اُکرو – اُکري.

• **اَکرڻ:** مصدر. ريج جو سُڪڻ – ريج ڪيل زمين جي وڌ سُڪي وڃڻ (جنهن ۾ هر ڪاهي نہ سگهجي).

• **اَکرو ج اَکرا (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم اک جي اُٽڻ واري حالت. پچي.

• **اَکرو ج اَکرا:** ذ. صفت. مصالح کٽڻ لاءِ يا چانورن چڙڻ لاءِ ڪاٺ، پٿر وغيره جو ڪوندو – اُکرلو.

• **اَکروٽ ج اَکروٽ:** ذ. [سن. اکْشوت] سڪل ميوي جو هڪ قسم. ول جو هڪ قسم.

• **اَکري ج اَکريُونْ:** ث. [سن. اُلْوکَلَ] ان چڙڻ ۾ مصالح کٽڻ لاءِ ڪاٺ يا ٽکر جو ڪوندو. دروازي جي طاقت ڦرڻ لاءِ جانڀ ۾ کيل سوراخ. (اسم خاص) تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **اَکريءَ ۾ پاڻي چَڙَڻ:** اَجائي ڪوشش کرڻ – ڪلر ۾ ڪٽڪ پوکڻ – ڏنگهرن تي اٽو هارڻ.

– **اَکريءَ ۾ مَٽو وجهڻ:** جاڻي ٻجهي جان خطري ۾ وجهڻ – پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ.

• **اَکري ڪَسي:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَکِرِ (ت):** ٺ. مصدر "کيڙڻ" "مان اسر – اڻ کيڙيل زمين – غيرآباد زمين.

• **اَکِرَڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَنْ] پاڙئون پٽجڻ. سنڌن کان نکرڻ ڪلڻ – اُدڙڻ. ٽٽڻ – ڇڇڻ "مونا اَن جا اُکڙيا، ارٽ ڏرکي مالهه" (شاه). (اُکڙيو – اُکڙندو – اُکڙيل).

• **اَکِروٽَ ج اَکِروٽ:** ذ. سُڪل ميوي جو هڪ قسم – اکروٽ.

Gul Hayat Institute

– **اَکِرُوتِ اَکِیو:** ذ. صفت. جنهن جا دوڏا ٻاهر نڪتل هجن – وڏين اکين وارو – دوڏر.

• **اَکِرِي ج اَکِرِيُون:** ث. [سن. اَکْش = ک] برقعي يا چادر مان نهارڻ لاءِ اک جيتري جاءِ، پرت جو هڪ قسم.

– **اَکِرِي ڪَڍڻ:** چادر سان سجو بت ڍڪي اکين اڳيان ڏسڻ لاءِ ٿوري جاءِ چڏڻ – پردي مان نهارڻ.

– **اَکِرِيو ج اَکِرِيا:** ذ. صفت اکين قوتاريل دوڏر.

– **اَکِرِيون اُڙائڻ:** ديدار ڪرڻ لاءِ اکيون اڌڪائڻ. محبت پريل نگاهن سان ڏسڻ.

• **اَکِرِيارو ج اَکِرِيارا:** ذ. صفت. ڏگهي نظر وارو. دوراندیش.

• **اَکَلَ ج اَکَلُونْ (ک):** ث. جانور جو مٿي يا سڳ سان هنيل ڏڪ – ٽونو. گهُتَ – ڇُونگ – هُر. هُنڊِ. ڪُرسان ڏَڪ. گوشت کان الڳ وَهَ (ل).

– **اَکَلَ ڇُتوُ ج اَکَلَ ڇُتا (ت):** ذ. صفت. ٽلهن ٻندڻن وارو. (ث) اَکل ڇُتي ج اَکل ڇُتيُون.

– **اَکل ڏيڻ:** ول ڪي اُڌلائڻ پڌلائڻ.

– **اَکلون مارڻ:** هروپرو تنگ ڪرڻ – هيسائڻ – دٻائڻ.

– **اَکلون هڏڻ:** ابتيون ٽڪرون هڏڻ – چاڻڪون هڏڻ – طعنا هڏڻ.

• **اَکِلڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَنَ > اُت = مٿي + کن = کوٽڻ] اُڀڙي پوڻ. پاڙُون پٽجڻ (اَکليو – اَکلندو – اَکليل).

– **اَکِلجڻ:** مصدر "اَکلڻ" مان فعل مجهول. اُڀڙجڻ – اُڀڙي پوڻ – اُلڙي پوڻ (ٽوٽي وغيره).

• **اَکِلو ج اَکِلا (ک):** ذ. بيڪار – خراب. اَڻاڻ پيدا ڪندڙ. نقصان ڪندڙ.

• **اَکَرُ ج اَکَرُ:** ذ. صفت. [سن. اَکْشَرَ] بي تحمل – بي صبر.

• **اَکَنْدُ ج اَکَنْدُ:** ذ. [سن. اَکنْد < اَ = نہ + کنْد = پاگو = پاگاڻ ٽيل] سجو – سارو – ثابت. سالم.

– **اَکند پاڻُ ج اَکند پاڻ:** ڪنهن ڏرمي ڪتاب جو لاڳيتو دور – ديني ڪتاب جو سانده وظيفو.

– **اَکند جوت:** ث. دائمي روشني.

• **اَکَڻ ٽِيجَ:** ث. [سن. اَکْشَيهٔ ترتيا] هندن جي عقيدي موجب سُت جڳ' شروع ٽيڻ جو پهريون ڏينهن – ويساک مهيني ۾ سهائي پک کان پوءِ ٽين تٽ (ٽيون ڏينهن).

– **اَکو ج اَکو:** ذ. صفت. ڪاڦو. ٽيڏو. دوڏو.

– **اَکواڻي ج اَکواڻي (ت):** ذ. صفت. ڪاڦو.

– **اَکوتو ج اَکوتا (ل):** ذ. اک جو تارو – دوڏو.

– **اَکونو ج اَکونا (ت):** ذ. صفت. ٽيڏو – ڪاڦو.

• **اَکو ج اَکا:** ذ. [سن. اَکْشَتَ = اڻ چڙهيل جانور] هندن جو هڪ ڪريا ڪرم. درياءَ جي پيٽا. درياءَ ۾ وڏل جانور يا ڪجو اَن. پاڻ يا سَوَڻ وقت اڇلايل جانورن داڻا. پنجوڙ يا ٽنگڙيءَ جو سوراخ – ٽنگ – سوراخ (ت). [هـ. آکا] ڪجاوي يا هوري جو اڌ يا هڪ پاسو. نَڪرن "آکا" ذات جو فرد.

– **اَکا پنڻ:** خيرات گهرڻ – پيٽا وٺڻ "اکا آري جام جا، پپ ۾ پنيائين".

– **اَکا وجهڻ:** هڪ رسم موجب مري ويل عزيزن جي قبرن تي جيتن ۽ پکين جي ڪائڻ لاءِ جانورن داڻا اڇلائڻ.

– **اَکا هڏڻ:** شاديءَ جي هڪ رسم موجب ڳاڻي ٻڌڻ مهل ڪنواريتن طرفان گهوٽ جي منهن ۾ چگي سَوڻ خاطر جانورن داڻا هڏڻ.

– **اَکو ڏلو ڪرڻ:** هندن جي هڪ رسم ادا ڪرڻ. نذر نياز ڪرڻ.

– **اَکو پاڻي ڪرڻ:** هڪ سَوڻ موجب اَن ڪڻا پاڻيءَ ۾ اڇلڻ – ڏرتيءَ تي پاڻيءَ جا چندا هڏڻ.

– **اَکو پائڻ:** هندڪي رسم موجب اَتي جو ڏيو ۽ جانورن داڻا پاڻيءَ ۾ وهائڻ.

– **اَکو پائي اَڇڻ:** ڪنهن سان قطع تعلقات ڪري اڇڻ.

– **اَکو ڦلو ج اَکا ڦلا:** ذ. صفت. ٽورڙو – مختصر – ٽورو گهٽو. ٽوري ارداس يا پيٽا – غريباڻو نڏرانو. چاندو – نيرن پاڻي. ڪوهه ۾ يا پاڻيءَ ۾ جانورن وغيره اُڇلائڻ جي هڪ هندڪي رسم.

– **اَکوڦلو آرتي ڪرڻ:** ڪجهه به نہ بچائڻ. سڀ ڪجهه ڇڏ ڪري چڏڻ.

– **اَکو ڦلو ڪرڻ:** ڪجهه نہ ڪجهه ضرور ڪرڻ. ڪفايت ڪرڻ.

• **اَکوپَکو ج اَکا پَکا:** ذ. صفت. ٽورو گهٽو. انتظار اوسيڙو.

– **اَکو پَکو لاهڻ:** ڪنهن ڪم مان فارغ ٽيڻ.

• **اَکوڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْ = مٿي + کَڈْ = ڇڪڻ] ڪنهل شيءِ کي ڏورو ڪرڻ – لوڏڻ – اَکيلڻ. پاڙُون پٽڻ. ڦٽائڻ. ڪڍڻ. اُڀيڙڻ. ڦٽ جي ڪڙي لاهڻ ۱. "هٽيو سي حبيب، اکوڙيو اڌ ڪري؛ ۲. "ٽيٽين نند اکوڙ جم ورن ۾ واکا ڪرين" (شاه).

• **اَکولڻ:** مصدر. [سن. اَتْکَرْشْتَ = مٿي ڇڪڻ، باهر ڪڍڻ] ڪنهل شيءِ کي اُلوڙڻ – اَکيلڻ. کولڻ – پٽڻ. ڏورو ڪرڻ "وينِي وٽيائون، اَکولينديِ اُٽيا" (شاه). (اوکوليو – اَکولينڈو – اَکوليل).

• **اَکوٽِي ج اَکوٽِيُون:** ث. [سن. اَکْشو هڏي] پيادن ۽ سوارن

Gul Hayat Institute

جي فوج (٢١٨٧٠ رٿ، اوترا هاٿي، ٦٥٦١٠ سوار، ١٠٩٣٥٠ پيادا) – اُڇوٽي.

• **اُڪِي ج اُڪِيُون:** ث. [سن] وڙهڻ مهل ڊورن جو ڪرن سان زمين تي ڪوٺهڙو. ڊور جو ٽوٽو.

– **اُڪِيُن تي ڪَٽڻ:** سگهن تي ڪٽڻ – ڏمڪيون ڏيڻ – ڪهرو ڳالهائڻ. دهائڻ – هيسائڻ.

– **اُڪِيُون هڻڻ:** ٽڪرون هڻڻ. وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. سگهن سان زمين کي اُٿيڙڻ.

• **اُڪِيارَ ج اُڪِيارَ:** ذ. صفت. [سن. اکش = اک] سالم اکين وارو – اکين سڄو – ڏسندڙ.

– **اُڪِيارو ج اُڪِيارا:** ذ. صفت. اکين وارو.

• **اُڪِيارُو ج اُڪِيارا:** ذ. [سن. اَكْشَ = اک] وهت جي اکين تي هٿڙ جي انڌاري – آنڌاري – اکياڙي.

• **اُڪِيارِي ج اُڪِيارِيُون:** ث. [سن. اَكْشَ = اک] ڊور جي اکين تي چڑهيل ڪوين تي هٿڙ جو ڪپڙو – آنڌاري. ڊڳي وغيره جي اکين تي هٿڙ جو ڪپڙو.

– **اُڪِيارِي چَڑهڻ:** مغروريءَ ۾ انڌو ٿيڻ.

– **اُڪِيارِيون لَهڻ:** بي جيوَ ٿيڻ. چڙواڪ گهمڻ سبق حاصل ڪرڻ.

• **اُڪِيتُ ج اُڪِيتَ:** ذ. زمين جي پيدائش مان آهتيءَ کي ڏنل پاڻو – آهَتُ.

• **اُڪِيراجَ:** اسم خاص. تعلقي مٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُڪِي شاهِي:** اسم خاص. جيسلمير جي سڪي جو نالو.

• **اُڪِيڑڻُ:** مصدر. [سن. اُتْكَلَنَ = چوڑڻ، ڊرو ڪرڻ] اُکيلڻ – ڪتل شيءِ کي لوڏي ڊرو ڪرڻ. اُديڑڻ. اُٿيڙڻ. ويڑهيل ڏيري کي کولڻ – ڊرو ڪرڻ. جدا ڪرڻ. (اُڪيڙيو – اُڪيڙيندو – اُڪيڙيل).

– **اُڪِيڙَ ج اُڪِيڙُون:** ث. کولڻ جي حالت. اُديڙ.

• **اُڪِيلڻُ:** مصدر. [سن. اُتْكَلَنَ = چوڑڻ، ڊرو ڪرڻ] اُکولڻ. اُڪيڙڻ. اُديڙڻ. (اُڪيليو – اوڪيليندو – اُڪيليل).

– **اُڪِيلَ ج اُڪِيلُون:** ث. کول – اُديڙ.

• **اُڪِيو ج اُڪِيا:** ذ. [سن. اَكْشَ = اک] وَنواهه ۾ ڪنوار جي منهن تي هٿل ڪپڙو ڊڳي وغيره کي اکين تي هٿڙ جو ڪپڙو يا ڪوپا "اَکين مٽي اَکيا، پڙ ۾ پير گناس" (شاهه). هوڪي کي ڪيل سوراخ (ل).

• **اُڪاڏُ، اُڪاڏَ:** ظرف. [سن. اَ = نه + گاڏَ = ترو] جنهن جو ترو نه لهي سگهجي – تمام اونهو – اَٿاهه. عميق – اَپار "بحر اُڪاڏُ جو لهر لکايو، طرح نوين طوفان" (سجل).

• **اُڪارَ ج اُڪارُون (ڪ):** ث. بدگفتگو – گار گند. ويڙ – سُهر – ڏوراپو.

– **اُڪارَ هولڻ (ڪ):** خراب ڳالهائڻ. گاريون ڏيڻ.

• **اُڪارڻ (لس):** مصدر. خرچ ڪرڻ. (اُڪاريو – اُڪاريندو – اُڪاريل).

• **اُڪال:** ث. [هـ: سن اُدْگارَ] ٽُڪَ – ڦيٽي.

– **اُڪالدانُ ج اُڪالدانَ:** ذ. ٽُڪن اُڇلائڻ جو ٽانءُ ـ ٽُڪو – چلمچي.

• **اُڪانو ج اُڪانا:** ذ. صفت. [ف. يگانه] پياروَ – لاڏلو – سڪيلڏو.

• **اُڪتَ:** ذ. صفت. [سن. اَگت < اَ = نه + گت = چال] بدچال. پاپي.

• **اُڪتو ج اُڪتا:** ذ. صفت. ندورو – نياڳو – چَندبو. مردود ٽي مئل – بي ڪفنو. نياڳو ڏينهن. هندو عورتن لاءِ هفتي جا ٽي منحوس ڏينهن (آڇر، هڏر، جمعو).

• **اُڪتِيو، اُڪتِيو (ٽ):** ذ. اوپرندي جي هوا.

• **اُڪَتَ ج اُڪَتُون (ل):** ث. خلق جو گوڙ.

• **اُڪتَنُ (ٽ):** مصدر. [سن. اُتْ = مٽي + گهرش = گَهَڙ] ٽانڊو واريءَ سان مانجهڻ – صفا ڪرڻ – مَلڻ. (اُڪتِيو – اُڪتيندو – اُڪتيل).

• **اُڪرُ:** حرف جملو. [ف] جي – جيڪڏهن.

– **اُڪرجه:** حرف جملو. جيڪڏهن – جيتوڻيڪ.

• **اُڪرُ:** ذ. [سن. اَگرُ: ف. اَگَر] خوشبوءِدار وڻ جو هڪ قسم. عود جي ڪائي. خوشبوءِ "اگر اوڏو نه وڃين، ٽُڪيو چڏين ٽوڪ" (شاهه).

– **اُڪرَتِي ج اُڪرَتِيُون:** ث. اَگر وڻ جي تيلي جنهن کي ساڙڻ سان خوشبوءِ نڪري.

– **اُڪردانُ ج اُڪردانَ:** ذ. اگر بتي هاري رکڻ جو ٽانءُ.

– **اُڪرتَڪس اُڪرتَڪسَ:** ذ. سيڪجهه – سمورو سامان. موڙي ۽ نڦعو.

– **اُڪرتَگر چَڪُ، ناسُ ٽِيڻ:** جهُڳوئي جهڙ ٽيڻ – سموري ملڪيت تباهه ٽيڻ – الهه تلهه ناس ٽيڻ.

– **اُڪرتَگر ڪائِي وَڃڻ:** هَڏَ ڪائي وڃڻ.

– **اُڪرتَگر ڪَجِي وَڃڻ:** اَلهه تَلهه جورائجي وڃڻ.

– **اُڪر ڪائِي ج اُڪر ڪائِيُون:** ث. اگر وڻ جي ڪائي – عود جي ڪائي.

• **اُڪرَسُ ج اُڪرَسُون (ل):** ث. گهُٽَ – هوسَٽَ.

• **اُڪرو ج اُڪرا:** ذ. صفت. [سن. اُگْر] مڪروهه. اڻ وٺندڙ (سواد). اُبڙڪا

Gul Hayat Institute

آٹيندڙ. اَڻ وٽندڙ – بد ذائقہ. شوخ طبع (ماڻهو). (ث) اَکڑيُ ج اَکڑيُون.

اَکرائي: ث. کوڙاڻ. شوخي. بدذائقگي.

اَکريل ج اَکريلَ (ث): صفت. صفا پکل – گهاٽو پيلو ٽيل – اَريلَ.

اَکسَ ج اَکسَ: ذ. صفت. اَڻ گس – نہ گسندڙ پورو (نشان تيَ). بي خطا (نشانباز) – چيٽوُ. بهادر.

اَکسٽي (ث): ذ. گاهه جو هڪ قسم. سَسئيءَ جو پٽر.

اَکلَ ج اَکلا: ذ. صفت. [سن. اَگهل = خراب، گنهگار] گدلو – ميرو. (ث) اَکلِي ج اَکليُون.

اَکلائي ج اَکلائيو: ث. ميرائي – گدلائي. ناقصائي – اٽهورائي ۱. "اَگلايون اوڏن جون، لاکا کير ليکيج"؛ ۲. "منهنجي ميٽ ميندَرا، تون عاقل اَگلائي" (شاه).

اَکلائي ج اَکلائيُون: ث. "اَکلِيءَ" جو اسم تصغير. ميرڙي – اَدلڙي گدلڙي. هيٺي – ضعيف "اَگلڙي آئون، مون کان پڙا پڳا نہ ٽيا" (شاه).

اَکلڻُ: مصدر. [سن. اُدْگِري] اوڳارڻ – کاڏل شيءِ مُنهن مان باهر ڪيڻ. قَيءَ ڪرڻ – اُلٽي ڪرڻ. نڪري پَوڻ. شڪوه شڪايت ڪرڻ بيان ڪرڻ. (اَکلِيو – اَگليندو – اَگليل).

اَکلِي ج اَکلِيُون: ث. ميري – گدلي.

اَکڙ ج اَکڙ: صفت. [سن. اَگَمْيَ < اَ = نہ + گم = وجهڻ] جنهن جي ڪل نہ پوي. جو سمجهه ۾ نہ اچي. جنهن کي پهچي نہ سگهجي. بي پروڙ. پهچ کان باهر. بي انت – بيحد. غيب – ڳجهه "آهن اَگر اپار، راهان رام ملڻ جون" (سامي).

اَکر جاڻُ ج اَکر جاڻ: ذ. صفت. [سن. اَگميه + گيان] ڳجهه جاڻندڙ – غيبدان – جوتشي.

اَکر شاسَترُ: ذ. اهو ڪتاب جنهن ۾ غيب يا باطن جي علم جو بيان هجي – باطني علوم. علم جوتش، جفر، رمل جو ڪتاب.

اَکر گيانُ: ذ. [سن. اَگميه + جُجان = جاڻ] غيب جو علم – ڳجهه جي جاڻ.

اَکرُ: ث. [سن. اُدْگَرُ = مٿي وڃڻ، چڙهڻ] بُلندي – ارتقاء. اُپرڻ (تارن جو). ظهور (نباتات جو) – اوپڙ – جم – اوسر. تخليق.

اَکرَ سان: ظرف. جتائيءَ سان – صفائيءَ سان.

اَکرُ ج اَکرَ (ڪ): ذ. لئي جو ڪوُنڊ.

اَکنَ: ث. [سن. اَکْن: اَگني = آگ] باهه – آتش. هندن جو وڏو ديوتا.

اَکنَ پُوجاري: ذ. صَفت. آتش پرست – پارسي – زردشت جا پوئلڳ.

اَکني: ث. باهه – آگن.

– **اَکني باڻ:** ذ. باهه وارو تيرُ.

– **اَکني پُوجا:** ث. باهه جي پوڄا – آتش پرستي.

– **اَکني سَنسڪارُ:** ث. هندن جي هڪ رسم موجب مُردي کي ساڙڻ جي ڪريا.

– **اَکني شالا:** ث. باهه ٻرڻ جي جاءِ. رڌڻو – بورچيخانو.

– **اَکني هوترَ:** ذ. هندن جو هڪ ڪريا ڪرم هَوَنُ.

• **اَکنڈَري:** ث. صفت. [سن. اَ = نہ + گوندر = ڳڻتي، فڪر، غم] بي ڏَڀي – ڊپ يا خوف کان سواءِ ـ اوني يا اُلڪي کان سواءِ ـ سواءِ گوندر جي 'عمر اَنَ اَگندري، پاسي کانڈ ڪتن" (شاه). (هنر) کان سواءِ ـ اَوڳڻ – بي هنر. نالائق – بي اثر.

• **اَگڻُ (ث):** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + جَنْ = جڻڻ، جمڻ] اُڀڻ – ڦُٽڻ. نروار ٽيڻ – ظاهر ٽيڻ. (اَگيو – اَگندو – اَگيل).

• **اَگڻَت (ث):** ث. صفت. [سن] اڻڳڻت – بيشمار – بيعدد – ڳڻڻ کان وڌيڪ.

• **اَگڻيس (ث):** صفت. هڪ عدد – اوڻيهه.

• **اَگوتَري:** ذ. صفت. [سن. اَ + گوتر = ڪُل، ڪٽنب] جو سڳائي ڪُل يا گوتر جو نہ هجي – هيءَ ذات وارو – اَپٽيو.

• **اَگوجَرُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + گو = اِنْدري + چر = هلڻ] جو ڏسجڻ ۾ نہ اچي – جو محسوس ڪري نہ سگهجي. اَلک – بي مثال. مخفي – لڪل. ڏٺيءَ جو هڪ صفاتي نالو "سيوا ڪر سموند جي، جو اگوچر آهي" (شاه).

• **اَگونْدَرُ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + گوندر = غم] بي غمو. بي پرواهه – اَگونْدرو.

– **اَگوندرائي:** صفت. بي فِڪري ـ بي خيالي. بي غمي.

– **اَگوندرو ج اَگوندرا:** ذ. صفت. بي پرواهه – بي فڪر – بي خيال. جهجهو – جالارو "سانگين وريو ساهه، اُٺن آب اَگونْدرو" (شاه).

• **اَگوڙ (ث):** ذ. هڪ طرف جو نالو – اُپرندو.

• **اَگوهَڻ (ث):** مصدر. [سن. اُدْگَمَن] سج يا چند جو اُپرڻ. (اَگو – اَگندو – اَگيل).

• **اَگياري:** ث. [سن. اَگْن = باهه؛ هـ اَگياري] هندن جي پوڄا وقت باهه ٻارڻ جي رسم. پارسين جي باهه جي بَني. باهه جي پوڄا لاءِ مندر – آتش ڪده. گيهه جي رائي.

• **آگِيانُ:** ذ. صفت. [سن. اَجْيَانْ = اَڻ جاڻائي] جهالت – نادانيَ – بي علمي – بي عقلي – بي سمجهي.

Gul Hayat Institute

– **اڳياڻي:** ذ. صفت. اڻ ڄاڻ – جاهل – بي علم – بي سمجهه – جَٽ. مورک.

• **اڳ ج اڳ:** ذ. [سن. اگْر] مُنڊي – مُهَڙ – مُهاڳ. مُنهن. اڳيون پاسو. اڳيون وقت. (ظرف) اول – پهريون – اڳيون. سامهون هن کان اڳ. اڳيان – اڳي.

– **اڳ اڳ:** ظرف. پيش پيش.

– **اڳ آيو اڳايو ج اڳ آيا، اڳايا:** ذ. صفت. اڳ ڄائو – زال کي اڳئين گهر مان ڄايل پٽ. (ث) اڳ آئي، اڳائي ج اڳ آيون، اڳايون.

– **اڳاهُون:** ظرف. اڳيرو – اڳيان – اڳتي ١. "آءٌ اوراهين سپرين، وڃ مَ آڳاهون" ٢. "ڪيڄ آڳاهون پنڌ، متان لڪن سين لڳي مرين" (شاه).

– **اڳاهين:** ظرف. آڳاتي وقت کان – اڳي کان. اڳهٽو – بنهه اڳي "متان ٽيين ملوڙ کي اڳاهين آهيين" (شاه).

– **اڳ ٻڌ:** ڳلو ٻڌڻ. انڪل سان ٻڌي جي دل جو حال معلوم ڪرڻ. اڳ وٺڻ.

– **اڳ ٻڌي، ٻڌڙي ج اڳ ٻڌيون، ٻڌڙيُون (ت):** ث. اڳ وٺي راز لهڻ جي حالت – پيچ بازي – حڪمت عملي – ڦندو – دلبو – ڦڙي – دولاب.

– **اڳيرو ج اڳيرا:** ظرف. ڪجهه اڳتي – ٿورو اڳيان. ٿورو پرتي – پرپرو.

– **اڳتي:** ظرف. اڳيرو – اڳيان. آئينده.

– **اڳتي جو ڏَس ڏيڻ:** همت ٻڌائڻ. برغلائڻ.

– **اڳتُئون ٻيهي نه سگهڻ:** مقبالو ڪري نه سگهڻ – رعب سهي نه سگهڻ.

– **اڳ ٻوڙ:** ٻين کي ريٽي پنهنجو مرتبو وڌائڻ. ترقي ڪرڻ.

– **اڳ پوء:** ظرف. اڳو پيڇو – اڳيان پٺيان گذريل وقت ۽ آئيندو.

– **اڳ پوء جاچڻ:** دوراندیشي ڪرڻ. ماضي ۽ مستقبل جو خيال ڪرڻ – نتيجي جو ويچار ڪرڻ. سنيالي قدم کڻڻ – خيال ڪري هلڻ.

– **اڳ پوء ڪرڻ:** خوشامد ڪرڻ. خدمت ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ. هيٺ مٽي ڪرڻ. بدل سدل ڪرڻ. دل من هٽڻ – هٻڪڻ.

– **اڳ جو اونو ڪرڻ:** آئينده جو خيال ڪرڻ – دوراندیشي ڪرڻ.

– **اڳ جهلڻ:** ڪنهن جو ڏڳ جهلي بيهڻ – رستو روڪڻ.

– **اڳ جاڻو ج اڳ جاڻا:** ذ. صفت. زال کي اڳئين گهر مان جاول پٽ آڳ آيو – اڳاڻو. (ث) اڳ جاڻي ج اڳ جاڻيون.

– **اڳ چيتَ، چيتي:** ث. دوراندیشي – ڳڻ ڳوت. (صفت) دوراندیش.

– **اڳ ڏَڏو ج اڳ ڏَڏا:** ذ. صفت. اڳ ئي ڏڏل – اڳ ئي آزاريل – ڏکويل.

– **اڳ ڏُکويو ج اڳ ڏُکويا:** ذ. صفت. اڳ ئي ڏکايل – اڳ ڏڏل. (ث) اڳ ڏُکوئي ج اڳ ڏکوئيون.

– **اڳ ڏاڻو ج اڳ ڏاڻا:** ذ. صفت. اڳ ئي ڏاوَل – ستينءَ پيڙهيءَ شاهوڪار – بنيادي تونگر. سڪئي گهر ۾ جاول "آئون اڳ ڏائي، سنيهو سڻي جيان" (شاه).

– **اڳ ڦِرڻ:** رستو روڪڻ – رندڪ وجهڻ.

– **اڳ ڪَٿي ج اڳ ڪَٿيُون:** ث. ايندڙ واقعي جي خبر – پيشينگوئي.

– **اڳ ڪَٿي ڪَرڻ:** پيشينگوئي ڪرڻ.

– **اڳ ڳڻتي:** ث. دوراندیشي – اڳ ويچار.

– **اڳل:** ظرف. اول – منڊ ۾ ـ اڳ ۾.

– **اڳ ۾:** ظرف. اوّل ۾ منڊ ۾ ـ مهڙ ۾ گذريل وقت ۾.

– **اڳنا:** ظرف. اڳتي – آئينده.

– **اڳ وٺڻ:** سامهون اچڻ. آڏو آڇڻ. فريب ڏيڻ. ڪوڙ ڳالهائڻ. مُنجهائڻ. ڪنهن جو ڏڳ جهلي بيهڻ – اڳ وٺي وهڻ. پهچي ۽ اڳتي نڪري وڃڻ.

– **اڳواٽ:** ظرف. اڳ ۾ ـ اڳي ئي ـ مهند – پهريائين – شروع ۾ ـ اڳوار.

– **اڳواٽ اَڇڻ:** پهريائين پهچڻ. آڏر پاءُ لاءِ اچڻ – استقبال لاءِ اچڻ – ٻه وڪون اڳتي وڌي اچڻ.

– **اڳواٽ وڃڻ:** اڳي ئي وڃڻ – سڀ کان اول وڃڻ. استقبال لاءِ اول روانو ٿيڻ.

– **اڳوار:** ظرف. اڳ ۾ ـ پيشگي. (صفت) اڳواڻ – سردار – سرمهرو – ساڻ ڏٽي "سو آرياڻي اڳوار، اچي هوت ڏرينده هٽڙا".

• **اڳاڄ:** صفت. [سن. اَگَتِ] اڻ ڳڻيو – ڳاڻاٽي کان ٻاهر – بيشمار – اڳاڇو – اڪٽ.

– **اڳاڇو ج اڳاڇا:** صفت. اڻ ڳڻيو – بيشمار – ڳاڻيٽي کان ٻاهر – اڳاڄ.

• **اڳاڏ:** صفت. [سن. اَ = نه + گاڏَ = تر] اونهو – عميق – اَٿاهه.

• **اڳاڙ:** مصدر. [سن. اُدْگري] کاڏل گاهه. داڻو يا کاڏو وري وات ۾ آڻي چباڻڻ – اوگاڙ.

• **اڳاڻ:** مصدر. [سن. اُدْگرهَ] وصول ڪرڻ (قرض). ڪنو ڪرڻ (چندو). (اڳاڙيو – اڳاڙيندو – اڳاڙيل).

– **اڳاڙ ج اڳاڙون:** ث. رقم جي وصولي. ڦوڙي – اوگڙ.

– **اڳاڙو ج اڳاڙو:** ذ. اڳاڙيندڙ – وصولي ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

– **اُڀارڻي ڄ اُڀارڻيُون:** ث. ڦوڙي – وصوليءَ جو مقرّر حصو.
– **اُڀارڻي ڪرڻ:** ڦوڙي ڪرڻ. وصولي ڪرڻ.
• **اُڀارڻي ڄ اُڀارڻيُون (ث):** ث. اُڀياڙي – گھوڙي کي ٻڌڻ لاءِ اڳئين پيرجي رسي.
• **اُڀانڪھ:** صفت. [سن. اُگاڌ] اَٿاھ – عميق – اَپار.اُجھاڳ. اڳانجھو.
– **اُڀانجھو ڄ اُڀانجھا:** ذ. صت. [سن] زور پريو – اڳتي وڌيل. اڳاتو. اڳرو. زياده. وٺندڙ – پسنديده. اُونھو – عميق – اَپار – اَٿاھ – اَجھاڳ "اڳ اُڀانجھو نينھن. ٻانيٺ ٻروجن ۾" (شاھ).
• **اُڀانھَ، اُڀانھَن:** ث. [ف. آگاھي] ڄاڻ – واقفيت – آگاھ. [سن. اگر = اڳ] (صفت) اڳري – زياده. (ظرف) اڳاھين. اڳيرو – اڳتي "ڪماحقه ڪكن جي، آھي ڳالھ اُڀانھ" (شاھ).
• **اُڀاڻ ڄ اُڀاڻ، اُڀاوَ:** ذ. [سن. اُدْگمْ] اوپر – اوسر.
• **اُڀَتُ:** ذ. صفت. [سن. اگڈ] تندرست – صحتمند. چگو پلو.
– **اُڀڻُ ڄ اُڀڻَ:** ذ. سُٽڻ ٻڌڻ لاءِ سُٽ جي رسي. اُبداڻي ۾ پيل ٻڌي – ازار بند – ناڑو.
– **اُڀڻ جو سڱ:** محاورو. ساھري گھرسان مائٽي.
– **اُڀڻ جو وَرُ:** محاورو. شاديءَ جي ذريعي مائٽيءَ جو رستو.
– **اُڀڻ ڇوڙي ويھڻ:** همت ھارڻ – گيدي ٽيڻ.
– **اُڀڻ ديرو ڪري ويھڻ:** گيدي ٽيڻ – همت ھارڻ.
– **اُڀڻ وھٽي ڄ اُڀڻَ وھٽيُون:** ث. اڳٽي.
• **اُڀڻَ ڳھڪا:** اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.
• **اُڀڻُ:** ٿ. [سن. اُد گھٹْ] اُڀَتُ. اُڳھٽ – اُڳھڙ – اُڳھاڙ.
• **اُڀرُ ڄ اُڀر (ل):** ذ. [سن. اگگن] اُڳڻ – آڱڻ – صحن – ايوان – آڱر.
– **اُڀرُڇوھو ڄ اُڀرُڇوھا:** ذ.صفت. وچ ٽپڻو – وچ ۾ ٽپي پوندڙ.
• **اُڀرا:** اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.
• **اُڀرتگر:** ذ.اگر تگر – ھڙ موڙي – گھرتڙ.
– **اُڀرتگر ناسُ ڪرڻ:** سيڪجھ چٽ ڪرڻ.
• **اُڀرڻ:** مصدر. [سن. اُڀرْس] ڦُھٽ – ڦُھي وڃڻ. (اُڀريو – اُڀرندو – اُڀريل).
• **اُڀرو ڄ اُڀرا:** ذ. صفت. [سن. اُڀر] جلدباز – تکڙو. وڌيڪ – زياده ـ سرس "گوھر غيرت اُڀرو. راول ريسارو" (گرھوڙي). مقدم – مٿاھون. اُڀي – اُڀيان. بھتر – سئو – عمدو "ڏسڻ ڏِکان اُڀرو. سسئي آڻ مَ شڪ" (شاھ). زيادتي ڪندڙ. پيشقدمي ڪندڙ. (ث) اُڀري ڄ اُڀريُون.
– **اُڀرائي ڄ اُڀرائيُون، اُڀرايون:** ث. پيشقدمي – چڙھتي. زيادتي. عمدگي "آڳ اُڀرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي" (شاھ).
– **اُڀرائي ڪرڻ:** زيادتي ڪرڻ. چڙھت ڪرڻ – پيشقدمي ڪرڻ. جھيڙي جو بنياد وَجھڻ.
– **اُڀرو ٻوڙ:** پيشقدمي ڪرڻ – اڳرائي ڪرڻ.
• **اُڀرو ڄ اُڀرا (ڪ):** ذ. صفت. اُڀرو – بي سواد – نہ وٺندڙ.
• **اُڀڙا:** اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو. رياست خيرپور ۾ ھڪ ديھ ۽ شھر جو نالو. فقير يوسف نانڪ جي درگاھ وارو ڳوٺ.
• **اُڀڙڻ:** مصدر. [سن. اُدْگُرَھڻ] وصول ٽيڻ. گڏ ٽيڻ. ڪپڙي جي رنگ يا ميراڻ جو پاڻيءَ ۾ پُسي لھڻ. (اُڀڙيو – اُڀڙندو – اُڀڙيل).
• **اُڀڙو ڄ اُڀڙا:** ذ. [سن. اُنْڪَ + ڙو] ڪپڙي جو ڪجھ وڏو ٽڪر. گڏيءَ جي گندي.
– **اُڀڙا ڌِڪڙا، ڌِڪڙا:** ذ. ڪپڙيَ جا ٽڪرا. سٻٽ يا پرت پرڻ جو سامان. ٽپڙ تاڙي.
– **اُڀڙي ڄ اُڀڙيُون:** ث. ڪپڙي جو ڦاڙل ٽڪرو – ٽڪڙي. ڇتي. لِيڙَ ـ لِينگھَ. چندي. ڪپڙي جو ٽڪر.
– **اُڀڙيارو ڄ اُڀڙيارا:** ذ.صفت. اڳڙين وارو – اڳڙين لڳل. چنل – ڦاڙل. اڳڙين ٽڪڙين مان سبيل ڪپڙا پائيندڙ. ڇتين لڳل ڪپڙا پائيندڙ. اُڀڙين جو.
– **اُڀڙياڻُون ڄ اُڀڙياوان:** ذ. صفت. اڳڙين وارو – اڳڙين جو. ڇتين لڳل – ڇتين وارو.
– **اُڀڙي ٻوڙ:** گُنڍُ لڳڻ ـ ڇتي پوڙ.
– **اُڀڙي لڳڻ:** ڇتي لڳڻ – گُنڍ لڳڻ.
– **اُڀڙيُون وھڻ:** ڇتيون ھٽڻ.
• **اُڀڙياڻ ڄ اُڀڙياڻ:** ذ. نار جو ھڪ عضو (تڙياڻ جي سامھون ڇو ھي جي ڏينگي واري پاسي کان لَٽ جي ھيٺان رکيل ڪائي).
– **اُڀڙياڻ ٽِيڻ:** ھٿ ٽوڪيو ٽيڻ – ھا ۾ ھا ملائڻ. ساڃي ڄاڻھن بنجڻ – چاڙتو بنجڻ.
• **اُڀڪتي ڄ اُڀڪتِيُون:** ث. [سن. اگري + ڪٽ، اناگتَكتَمْ] پيشينگوئي – ايندڙ واقعي جي خبر.
– **اُڀڪتي ڪرڻ:** پيشينگوئي ڪرڻ – اڳواٽ اھياڻ ڏيڻ.
• **اُڇلو ڄ اُڇلا:** ذ.صفت. [سن. اگريَه] اڳيون – اڳاتو – اڳوڻو. ٻيءَ ڏر وارو. [سن. اَڇُلا] گنھگار. خراب – بڇڙو – بدڪار – ڪميٽو (ث) اُڇلي ج اُڇليُن "اڇيو اڇيو اُڇلي، ڇئي ليلان کي لوڪ" (شاھ).

Gul Hayat Institute

• **اَڳَڻ (ٿ):** مصدر. [سن. اُدْگَمْ] اُپرڻ – اُسرڻ – سلو ڪيڻ. جمڻ – پيدا ٿيڻ.
• **اَڳَڻَت:** ٿ. صفت. [سن. اَڳَڻتَ] بيشمار – ڳڻڻ کان وڌيڪ – ڳڻت کان ٻاهر.
• **اَڳَڻيو ج اَڳَڻيا:** ذ. صفت. بيشمار – بي حساب – ڳڻڻ کان وڌيڪ.
• **اڳو:** ذ. [سن. اَگْرَ] سامهون – اڳيون پاسو. اَڳ – شروعات. آڳ – اَڳيان.
– **اڳو وڻڻ:** اَڳ وڻڻ – سامهون قُري اچڻ.
• **اڳواڙو ج اڳواڙا:** ذ. [سن. اَگْرَواتَ] اَگرَ – اڳنڌ – صحن – ايوان.
• **اڳوان، اڳواڻ ج اڳوانَ، اڳواڻ:** ذ. [سن. اَگْرِيانَ: اَگْرَڀِي] مهندار – سردار – قائد – رهبر_ سونهون – پيشوا "آءٌ آرياڻي اَڳواڻ ور وڃڻ مناسب ناهي" (مولود).
– **اڳواڻي:** ٿ. صفت. [سن. اَگْرَگامن. اَيگانِي] رهبري – پيشوائي.
• **اڳواهي، اڳوائي:** ٿ. [هـ. اگ: سن. اُگْنِي = باه] وڏي باهه – مُڃ.
• **اڳواهيو ج اڳواهيا:** ذ. اَڳتي ٽيل – اَڳتي ڪريل – اَڳتي جهڪيل (بار).
• **اڳوتر:** ٿ. آخرت – عاقبت.
• **اڳوتَرائي:** ٿ. اَڳرائي – چيڙ – چَرِ – چُرج.
• **اڳوتَرو ج اڳوترا:** ذ. صفت. اڳرائي ڪندڙ – اڳرو. وڃ ۾ ٽپي پوندڙ. بي اَدب.
– **اڳوتراڻ (ٿ):** اڳرائي ڪرڻ. اڳڪتي ڪرڻ.
• **اڳوڻُ ج اڳوڻ (ڪ):** ذ. اُٺ جو گوربند – جَنوئي (ٿ). اُٺ جو رسو يا ڳٽيل پٽو (پاڪڙي) کي مضبوط جهلڻ لاءِ).
• **اڳوڻي ج اڳوڻيُون (ڪ):** ٿ. گَجَ (ڪُنجري) هڪ ئي پيري – يڪي گهمري – ساڃڻي وقت. ٻئي ڪم سان گڏ. هيڪاندو – يَڪوئي. هاڻي ئي – يڪدم آيو پايو – هميشه لاءِ.
• **اڳوچاڻي ج اڳوچاڻيُون (ل):** ٿ. ماڻِيءَ جي مٿان رکڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر. اَڳوچڻي (ڪ) – ٻَنڌڻو (ل).
• **اڳوچڻي ج اڳوچڻيُون (ڪ):** ٿ. قرآن شريف يا ڪتاب ويڙهي رکڻ لاءِ ڪپڙي جي ڇوٽري. ماڻِيءَ تي رکڻ لاءِ ڪپڙو – ٻَنڌڻو (ل).
• **اَڳَ وَڌو ج اَڳَ وَڌا:** ذ. صفت. سردار – مهندار – پيشوا.
• **اَڳَ وڌي (ڪ):** ظرف. اڳيرو – ٽورو اڳيان.
• **اَڳَ وَرائي ج اَڳَ وَرائيُون:** ٿ. [سن. اَگْر = اَڳَ + ورائي] ٽورو اڳيرو وڃڻ جي حالت. استقبال – آجيان – آدرپاءِ.
• **اڳو سَڳو ج اڳا سَڳا:** ذ. [سن. اگر + سَگوتْر] مٽ مائٽ – ويجهو عزيز.

• **اڳوٽو ج اڳوٽا:** صفت. [سن. اَگرَم] اڳ جو – آڳاڻ اڳيون. قديم. اَول.
– **اڳوٽائي:** ٿ. اڳوٽڪائي – اڳوٽپائي. اَولِيّت – تقديم قدامت – سابقيت.
– **اڳوٽڪائي:** ظرف. اڳوٽائي – اَولِيّت. تقديم.
– **اڳوٽڪو ج اڳوٽڪا:** ظرف. اڳوٽو – آڳاٽو. گذريل. پراٽو قديم.
– **اڳوڻي ج اڳوڻيُون:** ظرف. آڳاڻي – اڳ جي – اڳين. پراڻي. گذر
• **اڳوهيو:** ذ. صفت. [ويدڪ. اگوهيه] جو لِکائي يا ڏِکي سگهجي – روشن – ظاهر.
• **اڳوئو ج اڳوئا:** ذ. [هـ. اگوا: سن. اگر] اڳواڻ – سونهون. رهـ – سردار. پانڊيئڙو – قاصد.
• **اڳهَ:** ظرف. [سن. اَگْر] اڳ – اول – اڳوات.
• **اڳهر، اڳهڑ، اڳهڑي، اڳهوڑي، (ل):** ظرف. ٽورو اڳ – ٽو وقت اڳ ۾.
• **اڳهَر دل:** ظرف. اڳي ڪان شروع ڪان _ ازل ڪان _ اصل ڪا
• **اڳهُڻ (ٿ):** ظرف. هن ڪان اڳ _ سويرو _ اڳي.
• **اڳهڻ، اڳوهڻ:** مصدر. [سن. اُدگَمنَ] سج يا چند جو اُپرڻ طلوع ٿيڻ. (اڳهيو _ اُڳهندو _ اُڳهيل).
• **اڳهڻو (ل):** ظرف. [سن. اَگْرَ] اڳهرو _ ٽورو وقت اڳ.
• **اڳهُڻ:** ظرف. سويل _ ٽورو اڳ ۾. اڳتي.
• **اڳهيُن:** ظرف. اڳ ۾ ئي – اڳوات.
• **اڳهيو:** ذ. اُپرندو ظرف.
• **اڳئو ج اڳئا:** ذ. [هـ اگوا] اڳواڻ – سونهون – رهبر. سردار پانڊيئڙو – قاصد – نياپو ڏيندڙ. بورائو – اڳوئو.
• **اڳي:** ظرف. [سن. اَگْر] اڳ ۾ _ اول – پهريائين. هن ڪ اڳ – مهند. آئنده. ازل ڪان – اول ڪان – اصل ڪان "سهڻو جا سينگار. اڻ لکيا اڳي هئا" (شاهه). اڳي ئي – پهريائي اڳتي – اڳيرو. گذريل وقت.
– **اڳي اڇڻ:** اڳ اڇڻ. اڳيان اڇڻ – مهدان اڇڻ. استقبال اڇڻ. آدرپاءِ ڪرڻ – آجيان ڪرڻ.
– **اڳي پوءِ:** ظرف. هر حال ۾. آخرڪار – نيٺ _ نيٺان نيٺ پويان پوءِ.
– **اڳي ڪان اڳرو:** محاورو. پهريان ڪان وڌ. اڳي ڪان بهتر.
• **اڳياڻُ ج اڳياڻ:** ذ. هُرلي يا نار جي هڪ ڪاڻي – يارونِ

جي جهَل – اَڳڙيائُ.

• **اَڳيارُ ج اَڳيار (ڪ):** ذ. ڏراڙ جو عيوضي. چاڪَر.

• **اَڳياڙي ج اَڳياڙيُون:** ث. [سن. اَگْر + واري] اڳيون حصو – اڳ وارو حصو. مُنڊِ – ابتدا. گهوڙي کي قابو ڪرڻ لاءِ اڳيئءَ جنگهه وارو رَسو.

• **اَڳياڪاري:** ذ. صفت. [سن. اَگيا + ڪاري] چئيوانُ – چيو مڃيندڙ – فرمانبردار. حُڪم جي پيروي ڪندڙ.

• **اَڳيانُ:** ظرف. [سن. اَگْر] اڳ ۾ ـ سامهون – مهندان. مقابل – آڏو – روبرو.

– **اَڳيان اَڃڻ:** سامهون اَڃڻ آڏو اَڃڻ. ڪنهن ڪم ۾ رندڪ وجهڻ. مقابلو ڪرڻ.

– **اَڳيان ڪَرڻ:** اڳ ۾ ڪرڻ – سامهون ڪرڻ. پيش ڪرڻ. وڙهڻ لاءِ ڪڙو ڪرڻ. رهبريءَ لاءِ آڏو ڪرڻ.

• **اَڳيڇٽي ج اَڳيڇٽيُون (ل):** ث. ماڻيءَ کي ڊِڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر – ٻَنڊُ.

• **اَڳيَرَ:** ظرف. [سن. اَگْر] ٽورو وقت اڳ ۾ ـ اڳهرو. اڳئين ڏينهن.

• **اَڳيراهُون، اَڳيرڙو:** ظرف. ٽورو وقت اڳ ۾. ٽورو اڳيرو.

• **اَڳيلي ج اَڳيليُونُ:** ث. [سن. اَگْر = اڳ] ٻيڙيءَ جي اڳ واري لَڪَ جو ڏَڪ – ڦالڪو – ٽُوتَڪُ.

• **اَڳينْ ج اَڳيُون:** صفت. [سن] هن کان پهرين (زال). شروع واري – مُنڊِ واري. آڳاتي. (ث) هن مَلهُن مان پهرين مَلهه. ظهر جي نماز. مال جي قطار ۾ اڳيان هلندڙ ڇوپائي. اڳئين.

• **اَڳيونْ ج اَڳيانْ:** ذ. صفت. [سن. اَگْر] پهريون – اڳوارو. آڳاتو – قديم – گذريل – پراڃين. مُنڊِ وارو "اڳيان آڏيُن وٽ، پوين سر سانباهيا" (شاهه). (ث) اَڳين ج اَڳيُون.

– **اَڳيون پويُون وساري ڇڏڻ:** سڀ ڪجهه ڇڏي ڏيڻ. صفا معاف ڪرڻ.

• **اَڳي ئِي:** ظرف. [سن. اَگْرت = اڳ] اڳ ۾ ئي – اصل کان وڃي. پهريائين. اڳهين.

– **اَڳي ئِي سونُ هُئُ:** جمندي جام هئُ. اصل کان پاڪ صاف هئُ.

• **اَڳهَ ج اَڳهَ:** ذ. [سن. اَرْگهَ: پرا. اَگهَ: ف. اَرج] بها – مُلهه – نرخ – پيٽ. مانُ – **اَڳهَ پاڙُ ج اَڳهَ پاڙَ:** ذ. نرخ. بهَا – قيمت.

– **اَڳهَ پاڙُ پُڄڻ:** قيمت پڄڻ – نرخ پڄڻ.

– **اَڳهه پَوڻ:** اڳهه ٽيڻ – قدر ٽيڻ. مُلهه ٽيڻ.

– **اَڳهه ڇَڏائڻ:** تعدي ڪرڻ – جُٽ ڪرڻ. ملامت ڪرڻ – جٽ ڦٽ ڪرڻ. سخت بي عزتي ڪرڻ.

– **اَڳهَ ڪَڍڻ:** اڳهوتري ٺهرائڻ. مُلهه ڪرڻ.

– **اَڳهَ ڪَرڻ:** مُلهه ڪرڻ – مهانگو ٽيڻ. آبرو وارو ٽيڻ. هندن ۾ هڪ ڏرمي رسم طور خيرات ڪرڻ. جُٽ ڪرڻ.

– **اَڳهه ڪَسيري جو ٽيڻ:** بلڪل سهانگو ٽيڻ – گهٽو سستو ٽيڻ. مان گهٽجڻ – بي مانو ٽيڻ. بي عزتي ٽيڻ.

– **اَڳهه ڪَٽيو کائڻ:** شين جا اڳهه چاڙهي وڪڻڻ.

– **اَڳهه مُدا پائڻ:** بحث ڪرڻ. حجتون هلائڻ – بي ادب ٽيڻ.

• **اَڳهَهَ ج اَڳهُونْ:** ث. [سن. اُڪْشَ] اُڳهڻ جي حالت – صفائي. پاڙ (ث).

• **اَڳهَهَ سُڳهَهَ:** ث. اوگهه سوگهه. صفائي. ديگڙي وغيره مان صفا ڪري ڪڍيل ڪاڌو – روڙ سوڙ – بَڃت سڃت اوبر سوبر.

– **اَڳهه وَڃڻ (ث):** گهر ٽيڻ – پاڙ پَٽجڻ.

• **اَڳهاتو ج اَڳهاتا (ت):** ذ. صفت. سڪيلڏو – لاڏلو – پياروَ.

• **اَڳهارَ ج اَڳهارُون:** ث. [سن] هيڇ – لالچ.

– **اَڳهاري ج اَڳهاري:** ذ. صفت. هيڇي – لالچي.

• **اَڳهاڙَ:** مصدر. [سن. اُدْ گهَتْ] اُڳهاڙو ڪرڻ – نانگو ڪرڻ. عيب ظاهر ڪرڻ – خوار ڪرڻ – بچڑو ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ "هڻي تان نه هُياس، پر عشق اڳهاڙيس جيڏيون" (شاهه) (اُڳهاڙيو – اُڳهاڙيندو – اُڳهاڙيل).

– **اَڳهاڙَ ج اَڳهاڙُون:** ث. مصدر. "اڳهاڙڻ" مان اسم. اوگهڙ – ننگائي. اُپٽ. بي پردگي. ننگ – شرم "اَديون ور اُگهاڙ، وهان ۽ جنهن وساريو" (شاهه).

– **اَڳهاڙائي ج اَڳهاڙايُون:** ث. ننگائي – عرياني.

– **اَڳهاڙَپ ج اَڳهاڙَپُون:** ث. اُگهاڙائي – عرياني.

• **اَڳهاڙو ج اَڳهاڙا:** ذ. صفت. [سن. اُدْگهاٽ] بنا ڪپڑن جي – اُٽ ڏِڪيل. ننگو – عُرياني. بيحيا بدافعال – بد چال. (ث) اُگهاڙِي ج اُگهاڙيون.

– **اَڳهاڙي ٽَرار:** محاورو. سڄ چوندڙ – مُنهن تي ٻڌائيندڙ. وات ڦاٽوڙو.

– **اَڳهاڙي ڪُنِي:** محاورو. لاوارث – نڌڻڪو. سُجو – غريب – مفلس.

– **اَڳهاڙي پيرين ڪَڍڻ:** سُجو ڪري ڪڍڻ – سيڪجهه ڦُري ڪڍي ڇڏڻ. يڪدم لوڏي ڪڍڻ.

• **اَڳهاڙا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَڳهامتي:** ث. [ملتاني] نار کي زمين کان مٿي ڪٽڻ جو اسباب.

• **اَڳهاماڻو:** اسر خاص. تعلقي ماتليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

سنڌ جي قديم شهر "اُگهر ڪوٽ" واريءَ جاءِ تي آباد ٿيل ڳوٺ جتي بزرگ مخدوم محمد اسماعيل سومري جي مزار آهي.

• **اُگھاماٹي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اُگھامَڻُ:** مصدر. [سن. اُرْگھ] قبول پوڻ – منظور ٿيڻ – پسند اچڻ. مُلهه ٿيڻ. وڪامڻ (اگهاميو – اگهامندو – اگهاميل).

– **اُگھامجڻُ:** مصدر "اُگھامَڻُ" مان فعل مجهول. قبول پوڻ – منظورَ ٿيڻ. اگهه ٿيڻ – مُلهه ٿيڻ.

• **اُگھائِڻُ:** مصدر. [سن. اُرْگھ] قبول ڪرڻ – منظور ڪرڻ "وس ويجاريءَ ناهه ڪو، تون آڪا عرض اُگھاءِ" (شاهه). وڪٽي ڇڏڻ – نيڪال ڪرڻ. اگهه ٿيڻ. (اگهايو – اگهائيندو – اگهايل).

• **اُگھائِجَڻُ:** مصدر "اُگھائِڻُ" مان فعل مجهول. اگهامجڻ – قبول پوڻ – منظور ٿيڻ.

– **اُگھائِتو:** ذ. صفت. اگهه سان – اگهه ڪيل – سڪيلڏو – لاڙلو – پيارو

• **اُگھائِڻُ:** مصدر. "اُگهڻ" مان متعدي بالواسطه. [سن. اُدْگھَرْشَڻْ] صاف ڪرائڻ – چنڊ ڦُوڪ ڪرائڻ. (اُگهايو – اُگهائيندو – اُگهايل).

• **اُگھائِي ج اُگھايُون:** ث. بيماري – ناچاڪائي – سُڪالائي – ناچگيلائي. رنج – تڪليف – درد – ڏک – سور. هيٺائي "اُگهي اُگهاني، رَنج پريان کي رسيو" (شاهه).

• **اُگھتائي پُڇڻ (ث):** ڇڪيءَ طرح پُڇڻ – ٽاهي ٽوڪي پُڇڻ.

• **اُگھَتَ:** ث. [سن. اُدْگھَتْ] اوگهڙ – پڌرائي. بدنامي – خواري – شهرت "آٽڻ منجهه اُگهَت، شل ڪانڌ ڪنهن جي مَ ڪري" (شاهه).

• **اُگھَتَڻُ:** مصدر. [سن. وياگھاتُ] روڪڻ – رندڻ. جهلڻ – گهُٽڻ. (اُگهٽيو – اُگهٽيندو – اُگهٽيل).

– **اُگھَتُ:** ث. روڪ – رَندڪ – رُڪاوٽ – مَنع. گهُٽ، رُگهَ – اوگهَر – تَپش. گهٽائي، پيهٽ.

– **اُگھَتِجڻُ:** مصدر "اُگھَتَڻُ" مان فعل مجهول. روڪجڻ – رندجڻ. گهٽجڻ "انهي تڙ اُگهٽئا، آڏي پائي آڻ" (شاهه).

• **اُگھَڏَڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ گھرش] اُگهڻ – صاف ڪرڻ "ڪُٽن اُتان رت ڦُڙا، عليءَ ٽي اُگهناس" (اُگهڻيو – اُگهڻيندو – اُگهڻيل).

• **اُگھَرُ:** ذ.صفت. [اَ + گَهَر] جنهن کي گهر نه هجي – بي گهرو. رولُو. تارک.

– **اُگھَرو ج اُگھَرا:** ذ. صفت. بنا گهر – بي گهَر.

• **اُگھراٹِي ج اُگھراٹيون (ث. ل):** ث. اوڏر. اُڃاڙي – اوڃڙ – وصولي. قرض. رَڪت – رَهت (ل).

• **اُگھُرجو ج اُگھُرجا:** [اَ + گُهُرَجَ] نه گهربل. غير ضروري. بيسُود – بينائدو – اَجايو – نڪمو.

• **اُگھڙَڻُ:** مصدر. [سن. اُدگھَٹَن] اُگهاڙو ٿيڻ. اوگهڙ ٿيڻ. پردو لاهڻ. پڌرو ٿيڻ – ڪلڻ. (اوگهڙيو – اُگهڙندو – اُگهڙيل).

– **اُگھڙ ج اُگھڑون:** ث. اوگهڙ – ننگائي – عرياني – اگهاڙپ "اُگهڙ اوڏا ڪاپڙي، سَتر تان نه سَهن" (شاهه).

• **اُگھَلَ ج اُگھَلُون (ث. ل):** ث. وَٽاڻ. ڪان ٻاهر مال جي ويهڻ جي جاءِ.

• **اُگھلڻُ:** مصدر. راز ظاهر ڪرڻ. اُلٽي ڪرڻ. وَڌڻ – نڪرڻ – ڦُٽڻ (سلَ). بيپرواه ٿيڻ – بيدپو ٿيڻ. (اُگهليو – اُگهلندو – اُگهليل).

– **اُگھلجَڻُ:** مصدر. "اُگهلڻُ" مان فعل مجهول. بي پرواهيءَ سان ڳالهائڻ – ڪلي ڳالهائڻ. رنگ ۾ ڇهرو ٿيڻ. صاف ٿيڻ.

– **اُگھلِي پوڻ:** ڳالهائڻ ۾ ڇٽڪڻ – گهٽو ڳالهائڻ. اوچتو ڪلي پَوَڻ. اڻلي پوڻ.

• **اُگھلو ج اُگھلا:** ذ. صفت. [سن. اَگهال = گنهگار] اَگلو – گَدلو. گندو – ڪنو. ميرو.

• **اُگھَمَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُگھَمَ ج اُگھَمَ:** ذ. [سن. اَ + گهَرْم] گهُٽ – آگر – گرمي. سانوڻ جي مند ۾ مينهن پوڻ کان اڳ هوا جي گهُٽَ.

• **اُگھُنُ:** ذ. صفت. هلڪي طبيعت وارو – ترڙو – سنلو.

• **اُگھَهُ:** مصدر. [سن. اَرْگھ] اُگهامڻ – قبول پوڻ. قدر ٿيڻ "اُگهيو ڪائو ڪج، ماڻڪن موٽ ٽي" (شاهه). (اُگهيو – اُگهندو – اُگهيل).

• **اُگھَهُ:** مصدر. [سن. اُدْگھَرْشَڻْ] صفا ڪرڻ. مهٽڻ – مَر لاهڻ. پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان صاف ڪرڻ. (اُگهيو – اُگهندو – اُگهيل).

– **اُگھو ج اُگھٹا:** ذ. اُگهڻ جي شيءِ (ڪپڙو، ٽوال وغيره).

– **اُگھي اُٹِڻ:** ٽانءُ خالي ڪري اُٽڻ – سپ ڪائي اُٽڻ. صفا ڪري ڪڍڻ.

– **اُگھي ڇَڏڻ:** صفا ڪري ڇڏڻ. قري ناس ڪرڻ – پينگيو ڪرڻ.

• **اُگھَو ج اُگھا:** ذ. صفت. [سن. اَشكْتَ] اَڻ سگهو – ناچاڪ – بيمزي. بيمار – مريض. هيٺو – ڪمزور.

• **اُگھوتَر:** ث. اونداهه.

• **اُگھوتِري ج اُگھوتِرِيُون:** ث. [سن. اَرْگھ] جنسن جي ياداشت

Gul Hayat Institute

– اَکھن جي فهرست – نرخنامو.

• **اَکھوجَرُ:** ذ. صفت. بي انتها (پاڻي). اها جاءِ جت سپ کجهه موجود هجي "سيوا کر سمونڊ جي، جت اکهوجر آهي" (شاهه) اَکوجَرُ.

• **اَکھوڑَ:** ذ. صفت. [سن. اَ + گهورَ] اهو جو گهوري (گهولي) نه سگهجي. (مجازاً) گهَرو – اُونهو – عمّيق "گهوريندي گهُور پيا، اَکهور گهوريائون". خوفناڪ سمنڊ يا ڪُن. (اسر خاص) لکي شاهه صدر (تعلقو ڪوٽڙي) تي ٽڏي چشمي جو نالو. بلوچستان ۾ هاڙهي جبل جي ويجهو هڪ نَديءَ جو نالو.

– **اَکھوپٹو:** ذ. هيڇ – لالچ. گدلائي.

– **اَکھوتند:** ث. خوفناڪ ننڊ – تمام گهري ننڊ – بيهوشيءَ جي ننڊ.

• **اَکھوڑِ** ج **اَکھوڑیُون:** ث. پلاڻ يا پاڪڙي جي هر هڪ پاسي ڪان ڪمان جهڙي ڪائي.

• **اَکھیِ** ج **اَکھیون:** ث. صفت. "اَکهو" جو مونث. بيمار – مريض (عورت). اَپري – جَڏي – ضَعيفه. جيت جو هڪ قسم.

• **اَکھیہَ(ت):** ذ. نانگ جو هڪ قسم.

• **اَکھیرَج اَکھیرَ:** ذ. صفت. [اَ = نه + گهير] وڏي گهيري واري. اونهو.

– **اَکھیري:** ذ. وڏي گهيري واري. وڏو گهيرو ڪنڊ.

• **اَکھیرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَکھیاٹي:** اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَگ** ج **اَگ:** ذ. [سن. اَگّ] اَنگ – عضوو – بدن جو حصو. (صحراً) وجود – من – دل "عاشقن پنهنجو اَگ، اَللهُ ڪارڻ وڃيو" (شاهه).

– **اَگ ڪرڻ (ڪ):** عضوا وڌي جدا ڪرڻ – هڏ سنڌن کان وڌڻ. پاڳا ڪڍڻ – حصا ڪرڻ.

• **اَگاڑ** ج **اَگاڑَ:** ذ. [سن. اَگّاڑَ] اَگرُ – ڪوئلو. تاندو.

• **اَگاریو** ج **اَگاریا:** ذ. صفت. اَگر ساڙيندڙ يا اَگر ناهيندڙ. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **اَگاڑو** ج **اَگاڑا:** ذ. [سن. اَنگارَڪَ – وارَ] سومر کان پوءِ ايندڙ ڏينهن سنگلوار.

• **اَگاڑي** ج **اَگاڑیُون:** ث. ووٽن جي پوک جي هڪ بيماري. مهارن جي ٻڪ. مال جي ٽڻن جي هڪ بيماري. بدهاضمو ۽ چار اوگرائي. ماڻهو (جوئر جي سنگ جو مرض). اَگُر ويڙهو – ڏُنهن – ڏُر. ڪپهه جو هڪ قسم (گاڙهي ۽ واڱڻائي رنگ جو. ڏيڍ فوٽ ڪن ٻڌل. رَس پريل).

• **اَگُرُ** ج **اَگُر:** ذ. اَگاڑ – رسايل تاندو.

– **اَگَرپَتَرتِیںُ:** ڪجهه به ڪين ٽيڻ. صفا چٽ ٿي وڃڻ. برباد ٽيڻ.

• **اَگرو اَگڑو** ج **اَگرا، اَگڑا:** ذ. [سن. اَگگ] عضوو. لِڳ. بدن جو حصو "وَٽ ڪاتي، وَڍِ اگرا، ادب ڪرمَ ڪوءِ" (شاهه).

• **اَگڻُ** ج **اَگڻ:** ذ. [سن. اَنْگن] صحن – اَڳر – آڱڻ. گهر جو احاطو. آڳيل – پڏَرُ.

• **اَگڻُ – اَنڊَرُ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم. پسارڪو وڪر (پٽري ڪي ڳاري).

• **اَلْ:** ث. [ع] "اسم معرفه" جي نشاني.

– **اَلاَمانْ:** ندا. (يا رب) پناهه رحم! امن!.

– **اَلحاصِلْ:** ظرف. القصّ – مطلب ته – حاصل مراد.

– **اَلحالْ:** ظرف. في الحال – هن وقت – هينئر "آرياڻي الحال، ڪندو غور غريب جو" (سچل).

– **اَلحَقّ:** ذ. تحقيق – سچ.

– **اَلرّاقِم:** ذ. صفت. لکندڙ.

– **اَلعَبد:** ذ. صفت. ٻانهو – نوڪر – غلام.

– **اَلغَرض:** ظرف. حاصل مطلب – قصو ڪوتاهه. نيٺ – آخرڪار.

– **اَلغِياثْ:** ندا. فرياد – دانهن – پڪار. انصاف.

– **اَلفِراقْ:** ذ. وڇوڙو – فرقت – جدائي "الفراق اَشَدّمن الموتِ = وڇوڙو موت کان به وڌيڪ سخت آهي".

– **اَلقِصّ:** ظرف. قصو ڪوتاه. مطلب ته – حاصل مطلب.

– **اَلَ** ج **اَلون:** ث. عيب – وڏَ "ڪا مونهين ۾ اَلَ، نه ته سڄڻ سڀاجها گهٽو" (شاهه). رنڊڪ – منع. جڙ – ٽوڪ. عادت.

– **اَلَ وجهَنْ:** رنڊڪ وجهٽ – روڪ ڪرڻ – اٽڪ وجهٽ. قطع تعلقات ڪرڻ – ناتا توڙي ڇڏڻ. جويايو مال ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏڻ (ل).

• **اَلُ** ج **اَلْ:** ذ. بيوقوف – اٽ آزمودگار. ڪانءَ جو ٻڇو. سرخ گهوڙو. مڇيءَ جو هڪ قسم.

– **اَلُ اَڈارَنْ:** ڪانءَ جا ٻڇا اُڏارڻ. اَٽ آزمود ڪارن يا ڪمزورن کي شڪست ڏيڻ. بيوقوفن کي پڇائڻ. هاراڻا ڪم ڪرڻ. چربائي، جا ڪم ڪرڻ.

– **اَلُ ڪان:** ذ. ڪانءَ جو ٻڇو. چربو – بيوقوف – اُهوجهه. اٽ آزمود ڪار – سيکڙات.

• **اَلا:** حرف ندا. [ع. "اَللهُ" جو مخفف] االله جو قسم! شال – ڪاش! افسوس!

Gul Hayat Institute

– **اَلا اَلا کَرڻ:** اَللهُ اَللهُ کَرڻ – الله کي ياد کرڻ. دنيا جا ڌنڌا يا کتراڳ ڇڏي ڏيڻ.
– **اَلابَلا:** ث. سپ کجهه. خراب شيءِ. مصيبت – اِيڏا پيڏا.
– **اَلاجي:** حرف ناکار. (اللهُ جي حوالي) الاجي اللهَ جاڻي – خبر ناهي. مبادا.
– **اَلاڙي:** حرف ندا. (اللهُ + ڙي) خوف يا ڏک سببان ڏٽيءَ کي کيل سڏ "ياالله: او الله!"
– **اَلاڻي:** حرف ناکار. الاجي – خدا جاڻي. الله کي علم. خبر نه آهي. مبادا.
• **اِلّا:** حرف اِستثناء [ع] کان سواءِ ـ سواءِ. ڌاران. مگر – پر – ليکن.
– **اِلّااللهُ:** ذ. کلمي طيبه جو اِثباتي پاڳو بمعنيٰ "سواءِ الله جي".
– **اِلّاماشي:** ظرف. [ع. اِلّا ماشاءَ اللهُ] کڏهين کڏهين – ورلي – قضا سان – اِتفاقي – اوچتو.
• **اَلايُ ج اَلايُ:** ذ. [اَ = نه + لايُ = فائدو] نقصان – چيهو – ٽوٽو "ڏک سک لاي الايُ ۾، رهي ٿابوتي ساڻ" (سامي). (صفت) بيفائدو – بيسود – اجايو. نقصانڪار.
• **اَلاڻون:** سڏ جون تواورن، ڪوڪارون.
• **اِلاڇو ج اِلاڇا:** ذ. ايلاڇيءَ جهڙي گل ٻوٽن سان ڪپڙو – ڪپڙي جو هڪ قسم.
• **اَلاڇي ج اِلاڇيُون:** ث. [ف. اَلاڇي. اِلايچي] نندو ڦوٽو. ڦوٽو.
• **اَلاڙ ج اَلاڙون (ل):** ث. [سن. اَوَ = هيٺ + لاڙ = اُچلڻ] هيٺ لاڙو – جهڪاءُ، بار جو هڪ پاسي جهُڪاءُ – اوهَر. اُلَر – (ڏ) اولاڙ جي حالت.
• **اَلاڙ ج اَلاڙ (ل):** ذ. صفت. [سن. اَوَ = هيٺ + لاڙ = اُچلڻ] لڏيل بار جو لڙيل ڳرو پاسو – اوهر. لڙيل – جهُڪيل.
• **اَلارا:** ٽوٽون.
• **اَلاڙڻ:** مصدر. [سن. اَوَ = هيٺ + لاڙ = اُچلڻ] ڏک هٽڻ لاءِ هٽ مٽي کٽڻ – ڏک وارڻ – سَجَهُ. (اَلاريو – اَلاريندو – اَلاريل).
• **اَلاس:** ث. [سن. اَلاس = وڏ. مٽي] چڪ – سڪ – اکير "جن جي هير اندر منجهه اَلاس، سي لاهوتي لَنگهي وَيا".
• **اَلاڻيو ج اَلاڻيا (ل):** ذ. [ع. اِلهابُ = باه پڙڪائڻ] جيي – شُعلو – اُلو. جيرو – جرات – پَجَر. ڇوڇڙي – هريل بُندي. عشق جي آڳ. [اَلاڻيو. اولاڻيو > اولاڙيو > اوياڙو] اوياڙو – ڏوراپو – مهڻو – عتاب – طعنو.
• **اَلانگ ج اَلانگُون (ث):** ث. [سن. اَلنگهَ] اوچتو ٽپو. اورانگهه. ڪنهن شيءِ کي اورانگهي وڃڻ واري وک (ل).
• **اَلاڻ ج اَلاڻيُون (ث):** ث. صفت. ويچاري – نڏڪي.
• **اَلاڻڻ (ل):** مصدر. چيڪ چڏڻ – وهت کي چوڙي چڏڻ – ڪوبه چوپايو بنا ڏراڙ جي چوڙي چڏڻ. (اَلاڻيو – اَلاڻيندو – اَلاڻيل).
• **اَلاڻڻ:** مصدر. [سن. اُتْ = مٿي + لوڏَنَ = لوڏڻ] ڪولڻ – جدا ڪرڻ. چوڙڻ – ڏرو ڪرڻ. اوکيلڻ. ڇڏي ڏيڻ. واندو ڪرڻ. ڏارڻ. پلاڻ يا پاڪڙو لاهڻ – ٽپڙي لاهڻ. آتڻ ويڙهي رکڻ. (اَلاڻيو – اَلاڻيندو – اَلاڻيل).
• **اَلاڻو ج اَلاڻا:** ذ. [سن. اُتْ + لَوڏَن = لوڏڻ] اَلاڻو – لوڏو – اُچل.
– **اَلاڻا ڏيڻ:** لوڏا ڏيڻ – اُچلون ڏيڻ. تکليفون ڏيڻ "عشق اَلاڻا ڏنڙم، پيچ پينگهي ۾ پيڙم" (سلطان شاهه).
• **اَلاڙو ج اَلاڙا:** ذ. صفت. اَلي ويندڙ – ڪوڙ ڳالهائيندڙ – جاڻي ٻجهي انڪار ڪندڙ.
• **اَلاڙڻ:** مصدر. [سن. اَلاپن] اَلاپڻ. اَلاڻ – ڳالهائڻ.
• **اِلٰـهُ ج اِلٰـه:** ذ. [ع] خدا. ديوتا. معبود (جنهن جي عبادت ڪئي وڃي) "لا اِلٰـه = ڪلمي طيبه جو پهريون نفي ڪندڙ پاڳو. يعني ناهي ڪو خدا". اِلا اللهُ = مگر هڪ الله".
– **اِلاها:** حرف ندا. اي خدا! اي ڏٽي!
– **اِلاهه بلاهه ج اِلاهُون بلاهُون:** ث. منٽ ميڙ – آزي نيزاري.
– **اِلاهَڻ ج اِلاهٽيُون:** ثَ. قدرتي طور جاول ڪجي – اُها ڪڇي جا بنا پوکڻ جي پيدا ٿئي.
– **اِلاهي ج اِلاهي:** صفت. تمام گهڻو – جهجهو – ڪوڙ. خدائي – خدا جي طرف کان "اي ڪم اِلاهي، نه ته ڪنن ۾ ڪير گهڙي" (شاهه).
– **اِلاهي:** حرف ندا. يا اَللهُ! اي خدا!
– **اِلاهي توبهَ:** جملو. يااللهُ منهنجي توبهه آهي. يا اَللهُ پناهه ڏي.
– **اِلاهي ٿُهار:** جملو. اللهُ تنهنجي اَهر ـ اللهُ تو آڌار – ڏٽي تنهنجي مدد ٿئي. اَللهُ جو آسرو "گهڙي گهڙو هٽ ڪري، الاهي ٿُهار" (شاهه).
– **اِلاهي گَنجُ:** ذ. خدائي خزانو – غيبي خزانو. تمام گهڻو مال متاعُ.
– **اِلاهي ڪَڪرَ:** محاورو. بي توقع نعمت. اوچتو فائدو.
– **اِلاهي ڪَڪرَسُ:** خدائي رحمت وسڻ. خدائي نعمت حاصل ٿيڻ. اوچتو فائدو ٿيڻ.
– **اِلاهيّات:** ث. ڏٽي تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو علم.
– **اِلاهيّتَ:** ث. الوهيت – خدائي.
• **اَللهُ** اسم خاص. [ع] خدا جو ذاتي نالو – هڪ خدا – مالڪ.

Gul Hayat Institute

سيني سهڻين صفتن جو جامع.

– **اَللهُ اَكبَرُ:** كلمو. اَللهُ سڀ كان وڏو آهي. اظهار تعجب جو كلمو. تكبير جو كلمو (پكيءَ يا حيوان كي ذبح كرڻ وقت). نماز جي نيّت كرڻ وقت تكبير جو كلمو.

– **اَللهُ اَللهُ:** كلمو. [ع] تعجب جو كلمو خدا جي يادگيريءَ جو كلمو. ذكر.

– **اَللهُ اللهُ كَرڻ:** اَللهُ پاڪ جو ذكر كرڻ. ڏٺيءَ پاڪ كي ياد كرڻ. تسبيح پڙهڻ. عبادت كرڻ. ڏٺيءَ پاڪ كان ڊڄڻ. ڏک ۾ صبر كرڻ. خير گهرڻ.

– **اَللهُ الصَّمَد:** كلمو. اَللهُ تعالىٰ بي پرواهه ۽ بي نياز آهي. خوف واريءَ حالت ۾ ڏٺيءَ جي ياد جو كلمو.

– **اَللهُ بَنْدُ:** اسر خاص. سنڌ ۽ ڪچ جي سرحد تي سن ۱۸۱۹ع واري زلزلي ۾ ازخود ٺهي پيل هڪ قدرتي بَنْدُ (جنهن جي كري ڊورو يعني ايرندو نارو ان جاءِ تان رخ ڦيرائي ويو).

– **اَللهُ بيلي:** محاورو. االله ساڻي! ڏٺي همراهه! – مولىٰ مدد! – االله نگهبان! – خدا حافظ!.

– **اَللهُ توهارَ:** محاورو. كم جي شروع كرڻ جو كلمو "اللهُ تو آهر". ڏٺي تنهنجو آسرو – مولا تنهنجي مدد.

– **اَللهُ توهارَ كَرڻ:** "اللهُ تنهنجي آهر" چوڻ – كم جي شروعات كرڻ.

– **اَللهُ جو نالو:** كلمو. ڏٺي پاڪ جو واسطو. ڏٺيءَ جو قسم. ڏٺي تعالىٰ جي نالي كان سواءِ ٻيو كجهه نه.

– **اَللهُ جي اَمانَ:** دعا جو كلمو. اَللهُ جي پناهه – ڏٺيءَ جي نگهباني. موكَلاڻي.

– **اَللهُ جي لِيكي ۾ هُجڻ:** موت كي ويجهو هجڻ – پوين پساهن ۾ هجڻ.

– **اَللهُ جي مانيِ (ڻ):** ث. ول جو هڪ قسم.

– **اَللهُ جاڻي:** محاورو. خبر نه هجڻ جي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ محاورو. خدا كي خَبر! (يعني مونكي خبر ناهي) ـ ڏٺيءَ كي سُڌ!

– **اَللهُ راسي:** محاورو. اهو جو خدا جي سهاري هجي (ذ. صفت.) ويچارو – غريب – مسكين.

– **اَللهُ سان گَالهيُون هُجڻ:** موت كي ويجهو هجڻ.

– **اَللهُ لوڪ ج اَللهُ لوڪَ:** ذ. صفت. (ع. اللهُ + سن. لوك) خدا وارو – اهل اللهُ ـ درويش – پهتل. سڌو سادو – طبيعت جو سادو – پورڙو.

– **اَللهُ ميانْ:** ذ. اَللهُ پاڪ – ڏٺي سڳورو. "االله ميان ٿورو! مڙس ڏجانءَ چورو".

– **اَللهَ واتَ:** ظرف. (اللهُ + واتُ) ڏٺيءَ جي راهه ۾ ـ ڏٺيءَ جي نالي. مفت ۾ ـ بنا پئسي.

– **اَللهُ واهي:** دعا جو كلمو. خدا نگهبان. خدا حافظ (الوداع يا موكلاڻيءَ جو سلام).

– **اَللهُ واهي چَوڻ:** خدا حافظ چوڻ – موكلاڻ.

– **اَللهُ هوَ:** ذكر جو كلمو. "اهو اللهُ آهي"

– **اَللهُ ئي اللهُ:** كلمو. (خيرات گهُرڻ وقت دعا جو كلمو) اللهُ جو نالو (فقط وجي باقي رهندو. انهيءَ كري خير ڏي تہ خير ٿئي ٻئي).

• **اَلاهر:** كلمو. [ع. اَللهُ + اَهر] اَللهُ جي آسري – توكّل علي اللهُ.

• **اَلاهڻو ج اَلاهڻا:** ذ. [سن. اُپالمْبَ] اوپالو – طعنو – مهڻو.

• **اَلاهُو (ڻ):** ظَرف. اوجتو – اتفاقاً.

• **اَلاهيو اِلاهيو ج اَلاهيا، اِلاهيا (ڻ):** ذ. صفت. اللهُ جو. نڏڪو – بنا مالڪ جي (مال).

• **الائن:** چوائن. سڏائن.

• **اَلائڻ:** مصدر. [سن. اَتْ + لَوَدَن] اَليڙڻ. اَكيلڻ – كولڻ. پلاڻ لاهڻ. خالي كرڻ. اولائڻ. (ائت). (اَلايو – اَلائيندو – اَلايل).

• **اَلائُنْس ج اَلائُنْس:** ذ. [انگ. allowance] – مقرر پگهار كان وڌيڪ رقم (جا ملازمْ كي كنهن خاص سبب تي معاوضي طور ملي مثلاً مهانگائي الائنس. وغيره). مقرر كيل معاوضو – لوازمو.

• **اَلائي، اِلاهي ج اَلائيون، اَلاهيون (ڻ):** ث. صفت. ويچاري. نڏڪي – بي وارث – چوري چني.

• **اَلْبازار اَلْبَزار:** ث. [ع. اَلْ + ف. بازار] گنبذ جي چوگرد ڏنل پڙويلو. قبي اندران چؤڦير رستو.

• **اَلْبَتْ:** ظرف. [ع. اَلْبَتَّةَ] جيكي سو. كِي قَدر – كنهن حد تائين. باقي. كجهه نه كجهه.

• **اَلْبيلو ج اَلْبيلا:** ذ. صفت. [سن. اَلْمُويلَ > اَلَمْ = گهٽو + ويلَ = نخريلو ٿيڻ] دادلو – لاڏلو – چَينچل. پياروَ. اَنگلي – نخريلو. لاغرض – بي پرواهه – بي خيال. نازنين – حسين – خوبصورت – وٽندڙ – دلبر. هالو پولو (ل). (ث) اَلبيلي ج اَلبيلِيُون.

– **اَلْبيلاڻي ج اَلْبيلاڻيُونْ:** ث. دادلائي – لاڏلائي – چينچلپائي. بي پرواهي – بي خيالي.

• **آلِيُ ج آلِيُ:** ذ. صفت. [اَ = نه + لِي > ليٽ] اَٽلي – نايابَ – كمياب. قيمتي – مهانگو. نه ملي سگهندڙ "اَڄ مروّت ۽ وفا. منجهه اَدمين آهي آلِي" (قاسم).

Gul Hayat Institute

• **اَلْيائي ج اَلْيائيُوْن:** ث. نايابي – كميابي.
• **اِلْتِباسُ:** ذ. [ع. لَبَس > اِلْتِباس] مونجهارو – شَك.
• **اِلْتِجا ج اِلْتِجائُوْن:** ث. [ع. لَجاءَ > اِلْتِجاءَ = پناهه وڻڻ] منت – وينتي – عرض – التماس – گذارش – درخواست.
• **اَلْتَحِيّات:** ث. [ع. تَحِيّة ج اَلتَحِيّاتْ = سلام] نماز ۾ ويهڻ وقت پڙهڻ جي دعا (جنهن ۾ نبيءَ صلي الله عليه و آله وسلم تي سلام موڪلبا آهن).
• **اِلْتِزامُ:** ذ. [ع. لَزِمَ > اِلْتِزامُ] لازمي ٿيڻ واري حالت. ضرورت – اقتضا – مقتضا.
– **اِلتزام ڪرڻ:** لازمي ڪري وڻڻ – ڪنهن عمل کي پاڻ تي لازم ڪرڻ. شعر ۾ ڪنهن خاص صنعت کي لازمي طور نباهڻ.
• **اَلْتزَكِي:** اسم خاص. بروهي قوم جو هڪ قبيلو.
• **اِلْتِفاتُ:** ذ. [ع. لَفَتَ > اِلْتِفاتُ = ڏيان ڪرڻ] ڏيان تَوَجّه – خيال – غور. مروّت – مهرباني. محبت. ميل – دل جو لاڙو. نگاهه. "علم بديع" ۾ تجنيس جو هڪ قسم (جنهن ۾ شاعر پاڻ کي يا ٻئي کي خطاب ڪري).
• **اِلْتِماسُ ج اِلْتِماس:** ذ. [ع. لَمَس > اِلْتِماسُ] عرض – درخواست – گذارش. وينتي – التجا.
• **اَلْتَنْ:** مصدر. [اَلَنْ > اَلْتَنْ] اَلڻ – انڪار ڪرڻ – سچي نه ڪَرڻ. ڳجهو رکڻ – لِکائڻ "اَلتِيَم جا هِنيانْ، سا نه سَلْتِيَم ساهه کي" (شاهه).
• **اِلْتِوا:** ث. [ع. لَوَي > اِلْتِواءُ = ويڙهڻ] ڪنهن ڪم کي ٻئي وقت لاءِ ترسائڻ جو عمل – مهملي. دير – دِر. نتاءُ سَتاءُ.
– **اِلْتِوا جي تَجويزَ:** ث. مهملي جي رتَ.
• **اَلْتَ جِ اَلْتَ (ث):** ذ. صفت. [سَن. اَلَس] سست – ڪاهلي ننڍ ڪندڙ. سَومٽي – اَليٽ.
• **اَلْتَنْ:** مصدر. اَلهڻ – لَهڻ – هيٺ آڻڻ. (اَلتو – اَلتيو – اَلتندو).
– **اَلْتو:** مفعول. لَتو (سج).
– **اَلْتِي (ل):** ظرف. سج. لتي – نماشام "سج اَلتي سينْ، سَئُونْ ڏينديس سُج ۾" (شاهه).
• **اَلْتو:** ذ. ترجمو.
• **اَلْتُ ج اَلْتَ:** ذ. انڌير – ناحق. (صفت) اَلوٽ – بيخبر – بيهوش.
• **اَلْتَنْ:** مصدر. [سن. اَدْ + لوتَنْ] اَلڻ – اَبتو ٿيڻ. اَونڌو ٿيڻ. (اَلتيو – اَلتندو – اَلتيل).
– **اَلْتَ ج اَلْتُونْ:** ث. اَبَت – اَبتي ڦيري. اَلَل. انقلاب. اَدَل – تور ۾ وڌيڪ وزن (ث).
– **اَلْتائنْ:** مصدر. اَونڌو ڪرڻ – اَبتو ڪرڻ. ليٽائڻ – اوتڻ.
– **اَلْتائي ج اَلْتائِيُوْنْ:** ث. اونڌي ٿيڻ واري حالت. اَبتائي – اَلتائي.
– **اَلْتَ پَلْتَ:** ث. اَلٽ پَلٽ. افراتفري. ڦير گهير – اَبت سَبَت. (ظرف) هيٺ مٿي – دانْواندول.
– **اَلْتَجَنْ:** مصدر. "التڻ" مان فعل مجهول. اَلٽڻ – هارجڻ. اَبتو ٿيڻ – اونڌو ٿيڻ.
– **اَلْتَ سَلْتَ:** ث. اَبت سَبت – ڦير گهير (ظرف) هيٺ مٿي.
– **اَلْتو ج اَلْتا:** ظرف. اَٽليل – اَبتو – اونڌو. ڦريل – برخلاف. اَتلندو – مُرڳو.
– **اَلْتو پَلْتو:** ظرف. اَبتو سَبتو – اونڌو اَبتو. هيٺ مٿي.
– **اَلْتِي ج اَلْتِيُوْنْ:** ظرف. اَبتي – ڦريل. ٻيءَ طرح – برعڪس. نرالي. (ث) قَي – كَيَ – ڏاڪَ – اَڇلَ.
– **اَلْتِي اَجَنْ:** قَي اڇڻ – اَڇل اڇڻ – اوڪارو اڇڻ.
– **اَلْتِي تَقْدِيرَ:** ث. بدقسمتي – نياڳ – ڪم بختي.
– **اَلْتِي پَتِي پڙهائنْ:** غلط سبق پڙهائڻ. گمراه ڪرڻ. برغلائڻ – چورڻ.
– **اَلْتِي پَوڙِي:** ث. ڏکيو ڪم – ڏکيو سوال.
– **اَلْتِي جُرِي وَهائنْ:** اَبتيءَ ڪاتيءَ سان ڪُهڻ – بيدَرديءَ سان مارڻ. ظلم ڪرڻ. اَڌنگي هلت هلڻ.
– **اَلْتِي كَنڊِ:** ث. ۱۸۰ درجن کان وڌيڪ ماپ واري ڪنڊ – اَبتي ڪُنڊ.
– **اَلْتِي كوپِري:** محاورو. اونڌيءَ سمجهه وارو. بيوقوف – ڪج فهم.
– **اَلْتِي گُنْگا:** محاورو. ابتي وهندڙ گنگا ندي ـ ناممڪن ڪم. ابتو ڪم.
– **اَلْتِي گُنگا وهنْ:** گنگا نديءَ جو ابتو وهڻ. ناممڪن عمل وجود ۾ اڇڻ "گنگا اَلتي جي وَهي، ڏُڏي ڏئي نه ڪير" (جمن چارڻ). خلاف دستور ڪم ٿيڻ.
– **اَلْتِي گالهڙِي:** ث. اَبتي گالهه. مُعمّا – گجهارت – پرولي "اِي اَلتي گالهڙِي، سڪ ورندي ساهه" (شاهه).
– **اَلْتِي مالها:** محاورو. بد دعا – پٽ.
– **اَلْتِي مالها ڏيرِ:** بد دعا ڪرڻ.
– **اَلْتِيُوْنْ سُلْتِيُوْن بڌائنْ:** اَبتيون سُبتيون گالهيون بڌائڻ برغلائڻ.
• **اَلْنو ج اَلْنا (ث):** ذ. وهڻن کي چاري ڏيڻ جو اَهورو.

Gul Hayat Institute

• **اَلِپ:** صفت. [سن. اَلِپ = ٿورو] ٿورڙو. ننڍو — خَسيس.
— **اَلِپ ماڻر:** ث. گهڙي ڪن. (ظرف) جهت پت.
• **اِلْپاڪُ ج اِلْپاڪَ:** ذ. تائت جي نموني ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (جو سون، چانديءَ ۽ پٿر وغيره جو ٿئي) -- دلپاڪ.
• **اَلْپاڪو ج اَلْپاڪا:** ذ. [اسپاني. اَلْپيڪا: ع. اَلْ + پَيْڪو = پيرو ملڪ جو ڏيهي نالو] ڪپڙي جو هڪ قسم. "الپاڪي" جانور جي اَنّ مان ٺهيل ڪپڙو.
• **اَلْپَتّ:** ث. [سن. اَپَلْپ = انڪار] انڪار — ناقبوليت.نڪي — دغا — ڪوڙ.
• **اَلْپتگِيْن:** اسر خاص. غزنيءَ جو حاڪم (جنهن کان پوءِ سلطان محمود جو پيءُ سبڪتگين سنہ ٣٦٦هـ ۾ تخت نشين ٿيو).
• **اَلْجبرا:** ث [ع. اَلْجَبْرُ و الْمُقابله] حسابن جو علم (algebra).
• **اَلْجَڪُ ج اَلْجَڪَ (ل):** ذ. سُٽڻ جو وَرُ.
• **اَلْجهَڻ:** مصدر. [هـ] مُنجهڻ — قاسڻ — اَنڪڻ. پريشان ٿيڻ. دقت ۾ پوڻ — پکيڙي ۾ پوڻ. گمراهه ٿيڻ. ڪنهن معاملي ۾ دير پوڻ.
• **اَلْجو ج اَلْجا:** ذ. هُلاڇو — گوڙ.
• **اَلْجَهل:** ث. اَنْجَرُ — عام جام — ريل چيل.
— **اَلْجهل ڪرڻ:** ريل چيل ڪرڻ. گهٽو لُٽائڻ.
• **اِلْحادُ:** ذ. [ع. اَلْحاد = دين کان قرڻ] دين کان قِرڻ جي حالت — بيدييني — ڪفر.
• **اَلْحاصِل:** ظرف. [ع] حاصل ڪلام — مطلب تہ — الغرض.
• **اَلْحاقُ:** ذ. [ع] ڳانڍاپو — لاڳاپو — ميلاپ — شموليت.
• **اَلْحالُ:** ظرف. [ع] في الحال. هن وقت — هينئر "آرياڻي الحال. ڪندو غور غريب جو" (سچل).
• **اَلْحانُ:** ذ. [ع. لَحْنٌ ج اِلْحانْ] آلاپ — منو آواز — منو سُر — سريلو آواز.
• **اَلْحانْ داؤدي:** ذ. حضرت داؤد عليه السلام جو آواز، تمام منو ۽ وڏندڙ آواز يا سُر.
• **اَلْحَدَ ج اَلْحَدُوْنْ:** ث. [ع. لَحْدُ = قبر] قبر — گور — بُني. قبر ۾ لاش رکڻ جي جاءِ ــ ڳجهه.
• **اَلْحَقّ:** ظرف. [ع] سچ تہ — تحقيق.
• **اَلْحَمْدُ:** ث. [ع. اَلْ + حَمْدُ = ساراهه] قرآن شريف جي پهرينءَ سورة جو پهريون لفظ. هر قسم جي تعريف — هر طرح جي ثنا. شڪرانو.
— **اَلحمد پڙهڻ:** قرآن شريف جي پڙهائي شروع ڪرڻ. تعليم شروع ڪرڻ. شڪراني طور "الحمد" سڳورو پڙهڻ "پڙهه شُڪرالحمد، مولا مهربان ٿيو".
— **اَلحمدلله:** (شڪراني جو ڪلمو) سڀ ساراهه الله پاڪ لاءِ آهي. فقرَه بمعنيٰ "الله جو شڪرانو" (عموماً ڇڪَ ڏيڻ کان پوءِ چئبو آهي).
• **اَلْخاڻِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اَلْدَهَ ج اَلْدَهَ:** ذ. مَڪَڙُ "جنهن جا ورن وساوڙي وترا، اَلدَهَ جيها انگ" (سليمان).
• **اَلرا:** اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اُلرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اِلرڻ:** مصدر. [سن. اَلل = وڃڻ] سڃڻ هلڻ] لاڙو ڪرڻ — ڪنهن طرف ليڻ ڪرڻ. اُلر ڪرڻ — جُلهه ڪرڻ — هلان ڪرڻ. (اُلريو — اُلرندو — اُلريل).
— **اَلَر ج اَلَرُوْنْ:** ث. ڪاهه — جُلهه — هلان — حملو. وڙهڻ يا ڏڪ هڻڻ جي تياري.
— **اُلرائِڻ:** مصدر "اُلرڻ" مان متعدي بالواسطه. ليڻائڻ — پاسو ڪوڙائڻ. بينل وڻ يا پت، ڪاٺ يا ڪلي کي اُڪوڙائڻ.
— **اَلر بَلَر:** ث. ننڍڙي هار جي، مائٽ يا واقف ڏي اُڃلَ.
— **اُلر ڪَرڻ:** وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڏڪ الارڻ. جُلهه ڪرڻ — هَلان ڪرڻ.
— **اُلر ڪري اڇڻ:** وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اُڇڻ — جُلهه ڪرڻ — هَلان ڪرڻ.
• **اَلڙُ ج اَلڙَ:** ذ. صفت. [هـ. اَلَهڙ = ننڍو. اڻ ڪيڙيل] نَوَلو — ڪچو — اڻواقف. ڇڙ — جاهل. اناڙي. معصوم هار. هاراڻي سياڻ وارو — طفل مزاج. ليلهَڙ. سادو. نابالغ "الڙ ٿي آڇ مَ تون، وانهڙن وائي" (شاهه).
• **اَلڙائِي، اَلڙِيائِي ج اَلڙايُوْنْ، اَلڙِيايون:** ث. هاراڻي — طفل مزاجي. ناواقفيت — اڻڄاڻائي.
• **اَلڙُ ج اَلڙَ:** ذ. صفت. اَڇايو گهمندڙ — رولاڪ.
— **اَلڙ بَلڙ:** ذ. اَڇايو يا بيهودو ڳالهاءُ.
• **اُلڙَڻ:** مصدر. [سن. اُدْ + لَبْ = اُکڙڻ] اُکڙڻ — اُکڙي پوڻ — لڏڻ — ڏڏڻ — ڊرو ٿيڻ — گهرگهلو ٿيڻ. (اُلڙيو — اُلڙندو — اُلڙيل).
• **اَلڙِهڪَڻ (ث):** مصدر. ٽاڻڻ پاسيرو ٿيڻ. (اَلڙهڪيو — اَلڙهڪندو — اولڙهڪيل).
• **اِلْزامُ ج اِلْزامَ:** ذ. [ع. اَلْزم > اِلْزامُ = ڪا ڳالهه ڪنهن تي مڙهڻ، مجبورُ ڪرڻ] تُهمَت — بُهتانُ.
— **اِلزام ڏيڻ:** بُهتان مڙهڻ — تهمت ڌرڻ.
• **اَلْسُ:** ذ. [سن. آلَس > اَ = نہ + لَس = پورهيو. بنا پورهئي، سست] آلَسُ — آرسُ — سُستي. ڪاهلي.

Gul Hayat Institute

– **اَلساٹو ج اَلساٹا:** ذ. صفت. اَرسي – آرس کندڙ – آرس وارو – آلسي. سُست – کاهل "هڪڙا ساڻ شوکت جي، هڪڙا اَلساٹا" (سامي).

• **اَلسْتُ:** ذ. [ع] چا، مان آهيان؟ ـ "اَلَسْتُ بِرَبِّکُم" وارو قول. روز ميثاق. ازل.

– **اَلسْتُ بِرَبِّکُمْ:** جملو. (آءٌ اوهان جو رب ناهيان؟) اول يا ازل واري ڏينهن ٿي خدا پاڻ جو ارواحن کان سوال (جنهن جو جواب ڏنائون "قالوابلیٰ" = هائو).

• **اَلسّلامُ عَلَيْکُم:** جملو. [ع] اوهان تي سلامتي هجي. مسلمانن جو سلام (جنهن جو جواب آهي "وَعَليکُم السلام = ۽ اوهان تي به سلامتي هجي").

• **اَلْسِنَه:** ث. [ع. لِسانُ ج اَلسنه] زبانون – هوليون.

• **اَلْسَي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسَم – السيءَ جو ٻج. هڪ پسارڪو وکر.

• **اَلصَّمَدُ:** ذ. صفت. [ع] ڏاڍيءَ تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. بي نياز – بي پرواهه "اَللهُ الصَّمَدُ بي نياز، سا ڪري جا چاهي" (شاهه).

• **اَلطاف:** ذ. [ع. لُطْفُ ج الطاف] ڪَرمَ – ٿورا.

– **اَلطاف نامو ج اَلطاف ناما:** ذ. [ع. الطاف + ف. نامه] نوازش نامو – مهرباني۽ پريو خط.

• **اَلْغارَ ج اَلْغارُون:** ث. [ترڪي] تڪڙو حملو – ڪاهه. لٽ – ڦرمار. خوشي – موج.

– **اَلْغارون ڪَرڻ:** مصدر. خوشيون ڪرڻ – هوڙون ڪرڻ. گهمندو رهڻ.

• **اَلْغَرَضْ:** ذ. صفت. [ع. غَرَضُ = مطلب] بيپرواهه – بيخيالو – نه ليکيندڙ. (ظرف) حاصل مطلب – القصه.

– **اَلغرضائي ج اَلغرضائِيُون:** ث. بيپرواهي – بيخيالي ڪن تار.

• **اَلْغوزا:** ذ. [ف] هڪ ساز جو نالو – بنسرين جو جوڙو (جي گڏ وڄائجن) – بينُون.

• **اَلْغياثْ:** ذ. [عَ] فرياد – دانهن.

• **اَلْفْ:** صفت. [ع] هزار (۱۰۰۰).

– **اَلْفُ لَيلَةَ وَلَيْلَة:** اسر خاص. (هڪ هزار هڪ راتيون) عربي هوليءَ ۾ آکاڻين جو هڪ مشهور ڪتاب (جو دنيا ۾ افساني اَدب Fiction جي بنياد وجهندڙ ڪتابن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو).

• **اَلِفْ ج اَلِف:** ذ. [ع. ف] "الف – بي" جو پهريون اکر. "اللهُ" جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "اوڏو ٿي اَلف ڪي، من ميرَ سان گڏ" (شاهه). (صفت) اڳهاڙو. نانگو – سڏو سَنئون.

– **اَلِف بي:** ث. ائيوتا – هجيَ جا حروف.

– **اَلف بي نه ڄاڻڻ:** ڪجهه به نه ڄاڻڻ.

– **اَلف ٽِيْن، ٽِي بهيڻ:** ڪڙو ٽي ٻيهڻ. اڳهاڙو ٽيڙ. لڄ لاهي ٻيهڻ. گهوڙي جو پوين ٽنگن تي ٻيهڻ. نرا ڪٽڻ.

– **اَلِفْ سُلَکٹو:** ذ. الف سؤلکٹو. الف هڪ سؤ لَکٹن (= لڇٽن صفتن) وارو آهي، يعني اللهُ جي نالي جا هڪ سؤ صفاتي نالا يا صفتون آهن. "الف + سَ + لکٹو" (يعني الف سهٽين وصفن وارو آهي، جو 'اللهُ' جو نالو سهٽين صفتن وارو آهي). ڪنهن به حرڪت (زبر – زير – پيش – مد) ۽ نقطي کان سواءِ الف – الف خالي.

– **اَلفْ قَدْ:** محاورو. الف وانگي سنئون سڏو.

– **اَلف قد ٽِي ٻيهڻ:** ڪڙو ٽي ٻيهڻ.

– **اَلف مَتْصُوره:** ذ. مَدّ کان سواءِ الف.

• **اَلْفاظْ:** ذ. [ع. لَفْظُ ج اَلْفاظ] لَفظ. ٻول – گفتا. وچن – قول.

– **اَلفاظ ڏيڻ، ڪَيڻ:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ – گاريون ڏيڻ.

• **اَلْفَتَ ج اَلْفَتُوْن:** ث. [ع] پيار – محبت – حُبّ ـ قرب. پريت – دوستي.

– **اَلْفَتي:** ذ. صفت. محبتي – قربائتو.

• **اَلْفِي ج اَلْفِيُون:** ث. [ع. اِلْفِي = الف جهڙو سڏو ۽ ڏگهو] يڪو چولو – ٻانهن کان سواءِ ڏگهو پهراڻ – فقيرن جي ڪفني "پايو الفي، پيئي عشق اُجاريان" (مصري شاهه).

• **اَلْفِي ج اَلْفِيُون:** ث. دوستي چنڻ جي حالت – اُفي (ت).

– **اَلفي ڪَرڻ:** بيجا هلت ڪرڻ.

• **اَلْفِيْتْ:** ذ. [ع. اِلْفُ، اُلْفَة = دوستي] اَرفيت. يادگيري – سانير.

• **اَلْقابَ:** ذ. [ع. لَقَبُ ج اَلْقاب] لقب – خطابَ – عهدا – اعزازي نالا.

• **اِلْقاءْ:** ذ. [ع. اِلْقاءُ = من ۾ وجهڻ] اندر جو آواز. الهام – دل ۾ ڪنهن ڳالهه جي پلٽ. اَنترگيان – من واڻي.

• **اَلقصّه:** ظرف. [ع] حاصل مطلب – قصو ڪوتاهه.

• **اَلَکُ ج اَلْکُوْن:** ث. [سن] اڪ جو پَلَڪ – پُنبڙي.

• **اَلکانْ ج اَلْکانْ:** ذ. ڪانءَ جو ٻچو. (صَفت) چريو – بيوقوف. بي سمجهه – اٻوجهه. سيکڙاڻ – نوآموز – نَوَل. وات گاڙهو. واڇن ٽڙيل.

• **اَلْکاني:** اسر خاص. درڪاڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اَلْکوهَل:** ذ. [ع. اَلْکُحَل (+ سُرمو)؛ انگ. alcohol] شراب جو سَتُ.

Gul Hayat Institute

• **اُلکو ج اُلکا:** ذ. [سن. اُتْکَلِکا] اونو – انتظار – اسيڙو. ڳڻتي – فکر – خيال. چنتا – ويچار. هُرڪُر – اُڻ تُڻ. اُدڪو.
– **اُلکائتو ج اُلکائتا:** ذ. صفت. اُلکي وارو – اولي وارو – انديشي وارو. فکر مند. منتظر – انتظار وارو.
– **اُلکو رکڻ:** اوسيڙو ڪرڻ. چنتا رکڻ.
– **اُلکو ڪرڻ:** ڳڻتي ڪرڻ.
• **اُلڪ ج اُلڪ:** ذ. [سن. اَلَکْشْيَه< اَ = نہ + لَکْش = ڏسڻ] خدا جو صفاتي نالو "اِيءِ اَلڪ سامهُون، ٻانهون ٻڌائون". (صفت) اڳر – غير محسُوس. جنهن جي ڄاڻ نہ پوي. بيڇون – مخفي. اڻ ڏنل – غائب. بي نشان. اڻ لکو. (ث). جوئر جو هڪ قسم.
– **اُلڪ پُرڪُ:** ذ. ڏٺي – رب تعاليٰ "الک پرک آٿي، ديرو ڪيو ديهہ ۾" (سامي).
– **اُلڪ جاڳائِڻُ:** ذڪر ڀچائڻ. اندر ۾ ذڪر اوريڻ. ڏٺيءَ کي ياد ڪرڻ.
– **اُلڪ رَکڻ:** رايو رکڻ – پيار ڪرڻ.
• **اُلکُو ج اُلکا:** ذ. صفت. [سن. اَلَکْشْيَه] اڻ لکو – نامعلوم. [اَ = نہ + لَکڻ = لڀڻ] ڪُلکڻو – ڪُلڇٽو.
• **اُلکو ج اُلکا:** ذ. صفت. اڻ لکو. اڻ ڄاتل – نامعلوم.
• **اُلکاڻِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اُلکَڻُ:** مصدر. [سن. اَلَکْشَڻ] ڄاڻڻ – سڃاڻڻ – محسوس ڪرڻ. (اُلکيو – اُلکيندو – اُلکيَل).
• **اُلڪارَ ج اُلڪارُون:** ث. [تُرڪي. اَلغار. ايلغار = ڪاهہ، حملو] شوق. آزادي. عيش.
• **اُلڪارُون ڪرڻ:** شوق وٺڻ – مزا ماڻڻ.
• **اُلڪوزا:** ذ. [ع. الغُوزَہ: ف. الگوجا] ساز جو هڪ قسم – پاوا – بينون.
• **اُلڳ:** صفت. ظرف. [سن. اُلْگن] جدا – ڌار. علحدو – پري. دور – اڪيلو – تنها – بي تعلق.
– **اُلڳ اُلڳ:** ظرف. جدا جدا – پري پري.
• **اُلڳي (ت):** ث. سڪرات – پويان پساهہ.
– **اُلڳي ٿيڻ:** سڪرات ۾ هجڻ.
• **اُلل:** ظرف. [ع. عَلي الصّباح] صبح سوير. (صفت) اُڏُل. شوخ سرڪش. اُلڙ. (ذ) هڪ خيالي پڪي.
• **اُلل دُلل:** ظرف. ذ. عام جام – آل جال. گهٽو.
• **اُلليَنْ دُلليَنْ:** ظرف. چوٽ. بي خيالي ۽ سان.
• **اُلمُ:** ذ. [ع. اَلَمُ ج آلام] رَنج – دُک – درَد – غَم – اندوهہ – گونڊر.
• **اُلم زده:** صفت. (ع. اَلم + ف. زدن > زده) غمگين – ڏکايل.
– **اُلمناک:** صفت. غمناک – دردانگيز.
• **اُلمَنْشُرح:** ذ. [ع. ڇا اسان نہ کوليو] قرآن شريف جي ٽيهين سيپاري ۾ هڪ سورت (اَلَمْ نَشْرَحْ لَکَ صدرکَ – الخ) جو مند.
– **اُلمر نشرح ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ – مشهور ٿيڻ.
• **اُلماسُ ج اُلماس:** ذ. [ع] قيمتي پٿر جو هڪ قسم – هيرو. فولاد (جوهردار) "مومل کي مجاز جا، اَکين ۾ الماسَ" (شاهہ).
– **اُلماس تَراش:** ذ. هيري وڍڻ جو اوزار.
– **اُلماس پارَہ:** ذ. هيري جو ٽڪر – هيري جي ڪٽي. ڪَرَ ڪهيتو.
• **اُلماسي رنگ:** ذ. اَڇو صاف رنگ.
• **اُلمارِي ج اُلمارِيُون:** ث. [پوڇوگيز اَلماريو] ڪَبَٽ. سامان وغيره رکڻ لاءِ پٽ ۾ لڳل ڪاٺ جو تختو.
• **اُلمَسْتُ ج اُلمَسَّتَ:** ذ. [ع. اَلْ + ف. مست = چريو] بنهہ مستانو – چَٽُ چريو – ديوانو نفساني خواهشن کان پري.
• **اُلنبو ج اُلنبا (ل):** ذ. [ع. اِلْهابُ = ٻاهہ پرڪائڻ] اُڏمو – پُورُ – جوش – جَولانُ. ڇيرو – شعلو.
• **اُلنکارُ ج اُلنکارَ:** ذ. [سن. اَلَنْکار = سينگار] سينگار – سجاوٽ. زيب – زينت. زيور – ڳهہ.
• **اُلنگهَڻُ:** مصدر. [سن. اُلَنْگهَنَ = ٽپو ڏيڻ، اورانگهڻ] لَنگهڻ، اورانگهڻ. حد کان وڌڻ. حڪم پڇڻ. انحرافي ڪرڻ. (اُلَنْگهيو – اُلَنْگهَنْدو – اولَنْگهيَل).
– **اُلنگهين (ل):** صفت. جو اورانگهي يا لنگهي نہ سگهجي – وڏو تار – تمام وڏو – تمام گهٽو.
– **اُلنگهين لَڳڻ:** تار ٽيڻ – اُنهون ٽيڻ. گهَٽو ٽيڻ، چوٽ چَڙهڻ.
• **اُلڻُ:** مصدر. [سن. اُبْلَيَنْ > اَبَ = پري، پوئتي + لَيَنَ = چوڻ، ٻولڻ] ڪُوڙ ڳالهائڻ – انڪار ڪرڻ – سچي نہ ڪرڻ – نہ مڃڻ. ڪيل ڳالهہ کان انڪاري ٿيڻ. "سَلَڻُ" جو ضد.
• **اُلي وڃڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ – نہ ٻڌائڻ – گوٽنات ڪرڻ – سچي ڳالهہ نہ ٻڌائڻ.
• **اُلو:** حرف ندا. [ع. (يا) الله] ڪافين ڳائڻ وقت آلاپ "اَلو پلو، اَلو ميان"
– **اُلوالا:** ث. (الله ئي الله) الوداع – موڪلاڻي.
– **اُلو پلو:** ذ. (الله پلو) نالي ماتر ڪم.
– **اُلو پلو ڪرڻ:** نالي ماتر ڪم ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

ـ **اَلو ميانْ ڪرڻ:** "الله ميان" جي لفظن سان آلاپ شروع ڪرڻ. ڪن تي هٿ رکي ڳائڻ بي اونو ويهڻ.

• **اَلو تَلو:** ذ. اَلهو تلهو ـ ارڪو ترڪو ـ اگر تگر ـ ڏرو پرزو ـ سموري ملڪيت.

• **اَلو مَلو:** ذ. ڪن ڪچرو ـ ڪن چن (جو ٻار کائين).

• **اَلو ج اَلا:** ذ. [سن. اُلْ = هرڻ] باھ جي چٽنگ ـ شعلو. تاندو. ڇپي ـ لات.

ـ **اَلا اَڏائڻ:** جهيڑو اُٽارڻ ـ جهيڑو ڪرائڻ.

ـ **اَلو ٽي لڳڻ:** باھ ٽي لڳڻ. نقصانڪار ٽيڻ.

• **اَلُو:** ذ. [سن. اُس‌ڪ] چهرو ـ چٻ. چريو ـ احمق ـ نادان.

• **اَلو بُخارا:** ذ. بخارا ڏانهن منسوب مشهور ميوو.

• **اِلو هلو:** ذ. اِتي ڏڪر راند جو اصطلاح. اِتيءَ کي ڏڪر سان ٻن ڏڪَن هٽڻ وارو داءُ. الهو ٻلهو.

ـ **اِلو ٻلو تِلو (ٽِرلو):** ذ. اتي ڏڪر راند جو اصطلاح. اتيءَ کي ڏڪر سان ٽن ڏڪن هٽڻ وارو داءُ ـ الهو ٻلهو تلهو (ٽرهلو).

• **اَلوٽ ج اَلوٽ:** ذ. صفت. [سن. اَ = چوڌاري + لُنْتَ = ويڑهيل سيڑهيل. ڪريل] نشي ۾ ٽٻ ـ مدهوش. مخمور ـ سرشار.

ـ **اَلوٽائي ج اَلوٽايون:** ث. نشي ۾ بي سرتائيءَ واري حالت. بيهوشي. مستي. ڪهريءَ نند واريءَ حالت.

• **اَلوپ ج اَلوپ:** صفت. [سن. اَ = چوڌاري + لُپْ = ڪرڻ، ڍڪڻ] گم ـ غائب ـ مخفي.

ـ **اَلوپ ٽيڻ:** گم ٽيڻ ـ غائب ٿي وڃڻ ـ لڪي وڃڻ.

• **اَلودا ع:** ث. [ع] موڪلاڻي ـ رخصت ـ خدا حافظ.

• **اَلوَدو ج اَلودا:** ذ. صفت. [ف. اَلوده = پليد. منجهيل] بي خيالو ـ الغرض. ڪند ذهن. هلڪي دماغ وارو. (اسر خاص) مرد جو نالو.

• **اَلوڙ:** اسر خاص. اسلام کان اڳ ۾ ڪجهه پوءِ سنڌ جي گاديءَ جو شهر ـ اروڙ.

• **اَلوڻ:** مصدر. [سن. اُدْلولَنَ، اُدْلوڍَنَ] اُکوڙڻ ـ لوڏڻ ـ ڏيرو ڪرڻ ـ ڏلو ڪرڻ. ڏوڏڻ "اُلوڙڻ نه ڏئي، وَرُ وڏائين ونجهه کي" (شاهه). (اُلوڙيو ـ اُلوڙيندو ـ اُلوڙيل).

ـ **اُلوڙائڻ:** مصدر "اُلوڙڻ" مان متعدي بالواسطه اکيڙائڻ ـ ڏيرو ڪرائڻ ـ ڏوڏائڻ.

ـ **اُلوڙي رکڻ:** اُکيلي رکڻ ـ ڏيرو ڪري رکڻ. جدا ڪري رکڻ. سَنڈ سَنڈ جدا ڪرڻ. هَڏ گڏ چور ڪرڻ ـ ڏاڍي مار ڪيڻ.

• **اَلوڪ:** ذ. [سن. اَ + نـ + لوک = دنيا] روحاني دنيا.

ـ **اَلوڪڪ:** ذ. صفت. روحاني دنيا وارو. معجزي وارو ـ ڪرامت وارو. غير معمولي قوّت وارو.

• **اَلولَ ج اَلولُون:** ث. [سن. اَلوْلَ = ٽينگ، رونشو. مزو. راند. ريچڪ. موج. لهر] عيش ـ سک. مزو ـ لطف.

• **اَلولائي، اَلولِي ج اَلولايون، اَلولِيُون:** ث. الولَ ـ موج ـ عيش. مزو.

• **اَلولايُون، اَلوليون ڪرڻ، مائڻ:** خوشيون ڪرڻ ـ موجون مائڻ ـ فرحتون وٺڻ. آرام وٺڻ ـ مزا مائڻ. ٽينگ ٽپا ڏيڻ ـ رونشا ڪرڻ.

• **اَلولُ ج اَلولُ:** ذ. صفت. [ع. عَلِيل = بيمار چريو.

ـ **اَلولُ جَلولُ:** صفت. اجايو ـ فضول ـ بيڪار. اَڊنگو ـ بي افعالو.

• **اَلولُو ج اَلولُو:** ذ. صفت. اُلڙندڙ ـ اُکڙندڙ. ڊلرو ـ ڊرڙو. لڏندڙ لمڏندڙ. جو سَمجهه ۾ نه آچي. طاقت مند ـ سگهارو.

• **اَلولو ج اَلولا:** ذ. صفت. اُبتو ـ منجهيل ـ جو سمجهه ۾ نه آچي. طاقتَ مند ـ سگهارو.

• **اَلولَڪ ج اَلولڪ:** ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

• **اَلومَکو:** ذ. صفت. ڪچو پَڪو ـ جهڙو تهڙو. روڳي.

• **اَلونهَ:** ث. [وَرونهه > اَلونهه] يادگيري ـ سانير. ذوق ـ شوق.

• **اَلوٽو ج اَلوٽا:** ذ. صفت. [اَ = نـ + لُوٽ = بنا لوٽ] لوٽ کان سواءِ ـ قِڪو ـ بي سواد. (ث) اَلوٽي ج اَلوٽيون.

ـ **اَلوٽا ٽَتَ ڏيڻ:** اجايو بڪ ـ بيهوديون ڳالهيون ڪرڻ.

ـ **اَلوٽائي ج اَلوٽايُون:** ث. لوٽ جي ٽورائي ـ طعام جي قِڪائي ـ بي سوادائي.

• **اَلوٽِي ج اَلوٽِيُون:** ث. ننڊ ـ پنڪي. گهيرٽ ـ ڳهَر.

• **اَلوهيّت:** ث. [ع] ذَٽيءَ جي ذات. وحدت. ذَٽيءَ جي حقيقت. هيڪڙائي حق "آيا اُلوهيت ۾، لاهوت لنگهيو جن" (شاهه).

• **اَلوِيڙ ج اَلوِيڙ:** ذ. وَرُ ـ پيچ ـ وڪڙ. رندڪ. هٽ يا پير جي اَڱوٺي جو هڪ کان ڏيڪ ورن وارو چلو (ل) ـ ويڙهه.

ـ **اَلوِيڙ وجهڻ:** وڪڙ وجهڻ ـ ور وجهڻ. وراکا وجهڻ. رندڪ وجهڻ.

• **اَلهُ:** ذ. [ع. "الله" جو مخفف ـ الله پاڪ ـ خدا تعالىٰ.

ـ **اَلهايو، اَلاهيو ج اَلهايا، اَلاهيا (ث):** ذ. صفت. الله جي آسري وارو. نڏڪو. مٽ مائٽ کانَ سواءِ. الله جي طرف جو. قدرتي.

ـ **اَلهَ اِلاهي:** ظرف. اوچتو ـ ازغيبي.

ـ **اَلهه تُهاَن توهارَ:** ث. [الله + تو + آهر] الله تنهنجي آسري ـ الله تنهنجي توهه ـ الله تنهنجي وسيلي. خدا حافظ. موڪلاڻي.

ـ **اَلهجي:** حرف ندا. [الله + جي (جاڻ ۾)] ناواقفيت ظاهر ڪرڻ جو ڪلام. الله جاڻي ـ الله کي علم. اَلائي. مون کي خبر نه آهي.

Gul Hayat Institute

– **اَلهَراسي:** صفت. خدا کارڻ – ڏٽيءَ جي واسطي. مسافر – ڏاريو – اوپرو – پرايو "ماءُ نہ ماسي، الهہ راسي".

– **اَلهہ مُلوڄ اَلهہ مُنا:** ذ. صفت. عورتن جو پاراتي طور ڪم آڻڻ جو لفظ ـ الله جي غضب هيٺ آيل ـ الله جي طرف کان تڪليف پهتل.

• **اَلهہ آباد:** اسم خاص. ڳڙهي خيري، ٽل، روهڙي ۽ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اَلهارَڻ:** مصدر. [سن. اَدْ + لابْنْ = هيٺ لاهڻ] هيٺ لاهڻ. لاهڻ (سج) "سج اَيارڻ، سج اَلهارڻ، اُهي ئي ڏاڍي عجيب" (احمد ملاح). (اَلهاريو – اَلهاريندو – اَلهاريل).

• **اِلهامُ ڄ اِلهامَ:** ذ. [ع] اندر جو خدائي آواز. من واڻي. خدا طرفان دل ۾ آيل ڳالهہ – اِلقاءُ.

• **اَلهاڙُ (ل):** ذ. طرف. الهندو طرف.

• **اَلهاڙو ڄ اَلهاڙا:** ذ. [ملتاني] آکيرو.

• **اَلهائڻ:** مصدر. ڇار اُڀڻ – ڇار ٽاهڻ. هيٺ لاهڻ. (اَلهايو – اَلهائيندو – اَلهايل).

• **اَلهہ تَلهہ، اَلهو تلهو:** ذ. [ع. الله تاالله = خدا جو قسم] اَلو تلو. اَرکو ترکو – سموري ملڪيت – اَگر تگر – هڙموڙي. ذرو پرزو – ٽپڙ ٽڙو.

– **اَلهو تلهو ڏيڻ:** ارکو ترکو ڏيڻ – سيڪجهہ ڏيڻ.

– **اَلهو تلهو ناس ٽيڻ:** رهيو کهيو سڀ برباد ٽيڻ. هڙموڙي ناس ٽيڻ. سيڪجهہ ناس ٽيڻ.

• **اَلهٺ ڄ اَلهٺ:** ذ. صفت. نشي ۾ ڇور – الوٽ. تمام گهٽي نند. خمار.

• **اَلهڙ ڄ اَلهڙ:** ذ. صفت. سيڪڙات – اَلڙ.

• **اَلهڙ ڄ اَلهڙ:** ذ. صفت. پٽڪندڙ – رولو. طعام تڪيندڙ. بي ساڃاهو.

• **اَلهَنْدو ڄ اَلهَنْدا:** ذ. [لهڻ > اولهڻ > الهندو] اهو طرف جيڏانهن سج لهي. اولهہ پڇم.

• **اَلهَڻ:** مصدر. [لَهڻ > الهڻ] وهڻ تان هيٺ لهڻ. سج جو لهڻ – غروب ٽيڻ "الهي سج اوير مَ ڪر معذورين تي" (شاهہ). اَلٽو – اَلهندو – اَلهيل].

• **اِلهو:** ذ. ڏکر جو اِتيءَ کي اُسرائڻ لاءِ پهريون ڏڪ – اِلو (ل).

– **اِلهو ٻلهو:** ذ. اِتيءَ کي ڏکر سان ٻن ڏکن هٽڻ وارو داءُ.

– **اِلهو ٻلهو ڪرڻ:** ٻ ڏڪ هٽڻ. ٽورو ڪم ڪرڻ. مٽاچرو ڪم ڪرڻ – مڙئي پورائي ڪرڻ.

• **اَلهَيڙو ڄ اَلهَيڙو (ل):** ذ. صفت. اَلڙيل – اَکڙيل – ڍرو ٽيل. ڍرو – ڍلو – ڦلهڙو. عضون اکڙيل – ماٹو. سست. رولو – رولاڪ. رولو جانور – چڙواڳ جانور.

• **اَلهي ڪُلهي (ل):** ظرف. ڪرائيءَ کان ڪلهي تائين چڙهيل چوڙو – سجي ٻانهين (ڪُنڊَ ۽ ٻُڪ ٻيئي) "الهي ڪُلهي ٻانهين".

• **اَلهي گڏڻ:** سخت پورهيو ڪرڻ. اهنجو ڪم ڪرڻ. حد کان لنگهي وڃڻ.

• **اَلِي ڄ اَلِيُونْ:** ث. زيور جو هڪ قسم. چانديءَ يا سون جو جڙاءُ تِکلو. جو نراڙ جي مٿان وارن ۾ ويڙهي لٽڪائجي.

• **اِلِي ڄ اِلِيُون (ث):** ث.جيت جو هڪ قسم – تيلي ٻجن ۾ پوندڙ ڳاڙهي رنگ جو جيت. تيلي ٻج جو سُرو.

• **اُلِي ڄ اُلِيُونْ:** ث. [سن. اُدري = گهٽي اُڄ] گهٽي اُڄ لڳڻ جي بيماري – جلندر – اَستسقا. تونس – اُڄ. گهٽي کائڻ پيٽ جي بيماري. هيڄ. اجايو خبط. ڪَٽ – زنگ (ڪ).

– **اُلِي پوڻ:** اُليءَ جي بيماري پوڻ. خاتمو ٽيڻ.

– **اُلِي ڪَڻ:** گهٽي اُڄ لڳڻ. ڪتي ڪٽڻ.

– **اُلِي لڳڻ:** گهٽي اُڄ لڳڻ. کائڻ پيٽ جو حرص ٽيڻ. کاڏي جو ڪنو ٽي جارو ٻڏڻ.

• **اِلياسُ:** اسم خاص. هڪ پيغمبر جو نالو. ماٹهوءَ جو نالو.

• **اَلِيانُ ڄ اَلِيانَ:** ذ. [هـ. اَلان = لغام] لغام جو دهانو. جو وڄ ۾ مڙيل هوندو آهي. وڏو ۽ سخت لغام (زوراور گهوڙي لاءِ).

• **اَليٽي ڄ اَليٽيون (ل):** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم. قيسُڙ لاٽي – گڏهہ لاٽي.

• **اَليٽ:** صفت. [سن. اَليپَکَ = بي داغ] اُهو جنهن کي ڪو ليپ نہ لڳي. جنهن سان ميلاپ ٽي نہ سگهي. نيارو. بي عيب.

• **اَليرُ ڄ اَليرُونْ:** ث. [سن. اُلول = چوه مان هلڻ] جهڪ – چال – لوهہ "ڏينديس ڏاڍي ڏونگرين، اُنين لئہ اَليرُ" (شاهہ).

• **اَليڙڻُ:** مصدر. [سن. اَدْ + لَوڏَنَ] اَکيڙڻ – لوڏڻ – ڏوڏڻ. کولڻ – ڍرو ڪرڻ. اُديڙڻ. (اَليڙيو – اَليڙيندو – اَليڙيل).

• **اِليکتري ڄ اِليکتريون:** ث. [انگ. Electricity = بجلي] بجلي. هٿ بتي (torch).

• **اِليکرو ڄ اِليکرا (ث):** ذ. صفت. ڏنگو – اڙهنگ. پيار سان پاليل دادلو – (ث) اِليکري ءَ اِليکريون.

• **اَليکَ سَليکَ:** ث. [ع. اسلام عليڪُم سلام ڪلام – واقفيت. مٹ محبت – سڪ ساهُ. آشنائي. سجاٽ.

– **اَليکَ سليکَ ڪرڻ:** ملڻ موڪلاڻڻ – ٻ چار ڳالهيون ڪرڻ.

– **اَليکَ سَليکَ هُجڻ:** واقفيت هجڻ – ٽورو ڪجهہ – لاڳاپو هجڻ.

Gul Hayat Institute

• **اِليڪْشَن ج اِليڪشنون:** ث. [انگ. election] ووٽن رستي ميمبرن جي چونڊ – انتخاب.
• **اَليڪ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + ليک = ليکو، حساب] ليکي کان ٻاهر – بي حساب – بيشمار – گڻيٽي کان ٻاهر.
• **اَليل ج اَليلُون:** ث. محبت جي ڇڪ – عشق جي اکير. درد جي چوٽ. محبت جي گهرائي – گهاتي پريت.
• **اَلِيْهَرْ ج اِلِيْهَرْ:** ذ. کاريهر نانگ.
• **اَمْر:** ث. [ع. اَمرٌ ج اَمّهات = ماءُ] ماءُ.
– **اَمرُ الامْراض:** ث. مرضن جي ماءُ. قبضي. زڪام.
– **اَمرُ الجيش:** ث. لشکر جي ماءُ. جهنڊو – عَلَم.
– **اَمرُ الْخَبائث:** ث. خرابين جي ماءُ. شراب.
– **اَمرُ الْخَير:** ث. ڀڳائي جي ماءُ. بيبي رابعه بصري.
– **اَمرُ الصِّبيان:** ث. [ع. اَمرٌ + الصبيان + ہارَ = ٻارن جي ماءُ] ديڄڙو – ٻاراڻو.
– **اَمرُ الطّعام:** ث. طعامن جي ماءُ. ڪڪ.
– **اَمرُ الْفَضائِل:** ث. فضيلتن جي ماءُ. علم.
– **اَمرُ الْقُريٰ:** اسر خاص. [ع. اَمرٌ + القري = ڳوٺ = ڳوٺن جي ماءُ] مڪي جو شهر.
– **اَمرُ الْقُرآن:** ث. قرآن جي ماءُ. سورة 'فاتحه' – الحمد.
– **اَمرُ الكتاب:** ث. ڪتابن جي ماءُ. سورة الفاتحه. قرآن شريف.
– **اَمرُ الْمؤمنين:** ث. مومنن جي ماءُ. بيبي عائشة جو لقب.
– **اَمرُ النّجوم:** ث. تارن جي ماءُ. ڪهڪشان – ڪير ڌارا.
– **اُمّهاتُ المومنين:** ث. مومنن جون مائرون (حضور رسول صلي الله عليه و آله وسلّم جن جا حرم).
• **اَمرٌ:** ظرف. [١. عُمر > اَمر؛ ٢. اَمالک > ام] عمر لاءِ. (ث) رومڙ – جُلهه – ڪاه. رخ.
– **اَمرٌ ڏمرٌ لائي ڏيڻ:** اکيون پوري ڪر ڪي لڳي وڃڻ.
– **اَمرٌ لاءِ وڃڻ:** هميشہ لاءِ وڃڻ. عمر ڪي وڃڻ.
• **اَمرٌ ڪرڻ (ل):** اکيون پوري روانو ٽيڻ. منهن ڪري وڃڻ. رخ رکي هليو وڃڻ.
• **اَما، اَمانْ:** ث. [ع. اَمرٌ: سن. اَمْا] ماءُ – اَمڙ. پيار کان ڏيءَ، نُنهَنْ يا ڪنهن بہ چوڪريءَ يا عورت کي سڏڻ جو عزت پريو لفظ.
• **اَمّا:** حرف جملو [ع] پر – مگر – ليڪن.
• **اَمّا بعد:** ظرف. ان کان پوءِ.
• **اَماتَڻ:** مصدر. ٽاڻڻ اونڌو ڪرڻ. (اَماٽيو – اَماٽيندو – اَماٽيل).
– **اَماٽي ڪرڻ:** مرمت لاءِ ٻيڙيءَ کي اونڌو ڪرڻ.
• **اَماٽو ج اَماٽا:** ذ.صفت. [سن. اُنْمتّ = چريو، مست، نشي ۾] چريو – ديوانو – مست. پليل – گمراهه – غافل. اڻڳو "انڌو الوهيت کان، آهي اي اما ٽو" (شاهه).
• **اَماڇ ج اَماڇ (لس):** ذ. جسر جو ڏُن کان هيٺيون پاڳو. نهائين (ل).
• **اِمارَت:** ث. [ع] اميري. سرداري. حڪومت.
• **اَمارو:** ذ. [ع. اَماره = بچڙاين ڏي امر ڪندڙ] بچڙاين لاءِ تيار ڪندڙ "نفس امارو".
• **اُمارو ج اُمارا (ل):** ذ. اوپارو – اوپر – اُپرڻ "اڄ پڻ اُمارو، چوڏهينءَ ماه چنڊ جو" (شاهه) تياري – سانباهو – سنيت – قصد. پوري پڪي ارادي وارو – ترت سانباهو. "آيل! اُمارو، آهي پريين پار جو" (شاهه).
• **اُمارُ ج اُمارَ:** ذ. [سن. اُلْمک] باهه جو اُمڙ – باهه جي وڏي اُماڙي.
– **اُمارو ج اُمارا:** ذ. باهه جو مُڄ – ٻَڙُ – جهڙڳو. تجلو – چمڪو.
– **اُمارِي ج اُمارِيُون:** ث. [سعن. اُلْمک] هرندڙ ڪائي. ڇوچڙي – ڇُڻانتي. باهه جي ڇيي – هرندڙ ٻُندي.
– **اُمارِي ڏيڻ:** باهه ڏيڻ – ڏنپ ڏيڻ.
• **اُماسُ:** ث. ذ. [سن. اَماواسيا] ڪاراڻ. چنڊ جي مهيني جو پويون ڏينهن. اُنداهي پک جو پويون ڏينهن – "پورنماسي" جو ضد.
• **اُماس جهڙي:** صفت. بلڪل ڪاري – بنهه ڪاري. ڪاري ٻات.
• **اَمالڪ:** ظرف. اوچتو. يڪدم – جهٽ پٽ.
• **اَمالو ج اَمالا:** ذ. صفت. ٽورو آلو – اَڻوڪو. (ث) اَمالي ج اَماليُون.
• **اَماليون ڪرڻ:** نشا ڪرڻ – نشا پتا ڪرڻ. خوش گذارڻ.
• **اِمالَه:** ذ. [ع. اِمالةٌ = مائل ڪرڻ، موڙڻ] الف اماله (صرف نحو مطابق اهو الف جو "ي" ۾ بدلائجي "رڪاب > رڪيب: ڏاج > ڏيج>".
• **اِمامُ ج اِمامَ:** ذ. [ع] اڳواڻ – پيشوا – سونهون – رهبر – هادي. مقتدا – سردار – مهندار. مذهبي رهنما. هر هڪ فن يا علم جو وڏو ماهر. جماعت کي نماز پڙهائيندڙ – جماعت جو اڳواڻ. تسبيح جو وڏو داڻو.
– **اِمام اَعظَم:** اسر خاص. امام ابو حنيفو (نعمان بن ثابت) 'فقه حنفي' جو باني.
– **امام الانام:** ذ. صفت. ماڻهن جو مهندار.

Gul Hayat Institute

– **اِمامتَ:** ث. [ع. اِمامة] اڳواڻي – پيشوائي. مهنداري – سرداري.
– **اِمامت ڪرڻ:** پيشوائي ڪرڻ – اڳواڻي ڪرڻ. اڳواڻ ٿي نماز پڙهائڻ.
– **اِمامُ ضامنُ:** ذ.امام موسيٰ رضا جو لقب "اِمامِ ضامن جو رهيو" اهو رَهيو جو ويساه وارا امام رضا جي نالي تي باسي تعويذ طور ٻانهن ۾ ٻڌن)
– **اِمام غزالي:** اسم خاص. امام محمد بن محمد غزالي (٤٥٠ھ – ٥٠٥ھ) (طوس شهر جو ويڙل اسلامي فلسفي ۽ الاهيات جو وڏو عالم).
– **اِماميه:** ذ. هارهن امامن ۾ اعتقاد رکڻ وارو فرقو. کين 'اثناعشريه' به سڏيندا آهن.
– **اِمامَيْن:** ذ. [ع] ٻه امام يعني حضرت حسن ۽ حضرت حسين.
• **اَمانُ:** ث. [ع] پناهه – حفاظت. سلامتي – بچاءَ _ جهلو. اجهو – ڊڪ "اَلاَمان = خدا جي پناه".
• **اَمانا:** اَمن کان سواءِ.
• **اَمانَتَ ج اَمانَتُون:** ث. [ع. اَمانَة] حفاظت خاطر هٿيڪي رکيل شيءِ. اُها شيءِ جا ڪنهن کي حفاظت سان رکڻ لاءِ ڏجي. ايمانداري – ديانتداري. انصافي فيصلو. امين جو فيصلو. هٿيڪائي.
– **اَمانتدارُ ج اَمانتدارَ:** ذ. صفت. [امانت + ف. دار = رکندڙ] ايماندار – سچو – امين – معتبر – پروسي جهڙو – مصنف. رکيل شيءِ جي حفاظت ڪندڙ.
– **اَمانت رکڻ:** ڪا شيءِ ڪنهن وٽ حافظت لاءِ رکڻ.
– **اَمانت ڪرڻ:** اَمين ٿي فيصلو ڪرڻ – انصافي فيصلو ڪرڻ – امين ٿي مُلهه ڪرڻ.
– **اَمانت ۾ خيانَتَ:** محاورو. اَمانت طور رکيل شيءِ ۾ بي ايماني يا ڪُپت.
– **اَمانت ۾ خيانت ڪرڻ:** اَمانت طور رکيل شيءِ سان هٿ چراند ڪرڻ. ڪُپت ڪرڻ.
– **اَمانت نامو ج اَمانت ناما:** ذ. انصافي فيصلي ڪرائڻ لاءِ لکيل دستاويز.
– **اَمانَتي:** ذ.صفت. امانت طور رکيل. اماني (ڪم يا فيصلو).
– **اَماني ج اَماني:** صفت. امانت طور رکيل (شيءِ) امانت تي ڪم. اعتبار تي ڪم – بنا هول ڪم.
• **اَمانْگهرو ج اَمانْگهرا:** ذ. صفت. گهٽو آلو. بي خوف.
• **اَمانو جَ اَمانا:** ذ. صَفت. [اَ = نہ + مان = عزت] بي مانو – بي عزت "جي تسليم ٿيا تحقيق سين، اوءِ ڪئن اَمانا" (شاه). "سُمانو" جو ضد.
• **اَمانُ (ل):** ث. امانت. امان – سلامتي. امانت ۾ رکيل. لاش جو امانت طور دفن ڪجي يا ٻئي پاسي دفن ڪرڻ لاءِ موڪلجي.
– **اَمانُ ڪري رکڻ:** امانت ڪري رکڻ. جنازي کي امانت طور زمين جي سپرد ڪرڻ.
• **اَماڻَ:** مصدر. روانو ڪرڻ – موڪلڻ. ٽورو اڇيرو ڪري ڇڏڻ. (اَماڻيو – اَماڻيندو – اَماڻيل).
• **اَماهَنْ:** مصدر. اَمهائڻ (ڪورو ٽانڻ).
• **اَمائِڻُ:** مصدر. ٽڪر جي ڪوري ٽانڻ کي پاڻيءَ ۾ پُسائڻ. ڪورو ٽانڻ پچائڻ. ڪوري ٽانڻ کي پهريائين پاڻيءَ سان ڏوئي صاف ڪري پوءِ ڪم آڻڻ. (اَماڻيو – اَماڻيندو – اَماڻيل).
– **اَمائِجڻ:** مصدر "اَمائِڻ" مان فعل مجهول. ٽڪر جو ڪورو ٽانڻ پاڻيءَ ۾ پچائڻ.
• **اَماهِي ج اَماهِيُون:** ث. اَيساهي – اَيڪَ. دَمُ – دمڪشي. ساهه جي مونجهه. ڪنگهه.
• **اَمْباري:** ث. ڏسو "اَنْباري".
• **اَمْبَرُ:** ذ. [سن. اَنْبَر = گهيرو. آسپاس] فضا – آسمان. ڪڪر. عنبر.
• **اَمْبَلَ ج اَمْبَلُون:** ث. اَنْبَلَ – سيڏي – ويهاريل عورت – سُريت. هيراڪَ (ل)"
– **اَمبل ڇَمَبل ٽِيڻ:** هڪٻئي تان قربان ٽيڻ – گهوري گهوري وڃڻ.
• **اَمْبيو ج اَمْبيا:** ذ. ديڳ رڌڻ لاءِ لوهه يا ڪاٺ جي ڏوئي – اَنْيي. صَفحي جي آخر ۾ ڪهيءَ ڪُنڊ تي ٻئي شروع ٿيندڙ صفحي جو پهريون لفظ (جو قلمي ڪتابن ۾ مضمون ۽ صفحن کي مربوط ۽ مسلسل رکڻ لاءِ لکندا آهن).
• **اُمَتَ ج اُمَتُون:** ث. [ع. اُمّة] ڪنهن نبيءَ جا پوئلڳ. پيروي ڪندڙ گروهه يا قوم. مخلوقات. خلق.
– **اُمَتي:** ذ. صفت. پوئلڳ – مُقلّد – پيروي ڪندڙ.
• **اِمْتِحانُ ج اِمْتِحانَ:** ذ. [ع] آزمائش – پَرک. شاگردن جي پڙهائيءَ جي جاچ پڙتال.
• **اِمْتِدادُ:** ذ. [ع] مدت وڌائڻ جي حالت.
• **اِمْتِزاجُ:** ذ. [ع] ملاوٽ – آميزش. تحليل. طبّ جي اصطلاح ۾ ٻن يا زياده شين جي هڪٻئي سان ملي وڃڻ جي حالت.
• **اِمْتِلاءُ:** ذ. [ع] بدهاضمي جو بارُ. بدهضمي. جوڳير.
• **اِمْتِناعُ:** ذ. [ع] روڪ – بندش – اَنڪَ – ممانعت.

Gul Hayat Institute

• **اَمْتِنانْ:** ذ. [ع] ٹورو – احسان.
• **اِمْتِيازْ:** ذ. [ع] فرق – تفاوت. سَنڈو. تميز – شُعور.
– **اِمتيازي:** صفت. امتياز وارو – نمايان.
• **اَمَتْ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مَتَ = برابر] جنهن جو مٽ نہ هجي – لاثاني – بي مثال.
• **اَمِٹ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + مرشْتْ = صاف ڪرڻ] نہ ڌهندڙ. غير فاني – لازوال – پائدار. اَٽل – مَضبوط.
• **اَمْثال:** ذ. [ع. مَثَلُ ج اَمثالُ] پهاڪا. مثال طور ٽوٽڪا.
• **اَمپايَر:** ذ. [انگ. umpire] "ڪرڪيٽ" راند جو امين.
• **اِمپورٽ:** ذ. [انگ. import] ٻاهران مال جي آمدني – آوت.
• **اِمپيريَل:** صفت. [انگ. imperial] شهنشاه سان متعلق. شهَنشاهي – شاهي.
• **اَمْجَد:** ذ. صفت. [ع. "مَجيدُ" جو تفضيل] نهايت سڳورو – وڏو بزرگ – تمام پلارو.
• **اَمْجهوُ ج اَمْجهوُ (ل):** ذ. صفت. نہ سمجهندڙ – بي سمجهه اَياڻو. "سَمجهُو" جو ضد.
– **اَمْحابو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اِمْدادَ ج اِمدادُونْ:** ث. [ع] مدد طور ڏنل رقم. عطيو – بخشش – چندو. عنايت – احسان.
– **اِمداد ڪَرڻ:** احسان ڪرڻ – عنايت ڪرڻ. بخش ڪرڻ.
• **اَمْرُ ج اَمْرَ:** ذ. [ع] حڪم – فرمان – آگيا. اِجازت – اِزن. قضا. لکيو (خدا جي طرفان). تقدير. ارادو. مسئلو. گرامر ۾ حڪم ڏيڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جو مصدر مان "ڻ" ڪڍي ڇڏڻ سان ٺهندو آهي. جيئن لکڻ > لِکْ، وَڃڻ > وڃ، وغيره).
– **اَمْر اِسْتِقبالْ:** ذ. ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکارينڙ اَمر "لِکج، اچج، وغيره".
– **اَمْرِالاهي:** ذ. خدائي حڪم. قضا – قسمت – تقدير.
– **اَمْرِ تَمنّا:** ذ. تمنّا جو اظهار ڪندڙ امر "بچائج! جيارج، وغيره".
– **اَمْرِ حالْ:** ذ. هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکارينڙ اَمر "هَلْ! نُچْ! اُٽ، وغيره".
– **اَمْر ڪَٽڻْ:** حڪم مڃڻ. رب جي رضا مڃڻ "آگي جا اَمَرُ، ڪڍ تہ خالي نہ ٽئين" (شاهه).
– **اَمْر ۾ آڻڻْ:** حڪم هيٺ آڻڻ. تابع ڪرڻ – فرمانبردار بنائڻ.
– **اَمْرِ مَڃڻ:** حڪم مڃڻ – حڪم جي پيروي ڪرڻ.
– **اَمْرِنَهي:** ذ. انڪار يا ناڪار جي معنيٰ ڏيکارينڙ اَمر "نہ ڪر مَ ڪر".
– **اَمْرِي:** صفت. خدائي امر ڪان. فطرتي – قدرتي. غير مصنوعي.
• **اَمَرْ:** صفت. [اَ = نہ + مَر < مرڻ] جو ڪڏهين بہ مَري يا ناس نہ ٿئي – لازوال – اَبناسي – غير فاني – زنده جاويد – سدائين جيئرو – اَمٽ.
– **اَمَرْ ڏَل:** ذ. اُهو ميوو جَنهن جي ڪائڻ سان سدائين جيئرو رهجي.
• **اَمْراضْ:** ذ. [ع. مَرَضُ ج اَمرَضُ] مَرَضَ – بيماريون – اڳهاڻون.
• **اَمْراضِ مُتَوارِثه:** ذ. موروثي بيماريُون (جهڙوڪ سلهه، ڪوڙهه وغيره).
• **امراض مُتعدي:** ذ. وڇڙندڙ بيماريون.
• **اُمَراءْ:** ذ. [ع. اَميرُ ج اُمراءُ] امير – وڏا ماڻهو. سردار. دولتمند – معزز.
• **اُمْرائي:** ث. اَميري. وڏائي. شان شَوڪت.
• **اُمْرَتْ:** ذ. [اَ = نہ + مَرت = مرڻ] سدا حيات رکندڙ – سدائين جيئرو رکندڙ (پاڻي، شيءِ) – حياتي بخشيندڙ. اِڪسير – فائديمند.
– **اَمرت جَل:** ذ. سدا حيات رکندڙ پاڻي – آبحيات.
– **اَمْرُت ويلو:** ذ. پرڀات جو وقت – صبح صادق.
– **اَمرتي:** صفت. آبحيات جهڙو ملو پاڻي يا شراب.
• **اَمْرُت دارا:** ث. هڪ قسم جي دَوا (جا ڪافور، جاڻ ۽ ولجاڻ مان ناهيندا آهن، اڪثر گهٽو مرضن لاءِ مفيد هوندي آهي).
• **امْر ٽَسَر:** اسم خاص. اولهه پنجاب ۾ هڪ مشهور شهر (جَنهن ۾ سکن جو وڏو "گردوارو" آهي).
• **اَمْرَدْ ج اَمْرَدَ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مرد] لاسڙاٽ – ڇوڪرو – نو عُمر. نابالغ ڇوڪرو.
• **اُمرو ج اُمرا:** ذ. ڪريو. واهي.
• **اَمَروٽْ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو (جتي مشهور درويش تاج محمد رحه امروٽي ٽي گذريو آهي). تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **اِمْروزْ:** ظرف. [ف] اَڄ – اڄوڪو ڏينهن.
– **اِمروز فردا:** ظرف. اڄ سياڻي.
• **اِمروز فردا ڪرڻ:** اڄ سياڻي ڪرڻ – ٽنائڻ.
• **اِمْروشْ ج اِمْروشَ:** ذ. يارهن سالن کان وڏيءَ ڇمار جو اُٺ.
• **اَمْروهي ج اَمْروهيُونْ:** ث. موسيقيءَ جو هڪ هنر – سرگر جي ٻي ڇڪي "آروهي" جو ضد.
• **اِمْرءُ القَيسْ:** اسم خاص. عرب جو هڪ مشهور شاعر.

Gul Hayat Institute

• **اُمريو ج اُمريا:** ذ. [سن. اُنْبَر] درجي چوڪٽ جو مٿيون ڪاٺ.
• **اُمَڙ:** ث. [ع. اُمّ: سن. امْبا، اَمْبيا] اُمي – ماتا – جيجل – آيل.
– **اُمڙي:** ث. ماءُ لاءِ پيار جو لفظ. "اُما" جو تصغير.
• **اُمڙُ ج اُمڙُ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مُڙُ < مُڙڻ] نہ مُڙندڙ. ضدي. بي جيو.
• **اُمڙ ج اُمڙ:** ذ. [سن. اُلْمُک] اُماڙي – ہريل ڪائي. باھ جي جِيي.
– **اُمڙ ڏيڻ:** باھ ڏيڻ – اولاٽيا ڏيڻ. ڏُک رسائڻ. تنگ ڪرڻ.
• **اُمس:** ث. [سن. اُشْمَر] سخت گرمي – اَبس – ہٻَ – گھُٻَ.
• **اِمساڪ:** ذ. [ع] جَتاءُ (جماع ۾) – ہنڌيُج. ڪنجوسي.
– **اِمساڪ جي گوري:** ث. امساڪ پيدا ڪندڙ دوا (جا گوليءَ جي صورت ۾ هجي) – حب مُمسک.
• **اِمْسال:** ظرف. [ف] هنَ سال.
• **اِمْشَب:** ظرف. [ف] اَڄ رات.
• **اِمْڪانْ:** ذ. [ع] شُڌني – ٽيٽي. طاقت. مجال – اختيار. شڪ. احتمال.
– **اِمڪاني:** صفت. ممڪن – ٽيٽ جھڙو.
• **اَمْڪنَہ:** ذ. [ع. مڪان ج اَمْڪنہ] مَڪان – جايون – هنڌ.
• **اَمْڪو ج اَمْڪا:** ذ. [سن. اَمْک] فلاڻو – ٽيرو. ڪوبہ ماڻھو. خسيس ماڻھو.
– **اَمْڪو ڏَمْڪو:** ذ. فلاڻو ٽيرو – ٽيرو مَتيرو. ڪوبہ رواجي ماڻھو.
• **اَمَڪ ج اَمَڪ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مَک < مَکڻ] مَکَ کان سواءِ. بنا سٽ جي – رُکو – اَٽيو.
• **اَمَلْ:** ذ. [ھ. اَمَل] نشو. آفيم. [سن. اَ = نہ + مَل = ميل، گند] ميل کان سواءِ ـ صاف – سٿرو. خالص – نج.
– **اَمَل پاڻي ڪرڻ:** نشو پاڻي ڪرڻ. چاندو پاڻي ڪرڻ. نيرن ڪرڻ.
• **اَمْلي ج اَمْلي:** ذ. صفت. اَمل ڪائيندڙ – آفيمي. نَشئي – مَوالي.
• **اَمُلْ ج اَمُلْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + مُوليَہ] جنهن جي قيمت نہ ڏيئي سگھجي. بي بها – قيمتي "اَمُل اَساري پئي. پوري جت يڪوءِ" (شاھ).
– **اَمُل ماڻڪ:** ذ. اُھو هيرو جنهن جي قيمت ڪٿي نہ سھڳجي – بي بها هيرو.
• **اِمْلا:** ث. [ع. اِمْلاء = پرڻ < پورو ڪرڻ، لکڻ] علم تهجّي – هجي ڪرڻ جو علم. مشق. رسم الخط جي موافق لکڻ جي حالت – صورت خطي.
• **اِمْلاڪ ج اِمْلاڪون:** ث. [ع. ملْکَ ج اِملاک] (سنڌيءَ ۾ واحد طور استعمال ٿيندڙ لفظ) ملڪيت – دولت – جائداد.
• **اَمْلداس:** ذ. [سن. اَمْلَ ونْتس] پساڪري وڪر جو هڪ قسم (جو جلاب طور ڪم اچي) – اَملتاسُ – چمڪٽي.
• **اَمُلهُ ج اَملهَ:** صفت. [سن. اَ + مُوليه] بي بها – بيحد قيمتي.
– **اَمُلهہ ماڻڪ:** ذ. بي بها هيرو – قيمتي هيرو.
• **اِمْلي ج اِمْليون (ٿ):** ث. [سن. اِمْليکا] گدامڙي – آمري.
• **اُمَڙ:** ث. [ع. اُمّہ ج اُمَر] اُمّتُون – قومُون.
• **اُمَنْ، اَمْنْ ج اُمَنْ:** ذ. [ع. اَمْنْ] صُلح – سانت. پناھ – حفاظت – سلامتي – بچاءُ. آرام – عافيت – سُک.
– **اَمْن اَمانْ:** ذ. صلح سانت – سَلامَتي – پناھ. "ڪنڌي ساربان کان. يا اَمن اَمانْ!" (شاھ).
– **اَمْن سَبا ج اَمْن سَبائُون:** ث. مُلڪ ۾ صلح سانت قائم ڪندڙ جماعت. هندستان ۾ خلافت جي تحريڪ خلاف پرچار ڪندڙ جماعت (جا انگريزن جي ٺاهيل هئي).
– **اَمن سَبائي:** ذ. امن سبا جو ميمبر. انگريزن جو چاڙتو.
• **اَمَنْ:** اسم خاص. تعقلي خيربور ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **اَمْنا ج اَمْناڻُون:** ث. [ع. اَمَنًا = مجڻ] مجڻ جي حالت. قبوليت – اقرار – مجتا. امانَ – حفاظت – پناھ.
– **اَمْنا تَمنا:** ث. (اَمنًا + تمنًا) آسرو اُميد – آرزو – خواهش.
– **اَمْنا مَجنْ:** شڪست قبول ڪرڻ. بانْ ڪرڻ. توبہ ڪرڻ.
– **اَمْنا هُجنْ:** قبول هُجڻ.
• **اَمْنگ ج اَمْنگ:** ذ. [سن. اُدْمَنْ = اُتلي پوڻ، پلٽجڻ، چڙھڻ، موجون ڏيڻ] موج. جوش. جَذبو – اُڏمو. لَهر – ترنگ. ريجڪ. اُتساھ.
– **اَمْنگي:** ذ. صفت. جذبي وارو. جذباتي. موجي. اُتساھي.
• **اَمْنگُ:** مصدر. جوش ۾ اچڻ. جذبي ۾ پرجڻ. موج ۾ اچڻ. (اَمنگيو – اَمنگيل).
• **اَموتْ ج اَموتْ:** صفت. [اَ + موتْ < موتڻ] نہ موتندڙ – اَڻموت – بهادر – سورهيہ.
• **اَمُولَکُ:** ذ. صفت. [سن. اَموليه + ڪ] اَملهہ – بي بها – قيمتي.
• **اَمُونگهُ:** ظرف. عميق – اونهو – اَڪونجهہ سمنڊ "اوسيڙو اَمونگهہ جو. منان مور مَرَ لاھ" (بياض وفا). (صفت) جهجهو – گهٽو.
• **اَمهاڙِي ج اَمهاڙِيُون (ل):** ث. صفت. اُها چوپائي جنهن کي ويامڻ وقت ڦر مُنهن پرنہ اچي.
• **اَمهائِڻ، اومائِڻ:** مصدر. ڪورو ڪرجو ٽاڻ، استعمال کان اڳ پاڻيءَ ۾ پُسائڻ. ڦهريون ڦيرو ڪم ۾ آڻڻ. (اَماهيو –

Gul Hayat Institute

اُمهائيندو – اُمهايل).

• **اَمهڙو ج اَمهڙا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + منهن + ڙو] اُهو ٻار يا ڦر جو اُبتو جمي (يعني اُول تنگون پوءِ مٿو نڪري؛ اهڙو ويڙ نهايت ڏکيو هوندو آهي). (ث) اَمهڙِي ج اَمهڙيُون.

• **اَمي ج اَميُون:** ث. [سن. اَمبا] اَما – اَمڙِ ـ جيجل.

• **اَمّي:** صفت. [ع] اَڻ پڙهيل – ناخوانده. حضور پاڪ جن جو لقب.

• **اَميٽڻ (ل):** مصدر. ماپڻ – مَڻ – پَرڻ. (اُميٽيو – اُميٽيندو – اُميٽيل).

– **اَميٽ ج اَميڻُون:** ث. ماپ. پَلٽ. گهٽائي. اَنّ مڻ جي حالت.

• **اَميٽڻِي ج اَميٽڻِيُون:** ث. سونارن جو هڪ اوزار (لوهه جي انبوري جنهن تي پنڑن جا پارڙا گول ڪجن).

• **اَميچڻ:** مصدر. ڇَنڊيڻ. (اُميچيو – اُميچيندو – اُميچيل).

• **اَميدَ ج اَميدُون:** ث. [ف] آس – آرزو – تمنّا. توقّع. آسرو – پَروسو. حَمل – پيٽ.

– **اَميد پَلڻ:** آس لاهڻ – آسرو لاهڻ.

– **اَميد پُجائڻ:** آس پُوري ڪرڻ – تمنّا پوري ڪرڻ.

– **اَميدوارُ ج اَميدوار:** ذ. صفت. اُميد رکندڙ – آس وارو – آسائتو – آسروند – متمنّي. گهور – خواهشمند.

– **اَميد واري ج اَميدواريون:** ث. آس – اُميد. پيٽ. حَمل. (صفت) آسائتي. حامله ـ ڇيوراڙي.

– **اَميد واري ٽِيڻ:** پيٽ ٽيڻ – حمل ٽيڻ.

• **اَميدپُور:** اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميديرو:** اسر خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميرُ ج اَميرَ:** ذ. صفت. [ع] سردار – سالار – اڳواڻ. حاڪم. دولتمند – شاهوڪار – غني.

– **اَميرُ لامْراء:** ذ. امين جو اَمير. وڏو سردار.

– **اَميرُ الْبَحْر:** ذ. بَحر جو اَمير. دريائي فوج جو وڏو عملدار.

– **اَميرُ الْمومنينُ:** ذ. مومنن جو اَميرُ. مسلمانن جو حاڪم. نبي صلي الله عليه و آله وسلم جي خليفن جو لقب.

– **اَميرُ اُمْراء:** ذ. وڏا ماڻهو – حاڪمَ.

– **اَميراٽو ج اَميراٽا:** ذ. صفت. اَميرن وارو – امين جو. شاهاٽو – حاڪماٽو.

– **اَميرائِي:** ث. اَميري – سَرداري. شاهوڪاري.

– **اَميرزادو ج اَميرزادا:** ذ. سردار زادو. حاڪم زادو.

– **اَميرزادي ج اَميرزاديون:** ث. سردار زادي. حاڪم زادي.

– **اَمير ماڻهُو:** ذ. صفت. وڏو ماڻهو – امير. شريف انسان. شاهوڪار – دولتمند.

– **اَميري ج اَميريُون:** ث. سرداري. حاڪمي. بادشاهي. شاهوڪاري – تونگري.

• **اَميرآباد:** اسر خاص. گهوٽڪي ۽ ڳڙهي خيري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اَمير بَخش لغاري:** اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمير شاهه:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميَرو:** ذ. هَر جي هن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين.

• **اَميري ج اَميريُون:** ث. ڪورڪي ڏنڊي جو لفظ. ڳنڍ جو هڪ قسم (ڏاڪڻِ جي هن ٽڪرن يا تندن جون پچاڙيون گڏي وٽ ڏيئي ڳنڍ ڏبي آهي).

– **اَميري پائِڻ:** وَڻي ڳنڍ ڏيڻ يا ملائڻ. ڳنڍڻ – ملائڻ "چنن توءِ مَ چنَ، باءِ اَميري اَن سين" (شاهه).

– **اَميري ڏيڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ ٽنڊل تند کي وٽ ڏيئي ڳنڍڻ.

• **اَميسُ:** ذ. [سن. اَميشَ < اَما = پاروتي + اِيش = خاوند = اُما (يا پاروتيءَ) جو مڙس يعني شو مهراج] شِو مهراج "هر هر کن اُميس، ڏون ڏيهاڙي ڏوتيا".

• **اَميگرائِي:** اسر خاص. پتافي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **اَميلاٽو:** اسر خاص. تعلقي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمِيَن ج اَمينُ:** ذ. صفت. [ع] امانت وارو. ايماندار. حقّي فيَصلو ڪندڙ – عادل. حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب. ثالث – ٽياڪر. ٻنين جي پڙتال ڪندڙ.

– **اَمين وارُ:** فيصلي لاءِ ڪو ماڻهو مقرر ڪرڻ – ٻن ڌرين جي نيَري لاءِ ڪوٽيو ماڻهو تجويز ڪرڻ.

• **اَميناڻِي:** اسر خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمِيَن اوڪَر:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمِين نريڑو:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميَو جَ اَميا:** ذ. صفت. اَڻ ميَو – بيشمار – بي انداز. اَپارَ – اڪيچارَ "لَڻُ لدوٽي ڪنڌين، اَميَو آهي" (شاهه).

• **اَميّه:** اسر خاص. [ع] عرب جي قُريش قبيلي جي هڪ فرد جو نالو (جنهن جو اولاد "بَنو اُميّه" سڏبو آهي).

• **آنْ:** ظ ف. انڪاري آواز.

• **اَنّ ج اَنّ:** ذ. [سن. اَنّ] اَناج – داڻا (جوئر. ٻاجهري. ڪڻڪ

Gul Hayat Institute

وغيره جا) — غلّ.

— **اَن اَهاري:** ذ. صفت. اَن تي گذران ڪندڙ.

— **اَنّ اُجو ڪرڻ:** ڪري ۾ پيل اَن صافُ ڪرڻ.

— **اَنّ پاڻي:** ذ. داڻو پاڻي — آب داڻو. رزق. ڀُوٽو. نصيب.

— **اَنّ پڙيو ج اَن پڙيا:** ذ. صفت. اَن جي پڙيءَ وارو (واپاري). پڙيءَ تي وڪڻندڙ.

— **اَنّ جَلُ:** ذ. داڻو پاڻي — آب داڻو — ڀُوٽو پاڻي. نصيب.

— **اَن جَل هُئڻ:** داڻو پاڻي هُئڻ — ڀُوٽو پاڻي هُئڻ.

— **اَن داتا:** ذ. رزق رسائيندڙ — رازق. مالڪ. راجا.

— **اَن وجهڻ:** پڪين کي چوڪي لاءِ اَن ڏيڻ. پڪين قاسائڻ لاءِ جهنگ ۾ اَن هاري ڇڏڻ — ڀُوٽو وجهڻ.

— **اَن وَسڻ:** سُڪارُ ٿيڻ.

• **اِنَ (ل):** ضمير. هن — اِنهيءَ.

• **اِنَ پر:** ظرف. اِنَ طرح — اهڙيءَ طرح "اِن پر اُٿي آءٌ، ته سودو ٿيئي سڳرو" (شاه).

• **اُنَ (ل):** ضمير. هُنَ.

• **اُنّ:** ث. [سن. اُوْرْنَ < اُرَنَ = گهٽو، رڍ، ننڍو گهٽو] ڊُنبي يا گهٽي جا وارَ — پشم.

• **اَنا:** ضمير. [ع] آءٌ — مان.

• **اَناالْحَقّ:** جملو. [ع] "آءٌ خود حقّ آهيان" (منصور حلاج جو بي خودي‌ءَ وارو نعرو).

• **اَناثُ ج اَناثَ:** ذ. صفت. [سن. اَ + ناثَ = مالڪ] نڌڪو — لاوارث — اڌين. يتيم — چورو.

• **اِناثَ:** ث. [ع. اُنْثيٰ ج اِناثُ] مادیون. زالون.

• **اَناپو (ل):** ذ. نيلوفَر جو بج — ڪُمّ جو بج — ناپو (جو غريب ماڻهو ڏڻ طور اَن ڪري کائين) "اَناپي جون اُن جي، متن تي مو ڙيون" (شاه).

• **اَناجُ:** ذ. [سن. اَنادْيَ] هر قسم جو اَنّ ـ غلّ.

• **اَناجيل:** اسم خاص. [ع. اَنجيل ج اِناجيل] عيسائين جو پاڪ ڪتاب جنهن ۾ مَتي، مَرقس، لوقا ۽ يوحنا، اهي چارئي ڪتاب سمايل آهن.

• **اَناد:** صفت. [سن] جنهن کي شروعات نه هجي. اَزل. قديم — جهونو.

— **اَنادي:** صفت. ازلي — قديمي.

• **اَنادوڪي (ڪ):** ظرف. ناحقي. بي خبريءَ سان — ازغيبي — اوچتو.

• **اَنارُ ج اَنارَ:** ذ. [ع] ڏاڙهُون. آتشبازيءَ جو هڪ قسم.

— **اَنارداڻا:** ذ. ڏاڙهونءَ جا داڻا — سُڪل ڏاڙهون (جي مصالحي طور ڪم اچن).

• **اَنارڪَلي:** اسم خاص. [ف. اَنار + هـ. ڪلي = مکڙي = ڏاڙهونءَ جي مکڙي] اڪبر بادشاه جي هڪ ٻانهيءَ جو نالو (جنهن جو اصل نالو نادره بيگم هو ۽ جهانگير جي خدمت تي مامور ٿيل هئي). لاهور جي هڪ بازار جو نالو (جنهن جي لڳ انارڪليءَ جي قبر آهي).

• **اَناڙُ ج اَناڙ (ل):** ذ. بيجا هَلت — اَڻگهائي. (صفت) بيوقوف — احمق.

— **اَناڙپ (ث)، اَناڙَپَڻ، اَناڙُ پڻو:** ذ. بيوقوفي. اڻگهائي.

— **اَناڙُ ڪرڻ:** بيجا هلت ڪرڻ — اَڻگهي هلت هلڻ.

• **اَناڙي ج اَناڙي:** ذ. صفت. [سن. اَنارِيَه < اَن + اَريه = اَڻ آريه] اَڻ سڌريل — جهنگلي. جٽ — نادان. خسيس — گهٽ. اَڻ آزمود گار — سيکڙات. احمق. نالائق.

• **اَناسَرت:** ث. [سن. اَن + سَمرتِيه = طاقت] بيهوشي — هوڏڙو — غشي. بي خبري (ظرف) اوچتو — اتفاقاً — ازغيبي.

— **اَناسُرتي:** ث. بيهوشي — بي خبري. غفلت.

• **اَناسو ج اَناسا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ناس = نڪ يا وات] بي نڪو — نرلجو. جنهن کي ناس پتو نہ هجي — نَود — اَڻاسو.

• **اَناطولِيه:** اسم خاص. ايشيا مائنر جي هڪ شهر جو نالو.

• **اَنامُ:** ذ. [ع] خلق. ماڻهو — خلقت.

• **اَنانُ ج اَنانَ:** ذ. صفت. [ع. اَنانُ = گهٽو ڪنجهندڙ] چريو — بي سمجهه. مست — مدهوش "رات وياري ولڙيون، آيا مست اَنانَ" (خليفو نبي بخش).

• **اَنانيّتَ:** ث. [ع] پاڻپڻو — آپو — خودي. خود ٽنائي — خود پرستي.

• **اَناهُ ج اَناهَ (ل):** ذ. صفت. صفا چريو — بنهه موڳو. اَنانُ.

• **اِناءُ ج اِناءَ:** ذ. [ع. آن، اَنيَة] برتن — ٽانءُ.

• **اَنائِيُ:** مصدر. سڌ جي ورندي ڏيڻ. دانهن ٻڌڻ. عرض اَگهائڻ. هَڪل جو جواب ڏيڻ. (اَنائيو — اَنائيندو — اَنائيل).

• **اَنْبُ ج اَنْبَ:** ذ. [سن. اَمْرُمْ] هڪ مشهور ميوي جو نالو — آمو. اڪ جي هڪ بيماري.

— **اَنب چُورُ:** ذ. انبڙين جو چُور (مصالحي طور ڪم اچي).

• **انبارُ ج اَنْبارَ:** ذ. [ف] ڏِگ — ڍير. اَنّ جي ٻار. حوض. ياڻُ. (اسمِ خاص) تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ڍيهه جو نالو.

— **انبارخانو:** ذ. سيڏي سامان رکڻ جي جاءِ ـ توشا خانو —

Gul Hayat Institute

پاندو – گدام. مخزن.
– **اَنبارچي ج اَنبارچي:** ذ. صفت. انباردار – توشا خاني جو سنپالينڌڙ.
– **اَنباردار:** ذ. صفت. اَنّ جي سنپال رکندڙ – واهي – کارائو – کانگنڙو – راکو.
• **اَنْباري ج اَنْباريون:** ث. [ع. عَمّاريَه > ف. عماري > انباري] هنباري – پالکي – ڏولي. هاٿيءَ جي هودي. هودو. محفو. چوٽي – آسمان.
– **اَنباريءَ چڙهڻ:** پالکيءَ ۾ چڙهڻ. چوٽيءَ تي چڙهڻ. وڏي درجي کي پهچڻ.
• **اَنْباڙِي:** اسم خاص. پپ جبل ۾ هڪ بستيءَ جو نالو.
• **اَنْبجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اَنْبَرُ ج اَنْبَرَ:** ذ. [سن. اَمْبَر = گهيرو آسمان] گهيرو – آسپاس. آسمان. فضا – اثير "هريائي تہ ہار، قوڪ تہ لڳي انبرين" (شاھ). پوشاڪ ڪپهہ. زعفران. ڪنڪي. عنبر. [ف] انبوري – پکڙ.
– **اَنْبَري:** ذ. صفت. آسمان يا ڪڪرن جهڙو (ڪاغذ). سماوي رنگ جو.
– **اَنبرينْ چڙهڻ:** آسمان تي چڙهڻ – آکڙ يا تڪبّر ڪرڻ. برٽيڻ – زور ٽي وڃڻ.
• **اَنبرَتُ:** ذ. [سن. اَمْرت] امرت – آب حيات. اڪسير – ترياق. (صَفت) هضم ٽيندڙ – خوشگوار.
• **اَنْبڙِي ج اَنْبڙِيُون:** ث. [سن. آمْرمَ = انب] اڻ پڪل انب – ڪچو انبّ. اَنْبي.
• **اِنْبساطُ:** ذ. [ع] خوشي – آرام – فرحت – عيش. مزو – آنند.
• **اَنْبُ ڪُنيرو:** ذ. ڪنيارن جي ڪم جو هڪ اوزار (پٽر يا ٻُڪر جو گولو جو ڪچيءَ دڪيءَ وغيره کي ٽپڻ مهل ٽيڪ طور ڪم اچي).
• **اَنْبَل (ل):** ذ. وهٽن جو تَلو. (صفت) پيار ڪندڙ. هٿ هيرو. هم صحبت.
• **اَنْبَلَ (ل):** ث. ويهاريل عورت – سينڊي.
• **اَنْبَٽَت:** اَٽڪٽ _ ناسازي. ڪلفت.
• **اَنْبوجي ج اَنْبوجِيُون:** ث ڏسو "هنيوچي".
• **اَنْبُوڙَ ج اَنْبُورَ:** ذ. [ف] هڪ قسم جو اوزار – وڏي اَنبوري – جَنْبور.
• **اَنْبُوري ج اَنْبُوريُون:** ث. [ف. انبور] ڪوڪن ڪيڻ لاءِ لوهہ جو هڪ اوزار – ننڍو اَنبور – جَنبوري.
• **اَنْبوهُ ج اَنْبوهَ:** ذ. [ف] ميڙ – گوڙ – هجوم – گهٽن ماٹهن جو ميڙاڪو. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.
– **اَنبوهہ ريش:** ث. گهاڻي ڏاڙهي.
– **اَنبوهناڪ:** ذ. صفت. گاهٽ وارو. وڏو – ڪشادو.
– **اَنبوهي ج اَنبوهيُون:** ث. گاهٽ.
• **اَنْبي ج اَنْبِيُون:** ث. ڏوڙي (ديگ رڌڻ جي) – هنيي. انبڙي (ل).
• **اَنْبِياءُ:** ذ. [ع. نَبي ج اَنْبياء] نَبي سگهورا – پيغمبر.
• **اَنْبِيقُ ج اَنْبِيقَ:** ذ. [يوناني] ڪرنڊل.
• **اَنْبِيکو ج اَنْبِيکا (ل):** ذ. رنگريزن (ڪَتين) جي اصطلاح ۾ گدامڙيءَ جي ٻَجن جو هوروَ (جو ڪپڙن رڱڻ جي ڪم اچي).
• **اَنْبِيو ج اَنْبِيا:** ذ. پَٽ وغيره رڌڻ لاءِ ڪاٺو – اَنيي – هَنيي.
• **اَنْهُوذُ:** ذ. [سن. اَنبوذَ] پوءِ جو خيال – يادگيريَ – سنيار – سَمڪ.
• **اَنْهِيرَنْ (ث):** مصدر. ڪير ڪي جمائڻ لاءِ سنباٽ وجهڻ. (انهيريو – انهيريندو – انهيريل).
• **اَنْياءُ ج اَنْياءُ:** ذ. [سن. اَنياوَ] يقين. سمجهہ آزمودو. پروڙ – پُرجهہ. اتر گيان – عين اليقين.
• **اَنْيَو:** ذ. [سن. اَنْيُو] فهم – ادراڪ – سمجهہ. تڪي ڪتَ – پالو (ل).
• **اَنْيُوڙو ج اَنْيُوڙا:** ذ. وانگوڙو (وارن جو). چوٽو.
• **اَنْيِي:** ث. [سن. اَنْياوَ] جاڻ – پروڙ – سمجهہ. قياس – انومان.
– **اَنَيي جو آڪاسُ:** ذ. معرفت جي منزل يا درجو.
– **اَنَيي جوت:** ث. اندر جي روشني – باطني نور – اندر جو سوجهرو "اَنَيي جوت اندر ۾، سنهہ سڏ ٻَري" (سامي).
• **اَنْيي ج اَنْيِيُون:** ث. ڪاٺ جي ڏگهي ڏوئي جا ڏيگ رڌڻ وقت ڪم اچي. زمين کوٽڻ جي ڪائي. رنبي.
• **اَنْتَ:** ذ. [سن. اَنْتَ] حد – چيهہ – پڇاڙي. آخر – انتها. ڳجهہ – راز – باطن. اندروني حالت يا طبيعت. حياتيءَ جو خاتمو – موت. خبر. حساب.
– **آنت ڪال:** ذ. موت جو پويون دم.
– **اَنت ڪيڻ، لَهڻ:** ڳجهہ يا راز معلوم ڪرڻ – منجهہ ڪيڻ.
– **اَنت ۾:** ظرف. پڇاڙيءَ ۾ _ آخرڪار – آخرين.
– **اَنت نہ پارهُجڻ:** تمام گهٽو هجڻ – بيشمار هجڻ.
– **اَنت وَٽڻ:** راز معلوم ڪرڻ – ڳجهہ هٿ ڪرڻ.
– **اَنت ويلو:** ذ. آخرين وقت – پويون وقت. موت جي گهڙي – پويون دم.
• **اَنتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + نتيَہ = دائمي] عارضي – فاني – بي بقا.
• **اِنْتِباهُ:** ذ. [ع] تنبيهہ – تاڪيد – چتاءُ. تاڪيدي اطلاع.

Gul Hayat Institute

• **اِنْتِخابُ:** ذ. [ع] چوند. ڏٽي کڻڻ جي حالت. اختصار – خلاصو.
• **اِنتخابات:** ذ. چونڊيون (ووٽن ذريعي). چونڊيل تڪرا (نظر يا نثر جا).
• **اَنْتَر:** ظرف. [سن. اَنْتَرْ] اندر – ۾ – وچ ۾.
• **اَنْتَرُ:** ذ. [سن. اَنْتَرْ] وچ – مفاصلو – وچين جڳهه. مُدو – عرصو. فرق. موقعو. سانگو. نفس – دل – روح. راز.
– **اَنتر آتما:** ث. روح. اندروني جذبات ۽ عواطف. دل – ضمير.
– **اَنتر آرامي:** ذ. صفت. پنهنجي اندر ۾ حظّ حاصل ڪندڙ – روحاني راحت وارو.
– **اَنتر دِيانُ:** ذ. استغفراق – محويت – فنافي الله جي حالت. مُراقبو – سَماڌ.
– **اَنتر دَسا:** ث. ڪنهن گرهه جي اثر جي مهل.
– **انتر راشتريہ:** صفت. بين الاقوامي.
– **انترگت:** ث. اندر جو احساس دل جي حالت – اندر جو خيال.
– **اَنتر گِيانُ:** ذ. اندروني ڄاڻ – القاء – الهام – ڪشف.
– **اَنتريامي:** صفت. اندر ۾ جيڪي وهي واپاري تنهن جو ڄاڻندڙ. برهما. رَازدان.
• **اَنْتَرُ مَنْتَرُ:** ذ. [سن. اَنْتَرَ + مَنْتَر] ٽوٽو ٽيٽو. شعبده ـ افسون – ڪامڻ – سحر.
• **اَنْتَرنامي:** ذ. وڇت جو هڪ قسم.
• **اَنتَرنگ:** ذ. [سن. اَنتَر + انگ = لفظ جو بنيادي پاڳو يا انگ] عزيز – ويجهو مائٽ – گهاٽو دوست.
• **اَنْترو ج اَنْترا:** ذ. [سن. اَنْترا] راڳ جو وچون پاڳو. راڳ ۾ 'آستاني' (ٽلهه) کان پوءِ 'مصرع' جي چوٽي يا ڌار.
• **اَنتريو (ڪ):** ذ. بار جي هڪ پاسي لاٽ – اوهَر – اُلار.
• **اِنْتِسابُ:** ذ. [ع] نسبت – لاڳاپو – واسطو – تعلّق.
• **اِنْتِشارُ:** ذ. [ع] اشاعت – ڦهلاءُ. پرچار. ڦوٽ – وڇوڙ. مونجهارو.
• **اِنْتِظارُ ج اِنْتِظارَ:** ذ. [ع. نَظَر] واٽ نهارڻ جي حالت – اوسيڙو – فڪر – ڳٽتي – جهوري. اونو.
– **اِنتظار آميز:** ذ. صفت. ڳٽتيءَ ۾ وجهندڙ (ڳالهه).
– **اِنتظار ڪَرڻ:** اوسيڙو ڪرڻ. واٽون نهارڻ – اکيون پائي ويهڻ.
– **اِنتظار ڪَش:** ذ. انتظار ڪندڙ.
• **اِنْتِظامُ ج اِنْتِظامَ:** ذ. [ع] بندوبست – جوڙجڪ – اهتمام. ترتيب – نظام. سرانجامي. ضابطو. سرشتو.
– **اِنتظام رکڻ:** جوڙجڪ رکڻ – ضابطو رکڻ.
– **اِنتظام ڪَرڻ:** بندوبست ڪرڻ.
– **اِنتقادُ:** ذ. [ع] تنقيد ـ نڪته چيني ـ ٽيڪاٽپڻي.
• **اِنْتِقالُ:** ذ. [ع] هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ جي حالت – روانگي. لاڏاڻو – وفات – مرتيو.
– **اِنتقال آراضي:** ث. زمين جي ڪاتي بدل.
– **اِنتقال ڪَرڻ:** لڏي وڃڻ. مري وڃڻ – وفات ڪرڻ.
– **اِنتقال مَرَض:** ذ. بيماريءَ جي هڪ عضوي کان ٻئي ڏانهن وڃڻ جي حالت.
– **اِنتقال نامو:** ملڪيت جي بدل سدل جو دستاويز.
– **اِنتقالو:** ذ. سڪرات واري وقت ۾ ڪيل خيرات. ڪانڊپي جو پت.
– **اِنتقالي:** ث. ملڪيت جي تحويل ۽ تبديل.
• **اِنْتِقامُ:** ذ. [ع] ويرـ بدلو.
• **اِنْتِها:** ث. [ع] حد – پڇاڙي – ڏنگ. آخر – نهايت – پڄاڻي – توڙ. اوج – عروج. تڪميل.
– **اِنتها پَسَنْدُ:** ذ. صفت. ملڪي ڳالهين ۾ گرم ڏر وارو. فسادي.
• **اَنْتِي ج اَنْتيون:** ث. [سن.] چاڙهو – واڌارو – ترقي – بهبودي.
• **اِنْٹَر:** ذ. [انگ. inter] وچون – وچ وارو – وچولو.
– **اِنتر ڪلاسُ:** ذ. ريل گاڏيءَ جو وچون درجو.
– **اِنتر ميڊيٽ:** صفت. [انگ. intermediate] درميانو – وچولو. وچڙو. ڊرائنگ جو ٻيو نمبر امتحان. ڪاليج جو ٻئي سال جو امتحان.
– **اِنْٹَرنَيشنل:** صفت. [انگ. international] اَنتر راشتريه ـ بين الاقوامي.
– **اِنترويل:** ث. [انگ. interval] وچون فاصلو يا مُدو – وقفو – رسيس – تفريح لاءِ چوٽي موڪل.
– **اِنترويُو:** ذ. [انگ. interview] ملاقات.
• **اِنْٹرنَس:** ذ. [انگ. enterance] داخلو. داخل ٿيڻ جي جاءِ. شروع ابتدا.
• **اِنْترودَكْشَن:** ذ. [انگ. introduction] تعارف – هڪٻئي سان سڃاڻپ.
• **اِنْٹريسْٹ:** ذ. [انگ. interest] شوق – دلچسپي. وياج. فائدو.
• **اَنْشَيُ:** ث. [ع] مادي.
• **اَنْجارُ:** اسم خاص. ڪچ جي هڪ شهر جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **اَنْجامُ ج اَنْجامَ:** ذ. [ف] آخر – پڇاڙي – خاتمو. عاقبت – نتيجو. اقرار – عهد – قول – وعدو – وچن.
– **اَنجام شكني:** ث. وعده خلافي – اقرار جي پڇكڙي.
– **اَنجام كار:** ظرف. نيٺ – آخرڪار.
– **اَنجامي ج اَنجامي:** صفت. انجام وارو – انجام ڏنل (ماڻهو) – هول هڏل – سَمنَ وارو.
– **اَنجامي كوڙو:** ذ. وعده خلاف – قول نه پاڙيندڙ – بيوفا.
• **اَنْجبارُ:** ذ. [ع. ف] فرات نديءَ تي پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي (جا ڪنڊ وغيره سان ملائي رت بند ڪرڻ لاءِ دوا طور ڪم آڻيندا آهن).
• **اِنجبارُ:** ذ. [ع] پڳل هڏ کي ٻڌڻ جي حالت.
• **اَنْجَبين:** ث. [ف. اَنگبين] شهد – ماکي.
• **اَنْجَلي ج اَنْجَلِيُون:** ث. [سن. اَنْجَل] لَپ – ٻُڪ – چُرون.
• **اَنْجُم:** ذ. [ع. نَجم ج اَنجم] تارو – ستارو.
• **اِنْجماذُ:** ذ. [ع. جَمَدَ] جَمڻ (پاڻيءَ وغيره) جي حالت.
• **اَنْجُمَن ج اَنْجُمَنُون:** ث. [ف] جماعت سڀا – ڪاميٽي – سوسائٽي. مجلس – بزم – محفل – سنسڌا – ميڙ.
– **اَنجمَن آرا:** ذ. صفت. محفل سينگاريندڙ (اسم خاص) گل خندان قصي ۾ جانعالم جي معشوقه جو نالو.
– **اَنجمن اَفروز:** ذ. صفت. اَنجمن کي روشن ڪندڙ.
– **اَنجمن گاه:** ذ. ميڙ جي جاءِ.
• **اَنْجَنْ:** ذ. [سن. اَنْجَنَ] سُرمو – ڪجل. مرهم. نانگ جو هڪ قسم. هڪ جبل جو نالو.
– **اَنجن سارْ:** ذ. سُرمو.
• **اِنْجن:** ث. [انگ. engine] انجڻ – مشين.
• **اِنْجَنيرُ ج اِنْجنيرَ:** ذ. [انگ. enginer] انجڻين جي ڪم جو ماهر. انجنيري ڪاتي جو آفيسر. مُهندس. عمارتن وغيره جي ڪم جو ماهر.
– **اِنجنيري كاتو:** ذ. آبادي جي پاڻيءَ، رستن، مشينن، بجليءَ وغيره جي سنيال جو ڪاتو.
• **اَنْجَنْ:** مصدر. اُباتجڻ. تڙڦڻ. (انجڻيو – انجڻيل).
• **اِنْجِنْ ج اِنْجِنْيون:** ث. [انگ. engine] مشن – ڪَلَ.
• **اَنْجِنْي ج اِنْجِنْيُون:** ث. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – نندي هريڙ.
• **اَنْجيرُ ج اَنْجيرَ:** ذ. [ف] ميوي جو هڪ قسم.
• **اِنْجيسُ ج اِنْجيسَ:** ذ. [انگ. hinge] دروازي وغيره جي طاق کي جهلينڊڙ لوهي چپڙي.

• **اِنْجيكْشَن:** ث. [انگ. injection] سُئيءَ جي وسيلي جسم ۾ دوا داخل ڪرڻ – سُئي هڻڻ.
• **اِنْجيل ج اِنْجيلَ، اَناجيل:** ذ. [ع] حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب. بائيبل. نئون عهدنامو. خوشخبري.
• **اَنْجهَ ج اَنْجهُون (لس):** ث. وهندڙ ڳوڙهو – سنهو لڙڪ "تنهن کي سائينءَ بنان صاحبڏنو چئي، اَنْجهه نه اوڪاڻي" (صاحبڏنو).
• **اِنْچ ج اِنْچَ:** ذ. [انگ. inch] هڪ فٽ جو ٻارهون حصو.
– **اِنچي رَندو:** ذ. هڪ انچ ويڪري تيغ وارو رَندو (وڏيڪو اوزار).
• **اِنچارج:** صفت. [انگ. inhcarge] ٻئي جي بدران ڪم هلائيندڙ. مُهْتمر. (ظرف) بدليءَ ۾ ـ حوالي ۾.
• **اَنْچَلُ ج اَنْچَلَ:** ذ. [سن. اَنچل] ڪپڙي جي ڪناري يا ڪُنڊ (خاص ڪري زناني ڪپڙي جهڙوڪ برقعي، شال يا چُنيءَ جي) – دامن. پَلُ.
• **اَنْچلاسَر:** اسم خاص. ڪارونجهر ٽڪر (ننگر پارڪر) تي هڪ تيرٿ جو نالو.
• **اَنْچلو ج اَنْچلا:** ذ. [سن. انچلَ] چاڻي – پَروڙ. صافو. پَلُ.
• **اِنْچا ج اِنْچائُون:** ث. [سن. اِچْچا] اِڇا – خواهش – تمنا – آرزو. مرضي – ارادو.
• **اَنْچَر:** ذ. [سن. آچارَ] چڱا لڇڻ – عادتون – اخلاق. (صفت) گهٽو – جهجهو – جام – مَٽو.
– **اَنْچرلچي وچن:** ڏڪ لڳي وچڻ – جام ٿي وچڻ – بي انداز هڻڻ.
• **اِنحراف:** ذ. [ع] نافرماني – بيچيائي. انڪار (حڪم مڃڻ کان) – سرڪشي.
– **اِنحرافي:** ث. نافرماني – حڪم عدولي. پڇڪڙي (قاعدي جي) – مخالفت – سرڪشي.
• **اِنحصارُ:** ذ. [ع] مدار – آڌار – دارومدار.
• **اِنحطاطُ:** ذ. [ع] تنزل. ڪمي – گهٽتائي.
• **اَنْدَ ج اَنْدُون (ل):** ث. [سن. اَنْتَ] اَنت – ڇيهه – ڇيڙو. ڪنارو – پاسو (ڪپڙي جو).
• **اَنْداري ج اَنْداريون:** ث. [سن. اَنترايَه = رندڪ، اٽڪ] ڪڙو – ڪُنڊو. بانس جي اندرين ڳنڍ.
• **اَنْدازُ ج اَنْدازَ:** ذ. [ف] طرز – ڍنگ – نمونو. ڍولُ. انگل – آرو – نخرو. وزن – مقدار. تور – ماپ. ڳاڻيٽو. ڪَٽ – اٽڪل – تخمينو. (صفت) [ف. مصدر. انداختن > انداز =

Gul Hayat Institute

اچلائيندڙ] مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ اسر فاعل جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "تيرانداز، گولہ انداز وغيره".

– **اَنْدازو:** ذ. انداز – ڪَٽ – تخمينو.

• **اَنْدامُ ج اَندامَ:** ذ. [ف] لڳ – عضوو – انگ "اديون سڀ اندام، جڙن منهنجا چوربا" (شاهہ).

• **اَنْدَرَ:** ظرف. [ف] منجهہ – وچ ۾.

• **اَنْدَرُ:** ذ. [ف. اَنْدر: سن. اَنْتَر] اندريون پاڳو – منجهہ – وُڇ.دل – قلب. راز – ڳجهہ – پيد پرهيز (ڪ).

– **اَنْدر اُجارَڻ:** دل صفا ڪرڻ قلب تان ڪَٽ لاهڻ. نيڪ ٿيڻ.

– **اَنْدران:** ظرف. گهر، جاءِ وغيره جي اندرئين پاسي کان. اندر مان. دل مان.

– **اَنْدران ٿي اُچڻ:** گهر مان ٿي اچڻ. ڪنهن جي اندر جو راز معلوم هڻڻ. ارادن يا خيالن جي واقفيت هڻڻ.

– **اَندران ٿي اَندران:** ظرف. ڳجهہ ڳوهہ ۾ ـ لڪ ڇپ ۾.

– **اَندر باهر:** ظرف. حاضر ۽ غير حاضر (گهر ۾). اندران ۽ باهران. ظاهري ۽ لڪل (خيالات).

– **اَندر باهر هُجڻ:** گهر ۾ نہ هجڻ – مسافريءَ ۾ هجڻ.

– **اَندر بَهَر:** ث. هڪ قسم جي پٽن راند (جا جوا ڪرڻ وقت رهندا آهن).

– **اَندر بَهرائي:** ث. اندر هڪڙي ۽ باهر ٻي – منافقي. لائي چائي.

– **اَندر بَهرو:** ذ. صفت. لائي چائي ڪندڙ – مُنافق.

– **اَندرَ ٺري پُون:** دل ڪي راحت اچڻ. بيحد خوشي ٿيڻ.

– **اَندر ساڙ:** جگر جلائڻ – دل ڪي رنج يا تڪليف پهچائڻ. ڏُک ڏيڻ. طعنا مهڻا ڏيئي ڏکوئڻ.

– **اَندرَ کارو ج اَندر کارا:** ذ. صفت. دل جو پليد – اندر کوٽو – دغاباز. منافق – ڪنڊو.

– **اَندر کاڏل:** ذ.صفت. نااميد – مايوس. شڪي. پشيمان. گنهگار. بي ايمان.

– **اَندرَ کنڊو ج اَندر کُنڊا:** ذ. صفت. اندر جو پليد – منافق. دل ۾ دغا رکندڙ.

– **اَندرَ کوٽو ج اَندر کوٽا:** ذ. صفت. دل جو پليد – منافق. دغاباز. بدخواه ـ بد نيّت.

– **اَندرَ ۾ ڇُريُون، کاتيُون هُجڻ:** دل ۾ دغائون هجڻ. اندر ۾ ساڙ هڻڻ. رقابت ۽ نقصان پهچائڻ جا ارادا هجڻ.

– **اَندرَ ۾ کاڻ هُڻڻ:** دل ۾ دغا هُڻڻ – بدخواهي هڻڻ.

– **اَندرَ ۾ کُيُون هُڻڻ:** اندر ۾ کوٽ هڻڻ.

– **اَندرَ ۾ لُڏبُيُون هُڻڻ:** دل ۾ دغائون هڻڻ.

– **اَندرَ وارو:** ذ. صفت. اندر جو (قاضي). ضمير – وويک.

– **اَندَرُون:** ظرف.اندر مان – دل مان – گهرجَي اندران. منجهان – وڃان.

– **اَندرُوني ج اَندرُوني:** صفت. اندريون. لِڪل – ڳجهو – باطني. معنوي.

– **اَندرينْ ج اَندرِيُون:** ث. 'اندريون' جو مونث. مَلهہ جو هڪ داءُ – اندرئين پاسي وارو جانڊو. (صفت) اندر واري. باطني (ڳالهہ).

– **اَندرين ٻاهرين وَهڻ:** ٻئي پاسا وَهڻ. ٻنهي طرفن يا ڏُرين سان ساز باز هڻڻ. ٻچاپڙائي ڪرڻ – لائي چالي ڪرڻ – منافقي ڪرڻ.

اَندريونْ ج اَندريانْ: ذ. صفت. اَندر وارو – اَندر جو.

– **اَندرِيُون هَڻڻ:** ڳجهو وڙهڻ. دغائون ڪرڻ.

• **اِنْدَرُ:** اسر خاص. [سن. اِنْدْرَ = 'تمورتي' بعد سيني ۾ وڏو ديوتا] زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رهندڙ ديوتائن جو راجا. ديون ۽ پرين جو بادشاهہ (راجا اندر، جو عام طرح لوڪ ڪهاڻين ۾ ديون ۽ پرين جو راجا سڏيو ويندو آهي).

– **اِندر جو آکاڙو:** ذ. راجا اندر جي محفل جي جاءِ. راجا. اندر ۽ پرين جي عيش عشرت يا ڳائڻ وڄائڻ جي محفل. حسين عورتن جي محفل.

– **اِندر سَبا:** ث. راجا اندر جي دربار.

• **اَنْدَرُ ج اَنْدَرُ:** ذ. [سن. اِنْدُوْرَ] ڪُئو – گهر ڏَڻي.

• **اِنْدرائو (ڪ):** ذ. صفت. لڪل – ڳجهو.

• **اِنْدراجُ:** ذ. [ع. دَرَجَ] دَرج ڪرڻ جي حالت – داخلا – نُوندَ.

• **اِنْدرَجُوْ:** ذ. [ف] هوتي جو هڪ قسم (جنهن جو بيج دوا طور ڪم اچي). پسارڪي وڪر جو هڪ قسم. بيضوي شڪل جي پن وارو زنگي گل.

• **اِنْدرَسُ (ت):** ذ. موچين جي اصطلاح ۾ ڪتاب يا جتيءَ جي پني کي اندران ڏنل چمڙو.

• **اِنْدري ج اِنْدرِيُون:** ث. [سن. اِنْدرِيَ] حواس. بدني طاقت.

– **اِنْدري جُلابَ:** ذ. گهٽي پيشاب آڻڻ جي دوا.

– **اِندرِيُون وَس ڪرڻ:** حواسن کي قبضي ۾ رکڻ. حواسن کي روڪڻ.

• **اَنْدَگلي ج اَنْدَگلِيُون:** ث. چچي – سانڊي.

• **اَنْدَلُس:** اسر خاص. [اندلُوسيا] اسپين لاءِ عربن جو نالو. هسپانيہ (جو خليفي وليد جي حڪومت ۾ سنہ ۹۲ھ مطابق ۷۱۰ ع ۾ طارق بن زياد فتح ڪيو).

Gul Hayat Institute

• **اَنْدوخْتَہ:** صفت. [ف. اَنْدوختن] گڏ ڪيل (مال). (ذ) مُوڙي – بچايل موڙي. ذخيرو. ميڙي چونڊيل. حاصلات.
• **اَنْدوراھہ:** ٿ. زاري – وينتي – آزي.
• **اَنْدوڙ:** ذ. [سن. اَنْدولَنَ = لڏڻ. جھولڻ] لوڏو. جُنبش – ولولو. تحريڪ – هلجل.
• **اَنْدوھہ:** ذ. صفت. [فن. اَنْدوہ] رنج – غم – ڏک – ارمان – فڪر – گڻتي. خيال – اُدڪو. انتظار "عاشقن اندوھہ. سدا معشوقن جو" (شاھ).
• **اندروھہ اَڇڻ:** فڪر ۾ غلطان ٿيڻ – غم جو اَنڌ جڙھڻ.
– **اَنْدوھگِينَ:** ذ. صفت. غمگين – ڏکويل. دردمند.
– **اَنْدوھَناڪ:** ذ. صفت. دردناڪ.
• **اَنْدي ج اَنْدِيُون (ل):** ٿ. [سن. اَنْتَ] ڪپڙي جي ڪناري. درياءَ جي پرين پَر.
• **اَنْديشَ:** اسم فاعل. [ف] مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ اچي اسر فاعل جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "خيراانديش. دوراانديش وغيره".
• **اَنْديشو ج اَنْديشا:** ذ. [ف. انديشہ] خطرو – خيال – ڪنڪو – ڊپ. گمان. گڻتي – اُدڪو.
– **اَنْديشہ نَاڪ:** صفت. خوفناڪ – ڊپائتو – خطري وارو.
• **اَنْڈ ج اَنْڈيُون:** ٿ. [سن. اَنْڈَ] اوندھ – انڈوڪار. آنڊ.
• **اَنْڈيُون اَڇڻ، چڑھڻ:** اکين تي رَءُ چڙھڻ – اکين اڳيان اَنڌ اڇڻ. حوصلا خطا ٿيڻ – بدحواس ٿيڻ.
• **اَنْڈ ج اَنْڈَ:** ذ. [سن. اَنڈ = انڈو. اونداهو] اَنڌاڻي. بي علمي – جهالت. وڌائي – هَڻ – تڪبّر. آڪڙ – مغروري. بي ساجاهي – بيحيائي. بي پرواهي. ظلم – قهر.
– **اَنْڈ تي چڑھڻ:** اکيون پوري ڪم ڪرڻ. ظلم تي سندرو ٻڌڻ.
– **اَنڌ جي گھوڙي تي چڑھڻ:** گمراهيءَ جي جنون تي چڙھڻ. ڪاوڙ يا جهالت سبب ضد تي چڙھڻ. بيپرواهي اختيار ڪرڻ. ظلم ڪرڻ – ڏاڍ ڪرڻ. غريبان مار ڪرڻ.
– **اَنْڈ ڈُنْڈ:** ذ. اَنڌوڪار – اونداهي. انتشار – گڙبڙ – وگوڙ. بدانتظامي – بي بندوبستي. مونجهارو – رولو. بي انصافي – ڪُنياءُ.
– **اَنڌ ڈُنڈ ۾:** ظرف. اکيون پُوري. جوش ۾. بيڊڙڪ. بنا سوچ ويچار جي.
– **اَنڈ راتِي:** ٿ. اُونداهي رات.
– **اَنْڈڪارَ:** ذ. اُوندھ – انڌارو. ڪاري ٻاڏ. ڏُنڌ.
• **اَنْڈارو ج اَنْڈارا:** ذ. [سن. اَنْڈَ + ڪارَ] اُندھ – تاريڪي – ڪاراڻ (رات جي).
• **اَنْڈاري ج اَنْڈاريُون:** ٿ. [سن. انڈ + ڪارَ] اُوندھ – اَنڈڪارَ. گھوڙي جو مڪٽھارو. نار ۾ وھائڻ وقت اُٺ يا ڏاند کي ٻڌڻ جي اِڪياڙي.
– **اَنْڈاري ڪوٻي:** ٿ. اُنداهي ڪوٺي. ڪال ڪوٺڙي (جا جيلن ۾ ٽيندي آهي).
– **اَنْڈاريُون اَڇڻ:** متي ڪي چڪر اَڇڻ – اَکين اڳيان آنڌ اَڇڻ.
• **اَنْڈالَ ج اَنْڈال:** ذ. صفت. اکين وڏو – انڌو – نابين.
• **اَنْڈائي ج اَنْڈائِيُون:** ٿ. [سن. اَنْڈَتا، اَنْڈَتْوا] اَنڌ پڻ – نابينائي – ڪور چشمي. مستي (نشي جي). ڪاوڙ – جوش. غلبو (شهوت جو). بيپرواهي. ناداني – بيوقوفي. بيحيائي – بيشرمي. جهالت – بي علمي. گمراهي.
• **اَنْڈَتُ ج اَنْڈَتَ:** ذ. صفت. ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ نفرت جو لفظ. اَنڌو – صفا اَنڌو.
• **اَنْڈَپڻُ:** ذ. اَنڌائي – نابينائي. جهالت – ناداني. گمراهي.
• **اَنْڈِ راڙَ، اَنْڈراڙُ (ٿ):** مصدر. اَنّ پيهڻ بعد اٽو جنڊ جي تانئر مان اُگهي سُگهي تس ۾ وجهڻ – اُڌارڻ. (اَنڈراڙيو – اَنڈراڙيندو – اَنڈراڙيل).
• **اَنْڈَر مَنْڈَر (ٿ):** ظرف. گھڙيءَ گھڙيءَ ـ هر هر – وري وري.
– **اَنْڈَر مَنڈَر پيرو ڪرڻ:** هر هر اڇڻ – گھڙيءَ گھڙيءَ اڇڻ.
• **اَنْڈَرُ (ٿ):** ذ. ڪري ۾ پيل اَنّ اڇو ڪرڻ. وائڙڻ.
• **اَنْڈِرِي:** ٿ. گاهه جو هڪ قسم.
• **اَنْڈَگھو (ل):** ذ. امانت ۾ خيانت.
• **اَنْڈو ج اَنْڈا:** ذ. صفت. [سن. اَنْڈَ = انڈو] جو اکين کان نہ ڏسي سگهي – نابين – اکين وڏو – اکين سجو – ڪور چشم – بي ديد. ناشناس – بيحياءُ – بيشرم. بي خيال – بيپرواهہ. مست – چُور (نشي ۾). مغرور. جاهل. گمراهہ – پُليل. (ٿ) اَنْڈي ج اَنْڈِيُون.
– **اَنڈن جي خَيرات:** محاورو. نڊڪو مال. لُٽ جو مال – مفت جو مَالَ. معمولي ڪم – آسان ڪم.
– **اَنڈو اُونڈو ٽِيڻ:** اکيون پُوري لڳو رهڻ (ڪم کي). خدمت چاکري ڪرڻ. اَکن چکن ٽيڻ.
– **اَنڈو بَنائِڻ:** بيخبريءَ ۾ رکڻ. گمراهيءَ ۾ رکڻ. اکين هوندي ڪجڻ – اکين ۾ سُرمو وجهڻ – اَنڈو ڪرڻ.
– **اَنڈو بنجڻ:** اَنڈو ٽيڻ – نظر وجائڻ.
– **اَنڈو ٽِيڻ:** اکيون وجائڻ – اکيون ڪڍائڻ – نظر وجائڻ.

Gul Hayat Institute

گمراهه ٹيڻ. بي ديد ٹيڻ.
– **اَندو کوهُ:** ذ. اُوندهه وارو ۽ پُراڻو قتل کوهه.
– **اَندي جي ڏانگ:** محاورو. انڌي جي لٺ. ٽيڪ – پرجهلو.
– **اَندي جي ڪفايت:** محاورو. بيسود ڪم – اجائي ڪوشش.
– **اَندي جي لٺ:** محاورو. پرجهلو – ٽيڪ – پروسو. گذران جو وسيلو. پيريءَ جو سهارو يعني پُٽ.
– **اَندي جهُومَرَ:** محاورو. بنا سوچ ويچار جي تياري يا روانگي. بنا سمجهه جي روانگي (ڪنهن ڪم لاءِ جنهن ۾ سواءِ تڪليف جي ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿئي).
• **اَنْدوکار، اَنْدوکارَ (ث):** ذ. گُڪهه اُوندهه – ڪاري ٻاڏ – تاريڪي. غُبار. مينهن يا جهڙ سبب ٽيل اوندهه. اَنڌ ڏُنڌ – بي بندوبستي. ظلم.
• **اَنْدي ج اَنْڌِيُونْ:** ث. [سن. اَنْڌَ] "اَندو" جو مؤنث، درياءَ جي پَرين پَر "اَندي ءَ وڃون، ڪنڊي ءَ وڃون، تنگيان لهي نه تڪ" (شاهه).
• **اَنَدي مَنْگر:** ث. مانگر مڇ جو هڪ قسم (بنا ڏَندن، سسي گول، اکيون ننڍيون، چمڙي ڪاري، پٽي ءَ تي وڏا اڇا ٽڪا، ڏهه فٽ ڪن ڊيگهه).
• **اَنْڌير ج اَنْڌيرَ:** ذ. [سن. اَنْڌَكارَ] اَنڌ ڏنڌ – بي بندوبستي – بدانتظامي. ظلم – ڏاڍ – اَنياءُ.
– **اَنڌير ڪري ڇڏڻ:** ظلم ڪري ڇڏڻ – حد ڪري ڇڏڻ (ظلم جي). (ظنزاً) ڪمال ڪري ڇڏڻ. ڪجهه به نه ڪرڻ.
– **اَنْڌير نَگري:** ث. ظلم جو شهر – بيداد ننگري. بي انصافي – ڪُنياءُ.
• **اَنْڌيرو ج اَنْڌيرا:** ذ. [سن. اَنْڌَكارَ] اوندهه – تاريڪي.
• **اَنْڌَرَ ج اَنْڌَرَ (ث):** ذ. [سن. اِنْدُورَ > اَنْدَرَ] ڪُٽو.
• **اِنْڊِ ج اِنْڊُونْ:** ث. پَر – وَٽ ـ ڪَبَرُ. اُهڃ – اشارو (ڪ). آکيرو (ل). راند جو هڪ قسم (جا هڪڙيءَ تنگ تي بيهي ڪُڏجي) – تزلي راند.
– **اِنڊ ڪُٽڻ:** تزلي راند ۾ هڪ جنگهه مٿي ڪٽي هلڻ – هڪ پير تي هلڻ.
– **اِنڊ وَڙڻ:** ڪوڏين راند ۾ مخالف راندين کي ڇڪي ڏيڻ يا رڪاوٽ وجهڻ.
• **اَنْڊ ج اَنْڊُون:** ث. بهانو – سبب – عذر. آڙ – آڏ. اعتراض.
– **اَنڊ جا بُنڊ گَرڻ:** هڪ جي ٻي ڪرڻ. اَڻي جو گهوٻاٽو ڪرڻ. اُڏا اُبتا بهانا ڏيڻ. هيٺ مٿي ڪرڻ (ڪم). هُٿي ڏُٿي پُورت ڪرڻ (ڪم جي). گڙٻڙ ڪرڻ.
– **اَنڊ گولڻ، وَڙڻ:** عذر گولڻ – بهانو گولڻ. آڙ وڙڻ.
• **اِنْڊ پين ج اِنْڊ پينُون:** ث. [انگ. independent pen] اُهو قلم جنهن ۾ مَس پري چڏجي – فائونٽن پين.
• **اَنْڊَرِي ج اَندرِيُون:** ث. [سن. وَنْتَ] حصو – پاڳو – پتي.
• **اَنْڊ گُنْڊ، مُنْڊ:** ذ. ڪن ڪچرو – گند گوجر. مُنجهيل شيُون.
• **اِنْڊَلَٽ:** ث. [سن. اِنْدْرَدَنُش = اندر جي ڪمان] برسات بند ٿيڻ وقت آسمان ۾ ظاهر ٿيندڙ ستن رنگن وارو ڪماني پٽو – قوس قزح.
• **اِنْڊَمان:** اسر خاص. بنگال جي اُپسمند ۾ هيٺن جو ميڙ (جتي انگريزن جي زماني ۾ هندستان جا ڪاري پاڻيءَ جي سزا وارا قيدي رهندا هئا).
• **اَنْڊو ج اَنْڊا:** ذ. [سن. اَنْتَ] حدّ. پاڻيءَ جي چاڙهه جي حدّ.
• **اِنْڊو ج اِنْڊا:** ذ. [سن. اَنْتَ] آلي ميٽيل قرهيءَ تي اڪر جو نشان. اندن پرڻ جي ڪلڪ. ليڪ. درجو. حدّ. هڪ قسم جي ڪوڏين راند. هٿ جي ٻُني. اُٽ جي غاشي يا رَليءَ ڪي بَدل ڳُندِ.
– **اِنْڊا پَرائڻ:** پٽيءَ تي لڪيل اکرن مٿان اکر پرائڻ – اکرن جي مشق ڪرائڻ.
– **اِنْڊا پَرڻ:** آليءَ قرهيءَ تي ڪلڪ سان لڪيل اکرن ڪي مس سان پرڻ – مشق پچائڻ.
– **اِنڊا پائِڻ، ڪيَڻ:** اکرن جي مشق لاءِ ميساريل آليءَ پٽيءَ تي قلم سان اکر لکڻ.
– **اِنْڊو وَڙڻ:** ڪوڏين جي "گُڪ مڪ" راند ۾ ڪنندڙ جو آگريون سڏيون ڪري آگوٽو ورائي هٽ جي تريءَ تي رکڻ. عيوضو وڙڻ.
• **اَنْڊو ج اَنْڊا:** ذ. [سن. اُدْ – دَري = ڊِجڻ] اُدو – اُدڪو – ڪتڪو – انديشو. ڊپ – خوف. ڇُٽتي – فڪر – خيال.
• **اَنْڊي ج اَنْڊيُون:** ث. [سن. انْڊري] اُها عورت جنهن کي اولاد نه ٿئي – سَنڊ. جنهن کي پيٽ نه ٿئي. قُرحڙ يا ويامڙ کان اڳ ۾ ڪير ڏيندڙ ٻڪري.
• **اِنْدا:** ذ. پرڪارَ – اَفعال. تقليد – نقل.
• **اَنْدَرَ:** اسَر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اَنَرُ:** ذ. [سن. اَنْ = نه + اَرْتُ = مطلب] بي معنيٰ ڪم – اَجايو ڪم. غلط ڪم. انڌير – ظلم.
• **اَنرو ج اَنرا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + نراميَ. نيُروگ] انروبو – اڳهو – ناخوش – بيمار. نياڳو. اهنجو – ڏُکي. ڪمزور – ضعيف. "سَنرو" جو ضد. هڪ قسم جو ڪيرولي گاهه (جو مڪران جي طرف جام ٿئي) "اوڳارين نَ اَنرا، ٻڌا چَرن نه ٻُور" (شاهه).

Gul Hayat Institute

• **اَنَوَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَنَوُ:** اسم خاص. اَنوَ قوم جو هڪ فرد. سنڌ جي مشهور "سَمّا" گهراڻي جي حاڪمن مان هڪ حاڪم جو نالو (جو "جام اَنوَ" جي نالي سان مشهور آهي).

• **اَنَوِيُور:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه، ڳوٺ ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

• **اَنَوِڪي:** اسم خاص. تندي پاڳي ۽ گوني تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اِنزال:** ذ. [ع. نَزَلَ = لاهڻ، نازل ڪرڻ] نزول. مٿان لهڻ دل ۾ محسوس ٿيڻ.

• **اَنْسُ ج اَنْس:** ذ. [سن. اَنَس، اَنْسَه] اٽهور انگ جو مٽيون پاڳو. "چيد" جو ضد.

• **اِنْسُ:** ذ. [ع] ماڻهو – اِنسان ذات.

• **اُنْسُ:** ذ. [ع] محبت – پيار – الفت. دوستي. وِرُونهه. انساني همدردي.

• **اَنْسابَ:** ذ. [ع. نَسَبَ ج اَنسابَ] نسل – خاندان. پيڙهيون – شجرا.

• **اَنْسارُ:** ذ. ڪاري جي ٻيڙيءَ ۾ "بَندول" ۽ "ڪَڻَ" جي ڏنگ واري ٽلهي ڪاٺي.

• **اِنْسانُ ج اِنْسانَ:** ذ. [ع. اَنِس (= هن پيار ڪيو) > انسان] آدمي – ماڻهو – بشر – مَنُش – پُرڪ – پُرش.

– **اِنْسانُ العَينُ:** ذ. اک جي پُتلي – ماڻڪي (جنهن ۾ ماڻهوءَ جي تصوير ڏسڻ ۾ ايندي آهي).

– **اِنْساني ج اِنْساني:** صفت. انسان جو.انسان وارو. ماڻهوءَ جو.

– **اِنْسانيَّتَ:** ث. آدميّت – ماڻهپو. فضيلت – سليقو.

• **اَنْسَبُ:** صفت. [ع. نَسيب" جو تفضيل] وڌيڪ لائق. زياده موزون.

• **اِنْسدادُ:** ذ. [ع. سَدّ = هن روڪيو] روڪ – بندش. سَدباب.

• **اِنْشادُ:** ذ. [ع] شعر يا بيت ڪي بطور شاهديءَ جي پڙهڻ جي حالت. حوالو – سند – شاهد.

• **اِنْشاءُ:** ث. [ع. اِنْشاءَ] خط و ڪتابت جي قاعدن جو ڪتاب. مضمون نويسي. اعليٰ درجي جي عبارت.

– **اِنْشاپَردازُ:** ذ. صفت. مضمون نگار – مضمون نويس. لکڻ جو ماهر. لکيڪ.

– **اِنْشاپَردازي:** ث. مضمون نويسي. عبارت آرائي. ادبي عبارت جي مهارت. ادبي ڏنگ جي لکڻي.

– **اِنْشاطَرازُ:** ذ. صفت. سهڻي ۽ رنگين عبارت لکندڙ.

• **اِنْشاءَاللّٰه:** جملو. [ع] جيڪڏهن اَللّٰه پاڪ ڳهريو.

• **اِنْشِراحُ:** ذ. [ع. شَرَحَ] ڪلَڻ (دل) جي حالت. انبساط – سرهائي – خوشي – فرحت.

• **اِنشوئَرَنْس:** ذ. [انگ. insurance] جوکم – ويمو – تامين.

• **اَنصارُ ج اَنصارَ:** ذ. [ع. ناصِرُ ج اَنصارُ] مدَدگار – واهرو. (اسم خاص) مديني جا اُهي مَسلمان جن نبي صلي اللّٰه عليه و آله وسلم ۽ سندن مهاجر اصحابن کي پناه ڏني هئي.

– **اَنصاري:** ذ. حضرت ابو ايّوب انصاريءَ جو اولاد. "انصار" جو اولاد.

• **اِنصافُ ج اِنصاف:** ذ. [ع] عدل – نياءُ – داد. فيصلو – نبيرو.

– **اِنصاف طَلَب:** ذ. صفت. داد طلب – جنهن کي انصاف جي گهرج هجي – انصاف چاهيندڙ. قياس جوگو – ويچار جوگو.

– **اِنصافُ گهُرڻ:** عدل گهرڻ – داد رَسي چاهڻ. فرياد ڪرڻ.

– **اِنصاف مَڃڻ:** قدر ڪرڻ – داد ڏيڻ – تحسين ڏيڻ – مجرو ڏيڻ. ساراهڻ – گڻ ڳائڻ.

– **اِنصاف وَڻڻ:** نياءُ وڻڻ – حقاني فيصلو طلب ڪرڻ. داد وڻڻ.

– **اِنصاف هُجي:** محاورو. شاباس هجي – داد هجي – مُجرو هجي.

– **اِنصافِي اِنصافُ:** محاورو. پورو پورو نِياءُ، حقاني حق. صحيح فيصلو – انصاف پٽاندر.

• **اِنصرافُ:** ذ. [ع. صَرَفَ = پوئتي هٽڻ] روانگي. نيڪال.

• **اِنعامُ ج اِنعامَ:** ذ. [ع. نَعَم] بخشش – سوغات – سوڪڙي – تحفو "احمدي انعام سين لڻي، محبت لِڪ" (گرهوڙي).

– **اِنعام اِکرامَ:** ذ. بخششون ۽ عزّتون. سوڪڙيون پاڪڙيون. تحفا تحائف.

– **اِنعام دارُ:** ذ. صفت. [ع. انعام + ف. دار < داشتن] جنهن کي سرڪاري خدمت جي عوض ۾ انعام طور ڪجهه زمين وغيره مليل هجي.

– **اِنعامي ج اِنعامي:** ذ.صفت. انعام وارو. انعام جو لائق "گَٽَ کي تون نه گڏيو، چايين انعامي" (شاهه).

• **اَنَفَ:** ذ. [ع] نَڪ.

• **اِنفاذُ:** ذ. [ع. نَفَذَ] حڪم جو اجراء – تعميل.

• **اَنفاسَ:** ذ. [ع. نَفَس ج اَنفاس] دَمَ – پَساهَ – گهڙيون (ساهه جون).

• **اَنفالُ:** ذ. [ع. نَفَل ج اَنفالُ] قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو. مال غنيمت.

Gul Hayat Institute

• **اِنفرادُ:** ذ. [ع. فَرَدَ] يڪو ٿيڻ جي حالت – ايڪو. اڪيلائي.
• **اِنفرادي:** صفت. [ع] اڪيلو – تنها. هڪ هڪ ڪري. ڌار ڌار – جدا جدا. شخصي طرح.
– **اِنفراديّت:** ث. يڪتائي – يگانگي. شخصيّت.
– **اِنفرادي هستي:** ث. شخصي وجود. جيوآتما.
• **اِنفَرميشَن:** ث. [انگ. information] اطلاع – خبر – سُڌ.
• **اِنفصال:** ذ. [ع. فَصَلَ] ڇڄڻ يا ڌار ٿيڻ جي حالت.
• **اِنفعال:** ذ. [ع] ندامت – پشيماني. اثر پذيري.
• **اِنفلوئنزا:** ث. [انگ. influenza] بُخار جو هڪ قسم (جو وڃڻندڙ مرضن ۾ شمار ٿئي ٿو. ۽ جنهن ۾ تپ سان گڏ سخت زڪام به ٿيندو آهي).
• **اِنقباض:** ذ. [ع. قَبَضَ] ساهه جي سوڙهه يا تنگي – ساهه جي مُونجهه. طبيعت جي ساڻائي – افسردگي.
• **اِنقسامُ:** ذ. [ع. قَسَمَ] تقسيم – ورهاست.
• **اِنقلابُ ج اِنقلابُ:** ذ. [ع] ڦيرو – گردش. تبديلي – اُلٽ پُلٽ. حڪومت جو ڦيرو. گڙبڙ – فساد ـ بادشاه گردي. زماني جي تبديل.
– **اِنقلابُ پسند:** ذ. صفت. انقلابي.
• **اِنقيادُ:** ذ. [ع] فرمانبرداري – تابعداري – مڃتا.
• **اِنكارُ:** ذ. [ع. نَكَرَ = نه مڃڻ. ناڪار ڪرڻ] ناڪار – نابري – اِبا.
• **اِنكاري ج اِنكاري:** ذ. نه مڃيندڙ – اِنڪار ڪندڙ – نابري واريندڙ – مُنڪر.
• **اِنكاري جُملو:** ذ. اهو جملو جنهن مان "ناڪار" جي معنيٰ نڪري.
• **اِنكسارُ:** ذ. [ع. كَسَرَ = پڄي پوڻ] عاجزي – نهنائي – نوڙت – تواضع.
• **اَنْكُسُ ج اَنْكُسَ:** ذ. [سن. اَڪُشَ] لوهه جو سوئو يا انگڙو (جنهن سان هاٿيءَ کي هڪلجي).
• **اِنكشافُ ج اِنكشاف:** ذ. [ع. پردو فاش ڪرڻ جي حالت – پرده دري. اظهار – افشاء.
• **اَنْكُو(ث):** ذ. پلاڻ جي اڳئين ڏڙي جي وچ واري اُپريل چوٽي.
• **اِنكُوائري ج اِنكُوائريُون:** ث. [انگ. inquiry] پڇا – جاچ – دريافت – تفتيش.
• **اَنْكِرو اَنْكِرُو(ث):** ذ. هڪ قسم جو ٻُوٽو.
• **اَنْگ ج اَنْگون:** ث. [سن. اَڱُ] انگهه. چيرُ. سُوري – قاهي "هوت هلندين ڪٽيو. جن انگن چاڙهيو انگ" (شاه).
– **اَنْگون پائڻ:** چيرَ وجهڻ – اَنگهون ڏيڻ.

• **اَنْگُ ج اَنْگ:** ذ. [سن. اَنڪ] عدد. اڪر. ڏنگي ليڪ. اَنگڙي. اڳهه – نرخ. نشاني – چٽ. داغ – ڏنپ. ڏَڪُ. عضوو. جسم – بدن. اوگهڙ. عَوضو تناسل. داءُ (ملهه وغيره جو). لڇڻ – افعال. اَزل جو لکيو.
– **اَنْگ اَڙڻ:** پَلئه اَٽڪڻ. نصيب جو لکيو ٿيڻ. سَگ ٿيڻ.
– **اَنْگ اَڪَرَ:** ذ. حساب ڪتاب جو تفصيل – اعداد و شمار.
– **اَنْگ اُگهاڙو:** ذ. صفت. اَڻ ڍڪيل. مسڪين – غريب.
– **اَنْگباز ج اَنْگبازَ:** صفت. ملهه جا انگ يا داوَ ڄاڻندڙ. ٽڪلي. هنرمند – حرفتي.
– **اَنْگ پَڳل:** ذ. صفت. ڪم تي هريل – هڏ پڳل. پورهيت – محنتي.
– **اَنْگ پَنگ ڪَرڻ:** ڪَڙبڙ ڪرڻ – پڄي پوري ناس ڪرڻ – بگاڙڻ – خراب ڪرڻ.
– **اَنْگُ پيٽ:** ذ. ڪپڙو ۽ ڪاڏو.
– **اَنْگجَڻُ:** مصدر "اَنگڻ" مان فعل مجهول. انگ لڳڻ – چٽجڻ. ڪُنهل جانور جي عضون جو جدا جدا ودڇڻ.
– **اَنْگ جائو ج اَنْگ جاوا:** ذ. صفت. سڳو (پُٺ) – پيٽ جائو.
– **اَنْگَ سان لاڻڻ:** جسم سان لاڻڻ. پاڪر پائڻ.
– **اَنْگ ڪَڍڻ:** نشان ڪرڻ. عدد لکڻ.
– **اَنْگ ڪَرڻ:** جانور کي ڪهڻ بعد ان جي ڪل لاهي عضوا عضوا ودي جدا ڪرڻ.
– **اَنْگ ڳَڏو ج اَنْگ ڳَڏا:** ذ. اهو اوزار جنهن تي شاگردن کي انگ ڳڏڻ سيکاريا وڃن – ارٽميٽيڪان.
– **اَنْگ لِکَت:** ث. عدد نويسي.
– **اَنْگلي ج اَنْگلِيُون:** ث. نشان ڪرڻ يا ٽپي هڏڻ جو اوزار.
– **اَنْگ وِديا:** ث. علم البدن – علم تشريح.
– **اَنْگُ هَڻڻ:** ازل جو لکيو هڻڻ.
– **اَنْگي ج اَنْگي:** ذ. صفت. اَنگن وارو – حساب.
– **اَنْگي حسابُ ج اَنْگي حساب:** ذ. حسابن جو ڪتاب – Artihmetic.
– **اَنْگيل:** ذ. صفت. انگ لڳل – نشان ڏنل – ٽپو هنيل. ڪُنهل جانور جنهن جي ڪل لاهڻ بعد عضوا ودي جدا ڪيا ويا هجن.
– **اَنْگين اکَرين لِکڻ:** انگن ۽ اکرن ۾ رقم لکڻ.
• **اِنْگ ج اِنْگون:** ث. [سن. اَڱُ] اِشارو – ميڇ – مامرَ.
• **اَنْگ ج اَنْگُون:** ث. [پرا. اَنگهَ] اُونگهه – نِندِ – گهِلَ – نندِ

Gul Hayat Institute

جو خمار. غشي. غم کائڻ جي حالت – سُور پي وڃڻ جي حالت. چشم پوشي "آهي اَنگ اَمَل، ماڻ تنهنجي مينڊرا" (شاھ).

• **اَنْگارڻ:** مصدر. [سن. اَنْڪَ = انگ، ليک] لِيکڻ – ٻاهريون گهيرو ڪيڻ.

• **اَنْگاري ج اَنْگارِيُون (ث):** ث. [سن. اَڱگارَ: اَڱگاري] اَڱاري – ڪُل (تاندن جو).

• **اَنْگاس ج اَنْگاس:** ذ. جهنڊو – عَلم – نيزو.

– **اَنْگاسي:** ذ. صفت. انگاس کوڙڻ وارو. عاشورن ۾ اَنگاس چاڙهيندڙ.

• **اَنْگاسَي ج اَنْگاسيون:** ث. چَڇهري.

• **اَنْگالَو ج اَنْگالا:** ذ. [سن. اَڱڪَ = عضو] چوڑين ڪيڻ کان پوءِ باقي بچيل عاج جو ٽڪرو.

• **اَنْگبين:** ث. [ف] ماکي – شهد.

• **اَنْگڻ ج اَنْگڻ:** ذ. لَئي جو ڪونر. ڳڙ.

• **اَنْگڏ ج اَنْگڏ:** ذ. [سن. اَڱڱڊ] ڪَنگڻ.

• **اَنْگر:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَنْگر ڪو ج اَنْگرڪا:** ذ. [سن. اَڱڱر ڪُشَٽِي = زره، چوغو (اَڱڪَ = بدن + رَڪْشا = سنيال)] پهراڻ – چولو – ڪهيُن وارو ڪُڙتو. پوٽڑن بدن کي ويڑهڻ جو ڪپڙو.

• **اَنْگري ج اَنْگريُون:** ث. [سن. اَڱڱ رَڪْشٽِي] زرهه – پاکر.

• **اَنْگريز ج اَنْگريز:** ذ. [انگ. English] انگلنڈ جو رهاڪو – فرنگي، گورو – نصارو – ڪرستان.

– **اَنْگريز جو گهر:** ذ. جيل.

– **اَنْگريز جي گهر وَجي پَوڻ:** جيل ۾ وڃڻ. ڪورٽ ۾ وڃڻ.

– **اَنْگريزي:** ث. اَنْگريزن جي ٻولي English.

– **اَنْگريزي دانُ:** ذ. صفت. انگريزي ٻولي جاڻندڙ.

• **اَنْگڙ ج اَنْگڙ (ل):** ذ. [سن. اَنْڪُشَ] لوهار جو هڪ اوزار – اَنگڙو (جنهن سان ڪوري ۾ تاندا اُٽلائين).

• **اَنْگڙِٻٽو:** صفت. ڏنگو ڦڏو – اِنگڙ ونگڙ. (ذ) ننڍڙن ٻارن جي راند جنهنَ ۾ سڄو پير ڪاهي پير جي مُري کي ويڑهي هلندا ويندا آهن ۽ هي لفظ چوندا آهن ته "انگڙ ٻٽو لال ٻٽو".

– **اَنْگڙ ٻٽو ڪَرڻ:** چالاڪي يا ٺڳي ڪرڻ.

• **اَنْگڙِجَڻ:** فعل مجهول. اٽڪڻ – ڦاسي پوڻ. ڳنڍجي سنڊجي پَوڻ. وڇڙڻ. مُنجهڻ. وَکَڙجڻ. (اَنگڙيو – اَنگڙيو – اَنگڙيل).

• **اَنْگڙو ج اَنْگڙا:** ذ. [سن. اَڱڪَ، اَنْڪَشَه = اَنگڙ، ڪنديو] ڪُنديو. اَنگڙ ڪائيءَ ۾ ٻڌل ڪُنديو يا وريل ڪائي (جنهن سان وٽن مان ميوو يا پلڙا وغيره پڻجن). وڪڙ – پيچ ڏنگو ڦڏو اکر. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (ڪوري ۾ تاندن سوڙڻ جو ڪُنديو). اَنگ – جاننو. مَلهه جو هڪ داءُ. ڪَلوئڙو (ڪُنديءَ جو). [سن. اَڱڱ] "اَنگ" جو مخفف. عضوو – لِڳ – بدن "ڪڙ ڪاتي، وڍ اَنگڙا، اَدب ڪرمَ ڪوءِ" (شاھ).

– **اَنْگڙا وَهائڻ:** ڏنگا ڦڏا ليکا ڪيڻ – بي معنيُ اکر لکڻ.

• **اِنْگڙِ ونْگڙ:** صفت. [سن. اَڱڪَ + وَڪْر = ڦِڏو] ڏنگو ڦڏو – وَر وڪڙ وارو. آڏو اُٻتو. آڏو ٽيڏو. نانگ وَڙ – پيچدار – مُنجهيل.

• **اَنْگڙي:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَنْگڙي ج اَنْگڙِيُون:** ث. [سن. اَڱڪَ، اَنْڪَشَه = انگڙو، ڪنديو] مَلهه جو هڪ داءُ (جاننو هٽي پير کي، مخالف جي تنگ اندران موڙڻ). اَڙي. ڪُوڙو ڦڏو. انگوڙي. پيچ – وَکڙ.

• **اَنْگڙِياتُ ج اَنْگڙِياتُ:** ذ. پاجاريءَ جو هڪ قسم (جا اکيلي ڍڳي وغيره لاءِ ڪم اچي).

• **اَنْگڙِ ياروج اَنْگڙِيارا:** ذ. صفت. [سن. اَنْڪَ = ور + ڙي + آرو] وَر وڪڙ وارو – پيچدار – ڏنگ ونگڙو. (ظرف) [انگ = عضوو] عضوو. عضوو ڪري "جيءُ منهنجو جن، انگڙيارو وڃيو" (شاھ). گويا چادر جي ڪترڻ جو هڪ نمونو.

• **اَنْگشتانو اَنْگشتانو ج اَنْگشتانا، اَنْگشتانا:** ذ. [ف. ۱. انگشت + دان: ۲. اَنگشْتَنه] پرت پرڻ يا سبڻ وقت آڱرتي چاڙهڻ جي ٽوپي (جا آڱر کي سُئيءَ کان بچائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن).

• **اَنْگشْت:** ث. [ف] آڱر.

– **اَنْگشْت ڏِيڻ:** آڱر ڏيڻ. هُشي ڏيڻ. ڇيڙڻ.

– **اَنْگشْتَري ج اَنْگشْتَريُون:** ث. مُندي.

– **اَنْگشت شَهادَت:** ث. شهد آڱر – ڏُسٽي.

– **اَنْگشت ڪَرڻ:** آڱر ڪرڻ. ڪُڇ ڪرڻ – ڇُرڪ ڪرڻ.

– **اَنْگشت نر:** ذ. آڱوٺو.

– **اَنْگشت نُما:** ذ. صفت. مشهور. خوار – بدنام – رُسوا.

– **اَنْگشت نُمائي ڪَرڻ:** آڱر ڪٽڻ – عيب جوئي ڪرڻ. نڪته چيني ڪرڻ – ٺٺولي ڪرڻ. اَنْگلُ ج اَنْگلَ: ذ. [سن. اَنْنَيه] نارُ – نَخرو – ماٽو. لاڏ – ڪوڏ – چانگرو.

• **اَنْگلُ ج اَنْگلَ:** ذ. [سن. اَنْنَيه] نارُ – نخرو – ماٽو. لاڏ – ڪوڏ – چانگرو.

– **اَنْگلُ آرو ج اَنْگلَ آرا:** ذ. ناز نخرو – ماٽو. لاڏ ڪوڏ.

Gul Hayat Institute

– **اَنْكِلي ج اَنْكلي:** ذ. صفت. اَنگل ڪندڙ – نازوارو – نخريلو.
• **اِنْگِلِسْتان:** اسر خاص. [اينگل + آستان = جاءِ هنڌ، اينگل ماڻهن جو ملڪ] انگريزن جو ملڪ – انگلنڊ.
• **اِنْگِلِش:** ث. [انگ. English] انگريزي ٻولي.
• **اَنْگڻ:** مصدر. [سن. اَنْڪ = انگ، نشان، ليک، چٽ] انگ هڻڻ. نشان ڪرڻ. رنگ ڏيڻ. چٽ ڪيڻ. ليک ڪيڻ. ڪپڙي تي قيمت جو انگ لکڻ. جانور کي ڪهي کل لاهڻ بعد عضوا عضوا ڪري ودڻ "اڄ ٻڙ اَنگير انگ، هٿان حبيبن جي" (شاهه).
• **اَنْگوڇو ج اَنْگوڇا:** ذ. [سن. اَڱگ + بدن + اُڇ = ٻَڌڻ] گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو. پوتڙو ٽوال.
• **اَنْگورُ ج اَنْگورَ:** ذ" [ف] ميوي جو هڪ قسم – وڏي ڪشمش. [سن. اَنْڪوٰر] سَلو – گونڇ. گوشو. قردار وڻ جي ٻَنگر. زخر يا قٽ جي سوڄ. زخر جو پَڪل مُنهن.
– **اَنْگورَ ڪَيڻ:** گونڇ يا گوشا ڪيڻ مورڇڻ (وڻ جو).
– **اَنْگورَ نڪرڻ:** سلاڻڻ – گونڇ يا گوشا نڪرڻ. خراب نتيجا ظاهر ٿيڻ.
– **اَنْگوريَ ج اَنْگوري:** ذ. صفت. اَنگور جو. انگور مان ٺهيل. هڪ قسم جو ديسي شراب.
– **اَنْگوري سُرڪو:** ذ. انگورن مان ٺهيل سُرڪو.
• **اَنْگورَجڻ:** فعل مجهول. [ف. انگور] وڻ جو مورڇڻ. ٻورڇڻ. گونڇ يا گوشا ڪيڻ. قٽ جو پرڇڻ. (اَنگوربو – اَنگوربو – انگوربل).
• **اَنْگوڑو ج اَنْگوڑا:** ذ. [سن. اَنْڪ = انگڙو] لوهارڪي ڪر جو هڪ اوزار – اَنبُور.
• **اِنْگونْگڻ اِنْگونْگهڙو (ل):** ذ. صفت. ڏنگو – ڦڏو – آڏو ڦڏو – ورن وکڙن وارو.
• **اَنْگَئي:** اسر خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَنْگَي ج اَنْگيُون:** ث. [سن. اَڱڪا] چولي – ڪُنجري – گج – پيپني "پيڙي ٽيان پٽار سان، اَنگي لاهي اَنگا". گَجَ جو اَڌ. پَرت جو هڪ قسم.
• **اَنْگيلي ۽ اَنْگيليُون:** ث. لوهي چُلهه – ڪُل – سگڙي – آڳيٺي (ل).
• **اَنْگيزُ ج اَنْگيزَ:** ذ. صفت. [ف. انگيختن = اُڀارڻ، اُڀائڻ] اُڀارينڌڙ. هي لفظ مرڪبات جي آخر ۾ مستعمل آهي "حيرت انگيز وغيره".
– **اَنْگيزي:** ث. اُڀَڻ. اُڀارُ (جذبات جو).
• **اَنْگيڪارَ:** ث. [سن. اَڱڪِيڪار = وعدو، اقرار] مڃتا – قبوليت رضامندي.
• **اَنْگيڪارَ ڪرڻ:** مڃڻ – قبول ڪرڻ.

• **اَنْگِيلو ج اَنْگيلا (ث):** ذ. صفت. نازوارو – اَنگلي – نخريلو. (ث. اَنگيلي ج اَنگيليون). (ذ) تاجيءَ ٻَڌڻ لاءِ ڪتل ڪائي.
• **اَنْگِيو ج اَنْگِيا:** ذ. [سن. اڱڪِا = چولي، پيپني] هڪ خاص قسم جي چولي.
• **اَنْگهَ ج اَنْگهُون (ل):** ث. [سن. اَنْڪَ = انگڙو] ڪنهن ڪائيءَ جي ٻاهر تي نڪتل ڪٽ يا وريل نوڪ. ڪائيءَ جو گوشو. اَنْگڙي – ڪنڊو. لٽ جو ڪُنڊو. لنگر جي شاخ. ڇهڪ – چيرُ. ڦاٽ. ڏارُ.
– **اَنْگهُون پائڻ:** چير چير ڪرڻ. چن ڦاڙ ڪرڻ.
• **اَنْگهَ ج اَنْگهَ:** ذ. ڇهڪ – چير – ڦاٽ (ڪپڙي ۾). ڪائيءَ جي ڪٽ يا وريل نوڪ. اَنگوڙي.
– **اَنْگهه پوڻ:** انگهه جو ڪپڙي کي ڦاڙڻ. ڪنهن شيءِ ۾ اٽڪي ڦاٽي پوڻ (ڪپڙو).
– **اَنگهر:** ث. صفت. اَنگهن واري (ڪائي).
– **اَنْگهُن تي چاڙهڻ:** تڪليف ڏيڻ – ايذائڻ. سوريءَ تي چاڙهڻ.
– **اَنگهُنَ چَڙهڻ:** سوريءَ تي چڙهڻ "عاشق انگهن چڙهيا، ٻيو سيکو ويجي" (شاهه).
– **اَنگهُن سان اَٽڪڻ:** ڏکئي هنڌ اَڙڄڻ. بيعزت سان هٿ اٽڪڻ.
• **اَنْگهوَ ج اَنْگها (ل):** ذ. ڪائيءَ مان نڪتل وڏي ڪٽ. نشان.
• **اَنْگهَهَ ج اَنْگهُون:** ث. [پرا. اَنگهَ] اوجهراڻي – گهِل (ننڍ جي). غشي. سُستي.
• **اَنْگهائي ج اَنْگهائيُون (ل):** ث. ڪيڻَ جي پاسن واري رَسي.
• **اَنْگهرو ج اَنْگهرا (لس):** ذ. ڪَلي يا ساندارِيءَ جو ڇيڙو.
• **اَنْگهڙي ج اَنْگهڙِيُون (ل):** ث. مَلهه جو هڪ داءُ – جانلو.
• **اِنْگهَڻ:** مصدر. ڪنهن لڇڪيدار شيءِ (رٻڙ وغيره) جو ڇڪجڻ سان واڌ ڪائڻ. وڏي وڃڻ. ڏيگهه ٿيڻ. دير پوڻ (ڪم ۾). (اِنگهيو – اِنگهندو – اِنگهيل).
– **اِنْگهَ ج اِنْگهُون:** ث. ڇڪ. ڏيگهه – طُول – طوالت. اجائي ڏيگهه. دير.
– **اِنْگهائڻ:** مصدر "اِنگهڻ" مان متعدي بالواسطه. وڌائڻ. ڏگهو ڪرڻ. دير وجهڻ.
– **اِنْگهَ ڪَرڻ:** ڏيگهه ڪرڻ. دير وجهڻ.
– **اِنْگهي وَڃڻ:** ڏگهو ٿيڻ (معاملي جو). وڏي وڃڻ (ڪم).
• **اَنْگهَو ج اَنْگها:** ذ. صفت. بنا گيهه (پت) – گنب پَتَ – رُکو – اوسو (ل). قِحو – بيسواد (ث) اَنگهي ج اَنْگهُيون.

Gul Hayat Institute

• **اَنْمانُ (ث):** ذ. انومان – شڪ – گمان.
• **اَنَمانِيں اَنَمَنِيو:** ذ. صفت. [سن. اَنْ = نہ + مَنَ = دل] بي دلِيو. اُداس – غمگين. ناراض.
• **اَنْمَتُ:** ذ. صفت. [سن. اُنْمتّ = مست، چريو] چريو. چتو. نشي ۾.
• **اَنمُولُ، اَنمولُ:** ذ. صفت. [سَن. اَنْ + مُوليَه] بي بَهاَ – قيمتي.
• **اَنَناسُ ج اَنَناسَ:** ذ. [پورچوگيز. اَناناس] اَناس (ميوو).
– **اَنَنْتُ:** صفت. [سن. اَنْ = نہ + اَنْتَ = چيڙو] بي انت – بيحدّ ـ اَپار. (ذ) هڪ خيالي نانگ جو زمين مٿي تي ڪٽي بيٺو آهي. وشنو مهراج.
– **اَنَنت چَوڏَس:** ث. چوڏهن ڳنڊين وارو سڳو (جو هندو بَدي جي چوڏهين تاريخ پائيندا آهن).
– **اَنَنت ڈورڙو:** ذ. اَننت چوڏَس.
• **اَنَنْدُ ج اَنَنْدَ:** ذ. [سن. اَ = گهڻو + نَد = خوش ٿيڻ] آرام – اطمينان. خوشي – سرهائي. هندن جو هڪ پوتر ڪتاب "انند صاحب".
• **اَنَنْگُ ج اَنَنْگَ:** ذ. 'ڏهس نامي' جو لفظ طوطو.
• **اَنْوادُ:** ذ. [سن.] ترجمو.
ـ **اَنْوادَڪُ:** ذ. صفت. ترجمو ڪندڙ – مترجم.
• **اَنْوادِي:** ذ. صفت. [سن.] نچائيندڙ. مخالف. اهو سُر جو راڳڻيءَ جي اَصولي سُر جي ابتڙ هجي.
• **اَنوارُ:** ذ. [ع. نُور ج اَنوارُ] تجلا – چمڪ.
• **اَنواعَ:** ذ. [ع. نَوع ج اَنواعُ] قِسمَ – نمونا "جانب منهنجي جيءَ ۾ آهن آزار جا انواع" (شاهه).
• **اَنُوڏو ج اَنُوڏا:** ذ. صفت. انوکو – عجيب – غير معمولي.
• **اَنُوپُ:** ذ. [سن. اَن = نہ + اُپَما = مشابهت] اَنوکو – لاثاني.
• **اَنُوپو:** ذ. صفت. اٽوپرو – اوپرو – ڏاريون.
• **اَنوپي:** ث. [ملتاني] اٽ پوکيل – نئين زمين.
• **اَنُودَ:** اسر خاص. اَچانڪ وقت جي هڪ ظالم ڪاسائيءَ جو نالو (جو سيوهڻ جي قلعي ۾ رهندو هو ۽ ماڻهو کهي گوشت ۾ ملائي وڪڻندو هو).
ـ **اَنُود ڪاسائيءِ جي ڪَڏَ:** ث. سيوهڻ ۾ هڪ ڪڏ جا "انود ڪاسائي" جي نالي سڏ جي ٿي (جنهن لاءِ چون ٿا ته تمام اونهي هوندي هئي، ڪُنل ماڻهن جا هڏا انهيءَ ۾ ڦٽا ڪندو هو). (ڪنايه) اونهي ڪڏ – اوڙاهه.
• **اَنودَڪَ:** ث. [سن. اَنْ + اُدَكَ = پاڻي] داڻو پاڻي – ان جل. قسمت.
• **اَنُور ج اَنُورُون (ت):** ث. اور – جُر.
• **اَنُوَرُ:** ذ. [ع. "نُور" جو تفضيل] تمام چمڪندڙ – روشن.
• **اِنوڙي ج اِنوڙيُون (ل):** ث. صفت. پهريون پيٽ ويامبل – پهريات.
• **اَنُوسار:** حرف جر. [سن. اَن = پوئتان + سارَ > سُر = سرڻ] موجبَ – مطابق – پٺاندر.
• **اَنوشدارُو:** ذ. [ف. نوش + دارو] پسارڪي وڪرجو هڪ قِسم – نوشدارو. نوشادر.
• **اَنوکو ج اَنوکا:** ذ. صفت. نيارو – نرالو – علحدو. عجيب – غير معمولي. (ث) اَنوڪي ج اَنوڪيُون.
• **اَنُولاسارُ:** ذ. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – اَنُولاسار.
• **اَنُوَمانُ ج اَنُومانَ:** ذ. [سن. اَنْ = پوئتان + ما = مَٹڻ] قياس. اندازُ – ڏُڪو. شَڪ – گمان.
– **اَنومان ڪَيڻ:** ويچارَ ڪرڻ. گمان ڪيڻ. ڏُڪو هٽڻ. تخمينو ڪرڻ.
– **اَنوماني ج اَنوماني:** ذ. صفت. گماني – شَڪي. وسواسي.
• **اَنُهْ:** ظرف. [سن. نَهْ = نہ] انڪارجي ورندي.
• **اِنُهانُ:** ظرف. اِنهن کان. اِنهيءَ کان.
• **اَنَهَدُ ج اَنَهَدَ:** ذ. [سن. اَناهَتَ = نہ هنيل، سجو + نادَ = آواز = ڏڪ هٽڻ ڪانسواءِ آواز] اندر جو آواز – من واڻي.
– **اَنَهَدي:** صفت. رُوحاني. وَٹندڙ (هير).
• **اِنهدامُ:** ذ. [ع. هَدَم] ڊاهَ ڀُوهَ – پَيَچ ڊاهه – بَربادي.
• **اَنُهَڪارَڻُ:** مصدر. هائوڪرڻ. قبول ڪرڻ – مَڃڻ. (اَنُهَڪاريو – اَنُهَڪاريندو – اَنُهَڪاريل).
• **اِنَهُمُ:** ضمير. ["اِنهيْن" جي پراڻي صورت] اِنَهي.
• **اِنَهُماكُ:** ذ. [ع] غور – استغراق – محويّت. سخت مشغولي – گهڻو شوق.
• **اَهَنْدُ ج اَهَنْدَ:** ذ. صفت. ڏنگو – اردو. سرڪش.
• **اِنهِي:** ضمير. هنَ.
– **اِنهِيءَ ڪَري:** ضمير. تنهنڪري – اِن ڪري.
• **اَنُهوارَحُنُ:** فعل مجهول. بيهوش ٿيڻ – اَنُهرجڻ.
• **اَنُهَيانُ اَنُهيارَ:** ذ. اَهنر – گهوٽ جو محافظ.
• **اَهَنَّيُ اَهنَر:** شاديءَ جي هڪ رسر موجب رات جو خالي ڪَي ۾ سمهندڙ – پڪي جو محافظ – آنر.
• **اَنُهيري:** اسر خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَنُئُنْ گُنْئُنْ:** ظرف. هيٺ مٿي – الٽ پلٽ. جيئن آيو تيئن –

Gul Hayat Institute

جھڑو تھڑو (ڪم).

• **اَني ج اَنِيُون:** ث. [سن. اَڻِي] بَرڇِيءَ يا تير جي ڇُھنب يا نوڪ.

• **اِنْيانْ:** ظرف. ھن ھنڌان — ھتان — اِتان.

• **اَنِياءُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + نِيايَہ = انصاف] بي انصافي — ڪُنياءُ — بيداد. ظلم — انڌير.

— **اَنِيائِي ج اَنِيائِي:** ذ. صفت. بي انصافي ڪندڙ. ظالم.

• **اَنِيت:** صفت. [سن. اَنِيت < اَ = نہ + نِيت = نياءُ، ھلت] ھلي چلي يا نِيت جي خلاف. بي اَنصافي. بدھلت — بي فضيلتي.

— **اَنِيتي ج اَنِيتُيُون:** ث. بي اُصولي. بي انصافي. بداخلاقي.

• **اَنِيراءُ:** اسم خاص. ڪائياواڙ جي ھڪ راجا جو نالو (جنھن ٻيجل چارڻ جي معرفت پنھنجي حريف راءِ ڏياڇ جو سر وڍايو).

• **اَنِيس:** ذ. صفت. [ع] دوست — وُرونھيندڙ.

• **اَنِيڪ:** صفت. [سن. اَن = نہ + ايَک = ھڪ] گھٽا — بي شمار.

• **اَنِيلُ:** ذ. صفت. [سن. اَن = نہ + نِيلَ = نيرو] اڇو — سفيد. (اسم خاص) لس ٻيلي طرف ھڪ تيرٿ جو نالو.

• **اَڏ:** ظرف. [سن. اَنَ، اَنْ = نہ] نہ — بغير — سواءِ ـ ڪان سواءِ. انڪاري معنيٰ ڏيڪارينڊڙ صفاتي اڳياڑي "اَڏ وڃندڙ. اَڻموت، وغيره". درياءَ جي گھيڙ واري سُڪل جاءِ (جا پاڻيءَ جي لاڙ ڪان ٻوءِ ظاھر ٿئي).

— **اَڏ آريو:** ذ. [اَنْ + اَريہ] اَڏ سُڌريل. اناڙي — جاھل.

— **اَڏ اُيرَئي، اَڏ اُيرِي:** ظرف. سج اُيرڻ کان اڳ فجر سان — پرھ ڦٽيءَ جو.

— **اَڏ اُيرَئي جو اَڌُ:** سج اُيرڻ کان اڳ نند مان سجاڳ ٿيڻ — ساجھر اُڌُ. سوير جاڳڻ.

— **اَڏَبڌَت:** ث. [اَنْ = نہ + ھ. بَننا] بي اتفاقي — ناسازي — اختلاف — ڪلفت. رنجيدگي. تڪرار — جھيڙو. دشمني.

— **اَڏُمُوں اُيُومِيو ج اَنِيُوما، اَڏُيُوميا:** ذ. صفت. [اَڏ = نہ + يُومي = يون، زمين] اَڻواقف — بيخبر — غير واقف — اَڏُيُونِيو.

— **اَڏُيُونِيو ج اَڏُيُونْيا:** ذ. صفت. [اَڏ = نہ يونءُ = زمين] غير ملڪي — اوپرو — ڌاريو. مسافر.

— **اَڏ پُڻُوٽو:** ذ. صفت. [سن. اَنْ = نہ = پاوَ = وٽڻ] اڏ وٽندڙ. ڇنڊو.

— **اَڏَپَيُئي:** ذ. صفت. [سن. اَڏ = نہ + پَيَہ = خوف] بي ڊپو — بي خوف. نہ ڊڄندڙ.

— **اَڏَتارُو ج اَڏَتارُو:** ذ. صفت [ان + تارو < ترڻ] تري نہ ھاڻندڙ "اَتي اَڏَتارُن، ساھڙ رسج سير ۾" (شاھ).

— **اَڏَتوريو ج اَڏَتوريا:** ذ. صفت. [سن. ان = نہ + تُلْ = تورڻ] نہ تُريل. بنا تورڻ جي "تن جو صرافن، اڏَتوريو اَڳھائيو" (شاھ).

— **اَڏَتَوڙِيو ج اَڏَتَوڙِيا:** ذ. صفت. [اڏ + ھير. توڙ = رزق، روزي] جنھن کي پيٽ پالڻ لاءِ ڪجھ نہ ھجي — جنھن کي تَوڙ جي تنگي ھجي. بي سمر. تنگ دست — بي روزگار.

— **اَڏَتَيارُ ج اَڏَتَيارَ:** ذ. صفت. نامڪمل — ناقص — اڏپورو. اَڏسنپريل.

— **اَڏَٽِيٽو ج اَڏَٽِيٽا:** ذ. صفت. نہ ٽيڙ جھڑو — نہ ٽي سگھڙ جھڑو. (ث) اَڏَتِيَٽِي ج اَڏَتِيَٽِيُون.

— **اَڏَٽُڪ ج اَڏَٽُڪَ:** ذ. صفت. نہ ٽُڪندڙ. مضبوط — قائم رھندڙ. پختو — پڪو — ڏاڍو.

— **اَڏَتَرُ ج اَڏَتَرَ:** ذ. صفت. (اڏ = نہ + تُلْ = ترڻ) نہ ترندڙ — اَتل. ضرور ٽيندڙ. پھلوان.

— **اَڏَتوڙُ (تروڙ):** ذ. صفت. نہ ٽٽندڙ - پڪو — پُختو. نہ پَڇندڙ.

— **اَڏَتاھُ:** ذ. اَڻبڻت — ناسازي.

— **اَڏَتَھِندِي:** ث. اَڏَتاھ — ناسازي.

— **اَڏَتَھُو ج اَڏَتَھَٽا:** ذ. صفت. ڪنھن سان ناھُ يا صلح نہ ڪندڙ.

— **اَڏَتَھِيو ج اَڏَتَھِيا:** ذ. صفت. نہ ٿھيل.

— **اَڏَپاڻِيو ج اَڏَپاڻِيا:** ذ. صفت. بنا پاڻيءَ جي سُڪل — خشڪ. بي آب (ترار يا موتي). ڊرو — ڏڏو (مڙس، ڊڳو يا وھت).

— **اَڏَپُڇِيو پُڇِيو:** ذ. صفت. ظرف. پُڇَڙ ڪانسواءِ ـ بنا پڇڙ جي. پڪ سان — لاشڪ — يَقيناً پُڇ ڪانسواءِ ـ لُنڊو.

— **اَڏَپُڌتائِي:** ث. ڪَڇائي.

— **اَڏَپڙھِيو ج اَڏَپڙھِيا:** ذ. صفت. بي علم — جاھل.

— **اَڏَپُورَ:** ذ. (اَڏ = نہ + پُورَ < پورو) پڇل انگن جو حساب — رياضي موجب اُھي حساب جن ۾ انگ پڇل ھجن.

— **اَڏَپُورَ پاسڪ ڪِندو:** ذ. اھو ڪندو جنھن جا پاسا برابر نہ ھجن.

— **اَڏَ پُورو ج اَڏَ پُورا:** ذ. صفت. نامڪمل — اڌورو — ناقص.

— **اَڏَ پُھُڄَ:** ذ. صفت. بي پھچ — بيوس. لاچار. بي طاقت.

— **اَڏَ پِيتيءَ جا نَشا:** محاورو. جڏا ڪم. ڪِتل ڳالھيون — بيوقوفيءَ جون ڳالھيون يا ڪم.

— **اَڏَ جُڙَنْدو ج اَڏَ جُڙَنْدا:** ذ. صفت. نہ لھندڙ — ناموزون. ناگوار — اڏ وٽندڙ. غير واجبي.

— **اَڏَ جُڳائِنْدو:** ذ. صفت. اڏ ٺھندو — نامناسب. غير واجبي.

— **اَڏَ جُڳائِيندو ج اَڏَ جُڳائِيندا:** ذ. صفت. ناموزون — نہ جڳائيندڙ — غير واجبي.

Gul Hayat Institute

– **اَڻ جوڙ ج اَڻ جوڙَ:** ذ. صفت. (اَڻ + جوڙ < جوڙڻ) اڻ پورو – بي جوڙ. اَڳهو – بيمار. نامناسب.
– **اَڻ جوڙائي ج اَڻ جوڙائِيُون:** ث. اڳهائي – بيماري. نامناسبي. اڻ پورائي.
– **اَڻ جوگو ج اَڻ جوگا:** ذ. صفت. نہ سونهندڙ ـ ـ نامناسب – ناروا – اَجوڳ. خراب – ڪَڏو (ڪم).
– **اَڻ جيسُ ج اَڻ جيس:** ذ. صفت. [سن. اَنَ + يادْرِشَ = جيڏو] اڻ جهڙو – نابرابر. لاثاني – بي نظير – بي مثل.
– **اَڻ جاڻَ:** صفت. (اَڻ + جاڻل < جاڻڻ) جنهن جي جاڻ نہ هجي – نامعلوم. نامشهور.
– **اَڻ جاڻو ج اَڻ جاڻا:** ذ. صفت. نامعلوم. ناواقف بي خبريءَ ۾. اڻ جاڻل.
– **اَڻ جاڻُ ج اَڻ جاڻ:** ذ. صفت. (اَڻ + جاڻ < جاڻڻ) نہ جاڻندڙ – ناواقف – بي سمجهه – بيوقوف – جاهل – نادان. اجنبي – ڏاريو. بي علم.
– **اَڻ جاڻائي، اَڻ جاڻپ:** ث. اڃاڻپ – بيخبري – ناواقفيت. نادانيءَ. جهالت.
– **اَڻ جاڻي:** ظرف. نہ جاڻندي – بي خبريءَ ۾.
– **اَڻ جٽو (جٽرو) ج اَڻ جٽا (جٽرا):** ذ. صفت. جو جٽو نہ هُجي – جهڪو – اَڻ لکو. جٽن ڪان سَواءِ.
– **اَڻ جُهڪتُو:** ذ. صفت. اَڻ پُورو. جُهڪتو نہ ٽيل – مُنجهيل. اَدورو – فيصل نہ ٽيل.
– **اَڻ جَڳائي ج اَڻ جڳايُون:** ث. اَڳهائي – بيماري – بي چاڪائي – ناچڳائي.
– **اَڻ جَڳو ج اَڻ جَڳا:** ذ. صفت. خراب – بچڑو. اڳهو – ناچاڪ – بيمار.
– **اَڻ جَليو جَلڻ:** جوپڙ راند ۾ هڪ ساريءَ جو ٻين سارين تان ٽپڻ.
– **اَڻ جُونڊو:** ذ. صفت. نہ جُونڊڙ (جو زبان سان ڪجهه نہ چوي) ـ خاموش "اَڻ جُوندن مَ جَوُ، جُوندن جيو وسار" (شاهه).
– **اَڻ جَوڙتو:** ذ. صفت. (ماڻهن ۾) نہ جَوڙ جهڙو – ڳجهو – مخفي.
– **اَڻ جُهٽ:** ذ. صفت. نہ جُهٽندڙ. جو ڪولي يا چوڑي نہ سگهجي. جو جُدا نہ ٿي سگهي. ڳنڍيل.
– **اَڻ جَڏ ج اَڻ جَڏَ:** ذ. صفت. جو نہ چڏي – مَڇڏو. ڳالهه جو پڪو. ثابت قدم – محڪم.
– **اَڻ جَڙ اَڻ جَڙُو ج اَڻ جَڙ اَڻ جڑُو:** ذ. صفت. نہ جَڙڻ جهڙو (اَنَ).
– **اَڻ جَڙيل:** صفت. نہ جڙيل – بوسو نہ لٽل (چانور).
– **اَڻ ڏَڏ:** ذ. صفت. نہ ڏَڏندڙ – جيڪو لڏي لَمي نہ. مضبوطيءَ سان ڪتل – پختو. قائم.

– **اَڻ ڏاڙهيو ج اَڻ ڏاڙهيا:** ذ. صفت. بي ڏاڙهيو – ڏاڙهيءَ ڪان سواءِ. لاسڙيات. ڪسرو.
– **اَڻ ڏٺو جَ اَڻ ڏٺا:** ذ. صفت. نہ ڏٺو. ڏسڻ ڪان سواءِ. نہ ڏٺل. پَرِيٽ – غائبانہ "ڏٺو سپ وسار، اَڻ ڏٺي ڪي ياد ڪر".
– **اَڻ رهائيندو رهُنْدو:** ذ. صفت. ناروا – نامناسب. شرعي قانون جيَ خلاف (سَگ جو رشتو) – بي قاعدي رشتو. (ث) اَڻ رهائِيندي، رهَندي.
– **اَڻ سالِم:** ذ. صَفت. اَڻ پورو. پَڳل. نامڪمل – ناقصي.
– **اَڻ سالِمائي:** ث. اَڻپُورائي. اڳهائي. اَڻنگائي.
– **اَڻ سانگو ج اَڻ سانگا:** ذ. صفت. سانگ ڪان سواءِ ـ بي سبب. بي امتياز. بي پهچ – بيواهه. ڪوتاهه انديش – بي خيال. پچاڙي نہ جاچيندڙ.
– **اَڻ سڏو ج اَڻ سڏا:** ذ. صفت. وَر وارو – ڏنگو – قِدو.
– **اَڻ سُڌِيرُ:** ذ. صَفت. بيخبر – بيهوش. ناچاڪ – بيمَزي.
– **اَڻ سَڌِيو ج اَڻ سَڌِيا:** ذ. صفت. ڪوٽ يا ڪانڌ ڪان سواءِ ـ دعوت ڪان سواءِ ـ اَڻ ڪوٺِيو – بي دعوتيو. بي تڪلف. (ث) اَڻ سَڌِي ج اَڻ سَڌِيون.
– **اَڻ سُرائِتو ج اَڻ سُرائِتا:** ذ. صفت. جنهن جو آواز سُريلو نہ هجي – بي سُرو. (ث) اَڻ سُرائتي ج اَڻ سُرائتيُون.
– **اَڻ سُرتَ ج اَڻ سُرتَ:** ذ. صفت. بيخبر. بيهوش – غافل. (ظرف) اوچتو.
– **اَڻ سُرتائي ج اَڻ سُرتايُونْ:** ث. بيخبري. بيهوشي – غشي. غفلت.
– **اَڻ سُرتو ج اَڻ سُرتا:** ذ. صفت. اڻ سُرتيو.
– **اَڻ سُرتيو ج اَڻ سُرتيا:** ذ. صفت. اَڻجاڻ – بيخبر – بي علم. بيهوش – غافل (ظَرف) اوچتو (ث) اَڻ سُرتي ج اَڻ سُرتيُون.
– **اَڻ سرنْدي ج اَڻ سرنْدِيُون:** ث. بي پهچائي – بي طاقتي. لاچاري – مجبوري – بيوسيءَ واري حالت "اَڻ سَرنْديءَ سيکو ٿري، ڪرو ڪو سَرنديءَ ٽري".
– **اَڻ سُرو ج اَڻ سُرا:** ذ. صفت. جيڪو سُري نہ سگهي. نانگ بلا وغيره سُرندڙ جيت جو ننڍڙو ٻچو "اَڇَ اَلِبهَر اَڻ سُرا، نَين تہ نَرگس لُوند" (جلال ڪتي).
– **اَڻ سُوريتو ج اَڻ سُوريتا:** ذ. صفت. جنهن ڪي ڪو غم يا سُور نہ هجي – بي غم – خوش. (ث) اَڻ سُوريتي ج اَڻ سوريتيون "سُوريتيءَ ڪنهن سور. اڻ سوريتيءَ سان اوريا؛ هن جو پِنْجهُرئي نہ پُري، هو وڃي پئي وَهلور".

Gul Hayat Institute

– **اَڻ سو گهائي:** ث. نامضبوطي. بي سلامتي – جوکائي.
– **اَڻ سُونهوڻ ج اَڻ سُونهان:** ذ. اَسونهون – اَڻواقف – پَليل – بيخبر. اَپَرميو.
– **اَڻ سَهڙ ج اَڻ سَهڙ:** ذ. صفت. (اَڻ + سَهڙ < سهڻ) نہ سهڻ جهڙو – نہ سَهُو. نہ سهندڙ – حاسد. ٽوردليو.
– **اَڻ سُهائِيندو ج اَڻ سُهائِيندا:** ذ. صفت. نہ جڳائيندو – اَڻ وڻندڙ – نامناسب. (ث) اڻ سُهائيندي ج اَڻ سُهائِيندين.
– **اَڻ سُهڻدو ج اَڻ سُهڻدا:** ذ. صفت. اڻ سُهائيندو – اَڻ وڻندڙ. (ث) اَڻ سُهڻدي ج اَڻ سُهڻدين.
– **اَڻ سَهُڻو ج اَڻ سَهُڻا:** ذ. صفت. نہ سهندڙ.
– **اَڻ سَهُو ج اَڻ سَهو:** ذ. صفت. نہ سهندڙ – اَسَهُو.
– **اَڻ سينڊو ج اَڻ سينڊا:** ذ. صفت. بنا سينڊ يا سڃاڻپ جي. ناآشنا. اجنبي – اوبرو. غير واقف – اَڻ سُجاتُو.
– **اَڻ صروري:** صفت. جنهن جي ضرورت نہ هجي – غير ضروري.
– **اَڻ ڪَٽُ:** صفت. جو ڪَٽي يا شمار ڪري نہ سگهجي – بيشمار – بي انداز. ڳڻاتي کان ٻاهر.
– **اَڻ ڪوڙِيو ج اَڻ ڪوڙيا:** ذ. صفت. بنا سَڏ يا دعوت جي آيل. اَڻ سڏيو – بي دعوتو.
– **اَڻ ڪِي:** صفت. اَڻ ڪَئي – نہ ڪَيَل "اَڻ ڪِي عيان نہ ٿي، ڪِي پروڙي ڪونہ" (شاه).
– **اَڻ ڪٽ ج اَڻ ڪٽ:** ذ. صفت. نہ ڪٽندڙ – اَڪيڇار – بيشمار – اڪٽ.
– **اَڻ گَسُ ج اَڻ گَس:** ذ. صفت. نہ گَسَندڙ – بي خطا. اَڻ تَڙ. دلير – بهادر.
– **اَڻ گاڇ:** ذ. صفت. نہ ساڏيندڙ. بيخيالو. لاغرض.
– **اَڻ گاڻُو:** ذ. صفت. [سن. ان + گُڻ = گُڻ] گُڻگوت نہ ڪندڙ – ناعاقبت انديش. لاغرض – بيخيالو.
– **اَڻ گَڻ، گَڻيو:** ذ. صفت. گَڻڻ ڪان ٻاهر – بي انداز – بيشمار.
– **اَڻ گهڙيو ج اَڻ گهڙيا:** ذ. صفت. (اَڻ + گهڙڻ > گهڙيو) جو گهڙيل يا ٺهيل نہ هجي – بيدولو. اَڻ آزمودگار – ناتجربيڪار. اڻ سڌريل.
– **اَڻ گهڙيو ڪانُ:** محاورو. اَڻ سڌريل اَڻ آذمودگار. دُدَ ستو.
– **اَڻ لائِقُ:** ذ. صفت. ناقابل.
– **اَڻ لَٻ ج اَڻ لَٻ:** ذ. صفت. [سن. اَنّ + لَبْيَه = نہ ملڻ جهڙو] نہ لهندڙ – نہ ملڻ جهڙو – ورلي ملندڙ – نايابَ. نهايت قيمتي – بي بها.
– **اَڻ لَٻائي:** ث. اَڀاڻ – ڪاميابي.
– **اَڻ لَکو ج اَڻ لَکا:** ذ. صفت. [سن. اَن + لَکِشْتَ = نشان ٽيل. ڏنل] جو لَکِي نہ سگهجي – جنهن جي خبر نہ پوي. تمام نندڙو – ٽورڙو – ذرڙو. نامعلوم – بي اثر.
– **اَڻ لِکيو ج اَڻ لِکيا:** ذ. صفت. نہ لِکيل – لِکجڻ کان سواءِ.
– **اَڻ لِيکائِتو ج اَڻ لِيکائِتا:** ذ. صفت. [سن. اَن + لیکَنْ = لکڻ. لیکا ڪيڻ] حساب ڪتاب کان سواءِ ليکي چوکي کان سواءِ.
– **اَڻ مَٽ ج اَڻ مَٽ:** ذ. صفت. بي نظير – بي مثل. لاثاني – لاجواب. بي بها.
– **اَڻ مُڙ:** ذ. صفت. نہ مُڙندڙ – اَٽموٽ – اَڻ تر.
– **اَڻ مُوافِقُ:** ذ. صفت. نابرابر – ناموزون – نہ ٺهکندڙ.
– **اَڻ موٽُ ج اَڻ موٽ:** ذ. صفت. نہ موٽندڙ – اڻ تر. ضدي. بهادر – پهلوان – سورمو.
– **اَڻ موڪلايو ج اَڻ موڪلايا:** ظرف. بنا موڪل جي – ري موڪل – اجازت کان سواءِ.
– **اَڻ ميڙ ج اَڻ ميڙ:** ذ. صفت. پيچ نہ ڪائيندڙ – ٺهڪي نہ ايندڙ.
– **اَڻ مَيو ج اَڻ مَيا:** ذ. صفت. اُهو جو ماپي يا مَڻي نہ سگهجي – بي انداز. بيشمار. بي حساب. تمام گهڻو – جهجهو.
– **اَڻ نيڻُيو:** ذ. صفت. اَڻ ڪوڙيو – اَڻ سڏيو – بي دعوتيو.
– **اَڻ وَاڙو ج اَڻ وَاڙا:** ذ. صفت. اَسُونهون – گمراهه – پَليل – بيراهو.
– **اَڻ وارِيلُ:** ذ. صفت. اَڻ لٽل (ليکو) – چُڪتو نہ ٽيل (حساب ڪتابَ).
– **اَڻ وقِفُ، واقِفُ:** ذ. صفت. اَڻ سُجاتُو – اڻڄاڻ – ڏاريو – ناواقف. اَڻ سُونهون. بيخبر.
– **اَڻ وُڻو ج اَڻ وُڻا:** ذ. صفت. نہ وَسيَل (برات) – (ذ) برسات نہ وسڻ سببان آباد نہ ٽيل پاڳو.
– **اَڻ وَڊ ج اَڻ وَڊ:** ذ. صفت. جو وَڌڻ جي لائق نہ هجي. نندو جهنگ. نندو وڻ. جو وڌجي نہ سگهي. سخت (ڪاٺ).
– **اَڻ وڻتو ج اَڻ وڻتا (ل):** ذ. صفت. ڏٺيءَ جي موڪل کان سواءِ – ري موڪل. بي عقل. اجايو – بي فائدو.
– **اَڻ وڻج ج اَڻ وڻج:** ذ. صفت. اَورَج. ڪڪ نہ ٽيندڙ – ڪم کان نہ ٽڪندڙ.
– **اَڻ وسهُو ج اَڻ وسهُو:** ذ. صفت. اعتبار نہ ڪندڙ – بي ويساهو. بي اعتبار. شڪي – پرمي.
– **اَڻ وَٽَت:** ث. (اڻ + وٽڻ > وٽت) اڻبٽت. ناسازي – نااتفاقي. ڪلفت. ڪينو – بغض. بيائي.
– **اَڻ وڻندو ج اَڻ وڻندا:** ذ. صفت. نہ وڻندڙ – ناپسند. خراب – ڪنو. (ث) اَڻ وڻندي ج اَڻ وڻندين.

Gul Hayat Institute

– **اَڻ وهنتل:** ذ. صفت. جو وهنتل نہ هجي – بنا غسل جي.
– **اَڻ وَڙهيل:** ذ. صفت. نہ وَڙهيل (وار) – اَڻ ڳتيل (وار) – چوٽي نہ ٽيل (وار).
– **اَڻ ويساهو ج اَڻ ويساها:** ذ. صفت. بي وساهو – پَروسو نہ ڪندڙ – بي اعتبار.
– **اَڻ ويڪو:** ذ. صفت. جو وڪٽڻ لاءِ نہ هجي – جو وڪري لاءِ نہ هجي. نہ وڪيل.
– **اَڻ هُوند:** ڏ. نہ هُئڻ جي حالت – پينگ – ڪتلائي. مسڪيني – غربت – مفلسي "هڪ اَڻ هُوند، ٻيا افعال بچڑا". ڪنهن بہ شيءِ جي وجود ڏي نہ هئڻ واري حالت – عَدم.
– **اَڻ هُوندو ج اَڻ هُوندا:** ذ. صفت. نہ هُئڻ وارو – اَجايو. خواهہ مخواهہ. سُستُ – بيڪار. (ذ). اڻ هوند – مفلسي.
– **اَڻ هُئڻو ج اَڻ هُئڻا:** ذ. صفت. نہ ٽيڻ جهڙو – اَڻ ٽِيٽو. ناممڪن. (ث) اَڻ هُئڻي ج اَڻ هئڻيون.
– **اَڻ هيڙ:** ث. ڪاهہ عادت نہ هئڻ جي حالت. ناتجربيڪاري.
– **اَڻ هيرو ج اَڻ هيريا:** ذ. صفت. اُهو جنهن کي هيڙ نہ هجي. اَڻ هيريل – نہ هيرايل "اَڻ هيريا نہ هير، پَڄ مَ هيرهيرين جي".
– **اَڻ:** صفت. [سن. اَنُه] گهٽ – اوڻ. "گهٽ" جي معنيٰ ۾ مستعمل صفاتي اڳياڙي "اَڻويهه، اَڻتيهه، اَڻيتاليهه، وغيره"
– **اَڻاتَ:** ث. [سن. اُوت، وِيُوت = اُڻ] اُڻڻ جو ڪم – اُڻاوت – اُڻَت. اُڻڻ جو نمونو.
– **اَڻاڻ:** ث. [سن. اَناوَرْشْٹ = سوڪ] ڪوٽ – ٽورائي – قلت. ڪَمي – ڪمياٻي. قحط – ڏڪار. اوسر.
– **اَڻانوج اَڻانا:** ذ. سُڪل – ٺوٽ (زمين).
– **اَڻاس:** تہ [اَ = نہ + ناس = نڪ] بي نَڪائي – بيشرمي. نرجائي. نياڳ.
– **اَڻاسو ج اَڻاسا:** ذ. صفت. بي نَڪو – بيشرم. بي پرواهہ. بي غرضو (جنهن تي نصيحت جو اثر نہ ٿئي – نود – نرلجو. ندورو – نياڳو. (ث) اَڻاسي ج اَڻاسيون "محبت نہ جن جي من ۾، تن جي مٽي اَڻاسي" (سچل).
– **اَڻاسائي:** ث. بي نَڪائي – نرلجائي. نَڪ لِرجائي. بيشرمي.
– **اَڻاسو اَنُ ڪائڻ:** بيغائدو اَن ڪائڻ – اَجايو جيئڻ.
– **اَڻاسي مٽي چاڙهڻ:** بيغائدو ٽُلهو ٽيڻ. بيشرميءَ کان ٽولهہ ڪرڻ.
– **اَڻاسَي:** صفت. اَسيءَ کان هڪ گهٽ وارو عدد (۷۹).
– **اَڻانگو ج اَڻانگا:** ذ. صفت. [سن. اَنا گمْيہ = جنهن کي پُڄي نہ سگهجي] ڏکيو – مشڪل – اَهنجو – اَوکو. (ث) اَڻانگي ج اَڻانگيُون.
– **اَڻانگا پنڌ ڪرڻ:** ڏکيا پنڌ ڪرڻ – ڏکيا. سفر ڪرڻ. جبل جهاڳڻ.
– **اَڻانگائي ج اَڻانگايُون:** ث. ڏکيائي – اهنجائي – مشڪلات.
– **اَڻانوي:** صفت. [سن. نَوَ نَوَت] نون ايڪن ۾ اَٺن ڏهاڪن وارو انگ – هڪ گهٽ نوي – اَڻانوي (۸۹).
– **اَڻاوَتـو(ث).** [سن. اُوْت] اُڻڻ جو نمونو – اُڻتي – اُڻت. اوج.
– **اَڻاهَـه:** صفت. [سن. اَنَشَٹ] هڪ گهٽ سٺ وارو عدد – اُڻهَٺ (۵۹).
– **اَڻائُـڻ:** ث. اَڻاڻ – قلت – ڪوٽ.
– **اَڻائِـڻ:** مصدر "اُڻڻ" مان متعدي بالواسطه. ڪپڙو ٺهرائڻ – اوڻائڻ. (اُڻايو – اُڻائيندو – اُڻايل).
– **اَڻائي، اَڻائِي ج اَڻائِيُون، اَڻائِيُون:** ث اُڻت جو نمونو. اُڻڻ جو اُجورو.
– **اَڻائو ج اَڻاوا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + نِي = نيڻ] ڏکيو – اَهنجو. اَڻانگو (واءُ، ٻيڙين کي هاڪارڻ لاءِ). (ث) اَڻائِي ج اَڻائِيُون.
– **اَڻائو واءُ لڳڻ:** اڻانگو واءُ لڳڻ. تڪليف پهچڻ.
• **اَڻائو ج اَڻاوا (ت):** ذ.صفت. [اَڻ + ڏايو < ڏائِڻ = ڏانوڻ وڃهڻ] اهو اُٺ جنهن کي ڏاوڻ وڏل نہ هجي – آڻ ڏانوٽيون.
• **اَڻائِي ج اَڻائِيُون، اَڻايُونْ:** ث. صفت. ڏکي – اهنجي. مخالف (هوا). ڪجائِي – خطا – چُڪ – غلطي (ل). هڪ قسم جي وَل (ت) – وَڻ ويڑهي.
• **اَڻَٽِ ج اَڻْٽِ:** ذ. [سَن. اَسْنيہ < اَ = نہ + سْنيہ = سٽيہ] اَڻيائي – اَيوڳائي – رُڪائي. "سٽيہ" جو ضد.
– **اَڻْيائِ (ث)، اَڻْيائِ:** ذ. اَڻيائي – اَيوڳائي – رُڪائي.
– **اَڻْيائي:** ث. اَيوڳائي – رُڪائي.
– **اَڻْيوج اَڻْيا:** ذ. صفت. بنا سَٽڻ جي – بنا گيهہ يا تيل جي – رُکو. سُڪل – خشڪ. ڪَنڀل – غريب. "سَٽيو" جو ضد.
• **اَڻَتَ، اَڻْتَ:** ث. [سن. اَي] اُڻڻ جو نمونو – اَڄ – اُڻاوَت. اُڻڻ جو اُجورو – اُڻائي.
• **اَڻتجَڻ (ت):** فعل مجهول. بيهوش ٽيڻ.
• **اَڻ تُڻ:** ث. ڳڻتي – تشويش – چنتا – بيقراري – هُرڪر – آنڌ ماڻڌ "عمر مون اباڻن جي، اَڻ تڻ اُهائي" (غريب). فڪر – انتظار. يادگيري.
• **اَڻَتيهَ:** صفت. [سن. اَنَتْرِنْشَتَ] نَوَن ايڪن ۾ ٻن ڏهاڪن وارو انگ – هڪ گهٽ تيهَ (۲۹).

Gul Hayat Institute

• **اُٹَپ ج اُٹَپُوںْ:** ث. اُٹڑ جو نمونو – اُٹاوَت.
• **اُڑ جھُڑ:** ث. هُرکر – چنتا. گڏتي – اوسيڑو – آندمانڊ _ اُدکو – اندیشو. کروڌ – کاپارو.
• **اُڈکَ:** روک، رندک.
• **اِڈِکَ، اُڈِکَ ج اُڈکُوںْ:** ث. [سن. اَڈِي] ذرو – اَٹو. ذرڙو. ہڑک.
– **اِڈِکَ نہ کُجھ:** ذرو بہ نہ ڳالهائڻ، ہڑک نہ کجھ.
• **اُڈکَرَ ج اُڈکَر (ل):** ذ. صفت. اُڈندڙ (کپڑو وغیره). کوري.
• **اِڈِکَ ج اِڈِکسُوںْ (ث):** ث. کائيءَ جو تمام نندو تکر. گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي حالت. چڑب.
• **اُڈِکَ ج اِڈِکسُوںْ:** ث. ٹورڙي خبر تيت – کڑکَ.
• **اُڈِکات (ث):** ث. هُرکر – گڏتي – اُدکو.
• **اُڈکو ج اُڈکا (س):** ذ. صفت. اڳهو – بيمار. کچو – اَڻ پکل – پيلو. (ث) اُڈکِي ج اُڈکِيُون.
– **اُڈکِيلُ ج اُڈکِيل:** ذ. صفت. اڳهو – بيمار بي مزي.
• **اُڈکِيل ج اُڈکِيل (ل):** ذ. صفت. اٹانگي طبيعت جو. بي مزي. بيمار.
• **اُڈگهيل ج اُڈگهيل:** ذ. صفت. گولائيءَ ۾ وڏو. وسيع وڏو. اَڻ ميو – اٹاهه – بيحد. گهاتو. گرو.
• **اُڈَنْدُ (س):** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جو کانڀو جبل ۾ ٿئي. 'کهيري' جيڏو ۽ جهڙو. ڦُر چوپايو مال کوڻ کائي).
• **اُڈَنگُ ج اُڈَنگَ:** ذ. صفت. [سن. اَنا گمْ] اٹانگو – اَٹائو – ڏکيو – مشڪل.
• **اُڈَنُ:** مصدر. [سن. اُڏي – وي] کپڑو وغيره ڦاهڻ – اُٹاوَت ڪرڻ – اوج ڪرڻ. (اُٹيو – اُڈندو – اُٹيل).
– **اُڈِي ج اُڈِيُون:** ث. اُڈَت جو ڪم. اُٹڑ جو نمونو.
• **اُڈو ج اُڈا:** ذ. [سن. اَڻ = ذرو] تمام نندو ذرو. ذرڙو. جُزو. خبر – ڄاڻ. نوڪ – چهُنب (پالي وغيره جي).
– **اُڈن جي ڪشش:** ث. جُزن جي ڪشش – اِتصال اَجزاءِ.
• **اُڈو ج اُڈا:** ذ. اَنّ جي ڊِڳڙي – اُوٽو. اَنّ جي کوڙي. پاڳو – حصو.
• **اُڈوڙُ ج اُڈوڙ:** ذ. [هـ. اُنْوَتَ] ڳهڻ جو هڪ قسم – پيرجي آڱوٹي جو ويڪرو ڇلو (جنهن ۾ بعضي نندڙا گهنگهرا بہ ٽين).
• **اُڈوڙِي ج اُڈوڙِيُون (ت):** ث. [هـ. اُنْوتَ] ڳهڻ جو هڪ قسم – ڪنن ۾ پائڻ جو بُندڙو.
• **اُڈوڻ:** ث. ڪمي: _ قلت – اَٽاٽ.
• **اُڈونائِي ج اُڈونائِيُون:** برسات جي ڪمي – اوسر. مخالفت – دشمني.
• **اُڈونو ج اُڈونا:** ذ. صفت. [سن. اُنْنيتَوْيَه] هَوڏي – ضدي. نئر. نرلجو. (ث) اُڈونِي ج اُڈونِيُون.
• **اُڈونجاهَ:** ضفت. [سن. اُنپَنْچاشَت] نَوَن ايکن ۾ چئن ڏهاکن وارو انگ – هڪ گهٽ پنجاهه – اُوڻونجاهه (٤٩).
• **اُڈُونڈُ (اُڈونڊُ) ج اُڈونڈَ (ت):** ذ. صفت. لڄ – ڏنگو. هوڏي – قڏائي. اَهنڊ. ضدي – جهيڑاڪار.
• **اُڈونکرُو (ت):** ذ. صفت. ٻئي کي نہ سهندڙ – اَڻ سَهُو.
• **اُڈُويهَ (ت):** صفت. اُوڻيهه (١٩).
– **اُڈويهين پرتي ڪرڻ (ت):** اُوڻيهن درين (ماڻ) مان ڳوڙ پرڻ. نقصَان پهچائڻ.
• **اُڌِهار اُڌيار ج اُڌهار اُڌهيار:** ذ. شاديءِ ۾ گهوت سان گڏ گهوڙي تي ويهاريل پار (ل)، گهوت سان گڏ ٻيو سائي اَهنر (ث).
• **اُڌَهَتر:** صفت. [اُوڻ + ستر] هڪ گهٽ ستر وارو عدد – اوڻهتر (٦٩).
• **اُڌَهَتَ:** صفت. [اُوڻ + سَٺ] هڪ گهٽ سَٺ وارو عدد – اوڻهَٺ (٥٩).
• **اُڌَهَنْ (ڪ):** صفت. اُجايل (چوپايو مال).
• **اُڌَهُول (ل):** ذ. صفت. اڳهو – بيمار. بيماريءَ جو ماريل – آيرو.
• **اُڌَهي (ل):** ظرف. هميشه _ سدائين – هارهوئي.
• **اُڌِي ج اُڌِيُون:** ث. [سن. اَڻ، اَڌِي] چهنب – نوڪ. پالي يا ڪنهن هٿيار وغيره جي سَنهڙي چهنب. لِڇ – لَغار. ذري. پاسو – ڪُنڊ "اللّٰه جهُري مَر اُن جي اولي جي اُڌِي" (شاه). پر – پاسو. پلاند. آسرو – آڌار "هتان هڏ نہ چڌيان. آريءَ جي بہ اُڌي" (شاه).
– **اُڌِيار اُڌِيارو:** ذ. صفت. پاسن وارو – پهلودار – چهنبيارو – نوڪدار.
– **اُڌِينگ:** ذ. صفت. ڪناريدار. چهُنبيارو.
• **اُڌِيتاليهَ:** صفت. اُوڻتاليهه (٣٩).
• **اُڌِيهَ:** صفت. اُوڻيهه (١٩).
• **او:** حرف ندا. سڏ جو آواز 'آڙي! اي!'.
• **اَوَ:** صفت. [سن. پَري] ابتڙ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ اڳياڑي "اَوَتڙ، اَوَجهڙ، اَوَ گڻ، وغيره".
• **او ج اُو اُهي:** ضمير. هو – اُهو.
• **اَواتَ ج اواتُون:** ث. [سن. اَوَ = خراب + واتَ = رستو] خراب رستو – اَوجهڙ – ڪُوات – غلط راهه. گمراهي.
• **اُواتَ ج اُواتَ:** ذ. صفت. [سن. اَوَ = خراب + واتَ = رستو] غلط راهه وٺندڙ – گمراهه "ايا تون اُواتَ، واتان پاسي

Gul Hayat Institute

ويسري" (شاهه).

– **اُواتو ج اُواتا:** ذ. صفت. غلط رستي تي هلندڙ – گمراهه. وات کان پليل. منجهيل – پُليل.

• **اُواجهو:** ذ. مُونجهي وارو (هنڌ، مُلڪ) – اهو هنڌ جتان ٻاهر نڪرڻ ڏکيو ٿئي.

• **اُواڇ ج اُواڇَ:** ذ. صفت. [سن. اَ + وَچْ = ڳالهائڻ] جنهن جو بيان ٿي نه سگهي – بي بيان جو ڳالهائي نه سگهي – گُنگو.

• **اُواخر:** ذ. صفت. [ع. آخِر ج اَواخر] پويان – پڇاڙيءَ جا.

• **اُوادانُ:** صفت. [ف. اَوادان] آبادان – برسيل – وسايل – سائو – آباد.

– **اُواداني ج اُوادانيُون:** ث. آبادي. وَسڻُون.

• **اُوار:** ث. [سن. اَ + وار] بي انصافي – اَنياءُ، سُڃَ – ويراني. غيرآباد زمين. اُهو جاءِ جتي رستو سڃاڻڻ ۾ نه اچي – اوجهڙ، ويرَ – ويرمر.

• **اُواڙ ج اُواڙُون (ل):** ث. جهوتَ – ڳولا ـ تلاش. رولڙو (تلاش ۾) ـ (صفت) اجائي ـ نڪمي – بيفائدي "عمر سڀ اُواڙ، ويير، ٽي واکا ڪريان" (شاهه).

• **اُواڙُ ج اُواڙَ:** ذ. صفت. [ف. آواره] رولو. بدچال – بدافعالو. بيهودو. بيڪار – نڪمو.

– **اُواڙو ج اُواڙا:** ذ. صفت. ڏکيو – خراب. اَوجهڙ جو – اَٽانگو "آهي اُواڙو، پري پنڌ پهاڙ جو" (خانه زئي).

– **اُواڙو هلڻ:** خراب نموني سان هلڻ – اَڌنگي روش هلڻ.

• **اُواڙو ج اُواڙا:** ذ. [سن. اَوَتَ = ڪنڊ] چوپائي مال جي پاڻي پيڻ جو حوض – اَواڙو.

• **اُواسَرَ:** ث. [سن. اَوَرْت] اَٽاٽ – قلت ڏُڪار.

• **اُوالو ج اُوالا (ت):** ذ. صفت. بيعقل – بي سمجهه – موڳو. چرڙيو – اَبالو.

• **اُوامر:** ذ. [ع. اَمْر ج اَوامِر] اَمَر – حڪمَ – احڪام.

• **اُواندُو ج اُواندا:** ذ. هاري ۾ پاڻي وهائڻ لاءِ اَڏ ۾ آيل ٽڪو – آواندو.

• **اُوانڪ (ل)، اُوانڪ (ت):** ث. ڪني بانس – بَد بُو – ڏَپ.

– **اُوانڪو اُوانڪو:** ذ. صفت. ڪنو – بَد بُودار – ڏَپ وارو.

• **اُواهُ ج اُواهَ:** ذ. صفت. [ع. اَوّاه] روئي روئي دعا ڪهندڙ مومن صفت (ماڻهو) نماڻو. آه ڪيندڙ.

• **اُوائِلُ:** ذ. [ع. اَوَل ج اَوائِل] هي لفظ واحد طور مستعمل آهي. شروعات. مُنڊ. (صفت) پهرين – شروع واري.

– **اُوائِلي:** صفت. پهريون پهريون – مُنڊ وارو. شروعاتي – ابتدائي.

• **اُوائِي ج اَوائِي:** ذ. صفت. [اَ = نه + وائي = ڳالهه] بي زبان – گگدام – جنهن کي ڳالهائڻ جو ڍنگ نه هجي. بيوقوف – نادان. موڳو – واڻڙو "پاڙي ۾ پرينءَ جي، اُجهه مَ اَوائي" (شاهه). اجايو – بي فائدو. بيهودو.

• **اُوايو ج اُوايا (ل):** ذ. صفت. [سن. ١. ا+وائي = بنا وائي، بي سمجهه؛ ٢. اَ = نه + وايه = واءُ = بنا واءُ سڏاءُ جي، بيخبر؛ ٣. اَ + واتو > وايو = گمراهه] اُواڙو – بتال – پٽڪندڙ – گمراهه رولاڪ. موڳو – چريو – نادان. بيڪار. جو ڏسي وائسي نه هلي. ٽورو – گهٽ – اُوٽو. "سَوايو" جو ضد. (ث) اُوائِي ج اُوايُون.

• **اُوبارَڻ:** مصدر. [سن. اَوَ شيش = اوبر] بچائڻ (ڪاڏو) – اوبر ڪرڻ – جوُڙو ڪرڻ. (اوبارِيو – اوبارِيندو – اوبارِيل).

– **اُوبارَ:** ث. مصدر "اوبارڻ" مان اسم. بچيل ڪاڏو – جوڙ ـ اوبر.

– **اُوبارو ج اُوبارا:** ذ. صفت. ڪائي بس ڪرڻ کان پوءِ بچيل (ڪاڏو) – اوباريل – جوُڙو.

• **اُوبارو ڪِرهُ:** ذ. نه ڪائڻ جهڙي شيءِ.

• **اُوباشُ ج اُوباشَ:** ذ. صفت. [ف] بدمعاش – لُڇ – آواره ـ بدچال – رولو. عياش – بدڪار.

– **اُوباشي:** ث. بدمعاشي – ڪمينپائي.

• **اُوباهَڻُ:** مصدر. [سن. اُوْزْدُو= اُپو] اُباهڻ – ڪڍو ڪرڻ – بيهارڻ – قائم ڪرڻ. بچائڻ. بَخشڻ – معاف ڪرڻ "اوباهيوس آئين، لطف سان لطيف چئي" (شاهه). اوپارڻ – پيدا ڪرڻ. (اوباهيو – اوباهيندو – اوباهيل).

• **اُوباهُ:** ذ. بيهڪ – ڪڍائي. آجائِي – رهائي. نِجات ـ چوٽڪارو. بخشش ـ معافِي.

– **اُوباهجڻُ:** مصدر. "اوباهڻ" مان فعل مجهول. ڪرو ڪڍو ٿيڻ (بيمارِيءَ مان) – نوبتو ٿيڻ. بخشجڻ – ڇُٽڻ.

– **اُوباهو:** نجات، چوٽڪارو.

• **اُوبَڙ:** ذ. [سن. اَوَ = خرابَ + واتَ = رستو] ڏکي واتَ. ڪَڙِڇ – هيڻ متاهين زمين.

• **اُوبَر ج اُوبريَون، اُوبرُون:** ث. ڪائي بس ڪرڻ کان پوءِ بچيل ڪاڏو – جوُڙ.

– **اُوبَر سوبر:** ث. ڪاڏي جي بچت سڄت.

• **اُوبرَو ج اُوبرا:** ذ. سُٽ يا پٽ اوبڙ جو اوزار – چرخو – اوبڙو – آبرو.

• **اُوبَڻ (ڪ):** ث. چوپائيءَ جي ڦَرتي آرنه ڪرڻ جي حالت.

• **اُوبَڻُ، اُوبڙُ:** مصدر. [سن. اَوا بَن] ڪچي سُٽ يا پٽ کي

Gul Hayat Institute

سُوڏَڻ يا ہيٺي ٽيڻي ڪرڻ لاءِ چرخي تي ويڑھڻ. سُت يا پَٽ کي اوبري تي ويڑھڻ. سُت اُڪيلي ڦورو ناھڻ "کي اوبين عرب ۾، کي ڪابل منجھ ڪَتن" (شاھ). (اوبيو — اوبيندو — اوبيل).

— **اوبَ:** ث. مصدر. "اوبڻ" مان اسم. سُت يا پَٽَ اوبڻ جي حالت.

— **اوباڻي (ٿ):** ث. سُتَ يا پٽَ اوبائڻ جي مزوري.

— **اوبائڻ:** مصدر. "اوبڻ" مان متعدي بالواسطه. اوبري تي سُت يا پٽ ويڑھائڻ.

— **اوبَ توبَ:** ث. ويڑھ سيڑھ. لوڇ پوڇ ـ آنڌ مانڌ (ڪ).

— **اوب توبَ لائڻ:** ويڑھ سيڑھ ڪري وَڻڻ. جھت ڪري وڻڻ. چالاڪي ڪرڻ.

— **اوبڙو ج اوبڙا:** ذ. سُت يا پَٽ ويڑھڻ جو اوزار — اوبرو.

— **اوبَڙي ج اوبڙيُون:** ث. ڪورين جو ھڪ اوزار — ننڍو اوبڙو — چرخي "آھير ڪَتي اوبڙي، رَن وڃائي رَنبو" (پھاڪو).

• **اوبَڙي:** اسم خاص. حب نديءَ جي اورئين پاسي کان ھڪ جبل جو نالو.

• **اوباتَجَڻ:** فعل مجھول. قِتڻ (رنگ) — اُباتَجَڻ.

• **اوباتِڻ (ٿ):** مصدر. [سن. ہاشپيش = ہاڻ ڏيڻ] ہڏائِڻ. لَٽڻ — پورڻ.

• **اوبارَڻ:** مصدر. [ھ. اُبالنا] ہاڏڻ — پاڻيءَ ۾ وجھي ڪاڑھڻ — ٽھڪائڻ — تَجھڪائڻ. (اوبارِيو — اوبارِيندو — اوبارِيل).

• **اوبارُ:** ذ. پاڻيءَ جو ٽھڪو — جوش — ہڙڪو. اڪين جو اوہَرُ — گرميءَ سبب اَڪ اُٿي پوڻ جي حالت.

— **اوبارو ج اوبارا:** ذ. ٽھڪو — ٽُھڪو — ہڙڪو. خوشبوءِ جو جھوٽو — ھُبڪارَ "اوبارا عبير جا، جَر مان اچن جال" (شاھ).

• **اوبارو ج اوبارا (ڪ):** ذ. صفت. تکڙو — اُبھرو.

• **اَوباسي ج اوباسيُون:** ث. تَڪ يا ننڍ سبب وات ڦاڙي وڏو ساھ ڪڍڻ جو عَمل. تَڪ ۽ ننڍ جي نشاني "اوباسيون آيون، ننڍ نياپو موڪليو".

• **اوباڪي ج اوباڪيُون (ل):** ث. روئڻ ۾ ساھ منجھي پوڻ جي حالت. ساھ چڏڻ وقت اُيو ساھُ. ہاڪَ (ت).

• **اوباھي ج اُوباھيُون:** ث. [سن. اُدْ + شْواس] روئڻ يا کنگھڻ ۾ اُيو ساھ — اوباڪي. ہار جي روئڻ وقت ساھ چڙھي وڃڻ جي حالت.

• **اوبَتَ ج اوبَتُوڻ (ت):** ث. اُہڙڪو — اُہتو.

— **اوبتُون اُڇڻ:** اُہڙڪا اڇڻ. اوڪارا اڇڻ.

• **اوبَتُو ج اوبَتُو (ت):** ذ. صفت. اٿائو — ڏکيو. مٽانھون. خراب — گندو.

• **اوبَرُ ج اوبَرَ:** ذ. جوش (پاڻيءَ جو) — ہڙڪو — اوبارو. گرميءَ جي بُخارن اُٿڻ جي حالت. اک اُٿڻ جي حالت — آشوب چشم. گرميءَ واري گھُٽَ — اُتت — آگر. ہوساتَ (بند جاءِ جي). بَدبوُ جو اوبارو.

• **اوبَڙو ج اوبَڙا (ڪ):** ظرف. تکڙو — اُبھرو.

• **اوبھارو اوبھَرو ج اوبھارا، اوبھَرا:** ذ. گرميءَ جو اوہَرُ. اوبارو.

• **اوباڙ:** ث. مصدر. "اوپاڙڻ" مان اسم. چاڑھُ (پاڻيءَ جو).

• **اوپاڙ:** ذ. اُپرندو — مشرق.

• **اوپاڙڻُ:** مصدر. [سن. اُدْوَرتْ = اُپرڻ، سُجڻ، ڦوندجڻ] اُپاڙڻ (سج، چند، وغيره). اُپو يا سَڏو ڪري بيھاڙڻ. ڪڙو ڪرڻ. پيدا ڪرڻ (وَڻَ ٽِڻ). سجائڻ (ڦت، ڦُرڙي يا زخم). پڙڪائڻ. ڪاوڙائڻ (ت). ڦندائڻ. آپاڙڻ. پڏائڻ — بيجا ساراھ ڪرڻ. ھمٿائڻ. بچائڻ. (اوپاريو — اوپاريندو — اوپاريل).

• **اوپارو ج اوپارا:** ذ. اُوپَر — طلوع (سج يا چند جو) "اڄ پڻ اوپارو چوڏھينءَ ماھ چند جو" (شاھ). ھُرلي يا نار جي لڻ ۾ ڪتل ڪائين مان ھڪ ڪاڻي (جن ۾ ڦرھيون وڇھيون آھن) "آيل اوپارو، ہائڙ ہڏو ہوڙ وھي" (شاھ). ائٽ جي وڃين ڪاڻي. ڦيٽي جو اَرو. چاڑھُ (پاڻيءَ جو). نباتات يا سج چند وغيره جي پيدا ٽين جي حالت. پاڻيءَ جي وَھَڪَ جو مٿيون طرف (جتان پاڻي وھندو اڇي). (ظرف) وھڪري جي اُبتڙ. "لَھوارو" جو ضد. ڪُن يا موڙ سبب پاڻيءَ جو ڪناري سان لڳو لڳ مٿانھين پاسي ڈانھن يا اُبتو وھڪرو "آٽيو اوپارن ۾، ہانڊي ہوڙي ہيٺ" (شاھ).

— **اوپارو ڪائڻ:** اُپري مٽي ٽيڻ. ظاھر ٽيڻ — پڙڪو ڪائڻ. جذبو ڏيکارڻ. ھمت ڏيکارڻ.

— **اوپارو لَھوارو:** ظرف. اُبتو سبتو — وھڪري جي مخالف ۽ موافق. لاھ چاڑھ وارو.

— **اوپاري ج اوپاريُون:** ث. صفت. وھڪري جي اُبتڙ. "لَھواري" جو ضد. نديءَ جي چوڙ وٽ اُھا ساموندي وير جانديءَ جي مٽان چڙھي اچي. وير جو ڦيرو.

— **اوپاريُون لَھواريُون:** ث. ابتيون سبتيون ھيڏانھن ھوڏانھن جون (ڳالھيون).

— **اوپاريُون لَھواريون ہڏائڻ، ڏيڻ:** زماني جون خبرون چارون ہڏائڻ. ڪوڙيون سچيون خبرون ہڏائڻ. ڏتا ڏيڻ.

• **اوپالو ج اوپالا:** ذ. [ع. اِلْھاب (= باھ ڏکائڻ، ساڙڻ) > اِلھايو > اِھالو > اوپالو: سن. اُپالمْبَ = چينپ، گلا، گار] مھٽو — طعنو — عتاب — ٽُنڪو — ڏوراپو "اندر اوپالن سينَ ساڙي ڪيائونس سوڪ" (شاھ).

— **اوپالاڏيڻ:** مھٽا ڏيڻ — طعنا ڏيڻ. ڏوراپا ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

• **اوبانْ (ک)، اوبانْ: (ک ل)**: ذ. چوپائي مال جي پاڻي پيڻ جو حوض – آواڑو – آنْهُ.
• **اوباهڻُ، اوبائڻُ**: مصدر. اوباهڻ – اُباهڻ.
• **اوبُرُ ج اوبر**: ذ. [سن. اُدْ پِدْ] ٻُوٽن وغيره جي واڌ يا اوسر. نباتات. اُپام (ڪلر جي) سوج (قُٽ قرڙيءَ جي). مٽانهين. چاڙهُ (پاڻيءَ جو) سڃ اُپرڻ وارو طرف – اُپرندو – مشرق. ٻيڙيءَ ۾ مُهڙ وارو هيڻيون تختو (ک).
• **اوبُر اوبر (ل)**: ث. ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ يا وڌڻ واري حالت. اوسر "وڃن وڻ هري، اوبڙ اُپري ڪانڪا" (شاهه).
• **اوبڙُ ج اوبڙ**: ذ. [سن. اُدْبِدْ = ڦُٽڻ] ٻوٽن وغيره جو ڦوٽهڙو. گاهه. ٻوٽو. وڻ ٽڻ "اُمّت جي آخوند، اوبڙ سپ اُپاريا" (ڏتو).
• **اوتَ ج اوتُون**: ث. [سن. اُدْوَرته] مصدر "اوتڻ" مان اسم. پالوتَ – پلٽ (پاڻيءَ جي). پاڻيءَ جي ليتَ. اُمنگ يا اُڏامي جو زور "من اندر جا اوت، مڇ ملڻ سان مانيِ ٽئي" (شاهه). اوٽي – ڏُڪ – چوپائي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ تيل جو وڏل ڏُڪ. اشارو – ميڇ "ڪچن ڪين مُنهان، اوتون ڏين اڪين سَان" (شاهه). مينهن (ل). محبت – يادگيري (ت). جوش – جذبو – اُڏمو. گهاتائي – گهٽائي. ليٽ (درياءَ جي).
• **اوتّ**: ذ. [سن] پيٽو (تاجيءَ جو).
– **اوتّ پوتّ**: ذ. صفت. تاجي پيٽي اُٽيل. سپ طرف پکڙندڙ. اندر باهر.
• **اوت پوت**: ث. مَتَ سَتَ. هڪجهڙائي. ڇڪ ڏاهه. بيقراري.
• **اُوْتُّ ج اُوَتّ**: ذ. صفت. [هـ] بي اولاد مثل ماٺهو. ڪنوارو. احمق – مورک. بداخلاقي.
• **اوتادَ**: ذ. [ع. وَتَد ج اوتاد] ميخون. اهي چار الله لوڪ جن تي ساري عالم جو مدار آهي.
• **اوتارُ ج اوتار**: ذ. [سن. اُوَتَر بَنْ = آرام ڏيندڙ دوا] ڪنهن دوا جي اثر لاهڻ لاءِ مخالف دوا اُتارو – تریاق – زهر مار. جن پُوت جو واسو. ڪاري جي رَڇَ جو هڪ حصو. [سن. وِيَتْهارَ] عِوَض – بدلو. بَدَل سَدَل – مَتَ سَتَ (ت).
• **اُوَتارُ ج اُوَتار**: ذ. [سن. اُوَتْري < اُوَ = هيٺ + تْري = هيٺ لهڻ] هيٺ لهي ايندڙ. هندن جي عقيدي موجب ايشور جو ڪنهن به جسم يا روپ ۾ ظهور – ظهورو ايشور جو ٻيو روپ. ديوتا.
– **اوتار ڌارَڻ**: هندن جي عقيدي موجب ايشور جو انساني جسم وٺي هدايت لاءِ زمين تي اچڻ.
• **اوتارو ج اوتارا**: ذ. [سن. اُوَتْري = هيٺ لهڻ] وهڻ يا سفر تان لهڻ جي جاءِ ـ منزل جي جاءِ. منزل – منزل گاهه. اوطاق. موالين جي بيٺڪ جو خاص هنڌ – مَڪانُ – دائرو. آستانو "ڏي خبر ڪيانتل ڪري، منهنجو يار ڪڏهن ايندو اوتاري" (اميدعلي). چانورن جي ڪيري. اُتارو (تحريرجو) – نقل.
– **اوتاري**: ذ. صفت. اوتاري وارو (فقير).
• **اوتارَ (ت)**: ث. مٽاهين زمين جنهن تي پاڻي سولائيءَ سان چڙهي نه سگهي. گهٽي ڪائڻ سبب ڪاڏي نه وڃڻ واري حالت.
• **اوتاڙي (ک)**: ذ. صفت. [سن. اُوَ = هيٺ، خراب + تره = تڙ] اُوتڙ. گمراهه – تَوائي.
• **اوتارُ جَڻُ**: فعل مجهول. چوپائي مال جو پاڻيءَ ڪان ٿهڻ – تاڙ ڪائڻ. پاڻيءَ يا ڪاڏي ڪنِي وڃڻ سبب بُکَ لَهي وڃڻ. (اوتاڙيو – اوتاڙبو – اوتاڙيل).
– **اوتاڙيل ج اوتاڙيلَ**: ذ. صفت. اُجايل پاڻي پيئندي اڌ مان ٿاهه ڪاڌل (جانور).
• **اوتارَڻُ**: مصدر. اَڌ ۾ روڪڻُ.
• **اوتائُو ج اوتائو**: ذ. صفت. [سن. اُتْڪَ = خواهان، سڪندڙ. غمگين. ڪنهن شيءِ جو خيال ڪندڙ] سَڌ رکندڙ – سڪايل – آسائو "موڙهو ڳُنهي نه مت، پليان پليو نه رهي: ڪا جا پيس پَت، جنْ اج اوتائو پرينءَ کي" (شاهه).
• **اوتَر**: ث. [سن. اُتَّر] شين جي مٽاسٽا وقت ڏنل واڌو قيمت – اُتَرُ.
• **اوتَرُ**: ذ. [سن. اُتر] چئن ڏسين مان هڪ جو نالو – اُتر – شمال.
– **اوترِيونْ ج اوترِيانْ**: ذ. صفت. اُتر وارو – اُتريون – اُتر جو. (ث) اوترين ج اوترِيُون.
– **اوترِينْ ڪَتّ**: ث. اتر قطب جي چوڌاري ڦرندڙ تارن جو هڪ ميڙ – دُب اڪبر.
• **اوترو ج اَوترا**: ذ. صفت. [سن. اِيتاوَتْ] انهيءَ جيترو. انهيءَ مقدار ۾. اوڏو – انهيءَ جيڏو. (ث) اوتري ج اوترِيون.
– **اوتري جو اوترو**: ظرف. بلڪل اوترو – بنهُ انهيءَ جيترو. نه گهٽ نه وڌ.
• **اُوتَرُ ج اُوتَرْ**: صفت. اُهو تَڙ جتي ٻيڙين بيهڻ يا وهنجڻ جو سهنج نه هجي – اَهنجو تَڙ – اَڻانگو تڙ – خراب تَڙُ "اوتر ڪنهن نه اولبا، سُتڙ ويا سالم" (شاهه). "سُتَڙ" جو ضد. اَوَجهڙ. پراهون. ڪُوات. گمراهه. (ظرف) مٽانهون – اُپڪرو (ک).
– **اُوَتَرَان تَرْ ٹيڻ**: ٻيراهه مان سنئينءَ راهه تي اچڻ. ڏکَ مان سُک نصيب ٿيڻ "ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي، جيئن اُوَتَرَان

Gul Hayat Institute

تَرْ ٹيوس" (شاھ).

– **اُوتَرُو جَ اُوتَرَا:** ذ. صفت. تَرْ كان سواءِ. اوائي. گمراھ.

• **اُوتَرُ (ت):** ث. وَبا جو مَرض.

• **اوتَرُ جَڻ:** فعل مجھول. [سن. اَتْپُورَڻ] گھٽي كائڻ سبب كاڏو نہ وڃڻ – كاڏو مُنھان پوڻ – جوگِرجڻ، جھوگِرجڻ.

– **اوتَرُ جي پَوڻ:** پيٽ پرجي پوڻ – جھوگِرجي پَوڻ. گھٽي كائڻ كري كاڏو نہ وڃڻ.

• **اُوتَرُو جَ اُوتَرَا (ت):** ذ. صفت. اڻ گَنديل.

• **اوتَمائِنُ:** مصدر. لينڌائڻ. (اوتمايو – اوتمائينڈو – اوتمايل).

• **اوتَنُ، اوتِنُ:** مصدر. [سن. اَپَ + وَرَت] اونڈو كرڻ – لينڌائڻ (ٿانءُ) هڪ ٿانءَ مان ٻئي ٿانءَ ۾ وجھَڻ (پاڻي) – لاھڻ – نائڻ – پلٽڻ. هارڻ (پاڻي وغيره). (اوتيو – اَوتيندو – اوتيل).

– **اوتَ جَ اوتُونُ:** ث. مصدر "اوتڻ" مان اسم. هارَ – پَلٽ – لاھَ. گھاٽو مينھن (ل). محبت جي گھٽائي.

– **اوتَ اوتَ، اوتَ اوتانُ:** ث. لاڳيتو پاڻيءَ اوتڻ يا هارڻ جي حالت. گھٽي هارَ ويرَ.

– **اوتائِنُ:** مصدر. "اوتڻ" مان متعدي بالواسطه. لينڌائڻ (پاڻيءَ جو ٿانءُ).

– **اوتَ پوتَ:** ث.هارَويرَ – پَلٽ پلٽان. چڱيءَ طرح ڏيڻ (پاڻي) – اَنھَ پُنھَ "اوت پوتَ اَپيد تي، ڏسن نين پري" (سامي).

– **اوتَجَنُ:** مصدر. "اوتڻ" مان فعل مجھول. هارجڻ (پاڻي) – لينڌجڻ (ٿانءُ).

– **اوتِي جَ اوتُيونُ:** ث. اوتڻ جو نمونو. تيل يا گيھ وغيره جو ڏُڪ (جو ٽڪل يا اپري جانور كي وھجي).

– **اوتُون ڏيڻ:** پاڻيءَ جو زور زور سان وَھڻ. هوا جو زور سان گھُلڻ. پلنجڻ "اَتر اوتون ڏي، نہ مون سوڙِ نہ گبرو" (شاھ).

– **اوتون كَرڻ:** حَملا كرڻ – مَٿان وَرڻ.

– **اُوتيَل پوتَيَل (ت):** ذ. صفت. آزمايل – پركيل – جاچيل جونچيل.

• **اوتَي (تَ):** ث. ترن جي گَڙڌاڻي.

• **اوتَ جَ اوتُسُونَ (ل):** ث. چپ. گَري آفت "شل كا اوتَ پويئي!". پاپ – هڃا. گھٽي نندَ، نندِ جو غلبو. گَھرَ.

– **اوتَ پَوَنُ:** چپ كرڻ. هَڃا پوڻ – مصيبت نازل ٿيڻ.

– **اوتَ چَڑھَنُ، وَرڻ (ل):** نندِ جو خمار چڙھڻ – گَھر چڙھڻ.

• **اوتارو:** ذ. هندن ۾ موت كان پوءِ ٻارهئي جو هڪ كريا كرم. خراب خواب – نندِ ۾ ڏيڇرو.

• **اوتاڪُ، اوتاگُ:** ذ. چوپائي مال كي پھرائي وڃڻ جي حالت. چارڻ لاءِ چوپايو مال جھنگ ڏي وڻي وڃڻ.

• **اوتاگَنُ:** مصدر. چوپائي مال كي اُتاري چارڻ لاءِ جھنگ ۾ وڻي وڃڻ. مال سان پھرجي وڃڻ صبح جو سويل مال پھرائڻ – اوتاڻڻ.

• **اوتان، اوتو:** ذ. صبح جو اُٺ جي مھل "اوتان مھل آھون كريان، جيئن ڊور لوڏي ڊينھري" (صدرالدين چارڻ).

• **اوتانُ (ل،ت):** ذ. ٻن پھرن جو چوپائي مال كي وتاڻ ۾ وڻي اڇڻ جي حالت.

• **اوتانُ:** مصدر. مال كي جھنگ ۾ وڻي وڃي چارڻ. مال سان پھرجي وڃڻ – اوتاگَڻ.

• **اوتَپَ (ث)، اوتَپُ:** ذ. جسم جي تكڙي واڌ. اوسَر – اوپَرَ.

• **اوتَرُ (ت):** ذ. تمام سخت واءُ. گھٽائي. زور.

• **اوتَرَ اوتِرِ:** ث. اُتَلَ – كنھن وڃڻڊر بيماريءَ سبب موت گھٽو ٿيڻ.

• **اُوتَرُ:** ذ. صفت. [سن. اَوَ + سْتَرَ] جنھن كي هڪ هنڌ ٽِكاءُ نہ اچي. اَٿُونٽرو – اڙِهنگ – اھنڌ – حركتي.

• **اوتَكَ:** ث. سَنْبَتِ ـ تياري. هُشي.

• **اوتَلَ (ت):** ث. اڇ وڇ.

• **اوتِلاءَ جَ اوتِلائُونُ (ل):** ث. اُھا ڍڳي يا مينھن جيكا وري وري قَرڃڻ جي باوجود ڏُكي نہ ٿئي. ٺُلھي.

• **اوتِلُو:** ذ. صفت. اُتليل. هڪ پاسي وَريل (ڳنڍ). وكوڙيل.

• **اوتِماڻِي (ك):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اُوتو جَ اُوتا (ل):** ذ. جيتَ جو هڪ قسم (جو گرمِ ڪپڑي كي ٽكيندو آهي) – ڇُوتو.

• **اوتَ (ت):** اسر خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اوتَ:** ث. اٽكل – اَندازو – ڏُكو. قياس – گُمان – انومان. ڊنگ – ڏاڻءُ (كم جو). ويڑ جو چاڙھ. اَڇڻ جي حالت. "موتَ" جو ضد. خبر – سماءُ – كَڙَكَ. بخيي جو هڪ نمونو (ت) – اوتي.

• **اوتَ تي هَلڻ:** اٽكل سان هلڻ – ڏُكي تي كم كرڻ.

• **اوتِي جَ اوتِي:** ذ. صفت. جيكو ڏُكي يا اٽكل تي كوبہ كم كري – جنھن كي كم جو ڏاڻءُ نہ هجي.

• **اوتَ جَ اوتُونُ:** ث. پناھ – آڏ – پردو. ڍَڪ – اولو – اجھو – بچاءُ – چانوَ "سال سٽكن، جال چٽكن، كان كن اَڙ، آڏ، اوٽ" (گل). جھَلو – اوٽ – سھارو. پاسو – پر. كنارو – كَنڊي. ككن جي كَنڊي – پَتَر. ككن كانن مان ٺھيل

Gul Hayat Institute

آڏ. ڪنهن ڪر ڪرڻ جو ڏاڻ. ڪنهن ڳالهه جي معمولي ٽيٺ – ڪڙڪ. ڪپهه مان ڪڪڙن ڌار ڪرڻ جو ڪر. هَر جي پهرين ڪيڙَ. مينهن جو وسڪارو.

– **اَوتائتو ج اوتائتا:** ذ. صفت. اوٽ ۾ آيل – اوٽ وارو – لِڪل. پاسيرو – پريرو. پناهه وارو – محفوظ.

– **اوتَ تي هلڻ:** تَڪ تي ڪر ڪرڻ. آڏر تي هلڻ.

– **اوتَ ڪرڻ:** ڍَڪ ڪرڻ – پردو ڪرڻ – حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

– **اوتَ وٺڻ:** پناهه وٺڻ. سامر پوڻ. ٽيڪ وٺڻ. حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

• **اُوتُ ج اُوتَ (ل):** ذ. ڍِڳ – ڍير (جو محض ڏيکاءَ لاءِ هجي).

• **اوتار ج اوتارَ:** ذ. لَتَ يا متيءَ جو تهه – ريٽ. درياءَ ۾ پيدا ٽيل واريءَ جو ٻيٽ – ٻيٽارو. لتَ. غبار – ڏُنڌ – لڙات. ڍير – ڍِڳ، پڙ (ل). غبار (دل جو) – غم. اونگهه – پنڪي (نشي جي). پور – خيال. يادگيري (ت).

– **اوتارَ لَهي وڃڻ:** يادگيري لَهي وڃڻ. خيال لهي وڃڻ.

• **اوتارڻ:** مصدر. [سن. آ+ستر] لَٽڻ – ڍڪڻ (متيءَ سان). پُورڻ (ڪڏ ڪوهي). ياد ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ. غم ڪرڻ. غبار چڙهڻ (دل تي). (اوتاريو – اوترندو – اوتاريل).

– **اوتارُ:** ث. دل تي بار. ڳڻتي – چنتا – فڪر. غم. خيال (جو ويڙهي وڃي). يادگيري.

– **اوتارَڻُ:** مصدر. "اوتارڻ" مان فعل مجهول. لَٽِجڻ – متيءَ سان ڍڪجي وڃڻ. ڳڻتي ۾ ويڙهجڻ "اوتارجي اڄ ويَو گوندر گڏيائون" (رسالو).

– **اوتاري ج اوتاري:** ذ. صفت. لَٽيندڙ – متيءَ سان ڍڪيندڙ. فڪرمند. غمگين.

– **اوتاري وَڃڻ:** لَٽي وڃڻ. چڏي وڃڻ. نظرانداز ڪري چڏڻ (غم، ڳڻتي).

• **اوتاڪ ج اوتاڪَ (ت):** ذ. چوپائي جو اُهو قُرُ جنهن جو ڪير ڏاڙ بند ٽي ويو هجي.

• **اوتَرُ:** ذ. ڳڻتي – فڪر – چنتا. غم. بار – غبار اوتار "اوترير آپار هينئڙو لٽ لٽي ويو".

• **اُوتِرو ج اُوتِرا (ک):** ذ.بيل گاڏيءَ جي هڪ ڪائي (اوڌِ جي اڳئين پاسي واري اُبي ڪائي جنهن تي گاڏي سڌي بيهي) – رُونٽرو.

• **اوتِلو ج اوتِلا:** ذ. [سن. آوَرْتَهه + لو] گهر جي اڳيان ٽَلهو (چيٽي ۾ ڳوهيل واريءَ جو ٽهيل).

• **اوتَ موٽ:** ث. وڃڻ ۽ اچڻ. ڪنهن منزل تائين وڃڻ ۽ اچڻ جي حالت. ٻئي مٽا (سفر). (ظرف) ايندي ۽ ويندي.

• **اوتَڻُ:** مصدر. پناهه ڏيڻ – بچائڻ – مدد ڪرڻ. اوٽي ڏيڻ (ڪپڙي کي). ڪپڙي جون ڪناريون ورائي سبڻ. ڪپهه ما ڪڪڙا ڪيڻ – ڪپهه ٽائڻ. زمين کي هر ڏينَ شروع ڪرڻ - ڪيڙن جي ابتدا ڪرڻ. ڪپڙي کي ڦندڻ هڻڻ. جهٽڻ (بال). مد ڪرڻ (ت). ڪنگهڪار ڪرڻ. (اوٽيو – اوٽيندو – اوٽيل).

• **اُوتِلو ج اُوتِلا (ل):** ذ. بيل گاڏيءَ جي هڪ ڪائي (اُها ڪائي جا گاڏيءَ جي پولهه کي متي ڪٽي بيهي) ـ رُونٽرو.

• **اُوتو (اوترو) (ت):** ذ. صفت. گندو – خراب خواب ۾ پليد ٽيا – تَڙ پيل. بي اولاد.

• **اوتو ج اوتا (ل. ث):** ذ. ليپي جو هڪ قسم (واري، چيٽو متي ملايل ليپو). گهر جي اڳيان ٽَلهو. اگڙ (ث).

• **اوٽي ج اوٽيُون:** ث. [سن. اُوتي] ڪپڙي جي اندر جي ورائي سبيل ڪناري. بخيي جو هڪ نمونو. پرت جو هڪ قسم (ث)

– **اَوٽياروَ:** ذ. اوٽيءَ وارو (ڪپڙو) ـ اوٽين ڏنل.

– **اوٽياري وَرائڻ:** سبيل ڪپڙي جي ڪناري موڙي ٽوپو ڏيڻ.

• **اُوٽِي ج اُوٽِيُون:** ث. هارن جي هڪٻئي کان رُسي جدائي ڪر جي حالت (هار جڏهن رُسندا آهن تڏهن پنهنجون چيچون ملائي هڪٻئي کي "اوٽي" جو لفظ چوندا آهن) – ڪَٽي.

• **اوٽِيڙو ج اوٽِيڙا:** ذ. وڻ جي تاريءَ جو پيوند يا قلم. ٻچ (ڪيوڙي جو). (صفت) هاري – زمين ڪيڙيندڙ.

• **اَوَڪَ ج اَوَڪُون (ک):** ث. نديءَ ٻَڪري – ٻَڪ – اَيڪَ.

• **اوڪَ (ٿ.ل):** ث. اوٽ. بچاءُ – پناهه. پرڇهلو – آڏار.

• **اوڪِ، اوڪَ ج اوڪُون (ل):** ث. [وَسڻ > وُسو > اُسو > اوڪ وَس. جهجهي برسات. وُٽي جي چَر. مينهن جو گڏ ٽيل پاڻي – پلر "اُئي اوڪِ اُتر ڪان، جانب ياد اچن". مينهن جي پاڻي جي هوڏ. مينهن جو پاڻي، جو متانهين، تان ڏوڪيند هيناهينءَ ڏانهن اچي.

• **اوڪا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اوڪار ج اوڪاريُون (ک):** ث. مچيءَ جو هڪ قسم (سَنهر چلرنَ سان، ڏيکهه چار پنج انچ).

• **اوڪارَ ج اوڪارَ:** ذ. صفت. اُڪن وارو – اوڪي – جَت. اُڪ چاريندڙ (ذ) اُڪن جو گلو.

– **اُوڪاري ج اوڪاري:** ذ. صفت. اوڪارَ – اُڪن وارو.

• **اوڪارو (ل):** ذ. خراب خواب – اوڪارو.

Gul Hayat Institute

• **اونازي ج اونازي (ت):** ذ. صفت. اوداڙ – اوڻي.
• **اونائي ج اونائيون:** ث. بيٽ جي مٽي چڪ. سماع وقت ڏنل بيت. پاڙ – اوسارو. مرثيو.
- **اونائيون ٻڌائڻ، سڻائڻ:** سڏيون ٻڌائڻ – ڪٿا جواب ڏيڻ.
• **اونلو ج اونلا (ت):** ذ. [ڏاتڪي] آهورو.
• **اونڻ (ت):** مصدر. ويجهو ٿيڻ.
• **اونو ج اونا:** ذ. صفت. اُٽ جو (ڪير گوشت، مال وغيره). اُٽ وارو – اوڻي.
- **اوڻي ڦيڻ هُجڻ (ت):** ڪمزور هجڻ. بي بقا هجڻ.
- **اونو ج اونا (ل،ت):** ذ. اُهجاڻ – نشان – پاڙ – پتو.
• **اونا سونا (ت):** ذ. پاڙ پتا. طعنا تڪا.
• **آوڻي اونو ج اونا:** ذ. صفت. [سن. اَدشَت] پليد ـ ناپاڪ – نجس. مٽي ميرو. (ث) اَوڻي ج اَونيُون.
- **آونائي، اونائي:** ث. ناپاڪائي – پليدي. نجاست. مٽي ميرائي.
• **اونوار (ک):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **اونو ملاڻڻ، روڪڻ:** دڙي دڪي ڪيڻ – زمين سڌرڻ.
• **اونهانگ، اونهانگڙو (ل):** ذ. ايتري برسات جنهن مان اُٽ جي مُٺ جيتري پوسل ٿئي – ٽورو مينهن.
اوڻي ج اوڻيُون: ذ. [سن. اُشْتْر = اُٽ] اُٽ وارو – جت. اُٽ سوار. قاصد – ريهارو. (اسر خاص) مسلمانن جي هڪ ذات جي نالو.
اوڻي ج اوڻيُون (ت): ث. رڍ جو هڪ قسم (جنهن جو رنگ ۽ ڪَن اُٽ جهڙا ٿين). مچيءَ جَو هڪ قسم (سنهڙن اَڇن چلرن سان، ڏيکڻ ۾ اٽڪل اڌ فوٽ).
اوڻيَرَ: ث. مچيءَ جو هڪ قسم.
اوڻيڙو، اوڻيڙو ج اوڻيڙا، اوڻيڙا: ذ. صفت. اُٽ سُوار – شتر سُوار. اُٽ تي چڙهيل قاصد. قاصد – ريهارو. مچيءَ جو هڪ قسم.
اوڻي ڳلهي: ث. ڪريءَ جو هڪ قسم.
اوڻينگڻ (ت): مصدر. ٽيڪ ڏيڻ.
اوپاچ (ل): ذ. پيدا ٿيڻ جي حالت. پيڙان چاول (ڌار). "نيپاچ" جو ضد.
اوپارَ (لس): ذ. اُپراسو – فائدو – نفعو.
اوپارڻ: مصدر. [سن. اُتْپارڻ] اُپاڙڻ – ڪڍو ڪرڻ. اُڪرڻ – پار ڪرڻ.
اوپارو ج اوپارا (ت): ذ. مٽيءَ مان ٺهيل ڇلهه (جا ڪٽي يا چوري پوري سگهجي).
اوپاڙو ج اوپاڙا (ت): ذ. ڏينگهن جو پُور.

• **اوپئي اوڇئو:** ذ. صفت. [سن. اَپَر چتَه] ڌاريو – بيگانو – اوپرو (ماڻهو)
• **اوڍڻو ج اوڍڻا:** ذ. [سن. اُورڻ = ڍڪڻ] اوڍڻ جو ڪپڙو. مرشد يا گروءَ کان تحفي طور مليل ڪپڙو (چادر وغيره). عورتن جي ڍڪڻ جي سنهي چادر – اوڍڻي. رَئو.
• **اوپرو ج اوپرا:** ذ. صفت. [سن. اَپَر چتَه] ڌاريو – بيگانو – ٻاهريون. پرديسي. نامحرم. ڪنَ جي ويڪر (سيراندي، پيراندي) وارين ۾ ڪائين مان هڪ ڪائي.
• **اوپري ج اوپريُون:** ث. صفت. ڌاري. اڻ ڏنل – نئين. (ت) ڪنَ جي ويڪر (سَيراندي، پيراندي) واري هڪ ڪائي – اوپرو.
• **اوپڙ، اوپڙ (ث):** ذ. [سن. اُدْيِدْ = واڌ (گاهه ٻوٽن وغيره جَي)] زخر جي واڌ. سڌارو. واڌارو.
• **اوپسَر:** ث. ڪُنوڻ – وڃ "اَڳ اليهر اوپسر مُک مرمر موچارَاس" (صدرالدين).
• **اوپڻ:** مصدر. پاڻي اُپائڻ – پاڻي ٻاهر ڪيڻ (ٻيڙيءَ مان). (اوپيو – اوپيندو – اوپيل).
• **اوپوَ (ل):** ذ. پرائو بار – ٻئي جي ذميداري.
• **اُوجُ ج اُوجَ:** ذ. [ع] بلندي – مٿانهين. چوٽي (آسمان جي) – ڪاپار – سمت الراس. مٿانهون درجو – مرتبو. عزت – اقبال – شان. ڪمال – عروج. واڌارو – ترقي. [سن. اوجس = تيج، روشني] بل – سگهه – همٽ. پرجهلو.
– **اُوج سُرَ:** ذ. موسيقي ۾ هڪ سر جو نالو.
– **اُوج شرف:** ذ. عزت يا شان جي بلندي.
– **اُوج فلڪ:** ذ. آسمان جي چوٽي – سمت الراس.
– **اُوج ڪي پُهچڻ:** ترقيءَ ڪي پهچڻ – بلنديءَ تي پهچڻ – عروج تي پهچڻ.
• **اوحارَڻ:** مصدر. [سن. اُجْوَلَنْ = چمڪائڻ] اُجارَڻ. صاف ڪرڻ. چمڪائڻ. صيقل ڪرڻ. روشن ڪرڻ (نالو). (اوحاريو – اوحاريندو – اوحاريل).
– **اوحارَ:** ث. اوجَر. اُجلائي – صفائي. چمڪ.
– **اوحارائڻ:** مصدر "اوحارڻ" مان متعدي بالواسطه. صفا ڪرائڻ – چمڪارائڻ (هٿيار، گهُهُ، وغيره).
– **اوحارو ج اوحارا:** ذ. اوجَر ـ صفائي. سوجهرو روشني.
– **اوحاري ج اوحاري:** ذ.صفت. اُجاريندڙ (نالو). نيڪي ڪيائيندڙ (وڏن يا خاندان جي). روشن ڪندڙ (نالو).

Gul Hayat Institute

• **اوجاڳڻ:** مصدر. [سن. جاگرڻ = جاڳڻ] جاڳڻ — ننڊ نہ ڪرڻ. (اوجاڳيو — اوجاڳيل).

• **اوجاڳو ج اوجاڳا:** ذ. ننڊ نہ ڪرڻ جي حالت — جاڳ — سُجاڳي.

— **اوجاڳا ڪَڍڻ، ڪَرڻ:** ننڊ ڦٽائڻ — راتيون جاڳڻ. راتيون جاڳي محنت ڪرڻ. سخت تڪليف سهڻ.

• **اوجاڙ (ث):** ث. زمين جو ٽورو ٽڪر.

• **اوَجَرڻ:** مصدر. [سن. اُجّوَلَنَ] اُجرڻ — صاف ٿيڻ (گَهُ، هٿيار، وغيره) چمڪڻ — جَرڪڻ.

— **اوجَرُ ج اوجَر:** ذ. چمڪو. صفائي. روشني.

— **اوجَر ڪائڻ:** چمڪڻ — صيقل ٿيڻ — اُجرڻ.

• **اوجَرُ ج اوجَرَ:** ذ. اُجاڙ — ويراني — بربادي. (صفت) ويران — برباد — اَجَرُ.

• **اُوجَلُ ج اُوجَل:** ذ. صفت. [سن. اُجّوَلَنَ] صاف — اُجريل. چمڪندڙ — روشن — تابان. سُهٽو.

• **اُوجلائي، اُوجَلتا:** ث. صفائي — اوجَرُ. چمڪو — جَرڪو. پاڪيزگي.

• **اوجَلو:** سهائو. روشني.

• **اوجَمَڻ (ث):** مصدر. پورو ڪرڻ — ختم ڪرڻ. (اوجميو — اوجمندو — اوجميل).

• **اوجو ج اوجا (ث):** ذ. ڏاس مان ٺهيل ٽيلهو وغيره. ڪَرڙي. ڪَٽي.

• **اوجيس، اُجاس (ث):** ث. روشني — سوجهرو.

• **اوجيساڙو (ث):** ذ. [سن. اُچشْنَمَ] ڪچرو — بُهَر.

• **اوڇَ:** ث. [اُچڻ > اوچ] اُٽاوت جو ڪم — اُٽت — اُٽاوت. ناهَپ — ناهه. مضبوطي. ترقي — واڌ. [ع. اوج] بلندي. واڌارو. سرخروئي. [سن. اوْجْ] طاقت — استعداد — قوّت — همٿ. مدد — پُشتي. ٽيڪ — پٺيرائي.

— **اوڇَ اُڇڻ:** پُشتي اڇڻ — ٽيڪ اڇڻ (ڪم ڪي). هُشي اڇڻ. ترقي اڇڻ.

— **اوڇَ ڏيڻ:** پُشتي ڏيڻ. هُشي ڏيڻ. چوٽ چاڙهڻ. بلنديءَ تي رسائڻ.

— **اوڇو:** ذ. اُٽاوت — اُٽت.

— **اوڇَون ڪرڻ:** وڏائي يا فخر ڪرڻ. علم تي باور ڪرڻ — ظاهري ڏيک ڪرڻ. اوڇون ڪري عامَ ڪي. منجهايو مُلن".

— **اوڇو اوڇي:** ذ. صفت. چست — چالاڪ. سگهارو — زور ۽ طاقت سان ڪم ڪندڙ.

• **اوڇاهُ (ل):** ذ. [اُڇهَڻ > اوڇاهه] چاهه. شوق — وٽت "مينديا ڏوءِ نہ مارئي، ڪونهي اَنَ اوڇاهُ". خواهش — سڌ.

• **اوڇَرُ ج اوڇَر (ث):** ذ. اوجَرُ. صفائي. چمڪو.

• **اوڇَرُ ج اوڇَرَ (ل):** ذ. [ع. اَدَمُ: سن. اَدْ = مٽي + يَمْ = جهلڻ. ڪم لاءِ هٿ ڪٽڻ] اُدم — سعيو — ڪوشش — تاڪيد. سرجوشي — اُتساهه.

• **اوڇَڻ:** مصدر. [سن. اُوْيَ] اُٽَڻُ — ناهڻ (ڪپڑو). (اوڇيو — اوڇيندو — اُوڇيل).

• **اوڇو ج اوڇا:** ذ. [سن. اُوْيَ] اُٽاوت — اُٽت [سن. اُوْجَسْكا] چُست — چالاڪ — سگهارو — زور ۽ طاقت سان ڪم ڪندڙ.

• **اوڇَهُ ج اوڇَهَ:** ذ. [سن. اُپ + يُجْ] پورائو. اُڪلاءُ. نِبيرو — فيصلو. اوڇ — واڌارو.

• **اوڇهُ ج اوڇهه:** ذ. [سن. اُپ + يُجْ] پورائو. اُڪلاءُ. نبيرو — فيصلو. اوڇ — واڌارو.

• **اوڇهُ ج اوڇهه:** ذ. [سن. اُدَرَه] اوڇهري معدو (جانور جو) اوڇهريءَ ۾ پيل گُنڊُ پيٽ.

— **اوڇهُ اوڙڻ:** ڪَڙو ڳالهائڻ. گند اوڳاڇڻ. بڪواس ڪرڻ.

— **اوڇهُ ڏيڻ:** ڪيتو لوڙڻ — نتيجو پوڳڻ — بدلو ڏيڻ.

— **اوڇهُ ڪَدي وڃهَڻ:** اُڏَت ماري وڃهڻ. پيٽ ڦاڙي چڏڻ.

— **اوڇهَڙ ج اوڇهَڙ:** ذ. اوڇهري. پيٽُ — دِڏُ.

— **اوڇهَڙ ٻرڻ:** پيٽ ٻرڻ — دِڏُ ٻرڻ — دِوَ ڪرڻ.

• **اوڇهَڙاڙ ج اوڇهراڙون (ث):** ث. رَهڙ — رَهَنڊ.

• **اوڇهَڙاڙو ج اوڇهراڙا (ث):** ذ. صفت. اونداهو — بنا روشنيءَ جي.

• **اوڇهراڪي ج اوڇهراڪيُون:** ث. ننڊ جو جهُوٽو — پنڪي.

— **اوڇهراڪيُون اُڇڻ:** پنڪيون ڪائڻ — جهوٽا ڪائڻ.

• **اوڇهراڻي ج اوڇهراڻيُون:** ث. جهوٽو (ننڊ جو) — پنڪي.

— **اوڇهراڻيون ڪائڻ:** پنڪيون ڪائڻ — جهوٽا ڪائڻ.

• **اوڇهرڻ:** مصدر. ننڊ سبب جهوٽا ڪائڻ — پنڪيُون ڪائڻ ننڊ جو غَلبو ٽيڻ. (اوڇهريو — اوڇهرندو — اوڇهريل).

• **اوڇهرو ج اوڇهرا:** ذ. اونداهي. "سوجهرو" جو ضد.

• **اوڇهري:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڇهري ج اوڇهريُون:** ث. جانور جو معدو — اوڇهُ.

— **اوڇهري ڏارڻ:** تحمّل ڪرڻ — بُرد بار ٽيڻ.

— **اوڇهريءَ ڦاڙو ج اوڇهريءَ ڦاڙا:** ذ. گهٽو ڪائيندڙ — پيٽوڙي گهٽو ڳالهائيندڙ — بڪواسي.

— **اوڇهريءَ وارو ج اوڇهريءَ وارا:** ذ. بردبار — متحمل.

• **اوڇهَڙ:** ث. خراب هنڌ جهنگ وارو هنڌ (جتي رستو هٿ نہ

Gul Hayat Institute

اچي) "اوڇڙ اَسونهن، ڏيهه گهٽو ئي ڏوريو" (شاهه). گمراهي.

• **اُڙهڙ ج اُڙهڙَ:** ذ. صَفت. رستي کان هَٽيل – گمراهه. بي واٽو. ڏکيو – اَٽانگو – مشڪل.

• **اوڙهڙو (ث):** ذ. ڪنوارجي ساهُرن جي گهر اچڻ جي حالت.

• **اوڙو:** ذ. صفت. حيران.

– **اوڙو ٽيڻ:** حيران ٽيڻ "عقل اُت اوڙو ٽيو، هو هليا سامهان" (شاهه جو رسالو).

• **اوڙهَ ج اوڙهُون (ل):** ث. [سن. اُدْ = مٿي + جيا = جاڻڻ] اُهجاڻُ – نشاني – پارُ. روش – مهانڊو. شبيهه.

• **اُوڇ ج اُوڇَ:** صفت. [سن. اُچّ] مٿاهون – اُچو – اعليٰ. (ذ) بلندي – اُچائي. وڏائي – وڏو مرتبو. سبقت – اڳرائي.

• **اوڇارو ج اُوڇارا:** ذ. اُهڙڪو – اُلٽيءَ جو خيال – اوچارو.

• **اوڇتو ج اوڇتا:** ظرف. بيخبريءَ ۾ ـ اچانڪ – ناڳهان – اتفاق سَان. اَمالڪَ – يڪدم. (اسم خاص) ٻه درياهيءَ وٽ سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ جو نالو.

– **اوڇتائي:** ث. بيخبري – ناڳهاني.

• **اوڇنائي ج اوڇنايُون (ڪ):** ث. [سن. اُڇڪ = مٿي نهاڑ] ڪنهن مٿاهين هنڌ ڪَان ڪيل نڳاهه – نظر – نهار.

• **اُوڇو ج اُوڇا:** د. صفت. [سن. اُچّ] اُتاهون – اعليٰ – بلند "اُوڇو تون عرش تي، آءٌ پُوٽو مٿي پُون" (شاهه). [سن. اُتْڪَرْشْتَ] عمدو – قيمتي. (ث) اوچي ج اُوچيُون.

– **اُوڇاڻ، اُوڇائي:** ث. بلندي – مٿانهين – اُتانهين. وڏائي. فوقيت – برتري.

– **اُوڇي نيڇي:** ث. هيناهين مٿاهين (زمين) "سائر ڏيئي لت، اوچي نيڇي ٻوڙئي" (قاضي قاضن).

• **اُوڇيڙو ج اوڇيڙا (ل):** ذ. مينهن بعد ڦَڪرائي – نوائي – ترڪو.

• **اوڇيهَر:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڇَ ج اوڇُون (ل):** ڪَمينائي – رذالت. خسيسپائي – نيچپائي. مُونجهه – حيراني.

– **اوڇائِي ج اوڇايُون:** ث. ڪمينپ – خسيسپڻو. هلڪائي – ترڙائي. ڪهٽتائي.

– **اوڇُون ٽيڻ:** مُنجهڻ – حيران ٽيڻ "عاقل ئي اوڇُون ٽيا، پورو ڪين پڇي" (شاهه).

• **اوڇاپو:** ذ. [سن. هتيڇا] عنايت – نوازش. امداد. ايڇپو – ٽورو.

– **اوڇاپو ڪرڻ:** ايڇپو ڪرڻ. نوازڻ. اِمداد ڪرڻ.

• **اوڇارڻُ (ل):** مصدر. [سن. اُتْڪْشيپَڻَ] قيءُ ڪرڻ – اُلٽي ڪرڻ – اوڪارڻ. (اوڇاريو – اوڇاريندو – اوڇاريل).

– **اوڇارَ ج اوڇارُون (ل):** ث. قيءُ – اُلٽي – ڪَيَ.

– **اوڇارائِڻُ:** مصدر. "اوڇارڻ" مان متعدي بالواسطه. اُلٽي يا قيءُ ڪرائڻ.

– **اوڇارو ج اوڇارا:** د. اُلٽي – ڪَيَ – قيءُ – اوڪارو.

• **اوڇاڙَ ج اوڇاڙُون (ل):** ث. [سن. اُچْچَدَ = پوش، ڍڪ] چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو جو ميّت جي مٿان وڇهبو آهي. فوتيءَ جي ويجهن عزيزن جو فوتيءَ جي وارث کي چادر وغيره بدران ڏنل عوض – چاڙَ.

• **اوڇاڙو:** ذ. [سن. اُچْچَدَ = پوش، ڍڪ] چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو جو ميّت جي ڪفن مٿان وڇهبو آهي.

• **اوڇا ڪَرڻ (ث):** ڏينهن پورا ڪرڻ. ٽورا ڪرڻ.

• **اوڇانڪُ ج اوڇانڪ:** ذ. اُچانڪ – چالُ. ٽپو. بَل.

• **اوڇائِي ج اوڇائِيُون (ل):** ث. [سن. اُچْچَد] اوڇڻ – ڪَپڙو. چادَر. پوشاڪ.

• **اوڇائِڻُ:** مصدر. ڍَڪائڻ – پهرائڻ – اوڍائڻ.

• **اوڇري:** ث. تهَ. چاڻ (اُٽي جو).

• **اوڇَڙو ج اوڇَڙا (ث):** ز.اڪين اُٽي پوڻ جي حالت – اوبَرُ. گرميءَ سبب اڪين جو اوٽارُ – آشوب چشم.

• **اوڇلو ج اوڇلا:** ذ.صفت. ڪمينو – ذليل. سفلو – ترڙو. بَد مزاَج. پُراڻو – جهُونو. خراب.

• **اوڇنڪارَ ج اوڇنڪارُون:** ث. زور سان روئڻ جي حالت – "آڇو آڇَ" ڪري روئڻ. پار ڪَڍي روئڻ جي حالت – اُڇنگارَ.

• **اوڇنڪارون ڏيڻ:** زور سان روئڻ – پارَ ڪڍي روئڻ. روج ڪرڻ.

• **اوڇنڪارَڻُ:** مصدر. آواز سان روئڻ – ڏاڍيان روئڻ. (اوڇنگاريو – اوڇنگاريندو – اوڇنگاريل).

• **اوڇوڻُ ج اوڇوڻَ:** ذ. [سن. اَوَچْدْ = ڍڪڻ، لڪائڻ] اوڍڻ جو ڪپڙو. ڪپڙو لٽو. ڍَڪُ سمهڻ مهل مٿان وڇهڻ جو ڪپڙو.

• **اوڇو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڇو ج اوڇا:** ذ. صفت. [سن. تُچّ] گهٽ ذات وارو. نيچ – خَسيس – حَقير. ڪمينو – ذليل. بدفضيلتو. (ث) اوڇي ج اوڇيُون "آءٌ تان اوڇي ذات، تون پاڻ سجاڻج سُپرين" (شاهه).

• **اوڇَئو ج اوڇَئا:** ذ. [سن. اُتْسَوَ = شادي، خوشي] شادي. وڏو ڏينهن. خوشي ملهائِڻ جو موقعو. جَلسو (جنهن ۾ سادو

Gul Hayat Institute

فقير كارائجن).

• **اوچيندو ج اوچيندا:** ذ. ڦوڦيندو — ڇلٽو.

• **اوڇت (ڪ):** ٺ. خاتمو.

• **اُودَ ج اُودُونْ (ل):** ث. ٻيل گاڏيءَ جي اڳين ڏڳهي ڪاٺي — پول.

• **اُودُ ج اُودَ:** ذ. [سن. اُدْرَه] آبي جانور جو هڪ قسم — لڏڙو. گهٽو ڪائيندڙ — ڏَڪُوتُ.

• **اُودو ج اُودا:** ذ. صفت. ميرو (رنگ) — پُورو — ڪَڪو — خاڪي. جهڪو (رنگ). (ث) اُودي ج اُوديُون.

• **اُودي ج اُوديُونْ:** ث. شڪار لاءِ ڪَڍِڻو — شڪارين جي ويهڻ جي مخفي جاءِ. جُوجڪي. مرگهي (بيماري).

• **اُوديا:** ث. [سن. اَ = نہ + وديا = علم] بي علمي — جهالت.

• **اُوَڏ:** ث. [سن. اَوَدَ > اَوَ = پري + ڏا = رکڻ، جهلڻ] عرصو — مُدو — حَد — پڄاڻي. آخري عمر. ٻيل گاڏيءَ جي ڏڳهي لٽ (جنهن ۾ پانجاري وهي ڏِڳا جوتجن) — هَرنْهَنْ (ت).

• **اُوَڏُ ج اُوَڏ:** ذ. صفت. [اَ + وَدَڻ > وَڏ] نہ وڏندڙ. پُراڻي وَڻ جو سَلو.

• **اُوَڏُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + بُدّ = سمجهه] اَبُدّ. بي سمجهه. خراب مَت وارو.

• **اوڏ ج اوڏُونْ (ل):** ث. [سن. وُرْدَ = وڏڻ] ڪنهن ٻُوٽي جي اُها تاري جانوڙائي زمين ۾ پُوري چڏجي (جتان اُها تاري پاڙ هٽي ٻئي ٻُوٽي جي صورت ونندي آهي). وڻ جو گوشو يا انگور. پيوند — قلم. واڌ — ماڄ.

— **اوڏ ڏيڻ:** وڏڻ ـ مٽي اڇڻ. گرمي ڪَرڻ.

— **اوڏ لڳائڻ، هڻڻ:** ڪنهن ٻُوٽي جي تاري ورائي زمين ۾ پُورڻ (جتان ٻيو ٻوٽو ڦُٽي نڪري). قلم هڻڻ. پيوند ڪرڻ.

• **اوڏانُ ج اوڏانَ:** ذ. صفت. [سن. اَوَڏانُ > اَوَ + ڏا = رکڻ، جهلڻ] سُڄيتُ — خبردار — ڀهري سُجاڳ [سن. اَوَ ڏاوَن = صاف ڪرڻ] اَنّ جي واڻُر (ل).

• **اوڏانُ:** ث. ["اَڏڻ" > اوڏاڻ] رَئي — دَڙَ — غُبار — مٽي.

• **اُوڏانُ، اُوڏاڻُ:** ذ. [سن. اُدْدانَ = مٽي چڙهيل. اپريل] وڻ جو گوشو يا انگور. اوپڙُ "اُپريا اُوڏاڻ، رُت رسائي سڃٽين" (شاهه جو رسالو). مٽي جا وارَ.

• **اوڏر ج اوڏريون، اوڏرُونْ:** ٺ. [سن. اُدْدار > اُدْ = مٽي + دْر = رکڻ، جهلڻ] اُدار — ڪَٽت. قرض. قرض طور ڏنل رقم. ٻئي ڏي رهيل حساب.

— **اوڏر تي هلڻ:** پراوَن پئسن تي هلڻ. قرض ڪٽي پورت ڪرڻ.

— **اوڏرَ پاڏن سوڏرَ:** ث. قرض پڪو — ڪَٽَت.

— **اوڏر جو ڪاتو:** ذ. اوڏر جي داخلا جي وَهي.

— **اوڏر ڪٽائڻ:** قرض طور ڏيڻ. قرض ڏيارڻ.

• **اُوڏري (ث):** ث. لَجَ — حياءَ — شرم.

• **اُوڏري وَڃڻ:** شرم وڃڻ — لج چڏي وڃڻ.

• **اوڏڻ:** مصدر. [سن. اَدَذاوْ = صاف ڪرڻ] اَنّ صاف ڪرڻ. واڻُرڻ. (لوڏيو — اوڏيندو — اوڏيل).

— **اوڏ:** ث. مصدر. "اوڏڻ" مان اسم. واڻُرَ.

— **اوڏائي:** ث. اَنّ صاف ڪرڻ جو اُجورو.

— **اوڏائڻ:** مصدر. "اوڏڻ" مان متعدي بالواسطه. اَنّ صاف ڪرائڻ — واڻُرائڻ.

— **اوڏجڻ:** مصدر. "اوڏڻ" مان فعل مجهول. اَنّ جو صاف ٿيڻ — واڻُرجڻ — چَنڊجڻ.

• **اُوڏوتُ ج اُوَڏُوتَ:** صفت. [سن. اَوَ = پري + ڏُو = چنڊڻ، ترڪ ڪرڻ] ويراڳي نانگو فقير. سخت زاهد. تارڪ الدنيا "ڪو آدم اوڏوت. سمجهي هن سخن ڪي" (سامي). جنهن دنيا سان لاڳاپا توڙيا هجن. مست — بيپرواهه.

— **اُوڏُوتي ج اُوڏُوتي:** ذ. صفت. اُوڏُوت — اُڏُوتي.

• **اوڏيلَ (ل):** صفت. ڏاکاريل — لوڏيل. بي بَهه.

• **اوڏَّ:** ث. [سن. آرَ] اوڏائي — ويجهائي — نزديڪي.

— **اوڏَّ ڇَڪَ:** ث. پَسگردائي — ويجهي ڇَڪَ — آسپاس — قرب و جوار.

— **اوڏيارَ (ل):** ظرف. اوڏَڙائيءَ ۾ ـ ويجهڙائيءَ ۾ ٽوري وقت ۾. ويجهيءَ ڇَڪَ ۾.

• **اوڏَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اُوڏِ (ت):** ث. ڏکيائي — اَهنجائي.

— **اُوڏ ڪرڻ:** ڏکيائي ڪرڻ — اَهنجائي ڪرڻ.

• **اوڏُ ج اوڏَ:** ذ. صفت. [سن. اوڏِ > اَڏِ = اَڏڻ] اوڏ قوم جو فرد (جي اڪثر مٽيءَ مان جاين جي پٽين ناهڻ جو ڪم ڪندا آهن) "لاکي لٽائي لَک، اڄ پٽ اوڏن کي ڏنا" (غوث محمد شاهه). (ث). اوڏُ ج اوڏٽيُون "اوڏُ اوڏي آءٌ، توکي لاکي ڪوٽيو" (خواجه محمد زمان). اَڏڻ وارو (گهر) — اَڏيندڙ (جايُون). مٽيءَ مان گهر ناهيندڙ. مٽيءَ جون اوساريون ڪٽندڙ. جاهل — بيوقوف — نادان — مُورڪ.

— **اوڏاٽو ج اوڏاٽا:** ذ.صفت. اوڏن وارو. بيوقوفيءَ جو.

— **اوڏڪو ج اوڏڪا:** ذ. صفت. اوڏَ جو — اوڏَ وارو.

Gulliyat Institute

- **اوڈِکو گڈھ بنجڻ (ت):** سخت تڪليف ۾ پوڻ — سخت پورهئي ۾ ڦاهَڻ.
• **اوڏار ج اوڏارَ (ڪ. ک):** ذ. وڃ جي وڌيل پاڙ (جا زمين ۾ هجي) — لاهَ — مُنديو.
• **اوڏانهُن، اوڏانهُون:** ظرف. [او = هُو + ڏانهن = طرف] هُن طرف — هُن پاسي — اُتي — هُن هنڌ — هوڏانهن.
• **اوڏانهُون ج اوڏانهُان:** طرف. ويجهو — اوڏو — قريب. (ث) اوڏانهين ج اوڏانهيون.
• **اوڏانُون، اوڏانُئين:** ظرف. هن طرف — هوڏانهن.
• **اَوڏانڪو ج اَوڏانڪا (ت):** ذ. صفت. بنا ڏاوَڻ جي (اُٺ).
• **اوڏاهر:** ظرف. اوڏانهُن — هوڏانهَن.
• **اوڏاهُون، اوڏاهين:** ظرف. اوڏهين — اُن طرف — هُن پار — هُن هنڌ.
• **اوڏِرو ج اوڏِرَا:** ظرف. (اوڏو + ڙو) ٿورو ويجهو — قدري نزديڪ — اوريرو. (صفت) اوترو نندو — اوترو — ايڏڙو. (ث). اوڏڙي ج اوڏڙيون.
- **اوڏِرائي:** ث. ويجهڙائي — نزديڪي — ويجهي ڇڪ. آسپاس — پسگردائي. ويجهي مائٽي — عزازت.
• **اوڏو ج اوڏا:** ظرف. [سن. اَرَ < آ + رَ = اوڏو] ويجهو — نزديڪ — قريب — اوري "اُپري چنڊ، پَسُ پرين، تو اوڏا مون ڏُور" (شاهه). (صفت) اوترو — اُنهيءَ جيڏو. (ث) اوڏي ج اوڏيُون.
- **اوڏائي ج اوڏايُون:** ث. ويجهائي — نزديڪي. ويجهي ڇڪ — پسگردائي — آسپاس. ويجهي. مائٽي — عزازت.
- **اوڏو ٽيڻ:** ويجهو ٽيڻ — قريب ٽيڻ — نزديڪ اڇڻ. لَهه وڇڙ ۾ اڇڻ — ڳهائل مائل ٽيڻ. اڳيرو ٽيڻ.
- **اوڏو وڃڻ:** ويجهو وڃڻ. نزديڪ وڃڻ. هٿ لائڻ (ڪنهن شيءِ کي). ڪم آڻڻ — استعمال ڪرڻ.
- **اوڏي ڇڪ:** ث. ويجهڙائي — آسپاس — پسگردائي — قرب وجوار.
• **اوڏي (ت):** ظرف. اوڏانهن — هوڏانهن — اُن هنڌ — هُتي.
• **اوڏِياڻو:** اسم خاص. تعقلي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اوڏِيئو ج اوڏيئا (ت):** ذ. وڏو ڪارو.
• **اوڏاڻو (ت):** ذ. وڇوڙو — جُدائي.
• **اوڏِڙ (اوڏُڑ):** ث. [سن. اُدّر = قاڙڻ، ادِيڙڻ] تاکن جي اُکلڻ يا ڪلي پوڻ جي حالت.
- **اوڏِڙو (اوڏُڑو):** ذ. اُدِڙيل ڪپڙو (ت).
• **اوڏِلاڙ ج اوڏِلاڙ (ل):** ذ. اوپالو — ڏوراپو.
• **اوڏَو (اوڏُڑو) ج اوڏا (اوڏُڑا):** ذ. اُدو — خوف — ڊپ — خطرو. انديشو — خدشو. انتظار — اوسيڙو. ڳڻتي — خيال — فڪر — اونو.
• **اوڏيڙ (اوڏُڑيڙ):** ذ. پيٽ واريءَ زال جا اوڪارا — اُديڙ — اُديهَڙ.
• **اَوڏَڙ:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اوڏ:** ث. مصدر "اوڏڻ" مان اسم. اوڏڻ جو ڪپڙو — اوڇڻ. جهَلَ — پناهه. پوشاڪ — سروپاءِ. پوتي — اوڏِڻي (ث). سمهڻ وقت مٿان وجهڻ لاءِ رلي. سَوڙ. وغيره (ل). هنڌن جو ڍڪ (لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ عموماً ڪٺ يا منجهڻ تي رليُون. پٽراٽيُون ۽ سَوڙُون وغيره چوٽيو ويڙهي هڪ ٻئي مٿان ڍڪ ڪندا آهن ۽ مٿان هڪڙي رَلي وجهي سجي هنڌ کي ڍڪي ڇڏيندا آهن).
• **اودا:** اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **اودارڻ (ل):** مصدر. جنڊ جي تانئر مان اُٽو ڪيڻ.
• **اوداٽا (ث):** ذ. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
• **اوداٽو:** اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اوداڻي ج اوداڻيُون:** ث. مانيءَ تي ڏنل ڪپڙو. تحفي طور پهرايل ڪپڙو. ڪپڙن پهرائڻ جو اُجورو — پهراڻي. سوغات (ت).
• **اودُر ج اودَرَ:** ذ. [سن. اُوْرڻ > وُر. اَوْر = ڍڪڻ. پردو ڏيڻ] پردو — ڍڪ — پوش. اوٽ — اولو (ت). جهَل — پناهه. مَنَهُن — ڇپر. ڪنهن جاءِ يا وَٽ جي اوٽ (ڪ). گبرو (ڪ) "تون اودر. تون اودڪو. تون اجهو. تون آڳ" (شاهه). [سن. وودر > وَهْ = هلائڻ] اڳواڻ — پيشوا. راجا. ڳهوٽ.
• **اودَرڪي:** اسم خاص. تعلقي گوني ۽ هڪ ديهه جو نالو.
• **اودَڪو:** ذ. [سن. اَوْر > اُوْرڻ = ڍڪڻ] ڍڪ — پناهه. پاڇو — چانوَ. پوشاڪ (ت).
• **اودلو ج اودلا (ل):** ذ. [سن. اَوْر > اُوْرڻ] اولو — پناهه.
• **اودَڻ (ل):** مصدر. [سن. اوْر > اُوْرڻ = ڍڪڻ. 2. اُپويشْت = ڍڪڻ. ڪپڙا پهرڻ] پائڻ — ڍڪڻ — پهرڻ (ڪپڙو) وجهڻ (اَنگ تي ڪپڙو) هنڌ هڪبئي مٿان سَٽي رکڻ (ڪ).
— **اوڏ:** ث. مصدر. "اوڏڻ" مان اسم. ڍڪ. پوشاڪ. ڪپڙو. هنڌن جو ڍڪ.
— **اوڏائڻ:** مصدر. "اوڏڻ" مان متعدي بالواسطه. ڍڪائڻ — پهرائڻ (ڪپڙا).
— **اوڏجڻ:** مصدر. "اوڏڻ" مان فعل مجهول. ڍڪجڻ — پهرجڻ (ڪپڙا).
— **اوڏڻ ج اوڏڻ (ث):** ذ. مٽي کي ڍڪڻ جو ڪپڙو — اوڏِڻي.
— **اوڏِڻي ج اوڏِڻيُون (ل. ث):** ث. پوتي — رَئو. ڄُڻي. شاديءَ

Gul Hayat Institute

وقت ڪنوار جي ڏکڻ جي چادر.

• **اوڊيجا:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اُوڙ ج اُوڙَ:** ز. صفت. (اَ + وَڙ) جنهن ۾ وَروڪڙ نه هجي — وڪڙ ڪان سواءِ. سنئون سڌو. (ذ) موجَ — مَزو. اَڏوڏائي.

— **اُوڙ ڪرڻ:** موجون ماڻڻ. وڏائي ڪرڻ. آڪڙجي هلڻ.

• **اوڙ (ل):** ث. جُوئر يا باجهريءَ جو لاباري بعد هيو اوڙڙ. پوڪ جي هي مورَ.

• **اوڙ:** ث. [سن. اُدْ، اُرْكَ = اوڙڪ، حد] اصل — منڊ. حَد — پڇاڙي. طرف — پاسو — ڏِس.

— **اوڙناهڻ:** آخر تائين وفادار رهڻ. توڙ تائين رکيا ڪرڻ.

• **اوڙ ج اوڙون:** ث. [سن. جَرائي، اَمَلا] اُهو پَردو ۽ گوشت وغيره جو ويڑ ڪان پوءِ مادي‌ءَ (عورت يا چوپائي) جي پيٽ مان نڪري — جَر.

— **اُور پُوريل هُجڻ:** هَڙهڙاڇڻ — گهمرا ڪرڻ. ڪنهن جاءِ تي دل ڦاٽل هجڻ.

• **اُور:** صفت. [ھ] وڌيڪ — ٻيو. علحدو — نرالو — نَئون. (حرف جملو) ۽ — پڻ.

• **اُورُ:** صفت. رواجيءَ ڪان وڌيڪ. جنهن جو مَٽُ نه هجي "اورُ ڏکندو اُو ٿئي، هادي جنهن حبيب" (شاھ).

• **اُورَ:** ث. [سن. ١. اَرْ = هلڻ، ڊوڙڻ، اڏامڻ؛ ٢. اُرْس = طاقت، زور، شڪتي، ہٻي] هلان — ڪاھ — حملو — جُلهه — چڙهائي. غلبو. هُوڙهيائي. زور — زبردستي "سڀ لڏايا سُومري، عمر ڪري اُور" (شاھ).

• **اُوڙ اُوڙ:** ث. [سن. اَرْ = هلڻ، ڊوڙڻ، اڏامڻ] پکين جو اُڏامندڙ ولَر. قطار — ٻيڙ. ٽولو پکين جو] "اُڏائا اُور ڪري، ڪارين پکين ڪانَ" (شاھ).

— **اُور ڪرڻ:** قطار ڪري اُڏامڻ.

• **اوراتو ج اوراتا:** ذ. [سن. اَرودَن — روج — راڙو — ماتر "اوراتو ٽيندو جڏهين سينگاربا سُپرين" (شاھ). غم — ڏک. آفت — مصيبت.

• **اوراڻڻ، اوراڙڻ:** مصدر. [سن. اَوْر، اَوَرَڻ = ڏيڪڻ، لڪائڻ، پَرڻ، بند ڪرڻ، چوڌاري ويڑهڻ، گهيرو ڪرڻ] اڳيان ڦري اچڻ. اڳيان آڏ ٿي بيهڻ. ڏيڪڻ — پوريڻ — پرڻ (مَٽيءَ سان). پردو چاڙهڻ. بند ڪرڻ (اکيون لَٽ سان). "اکيون لَٽ اوراڻيون، که پر ڪڙيان پير" (شاھ). گهُٽڻ — اُرهاڻڻ. (اوراڻيو — اوراڻيندو — اوراڻيل).

— **اوراڻ:** ث. هيانءَ جي دوري ڪري غشي — بيهوشي — ڏکر. بيهوش ٿيڻ. هنُئين جو وڃڻ.

• **اوراپو ج اوراپا (ث):** ذ. ڏوراپو. عتاب — طعنو.

• **اوراجي، اوراڇي، اوراجو:** ذ. روڄ — راڙو — ماتر. اوراتو "پهرين نه پوڪين، پوءِ اوراجو اُن ڪي".

• **اوراں اورازِ:** ث. [سن. اَوارَ] درياھ جي اورين پَر. اوريون پاسو يا طَرَف "اورار نه پار، هينڙو حيرت ۾ پيو" (شاھ). (ظرف) هِن ڪنڌيءَ — هِن پَر. هِن طرف — هِن پاسي.

— **اوراراں، اوراڙاںَ:** ظرف. اورينءَ پَر ڪان — هن ڪنڌيءَ ڪان "اوراران آهون ڪريان. پهڄان شَال پرار" (شاھ).

— **اورار پَران اورازِ پَرازِ:** ظرف. درياھ جا ٻئي ڪَپ. هن پَر ۽ هُن پَر.

• **اورازَو:** ذ. اوراتو — اوراجو "هي تان هوند مرن، هُن آگَڙ اورازَو ٿئي" (شاھ).

• **اَوراقَ:** ذ. [ع. وَرْقَ ج اوراق] وَرق — پَنا (ڪتاب وغيره جا).

• **اوراڪَ ج اوراڪُون (ث):** ث. ڪائي‌ءَ جو ٽُڪر (جو پوڙ ۾ وجهبو آهي).

• **اورا ڪورا:** ث. هورا ڪورا — هُرڪُر — آڏ ماڏ. ڳٽتي — چنتا.

• **اورانيو ج اورانيا:** ذ. [سن. اَلَمْب] آڌار — ٽيڪ — جهلو. پناھ — آجهو. قرب — پيار — پريت. سڪ. ڪورانيو.

• **اورانگهَڻُ:** مصدر. [اَلَنْگهَن < اُڏُ = مٽي + لَنْگهَ = لنگهڻ] مٽان لنگهي وڃڻ. ٽپي وڃڻ. نه مڃڻ (حڪم). "ڪنڌيءَ ڪوھ ڪيڏان، جهڙ سي اُن اورانگهيا" (شاھ). (اورانگهيو — اورانگهيندو. اورانگهيل).

— **اورانگهَ ج اورانگهُون:** ث. مصدر "اورانگهڻ" مان اسم. ورانگهه — ہرهانگ.

• **اوراڙو ج اوراڙا:** ذ. [سن. اَوَ = مٽي + لَلْ = کيڏائِڻ، ڪوڏائڻ] اولاڙو — لولي. ہار ڪي نند ڪرائڻ وقت پريائڻ جي ہولي. ماتا ۾ ورتل ہار اڳيان "ديوي ماتا" جي تعريف ۾ ڳائڻ جو گيت. ڳٽتي — پُورَ — اُليلَ (ت).

• **اوراهون، اوراڻون:** ظرف. اور پَرو — اوڏرو — اورتي "آءٌ اوراهون سپرين، وڃ ۾ پراهون" (شاھ).

• **اورائِڻُ:** مصدر. [سن. اَ + سمرڻ] مُٽي ماڻهوءَ جي يادگيري ڏياري رُوڙڻ. (اورائيو — اورائيندو — اورائيل).

• **اُوربو:** ذ. [ڏانڪي] قُرب — محبت.

• **اوڙپ ج اوڙپون (ل):** ث. ننڍي رڙ (جا اجا وياڻي نه هجي) — وڏي گهيڙي

Gul Hayat Institute

• **اورَپرو:** ظرف. ٽورو اورتي — ٽورو ويجهو.
• **اور پور (ک):** ث. آج وَڃ. رَلَ ٻَڻ.
• **اورَت (ک):** ظرف. اورتي — وَيجهو — اوريان.
• **اورَتاهونْ، اورتَئُونْ:** ظرف. اورپرو — ويجهڙو — اوڏڙو.
• **أورَ ٽو ج أورٽا (ل):** ذ. صفت. [سن. أوَ = پري. هيٺ + أرْتَ = مَطْلب] أجايَو — بيفائدو (ڪم) — رايگان.
• **اورٽو ج اورٽا (ث):** ذ. گهوڙي جي اڳيان گاهه رکڻ جي جاءِ.
• **اوْرَج (ث):** ث. حياء — لَڄ — شرم.
• **أورجا ج أورجائُونْ:** ث. جَمارَ — عُمر.
• **أورُڄ ج أورْڄَ:** ذ. صفت. [أ = نہ + ورجڻ > ورج] جو ورجي يا بيزار نہ ٿئي — اُٽڪُ — محنتي. ڪَڪِ نہ ٽيندڙ (ڪم مان). لاڳيتي ڪوشش ڪندڙ.
— **أورجائي:** ث. ورجڻ يا ڪَڪ نہ ٽيڻ جي حالت. بيزار نہ ٽيڻ جي حالت. لڳاتار ڪوشش. اُٽڪ محنت.
• **أورَڙ (ل):** ث. [سن. اُڙ = هلڻ] تکي دوڙ — رُومڙ (جانور جو. حملي لاءِ). يلغار. حملو.
• **اورڙو ج اورڙا (ث):** ذ. ڪکائين لاڏي — ڇُونرو. اُها جاءِ جنهن جي چت نرين واري هجي.
• **اُورڙي:** ث. بيماريءَ جو قسم (جنهن ۾ ٻُت تي سنهان داڻا نڪَرندا آهن) — ننديِ ماتا — اُرڙي.
• **اورَسو (ث):** ذ. اُٺ جي ٻوٽ هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪنڌ تي مهار اُڇلڻ جو فعل (انهيءَ طريقي سان اُٺ جي ڪنڌ کي هيٺ ڪري مهار ناکيليءَ ۾ وجهندا آهن).
— **اورَسو اُڇلائڻ:** اُٺ کي ناکيليءَ ۾ مَهار وجهڻ لاءِ مهار اُٺ جي ڪنڌ تي اُڇلڻ. واجهَ وجهڻ.
• **أورَڪ ج أورَڪُونْ (ل):** ث. وڏو مينهن — گهاٽو مينهن — سخت برسات — اَوريڪ.
• **اورڪڻ:** مصدر. [پرا. اُوَ لَڪَ: سن. اُپلَڪْشڻ] ـ سُجاڻڻ — جاچي ڏسڻ "اکين سوئي اورکيو. جو ڪنين سُئومَ. ڪَرَنَ" (شاهه). (اورکيو — اورکيندو — اورکيل). اوڙڪڻ. اورگهڻ.
— **اورَڪ:** ث. سجاڻپ — واقفيت — پَچاڻ.
— **اورَڪاڻ (ث):** ث. سجاڻپ — جاڻ — واقفيت.
— **اورڪائڻ:** مصدر "اورڪڻ" مان متعدي بالواسطه. سجاڻپ ڪرائڻ.
— **اورڪِجَڻ:** مصدر. "اورڪڻ مان فعل مجهول سجاڻجڻ.
— **اورڪُو ج اورڪُو (ث):** ذ. صفت. ڪنهن ماڻهوءَ جي پَتي ڪيڻ لاءِ اُن جي پٺيان لڳي پوندڙ. جاسوسيءَ جي ارادي سان گهُمندڙ.
• **اورَگ ج اورَگ:** ذ. رهاڻ. وندر لاءِ ڳالهه هولهه. پيار — دل جو قرب. پيوند — سَهَڻ. مشغولي. گذارو "آرياڻي اورگ. پنيوران بَهر ٽي" (شاهه).
• **اورگهڻ (ل):** مصدر. [سن. اَولوڪُ = ڏسڻ. نهارڻ: پرا. اُولُڪَڪ] اورکڻ. اوڙڪڻ. سُجاڻڻ — جاچي ڏسڻ. ڳولڻ. اورانگهڻ "ڪاڪ وٽن سان. اوٽين گهٽو اورگهي" (شاهه ڪريم). (اورگهيو — اورگهيندو — اورگهيَل).
• **اور گهوڙ اوري گهوري:** ظرف. قربان — صدقي — گهوري.
• **اورَل:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو. [انگ oral] زباني (امتحان).
• **اُورَلُ:** ذ. صفت. جنهن جي وڃ ۾ وٽي نہ هجي. گهاتو — ڳُنڍيل. مُسَلْسَل. لاڳيتو.
• **اورمو ج اورما:** ذ. [هـ. اورما: سن. اُورْمي] بخيي جو هڪ قسم. مولهُ ورائڻَ. اوٽي — ٻُهي. ڪپڙي جيَ وٽ تي سيبو — اولمو.
• **اُورَن:** ث. [سن. اُوْنَ = اوٽو. گهٽ] أٽائي — گهٽتائي — ڪمي. (صفت) گهٽ — اُوٽي. خالي.
• **أورَنْگُ ج أورَنْگَ:** ذ. [ف] تخت — گادي. بادشاهي.
• **أورَنْگزيبُ:** اسم خاص. (تخت جي زينت) مُغل گهراٽي جو چهون مشهور بادشاه محي الدين عالمگير (وفات ۱۷۰۷ ع).
• **أورَنْگزيبي، أورَنْگشاهي:** ذ. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.
• **أورَنْگ آباد:** اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۽ جيڪب آباد تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **أورَنْگابَنْدَرُ:** اسم خاص. ڪکرالي پرڳڻي (شاه بندر سب ڊويزن) جو هڪ آڳاٽو مشهور بندر (جتي گهٽائي اهل االله دفنيل آهن. تحفة الڪرام).
• **أورَنْگي:** ث. راڳ (موسيقي) جي ٽيويهن آوازن مان هڪ آواز.
• **أورَنْگهَ:** ث. [سن. أوَ + لَنْگهـ] برهانگ — وڪ — ورانگهه.
• **أورَنْگهَ ج أورَنْگهَ (ت):** ذ. آج وَڃ جي جاءِ. لنگهڻَ جو هَنڌ. لنگهُ.
• **اورَڊ (ت):** ث. صفت. جنهن سان حال اور جي — حال محرم — همدرد. پياري. (اسم خاص) عورت جو نالو.
• **اورَڻُ:** مصدر. [سن. آوَرْتَنَ = وري وري چوڻ يا ڪرڻ. اپياس. مشق] ڏڪ سُڪ جو احوال ڏيڻ — سوُرَ بيان ڪرڻ. دل جو

Gul Hayat Institute

حال ڏيڻ ڳجهي ڳالهه ڪرڻ. حال بيان ڪرڻ. حال وندڻ. ٺهڪندڙ پاڻيءَ ۾ چانور وغيره وجهڻ (ت). چيچڑي ۾ ڪمند وجهڻ (ل). (اوريو — اوريندو — اوريل).

— **اورَ:** ث. مصدر. "اوڙڻ" مان اسم. بيان — ڏک سُور جو احوال. حال احوال ٻڌائڻ جي حالت. وندر — گفتگو. چيچڑي ۾ ڪمند وجهڻ جي حالت (ل).

— **اورَ اورڙ:** ڏُک وندڻ — دل جا احوال ۽ درد ٻڌائڻ. مخفي راز کان واقف ڪرڻ.

— **اورُون اورڙ:** ڏک سک جو احوال ڏيڻ — دل جون ڳالهيون ٻڌائڻ.

— **اورو ج اورا (ل):** ذ. صفت. چيچڑي ۾ ڪماند وجهندڙ.

• **اورو:** ذ. [سن. اُوْرڻ = ڍڪڻ] پردو ڏَڪ "ڏيئي ويڙو پاڻ کي، اَورِ دِيا جو اورو" (سامي).

• **اُورو ج اُورا (ل):** ذ. صفت. خراب طبيعت وارو — اَڏنگو — اهنڌ.

— **اُورو پاسو (ل):** ذ. ڇوپائيءَ جو نہ ڏُهڻ وارو پاسو.

• **اورواري:** ظرف. [سن. اَوارَ] اورين پَر — هن طرف — اوراڙ.

• **اورَهَ ج اورهَ (ت):** ذ. اَرهَ. سينو (عورت جو).

• **اورهاٽڻ (ت):** مصدر. پاڪَڻ ۾ چيپاٽڻ (اورهاٽيو — اورهاٽيندو — اورهاٽيل).

• **اورَهاڙو ج اورَهاڙا (ل):** ذ. ڪَچو جاوَل ڦَر.

• **اورهٽ ج اورهٽ:** ذ. پيڙ — سوڙهه. تڪليف — ايذاء.

• **اورهُون:** ظرف. اوراهون.

• **اوري، اوريان:** ظرف. [سن. اَوَرَ] هن پاسي. اورتي — ويجهو — نزديڪ — قريب "پري، پَريان" جو ضد.

— **اوري پَري ٽيڻ:** هيڏانهن هوڏانهن ٽيڻ گهلجڻ. ڍِڪا ڏوما کائڻ. اندر باهر ٽيڻ. هلاڪ ٽيڻ. آتو ٽيڻ.

— **اوريون ج اوريان:** ظرف. هن طرف وارو. اوڏو — ويجهو. "پَريون" جو ضَد. (ث) اورَينْ ج اوريُونْ.

• **اوري:** صفت. [هـ] پاسخاطري ڪندڙ — رياڪار. رڪيا ڪندڙ. (ث) ڇڇهري.

• **اُوري ج اُوريُونْ:** ث. [سن. اَ + وَلَ] اَوَلي — ڏکيائي — مشڪلات — تڪليف. مَصيبت — شامت. بدبختي -- نياڳ. چيهو — نقصان — تونو. ڏنڊ.

• **اُوري (ڪ. ٽ. ڪ):** ث. اُرڙي — ننڍي ماتا.

• **اوريڪ ج اوريڪُونْ:** ث. سخت برسات — وڏو مينهن. برسات جو هوَا سان گڏ سَخت وسڪارو. طوفان سان گڏ مينهن. چوهو (بارش جو). مينهن ۽ پاڻيءَ جي ٻوڏ. اَتَلَ. طوفان. انتها — حد (ت). مصيبت — آفت.

— **اوريڪ ڪرڻ (ت):** ڏاڍي تڪليف ڏيڻ.

— **اوريڪ ۾ پوڻ (ت):** مصيبت ۾ پوڻ. ڪنهن ڏکئي معاملي ۾ ڦاسڻ.

• **اوڙ، اوڙِ ج اوڙُونْ، اوڙيون:** ث. هر جي چوٽيءَ جو ليڪو — چونيءَ سان کيڙيل زمين جو هڪ سنڊو. هر جو نشان "هاڻائج هنڌين ۾، الف سندي اوڙِ" (شاهه). اڪر (لس).

— **اوڙ ڇڏڻ (ت):** بيجا ڳالهائڻ. نامناسبت روش وٺڻ.

• **اُوڙِ (ت):** ث. اوٽ — پروسو — آڏار.

• **اُوڙَ اُوڙِ:** ث. [سن. آولي] قَطار — تولو (پکين جو) — اُورَ.

• **اوڙاتَ (ث):** ث. پاسي پر ڪرڻ جي حالت.

— **اوڙاپو ج اوڙاپا:** ذ. ڏوراپو. مهڻو — طعنو. اتڪل — چالاڪي (ت).

• **اوڙاپو ڏوراپو:** ذ. طعنو تَنَڪو — مهڻو طعنو.

• **اوڙاڪَ (ث):** ث. پُوڻ جي وڃين کائي.

• **اوڙاهُ ج اوڙاهَ:** ذ. [سن. اَرْڻ، اَدَ ڏ= اونهو سمند] اونهو پاڻي — پاڻيءَ جي اونهائي "منجهه تنهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهُ جو" (شاهه ڪريم). درياءَ جو ڪُنن وارو هنڌ. درياءَ جو اونهو تر. ڪُن. اونهي ڪنڊ.

• **اوڙَڪَ، اُوڙَڪَ ج اوڙڪُون، اُوڙَڪُون:** ث. پُري — نڪ. پاڙو — قبيلو. آکه — ڪٽنب. مائٽي — عزازت. سخت برسات — اوريڪ — گهاٽو مينهن. آڙَ — جهَلو — اجهو (ڪ).

• **اوڙَڪ:** ظرف. [اَدْرَكَ] پچاڙيءَ تائين — توڙ سُوڏو "اوڙَڪ اُهائي، ڳولي لَهن ڳالهڙي"، "اوڙَڪ اُنين جو نہ رهي، آر بنا ارواح" (شاهه).

• **اوڙَڪ:** ذ. [سن. اَدْرَكَ] پچاڙي — توڙ — نڏان. ڇيهه — دنگ — انت. پُڄاڻي — خاتمو. عاقبيت. درياءَ جو ڪنارو (ت). (صفت) ڳجهُو — اُونهون.

— **اوڙَڪ دس:** ث. پرانهين جُوءِ ـ ڏورانهون هنڌ.

— **اوڙَڪ زَمين:** ث. ڏرتيءَ جي آخري حد. زمين جو ترو.

— **اوڙَڪ ڪرڻ (ت):** نڏان ڪرڻ — دنگ ڪرڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. ظلم ڪرڻ.

• **اوڙَڪڻ (ت):** مصدر. وَرت (رسي) جو پُوڻ تان لهڻ.

• **اوڙَڪاڻ، اوڙَڪاڻِي (ٽ ل):** ث. سُجاڻپ — واقفيت. ملاقات.

• **اوڙِڪڻ:** مصدر. [سن. اُپلَكْشَنْ] سُجاڻڻ. پَروڙڻ. معلوم

Gul Hayat Institute

ڪرڻ. جاچي ڏسڻ. اورڪڻ. (اوڙڪيو — اوڙڪندو — اوڙڪيل).

— **اوڙڪيتو (ت):** ذ. صفت. سُجاڻو — واقف.

• **اوڙڪ:** ث. سخت برسات — اوڙڪَ — اوريڪ.

• **اوڙڻ، اوڙڻُ (ت):** مصدر. آئڙڻ — وٽڻ — پَسند پوڻ. (اُوڙيو — اَوڙيندو — اَوڙيل).

• **اوڙو:** ذ. [سن. اَوْرْڻ] سنيالَ — چيتَ — خبرداري.

— **اوڙو ڪرڻ:** چيتي هلڻ — خبرداريءَ سان هلڻ. سنيال سان پير کڻڻ.

• **اوڙو ج اوڙا:** ذ. [سن. اَپنودَ] ڪپڙي مان ٺهيل گدو، يا مئل پکي (کان٭) جو پوک مان پکين کي پجائڻ لاءِ تگيندا آهن — مُوئرو. پيهي تي اُس کان بچاءَ لاءِ ننگيل ڪپڙو (ت). اٽڪل — چالاڪي (ت). [سن. آوْرْڻ] چانئٽ ـ ٻَٽيو. سَردرو. درجي چوڪٽ. لوڙهو. سرحد — دنگ. ڪٽڪ يا سارين جي سَٽري (ت). متر. ڪٽڪ، وغيره جي وَل جو ڊِگ (ت).

— **اوڙو ٺاهڻ:** اٽڪل ڪرڻ — چالاڪي ڪرڻ. زماني جي هلت موجب هلڻ. ڏوڪو ڏيڻ.

• **اُوڙو ج اُوڙا (ل):** اُٺ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ننگن ۽ ڪوڙي جي وڃ ۾ ڪوڙهو ٽيندو آهي).

• **اُوڙي ج اُوڙيُون (ل):** ث. اُٺ جي ڪوڙي ۾ نڪتل ڪوڙهو (بيماري).

• **اوڙو پاڙو:** ذ. [اوڙو < اوڏو + سن. پريتوش = پاڙو] آسپاس وارا گهر. پسگردائي — آسپاس — ويجهي ڇڪ.

— **اوڙو پاڙو اُجائي ڏيڻ:** پاڙيسرين کي بيزار ڪرڻ. آسپاس ۾ آزار مچائڻ.

— **اوڙي پاڙي جو ننگ رکڻ.** پاڙي پتيءَ وارن جو حياءَ ڪرڻ. پاڙيسرين جي لج رکڻ.

• **اوڙهانڊ (ل):** ذ. ننڍڙي ڪَنڊي (وٽ).

• **اَوڙي:** ث. صفت. ڪُوڙي — بي وَڙي "اَوڙي. نہ اُن سين، سَنئين نہ سيٽان" (شاھ).

• **اوڙيهَر (ت):** ث. سنهي يا ٿورڙي برسات (جنهن جو پاڻي فقط اوڙن ڪي پري).

• **اُوزَ (لس):** ث. [اوج < اوز] زُوم — تيزي — جلدي "جان آيو ڪامل ڪاڪ جو، منجهان اُوز اُچل".

• **اوزارُ ج اوزارَ:** ذ. [ع. وزْر ج اوزار] ڪنهن به ڪاسبيءَ جي ڪم ڪرڻ جو تپڙُ — هُنري هٿيار. آله ـ هٿيار. جنگي هٿيار.

— **اوزارَ ٻڌڻ (ت):** ڪورين جي اصطلاح ۾ تاجيءَ جي تندن ۾ سُٽَ جا ڪڙا وجهڻ.

• **اُوزانَ:** ذ. [ع. وَزَنَ ج اَوزانَ] وزن — وَٽَ. ماپا. شعر جا بحر.

• **اُوزْبَڪ:** اسم خاص. [ترڪي] هڪ تاتاري قبيلي جو نالو. (صفت) بهادر — پهلوان.

• **اُوزبَڪيُون بَڪڻ:** مغروريءَ سان ڳالهائڻ. ڏاڙون هڻڻ.

• **اَوسَ (ت):** ث. [سن. اَوَسْ] مينهن ۾ نہ ٽمندڙ ڇت.

• **اُوسَ:** ظرف. [سن. اَوشَ] ضرور — پڪ — يقيناً. لاچار — نيڻ. بيوسيءَ جي حالت ۾. ڪنهن به صورت ۾. هر حالت ۾. هروپرو — خواهه مخواهه.

• **اُوسَ:** ذ.صفت. [سن. اُوشَ] بيوس لاچار — مجبور — بيواهو. ويچارو.

• **اوسَ:** ث. [سن. اَوَشيا] ماڪَ — هاڻَ. ڏُنڌ — لڙات (آسمان جو). [سن. اُشَڻ] اُساڻ. گرمي — تؤ — سيڪُ (ت).

— **اوسَ چڑهڻ (ت):** گرمي چڑهڻ (بدن تي).

• **اوسُ ج اوسَ:** ذ. [سن. اوشَ] گرمي — تابش — سيڪ. تَونس. اُساڻ. ڪاوڙ — غصو. [سن. اَوْجس] تجلو — چمڪو (لس). [ڏاڪي. اُوس < سن. اُدَس] چوپائيءَ جي تَٽن جو مٽيون حصو — اوهڙ (ت).

• **اوسا ج اوسائُون:** ث. ڪَڏَ — ڪامو (ل). فالَ (ڪ).

• **اوساڻَ:** ث. اَجَ — تاسَ — اُساڻ. پيچ جي ضرورت (پوک کي).

— **اوساڻ ڪَرڻ:** تپش ڪرڻ. گرميءَ سبب ٻنيءَ ۾ سوکڙو اچڻ. کير ڏيندڙ چوپائيءَ جو گرميءَ سبب کير گهٽائي وڃڻ.

• **اوسارَ:** ث. [سن. اپارَ] ڏِک سان لنگهه جي جاءِ. ورانڊو. اَجهو — آڌار — آسرو "تُرهو چِن م تارَ ۾، اچج تون اوسار" (شاھ).

• **اَوسارَ (ت)، اَوسارَ:** ذ. [سن. اَوَرْشَڻ] خشڪ سالي — برسات نہ پوڻ جي حالت. مينهن جي اُٽاٽ — اوسَرُ. ڏڪار قحط.

• **اوسارَڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + سْر = سرڻ = مٿي ٽيڻ] مٿي کڻڻ (پت) — اوساري کڻڻ — ناهڻ (پتَ) — اَڏڻ — جوڙڻ [سن. اَ + سَمْرَڻ] مري ويل کي ياد ڪري روئڻ — پار ڪيڻ — ماتر ڪرڻ. مري ويل جو ن وصفون بيان ڪري روئڻ (عام طرح ٻه زالون اوساريندیون، جيئن "موڙن ويلي ماريس ڏي، واڌوڙيل وري آءٔ" ۽ ان جي پٽيان ٻيون عورتون وراڻي ڏينديون تہ "الله هاءِ هاءِ، جن جي عرش مٿي اوچنگار").

— **اوسارَ:** ث. مصدر. "اوسارڻ" مان اسم. پِت جي جڙائي يا اَڏَپ — اوساري. پت تي سرن يا مٽيءَ جو دور. زالن جو مئل ماڻهوءَ جي يادگيريءَ ۾ روَج — پارَ.

— **اوسارائڻ:** مصدر. "اوسارڻ" مان متعدي بالواسطه. پار ڪيائڻ — ماتر ڪرائڻ.

Gul Hayat Institute

– **اوسارو ج اوسارا:** ز. پارَ – فوتيءَ جون ماتم ۾ بيان ڪيل وصفون.
– **اوساري ج اوساريُون:** ث. پٽ جي اڏاوَتَ يا جڙائي. پٽ تي سرن يا منّيءَ جو دور.
• **اوساڪُون ڪَرڻ (ڪ):** برسات جي موسم ۾ چوپائي مال جو آسمان ڏانهن نهارڻ.
• **اوسامَرَ:** ث. درياءَ جي موج. درياءَ جو چاڑهه يا وهڪرو.
• **اوساماڻُ:** مصدر. نانگ جو ڏنگ هٽڻ "اُتي اوساماءِ، جتي جاءِ نه جَڙيءَجي" (شاهه).
• **اوسامَڻُ:** ذ. بيسٽ مان ٺهيل هڪ قسم جو ڪاڏو.
• **اُوسانْ ج اُوسانَ:** ذ. [سن. اَوسان] پچاڙي – حد – پُڄاڻي – موت. هوشُ – سمجهه – حوصلو – حواس.
– **اُوسانَ خَطا ٽِيڻ:** حواس باختہ ٽيڻ – وايون بطال ٽيڻ – حوصلا خطا ٽيڻ.
• **اُوسانُ:** ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. عادتون – لڇڻ. نشانَ. رنگ رُوپ.
• **اوسانُ (ت):** ذ. ٽهڪندڙ چانورن جي گجي يا ڦيڻ.
• **اوساءِ (ل):** ث. ڦوٽن پيل زمين (آلي زمين سڪڻ بعد چيرجي پوندي آهي).
• **اُوسْتا، اُوسْتاءُ:** ث. [سن. اَوسْتا < اَوَ + ستا = بيهڻ] دوام – پختگي. عُمر جو حال يا دور (حياتيءَ جا چار دور آهن. ٻالپڻو، جواني، مُڙسي ۽ پيري). وَهي. عُمر – جمارَ.
• **اوسْتا:** اسم خاص مسلمانَن جي هڪ ذات جو نالو.
• **اوْستائينْ:** ظرف. اُنهيءَ هنڌ يا اُنهيءَ وقت تائين. اُنهيءَ حد تائين – تيستائين.
• **اوسْتو ج اوسْتا:** ذ. [ف. اوسْتاد] ڪاريگر (ڪم جو) – اُستو.
• **اُوسْتا:** ث. [سن. اَوسْتا] وهي – عمر – اوستا.
• **اوس پاس:** ظرف. آسپاس – چوطرف.
• **اوسَر:** ث. [اُسرڻ = وڌڻ، وڌو ٿيڻ] وڌي گابي – وَهُڙي.
• **اوسَرُ ج اوسَرَ:** ذ. [اُسرڻ (سن. اُدْ = مٿي + سَرْ = سرڻ، هلڻ) > اوسْر] واڌ – اوپر. اوڙَ (ت). (سفر تي) روانگي – تياري. ["اوسارڻ" > اوسَرَ] ماتم – روڄ. ٻائيتال – سڪَ – ڇڪَ (لَس) "سُهٽي گهڙي تي سير ۾، ڪنهن عشق جيَ اوسر" (عزت باکڙو). اورانيو – هيڄ (چوپائيءَ جو ڦَرَ ڪان سواءِ ڪنهن ماٹهوءَ يا ڏٽيءَ تي). مرٽي جي رسمن پنيان خرچ (ت). شڪار جو هڪ نمونو (جنهن ۾ جهنگ جا تي پاسا يا گهَٽَ بندي، چوٽين پاسي ڪان جانور کي اندر هڪلي قاسائيندا آهن). شڪار جي مُهارَي. لوڏَ – تڙَ – شڪار لاءِ گهٽن ماٹهن جو هجوم. حَملو (ت). شڪار قاسائڻ لاءِ پَکڙن جي اَڏپ. پنجوڙن يا ڪوڙڪن جي اَڏپ. وهه – موقعو – مهل.
– **اوسَر جو شڪارُ:** ذ. شڪارين جي اصطلاح ۾ ميدان يا جهنگ ۾ جانورن جا گهٽ جهلي شڪار ڪرڻ جو طريقو.
• **اُوسَرَ:** ذ. [سن. اَوَرشَڻْ] برسات نه وسڻ جي حالت. برسات جي ڪمي. سوڪَ – خُشڪ سالي. برسات نه پوڻ سبب ڏُکار "اَوسر آسائُون اُتي گوندر گڏيا" (شاهه). تنگي – اٹاڪ. مصيبت. شامت – بدبختي.
• **اُوسَرَ:** ث. ڪلراٹي زمين. غيرآباد زمين.
• **اوسراڻ، اوسراڻُ (ذ):** ث. اُسراڻ – معافي – بخشش. موڪ – نجات. واڌَ ـ اوپر.
• **اوسراڻ ڪَرڻ:** بخش ڪرڻ – معاف ڪرڻ. اُسرڻ (نباتات).
• **اوسَرَڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + سْر = سُرڻ، هلڻ] اُسهڻ – روانو ٿيڻ – وڃڻ. [سن. اُشْ] جلڻ سَڙڻ (گرميءَ ۾). اَس ۾ سڙڻ. اُسرڻ – وڌڻ. (اوسريو – اوسرندو – اوسريل).
• **اوسري ج اوسريُون (ت):** ث. درَجي مٿان برسات يا اُس کان بچاءَ لاءِ ڇانَو – ڇڇهري. لاڙيءَ يا ڇونڙي اڇيان ڪکائون دالان.
• **اوسَڙُ ج اوسَڙَ (ل، ت):** ذ. علاج – دوا درمل. چوپائي مال جو علاج. اوڙَ (ل).
• **اوسڙڪَڻُ:** مصدر. اُس ۾ رُلڻ – اُسڙڪڻ. پٽڪڻ. انتظار ڪَرڻ – اوسيڙو ڪرڻ.
• **اوسڙَڻُ:** مصدر. [سن. اَشَڻَ < اُشْ = سڙڻ] اُس ۾ رُلڻ – پٽڪڻ. انتظار ڪرڻ – اوسيڙي ۾ رهڻ "مُنڌ مَ مَنَهنْ ويهه، آيي اوسڙا اُس ۾" (شاهه ڪريم). پاهه ٿيڻ (بک ۾).
• **اوسڙو ج اوسڙا:** ذ. تَڀُ – ٽيڙُ – اَڇلَ – لَڙ (ڪينهوڙي جو) – ٽينگ. اُس سَببان تپش – اُس جو تاءُ.
– **اوسڙو ڏيارڻ:** تپ ڏيارڻ – ٽيڙ ڏيارڻ (ڪينهوڙي ڪي)
• **اُوسَطُ:** صفت. [ع] وچ وارو – وچ جو. وچولو – درمياني. معتدل. موزون – مناسب.
• **اُوسُڪ:** ذ.صفت. بي آرام – اَسُڪ.
• **اوسنو ج اوسنا:** ذ. صفت. [ع. اَسَنَ < آسن = بانسي پاڻي. بدبودار] پاڙوٽو – بانْسي – ڏپ وارو. بيسوادو – سواد

Gul Hayat Institute

قريل. بي لذت. آڪو ــ نڪو. (ث) اوسني ج اوسنيُون.

- **اوسنائي:** ث. بيسوادائي ــ پارو ٽائي. بَدبُو. آڪائي ــ نَڪائي.

• **اوسَو ج اوسا:** ذ. [سن. اُشَنْ. اُشمه] گهٽي اُوساتَ. گرمي ــ تپش. چوپائي مال جي هڪ بيماري (جنهن ۾ پاڻيءَ جي تانگهه گهٽي ٿيندي آهي). اوسيرُو ــ ڳڻتي ــ فڪر. اونو ــ اُلڪو.

- **اوسو ڪرڻ (ڪ):** اولڪو ڪرڻ ــ ڳڻتي ڪرڻ ــ فڪر ڪرڻ.

• **اوسو پاسو ج اوسا پاسا:** ذ. پاسو ڪُنڊ ــ پَر پاسو. آس پاس ــ پسگردائي ــ گردونواح. اوڙو پاڙو.

- **اوسي پاسي:** ظرف. آسپاس ــ ويجهيءَ ڇڪ ۾.

• **اوسواڙ (ث):** اسر خاص. هندن جي هڪ ذات (جي اڪثر جين دَرمَ جا پوجاري آهن).

• **اوسهَ، اوسهه:** ث. فال ــ فال جو سَوَڏُ "اِيءِ اوسهه پائيان. ڪارڻ وڃجاري" (شاهه).

- **اوسهَ مَڳڻ:** ڇڳي وائي گهُرڻ. فالُون وجهڻ ــ سوڏ ڳڻڻ.

• **اوسهَ (ت):** ذ. بارُ. دِڳ ــ دڙو.

• **اوسيءِ (ل):** ث. فال ــ اوسهه.

• **اُوسي (ت):** ث. ذڪر ــ گفتگو ــ ڳالهه ٻولهه. خراب ڳالهه. بدشگون.

• **اوسَيرُ ج اوسيرَ (ت. ڪ):** ذ. هر ڪاهڻ جو هڪ طريقو. وراڻو (هر جو).

• **اوسيڑَڻُ:** فَعل مجهول. انتظار ڪرڻ ــ اوسيڑي ۾ گذارڻ. فڪر ۾ گهاڙڻ. سيڑڻ ــ دير ڪرڻ. (اوسيڑيو ــ اوسيڑبو ــ اوسيڑيل).

• **اوسيڑو ج اوسيڑا:** ذ. [سن. اُسْكه + ڙو] اَنتظار ــ اُدڪو ــ اونو. فڪر ــ ڳڻتي ــ چنتا "اوسيڑي ارمان ۾، وهامي ويئي" (شاهه).

ــ **اوسيڑائتُ، اوسيڑائتو:** ذ. صفت. انتظار ۾ ــ منَتطر.

ــ **اوسيڑو ڪَڍڻ:** تڪليف سهڻ ــ جاکوڙو ڪڍڻ. جفا سهڻ.

• **اُوسَي گوسي (ث):** ث. تاندو تويي ــ ٽهل ٽڪور.

• **اوسَيلا:** اسَر خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اوسَينْ:** ظرف. اُن وقت تائين ــ اُن جاءِ تائين.

ــ **اوسَين تائين، سُوڏو:** ظرف. اُنهيءَ هنڌ تائين ــ اُنهيءَ وقت تائين.

• **اوسينْسو ج اوسينْسا (ث):** ذ. وهاڻو.

• **اَسَيْنوَنْڙو:** ذ. پارُ ــ مرثيو. روڄ.

• **اوشُ:** ذ. [سن] جَل ــ ساڙ ــ ڪام. چمڪو ــ روشني. مَڄ. باهه جو جهلڪو. ماڻهن جو ميڙ.

• **اُوشَڏ:** ث. [سن] دوائي ٻُوٽي. جَڙي ٻُوٽي.

ــ **اوشڏ آليه:** ذ. دواخانو ــ شفاخانو.

• **اُوشِ گوشِ (ت) ذ.** صفت. بي دِليو.

• **اُوشواسُ:** ذ. [سن. اَ + وشواسَ] بي اعتمادي ــ بي اعتباري ــ بي ويساهي. شڪ ــ گمان.

ــ **اوشواسي:** ذ. صفت. بي اعتبار ــ بي ويساهو.

• **اوصافُ:** ذ. [ع. وصْف ج اوصاف] وصفون ــ گڻ. خوبيُون. جوهَر. خصوصيتُون. عادتُون ــ لَڇَڻ ــ اخلاق. تعريفون. ڪمالات.

ــ **اوصافَ حَميده:** ذ. ساراهيل وصفون. وٽندڙ گڻ.

• **اوصافُ ج اوصافَ:** ذ. خوبي ڪارج. فائدو اميد (فائدي پهچڻ جي). حمايت ــ جهلو. آڌارُ. بدلو (ت).

• **اوطاقُ ج اوطاقُونْ:** ث. [ترڪي. اوطاق = ڪوٺي. تنبو. دالان] گهَرجي جاءِ ڪان سواءِ باهر ڪچهريءَ جي جاءِ. مهمان خانو. منزل ــ مڪان "آڇين جي اوطاق، مون سارينديَ سپرين" (شاهه).

ــ **اوطاقي ج اوطاقِي:** ذ.صفت. اوطاق ۾ ترسيل ــ ٽِڪيل ــ رهيل. دوست ــ يار. آرامي ــ ٽانيڪو.

ــ **اوطاقي ٽِيڻ:** مهمان ٽيڻ ــ قيام ڪرڻ. ٽِڪڻ.

• **اوغانُ:** ذ. هڪ قسم جي راڳڻي (جنهن ۾ سنڌي ڪافيون ڳائين) ــ "پيلو" سان ملندڙ راڳڻي.

• **اوغانُ:** ث. [ف. فغان] آهه ــ دانهن.

• **اوڦَڙَ:** ث. [سن. اَپَرِجت،اُدْوُرتَ] ڏاريو ــ اوڦتو ــ اجنبي ــ بيگانو. رُونگ ۾ ــ مٽان زياده. گهٽ اڳهه ۾ ــ سستو.

• **اوڦِتو ج اوڦِتُو:** ذ.صفت. [سن. اُدْوُرت] فالتُو ــ زياده ــ وڌيڪ. اجنبي ــ ڏاريو ــ بيگانو ــ غير ماڻهو.

• **اَوقاتَ:** ذ. [ع. وَقْتُ ج اوقاتَ] خيال ــ پُورَ "جن کي اوقات عشق جا، تن ساندِئ سُور ٽيا" (رمضان ڪنبر). قُرڀي طبيعت ــ ٻه چتائي.

ــ **اَوقات اُڇڻ:** خيالَ اڇڻ ــ پُورَ اڇڻ. پهه پوڻ.

ــ **اَوقاتي ج اَوقاتي:** ذ. صفت. خيالن وارو ــ پُورالو.

• **اَوقاتُ:** ذ. [ع. وقْتُ ج اَوقات] سنڌيءَ ۾ واحد طور مستعمل لفظ. وقت ــ ويلو ــ مهل. ڏکيو وقت ــ مصيبت. ضرورت ــ گهرج. پجندي ــ حيثيت.

ــ **اَوقات بَسري:** ث. (ع. اوقات + ف. بسر ڪردن) وقت جو گذارو. ڏکيو سکيو وقتُ ڪاٽڻ جي حالت.

ــ **اَوقات ڪَٽڻ:** مصيبت پوڻ. گهرج پوڻ.

• **اوقافُ:** ذ. [ع. وَقف ج اوقاف] خيراتي جايون وغيره (جي خير جي ڪمن يا مذهبي ڪمن لاءِ مخصوص هجن.

Gul Hayat Institute

جهڙوڪ مسجدون، مقام، مسافرخانا، وغيره).

• **اوقيانُوسُ:** اسم خاص. [ع] هڪ سمنڊ جو نالو (جو يورپ ۽ آمريڪا جي وچ ۾ آهي). اٽلانٽڪ وڏو سمنڊ.

• **اوڪ:** ث. مصدر. "اوڪڻ" مان اسم. اُلٽي — ڪَيَ. اوڪارو. وسڪارو "مند ٽِي مندل وڃيا ڪئي اوهيرن اوڪ" (شاهه). پَلٽ. صبح جو ڪوهه مان پهرئين واري ۾ نڪتل پاڻي (ٽ).

— **اوڪ آڇڻ:** ڪنهن شيءِ ڪان نفرت اڇڻ. ڪراهت آڇڻ.

— **اوڪ اوڪاڻ:** ث. پلٽ پَلٽان (پاڻيءَ جي). اوت اوتان.

— **اوڪ موڪ:** ث. جالارو پاڻي — گهٽو پاڻي (پوڪ ڪي).

• **اُوڪ:** ث. [هـ] پُلَ — چُڪ — غلطي. دانهن — ڪُوڪ. وڏو سڏ.

• **اوڪارَ:** ث. اوڪارو — اُلٽي.

• **اوڪارُ (ل):** ذ. اُڪرڻ جي جاءِ لانگهو — لنگهه. گهيڙ.

• **اوڪارڻ:** مصدر. [سن. اُدْگري] اُلٽي ڪرڻ — ڪَيڻ — قيءَ ڪرڻ. اُڀڙڪڻ — اوڪارا ڏيڻ. ٽهڪائڻ (ٽ). ڪاڙهڻ (گوشت). آڏارڻ (ت). معمولي ڪاڙهڻ(ڪ). [سن. اُتْڪَرشَنَ = مٽي چڪڻ، باهر ڪڍڻ] اُڪارڻ — پار ڪرڻ "ڪين اوڪارين سانوڻ مينهن، جيئن منجهه ڏينهن رات" (گل). روڪڻ — جهلڻ. (اوڪاريو — اوڪاريندو — اوڪاريل).

• **اوڪارو ج اوڪارا:** ذ. [سن. اُدْگري] اُڀڙڪو. قيءَ — ڪَيءَ — اُلٽي.

— **اوڪارا ڏيڻ:** قيءَ ڪيڻ — اُلٽي ڪرڻ.

• **اوڪاڙي (ٽ):** ث. سُتي ڪاڙهو.

• **اوڪاسُ ج اوڪاس (ل):** ذ. گهَٽ — گهيڙ. لنگهه — دروازو.

• **اوڪاسَڻُ (ل):** مصدر. [سن. اَوَڪاش = نظر، نهار] نهارڻ — جانچڻ. سڪ يا انتظار مان نهارڻ. (اوڪاسبو — اوڪاسيندو — اوڪاسيل).

• **اَوَڪاسَ:** ث. انتظار — اوسيڙو.

• **اوڪاشُ:** ذ. [سن. اَوَڪاشَ < اَوَ = هيٺ + ڪاشَ = نهارڻ، چمڪڻ] نظر. واندڪائي. وهه. وڃوٽي — فاصلو. وڃون وقت.

• **اوڪامَڻُ (ٽ):** مصدر. بند ڪيڻ (برسات) _ اوڪائڻ. (اوڪاميو — اوڪامندو — اوڪاميل).

• **اوڪائڻ:** مصدر. بند ڪيڻ (مينهن وسڻ، اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ) "لال جنين نہ لوءِ، تن جون اوڪاٽين نہ اکيون"(شاهه). (اوڪاٽيو — اوڪاٽيندو — اوڪاٽيل).

• **اوڪائِڻُ:** مصدر. [سن. اُتْڪَ. پرا. اُڪّ] موڳو ڪيڻ — موڳائي ڏيڪارڻ. مينهن جو وسڻ بند ڪيڻ "اُنين سندي سُور، اَبر اوڪائي ويو".

• **اوڪرِ:** ث. [سن. اُتْكَر] اُڪَر — چتسالي. ٽوري پاڻيءَ واري ڪوهي.

• **اوڪرُ:** ذ. [سن. اُتْكر] پاڻيءَ مان لنگهڻ واري وات. لانگهه ڏکيو گهيڙ. اُڀڪپري چاڑهي. نيڪال. اوڪاسُ. چاڑهي - مٿانهين (ت). ڏکي چاڑهي (ت). پروسو (ل). موڪ — نجات.

• **اوڪراڙِ (ٽ):** ث. اُلٽي — قيءَ.

• **اوڪراڙو:** اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڪرَس (ت):** ث. گهُٽَ — اُهَس — اُڪرَس (ل).

• **اوڪرَڙَ (ل. ڪ):** ذ. ڪار ۾ صابڻ جو ڪڙهيل پاڻي (جنهن ۾ ميرا ڪپڙا ٽهڪايا ويا هجن).

• **اوڪرُو:** ظرف. [سن. اُدْ + ڪُتَ = تڙو ٻُڌڙ] پيرن تي (ويندل — ڪڙين پر (ويندل).

— **اوڪرُو ويهڻ:** پيرن پر ويهڻ — اُپڪرُو ويهڻ — ڪڙين پر ويهڻ.

• **اوڪُسي ج اوڪُسيُونْ:** ث. وادِڪي ڪم جو هڪ اوزار - ڪائينَ کي گولائيءَ ۾ گهڙڻ جو رندو.

• **اوڪَمُ (ت):** ذ. نند مان چرڪ پري سجاڳ ٽيڻ جي حالت.

• **اوڪَمُ:** مصدر. [سن. اُدگري] اُلٽي ڪرڻ — قيءَ ڪيڻ — اُچل ڪيڻ — اوڪارَڻ. (اوڪيو — اوڪيندو — اوڪيل).

• **اوڪو ج اوڪا:** ذ. [سن. اُتْكَنْكَ] ڪاهي — خندق. ڪوهيءَ مان پاڻي ڪيڻ جو سَنْڍُ — پاڻيءَ جو ٻوڪو.

— **اوڪ:** ث. جاچ — تحقيقات.

— **اوڪ پوڪ:** ث. جاچ جوچ — تپاس.

• **اوڪ ٻوڪ:** ث. پچا ڳاڇا — جاچ جوچ — تَفحّص.

• **اُوڪ:** ث. ڏکيائي — اُوڪائي — تڪليف. "سَوڪ" جو ضد.

— **اوڪ ٽيڻ:** تڪليف ٽيڻ — ڏکيائي ٽيڻ. عورت کي حيض اڇڻ(ٽ).

• **اُوڪ ج اُوڪ:** ذ. [سن. اَ + سُک] اهنج — تڪليف. سُور — ڏک — درد. سوڙهه. نازڪ وقت — اوکي ويلَ. "سَوڪ" جو ضد.

— **اُوڪ سَوڪ:** ذ. ڏکيائي سُکيائي — ڏک سُک.

• **اوڪا پوڪا، اوڪِيا پوڪِيا:** ذ. چورا ڪورا — هُر ڪُر — اُڻ تڻ — آنڌ مانڌ — ڳڻتي. انتظار — بيقراري. ڪَم ڪاربون. ڏنڌا ڏاڙي.

— **اوڪا پوڪا، اوڪِيا پوڪِيا لاهڻ:** هُر ڪُر لاهڻ — سڀ ڪم ڪاربون لاهي مطمئن ٽيڻ. انتظار دفع ڪرڻ. ڪم ڪار لاهي واندو ٽيڻ.

• **اوڪاڻ:** ث. [سن. وياكِيانَمْ] جاڻ. سُجاڻپ — واقفيت. اُهج. مثال.

• **اوڪاڻڻ:** مصدر. [سن. وياكيانَ = سمجهائڻ، مثال ڏيڻ] سُجاڻڻ — جاڻڻ. اُهيجاڻ ڏيڻ. مثال ڏيڻ. واقفيت رکڻ. (اوڪاڻيو — اوڪاڻيندو — اوڪاڻيل).

Gul Hayat Institute

– **اوکاڻ:** ث. جاڻپ. اُهجاڻ. مثال. گِلا.
– **اوکاڻو ج اوکاڻا:** ذ. جاڻ. سُجاڻپ – اوکاڻ. پهاڪو – چوٽِي (ٿ).
• **اوکائي ج اوکائِيُون، اوکايُونْ:** ث. ڏکيائي – اَهنجائي – اَوَلائي. تکليف – مشڪلات. مونجهارو – پريشاني. "سَوکائي" جو ضد.
• **اوکَت (ٿ)، اوکَتُ:** ذ. دوا – دارون – علاج. لاهيارن کي لاڳيءَ کان وڌيڪ ڏنل آنّ سنگ وغيره. اوڳاڙي – قوڙي (لس) ڏکيائي (لس).
• **اوکَپ:** ث. اَوکائي – ڏکيائي – اَهنج. تکليف. گهرج – ضرورت.
• **اوکَد:** ث. دوا – علاج.
• **اوکَڙ ج اوکَڙ:** ذ. [ف. آخور] جهجهوگاهه (ل) چوپائي مال جو ڪائي اوباريل گاهه – اولڙ (ت). گند – ڪچرو (ڪ).
• **اوکِراڻ (ل):** ث. ڪراڻ – ڪرجڻ.
• **اوکَڻ، اوکَڙ (ل، ڪ):** ث. خشڪ هوا. گرم هوا – لُڪ – جهولو. ڏکڻ اُلهندي جي هوا – واهُوندو (ل).
• **اوکِلائِي (ڪ):** ث. اَهنجائي – اَوکائي. حرڪت بازي – لُڇائي.
• **اوکو ج اوکا:** ذ. صفت. [سن. اَ + سُک] ڏکيو – اَهنجو – اَڻائو – مشڪل – ڪٺن. تکليف وارو. "سوکو" جو ضد. (ٿ) اَوکِي ج اوکيُون.
• **اوکِي ج اوکيُون:** ث. ڏکيائي – مشڪلات – اَهنجائي. تکليف. ڏکيءَ مَهل – تکليف واري وقت "سوکي پائڻي سَيڪو. اَوکيءَ تون آڏار".
– **اوکِي سَوکِي:** ث. ڏکِي سُکي ويل – هر وقت.
– **اوکِيءَ ويلْ:** ظرف. ڏکئي وقت ۾ ـ مشڪلات ۾.
– **اوکيون سَوکيُون ڪرڻ:** مشڪلاتُون آسان ڪرڻ.
• **اوگ:** ث. [سن. اوگهه] وَهُڪَ – ريلو (پاڻيءَ يا پگهر جو).
• **اوگاتَ (ٿ):** ث. ڪاڌل گاهه – اولڙ.
• **اوگاڙ (ٿ):** مصدر. اڌ ۾ چڌيل ڳالهه شروع ڪرڻ. وري چوڻ – ڏهرائڻ (ڳالهه).
• **اوگارُ (ڪ):** صفت. اجايو – بيفائدو (هلڻ).
• **اوگاڻي، اوگاڻِي (ت):** ث. بيجا هلت. اَڻ وٽندڙ چال.
• **اوگاهُ، اوگاهَ:** (ف. گاه = وقت) بي وقت "گاه اوگاه' اچڻ. محويّت – غلطاني. ٽهيءَ ۾ پَوڻ جي حالت. بيخودي. (صفت) اونهو – عميق – اَٿاهه (پاڻي).
– **اوگاهه ۾ پوڻ:** ٽهيءَ ۾ پوڻ – خيال ۾ محو ٿيڻ – غلطان ٿي وڃڻ.
• **اوگاهُ ج اوگاهَ:** ذ. [ف. آگاه] شاهد – گواهُ.
– **اوگاهي ج اوگاهيُون:** ث. آگاهي – خبر ثابتي. شاهدي – گواهي "چي عيبنَ اوگاهيون ڪري، جي در د ڏين دانهن".
• **اوگائِي ج اوگايُون (ڪ):** ث. [سن. اَوَ = خراب، اَجايو + گدْ = گَالهائڻ] هڪ جي ٻي – اٽپورو جواب.
– **اوگايُون ڪرڻ:** هڪ جي ٻي ڪرڻ – اٽپورا جواب ڏيڻ.
• **اوگُت:** ث. [سن. اَوَ = خراب + گَت = حالت] خراب گت. اَسُونهندي هلت. اَڻگي هلت. اَڻگي روش. هندن جي رسم موجب، ڪريا ڪرم ڪان سواءِ موت (جنهن ۾ پراڻي سرڳ ڪان محروم رهي).
– **اوگُتيو:** ذ. صفت. هندن جي رسم موجب، اُهو پراڻي جو ڪريا ڪرم ڪان رهت ٿي مري.
• **اوگِرائي ج اوگرائِيُون، اوگِرايُون:** ث. [سن. اُدْ گارَ: ف. آروغ] اوگِرائي – ڏِڪار.
– **اوگرايُون ڏيڻ:** ڏِڪارُون ڏيڻ – ڏوڙهئڻ.
• **اوگرو ج اوگرا (ت):** ذ. ڪوهه مان مٿي ڪيڏ جي جاءِ. ڪڏ. (صفت) گهٽو ڪائيندڙ – پيٽوڙي.
• **اوگنائڻ (ٿ):** مصدر. ٻڌڻ (دانهن) – اونائڻ "سڏ اوگنايو سرتيون، قاسر! لايو ڪَن" (خليفو نبي بخش). (اوگنايو – اوگنائيندو – اوگنايل).
• **اوگنيئو ج اوگنيئا (ٿ):** ذ. سون يا چانديءَ جو هڪ قسر جو گُهه (جو فقط مرد ڪنن ۾ پائيندا آهن).
• **اوگڙ ج اوگڙ:** ذ. [سن. اَوَ = هيٺ، گهٽ + گڙ = خوبي] خراب لڇڻ – بچڙي خصلت – بدعادتَ. بچڙو ڪر. عيب – گهٽتائي – نقص – بُرائي.
– **اوگڙو ج اوگڙا:** ذ. صفت. خراب لڇڻ وارو – بدعادتيو – بدلڇٽو. عيبدار.
• **اوگڙڻ (ٿ):** مصدر. اَنّ چڙڻ (اُکريءَ ۾ وهي مُهريءَ سان ڪُٽڻ). (اوگڙيو – اوگڙندو – اوگڙيل).
• **اوگهو اوگا:** ذ. صفت. [سن. اَوَ = ڪان پري + گيا < جْيا = جاڻڻ] موگو – ڪُند ذهن – منجهيل. متين موڙهو. اَڻ جاڻ – بي سمجهه – مورڪ. چريو.
• **اوگِي ج اوگِيُون:** ث. صفت. "اوگو" جو مونث. موگي – چري "چو لوگِي چڌيئي اَرٽ اُلاٽي" (شاهه). (ٿ) ويڙهيل تاجي (ت). (صفت) سموري – سڄي (ل).
• **اوگهڙ:** ث. [سن. اُدگهڙشْ] مصدر. "اُگهڙ" سان اسر. اُگهڙ جي حالت. صفائي. چند ڦُوڪَ. مَهَڪَ. [سن. اوگهڙ] وَهڪ – ريلو. سَٽو. مُجو "جيڏيون منهنجي جان تي ڪيا عشق انگور: چٽي پيا چاتيءَ تي ڪري اوگهڙ اُور" (سانوٽ).

Gul Hayat Institute

– **اوگهه پوگهڻ، سوگهڻ:** ث. چنڊ ڦوڪ. مَهٽ سَهٽ. بچيل کاڌو (جو ٽاڻڻ مان اُگهي ڪيجي). بچت سچت. اوپر سوبر.

• **اوگهٽ:** ث. [سن. اُدْ + گهَٽ] گهٽتائي. پڌرائي "آٽو ۾ اوگهٽ، شال کانڌ ڪنهن جي نه ڪري" (شاهه).

• **اوگهٽ ج اوگهٽ:** ذ. صفت. [سن. اَوَ + گهَٽْ] اُپڪپرو – اُتانهون. بيبدولو – اَڊنگو. اُٽانگو – ڏکيو. کهرو – ناهموار.

• **اوگهٽو:** خريدار.

• **اوگهڙ:** ذ. چوپائي مال جي هڪ بيماري (جنهن ۾ اوهه سُڄي پوندو آهي، منجهانئس کير بدرنا پاڻي وهندو آهي). چوپائي مال جي اوهه جي سوج (ڪ).

• **اوگهڙڻ:** فعل مجهول. کير ڏيندڙ جانور جو اوهه سُڄي پوڻ (پوريءَ طرح ڏهائي نه ڪرڻ سبب يا ڪنهن زهري جيت جي چڪ سبب). بدهاضمو ٿيڻ (ت). (اوگهريو – اوگهريو – اوگهريل).

• **اوگهڙڻ (ڪ):** مصدر. سُست ٿيڻ – ٽوٽي ٿيڻ. گدلو ٿيڻ. (اوگهريو – اوگهرندو – اوگهريل).

• **اوگهڙ، اوگهڙ ج اوگهڙن، اوگهڙيون:** ث. [سن. اُدْ + گهٽ] اُگهاڙپ – عرياني – بي پردگي – ننگائي. پڌرائي (عيبن جي).

• **اوگهر (ٿ)، اوگهڙ (ل):** ذ. آگر – گهُٽ – جس. گرمي. برسات کان اڳ هوا بند ٿيڻ جي حالت – آڙنگ.

• **اوگهمو (ت):** ذ. اوگهر. گرمي. گهُٽ.

• **اوگهو ج اوگها:** ذ. صفت. برک – فائق. چهيلو – نزاڪت اورو – زيبدار – سُهڻو – حَسين.

• **اوگهيتو ج اوگهيتا (ت):** ذ. صفت. سدائين بُگير.

• **اوَل:** ظرف. [ذ] پهريائين – اڳ ۾ ـ منڊ ۾ ـ شروعات ۾ "اَول اَللّٰه عليم اعلىٰ، عالم جو ڏٺي" (شاهه). (صفت) پهريون – ابتدائي – منڊوارو. آڳاٽو – اڳوڻو. مقدم.

– **اَول آخر:** ظرف. اڳي پوءِ ـ پس پيش – نيٺ "اول آخر آهه، هلڻ منهنجوَ هوت ڏي" (شاهه).

– **اَول درجي جو:** محاورو. پهرئين نمبر جو – سڀني کان سُنو – اُوجي ۾ اُوچو. سڀني کان وڌيڪ (بدمعاش).

– **اَوَل شَب:** ث. رات جي شروعات.

– **اَوَلِيّت:** ث. سبقت – اڳرائي.

– **اَوَلِين:** صفت. پهريون ئي پهريون سڀ کان اڳ.

– **اَولْ:** ث. درياءَ جي مٿاڇري تي ترندڙ ڪک ڪانا. اُهي ڪک ڪانا جي وهُڪَ جي وڪڙ ۾ اچي يا ڪنهن روڪ سبب هڪ هنڌ گڏ ٿين. روڪ – بندش. جنجل – مصيبت.

– **اولَ پتڻ ٽيڻ:** هيٺ مٿي ٽيڻ – گهُمرين ۾ اچڻ (جيئن پاڻيءَ جي گهُمري ۾ ڪ ڪا نا يا ڪائيون هيٺ مٿي ٽين). ڏکا ٽاپا کائڻ. بيزار ٽيڻ. رُلڻ.

– **اولَ پتول:** ظرف. هيٺ مٿي – اول پتڻ – دربدر.

– **اولَ جي ڪائي:** ث. اُها ڪائي جا پاڻيءَ ۾ پئي پئي هلڪي ٽي وڃي. هاندي.

– **اولَ ڪري بيهڻ:** پاڻيءَ ۾ ڪن ڪچرو تري بيهڻ. رڪاوٽ ڪري بيهڻ.

• **اولَ ج اولُون:** ث. [سن. اوْلَه] ضامن طور ڏنل ماڻهو – عوضي. ضمانت – يرغمال. [سن. اَرْتَر] ونجهه – ڳن – سُکان. [سن. اُلْوَل] وڏي لهر – موج "هڪ لکيي ٻيو نينهن، آٽي اوليس اولَ ۾" (شاهه). اُها ڪائي جا پاڻيءَ ۾ اولجي ڏَنِ ڇڏي ويئي هجي – هاندي. بندش – روڪ. واهَر (ت). ڏَکُ – بَنْدُ (ت). اوتَ. پُري – بُڻ – نسب. [سن. اَيَل] اوتَ – مصيبت. الاهي نعمت – برڪت.

– **اولَ پوڻ:** مصيبت پوڻ. گڙا وسڻ. برڪت پوڻ. الاهي نعمت حاصل ٿيڻ.

– **اولَ ۾ ڏيڻ:** ضامن طور ڏيڻ – گهه ۾ ڏيڻ.

– **اولف ۾ وَڃڻ:** ضامن طور وڃڻ.

– **اولَ ورائڻ:** باسيل رقم ڏيئي، يا ڪيل انجام پاڙي ضامن کي ڇڏائڻ. (طنزاً) کيپ کٽڻ.

– **اولُون ٽيڻ:** دربدر ٽيڻ – ڏِکا ٽاپا کائڻ – اول پتڻ ٽيڻ. بيزار ٽيڻ.

– **اولُون ڪرڻ:** جنائون يا جاڙون ڪرڻ 'متان مونکي چڏيين، ڪري آرياڻي اولون" (شاهه).

• **اولُ ج اولُ:** ذ. [سن. اُپلا] کنڊ جو ڳوڙهو. صاف ٽيل کنڊ جو گولو – اولو [سن. اولَ] آلو – پُسيل – گهميل. آدوڪو.

• **اُولْ:** ث. پوک جو دوباره اوپڙ (ت). تمام گهٽو واءُ مينهن (ڪ).

• **اولاد، اُولادُ ج اولاد، اولادَ:** ذ. [ع. وَلَدَ ج اولادْ] سنڌيءَ ۾ واحد طور متعمل لفظ. پيٽ جائو (پُٽ) – وياءُ، هار ٻچا – عيال – ڇٽيا.

– **اُولاد آدَم:** ذ. آدم جو اولاد. انسان ذات.

– **اُولادي ج اُولادي:** ذ. صفت. اولاد وارو – هارن ٻچن وارو – ٻچڙيوال – عيالي.

• **اولاڙ (ت):** ث. ڏيکاءُ – ڏسڻ جي حالت.

Gul Hayat Institute

- **اولار کائڻ (ت):** قد بت ۾ تکڙي واڌ ڪائڻ.
- **اولارائڻ:** مصدر "اولارڻ" مان متعدي بالواسطه. اُلَر ڪرائڻ.
- مصدر "اولَڻ" مان متعدي بالواسطه قاسائڻ – پکڙائڻ. لوڙهائي ڇڏڻ.
- **اولارڻ:** مصدر. [سن. آ + لاڀ] اُلارڻ –ڏک هٽڻ لاءِ هٿ، لکڻ وغيره سنئون ڪرڻ. (اولاريو – اولاريندو – اولاريل).
- **اولاري ج اولاريُون:** ث. [سن. اَ + لاڀ] حملو – ڪاهه – جُلَهه. ترڻ ۾ ڪليل ٻانهنَ جو لامارو. ڏيڪاءُ. هڪ ٽڪ نهارڻ جي حالت (ت).
- **اولاري پائڻ:** هلان يا حملو ڪرڻ. لامارو ڏيڻ. ترڻ مهل ٻانهون ڪولي اُڇل ڏيڻ.
- **اولاري ڏيڻ (ت):** يڪدم قدم ۾ وڌي وڃڻ. قد ڪرڻ. وڌڻ.
- **اولارِجَڻ:** فعل مجهول. [سن. اُدْ + لاڀ] اُلڙڻ – ڪتل شيءِ ڏري ٽيڻ. گهرگهلو ٽيڻ. ڪرڪٽو ٽيڻ – اُڪڙجڻ. (اولاڑيو – اولاڑبو – اولاڑيل).
- **اولاڑُ (ل):** مصدر. اُلوڙڻ – اُڪوڙڻ. (اولاڑيو – اولاڑيندو – اولاڑيل).
- **اُولاسارُ:** ذ. گندرف. اَنولاسار.
- **اُولاکُ ج اُولاکَ:** ذ. [ترڪي . اولاغ] آڳاڻي وقت ۾ سنڌ ۾ ٽپال پهچائيندڙ گهوڙو يا اٺ (ـ ابن بطوطه). بار بردار جانور – وهٽ. چڙهيءَ جو جانور – سُواريءَ جو جانور.
- **اولاکو ج اولاکا:** ذ. [سن. اُلْکا = شعلو، باهه، اُماڙي] سازُ – پُڄ – ڪامَ – ساڙو. اُلڪو – فڪر – ڳڻتي "اولاکن اڇي، معذور تي مارو ڪيو" (شاهه). پريشاني، رولڙو – ڏوجهرو. مصيبت "تو پجاڻان سپرين، آيم اولاکو" (شاهه). تڪليف انتظار. ڏک.
- **اولا نُبا، اولا نُيو ج اولا نُبا، اولا نُيا:** ذ. [ع. اِلْهاب] باهه. هريل بُنبي. عشق جي آگ. باهه جو پڙڪو. ڇيڻ – اُلو. جذبو اُدمو. [سن. اُپالَمْبَ] اوپالو – طعنو – مهڻو.
- **اولانگڻ:** مصدر. [سن. اُلَنْگهن] اورانگهڻ ريٽڻ (حڪم) – انحرافي ڪرڻ.
- **اولانگهَ (ت):** ث. رستو. عام رستو.
- **اولانڻ، اولائڻ:** مصدر. [سن. اُدْ + لاڏْن] اُڪيلڻ – اُڪوڙڻ (چرخو) "سڃڻ ڏئو جن، تن اَرٽ اولائي ڇڏيا" (شاهه). سنج وغيره لاهڻ. "پلاڻڻ" جو ضد. پاڪڙو لاهڻ "پلاڻيان پيو، اولائيو نه اُٽيي" (شاهه). بند ڪرڻ (ڪم). ڪم وسارڻ. (اولائيو – اولائيندو – اولائيل).
- **اولائو ج ارلائا (ل):** ذ. ص . بنا پلاڻ جي (وهٽ) – پلاڻ لٽل (اٺ) -چڙواڳ (مال).
- **اولائو ج اولائا:** ذ. [سن. اُدْ = متي + لَلْ = لڏڻ] هار کي ڪُڏائڻ يا ڪيڏائڻ وقت عورتون جيڪو گيت چون. لولي – اوراٽو. پار – اوسارو "سسئي کي سڏ ٿيو، اسان اولائو" (شاهه).
- **– اولائا اورَڻ:** اوسارا چوڻ – پارَ ڪيڻ روئڻ.
- **اولائي ج اولائيُون:** ث. سبب – منْهُن – بهانو (ت). ڪائين جي لَڏَ (ت). مٽي ڇڪ (لوڪ گيتَن جي) – اوناٽي.
- **– اولائي ڪَرڻ:** سببَ ٺاهڻ. نمونو يا منهُنْ ڪرڻ.
- **اولَت:** ث. نڪاح ٻڌي زال – جوءَ (ل). بي ايماني – خيانت (ت).
- **اولجَڻ:** مصدر. "اولڻ" مان فعل مجهول. هيڏانهن هوڏانهن ٻڌڻ. پاڻيءَ جي لهرين ۾ هيڻ مٽي ٽيڻ. ٽلڪجڻ "جي ٻڌان تہ ہن، مَرا اولجان اَنَ پار ڏي" (شاهه). (اولجندو – اوليو – اوليل).
- **اولڙ اولڙِ (ث):** ذ. اُهو گاهه جو چوپائي مال کائي بچايو هجي – اوبارو گاهه. ڪن ڪچرو.
- **– اولڙ سولڙُ (ڪ):** ذ. ڪن ڪچرو – گند گوڙ (صفت) گاڏڙ ساڏڙ – گوجڙ.
- **اولڙو ج اولڙا:** ذ. آرسيءَ، شيشي يا پاڻيءَ جي سطح تي سج جو عڪس – پُرتَو. تروڻ جي موٽ – تڙڪو – ڏئو – پاڇو. ٻارڻ جي هڪ بيماري (جا سج جي تابش ڪري ٿئي).
- **اولڙِکو ج اولڙِکا (گ):** ذ. طهارت ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو ٽاڻ.
- **اولَ گهولَ:** ظرف. قربان – صدقي – اوري گهوري.
- **– اولَ گهولَ ٽيڻ، وَڃڻ:** پاڻ کي خوشيءَ وجان اُڇلڻ (اولڻ) ۽ گهورڻ (گهولڻ). محبت وجان ڪنهن لاءِ پاڻ پتوڙڻ. ٻلهار ٽيڻ – قربان ٽيڻ – صدقو وڃڻ.
- **اولِمو:** ذ. [سن. اُوْرمي] بخيي جو هڪ قسم. ڪپڙي جي ڪنار تي سيبو – اوتي – ٻُهي – اُرمو (ل).
- **اولَڻ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٽي + لَلْ = هيڏانهن هوڏانهن هلائڻ] رولڻ – تولڻ ٻڌائڻ – دربدر ڪرڻ. ٽلڪائڻ. ڏِکڻ (ٻيڙيءَ کي اولي سان) – ٽيلهڻ "الله اول مَر اُن جا، ٻيڙا مٽي ٻيٽ" (شاهه). ٻيڙيءَ کي لهوارو ڪرڻ. خَفا ڪَرڻ – پريشان ڪرڻ. قاسائڻ – اَڙائڻ. بند ڪرڻ (ڪم). لاهڻ (پلاڻ). مال پهرائڻ وقت ڏراڙ جو سُر سان هونگارڻ (ل). لِکائڻ – گم ڪرڻ (ت). خيانت ڪرڻ (ت). (اوليو – اولينڊو – اوليل).
- **اولَڻ:** ذ. ڪک ڪانا وغيره جيڪي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ڏکجي ڪناري سان لڳي بيهن (ڪ). مانيءَ سان ڪائڻ جو گُنڊڻ (ٿ).

Gul Hayat Institute

• **اولو ج اولا:** ذ. [سن. اَوَرَڈ] پردو – ڍڪ. پناھ – اَجھو اوت "وارث وري تن، اڇي شال اولو ڪري". ڪڪائين ڪنڊي – پَتر. مال جي لاءِ ڪڪائون ڇَنو – ڇَپَرُ. پاڇو – ڇانوَ. وسيلو (ت). پَکو – پُونگو "ڍولا! اولا نہ سھان، آڏا اڏيئي جي". [سن. اُرْتَر] ھيڙيءَ جو ڳُنَ – ونجھ "سڙھ سنوان، لاڇو نوان، اولا جنين عاجَ" (شاھ). پوک مان پکينَ کي ڊيڄاري ڇڏڻ لاءِ ٽنگيل پکي – اوڙو – ڏيکائُو گُڏو. ڏک – غم – تکليف (ت). اونو – اُلڪو – خيال – ڳڻتي (ت). خوف – ڊپ (ل). [سن. اُپَلَ] برف جو ڳندیو – ڳڙو. ڪند جو گولو. ريڄائين زمين ۾ ھيڻاھين ڪُندَ (ت).

– **اولا اڏڻ:** پٽيون ٻڌڻ – ويريون وڇھڻ. پکا اڏڻ – پونگا ٺاھڻ.

– **اولا لاھڻ:** غم لاھڻ – ڏڳ تارڻ. سڪون لاھڻ. ڳڻتيون لاھڻ.

– **اولائتو ج اولائتا (ت):** ذ. صفت. پَاسيرو – ڳڇھو – لِڪَ ۾. اَجھي ھيٺ – ڍڪ وارو.

– **اولو رکڻ (ت):** اوٽَ ڪرڻ. اَٽڪل ڪرڻ – بچاءُ رکڻ.

– **اولو ڳرڻ (ت):** اوت ڏيڻ. سبب بنائڻ. اڇو ڪرڻ.

– **اولي پوڻ (ت):** ويڇھو پوڻ – پرسان اڇڻ.

• **اَوَلو ج اَوَلا:** ذ. صفت. [سن. ١. اَوَ = خراب + وَلْ = ورڻ، پرڻ؛ ٢. اَرالَ = ڏنگو] اَوکو – ڏکيو – اھنجو – اَٽائو – مشڪل – ڪَٺن. اَبتو (ڪم). خراب (رستو). "سَوَلو" جو ضد. (ث) اَوَلي ج اَوَليُون.

– **اَوَلائي:** ث. ڏکيائي – اَھنجائي – اَوکائي. ڏنگائي.

– **اَوَلا پوڙ وڇھڻ (ت):** ڏکيا شرط وڇھڻ. قاسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

– **اَولا پيرَ ڪَٽڻ:** اَڏنگا پير ڪٽڻ – خراب روش ھلڻ – خراب ھلت ھلڻ.

– **اَولو سَولو:** صفت. ڏکيو سُکيو. اَبتو سُبتو.

– **اَولو سَولو ڏڪ لڳڻ:** بيخبريءَ ۾ يا اوچتو نازڪ ھنڌ تي ڏڪ لڳڻ.

• **اُولُو الْاَبْصار:** ذ. صفت. [ع] بصيرت وارا – عقل ۽ سمجھ جا صاحب.

• **اُولُوالْاَلْباب:** ذ. صفت. [ع] دلين جا صاحب – اَھل دل.

• **اُولُوالْاَمْر:** ذ. صفت. [ع] حڪم جا صاحب – حاڪمَ. بااختيار ماڻھو.

– **اُولُوالْعَزْم:** ذ. [ع] پڪي ارادي وارا. استقلال جا صاحب.

• **اُولوالْعَزْمي:** ث. [ع] ثابت قدمي – اِرادي جي پختگي. ھمت – جرات – اَستقبال.

• **اُولَڙ:** ث. پاڇي پيتي (ث).

• **اُولَھَ:** ذ. [اُلھڻ (=لھڻ) > اولھ] اُلھندو – مغرب. "اوپَرُ" جو ضد.

• **اُولِيُ:** صفت. [ع] بھتر – وڌيڪ چڱو. اعليٰ. شروع وارو – پھريون.

• **اُولِي:** ث. اُٺ کي ھڪلڻ يا چيڙائڻ جو لفظ "رئيس جي اُٺ کي اُولي ڪيرچوي!".

• **اولِي ج اولِيُون:** ث. [سن. اَرْتر] ھيڙيءَ جو ڳُنَ ونجھ "اُونھا ڪُن، اَتانگھ تڙ، اولِي ھڻ آڌار" (شاھ).

• **اولِيارو ج اولِيارا:** ذ. وارو (راند جو).

• **اَولِياءُ ج اَولِياءَ:** ذ. [ع. وَلِي ج اَولِياءُ] اَللّٰه جو دوست. اَللّٰه وار پھتل شخص. درويش – وَلِي.

• **اَوَلِيُن:** صفت. [ع] پھريون. ابتدائي.

– **اَولِينَ ۽ آخرين:** ظرف. اڳيان ۽ پويان قديم ۽ جديد.

• **اُولِيھِي (ت):** ڏ. اَٽَ جي مستيءَ ۾ گوڙ.

• **اُوْمْ:** ذ. [سن] ايشور جو نھايت پوتر نالو (جو ھندو ترمُورتي يعني برھما، وشنو ۽ شوَ لاءِ ڳڏي ڪم آٽيندا آھن ۽ ڪنھ بہ ڀجن، منتر يا دعا وغيره جي آخر ۾ اُچارينداآھن).

• **اومانَ (ل):** ث. بدبوَ – بانس.

– **اوماٽو:** ذ. صفت. بدبودار – اوسنو.

• **اوماھي:** ث. [پرا. اُمھ؛ سن. اُشْمَ] اُھمائي – مونجھ (ساھ جي). دمڪشي. سَھڪي.

• **اومَھرو (ث):** ذ. بن اوڙن جي وچ وارو ھنو.

• **اونَ:** ث. [سن. اُنْمَنَس] اونو – فڪر – اُدڪو. انتظار - اوسيڙو – اُلڪو. ڳڻتي – چنتا – اُٺ تڻ.

– **اونائتو:** ذ. صفت. اونَ وارو – منتظر. فڪرمند.

• **اُونْ:** ث. ڪنجھڪار جو لفظ. انڪار يا اقرار جو لفظ.

– **اُون اُون ڪرڻ:** ڪنجھڻ ڪُرڪڻ. نندڙي ٻار جو روئڻ.

• **اُونَ:** ث. اُونائي – اونارَ – ڪُوڪ (گدڙ جي).

• **اُونْ:** ذ. ٻُوٽي جو ھڪ قسم.

• **اُونارْ ج اُونارَ (ل، ڪ):** ذ. نڪ جو سوراخ – ناسَ.

– **اُونار وجڻ:** نڪ ۾ ڪاڌي جا ذرا قاسي پوڻ. نڙيءَ ۾ گرھ قاسي پوڻ.

• **اُونارَڻُ (ل):** فعل مجھول. پاڻي وغيره پيٽ مھل اُنڌو اڇڻ - اُنھڙڻ. (اُونارِيو – اونارِبو – اونارِيل).

• **اُونارَڻ، اُونارَڻُ:** مصدر. [سن. اُتْتِئِير] بگھڙ، گدڙ يا ڪُتي جون دانھون ڪرڻ – اُونايُون ڪرڻ.

– **اُونارَ، اُونارَ ج اُونارُون، اُونارُون:** ث. گدڙ، ڪُتي يا بگھڙ جو ڪُوڪَ – اُونائي.

– **اُونارِي ج اُونارِيُون:** ث. اونائي – اُونَ – اُناڙَ.

– **اُونارِيُون ڪرڻ:** ڪتي، گدڙ يا بگھڙ جو رات جو اونائيُون ڪرڻ.

• **اُوناسِي:** ذ. صفت. [سن. اَ + وناش] جو ناس نہ ٿئي -

Gul Hayat Institute

اَبناسي – اَمر.

• **اُوناڪُ (ت):** مصدر. اونائڻ – اُوناڙون ڪرڻ.

• **اُوناڪ:** ث. ڪُتي يا گدڙ جي اونائي.

• **اُونائڻ:** مصدر. [سن. اَو + نَمَن] ڪنڌ نمائڻ (ٻڌڻ لاءِ). ڏيان ڏيئي ٻڌڻ. اڳهائڻ (عرض). ورنائڻ (سڏ). جواب ڏيڻ (هڪل جو). قبول ڪرڻ (عرض). (سن. اَٽٽنِيه] گدڙن ۾ ڪُتن جو ڪُوڪڻ – اُوناڙون ڪرڻ. (اونائيو – اونائيندو – اونايل).

• **اُونائِي ج اُونائِيُون:** ث. دانهن – عرض – فرياد. ڪُتي يا گدڙ جي ڪُوڪ – اُونارَ.

• **اُوڻْ (ڪ):** ث. ڪرڪر – ڪينو – گهپي – ڪلڪل.

• **اُوڻْتَ ج اُوڻْتَ:** ذ. انت – پچاڙي. راز – منجهه "اَوڻْت پنهنجي عشق جو، سڏ ڏس نه ٻئي ڪنهن کي ڏجي" (رمضان ڪنير).

• **اُوڻْرو ج اُوڻْرا:** ذ. صفت. حرڪتي – ڏنگو – لُڇو.

• **اُوڻْريو ج اُوڻْريا (ت):** ذ. صفت. بي مڙسيو – نامرد. هيڻو.

• **اُوڻْرَو (ت):** ذ. جيت جو هڪ قسم – ڇوٽو – ڏُتو.

• **اُوڻْت:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **اُوڻْتارَڻُ (ڪ):** مصدر. قاسائڻ – وڇڙائڻ – اَٽڪائڻ. قابو ڪرڻ. (اُونتاريو – اُونتاريندو – اُونتاريل).

• **اُوڻْتڙو ج اُوڻْتڙا (ت):** ذ. بيل گاڏيءَ جي اوڏ ۾ لڳل ڪاٺي (جا گاڏيءَ کي سڌائيءَ ۾ بيهاري) – رُونڻْڙو.

• **اُوڻْجهَر (ڪ):** ث. اَهنج – ايذاءُ – تڪليف.

• **اُوڻْجهرَڻُ (ڪ):** مصدر. اوجهراٽيون ڪائڻ – اُونگهڻ – پنڪيون ڪائڻ. (اُونجهريو – اُونجهرندو – اُونجهريل).

• **اُوڻْجهڻُ (ت):** مصدر. اُجهامڻ. ڍڪڻ.

• **اُوڻْداهه:** ث. [سن. اَنْڌَكار] اونداهي – ڪاراڻ (رات جي). اَنڌ ڏنڌ. بي بندوبستي. ظلم.

– **اُوڻْداهو ج اُونداها:** ذ. اُوندهه – اونداهي (ذ. صفت) اُوندهه وارو – تاريڪ. ڪارو.

– **اُوڻْداهِي ج اُونداهِيُون:** ث. اُوندهه. تاريڪي. ڪاري رات.

• **اُوڻْدَرَ ج اُوڻْدَرَ (ل ڪ):** ذ. جوڙو (ڪپڙن جو) – وڳو.

• **اُوڻْدَرُ ج اُوڻْدَرَ:** ذ. [سن. اُنْدَرْه] ڪُتو – گهر ڏٽي.

• **اُوڻْدَرَڻُ (ل):** مصدر. واڙڻُ – صفا ڪرڻ (اَنّ) وڇائڻ (بسترو) – سينگارڻ (سيج). سَنجڻ (گهوڙو) – سنجن سان سينگارڻ (ڪ) "سُرخين سمندين سنج پيا، تو عمر ابلقون اوندري" (سونهارو جوڪيو). (اُونڌريو – اُوندرينڊو – اُوندريل).

• **اُونڌهه ج اُونڌهيُون:** ث. [سن. اَنْڌَ] اُونداهي – تاريڪي – رات جي ڪاراڻ – ٻاڏ. انڌ ڏنڌ. ظلم – انڌير.

– **اُونڌهه اَنڌوڪار:** ث. تمام گهٽي اُوندهه – گهُڪهه اُونداهي – ڪاري ٻاڏ. طُوفان يا جهڪڙ سبب اونده ٿي وڃڻ جي حالت.

– **اُونڌهه ڪري ويهڻ:** سڄ ڪرڻ – وڏو نقصان جهڙو ڪم ڪري وڃهڻ. ڏيو گل ڪري ويهڻ.

– **اُونڌهه هُجڻ:** بدانتظامي هجڻ – انڌ ڏنڌ هجڻ ـ ظلم هجڻ.

• **اُونڌَ ج اُونڌَ:** ذ. صفت. اَڻ ونڊيل (موتي). اَڻ پُوتل (موتي).

• **اُونڌَ ج اُونڌُون (ت):** ث. بيل گاڏيءَ جي ڍگهي لٽ – اوڍ.

• **اُونڌِ:** ث. [سن. اَدو مُک] اُبتاڻ ـ اُونڌائي. اُونڌي هئڻ جي حالت. اُبتَ [سن. اَنْڌَ] ڪاراڻ. بي بندوبستي. انڌير – ظلم. بدامني.

– **اُونڌ اَنْڌِ:** ث. اَنڌي اُونڌي ٽيڙ جي حالت. اُونڌا اُبتا ڪم.

– **اُونڌ ڪُنڌِ:** ظرف. اونڌي ڪنڌ سان – ڪنڌ اُونڌو ڪري.

– **اُونڌ وَتَڻ (ت):** اُبتو ٽيڻ. مٿي پَر بيهڻ. اُتلڻ.

– **اُونڌ وَتَڻ ۾ پَوڻ (ت):** تمام غمگين ٽيڻ – مايوس ٽيڻ.

• **اُونڌَڻُ:** مصدر. [سن. اَدو مُکَ] اُونڌو ڪرڻ – ليٽائڻ. نائڻ (ٽاڻُ). (اُونڌيو – اُونڌيندو – اُونڌيل).

• **اُونڌو ج اُونڌا:** ذ. صفت. [سن. اَدَ مُکَ] اُبت – اُلٽو. هيڻيون پاسو مٿي ۽ مٿيون پاسو هيٺ. منهن پر. مُنهن يا ڪنڌ هيٺ ٽيل – سرنگون. بيوقوف (ث) اُونڌي ج اُونڌيُون.

– **اُونڌائِي:** ث. اُبتائي – اُلٽائي.

– **اُونڌو بَخت:** ذ. بدقسمتي – ڪوٽي قسمت.

– **اُونڌو جَمڻ:** اُپ پيرو جمڻ – اَمُهاڙو جمڻ.

– **اُونڌي ڪنڌ هڻڻ:** لڄي يا شرمسار هُڻڻ. ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏ هجڻ "آدوتي الله سان اونڌي ڪنڌ اورين".

– **اُونڌي پيشاني:** صفت. ڪوتاهه نظر. بدبخت.

– **اُونڌي ڪوپري:** صفت. بيوقوف – احمق – نادان.

– **اُونڌي مَنجِي ڪرڻ:** ڪنهن سخت صدمي يا غم سببان اونڌوڪتولو ڪري ان تي پئجي رهڻ. بيحد غمگين ٽيڻ. سخت صدمو رسڻ.

• **اُونڌِيو لَڪ (ت):** اسر خاص. "ڏمهرڇن" وٽ حد بَنديءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

• **اُونڌَڙ ج اُونڌَڙَ (ت):** ذ. ڪُتو – ڇوهو.

• **اُونڌو ج اُونڌا (ت):** ذ. صفت. اُونهون – عميق. (ث) اُونڌي ج اُونڌيون.

Gul Hayat Institute

– **اُونْداڑ (ت):** ث. اُونهائي – عمق.
• **اُوْنرو ج اُوْنرا:** ذ. صفت. ڈنگو – لُچو – نِـلر (ک). ڈکیو – اُٹانگو. ڈاڈو (لس).
• **اُوْنري (ل):** ث. ڈنگائي – اردّائي. مصيبت – کَـٹي.
• **اُونْکارَ:** ث. [سن. اوْمَ + کارَ] کنهن ڈرمي پُستک شروع کرڻ مهل "اوم" شبد اُچارڻ جي حالت.
• **اُوْنْکانَ اُوْنْکَـرَ:** ث. [سن. اُمْ = هائو + کار] هائوکار – قبوليت. اُوناڙ – اونائي. روڄ راڙو.
• **اُوْنْکارڻ:** مصدر. [سن. اُمْ = هائو + کُر] هائوکار کرڻ – قبولڻ – مڃڻ.
• **اُونْکارڻ:** مصدر. ميڪڻ – روئڻ – جهِـڄڻ. روئي ڳالهائِـڻ – ننهڪڻ. اونائڻ – دانهون کرڻ (اونکاريو – اونکاريندو – اونکاريل).
• **اُونْگ ج اُونْگَـون:** ث. [پرا. اُگّهَ = نندِ] اُونگهه. چشم پوشي – ماڪ. رَڙ – دانهن (ت).
• **اُونْگائي ج اُونْگايُوْن (ک):** ث. هُونگڙي – نندڙي ٻار جو ڳالهائڻ.
– **اُونْگايُون ڈيڻ:** هونگڙيون ڈيڻ – نندڙي ٻار جي ڳالهائِـڻ لاءِ کوشش کرڻ.
• **اُونْگَـتَ (ت):** ث. کُـنْجهَ – کُـٽڪ. بيل گاڏيءَ جي قيتي کي سڙ ڪاڪ وغيره جي ڏَنل آڙ.
• **اُونْگَـرڻ:** مصدر. چوپائي جانور جو شهوت ۾ اچڻ (ت). وڑهڻ – ڏاڑهڻ (ت). وهنجڻ – تڑ کرڻ (ک). (اُوگَـريو – اُونگرندو – اُونگَـريل).
• **اُونْگهَ:** ث. [پرا. اُگّهَ] اُنْگهَ – نندِ جو خمار – ڳُهَر. گهِـل – اوجهراٽي – پنڪي. غشي – بيهوشي. مستي. آڪڙ (ت).
– **اُونْگهاس، اُونْگهائي:** ث. نندِ. اُونگهه – اوجهراٽي – پنڪي. ڳهر.
– **اُونگهاڻو (ت):** ظرف. گهريءَ نندِ ۾. نندِ اڪرو.
– **اُونْگهَ ۾ ٻوڙ:** تار ۾ ٻوڙ. محويّت ۾ اُچڻ. ڀاڻيءَ کان نڪري وڃڻ. آڪڙ کرڻ (ت).
• **اُونْگهڙ:** ذ. صفت. گونگو.
• **اُونگهاڙ (ک):** ث. ڪراهت – سُوگَ. ڪنهن جانور جي ٽاڻءَ وٽارڻ جي حالت.
• **اُونْگهَڙڻ (ک):** مصدر. وهنجڻ – تڑ کرڻ.
• **اُونْگهڻ:** مصدر. [پرا. اُگّهَ = نندِ] پنڪيون ڪائڻ – اوجهراٽيُون ڪائڻ. ڪم ۾ سُستي کرڻ. گاڏيءَ جي قيتن کي تيل ڏيڻ. (اُونگهيو – اُونگهيندو – اُونگهيل).
• **اُونْگهوڄ اُونگها (ل):** ذ. صفت. سٽڻ ڪان سواءِ ـ اُٽيو. داڻ ڪان سواءِ رَڌل طعام – اُنْگهو.
• **اُونڍ (ل):** ث. گول ڪڍ جنهن ۾ ڏڍ جي ماڻي ولوڙڻ لاءِ رکبي آهي – نوڙ.
• **اونو:** ذ. [سن. اَنْمَنَسْ = دل ۾ منجهيل] اونّ – انتظار – اُلڪو. فڪر – ڳڻتي. ڊپ – انديشو. پوئتي جو خيال. عذر – بهانو (ک). طعنو – مهڻو.
– **اونو رکڻ، کرڻ:** خيال رکڻ. انتظار کرڻ. اُلڪو کرڻ.
• **اونو اوني:** ذ. صفت. [سن. اُوْرْڻا = اُن جو] اُن مان ٺهيل اُوني. پشمي.
• **اُونهَ:** ث. [سن. اَگاڌ] اُونهائي – عمق.
• **اُونها ڏَڏا:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اُونْهارو ج اُونْهارا:** ذ. صفت. بدصورت – بچرو. "سُونهارو" جو ضد.
• **اُونهارو ج اُونهارا:** ذ. [سن. اُشْنَه = گرم وقت] گرميءَ جي موسم – آرهڙ.
• **اُونهاڙ (ث)، اُونهاڙ (ل):** ذ. [سن. اَگاڌتا] اُونهائي – عمق.
• **اُونهَرَ:** اسر خاص. تعلقي ننگر پارکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اُونْهَرَ ج اُنْهَرَ (ث):** صفت. [ڊانڪي] بيسمجهه. اَپرو.
• **اونهو ج اُونها:** ذ. صفت. [سن. اَگاڌَ] وڏو (پاڻي) – عميق – اَٿاهُ. ڏُوڙهو (خيال. ويچار).
• **اُونهاڻ، اُونهائي:** ث. گهَرائي (پاڻيءَ جي) – عُمق.
• **اُونْهونْ:** ظرف. ناڪار جو لفظ – نہ.
• **اُونْهين:** ظرف. اِئين ئي – مفت ۾ ـ بنا اُجوري. خواهه مخواهه – اَجايو.
• **اُونِي ج اُوني:** ذ. صفت. [سن. اَوْرْڻ، اَوْرْڻامَيَه] اُنّ مان ٺهيل – اُنّ جو – اُنّ وارو (ڪپڙو) پشمي.
• **اُوڻ (ت):** ذ. ٿُهه يا ڪلن نہ لڳل اُنّ ـ آڻ (ت).
• **اُوڻ:** ث. [سن. اُوْنَ – گهٽ] ڪمي – گهٽائي. اَڻاڻ – قِلّتَ. عيب – سقم وڏِ (ظرف) هن پاسي – هيڏانهن (ت).
• **اُوڻاسي:** صفت. [سن. اَناشيت < اُوْنَ = گهٽ + اَشيت = اَسي] هڪ گهٽ اسيءَ جو عدد – اَڻاسي (۷۹).
• **اُوڻانوي:** صفت. [سن. اُوڻ + نَوَت] هڪ گهٽ نوي جو عدد (۸۹).
• **اُوڻائي ج اُوڻايُوْنْ:** ث. [سن. اُوْنَ = گهٽ] گهٽتائي –

Gul Hayat Institute

کَمي. سُقم ـ وڈ – عيب. اٹپورائي – کوتاهي.
– **اُوٹائي پُوٹائي:** ث. گهٽتائي – کَمي. نُقص – عيب. اٹپورائي – کوتاهي.
– **اُوٹايُون کيڏ:** عيب کيڏ – گهٽتايُون ڳولڻ.
• **اُوٹَت:** ث. [سن. اَ = نہ + وَنْ = وڃڻ] اَڻ وڻت ـ ناپسندي. اَٽبٽت – ناسازي. کِت قِت. کُلفت. ڏکار – نفرت "اَوٹت جو آچار، شل کائڻ کنهن سان نہ ڪري" (شاھ).
• **اُوٹتيهَ:** صفت. [سن. اُون + ترِنْشَت] هڪ گهٽ تيهن جو عدد (۲۹).
– **اُوٹتيهين:** ث. قمري مهيني جي اُٽتيهين تاريخ. اونداهي رات – ڪاريَ رات "ڪاري رات ڪجو گهڙو، اُوٹتيهين اُونداهي" (شاھ).
• **اُوٹَڏ (لس):** ث. اَوٹَت.
• **اوٹيَ اُوٹو ج اوٹا، اُوٹا:** ذ. [سن. اَپنود = تڙڻ] مَٽل پکي (ڪاڻ)، يا ڪاڻيءَ ۾ ٻڌل ڪپڙي جو گڏو وغيره، جو پکين کي ڏيڃاري ڇڃائڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ ٽنگيندا آهن – اولو – اوڙو – ڏيکائون گڏو. لاهياري کي مليل لائِيءَ جو حصو. لائيءَ ۾ مليل اَنّ جو حصو. ڏِڪڙي (اَنّ جي). حصو – ياگو – پتي. چوٽي – پهاڪو (ک).
– **اُوٹا وحهن:** ڏِڪڙيُون ناهڻ. اَنّ تقسيم ڪرڻ لاءِ ڏِڪڙين ۾ ورهائڻ.
• **اُوٹو جَ اُوٹا:** ذ. صفت. [سن. اُونَ = گهٽ] پوڙو – گهٽ – اٽپورو – مُنو – ناقص – نامڪمل. عيبدار – لاڃجهو. ڪنڊل. ننڍو.
– **اُوٹو اُڏُڪ:** صفت. گهٽ وڌ – ڪم و بيش.
• **اُوٹو پُوٹو (ت):** ذ. صفت. گهٽ وڌ. خوشيءَ يا رنج سان. طوعاً ڪرهاً.
– **اُوٹي پُوٹي:** ث. اُڌي ڪٽي – اَوکي سَوکي. گهرج جي مهل – ضرورت جو وقت.
• **اُوٹو جهُوٹو (ل):** ذ. صفت. مايوس – غمگين – ملول – ويڇاتو.
• **اُوٹو هلڻ (ت):** اَڌنگو هلڻ – خراب هلت هلڻ.
• **اُوٹوَنْجاهه:** صفت. [سن. اُون + پَنْچاشْت] هڪ گهٽ پنجاهه جو عدد (۴۹).
• **اُوٹَهَتر:** صفت. هڪ گهٽ ستر جو عدد (۶۹).
• **اُوٹَهَٽ:** صفت. [اُون + شَشْتِ] هڪ گهٽ سٺ جو عدد (۵۹).
• **اُوٹيتاليهه:** صفت. هڪ گهٽ چاليهن جو عدد (۳۹).
• **اُوٹِيْهَ:** صفت. [سن. اُون + وِنْشت] هڪ گهٽ ويهن جو عدد (۱۹).
• **اُوٹِيهونْ:** ذ. صفت. سلسليَ ۾ ويهن مان مان هڪ گهٽ – هڪ گهٽ ويهون.
• **اووٹ:** اڻ وس (مينهن نہ وسڻ واري حالت).
• **اووڙي:** اسم خاص. تعقلي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اوورَ سيئرُ:** ذ. [رنگ. overseer] تعميرات تي نظرداري ڪندڙ آفيسر – سَرويئر.
• **اوهِ:** حرف ندا. افسوس جو لفظ – آهه. ٻُڃان جو لفظ – تُو تُو.
– **اوهِ ڪري بيهڻ (ت):** ارمان ڪرڻ. نااُميد ٽيڻ. بَس ڪرڻ.
• **اوهُ ج اوهَ:** ذ. [سن. اُوڈَس] ڪير ڏيندڙ جانور جي ٿَڻن جو مٽيون حصو – شيردان – ڪِيري "وڏي اوهه آئيون، ٻُنيءَ لائي قر" (شاھ).
– **اوهه سُڪائڻ:** ڪير گهٽائڻ.
– **اوهه ڪيڻ، ڪرڻ:** ڏُڪي چوپائيءَ (رڍ، ٻڪري، ڳئون، مينهن، ڏاڇي) جي اوهه ۾ ڪير اڇڻ.
– **اوهه لاهڻ:** ڏُڪيءَ چوپائيءَ جي (ويَر کي ويجهي ٽيڻ سببان) ڪيري وڏي ٽيڻ.
– **اوهي:** ث. اوهه واري (چوپائي).
• **اوهَار:** ث. [سن. اَپ هار] پردو. ڍولي‌ءَ جو ڍَڪ. چادر.
– **اوهارڻ:** مصدر. [سن. ۱. اَوَ + هُر = هيٺ اُڇلائڻ؛ ۲. آوَرْجْ = بار سببان هيٺ جهڪڻ] بار جوَهڪ طرف لينڊ – اُلارَ ٽيڻ.
[سن. اُوڈَس = اوهه، ٿڻ] ويَر کي ويجهو ٽيڻ ڪري چوپائيءَ جا ٿڻ وڌڻ. (اوهاريو – اوهَارينڊو – اوهاريل).
– **اوهارَ ج اوهارُونَ (ل):** ث. هڪ پاسي نَميل بارُ – بار جي هڪ طرف ليڀَ.
– **اوهارَڻ:** مصدر "اوهارڻ" مان فعل مجهول بار جو هڪ پاسيَ نمڻ يا ليڀَڻ. هڏن پيرن ٺرڻ سان بيهوش ٽيڻ.
– **اوهارو ج اوهارا:** ذ. صفت. هڪ پاسي تي ليڀيل – نميل – لَڙيل – اُلار.
– **اوهارو سوهارو ڪرڻ (ل):** جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ. معمولي ڪم ڪرڻ. ڪم نپائڻ.
• **اوهارَ ج اوهارُونْ:** ث. [سن. اَوَدارَ = پُوري ڪٽ، حَد بندي] (نانگ بلا جي لِيڪي يا وَهت، چور وغيره جي پيري جي) آڏواڱ واري جانچ – آهوڙَ. آڏو وَر ڏيئي وڃايل پيري جي ڪيل جانچ.
– **اوهارَ ڏيڻ:** وڃائجي ويل پيري کي ڳولڻ واسطي آڏو وَر ڏيئي جانچ ڪرڻ – پير ڳولڻ لاءِ چوڌاري وراکا ڏيڻ.
• **اُوهام:** ذ. [ع. وَهم ج اوهامَ] وَهَمَ – اجايا خيال – وسوسا. فِڪرات – خيالات. گمانَ.

Gul Hayat Institute

• **اُوهار پَرِسْتُ:** ذ. صفت. وهمي — وسواسي. شڪي.
• **اُوهانْ:** ضمير. [سن. يُوْ يَمْ] توهان.
• **اُوهانْ جو:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اُوهانْدو ج اُوهانْدا (ت ـ ل):** ذ. اڏ مان هاري ۾ پاڻيءَ اڇڻ جي جاءِ ـ آوانْدو.
— **اُوهانْدو ورائڻ:** اڏ کي ٻُڪو ڏيئي هاري ۾ پاڻي وهائڻ — آوانْدو ورائڻ.
• **اوهجَنُ:** فعل مجهول. چوپائيءَ کي اوهُ پيدا ٿيڻ — اوهه واري ٿيڻ.
• **اوهَرڻُ (ل):** مصدر. [سن. ١. اَپسْرْ < اَپ = پري + سْر = وڃڻ، ڇرڻ؛ ٢. اَوَسْر = هيٺ هلڻ]. اُسرڻ — هَلڻ. پَري وَڃڻ "اونهي ۾ اوهري، جڏهنَ ويا جي" (شاه). [سن. ١. اَوَهْر: ٢. اَوْرْجْ = بار سببان هيٺ ٿيڻ] بار جي هڪ پاسي ليٽ ٿيڻ ـ ليٽڻ ـ نِمڻ (اوهريو — اوهريو — اوهريل).
— **اوهَر ج اوهَرُون:** ث. بار جي هڪ پاسي ليٽ — اولاڙ.
— **اوهرائڻُ:** مصدر. "اوهرن" مان متعدي بالواسطه. اُڀلائڻ — ليٽائڻ.
— **اوهرَجڻُ:** مصدر. "اوهَرڻ" مان فعل مجهول. بار جو هڪ پاسي ڏي لڙڻ. اُلار ٿيڻ.
• **اوهَرُ:** ث. [سن. اَوَدار] اوهاڙ — وجايل پيري جي جاڄ — آهوڙ.
• **اوهمو ج اوهما:** ذ. صفت. [سن. اُشْڻَ] اُهمو — ماندو. بيچين — بي آرام. تڪڙو. (ذ) گهُٽ — مونجهه — گرمي.
— **اوهمائي:** ث. ساهه جي مُونْجهه — دمڪشي — گهُٽ — تڪڙ. ٽڪاوَٽ. ماندگي — بيقراري.
— **اوهمو ٿيڻ:** ماندو ٿيڻ. بيقرار ٿيڻ. ٽڪجڻ. بيهوش ٿيڻ.
• **اوهنو ج اوهنا:** ذ. صفت. [سن. اُشْڻَ] اُجائي تڪڙ ڪندڙ — جَلد باز — اُتامرو — اُبهرو.
— **اوهنائي:** ث. اُبهرائي — اُجائي تڪڙ — جلدي — اُتر ويلا.
• **اوهو!:** حرف ندا. عجب ۽ خوشيءَ جي وقت وات مان نڪتل آواز "مارا، بلي!".
• **اوهِي ج اوهِيْ ذ.** [سن. اَوَذا = سنيالڻ، نگهباني ڪرڻ] واهي — راکو — نگهبان.
— **اوهي واهي:** ذ. خبر چار رکندڙ. سنيال ڪندڙ. ماٺهو ڇيٽو. ڏٺي ساڻين — وارث.
• **اوهيرَ:** ظرف. انهي وقت — اوڏي مهل — تنهن وقت "جيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهيرَ اُڏامن" (شاه).
• **اوهيرُ ج اوهيرَ (ل):** ذ. ڏهائيءَ جي مهل. وَٽاڻُ.
— **اوهيرَ تي اُڇڻ:** مال جو وٽاڻ تي اڇڻ.
• **اوهيرو، اهيرُو ج اوهيرا، اوهيڙا:** ذ. [سن. اَوَسَرَ] واءَ جي زور تي مينهن جيَ اُڇل. مينهن جي زور سان چندڪار. ٽوري وقت لاءِ وسڪارو "مُند ٽي مندل وڃيا، ڪئي اوهيرن اوڪ" (شاه).
— **اوهيرا ڪري وَسڻ:** واءَ جي زور تي مينهن جو اُڇل ڪَري وَسڻ.
— **اوهيرو ڪرڻ (ت):** حملو ڪَرڻ — تَولو ٺاهي وڙهڻ.
• **اُوهَينْ:** ضمير. تَوهين.
• **اُوهَئِينْ:** ظرف. هَروپَرو — خواهه مخواهه — خالي پيلي. بنا سبب جي. مفت ۾.
• **اُوءِ:** ضمير. اُهي "اوءِ فائق ۾ فرمان، اَوَتَرُ ڪنهن نہ اوليا" (شاه).
• **اوئاچ ج اوئاچون (ڪ):** ث. نهائين — مٺانو.
• **اُوئانْ:** ذ. نئين هاول هار جي روئڻ جو آواز.
• **اوئس:** اُهاڻ. تجلو.
• **اوئڙَ (ت):** ث. ڪوهه ۾ پاڻيءَ جي گهٽائي.
• **اوئڻُ:** ذ. [سن. اودني] ٻُوٽي جو هڪ قسم (جو ڪَلراٽي زمين ۾ پيدا ٿئي. دوا ۾ ڪم اچي). گاهه جو هڪ قسم.
• **اوئنو ج اوئنا (ت):** ذ. صفت. باسي — بدبودار — آڪو.
• **اوئي ج اوئِيُونْ، اوئِونْ:** ث. [سن. اَجن = هڪريءَ جي ڪل] پاڻيءَ جي ڪلي — سانداري "اوئيون آريءَ جام جون، پريان سجائي رات" (شاه).
• **اُوئِي (ل):** ث. ڪَلراٽي زمين جي اُپاميل اَڇي مٽي (جا سودا ڪار وانگر ڪپڙن ڏوئڻ جي ڪم اچي).
• **اوئِيسُ (ڪ):** ذ. ڏيڪ ويڪ — رونق.
• **اُويَرَ:** ث. [سن. اَ + ويلا = وقت] دير — اويل. بيگاهه — بيوقتائي — ڪُمهلائي. (ظرف). دير سان — ڪُمهلو.
— **اُويرائي:** ث. اويلائي — دير — ڪُمَهلائي — بيگاهه.
— **اُويرَ سويرَ:** ث. اَويلَ سَويلَ — آڏيءَ مانجهيءَ. ڏڪيءَ مَهل. ڪنهن به وقت. (ظرف) اڳي پوءِ ـ دير سان يا وقت کان اڳي.
— **اُويرو:** ظرف. دير سان — ڪُمَهلو — بيوقوتو — بيگاهه.
• **اُويڑُ ج اُويڑَ (ت):** ذ. ڦيرو — وَڪَرُ. درياءَ جو ڦيرو. سختي — تڪليف — سوڙهه.
— **اُويڑَ ڏيڻ:** وڪَرَ چاڙهڻ. ڦاسائڻ جي ڪوش ڪرڻ.
• **اُويڑو ج اُويڑا:** ذ. صفت. نگو. اَڌِنگو. ڏکيو. اَڻونٽرو. زوراور.
• **اُويسُ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + ويسُ = لباس] بناويس — اَڻ

Gul Hayat Institute

پهريل — اَڻ ڏکيل . ننگو. (ذ) ٻيڙيءَ ۾ ڪاٺ يا لوهه جو هڪ مُهرو (جنهن تي لنگر لاهي زنجير ويڙهيندا آهن) — داٻڙ.

— **اُويسي:** ذ. صفت. بناويس — اَڻ پهريل — اَڻ ڏکيل ننگو — اُگهاڙو.

• **اُويسُ:** اسم خاص. [ع. اُويْسُ = بگھڙ] هڪ وَلِيءَ جو نالو "اَوَيس قرني" (جو يمن جي قَرَن قبيلي مان هو ۽ هُن اڻ ڏٺي حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آندو هو).

• **اُويسيُ:** ذ. صفت. "اُويس قرني" جي طريقي تي هلندڙ فقير (جنهن ظاهري مُرشد وٺڻ کان سواءِ ئي راهه هدايت ورتي هجي) "آجهي منجهان آت، اويسي ٿي آءُ تون" (شاهه).

• **اويسارُ:** صفت. [اَ = نہ + وسرڻ > ويسار] نہ وسرندڙ — هميشه ياد رهندڙ "بازي بازندن کي آهي اُويسار" (شاهه). هوشيار — خبردار.

• **اُويساهُ:** ذ. [اَ + ويساه] بي اعتباري — غير يقيني.

• **اُوڀَرَ:** ث. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **اويسلو ج اُويسلا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + ويسلو > ويسرو = ويسرو وارو] نہ وساريندڙ — هوشيار — خبردار. ياد رکندڙ.

— **اُويسلائي:** ث. نہ وسارڻ جي حالت. بيخبري.

• **اُويُ سَويُ (ل):** ذ. صفت. ايندڙ ويندڙ. مسافر مڙو. پنهنجو پراڇو.

• **اُويلَ:** ث. [سن. اَ + ويلا] اوير — دير.

— **اُويلائي:** ث. ڪُمهلائي — تاخير — دير.

— **اُويلَ سَويلَ:** ظرف. اڳي پوءِ ـ دير سان يا وقت کان اڳي.

— **اُويلو ج اُويلا:** ذ. صفت. دير سان — ڪُمهلو — بيوقتو.

• **اُويلُ ج اُويلَ (ت):** ذ. آڙاهَ — باهه — ڇيي.

• **اُوَيو ج اُويَا:** ذ. [پرا. اوَيَ: سن. اوْكَسْ] عيش عشرت جي جاءِ ـ آرام گاهه. گهر — پناهه [سن. اَوَيَه] عضوو — انگ. پاگو — حصو. نشان.

• **اِها:** ضمير. [سن. ايشه] هيءَ. ساڳي.

— **اِهائي:** ضمير. بنهه اها ساڳي.

• **اُها:** ضمير. هُوءَ.

— **اُهائي:** ضمير. هُوءَ ساڳي.

• **اُها (ٿ):** ث. ڍورن جي پاڻي پيٽ لاءِ ڪوهه وٽ مٽيءَ مان ٺهيل ڪچو حوض — آواڙو.

• **اُهارُ:** ذ. [سن. اَهارَ = کاڌو] کاڌو — خوراڪ — کاجُ — قوتُ. ڳُندڻ.

• **اُهارَ:** ث. هارجي هڪ پاسي ليت — اوهَر.

• **اُهارڻُ مصدر.** مال پهرائڻ (ل): پاڻي هارڻ — پاڻي وهائڻ (لس). (اُهاريو — اُهاريندو — اُهاريل).

• **اُهارو ج اُهارا (ل):** ذ. بارجو هڪ پاسي لاڙو — اوهَر. (صفت) لَهوارو (ڪ).

• **اُهارَ ج اُهارُون:** ث. ڏسو "اوهاڙ".

• **اِهانَتَ:** ث. [ع] بي عزتي — توهين — هتڪ. ذلّت — خُواري. ڏڪار — نفرت — حقارت.

• **اُهاءِ ج اُهاءُ:** ث. [سن. اوْحْس = روشني] شُعاع — سَهائو. پرتو — جهلڪ — تجلو — چمڪو "آڳَه تنهن اُهاءِ، وڃي ڪُنَ ڪپيندي" (شاهه).

• **اُهائُو ج اُهائُو (ڪ):** ذ. صفت. ڪير پياڪ نندڙو ڇيلو جو ڏنار جي هٿ سان ڪير ڏائي — هٿايو.

• **اُهائي:** ث. صفت. ساڳي (ڳالهه).

• **اُهَبُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُهِبْڏو (ل):** ذ. آهمو — سَهڪي — ساهه جي مونجهه.

• **اُهْتَ:** ث. [سنَ] دشمني. عداوت "اڪين جي اُهْتِ، ڪٽي اَچلاَيس چپرين" (شاهه).

• **اُهْتُ ج اُهْتَ:** ذ. ڪاسبيءَ جو ڪُرَميءَ تي سالياڻو لاڳُ — آهت.

— **اُهْتِي ج آهْتِي:** ذ. صفت. اُهو ڪاسبي جو هاريءَ کان پنهنجي ڪم جو اُجورو فصل مان وٺي — آهتي.

• **اِهتمامُ:** ذ. [ع. همّ = هن ارادو ڪيو] انتظام — بندوبَست.

• **اُهَڙو ج اُهڙا (ل):** ذ. صفت. [سن. اُهْتِ = دشمني + رو] اَڏُونڙو — حرڪتي.

• **اِهْپارو ج اِهْپارا:** ظرف. انهيءَ پارِينْ — انهن نشانين سان. آن کي ويندا ڳڏيا، آرياڻي اِهپارا" (شاهه).

• **اُهَجَ:** صفت. ڪَسو — گهٽ. ڏکيو — اَڏانگو. "سَهج" جو ضد.

— **اُهجو:** ذ. صفت. اڏ کان گهٽ — ڪسو.

• **اُهجو ج اُهجا (ل):** ذ. صفت. ڪُپَتيو. ڏِنگو.

— **اُهجائي (ل):** ث. ڪُپَت. ڏِنگائي.

• **اُهْجُ ج اُهْجَ (ل):** ذ. [سن. اَيْجْجانَ] سڃاڻپ جي نشاني. نشان — پارُ پتو — ڏَسُ. اشارو. اُهجاڻ. ساڃيءَ اک جو اشارو (جو ڪنهن ڪم يا نشاندهيءَ لاءِ ڪبو آهي).

• **اُهْجاڻُ ج اُهْجاڻَ:** ذ. [سن. اَيْجْجانَ] نِشان — پتو — پارُ — ڏَسُ — علامت.

— **اُهجاڻَ ڏيڻ:** پارَ پتا ڏيڻ — نشانيون ٻڌائڻ. اشارن ۾ ڪا ڳالهه ياد ڏيارڻ.

— **اُهْجاڻو:** ذ. اُهجاڻ. اندر جي ٻوجهه.

• **اُهجائو (ل):** ذ. صفت. [سن. اَسْگرْ] ڏُکيو اَهنجو — مُشڪل "آهي اهجائو، پير پريان جو جيڏيونْ" (شاهه ڪريم).

Qul Hayat Institute

• **اَهْدي:** ذ. [ع. اَهدي] اَٹ.
• **اَهْدَ ج اَهْدَ (ل):** ذ. [سن. اَوَتَه] اونهي کڏ – اوڙاهه – اوهَڏ.
• **اَهْدَڻ (ل):** مصدر. کڏ ۾ ڪرڻ – اوهڏڻ. (اَهڏيو – اَهڏندو – اَهڏيل).
• **اَهُر ج اَهُرُون (ل):** ث. چوپائي مال لاءِ گهَر جو چارو. آهُرو.
• **اَهْر:** ث. [سن. آسُري] هڪ قسم جو تيلي ٻج – آهَر ـ رائي.
– **اَهْرِيانُئون، اهْرِياڻو:** ذ. صفت. اَهَر وارو – جَنهن اَنّ ۾ اَهُر وغيره گڏيل هجي.
• **اَهْرَ ج اَهَر:** ذ. بار جي وَهٽ جو جهڪيل پاسو. هڪ پاسي لڙيل بار – اوهَر.
• **اَهْرام:** ذ. [ع. هَرَم ج اَهرام] مصر ملڪ جا قديم مخروطي مُنارا – پِرَيمڈ.
• **اَهْرجڻ:** فعل مجهول. بيهوش ٿيڻ – ڊڪرجڻ – ڏنڊٽجڻ: وسامڻ (بدن).
• **اَهْرمَنْ:** ذ. [ف] بَديءَ يا شرّ جو اصول بديءَ جو ديوتا. شيطان. لالچائيندڙ.
• **اَهْرَڻ ج اَهْرَڻُون:** ت. لوهارن ۾ سونارن جو هڪ اوزار (جنهن تي لوهه ۽ سون ٽپيندا آهن) – سنداڻ.
• **اَهْرڻ ج اَهْرَڻ:** ذ. صفت. شاديءَ وقت گهوٽ جو محافظ – اَهَرَ – اَرهڻ.
• **اَهُرڻُ (ل):** مصدر. [سن. اَهْلادْ = خوش ڪرڻ] آئڙڻ – پَسند آڻڻ – وَٽڻ. قبول ڪرڻ خوش ٿيڻ – ريجهڻ. (اَهُريو – اَهُرندو – اَهُريل).
• **اَهْرڻ:** مصدر. [سن. اَپ = پَري + سْر = وجڻ، ڇُرڻ] جهاز يا ٻيڙيءَ جو لَنگر ڪٽڻ – هلڻ (ٻيڙيَ) – هاڪارجڻ "جي اُهر يم اڄ، سي ڪَرمَ ملندم ڪاپڙي" (شاهه). روانو ٿيڻ – اُسهڻ نڪري وڃڻ – کِسڪي وڃڻ. ظاهر ٿيڻ (ت) – نڪرڻ. حاضر ٿيڻ (ت). (اُهريو – اُهريندو – اُهريل).
– **اَهْرائڻ:** مصدر. "اَهرڻ" مان متعدي بالواسطه. هاڪارڻ (ٻيڙي، جهاز وغيره) – لنگر ڪٽڻ "آخر اُهرائين، ته جوکو مَ ٿئي جهاز کي" (شاهه). جهنگ ڏي هڪلڻ (ت) – پهرائڻ (مال).
– **اَهْرَڻ:** مصدر "اَهرڻ" مان فعل مجهول. روانو ٿيڻ.
• **اَهْرو ج اَهْرا:** ذ. صفت. [سن. اسْكَرَ] ڪَهُرو . ڏکيو – مُشڪل. اَلنگهه – نہ لنگهڻ جهڙو.
• **اهْرو:** زهري جيت (نانگ بلائون)
• **اَهري ج اَهريُون:** ث. آرسي – ٽِڪَ.
• **اَهَّري ج اَهَريُون (ل):** ث پتائي گجرن جو آچار – آچاري (ل). لاٽ (ڏئي يا بَتيءَ جي) – روشني (ت).
• **اَهْريو:** ذ. هڪ قسم جو تيلي ٻج. دوائن ۾ ڪم ايندڙ هڪ قسَم جو ٻوٽو ۽ اُن جو ٻج.
• **اَهرُ ج اَهْرَ (ل):** ذ. وَلَرُ (چوپائي مال جو).
• **اَهْرامار:** اسم خاص. تعلقي ننگر پار ڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَهْرَڻ:** مصدر. [سن. اَسْتْر] سيرُن ۽ چيرن ۾ اڳڙيون وجهي بند ڪرڻ. (اَهْريو – اَهْرِيندو – اَهْرِيل).
• **اَهْرُو ج اَهْرا:** ذ. صفت. ڪَهُري سُياهه وارو – اهنڌ – ڏنگو. ضدي – هوڏي.
• **اَهْرُو اِهْرُو ج اهْرا:** صفت. [سن. اِيدرش هِهڙو – هِن جهڙو – اِنهيءَ جهڙو. (ث) اهڙي ج اهڙيون.
– **اِهْرُو جهْرُو:** صفت. جهڙو تهڙو – معمولي – رواجي.
– **اِهْرُو تهْرُو:** صفت. هِهڙو تهڙو. خسيس (ماڻهو).
– **اَهْرِيءَ پُٽ:** محاورو (گار طور ڪم ايندڙ). اَهيڙيءَ (شَڪاري) جو پٽ. رَن زال جو پُٽ. البيلو.
• **اَهْرُو ج اَهْرا:** ذ. صفت. هُن جهڙو – اُنهيءَ جهڙو.
• **اُهْسُ:** ذ. [سن. اوجَس] تَجلوّ ـ روشني. سَهائو – چمڪ "اُهسُ اکڙين ۾، پريان جو پيوس" (شاهه). سڪ – عشق. محبت – پيار.
• **اِهْكارَ:** ث. اُن کي بيهارڻ جو آواز.
• **اَهْڪ ج اَهْڪَ:** ذ. [سن. اَسُكَ] اَوک – ڏکيائي – اهنج. ايذاءُ – ڏک "ڏک نہ ڏسن هن ڏيهه ۾، نڪو اَهْڪ اڳيان" (گروهڙي).
– **اَهْڪائي ج اَهْڪائيُون:** ت. اوکائي – اهنج – ڏُکيائي. ايذاءُ – تڪليف "اَهڪايون عاقل چئي، پرکا ڪارڻ پُون".
– **اَهْڪو ج اَهْڪا:** ذ. صفت. ڏکيو – اهنجو – مُشڪل. (ب) اَهْڪي ج اَهْڪيُون.
• **اَهْگ ج اَهْگ (لس):** ذ. ڍِڪ – اَنبار.
• **اَهْگُ ج اَهْگ:** ذ. خوشبوءِ. سُر هو تيل "چوئا، چندن، اَهگ، ڪتوري، لالن لگن لايو" (هيدو).
• **اَهْگور (ل):** ذ. صفت. سڳا – ويجها (مائت).
• **اَهْلَ:** ڏ. عادت "اَهْلَ اکڙين جي، نيئي نباهج توڙ" (شاهه). نمونو – ڍنگ. چال "اصل هئي اُن کي، اهل جاماڻي" (شاهه). نڏول طور ڪنهن جي عيب جو نقل. ٺٺولَ – ڪِلَ.

Gul Hayat Institute

– **اَهلُون كيڻ، كرڻ:** ويڇارا ڏيڻ – نقل كيڻ. ٽئول كرڻ.
– **اَهلي، اَهليَرُ:** ذ. صفت. اهل كندڙ. ويڇارا ڏيندڙ. مسخرو.
• **اَهْلُ ج اَهْلَ:** ذ. [ع] ماڻهو – شخص – جڻو. گهرجو ياتي – پَهر. مالڪ – صاحب. عيال – ڪٽنب "اَهْل اَباڻن كي، مري شال ملهايان" (شاهه). (صفت) لائق – موزون.
– **اَهلِ اِدْراك:** ذ. ادراڪ جا صاحب. سمجهو – سياڻا.
– **اَهلِ اِخْتِيار:** ذ. اختيار وارا.
– **اَهلِ اَرْض:** ذ. زمين جا رهواسي.
– **اَهْلُ اسلام:** ذ. اِسلام وارا – مُسلمان.
– **اَهْلُ اللّٰه:** ذ. خدا وارو ـ اَللّٰه وارو. عابد – ديندار. زاهد. بزرگ "شڪر آڻ بجاءِ، آهيين اهلِ اللّٰه سين" (شاهه).
– **اَهلِ اِيمان:** ذ. ايمان وارا – مومن.
– **اَهلِ باطن:** ذ. باطن جا صاحب. اندر جا اسرار ڄاڻندڙ. قران شريف جي آيتَن جي اندروني معنيٰ ڪيندڙ.
– **اَهلِ بهشْت:** ذ. (ع. اَهل + ف. بهشت) بهشت جا ماڻهو – بهشتي.
– **اَهل بَيْت:** ذ. گهر جا ياتي. حُضور پاڪ جن جي خاندان جا ماڻهو. سادات. سَيّد.
– **اَهلِ تَصَوُّف:** ذ. صوفي طريقي جا پيرو – صوفي.
– **اَهلِ جَماعَت:** ذ. هڪ مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهندڙ. هڪ جماعت يا قوم جا ماڻهو.
– **اَهلِ جَنّت:** ذ. جَنّتي – بهشتي.
– **اَهلِ جَهنّم:** ذ. دوزخي.
– **اَهلِ حَديث:** ذ. حديث تي هلندڙ. مسلمانن جو اُهو فرقو جو حديث ڪي قرآن شريف سان لازم سمجهي ٿو.
– **اَهلِ حَرَم:** ذ. حرم سراءِ جا ماڻهو – مَستُورات.
– **اَهلِ حِكْمَت:** ذ. حڪيم. فيلسوف – ڏاهو.
– **اَهلِ خانه:** ذ. (ع. اَهل + ف. خانه) گهر وارا. گهر ڌياڻي.
– **اَهلِ خِرَدْ:** ذ. (ع. اهل + ف. خرد) خردمند – دانشمند – ڏاهو.
– **اَهلِ دِل:** ذ. (ع. اَهل + ف. دل) دل وارا. صاف دل وارا – خدا وارا. سَخي.
– **اَهلِ دُنيا:** ذ. دنيا وارا. دولتمند.
– **اَهلِ دَولت:** ذ. حڪومت جا ماڻهو يا ڪارپرداز. دولت وارا – شاهوڪار.
– **اَهلِ دين:** ز. دين وارا ـ ـ ديندار – نيڪ.
– **اَهلِ ذَوْق:** ذ. ذوق جا صاحب.
– **اَهلِ روزگار:** ذ. (ع. اَهل + ف. روزگار) زماني جا ماڻهو – تجربيڪار.
– **اَهلِ زَبان:** ذ. (ع. اَهل + ف. زبان) هوليءَ جا ماهر – زبان دان.
– **اَهلِ زَمان:** ذ. زماني وارا زماني ساز. جهاندیدا.
– **اَهلِ زَمين:** ذ. (ع. اَهل + ف. زمين) زمين جا رهاڪو. مخلوقات.
– **اَهلِ سُخَن:** ذ. (ع. اهل + ف. سخن) سخن جا ڄاڻو – شاعر.
– **اَهلِ سنڌ:** ذ. سنڌ وارا. سنڌ جا رهاڪو.
– **اَهلِ شَرْع:** ذ. شرع جا صاحب – قانون دان.
– **اَهلِ شَريعَت:** ذ. شريعت جا پيروڪار. شريعت وارا – شريعت جا صاحب.
– **اَهلِ صَنْعَت:** ذ. هنر وارا – ڪاريگر – فن جا صاحب.
– **اَهلِ طريقت:** ذ. طريقت جا صاحب. صوفي طريقي وارا.
– **اَهلِ ظاهر:** ذ. ظاهر تي هلندڙ. اکري معنيٰ کي چهٽندڙ. مادہ پرست.
– **اَهلِ عِلْم:** ذ. علم وارا – عالم – وِدياوان.
– **اَهلِ غَرَض:** ذ. خود غرض ماڻهو – خود مطلبي.
– **اَهلِ فَن:** ذ. فن "وارا – فن" جا صاحب.
– **اَهلِ قَبُور:** ز. قبرن وارا ـ مُئل.
– **اَهلِ قَلَم:** ذ. قلم وارا. لِکندڙ – اِنشاپرداز – اَديب. مُصَنّف. مُنشي – مُحَرّر.
– **اَهلكار:** ذ. (ع. اَهْل + ف. كار) ڪم وارا. ڪاروبار هلائيندڙ. ڏنڊي وارا. ڪم ڪار جا لائق.
– **اَهلِ كتاب:** ذ. الاهي ڪتابن کي مڃيندڙ غير مسلمان (عيسائي، يهودي).
– **اَهلِ كَرَم:** ذ. ڪرم جا صاحب، رحم وارا. سخي.
– **اَهلِ كَلام:** ذ. ڪلام جا صاحب. فصيح ۽ بليغ ماڻهو.
– **اَهلِ كَمال:** ذ. ڪَمالِيت جا صاحب. ڪاملَ – پُهتل.
– **اَهلِ مَجْلِس:** ذ. مجلس وارا. مجلس ۾ شريڪ ماڻهو.
– **اَهلِ مَعْرِفَت:** ذ. علم معرفت جا صاحب. خدا شَناس – آتر گِياني.
– **اَهلِ مَنْصَب:** ذ. وزير مشير. عهديدار.
– **اَهلِ نَظَر:** ذ. ڏِسندڙ. نَقّاد – مُتَكلّمين – فيلسوف. دوراندیش. عاشق مزاج.
– **اَهلِ و عيال:** ذ. زال ۽ ٻار – ٻار ٻچا.
– **اَهلِ هُنَر:** ذ. (ع. اَهل + ف. هُنَر) هُنرمند – هُنر جا صاحب.
– **اَهليَّت:** ث. [ع] قابليّت – لياقت. لائقي.
– **اَهْلِيَه:** ث. [ع] گهَروارِي – زال.

Gul Hayat Institute

– **اَهْلَڻ:** مصدر. [سن. اَوَرْجْ = لاڑو ڪرڻ، نمڻ] هڪ پاسي لاڑو ڪرڻ. اُلار ٽيڻ (گاڏي)، اوهر ڪرڻ (بار). ليڻ. آرام لاءِ ٽيڪ ڏيڻ. سُمهڻ، لَڙڻ – جهُڪڻ. مائل ٽيڻ. (اَهليو – اَهلندو – اَهليل).

– **اَهْلُ ج اَهْلُون:** ث. ليتَ. لاڙو. اوهَرُ. نيڪ. خوشامد (ت). تور ۽ واڌ – اَتَل.

– **اَهْلِجَڻُ:** مصدر "اَهلڻ" مان فعل مجهول. ليڻجڻ.

– **اَهل ڏيڻ، رکڻ:** چور يا پاٽاريدار جو چوريءَ ٽيل مال بابت ڪنهن طرف شڪ ڏيڪارڻ يا اشارو ڪرڻ.

• **اَهَرُ:** ذ. [سن. اَهتَرْ = نقصان] هرج – نقصان – چيهو. عيب – گهٽتائي – سُقمَ.

• **اَهَرّ:** صفت. [ع. "هامّ" جو تفضيل] وڌيڪ اهميّت وارو. بلڪل ضروري. خاص. ڳرو – پاري. مشڪل (ڪم).

– **اَهَمّيّتَ:** ث. ضرورت. خصوصيت. قَدْر.

• **اِهْمالُ:** ذ. [ع] غفلت – سُستي. تاخير – دير. بيپرواهي. ڏنو – گُشو – دَمُ.

• **اَهْمائڻُ:** مصدر "اَهمڻ" مان متعدي بالواسطه. ٻڪر جي ڪوري ٽاڻءَ کي پهريون دفعو پاڻيءَ سان ڏوئي صاف ڪرڻ.

– **اَهْمايَلُ:** ذ. صفت. ٻڪر جو ڪورو ٽاڻءَ اُماهيل. واپرايل. ڪتب آندل (ٽاڻءَ).

• **اَهْمَڻُ:** مصدر. [سن. اُشْرَ = گرمي] گهُٽ ڪرڻ – گرمي ڪرڻ. اُڪرس ٽيڻ. گرم ٽيڻ – کپڻ. ماندو ٽيڻ – سَهڪڻ. اَهرجڻ – بيهوش ٽيڻ – ڏيڪرجڻ. تڪڙ ڪرڻ – جلدائي ڪرڻ. اڪ کي مهٽي پاڻي ڪيڻ. (اَهميو – اَهمندو – اَهميل).

– **اَهْمَرُ:** ث. گرميءَ جي گهُٽ – مونجهَ – اوگهم – اُڪرس.

– **اَهْمائي:** ث. گهُٽَ – مونجهه. دَمڪَشي. سوڙهَ. اُڪرس – گرمي. تڪڙ. سَهڪو. ماندڪائي.

– **اَهْمي (ل):** ث. گرمي – گهُٽ – مُونجهَ – موڙهَ. اُڪرس. سَهڪو. ماندڪائي.

• **اَهْمو ج اَهْما:** ذ. ڪاڙهو – رُگهه. سهڪو. (صفت) گهُٽ وارو. تڪڙو – جلدباز – اُبهرو. سائو – ٽڪل – ماندو.

– **اَهمو ٽيڻ:** ماندو ٽيڻ – ساٿو ٽيڻ. غش ٽيڻ.

• **اَهَنُ ج اَهَنْ:** ذ. ساهمَڻيءَ جي پڙن کي برابر ڪرڻ لاءِ وڏل وزن (پٿر يترو وغيره) – پاسنگ. ڪاٽ. ڪنهن خالي ٽاڻءَ جي تور.

• **اَهَنجُ ج اَهَنج:** ايذاءُ ۔ درد – پيڙا – تڪليف. سُور – ڏک "اندر اِيءُ اهنج، سانديج سُکائون ڪريَ" (شاهه). ڏُکيائي – اولائي.

– **اهنج ايذاءُ:** ذ. ڏک سُور. ايڙا پيڙا.

– **اَهنجائتو:** ذ. صفت. اَهنج وارو – ڏکيو – تڪليف وارو – مُشڪل.

– **اَهَنجائي ج اَهَنجايُون:** ث. ڏُکيائي – تڪليف – مُشڪلات. سوڙهَ – تَنگي. لاچاري حالت.

– **اَهَنجو ج اَهَنجا:** ذ. صفت. ڏکيو – اولو – مشڪل. آٿانگو. (ث) اَهَنجي ج اَهنجيُون.

– **اَهنجو ج اِهنجا:** ضمير. اوهان جو ۔ توهان جو.

• **اَهَنْجو (ڪ):** ذ. اُس – تڑڪو – ڪاڙهو. (ث) اَهِنجي ج اَهَنجيُون.

• **اَهَنْدَلُ اَهَنْدَرُ:** ذ. ڪپڙن جو جوڙو – وڳو "ڪوءَ سو اَهَندڙ پَٽَ جو، جنهن مان وڏوڙو واپار" (شاهه).

– **اَهَنْدُ ج اَهَنْدَ:** ذ. صفت. ڏنگو – ڏنگي سياءُ وارو – اڙهنگ. حرڪتي. ضديَ ۔ شِدتي – هوڏي. ويڙهاڪ. مَٽي ڦريل. اَٽ هنڌائيل (زيور، ڪپڙو، وغيره).

• **اَهَنْدُ (اَهَنْدُن) ج اَهَنْدَ (ت):** ذ. صفت. ٽَڪل – ساٿو. هيٺو – بي طاقت.

• **اَهَنْدُ (اهنڊُن) ٽيڻ:** ٽڪجي پوڻ. تمام هيٺو ٽيڻ – ڏُهرو ٽيڻ.

• **اَهَنْدُ ج اَهَنْدُيُون (لس):** ث. اوڪائي – ڏکيائي – تڪليف. عذاب – سختي "اَهَنْدُيُنْ سندو اُن تان، حڪم لاهه حميرَ" (پارپيو برادين).

• **اَهَنْدُو (ل، ڪ):** ذ. ننڊ جو خمار. سُستي.

• **اَهْنَرُ ج اَهْنَرَ:** ذ. [سن. ١. اَنْ = ساڻ + وَرَه = گهوٽ؛ ٢. اَهه = ڏينهن + نَر = ساڻ + وَرَه = گهوٽ؛ ٣. اَهه = ڏينهن + نَر = مڙس = ڏينهن جو جوڙو] شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جي سيج يا پَڪي جو پهريدار (جو اڪثر گهوٽ يا ڪنوار جو پيٽيرو هوندو آهي).

• **اَهَ نس:** ظرف. [سن] رات ڏينهن – ليل و نهار – روزو شب. ساندَهه – لڳاتار.

• **اَهْنسا:** ث. [سن. اَ = نہ + هنْسا = ايذاءُ] بي آزاري – ڪنهن بہ ساهواري کي نہ ڏکوئڻ جي حالت. عدم تشدّد.

– **اَهْنسَڪُ:** ذ. صفت. اهنسا جي مسَتي تي هلندڙ – بي ضرر. ڪنهن کي بہ ايذاءُ نہ رسائيندڙ.

• **اَهَنْكارُ:** ذ. [سن. اَهم = آءُ + كار = ڪرڻ = آءُ ڪرڻ. خودي ڏيڪارڻ] آپو – خودي – اَنانيّت. هَڪ – تڪبّر –

Gul Hayat Institute

غرور – اَيمانُ.

• **اَهْنُو اَهْنوڙي (ڪ):** ث. پهريون دفعو وياڻل (ڏڳي، مينهن، ٻکري، وغيره) – پهريات.

• **اَهْنو ج اَهْنا (ل):** ذ. طعنو – مهڻو.

• **اَهْنوارَجَڻ:** فعل مجهول. خَراب ٿيڻ. وائڙو ٿيڻ. بيهوش ٿيڻ (اَهنوارِيو – اَهنواربو – اَهنواريل).

• **اَهنوتري:** ث. اَهنر جو لاڪ – اُهي شيون جي تحفي طور اهنر کي مَلن.

– **اَهنوتري ڪمائڻ:** شادي ۽ جي وقت اهنر ٽي اُجورو حاصل ڪرڻ.

• **اَهْڻا نه گهڻا:** محاورو. خواب نه خيال – نه وهم نه گمان.

• **اِهڙو ج اِهڙا (ڪ):** ذ. پَهاڪو – چَوٽي.

• **اَهو ج اَها:** ذ. [پرا. اَسُ: سن. اِشْ = تير] تير – ڪانُ "اَهو به ويو. ته سَهو به ويو" (چوٽي).

• **اِهو ج اِهي:** ضمير. [سن. اِدم] هيءَ – ساڳيو.

– **اِهو اِهو ڪرڻ:** هيڙهو هيڙهو ڪرڻ – ٽنول ڪرڻ.

– **اِهوئي:** صفت. اِهو ساڳيو.

• **اُهو ج اُهي:** ضمير. [سن. اَدَسْ] هُو.

– **اُهوئي:** صفت. اُهو ساڳيو.

• **اَهْواڳ (ت):** ظرف. [سن. اُگاڌَ] تمام اونهو – عميق.

– **اَهواڳين هُجڻ:** تمام اونهو هُجڻ – عميق هجڻ.

• **اَهوڙَ ج اَهوڙُون (ت):** ث. پيري جي ڳولا – آهوڙ.

• **اَهُوسَهُو (ت):** صفت. مٽ مائٽ – عزيز قريب. وارث وسيلو – ڏٽي ڏوٽي.

• **اَهُونْ:** ث. [سن. اَهَمْ = آءٌ. خود] خودي – پاڻپڻو – وڏائي – تَڪبّر "آديسين اندر جي، ساڙي آهُون آٽي" (دلپت).

• **اَهُئينْ:** ظرف. هروپرو – خالي پيلي. مفت ۾. بنا سبب جي.

• **اَهِي پَهِي:** ذ. صفت. [سن. اَهي = مُسافر + پَهي < پَتڪ = رهبر] اوهي واهي – ڏٽي ڏوٽي – وارث وسيلو. مددگار. واقف. (ث) جاڻ سُجاڻ – واقفيت.

• **اَهِيرَ ج اَهِيرَ:** ذ. [سن. اَبِيرَ] گُنوارُ – گُئون پالينڌڙ. (اسم خاص) هنڌن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَهِيرَڙ ج اَهِيرڙيُون (ت):** ث. سنداڻ – اَهرڙ.

• **اَهِيڑي ج اَهِيڑي:** ذ. صفت. [سن. اَکيٽيَ] آهيڙي – شڪاري.

• **اُهَيْلَ (ڪ):** ث. وياهَڙ کي ويجهي ٻکري (جنهن جي اوهه ۾ ڪير آيل هجي) – اوهَيل.

• **اُهينْ:** ضمير. [سن. يُوْيَمْ] اوهين – توهين.

• **اَهَيْڙِي ج اَهيڙِيُونْ (ت):** ث. صفت. ڏُکي – حامل – گريڙي.

• **اُئالو ج اُئالاَ:** ذ. صفت. گهَٽ – اُنئالو. "سُنئالو" جو ضد.

• **اِئانْ:** ظرف. اِتان – انهيءَ جاءِ وتان.

– **اِئائينْ:** ظرف. اِتائين. انهيءَ طرح – ائين.

• **اُئانْ:** ظرف. اُتان – اُنهيءَ جاءِ تان.

• **اُئانْ اُئانْ:** ذ. نندڙي ٻار جي روئڻ جو آواز. ڄمڻ وقت ٻار جو آواز.

– **اُئانْ اُئانْ ڪرڻ:** نندڙي ٻار جو روئڻ.

• **اَئِڪ ج اَئِڪَّ:** ذ. چرخو (سٽ ڪتڻ جو). نار – هرلو.

• **اَئِڪَ ج اَئِڪُونْ:** ث. چهن يا ائن مهينن جي ٻکري (جا اِجا لڳي نه هجي) – پَٺ.

• **اَئڊريسَ، اَيڊريسَ:** ث. [انگ. address] پَتو – سَرنامو. سپاسنامو – خطاب.

• **اَئِڪْٽ ج اَئِڪْٽَ:** ذ. [انگ. act] قانُون – قاعدو. هدايت. نقل. ڪر – عَمل.

• **اَئِڪْٽَر ج اَئِڪْٽَرَ:** ذ. [انگ. actor] فلم يا ناٽڪ ۾ ڪم ڪندڙ. پارٽ ڪٽندڙ – اداڪار.

• **اَئِڪْٽِنگ:** صفت. [انگ. acting] ٻئي جي جاءِ تي ڪم ڪندڙ (آفيسر). عارضي طور ڪم ڪندڙ – ڪَچو ملازم.

• **اَئِمَّهْ:** ذ. [ع. امام ج آئمه] امام. سردار.

• **اَئُنْڌرو اَئُونْڌرو ج اَئُنْڌرا، اَئُونْڌرا:** ذ. صفت. حرڪتي. ڪيچلو – ڏنگو. جهيڙاڪ.

• **اَئِنْجَرُ ج اَئِنْجَرَ:** ذ. [سن. آنْجَلَ] آنْجل. دامن – پَلئُ "پب گيري پيش پئو. وٺ اَئنجرڪر ڪا آهه" (جلال).

• **اَئِنْجلو ج اَئِنْجَلا (ت):** ذ. ڪپڙي جو ٽڪر (جو پنگ وغيره چاڻڻ ۾ ڪم اچي) – صافو.

• **اَئِنْدي:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَئِڻي (ت):** ث. گاهه جو هڪ قسم.

• **اَئُونْ:** حرف جملو. ۽ ٻيو وَري. تنهن کان سواءِ.

• **اَئُونْڌو ج اَئُونْڌا (لس):** ذ. نندِ جو جهُٽڪو – پنڪي "آئُونڌي نند، اوجاڳي، آرس، خنڪيءَ، ڳَهَر خماري هُئي" (سَئُو جو لنگهو).

• **اَئِي ج اَئُونْ:** ث. ٻَڪري. ٻن سالن جي ٻکري. زالن جو هڪٻئي کي سڏڻ جو لفظ – آڙي!.

Gul Hayat Institute

– **اَئِياري ج اَئِياريُون:** ث. صفت. ہڪرين واري – ہڪريون چاريندڙ.
• **اَئِينْ:** ضمير. [سن. يُوْيَم] اَوهين – توهين.
• **اِئِين:** ظرف. [سن. اِمَ] اَهڙيءَ طرح – اِن ريت.
– **اِئِين جو اِئِين:** ظرف. بلڪل انهيءَ طرح – ائين ئي.
• **اَئِينْ:** ظرف. [سن. ايوَمْ] اَهڙيءَ طرح. خواه مخواه ـ اجايو. بنا سبب جي. مفت ۾.
• **اَيْ، اي:** حرف ندا. [ع. اَي] سڏن جو لفظ. اَڙي! – اوا.
• **اِيْ:** ث. ايذاءَ کان وات مان نڪتل آواز.
• **اِيْءُ:** ضمير. [سن. اِوَمْ] هي.
• **اَيارَ اَيَرَ ج اَيَر اَيَر (ک):** ذ. صفت. اَيُونْ (ہڪريون) چاريندڙ – ہڪرار.
• **اَياري ج اَياريون (ک):** ث. ہيڙيءَ ۾ ڪوهي جي جهل وارو رسو.
• **اَياز:** اسر خَاص سلطان محمود غزنوي جي پياري غلام جو نالو (جنهن لاهور ۾ وفات ڪئي، هاڻي "پير سبز" جي نالي سان مشهور آهي).
• **اَياغ ج اَياغ:** ذ. [ع] شراب پيئڻ جو پيالو – قدح.
• **اَيالَ:** ذ. [ف. يال > اَيال] گهوڙي جي ڪنڌ جا وار – ہڙ ـ بُشڪون.
• **اَيام:** ذ. [ع. يَومُ ج اَيّامُ] ڏينهن. گهڙو عرصو يا مُدت. زمانو. واقعات. (عورت جي) حيض جا ڏينهن – ماهواريءَ جا ڏينهن.
• **اَيامكاري:** ث. (ع. ايام + ف. كاري) حڪومت جو زمانو – صاحبي. عملداريءَ جو عرصو. بيٽلائيءَ جو وقت.
• **اَيام مَاهْواري:** ذ. ماهواريءَ جا ڏينهن.
• **اَيانْ، اِيانْ:** ذ. صفت. [سن. اَجَيانَ] اَڃاڻ – نادان – بيوقوف – جاهل – مورڪ.
• **اَيانْپ، اِيانْپ:** ث. ناداني – بيوقوفي – بيعقلي – جهالت. مورڪائي – اڻڄاڻائي. "سياڻپ" جو ضد.
• **اَياڻو اِياڻا ج اِياڻا:** ذ. صفت. [سن. اَجَيَانَ] بي سمجهه – اڻڄاڻ – بيوقوف – نادانُ – مورڪ. سادو سُودو – هالو پولو. نماڻو. "سياڻو" جو ضد. (ث) اَياڻي ج اَياڻيُون.
– **اَياڻائي:** ث. ناداني – بيوقوفي – جهالت.
• **اَيائي ج اَيائيُون (ک):** ث. صفت. اَڻ وياڪل (ہڪري، رڍ يا ڏاڇي).
• **ايبر ج ايبرُون (ک):** ث. ڪيري رڍ.
• **اَيبَكَ:** اسر خاص. [ترڪي. اِيْبكْ = ڪڪڙ جو مور: ف. ايبک = بُتُ] غلام گهراڻي جي پهرئين بادشاه "قطب الدين" جو لقب (جنهن هندوستان تي ۱۲۰۶ ع کان ۱۲۱۰ تائين حڪومت ڪئي).
• **ايبيْ ج ايبيُوْن (ل):** ث. اَڻ جي نڙيءَ ۾ ٽيل ڳنڍيو (بيماري).
• **ايتر:** ظرف. ايترو (عرصو) – ايستائين. ايتري ۾ ـ انهيءَ وچ ۾.
• **ايترو ج ايترا:** ذ. صفت. اِنهيءَ جيترو – انهيءَ قدر. هيترو (انداز، وقت).
– **ايترو سارو:** ظرف. گهٽو – مقرر انداز کان زياده.
– **ايتري ۾:** ظرف. اِنهيءَ عرصي ۾ ـ تنهن وچ ۾.
• **اَيتُ، اَيْتُ:** ذ. هڪ تارو جو بَدي مهيني جي پهرين ڏهن تاريخن (آگسٽ ۱۷ـ۲۷) ڏاري ايري ٿو "بَدي پهرين ماه ۾ ايٽ ايريو – موٽڻ سندو من ۾ قاضيءَ قصد ڪيو" (فاضل شاه: ليليٰ مجنون). ڪن جي چوڻ موجب بدي جي پوين تاريخن يا اڃا به اَسُوءَ جي پهرين تاريخن ڏاري اُيري ٿو. پهريائين اَسُر وقت اُيري ۽ جيئن پوءِ تيئن اڳ ۾ اُيري، تان جو آڏيءَ ڏاري ايرندو آهي. ڏکڻ اوپر ڪنڊ کان ايرندو ۽ ڏاکڻي افق تي ئي رهندو. عام خيال موجب اَيٽ اُيري درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاهو آڻيندو آهي "ايٽ تارو ايريو لڦا پور مٽا، سهسين گز سموند جا ٿو سوسيو ڪيي ساه"؛ "جر وٽندين جاءِ، جڏهن ڏسندين ايٽ اڪين سان" (رسالو). مال جو ڪير سڪائيندو، هرن کان ٻاهر جيڪي جيت هوندا تن کي ماريندو، ان وقت جَمڙو سٹو رگبو ۽ خوشبوءِ ڪندو "اَيٽ نہ رگي ڪلڙيْ، جا اڳي سڙي آه" (گرهوڙي) – پيسرو – اَگٽ (ه) – سُهَيْل يَمَني (ع.ف).
• **ايتاجُ:** ذ. [ع. اِحتياج] گهرج – ضرورت.
– **ايتاجو (ت):** صفت. محتاج – گهرجائو.
• **اَيْتَرو:** ذ. صفت. ٽِرڙو. وائڙو. زيانڪار.
• **اَيْتَ (ت):** ث. اوٽ ٽيڪ.
• **اَيتُ ج اَيتَ:** ذ. [سن. اَرگهَتَ] سُٽ ڪٽڻ جو اوزار – چرخو. نارُ – هُرلو.
– **اَيتائو:** ذ. صفت. اَيٽ جو – چرخي وارو.
– **اَيت چاڑهڻ:** هُرلو چاڑهڻ. گهٽي محنت ڪرڻ. ڏاڍو روئڻ.
– **اَيت هلائڻ:** چرخو چورڻ. هُرلو وهائڻ. انتظام رکڻ. ڪاروبار هلائڻ.
• **اِيتَ:** ث. [سن. اِشْٹِكا = سَر] بَتن ۾ چوڻڪڙيءَ جو رنگ.
• **ايتاجُ ج ايتاجَ (ت):** ذ. انومان – گمان. خيال صلاح.

Gul Hayat Institute

• **اَيْتَپار:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَيْتِرْيَ ج اَيْتِرْيُون:** ث. اَرتي – ڪپهه تاڻڻ جي مشين. ننڍو اَيٽ. مگر مڇ جو هڪ قسم.
• **اَيْٽ ج اَيْٽُون:** ث. [سن. اَوَهْ] ننڍي جوان ٻڪري جا اڃا وياڻي نه هجي – پَٺ – اَيٽ (ڪ).
• **ايٽ (ٽ):** ث. اوبَر – جُوٽ.
– **ايٽو ايلواڙو:** ذ. اوباريل ڪاڏو.
• **اَيڌا:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **اَيْڌڙ ج اَيْڌَڙُون (ل):** ث. رسي پيڙ جي ڪاٺي.
• **اَيْڌو (ت):** ذ. آبادي‌ءَ هيٺ نه آيل ميدان – آئلو.
• **ايڌي:** ث. ٻُوٽي‌ءَ جو هڪ قسم.
• **اِيْڌار:** ذ. [ع] پنهنجي فائدي کي ٻين جي خاطر قربان ڪرڻ جي حالت. قرباني. بنا لالچ خدمت.
• **ايڄ ج ايڄ:** ذ. اَهنج – ڏکيائي – تڪليف. "هيڄ" جو ضد.
• **اِيجابَ:** ذ. [ع. وَجَبَ (= واجب ٿهرائڻ > اِيْجاب)] لازمي ٿهرائڻ جي حالت. ثابت ڪرڻ جي حالت. منطق جي اِصطلاح موجب "سَلب" يعني "اِنڪار" جو ضد. نڪاح يا ڏيتي‌ءَ ليتي‌ءَ ۾ ڪنهن به طرف جي آڇ (مثلاً مڙس جو زال کي چوڻ ته "مون توکي زال ڪري قبول ڪيو" ايجاب آهي: انهي‌ءَ جي پويان زال جو چوڻ "مون کي اهو قبول آهي" کي "قبول" چئبو).
– **اِيجابُ و قَبول:** ذ. نڪاح جو قول (گهوٽ جي ڀاران) ۽ اِقرار (ڪنوار جي ڀاران).
• **اِيجادُ، اِيجادَ (ٽ) ج اِيجاد، اِيجادُون:** ذ. [ع. اِيْجادُ = وجود ۾ آڻڻ] نئين سر وجود ۾ آڻڻ – نئين شيءِ ڳولي ڪڍڻ جي حالت. اِڪتشاف – اِختراع "ميوو مخلوقن جو، علت ايجادا" (گرهوڙي).
– **اِيجاد ڪرڻ:** ڪا نئين شيءِ (دوا، مشين، ڪم جو طريقو، وغيره) وجود ۾ آڻڻ.
• **اِيجاز:** ذ. [ع] انتخاب – اختصار – تَتُ – خلاصو.
• **اِيجَنْٽ ج اِيجَنْٽ:** ذ. [انگ. agent] مالڪ جي ڀاران ڪم ڪندڙ – عوضي. گماشتو – پلاوٽو.
• **اِيجَنْسي ج اِيجَنْسِيُون:** ث. [انگ. agency] ڪم ڪار هلائڻ لاءِ تنظيم. ڪنهن ڪمپني‌ءَ جي ڀاران ڪم هلائيندڙ آفيس.
• **ايجي‌ءِ جو لَڪ (ڪ):** اسر خاص. ڪيرٿر جبل ۾ هڪ لک جو نالو.
• **ايجهو ج ايجهَا:** صفت. اهڙو.
• **اِيجُونْ پِيجُونْ:** ث. مٺا جيئرا مائٽ – اڳيون پويون پيڙهيون. ڪنهن جي اولاد جون بدافعاليون اِتر پٽر.
– **اِيجُون پِيجُون ڪڍڻ:** مُٺن جيئرن جا عيب ڪڍڻ – اِتر پٽر ظاهر ڪرڻ.
• **ايچپو ج ايچپا:** ذ. [سن. آشرَ = پناهه، مدد، بچاءُ] پناهه. اِحسان – ٽورو.
– **ايچپو ڪرڻ:** احسان ڪرڻ – ٽورو ڪرڻ.
• **اَيڏ ج اَيْڏَ (ڪ ل):** مضبوط ٽيڙ، پڪڙ، چڙهڻ (پاڻي)] ٽُلهو – مَتارو. سگهارو. زور وارو (مرد، گهوڙو) "پَٺند، پَچاڙيون، پاوڙا، ايڏ ڪري ٿو آڏ" (شيخ ابراهيم). پهلوان بيپرواهه.
• **ايڏانهُنْ، ايڏانهُونْ، ايڏانهِينْ:** ظرف. انهي‌ءَ طرف – انهي پاسي.
• **ايڏنئُون، ايڏانئين:** ظرف. اِنهي‌ءَ پاسي – ايڏانهن.
• **ايڏيرو، ايڏَتي:** ظرف. ڪجهه انهي پاسي – ذرا انهي‌ءَ طرف.
• **ايڏتانهُونْ، ايڏتانهين:** ظرف. ايڏَيرو.
• **ايڏَرَ ج ايڏَرَ (ٽ):** ذ. اُٺ جي ڪوڙي. تي گاٺ وارو سخت حصو.
• **اِيڏَر (ڪ):** ث. آڪڙ ـ سيٽ. تنبيهه.
• **ايڏَرو ج ايڏَرا:** ذ. صفت. "ايڏو" جو تصغير. ايترو ننڍو. ننڍڙو. (ٽ) ايڏڙي ج ايڏڙيُون.
• **ايڏو ج ايڏا:** صفت. ايترو وڏو. اِنهي‌ءَ جيترو. انهي‌ءَ جيڏو. (ٽ) ايڏي ج ايڏيُونْ.
• **ايڏهانْ، ايڏَهُونْ، ايڏَهين، ايڏي:** ظرف. اِنهي‌ءَ طرف – اِنهي‌ءَ پاسي – ايڏانهن.
• **ايدوانْس:** ذ. [انگ. advance] اڳوات ڏنل رقم – پيشگي. سُوٽي.
• **اَيْدووڪيٽ:** ذ. [انگ. advocate] وڪيل.
• **ايڊِيٽَر ج ايڊِيٽَرَ:** ذ. [انگ. editor] اخبار لکندڙ. منشي – مدير.
– **ايڊِيتوريل:** ذ. [انگ. editorial] ايڊيٽر جو لکيل مضمون – اخبار جي نظريي کي پيش ڪندڙ مقالو.
• **ايڊيُوڪيشن:** ث. [انگ. education] تعليم.
– **ايڊيُوڪيشنل اِنسپيڪٽر:** ذ. [educational inspector] تعليم کاتي جو هڪ آفيسر.
• **اِيذاءِ ج اِيذاء:** ذ. [ع] درد – سَور. آزار – اَهنج.
• **اِيذائِيٽ:** مصدر. [ع. اِيْذاءِ = ڏکوئڻ] ڏکوئڻ. تڪليف ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

ستائڻ — آزارڻ. رَنجائڻ. (ايذايو. اِيذائيو — اِيذائيندو — اِيذايل. اِيذائيل).

- **ايرُ:** ذ. [سن. ايلَ. اَيْلَ] کو خاص تعداد. [سن. اِيْرشا] حسد. تفاوت. [سن. هيرک] ڳجهي خبر آٽيندڙ — جاسوس — چاري "تکو ايرنہ پَير نکي اوئي آئيو" (شاهہ).
- **ايراجو:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **اِيرادُ:** ذ. [ع] ثابتي — دليل (پيش ڪرڻ). گواه (آڻڻ). ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ شعر جو بيت ثابتيءَ طور آڻڻ جي حالت. شاهد — سند — حوالو.
- **ايرادو ج ايرادا:** ذ. [ع. اراده] اِيرادو. خواهش — مرضي. رَبّ جي رضا. قسمت — نصيب.
- **اِيرادو ج ايرادا:** ذ. [ع. اِراده > ايرادو > ايراذو] اِرادو. قسمت — نصيب "ايراذي، آندي، ڳورنهاري ڳوٺ ۾".
- **ايراضي:** اسر خاص. تعلقي تَنَدي محمد خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ايراضي ج ايراضيُوْنْ:** ث. [ع. اَرْض ج اَراضي > ايراضي] زمين — زمينون. زمين جي ماپ — پکيڙ — رقبو.
- **ايراضي سَعدڪي:** اسر خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ايراضي گهوٽڪي:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ايراقُ ج ايراقَ:** ذ. [ترڪي. يَراقُ = هٿيار پنوهار. ساز سامان. هيرا جواهر] گهوڙو — سُواري.
- **اِيرانُ:** اسر خاص. ڏکڻ اولهہ ايشيا جو هڪ قديم تهذيب ۽ تمدن وارو وڏو ملڪ (جنهن تي چون ٿا تہ اهو نالو اَيْرج پٽ فريدون جي نالي سببان پيو). پاڪستان جي اولهہ ۾ هڪ محدود اراضيءَ واري مُلڪ جو نالو.
- **اِيرانيءِ ج اِيرانيِ:** ذ. صفت. اِيران جو (رهاڪو. (ذ) تتر جو هڪ قسم (رواجي تترن کان ٿلهو ۽ بُت ۾ وڏو لَنب ذرا ڳاڙهاڻ تي مائل. ٽنگون ٿلهيون ٿينس). (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.
- **اِيرانُنُوْنْ، اِيرائُون:** ذ. ڪَدو.
- **ايرائُون (ت):** ث. شڪار جي اصطلاح ۾ تنگڻ جي وچ ۾ ڏنل گز يا ڪائيون.
- **ايرپيرُ:** ذ. آج وج — آمدرفت. مُنهن مهاڙ — واسطو — تعلق. جاڻ سُجاڻ.
- **ايرپيرنہ هُجڻ:** تعلق نہ هجڻ — واسطيداري نہ هجڻ. شڪ شبهو نہ هجڻ.
- **ايرڙي ج ايرڙيُوْنْ (ل):** ث گند جو ڊير — اڙوڙي. مالهہ ۾ هڏڻ جي ڪائيَ — اِرڙي.
- **اَيرُ غَيرُ:** ذ. [ايرُ + ع. غير] گند ڪچرو — ڪِنْ چِنْ — مَرَ ميل. (صفت) ڏاريو — بيگانو — اجنبي.
- **ايرُ قَيرُ:** ذ. [ايرُ + قَير < قِرڙ] مَٽ سَٽ — قَير گهير. متاستا — ڏي وٺ. ڏند فريب.
- **اِيْر ڪا:** ث. [سن. اِيْرشا = ريس] حَسَدُ — هُوس — سارُ — ڪامَ.
- **ايرَنْدي:** ث. [سن. ابرگَنْدَ] هيرڻ — هرڻ. جو وڻ.
- **ايرنڊيءِ جو تيل:** ذ. هيرڻ جو تيل (جو جلاب طور ڪم اچي).
- **ايرَڻُ (ل):** مصدر. [سن. وروه = چٽائڻ] چُٽائِڻُ (زخم) — ميڙڻ (ڦٽ). پَرڻ — انگوَرڻ (زخم. ڦٽ). ڊِگ ڪرڻ — هڪبئي متان رکڻ (ٽانُو). سَٽڻ (ڪائيون. وغيره). ناهي رکڻ. (ايريو — ايرينڊو — ايريل).
- **ايرائِنُ:** صفت. "ايرڻ" سان متعدي بالواسطه. چٽائڻ (زخمي).
- **ايرَحُ:** مصدر "ايَرڻ" مان فعل مجهول پَرحڻ (ڦٽ) — ميڙجڻُ (زخم) — پَرحڻ — انگورحڻ (قَرڙي).
- **ايرندِ ايرينڊ:** وَرندڙ. چٽندڙ (ڦٽ).
- **ايرڙي ج ايرڙِيُون:** ث. مالهہ جي ٽڪيل ڪائي — اِرڙي.
- **ايرَو ج ايرا (ڪ):** ذ اُها مقرر جاءِ جتي ڪائيون چونڊي گڏ ڪجن. چونڊيل ڪائين جو هڪ جاءِ تي سَٽو.
- **ايرو گهيرو:** ذ. چوڌاري — آسپاس.
- **ايريُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ايريالُ:** ذ. هڪ قسم جو هوتو (جو دوائن ۾ ڪم اچي) — قَرهو.
- **ايرِنْگُ ج ايرِنْگ:** ذ. [انگ. ear_ring] ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ گَهُ — گوشوارو.
- **ايريو:** ذ. پساريڪي وکر جو هڪ قسم (هڪ وڻ جي سُڪل رَسَ جا دوا ۾ ڪم اچي). پٽ جو بنياد — پيڙهہ (ت). روڪڙن پيسن تي ڪنيل مقاطعو (جو زمين جي پيدائش جي حصي ڏيڻ بدران ادا ڪجي). زميندار جو هاريءَ تي بٽئي طور نقد رقم جو ٻڌل ٻانڊاڻ. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.
- **ايڙَ ج ايڙون:** ث. [هـ. ايڙ. ايڙي] ڪڙي — آڙي.
- **اَيڙُ ج اَيڙَ (ل):** ذ. اِيڙ — بدُو.
- **اِيڙُ ج اِيڙَ:** ذ. صفت. بدُو. جهنگلي "اِيڙ پنهوار". چپ. ڏهَ.

Gul Hayat Institute

• **اِيْڙ پيْڙ اِيڙا پيڙا:** ث. لڳ جو سُور – بَدن جي ياج. بيماري. تڪليف.

• **ايڙَڪُ ج ايڙَڪ:** ذ. [سن. ايڍَڪ = هڪ قسم جي رڍ، گهنو. جهنگلي ٻڪر] جهنگلي ٻَڪر. وڏو دُنبو – ويڙهو گهنو.

• **ايزابليش:** جملو. [بلوچي. ايزا = هتي + بِل = چَڏ + ايشي = هن کي] هن کي هتي چڏ. "تنين پهيو پاڻ ۾ 'ايزا بليشي' " (شاه).

• **ايزادُ:** ذ. [ع] واڌ – واڌارو، اضافو.

• **ايزد:** ذ. [ف] ڏاتي تعاليٰ.

• **ايزدي:** صفت. خُدائي.

• **اِيزَڪ ج اِيزَڪُون (لس):** ث. ڪير وجهڻ لاءِ ننڍڙي سانداري (جا ٻيرولي ۽ ڏاڙهونءَ جي چوڌيءَ سان ماريل ڪَلَ مان ٺاهيندا آهن).

اِيس ج اِيسونْ: ث. [سن. اِيسا] ڪت جي پاسي واري دِگهي ڪاڻي – ڪت جي ٻانهين.

اِيسامَ: اسم خَاص. مزاري بلوچن جو هڪ قَبيلو.

ايسانُ: ذ. [سن. اَيْشانَ = اُتر اُپرندو] اُتر اُپرندو طرف.

• **اَيساني، اَيسانِي:** ث. اُتر اُپرندي جي وُڃ (مينهن جي اچڻ جي نشاني) – ٻڪرار ڪنوڻ. مينهن جا آثار. مينهوڪي واري هوا.

اِيستادَگي: ث. [ف. ايستادن (= بيهڻ) > ايستادگي] بيهڪ – قيام. بيٺلائي. شاهُوڪاري.

اِيستادَه: صفت. [ف. اِيستادَن (= بيهڻ) > ايستاده] بيٺل. قائم ڪتل.

ايسيتائينْ: ظرف. ايتري وقت تائين. انهيءَ حد تائين.

اِيْسَرَ (ت): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

اِيسَرُ: ذ. [سن. اِيْشْوَر > ايسر] 'ايسر مهاديو' (جنهن جي نالي سان بلا ۽ وڇوڻ جون جهاڙون رکندا آهن" ايسر مهاديو ڪي وانڇا چَلي"). هندو مرد جو نالو.

اَيْسو: ذ. صفت. بنا ملاوٽ – صفا – اَڻ گَڏيل. جهڙي جو تهڙو. (ذ) آسرو (ت).

ايْسوڏيڙ (ت): آسروڏيڙ.

اِيسوتو ج اِيسوتا (ل): ذ. بيل گاڏيءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺي (ٽانڊي جي تري ۾ چاڪ وت لڳل ڪاٺي) – چورسو.

اِيْسيْ: ث. چَڪيلي يا چڪلي راند (جنهن ۾ چوڪرين هَٿ هٿن ۾ ڏيئي ڪوٽائيءَ ۾ ڦرندين آهن).

ايسينْ: ظرف. ايتري وقت تائين. ايتريءَ دير ۾ انهيءَ حد تائين (مرڪب ۾ ڪم ايندڙ لفظ "ايسين سوڏي ايسين تائين").

• **اِيشْوَرُ:** ذ. [سن. اِيشْوَرَ] اُپائٽهار – پيڱوان.

• **ايشيا، ايشا:** ذ. [انگ. Asia] هڪ مشهور ڪنڊ جو نالو.

• **اِيْصالُ:** ذ. [ع. وَصَلَ (= ڳنڍڻ > اِيْصالُ] وصل – ميلاپ. – **ايصال الثَّواب:** ذ. ثواب پهچائڻ جو فعل.

• **اَيْضاً:** ظرف. [ع] پڻ. اڳئين وانگر. ساڳيءَ طرح.

• **اِيْفا:** ث. [ع. اِيفاءُ] وعدي جي وفائي – انجام جي پُورائي.

• **اِيقانُ:** ذ. [ع] يقين – پَڪ. اعتبار.

• **ايڪ:** صفت. [سن. ايكَ] هڪ – واحد هڪڙو.

• **ايڪا دَسي، ايڪا دَهي:** ث. [سن. ايكا دَشي] سنڌي مهيني جَي يارهين تِٿ (جنهن تي هندو ورت رکندا آهن) – گيارس.

• **ايڪاسي:** صفت. [سن. ايكاشِيت] هڪ ۽ اَسي جو عدد (۸۱).

• **ايڪانْ ج ايڪانَ (ت):** ذ. [ع. اَرْكان] عادت – لَڇڻ – افعال.

• **ايڪانَتْ:** ث. [سن. ايكانْت] اڪيلائي – خلوَتَ – تنهائي. نويڪلائي – خُلاصگائي – گوشه نشيني.

– **ايڪانَتي:** ذ. صفت. اڪيلائيءَ ۾ گذارينڊڙ – گوشه نشين.

• **ايڪانَوي:** صفت. نوي ۽ هڪ جو عدد (۹۱).

• **ايڪائِي:** ث. هيڪڙائي – وَحْدَتَ – يگانگي. (اسم خاص) سادو فقيرن جو گروهه.

• **ايڪْتا:** ث. [سن. ايكَتا] ايڪو – اتّحاد – اتّفاق – ٻڌي.

• **ايڪْتيهَ:** صفت. تيهه + هڪ جو عدد (۳۱).

• **ايڪڙُ، ايڪڙْ:** ذ. خريف جي فصل ۾ پيدا ٿيندڙ سنهڙن پنن سان هڪ ڪائيدار دِگهو ٻوتو جنهن کي مال ڪائي.

• **ايڪڙُ ج ايڪڙَ:** ذ. [انگ. acre] زمين جو ٽُڪر (جنهن جي ايراضي ۴۸۴۰ چورس وال هجي). آبادي‌ءَ لاءِ ٻه جريب زمين جو ٽڪر.

• **ايڪڙِ ٻيڪڙِ:** صفت. هڪ ٻه، ٽورڙا. "گهٽا" جو ضد. (ظرف) هڪ ٻيرا. چدو پادو – ورلي – ڪنهن قضائي.

• **ايڪلائي ج ايڪلائيُونْ:** ث. موچين جو هڪ اوزار (جنهن تي جتي رکي ڪوڪا ٺوڪجن).

• **ايڪلڏارو ج ايڪلڏارا:** ذ. وادڪي ڪم جو هڪ اوزار.

• **ايڪلو ج ايڪلا:** ذ. صفت. [سن. ڪيوَل] اڪيلو – هيڪلو – تنها. چَڙو. (ث) ايڪلي ج ايڪليُون.

Gul Hayat Institute

• **ايڪو ج ايڪا:** ذ. [سن. ايڪ] هڪ – هڪڙو (عدد). هڪڙي درجي وارو انگ (١ کان ٩ تائين). ايڪتا – اتّحاد – ٻڌي. هڪ قسر جي بَکِي. هڪڙي ڏِڳي واري گاڏي – ڇَڪڙو.

– **ايڪي جي وات:** ث. رياضيءَ جو هڪ اصطلاح (تِ رَقمي ۽ پنج رقمي حسابن کي "هڪ" جي مدد سان حل ڪرڻ).

– **ايڪي ۾ هُجڻ:** ٻڌيءَ ۾ هجڻ – اتحاد ۾ هجڻ.

• **ايڪوائِي ج ايڪوائِيُون (لس. ل):** ث. هڪ قسر جو ڳُهہ – هڪ سَر واري دُري.

• **ايڪوائِي ج ا يڪوايُون، ايڪوائِيُوْن (ل):** ث. سونارن جو هڪ اوزار (نندڙي سنداڻ جنهن تي منديون يا چلا ويڙهي گول ڪندا آهن).

• **ايڪوتَر ايڪوترو:** صفت. [سن. ايڪ + اُتّر] هڪ سيڪڙو – سَوَ تي هڪ (وياج).

• **ايڪوَنْجاهہ:** صفت. [سن. ايڪَپَنْچاشَتْ] 'پنجاه + هڪ' وارو عدد (٥١).

• **ايڪويهَ (ت):** صفت. ايڪيهہ (٢١).

• **ايڪَهَتّر:** صفت. [سن. ايڪَسَپْتَتْ] 'ستر + هڪ' وارو عدد (٧١).

• **ايڪَهَٹ، ايڪاهٹ:** صفت. [سن. ايڪَشَشْتَ] 'سٹ + هڪ' وارو عدد (٦١).

• **ايڪَهَڙو ج ايڪَهَڙا:** ذ. [سن. ايڪ + آهار] ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو کاڌو. هڪ ڏينهن جو ورت (هندو اَسُو مهيني جا پهريان نوَ ڏينهن روزا رکندا آهن. جي "ايَکَهٹا" سڏبا آهن)

– **ايڪَهٹا رکڻ:** اَسُو جي مهيني ۾ پهرين نوَن ڏينهن جا ورت رکڻ.

• **ايڪياسي:** صفت. ايڪاسي (٨١).

• **ايڪيتالَ:** ذ. واپارين جي اصطلاح ۾ هڪ مڻ ۾ چاليهن سيرن بدران ايڪيتاليهن سيرن جي تور.

• **ايڪيتاليهَ:** صفت. [سن. ايڪَچْتُوارِنْشَتْ] هڪ ايڪي ۽ چئن ڏهاڪن وارو عدد (٤١).

• **ايڪيهَ:** صفت. [سن. ايڪَونْشَتْ] هڪ ايڪي ۽ ٻن ڏهاڪن وارو عدد (٢١).

• **ايگزِيڪيُوٽِو:** صفت. [انگ. executive] قانُون جي تعميل ڪرائيندڙ. ڪم ڪندڙ. ڪم وٺندڙ.

– **ايگزيڪيوٽو آفيسر:** ذ. انتظامي آفيسر.

– **ايگزيڪيُوٽِو اِنْجنيرُ:** ذ. اِنجنيري ڪاتي جو ڪارڪن عملدار.

• **ايگو ايگو (لس):** ذ. خوشيءَ جو آواز. ڪِڳي. خوشي ئي خوشي. مزائي مزا.

• **ايگو هٹڻ:** ڪِڳي هٹڻ – ڪَيُون ٽوڪڻ.

• **ايلَ، اَيْلَ:** ث. [ترڪي. ايلي] بند ڪرڻ جي حالت. بيگر ۾ لڳائڻ جي حالت. قيد – بند. نظر بندي. اطاعت – تابعداري.

• **ايل ج ايلَ (ڪ.ل):** ذ. صفت. [ع. عَوْلُ] باندي – قيدي "هو سمو جام سين جو پر عشق ڪٹي کو ايل" (راجن شاهہ). [سن. ايلَکَ = گهٹو] جهنگلي. ڏراڙ. رواجي ماڻهو.

• **اَيلَ، اَيلْهَ (ل):** ث. فوج – لشڪر – سپاهہ – ڪٹڪ.

– **اَيْل، أيلهہ چاڑهڻ:** ڪٹڪ چاڑهڻ – فوج چاڑهڻ.

• **اِيْلَ:** ث. [سن. ايدڪ. ايلکَ = گهٹو] هڪ قسر جي رڍ. رڍ يا ٻڪري.

• **اِيلَ:** ث. ڪنهن به شيءِ جي پهرينءَ سَتّ آڇ يا نابري. انڪار – عدول توبهہ – زاري. آڻ (ت) – بانْ. سُوءَ ـ افسوس (ڪ). سُوءَ ۾ رهڻ ڪري ڪن ڪمن (جهڙوڪ سنن طعامن کائڻ يا هار سينگار ڪرڻ) کان پرهيز (ڪ). پرهيز – رک "جن جي اڳَ نہ پڳي اِيْلَ، تن جا مڇ راج رُلائين" (شاهہ). سرڻ جو هڪ قسر. لاڳاپو.

– **اِيل رکڻ (ل):** لاڳاپو رکڻ.

– **اِيل ڪرڻ (ت):** توبهہ ڪرڻ. آڻ مڃڻ – بانْ ڪرڻ (ت). ڪنهن جو عذر ڏيڻ. ڪنهن جي پاران رُسي ويهڻ (راج ۾).

– **اِيل ۾ رهڻ (ڪ):** فوتيءَ جي سُوءَ ۾ رهڻ.

• **اِيلَ، ايڻَ:** ث. سگ ڏيڻ وٺڻ وقت شروعات. گهوٽ سهريجن جي ايل ڪندو. اتي شريڪ ٽيندو جتي ساهرا شريڪ ٽيندا.

• **اِيلاج ج ايلاجَ:** ذ. [ع. علاج] علاج – دوا.

– **ايلاجي:** صفت. علاجي – بيمارُ "عاشق آهي ايلاجي، پائي ڳڇيءَ ڳل ڳاري" (سچل).

• **ايلاڇو ج ايلاڇا:** ذ. هڪ قسر جو ريشمي پَٽا پَٽي ڪپڙو (جنهن ۾ ايلاڇين جهڙا گل هوندا هجن).

• **ايلاڇي:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ايلاڇي ج ايلاڇِيُون:** ث. [سن. ايلِيْکا] مصالحي جو هڪ قسر – ننڍو ڦوٽو – اِلاچي. منگر مڇيءَ جو هڪ قسر (منهن سنهون، وڇ ٽلهو، پڇ سنهون: ڏيگهہ اڌ فوٽ کان هڪ فوٽ تائين).

• **ايلاري:** ذ. "ايلاري گوتر" (آڪهہ) جو ماڻهو.

• **ايلاري پيلاري:** ذ. صفت. لَلو پنجُو. خسيس (ماڻهو).

Gul Hayat Institute

• **ايلاري نہ پيلاري:** محاورو. ڪنهن بہ ڳاٽيتي ۾ نہ، ليڪي ۾ نہ.
• **ايلاڙ:** ذ. [علاجَ > ايلاجَ > ايلاڙ] منٽون – حيلا "هٽ پير پرين جا چميو آهُو آيا ايلاڙ ڪن" (رمضان ڪنير).
• **ايلاهہ ج ايلاهُون:** ث. [اي+اَلله] دانهن – رڙ – ڪُوڪ. آزي. منٽ.
• **ايلاهُون ڪرڻ:** درد مان دانهون ڪرڻ. جند ڇڏائڻ لاءِ عرض ڪرڻ.
• **ايلپاڪو:** ذ. هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو (جو اِلپاڪي جانور جي کل يا اُنَ مان ٺاهيندا آهن).
• **ايلَ پَنْهوارَ ايل پَنْهوار:** ذ. [سن. ايدَ = ردَ + پَشُو = ٻکري + وال = وارو] ٻکرار – ريڍار. جهنگلي – وحشيَ اَڻ سڌريل.
• **ايلچي ج ايلچي:** ذ. صفت. [ترڪي. اِيلچي] سفير – وڪيل. قاصد. (اسم خاص) ڪوٽڙي. ٽنڊي الهيار ۾ قنبر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **ايلسي:** ث. تيلي ٻج جو هڪ قسم.
• **اِيلْغارَ ج اِيلْغارُون:** ث. [ترڪي] حَملو – هَلاڻ – چڙهائي – ڪاهَ – يلغار.
• **ايلياسُ:** اسم خاص. [ع. اِلياسُ] هڪ مشهور پيغمبر جو نالو.
• **ايم ـ اي.** ذ. [انگ. .M.A] ڪاليج جي ڇهين سال جو امتحان ماسٽر آف آرٽس (Post Graduate)
• **اِيما:** ذ. [ع. اِيماءُ] اکين جو اشارو – غمزو. حڪر.
• **اِيمانُ ج اِيمانَ:** ز. [ع] دل جو يقين – اعتقاد – عقيدو. اعتبار – پَروسو – ويساهہ. پَت.
– **اِيمان آڻڻ:** اعتبار ڪرڻ – اعتقاد رکڻ. قبول ڪرڻ – مڃڻ.
– **اِيمان ٻوڙڻ:** پت وڃائڻ. بي ايمان ٿيڻ. ضمير وڪڻڻ. ڪوڙ هڻڻ.
– **اِيماندارَ ج اِيماندارَ:** ذ. صفت. [ع. ايمان + ف. دار > داشتن = رکڻ] ويساهہ رکندڙ. ايمان وارو. سچار. امانت دار – اَمين. سُپتيو. ديندار. مُنصف.
– **اِيمانداري:** ث. سَچائي – سُپت – اَمانَت. ديندااري.
– **اِيمان فَروشُ:** ذ. صفت. [ع. اِيمان + فروش. > فروختن = وڪڻڻ] ايمان وڪڻندڙ بي اِيمان. خيانتي. ڪُپتيو.
– **اِيمان لوڙهڻ:** ايمان ٻوڙڻ. بي ايمان ٿيڻ – بي همت ٿيڻ.
– **اِيمان وَڃڻ:** بي ايمان ٿيڻ. ويساهہ نڪرڻ.
– **اِيمان وڪڻڻ:** لالچ خاطر ڪو ناجائز ڪم ڪرڻ. حق کي ڇڏي ڪوڙ جَي حمايت ڪرڻ. ڪپت ڪرڻ.
– **اِيماني ج اِيماني:** ذ. صفت. ايمان وارو – ايماندار. سورهيہ – دلير.
• **اَيمَتُ ج اَيمَتَ (ل):** ذ. صفت. ٽلهو متارو.

• **اَيمَنُ:** صفت. [ع] اَمن وارو – محفوظ – سوگهو. خوش. ديپڪ راڳ جي هڪ راڳڻي جو نالو.
– **ايمني:** ث. سلامتي ـ امن امان.
– **اَيْمٽا:** ث. [ع. اَمنه] عورت جو نالو.
• **اَيْمو ج اَيْما:** ذ. [ع. اَيمه: ترڪي. يمَه = روزي] شرطي جاگير. وقف زمين.
– **اَيميدارَ:** ذ. صفت. [ع. اَيمه + ف. دار] شرطي جاگيردار. وقف جي زمين سنياليندڙ.
• **ايمِيْ ج ايميُوْن:** ث. [ع] سيپاري جو چوٽون حصو.
– **ايميءِ چَڙهَڻ:** ايمي پوري ڪري مڪتب جيَ هارن سان گڏ جلوس ۾ نڪرڻ. وڏو ماٺهو ٿيڻ.
– **ايمي ڳَرڻ:** ٽيهين سيپاري جو پويون چوٽون حصو پڙهي پورو ڪرڻ.
• **اَيَنُ ج اَيَنَ:** ذ. [سن. اَيَنَرْ = وڃڻ. رستو. گردش] اُهو نقطو جتي طريق الشمس. خط استوا کي ڪپي (انهيءَ هنڌان سڄَ اوتريا ڏکڻ ڏي ويندو آهي).
• **اَيَنْ:** حرف استفهام. [ع] ڪٿي – ڪٿان. (ذ) ڏهن مَقُولات (عشرت مقولات) مان هڪ مقولو.
• **اَيْنَرَ ج اَيْنَرَ:** ذ. ڏهس نامي ج لفظ. شينهن "اسد، چيتو. شير آهہ. اَيْنَرُ نانْ نروار".
• **اَيْنچي ج اَيْنچيُوْنْ:** ث. نڙيا گوءِ جي پوري ڪائي.
• **اَيْنَڇَرْ ج اَيْنَڇَرَ:** ذ. صفت. خوش آواز. حَسين – سُهٽو.
• **اِيْنَدَرُ:** ذ. [سن. اِنْدَرَ] ڪُنو.
• **اِيندڙِ:** ذ. صفت. [اَڃڻ > ايندڙ] اَڃڻ وارو. ڏسندو (مهينو).
– **اِيندڙ ويندڙ:** ذ. صفت. اَڃڻ وڃڻ وارو. مسافر – واٽهڙو.
• **اِيْندو ج اِيْندا:** ذ. آمدني – اُپت – پيدائش "ايندو سَيڪو ڏسي، ويندو ڪوئي نہ ڏسي".
• **اَيْنڈَرْ:** ذ. [سن. اِنڈَنَ > اِنْڈ = هارڻ] هارڻ لاءِ ڪائيون. چيٽا وغيره ـ هارَڻ – هَلَ.
• **اِيْنڈو:** ذ. صفت. پاڳيو. سڪيو سَتابو – هوندَ وارو.
• **اِيْنڈَڪي ج اِيْنڈَڪيُون (ت):** ث. هڪ قسم جي اَڇي رنگ جي ٻَڪري.
• **اَيْنڈُ ج اَيْنڈَ (ل):** ذ. ڪڪن مان ٺهيل اُٽ جو پَلاڻ.
– **اِيْنڈُوڻِي ج اِيْنڈُوڻِيُوْنْ (ڪ):** ث. سينهوڙي – سينهي.
• **اِيْنڈي ج اِيْنڈِيُون (ڪ):** ث. گڏهہ جي پُٽيءَ تيَ رکڻ جي

Gul Hayat Institute

گدي (جا ڪڪن ڪانن سان پريل هجي) – ٻني.

• **اَيْنگ:** ذ. صفت. [سن. اَيْگگ] يگانو – لاثاني. بهادر – بيباڪ.اَڙٻنگ. [سن. اَويَگر] لاغرض – بيپرواهه. پهري سجاڳ. [سن. اَويَنگ] لڳين سجو – سالم عضون وارو. مستان – گينوار. (ظرف). اَچانڪ – اوچتو.

• **اَيْنگي اَئْنگو:** ذ. مورُ (پکي) – طائوس.

• **اِينْگهڻ:** مصدر. ڇڪجي ڍڳهو ٽيڻ (رٻڙ وغيره) – وَڌڻ – ويجهڻ. ڪشادو ٽيڻ (ڪپڙو). ڍڳهو ٽيڻ (معاملو). دير پوڻ. اِنْگهڻُ. (اِينگهيو – اِينگهندو – اِينگهيل).

– **اِينْگهه، اِينْگهه:** ث. ڏيڳهه. واڌ. ڏِرَ. اِنگهه.

– **اِينگهائِڻ:** مصدر "اِينگهڻ" مانَ متعدي بالواسطه. ڏيڳهه ڪرائڻ – طول ڏيڻ – اِنگهائڻ.

• **اِينگهه ڪَرڻ:** ڏيڳهه ڪرڻ – ڳالهه کي اجايو وڌائڻ. دير وجهڻ. اِنگهَ ڪرڻ.

• **اِيَنْنَهَنْ (ل):** ث. پهرئين ويم واري چوپائي.

• **اينو ج اينا (ڪ.ل):** ذ. صفت. ڪِنو – خراب – بَدبُودار – اوسنو. اوبارو (ڪاڏو).

• **اَيْنُوهَ ج اَيْنُوهُوْن (ڪ):** ث. وهڙي – اَڻ وياهَل جوان ڍڳي. پهريات ڍڳي.

• **اِيْنْهارَ اِيْهارَ (ل):** ذ. [سن. آڪار] مهاندا – روش – آريڪڻ.

• **ايْڻوئي:** بي پاڙي، وڻ ويڑهي

• **اَيْڻِي (ت):** ث. گاهه جو هڪ قسم.

• **اَيوارو اَيْوارُو (ل):** ذ. [سن. اَوِيْ = رِدِ + اَوارَ = لوڙهو] ٻڪرين جو واڙو.

• **اَيوانُ ج اَيوانَ:** ذ. [ف] اڳڻ – دالان . ڪليل پَٽُ. مَحل – مڪان. قانون ساز مجلس.

• **اَيُّوبُ:** اسم خاص. [ع] هڪ نبي سڳوري جو نالو (جو نهايت صابر هو). مرد جو نالو.

• **ايوَريسْٽ:** اسم خاص. [انگ. Everest] همالِيه جبل جي وڏي ۾ وڏي چوٽي (جا دنيا ۾ اُتاهين چوٽي آهي).

• **اَيوگ:** ذ. صفت. [سن. اَيوگِيْ] اَجوڳ – بي واجبي. نامناسب.

• **ايوٽو ج ايوٽا:** ذ. صفت. ڏنگو – اَهنڌُ. تيسر – چيڙاڪ.

• **ايوٽي ج ايوٽيُون (ت):** وِڇٽي ـ پکو. وڻ ويڑهي (وَل).

• **اِيْها:** ضمير [سن. اينا] اِها ـ ساڳي. [سن. اِڇا] اِڇا ـ خواهش ـ مَرضي.

• **اِيهامُ:** ذ. [ع. وَهَمَ (= وهم ۾ وجهڻ) > ايهام] شعر جي هڪ صنف جنهن ۾ ٻن معنائن وارو لفظ آندل هجي. شَكُ.

• **اِيْهانْ:** ظرف. هِتان.

• **اَيْهَرُ:** (آهر. شيشو) = عينڪ. عينڪ مثل خاص شيشن جا ڪوپا جن جي پائڻ سان نندين سنهين شين کي وڏيڪ ڪري ڏسي سگهجي.

• **اِيْهَرو ج اِيْهَرا (ت):** ذ. هڪ قسم جو زهري جيت.

• **اَيهنْسَ (ت):** ظرف. سدائين ـ هميشه.

• **اِيْهُو:** ث. پَهرياتَ ڍڳي يا چوپائي.

• **اِيْهو ج اِيْهي:** ضمير. [سن. ايشَه] اِهو.

Gul Hayat Institute

ب

• **ب:** ث. [ع] سنڌي، عربي ۽ فارسي "الف ـ ب" جو ٻيو اکر. تلفظ "بي". ابجد موجب عدد ۾ (۲). سنسڪرت ۽ هندي جي استعمال موجب بعضي "و" سان بدلجندڙ اکر "وید = بید: ویر = بیر". فارسيءَ جي استعمال موجب بعضي "پ" سان تبديل ٿيندڙ اکر "بادشاه = پاتشاه". "بسم الله" جو پهريون اکر.

• **بَ:** ذ. [ف] قَسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ "بَخُدا". (حرف جملو) سلسلي يا تواتر ڏيکاريندڙ حرف "روز بَروز، دِن بَدِن". تاڪيدي معنيٰ ۾ مستعمل حرف "تازه بَتازه، نَوبَنو، جابَجا".

– **بَجانب:** ظرف. پَرِ ۾ ـ پاسي لڳ.

– **بَجنسِي:** صفت. ساڳيو ـ هُوبَهُو ـ نِس پِس ـ بِعَينِه.

– **بَحساب:** ظرف. حساب سان ـ ليکي سان. ٽورڙو.

– **بَحُكْم:** ظرف. حڪم موجب. فرمان سان. فرمودي موافق.

– **بَخُوبي:** ظرف. چڱيءَ طرح سان ـ خوبيءَ سان.

– **بَخُوشي:** ظرف. خوشيءَ سان. مرضيءَ سان.

– **بَخَير بَخَيريت:** ظرف. خير سان. سلامتيءَ سان.

– **بَدَسْت:** ظرف. هٿ سان. هٿ ۾.

– **بَدَسْتُور:** ظرف. دستور سان ـ قاعدي موجب. ساڳيءَ طرح ـ حسب معمول.

– **بَدولَتْ:** ظرف. سبب سان ـ جي ڪري. ذريعي ـ رستي. وسيلي. پاڻين.

– **بَذات:** ظرف. پاڻ خود.

– **بَذَريعي:** ظرف. [ع. بِالذَّرِيعَه] جي وسيلي ـ معرفت. طريقي سان. هٿان.

– **بَرائي:** ظرف. لاءِ ـ واسطي. مطلب سان ـ ليکي.

– **بَزور:** ظرف. زور سان. جبراً ـ زوريءَ.

– **بَشرطيڪ:** ظرف. اِنهيءَ شرط سان ته.

– **بَمِثْل:** ظرف. وانگر ـ طرح ـ جهڙو.

– **بَمَعْ:** ظرف. سان ـ سُوڏو ـ سميت.

– **بَمَع عِيال:** ظرف. عيال سوڏو ـ آڪهه سميت.

– **بَمُوجِب:** ظرف. پٽاندر ـ مطابق ـ طرح.

– **بَنِسْبَت:** ظرف. بابت ـ واسطي ـ باري ۾ ـ متعلق.

• **بِ:** حرف جر. ظرف. [ع] سان "بِسمِ اللّٰه (= ب + اِسم اَللّٰه) = اللّٰه جي نالي سان". (ذ) قَسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (باللّٰه = خدا جو قسم) "ساهه سِر صدقو ڪريان. ٻيو ناهه ڪي باللّٰه بيٺ" (گل).

– **بِاللّٰه:** ذ. اَللّٰه جو قسم ـ خدا جو سُنْهُن. (ظرف) سڄ پڄ ـ تحقيق "محبّت ۾ مجازجي، باللّٰه بيبِر بُوءِ" (شاه).

– **بِالاتِّفاق:** ظرف. اِتفاق سان ـ يڪراءِ ـ متفقه طور.

– **بِالإجماع:** ظرف. سيني جي راءِ سان ـ يڪراءِ.

– **بِالإجمال:** ظرف. مُجمّل نموني ۾ ـ اِجمال سان. ٽُلهي ليکي.

– **بِالاِرادَه:** ظرف. اِرادي سان جاڻي واڻي.

– **بِالتَخصِيص:** ظرف. خاص طرح ـ خصوصيت سان.

– **بِالتَّصْرِيح:** ظرف. چٽائيءَ سان ـ وضاحت سان ـ صاف صاف.

– **بِالتَّفْصِيل:** ظرف. تفصيل سان. وڃور سان. شرح سان.

– **بِالتَّقْدِير:** ظرف. تقدير سان. موقعي سان ـ اتفاق سان ـ اوچتو.

– **بِالتَّمام:** ظرف. پوريءَ طرح سان.

– **بِالْجَبْر:** ظرف. زور سان ـ زبردستي.

– **بِالْجُمْلَه:** ظرف. جمله طور. مجموعي طور. ڪُل. آخرڪار.

– **بِالْخَيْر:** ظرف. خير سان ـ چڱيءَ طرح ـ سُهڻي نموني.

– **بِالذات:** ظرف. ذاتي طور ـ شخصي طور ـ پنهنجي سِر.

– **بِالضَّرُور:** ظرف. ضرورت موجب. ضرور ـ اَوس. پَڪَ ـ يقيناً.

– **بِالطَّبْع:** ظرف. سياويڪ ـ فطرةً.

– **بِالْعَكْس:** ظرف. اُبتَڙ. برخلاف. ٻيءَ طرح.

– **بِالْعُمُوم:** ظرف. عام طرح سان ـ عام طور. رواجي طرح.

– **بِالْفَرْض:** ظرف. فرض طور. ڪَٽي قبول ڪجي.

– **بِالْفِعْل:** ظرف. حال في الحال ـ هِينئَر ـ هن وقت. حقيقت ۾ ـ سڄ پڄ. نِس پِس.

Gul Hayat Institute

– **بِالْقُوّة:** ظرف. قوّت يا زور سان. اِمكاني صورت ۾. "بِالفعل" جو ضد.
– **بِالْكُل:** ظرف. كُليّ نموني ۾. پوريءَ طور. پوريءَ طرح. تمام ـ سارو.
– **بِالْمُشافَهَة:** ظرف. سامهون ـ روبرو.
– **بِالْمُشاهَدَه:** ظرف. اکين سان. روبرو ـ مُنهن مقابل.
– **بِالْمَعْنيٰ:** ظرف. سچ پچ ـ حقيقت ۾. ڪجهو.
– **بِالْمُقابَلَه:** ظرف. پيٽ ۾ ـ نسبت ۾. سامهون.
– **بِالْمَقْطَعَه:** ظرف. مقاطعي طور ـ ٺيڪي تي عَلي الحساب ـ ٺلهي ليکي.
– **بِالْمُقْطو:** ظرف. مقرّر قيمت تي ـ چڪتو ـ قطعي.
– **بِالْمُناصَفَه:** ظرف. نصف نصف ـ اَڌو اَڌ.
– **بِالْمُواجَهَة:** ظرف. منهن مقابل ـ سامهون.
– **بِالنِّسْبَة:** ظرف. پيٽ ۾.
– **بِالْواجِب:** ظرف. بالضرور. ضرور.
– **بِالْواسِطَه:** ظرف. ڪنهن واسطي يا وسيلي سان ـ ٻئي جي معرفت.
– **بِالْيَقين:** ظرف. يقين سان ـ پڪ سان. پڪ ئي پڪ ـ ضرور ـ يقيناً.
– **بِحَمْدِه تعالىٰ:** ظرف. ڏٽيءَ پاڪ جي ساراھ سان.
– **بِعَيْنِه:** ظرف. هُوبهو ـ ساڳيو. جيئن جو تيئن ـ نِس پِس.
– **بِغَير:** ظرف. کان سواءِ ـ ڌاران ـ علاوه.
• **بِ:** حرف جملو. [ع. بِـ = سون: سن. اَپِي] پٽ.
• **با:** حرف جر. [ف. با: سن. اَپْ] سان ـ ساڻ ـ گڏ "باخبر، باادب، وغيره".
– **باآبرو:** ذ. صفت. آبرو وارو. عزت سان.
– **باتّفاق:** ظرف. يڪراءِ ـ متفقه طور.
– **باأَثَر:** ذ. صفت. اثر وارو ـ رسوخ وارو.
– **با اِحْتِرام:** ذ. صفت. احترام وارو ـ محترم. احترام سان.
– **با اَدَب:** ظرف. [ف. با + ع. اَدب] اَدب سان ـ نياز سان. (ذ. صفت) اَدب وارو. خَليق ـ رلٽو ملٽو. فضيلت وارو ـ فهميدو.
– **باايمان:** ذ. صفت. ايمان وارو ـ مومن.
– **باتَدبير:** ذ. صفت. ڏاهو ـ اٽڪلي.
– **باتَرتيب:** ظرف. ترتيب سان ـ منظّم.
– **باتَميز:** ذ. صفت. تَميز وارو ـ سمجهو. سُلجهيٽو.
– **باحِسابُ:** ظرف. حساب سان ـ ليکي سان.
– **باحَياءِ:** ذ. صفت. حياءِ وارو ـ لڄارو ـ شرميلو.
– **باخَبَرُ ج باخَبَرَ:** ذ. صفت. خبر وارو ـ خبر رکندڙ ـ واقف. خبردار ـ سُڌير ـ هوشيار. سياڻو ـ ڏاهو.
– **باذوقُ:** صفت. ذوق وارو. سليقي وارو.
– **باسَليقَه:** ذ. صفت. سليقي وارو ـ با تميز.
– **باشُعُورُ:** ذ. صفت. سمجهه وارو ـ داناءُ ـ ڏاهو.
– **باصَفا:** ذ. صفت. صاف پاڪ. سچو.
– **باصَوابُ:** ز. صفت. درست ـ ٺيڪ. صحيح سلامت.
– **باغَرَضُ:** ذ. صفت. غرض وارو ـ لالچي.
– **بافَضيلَت:** ذ. صفت. فضيلت وارو. فضيلت سان.
– **باقاعِدَهْ، قاعِدي:** ظرف. قاعدي سان ـ قانون مطباق. دستور سان. ترتيب سان ـ سلسلي موجب.
– **باكَمالُ:** ذ. صفت. ڪمال وارو. اِوج تي پهتل. ماهر (ڪنهن هُنر ۾).
– **بامُرُوّت:** ذ. صفت. فضيلت وارو. مرجات وارو. لحاظي.
– **بامَعْنيٰ:** ظرف. معنيٰ سان ـ مطلب سان.
– **باوُجود، باوُجودِيكِ:** حرف جملو. اِنهيءَ هوندي بہ ـ اگرچ. جيتوٽيڪ.
– **باوَضْع:** ذ. صفت. وضع وارو ـ ڍنگائتو.
– **باوَفا:** ذ. صفت. وفادار.
– **باوَقارُ:** ذ. صفت. وقاروارو. عزّت مند. گنهير.
– **باهِمّت:** ذ. صفت. همّت وارو ـ دلير.
– **باهَمَهْ:** ظرف. هڪٻئي سان گڏ ـ پاڻ ۾.
– **باهُمي:** صفت. گڏيل ـ پاڻ ۾.
– **بايَقين:** ظرف. يقين سان ـ پڪ سان.
• **باب:** حرف جر جي حذف ٿيڻ واري اعرابي صورت. [بابَ ۾ > (حرف جر "۾" جي ڪِري چڏڻ ڪري) باب] باب ۾ ـ باري ۾ "جيڪا بابِ بَندِيءَ جي بات بٽي". حق ۾. قسمت ۾ ـ نصيب ۾ "سِڪان ٽي سنگهار ڪي، باب نہ منهنجي بس" (شاه).
– **بابِ بَٽَنْ:** قسمت ۾ اچڻ. لکيو ٿيڻ. حق ۾ ٿيڻ ـ باري ۾ ٿيڻ.
• **بابُ ج بابَ:** ذ. [ع] دَرُ ـ دروازو ـ لنگهه "بَرلڌائون باب، اَديون عشق مدام جو" (خواجه محمد زمان). داستان (ڪتاب جو). فصل. ڳالهه ـ بيان. فيصلو. دربار ـ درگاهه. رستو. ڏاڄ ـ مَرڪُ. لائق ـ وَڙُ. ڪم ڪار ـ ڏنڏو. ڪاسبيءَ جو ٻَڌاڻُ ـ لاڪَ. قسمت ـ نصيب. (اسر

Gul Hayat Institute

خاص) "بابي" مذهب جي بانيءَ (سيّد علي محمد) جو لقب.
– **باب و البّوبَه:** ذ. توبهه جو دروازو.
– **بابُ السّماءِ:** ذ. تارن جو ميڙ جو آسمان ۾ رستي وانگر نظر ايندو آهي. (تارن جي) واٽ ـ آسماني ندي ـ کير ڌارا ـ کهڪشان.
– **بابَ پڙهڻ:** "الف ـ بي" پڙهڻ، شروع ڪرڻ.
– **بابُ عالي:** ذ. تُرڪيءَ جي سلطان جي دربار.
• **بابا ج بابا:** ذ. [ترڪي: ف. بابا = پيءُ] بابو ـ پيءُ ـ پتا ـ والد ـ پيءُ ـ پتا ـ والد. ڏاڏو. پوڙهي ماڻهوءَ جو خطاب. بزرگ ـ درويش ـ فقير. ننڍڙي ٻار لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ. سنياسي ـ جوڳي. (اسم خاص) منهوڙي جي ويجهو هڪ ٻيٽ جو نالو.
• **بابا گوري:** ذ. [ترڪي. بابا قُوري] پٽ جو هڪ قسم (هيڊي رنگ جو ٿئي، دوائن ۾ ڪم اچي: ڏيجڙي کان ٻارن جي ڳچيءَ ۾ پڌندا آهن) ـ سنگ زرد.
• **بابَت:** حرف جر. [ع. بابَة (= حد، چيڙ، قسم، نمونو، طرح، جوڙ) > ف. "بابت" (= سببان، جي ڪري، جڳائتو، ٺهندڙ) > "آز بابت" جي ڪري، خاطر، واسطي] واسطي ـ لاءِ ـ متعلق.
• **بابتيو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بابَچي، بابچي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻُوٽي ـ بابچيني.
• **بابَر:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بابَرچي (ت):** ذ. صفت. [ترڪي. باورچي] بورچي ـ رسويو ـ راڌائو.
• **بابرُو ج بابرا:** ذ. صفت. "بابا" جو تصغير. (اسم خاص) مسلمانن (سمات) جي "بابرا" قوم جو فرد.
• **بابَڪُ:** اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ بادشاهه جو نالو. (صفت) اَمين، مضبوط. سيڪاريندڙ ـ اَتاليق. (ذ) فيروزو (پٿر). [ف. "باب" جو تصغير] بابرُو ـ بابَل ـ پُٽڙو.
• **بابَلُ ج بابَلَ:** ذ. ["بابو" جو تصغير] پيءُ لاءِ پيارو جان استعمال ٿيندڙ لفظ ـ بابرُو ـ بابل.
• **بابلو ج بابلا:** ذ. صفت. [بابَلُ > بابلو] ٻار لاءِ پيار جو لفظ ـ بابرُو ـ ٻچڙو.
• **بابلي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بابو ج بابا:** ذ. [ف. بابا] اَبو ـ پيءُ ـ والد.
• **بابُو ج بابُو:** ذ. [ف] رمتو فقير يا جوڳي (جو دونهين دکائي ويهي) "ڪالهه ڪڏيوسين ڪاپڙي، بابُو بيڪاري" (شاهه). بنگال ۾ پڙهيل ماڻهوءَ يا ڪلارڪ جو خطاب. ريلوي مُلازم (جو استيشن تي ٽڪيٽون ڏئي يا جانچي).
• **بابُونو:** ذ. [ف. بابُوند] پسارڪي وڪرجو هڪ قسم. هڪ قسم جي بُٽي (جنهن جي پَنن جو تيل سنڌن جي سُور لاءِ مفيد آهي).
• **بابهه:** ث. ڪوهه جو پارچ. مالهه ڪي جهلڻ جي ڪائي.
• **بابِي ج بابِيُون:** ث. هار ڪي پيارمان ڏنل چمي ـ مِڻي.
• **بابِين ج بابِينُون:** ث. [انگ. bobbin] ڪپڙي سبڻ جي مشن جو هڪ پرزو ـ لوهي رِيل. ڏاڳي ويڙهڻ لاءِ اَڏاڻي جو هڪ اوزار.
• **بابِڙا:** اسم خاص. ٽرجي هندن جي هڪ ذات "ڏؤ جهلي هڪ مينهن ٻيو بابِڙو" (چوٽي).
• **بابِي ج بابِيُون:** ث. ياءُ جي زال ـ ياجائي ـ پاپي.
• **بات ج باتيُون:** ث. [سن. وارَتّا = گالهه > وُرْتَ = واقع ٽيڙ] گالهه ٻولهه. سخن ـ ٻولهه. سخن ـ ٻول ـ گفتو. ذڪر ـ بيان. احوال. مخفي خبر. ڳجهو نياپو. راز "اهي بجهي آئيا، بيان ڪن نہ بات" (شاهه). سُال ـ مسئلو. ٻولي. سبب ـ عذر. نصيحت ـ اُپديش. نُڪتو ـ حڪمت ـ دانائي. لطيفو ـ چرچو. دل تي اَثر ڪندڙ حالت ـ ڪيفيت.
ـ **بات بَنائڻ:** گالهه ٺاهڻ ـ حيلو ڪرڻ.
ـ **باتِرُ ج باتِرَ:** ذ. صفت. واتِر ـ گهٽو گالهائيندڙ ـ جهگي خور. ٻتاڪي ـ لباڙي.
ـ **باتُوني ج باتُونِي:** ذ. صفت. گالهَيرُ ـ وات وڏو ـ گهڻ گالهائو. چرب زبان.
ـ **باتِشاهُ ج باتِشاهَ:** ذ. [ف. پادشاه] بادشاهه.
ـ **باتِشاهِي ج باتِشاهِيُون:** ث. بادشاهي.
• **باتَڪ (ل):** ث. بيوهوشيءَ ۾ وِڻل ـ وِتَلَ.
• **باتَرُ:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باتَرُ ج باتَرَ:** ذ. صفت. ٽلهو ـ مَتارو.
• **باتڑو، باتڑيو ج باتڑا، باتڑيا (ت):** ذ. [ڏانڪي] تماڪ رکڻ لاءِ چمڙي مان ٺهيل ڳوٽري.
• **بات:** ث. لَيُن ۽ ووٽن وغيره جون سنهيون ڪائيون (جي لاڏيءَ وغيره ٺاهڻ ۾ ڪم اچن) ـ بانٽ. لَٽ ـ ٽُلهي لَٽ. چِتي بُڪ. ڪُتي جي پَونڪ.
• **بانا:** اسم خاص. چاچڙ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **بانارا:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو ــ بَنارا ــ دايا.
• **بانارو ۽ بانارا:** ذ. صفت. [سن. پُرَشنّكار] كَورو پچايئندڙ ــ بَنارو. دايو. (ث) بانارِي ج بانارِيوُن "ماءُ بانارِي، پُٽ فتح خان" (پهاڪو).
• **بانو ج بانا:** ذ. تُلهي لَٺ. سونٽو ــ ڏُڪو. تُلهي تَلهڙ (وهٽن هكلڻ لاءِ) "كامُون شَهه مَرَ كرها، بانا كيم هٽاءِ" (عنايت).
ــ **بانا ڏيڻ:** سونٽا هٽڻ ــ لٺين سان كٽڻ.
ــ **بانا كَچڻ، كَشڻ:** بانا هٽڻ.
• **باپُ ج باپَ:** ذ [ه] بابو ــ پيءُ (صفت) اُستاد هوشيار ــ تَرناك
• **باپِراڻي:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اكثري حيدرآباد، ناوب شاه ۽ ٺٽي ضلعن ۾).
• **باجُ:** ذ. [ف] محصول ــ ڏَلَ.
ــ **باجُدارُ ج باجُدارَ:** ذ. صفت. دِل اُڪاڙيندڙ ــ حاكر.
ــ **باجُگذارُ ج باجُگذارَ:** ذ. صفت. ڏَلَ پَرُو ــ ڏاني.
• **باجارا:** اسر خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **باجائي (ت):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **باجَرَ:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **باجَر:** ث. سَنهيون بيكار كائيون ــ سَنهورَ "باجَربُوجَر".
• **باجَرُ ج باجَرَ:** ذ. وهنوارُ.
• **باجِكائي:** اسر خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ پاڙو.
• **باجو ج باجا:** ذ. [سن. وادْيَ < وَدْ = آواز كرڻ] واجو. هارمونيم.
• **باجُوئي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **باچاڙهڻُ (ت):** مصدر. كاوڙ ڏيكارڻ.
• **باچكائي (ك):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **باچُو:** صفت. باقي بچيل. بقايا ــ رهيل.
• **باچا، باچاهُ ج باچا، باچاهَ:** ذ. [ف. بادشاه] بادشاهه. حاكر "باچا، باچايُون پانهنجون. ائين ئي اوندَيون كن" (شاعر "نر").
ــ **باچائي، باچاهي ج باچايُون، باچاهيُون:** ث. بادشاهي ــ پاچاهي.
• **باچاچَنگ:** ذ. [ف] هڪ قسم جيَ "پَتن راڻد".
• **باخْتَر:** اسر خاص. [ف] مشرق. مغرب. آڪاٽي زماني ۾ "هندوكش" جبل ۽ "جيحون" نديءَ جي وچ واري ملك جو نالو (جتي هن ٽوهن واروا ٽ ٽئي) ــ بلخ.
• **باخْتَه:** صفت. [ف. باخْتَن = داءُ هارائڻ] گَٽ ٽيل ــ وِيَل ــ خطا (حواس) "حواس باخته = وائڙو موگو".
• **باخِلائي:** اسر خاص. بگتي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **باد:** ث. [ف. بادْ = هوا: سن. واتَه = هوا] هوا ــ واءُ. رِيح ــ بادي (تت، ڦوس). [ف] شل ٽئي!
ــ **بادا باد:** ندا [ف] جيكي ٽئي، سو ٽيڻ ڏي.
ــ **بادبانُ ج باد بانَ:** ذ. [ف] هيڙيءَ جو سڙهه. كَوهو. پال وڇٽو. پيالو ــ قدح.
ــ **باد بَهار:** ث. بهار جي موسر جي هوا ــ وٽندڙ هيرَ.
ــ **باد تُنْد:** ث. سخت هوا ــ واج ــ طوفان.
ــ **بادپا:** صفت. هوا وانگر تمام تكوڙ وڙندڙ (گهوڙو).
ــ **بادپيما:** صفت. هوا كچيندڙ. هوا جهڙو تكو ڏوڙندڙ (گهوڙو).
ــ **باد خايَه:** ث. خصيا سُجي پوڙ جي بيماري ــ چِن.
ــ **باد خزانْ:** ث. سَرءُ جي موسر ۾ لڳندڙ هوا (جا وٽن جا پن ڇاٽي ڇڏيندي آهي).
ــ **باد خُور:** ث. گهوڙن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ وار ڇٽي ويندا آهن).
ــ **باد رَفتار:** ذ. صفت. هو اوانگر تمام تكو. (گهوڙو). تيز رفتار. تمام چالاك.
ــ **باد سَنْج:** ذ. صفت. اَجايو ڳالهائيندڙ ــ بكواس كندڙ. مغرور. فضول خيال.
ــ **باد شُرْطه:** ث. موافق هوا (جا هيڙين كي هلڻ ۾ مدد كري) ــ سَٽائو واءُ.
ــ **باد صَبا:** ث. [ف. باد + ع. صبا] صبح جي وقت اُتر اولهه كان لڳندڙ هوا (جنهن ۾ مكڙيون ٽڙن). صبح جي هيرَ ــ نسيمِ صبح.
ــ **باد صَرصَر:** ض. تيز هوا. جهولو.
ــ **باد فِرَنْگ:** ذ. يورپ جي هوا. يورپ كان آيل هڪ مرض (جنهن ۾ بدن تي كارا، گول گول دا ڳ ۽ ڦٽ ٽي پوندا آهن) ــ ٽاكي ــ آتشك.
ــ **باد كُردار:** ذ. صفت. تِكو ــ تكڙو ــ اُبهرو.
ــ **باد كُش:** ذ. وڇٽو.
ــ **باد گولو:** ذ. [سن. واتَ = هوا + گُلْمَ = تِلي] تِلي سُجي پوڙ جي هڪ بيماري. پيٽ سور. بادي.
ــ **بادگيرُ ج بادگيرَ:** ذ. صفت. گهر ۾ هوا اَچڻ لاءِ ڇت ۾ ٺهيل ڳڙكو ــ منگهه.
ــ **باد مُخالِفُ:** ذ. [ف. باد + ع. مخالف] اَٽائو واءُ (جو هيڙين كي هلڻ ۾ روك كري) ــ اُبتڙ هوا. طوفان ــ جهڪ ــ واج.

Gul Hayat Institute

– **بادِ مَخول، مَخولِي:** ث. هڪ قسم جي بيماري ـ دماغ جي خرابي ـ ماليخوليا ـ سوداءِ ٺنول ـ مسخري.
– **بادُنْما:** ذ. صفت. هوا جو طرف ڏيکاريندڙ اوزار ـ هوائي ڪُڪڙ ـ تَنْتڪ.
– **بادوانُ:** ذ. صفت. [ف. بادبان] منگهه.
– **بادِ هَوائِي:** صفت. بيهودو ـ واهيات.
– **بادِي:** ث. پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ هوا ـ ريح.
– **بادِي سُورُ:** ذ. وائي سُور ـ وجع المفاصل.
• **بادا:** ث. گهوڙي جي هڪ بيماري (جنهن ۾ گهوڙي جا مُريا سڄي پوندا آهن) ـ باديا. [ف] ندائيه لفظ "شل هجي!" (اسم خاص) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بادارُ:** اسم خاص. ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ ڏيوريءَ جو نالو.
• **باداشَ:** ث. [ف. پاداش] بدلو. پاڙو جهاڙو.
• **بادالُ ج بادالَ:** ذ. مِقدار (ڏيگهه ويڪر سان).
• **بادامُ ج بادامَ:** ذ. [ف. بادام؛ سن. واتامَ قُل] هڪ مشهور ميوو ۽ وڻ. (ڪنايةً) معشوق جي اَک.
– **بادامِ چَشْمِ:** ذ. صفت. بادام جهڙين اکين وارو ـ سهڻو ـ ملوڪ.
– **بادامِ روغَنُ:** ذ. بادامين جو تيل.
– **بادامِ سيَه:** ذ. ڪارو بادام. معشوق جي اک.
– **بادامِي:** ث. ننڍي قسم جو بادام. بادام جو گورو. ڳاڙهيري رنگ جي ٻڪري. (صفت) بادام جهڙو (رنگ). بادام جي شڪل جهڙو. مخنث.
• **بادامْجو (ت):** ذ. پَرت جو هڪ قسم (جنهن ۾ زريءَ سان باداميءَ جهڙيون ٽِڪڙيون ٺاهيندا آهن).
• **بادامِي بَري:** ث. بَري ٻَڪريءَ جو هڪ قسم.
• **باداني:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باداڻِي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بادِ رَنجبُويَه:** ذ. [ف. بادرنگبويه] خوشبودار گاهه جو هڪ قسم (جو دوائن ۾ ڪم اچي).
• **بادِ رَنْگَ ج بادِ رَنْگَ:** ذ. [ف] ريٽيڙ ـ ڪِيرو ـ پاهي.
• **بادِ رُو ج بادِ رُو (ت):** ذ. صفت. بَدر (بدلو) ڪٽندڙ ـ پاسو ونندڙ ـ طرفدار. حمايتي. (حرف جر) بدران ـ ٻاران.
• **بادِ شاهُ ج بادِ شاهَ:** ذ. [ف. باد = تخت + شاه = ڌڻي] تخت ڌڻي. ملڪ جو حاڪم. مُلڪ جو والِي. بادشاهه جي مورت وارو پتو ـ ٻارهون پَتو ـ ٻارهيو. (صفت) زوراور ـ ضدي.
– **بادِ شاهاڙو ج بادِ شاهاڙا:** ذ. صنت. شاهاڙو.
– **بادِشاهَتَ ج بادِشاهَتُونْ:** ث. بادشاهي سلطنت.
– **بادِشاهِ پسنْد:** ذ. گل جو هڪ قسم. انب جو هڪ قسم. اَنب جي ڪنهن خاص وڻ تي رکيل نالو.
– **بادشاهزادو ج بادشاهزادا:** ذ. بادشاهه جو پُٽ ـ شهزادو. (ث) بادشاهزادي ج بادشاهزاديُون.
– **بادشاهِ گَردي:** ذ. طوائف الملوڪي ـ وگوڙ ـ اَنڌ ڌُنڌ.
– **بادشاهِ گَردي لَگڻ:** بدانتظامي ٿيڻ.
– **بادشاهِي:** ث. بادشاه جي زال ـ راڻِي پَٽ راڻي. مصريءَ جو هڪ قسم.
– **بادشاهِي ج بادشاهِيُون:** ث. سلطنت. حڪومت. راجُ ـ صاحبي.
– **بادشاهِي ڪَرڻ:** حڪومت ڪرڻ ـ حڪومت هلائڻ. عيش ڪرڻ. سُکيو وقت گذارڻ. خوشين ۾ هٿ.
• **بادَلُ ج بادَلَ:** ذ. [سن. وارِدْ < وارِ = پاڻي + دا = ڏيڻ] ڪَڪر ـ اَبرُ.
– **بادَلَ بَرسڻ:** ڪر وسڻ ـ مينهن پوڻ. اِلٰهي رحمت وسڻ.
– **بادَلَ پَرچي اَچڻ:** ڪر پرچي اچڻ ـ مينهن چڙهي اچڻ.
– **بادل ڪُلڻ:** آسمان صاف ٿيڻ. ڪڪر جو ٽِڙي پَکڙي وڃڻ. اوڪاڻڻ.
• **بادلو ج بادلا:** ذ. زَريءَ جي تار. زري ـ مُقيس. ڪلابات. ريشم ۽ چانديءَ جي تارن سان اُڻيل ڪپڙو. زريفت ـ ڏماچ. [ف. باديَه] هڪ قسم جي پيتلي گهُڪهي (جنهن جي متان ڪپڙو چڙهيل هجي. جا مسافريءَ ۾ پاڻي ٽڏي رکڻ لاءِ ڪٽندا آهن). (صفت) لاڏلو ـ البيلو.
• **بادلي بادليو:** سڃاڻ. سورهيه.
• **بادو ج بادا:** ذ. صفت. [سن. واتُولَ = هوا سان پريل. باديءَ جو مرضيل. سنڌن جي سُور ۾ قاتل] چريو ـ مست. نشي ۾ مخمور. [ف. باديَه] وڏو وتو ـ جَمَنُ.
• **بادوان:** [ف = بادبان] سڙهه.
• **بادَه:** ذ. [ف] شراب ـ مَي.
– **بادَه اَحْمَرُ:** ذ. ڳاڙهي رنگ جو اَنگوري شراب.
– **بادَه پُرتگالِي:** ذ. پورچوگال ملڪ جو شراب.
– **بادَه پَرسْتُ:** ذ. صفت. شراب جو پوڄاري ـ شرابي.
– **باده پِيما:** ذ. صفت. شراب مئيندڙ. شرابي.

Gul Hayat Institute

– **بادہ پیمائي:** ث. شراب پیڻ جي حالت. نشو ـ خمار.
– **بادہ خوارُ:** ذ. صفت. شراب پیئندڙ ـ شرابي.
– **بادہ دوشینہ:** ذ. راتوکو پیتل شراب.
– **بادہ کَش، گُسار:** ذ. صفت. شراب پیئندڙ ـ شرابي.
– **بادہ گُلرَنگ:** ذ. گاڑهي رنگ جو شراب.
– **بادہ نابُ:** ذ. نج شراب.
– **بادہ نوش:** ذ. صفت. شراب پیئندڙ ـ شرابي.
• **بادي:** ث. [ف. باد = هوا] پیٽ جي هڪ بیماري ـ ریح. پیٽ ۾ هوا پرڻ جي حالت ـ آڤري ـ پَرتي. پیٽ مان نڪتل واءُ ـ تت ڦُوسَ. یوناني طب موجب هڪ 'طبیعت' جو نالو (آتشي، خاڪي، آبي، بادي). (صفت) ریح پیدا ڪندڙ ڪاڏو ـ هوائي ـ اجایو ـ بیسُود.
– **بادي چورُ:** ذ. پَڪو چور ـ هاڙهو چور.
– **بادي گالهیُون ڪرڻ:** اجایون گالهیون ڪرڻ.
– **بادي وائي:** ث. ریح ۽ سنڌن جي سُورجي بیماري. ڪُوڙ ـ گپوڙو.
• **بادیو ج بادیا:** ذ. [ف. باد = هوا] وائي سوچ جو ڪوڙهو (جو گهوڙي جي ڪچن ۾ نڪرندو آهي). [ف. بادیه] ٻڪر جو ویڪرو تاڻُ (شراب رکڻ لاءِ). وڏو ۽ اُونهون پیالو (اڪثر پیتل جو ٿهیل).
– **بادیا ڪَدیُ:** گهوڙي کي پیرن ۽ ڪچن ۾ رس وارا ڪوڙها نڪرڻ (جن کان گهوڙي جون ٽنگون سُجي پوندیون آهن).
• **بادیان:** ذ. [ف] سونڦ ـ وَدَڪ.
– **بادیان خَطائي:** ذ. بج جو هڪ قسم (جو سوَونڦن جهڙو ٿئي، دوا ۾ ڪم اچي).
• **بادیجي:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڏیهه جو نالو.
• **بادیلو ج بادیلا:** ذ. پرت جو هڪ قسم (پوتین تي پرجي) ـ بادلو.
• **بادیه:** ذ. [ع] رڻ پٽ ـ صحرا ـ بیابان. جهنگل.
– **بادیه پَیما:** ذ. صفت. تڪو گهوڙو. مسافر.
– **بادیه نَشین:** ذ. صفت. رڻ ۾ رهندڙ ـ رڻواسي ـ بدوي ـ صحرائي.
• **باذَریو ج باذَریا (ث):** ذ. صفت. ڪدڙو. خَصي.
• **باذَن:** ث. جُونَر جو هڪ قسم "باذنِ ڪان مون بَس ڪئي، ههڙي جڏي جوار" (جام خان). پنگ جو هڪ قسم "پُراڻي مَڏ، باذنِ پنگ، گانجي پهرین سُوتَ ـ الخ".
• **باذَه:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ڏیهه جو نالو.
• **بادِي:** ث. [انگ. body] بدن ـ جسم.
– **بادِي گارُدُ:** ذ. بادشاهن یا وڏن حاڪمن جي ذاتي نگهباني ڪندڙ ـ خاص محافظ.
• **بارْ:** ذ. [ف. بار = وارو: سن. وارَه = وارو] پیرو ـ قَیرو ـ دفعو ـ گهُمرو.
– **بارْبارْ:** ظرف. وري وري ـ هر هر ـ ذري ذري.
– **بارَگي:** ث. دفعو ـ پیرو ـ وقت "یَڪ بارگي = هڪ دفعو".
– **باروبار:** ظرف. بار بار ـ وري وري ـ ذري ذري. تمام گهٽو.
– **بارویرَ:** ظرف. بار بار.
– **بارها:** ظرف. ڪئین پیرا. اڪثري.
• **بارِ:** ث. [انگ. bar] شرابخانو ـ گُنبو. شراب ۾ ڪم ایندر ڳَڙ. پچرو. وکیلن جي پائیچاري.
• **بارُ ج بارَ:** ذ. [ف. بارْ = گهمرو. وزن: سن. پارَ > پُرْ = پَرڻ] هوجهو ـ وزن. لڏو ـ سامان سڙو. پَري ـ ڳُنڍي. رکیل ڪم. اَنبار ـ ڍِڳ. گهٽائي. قرض. دربار ـ ڪچهري ـ عدالت. (صفت) مصدر "باریدن" جو اَمر (جو اسم جي پٺیان اچي فعال جي معنيُ ڏیندو آهي) ـ وَسائیندڙ "آتش بار = باهه وَسائیندڙ. اَشکبار = ڳوڙها وَسائیندڙ. وغیره". [ع. بارُ] نیڪي ڪندڙ. خدا ـ ڏاتي.
– **بار آڻڻ:** باهران مال آڻڻ. ڳرو ڪم آڻڻ. سفارش آڻڻ.
– **بار آوَر:** ذ. صفت. ڦَل ڏیندڙ (وڻ).
– **بار اُجهڻ:** مٽان زور پوڻ. ڳري سفارش اُجهڻ.
– **بار بَجا ڪرڻ:** مٽي تان بار لاهڻ. فرض ادائي ڪرڻ. توڙ نباهڻ. ڪوتاهي نه ڪرڻ "جن اَمانت ڪنئي عجالت سان، نه تن بَجا برهه جو ڪیو ڪُل بار" (فاضل شاه).
– **بار بَردارُ:** ذ. صفت. بار کڻندڙ ـ حمال. مزور. مَڏيءَ جو بارُ. سامان سڙو.
– **بار بَرداري:** ث. بار کڻڻ جي حالت. مزدوري ـ حمّالي. بُردباري ـ تحمّل. مسافريءَ جو خرچ ـ راهه خرچ. گاڏيءَ جو پاڙو.
– **بار ٿُوج بار ٿُو:** ذ. صفت. بار وارو ـ بار کڻندڙ. پریل ـ پَرتُو.
– **بار ٽیڻ:** ڳرو لڳڻ. سفارش جو مٽان زور پوڻ.
– **بار ٽي پوڻ:** اَڻ سُهائیندي تکلیف ڏیڻ.
– **بار پوڻ:** بوجو پوڻ. سفارش اڇڻ ـ چئو چَواءُ ٽیڻ. ذمیداري عائد ٽیڻ. چِپ پوڻ. ٽورو ٽیڻ ـ احسان ٽیڻ.
– **بارِ خاص:** ث. خاص اجازت. دربار خاص.
– **بارِ خاطِر:** صفت. دل تي بار ڪندڙ. نه وٺندڙ. تکلیف ڏیندڙ.
– **بارخُدا:** ذ. [ع. بار + ف. خدا] الله تعالیٰ (وڏو ۽ نیڪوڪار).

Gul Hayat Institute

– **باردار:** صفت. بار کڻندڙ. پيٽ سان ـ حامله. قروارو ـ ميوبدار.
– **بار ڏيڻ:** ڪنهن بہ شيءِ جي مٽان وزن رکڻ. ڏور ڏيڻ (پت ڪي).
– **بار رکڻ:** ڪنهن ڪم لاءِ سفارش ڪرڻ. ذميداري سَونپڻ.
– **بارِ سهڻ:** ذميواريءَ جو ڪم سنياڻ. تڪليف سهڻ. بار کڻڻ.
– **بارِ عام:** ث. عام اِجازت. عام دربار.
– **بار ڳرڻ:** ڪنهن هَڙ وغيره جو ڳرو لڳڻ. بار سببان تڪليف محسوس ڪرڻ.
– **بار ڪَشُ:** ذ. صفت. بار چڪيندڙ. بار کڻندڙ ـ بارگير (وهت). مزور ـ حمال. گاڏي. (ث) بار هڏڻ جي رسِي. ڪمربند. ڪشٽو ـ پَٽو ـ تنگ.
– **بار ڪَٽ:** جوابداريءَ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪرڻ. ذميواري کڻڻ. مشڪل ڪم ڪرڻ جي هام هڻڻ "باري کڻن بار، ناهي ڪم ڪچن جو". تڪليف سَهي ٻئي جي مدد ڪرڻ.
– **بارَگي:** ذ. صفت. بار ڊوئيندڙ (گهوڙو). عمدو ۽ طاقتور گهوڙو.
– **بارگِيرُ ج بارگِيرَ:** ذ. صفت. بار ڊوئيندڙ وهت (اُٺ).
– **بارگِيرِ ٽيڻ:** بُردبار ٽيڻ ـ وَڏَ گُردو ٽيڻ.
– **بارُ لاهڻ:** ٽورو لاهڻ ـ احسان لاهڻ. ميار لاهڻ. جوابداريءَ جو ڪم سَرانجام ڪرڻ. ڪو ڪم جوابداريءَ کان سواءِ ڪري ڏيڻ. جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ. بيدليو ڪم ڪرڻ.
– **بارُ لَهڻ:** تڪليف لهڻ.
– **باروجهڻ:** ڪم جي تعميل لاءِ ڪنهن تي ڪا جوابداري وجهڻ.
– **بارُوَرُ:** ذ. صفت. ميوبدار (وڻ). ڪامياب.
– **باري ج باري:** ذ. صفت. بار وارو ـ ڳرو. بار کڻندڙ وهت (اُٺ، ڍڳو وغيره).
– **بارِيابُ ج بارِيابَ:** ذ. صفت. [بار + يابْ < يافتن = لهڻ] اِجازت پائيندڙ. مجلس ۾ داخل ٿيندڙ ـ درباري.
– **بارياب ٿيڻ:** صحبت جو فيض حاصل ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ.
– **بارِيابي:** ث. حاضري ـ داخلا.
• **بارانِ، بارَڻِ:** اسم خاص. هڪ نَئينْ جو نالو (جا ڪير ٿر جبل مان نڪري ڪوٽڙيءَ وٽ سنڌو نديءَ ۾ پوي ٿي) ـ نئن باران. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾).
• **بارانُ:** ذ. [ف] مينْهُنْ ـ برسات ـ بارش.
– **بارانو (ت):** مِينهن تي ٽيل پوک ـ مِينهاڻو.
– **بارانِي:** ث. مِينهن تي ٽيل پوک ـ برسات تي ٽيل پوک. مِينهن ۾ پُسٽ کان بچائيندڙ ڪپڙو. برساتي.
• **بارانو ج بارانا:** ذ. [ف. بارْ سن. پارَ + اَنه] ڳرو بار. وڏي جوابداري "نالي سُيس هوت جي، مَٿِم بارانو" (شاھ). باردانو. [ف. بارانه] چِت جي وچينْ ڪامِ ـ شهتير.
• **بارانو بارائو ج بارانا، بارائا:** ذ. [سن. پارَ + آنه] ننڍڙو تابوت (جو هندو ڪنهن وڏي ڏينهن تي جلوس سان ڪڍندا آهن) ـ بَحرانو.
• **بارْبَدْ:** اسم خاص. [ف] خسرو پرويز جو مشهور راڳيندر. هڪ ساز جو نالو ـ بُرَبط.
• **بارِبُرْ:** ذ. صفت. [ف] بار نيندڙ. حمّال ـ مزور. بارگير وهت. [انگ. barber] حجام ـ نائي.
• **بارِ جاءِ ج بارِجايُون:** ث. [ف] بخش ڪيل زمين.
• **بارْحَهْ:** ث. [ع. بارحه: هـ. بيڑهـ] ٻيڙو ـ وڏي ٻيڙي.
• **بارْخانو ج بارخانا:** ذ. [ف. بار + خانه] گدام ـ پاندو.
• **بارِدُ:** ذ. صفت. [ع] ٺڏو ـ سَرد.
• **بارِدانو ج بارِدانا:** ذ. [ف. بار + دان] بار رکڻ جو ٿانْءُ. ڳُوٽ ـ هوري. وڏو ٽيلهو. زمين جي پيدائش (انّ، ڦُٽيون وغيره) توري کڻڻ لاءِ ڳوڻيون، برڪيون، وغيره. سامان. بورچيخاني جو اسباب.
• **بارْدَوَ:** ذ. [ف] ٻسانگي کائي (جنهن سان ميوبدار شاخ کي ٽيڪ ڏجي).
• **باردو ج باردا (ڪ):** ذ. ٿانْءَ جو هڪ قِسم ـ تامي جو ٻهڳڻ ـ داهلو.
• **بارِش ج بارِشُون:** ث. [ف. باريدن (= وسڻ) > بارش] برسات ـ مِينْهُن.
• **بارِڪ ج بارِڪُون:** ث. [انگ. barrack] فوجي سپاهين جي رهڻ جي جاءِ. چانوٽي ـ لشڪر گاهه.
• **بارَكَ اللّٰه:** جملو. [ع] دعا جو ڪلمو "اَللّٰه (توکي) برڪت ڏئي!".
• **بارَڪَ زَئِي:** اسم خاص. دَرّاني پٺاڻن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بارگاهَ ج بارگاهُون:** ث. [ف] درگاهه ـ آستان. اجلاس جي جاءِ ـ دربار ـ ڪچهري. (اسم خاص) تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بارِلو ج بار لا (ت):** ذ. ڳڇيءَ ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو ڳُهُ (جو ڳهٽو ڪري چانديءَ جو ٺهرائيندا آهن).
• **بار مِيرا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر ٽربارکر ۾، جي اصل 'باهڙمير' جا آهن).

Gul Hayat Institute

• **بارڻ:** اسر خاص. باران (نئن). تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بارو ج بارا:** ذ. [سن. پارَ = بار] احسان ـ ٽورو (جو اُڳلو پاڻ تي بار سمجهي). گناهن جو بار. پارت (ڪم جي) ـ تاڪيد. رَڇَ کي پاٽيءَ ۾ هيٺ تي ڇڪي بيهارڻ لاءِ ٻڌل پٿر (ڪ). (صفت) گرو ـ پاري ـ وزني.

ـ **بارو رکڻ:** ڪنهن ڪم جي تڪميل لاءِ بار رکڻ. تاڪيد ڪرڻ.

ـ **بارو کٽائڻ:** ذمو کٽائڻ.

ـ **بارو کڻڻ:** ڪنهن ڪم جي تڪميل لاءِ ذميواري کڻڻ. احسان کڻڻ ـ ٽورو کڻڻ.

• **بارُو:** ذ. ديوار ـ قلعي جي ٻِت. [هـ] بارُوت.

• **بارُوتُ، بارُودُ ج بارُوتَ، بارُودَ:** ذ. [ترڪي. ف] گندرف وغيره مان ٺهيل مصالحو (جو آتشبازي ۽ هٿيارن، جهڙوڪ بندوقن، توبن وغيره ۾ ڪم اچي) ـ دارُوڻ ـ آتشي مادو.

ـ **بارُوتچِي ذ.** صفت. باروت ٺاهيندڙ.

ـ **بارُوتخانو بارُودخانو:** ذ. باروت رکڻ جي جاءِ ـ مخزن.

• **بارُهْ:** ز. [ف] وقت. دفعو ـ ڀيرو. معاملو ـ تعلق ـ واسطو. ديوار شهر پناه.

ـ **باري ۾:** ظرف. معاملي ۾. لاءِ ـ واسطي.

• **بارُهَا:** ظرف. [ف. بارْج بارها] ڪيترائي ڀيرا ـ ڪَئين دفعا.

• **باري:** ذ. [ع. باريءَ = خلقيندڙ] خالق ـ اَپائٽهار. (اسر خاص) ڏاڙهياري جبل تي هڪ درويش جو نالو "باري ٻيرُ".

ـ **باري تعَالىٰ:** اسر ذات. اَللّٰه تعالىٰ ـ خلقٽهار ـ اَپائٽهار

• **باري ج باري:** ذ. صفت. [سن. پارَ = وزن] بار وارو ـ گرو "بارُ برهه دا هو يا باري" (سچل). بار کڻندڙ وهٽ ـ لاڙو (اُٺ وغيره).

• **باريچا:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **باريڪُ:** ذ. صفت. [ف] سنهو ـ نفيس ـ نازڪ ـ لطيف ـ دقيق.

ـ **باريڪ آواز:** ذ. صفت. سنهي آواز وارو ـ چيچاتي.

ـ **باريڪ بِينُ:** ذ. صفت. سنهيون ڳالهيون جاچيندڙ ـ نڪته پرداز ـ رمز شناس ـ دقيقه رس ـ مُوشگاف. تيز فهم.

ـ **باريڪ بِيني:** ث. مؤشگافي ـ تيز فهمي. دقت.

ـ **باريڪ خيال:** ذ. دقيق خيال. تيز فهم.

ـ **باريڪ راءِ:** ذ. صفت. اُونهيءَ راءِ وارو ـ باريڪ فهم.

ـ **باريڪِي ج باريڪيُون:** ث. سنهائي. نفاست ـ لطافت. نزاڪت. دقت. رقت. حرفت.

• **بازُدانو ج بازُدانا:** ذ. ڏسو "بازْدانو".

• **بازُدي ج بازُديُون:** ث. [ف. باديه (= وڏو جَمن، اونهون پيالو) > بادله، بادلو > بادلي > بالدي > بازْدي] بالٽي.

• **بازُڪِي ج بازُڪيُون (ث):** ث. ڪَنن ۾ پائڻ جو هڪ گَهرُ ـ والي.

• **بازُوْ (ت):** ذ. جانورن جو هڪ قسم. (ث) پوڙهي ڪري. (طنزاً) پوڙهي زال.

• **بازْ:** صفت. [ف. باخْتَن = کيڏڻ] اسر جي پٺيان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "جان باز، دغاباز، وغيره".

• **بازَ ج بازُونْ:** ث. [ف. بازو] ٻانهَن، عضو. پاسو. پکيءَ جي کنيڙائِي.

ـ **بازَ ڇٽڻ:** بي طاقت ڪرڻ.

• **بازِ:** ظرف. [ف. بازْ] وري ـ موٽِي. واپس ـ پوئتي ـ پُٺتي. نئين سر.

ـ **باز آڻڻ:** ڪنهن ڳالهه تان موڪائڻ. موڪائي سنئين راهه تي آڻڻ. پوري پير تي آڻڻ.

ـ **باز اچڻ:** ساڳئي پير تي موٽي اچڻ. پشيمان ٿيڻ ـ پڇتائڻ.

ـ **باز پُرس:** ث. پڇا ڳاڇا ـ تحقيقات ـ تقاضا ـ وٺ پڪڙ.

ـ **باز پَسِين:** ظرف. پويون (وقت، پساهُ) ـ آخري (مهل).

ـ **باز رهڻ:** ڪنهن عادت کان پري رهڻ.

ـ **باز گَشْت:** ث. ساڳيءَ ڳالهه ڏي موتَ. واپسي ـ مراجعت.

• **بازُ ج بازَ:** ذ. [ف. بازْ] ۱. شڪاري پکين جو عام جنسي نالو ۲. ث. شڪاري پکين جي خاص جنس جو نالو. باز مادي ڏُرو نر. "هٽان چڙ مَ باز، هاري حقيقت جو" (شاهه).

ـ **باز بَحري:** ذ. "باز" جو هڪ قسم "برهه جا باشا بچايُئي، باز بحري بيشمار" (نور محمد).

ـ **بازدارُ ج بازدارَ:** ذ. باز ڏارِيندڙ ـ باز سان شڪار ڪندڙ.

ـ **باز داري:** ث. بازن جي نگهباني. بازن پالڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو هنر.

ـ **باز گِيرُ ج باز گِيرَ:** ذ. صفت. باز جهليندڙ. نوڪر ـ خدمتگار. پوليس جو اُهو گهوڙيسوار جنهن وٽ گهوڙو پنهنجو نه هجي.

ـ **بازگهاهِ (لس):** ذ. باز پکيءَ جو گهائل شڪار (جو مٽي اُڏامي نه سگهندو آهي، پر هيٺ لڪڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو پهندو آهي).

• **بازارِ ج بازارُونْ، بازاريُون:** ث. [پراڻي فارسي. اَبا = مال +

Gul Hayat Institute

زار = جڳهه] دکانن جي قطارن وارو هنڌ (جتي هر قسم جي خريد فروخت ٿئي). واپار جي جاءِ. دکانن وارو گوٽ "رهمکي بازار" (راهما قوم جي واپار جو مرڪز يا گوٽ، جو ٽريارڪر ضلعي ۾ آهي). مارڪيٽ ـ منڈي. جنس جو اڳهه. سودو.

– **بازار آکري ٽيڻ:** اڳهه چڙهڻ ـ مهانگائي ٽيڻ.

– **بازار بند رهڻ:** واپار نه هلڻ.

– **بازار تيز ٽيڻ:** اڳهه چڙهڻ ـ مهانگائي ٽيڻ. واپار جو چلتو ٽيڻ.

– **بازار ڏڏي ٽيڻ:** شين جا اڳهه گهٽجي وڃڻ ـ بازار موڙي ٽيڻ.

– **بازار جي ميلائي:** محاورو. هر ڪنهن جي استعمال جي شيءِ، عام شيءِ جنهن کي ڪپي سو خريد ڪري.

– **بازار جڏڻ:** جُدا جدا دڪاندارن کان اوڏر تي شيون خريد ڪرڻ.

– **بازار چڙهڻ:** اڳهه چڙهڻ ـ مهانگائي ٽيڻ.

– **بازار ڪچڻ:** شهرن جون گهٽيون گهمڻ. اجايو رلڻ پنڻ.

– **بازار ڪرڻ:** اڳهه لهڻ ـ قيمت گهٽجڻ. سستائي ٽيڻ.

– **بازار ڪري آڻڻ:** خريد فروخت ڪري اچڻ.

– **بازار گرم ٽيڻ:** اڳهه چڙهڻ. واپار جو چگو چلتو ٽيڻ ـ بازار ۾ خريد فروخت تيز ٽيڻ.

– **بازار لائڻ:** ڏاڍي گالهائڻ ـ لڙ ڪرڻ.

– **بازار لڳائڻ:** هٽ پکيڙي ويهڻ ـ دڪان هٽڻ. شيون يا ٽپڙ چڙوچڙ ڪري ڇڏڻ.

– **بازار لهڻ:** شين جا اڳهه لهڻ. سستائي ٽيڻ.

– **بازار مائي، موڙي، موڳي ٽيڻ:** شين جا اڳهه گهٽجڻ. واپار گهٽ ٽيڻ.

– **بازاري ج بازاري:** ذ. صفت. بازار جو ـ بازار سان واسطو رکندڙ. هالو چالو ـ رواجي. عام. رولو ـ اوباش ـ بدچال.

– **بازاري هوليي:** ث. بگڙيل هولي.

• **بازدار:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بازدارُ ج بازدارَ:** ذ. باز کي سنپالينڊڙ. شڪار ڪرائينڊڙ.

• **بازَرينگَ (ل ڪ):** ث. [بلوچي. باز رينغ] پکائين ۾ جت جي ڏنگ (پچاڙيءَ) واري ڏري.

• **بازَر ج بازرُون:** ث. بازار.

– **بازَرگانُ:** ذ. صفت. واپاري ـ وٽجارو ـ سوداگر.

– **بازَرگاني:** ث. واپار ـ تجارت.

• **بازڪَنڊو:** اسم خاص. انڙپور جي پر ۾ هڪ مڪان جو نالو.

• **بازنْدو ج بازنْدا:** ذ. صفت. [ف. بازنده] راند ڪندڙ ـ راندگر ـ کيڏاري. کيڏ ڪندڙ. هنرمند. بازيگر. عشق جي راند ۾ سر گهورڻ وارو "بازي بازندن کي، آهي هڪ عضوو ـ اَويسار" (شاه).

• **بازُو ج بازُو:** ذ. [ف. بازو: سن. باهُو] هڪ عضوو ـ هٿن. پکيءَ جو پَڪ ـ کنيڙائي. لشکر جي پاسي وارو دستو. پاسو ـ پهلو. قوت ـ پَرُ. سَگ واري عورت. هٿن. مددگار ـ سائي ـ همراهه. مقابل. سُرجهلائو.

– **بازو بازو ڪرڻ:** ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ.

– **بازو بَنْدُ ج بازو بَنْدَ:** ذ. هٿن جي مٿين حصي ۾ هڏڻ جو هڪ زيور (لڏندڙ جهومڪن وارو ٽئي ۽ ٽونڊ جي مٿان هڏجي) "ويو هاروجو نڪري، پڇي بازو بند" (شاه). هٿن رکي ـ تعويذ.

– **بازُو پَڇي، ٽُٽي پوڻ:** پاءُ يا مددگار فوت ٽيڻ.

– **بازُو دراز:** ذ. صفت. دڳهين هٿن وارو. دراز دست. ظالم.

• **بازي ج بازيُون:** ث. [ف. بازي < باختن = کيڏڻ] راند. کيل ـ تماشو. ڪرتب ـ هنر ـ ڪاريگري "برقعان اندر بازيون، پنهنجهيون سپ پڇاءِ" (شاه). ڪبوتر جو پلٽو. داءُ ـ چال. گوءِ ـ سَرسي. سوپ ـ فتح. چالاڪي ـ کيڏ ـ اٽڪل "سوناوان صراف سين، بازي پچي چڏ" (شاه). نگي ـ دوکو. شرط ـ هول.

– **بازي خورُ ج بازي خورَ:** ذ. صفت. اٽڪل ڪندڙ ـ اَٽڪلي ـ قڙتي باز.

– **بازي ڏيڻ:** اَٽڪل يا نگي ڏيڻ وڃڻ.

– **بازي ڪٽڻ:** راند ڪٽڻ. گوءِ ڪٽڻ ـ سَرسي ڪرڻ.

– **بازي کيڏڻ، کيلڻ:** هنر حرفت سان راند ڪرڻ "کيڏن برهه جي بازي، حاصل ڪيائون حال حقيقي" (عبدالله فقير ڪاتيار). شرط جو داءُ هڻڻ.

– **بازيگاه:** ذ. راند ڪرڻ جي جاءِ ـ آکاڙو.

– **بازيگرُ ج بازيگرَ:** ذ. صفت. بازي ڪندڙ ـ تماشو ڪندڙ ـ مداري. راندگر. کيڏاري. هنروارو. (ث). بازيگرڻ. بازيگرڻي.

– **بازيگري:** ث. بازيگر جو ڏندو. راند جو هڪ قسم ـ پلٽيبازي. کيل تماشو.

– **بازينْدوُ ج بازينْدا:** ذ. (ف. بازنده) پلٽو کيڏندڙ. سُنو کيڏاري. راندگر. دمباز ـ نگ.

– **بازي هارائڻ:** شرط هارائڻ. شڪست کائڻ ـ مات ٽيڻ.

– **بازي وجهڻ:** تماشو ڪرڻ ـ کيل ڪرڻ.

• **بازيگر(ت):** ذ. جانورن جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

• **بازيگر، ج بازيگر:** ذ. صفت. [ف. باد = هوا + گير = جهڻيندڙ] چت ۾ هوا لاءِ ڇڏيل دري ـ منگھ. ڪبوتر جو هڪ قسم. پلٽا کائيندڙ ڪبوتر ـ ليٽ ڪبوتر. (اسر خاص) پُلتي پيل قومن مان هڪ قوم جو نالو (جي اڪثري ڪيل تماشو ڏيکاري. گذران ڪن. مُردن کي سنئون ويهاري پاسي کان حقو وغيره سامان رکي مٽان ڏکي ڇڏين. اڪثر حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهندڙ).

• **باس، ج باسُونْ:** ث. [سن. واس] بَدبُو ـ ڏپ خوشبوءِ "بَر مِرڙوئي باس، چپر چَٽون موڪليون" (شاھ). اڳوات خبر ـ سماچار ـ اُهجاڻ "جڏهن پيئي باس، چپر هوت پنهون جي" (شاھ). [سن. پاسُ = خواهش، آرزو] آچ ـ سُڪا ـ پيتا ـ نذر. مڃتا ـ قبوليت.

– **باسارو، ج باسارا:** ذ. صفت. باٺس وارو ـ بُوءِ وارو ـ ڏَپرُ.

– **باس آڇڻ:** ڏپ اڇڻ ـ بَدبُوءِ اڇڻ. اڳوات خبر. پوڻ اُهجاڻ اڇڻ.

– **باس باسڻ:** مڃتا مڃڻ ـ نذر باسڻ. سُڪا ڪرڻ.

– **باس ٽيڻ:** ڏپ ٽيڻ.

– **باس پوڻ:** باس آڇڻ. ٽيٽ پوڻ.

– **باس ڪرڻ:** ڏپ ڪرڻ ـ بدبوءِ ڪرڻ. ڪنو ٽيڻ.

– **باسي، ج باسي:** ذ. صفت. ڏپ وارو ـ بَدبودار. گھٽي وقت جو رکيل (کاڌو وغيره جو ڏپ ڪري ويو هجي). پاروٽو.

• **باسْتان:** ذ. صفت. [ف] پُراڻو ـ جھونو ـ ڪُھنو.

• **باسْتي (ث):** ث. باھ ـ اگني ـ جوت.

• **باسْپَتي، باسْمَتي:** ذ. خوشبودار چانورن جو هڪ قسم.

• **باسِڪاري، ج باسِڪاريُون:** ث. [سن. ويس = هلڻ، ڇرڻ + ڪاري] آڏاڻي جي پيرڙين وارين ڪائين مان هڪ ڪائي (جا تاجي، جي تندن کي هيٺ مٽي ڪري).

• **باسِني، ج باسِنِيُون (ث):** ث. چمڙي يا ڪپڙي جي ڇوٽڪري جنهن ۾ پُسا وجهي چيلهه سان ٻڌندا آهن ـ بَدبي ـ واسٽي.

• **باسڻ:** مصدر. [سن. پاسْ = ظاهر ڪرڻ، چمڪڻ، ظاهر ٿيڻ] ڏَسڻ ـ ٻڌائڻ. سچي ڪرڻ. مڃتا مڃڻ. قبول ڪرڻ ـ سر تي کڻڻ "ٻي ڪير گھڙندي قاف، هي بر برهمڻ باسيو" (شاھ). (باسيو ـ باسيندو ـ باسيل).

– **باس:** ث. قبوليت ـ مڃتا. سچي. خواهش ـ آرزو.

– **باسائڻ:** مصدر "باسڻ" مان متعدي بالواسطه قبول ڪرائڻ ـ مڃائڻ.

– **باسيجڻ:** مصدر "باسڻ" مان فعل مجهول. ٻڌائجڻ. سچي ٽيڻ.

• **باسَڻ، ج باسَڻ:** ذ. [سن. واسَن] ٽانڊ ـ برتن.

• **باشُ:** اَمر. [ف. بُودَنْ > باش = هُجڻ، رهڻ، ترس، ٽيءُ] مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ "خوش باش، شاد باش، وغيره".

• **باشا، ج باشا (ڪ):** ذ. [ف. بادشاه؛ ترڪي. پاشا] پرڳڻي جو حاڪم.

• **باشِنْدو، ج باشِنْدا:** ذ. صفت. [ف. باشنده ج باشِند گان] رهاڪو ـ رهندڙ ـ رهواسي.

• **باشو، باڻشو، ج باشا، باڻشا:** ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي (جو اصل ۾ "بَشين" جي مادي آهي، پر نالو مذڪر طور مستعمل اٿس، اڪيون پيليون، باز کان نندو ٿئي) ـ چڙي باز. sparrow hawk (accipiter nisus).

• **باشِي، ج باشِي:** صفت. [سن. واسِي > وَسْ = رهڻ] رهاڪو ـ باشندو.

• **باصِرَهْ:** ث. [ع. بَصَرَ = هن ڏانو] ڏسڻ جي قوت ـ بينائي. اک.

• **باصِري، ج باصِري:** صفت. [بَصَرَ > باصري] بصر ۾ رڌل (چانور) ـ خُشڪ. بصر وڪڙندڙ يا پوکيندڙ. پيازي (رنگ).

• **باطِلْ:** ذ. [ع] ناحق. ڪوڙ. (صفت) ڪوڙو ـ ڪوتو. بي اصل. بي اثر.

– **باطِل پرست:** ذ. ڪوڙ جو پوڄاري. ڪافر. گمراھ.

– **باطِل پَرستي:** ث. ڪفر. گمراھي.

• **باطِنْ، ج باطِنْ:** ذ. [ع] گُجھ ـ راز ـ منجھ ـ اندر. (صفت) گُجھو ـ مخفي ـ لڪل. (اسر خاص). خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **باطن بين:** ذ. صفت. شين جو اندر پرکيندڙ. چوڪسيءَ سان ڏسندڙ.

– **باطن جو بانو ڏيکارڻ:** اندر جو رنگ ڏيکارڻ ـ اندر جا عجائب ڏيکارڻ "ٿو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا" (شاھ).

– **باطِني:** ذ. صفت. گُجھو ـ لڪل ـ مخفي.

– **باطِنِيه:** ذ. اسماعيلين جو هڪ گُجھو طريقو (جي قرآن مجيد جي لفظن مان باطني معنائون ڪڍندا آهن).

• **باطُنْ:** ذ. [ع. باطن] اندر ـ منجھ. گُجھ ـ راز. ضمير.

– **باطُني:** ذ. صفت. گُجھو ـ مخفي ـ لڪل.

– **باطُني خبرون ڪرڻ:** گُجھ جون گالهيون ڪرڻ. الهامي خبرون ڪرڻ. اڳڪٿيون ڪرڻ.

• **باعِثْ:** ذ. [ع. بَعثَ = هن موڪليو] سبب ـ ڪارڻ. اصل

Gul Hayat Institute

حقيقت ـ بنياد. (صفت) باني. ايجاد ڪندڙ ـ مُوجِد.

• **باغَ ج باغَ:** ذ. [ف] گلن ۽ ميويدار وڻن جو مجموعو. بُستان ـ چمن. (اسر خاص) تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **باغات ج باغاتُون:** ث. گهٽا باغ.

– **باغِ اِرَمْ:** اسر خاص. 'شداد بن عاد' ڪافر جو باغ (جو استعاري طور "باغ اِرم" يعني "بهشت جو باغ" سڏيو ويندو آهي).

– **باغائِي ج باغائِي:** ذ. صفت. باغ پوکيندڙ ۽ سنياليندڙ ـ آرائين ـ مالهي.

– **باغَ باغَ:** صفت. خوش ـ سَرهو ـ گد گد.

– **باغِ باغِ ٿِيڻ:** حد کان وڌيڪ خوش ٿيڻ ـ گد گد ٿيڻ.

– **باغبانُ ج باغْبانَ:** ذ. صفت. باغائي ـ آرائين ـ مالهي. (اسر خاص) آڳاتي ڏنل هڪ تاريخي شهر جو نالو (جنهن جا آثار تعقلي دادوءَ ۾ آهن. ۽ جتي مخدوم بلاول رحـ جو مقبرو آهي).

– **باغْباني:** ث. باغ سنياليڻ ۽ پوکڻ جو هنر. 'باغبان' جو ڏنڏو.

– **باغِ بهار:** صفت. سرسبز ـ آباد. رونق وارو. خوش ـ سرهو.

– **باغَ جي مُوري هڻڻ:** ڪنهن ليکي يا ڳڻپ ۾ نه هڻڻ.

– **باغِ عَدْن:** ذ. بهشت جو باغ.

– **باغِيچو ج باغِيچا:** ذ. [ف. باغيچه] ننڍو باغ ـ چمن.

– **باغينْ تُوتينْ لڳڻ:** پنهنجي ڪم سان لڳڻ. پنهنجي ڪم ۾ رُڌل رهڻ. پنهنجي وَسائڻ.

• **باغِي ج باغِي:** ذ. صفت. [ع] بغاوت ڪندڙ ـ سَرڪشي ڪندڙ. قائم ٿيل حڪومت جو مخالف. مُلڪي ڏوهاري. مخالفت ـ پري ڇڏندڙ "فلاڻو انهيءَ ڪم کان باغي آهي".

• **بافِتو ج بافِتا:** ذ. [ف. بافْتَنْ (= اُڻڻ) > بافْتَه = اُڻيل] سوتي ڪپڙي جو قسم. ڪبوترن جو هڪ رنگ.

• **بافِنْدَهْ:** ذ. صفت. [ف] اُڻندڙ ـ ڪوري.

• **باقِرْ:** ذ. [ع. باقِرُ = پيٽ ڦاڙيندڙ] شينهن. علم ۾ ماهر. (اسر خاص) اِمام محمد بن علي (زين العابدين) بن حسين (رضـ) جو لقب. مرد جو نالو.

• **باقِراڻِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه. اسٽيشن ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **باقِرخانِي ج باقِرخانْيون:** ث. هڪ قسم جي ماني (جا ڪنڊ. گيهه ۽ کير ۾ ڳوهيل ميدي مان ٺاهي تنور ۾ پچائيندا آهن. 'نواب باقر خان' جي فرمائش تي تيار ڪرڻ سبب مٺس اِهو نالو پيو). مِٺو روٽ ـ شِير مال.

• **باقِرو:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **باقِلا:** ذ. [ع. باقِلاءُ، باقِلِيٰ، باقِلِيُ] مَٽر جون قَريون. رانْهان ـ جونْرا (پاڄي).

– **باقِلاڻِي:** ذ. صفت. چٽا جَونْرا وڪڻندڙ.

• **باقِي:** ث. [ع] بقايا. بچت. پاڄي. (صفت) هميشه رهندڙ ـ جتاءُ وارو. دائر قائم. "فاني" جو ضد. بَقاءَ وارو. (اسر خاص) اَللّٰه جو هڪ صفاتي نالو "هُو اَلْباقي". (حرف جملو) پر ـ مگر.

– **باقِيات:** ث. [باقي ج باقيات] رهيل بقايا. بچت پاڄي.

– **باقِيات صالِحات:** ذ. نيڪ عمل (جي هميشه رهندا).

– **باقِيدارْ ج باقِيدارَ:** ذ. صفت. جنهن وٽ بقايا رهيل هجي. جو بقايا نه ڏئي. قاصر. حساب چورُ.

– **باقِي رکڻ:** بچائي رکڻ.

• **باکُ ج باکَ:** ذ. [ف] ڊپ ـ خوف "بيباکُ = بيخوف". [سن. واکْيه] واکُ ـ وچن ـ زبان هولي.

• **باکرَهْ:** ث. [ع] اَڻ پرٽيل (چوڪري) ـ ڪُنواري.

• **باکِري ج باکِري:** ذ. صفت. [ع. بَقال = پاڄي وڪڻندڙ] ميوو ۽ پاڄي وڪڻندڙ ـ سبزي فروش.

• **باکَسُ ج باکَسَ:** ذ. [انگ. box = پيٽي] تيلين جي پُڙي ـ ماچيسُ.

• **باکو:** ذ. صفت. ڏسو "بانکو".

• **باکُو ج باکُو (ت):** ذ. صفت. [سن. واکْيه] ٻئي جي جورت تي چوري ٽيل مال جي خبر ٻڌائيندڙ ـ جُوٺت. بکندڙ ـ بکبکيو.

• **باک ج باکُونْ:** ث. [س. پاسَ < پا = چمڪڻ] سج اُپرڙ کان اڳ آسمان ۾ روشني "شمع پاريندي شب. پرهه باکُون ڪديون" (شاهه). صبح صادق ـ پرهه ڦٽي.

– **باک ڦٽڻ:** پرهه ڦٽڻ ـ فجر ٽيڻ.

– **باک ڦٽي:** ظرف. پرهه ڦٽيءَ جو ـ پريات جو.

– **باک ڪَڍڻ، ڪَٽڻ:** پرهه جي روشني ٽيڻ. پريات ٽيڻ.

• **باکرُ ج باکرَ:** ذ. باکرُ ـ پانگرُ (وڻ).

• **باکرو:** ذ. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم ـ بکرو.

• **باکرُو ج باکرُو:** ذ. صفت. بَکرجو ـ بکر (شهر) ج رهاڪو.

• **باکِري ج باکِريُون:** ث. [ڪجراتي] ننڍڙي ماني ـ لولِي ـ ڪوڪِي.

Gul Hayat Institute

• **باکريجي:** اسر خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باکڙ ج باکڙ:** ذ. صفت. چوٽيءَ چانگيل (وڻ). پنن چٽيل ـ ٿوڙهو ـ پانگر.
• **باکڙا:** اسر خاص. لس هيلي طرف جي هڪ ذات جو نالو (جنهن مان "وَتَ باکڙو" شاعر ٽي گذريو آهي).
• **باکڻ (ٽ):** مصدر. [سن. پاش = چوڻ] آکڻ ـ چوڻ. (باکيو ـ باکيندو ـ باکيل).
• **باکوڙو:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باکيو ج باکيا:** ذ. [سن. پا = چوڻ] زباني وعدو ـ زباني قول.
• **باگار ج باگار (ٽ):** ذ. بَکر.
• **باگاڻا:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه ۽ مکان جو نالو.
• **باگپٽي:** اسر خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگراڻي:** اسر خاص. تالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.
• **باگڙ:** اسر خاص. لس هيلي طرف هڪ ديري جو نالو.
• **باگڙ:** ذ. [بَگو (= سفيد) > باگڙ = اَڄائيندڙ] مصري يا آمريکي ووڻ ۽ اُن جي ڦُٽي (جنهن جي ڪپهه سنڈي ووڻ جي ڪپهه جي پيٽ ۾ زياده سفيد ٿئي). (صفت) بگاڻ (اَڄاڻ) تي مائل رنگ وارو جانور (ڳئون يا ٻکري). ڪٽڪ جو هڪ قسم.
• **باگڙجي:** اسر خاص. سکر ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **باگڙدلو:** ذ. صفت. لُڇ ـ بدمعاش.
• **باگڙي:** اسر خاص. هڪ خانه بدوش گهٽ ذات (جي مُردار کائيندا آهن) ـ شڪاري ـ واگهڙي.
• **باگو ج باگا:** ذ. گهوٽ جي ڪپڙن جو وڳو. (اسر خاص) مرد جو نالو (انهيءَ نالي سان "مير باگو خان" مشهور ٿيو. جنهن "سنڌ راڄي" سان شادي ڪئي هئي. ۽ تنڊو باگو شهر ٻڌايو هو).
• **باگوٽو ج باگوٽا:** ذ. واڳڻ ـ واگهو "بيحد باگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار" (شاه).
• **باگواهه:** اسر خاص. هڪ واهه جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگوٽو (ٽ):** ظرف. "بَگاڻ" يا اَڄاڻ جو وقت سويرو ـ سويل.
• **باگوڏهو:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگو وگهامل:** اسر خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگي ج باگيُون (ٽ):** ث. گيهه جي ڏهي کي مٿان ٻڌل ڏور.
— **باگي ڏيڻ:** سُٽ جي ڏوريءَ سان گيهه جي ڏهي جو ڏيڪ قابو ڪرڻ.
• **باگيسري:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو ـ پاگيسري.
• **باڳهه:** ذ. پستا، بادامين وغيره مغزات (معجون يا خوراڪ ٺاهڻ لاءِ).
• **بال ج بالَ:** ذ. [ف] پکيءَ جي کنيڙاڻي ـ بازو. مڇيءَ جو هڪ قسم. [سن. بالَ] هارُ. وارُ. [انگ. ball] کينهُون ـ کينهُوڙو.
— **بالَ چالَ:** ذ. ٽينگ ٽپا. ٽکي ڏوڙ.
— **بال و پرَ:** ذ. کنب کنيڙاٽيُون.
• **بالا:** صفت. [ف] مٿانهون ـ بلند ـ اُوچو. (ذ) قد ـ قامت. چوٽي.
— **بالابِين:** ذ. مٿان نهاريندڙ "جا هنيائين هٽن سين، سا سُئي بالابين" (شاه).
— **بالابُند:** ذ. پَتڪو ـ پڳ. مٿيون ڪپڙو.
— **بالا تَنگ:** ذ. هني تي رکيل گاشي کي قابو ٻڌڻ وارو چر جو پَٽو.
— **بالا پوشَ ج بالا پوش:** ذ. سَوَڙ. لحاف. پلنگ پوش. ٻاهريون ڪپڙو. غلاف. جهُلَ (گهوڙي جي). اووڙڪوٽ ـ لبادو.
— **بالا خانو ج بالاخانا:** ذ. جاءِ جي مٿان اڏيل صُفو. ڇت تي اڏيل ڪوٺي.
— **بالاخواني:** ث. مبالغو. بيحد تعريف.
— **بالادَسْتَ ج بالادَسْتَ:** ذ. صفت. عملي جو مٿيون عملدار. وڏو عملدار ـ وڏو آفيسر. زبردست آفيسر. غالب. "زبردست" جو ضد.
— **بالادَسْتي:** ث. زوراوري. رشوت.
— **بالاڏَشينَ ج بالاڏَشين:** ذ. صفت. مٿانهينءَ جاءِ تي ويٺل. مٿانهينءَ جڳهه تي ويهندڙ. صدر. عُمدو "ڪم خرچ، بالاڏَشين" (پهاڪو).
— **بالاوَهْت:** ذ. هيٺ ۽ مٿي. زمين ۽ آسمان. جهان.
— **بالاهِمّت:** ذ. صفت. وڏيءَ همّت وارو. درياهه دل.
— **بالائي ج بالائي:** صفت. مٿيون ـ مٿانهون. اُتل وارو. وڌيڪ ـ سرس ـ زياده. (ث) مَلائي. (کير جي).
— **بالائي آمدني:** ث. مقرر پيدائش کان وڌيڪ آمدني.
— **بالائي طاق:** صفت. پري ـ الڳ.
• **بالاجَ ج بالاج:** اسر خاص. مسمانن جي هڪ قبيلي جو نالو. مردن جو هڪ نالو.
• **بالادي:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (جت قوم جي هڪ قبيلي جو نالو).

Gul Hayat Institute

• **بالاسارَ ج بالاسرُوڻ (ت):** [ع. بِالْعُسْرِ = ڏکيائيءَ سان، تکليف سان] تکليف – ڏک. ڪاهي – ڪَنڊ.
• **بالْتي، بالْدي ۽ بالْتيُون، بالديُون:** ث. ڏسو "بازدي".
• **بالِش:** ث. [ف] وهاڻو – تڪيو. مسْنَدَ.
• **بالِشْتَ ج بالِشْتُون:** ث. [ف] گرانٽ.
• **بالِغ ج بالِغ:** صفت. [ع] جوانيءَ ڪي رسيل – سامايل جوان.
– **بالِغ نظر:** صفت. تجربيڪار. نُڪتہ شَناس. باريڪ بين.
– **بالِغي:** ث. بالغ ٿيڻ واري عمر – بلوغت – جواني.
• **بِالْفِعْل:** ظرف. [ع] حال في الحال.
• **بِالْڪُل:** ظرف. [ع] پوريءَ طرح – ٺيڪ – پُورو.
• **بالْڪَني ج بالْڪَنيُون:** ث. [انگ balcony] ماڙيءَ جي اڳيان وڌيل ٽڪرو – ڇجهري.
– **بالَمُ ج بالَمَ:** ذ. صفت. [سن. وَلَبْ] پياروَ – پريتم – محبوب. دلبر. دوست. عاشق. بيخوف – بيپرواهہ. خوش – سَرهو. خاوند – مُرَس.
– **بالم ٿي ويهڻ:** بيپرواهہ ٿي ويهڻ.
• **بالْنڪُو:** ذ. [ف] هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو (نازبو جهڙو ٽئي).
• **بالو ج بالا:** ذ. [ع] مٽانهين ڪوٽي يا ڪمرو – بالاخانو. جاءِ جي مٽان اَڌيل صُفو. پهراڻ. لاوڻ يا چولي ڪي ڳهيريدار ڪڙ لاءِ ڪپڙي جو ڏَرُ. پاڳو – تَڪُ. سِڪي جو ٽپو. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
• **بالُو:** ذ. [ف] آگر ويڙهو. چيري (ميوو).
• **بالُوشاهي:** ث. [ف] مٺائيءَ جو هڪ قسم (مٺائيءَ جي نرم ٽڪي. جا 'بالوشاهہ' حلوائيءَ جي نالي پٽيان سڏجي).
• **بالَهُڙُو:** ذ. "بالم' جو اسر تصغير. محبوبڙو. گڏهن جي هڪ ذات.
• **باليدگي:** ث. [ف] ويجهہ – واڌ. ساوڪ. مغروري.
• **باليڏيرو:** اسر خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **بالِين:** ذ. [ف] وهاڻو – ڪَنْڈُ.
– **بالين پَرَسْت:** ذ. صفت. آرام پسند – آرام گولينڊڙ.
• **بامْ:** ث. [ف. بام] ڇت. ماڙي – ڪوٽو – بالاخانو. [ف. بامداد] صبح – فجر – پرهہ ڦٽي. روشني – تاب. راڳ جي هيناهون تار. ٽُلهو ۽ ڪهرو آواز. آسمان "آسمان تي هيءَ هُي، مُجري ۾ زهري جي ندا: بام تي منهنجو ڏسو ۽ هن جو زير بام رقص" (سانگي).
– **بامِ بَديع، بامِ رواق، بامِ فَراخ، بامِ وَسيع:** ذ. نائون آسمان (جو هين آسمانن کي ڦيرائي ٿو).
– **بامِ دنيا:** اسم اص. پاميرجو مٽانهون پٽ.
– **بامِ زمانہ:** ذ. هيئيون آسمان.
– **بامگاہ:** ظرف. صبح جو سوير.
– **بامِ گَردُون:** ذ. آسمان.
– **بامِ مَسيحُ:** ذ. چوٿون آسمان (جنهن تي حضرت عيسيٰ مسيح آهي).
– **بامْر:** ث. [سن. واما] زال – عورت. حسين عورت – نازنين "تَنبوري جهانْءِ جهڪي ڪئي، برهہ ساريندي بام" (جلال).
• **بامِرُ ج بامَر:** ذ. [انگ. balm] ڪافور، جاڻ وغيره جو عرق يا مَرهم (جنهن سان مٽي جو سُور لهي ويندو آهي).
• **بامارَ ج بامارُون (ت):** ث. سَنهون مِينهن.
• **بامْبارَ ج بامْبارُون (ڪ):** ث. وڏائي – هٽ – تڪبّر.
• **بامبولَ ج بامْبولُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **بامَداد:** ذ. [ف] صبح سوير – پرهہ ڦٽي.
• **بامَنْ:** صفت. [سن. وامَنَ] ننڍي قد وارو – بندرو. جامڙو. (اسم خاص) وشنو پگوان جو پنجون اَوتار (جنهن جامڙي جو روپ ڌاري راجا بَلِيءَ کان ٽي قدم زمين جا دان طور گهريا هئا).
• **بامْني ج بامْنيُون:** ث. [سن. وامَني] بندري – جامڙي. گهوڙي.
• **بانْ:** ث. بيزاريءَ جو لفظ. [سن. باڌَهَ] توبهہ – زاري – جانو. آڻ – هار – شڪست.
– **بانْ پَرڻ:** جانو پرڻ. زاري ڪرڻ.
– **بانْ ڪَرڻ:** پچتائڻ. توبهہ ڪرڻ. آڻ مڃڻ (راند ۾). بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ.
• **بانْ ج بانْ:** ذ. [سن. وَرْنْ = رنگ] رنگ – ورنْ. شڪل – صورت. خاصيت – گڻ. پوش – ڍڪ. چوغو. وَڳو – لباس. [سن. بانْ] بانْ – تير "عُقابيل اڪين ۾، توکي باري بان" (شاه). [ف] اسم فاعل مرڪب ٺاهڻ لاءِ هڪ پڇاڙي، بمعني رکندڙ – وارو "باغبان، دربان، وغيره".
– **بانْ بَري:** صفت. (بان = رنگ + بَري = بَر جو، مٽيءَ جو) مٽيءَ جي رنگ – پيوت – خاڪ آلود "ڪالهہ ڪڏيوسين ڪَاپڙي، بابُويان بري" (شاه).
• **بانات:** ث. [هـ] بَنات جو ڪپڙو.
– **بانات فروش:** ذ. صفت. پشم فروش.
– **باناتي:** صفت. بنات جو – پشمي.
• **بانارَڻ:** مصدر. [سن. وِدارڻ] ڪاتيءَ سان گوشت جا ننڍا

Gul Hayat Institute

ٹُکر ڪرڻ ـ ٻوٽيون ڪرڻ. (باناريو ـ باناريندو ـ باناريل).

• **بانڌاڙ ج بانڌاڙ:** ذ. صفت. [سنڌي. پَن ڌاڙ (=پَنُ = رڇ + ڌاڙ = ڌاڙيندڙ)؛ فرينچ. بونا پارٽ (؟)] جيڪي اڇي سو ڇئي ڏيندڙ ـ رک رکان نہ ڪندڙ ـ بيپرواهہ. بيغرض. دلير ـ بهادر. زوراور ـ جابر ـ ڏاڍو مڙس. چالاڪ ـ عيار. فضول خرچي ڪندڙ. پَن کي ڌاڙي نڪري ويندڙ (مَڇُ).

• **بانڌو:** اسم خاص. تعلقي ڍڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بانْبِتو ج بانْبِتا:** ذ. بانڻُتو ـ جهنڊو.

• **بانْبِرَجَڻُ، بانْبُورِجَڻُ (ت، ڪ):** فعل مجهول. بَمرجڻ ـ ڦُوڪجڻ ـ شَوڪجڻ. ڪاوڙجڻ. جوش ۾ اَڇڻ. وڏائي ڪرڻ. وڏو ٿيڻ. وڏڻ. وڳهرڻ. (بانْبريو ـ بانْبربو ـ بانبريل).

• **بانْبِرُو بانْبُرُو ج بانْبِرا:** ذ. [سن. واٰمَ = ڇامڙو] هارَ جي هڏن ۽ گوڏن ۾ ريڙهي. (صفت) هڏن ۾ ڪُهو ٿي بيٺل ـ ڊوندڙو ـ ڪُهڙو.

– **بانْبِرا پائِڻ:** (ننڍڙي هار جو) گوڏن ۽ هڏن تي رڙهڻ ـ ريڙهيون پائڻ. سُست ٿيڻ. ٽڪجڻ. سُجو ٿيڻ.

– **بانْبِرا ڏيڻ:** بانبرا پائڻ ـ ريڙهيون پائڻ.

– **بانْبِرُو هلڻ:** نوڙي هڏن ۾ ڪهو ٿي هلڻ. ترين ۾ هلڻ. ڊوندڙو ٿي هلڻ.

• **بانْبِيٖ ج بانْبِيُون (ل):** ث. [سن. و. انَ = گهر جي ديوار ۾ سوراخ] تمام وڏو ٽاڻ.

• **بانْبِيارَ ج بانْبِيارَ:** ذ. [سن. وانَ = گهر جي ديوار ۾ سوراخ] وڏو هڙ. ڇَڙ. (صفت) تمام وڏو. ويران ـ پانياڻ.

• **بانْبِيارلَهڻ:** هرگهل ٿيڻ. ڦاٽڻ ـ چيرجڻ. سوراخ ٿيڻ.

• **بانْٽ ج بانْٽ (ت):** ذ. ڏوهين جي اصطلاح ۾ ڪپڙن جو هڏل مُجو.

• **بانْٽو ج بانْٽا:** ذ. [سن. وِيَجَيَنْتَ = وانْٽو] بانْبو ـ جهنڊو. مال جو چارو (ث).

• **بانْٽَ، بانْٽِيُون:** ث. هميشه جمع ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. ووٽن جون سُڪل ڪائيون ـ ووٽائيون. ڪجيءَ جا ڦرها (گهر ٺاهڻ لاءِ). لَيُن يا ڇارين جي لاڪُڙَ. لاباري کان پوءِ سُنڊين جو دوبارو اوسر (خصوصاً ڪمند. نير. تماڪ. ووڻ وغيره). اڻ ڏوتل ريشم. ڪچو آڪارو. گهٽ درجي جو پٽ (پرت پرڻ جو).

• **بانْٽَ:** اسم خاص. تعلقي ڍڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بانْٽارَ ج بانْٽارَ (ڪ):** ذ. ڪاري رنگ جو ماڻهو.

• **بانْٽَ ڇُورو:** ذ. پَسارڪي وڪر جو هڪ قسم.

• **بانْڊو ج بانْڊا:** ذ. [هـ. بانڊي] سونڊو ـ ڏُڪو ـ ڏنڊو "ڪامُون سَهہ مَ ڪَرها، بانڊا ڪير هٽاءِ". (شاهہ عنايت).

• **بانْڊي ج بانْڊي:** صفت. بچڙو. بگڙيل.

• **بانْڊِي ج بانْڊِيُون (ت):** ث. ڏاڪڻ جي منجهيل ويڙهي. سادو ريشم.

• **بانْڊيري:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بانْدِ:** ظرف. [ف. بنده؛ سن. بَنْدَن = ٻڌڻ] باندي ـ بند ـ قيد ـ گرفتار ـ ٻڌل.

– **بانْدي ج بانْدي:** ذ. صفت. بند ٿيل ـ بند ۾ ڀيل ـ قيدي. پورهيت. گرفتار ـ پڪڙيل.

• **بانْداهو ج بانْداها (ت):** ذ. ننڍو بَنْدُ ـ ٻَنو.

• **بانْدَرُ ج بانْدَر:** ذ. [سن. واندَر] مشهور جهنگلي جانور ـ وڏو پولڙو. (ث) بانْدري ج بانْدريُون.

– **بانْدَرو ج بانْدرا:** ذ. باندر. باندر جهڙو. بدمعاش.

– **بانْدر وانگر نَچائڻ:** بيعزت ڪرڻ. تابعدار ڪرڻ. سخت ستائڻ.

– **بانْدري:** ذ. صفت. باندر وارو. باندر نچائيندڙ ـ پولائي.

• **بانْدِرُو ج بانْدِرُو:** ذ. صفت. بندر جو. بندر تي رهندڙ.

– **باندرو ڪَڙ:** ذ. ڪَڙ جو هڪ قسم.

• **بانْدِرُو تاڙو ج بانْدِرُو تاڙا:** ذ. (ٻيڙيءَ جو اصطلاح) 'ڪچي' ۽ 'اڏير' جي وچ ۾ لڳل ڍڳهي ڪائي (جا جهلَ طور ڪم اچي).

• **بانْزَ ج بانْزَ (لس):** ذ. [ف. باز] باز.

• **بانْزُوري ج بانْزُورِيُون (ڪ):** ث. گهرجي پُٽ کان ڏنل تڏو يا پَتَر.

• **بانْس ج بانْسُونْ:** ث. [سن. وَاسَ] ڏَپ ـ بوءِ. بدبوءِ.

– **بانْسارو:** ذ. صفت. بانس وارو ـ ڏپ وارو.

• **بانْسُ ج بانْس:** ذ. [سن. وَنْش] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جون ڪائيون ڍڳهيون. پوريون ۽ ڳَريدار ٿين). بانْس جو لڪڙو ـ بنمبُو (bamboo). ڏهن فوٽن جو ڪاڇو.

– **بانْس تي چڙهڻ:** خوار ٿيڻ ـ بدنام ٿيڻ.

• **بانْسري ج بانْسريُون:** ث. [سن. وَنْشي] ساز جو هڪ قسم. وات سان وڄائڻ جو ڪائيءَ مان ٺهيل سوراخدار ساز ـ بانْسلي ـ بَينسري.

• **بانْسُلِي ج بانْسُلِيُون (ل):** ث. بانسري. واسٹي. ٻَنُون.

Gul Hayat Institute

• **بانْسو:** ذ. هوتيءَ جو هڪ قسم (پن ساوا، گل اڇو، سواد قڪو، دوا طور ڪم ايندڙ). ڪنهن بہ اوزار جو ڳڻ (ث).
• **بانْسِي ج بانْسِيُون:** ث. ڏسو "بانْسري".
• **بانْشو ج بانْشا:** ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي ـ باشو. (مجازاً) تيز رفتار وهٽ (گهوڙو، اُٺ). ڦرتائيءَ سان ڪم ڪندڙ جوان.
• **بانْڪَ ج بانْڪَ (ذ)، بانْڪَ ج بانْڪُون:** ث. [سن. وَنْڪ] وادڪي يا لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (جو روات هٿ مهل ڪنهن شيءِ کي سوگهو جهلي) ـ پانو ـ چاهي. ونڪڙو. بيل گاڏيءَ جي ڪاٺي جي مٿئين حصي ۾ لڳل ڪاٺي. نَدي‌ءِ جو وَرُ. ڏنگائي ـ لڇائي. عيب.
• **بانْڪَ:** صفت. [سن. وَرْتَكَ] سينگاريل ـ سُهٽو "بانْڪَ بَدن برق بهتر، دُراندر دَڇَنَ دهاني" (سگهڙ).
• **بانْڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بانْڪانِير:** اسم خاص. بيڪانير (رياست) "ڪي جُنبيون جيسلمير ڏي، ڪي بانْڪانير بهار" (شاه: رسالو. هڪ پڙهڻي موجب).
• **بانْڪَرُو ج بانْڪَرا:** ذ. ڪاٺ جو بَينْچُ.
• **بانْڪَلَ (ت):** اسم خاص. هڪ ديوي‌ءَ جو نالو (جنهن جي هندو چارڻ پُوڄا ڪندا آهن).
• **بانْڪو ج بانْڪا:** ذ. صفت. [سن. وَنْكَ = ڏنگو، حرڪتي، ڏاهو] بهادر ـ پهلوان ـ سورهيه.
• **بانْڪو چورُ:** ذ. زبردست چور ـ هاڙهو چور ـ ڪاتڪو.
• **بانْگ ج بانْگُون:** ث. [ف] آواز ـ صدا ـ سڏ. نماز جو سڏ ـ آذان ـ هانگ. هانگي جو آواز.
– **بانگ دَرا:** ذ. قافلي جي پهرئين اُٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل وڏي ڇڙي جو آواز، قافلي جي هلڻ جو آواز.
– **بانگ ڏيڻ:** اَزان ڏيڻ.
– **بانْگو ج بانْگا:** ذ. صفت. بانگ ڏيندڙ ـ مؤذن. تسبيح جي ٻنهي ڇيڙن کي ملائيندڙ ڍڳهو مڻيو.
• **بانْگا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بانْگِي ج بانْگِيُون:** ث. [هـ. بانگي: سن. وَرْنَ + اِكا] جنس ـ نمونو (سون وغيره جو: سونارو ڳهه ٺاهڻ وقت، مليل ڳهه مان سون ذري ڪڍي پاڻ وٽ رکندو آهي يا ڏيڻ‌ءِ کي ڏيندو آهي. بعد ۾ ڳهه جو مالڪ اُن سون سان پنهنجو ڳهه ڪسوٽيءَ تي هڻي خاطري ڪندو آهي تہ سون ساڳيو آهي يا نہ).
• **بانْگهو ج بانْگها:** ذ. سَنهي ڪاڻي (هارڻ جي) ـ چينيو ـ پانگو.

• **بانو (نْ) ج بانا (نْ):** ذ. [سن. وَرْڻ] رنگ ـ ورن ـ روپ ـ عجائب "تو ڏيڪاري تو ڏٺي، باطن جا بانا" (شاه). ٻاهرين شڪل يا صورت. پوشاڪ ـ لباس. فقيراڻو لباس. گهوڙي جي مُنهن تي سفيد هولهُ (ت). عجوبو. (اسم خاص) مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رُستماڻين جي شاخ).
– **بانو بَدلائڻ:** ويس بدلائڻ ـ چمڙاپوش ڪرڻ.
• **بانو:** ث. [ف] شهزادي. خاتون ـ شريف عورت ـ سڪر زال. عورتن جي نالي پٺيان ڪم ايندڙ لفظ "اَرجمند بانو، نوشه بانو، وغيره".
• **بانْوِتو ج بانْوِتا:** ذ. [سن. وَيَجينْت] جهنڊي جو ڪپڙو (جو هوا ۾ ڦَڙڦَڙ ڪري) ـ بانٽو. بيرق ـ جهنڊو.
• **بانْوَرُ ج بانْوَرَ:** ذ. [ف. باوَر = اعتبار] هٺ ـ وڏائي ـ تڪبر ـ غرور "بانْور چاتي تو، ڪيوڙي ڪمزور آهه". پَروسو (تہ ڪو فلاڻو ائين ڪري سگهندو).
• **بانْورُجَنْ:** فعل مجهول. هٺ ڪرڻ ـ فخر ڪرڻ ـ شينگ ٽيڻ. (بانْوريو ـ بانْورنو ـ بانْوريل.)
• **بانْوِرو ج بانْوِرا:** ذ. صفت. [سن. واتُولَ = واءِ پريل] ديوانو ـ سودائي. اَلبيلو. (ث) بانْوري ج بانْوريُون.
• **بانْورائِي:** ث. چريائي ـ ديوانگي. البيلائي.
• **بانْولائِڻُ:** مصدر. پَنْيلائڻ. مست ڪرڻ. (بانْولائيو ـ بانولائيندو ـ بانولائيل).
• **بانْو لو ج بانْولا:** ذ. صفت. [سن. واتُول] مست ـ ديوانو. سودائي. (ث) بَانْولي ج بانْوليُون.
• **بانْولِي ج بانْولِيون:** ث. [ترڪي. ف. باوْلو. باوْلي = ڏپ واري شيءِ يا جانور جنهن کي باز يا ڪتي اڇيان ڳهلي، اُن کي شڪار ڪرڻ سيکاريو وڃي] نڊي باز کي شڪار ڪرڻ تي هيرائڻ لاءِ ڪنين ڪتو پکي ڪارائڻ. پيتي ـ لَبُ. ڦيري ـ پنواڻي. بازولي. ناز نخرو.
• **بانولي ڏيڻ:** باز کي پکي جهلي ڏيڻ ۽ شڪار ڪرڻ سيکارڻ. ڪنهن کي جڙتو ٻهاني سان برغلائڻ.
• **بانْٹو بانْٹُنتو ج بانْٹا، بانْٹُنتا:** ذ. [سن. وَيجَينتَ] جهنڊو ـ بيرق (جو ٻيڙيءَ يا جهاز ۾ واءِ جي رخ ڏيکارڻ لاءِ ٻڌل هجي). (ث) بانْٹُني ج بانْٹُنيُون.
• **بانْٹُ:** ث. [سن. وِلُنْتُ = ڪسڻ، ڦرڻ] چتي ٻُک ـ هيڇ. اُڻاٽ.
• **بانِي ج بانِيُون:** ث. [سن. واڻي] هاڻِي ـ هولِي. سُر ـ

Gul Hayat Institute

اَلاپ "بَروي جي باني، ڪنهن کان سکيين سُپرين" (شاهه). [ع. بَنَي، بِناءَ] ستاءِ ـ سٽ ـ صلاح (ت). [بهانو > بانو > باني] بهانو ـ سبب. رک ـ ڦُلهيار ـ چار (ٽ).

– **بانيِ ڈيڻ:** سِتَ سِٽڻ. بهانو بٽائڻ. ڪنهن کي ڪنهن لاءِ راغب ڪرڻ.

• **بانيِ ج بانيِ:** ذ. صفت. [ع] اَڏيندڙ. بُنياد رکندڙ ـ پايو وجهندڙ. ايجاد ڪندڙ ـ مُوجِد. مهندار ـ اڳواڻ.

– **بانيِڪارُ ج بانيِڪارَ:** ذ. صفت. (ع. باني + ف. کار) ڪم رڪيندڙ. سِڃاءُ سِٽيندڙ. مهندار. هوشيار.

– **بانيِ مَباني:** صفت. پهريون بنياد وجهندڙ. شروعات ڪندڙ.

• **باڻاهَ ج باڻاهُون (لس):** ث. رات جي ڏَڪار ـ وِلهه.

• **باڻاهُ ج باڻاهَ (لس):** ذ.ص فت. هيبتناڪ ـ خطرناڪ. طاقتور. (ذ) خالي ميدان.

• **باوُجُود، باوُجُوديڪ:** ظرف. [ف. با = سان + ع. وجود] تنهن هوندي بہ.

• **باوَرُ ج باوَرَ:** ذ. [ف] وڏائي ـ تڪبّر ـ هٺ ـ غرور. اعتبار ـ يقين ـ پروسو ـ آسرو.

– **باور ڪرڻ (ت):** تڪبّر ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ. اعتبار ڪرڻ.

• **باوَرْچِي ج باوَرْچِي:** ذ. بورچي.

• **باوَري، باوَري:** ث. [ع. بِئْرُ = کوهه: هـ. باوَلي = ڏاڪن وارو کوهه] وِيَري ـ بائلي.

• **باوَلِي ج باوَلِيُون:** ث. [ترڪي. ف. باوَلو. باوَلي] ڏپ واري شيءِ يا جانور (جنهن کي باز يا ڪُتي اڇيان ڳهلي شڪار ڪرڻ سيکارينداآهن). اَنڪل ـ حرفت ـ ڪيڏ ـ فريب. پنواڻي ـ ڦيري. بازيلي "ڏس نون باولي برهه جي بيدل" (بيدل).

– **باوَلي ڈيڻ:** ڪلابازي ڪائڻ. مٿي پَر ٽپو ڏيڻ. شڪاري پکي (باز وغيره) کي شڪار جي اوائلي تربيت ڏيڻ. سيکارڻ ـ ڪيڙڻ.

• **باهِ ج باهِيُون:** ث. [سن. بْرهِ، وَهْن] جيرو ـ آگ ـ آتش "جن اندر هريَ باهِ، سَڏ سيکا اُن کيَ" (شاهه). گرمي ـ جوش. ڪاوڙ ـ غصو. [ع. باهِ] مرداني طاقت ـ مَردي. شهوت ـ جماع.

– **باهِ اُجهائڻ:** باهِ وسائڻ. فساد گهٽ ڪرڻ. شهوت مارڻ.

– **باهِ هارڻ:** فساد جاڳائڻ. ظلم ڪڙو ڪرڻ.

– **باهِ هاريِ ڈيڻ:** ڪک ڪرڻ ـ تنگ ڪرڻ. ڏاڍي تڪڙ ڪرڻ.

– **باهِ پَڙڪائڻ:** جهيڙو جاڳائڻ.

– **باهِ تي تيل هارڻ:** ويتر وڌيڪ فساد جاڳائڻ.

– **باهِ چَنڊڻ:** اَندر جي ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ. ويروڻ.

– **باهِ تي چندو وجهڻ:** فساد ٺارڻ. جهيڙو ٺارڻ.

– **باهِ ٽيڻ:** تپي ڳاڙهو ٽيڻ. سخت ڪاوڙجڻ.

– **باهِ جاڳائڻ:** باهِ ٻارڻ. باهِ ڏڪائڻ. ڏيمي باهِ کي پڙڪائڻ. فساد مڃائڻ.

– **باهِ جو گهنڊ:** ذ. باهِ لڳڻ وقت خطري جي اطلاع لاءِ وڄندڙ گهنڊ.

– **باهِ ڈيڻ:** تيلي ڏيڻ. ساڙڻ ـ ٻارڻ. ڪوبہ واسطو نہ رکڻ. ٻَن وجهڻ.

– **باهِ سوڙڻ:** باهِ پر ڪانيون سوڙڻ. باهِ جاڳائڻ.

– **باهِ ڪَڍڻ:** اندر جي خار ڪڍڻ. ڪاوڙ مارڻ.

– **باهِ ڪَري چَڏڻ:** تمام گهٽو غصو ڏيارڻ. سخت ڪاوڙائڻ.

– **باهِ لڳڻ:** ڪاوڙ لڳڻ. ساڙ ٿيڻ.

– **باهِ مارڻ:** ڪاوڙ ڪڍڻ. شهوت مارڻ. ڇوهه چنڊڻ.

– **باهِ مان پاڻي ٽيڻ:** سخت مزاج مان نرم دل ٽيڻ. ظالم ماڻهوءَ جو رحمدل ٿي پوڻ.

– **باهِ پر ٽَپو ڈيڻ، ٽَپي پوڻ:** ڏسي وائسي پاڻ کي مصيبت پر وجهڻ.

– **باهِ پر گِيهہ وجهڻ:** جهيڙو وڌائڻ.

– **باهِ وسائڻ:** جهيڙو ٺارڻ. جوش گهٽائڻ.

– **باهِ وَسڻ:** سخت جهولو لڳڻ ـ لُڪ لڳڻ. ظلم برپا هجڻ.

– **باهُوتيِ ج باهُوتيُون:** ث. ٽوري باهِ ـ باهڙي ـ دونهين.

– **باهِيُون بَجهڻ:** محبت جا مَڄ مچائڻ. درد جا دونهان دڪائڻ.

– **باهِيُون ٻَرڻ:** محبت جا مڄ مچڻ. عشق جا وَلوَلا جاڳي پوڻ.

• **باهُڙَڻُ:** مصدر. [پرا. باهڻ] ٽاهڙڻ ـ آٽڙڻ. ڏکو ڪائڻ. ٽڙڪڻ. خطا ٽيڻ. برخاست ٽيڻ (مجلس). (باهڙيو ـ باهڙندو ـ باهڙيل).

– **باهُڙَ ج باهُڙُون:** ث. ٽاهو ـ ڏِکو. باهوڙَ (ڪتن جي).

– **باهُڙائڻ:** مصدر. "باهُڙڻ" مان متعدي بالواسطه. ٽاهو ڪرائڻ. ڇيڙڻ. اُٽارڻ. جاڳائڻ. ڪُتي کي بَڇ ڪري پونڪائڻ. برخاست ڪرائڻ (مجلس).

– **باهُڙجڻ:** مصدر "باهڙڻ" مان فعل مجهول. ٽاهڙجڻ. رستي، ڳالهه يا خيال تان ٽڙي وڃڻ. ڪَڇهريءَ جو ڦٽڻ.

• **باهُڙُ ج باهُڙَ:** ذ. هڪ قسم جو وڻ ـ ٻوٽ (جنهن جي ڪاٺ تي خاص طرح جندبيءَ جو ڪم سُهڻو ٿئي).

• **باهِڻ:** مصدر. [سن. پَشْڤَرْ > پَشْ = گِرڻ، پونڪڻ، گاريون

Gul Hayat Institute

ڏيڻ، نندڻ] بَھڻ ـ پونکڻ (ڪُتي جو) ـ باھوڙَ ڪرڻ. چغلي ھڻڻ (ت). نقصان پھچائڻ (ت). (باھيو ـ باھيندو ـ باھيل).

– **باھَ ج باھُون:** ث. ڪُتي جي پونڪَ ـ باھوڙَ.

– **باھو:** ذ. صفت. پونکندڙ ـ باھيندڙ ـ بَھندڙ (ڪتو). لڳاتار پونکندڙ.

– **باھو ٽي لڳڻ:** (ڪُتي جو) پويان لڳا تار پونکڻ. ڪنھن ماڻھوءَ کي ڪم لاءِ بار بار چوڻ. لاڳيتو تاڪيد ڪرڻ. ڪنھن جي مٿان بار بار دانھن.

• **باھُو:** ذ. اُھو ٽاڻُ جنھن ۾ ڪمند يا ڪجيءَ جي رس ڳڏ ڪجي. لَٺ ـ ڇڑھي. (اسم خاص) پنجاب جو ھڪ مشھور صوفي شاعر "سلطان باھُو" يا "شاھ باھو" جنھن جي درگاھ جھنگ ضلعي ۾ آھي.

• **باھوتو ج باھوتا:** ذ. حسد. دشمني. (صفت) باھ ورتو ـ حاسد ـ حسد ڪاڏو.

• **باھوتي ج باھوتيُون:** ث. "باھوتو" جو مونٽ. حاسد عورت. نندڙي باھ ـ دونھين "سامين ھاري سُڄ ۾، بابن باھوتي" (شاھ).

• **باھوڙَڻ:** مصدر. [سن. پَشْ = بَھڻ] پونکڻ ـ باھِڻ. باھڙائڻ. ٻُلائڻ. (باھوڙيو ـ باھوڙيندو ـ باھوڙيل).

– **باھوڙَ ج باھوڙُون:** ث. ڪُتي جي پونڪ.

– **باھوڙَ ڪرڻ:** پونڪَ ڪرڻ ـ باھِڻ.

– **باھوڙَ مَڇائڻ:** ڏاڍو پونکڻ.

• **باھُتو ج باھُتا:** ذ. ڏسو "بانُڍتو".

• **باھُڪَ، باھُڪ (ک):** ث. پائيچاريءَ جي منٽ ـ ميڙَ، سامَ، ڪنھن وٽ پناھ ۾ آيل.

• **باھُڪُ ج باھُڪَ (ک):** ذ. ميڙَ تي آيل ماڻھو ـ منڍائُو "باھُڪ مُڙس = ميڙ تي آيل ماڻھو".

– **باھُڪ ٽي آڇڻ:** ميڙ ٽي آڇڻ.

• **باھِلو ج باھِلا (ت):** ذ. صفت. [سن. وَٹْ = وند] پائيوار ـ حصيدار ـ ياڳي يائي.

• **باھُروج باھُرا:** ذ. صفت. ڏسو "بانُولو".

• **بائڪاٽ:** ذ. [انگ. boycott] قطع تعلقات ـ عدم تعاون.

• **باؤگولو:** ذ. [سن. واتَ گُلْمَ (= واتَ = واءُ + گُلْمَ = تري، تلِي)] بيماريءَ جو ھڪ قِسم ـ تلِيءَ ۾ ھوا پرجڻ جي بيماري. پيٽ سُور ـ بادي.

• **بائِلو:** ذ. ڪوڏيءَ جو ھڪ قِسم.

• **بائِلو ج بائِلا:** ذ. صفت. [سن. واٹِلَ. واٹُلو = واءَ سان پريل] پاڳل ـ جَريو ـ بانُولو.

• **بائِلي ج بائِليون:** ث. [ھ. باؤلي] ڏاڪڻ سان ڪوھ (جنھن ۾ اندر لھي ماڻھو پاڻي پرين).

• **بائُو ج بائُو:** ذ. ٻارن کي ڊيڄارڻ لاءِ ھڪ خيالي جانور جو نالو ـ جُوجُو.

• **بائُوديرو:** اسم خاص. تعلقي ھالا ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **بائُولي ج بائُوليُون:** ث. ڏسو "باولي".

• **بائِيبل:** اسم خاص. [انگ. Bible] ڪرستانن جو پاڪ ڪتاب ـ انجيل.

• **بائِيسڪِل ج بائِيسڪِلُون:** ث. [انگ. bicycle] ھڪ قسم جي ٻن ٽيٽن واري گاڏي ـ سائيڪل.

• **بايائي ج بايائيُون:** ث. اَڌ پائيواري ـ حصيداري.

• **بايَزِيدُ:** اسم خاص. [ع] عثمانيہ خاندان جو چوٿون بادشاھ (جنھن سلطان جو لقب اختيار ڪيو). بسطام شھر جو ھڪ وڏو صوفي ۽ اھل الله ("بايزيد بسطامي" جنھن جو اصل نالو "اَبو يزيد طيفور" ھو. جنھن کي ھڪ روايت موجب ھڪ سنڌي بزرگ کان فيض مليو ھو).

• **بِبْ:** صفت. [سن. وِيُو = پکڙندڙ] ڳُوڙھو ـ گھاٽو.

– **بِبْ اُونداھ:** ث. گھاٽي اُوندھ ـ ڪاري ٻاٽ.

• **بِبَختو ج بِبَختا (ت):** ذ. صفت. بخت وارو ـ ياڳوارو ـ بختاور.

• **بَبَرُ ج بَبَرَ:** ذ. [ف. بَبْر: پرا. بَبَر] ڪيھر شينھن. واڳھ. (اسم خاص) ھندو فقيرن جو ھڪ گروھ ـ آڪالي.

– **بَبَر شِينھَن:** ذ. ڪيھر شينھن.

– **بَبِرُ ج بَبِرَ:** ذ. صفت. وڏين ٻُبين وارو مرد. ٻُبيءِ وارو (انب). سُڄاڻپ لاءِ 'انب' جي وڻ ۽ پتي جو نالو.

• **بُبْري ج بُبْرِيُون:** ث. [ھ] زالن جي پيشانيءَ تي گول ڪتريل وار ـ زلف ـ ڪاڪل.

• **بَبري ڇَڏڻ:** پيشانيءَ تي سُونھن لاءِ گول ڪتريل وار ڇڏڻ.

• **بِبِلائِڻ:** مصدر. ڏسو "پَٹِيلائڻ".

• **بَبْلو:** اسم خاص. تعقلي شاھبندر ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **بِبْڻِينگ ج بِبْڻِينگَ (ل):** ذ. صفت. تمام ٿُلھو متارو. وڏي پيٽ وارو.

• **بُبو ج بُبا:** ذ. پستان ـ ٽٽ. ڪجيءَ جي اَڌ ۾ يا مٿي نڪتل

Gul Hayat Institute

ہڇو. (ث) بُبي ج بُبيُون.
– **بُبا چڏائڻ:** نندڙي ہار کان ماءُ جي ٿڃ بند ڪرائڻ ـ ٿڃ چڏائڻ.
– **بُبا سگوئجڻ، سموئجڻ:** بُبن ۾ ڪير اچڻ.
– **بُبڙو ج بُبڙا:** ذ. "بُبو" جو اسم تصغير. نندرو بُبو.
– **بُبو ڏيڻ:** ٿڃ ڏارائڻ (ہار کي).
– **بُبو وارڻ (ڪ):** ہار کي ٿڃ ڏارائڻ بند ڪرڻ. بُبا چڏائڻ ـ ڪير چڏائڻ.
– **بُبي ج بُبيُون:** ث. مَرد يا چوڪريءَ جو نندرو بُبو.
• **بَبُون ج بَبُون:** ذ. [انگ. baboon] باندر جو هڪ قسم ـ آفريڪا جو وڏو باندر.
• **بَبُوئي (ث)، بَبُئي (ل) ج بَبُوئيُون، بَبُئيُون:** ث. مسافريءَ ۾ پاڻي ساڻ کڻڻ لاءِ مٽيءَ جي گهُگهي (جا بادامي شڪل تي ٿئي، ۽ بيهارڻ لاءِ ترو ڪونہ ٿئيس).
• **بِبِ ج بِبِ:** ذ. وڏو پيٽ ـ ڍِڍُ.
– **بِبِ ٻرڻ:** ڍِڍُ ٻرڻ.
– **بِبِرُ ج بِبِرَ:** ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو ـ پيٽيرُ ـ ڍِڍُر.
• **بَبَرُ ج بَبَرَ:** ذ. ذ. ڳڇيءَ ۽ چيلهه جي وچ وارو بدن جو حصو. اَرهُ ـ سينو.
• **بَبِري ج بَبِريُون:** ث. تنگن. ہاڻهن ۽ سسيءَ کان سواءِ جسم ـ ڏَرُ.
• **بَبَرُ ج بَبَرَ:** ذ. باهه جي وڏي ڇيي. مَڇ. آڙاهه.
• **بِبِرُ ج بِبِرَ:** ذ. پَن ول جي پاڙَ (جا چوپائي مال کي، ڪير وڏائڻ لاءِ ڏونهين ۾ پوهي کارائيندا آهن).
– **بِبِڑي ج بِبِڑيُون:** ث. پَن جي ول جي پاڙَ ـ بِبِرَ.
– **بِبِڑيُون وجهڻ:** پاڙُون وجهڻ. پاڙئون پڌجڻ. گهر ٽي وڃڻ.
• **بُبِڑ:** ث. ڏُسڙِ واري زمين (جنهن ۾ پير مُرئي تائين ويهي وڃي) ـ ڏُڏَڙ ـ ڏُسڙ.
• **بَبَڪ:** ث. [سن. وِپيشڪا] وڏي آواز وارو دڙڪو ـ زورائتي ڏمڪي.
– **بَبَڪ چاڙهڻ:** تڑي چاڙهڻ ـ زور سان ڏمڪي ڏيڻ.
• **بَبِڪائڻُ:** مصدر. پيڪي چاڙهڻ. ڏمڪائڻ. (بيڪايو ـ بيڪائيندو ـ بيڪايل).
• **بَبِڪي ج بَبِڪِيُون:** ث. بَبَڪَ ـ ڏمڪي ـ تڑي. اُڏمو. ڦُڙتيءَ واري چال.
– **بَبِڪيون ڏيڪارڻ:** حشمت ڏيکارڻ. همت ڏيکارڻ. فلڪون ڏيکارڻ.
• **بَبُوت:** ث. [سن. وِبُوت] ڳئون جي چيٽي جي رک (جنهن سان سنياسي فقير پنهنجو بُت ملين). چار ـ قلهيار.
• **بَبُوتُ ج بَبُوتَ:** ذ. صفت. [سن. وِبُوت] رک لڳل ـ مٽيءَ هاڻو ـ خاڪ آلوده "ڪالهه گڏيوسين ڪاپڙي، بابُو رنگ بَبُوت".
• **بَتّ ج بَتُّون:** ث. [ع. بَتّ = هُن وڍيو: ف. بَت: سن. وُرتي] ليڪو. نشان ليکي ۾ هڪ رقم کي ٻيءَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ وچ ۾ ڏنل ليڪ.
• **بُتُ ج بُتَ:** ذ. [ف] بدن ـ جسم. لوٿ ـ ڏڙ. لاش ـ مڙهه. پٿر يا مٽيءَ وغيره مان ٺاهيل ماڻهوءَ جو بوتو (جو ڪنهن جي خلاف ڪاري جادوءَ طور قبرستان يا سُڃيءَ جاءِ ۾ پُورين). (مجازاً) محبوب ـ معوشق. مات ڪري بيٺل ـ نہ کڄندڙ ـ خاموش. بيوقوف ـ احمق. پٿي راند (نَوَن) ۾ ڏهن داڻن جو داءُ. اُهو تختو يا سِرَ جنهن تي چوپڙ راند يا جُوا ڪرڻ وقت ڌارا يا ڪوڏيُون اُڇلجن.
– **بُت بُلڙ ٽيڻ (ڪ):** بُت ڇُور ٽيڻ ـ سخت ٽڪجي پوڻ.
– **بُت بنجڻ، بَنجي بيهڻ، ٿي بيهڻ:** بلڪل مات ڪري بيهي رهڻ. ڪجهه به نہ ڪچڻ.
– **بُت پَريل:** ذ. صفت. بدن ۾ پريل ـ متارو ـ ٿُلهو.
– **بُت تَراش:** ذ. صفت. بُتَ ٺاهيندڙ ـ مورتيون جوڙيندڙ.
– **بُت پَرست:** ذ. بُتن جي پوڄا ڪندڙ.
– **بُت پَرسْتي:** ث. بُتن جي پوڄا ـ مورتي پُوڄا.
– **بُتَ چَنبڙ ٽيڻ:** مارَ کائڻ. جماع ٽيڻ (ت).
– **بُت چَنبڙ:** بدن ۾ هلڪو ٽيڻ. ٽولهه گهٽائڻ. جماع ڪرڻ.
– **بُتخانو ج بُتخانا:** ذ. اُها جاءِ جتي بُتن جي پوڄا ٿئي ـ مَندر.
– **بُت شِڪَن:** ذ. بُت پَڇندڙ (سلطان محمود غزنويءَ جو لقب).
– **بُت فروش:** ذ. بُت وڪڻندڙ.
– **بُت ڪاندارَڻ:** سِيءَ يا ڊپ کان لڳ ڪاندارجڻ. وارَ اُپا ٽيڻ. بدن ۾ سياندا پوڻ.
– **بُت ڪَدَه:** ذ. بُتخانو ـ مندر.
– **بُت وجهڻ:** ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪاري جادوءَ جي ذريعي تڪليف پهچائڻ لاءِ اُن جو پتلو اَٽي مان ٺاهي مقام ۾ پُورڻ ـ پڙهيا وجهڻ ـ ڏوهه ڪرڻ.
• **بَتاشو ج بَتاشا:** ذ. ڏسو "پَتاشو".
• **بَتالُ ج بَتالَ:** ذ. صفت. [ع. بَطّال = بيڪار، نڪمو] ڦُليل ـ گمراهه. توائي. وائڙو ـ موڳو. حيران.

Gul Hayat Institute

– **بتال ٹیڑ:** پُلجڑ ـ گمراھ ٹیڑ. توائي ٹیڑ ـ حواس باختہ ٹیڑ. مُنجھي پوڑ. رستو وڃائڑ.

• **بتالجَڑ:** فعل مجھول. بتال ٹیڑ. مَتو قِرڑ. مغرور ٹیڑ. خراب ٹیڑ (دل). بَتلجڑ.

• **بتانو ج بتانا:** ذ. [ع. بِطانه > "بِطانَة الثّوب = استر. پراءَ"] پڳڙيءَ جي اندران پَراءَ طور ڏنل ڪپڙو. پڳڙيءَ جو اَستر ـ حَشْوَ "پڳ کان بَتانو وڏو". ڏاتُوءَ مان ٺهيل ڪٽڻي. [ع. بَطن، باطن = منجھ، ڳجھ] پيد ـ راز ـ ڳُجھ.

– **بتانو ڪيڙ:** راز ڪيڙ ـ پيد ڪيڙ ـ منجھ ڪيڙ.

• **بتاءُ ج بتاءِ، بتاوَ:** ذ. [سن. وارْتَ] ناڇوءَ جو ناز نخرو. اڪين جو اشارو ـ غمزو. ناز ـ نخرو. ڏيکاءُ. ڏوکو ـ فريب. عذر ـ بھانو.

– **بتاءُ ڏيکارڻ:** ناز نخرو ڏيکارڻ.

– **بتاءُ ڏيڻ:** فريب ڏيڻ ـ دوکو ڏيڻ. بھانا ڪري نَٽائڻ. گمراھ ڪرڻ. منجھائڻ.

– **بتاءُ ڪيڏڻ:** ٺڳي ڪرڻ ـ دغا ڪرڻ. ڪوڙ ڳالھائڻ.

• **بتائڻ:** مصدر. [سن. ١. وارْتا = ڳالھائڻ. ٢. وَدَن < وَدْ = ڳالھائڻ] ٻڌائڻ ـ سَلھ. ظاھر ڪرڻ ـ ڏيکارڻ. (بتايو ـ بَتائيندو ـ بتايل).

• **بتائو ج بتائا، بتاوا:** ذ. بتاءُ. ڏيکاءُ. بھانو. ڏوکو. ظاھري چال.

– **بتائو ڏيڻ:** ڏوکو ڏيڻ. ظاھري چال سان رستو منجھائڻ.

• **بتّرَ (س):** ث. گاھ جو ھڪ قسم ـ پَتَرَ.

• **بتّر:** صفت. [ف. بَد + تَر] بدتر ـ خراب ـ بُڇڙو.

• **بتڪو (ت):** ذ. راند جو ھڪ قسم.

• **بتلڻ:** مصدر. [ع. ١. بَدَلَ = بدلجڻ، قِرڻ ٢. بَطّال = بيڪار، نڪمو] بدلجڻ ـ مَٽجڻ. قِرڻ (متو). ڪُجو ٽيڻ (ھانءُ). گمراھ ٽيڻ. اوھڑ ۾ وڃڻ. (بتليو ـ بتلندو ـ بتليل).

– **بتلائڻ:** مصدر. "بَتلڻ" مان متعدي بالواسطه. بتال ڪرڻ. قِيرائڻ. اِنڪار ڪرائڻ (شاھديءَ کان). پِنيلائڻ ـ برغلائڻ.

– **بتلجَڻ:** مصدر. "بَتلڻ" مان فعل مجھول. بدلجڻ ـ قِرڻ. گمراھ ٽيڻ. بگڙجڻ. ڪاوڙجڻ. بتالجڻ.

• **بتو ج بتا:** ذ. بَتانو. (فعل بڇيو (بچڻ مان ماضي).

• **بتو ج بتا (ل):** ذ. [ھ. بَتّا] فريب ـ ٺڳي ـ ڏوکو ـ بَتاءُ. عذر ـ بھانو. مقاطعو ـ ٽيڪو.

– **بتو ڏيڻ:** ٺڳڻ. بھانو ڏيڻ. ڏوکو ڏيڻ.

• **بتول:** ث. صفت. [ع. بَتَلَ (=ڪٽڻ) > بَتول = جيڪا پرٽي کان پري رھي] ڪُنواري. پاڪدامن ـ باعصمت ـ پاڪيزه. خدا پرست عورت. دنيا کي ترڪ ڪندڙ عورت. (اسر خاص) حضرت بيبي مريم ۽ حضرت بيبي فاطمه (رضہ) جو لقب.

• **بتولي:** ث. [ھ] ٺلولي ـ مسخري.

• **بتي ج بتيون:** ث. [پرا. بَتّ: سن. وَرتي] وَٽ (ڏئي جي). ڏِيو ـ چراغ. شمعدان ـ لالٽين.

• **بُتي ج بُتيون:** ث. [ع. باطِيه] بوتل ـ ھانلي. شراب جو شيشو. صراحي "دست بُتي. ڏئي پيالو پَر کي. ايئن گڏيا گل اندام" (ڪبير شاھ). ٻيڙيءَ جو ھڪ قسم (ک) ـ مَڇُرو.

• **بتيلُ ج بتيلَ (ک):** ذ. کاري جي رَڇ جو ھڪ پاڳو (ڪاميٽ جي مضبوطيءَ لاءِ ست اَٺ فوٽ ڊگھي ڪاٺي).

• **بتيلَ ج بتيلُون:** ث. خودڪُشي ـ آپ گھات.

• **بتيلاڻي:** اسر خاص. بُگٽي ۽ مزاري بلوچن جو ھڪ قبيلو.

• **بتيلو ج بتيلا:** ذ. [سن. ١. پوتَ + ايلو: ٢. واتَلھِ = وڏي ٻيڙي] ٻيڙيءَ جو ھڪ قسم (جنھن ۾ ست اٺ ماڻھو چڙھي سگھن).

• **بتِ (ت):** ث. [وٽي > وٽ > بِتِ] ڪاھيءَ يا ڪڙيي جي وچ ۾ سبيل ڏاڪو (جو ھن پاسن کي ڊار ڪري).

• **بتّاڙُ ج بتّاڙ (ک):** ذ. وَتاڙ.

• **بتّل ج بتّلَ (ل):** ذ. صفت. پُتو ـ جھونو ـ سڙيل.

• **بتّو ج بتّا:** ذ. صفت. پُراڻو ـ جھونو ـ سڙيل ـ پُتو. اڻيو. (ث) بُتّي ج بُتّيون "بُتّي تنھنجي مڪڙي، سڙھ پُراڻا پاندَ" (خانہ زئي).

• **بتّوڙي ج بتّوڙيُون:** ث. گند اُڇلڻ جي جاءِ ـ اَروڙي. ويھڻ جي جاءِ. پتاريل ھنڌ. ٽاڪُ ـ ٽانُ ـ اَڏو.

• **بتّي ج بتّيُون:** ث. [پرا. پَتّي: سن. پَسْتْري = چمر جي ڳوڙي] تيرن وجھڻ جي ڳوڙي ـ ترڪش. پئسن رکڻ جي بدبي ـ ھمياڻي (ت). بتي ـ لالٽين.

– **بتّيءِ جو ڪانُ:** محاورو. سڌو تير ـ اڻ گس تيرُ. خلاف طبع ڳالھ. آئيندي جو توشو. ضرورت جو سمر.

• **بتّ ج بتّ:** ذ. پاڻو يا سنھين ڪانين جو ڳونڊ (جنھن تي بجا جي ڪپڙو ويڙھيندا آھن).

• **بتالُو ج بتالُو:** ذ. پَتاتو ـ آلو.

• **بتانا، بتانا (ل):** ذ. ھڪ قسم جو اوپڙ ـ مِنا مَٽر يا چڻا (جي پاڃيءَ طور استعمال ٿيندا آھن) ـ وَٽاڻ (sweet peas).

• **بتائي، بتّئي ج بتائيُون، بتّئيُون:** ث. [سن. وَٽْت > وند = ورھائڻ] فصل لھڻ کان پوءِ اَناج جي تقسيم. ھاريءَ ۽

Gul Hayat Institute

زميندار جي وچ ۾ اَناج جي تقسيم ـ پيداوار جي ورهاست.
– **بٹائي، بٹَئي دار:** ذ. صفت. بٹئي ڪندڙ. هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ اَنّ جي ورهاست ڪندڙ. زميندار جو عام مختار.
– **بٹائي، بٹَئي داري:** ث. زميندارِي. بٹئي ڪرڻ جي حالت. اناج جي تقسيم.
– **بٹائي، بٹَئي ڪرڻ:** اَنّ جي تقسيم ڪرڻ ـ پيداوار ورهائڻ.
• **بُٹ بُٹ (ڪ):** ث. پُٹ پُٹ ـ پُڻ پُڻ.
– **بُٹ بُٹ ڪرڻ:** پُڻ پُڻ ڪرڻ ـ پنهنجي مُنهن ڳالهائڻ.
• **بٹَپارُ ج بٹَپارَ:** ذ. صفت. [سن. واٹ = رستو + پَتْ = اُجلاڻ] رستي تي ڦر ڪندڙ ـ رهزن.
• **بٹَپاري:** ث. رهزني ـ واٽ ويندي ڦر.
• **بٹْڪو ج بٹْڪا (ڪ):** ذ. ڪڙڪ آواز. سخت ۽ ٽُلهو ڳالهائڻ.
• **بُٹَ ڪيرُ ج بُٹَ ڪيرَ:** ذ. مَنگر مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪُهيرُ جي جنس مان، پر مُنهن ويڪرو ۽ ٻنا سونڊ ٽئي).
• **بٹلَرُ ج بٹلَرَ:** ذ. صفت. [انگ. butler] ماني ڪارائڻ وارو ـ خانسامو.
• **بٹمارُ ج بٹمارَ:** ذ. صفت. [سن. واٹ = رستو + مارَ = ماريندڙ] واٽ ويندڙ کي ڦرينڊڙ ـ رستي تي ڦر ڪندڙ ـ رهزن. ڦورُو. واٽمارُ.
• **بٹْماري:** ث. رستي تي ڦرمار. راهه ويندي لُٽَ ـ رهزني.
• **بٹو ج بُٹا (ڪ):** ذ. مڪائيءَ جو سَنگُ.
• **بٹَوُن ج بٹَوُن (ت):** ذ. ٻَٽُون.
• **بٹِي:** ذ. پَکيءَ جو هڪ قسم (ننڍڙو پکي، جو اڪثر ڪڪ جي فصل پڇڙ وقت ڏسڻ ۾ اچي).
• **بَٹُ ج بَٹَ:** ذ. [سن. پْراشْٹَرَ = تئي] باهه جو مچ ـ آڙاهه. ڇُلهو. وڏو ڪورو ـ بَٽِي. گرمي ـ تپش. سوز ـ ساڙو. تپت. وڏي ڪڑاهي. وڏي تئي (جنهن ۾ چٽا پُججن) "ڇٽو ڪهڙو بَٹ پريندو" ڪٽاهه. شادي وغيره جي موقعي تي طعام رڌڻ جو هنڌ ـ بَٽي "بُکئي کي بَٹُ ٻ ڏُور" (چوٽي). ڊِگ ـ ڪوڙ ـ ديرِ "مانين جا بَٹَ پڪا پيا آهن".
– **بَٹَ ٻرڻ:** مَڃَ ٻرڻ ـ باهيون ٻرڻ. بُخار جا مَڃ هُئڻ.
– **بَٹ پُجڻ:** وڏو ڪم ڪرڻ. وڏو نقصان ڪرڻ. "ڇٽو ڪهڙا بَٹ پُجندو".
– **بَٹُ پَرڻ:** جهڙي تهڙي ڪاڏي مان پيٽ پرڻ. نقصان پرڻ ـ ٽوٽو سهڻ.
– **بَٹُ پُجائڻ:** تمام وڏي رَڌ ڪرڻ. (طنزاً) وڏو ڪم ڪرڻ.
– **بَٹِ پُوي:** محاورو. پٽ طور ڪم ايندڙ محاورو "باهه ۾ پوي، ٻَنِ پوي، سَڙي وڃي!".
– **بَٹِ ڏيڻ:** باهه ۾ وجهڻ. ساڙي ڇڏڻ.

• **بُٹ:** ث. [سن. پْڑِشْتَ = ڪريل، خالي يا ويران پُونگي] غيرآباد زمين. وارياسي دڙن واري زمين "ڇيتا ڪيو ڇُڇيج. بَڊاماٹي بُٹ ۾" (رسالو: ڏهر). سکل ڪائي. پٽ. ٽَڪري. دڙو (اسم خاص) تعقلي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو].
• **بُٹَ ج بُٹَ:** ذ. [سن. پْڑِشْتَ = ڪريل، خالي يا ويران پُونگي، ويران باغ] بيابان ـ ويرانو ـ رڻپٽ. واريءَ يا مٽيءَ جو دڙو. مٽانهون بَٹَ. ڪَنڊ دڙو ـ بَنُ. ڊِگ ـ ديرِ "مانين جا بُٹَ پڪا پيا آهن". آروڙي (ل). (صفت) غيرآباد. سُکل "ڪامُون سَهه مَ ڪَرها، بانُنا سَهه نَ بُٹَ" (عِنات).
• **بُٹَ:** بي اثر، نود، اندر سڙيل، کُلچٹو.
• **بَٹارا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بَٹارو ج بَٹارا:** ذ. [سن. پَڑِشْت = تَئي] پُڳڙا يا ڦُلا پُڄي وڪڻندڙ ـ پوڳڙي. لشڪر جو مودي گڏهه هڪلينڊڙ. گاڏهي ـ دايو. ڪائيون وڪڻندڙ. گڏهه ۽ گهوڙا پاڙي تي ڏيندڙ. پيتوڙي ـ گهٽ ڪائڪ ـ هيڄي. بَٽو يا ڪورو سنياليندڙ. (ث) بَٹارَڙ، بَٹاري.
• **بَٹاريُ ج بَٹاريُون:** ث. بَٹارڙ. ڪو راڄ بلا جو هڪ قسم.
• **بُٹَ ڏيرا:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَٹَرَ (ث):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بَٹِڪائڻُ:** ذ. مصدر. پَڑِڪائڻ ـ پَيڪائڻ.
• **بَٹو ج بَٹا:** ذ. [سن. پْڑِشْت، پْراشْٹرَ = تئي] باهه جو ڪورو ـ بَٽي. ڇُنَ. سِرُن وغيره جو ڪورو. لوهارن ۽ ٽاڪارن جي ڪم جو ڇُلهو ـ ڪورو. بَدن تي ڏَڪ جو نشان ـ ٻَنو ـ وَڏ. بار بردار جانورن جي پُٽيءَ تي ٽيل گاٽ (ل) ـ ڇُٽو. درياءَ ۾ وَهُڪ جي تيزيءَ واري لَس. (اسم خاص) تعلقي تندي باگي ۾ هڪ مڪان جو نالو.
• **بَٹو ج بُٹا (ت):** ذ. بياباني ـ رڻپٽ ـ سُڄ ـ بُٹُ. ڊِگ ـ ديرِ ـ ڪوڙُ. (اسم خاص) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَٹِي ج بَٹِيُون:** ث. [سن. پْڑِشْت، پْراشْٹرَ = تَئي: ۲. اَيشَوَهَ = شراب چڪائڻ] ڪوري. ڇُن. سِرُن. شراب. قلن. پُڳڙن. بسڪوٽن وغيره ٺاهڻ جو ڪورو. تَنُورُ. ڇُلهو. رڌ بڃاءَ جي جاءِ ـ جَرَ. شراب چڪائڻ جي جاءِ. ماني خيرات ڪرڻ جي جاءِ. نيروٽيءَ جي ڪُن. ڏوٻين جو ڪنڊ چاڙهڻ جو ڇُلهو.
– **بَٹِي چاڙهڻ:** ڪنڊ چاڙهڻ ـ ڪپڙا ٽهڪائڻ. شراب چڪائڻ.
• **بُٹِي ج بُٹِيُون:** ث. [سن. اَوَنّه] مٽيءَ جو ديرِ ـ دڙو. پٽرن جو

Gul Hayat Institute

دِو (ک). مٹانهين زمين. قبر ـ تُربت "جي گَالهين گَگَانيا، تِن جون بَنِن پاسي بُنيون" (شاه). ٹَکري. (اسم خاص) جوهي، دادو ءِ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

– **بَپ:** ذ. دَتُ ـ مِکر ـ دِونگ.

– **بَپ ہڏَڻ:** بَر ہڏَڻ. دِوَنگ ڪرڻ.

• **بَپ مارڻ:** دت هڻڻ ـ چانهَر ڪرڻ. بر ہڏَڻ.

• **بَپا:** ظرف. [ف. برپا] قائم. جاري ـ شروع.

• **بپت:** ث. [سن. وِپت، وِپَدْ] مصيبت ـ آفت ـ آپدا. تڪليف.

• **بَپتا ج بپتائُونْ:** ث. ڏسو "بپت".

• **بِپُرو ج بِپُرا ذ:** صفت. بِنا پُريءَ جي. بيڪس ـ بيوس ـ ويچارو.

• **بَپر ج بَپا (ت):** ذ. صفت. ڏندن پڳل (ماڻهو) ـ پَڏو.

• **بَج:** ث. [سن. وُڙجِنَ = وار. گهنديدار وارَ] نديڙا ءِ گهٽا وار. سنهڙا ءِ ڪَکا وارَ ـ ہَر. جانور جا ڊگها ءِ گهاڻا وار. گهنديدار وارَ. بَغل جا وارَ ـ ڪَچ جا وارَ. ردن ءِ ہڪرين جي هڪ بيماري (ت). اَوگَڻ ـ نقص ـ خامي. گناهه. غم ـ مصيبت.

ـ **بَجرُ ج بَجرَ:** ذ. صفت. بَج وارو ـ بوجارو.

• **بَجُ ج بَجَ:** ذ. [سن. وُڙجِنَ = لوڙهو] اُهو ڊنگهر جو ہُنيي کي ڏجي. لوڙهو. ٹُلهو تلهڙ. پَلاڻ جي پاسي واري ڪاني. بغل ـ ڪچ (ک). پاسو (ک).

– **بَجَ هڻڻ:** بغل هڻڻ ـ ڪچون ٽوڪڻ. ٽينگ ڏيڻ.

• **بُجُ ج بُجَ:** ذ. [سن. وُڙجِنَ = وارَ: ف. بُج = پيشانيءَ تي وارَ] کنين يا وارن جو مُڇو ـ وارن جو ڇڳو. چَڱ. وڏا کَهرا وارَ. ڊگها گهاڻا وار. گهنديدار وارَ. ڪٽڪ. جوئر وغيره جا سُوئا.

– **بُج بانْڊَ (ت):** صفت. بلڪل ٽورو ـ ڪجهه.

– **بُج بُج ٿي وڃڻ:** ٽُنبجي وڃڻ. ڪسجي وڃڻ. ذرا ذرا ٿي وڃڻ.

– **بُج بُج جو بار ڪڍڻ:** وار وار جو ضامن پوڻ. هر ڳالهه لاءِ ضامن پوڻ.

– **بُجَ بُجَ ڪَرڻ:** کوهي چڏڻ ـ ٽُنبي چڏڻ. سخت سزا ڏيڻ.

– **بُجَ بُجَ مان بُوءِ اُڇڻ:** سخت نفرت ٿيڻ.

– **بُج نہ چَڏڻ:** ذرو نہ نہ چڏڻ ـ ڏهيون نہ نہ چڏڻ. صفا پٺ ڪرڻ ـ کوهي چڏڻ.

– **بُجَ ہاڙي هُجڻ (ت):** پُورو پڙوو هئڻ. ظاهر ظهور بدمعاش هجڻ. بلڪل ڪانئر هجڻ.

– **بُجَ پَٽائڻ:** وارَ پٽائڻ. سزا ڪائڻ.

– **بُج ٿي سَڙي وڃڻ:** ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ.

• **بَجا:** ظرف. [ف. بہ + جا = هنڌ] روا ـ ٺيڪ. درست ـ صحيح. مناسب ـ جائز.

– **بَجا آڻڻ:** عمل ۾ آڻڻ ـ پُورو ڪرڻ. مڃڻ (حڪم).

– **بَجا آوَري:** ث. تعميل ـ پيروي ـ پُورائي.

– **بَجا آوري ڪرڻ:** تعميل ڪرڻ ـ پيروي ڪرڻ. انجام پاڙڻ ـ پُورو ڪرڻ (حڪم).

• **بَجاجُ ج بَجاجَ:** ذ. صفت. [ع. بَزّاز (ڪپڙي جو واپاري) < بَزّ = ڪپڙو] ڪپڙي جو واپاري ـ ڳَپڙي فروش ـ ڪاپڙي ـ بَزازُ. منيب ـ دلالُ. ہٽاڪي ـ ڏاڙي. نخريلو ـ رنگيلو ـ نَٽُئون. رنگين ڪپڙا پائيندڙ. (اسم خاص) هندن جي هڪ ذات جو نالو (جي بجاجڪو ڪر ڪندا آهن).

– **بَجاجِي ج بَجاجِي:** ذ. صفت. ڪپڙي جو واپاري. ڪپڙي جو گهور ڪندڙ. مَحارکو.

– **بَجاجِي عِشقُ:** ذ. ڪُوڙو عشق (مجازي عشق).

• **بِجازَ ج بِجازُونْ (ک):** ث. شاديءَ مُرادِيءَ ٻئسي ڏوکڙ جي مدد. پُوئو ـ پَهتُ ـ پاهَتُ ـ پَوَت (ت). ٽاري (ک) ـ نيهَند. دَل (ل).

– **بِجاري ج بِجاريُون (ک):** ث. ڏسو "بجار".

• **بِجارَ ج بِجارَ:** ذ. [سن. وِيجَ + اَل] ساني ڊگو (جو نسل وڏائڻ لاءِ خاص طرح سان پاليو وڃي ۽ چڙواڳ گهمندو وتي). (اسم خاص) مرد جو نالو.

• **بِجاراڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَجاري:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بَجاگِيرُ ج بَجاگِيرَ:** ذ. ڏسو "بَجگِيرُ".

• **بَجانِ:** ظرف. [ف. بہ + جان] جان سان ـ خوشيءَ سان.

– **بَجانِ و دل:** ظرف. دل ۽ جان سان ـ وڏيءَ خوشي سان.

• **بَجاءِ:** ظرف. [ف. بَجا] لائق ـ درست ـ جايائتو. بدران ـ پاران. قائم مقام.

• **بَجْرَ:** صفت. [سن. وَجرَ = سخت] سخت ـ تمام سخت. [سن. وَجْدَمَ = اندر مهراج جو وج جهڙو هٿيار. هيرو] هيرو ـ الماس.

– **بَجر ڪپاتُ:** ذ. سخت دروازو ـ مضبوط در. "وسيو ميگهه مهرجو. ڪليًا بجر ڪپاٽ" (سامي).

• **بَجَرِ:** ذ. [سن. وَجْرَ] تماڪ جو هڪ قسم. تماڪ جي پوک جو ٻيو تُور (جو گهٽ تِکو ٿئي). هلڪو تماڪ. تماڪ جي ننڍي مورَ "بَجَرِ اُنهيءَ جو بَس ٿئي. جا جَڏي هجي

Gul Hayat Institute

جُوءِ" (جام خان). تماڪ جي ننڍي يا سنهي ٽُهِي ـ بَجري. سَنهي ءِ گهٽ تکي تماڪ مان ٺهيل ناسَ. وَڏي ءِ هلڪو مال (ل). استعمال ۾ آندل شيءِ جو عيوضو (جو مالڪ ڪي پري ڏجي). نوبت ـ نقارو.

ـ **بَجري:** ث. بَجَر. تماڪ جو ٻيجو.

• **بُجرُ ج بجرَ:** ذ. صفت. [سن. وُڙِجنَ = وارَ] بُجَن وارو ـ وڏن وارن وارو ـ منجهيل وارن وارو. بوجارو. هڪ قسم جو ڍگهن وارن وارو ڪُتو.

ـ **بُجرِڪيئُنْ:** ذ. هڪ قسم جي بيماري (جنهن ۾ غير فطري فعل ڪرائڻ جي خواهش ٿئي). بي آرامي. اُتاولائي.

• **بَجَر پَٽُنْ:** ذ. ٻج جو هڪ قسم (گول ءِ بادامي ءَ جهڙو ٿئي. ڪرنڊي جي بيماريءَ ۾ دوا طور ڪم اچي. گهٽو ڪري جوڳي فقيرن وٽان هٽ اچي).

• **بَجْرڪ، بَجْريڪَ ج بَجْرڪُون، بَجْرِيڪُون (ت):** ث. [سن. بَجْرانگ < بَجْرَ = سخت + انگ = بدن] ڪاوڙ ـ غصو ـ خار.

• **بَجْرَنْگي:** ذ. شنگرف جو تلڪ (جو هندو پنهنجي پيشانيءَ تي هٽندا آهن).

• **بَجْري ج بَجْريُون:** ث. [سن. وَجْرَ = سخت چونو يا سيمنٽ] ڪَڪري. سخت پٿيون. تماڪ جو ٻيجو. هلڪي تماڪ مان ٺهيل ناسَ.

• **بِجُزْ:** ظرف. [ف] کان سواءِ ـ ڌاران ـ بغير ـ بنان.

• **بَجْڪانو ج بَجْڪانا (ل):** ذ. پوتڑو ـ بوچڻ. چيلهه هڻڻ جو ڪپڙو. سندرو. مولهاتو.

• **بُجڪو ج بُجڪا:** ذ. [ترڪي. بُغْچه، بُقْچه = بُجڪو] ڪپڙي جو ٽيلهو ـ گوٽرو ـ سنڌُ. ڪپڙن جي هڙ. گودڙي. (ث) بُجڪي ج بُجڪيُون.

ـ **بُجڪائي ج بُجڪائي:** ذ. صفت. بُجڪو ڪنڊڻ. بَجاجي ـ بَزازي.

• **بَجِگَرُ ج بَجِگَرَ:** ذ. صفت. [ف. دیگر > بجگر] چمڙي جون (تيل يا گهيه وغيره لاءِ) ڏيون ٺاهيندڙ ـ بَزگر. دهلن تي چمڙو چاڙهيندڙ.

• **بَجْگِيرُ ج بَجْگِيرَ:** ذ. صفت. [سن. بَجْرَ = سخت + كار = ڪم ڪندڙ؛ ف. بَزْرگر = هاري ـ ڪاشتگار ٢. باجگير = وَل يا ڏن اُڳاڻيندڙ. نوڪر] سخت ڪم ڪندڙ ـ پورهيت. خادم. غلام. بجاگير ـ بَزگير.

ـ **بَجگِيري:** ث. بَجاگيري ـ بزگيري. تابعداري ـ خدمتگاري. غلامي هيلپو.

• **بِجْلِي ج بِجْلِيُون:** ث. [سن. وِدْيُتَ] وِجَ ـ وِجلي ـ ڪنوڻ ـ برق. اليڪتريءَ جي روشني (electricity). (صفت) وڃ جهڙو هلندڙ ـ تيز رفتار. چالاڪ ـ قُوّت.

• **بَجنْس:** ظرف. [ف. بَ = سان + ع. جنس] بجنسي ـ هوبهو ـ نس پس.

ـ **بَجنسه:** ظرف. بَذاته.

ـ **بَجنْسِي:** ظرف. نس پس ـ عين بين ـ هُوبهو.

• **بُجَنْگ (ت):** ذ. وڏا بَجَ ـ گهاتا وارَ ـ وڏا وارَ.

• **بَجو ج بَجا:** ذ. [سن. وادْيَه = واجو < وَدْ = وڃائڻ] وَڃو ـ گهَنتو ـ ڪلاڪ. وقت ـ ٽائيم (Time). پوڙهي ماڻهوءَ لاءِ نفرت پريو لفظ. (صفت) بَج وارو. نندن گهاتن ۾ ٽلهن وارن وارو ـ بُوجرو ـ بُجرو.

• **بُجو ج بُجا:** ذ. [سن. پُجا = ٻانهن. هٿ؛ ف. پَنجه = چنبو] پنج ئي آڱريو ڪليل سامهون هٿ (جو ڪنهن کي نفرت يا ڪاوڙ وڃان ڏيکارجي) ـ پُوندو "پرائيءَ ڏيءَ جو بُجو به چگو" (چوٽي). (ڪناية) لعنت ـ پٽ پاراتو ـ لعن طعن ـ قٽ لعنت. پکيءَ جو هڪ قسم.

ـ **بُجو ڏيڻ:** پُوندو ڏيڻ ـ لعنت وجهڻ.

ـ **بُجو هڻڻ:** پُوندو هڻڻ ـ قٽ لعنت ڪرڻ ـ ملامت ڪرڻ.

• **بِجورڙو:** اسم خاص. تعقلي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِجورو ج بِجورا:** ذ. ميوي جو هڪ قسم ـ تُرَنْج.

• **بِجوگَ:** ذ. [سن. وِيوگ < وِ = خراب + يوگ = ميلاپ] جدائي ـ وڇوڙو. بدبختي.

• **بَجِي ج بَجِيُون (ڪ):** ث. پلاڙ جي پاسي واري ڪائي.

• **بَجيٽ:** ث. [انگ. budget] سال جي آمٽ ۾ ڪيل جو تخمينو. سالياني آمدنيءَ ۽ خرچ جو حساب ڪتاب ـ پوتاميل.

• **بَجِيرَ (ت):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَجَّ:** ث. [سن. وَرْجَ] فروگذاشت ـ ترڪ. وانجَ. [سن. وُڙِجنَ] عيب ـ نقص ـ وڏ. خامي ـ خرابي.

• **بِجهڪائڻُ:** مصدر. [سن. پَيَجْكِتَ = ڊيجاريل] ڊيجارڻ ـ پَڇڪائڻ ـ ڏڪائڻ ـ ڪنبائڻ. قُوّقوت وجهڻ. (بِجهڪايو ـ بِجهڪائيندو ـ بِجهڪايل).

• **بِجهڪَڻُ (ت):** مصدر. [سن. پَيَجْكِتَ] ڊڇڻ. وڪلڻ (ننڊ ۾) ـ اُڪرڻ. (بِجهڪيو ـ بِجهڪندو ـ بجهڪيل).

Gul Hayat Institute

• **بَچائڑ:** مصدر. [سن. وَرْجيَ < وُرْجْ = جدا ڪرڻ، پاڇي ڪرڻ: ھ. بَچانا] حفاظت ڪرڻ ـ سنڀال ڪرڻ. نجات ڏيارڻ (آفت يا مصيبت کان). پناھ ڏيڻ ـ اَمان ڏيڻ. حمايت ڪرڻ ـ مدد ڪرڻ. پاڇي ڪرڻ ـ بچائي رکڻ. (بچايو ـ بچائيندو ـ بچايل).

– **بَچاءِ ج بچاءِ بَچاوَ:** ذ. حفاظت ـ سنڀال. اَمان ـ پناھ. اَجهو ـ سلامتي. چوتڪارو. حمايت. حيلو ـ بھانو. اوٽ. تهمت کان بچڻ لاءِ شاھدي. الزام لاھڻ لاءِ ڏنل ثابتي.

– **بَچائڻھار:** ذ. صفت. بچائيندڙ ـ پناھ ڏيندڙ ـ حافظ. حامي ـ مددگار. (ڪناية) خدا تعاليٰ.

– **بَچائي ڇڏڻ:** بچت ڪرڻ. اوبارو ڪرڻ (ڪاڌو). ڪنھن ڪم ڪرڻ جي تڪليف کان ڇڏائڻ. آزار وغيره مان نجات ڏيارڻ.

• **بَچَت ج بچتيون، بَچَتُون:** ث. پاڇي ـ بقايا. رهيل رقم. بچيل شيءِ. نفعو ـ فائدو.

ـ **بَچت ڪَرڻ:** بچائڻ. ڪفايت ڪري رقم بچائڻ. ڪنجوسائيءَ سان خرچ ڪرڻ.

• **بَچَرُ ج بَچَرَ (ت):** ذ. صفت. ٽُلھو ـ متارو ـ دُنبو.

• **بَچَشْر:** ظرف. [ف] اڪين سان. اڪين تي.

• **بَچْڪانو ج بَچْڪانا:** ذ. [ف. بچگانه = ھاراڻو. ھارن جي لائق] ننڍڙي ھار کي ھڻڻ جو ڪپڙو ـ ھاروتو ـ ھنڊو ـ تَنجڻ. ننڍي جُتي يا ننڍا ڪپڑا. ناڇو چوڪرو.

• **بَچْڪاني ج بَچْڪانِيُون:** ث. پوڙھيءَ ڪسبياٽيءَ جي وھاريل چوڪري.

• **بُچِڪو ج بُچِڪا (ت):** ذ. [ترڪي. بُڇه، بُڇه] بُجڪو.

• **بَچَڻ:** مصدر. اَمن ۾ رھڻ ـ سلامت رھڻ. پناھ ۾ اچڻ. نجات ملڻ (مصيبت مان). چوتڪارو پائڻ ـ ڇُٽڻ. چڙھڻ (بيماريءَ مان). اَبَھڻ. جيئرو رھڻ ـ جيئڻ. ٽڪڻ. زندھ رھڻ. پاڇي ٽيڻ ـ بچت ٽيڻ. باقي ھجڻ. (بچيو ـ بچندو ـ بچيل). (ذ) چوتڪارو ـ نجات.

• **بُچَڻ (ڪ):** مصدر. مُنھن ۾ ور وجھڻ. چڙھن سان ڳالھائڻ اُبتو سبتو جواب ڏيڻ. (بُچيو ـ بُچندو ـ بُچيل).

• **بَچُو بادشاھ:** اسم خاص. بَچُو خاصخيليءَ جو لقب (جنھن انگريزن خلاف ۱۸۹۶ ع واريءَ "حُر تحريڪ" جي تولي جي اڳواڻي ڪئي ھئي) "ھارھن ڇٽا ھَھروٽيا، مڪيءَ پاسي ميرَ: بچو جن جو بادشاھ، پيرو سندن وزير" (مل).

• **بَچُو ڪُوڪَرُ:** ث. مڇيءَ جو ھڪ قسم.

• **بَچَه:** ذ. [ف. بچه] ٻچو ـ ٻارُ. چوڪرو. ڦَرُ.

– **بَچه باز:** ذ.صفت. چوڪرن سان بدفعلي ڪندڙ ـ چوڪري باز ـ لُوطي.

– **بَچه دانُ ج بَچه دانَ:** ذ. ڳھڻ ـ ڳپيرڻ ـ رحم.

• **بَچِ ج بَچُون:** ث. [سن. مُڄْ = ڇڏي ڏيڻ، چوڑي ڇڏڻ] (ڪُتي کي) ڪنھن تي ڪاھ لاءِ ڏاڪَر. ڇُرچَ ـ ھُشي. چورتَ ـ ڇَر. حملي جو حڪر. وٺ پڪڑ جو حڪر. ڪاھ ـ اَلَر.

– **بَچِ ڏيڻ (ت):** ڇُرچ ڪرڻ. ڪنھن ڪم لاءِ جوش ڏياري آماده ڪرڻ. ھُشي ڏيڻ. آپارڻ.

– **بَچِ ڪرائڻ:** بچ ڪري مارائڻ. چوري حملو ڪرائڻ.

– **بَچِ ڪَرڻ:** بَچڻ ـ بَچائڻ (ڪُتو) وَٽ وَٽ ڪرڻ. ھُشڪارڻ.

• **بَچِ ج بَچَ:** ذ. ڏسو "بَک".

• **بُچِ ج بُچُون:** ث. [سن. تُڇْچ] بچڑائي. خرابي ـ بُرائي. ڏوھ ـ گناھ.

• **بِچا ج بِچائُون:** ث. [سن. پِڪْشا] بِکيا ـ خيرات.

• **بُچاڻ ج بُچائُون:** ث. [سن. بِيڇْتِسَرْ] نفرت ـ ڪراھت. ڏڪار ـ حقارت. ملياں ـ ڪاوڙ. خارَ.

– **بُچاڻ اَچڻ:** نفرت اَچڻ ـ ڪراھت اَچڻ. ڪاوڙ اچڻ. خار اچڻ.

– **بُچاڻ پائڻ:** ڪراھت جھڙو سمجھڻ. گندو سمجھڻ.

– **بُچاڻ ڏيارڻ:** نفرت ڏيارڻ. ڪاوڙ ڏيارڻ ـ ڪاوڙائڻ. خارَ ڏيارڻ.

– **بُچاڻ لڳڻ:** ڪراھت اچڻ خارَ لڳڻ ـ ملياں لڳڻ.

• **بَچائڻ:** مصدر. [سن. مُڄْ = چوڑي ڇڏڻ] بَچ ڪرڻ. حملو ڪرائڻ. چيڙ ڪرائڻ. مرونءَ تي ڪتا ڇڏڻ. ڊيڄارڻ لاءِ ڪا خوفناڪ شيءِ ڏيکارڻ. پوئتان لاتي ڇڏڻ (ڦڪڙي). (بَچايو ـ بَچائيندو ـ بَچايل).

• **بُچائي ج بُچايُون:** ث. بُچڑائي ـ بدڪاري ـ گناھ.

• **بِچڑڻ (ت):** مصدر. ٽورو پاڻي وغيره کير واري ٿانءَ کي صاف ڪرڻ ـ وچورڻ (ل) ـ اَڪھارڻ. (بِچڑيو ـ بِچڑيل).

• **بُچڑڻ:** مصدر. [ھ. بِچَڑنا] وِچڑڻ ـ جدا ٽيڻ.

• **بَچڑو ج بَچڑا:** ذ. [سن. پُرْسْتَره = پٽر] حد جي نيشان ڏيکارڻ لاءِ ڪُتل پٽر. [سن. وَتْس] وڇيرو (ث). ڪُونھُون (ث).

• **بُچڑو ج بُچڑا:** ذ. صفت. بُرو ـ خراب ـ ڪنو ـ گندو. اوسنو. ڏَبُرَ. ڪوجھو ـ بدشڪل. پاپي. ذليل ـ خوار. (ث) بُچڑي ج بُچڑيُون.

– **بُچڑاپو ڏيڻ:** خراب ڏب وجھڻ ـ گھٽو ڏيجارڻ. ساھ جو خوف ڏيارڻ.

– **بُچڑائي ج بُچڑايُون:** ث. خرابي ـ بَدي ـ بُرائي.

Gul Hayat Institute

– **بُجڑايُون ڪرڻ:** خرابيون ڪرڻ ـ بَديون ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ. ڏوهَ ڪرڻ.

– **بُجڑو ڪرڻ:** خراب ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

• **بُجڑي ج بُجڑيُون (ث):** ث. بَلاجو هڪ قسم ـ پيَڙ ـ قُوڪڻي.

• **بُجڪو ج بُجِڪا (ت):** ذ. بُجڪو.

• **بُجْناگ:** ذ. [سن. وِتْش ناپ] زهر جو هڪ قسم (جو هڪڙي وڻ جي پاڙ مان ڪيبو آهي. ۽ دوا طور ڪم ايندو آهي) ـــ مِنو زهر ـ وِ ڪ.

• **بَجْڻ:** مصدر. [سن. مُج = چوڑي چڏڻ] ڪُتي کي ڪنهن ماڻهوءَ يا مرونءَ تي چيڑڻ. حملو ڪرائڻ. وڑهڻ لاءِ پڑڪائڻ. لاڙي چڏڻ (ڪا مصيبت). (بَچيو ـ بچيندو ـ بچيل).

• **بُجو ج بُجا:** ذ. صفت. بُڇڙو ـ خراب. مَدو. گنهگار. گندو ـ گدلو.

• **بُجاڻي ج بُجاڻيُون:** ث. بُڇڙائي ـ خرابي ـ بدي.

• **بُجي ج بُجيُون:** ث. بُڇڙائي ـ بدي "موچاري".

• **بُجي ج بُجيُون:** ث. بُڇڙائي ـ بدي "موچاري محمد صـ وٽي، بُڇيان بيزاري" (گرهوڙي).

• **بُجيا ج بُجياڻُون:** ث. بِڪيا ـ خيرات.

• **بُجيو ج بُجيا (ل):** ذ. صفت. بُڇڙو ـ خراب (ماڻهو).

– **بُجيانْ:** ظرف. بڇڙائيءَ ڪان ـ بَديءَ ڪان. خراب ماڻهن ڪان.

• **بَحاثُ:** ذ. صفت. [ع] وڏو بحث ڪندڙ ـ حُجت هلائيندڙ.

• **بَحالْ:** ظرف. [ف. بَ + ع. حال = چڱيءَ حالت ۾] برقرار ـ قائم. صحيح ـ درست ـ ٺيڪ.

• **بدستور ـ** حسب معمول. قبولَ ـ منظور. وري نوڪريءَ تي قائم (برطرف ٿيل ملازم).

– **بَحال رکڻ:** قائم رکڻ ـ بدستور رکڻ.

– **بَحال ڪرڻ:** دوباره ساڳئي عهدي تي مقرر ڪرڻ. برطرف ٿيل ملازم کي وري ساڳئي ڪم تي قائم رکڻ. بدستور اجازت ڏيڻ. منظور ڪرڻ. مباح ڪرڻ.

– **بَحال هُئڻ:** منظور هئڻ. وري مقرر ٿيڻ. تندرست ٿيڻ ـ چاق ٿيڻ.

– **بَحالي ج بَحاليُون:** ث. اجازت ـ منظوري. قبوليت.

• **بَحْثُ ج بُحُثَ:** ذ. [ع] مباحثو ـ لفظي تکرار. ردڪدّ. د. هوڏ. رڪيل جِي. ڪنهن جج جي سامهون دليلبازي.

• **بحثابَحثي:** ث. بحث مباحثو. هڪبئي سان دليلبازي. رد ڪدّ.

– **بَحثائتو ج بَحثائتا:** ذ. صفت. بحث ڪرڻ جهڙو. بحث ڪرڻ جي لائق. نڪته چيڀيءَ جوگو.

– **بَحث مُباحِثو ج بَحث مُباحِثا:** ذ. هڪبئي سان بحث ـ رد ڪد. دليلبازي ـ مناظرو.

– **بَحثي ج بَحثِي:** ذ. صفت. بَحث ڪندڙ. ضدي. هوڏي.

• **بَحْثَڻُ:** مصدر. [ع. بَحْثَ] بحث ڪرڻ.

• **بَحْرُ ج بَحْرَ:** ذ. [ع] درياءَ. سمنڊ. مڪيہ پنج بَحر (وڏا سمنڊ) آهن. ۱. بحر اوقيانوس (اٽلانٽڪ) ۲. بحر آلڪاهل (پئسفڪ) ۳. بحر هند (هندي) ٤. بحر مُنْجمد شمالي (اُتريون برف چانيل) ٥. بحر منجمد جنوبي (ڏاکڻيون برف چانيل). جهازن جو آرماڙ. ٻيڙين جي قطار ـ ٻيڙو. صوفين جي اصطلاح ۾ "هيءَ دنيا" ـ خاڪي عالَم ـ فاني جهان. (اصطلاحاً) (صفت) فياض. وڏي علم وارو ـ عالم. تيزفهم ـ هوشيار ـ ذڪي. (ذ) غور ـ فِڪر ـ ويچار. موزون شعر لاءِ علم عروض جو قائم ڪيل وزن (عام مشهور اُوٽيهہ بحر: ۱. طَويلُ (فَعُولُنْ مَفاعِيلُنْ فَعُولُنْ مَفاعِيلُنْ) ۲. مَديد (فاعِلاتُنْ فاعِلُنْ فاعِلاتُنْ فاعِلُنْ) ۳. بَسيط (مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلُنْ) ٤. كامِلُ (مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ) ٥. وافِرُ (مَفاعِلَتُنْ مَفاعِلَتُنْ مَفاعِلَتُنْ مَفاعِلَتُنْ) ٦. هَزَج (مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ) ۷. رَجَز (مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ) ۸. رَمَلُ (فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ) ۹. مُنسَرِح (مُسْتَفْعِلُن مَفْعُولاتُ مُسْتَفْعِلُن مَفْعُولات) ۱۰. مُضارِعُ (مَفاعِيلُنْ فاعِلاتُنْ مَفاعِيلُنْ فاعِلاتُنْ) ۱۱. مُقْتَضَبُ (مَفْعُولاتُ مُسْتَفْعِلُن مَفْعُولاتُ مُسْتَفْعِلن) ۱۲. مُجْتَثّ (مُسْ تَفْع لُنْ فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلاتُنْ) ۱۳. سَريعُ (مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مَفْعُولات) ۱٤. جَديد (فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ) ۱٥. قَريبُ (مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ فاعِلاتُنْ) ۱٦. خَفيفُ (فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلاتُنْ) ۱۷. مُشاكِلُ (فاعِلاتُنْ مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ) ۱۸. مُتَقارِبُ (فَعُولُنْ فَعُولُن فَعولُن فَعولُن) ۱۹. مُتَدارِكُ (فاعِلُنْ فاعِلُنْ فاعِلُنْ فاعِلُنْ).

– **بَحرِ اَبْيَض:** ذ. اَڇو سمنڊ (جو روس جي اُتر ۾ آهي).

– **بَحرِ اَحمَر قُلزم:** ذ. ڳاڙهو سمنڊ (جو عربستان ۽ آفريڪا جي وچ ۾ آهي).

– **بَحرآسْوَد:** ذ. ڪارو سمنڊ (ڪئسپين ڏنڊ جا روس جي ڏاکڻي حصي ۾ آهي).

Gul Hayat Institute

– **بَحرالعُلوم:** ذ. علمن جو درياءُ، وڏن عالمن جو لقب. مولانا روميءَ جي مثنويءَ جي هڪ شرح جو نالو.
– **بَحريي پايانْ:** ذ. اُهو درياءُ جنهن جو ترو لهي نه سگهجي ـ اَٿاهه سمنڊ. تمام اونهو سمنڊ.
– **بَحرِ زَخّارُ:** ذ. لهريون ڏيندڙ سمنڊ ـ مُتلاطم سمنڊ. اَٿاهه سمنڊ ـ تمام اونهو بحر.
– **بَحرِ ظُلُمات:** ذ. اڻنتلاڻڪ وڏو سمنڊ.
– **بَحرِ قازُنْ:** وڏيون ڳالهيون ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ (ڳالهين ۾) ـ اَپَ قازُنْ. حد کان زياده تعريف ڪرڻ.
– **بَحر ۾ پوڻ:** ڏکڻي ڳالهه شروع ڪرڻ. جهڳڙيءَ ۾ پوڻ. ڪنهن ڳالهه تي حد کان زياده ڳالهائڻ. ڏاڍو روئڻ (ٻار).
– **بَحرو ج بَحرا:** ذ. پاڻيءَ جو ديوتا. درياءُ. پاڻي.
– **بَحْري ج بَحْري:** ذ. صفت. بحر جو ـ ساموندي. دريائي.
– **بَحري باز:** ذ. هڪ قسم جو ڪارَ اکيو باز "هينيڙو بحري باز، چائي ويو چنبن ۾" (شاهه).
– **بَحْري بَجو ج بَحري بَجا:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائو ـ بڪبڪيو. وات قاتوڙو. (ذ) ٻهري باز جو نَرُ. ٽڪو گهوڙو.
– **بَحري فَوج بَهري فُوجُونْ:** ث. دريائي لشڪر. Navy.
• **بُحْرانُ ج بُحْرانَ:** ذ. [ع] بيماريءَ جي نازڪ گهڙي (موت ۽ حيات جي وچ ۾ مقابلو). نازڪ حالت.
• **بُحْرانو بَحرانُو ج بَحْرانا، بُحْرانا:** ذ. بحر جو نڊرانو. درياءَ يا پاڻيءَ جو نڊرانو. هنڊن جي هڪ ڏرمي رسم (جنهن ۾ آڻي جو وڏو ٻنوڙو ٺاهي، اُن ۾ سينڊر ۽ گُل قل هڻي، چومُکو ڏيو هاري، وڃي پاڻيءَ ۾ نڊراني طور چڏيندا آهن. اهو ڪريا ڪرم اڪثري درياءَ ٻنڌي ڪندا آهن. ۽ بن هندو عورتون حامل هجڻ جي حالت ۾ پنجين، ستين ۽ نائين مهيني ڪٽڪ يا جوئر جو ڳوڙهو پيٽ تان گهمائي درياءَ ۾ وهندڙيون آهن، اُن کي بہ بحرانو چئبو آهي. کي هندو وري ڪاڪ جو نندڙو تابوت ٺاهي، اُن سان ڳائيندا نچندا، ڏهل شرنايون وڄائيندا، درياءَ تي وڃي رسم ادا ڪندا آهن).
• **بَحْرو:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور گهوڙي جو نالو.
• **بَحْرو وَڃاڻي:** اسم خاص. لاڙ جي چئن مشهور درويشن (ابراهيم ناگوراڻي ۽ ساڻين) مان هڪ درويش.
• **بَحْري ج بَحْريُون:** ث. [ع] مشهور شڪاري پکي ـ باز جو هڪ قسم ("ڪلهيو باز" يا "بحري باشي" يا "بحري ٻچي" جي مادي، مٿو اڇو ۽ وڏن ڪلهن تي ڳاڙهو رنگ، سياه چشم، يعني اکيون ڪاريون، ڳچيءَ ۾ ڪارو ٻٽو، اڏامڻ جو تيز. Peregrine falcon (falco peregrinus). "چائي ويا چنبن ۾، جيئن باز سٽي بحري" (شاهه).
• **بَحري باشو:** ذ. مشهور شڪاري پکي ـ سياه چشم ڪلهيو باز ـ بحري ٻچو ("بَحري" جو نَرُ). ـ Peregrine falcon (falco peregrinus).
• **بَحْري فِدي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
• **بَحْرين:** ذ. [ع] ٻہ سمنڊ (پونُوج سمنڊ ۽ ڪارو سمنڊ). ايراني نار ۾ هڪ بيٽ ۽ شهر (جو موتين کان مشهور آهي).
• **بِحَسْب:** ظرف. [ع] موافق ـ موجب.
– **بَحْشي ج بَحْشِي:** ذ. صفت. ڏسو. "بحشي".
• **بَحْكُم:** ظرف. [ع] حڪم سان ـ فرمودي موجب.
• **بَحِيرا:** اسم خاص. [ع] هڪ نسطوري عيسائي راهب جو نالو (جنهن حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن کي، حضرت ابو طالب سان ڏسي، کين سجاتو هو تہ هو آخر زماني جو نبي آهي).
• **بُحَيْرَهْ:** ذ. [ع] نندڙو سمنڊ. ڍنڍ.
• **بُخارُ ج بُخارَ:** ذ. [ع] ٻاڦَ ـ اُهڙَ. گرمي ـ حرارت. تپ ـ ٻرو ـ لڳ. چڙَ ـ خارَ. ڪاوڙ ـ غصو. رنج ـ ڏک.
– **بُخار اُچڻ:** تپ اُچڻ ـ تپ چڙهڻ.
– **بُخار ٽِيڻ:** تپ ٽِيڻ ـ لڳ ٽِيڻ.
– **بُخار چڙهڻ:** تپ چڙهڻ ـ تپ جو زور وٺڻ.
– **بُخار چنڊڻ:** ڪاوڙ چنڊڻ. ساڙ ڪڍڻ ـ اندر جو بار هلڪو ڪرڻ.
– **بُخار رکڻ:** اندر ۾ ساڙ سانڍڻ.
– **بُخار ڪڍڻ:** غبار ڪڍڻ. اندر جو ساڙ ڪڍڻ ـ دل جو جوش ڪڍڻ. ڪاوڙ چنڊڻ. دل جو بار هلڪو ڪرڻ.
– **بُخار لاهڻ:** دل جو جوش هلڪو ڪرڻ ـ ڪاوڙ چنڊڻ.
• **بُخارا:** اسم خاص. ترڪستان جي هڪ پرڳڻي ۽ شهر جو نالو. جو اڳ اسلامي علوم جو مرڪز هو.
– **بُخاري:** ذ. صفت. شهر بُخارا جو رهاڪو. (اسم خاص) مشهور محدث ابو عبدالله ممد بن اسماعيل بخاريءَ جو تاليف ڪيل حديثن جو ڪتاب ـ صحيح بخاري. سنڌ جي ساداتن جي مشهور قبيلن (لکياري، مٽياري، بخاري) مان

Gul Hayat Institute

هڪ قبيلي جو نالو (جن جا وڏا بخارا مان آيا).

• **بُخارو ج بُخارا:** ذ. [ع. بُخار] دونهين جي نيڪال لاءِ پت جي اندران ٺهيل نالي ـ چمني. (ث) بخاري (= ڪُل).

• **بَخائڻُ:** مصدر. [ف. بَخيَہ] بخيو هڻائڻ ـ توپو هڻائڻ. سِبائڻ. (بخايو ـ بخائيندو ـ بخايل).

• **بَخْتُ ج بَخْتَ:** ذ. [ف] پاڳ ـ طالع ـ نصيب ـ قسمت.

ـ **بخت آزمائي:** ث. نصيب آزمائي ـ قِسمت آزمائي.

ـ **بَخْتاوَرُ ج بَخْتاوَرَ:** ذ. صفت. بخت وارو ـ پاڳواروـ خوش نصيب ـ سياڳو.

ـ **بَختاوَري:** ث. سياڳائي ـ خوش قسمتي.

ـ **بَخت بازي:** ث. قِسمت آزمائي ـ بخت آزمائي.

ـ **بَخت بُرگَشْتو:** ذ. صفت. [بخت + بَرگشته = قِريل] اُونڌي نصيب وارو ـ نياڳو ـ بدنصيب.

ـ **بَخت بُلند:** ذ. مٿانهون بخت ـ اعليٰ نصيب.

ـ **بَخت بيدار:** ذ. صفت. سياڳو ـ خوش نصيب ـ بختاور.

ـ **بَخت پَڙائڻ:** پاڳ ورڻ ـ نصيب جو وارو ورڻ. وارو لڳڻ ـ موقعو ملڻ.

ـ **بَخت خُفْتَہ:** ذ. سُتل نصيب ـ نِياڳ ـ اَياڳ.

ـ **بَخت ساجو ٽيڻ:** پاڳ پَڙائڻ. قسمت جاڳڻ. بخت کُلڻ. وارو ورڻ. اقبال وڌڻ.

ـ **بَخت سَفيد:** اَڇو بخت ـ نيڪ بخت ـ سياڳ. (صفت) سياڳو.

ـ **بَخت سياہ:** ذ. نياڳ ـ چندائي. نحوست. (صفت) نياڳو ـ بدبخت.

ـ **بَخت کي اِنْسُون هڻڻ:** پاڳ کي لتون هڻڻ. ناشُڪري ڪرڻ.

ـ **بَختِيارُ ج بَختِيارَ:** ذ. صفت. بخت وارو ـ بختاور ـ سياڳو ـ خوش نصيب.

• **بَختاوَر پُور:** اسم خاص. تعلقي نل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بُخْتُ نَصّرُ:** اسم خاص. قديم زماني جي هڪ سرڪش بادشاه جو نالو (جو بابل جو بادشاه هو ۽ جنهن يروشلم کي ٻه دفعا ناس ڪيو هو).

• **بُخْتِي ج بُخْتِي:** ذ. [ف] باختر يا بلخ جو ٿوهن وارو اُٺ. (ڪناية) پَلو اُٺ. مهري اُٺ.

• **بَختِيارپور:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو (جتي جا قاضي ۽ ڪاتب مشهور ٿي گذريا).

• **بَخرو ج بَخرا:** ذ. [ف. بهْرَه] حصو ـ پاڳو ـ پَتي "ڇهون بَخرو پيءُ کي، جان سَت پُٽ پوتا" (گرهوڙي). نصيب ـ بخت. انعام ـ بخشش "رمضان واڌو روز گهري ٿو. بخرو مونکي ڏات ڏيو" (رمضان).

ـ **بَخْرِيتْ ج بَخْرِيتَ:** ذ. صفت. پتيار ـ پائيوار ـ حصيدار ـ شريڪ.

• **بَخْش:** ث. [ف] معافي. بخشش ـ امداد. انعام ڏاڻ "لڳو لام الف سين، بي سنديءَ بخشا" (گرهوڙي). حصو پاڳو. بخشيندڙ ـ ڏيندڙ "فرحت بخش، امام بخش، وغيره".

ـ **بَخش جو بَهرو ڏيڻ:** پَلائي پالَ ڪرڻ. تمام گهٽي مهرباني ڪرڻ. وڏا احسان ڪرڻ. عين نوازش ڪرڻ.

ـ **بَخْش بَخْش ڪرڻ:** پاڳا ڪرڻ. پورا پورا ڪرڻ.

ـ **بَخش ڪَرڻ:** معاف ڪرڻ ـ معافي ڏيڻ ـ بخشڻ. اِمداد ڏيڻ. ڏاڻ ڏيڻ.

• **بَخشاپور:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بَخْشائي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بَخْشاهَ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بَخْشائِشْ:** ث. [ف] معافي. ڏاڻ ـ انعام. امداد ـ بخشش.

• **بَخْشائِڻُ:** مصدر. [ف. بخشيدن] ڏوهَ معاف ڪرائڻ. بخش ڪرائڻ. معافي گهرڻ. (بخشايو ـ بخشائيندو ـ بخشايل).

ـ **بَخشائِي ج بَخشائِيُون:** ث. بخش ڪرائڻ جي حالت. معافي. پرچائي ـ پرچاءُ.

• **بَخْش پور:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بَخْشِشْ ج بَخْشِشُون:** ث. [ف] معافي. انعام ـ عطا. ڏات ـ امداد. خيرات.

ـ **بخشش نامو ج بخشش ناما:** ذ. ڪنهن شيءِ بخش ڪرڻ جي لکيت ـ هِبہ نامو.

• **بَخْشِنْدَہ:** ذ. [ف] بخشيندڙ ـ ڏيندڙ ـ ڏاتار.

• **بَخْشُڻُ:** مصدر. [ف. بُخشِيدَن] معاف ڪرڻ ـ بخش ڪرڻ. امداد ڪرڻ. عطا ڪرڻ. ڏاڻ ڏيڻ ـ اِنعام ڏيڻ. (بخشيو ـ بخشيندو ـ بخشيل). (اسم خاص) مرد جو نالو.

ـ **بَخْشْڪھارُ ج بَخشْڪھارَ:** ذ. صفت. بخشيندڙ ـ معاف ڪندڙ. ڏاتار ـ ڏيڻهار "بخشين بخشڪهار، ڏيئي پاند پناهہ جو" (شاه).

• **بَخْشُون:** ث. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) وقتي نڪاح ـ مُتعو.

Gul Hayat Institute

– **بَخشون وجهڙ:** وقتي نكاح وجهڙ ـ متعو كرڻ.
• **بَخْشِي ج بَخْشِي:** ذ. [ف] فوج جو مهندار ـ سپه سالار.
– **بَخْشِي خانَه:** ذ. سپهه سالار جي آفيس.
• **بُخْلُ:** ذ. [ع] كنجوسائي ـ مرچونائي ـ تنگدلي.
بَخْمَلَ ج بَخْمَلُون: ث. [ف. مَخمل] ريشمي كپڑي جو هك قِسم ـ مخمل. گل جو هك قسم.
– **بَخملي ج بَخملي:** ذ. صفت. بخمل مان ٺهيل ـ مخملي. لَسو ـ نرم.
• **بَخَنْ:** مصدر. [ف. بخيه] بخيو ڏيڻ ـ سِبڻ. (بخيو ـ بخيندو ـ بخيل).
• **بَخو ج بَخا:** ذ. ڏسو "بَخيو".
• **بَخُورُ:** ذ. [ع] ڏوپ ـ واسُ.
• **بَخِيلُ ج بَخِيل:** ذ. صفت. [ع] كنجوس ـ شُوم ـ مرچوٽ ـ مكي چُوس ـ مُوذي. چيڑاك
– **بَخِيلي:** ث. كنجوسائي ـ تنگدلي. چڙ ـ كاوڙ. خارَ.
• **بَخْيو ج بَخْيا:** ذ. [ف. بخيه] سنهون توپو (جنهن ۾ ڏاڳو هر هك سوراخ مان ۾ دفعا لنگهائبو آهي).
– **بخيو ڏيڻ، هڻڻ:** سنهو توپو ڏيڻ. سِبڻ.
• **بَدْ، بَدِ:** صفت. [ف] خراب ـ كنو ـ بُڇڙو ـ گندو ـ مَدو. وِيلُ ـ چَٽ ـ نكمو ـ بيكار. پليد ـ كوتو.
– **بَد اِتفاقُ:** ذ. [ف. بد + ع. اِتفاق] خراب واقعو ـ خراب حادثو.
– **بَد اَخْتَرُ:** ذ. صفت. [ف] جنهن جو سِتارو خراب هجي. نياڳو ـ نِدورو. نَحش ـ چندبو.
– **بَد اَخْلاقُ:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. اخلاق] بڇڙين عادتن وارو ـ بدفضيلت.
– **بَد اَخلاقي:** ث. بُڇڙي عادت. بدفضيلتي. نالائقي. بي اَدبي.
– **بَد اِرادَه:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. ارادَه] بڇڙي اِرادي وارو ـ بد نيّت.
– **بَد اُسْلُوبُ:** ذ. [ف. بد + ع. اسلوب] بي ڍنگو. بدفضيلت ـ بداخلاق. گمراهه.
– **بَد اُسلُوبي:** ث. بدفضيلتي ـ بي ڍنگائي. گمراهي ـ ضلالت.
– **بَد اَصْلُ:** ذ. صفت. [ف + ع] بد ذات ـ بي بنياد. كميٽو.
– **بَد اَطْوارُ ج بَد اَطْوارَ:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب عادتن وارو.
– **بَد اِعْتِقادُ ج بَد اِعْتِقادَ:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب عقيدي وارو.
– **بَدْ اَعْمَالُ ج بَد اَعْمَالَ:** ذ. صفت. [ف + ع] بڇڙن كمن وارو ـ بدكار ـ فاسق.
– **بَد اَفْعالُ، اَفْعالو ج بَد اَفْعالَ، اَفْعالا:** ذ. صفت. [ف + ع] بُرا كم كندڙ ـ بدكار. بدتهذيب. بدفضيلت.
– **بَد اَفْعالي ج بَد اَفْعالِيُون:** بَد لڇڻائي ـ بدفضيلتي ـ بَد اَخلاقي. بد تهذيبي.
– **بَد اَمْنِي ج بَد اَمْنِيُون:** ث. [ف. بد + ع. امن] بي سلامتي. وِگوڙ واري حالت. فساد.
– **بَد اِنْتِظامي:** ث. [ف. بد + ع. انتظام] بي بندوبستي. اَنڊ ڏَنڊ.
– **بَد اَنْجامَ:** ذ. صفت. [ف] جنهن جي پڇاڙي خراب هجي ـ بد عاقبت.
– **بَد اَنْديشُ ج بَد اَنْديش:** ذ. صفت. [ف] مَٽ گهُرو ـ بدخواهه. دشمن ـ ويري. كِيني وارو ـ بَغضي.
– **بَداَنْديشي:** ث. مَٽ گهرائي ـ بدخواهي. دشمني ـ وير. بُغض ـ حسد ـ كِينو ـ چاوت. بيخيالي ـ غلطي ـ پُلَ. كوتاهه بيني.
– **بَد باطِنُ:** ذ. صفت. [ف + ع] دل جو پليد ـ اَندر كوتو.
– **بَد بَخْتُ ج بَد بَخْتَ:** ذ. صفت. [ف] بد نصيب نياڳو ـ چندبو.
– **بَدبَختي:** ث. بدقسمتي ـ بدنصيب ـ نياڳ ـ چندائي.
– **بَدبُوءِ:** ث. [ف. بدبُو] خراب بانس ـ ڏَپَ ـ عُفونت ـ "خوشبوءِ" جو ضد.
– **بَد تَر:** صفت. [ف] وڌيڪ بڇڙو ـ ويترخراب.
– **بَدتَرين:** صفت. سڀ كان وڌيڪ خراب ـ بلكل خراب. بنهه چَٽ.
– **بَد تَميز:** ذ. صفت. [ف + ع. تَميز] ننديي وڏي سان خراب نموني ۾ پيش ايندڙ ـ بدتهذيب. بداخلاق. بدافعالو. گستاخ.
– **بَد تَهذيبُ:** ذ. صفت. [ف+ع] بدتميز ـ بي ادب ـ بدفضيلت.
– **بَد پَرهيزُ ج بَد پَرهيز:** ذ. صفت. [ف] كاڌي پيتي وغيره ۾ سنيال نه كندڙ ـ رَكُ يا كري نه كندڙ. سَتُر نه كندڙ.
– **بَد پَرهيزي:** ث. پرهيز نه كرڻ جي حالت. بي احتياطي. بي پردگي.
– **بَدپيشو:** ذ. [ف. بدپيشه] بُڇڙو ڌنڌو ـ كَسَبُ ـ حرامكاري.
– **بَدپيشَهٔ، پيشي:** ذ. صفت. خراب پيشو كندڙ ـ زناكار. كَسبي.

Gul Hayat Institute

– **بَدجِنْسُ:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب ذات وارو ـ كمينو.
– **بَد چالِ:** ذ. صفت. [ف. بد + ھ. چال] خراب چال وارو. آوارہ ـ اوباش. زناكار.
– **بَد چَشْم:** ذ. صفت. [ف] پرائيءَ عورت ڈانھن بُريءَ نگاہ سان ڈسندڙ ـ ميري اک وارو. حاسد ـ بدخواھ.
– **بَد حالُ ج بَد حالَ:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب حالت وارو ـ ڏُنڌِيل ـ تباھ حال.
– **بَد حالِي:** ث. خراب حالت ـ تباھ حالي. مسكيني ـ تنگدستي.
– **بَد حواسُ ج بَد حواسَ:** ذ. صفت. [ف. بد+ع. حاس. حَوْساَ (= جانڻڻ، معلوم ڪرڻ) > سنڌي. حواس = معلوم ڪرڻ جي اِندري] حواس خطا ٿي ويل ـ گھبرايل. حيران ـ پريشان.
– **بَد حواسِي:** ث. گھبراھٽ ـ پريشاني ـ مونجھارو.
– **بَد خِصالُ:** ذ. صفت. [ع+ف] خراب خصلتن وارو ـ كُلڇٽو ـ بد چال. بد عادت ـ بغد فضيلت.
– **بَد خَصْلَت، خَصْلتو:** ذ. صفت. خراب عادتن وارو ـ بَد عادتو ـ بدلڇٽو ـ بد فضيلت.
– **بَدخُلقُ:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب افعالن وارو ـ بدلڇٽو. بدتھذيب ـ بي ادب.
– **بَدخُو:** ذ. صفت. [ف] بڇڙين عادتن وارو ـ كُلڇٽو. سُونڊ مُنھون ـ رُكو. رُكَ مُنھون.
– **بَدخُوئي:** ث. خراب طبيعت. خراب عادت.
– **بَد خواھُ ج بَدخواھَ:** ذ. صفت. [ف] ٻئي جي بُرائي چاھيندڙ ـ مَٽ گھُرو ـ بَداندیش. دشمن ـ ويري. مخالف.
– **بَد خواھِي ج بَد خواھِيُون:** ث. مَٽ گھُرائي ـ بَداندیشي. دشمني ـ عداوت.
– **بَدْدُعا ج بَد دعائون:** ث. [ف+ع] پٽَ ـ پاراتو.
– **بَد دِل:** ذ. صفت. [ف] ناخوش. ناميد ـ مايوس. ڪڪ ـ بيزار. بَد گُمان.
– **بَد دِيانَت:** ذ. صفت. [ف. بد+ديانت = چڱي عادت ھئڻ] كُپتيو ـ خيانتي. فريبي ـ دغاباز.
– **بَد دِيانَتِي:** ث. كُپَت ـ خيانت. دغا.
– **بَد دِيُن:** ذ. صفت. [ف+ع] دين كان ڦريل. بداعتقاد. گمراھ.
– **بَد ذاتَ:** صفت. [ف+ع] گھٽ ذات ـ كمذات ـ كمينو.
– **بَد ذِھنَ:** ذ. صفت. [ف+ع] جنھن جو ذھن خراب ھجي ـ كند فھم ـ موگو.
– **بَد راھَ:** ذ. صفت. [ف] بد چال ـ بدكار. آواره ـ كَريل. گمراھ.
– **بَدراھ كَرڻ:** بد چال كرڻ. گمراھ كرڻ. اغوا كرڻ ـ ڀجائڻ (عورت).
– **بَد رَفْتار:** ذ. صفت. [ف] خراب روش ھلندڙ ـ بدچال.
– **بَد رَفتاري:** ث. خراب روش ـ خراب چال.
– **بَد رِكابُ:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. رِكاب = ركيب] اُھو گھوڙو جو چڙھيءَ جو ڏكيو ھجي ـ اَھنڌ گھوڙو.
– **بَد رَنْگُ:** ذ. صفت. [ف] خراب يا ڦِڪي رنگ وارو ـ گدو (رنگ جو).
– **بَدرَوْ:** ذ. صفت. [ف] خراب چال وارو ـ بَد رفتار. (ث) كني پاڻيءَ جي موري ـ كَسي.
– **بَد روزگارُ:** ذ. صفت. [ف] بَدنصيب ـ بدبخت. بدحال.
– **بَد زَبان:** ذ. صفت. [ف] خراب نموني ڳالھائيندڙ ـ گار گند ڪندڙ ـ ڪَچ مئيندڙ ـ بَدگو ـ بَدكلام. سخت كلامي ڪندڙ.
– **بَد زَباني:** ث. گار گند ـ بَد كلامي ـ فحش. سخت كلامي. گستاخي.
– **بَد زيبُ، بَد زيبو:** ذ. صفت. [ف] بد نما ـ كوجھو ـ نہ وٺندڙ ـ بدصورت.
– **بَد ساعَت:** ث. [ف+ع] خراب گھڙي. كُمھلائي.
– **بَد سِرِشْت:** ذ. صفت. [ف] خراب طبيعت وارو.
– **بَد سِگال:** ذ. صفت. [ف] بدخواھ ـ مَٽ گھُرو.
– **بَدسِگالي:** ث. مَٽ گھُرائي ـ بدخواھي.
– **بَد سُلوكُ:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب سلوك وارو ـ بدروش.
– **بَد سُلوكِي:** ث. خراب ورتاءُ ـ خراب روش. مُنْھن رُكائي. ناسازي ـ كُلفت ـ اَٽبٽ.
– **بَد سَلِيقَهُ:** ذ. صفت. [ف] بي ڍنگو. بدتھذيب. بد عادت. بي ادب.
– **بَد سَوَنْ، سَوُنْ ج بَد سَوَنَ، سَوُنَ:** ذ. خراب سَوٽ ـ بد شگون ـ بَدفالَ.
– **بَد سِيرَتْ:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. سِيْرة] بَدكردار. بداخلاق. بد فضيلت ـ بي ادب.
– **بَدشَكِلِ:** ذ. صفت [ف. بد+ع. شَكْل] بدصورت ـ كوجھو ـ بڇڙو. بدزيب. بيڍَولو.
– **بَدشُگُون:** ذ. [ف] بَد فالَ ـ بَدسُوٽ. بُرو ـ نحس. (صفت) چندو ـ نياڳو ـ منحوس.

Gul Hayat Institute

– **بَدشُگونِي:** ث. نـيـاڳائي ـ چندائي. بَدسَوٹِي ـ بَد فالَ.
– **بَد صُورت:** ذ. صفت. [ف+ع] بچڑو ـ بد شِكل ـ كوجهو. بيدَولو.
– **بَدطِينَت:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. طِينَة = مزاج. طبع] خراب خصلتن وارو ـ بَدخُو. خراب طبيعت وارو ـ بدمزاج. بد ذات ـ بد بنياد.
– **بَد طِينَتِي:** ث. بد مزاجي ـ بد خُوئي.
– **بَد ظَنّ:** ذ. صفت. [ف+ع] بَد گـماني ـ شَك.
– **بَد عَمَلِي ج بَد عَمَلِيُون:** ث. [ف. بد + ع. عمل] بداعمالي ـ اَنڈير. بَدآمني ـ بي بندوبستي. بَدانتظامي.
– **بَد عَهْدُ:** ذ. صفت. [ف+ع] انجام نہ پاڑيندڑ ـ وعده خلاف ـ بيوفا.
– **بَد عَهدي:** ث. وعدي شِكني ـ بيوفائي.
– **بَد فِعْلُ ج بَد فِعْلَ:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب كم ـ بچڑو كم.
– **بَد فَعْلو ج بَد فَعْلا:** ذ. صفت. بدكردار ـ بدافعالو. بَداخلاق.
– **بَد فِعْلِي ج بَد فِعْلِيُون:** ث. بدكاري. حرامكاري ـ زنا.
– **بَدكارُ ج بَدكارَ:** صفت. [ف] بُچڑا كم كندڑ ـ بَدكردار ـ بداعمال. ڈوهاري ـ گنهگار.
– **بَد كِرْدارُ ج بَدكِردارَ:** ذ. صفت. [ف] بدكار.
– **بَدكِرداري:** ث. بدكاري ـ حرامكاري.
– **بَدكَلامُ:** ذ. صفت. [ف+ع] اَڈنگو ڳالهائيندڑ ـ خراب گفتگو كندڑ ـ بَدگو.
– **بَد كَلامِي:** ث. بچڑي ڳالهـ. خراب گفتگو. سخت ۽ اَڻوٹندڑ گفتگو گارگند.
– **بَدكيشُ:** ذ. صفت. خراب مذهب وارو. بداخلاق. بدچال.
– **بَدگُمان:** ذ. صفت. [ف] كنهن تي يقين نہ كندڑ ـ بي اعتبار ـ شكي.
– **بَدگُمانِي ج بَد گُمانِيُون:** ث. بدظني. بي اعتباري. شَك ـ شُبهو.
– **بَد گو ج بَدگو:** ذ. صفت. [ف] خراب ڳالهائيندڑ ـ بدكلام. گـلا خور. چُغل.
– **بَدگوئِي:** ث. بدكلامِي ـ گارگند. گـلا ـ بَدي. چُغلي.
– **بَد گوهَر، بَدگُهَر:** ذ. صفت. [ف] بدنسل ـ بد بنياد ـ كمذات.
– **بَد لِحاظ:** ذ. صفت. [ف+ع] بي لحاظ. كُڌو. نافرمان.
– **بَد لَگامُ، بَد لَغامُ:** ذ. صفت. [ف] اُهو گهوڑو جو لغام سان بہ سَڌوت نہ ڏئي ـ اَهنڌ ـ سركش (گهوڑو). گَهَهُ كندڑ. زبان پنهنجي وس نہ ركندڑ. بَد زبان ـ بدگو ـ بدكلام. چُڑواڳ. بي ادب ـ بدفضيلت.
– **بَد مَذهب:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب مذهب وارو. فرقيباز. بُت پرست.
– **بَدمِزاجُ ج بَد مِزاجَ:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب طبيعت وارو. رُكي سُڀاءِ وارو. بدفضيلت. چيڑاڪ ـ تيز مزاج. خارباز. سركش.
– **بَد مِزاجي:** ث. خراب سُڀاءِ. رُك مُنهائي. سَركشي. آكڙ ـ سِيٹ. خارپازي.
– **بَد مَزگِي:** ث. [ف] بي سوادائي. ذائقو يا سواد خراب هئڻ جي حالت. اَٽبٽ. رنجش. جهيڑو جهٽو. طبيعت جي خرابي ـ ناچاقائي.
– **بَدمَزَهْ:** ذ. صفت. [ف] بيسواد. اَلوڻو ـ قِـكو. بيمار ـ اگهو.
– **بَدمَسْتُ ج بَدمَسْتَ:** ذ. صفت. [ف] نشي ۾ چُور ـ اَلوٽ ـ مدهوش. شهوتي ـ كامِي. خراب حال ـ بدحال.
– **بَدمَسْتِي:** ث. مدهوشي. خراب حالت. شهوت پرستي. اهنڌائي ـ اَرڏائي ـ خرمستي. بيپرواهي.
– **بَد مَعاشُ ج بَدمَعاشَ:** ذ. صفت. [ف+ع] بدچال ـ شرير ـ لُچو. بداخلاق ـ بدافعال. لُفنگو ـ آواره ـ اوباش ـ كميڻو.
– **بَد مَعاشِي ج بَد مَعاشِيُون:** ث. بَد اخلاقي ـ بدچالِي. لُچائي. كميڻپ.
– **بَد مُعامَلگِي:** ث. [ف] ڏيتي ليتيءَ ۾ بي ايماني. دغابازي ـ ٺڳي ـ كُپت. وعدي خلافِي.
– **بَد مُعامَلَه:** ذ. صفت. [ف] جيكو ڏيتي ليتيءَ ۾ چڱو سلوك نہ كري.
– **بَد مِهري:** ث. [ف] نامهرباني. بي احساني.
– **بَد نامُ ج بَدنامَ:** ذ. صفت. [ف] بُچڑي نالي وارو. خرابيءَ ۾ نالي چڑهيل. گلارو ـ رسوا ـ خوار.
– **بَدنامُوس، بَدنامُوسِي:** ث. [ف. بد + ع. نامُوس = نيكي. نالو] خواري ـ رسوائي ـ بدنامي ـ بَدنيكي.
– **بَدنامِي ج بَدنامِيُون:** ث. خواري ـ گِلا ـ رُسوائي. كارنُهن جو ٽِكو. بيعزتي ـ تشهير.
– **بَدنَسْل:** ذ. صفت. [ف+ع] خراب نسل وارو. بد بنياد ـ بد ذات.
– **بَد نِشان:** ذ. صفت. [ف] بدكار ـ پاپي.
– **بَدنَصِيبُ ج بَد نَصِيبَ:** ذ. صفت. [ف+ع] نياڳو ـ كمبخت ـ چنڊو.

Gul Hayat Institute

– **بَدنَصيبائي، نَصيبي:** ث. نيا ڳ ـ چنڊائي ـ بدبختي.
– **بَد نَظَر:** ذ. صفت. [ف+ ع] بدشڪل. منحوس.
– **بَد نَظَري:** ث. بُري نگاهه ـ بدنيتي. خراب نظر سان ڏسڻ جي حالت.
– **بَدنَفْس:** ت. صفت. [ف+ ع] ڪمينو ـ ٺهوتي.
– **بَدنُما:** ذ. صفت. [ف] خراب شڪل وارو ـ ڪوجهو ـ بيڇڙو.
– **بَد نُمائي:** ث. بي نزاڪتي. ڪوجهائي. بيڊولائي.
– **بَدنِهاد:** ذ. صفت. [ف] بد طبيعت ـ ڪمينو. دل جو بيڇڙو.
– **بَدنِيّت:** ذ. صفت. [ف+ ع] بيڇڙي ارادي وارو. دل جو پليد. اندر ڪنڊو.
– **بَد وَضْع:** ذ. صفت. [ف+ ع] بي ڍنگو ـ بيڊولو ـ اَٽوٽندڙ.
– **بَدهاضِمو:** ذ. [ف+ ع. هَضم، هاضم] بدهضمي ـ پرتي. معدي جي خرابي.
– **بَدهَضْمي:** ث. پيٽ جي پرتي ـ بدهاضمو.
– **بَدهَيْئَت:** ذ. صفت. [ف+ ع. هَيْئَة = شڪل] بدشڪلو ـ بيڊولو.
– **بَديُمْني:** ث. [ف.بد+ ع. يُمن = سڄائي، سياڪ، فتح] بدنصيبي. بدشگوني.
• **بَدْ:** ذ. پيسڪوٽ راند ۾ بي زور پَتو (حُڪم ڪان سواءِ ڪالتو پتو). بِئي رنگ جا پَتا.
• **بَد:** ث. [سن. بَد] جنڊ جو سوسُ (پورنماسيءَ بعد).
• **بَدَ ج بِدُوْن:** ث. [ع. بَدْرة] وڏي هَڙَ ـ ڳٺڙي. بدَ ـ بدڙي. ٽيلهن ٺاهڻ لاءِ دنبي يا ٻڪريءَ جي ڪَلَ.
• **بِد:** ث. ننڍڙي ڪڏ جا گولين راند ۾ ڪم اچي ـ سَجُ.
• **بُدَ ج بُدَ:** ذ. زنانو مخصوص عضو.
• **بَدا:** ث. [ف. بد = بيڇڙو] بَدي ـ بُجهڙائي. ڏوهه ـ پاپ ـ گناهه. [ع. بَدَء، بَداءَةُ = شروعات، اَبد] مقدر ـ اڳ لکيو.
• **بِدا:** ث. [ع. وِداعُ] وداع ـ رخصت ـ موڪلائي. اجازت ـ روانگي. جدائي. خاتمو "ٻيڙيون نيئي ٻار، تو تان بَنْدُ بِدا ٿيو" (شاهه). ڪنوار جو پهريون دفعو پيڪن مان ساهرين وڃڻ جي حالت. (اسم خاص) مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.
– **بِدا ٿيڻ:** وداع ڪرڻ ـ موڪلائي ڪرڻ. جدا ٿيڻ. ختم ٿي وڃڻ "اَنْب شهر مان بِدا ٿي ويا آهن".
• **بِدادي ج بِدادي:** ذ. صفت. [ع. بِدْعَتي < بِدْعَة = دين جي سلسلي ۾ ڪا نئين حرڪت] بُريءَ علت وارو ـ بد افعالو ـ بد ڪردار ـ گناهن ۾ ريو "بِلند بِدادي عيبن ۾ريو، خلق ڪِليو ٿي ڇئيس ڇَريو" (بلند شاه).
• **بَداهَت:** ث. [ع] تَهه طلبي. حاضر جوابي. بي ساختگي.
• **بَدائِع:** ذ. [ع. بَدِيْعَة ج بَدائع] عجائبات. نيون شيون. شاعريءَ ۾ ڏيکاريل عجيب صنعتون ۽ ڪاريگريون "صنايع بدايع".
– **بَدائِع مَعنوي:** ذ. عبارت جون معنوي رنگينيُون.
• **بِدايَت:** ث. [ع. بَداءَة] شروعات ـ آغاز. منڊ ـ اڳياڻي.
• **بُدْبُدو ج بُدْبُدا:** ذ. [سن. بُدْبُدْه] پاٽيءَ جو ڦوتو يا ڦوڪڻو ـ جَر ڦوتو ـ بوڙيو. اُفواه ـ واهياتي خبر. مَن گهڙت قصو ـ ڪوڙو ناهه. بهتان ـ تهمت ـ الزام. منصوبو ـ سازش. پُور ـ خيال ـ ريجهڪ. وهم. لغڙ.
– **بُد بُدا اُتارَڻ:** ڪوڙا اُفواهه اُتارڻ ـ حُبوب ناهڻ.
– **بُد بُدا اُڏڻ:** پاٽيءَ ۾ بوڙيا ٽيڻ. اِلزام لڳڻ. اُفواهه اُڏڻ.
– **بُد بُدا ڪرڻ (ت):** ٺڳي ڪرڻ ـ چالاڪي ڪرڻ.
• **بَدَخْشان:** اسم خاص. افغانستان جي اُتر ۾ هڪ پرڳڻي جو نالو (جو ياقوتن ۽ لعلن کان مشهور آهي).
• **بَدَر:** ظرف. [ف] ٻاهر ـ در کان ٻاهر.
• **بَدَرِ:** ظرف. [ع. بَدَلَ] بدلي ۾ ـ جي بدران ـ ڏي وٺ ۾.
• **بَدْر:** ذ. [ع] سَجو چنڊ ـ ماهِ ڪامل. چوڏهينءَ جو چنڊ ـ پورنماسيءَ جو چنڊ. (اسم خاص) مديني منوره پرسان هڪ ڪوهه جو نالو (جتي حضور پاڪ ص جن مڪي جي قريش ڪافرن سان پهرين جنگ ڪئي هئي، جا "جنگ بَدْر" جي نالي سان مشهور آهي).
– **بَدْرُالدُّجيٰ:** ذ. اُونداهيءَ رات جو چنڊ. چوڏهينءَ رات جو چمڪندڙ چنڊ ـ بَدرمنير. (اسم خاص) حضرت محمد ص جن جو لقب.
• **بَدَر:** ذ. [ع. بَدَلَ] بدلو ـ عوض. انتقام ـ ويڙ. پاڙو جهاڙو ـ پاسخاطري ـ طرفداري ـ پاسو. [سن. واردَ] بادل ـ ڪڪر ـ جهُڙ.
– **بَدر پوڻ:** پاران پوڻ ـ بدلو ڪٽڻ ـ پاسو وٺڻ. عوض ڏيڻ. پاسخاطري ڪرڻ.
– **بَدر ڪَرڻ:** عوض وٺڻ. بدران ڪجهه وٺڻ. طرفداري ڪرڻ ـ پاسو وٺڻ.
• **بَدرانْ:** ظرف. [ع. بدل + اَنْ] عوض ۾ ـ بدلي ۾. پاران ـ طرفان.
– **بَدران پوڻ:** پاران پوڻ. طرفداري ڪرڻ ـ پاسو ڪٽڻ.

Gul Hayat Institute

• **بَدَرُ بانُ:** اسم خاص. هڪ ٽڪر جو نالو.
• **بَدْرقو ج بَدْرقا:** ذ. صفت. [ف. بَدْرَقَه] مسافريءَ ۾ رستو ڏيکارينڌڙ ـ بورائو ـ سُونهون. ساٿي ـ همراهه نگهبان ـ چوڪيدار (جو جان ۽ مال جي سلامتيءَ لاءِ ساڻ هجي). محافظ. هٿيارن سان سپاهي. ٻيءَ دوا سان گڏ ڏنل دوا ـ اَن پاڻ.
• **بَدْرو ج بَدْرا (ل):** ذ. [ع. بَدْرَة] چمڙي جي ٿيلهي. ڳنڍڙي ـ بدڙي. وڏو پيٽ. ڦوڪيل پيٽ.
• **بِدْري:** ث. [هـ] تامي ۽ جست جي مرڪب مان ٺهيل ڏاتُو (جنهن مان ٺهيل ٽانون تي چانديءَ سان جڙتَ اُکيريندا آهن).
• **بُدْرُ ج بُدُرَ(ت):** ذ. زنانو مخصوص عضو.
• **بُدْراکَ ج بُدْراکَ (ت):** ذ. پڙڪو ڪائي اوچتو ٻاهر نڪرڻ جي حالت. وڏو ٽپ ـ چال.
• **بُدْرَکو ج بُدْرَکا:** ذ. ڏسو "بُدراک".
• **بِدرِي ج بِدرِيُون:** ث. [ف. بَدْرَه] هَڙ ـ بدَ ـ بدڙي. ڳنڍڙي ـ ننڍڙي ڳنڍڙي. ڪاري جي ٻيڙيءَ کي اُتلڻ کان بچائڻ خاطر اُتل طور هڪ پاسي تي رکيل ڳوڙ (جا عام طرح ڪَکريءَ يا ريتيءَ سان پريل هوندي آهي).
• **بِدرِيو ج بِدرِيا:** ذ. صفت. بدڙي ڪٽندڙ ـ مزور. ضعيف ـ ڪمزور.
• **بِدرِيُون (ت):** ث. سارين جو هڪ قسم.
• **بِدْعَتَ ج بِدْعَتُون:** ث. [ع] نئين ڳالهه نئين ريت. دين يا شريعت ۾ نئين رسم (جا پيغمبر صه جن جي وقت ۾ نه ٿي هجي).
– **بِدْعَتِي ج بِدعَتِي:** ذ. صفت. شريعت جي خلاف ڪنهن نئين ڳالهه تي عمل ڪندڙ.
• **بَدَکَ ج بَدَکُون:** ث. [ع. بطَه: ف. بَتَکْ: سن. وَرَنَه] پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم ـ بَطخ.
• **بِدکائِيُ:** مصدر. [هـ. بِدکانا] ڀيڄارڻ. هراس ۾ وڃهڻ. ڪنبائڻ ـ ڏکائڻ. (بِدکابو ـ بِدکائيندو ـ بِدکايل).
• **بَد کِنارُ:** ذ. ڳهوڙي جو هڪ مرض (جنهن ۾ چمڙي ۽ رت خراب ٿي پوي).
• **بُدکِي ج بُدکِيُون:** ث. بُودکي ـ جو جکي ـ ريڇڪ ـ پُور. اوچتو وهم يا خيال. پُتکو ـ ٽينگ ـ ٽپو.
• **بَدْگِيرُ ج بَدْگِيرَ(ت):** ذ. صفت. بزگير ـ مزور. نوڪر ـ خادم.
– **بَدگِيري:** ث. بَزگيري ـ نوڪري ـ خادمي.
• **بَدلُ ج ـ :** ذ. [ع] عِوض ـ بَدلو ـ پاڙو جهاڙو. انتقام ـ ويرِ. نيڪيءَ جو عوض ـ جَزا. اُجورو. ڪيتو. قائم مقام ـ جاءِ نشين. [سن. وارِدَ] ڪڪر ـ جهُڙ. (صفت) ڪڪر جي رنگ جهڙو (ت) ـ ميرانجهڙو.
• **بَدْلَنْ:** مصدر. [ع. بَدَلَ = هن قيرايو] مَٽائڻ ـ قيرائڻ. مَٽڻ ـ قيرڻ. مَٽ سَٽ ڪرڻ. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ. قِرڻ. (بدليو ـ بَدلبو ـ بدليل).
– **بَدلائِنْ:** مصدر "بَدلڻ" مان متعدي بالواسطه. مَٽائڻ ـ قيرائڻ. قيُر گهيرڪرڻ. مَٽ سَٽ ڪرڻ. بدران رکڻ. ردبدل ڪرڻ.
– **بَدلجَنْ:** مصدر. "بدلڻ" مان فعل مجهول. مَٽجڻ ـ قِرڻ گهِرڻ.
– **بَدلِ سَدَلَ:** ث. مَٽا سَٽا ـ قيرگهيرـ ڏي وٺ.
• **بَدَلُو ج بَدَلا:** ذ. [ع. بدله] عوض ـ معاوضو ـ اُجورو. ويرُ ـ قصاص. انتقام. ڪيتو. جزا. روزمره جو لباس. ڍگهي تُرل يا نَلِيءَ وارو لوٽو ـ هڪ قسم جو ڪُونرُو ـ بَدنو.
– **بَدلو وٹ:** ويرُ وٺ ـ پاڙو جهاڙو وٺ.
– **بَدلِي ج بَدلي:** ذ. صفت. تيل يا گيهه وڪٽندڙ (جو گيهه يا تيل بدني ۾ رکندو هجي).
• **بَدلُواهُ:** اسم خاص. تعقلي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَدلِي ج بَدلِيُون:** ث. [ع. بَدَلَ] ملازم جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ مقرري ـ ملازمت جي قيرگهيرـ تبديلي. جڳهه جي مَٽ سَٽ.
– **بَدلي ٹِيڻ:** ڪنهن ملازم جي نوڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ مقرر ٿيڻ.
– **بَدلي ڪَرڻ:** ملازم کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ مقرر ڪرڻ.
• **بَدَنُ ج بَدَن:** ذ. [ع] جسم ـ جُثو ـ تَنُ ـ بُت.
– **بَدن پَرُ:** بدن اُپرو ٿيڻ. بُت نِسَتو ٿيڻ. مرڻ ڪنڊيءَ تي رسڻ.
• **بَدْنام ج بَدنامِيُون (ک):** ث. جُتي ـ ڪَرڪَٽُ ـ پيرَڙ ـ چاهُل (ک).
• **بَدنامُ:** ذ. [ف] گهوڙن جي هڪ بيماري (رت جي خرابيءَ سبب سُنبن، گوڏن، ٽڻن ۽ سار ۾ قَتَ ٿي پون).
• **بَدْنو ج بَدْنا:** ذ. [ف. بدنه (؟): سن. وَرْدَنَ(؟)] پِتل. جست يا تامي جو ڍگهيءَ ۽ مُڙيل نليءَ وارو لوٽو. ڏاتُوءَ مان ٺهيل هڪ قسم جو ڪونرُو. گيهه يا تيل رکڻ جو وڏو ڊبو [ع. بَدنَه] حج جي موقعي تي قُرباني لاءِ جانور (گَئُون يا اُٺ).
• **بَدو ج بَدا:** ذ. بَدلو ـ عوض (سگ جي صورت ۾).
– **بَدي جا سَگَ:** محاورو. هڪ سَگ جي عوض ٻيو سَگ.
• **بَدُو ج بَدُو:** ذ. [ع. بَدْوِيْ] عربستان جو ڳوٺاڻو ـ

Gul Hayat Institute

صحرانشين ـ بَدوي. جهنگلي ـ بدشكل. اڇاڻ ـ جاهل "وڳند وري آئيو. بَدُو سين بد بُوءِ" (شاهه).

• **بِدو ج بِدا:** ذ. اِنِيءَ ڏکر راند ۾ ڪم ايندڙ خاص قسم جي ٽُلهي ءِ ننديِ اِنِي (ل). اَڏڙ ڳُوڙ ـ اَڏڙي (ڪ).

• **بَدُوشَڪُ:** ذ. صفت. [سن. وِدُوشک] مسخرو. تالرُ.

• **بَدوکَ (لس):** اسم خاص. ڪراچي کان الهندي طرف جبل جي هڪ لڪ جو نالو.

• **بَدْوي ج بَدْوي:** ذ. صفت. [ع] عربستان جو ڳوٺاڻو ـ بَدوْ. صحرانشين ـ ٿَري "تت نمايو نيڻ، پَرجي بَدوين لءِ" (سيد هارون).

• **بَدي ج بَدِيُون:** ث. [ف] خرابي ـ بُڇڙائي ـ بُرائي. بدنيتي ـ بيائي. تهمت ـ بهتان ـ الزام. [سن. بَدِ] چند جي مهيني جو اُونداهو پک.

• **بِدي ج بِدِيُون:** ث. نندڙي ڳوٽري ـ هڙ (ت). بدڙي. نندڙي شيءِ (ڪ).

• **بُدي ج بُدِيُون:** ث. زنانو مخصوص عضو ـ شرمگاهه.

• **بِديس، بِديش:** ذ. [سن. وِديش] پرديس ـ پرڏيهه. پرانهون مُلک ـ ڏاريو ملک.

ـ **بِديسي، بِديشي:** ذ. صفت. پرديسي ـ پرڏيهي. ڏارئي مُلک جو ـ غير مُلڪي.

• **بَديعْ:** صفت. [ع] عجيب ـ اَنوکو ـ نِرالو. نايابَ ـ نادر ـ اَلهُ ـ ناپيد.

• **بَديعُ الْجَمال:** ذ. صفت. [ع] نهايت حسين ـ حسن ۾ بينظير. (اسم خاص) "سيف الملوک ـ بديع الجمال" واري عشقيه داستان ۾ "سيف الملوک" جي معشوقه جو نالو.

• **بَديلْ:** صفت. [ع] مثيل ـ نظير. جهڙو. ثاني.

• **بَدَيْلْ:** اسم خاص. (بَديلَ بن طهفَة) هڪ عرب سپه سالار جو محمد بن قاسم کان اڳ ديبل بندر تي حملي وقت شهيد ٿيو (جنهن جي قبر ٽي صديءَ ۾ مؤرخ بلاذريءَ جي ڏينهن تائين ديبل ۾ موجود هئي).

• **بَدِين:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ ضلعي جو نالو.

• **بَدين پوتا:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو (اڪثري حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾).

• **بَديهِ:** صفت. [ع. بَدَهَ = اوچتو مٽان ٻوڙ] اوچتائي ـ بيساختگي. حاضر جوابي ("بابَديهه" = ٺهه ٽپ، اُتي جو اُتي جوڙ؛ "عَلَي البَديه، عَلَي البَديهَة = اوچتو، سواءِ تياريءَ يا خيال جي، ٺهه پهه).

ـ **بَديهِي:** صفت. ظاهر ـ پڌرو. عقل موافق. يقيني. فطرتي. سُياويڪ.

ـ **بَديهي اَمْرُ، گالهه:** ث. جنهن گالهه ۾ دليل يا ثابتيءَ جي ضرورت نه پوي.

ـ **بَديهي شَعَر:** ذ. اُهو شعر جو سواءِ ڪنهن تياريءَ جي هڪدم چئي وڃجي.

• **بِديهِي:** ذ. صفت. [سن. وِديهي < و = جدا + ديهه = بدن] جنهن کي پنهنجي سرير جو ڌيان نه هجي ـ جسم جي حالات کان بيخبر. لاُبالي.

• **بِدَّ (ت):** ث. سامان جي ڳنڍ ـ بِدَ.

• **بِدّي ج بِدّيُون:** ث. [سن. وِدّ] چال چلت ـ هلت چلت. قانون ـ قاعدو. حڪر.

• **بَدْ (ڪ):** ت. گُڪُ ـ ڪُبُ.

• **بِدْ (ت):** ث. نشان. حقيقت ـ اصليت ـ بنياد. چالاڪي.

• **بَدَ ج بَدُوْن:** ث. اُٺ کي ڪَڇن وٽ گاٺ سبب ٽيل ڦٽ. بدي ـ هڙ (ل. ڪ). ڏندن جي مَرهي ـ مَهار.

ـ **بَدِ هٽڻ:** اُٺ جي ڪوڙيءَ جو ڪَڇُن کي لڳڻ ۽ گاٺ ڪرڻ.

ـ **بَدون پرچي پوڻ:** مَهارون پَرچي پوڻ.

• **بَدِ ج بَدِيُون:** ث. [ع. بَدْرَه] هَڙَ ـ پَري. نندڙي ڳُنڙي. سُست ماڻهو. ڪل ـ اَدوڙ.

• **بِدَّ ج بِدُوْن:** ث. [ع. بَدْرَة] وڏي هڙ ـ ڳُنڙي. پَري ـ بُنارڪ نندڙي ڳُنڙي. ڏُنبي يا ٻڪريءَ جي ڪَلَ (جا ٽيلهن ٽاهڻ ۾ ڪم اچي). (صفت) سُست ـ ٽوٽي.

• **بَدا (بَدْرا) ج بَدائُون (بَدْرائون) (ل):** ث. دغا ـ بيائي ـ ڪوٽ "اسان کي ڪنهن بہ قسم جي بَدا. دل ۾ آهي ئي ڪانہ" (جملو).

• **بَداماڻي پُنرو:** اسم خاص. "بَداماڻي" ذات مان سنڌ ۽ ڪڇ جي هڪ سورهيہ سردار جو نالو (جنهن لاکي سان مقابلو ڪيو هو) "اَڄ گهُرجين يار، بداماڻي پُنرا" (شاهه: ڏهر).

• **بَداڻي (بَدْراڻي):** اسم خاص. مري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **بَدِڙي ج بَدِڙيُون:** ث. [سن. بَدْرَه] نندڙي هڙ ـ بِدَ.

• **بِدِڪڙو ج بِدِڪڑا (ت):** ذ. صفت. پِتڪڙو ـ نندڙو. (ذ) ڪُڪڙ جو هڪ قسم.

• **بَدبو:** ذ. [سن. پادْر] سنبت جي ڇهين مهيني جو نالو.

Gul Hayat Institute

(صفت) جانورن جو هڪ رنگ ـ گَدو (ڪ).

• **بَدوکو ج بَدوکا:** ذ. [ع. بَدْرَه] وڏي هَڙ ـ وڏي بَد. پُنارَڪَ. وڏي ڳوٽري يا ٽيلهو. ٻانهُن وڊيل جسم ـ بَيري. (صفت) ٽُلهو تَنُپرو ـ مَتارو (ماڻهو). (ث) بَدوڪي ج بَدوڪيون.

• **بَدوکو (بَدْروکو) ج بَدوکا (بَدْرُوکا) (ل):** ذ. پاڻيءَ ۾ اُپرندڙ گاهه جو هڪ قسم (پَن ويڪرو. اڪثر پاڻيءَ جي پڪين جو ڪاڇ ٿئي) ـ تماڪ رکڻ جي ڳوٽري.

• **بَدي (بَدْري) ج بَدِيُون (بَدْرِيُون):** ث. [ع. بَدْرَه] جمڙي جي ڳوٽري (جنهن ۾ پئسا وغيره. يا ٻي ڪا شيءِ وڌهي رکجي) ـ هميائي. اَڻ ڪَتريل گهَٽي (يا ٻَڪريءَ وغيره) جي رَڳيل ڪَلَ (جا عموماً ڪوهستان ۾ اَٽي وڌهڻ جي ڪم اچي). پَري ـ بَد. هٽن پيرن وڊيل جسم ـ بُيري. چَٽي ـ بارُ ـ پَري (ل). ٻَڪريءَ جو هڪ رنگ (ڪ).

– **بَدي ٽي پوڻ:** سُست ٽي پوڻ. ٻئي تي بار ٽي پوڻ.

• **بَذْل:** ذ. [ع] بخشش. ڏاڻ. عطيه.

• **بَذْلَه:** ذ. [ع. ف] ظرافت ـ چرچو گهَٻو. خوشطبعي. مسخري.

• **بَذْلَه سَنْج:** ذ. صفت. ظريف ـ نڪته دان. پوڳائي ـ چرچائي.

– **بَذْلَه سَنْجي:** ث. ظرافت. نڪته داني. چرچو گهٻو ـ پوڳ. خوشطبعي.

– **بَذْلَه گو:** ذ. صفت. خوشطبع ـ چرچائي ـ ظريف.

– **بَذْلَه گوئي:** ث. ظرافت ـ بَذله سَنجي.

• **بُر:** حرف جر. [ف] تي ـ مٿان. اسم مفعول اڳيان اچي 'صفت' يا 'ظرف' جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "بُرگَشته، بَرجَسْته".

– **بَرآمَدْ:** ث. [ف] نتيجو. آمدني ـ اُپراسو. خرچ. روانگي ـ نيڪال.

– **بَرآمَدْگي:** ث. [ف] واپسي ـ روانگي. حاصلات ـ پيداوار.

– **بَرآمَده:** ذ. [ف] وراندو.

– **بَرآوَري:** ث. [ف] پُورت ـ پورائي ـ سرانجامي.

– **بَرأجِنْ:** پُورو ٽيڻ (مقصد. اِرادو) ـ سَرانجام ٽيڻ.

– **بَرأفروخْته:** صفت. [ف] ڪاوڙيل. غصي ۾ پريل. پڙڪايل ـ چيڙايل. روشن.

– **بَرأنْگيخْته:** صفت. [ف] ڪڙو ڪيل ـ اُپاريل ـ پڙڪايل.

– **بَرباد:** صفت. [ف] ناس ـ چٽ.

• **بَرتَر:** صفت. [ف] تمام اُتاهون ـ وڏيڪ بلند. وڏيڪ درجو رکندڙ.

– **برتَري:** ث. [ف. بُرتَر] مٿانهين ـ بلندي ـ اُچائي. وڏائي ـ عظمت.

– **بَرتَرين:** صفت. [ف] سڀ کان مٿانهون.

– **بَرتَقْدِير:** ظرف. [ف. بَر = تي + ع. تقدير] 'فرض ڪري وٺو ته'.

– **بَرتَر:** ظرف. [ف] پيرن تي (بيٽل) ـ پيرن ۾. ڪڙو ـ قائم.

– **بَرپا ڪَرڻ:** ڪڙو ڪرڻ ـ اُتارڻ. قائم ڪرڻ.

– **بَرجا:** ظرف. [ف] جاءِ تي جائيتو ـ ٺيڪ ـ موزون. برابر ـ واجبي.

– **بَرجَسْتَه:** ذ. صفت. [ف] پهلوان ـ چُست ـ چالاڪ نامور ـ مڪيه.

– **بَرجَشْم:** ظرف. [ف] اکين تي. منظور ـ قبول.

– **بَرحال:** ظرف. [ف+ع] برابر ـ واجبي ـ موزون. قائم.

– **بَرحَقّ:** ظرف. [ف+ع] حق تي ـ سچ تي. برابر ـ درست ـ بجا ـ سچ پچ. سچو ـ ٺيڪ ـ صحيح.

– **بَرخاسْت:** ظرف. [ف] مهمل.

– **بَرخِلاف:** ظرف. [ف+ع] اُبتڙ ـ مخالف ـ ناسازگار. (صفت) دشمن ـ ويري.

– **بَرداشْت:** ث. [ف. بُرداشْتَنْ = سهڻ] سَهڻ جي طاقت. تحمّل ـ بُردباري ـ ڪانڊ.

– **بَردَوام:** ظرف. [ف + ع] دائما ـ سدائين. هميشه.

– **بَرزَبان:** صفت. [ف] زبان تي. ياد ـ ڪَنڌ ـ حفظ.

– **بُرسَر:** ظرف. [ف] مٿي تي ـ سِر تي. مٿان. (ظرف) آخر ـ نيٺ.

– **بَرسَرِ اِقْتِدار:** صفت. [ف+ع] عزت وارو. اختيار وار.

– **بَرسَرِ بازار:** ظرف. [ف] بازار ۾ ـ ڪليو ڪلايو ـ پڌريءَ پٽ.

– **بَرسَرِ پَيکار:** ظرف. [ف] جنگ جي حالت ۾. جنگ ۾ مصروف ـ لڙائيءَ ۾ رُڌل.

– **بَرسَرِ مَطلب:** ظرف. [ف. بَرسَر + ع. مطلب] اصل مقصد تي.

– **بَرصواب:** ظرف. [ف+ع] ٺيڪ ـ برابر ـ صحيح ـ پُورو.

– **بَرطَرَف:** ظرف. [ف+ع] پاسي تي ـ علحدو ـ پاسيرو ـ الڳ ـ جدا. خارج ـ موقوف (ملازمت مان).

– **بَرعَکْس:** ظرف. [ف+ع] اُبتڙ ـ خلاف ـ اُلٽو.

– **بَرقَرار:** صفت. [ف+ع] بحال ـ قائم ـ ثابت.

– **بَرکِنار:** ظرف. [ف] هڪ پاسي. ڌار ـ الڳ.

– **بَرگَزيده ج بَرگُزيدا:** ذ. صفت. [ف] چونڊيل ـ ڏٺيل. مقبول ـ محبوب. نيڪ ـ بزرگ. ڪامل ـ پهتل. معزز ـ معتبر.

– **بَرگَشْته ج بَرگَشْتا:** ذ. صفت. [ف. بَرگَشْتَه] اُبتو ٽيل ـ قريل. پريشان (حال). بدبخت ـ نياڳو.

– **بَرمَحَل:** ظرف. [ف+ع] موقعي تي ـ بروقت ـ ٺهه پهه.

– **بَرملا:** ظرف. [ف] ڪُليو ڪلايو ـ ظاهر ظهور ـ پڌريءَ پٽ.

Gul Hayat Institute

– **برموقع:** ظرف. [ف+ع] موقعي تي ـ مهل سر.
– **برووقت:** ظرف. [ف+ع] اُنهيءَ مهل ـ اُتي جو اُتي ـ ڏاڍي تي ـ تڙي ڪڙي.
• **بر:** ذ. [ف. برُدن (=بار کڻڻ) > بَر] قَلْ ـ قَر ـ ثمر. حاصل ـ فائدو. [زنڊ. وَر] پاڪر. ڇاتي. عورت جو سينو.
– **برخوردار:** ذ. صفت. قَل ڪائيندڙ. مُرادوند. نيڪ بخت (پٽ).
– **بردار:** صفت. ميوي وارو (وڻ) ـ ميويدار ـ ثمردار.
– **برڪڇڻ، مَڙڻ:** سينو ساهڻ ـ برابري ڪرڻ ـ برميڇڻ.
• **بِر:** صفت. [ع. "بَري ءٌ" جو مخفف] پاڪ. ڇُٽل. بيزار.
• **بِرٽيڻ:** آزاد ٿيڻ. صاف ٿيڻ.
• **بَر:** ظرف. برابر "بَر نہ تنهن برو بَري، ڪَينچل آهه ڪُجا" (رمضان ڪنپر).
– **برآڇڻ:** برابر ٿيڻ. هڪجهڙو ٿيڻ.
– **بروجڻ:** تعميل ۾ آڇڻ.
• **بَرُ ج بَرَ:** ذ. [ف. بَر] ويڪر ـ موڪرائي ـ مُنڊيو. ڪپڙي جو ٽِنو ـ عَرض. [ع. بَرّ] رڻ پٽ ـ بيابان "بَر پڙ ڪن بُڪاءَ اُڪندئا آريءَ لاءِ گهٽو" (شاه). وسيع مُلڪ (جنهن ۾ پرڳڻا گهٽا هجن) ـ ڪنڊ. ٽڪل حالت ۾ وهنجڻ يا پاڻي پيئڻ ڪري بدنَ ڪُڙجي پوڻ جي حالت (ت).
– **بَرِ أعْظَمْ:** ذ. وڏو ڪنڊ.
– **بُرِيتْ ج بَرِيتْ:** ذ. بيابان ـ رڻ پٽ. غيرآباد زمين. ويرانو ـ سُڃ.
– **برلاهڻ (ت):** تَڪ ڇڪ. تعدي ڪرڻ. جماع ڪرڻ.
– **بَر مُنْهُنْ ڏيڻ، ڪرڻ:** جهنگ مُنْهُن ڪرڻ ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ.
• **بِرْ:** ذ. [ع] چگائي ـ نيڪي ـ پلائي.
• **بِرُ ج بِر:** صفت. [سن. وِراڊ] بيزار ـ هلاڪ ـ ڪَڪ. وراڊل ـ ڪاوڙيل. ٽاهڻ (چوپايو مال).
– **برٽو ج برٽا (ت):** ذ. صفت. وراڊل ـ سخت ڪاوڙيل.
– **برّڻي بهيڻ:** ڪاوڙ ۾ پرجي يا مچي بيهڻ. شِنگ ٽي بيهڻ.
– **برّٽيڻ:** بيزار ٿيڻ ـ تنگ ٿيڻ. تِڪو ڪاوڙجڻ. ڇهڻ.
– **برّڪرائڻ:** ڪاوڙائڻ. ورڇائڻ ـ ڪَڪ ڪرائڻ.
– **برّمُنْهون:** ذ. صفت. سوندِ مُنْهون ـ مُنهنْ سوٽل. بدشڪل.
• **بُرْ:** ذ. [ع] ڪڪ ـ گندم "تَمر بُرّ بريان اُنِ جا، ڪاجَ خرما، ڪيڻ" (سيد هارون).
• **بُرُ ج بُرْ:** ذ. [ف. بُريدن] بيبدولو. (وڏيل، مِنو يا لڙڪيل) نَڪ. وڏيل يا مِني نڪ سان مُنهن ـ بُوناڙ ـ دوناڙ. پيٽ ـ شڪم (ل). ڏنڊ ـ چَٽي (ل). وَڏُ ـ جِيرُ ـ چيهه (ڪ). هڪرين جو ڏڻ (ڪ). (ذ. صفت) نَڪ ڪپيو ـ بي نَڪو ـ بُرو. بدچال.
– **بُرْ پُرڻ:** گهرج پُوري ڪرڻ. چَٽي پرڻ (ٻئي جي پاران). نقصان جي پورائي ڪرڻ.
– **بُرْ ٽيڻ:** ٽاهه پوڻ سبب چوپايو مال هڪ هنڌ گوڙهه ٽيڻ. جدا ٽيڻ (ڪ).
• **برابَر:** ظرف. [ف. برابَر = بَرْ + اَ + بَرْ = سِيني سان سِينو] هموار ـ سنئون ـ سِڌو. هِڪجهڙو ـ ثاني ـ مَٽ. پيچي. هموزن. پُورو ـ ٺيڪ ـ صحيح ـ درست. (ث) رياضيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ نشاني (=).
– **برابَر ڪَرڻ:** هڪ سنوت ۾ آڻڻ. هڪجهڙو ڪرڻ. سنوارڻ. پورو ڪرڻ. ٺيڪ ڪرڻ ـ درست ڪرڻ. هموزن ڪرڻ.
– **برابَرو:** ذ. برابري.
– **برابرو ڪَرڻ:** برابري ڪرڻ. همسري ڪرڻ. سينو ساهڻ. مقابلو ڪرڻ.
– **برابَري ج برابَريُون:** ث. هڪجهڙائي ـ يڪساني ـ موافقت. هموارِي. هموزنائي. پُورائي. همسري ـ مقابلو.
– **برابَري ڪرڻ:** همسري ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ.
• **سينو ساهڻ.** مَٽ پوڻ. گستاخي ڪرڻ ـ بي ادبي ڪرڻ.
• **برات ج براتُون:** ث. [ع. بَرَآءة = چوٽڪارو. معافي. بيزاري، چٽاءُ، نوٽيس] چٺي. فرمان ـ حڪم. سَنَد ـ پروانو. بينڪ جو چيڪ. اَمان. چوٽڪارو. بيزاري. [سن. وْراتَ = ميڙ. جماعت. لشڪر. ڄڃ] حَجّ. جُجُ. خوشي ـ عيد ("عيد برات يا شب برات" = شعبان مهيني جي چوڏهين رات، جا مسلمان عيد ڪري ملهائيندا آهن). پَتن (راند) جو هڪ رنگ.
• **براتِي ج براتِي:** ذ. صفت. چوٽڪاري جو پروانو يا سند ولندڙ. روزي ولندڙ. گهوٽيتو ـ ڄاڃي.
• **برات:** صفت. چمڪندڙ ـ منوّر ـ نُوراني. تمام سفيد.
• **بُراتو ج بُراتا (ڪ):** ذ. ويهن پنجويهن هڪرين جو ٽولو.
• **براپتي:** ث. ڪپهه جو هڪ قسم (وڏن ڦِينڇهن واري عمدي ڪپهه، جا ڀاڪا ۾ پوکجي ٿي).
• **براجُ ج براجَ:** ذ. [انگ. barrage] درياءَ کي ڏنل دروازن وارو بُنڊو. دريائي بند.

Gul Hayat Institute

• **بَراجَ ج بَراجُون:** ث. براج.

• **بِراجَمانَ ج بِراجَمانَ:** ذ. صفت. [سن. وِراجَمانَ = چمڪندڙ، عمدو، سُهڻو] روشن ـ منوّر. جلوه گر ـ رونق افروز ـ جلويدار.

– **بِراجمان ٿيڻ:** زينت بخشڻ (مجلس کي) ـ صدر بنجڻ ـ مير مجلس ٿيڻ. مجلس ۾ رونق افروز ٿيڻ.

• **بِراجَڻ:** مصدر. [سن. وِراجَ = چمڪڻ، مظاهرو ڪرڻ، راج ڪرڻ] سينگارجڻ ـ ڏيکڻ. ٽڪ ۾ رهڻ ـ مزا ڪرڻ. (براجيو ـ براجيندو ـ براجيل).

• **بَرادَ ج بَرادُون:** ث. [ع. بَرآءَة: سن. وُرات] بَراتَ. ڇج. مجلس ـ محفل. عيد برات ـ شب برات ـ عيد. شادي ـ خوشي "جا بَراد بتن جي، سا اُڄ بک آديسين" (شاهه).

– **بَرادي ج بَرادي:** ذ. صفت. ڏسو "بَراني". لنگهو (جو ڇڇ ساڻ گڏ جهنگ جهر مان دهل وڄائيندو هلي) "سمر آهي سُڄ ۾، وفادار برادي" (رسالو: ڏناسري). مائٽهوءَ جو نالو.

• **بِرادَرْ:** ذ. [ف. بِرادر = پاءُ، سن. پِراتْرَ، پْراتا = پاءُ] ادو ـ پاءُ. مٽ ـ مائٽ ـ عزيز. هم قوم. راڄ شريڪ. هم مذهب.

– **بِرادر ج بِرادرِيُون:** ث. برادري ـ پائپي. نيات ـ پائجاري. مائٽي. ذات.

– **بِرادَرِ اَخْياني:** ذ. اُهو پاءُ جو ساڳيءَ ماءُ مان هجي پر پيءُ ٻيو هجيس ـ مائيتو پاءُ.

– **بِرادَرِ اَعْياني:** ذ. سَڳو پاءُ.

– **بِرادَرانه:** صفت. ظرف. پائپيءَ واري نموني جو.

– **بِرادرانِ يُوسِفْ:** ذ. (ف. يوسف جا پائُر جن خيانت ڪئي هئي) مخالف پائُر.

– **بِرادَر جو مُنْهُن (ت):** محاورو. پائپيءَ جو ڏوهه. ذات وارن جو ڏوهه. مٽي مائٽيءَ جو پَلئُ.

– **بِرادَر حَقِيقي:** ذ. سڳو پاءُ.

– **بِرادَرْ خواڻدگي:** ث. پاءُ سڏائڻ جي حالت.

– **بِرادَر دين:** ذ. دين پائي. برادَرِ رضاعي ـ ٽڇ شريڪ پاءُ.

– **بِرادَر رِضاعي:** ذ. ٽڇ شريڪ پاءُ.

– **بِرادَرزادو ج بِرادَر زادا:** ذ. صفت. پاءُ جو پٽ ـ پائٽيو. برادريءَ جو ٻار.

– **بِرادَري ج بِرادَرِيُون:** ث. پائپي ـ پائيبندي مٽي مائٽي. عزازت. قرابت. نيات ـ ساڳي قوم. جماعت.

– **بِرادري ڪَرڻ:** پائپي ڪرڻ. پلائي ڪرڻ. سڳ ڪرڻ.

– **بِرادريءَ مان ڪَڍڻ:** راڄ مان ڪڍڻ. جماعت يا نيات مان ڪڍڻ. ٽالهيءَ پاڇيءَ مان ڪڍڻ ـ ڦيلهيءَ مان ڪڍڻ.

• **بَرادِيا:** اسم خاص. لس ٻيلي طرف مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بَرازْ:** ذ. [ع] پائخانو ـ ڪرفتي "بُو. بِزار = تورو پيشاب".

• **بُرَاقَ ج بُرَاقْ:** ذ. [ع] اُها سُواري جنهن جي ذريعي حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن معراج رات يروشلم کان آسمان تي پهتا.

– **بُرَاقَ ڪَرڻ (ت):** بيمار يا زخمي گهوڙي کي سير وجهڻ.

• **بَرَاڪَ ج بَرَاڪُونْ:** ث. [انگ. barrack] لشڪر جي رهڻ جي جاءِ ـ ڇانوٽي ـ سپاهه خانو. سامائجڻ کي ويجهي (چوڪري) ـ بالغ ٽيڻ واري وڏي چوڪري.

• **بَرَاڪِي ج بَرَاڪِيُون (ت):** ث. وادڪي ڪم جو هڪ اوزار.

• **بَرانْدو ج بَرانْدا:** ذ. [ف. برآمده] ورانڊو. آڱڻ ـ دالان.

• **بُرّانْ:** صفت. [ف. بُريدَنْ = وڍڻ] وڍيندڙ ـ ٽڪو ـ تيز.

• **بُرانجْ:** ذ. گاه جو قسم (لَنب جهڙو)، سدائين سائو. اَنْ ڏڻ طور ڪائجي.

• **بِرانْچَ ج بِرانْچُونْ:** ث. [انگ. branch] شاخ. پاڳو ـ حصو. وڏي واهه مان نڪتل ننڍو واهه.

– **بِرانْچ اِسْڪُولْ:** ذ. وڏي اسڪول سان لاڳاپيل ننڍو اسڪول.

– **بِرانْچ پوسٽ آفِيسَ:** ث. وڏي پوسٽ آفيس سان لاڳاپيل ننڍي آفيس.

• **بِرانْڊي ج بِرانْڊِيُونْ:** ث. [انگ. brandy] ولايتي شراب جو هڪ قسم.

• **بِراٽو ج بِراٽا (ت):** ذ. صفت. [سن. وِراڊَ > سنڌي. برُ > براٽو] وراڙل ـ ڪاوڙيل ـ غُصي.

• **بْرآوَرْد:** ذ. [ف] ضرب ـ ڪوڙو. تخمينو. حساب ـ ليکو. حاضريءَ جو نقشو. پگهار جو بل.

– **بَرآورد پَڄڻ:** ضرب ڪرڻ ـ ڪوڙو پڄڻ.

– **بَر آورد ڪرڻ:** حاضري وٺڻ. حساب ڪرڻ.

• **بِراهْماڻِي:** اسم خاص. بلوچن جي مختلف قبيلن ۽ پاڙن جو نالو.

• **بِراهُوئِي:** اسم خاص. ڏسو "بِروهِي".

• **بَراءَ ج بَرائُون (ڪ):** ث. [ف. بَلا] زحمت ـ تڪليف ـ مصيبت.

– **بَرائُون کَٹڻ:** بلائون ڪٽڻ. زحمتون ڪٽڻ.

Gul Hayat Institute

• **بَرائَتَ:** ث. [ع] چوٽڪارو ـ آزادي. ڏسو "بَرات".
• **بِرائي:** اسر خاص. "لس ہيلي" ۾ رهندڙ "مينگل" قبيلو.
• **بُرائي ج بُرائِيُون، بُرايُون:** ث. مَدي. بُڇڙائي ـ خرابي. قباحت. عيب. الزام ـ تهمت. هَجُو ـ گِلا.
– **بُرائي تي اُڻڻ:** بڇڙائيءَ تي سنيرڻ.
– **بُرائيءَ تي اُڃڻ:** بُڇڙائي ڪرڻ تي تيار ٿيڻ.
• **بَرائي:** حرف جر. [ف] جي واسطي "برائي خدا = خدا جي واسطي".
• **بُڑباد:** صفت. [ف] قتل ـ ويران ـ اُجڙ. غيرآباد. پَڙ پانگ. (ظرف) دُف ـ چَٽ ـ تباهه ـ ناس. خراب. ضايع.
– **بَرباد ڪرڻ:** ناس ڪرڻ ـ چٽ ڪرڻ ـ تباهه ڪرڻ.
– **بَربادي ج بَربادِيُون:** ث. سُڃَ ـ تباهي. پينگ. نابودي ـ نيستي ـ فنا.
• **بُڑبانڈ ج بُڑبانڈ:** ذ. صفت. برباد.
• **بُرَبَتْ ج بُرَبَتْ (ت):** ذ. وڏي جُونْءَ ـ رِنڈ (ت) ـ تولهَرُ ـ بودو (ل).
• **بُڑبَر:** صفت. [ع] جهنگلي ـ وحشي. (اسم خاص) اُتر آفريڪا جو هڪ علاقو (جو وڏي رڻ پٽ جي اُتر ۾ آهي، جنهن ۾ طرابلس، تيونس، اَلجيريا ۽ موراڪو شامل آهن).
– **بَربَرِيّتَ:** ث. جهنگليڻو ـ وحشانيت.
• **بُڑبَري ج بُڑبَرِيُون (ڪ):** ث. هڪ قسم جي وڏي ٻَڪري ("بَر بَر" ملڪ جي). هرٽيءَ جو هڪ قسم "سان هن ڇپن پانهنجي. بيسڪ آئي سان بَربَري".
• **بُڑبَطْ:** ذ. [ف] ساز جو هڪ قسم ـ سُرندو.
• **بُرْبُلْ ج بُرْبُلِيُون:** ث. [ف. بُلبُل] بُلبل ـ پوري ـ عَندليب.
– **بُرْبُلو ج بُرْبُلا:** ذ. نر بُلبل.
– **بُرْبِلي، بُرْبُلي ج بُرْبِليُون، بُرْبُليون:** ث. مادي بلبل. (صفت) بلبل وانگر ٽهڪيون ڏيندڙ ـ نچڻي. ڪجري. نازنخري واري ـ نخريلي. چالاڪ.
• **بُرْبُلو ج بُرْ بِلا:** ذ. [ف. بُلْبُل] بُلبُل. (صفت) گوسڙو. بي فرمان. لاڏلو. پيارو ـ سڪيلڏو.
• **بُرْبُلو ج بُرْبُلا:** ذ. صفت. [سن. پُور] گهٽو ـ جام ـ بَهُون ـ ريل چيل.
– **بُرْبلاڻَڪا:** ذ. جهجها ٽڪا. ريل چيل ڏوکڙ "پُراڻي ڳوٽري، بُرْبُلا ٽَڪا" (چوٽي). حرام جا پئسا.
• **بَرْتاءُ:** ذ. [سن. وَرْتَنْ] ورتاءُ ـ هلت ـ روش ـ سُلوڪ ـ رَوَيو.
• **بَرتاسُرخي:** ث. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم (ڳاڙهي رنگ جو ڪونُ).
• **بَرْتَر:** صفت. [ف] وڌيڪ مٿانهون ـ تمام اُتانهون ـ بُلند.
– **بَرْتَري:** ث. مٿانهين ـ بلندي. وڏائي ـ بزرگي. فضيلت.
• **بَرْتَنْ، بَرْتَنْ ج بَرْتَنْ، بَرْتَنْ:** ذ. [سن. باتْرامَ = برتن] ٽانءُ ـ باسڻ ـ رَڇُ.
• **بُڑٹ ج بَرْٹ:** ذ. ڪپڙي وغيره تي سُٽ يا ريشم جي گلڪاري ـ پُڑٹ. [انگ. berth] جهازن جي بيهڻ جو هنڌ.
• **بَرْتو ج بَرْتا:** ذ. [هـ. پرتا] پَٽائن. ميهن. واڳڻ وغيره جو ٽريل ڇورو ـ پَرتو ـ بَرفو.
– **بَرتو ڪَڍڻ:** سخت مار ڪڍڻ.
– **بَرتو ڪَرڻ:** ماري مُڇ ڪرڻ ـ ڪُٽي باهه ڪرڻ.
• **بَرْتُو ج بَرْتُو:** صفت. پَرتُو ـ پَريل.
• **بِرْتو ج بِرْتا:** صفت. [بي + رِتو = بنارٽ جي] اوِرتو ـ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي. اجايو ـ نڪمو ـ بيڪار.
• **بَرْتي ج بَرْتِيُون:** ث. [پَرتي > بَرْتي] موجودي ـ مُيَسري ـ موجودات. پورائي. بادِيءَ سبب پيٽ جو پَرَاءُ ـ بدهضمي ـ جوگير.
• **بِرْتِش:** صفت. [انگ. British] انگريزن جو ـ برطانوي.
– **بِرتِش سَلْطنت:** ث. انگريزن جي حڪومت.
• **بُرْتُ ج بُرَتْ (ت):** ذ. صفت. بُٽ ـ سُڪل ـ خشڪ (زمين). ويران ـ غيرآباد.
• **بَرْپا:** صفت. [ف. برپا (بر = تي + پا = پير) = پيرن تي] پيرن پَر. بيٺل ـ قائم.
– **بَرپا ٿيڻ:** قائم ٿيڻ. وجود ۾ اچڻ.
– **بَرپا ڪَرڻ:** ڪڙو ڪرڻ ـ قائم ڪرڻ. اُتارڻ.
– **بَرپا هُئڻ:** قائم هئڻ.
• **بَرْبَتْ ج بَرْبَتْ:** ذ. بيابان ـ رڻ ـ صحرا "ڪرڙا ڏونگر. ڪَهه ڪهٽي. جت بربت بيابان" (شاه). ويراني ـ سُڃ.
• **بَرْجَ:** ث. [سن. وَجَر = وج] وج. وج جا ڪڙڪاٽ.
• **بُرْجَ:** ث. [سن] خلاءُ. ويراني.
• **بُرْجَ ج بُرْجَ:** ذ. [ع] قلعي جو ٽل ـ ڪُنگرو. منارو "ڏٺو اڄ اڏيو. هِنيَڙو ڪوٽ بُرج جيئن" (شاه). سج جي دائري جي ٻارهن منزلن مان هڪ منزل [سج جي انهيءَ دائري کي عربيءَ ۾ "دائرة البروج" يعني بُرجن جو گهيرو چوندا آهن. ۽ هنديءَ ۾ ان کي "راس منڈل" چون. اُهي برج پنهنجي جدا جدا اَثرن ڪري چئن عنصرن ۾ ورهايل آهن، هر هڪ عنصر ۾ ٽي بُرج آهن. آبي بُرجَ: سَرْطانُ (ڪيڪڑو)، عَقْربُ (وڇون)،

Gul Hayat Institute

حُوت (مڇي)، آتشي بُرج: حَمَلُ (گهيٽو)، اسد (شينهن)، قوس (ڪمان)، بادي بُرج: جَوزا (جاڙا)، ميزان (ساهمي)، دَلْوُ (ڏول)، خاڪي بُرج: ثَورُ (ڍڳو)، سُنْبُلَهْ (سنگ) ۽ جَدي (ٻڪرو)]. تارن جو ميڙ. شاخ ـ چوٽي "اڄ رسيلا رنگ باد ڪڍيا بُرجن سين" (شاهه).

• **بَرْجا:** ظرف. [ف. بَر = بي + جا = جاءِ] جايائتو ـ هنڌائتو. برابر ـ ٺيڪ پُورو. واجبي ـ موزون. (ث) جميعت ـ ماڻ ـ بيفڪري (لس).

• **بِـرَج پاشا:** ث. بِـرَجْ علائقي (مٿرا ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ جنهن ۾ بندرابن، گوڪل وغيره شامل آهن) جي هولي (جا سنسڪرت جي پاشائن ۾ فصاحت ۽ بلاغت ڪري ممتاز آهي).

• **بَرْحَسْتو ج بَرْحَسْتا:** ظرف. [ف. بَرْحَسْتَه] بروقت ـ برمحل ـ عين موقعي تي ـ وقت تي. (صفت) چُست ـ چالاڪ ـ ڪڙو تڙو. نمايان ـ ممتاز.

• **بِـرجُلَ ج بِـرجُلُونْ (ت):** ث. نار جي چڪر ۾ پيل هڪ ڪائي ـ پِـرجُلَ.

• **بِـرْجِلوت ج بِـرْجِلوٹُونْ:** ث. [انگ. bridge-load] ڪارتوسن واري بندوق. (صفت) تيز رفتار.

• **بَـرْجَنْگَ ج بَـرْجَنْگَ:** ذ. [سن. مِـرْدنگ] هڪ قسم جو ساز ـ مِـرْدَنگَ (دهل) "سازَ سارنگيون سُرندڑا، وڄائين بَرجنگَ" (رسالو).

• **بَرْجَنْ (ت):** فعل مجهول. [بَرجڻ > بَرجْ] ٿڪ سبب بيمار ٿي پوڻ. تنگون چڙهي پوڻ ـ ڪُڑجي پوڻ. (بريو ـ بربو ـ بريل).

— **بَرجي پَوڻ:** بدن ڪُڑجي پوڻ. جسم ونجي پوڻ. بُت سڪي پوڻ. ڏاڍو ٿڪ ٽيڻ.

• **بِـرجِيس:** ذ. [ع] مُشتري گرهه (جو ڇهين آسمان تي آهي، ۽ "سَعد" ليکبو آهي، "فلڪ جو قاضي" ب جونس).

• **بَرْجَنْ (ک):** مصدر. [بَر اُڇڻ > بَرجڻ] مشابهت رکڻ. هُوبَهو هُجڻ. ٺهي وڃڻ. (بَرجيو ـ بَرجيندو ـ بَرجيل).

• **بِـرْج ج بِـرِچ:** ذ. [سن. وِرِڪْشَه = وڻ] وِرِڪ ـ وڻ ـ درخت.

— **بَرْجِي بَردار:** ذ. صفت. نيزي بَردار ـ پالي وارو.

• **بَرْحال:** ظرف. [ف] حال تي. قائم. ٺيڪ ـ صحيح ـ درست.

• **بَرْحَقْ:** ظرف. [ف. بَرْ (=تي) ع. حَقْ (=سچ) = سچ تي، حق تي] سچ ـ ٺيڪ ـ درست ـ بجا ـ برابر. (صفت) حق تي ـ سچو "الله هيڪ، محمد برحق، شال مان چوان حرف اِهي ئي" (شاهه).

• **بَرْخاسْتْ:** ظرف. [ف. بَرخاستن =اُٿڻ] بس ڪري اُٿڻ. ختم ـ بند. موقوف.

— **بَرخاست ڪرڻ:** اُٿڻ (ڪچهري) ـ بند ڪرڻ. موقوف ڪرڻ. لاهڻ (نوڪريءَ مان).

• **بَرْخِلاف:** ظرف. [ف. بَر + ع. خلاف = اُبتڙ] اُبتڙ ـ اُلٽو ـ ناموافق. مخالف. دشمني ڪندڙ ـ منگهُرو.

— **بَرخِلافي ج بَرخِلافِيون:** ث. مخالفت. دشمني.

• **بَـرْخو:** ذ. بَرٽو ـ بَرقو.

• **بَـرْخُورْدارْ:** ذ. صفت. [ف. بَرخُور = شان، آسودگي، بخت، روزينو + دار = رکندڙ] خوش بخت. روزي بردار. پُٽ جو لقب.

• **بَـرْد:** ث. [ع] ٺَڏ ـ سَردي.

• **بَرِدُ (ک):** ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ اوساريءَ جي سڏائي جانچڻ جو اوزار ـ شاهَلُ.

• **بَـرْدُ ج بَـرْدَهْ:** ذ. [سن. بَلِيوَرْدَه] ڍڳو ـ ڏاند ـ بيل ـ بَڙدَ (ل) "ڏاگهنئون ڏيرن، آندا برد پنيور ۾" (شاهه).

• **بِـرْدُ ج بِـرْدَ:** ذ. [سن. وَرِدّ = واڌارو، خوشي، دولت؛ هـ. بِـرَدْ = ناموس، نالو، ساراهه] ناموس ـ ساراهه ـ نيڪنامي. عزّت ـ آبرو ـ وقار ـ شان. پَت ـ لَج ـ شرم ـ ننگ.

• **بَـرْدِ:** ث. [ف. بُـرْدَنْ = ڪٽي وڃڻ] حاصلات ـ آمدني. نفعو. رشوت. شطرنج راند ۾ هڪ ڌر طرف فقط 'بادشاهَ' جو اڪيلو رهجي وڃڻ واري حالت (جنهن کي اڌ راند چوندا آهن). آڏ مڙ جو پٿر. ڳُجهارت. پَٽاپَٽي ڪپڑو.

— **بُرد يَماني:** ث. ريشمي پَٽا پَٽي ڪپڙي جي پوشاڪ.

— **بُرد ڏيڻ:** شطرنج راند ۾ مخالف جو صرف بادشاهه بچائڻ. ڏوڙ يا مستيءَ مان ٻڌاڪ هٽڻ (ڪ) هڪ جي ٻِي ٻڌائڻ. آڏو جواب ڏيڻ.

• **بَـرْدار:** ث. [ف. بَـرْ = تي + دار = سُوري] قاسي ـ سُوري ـ موت "لاڻن ڪارڻ لڄ، باسيائين بردار جي" (شاهه).

• **بَـرْداڑْ:** ذ. صفت. [ف. بَـرْداڑ > برداشتن = ڪٽڻ] اسم جي پٽيان "ڪندڙ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دست بردار، عَلَم بردار، وغيره". [ف. بَـرْ = ميوو + دار] ميويدار ـ قلدائڪ (وڻ). برَوارو ـ موڪرو (ڪپڑو).

• **بَـرْداشْتْ:** ث. [ف] سهپ. طاقت. تحمّل ـ بُردباري ـ ڪاڏ.

— **بَرداشت خاطِر:** ظرف. بيزار ـ اُداس ـ بيدليو. رنج ـ غمگين.

— **بَرداشت ڪرڻ:** سَهڻ.

— **بَرداشْتَه دِل:** ظرف. بيدليو. ڏسو "برداشت خاطر".

Gul Hayat Institute

• **بَرْدانَ:** ذ. [سن. وَرَ = گهوٽ + دانَ = سوکڙي] وهانءَ جي سوکڙي. دعا جو جواب.
• **بَرْدِبارَ ج بَرْدِبارَ:** ذ. صفت. [ف. بُرْد < بُردن = کڻڻ + بار] بار کڻندڙ. همت وارو. برداشت کندڙ ـ سهندڙ. صابر ـ گنڀير. کانڌ وارو ـ مُتحمّل ـ ديرينو.
– **بَرْدبار ٿيڻ:** گنڀير ٿيڻ. صبر وارو ٿيڻ ـ ديرينو ٿيڻ.
– **بَرْدبارِي:** ث. حلم ـ صبر ـ کانڌ ـ ڏيرج ـ نَهر.
• **بَرْدِبانَ ج بَرْدِبانَ:** ذ. [ف. بادْبان] ٻيڙيءَ جو سڙهَ.
• **بَرْدو ج بَرْدا:** ذ. [ف. بَرده] غلام ـ ٻانهو ـ گولو. جنگي قيدي.
• **بَرْدَوامْ:** ظرف. [ف] دائم ـ ساندھ ـ هميشه.
• **بَرْدَهْ:** صفت. [ف] بَردو.
– **بَرده فَروشَ:** ذ. صفت. ٻانهن جو واپاري ـ غلام فروش.
– **بَرده فَروشي:** ث. ٻانهن جو واپار ـ غلامن جي تجارت.
• **بُرْده:** صفت. [ف] کُنيل ـ پڃايل (عورت، چوکرو وغيره).
• **بُرده فَروش:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو چوکريون پڃائي يا خريد کري اُنهن کان کسب ڪرائي يا وڪڻي. پانڊي ـ ڪجر ـ پڙوو.
• **بُرْدَهْ:** ذ. [ع] يوچَنْ (قصيده بُرده" = بوهيريءَ وارو قصيدو جنهن جي چوڻ ڪري خواب ۾ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم پنهنجو بوچڻ سندس ڪلهن تي ڏريو. جنهن ڪري سندس سڄ درد دفع ٿي ويا).
• **بُرْدي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جنهن جا چوويهه پاڙا آهن: اَرباڻي بُردي، بجاراڻي، بابڪاڻي، بکراڻي، بنگلاڻي، بنگوار، چيلاڻي، ڏاهاڻي، گجاڻي، گبول بُردي، گولا، گاڏهي، گورشاڻي، جعفري، جبلاڻي، ڪنراڻي، ڪٽوهر، لولاڻي بُردي، مغيري بُردي، مستوئي، نندااڻي، نوحاڻي بُردي، تيغاڻي، عمراڻي).
• **بَرْديتَ:** ذ. [سن. وَيتالک] چارڻ ـ مداحي.
• **بِرْدَ ج بِرْدا:** ذ. [بِرْدَ < بُرْدَ] ننگ ـ ناموس ـ عزت ـ آبرو. لڄ ـ شرم. [سن. وُرِدَ] پوڙهو ـ ٻڍو.
• **بَرْدَنْ:** مصدر. [سن. ١. وُرِدَ = وڌڻ؛ ٢. بَلِيوَرد > بَرد > بَرْدَ = ڍڪو] واڌارو ڪرڻ. ڍڪي ڍڪو ميڙااڻڻ. اڳ جهلاڻڻ. (بَرڌيو ـ بَرڌيل).
• **بَرْڙُ بَرَڙَ ج بَرْڙَ بَرَڙَ:** ذ. صفت. وڏو ـ تمام وڏو. چالاڪ ـ هوشيار ـ عيار.
– **بَرْڙ باکاسُ، بَرَڙُباکاسُ:** ذ. راکاس کان به وڏي بلا ـ ديوَ. خوفائتو ـ پَوائتو. طاقتور ـ ظالم. وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ. رشوت ونڊندڙ ـ راشي. کائُو ـ ڏرو.
• **بَرْڙ:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَرْڙاتَ ج بَرْڙاتَ:** ذ. هوا خارج ٿيڻ جو وڏو آواز. ٻتاڪ ـ ڌاڙ ـ لاف ـ لٻاڙ. چيڀٽ ـ زيت. ريح جو آواز ـ وڏو تت.
– **بَرْڙات ڪرڻ:** ريح سان فضلو به خارج ٿيڻ. وڏو تت ڏيڻ. ڏيڪ ڏيڻ ـ داڦڙ. مَستي ڪرڻ (ت).
– **بَرْڙات هڻڻ:** ٻتاڪون هڻڻ ـ ڌاڙون هڻڻ.
– **بَرْڙاتي ج بَرْڙاتِي:** ذ. صفت. ڌاڙي ـ لٻاڙي ـ ٻتاڪي. قاتوڙو دهل.
• **بَرْڙو ج بَرْڙا:** ذ. "بَرو" جو اسم تصغير نندين ڪنن وارو چيلو (ت). هَرڻ ۽ ٻکريءَ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل چيلو (ل).
• **بَرْڙي (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بَرْزَ:** ذ. رازڪي ڪر جو هڪ اوزار ـ چونارو ـ مارو. شاهل. (اسم خاص) هڪ جبل جو نالو.
• **بَرْزَخَ:** ذ. [ع] هن جاين جي وچ ۾ بَردو يا وٽي. موت بعد قيامت تائين رهڻ وارو عرصو. مسلمان جي عقيدي موجب اُها جاءِ جنهن ۾ مرڻ کان وٽي قيامت تائين روح رهندو.
• **بَرْسَ ج بَرْسَ:** ذ. [سن. وَرْشَ] ورهيه ـ سال.
• **بُرْسَ ج بُرْسَ (ت):** ذ. ڪاغذ جو تير (جو بَرش بدران ڪمانگر ڪم آڻين).
• **بَرساتِ بَرساتَ، ج بَرساتِيُون بَرساتُون:** ث. [سن. وَرْشَرتَ] مينهن ـ بارش.
– **بَرساتِي ج بَرساتِي:** ذ. صفت. برسات وارو ـ مينهن وارو.
• **بَرْساتِي ج بَرْساتِيُون:** ث. بارش کان بچائيندڙ ڪوٽ يا جُبو. گهوڙن جي هڪ بيماري ـ بَدڪنار.
• **بَرْسامَ:** ث. [ف] سيني جو سُور ـ ذات الجنب.
• **بَرْسائشَ:** مصدر. [سن. وُرْش = وسڻ] وسائڻ ـ آباد ڪرائڻ. بنائڻ ـ سينگارڻ. اَنّ جي وائڙ ڪرڻ. (برسايو ـ برسائيندو ـ برسايل).
• **بَرْسَر:** ظرف. [ف] مٿي تي ـ مَٿان "جي هجين عاشق تہ برسر مينهن محبت جو وساءِ" (سچل).
– **بَرسَرِ اِقْتَدار:** محاورو. اقتدار ۾ آيل. اَثر يا رسوخ وارو. طاقتور. حڪومت کندڙ ـ حاڪم. ناظم امور.
– **بَرسر بازارِ:** ظرف. کليو ڪلايو ـ پڌري پٽ.
– **بَرسَر کَرڻ:** مٿي تي رکڻ ـ قبول ڪرڻ. پاڻ تي هموار ڪرڻ.
• **بَرسِنيو ج بَرسِنيا:** ذ. سنيهو ـ پيغام ـ نياپو "بَرسِنيو

Gul Hayat Institute

بهرام کي، منهنجو پانڊي نيئي پهچائي" (ملو ڪوسو).

• **بَرْسَنْگ:** ذ. [ف] ہن شين جي وچ ۾ اُتل پوري ڪرڻ جو وَڻَ ـ آهن ـ پاسنگ.

• **بَرْسَڻُ:** مصدر. [سن. وَرْشْ = وسڻ] مينهن وسڻ ـ بارش پوڻ. مُلڪ وسڻ. زمين آباد ٿيڻ. گهٽي آمدني ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. تيار ٿيڻ. (برسيو ـ برسيندو ـ برسيل).

– **برسائڻُ:** مصدر. "برسڻ" مان متعدي بالواسطه. وسائڻ ـ بارش ڪرڻ. آباد ڪرڻ. مُلڪ وسائڻ. سهڻو بنائڻ ـ سينگارڻ.

– **برسجڻُ:** مصدر. "برسڻ" مان فعل مجهول. آباد ٿيڻ. وسڻ. سينگارجڻ. وڌڻ.

• **بَرْسَڻُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسيم.

• **بَرْسو:** ذ. "دل پسند" راند ۾ اُهو داءُ جنهن جي ڪَٽڻ سان ٽيٽي رقم ملي.

• **بَرْسِي ج بَرْسِيُون:** ث. [سن. وارْشِڪَ] هارهين مهيني تي ملهايل ڏينهن ـ سالگره. ڪنهن فوتيءَ جي هارهين مهيني ملهايل ورسي.

• **بَرْسِيرُ، بَرْسِينُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسينگ.

• **بَرْسِينگُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسيم.

• **بُرْشُ ج بُرْشَ:** ذ. [انگ. brush] وارن يا وار جهڙن تاندورن سان جڙيل ڪائيءَ وغيره جو ٽڪرو (جنهن سان ڪپڙو، بُوٽ، ڏند وغيره صاف ڪجن) ـ مُوقلم.

• **بَرْشْڪالُ:** ذ. [سن. وَرشَ = مينهن + ڪال = وقت] برسات جي موسم ـ مينهن جي مند.

• **بَرَصُ:** ذ. [ع] ڪوڙهه جو مرض (هڪ قسم: 'بَرَص ابيض' = اُجو ڪوڙهه ۽ 'بَرص اَسْوَد'= ڪارو ڪوڙهه).

• **بَرْطانيه:** اسم خاص. [انگ. Britannia] برٽن ـ انگلند.

• **بَرْطَرَفُ:** ظرف. [ف. بَر + ع. طرف] پاسي ـ پري ـ الڳ ـ علحده. خارج ـ موقف.

ـ **بَر طرف ڪرڻ:** ٽارڻ ـ پاسي ڪرڻ. موقوف ڪرڻ. نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ.

ـ **بَرطرفي:** ث. نيڪالي ـ علحدگي. موقوفي.

• **بَرْعَڪْس:** ظرف. [ف. بَر+ ع. عَڪْس] اُبتڙ ـ خلاف. مختلف.

• **بَرْغلائڻُ:** مصدر. [ف. برغلائيدن] ڦيرڻ ـ ٽيڙڻ (بدنيتيءَ سان). ينيلائڻ ـ ڏوڪو ڏيڻ ـ ورغلائڻ. (برغلايو ـ برغلائيندو ـ برغلايل).

• **بَرْفَ:** ث. [ف] جميل پاڻي ـ يخ. سخت ٺڏ.

– **برفاني:** ذ. صفت. برف جو ـ برف وارو. برف پوڻ واري علاقي جو. تمام سرد مُلڪ يا ٺڏيءَ هوا جو.

– **برفباري:** ث. برف وسڻ جي حالت.

– **برف پَرْوَرْد:** ذ. صفت. برف ۾ ٺڏو ٽيل يا جايل.

– **برف پوڻ، وَسڻ:** سخت سردي پوڻ ـ پارو پوڻ.

• **بُرْڤَتَ:** اسم خاص. سنڌ ۽ لس بيلي جي ڪوهستاني علاقن ۾ رهندڙ قبيلي جو نالو. (اصطلاحاً) جابلو جوان "وڻي ور واڻ ٽيا، بُرفت بروهي" (شاهه).

• **بَرْفِي:** ث. [ف. برف] کير مان ٺهيل (برف جهڙي اڇي) مٺائي.

• **بَرْقُ:** ذ. ڏسو "برٽو".

• **بَرْقَ:** ث. [ع] بجلي ـ وج ـ ڪُنوڻ. گاڙ جي طاقت سان بنايل هٿرادو روشني.

– **برق اَنْداز:** ذ. صفت. بندوقچي. پاسبان ـ پهريدار.

– **برقي ج برقي:** ذ. صفت. برق جو ـ بجليءَ جو.

• **بُرْقعو ج بُرْقعا:** ذ. [ع. بُرْقُع] نقاب. زالن جي سَتر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو سبيل ڪپڙو (جنهن سان سجو بدن ڍڪجي ويندو آهي). صوفين جي اصطلاح ۾ مراقبي ڪيڏ وقت مُنهن گوڏن تي رکي متان سجي جسم کي لِڪائڻ يا ڍڪڻ جي چادر "بُرقعان اندر بازيون، پنهنجو سپ پچاءِ" (شاهه).

– **بُرقعو مٽائڻ:** مري وڃڻ ـ لاڏاڻو ڪرڻ.

– **بُرقعي پوش:** صفت. بُرقعي پائيندڙ (زال) ـ پرهيزواري (عورت).

– **بُرقعي ۾:** محاورو. بُرقعي اندر ـ پردي ۾. لِڪَ ڇپَ ۾ ـ ڳجهه ڳوهه ۾.

– **بُرقعي ۾ سُرڪو:** محاورو. بُرقعي اندر بدمعاشي.

• **بَرْڪ ج بَرْڪَ (ڪ):** ذ. [ف. بَرَک = اُٺ جي ملس جو ڪپڙو، صدري] تمام وڏي گُوٽ ـ هوجهو ـ برڪي.

• **بَرَڪات:** ث. [ع. بَرَكَة ج بَرَكات] بَرڪتون ـ دعائون "بابَرڪات = برڪتن وارو".

• **بَرَكَتَ ج بَرَكَتُونْ:** ث. [ع. بَرَكَة] واڌ ـ زيادتي ـ ڪثرت ـ گهٽائي. دعا ـ آسيس. پَلاڻي طُفيل ـ وسيلو. گُٽ يا تورڻ مهل "هڪ" جي بدران ڪم ايندڙ لفظ.

– **برڪت پوڻ:** واڌ ٿيڻ ـ ڪثرت ٿيڻ. فائدو پوڻ.

– **برڪت نِڪرڻ:** ڪوٽ پوڻ. گهٽتائي اچڻ. نحوست اچڻ.

• **بَرَكَتي ج بَرَكَتِي:** ذ. صفت. برڪت وارو. فائدي وارو.

Gul Hayat Institute

• **بَرْڪَتِي:** ث. سَرڪشي ـ انحرافي ـ نافرماني. مقابلو.
• **بَرْڪَڻ:** ث. اُتر اولهه جي ڪُنڊ ڪان لڳندڙ هوا (جا تيز لڳڻ سبب ٻيڙياتن لاءِ نقصانڪار هوندي آهي، مهاڻا اُن وقت ٻيڙيون نه هلائيندا آهن؛ انبيءَ هوا ۾، سنگن ۾ بينل اَنّ پڻ مري ويندو آهي). جهڪ. اُتر اولهه جي ڏڻي هير.
• **بِرْڪو ج بِرْڪا:** ذ. [ع. بِرْڪَه] تلاءُ ـ حوض.
• **بُرْڪو ج بُرْڪا:** ذ. [انگ. (boring= سوراخ ڪيڏڻ) < borer= سوراخ ڪيندڙ اوزار] بندوق جي نالي‌ءَ ۾ ٽنگ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار (لوهه جو گرمٽ يا برمو).
• **بَرْڪِي ج بَرْڪِيونْ:** ث. [ف. بَرَڪِي = ڏِگهي نموني جي ڪُلاهه] ڪپهه وغيره جي وهڻ لاءِ وڏي ڳوڙ ـ بَرْڪَ (ڪ).
• **بَرْڪ، بَرَڪَتْ (ت):** ذ. [ع. بَرَكَة] اضافو ـ واڌ. دُعا. 'ماڻ سان اَنّ پرڻ وقت يا فصل جي پيدائش تورڻ وقت ڳائڻيٽي جو 'پُهريون' واڪ' (يعني ته دعا ۾ برڪت خاطر 'هڪ' جي بدران 'برڪ' يا 'برڪت' يا 'برڪت' چوندا).
• **بَرْڪ ج بَرْڪ:** ذ. صفت. [ع. بَرَكَة] برڪ = ڳائڻيٽي ۾ پهريون] پهريون ـ سڀ ڪان اول. عزت وارو ـ معتبر. اڳرو ـ وڏيڪ. [سن. پْرَمُكَ] نامياروـ مشهور. [سن. وَرْشَ] ورهيه ـ سال.
• **بُرْڪ:** ذ. [سن. وُرِشَ = ڏِڳو] تارن جي ٻارهن بُرجن مان هڪ بُرج جو نالو (جو ڏِڳي جي شڪل تي ٿئي ٿو) ـ ورڪُ ـ ثَور. [سن. وُرِكْش] وڻ ـ درخت.
• **بُرْڪَنْدُ (ت):** ث. ڏِڳهو ۾ گهاتو وڻ.
• **بَرْڪُ ج بَرْڪ:** ذ. [ف] پَنُ ـ پَتو. توشو ـ سامان ـ سمر. اسباب. وڃائڻ جو هڪ ساز. [سن. وَرْگ] هڪ طبقي جي ماڻهن جي محفل. هڪ قسم جي شين جو ميڙ. هڪڙي مخرج جا اکر.
– **برگِ سَبْزْ:** ذ. سائو پَنُ ـ ٽوڙو نڊرانو ـ ڦُلن مُٺ. غريباڻي سوڪڙي "برگِ سبزيست، تحفهٔ درويش".
– **برگِ گُل:** ذ. گلاب جي گل جو پن. (ڪناية) معشوق جا چپ ۽ گل.
– **برگ و پاڻي ڪرڻ:** ڇڪو ڦَڪو ڪرڻ ـ نيرن پاڻي ڪرڻ ـ هيانءُ جهلڻ ڪرڻ. ٽڪ پَڇڻ.
– **برگ ونَوا:** ذ. سامان ـ توشو ـ سامگري.
• **بَرْڪَزِيدو:** ذ. صفت. [ف. بَرْگزيده] چونديل ـ ڏُٽيل. مقبول ـ محبوب. وٽيل. پهتل (شخص) ـ سڳورو ـ نيڪ (ماڻهو). وڏو (ماڻهو) ـ معتبر ـ معزز.
• **بَرْڪَشتو بَرگَشْتَه:** صفت. [ف. بَرْگَشته] قَريل ـ اُلٽو ٽيل پريشان.
– **بَرگشته اَختر:** ذ. صفت. (تاري ڪڍيل) بدنصيب ـ نياڳو.
• **بِرْلُ ج بِرْل:** ذ. [سن. بِلْوَ، وِلْوَ] بيل يا ڪويٽ جو وڻ (جنهن جو ميوو تمام مٺو ٿيندو آهي، ۽ هن وڻ جا پن شو مهراج جي پاٽ پوجا ۾ ڪم ايندا آهن).
• **بَرْما:** اسم خاص. مشرقي پاڪستان (اوپر بنگال) جي اُپرندي وارو لاڳو ملڪ.
• **بِرْما ٻُوٽِي:** ث. پساريڪي وکر جو هڪ قسم (هڪ قسم جي گاهه جا سُڪل پن، ۽ هيڏي ۽ سبز رنگ جون ڪائيون).
• **بَرْمَلا:** ظرف. ڪليو ڪُلايو ـ ظاهر ظهور ـ پڌريءَ پٽ. ديناداستي ـ ڏنو وائنو "سُجن جي ستائيو بُجن برملا" (رسالو: ڏناسري).
• **بَرْمَڻُ (ل):** مصدر. ٿَهڻ ـ پري پَڇڻ. (برميو ـ برمينڊو ـ برميل).
• **بَرْمو ج بَرْما:** ذ. [ف. برمه] سوراخ ڪيڏڻ جو هڪ اوزار ـ گرمٽ. نندي سِيرائي. نل وارو ڪُوهه بند جي پاسي ۾ ماڻهن جي اڇ وڇ جو رستو (ت).
• **بُرْمو:** ذ. [ع. بُرْمه] ديگڙو ـ ديگ.
• **بَرْمَهْ:** ذ. [سن. پَرْمَه = مزوري، پارو سون، هڪ سِڪو، دَن] هڪ سِڪو (سوا ٻه رتيون تور).
• **بَرْمِي:** ث. [هـ. برهمي] پساريڪي وکر جو هڪ قسم (زمين تي چَٽ هٽندڙ هڪ ٻُوٽِي، جا پاڻيءَ جي ويجهو اُپرندي آهي، پَن ننڍا، گول ۽ هڪ طرف کان ڪليل ٽين) ـ زُرْنَبُ (ف) ـ جِرْجِرْ ـ جِرجِير (ع).
• **بَرْمِيچَڻُ:** مصدر. [بَرمَچِيدن] پاڻ ڪي ٻئي جهڙو سمجهڻ ـ برابري ڪرڻ ـ سينو ساهڻ ـ مقابلو ڪرڻ "مرد جو مهريءَ سان برميچڻ بادي" (حنيف تيوٽو: مومل راڻو).
• **بَرَنْ:** ذ. [سن. وَرْڻ] وَرَنْ. رنگ. رُوپ ـ صورت. ذات ـ قوم. فرقو ـ پنٿ. بيان ـ تعريف.
• **بِرِنْجْ:** ذ. [ف] چانور ـ چوڪا.
• **بِرَنْج:** ذ. [ف] پِتل. تامو.
– **بِرَنْجِي:** صفت. پيتلي. تامائي.
• **بُرَنْجُ ج بُرَنْجَ (ت):** ذ. [ع. بُرْجُ > بُرنْج] چوٽِي ـ ٽل. مٽانهين جاءِ. اعليٰ درجو. پينگهي جي پاين جي گول نوڪدار چوٽي.
– **بُرِنْج تي هُجڻ:** خوش هجڻ ـ راضي هجڻ. هوش ۾ هجڻ.

Gul Hayat Institute

• **بورِنگو ج بُرِنْگا (ل):** ذ. مُنْهن ـ هُوٹ ـ دُوناڙ.
• **بَرْنِي ج بَرْنِيون:** ث. [ف] شيشي، پٽر يا چيني ءَ جو وڏي مُنهن وارو اُيو ٽانڊ (جنهن ۾ مُربو، آچار وغيره رکجي) ـ مرتبان ـ کُولو (ت).
• **بَرْٹِي ج بَرْٹِيُون:** ث. ڏسو "بَرني".
• **بَرو ج بَرا:** ذ. [ف. بَرّہ = گهَٹو، هرڙ جو ٻچو، غزال] هَرڙ جهڙو هڪ قسم جو ٻَڪر (ل) ـ چٽڪمرو ٻَڪر (ل) ننڍن وارن ۽ ننڍن ڪنن وارو ٻَڪر (ل). ٻڪرو ـ ليلو ـ چيلو. (ث). بَري ج بَرِيُون]. (صفت) بَروارو ـ ويڪروارو "ٻہ بَرو، ٽہ بَرو، وڏ بَرو، وغيره".
• **بُرو ج بُرا:** ذ. صفت. [سن. ١. اَوَرَ = هيٺ، نيڇ؛ ٢. وِرُوپ < وِ = خراب + روپ = شڪل] خراب ـ بُڇڙو ـ بَد ـ ڪنو. بَدحال. نڪ ڪپيل ـ نڪ وڍيل ـ نڪ چِنل. ونڊل يا ننڍي نڪ وارو ـ مِنو (ت). چِنل نڪ وارو اُٺ (جنهن جو مهار تويندي نڪ ڇڇي پوي). نرلڇو ـ بيشرم.
– **بُرو پانُڻ:** بُڇڙو سمجهڻ، ناگوار محسوس ڪرڻ. خراب لڳڻ (ڳالهائڻ).
– **بُرو ٻَلو ج بُرا ٻَلا:** ذ. صفت. چڱو مَنو ـ نيڪ بَد.
– **بُرو ٻَلو چَوڻ:** چڱو منو چوڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. گارگند ڪرڻ.
– **بُرو وَقْت:** ذ. خراب وقت ـ مصيبت جو وقت. تنگي مسڪيني. نياڳ.
• **بُرو:** اَمر. [بلوچڪي: ف. بِرو] هليو وڃ "بُرو قازا بات جنين جي، ٽانڊگو رَوانْ ٿيشي".
• **بَرو بَرْ:** ظرف. [ف] بَرابر ـ درست ـ ٺيڪ ـ صحيح. هڪ جهڙو ـ هڪ جيترو ـ پُورو، مَٽ سَٽ. بيشڪ ـ حقيقتاً.
– **بَرو بَري:** ث. بَرابري ـ هَمسري ـ هڪ جهڙائي. (صفت) برابر ـ هڪ جهڙو "بَرَ نہ تنهن بَرَوبري، ڪينجل آهه ڪُجا" (رمضان ڪنبر).
• **بُرُوتَ:** ث. [ف] مُجون.
• **بُرُوڙا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور رياست ۾).
• **بُروجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بُرُودَتَ:** ث. [ع] سَردي ـ سِيءُ ـ ٺڏ.
• **بُرُوزُ:** ذ. [ع] ظهورو.
• **بُرُوقْت:** ظرف. [ف. بَرْ + ع. وقت] اُنهيءَ مهل ـ اُنهيءَ وقت. اُتي جو اُتي ـ تڙي ڪڙي ـ ٽهه پهه. ٽڏي تي.
• **بَروكِي (ل):** ث. سنهون ڪپڙو.
• **بَروهَنْدَ:** ذ. صفت. [ف] قلدائڪ. آباد. شاهوڪار ـ آسودو. خوش قسمت ـ بَختاور. راضي. زور وارو.
• **بِرُوڻْ:** ظرف. [ف. "بيرون" جو مخنف] ٻاهر "دُرون" جو ضد.
– **بِرون خانَہ:** ذ. ٻاهريون گهر. اوطاق ـ مهمان خانو.
• **بَرْوو:** ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. هڪ قسم جو پڪي. وڻ جو هڪ قسم (تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ 'محب شاه ملنگ' جي مزار تي انهيءَ قسم جو اڪيلو وڻ، جنهن کي اُتي جا ماڻهو 'بروو' سڏيندا آهن). (صفت) مريض ـ بيمار. گهايل "بِرهہ خود بروو بنايس. بُت بچائي چا كريان" (احمد ملاح).
• **بِروهِي:** اسر خاص. بلوچستان جي مخصوص بلوچ قبائل جو مشترڪ نالو.
• **بَرَهَ:** ث. [سن. پُورَہ، پُرواهَ] پاڻيءَ جو ساندهه وهڪرو. سيلاب ـ اُتَل ـ هوڏ. چَڙ ـ ليٽ ـ بَرهو.
• **بِرَهہ:** ث. [سن. وِذا] جنس ـ قِسم ـ نوع. نئين وَتَ.
• **بِرْهَ ج بِرْهَہ:** ذ. [سن. وِرَہ < وِ = پَري + رہ = چڏڻ] جدائي ـ وڇوڙي جو درد. وِرهہ ـ فراق ـ قوڙائو "بِرهہ مٹايس بَرِ، نہ تہ سُکي كير سڏون كري" (شاهہ). حُبّ ـ محبت ـ عشق.
• **بَرْهاري (ث):** ث. سونڀ ـ وَڌُ.
• **بُرْهان:** ذ. [ع] روشن دليل ـ يقيني ثابتي (دليل ۽ بُرهان ۾ هي فرق آهي، جو دليل عام آهي ۽ بُرهان خاص).
– **بُرهان اَنِي:** ذ. 'معلول' مان 'علّت' ثابت ڪرڻ جي حجّت (١. جسر ٺهيل آهي، ٢. سپ ڪنهن ٺهيل (شيءِ) جو ناهيندڙ هوندو آهي. ٣. تنهن ڪري جسر جو به ضرور ناهيندڙ هوندو).
– **بُرهان سَلَمِي:** ذ. (ڏاڪڻ وارو بُرهان) اُهو دليل جنهن جي رستي 'لامتناهي' سلسلو ثابت ڪجي.
– **بُرهان قاطِع:** ذ. صاف ۽ فيصلو ڪندڙ دليل. فارسيءَ جي هڪ مشهور لغت جو نالو.
– **بُرهان قِياسِي:** ذ. اُها يقيني حجّت جنهن مان يقيني نتيجو حاصل ٿئي ۽ نہ ظنّي (شڪي). (١. سيڪو اِنسان حيوان آهي، ٢. سيڪو حيوان جسر آهي، ٣. تنهن ڪري سيڪو انسان جسر آهي).
– **بُرهان لِمِي:** ذ. اُهو دليل جنهن مان 'علّت' (=سبب) کان 'معلول' (= اَثر) ڏي وڃجي (١. زيد جا خلط بانُسي آهن. ٢. سپ ڪنهن بانُسي خلطن واري کي تپ ٿيندو آهي، ٣. تنهن ڪري زيد به تپيل آهي).
• **بَرْهَرو ج بَرْهَرا:** ذ. مِينڍن جي وس جو آل جال پاڻي. بَرهہ.

Gul Hayat Institute

ہوڏ. اُتل ـ ليٽ ـ چَر.

• **برْهَسْپَتْ:** ذ. [سن. وِرِ هَسْپَت < وَرَهَس = واڌ. دولت + پَت = مالڪ] ديوتائن جي روحاني استاد جو نالو. هڪ گرهه جو نالو ـ وِسْپَت ـ مُشتري (ف).

• **بَـرْهَـرْ:** صفت. [ف] بگڙيل ـ چڙوچڙ ـ بي ترتيب ـ پريشان. ڏمريل ـ ناراض.

ـ **بَرهَمي:** ث. گڙبڙ ـ اَبتري ـ اِنتشار.

• **برْهَمْ:** ذ. [سن. برَهْمَ] خدا تعالىٰ ـ ذات پاڪ مطلق. وياپڪ عالمگير روح.

ـ **برهمانَنْدُ:** ذ. [برهم+آنند] وياپڪ روح ۾ محويت جي خوشي ـ ڪمال سعادت.

ـ **برهم گيانُ:** ذ. علم الاهي.

ـ **برهم گياني:** ذ. صفت. الاهي علم جو ڄاڻندڙ.

ـ **برهم وِدْيا:** ث. ايشور جي سُجاڻڻ جو علم ـ علم معرفت.

• **برْهْما:** اسر خاص. [سن. بُرْهْما] هندن جي 'تمورتي' جو پهريون شخص. خالق.

• **برهماراتْري:** ث. روشن ڏگهي رات.

• **برهما نَچْ:** سَجَ هجڻ ـ پينگ هجڻ.

• **برَهْماڻي:** اسر خاص. مسلمانن جي مختلف پاڙن جو نالو (اڪثري نوابشاهه، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾). لغاري قبيلي جو هڪ پاڙو.

• **برَهْمَپُتْرا:** اسر خاص. "پاڪ ـ پارت" برصغير جي هڪ نديءَ جو نالو.

• **برَهْمَچاري ج برَهْمَچاري:** ذ. [سن. بُرْهْمچاريه] اُهو برهمڻ جو جڙئي پائڻ کان وٺي پَرڻي (گرهست) تائين سَتو جَتو رهي ۽ مذهبي تعليم حاصل ڪندو رهي. مذهبي طالب العلم يا شاگرد ـ وديارٿي.

• **برَهْمَچَرْيَ:** ث. [س. بُرْهْمَچَريه] مقدّس اپياس. مذهبي شاگرد. برهمڻ جي حياتيءَ جو پهريون آشرم (جنهن ۾ هُو ستو جتو گذاري ۽ گُروءَ جي صحبت ۾ ويدن جو اپياس ڪندو رهي). عصمت ـ پاکبازي. زهد ـ رهبانيت.

• **بـرهَمْ ڈَنْڈي:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (گاهه جو هڪ قسم، رنگ سائو ۽ زرديءَ مائل، سواد ڪڙو).

• **برَهْمَني:** ث. سِرڻ جو هڪ قسم (جنهن کي هندو، وشنوءَ جو پکي سمجهي گهڻو مان ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پُوڄا خاطر هٿ سان ڪاڏو ڪارائيندا آٿس).

• **برَهْمَنْ ج برَهْمَنْ:** ذ. [سن. بُرْهْمَنْ] ويدن جو اُهو حصو جو 'برهمڻ' جي تعليم لاءِ آهي. هندن جو هڪ پوتر ڪتاب (جنهن ۾ ويدن جي رسمن جي تشريح آهي). هندن جي چئن ورنن مان پهرئين ورن وارو (جو هندو عقيدي موجب برهما جي مُک مان پيدا ٿيل آهي). ويدن جو ڄاڻو ـ پنڊت ـ هانيءُ.

ـ **برَهْمَنْ گهراڻو:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ حڪمران هندو خاندان جو نالو (جو عربن کان اڳ سنڌ تي حڪومت ڪندو هو. هن گهراڻي جا ٽي حاڪم ٿيا، چچ، چندر ۽ ڏاهر).

ـ **برهمڻو:** ذ. صفت. برهمڻن جو.

• **برَهْمَ وَرْتُ:** اسر خاص. [سن. بُرْهْماوَرْتَ] سرسوتي ۽ وِرشوَتي ندين جي وچ واري زمين (دهليءَ جي اُتر اولهه ۾) ـ مَڌيه ديش ـ آريه وَرْتُ.

• **برَهْمُو سَماجُ:** اسر خاص. [ه] 'برهمو' مَت جي جماعت (جا ۱۸۳۰ ع ۾ راجا رام موهن راءِ بنگال ۾ برپا ڪئي ۽ پوءِ سڄي هندستان ۾ پکڙي ويئي). برَهْمُن جو مندر.

• **برَهْمي:** ث. [سن. بُرْهْمي] هوٻيءَ جو هڪ قسم (جنهن جو تيل دوا طور ڪم اچي).

• **برَهْنگي:** ث. [ف] اوگهڙ ـ عُرياني.

• **برَهْنَهْ:** ذ. صفت. [ف] اُگهاڙو ـ ننگو ـ عُريان.

• **بَـرَهو:** ذ. [سن. پُرواهَ] پاڻيءَ جي ساڙهه وهڪ ـ برهَ. ہوڏ ـ سيلابُ.

• **برْهو:** صفت. دوست يا محبوب کان وڇڙيل.

• **برْهي ج برْهي:** ذ. صفت. [سن. وِرَهَ = جدائي] جدا ٿيل ـ وڇڙيل. وڇوڙي جي درد جو ماريل. برهه وارو ـ محبت جي درد وارو.

• **برَءِ (ڪ):** ث. ماٺهوءَ کان ٺهندڙ ٻکري.

• **برَي ج برَي:** ذ. صفت. [ع. برَيءٌ] بيگناهه ـ بي قصور. بيزار.

ـ **برَيءُ الذّمّه:** صفت. جوابداريءَ کان آزاد.

ـ **برَي ٿيڻ:** آزاد ٿيڻ ـ ڇُٽڻ (الزام کان).

ـ **برَي ڪرڻ:** آزاد ڪرڻ ـ ڇڏڻ ـ بند خلاص ڪرڻ.

• **برّي ج برّي:** صفت. [ع] بريت جو ـ بياباني ـ صحرائي. خشڪيءَ جو. بيابان ۾ رهندڙ. مِٽيءَ جهڙو ـ مِٽيءَ هاڻو (شاهه). "بَحَري" جو ضد.

Gul Hayat Institute

• **بَري ج بَريُون:** ث. زناني چولي ۾ چاتيءَ وٽ ٺهيل کيسو. ڳچيءَ کان چاتيءَ تائين چولي يا قميص جي پٽي (جنهن ۾ بٽڻ پوندا آهن). هنڌائڻ ۽ گدرن وغيره جي نالين ۾ هيجي طور هنيل ڀجن جي ڇنگي. [ف. بَرّه = هرڻ] ننڍرن لاءِ وارن سان هڪ قسم جي ڀڪري (جا اڪثر يڪ رنگي ٿئي ۽ قدري هرڻ سان مشابهت رکندي آهي. 'بري' ڀڪريءَ جا قسم: ڪيٽي بَري، ڏوڙاڪي بَري، وانگاٽي بَري، ڪاري بَري، ڳاڙهي بَري، پُوري بَري، جهَري بَري، بَگي بَري، هيڊي بري، ڪَبري بري، تاپُري بري، بادامي بَري، چِيني بَري).

• **بِري (ک):** ظرف. نَهي ٺُکي ٺهکي ڦهکي ايندڙ. هوبهو ـ نس پس. هڪ جهڙو ـ مشابهت رکندڙ.

• **بُري ج بُرُيُون:** ث. صفت. بُڇڙي ـ خراب ـ بَد ـ گندي. نِڪمي ـ بيڪار.

• **بُرْيانَ:** ث. ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪائي ('تخت' جي ڦرهين کي جهلي بيهندڙ).

• **بِرْيان:** صفت. [ف] پُڳل. پَڪل ـ باهه تي سيڪيل. سَڙيل ـ جَليل. (ذ) پڪل گوشت "هوءِ ۾ گڏجي هوءِ ٽيا، بابُو سي بريان" (شاهه).

• **بِرياني:** ث. [ف] گهٽي گوشت ۽ گيهه وارو زعفراني پُلاءُ.

• **بَرِيَّت:** ث. [ع] چوٽڪارو ـ نجات ـ آزادي ـ رهائي. بيگناهي ـ عصمت.

• **بَرِيدُ ج بَرِيدَ:** ذ. [ف] قاصد ـ ٽپالي ـ پيغام رسائيندڙ.

• **بُرِيدَ:** ث. [ف. بُريدن = ڪٽڻ] چانگَ ـ ڪاتَ ڪُوتَ ـ وڏڪَ.

• **بُرِيدَه:** ذ. صفت. [ف] وڍيل ـ ڪپيل.

– **بُريده دُم:** ذ. صفت. پُڇ وڍيل ـ لُڏو.

– **بُريده زبان:** ذ. صفت. زبان وڍيل ـ خاموش.

• **بَرِيدِي:** اسم خاص. [ف. بَريده = سوڙهو لَڪُ، پٽڻ] پب جبل جي هڪ لڪ جو نالو (جنهن جو نظارو نهايت ئي وٺندڙ آهي).

• **بِريز بِريز:** ث. [ف] اچائي تڪڙ ـ اُبهرائي ـ جلدائي ـ شتابي. هاءِ گهوڙا ـ واويلا. هُل پيڪڙو، مدد لاءِ پڪار.

– **بِريز بِريز ڪرڻ، لائڻ:** اچائي تڪڙ ڪرڻ يا لائڻ ـ هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

• **بِريسُ ج بِريس:** ذ. [انگ. bracelet] ڪرائيءَ ۾ پائڻ جو ڪنگڻ.

• **بِريشَمُ:** ذ. [ف. بُريشَمْ، ابْريشَمْ] پَٽُ ـ ريشم.

• **بِريڪَ، بِريڪُ (ذ) ج بِريڪُون، بِريڪ:** ث. [انگ. brake] روڪ ـ جهَلَ ـ اَٽڪاءُ. موٽر وغيره کي جهلڻ جو اوزار.

• **بَريلِي:** ث. [سن. وَهْ + لِي] ٻه قيٽي گهوڙي گاڏي ـ ٽانگو. (اسم خاص) هندستان جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

• **بَرِينْ:** صفت. [ف. 'بر' جو مبالغو] سڀ کان متانهون ـ بلند ـ اعليٰ. (حرف جر). [ف. بَر + اين] هن تي ـ اِنهيءَ تي.

• **بَرِيَّه:** ث. [ع] مخلوقات.

• **بَڙُ ج بَڙَ:** ذ. [سن. وَٽْ] هڪ مشهور وڻ (جنهن جي هندو پوڄا ڪندا آهن).

• **بَڙِ، بَڙهِ:** ث. [هـ. بَڙائي] اجائي وَڌائي ـ ٽيڇگر. اجائي بڪ.

• **بَڙهُل:** ذ. صفت. وڌ واتو ـ گوڙيلو ـ گهٽو ڳالهائيندڙ.

– **بَڙهَڪو:** محاورو. موگو مٽر ـ ڪند ڏهن.

– **بَڙهيتو:** ذ. صفت. وڌي پيٽ وارو ـ پيٽي ـ هيڇي.

– **بَڙهَڙ:** ڪوڙيون ڳالهيون ڪرڻ. ڪوڙا الزام هڻڻ. گهٽو ۽ اڊنگو خرچ ڪرڻ.

• **بَڙاسَ (ت)، ل):** ث. ٻڪاڪ ـ ڏاڙ ـ لَٻاڙ.

• **بَڙائي:** ث. [هـ. بَڙائي] وڌائي ـ آڪڙ ـ سيٽ.

• **بَڙِبانْدُ:** صفت. پڙِيانگ ـ غيرآباد ـ سُجو.

• **بَڙِ بَڙِ:** ث. [پرا. بَدَ بَدَ؛ سن. وَرْوَرَتا] اجايو ڳالهائڻ ـ بَڪ بَڪ ـ يخي. چپن ۾ ڳالهاءِ ـ پَٽ پَٽ. گهٽو آواز ـ لڙ ـ گوڙ. ٻڪاڪ ـ ڏاڙ.

– **بَڙِبَڙاڪِي:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائُو ـ بڪواسي. ٻڪاڪي.

– **بَڙِبَڙ ڪرڻ:** بڪواس ڪرڻ. اَجايو ۽ گهٽو ڳالهائڻ. گوڙ ڪرڻ.

– **بَڙْ بَڙِيو ج بَڙِبَڙِيا:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائُو ـ زبان دراز ـ وڌ واتو. ٻڪاڪي ـ لباڙي.

• **بُڙُبُڙْ، بُڙِ بُڙْ:** ث. [سن. بُدْبُدَهْ = بوڙبو] پاڻيءَ جي بوڙبن ڦاٽڻ جو آواز. حُقي يا چلم جو آواز. چپن ۾ ڳالهاءِ ـ پُٽ پُٽ.

– **بُڙُبُڙو ج بُڙُبُڙا:** ذ. [سن. بُدْبُدَهَ] بوڙبو ـ ڦوٽو (پاڻيءَ جو) ـ حَباب.

• **بُڙُبُنْدُ ج بُڙُبُنْدَ:** ذ. صفت. ٿُلهو متارو (ماڻهو) ـ مضبوط. تندرست.

– **بُڙْ بُنْدِ ٽِيڻ:** بُت ۾ ورڻ ـ ٿُلهو متارو ٽيڻ.

• **بُڙُتِلُ ج بُڙُتِلَ (ت):** ذ. صفت. ڏهرو ـ هيڏو ـ ٽڪل.

– **بُڙُتيلو ج بُڙُتيلا:** ذ. صفت. ڏمو "بُڙتِلُ".

• **بُڙُتو ج بُڙُتا (ل، ت):** ذ. ڀڪرين يا رڍن جي قرن لاءِ تارين ۽ گاهه مان ٺهيل واڙو. برٽو.

Gul Hayat Institute

• **بڑْجو ج بڑْجا:** ذ. نيزو پالو.
• **بڑْجي ج بڑْجِيُونْ:** ث. [ف. بُرْجي] بڻجي ـ پالو. لوهه جي چهنبدار لٹ.
• **بُڑْد:** ذ. [ف. بُرْد] آمدني ـ حاصلات. نفعو رشوت. شطرنج راند ۾ هڪ ڏر جي 'بادشاهه' جي اڪيلي رهجي وڃڻ واري حالت ـ بُرد. سمند جي پاڻي ماپڻ جو اوزار. کاري جي رڇ جو هڪ حصو (هڪ گهرو پٿر جو هن "کنڊن" جي ملڻ واري جاءِ تي "هيناڙ" سان ٻڌبو آهي"). تمام جهوني شيءِ (ث). (صفت) ناس ٽيل.
– **بُڑد ڪرڻ:** ڏوري وجهي پاڻيءَ جي اونهائي ڏسڻ ـ وتائڻ.
• **بُڑدانو ج بُڑدانا:** ذ. [هـ. بُـرْ بَلْ = زنانو مخصوص عضو، بول + دان] بول ـ شيردان.
– **بُڑدانا ڪيڻ:** بول ڪيڻ ـ ڇيرڻ ڦاڙڻ. ذرا ذرا ڪرڻ ـ ڇيهاڙيون ڪرڻ. ستياناس ڪرڻ.
• **بُڑدي:** اسم خاص بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بڑديرو:** صفت. [سن. وَدْ (= وڏو)؛ وَتّ + ديرو] تمام وڏو. تمام گهٽو ـ بي انداز.
• **بڑڪ ج بڑڪ (ڪ):** ذ. ڪانگهارو.
• **بڑڪائڻ:** مصدر. بيجا گفتگو ڪرڻ ـ بڪواس ڪرڻ. (بڑڪايو ـ بڑڪائيندو ـ بڑڪايل).
• **بڑڪڙ ج بڑڪڙ (ت):** ذ. صفت. هلڪڙو. سُست.
• **بڑڪڻ:** مصدر. اڏامڻ ـ ڦٽڻ (رنگ) ـ اُباتجڻ (رنگ). (بڑڪيو ـ بڑڪندو ـ بڑڪيل).
• **بُڑڪڻ:** مصدر. بُڑ بُڑ ڪرڻ. اُيامڻ ـ ٻڑڪڻ. حقي يا چلم مان آواز نڪرڻ. پُڪڻ ـ پُٽ پُٽ ڪرڻ (چپن ۾). بِٽ واري اُلٽي اچڻ (ڪ). پُوڻءِ سان پرجڻ ۽ وهڻ (ڦٽ، ڦُرڙي). (بُڑڪيو ـ بُڑڪندو ـ بُڑڪيل).
– **بُڑڪ، بُڑڪ:** ث. ذ. پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ يا ڪرڻ جو آواز. ڪُڪڙ جي وٽ لاهڻ جو آواز ـ پُٽڪ. حقي جو آواز ـ ڏُڑڪو. گهوڙي جي پير ٻوڙ پاڻيءَ مان گاهه کي ڇنڻ واري حالت.
– **بُڑڪائڻ:** مصدر. "بُڑڪڻ" مان متعدي بالواسطه. بُڑ بُڑ ڪرائڻ.
– **بُڑ ڪٽو ج بُڑڪٽا:** ذ. صفت. آواز ڪندڙ ـ بُڑ بُڑ ڪندڙ. چپن ۾ پُٽ پُٽ ڪندڙ.
– **بُڑڪو ج بُڑڪا:** ذ. حقي يا چلم جو آواز. جرڪوٽي جي ڦاٽڻ جو آواز. وڃ ۾ ٽپ ڏيئي ڳالهائڻ جي حرڪت. پاڻيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز. اوچتو ٽپ ـ بڑڏڪ.
– **بُڑڪو پرڻ:** وزم هٽڻ ـ ڦوڪ پرڻ (چلم يا حقي مان).
– **بُڑڪو ڪائڻ:** پڑڪو ڏيئي اوچتو ظاهر ٿيڻ. وچ ۾ ڳالهائڻ.
• **بڑڳ ج بڑڳ (ل):** ذ. ڪانگهارو.
• **بڑڳ ج بڑڳ:** ذ. صفت. تمام وڏو ـ زبردست ـ گڙنگ.
• **بڑو ج بڑا (ت):** ذ. جيت جو هڪ قسم (جو برسات جي موسم ۾ ڊوڙن کي چڪ هٽي بيمار ڪري).
• **بڑواري:** اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بڑونگي ج بڑونگيون (ڪ):** ث. جيت جو هڪ قسم (جو گرم ڪپڑا ٺڪي) ـ ڏُڻو.
• **بڑهه (ل):** ث. ڏُڏڙ ـ ڏُسڙ.
• **بڑهاٽ ج بڑهاٽ (ل):** ذ. باهه ٻرڻ جو آواز. وڏو آواز.
• **بڑيڪ:** ث. ٽيڪ ـ دست.
– **بڑيڪ هڻڻ:** ٽيڪ هڻڻ.
• **بڑ ج بزڑ (ڪ):** ذ. صفت. اَڌڙائو. ٽُلهو. گهاٽو. بُوجرو.
• **بزْ:** ث. [ف] ٻڪري.
– **بزِ آخفش:** ذ. 'آخفش' جو ٻڪرُ ('آخفش' نالي هڪ مشهور عرب نحوي هو جنهن هڪ ٻڪر پاليو هو، جنهن کي پنهنجو سبق ٻڌائيندو هو، ۽ جيستائين اُهو ٻڪر ڪنڌ نه ڏوٽيندو هو تيستائين ـ پيو ٻڌائيندو هئس). (مجازاً) احمق ـ نادان.
– **بزدل:** ذ. صفت. ٻڪريءَ جي دل وارو. ڊڄڻو ـ گيدي.
– **بزدلي:** ث. ڪائڙپڻو ـ گيدپڻو ـ ڪم همتي.
– **بزغاله:** ذ. ڇيلو.
– **بزڪوهي:** ث. جابلو ٻڪري ـ جهنگلي ٻڪري.
• **بزْ بوزُ ج بزْ بوز:** ذ. صفت. بيوقوف ـ احمق. جاهل ـ جٽ.
– **بزائي:** ث. چريائي ـ بيوقوفي ـ پُوڪپائي.
• **بزار ج بزارون، بزاريُون:** ث. [ف. بازار] ڏسو "بازار".
• **بزّاز ج بزّاز:** ذ. صفت. [ع. بزّ = عمدو ڪپڙو] ڪپڙي جو واپاري ـ ڪاپڙي ـ بجاجي. قيري ڪري ڪپڙو وڪڻندڙ.
– **بزازي ج بزازي:** ذ. صفت. ڏسو "بزاز". ڪاپڙي ـ بجاجي.
• **بزرجمهر:** اسم خاص. [ف. بُزُرگ = وڏو + مِهر =سج] نوشيروان بادشاهه جي وڏي وزير جو نالو (جو تمام ڏاهو هو).
• **بزرگ ج بزرگ:** ذ. صفت. [ف] وڏو ـ بلند ـ عظيم. وڏيءَ عمر وارو. پَريو مڙس. شريف ـ عزت مند ـ معزّز. وڏو عالم يا پڙهيل.
– **بزرگانه:** صفت. بزرگيءَ وارو. بزرگ جي لائق.

Gul Hayat Institute

– **بُزرگ دِل:** ذ. صفت. وڏيءَ دل وارو.
– **بُزرگ زادو:** ذ. صفت. شريف زادو. عالي خاندان جو.
– **بُزرگ سال:** ذ. صفت. وڏيءَ عمر وارو.
– **بُـزُرگوار ج بُـزُرگـوارَ:** ذ. صفت. وڏو ـ بلند ـ عظيم. عاليشان. شريف. بزرگ. عزت وارو. خدا وارو ـ نيڪ.
– **بُـزُرگـوارانَه:** صفت. بُزرگيءَ جي لائق. شريف.
– **بُزرگ هِمّت:** ذ. صفت. وڏيءَ همّت وارو. حشمتي.
– **بُزُرگِي ج بُزرگِيُون:** ث. وڏائي بُلندي. عظمت. وڏ ماڻهپي. شرافت. مانُ ـ عزت. موسيقيءَ جي هارهن مقامن مان هڪ مقام.
• **بَـزُگَـرَ:** اسم خاص. [ف. بَـزَرگر (= كاشتگار، هاري) > بَـزگر] هڪ ذات جو نالو.
• **بَـزُگِيرُ ج بَـزگِيرَ:** ذ. [ف. بَـزّرگر = هاري] كمي ـ پورهيت. نوكر.
– **بَزگِيري ج بَزگِيريُون:** ث. نوكري ـ خدمت ـ محنت ـ مزدوري.
• **بَـزُمَ:** ث. [ف] محفل ـ مجلس ـ سميلن ـ چوياري.
– **بَزم آرا:** ذ. صفت. محفل سينگارينڌڙ ـ ڪچهريءَ جو سينگار. محفل جو مور. محفل جو صدر نشين.
– **بَـزُم اَدب:** ث. علم اَدب جي محفل. اَدبي جماعت.
– **بَـزم اَفزا:** صفت. مجلس جي خوشي وڌائيندڙ.
– **بَزمِ سُخَنْ:** ذ. مُشاعرو.
– **بَزمْگاهَ:** ث. محفل جي جاءِ.
• **بِـزَنْ:** امر. [ف. زَدَنْ > زن = هڻ] هڻ! ـ مار! ـ قتل ڪر!.
• **بِـزَنْجو:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **بُزُو ج بُزا (ت):** ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو، اڇوءِ نندو پکي).
• **بَس:** ث. [ف] ماڻ ـ چُپ ـ خاموشي ـ سانْت "ڪانهي بس بَهير کي، هلچل پي ٻيئي" (شاهه). آرام. بندش ـ روڪ ـ جهل. خاتمو ـ پڇاڙي ـ اِنتها. ڇيڙو ـ دنگ. (ظرف) ڇڏ ـ ناس ـ ختم. ڪافي ـ گهربل انداز جيترو. فقط. گهٽو ئي. (حرف استعجاب) ايترو ئي! ـ فقط ايترو! ـ رڳو اِهو! (امر جي معنيٰ ۾) بند ڪر! ـ بيهه! ترس! ـ ٿهيو! خاموش! ـ ماڻ!.
– **بَس ٽيڊ:** ختم ٽيڊ ـ پورو ٽيڊ.
– **بَس ٽي وڃ:** ختم ٽي وڃ، چٽ ٽي وڃ، ڏهرو ٽي وڃ (بدن ۾). بي طاقت ٽيڊ، چپ ٽي وڃ ـ ماڻ ٽي وڃ.
– **بَس ڪرائڊ:** ماڻ ڪرائڊ ـ چپ ڪرائڊ.
– **بَس ڪُرڊ:** پڇاڙي ڪرڊ ـ بيهڊ، توبهه ڪرڊ.
• **بَس ج بَسُوڊ، بَسيُون:** ث. [انگ. bus] مسافرن جي سُواريءَ جي موٽر بس ـ لاري.
• **بَسُ:** ذ. [سن. وَرْش = وسڪارو] گارين جو ڏوڙيو يا وسڪارو. [سن. وَشْيَه] وس ـ طاقت ـ زور ـ اختياري. چارو ـ علاج.
• **بُس (ل):** ث. متي ـ ڏوڙ ـ بُسڙ.
• **بُسُ ج بُسَ:** ذ. [سن. بَس] بُوسو (ت). گند ـ ڪچرو (ل). (صفت) [سن. وِرَس] ڏپ وارو ـ اوسنو ـ بانْسي. آلُوڻو ـ بيسواد ـ ڦڪو. (ظرف) سنئون سڌو ـ صفا صاف (ت).
• **بَسا:** ظرف. [ف] گهڻو. گهڻا. گهڻو ڪري ـ عموماً.
– **بَسا اَوقات:** ظرف. گهڻو ڪري.
• **بِساتَ ج بِساتُوُنْ:** ث. [هـ. بِسات: سن. وِسْتَـرَ = بسترو: ع. بِساط] بِسترو ـ پٽراڻي. غاليچو. گِلم. سامان سڙو. جائداد. هُوند.
– **بِساتي:** ذ. صفت. گهورڙيو.
• **بِساطُ ج بِساطَ:** ذ. [ع] وڇائڻ جو ڪوبه ٽپڙ. بسترو ـ پٽرڻي. گلم ـ غاليچو. چوپڙ يا شطرنج راند جو ڪپڙو (جنهن ۾ خانا ٺهيل هوندا آهن) تجارت جو مال. سامان سڙو.
• **بِساطِي ج بِساطِي:** ذ. صت. خُرده فروش. راندِيڪا وڪڻندڙ. گهورڙيو.
• **بَساطَتَ:** ث. [ع. بَساطة] رواني. سادگي.
• **بِسالُ:** صفت. [سن. وِشال] وڏو ـ ڪشادو. ويڪرو. اڳرو ـ برڪ.
• **بَسالَتَ:** ث. [ع] بهادري ـ پهلواني ـ شجاعت.
• **بِسانْ:** حرف جر. [ف] مثل ـ وانگر ـ طرح.
• **بِسَبَبْ:** ظرف. [ف. بِـ + ع. سَبَبْ] سبب ڪري ـ ڪنهن ڪارڻ.
• **بَسَتْ:** ذ. [ف. بَسْتَن = ٻڌڻ > ماضي. بَسْتْ = هن ٻڌو] عاشق يا معشوق (جنهن سان دل ٻڌجي). پٽڪو ـ دستار. ڳنڍ. درگاهه. پناهه گاهه. ڪنڊي. عالم پناهه. جبل. پاڻيءَ جي ورچ (واهن، ڪاهين، وغيره، ۾).
– **بَست و بَنْد:** ز. بندوبست. سامان ٻڌڻ ۾ نسبت.
– **بَست و كُشاد:** ذ. پيچ گهڙڻ. ٻڌ ڇوڙ. ڊاهه ٺاهه.
• **بَسْتُ ج بَسْتَ:** ذ. [سن. وَسْتُ = وسْتُو] وَٽ ـ شيءِ، سامان سڙو ـ وسلو واڙي.
• **بِسْتُ:** ذ. [ف. بهشت] "بهشت" جو عام اُچار. جنت ـ سرڳ.

Gul Hayat Institute

– **بِسْتِي ج بِسْتِي:** ذ. صفت. بهشتي. پخالي.
• **بِسْتَارُ:** ذ. ڏسو "وِسْتارُ". تفصيل.
• **بَسْتاسُرخِي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو پسارڪو وڪر ـ هيرا دڪني ـ دَمُ الاَخَوين (ع) ـ خُونِ سِياوَشان (ف).
• **بُسْتانُ ج بُسْتانَ:** ذ. [ف] باغ ـ چمن ـ ڦُلواڙي.
– **بُستانِ سَراءِ:** ث. باغ واري جاءِ (بنگلو).
– **بُستاني ج بُستاني:** ذ. باغائي ـ مالهي.
• **بِسْتَرُ ج بِسْتَرَ:** ذ. [ف. بِسْتَرْ، سن. وِسْتَرَ = هنڌ] بِسترو ـ هنڌ.
– **بِسترا ڏهنگ:** ذ. سوڙ ـ لحاف.
– **بِسترنَشين:** ذ. صفت. بستري داخل.
• **بِسْترو ج بِسْترا:** ذ. [ف. بِسْتَرْ، سن. وِسْتَرَ] هنڌ ـ وڇاڻو ـ بِستر.
– **بِسترو گول ڪرڻ:** هنڌ ٽپڙ ويڙهڻ. لَڏڻ ـ جاءِ ڇڏڻ.
– **بِستري داخل:** ذ. صفت. مريض (جو گهمي ڦري نه سگهي).
– **بِستري داخل ٿيڻ:** سخت بيمار ٿيڻ ـ گهٽو بيمار ٿيڻ.
• **بَسْتَگي:** ث. [ف] لاڳاپو ـ تعلق. امساڪ. ڪاب. رقم (ڏل وغيره) مقرر ڪري حساب ۾ آڻڻ جي حالت.
• **بَسْتَهْ:** صفت. [ف] قابو ٿيل ـ جڪڙيل. بَڌڻ جوگو ـ بَڌل. جميل ـ جاول. جادوءَ ۾ ورتل. (ذ) جُزدان. ڪُنڙي ـ بغچو.
– **بَسته رَحِمْ:** ث. اُها عورت جنهن کي اولاد نه ٿئي ـ سَنڊي ـ عقيم ـ بغل ٽيلهو.
• **بَسْتو ج بَسْتا:** ذ. [ف. بَسته] اهو ڪپڙو جنهن ۾ ڪا هڙ بَڌجي.
• **بَسْتِي ج بَسْتِيُونْ:** ث. [سن. وَسَتِ، وَسَتِي < وَسْ = رهڻ] آبادي ـ وسندي ـ وسنهَنْ. واهڻ ـ ڳوٺڙو. آبادي.
• **بُسجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. وِرَسَ] پاروٽو ٿيڻ. بانسي ٿيڻ. خراب ٿيڻ. اوسنو ٿيڻ ـ سينوارجڻ. (بُسيو ـ بُسبو ـ بُسيل).
• **بُسَڈ:** ظرف. [ف. به + سَرْ = مٿو] مٿي تائين ـ آخر تائين. مٿي تي سر تي. مَٿي ساڻ.
– **بَسَر ڪرڻ:** بَرسر ڪرڻ. پُورو ڪرڻ (وقت). پُڄاڻي ڪرڻ. گذارڻ ـ گهارڻ. نباهڻ.
– **بَسر مَيڃ:** بَرسر ڪرڻ ـ خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.
– **بَسَروچَشْم:** محاورو. مٿي ۽ اکين تي. خوشيءَ سان.
• **بِشْراتُ ج بِشْراتُونْ:** ث. [ع. بِشارت < بِسرات] خوشخبري. خوشي. موڙي ـ دولت ـ پونجي "سيس اُتاري پئي ڏرون، ميري بہ بسرات" (رسالو: بيراڳ هندي).
• **بِشْرامْ:** ذ. ڏسو "وِسرام"
• **بُشْري ج بُشْريُونْ:** ث. ڳڙ واري ماني ـ ڳڙهاڙي.
• **بِشْريڪو ج بِشْريڪا (ث):** ذ. وهر ـ گمان. پرم.
• **بُشْرِ، بُشْرْ:** ث. ث. [سن. بُشْ > بُس + رْ] ڏڏڙ ـ دِسڙ ـ ڏُوڙ.
– **بُشْرِ ۾ پير هڻڻ:** سڏي جواب ڏيڻ ڪان نٽائڻ ـ گس گساءِ ڪرڻ. نٽائڻ. اَلي وڃڻ.
• **بَشْطْ:** ذ. [ع] ڪشادگي ـ فراخي ـ وسعت. وضاحت ـ چٽائي ـ تفصيل.
• **بِشْطامْ:** اسم خاص. خراسان جو هڪ مشهور شهر.
– **بِشْطامي:** صفت. 'بِسطام' شهر جو (رهاڪو). (اسم خاص) "بايزيد بسطامي" جو هڪ وڏو اَهْلُ اللّٰه هو، جو وجد ۾ "سُبحاني ماأعظم شاني" (پاڪائي آهي مون کي، ڪيڏو نه وڏو منهنجو شان آهي!) چوندو هو "سِرِّ سبحاني سلائي، شاهِ بسطامي جئين" (گل).
• **بِشْفائِجْ:** ذ. [ف] دوا طور ڪم ايندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
• **بِشْڪُوتْ، بِشْڪيتْ، ج بِشْڪُوتْ، بِشْڪيتْ:** ذ. [انگ. biscuit] اَٽي يا ميدي ۽ سٽي وغيره مان پڪل مِٺي يا ڪاري ٽِڪي "مِنا بِسڪيت، ڪارا بسڪيت".
• **بِسْمِ:** ڪلمو. [ع. بِاسْمِ = اسم ساڻ] "بِسْمِ اللّٰه الرَّحْمٰن الرَّحِيمْ" جو شروعاتي لفظ ـ (اللّٰه جي) نالي ساڻ.
– **بِسْمِ اللّٰه:** ڪلمو. [ع] "بِسمِ اللّٰه الرَّحْمَنِ الرَّحِيم" جا پهريان لفظ ـ "اللّٰه جي نالي ساڻ". قرآن مجيد جي هر سورة جي اڳيان ايندڙ ڪلمو. (ث) شروعات ـ ابتدا. آدرياءِ جو جملو بمعني "پلي آئين، مرحبا!". مڪتب ۾ هار ڪي ويهارڻ جي رسم. ('اسم الفعل' امرجي معنيٰ ۾) شروع ڪر!. (ظرف) هائو ـ چگو ـ پلي.
– **بِسْمِ اللّٰه بَرغَلَطْ:** محاورو. مٺيءِ ۾ ئي غلط. شروع ڪان ئي اُبتڙ. پهريون ئي ڪم خراب.
– **بِسم اللّٰه ڪرڻ:** شروع ڪرڻ.
• **بِسْمِلْ:** صفت. [ف. بِسْمِلْ < ع. "بِسم اللّٰه" جو مخفف] ڪُنل ـ ذبح ڪيل (ڇاڪاڻ ته جانور يا پکيءَ کي حلال ڪرڻ وقت "بِسم اللّٰه ـ اَللّٰه اكبر" چئبو آهي). گهايل ـ ڦٽيل ـ وادوڙيل. عاشق. (اسم خاص) شاعر حافظ عبداللّٰه ٽڪڙائي جو تخلص.
– **بِسْمِلِ گاهْ:** ث. ڪوس خانو.

Gul Hayat Institute

• **بِسْمِي:** ٹ. [سن. پَسْمَن] رک ـ کيري ـ چارُ.
• **بَسَنْت، بَسنتُ:** ٹ. ذ. [سن. وَسَنْتَ] بهار جي مند (جا چيٽ ۽ ويساک جي مهينن ۾ ٿيندي آهي) ـ گلابي رُت. سَرهڻ جا گل (جي بهار ۾ ڦولارجن). "هندول" راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
– **بَسَنْت پَنْچمِي:** ذ. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (جو مانگهه مهيني جي پنجين تاريخ تي ملهائين).
– **بَسَنْتِي ج بَسَنْتِي:** صفت. بسنت جو ـ بهار جو. بهار جي موسم جو. زردو ـ هيڊو. (ذ) هيڊو رنگ. زرد پوشاک.
• **بَسَنْدُ:** ذ. ڏسو "بَسنت".
• **بِسْنِي ج بِسْنِي:** ذ. [سن. وْيَسَنَ (= مصيبت، بچڑائي، گناهه، پاپ، بدڪاري) >وِيَسَنِي = بدڪار، زاني] بدڪار ـ بچڑو. بشني ـ ڪُنديچوڙ.
• **بَسَڻُ (ل.ٹ):** مصد. [سن. پَشْ، بَشَڻْ] پوڻڪ. (بُسيو ـ بُسندو ـ بُسيل).
• **بُسو ج بُسا:** ذ. [سن. بَس] چانورن، جَون، وغيره، اناج جون ڪلون. بُوسو.
• **بِسْواسُ:** ذ. [سن. وِشْواسَ] اعتبار ـ پروسو.
– **بِسْواس گهاتي:** ذ. صفت. دغاباز ـ بيوفا.
• **بِسُورو ج بِسُورا (ٹ):** ذ. حساب.
• **بِسوڪڻُ (ٹ):** مصدر. وهڪي وڃڻ ـ چوپائيءَ جو ڪير ڏيڻ بند ڪرڻ. (بِسُوڪيو ـ بِسُوڪندو ـ بِسوڪيل).
• **بِسوئو ج بِسُوئا (ٹ):** ذ. آڱُر.
• **بِسُوي:** صفت. [سن. وِشْوَ = دنيا] دنيوي.
• **بَسي:** ظرف. [ف] گهڻو يا ڪافي وقت.
• **بَسِي ج بَسِيُون:** ٹ. چيني ۽ جي رڪيبي ـ ساسَر. (اسر خاص) تعلقي سانگهڑ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بِسْيار:** صفت. [ف] گهڻو ـ زياده ـ مَٹُو ـ جهجهو.
– **بِسياري:** ٹ. گهڻائي ـ جهَجهائي ـ ڪثرت "بِسياري خُواري".
• **بَسِيرو ج بَسِيرا:** ذ. [سن. واسَ > وَسْ = رهڻ] سڄ لٽي ڪان اڳيرو پڪين جو واهيري ڏانهن موڙڻ ـ واهيرو ـ آهيرو. آڪيرو. آشيانو. ٿوري وقت لاءِ رهڻ جي جاءِ ـ ڏاهو. رات جي آرام ڪرڻ جي جاءِ.
• **بَسِيطُ:** ذ. صفت. [ع] ڪشادو ـ ويڪرو ـ وسيع ـ فراخ. وچايل ـ پٽريل. مٽاچرو ـ سنوت. (حڪمت جي اصطلاح ۾) غير مرڪب ـ سادو ـ خالص. (ذ) علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ بحر جو نالو.
• **بَسِيڙُ:** ذ. صفت. [ع] مُرڪندڙ ـ ڪلندڙ ـ مُشڪندڙ.
• **بَسِيهرُ ج بَسِيهَرَ:** ذ. [سن. وِش = زهر + هَرَ = ڪٽندڙ] زهري نانگ ـ وَسِيهَرُ. واسينگ يا ڪاريهر نانگ.
• **بُسْ ج بُسَّ:** ذ. صفت. صفا چريو ـ چَرٻٽ. بوز ـ جَٽ.
• **بَشاتَ ج بَشاتُوُنْ:** ٹ. [ع. "بِشارَتَ" جو مخرب] خوشخبري ـ بِشارت. وسعت ـ ڪشادگي. دولت.
• **بِشارَتَ ج بِشارَتُوُنْ:** ٹ. [ع] خوشخبري ـ مبارڪ. چڱو خواب ـ رُويا. مُوڙي ـ پُونجي. ذخيرو "شِير ڏائي شيءَ ڪريو جيڪا بشارت منجهه بُڌن" (رمضان ڪنهر).
– **بِشارت جو بَهرو مِلڻ:** واڌايون ملڻ ـ مبارڪون ملڻ. خوشخبري ملڻ.
• **بَشّاشْ ج بَشّاشَ:** ذ. صفت. [ع] خوش ـ سرهو. ڪِلمڪ ـ زنده دل.
– **بَشاشَت:** ٹ. خوشي ـ سرهائي. خوش طبعي.
• **بِشْتُ ج بِشْتَ:** ذ. [ف. "بهشت" > بِشْتُ] بهشت ـ جنّت.
– **بِشتي ج بِشْتِي:** ذ. صفت. بهشتي. پاڻي پرينڊڙ ـ پخالي.
• **بِشُپُ ج بِشَپَ:** ذ. [انگ. bishop] گرجا جو وڏو پادري.
• **بَشَرُ ج بَشَرَ:** ذ. [ع] انسان ـ آدمي. ماڻهو ـ مَنُش.
– **بَشري:** ذ. صفت. انساني.
– **بَشَرِيَّتَ:** ٹ. آدميّت ـ انسانيت ـ ماڻهو.
– **بَشَري جامو:** ذ. انساني صورت.
• **بِشْرائِڻُ:** مصدر. [ع. بَصُرَ. يَبْصُر = نهارڻ] نهاري نہ سگهڻ. تر وِرائڻ (اکيون). حيران ڪرڻ. (بِشرايو ـ بِشرائيندو ـ بِشرايل).
• **بُشْرِيُ:** ٹ. [ع] خوشخبري ـ بشارت "بخرو لَهُمُ الْبُشْرِيُ جو اُنين لءِ آيو" (شاهه).
• **بِشْرَه:** ذ. [ع] باهرين چمڙي. مهانڊو. رنگ.
• **بِشَرْطِيڪ:** ظرف. [بـ + شرطيه + ڪ] انهيءَ شرط سان تہ.
• **بُشْڪَ:** ٹ. [ف] پيشانيءَ جي وارن جي چڳ ـ مُجو يا ٻُجُ.
• **بَشْڪالُ:** ذ. [هـ. بَرْشڪالَ (سن. وَرْشَ = بارش + ڪالَ = وقت) = برسات جي موسم] برسات جي موسم ـ مينهن جي مند.
• **بَشِڪَڻُ:** مصدر. [ف. بخشيدن > بَخشڻ > بَشڪَڻ] بخشڻ ـ معاف ڪرڻ (ڏوهه، قرض). بخشش طور ڪا ملڪيت (مال، زمين، وغيره) ڏيڻ. (اسر خاص) ماڻهوءَ جو نالو ('بُخشڻ' جو عامي اُچار). (بَشڪيو ـ بَشڪيندو ـ بَشڪيل).
– **بَشْڪائِڻ:** مصدر. "بشڪڻ" مان متعدي بلواسطه. بخشائڻ.

Gul Hayat Institute

• **بُشْكو ج بُشْكا:** ذ. [ترکي: ف. "بُغْچه" جو بگڙيل اُچار] بجکو. گوٽرو ـ بغچو.
• **بُشْكُونْ:** ث. [بُشْكَ ج بُشْكُونْ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. گهوڙي جي ڪنڌ جا وار.
• **بِشْني ج بِشْني:** ذ. [سن. وْيَسَني = بدڪار، جواري، شرابي، رنڊيباز، زاني] ڳنڊيچوڙ ـ لليچو.
• **بِشِي:** ث. ذ. [سن. وِشَيه] ڪاب شيءِ جا حواسن سان سمجهي سگهجي ـ وِشَيءُ. دنيوي وَٿ، عنوان ـ موضوع ـ مضمون.
• **بِشِي ج بِشِيُونْ (ڪ):** ث. هارن جو ٽولو.
• **بَشِير:** ذ. صفت. [ع] بشارت ڏيندڙ ـ خوشخبري ڏيندڙ. (اسم خاص) حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.
• **بَشِينْ، بِشِينْ ج بَشِينْ:** ذ. [ف] شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم (اڪيون پيليون ٽينس). باشو (مادييءَ) جونَرُ.
Sparrow hawk (Accipitev nisus).
• **بَشِيهَرُ ج بَشِيهَرَ:** ذ. صفت. [سن. وِشَهَرَ = (وِشَ = زهر + هَرَ = ڪڍندڙ)] زهريلو نانگ. ڪارو نانگ ـ واسينگ.
• **بَصارَتُ:** ث. [ع] اک جي روشني ـ نظر ـ ديد ـ نِرت. سُوجهَ ـ پَرک. عقل ـ سمجهه.
• **بَصَرُ:** ذ. [ع] اَک. روشني، نگاهه ـ بينائي.
• **بَصَرُ ج بَصَرَ:** ذ. [ع. بَصَلُ] ترڪاريءَ جو هڪ قسم ـ پياز (ف) ـ ڏونگري.
ـ **بَصرچِلڻ:** پردو کولڻ ـ راز يا عيب ظاهر ڪرڻ.
ـ **بَصري:** ث. بصرجو ہِجُ. (ذ. صفت) بصرجو. بصرجهڙو. بصرجي ملهه جهڙو. خسيس.
• **بَصْرانْ:** اسم خاص. تعلقي ڏِگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. [ع. بَصْره] عورت جو نالو.
• **بَصْرو:** اسم خاص. [ع. بَصْرَه] عراق جي هڪ مشهور شهر ۽ بندر جو نالو.
ـ **بَصْري:** ذ. صفت. "بَصري" شهر جو ويندل "خواجه حسن بصري، بيبي رابعه بَصري".
• **بَصِيرُ ج بَصِيرَ:** ذ. صفت. [ع. بَصرُ = هن ڏانءِ] ڏسڻ وارو ـ ڏسندڙ. داناءُ ـ بينا. دل جي اکين وارو "اوءِ بَصير بَرن ۾، انڌا ٽِيو اُپين" (شاه). (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
ـ **بَصِيرَتُ:** ث. دل جي روشني ـ اندر جو سوجهرو. بينائي. اندر جي سُوجهه ـ اِدراڪ ـ سمجهه "سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري" (شاه).
• **بِضاعَتُ:** ث. [ع. بِضاعَة] مَوڙي ـ سرمايو ـ راس ـ پُونجي. تجارت جو مال.
• **بُوضو ج بُضو (ت. ڪ):** ذ. [ع. وضو > بُضو] وضو.
ـ **بُضو پَيڻ (ت):** ماري مجائڻ ـ هيسائڻ.
• **بَطُ:** ث. [ع] بَدڪ. چٽي ـ مصيبت.
• **بَطالُ ج بَطالْ:** ذ. صفت. [ع. بَطّالُ = بيڪار، بي سود] گمراهه ـ وائڙو ـ بتال.
• **بَطال ٽِيڻ:** گمراهه ٽيڻ ـ وات پُلجڻ.
• **بَطانو ج بَطانا:** ذ. [ع. بِطانَه] پڳڙيءَ ۾ پراءُ طور اندران وڌل ڪپڙو ـ پڳڙيءَ جو استر ـ بَتانو "پگ وڌي يا بطانو؟" (چوٽي).
• **بَطْحا:** اسم خاص. [ع. بَطْحيٰ ع] مڪي معظم جي پرسان هڪ وادييءَ جو نالو.
ـ **بَطحيُ:** اسم خاص. 'بَطحا' جي وادييءَ ۾ رهندڙ (رسول الله صلعم).
• **بَطَخَ ج بَطَخُونْ:** ث. [ع. بَطُ] بدڪ.
• **بُطْرِيقْ:** ذ. [انگ. Patriarch] عيسائن جو پادري.
• **بُطْلانُ:** ذ. [ع. بَطَلُ] ڪوڙ. خرابي ـ نقصان. (صفت) ڪوڙو ـ اجايو ـ نڪمو "پَڇي بُت پورا، سي بطلان ٽيا".
• **بَطْلِيمُوسُ:** اسم خاص. [يوناني. Ptolemy] قديم مصر جي هڪ مشهور مهندس جو نالو (بَطْلَميُوسُ) جو هي عيسوي صديءَ ۾ موجود هو. علم نجوم ۽ هندسه ۾ مهارت رکندو هو. ۽ انهن علمن تي "اَلْمَجَسْطِي" نالي ڪتاب لکيائين، جغرافيه ۾ سندس ترتيب ڏنل دنيا جو نقشو پڻ موجود آهي].
• **بَطْنُ:** ذ. [ع] پيٽ ـ شڪم. اندر. قبيلي جي هڪ شاخ. ڪٽنب ـ اولاد. پيڙهي. قرآن شريف جي ڪنهن به آيت جي اندروني صوفياني معنيٰ.
• **بَطنِ مادَرُ:** ذ. ماءُ جو پيٽ.
• **بَعْثُ:** ذ. [ع] موڪلڻ. اُپارڻ. اُٿارڻ (خدا جو قيامت جي ڏينهن) مُئن کي جيئرو ڪري اُٿارڻ "يَومُ الْبَعْثِ = قيامت جو ڏينهن".
• **بِعْثَتُ:** ث. [ع. بِعْثَة] نبوّت ـ پيغمبري ـ رسالت.
• **بَعْدُ:** حرف جر. [ع. بَعْدُ] پوءِ ـ پٺيان. ديرسان.
ـ **بَعدِ اَزآن:** ظرف. انهيءَ کان پوءِ.

Gul Hayat Institute

– **بَعْدَه:** ظرف. اُن کان پوءِ.
• **بُعْد:** ذ. [ع] دوري ـ مفاصلو ـ پنڌ.
• **بَعْض:** صفت. [ع] ڪِي ـ ڪِي، ڪُجهه. ڪي ـ ڪِن.
• **بَعْضي:** ظرف. [ع] ڪنهن وقت ـ ڪڏهين. اِتفاقاً.
– **بعضي بعضي:** ظرف. ڪڏهين ڪڏهين ـ گاهي گاهي.
• **بَعِيد:** ظرف. [ع] پري ـ دور.
• **بَعِيرُ:** ذ. [ع] اُٺ
• **بَغادَر:** ذ. جوئر جو هڪ قِسم.
• **بَغادو ج بَغادا (ت. ل):** ذ. [ع. بَغاوت] گوڙ ـ شور ـ فساد. جهيڑي جو آواز ـ بَغاغو.
– **بَغادو هُڻڻ:** بَغاغو ڪڻ ـ شور مچائڻ ـ گوڙ ڪرڻ.
• **بَغاغو ج بَغاغا:** ذ. [ع. > ف بغاوت] لُڙ ـ شور. گوڙ ـ گهمسان ـ دنگو ـ فساد. جهيڑي جو آواز.
• **بَغان:** ذ. صفت. [ف. بَغا = ڇِتو] بزدل ـ ڍِڇو ـ ڳيدي. [ع. باغي] رنجيدو ـ ناخوش. ڪاوڙيل.
– **بَغان ٿي وڃڻ:** سخت چڙي وڃڻ. ڪاوڙ ۾ تپي وڃڻ.
• **بَغاوَتَ ج بَغاوَتُونْ:** ث. [ع. بَغي عَلَيْ = ظلم ڪرڻ > ف. بغاوت = سرڪشي. بلوو] سرڪشي ـ بلوو. حڪومت جي مخالفت ـ نافرماني. راڄ ڊوهه ـ فُتور ـ وڳوڙ.
• **بَغْبَغو ج بَغْبَغا:** ذ. [ع > ف. بَغاوت] لُڙ ـ شور ـ گوڙ ـ گهمسان. دنگو ـ فساد. جهيڑي جو آواز.
• **بُغْچو ج بُغْچا:** ذ. [ترڪي. بُغْچه] ڏسو "بُجڪو".
• **بَغْدادُ:** اسر خاص. [ع] موجوده عراق جي گاديءَ جو شهر (اصل ۾ ٻئي عباسي خليفي منصور جو عراق ۾ دجلہ درياءَ جي ڪناري تي ٻڌايل شهر، جو عباسي سلطنت جي گاديءِ ۽ مشرقي اسلامي تمدن ۽ تهذيب جو مرڪز بنيو. اهڙي عاليشان ۽ دنيا جي مرڪزي شهر کي، خليفي 'مستعصر باللّٰه' جي عهد ۾ سنہ ٦٥٦هـ ـ ١٢٥٨ع ۾ 'هلاڪو خان منگول' حملو ڪري، اهڙي ته ظالماني نموني ۾ بيدرديءَ سان تباهه ڪيو، جو 'بغداد' جو نالو 'بغداد جي تباهيءَ' جي منهوم ۾، بمعنيٰ 'ظلم' ۽ 'قهر' مشهور ٿي ويو). ظلم ـ انڌير ـ قهر ـ ستم.
– **بَغداد ٿيڻ:** ظلم ٿيڻ ـ قهر ٿيڻ ـ ناحق ٿيڻ.
– **بَغداد ڪرڻ:** ظلم ڪرڻ ـ ناحق ڪرڻ. "پينر ڙي بغداد، ڪري ڪيجي هليا" (شاه).
– **بَغْدادي ج بَغْدادي:** ذ. صفت. بغداد شهر جو رهاڪُو. (اسر خاص) مداحن ۾ پيران پير حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني رح جو عام لقب "جا مَٽي مون بَلا، سا بغدادي بد تار تون" (رسالو، ڏناسري)؛ "آهين عبداللطيف جو، حسني تون هادي؛ بادشاه بغدادي، ڪج ڪا ماڙ مريد تي" (شاه).
ڪراچيءَ جو هڪ مشهور محلو. پرت جو هڪ قِسم.
• **بَغْدارَ (ت):** ث. جوئر جو هڪ قِسم. (اسر خاص) ڏومِڪي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.
• **بُغْدي ج بُغْدي:** ذ. [بُخْتي > بُغْدي] وڏو مضبوط لاڏو اُٺ "بُغدي بلوچن، ڪنهن ڏاڙي خاطر ڏاريا" (ڪبير شاه). ڏسو "بُخْتي".
• **بَغَّرْ دَلّو ج بَغَّرْدَلا (ت):** ذ. صفت. [ف. بَغا (=ڇِتو) > بَغَّرْ + ع. دَلال > دَلّو = پڙوو] بداخلاق ـ رذيل. ڪميٽو. (ث) بَغَّرْ دَلّي ج بَغَّرْدَلّيون.
• **بُغْض ج بُغْضَ:** ذ. [ف] ڪَچَ ـ پاسو. پاڪر.
– **بَغل ٽيلهو ج بَغل ٽيلها:** ذ. ڪچ ۾ ڪٽي هلڻ جهڙو ننڍو ٽيلهو.
– **بَغل ٽيلهي ج بَغل ٽيلهيُون:** ث. ٽيلهي (جا ڪچ ۾ ڪٽجي) ـ ننڍي بگري.
– **بَغل ٺوڪڻ:** خوش ٿيڻ ـ ڪَچون ٺوڪڻ. خوشي ڪرڻ. ڪڇيون هڻڻ.
– **بَغل پَٽڻ، ڪوهڻ:** اَجائي ڪوش ڪرڻ. ڪم ڪري نہ سگهڻ. اَجايو پورهيو ڪرڻ. ناڪام ڪوشش ڪرڻ. وس آهر مُڙسي ڏيکارڻ.
– **بَغل گرم ڪرڻ:** پاسو ڪوسو ڪرڻ. پاڪر پائي سمهڻ ـ ڪچ ڪوسي ڪرڻ.
– **بَغلگِيرُ:** ظرف. پاڪُرين ـ هم آغوش.
– **بَغلگِيرٿيڻ:** پاڪر پائڻ ـ هم آغوش ٿيڻ.
– **بَغلگِيري:** ث. پاڪر پائڻ جي حالت. پاڪُر ـ آغوش ـ هم آغوشي.
– **بَغل لڳائڻ:** پاڪر ۾ وٺڻ.
– **بَغل ۾ چُري رکڻ:** ڳجهو بغض رکڻ ـ منافقي ڪرڻ.
– **بَغل ۾ دهائڻ:** ڪشي قابو ڪرڻ. زور پريو پاڪر پائڻ.
– **بَغل ۾ هُئڻ:** پاڪر ۾ هئڻ. پاسي ۾ هئڻ. تمام ويجهو هئڻ ـ نزديڪ هئڻ.
– **بَغل وٺائڻ:** ڪچ جا وار ڪوڙائڻ.
– **بَغل وِجائڻ:** تمام خوش ٿيڻ. ٽنولي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **بَغْلي حملا ڪرڻ:** آساني ۽ سان (پاسن وارن هنڌن يا سرحدن تان) حملا ڪرڻ.

• **بَغْلو ج بَغْلا:** ذ. [پورچوگيز (؟)] سامونڊي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. ٻيڙيءَ جي اڳيل. واڻ ڪان وڏو ٻيڙو (ڪ) "ٻگهلو (پڪي).

• **بُغْلو ج بُغْلا:** ذ. پتي راند (نَون) ۾ ٽيئي مُورتن وارا پتا. پتي راند جو وڏو داءُ.

• **بَغْلُولُ:** ذ. صفت. [ع. بُهْلُولُ] مورک ـ بيوقوف.

• **بَغْلِي ج بَغْلِيُون:** ث. [ف. بَغَل] قميص يا پهراڻ ۾ ڪڇري وجهڻ جو ڪپڙو. اُٺ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ اُٺ ران کي پيٽ سان هڻندو آهي). ڪتاب جي مٿان ڪپڙي جو پوش. ٽيلهي (جا ڪڇ ۾ ڪٽجي) ـ بگري. هڪ هڪ قسم جو مُگدر. پَلٽي يا ملهه ۾ هڪ ڪيڏ. ڪبدي يا ٻيلهاڙي ۾ حريف جي ٻانهن ڪڇ ۾ قابو جهلڻ جي ترڪيب.

– **بَغلي مارڻ، ٽوڪڻ:** ڪڇ ۾ هٿ وجهي ٻانهن هلائي آواز ڪيڏ. ڪڇيون هڻڻ. آڪڙ ڪرڻ.

– **بَغليُون ٽوڪڻ:** ڪڇون ٽوڪڻ ـ ڪڇيون هڻڻ. خوشي ڪرڻ.

• **بَغُوچَڙ بَغُوچڙي ج بَغُوچَڙيُون:** ث. دريائي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (نندي ٻيڙي).

• **بَغِيچو ج بَغِيچا:** ذ. [ف. باغيچه] نندڙو باغ.

• **بَغَير:** ظرف. [ع + ف] کان سواءِ.

• **بَڦ:** ذ. [انگ. buff] بُوٽن لاءِ هڪ قسم جو چمڙو. باجي جو هڪ پاگو. قميص يا چولي جي ڀُڻ (ت).

• **بَقا ج بَقائُون:** ث. [ع. وباء > وبا > (ترڪيب 'تقليب' موجب) بَوا، بقا] وَبا ـ ڪالرا ـ هيضو.

• **بَقّائِڻ:** مصدر. [سن. باشْپْ = باڦ] باڦ ڪرڻ. زبان سان ڪجهه چوڻ ـ واتان ڪُڇڻ. واڦ ـ داڦ. (بَقّائيو ـ بَقّائيندو ـ بقّايل).

• **بَقَّرُ ج بَقَّر:** ذ. [انگ. buffer] ڏَڪُ ـ جهلو. ريل گاڏيءَ جي قيتن کي ٽڪرجڻ کان روڪڻ جي ڪَلَ.

• **بَقا (ث)، بَقاءُ (ذ).** [ع. بَقاء] هميشه رهڻ جي حالت. "فنا" جو ضد. جَناءُ. استقامت. حياتِ جاودان ـ جيوت. بيهڪ ـ قيام. (اسر خاص) مرد جو نالو.

– **بَقا بِاللّٰه:** محاورو. الله سان هڪ ٿي وڃڻ (صوفين جي هڪ منزل، جا "فنا في الله" کان پوءِ حاصل ٿئي).

– **بَقائُو ج بَقائُو:** ذ. صفت. بَقاءُ ڪندڙ ـ بقادار. گهڻو وقت هلندڙ ـ جٽادار. جهالائو. دائم قائم.

• **بَقا آباد:** اسر خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَقاپور:** اسر خاص. لاڙڪاڻي ۽ ڪنڊ ڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَقالُ ج بَقّال:** ذ. صفت. [ع. بَقْلُ (= ڀاڄي) > بَقّال] ڀاڄي وڪڻندڙ ـ سبزي فروش ـ باڪري. ميوو وڪڻندڙ. مودي. دڪاندار.

ـ **بَقالو:** ذ. ڀاڄي ويچي ـ ترڪاري.

ـ **بَقالِي ج بَقالِي:** ذ. صفت. بَقّالُ ـ باڪري.

• **بَقاوَلُ:** ذ. صفت. [ف] ردّي جوراکو ـ بَڪاولُ.

• **بَقايا ج بَقايائُون:** ث. [ع. بَقْيَة، بَقايا] رهيل رقم ـ بچت ـ ڀاڄي. رهيل قرض. نه پياريل سرڪاري پئسو.

ـ **بَقايا جو فَرْدُ:** ذ. پوتاميل. بقايا جو انگ.

ـ **بَقايا ڪيڻ:** باقي قرض ٻيهارڻ. صافي بچت ڪيڻ.

• **بُقْچو ج بُقْچا:** ذ. [ترڪي. بُغْچَه] ڏسو "بُجڪو".

• **بَقَرُ:** ذ. [ع] ڍڳن ۽ ڍڳين جو ڏڻ. ڍڳو ـ ڏاند. گئون ـ ڍڳي.

• **بُقْراطُ:** اسر خاص. [يوناني. Hippocrates] هڪ مشهور يوناني حڪيم جو نالو (جو حضرت عيسيٰ کان گهٽو اڳ ٿي گذريو. ۽ عِلم طب جو باني سمجهيو وڃي ٿو).

• **بَقَرعِيدَ:** ث. ٻاڪري عيد ـ عيدالاضحيٰ ـ عيد قربان (جا ۱۰ ـ ذوالحج تي مسلمان ملهائيندا آهن)

• **بُقْرَه:** ث. [ع] گئون. وهڙي. (ذ) تصوف جي اصطلاح ۾ انهيءَ شخص جو روح جنهن خدا جي طلب ۾ ٻاڻ کي حرص هوا کان روڪيو هجي. (اسر خاص) قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو (جنهن ۾ بني اسرائيل جي ڍڳيءَ جو ذڪر آهي).

• **بُقْعَه:** ذ. [ع] هنڌ ـ جاءِ

• **بَقْلُ:** ذ. [ع] ڀاڄي ـ سبزي.

• **بَقَمُ:** ذ. [ع] ڪاڪ جو هڪ قسم (جو ڳاڙهي رنگ جو ٿئي).

• **بَقِيعُ:** ذ. [ع] وڻن جو جهڳٽو ـ ٻيلو.

ـ **بَقِيعُ الْغَرْقَد:** اسر خاص. مديني شريف جو قديم ٻيلو (جو پوءِ مُقام ٿيو. جنهن کي هاڻي "جَنّةُ الْبَقِيعُ" چوندا آهن).

• **بَقِيو ج بَقِيا:** ذ. [ع. بَقِيّه] بقايا ـ بچت "بَقيو سلف صالح جو" (= اڳين صالح شخصن مان هڪ جيئرو صالح شخص).

• **بَقِيَّه:** ذ. [ع] باقي رهيل حصو ـ بچت. اهي ڪم جي خدا وٽ پائيدار آهن "بَقِيَّةُ الله".

ـ **بَقيه عُمر:** ث. باقي رهيل حياتي.

Gal Dayat Institute

• **بَکَ:** ث. [ع. بَقْبَق = گھٹو گُھالھائڻ: سن. واکَ = اَجايو گُھالھاءِ] بيهودي گفتار ـ اجائي بکواس. يخي ـ هاڙي. گُھالھ جي اجائي ڏيگھ.
• **بَکَ شَکَ:** ث. اجائي گُھالھ ـ بيهودي گفتار.
• **بَکَ کَرڻ:** بکواس کرڻ ـ جھگي ھٽڻ. بيهودو گُھالھائڻ.
• **بُکُ ج بُکَ:** ذ. [سن. بُکّنَہ، بُکّنْ، بُکّي =دل] ٽنگ جي پٺي ـ بُکي. ٽونٽ کان وٺي کُلھي تائين ھانھن جو حصو. ٽونٽ کان کُلھي تائين ڇوڙو. کيوڙي جو آڻ کليل سنگ. گنبذ. [انگ. book] کتاب. ريلوي ۾ مال جي رجسٽري.
– **بُک بائينڈَرُ:** ذ. صفت. [انگ. book binder] جُلد ٻڌندڙ ـ جُلد بند ـ جلد ساز.
– **بُک پوسٽ:** ذ. [انگ. book post] کليل لفافي خط. کتابن وغيره جو کليل پارسل.
– **بُک کرائڻ:** ريل گاڏيءَ ۾ مال موکلڻ لاءِ. اسٽيشن تي مال جي داخلا کرائي رسيد. وٺڻ.
• **بَکارِ:** اسم خاص. سنڌ جي ھک پاڳي جو نالو. روھڙي ڊويزن جو اڀيون نالو ـ "اُيو" ('دودي چنيسر' جي گُھالھ ۾ مذکور تہ جڏھن علاءُالدين اچي 'بکار' قري تڏھين دودي چنيسر جي پٽ، ننگر، کي چاڙھي موکليو). تعلقي روھڙيءَ ۾ ڳوٺ ۽ ديھ جو نالو. ضلعي سانگھڙ ۾ ڳوٺن ۽ ديھن جو نالو.
• **بَکارَتَ:** ث. [ع. بَکارةٌ] کنوارپي جي حالت ـ کنوارپ.
• **بَکارَنِ نِمِ، بَکائِنِ نِمِ:** ث. وڻ جو ھک قسم (جو 'نم' جھڙو ٿئي، پن رواجي نم کان وڏا، کائي اچي، ۽ نموريون پساريکي وکر طور دوا ۾ ڪم اچن) ـ شجر عَرارَہ (ع) ـ آزاد درخت (ف).
• **بَکاري ج بَکاري:** ذ. صفت. [ع. بَقّال] ميوو، پاڇيون يا گل وڪٽندڙ ـ باکري. (ث) بَکارِڻ ج بَکارِٽيُون.
• **بَکاوَلَ:** ذ. [ف] بورڇيخاني جو راکو ـ وڏو بورڇي. ساقي.
• **بَکاوَلي:** ذ. [ف] بورڇيخاني جو سامان. رڌڻ پچائڻ جو سامان ـ ٽانوَٽبا. (اسم خاص) "گل بکاولي" جي قصي ۾ ھک پريءَ جو نالو (جنھن سان 'تاج الملوک' نالي ھک شھزادي شادي کئي. لغت "فرھنگ آصفيه" جو مؤلف لکي ٿو تہ 'بکاولي' راجا ھيکل جوڳ، رياست ريوان جي واليءَ جي ڏيءُ ھئي).
• **بُکاءُ:** ذ. [ع] روج ـ راڙو ـ ماتم "بَر پٽ کن بُکاءُ، اُکندئا آريءَ لءِ گھٽو" (شاھ).
• **بَکبَکَ:** ث. [ع. بَقْبَقَ = ھن گھٽو گُھالھايو: سن. واکَ = اجايو گُھالھاءُ] اجايو گھٽو گُھالھاءُ. جھگي ـ بخي. بڙ بڙ. لباڙ.
ـ **بَکبَکي، بَکبَکيو:** ذ. صفت. [ع. بَقْباق] گھٽ گُھالھائو ـ بکواسي ـ بکوادي.
• **بَکُبَکُ:** ذ. [ع. بَقْبَقُ] گھٽن پکين جو گڏيل آواز. کبوترن جي گھُوگھُو.
– **بَکُبَکُوکُو:** ذ. پاريھر جو آواز ـ گھُوگھُو.
• **بَکُبَکِي:** ذ. پکيءَ جو ھک قسم (ميرانجھڙي رنگ ۽ ڇڊن پرن وارو).
• **بَکُتَرَ ج بَکُتَرُونْ:** ث. [ف. بَکْتَر] لوھ جي زرھ.
– **بَکُتَري:** ذ. صفت. زرھ پوش.
• **بَکَڪُ:** ذ. اِتي ڏکر راند جو ھک لفظ. ڏسو "گلي ڏکر".
– **بَکٽ ۾ جُگ وڃڻ:** اِتي ڏکر راند ۾ جُگ پوري ٽيڻ کان پوءِ بکٽ نہ ٽيڻ جي حالت ۾ "جُگ" پورو نہ ٽيڻ. شروعات ۾ شڪست ملڻ. نقصان پھچڻ.
– **بَکٽ ھٽڻ:** پيرن تي اِتي رکي اڇل ڏيئي ڏکر سان ڏ ڪ ھٽڻ.
• **بُکْچِي ج بُکْچِيُونْ:** ث. [ترکي. بُغچه] بُجکي. گج جي پُٽ ۾ ٽھيل ڳوٽري يا بُجکي (جنھن ۾ سُرھاڻ پريل ھجي).
• **بَکَرُ ج بَکَرَ:** ذ. [ع. بَقَلُ] وکر. ميوو يا سائي پاڇي، وغيره.
ـ **بَکَرمالُ (ک):** ذ. پاڇي. سامان نازڪ شيون.
• **بَکُرَمُ ج بَکُرَمَ:** ذ. [انگ. buckram] کپڙي جو ھک قسم (جو ٿُلھو ٿئي، ۽ کوٽن جي استر ۾ ڪم اچي).
• **بَکَ شَکَ:** ث. بيهودي گفتار. بکبک. لباڙ.
• **بِکَڪَ:** اسم خاص. کوھستان علاقي جي "چُٹا" قوم جي ھک قبيلي جو نالو.
• **بَکَلُ ج بَکَلْ:** ذ. [انگ. buckle] وارن کي قابو ڪري بيھارڻ جو زبانو. فوجي ماڻھوءَ کي سندس عھدي مطابق مليل نشان. ڪنھن ماڻھوءَ کي آفرين طور سرڪار کان مليل ھِلو ـ تمغو.
• **بَکُلْ:** مصدر. [سن. پَگّکلَ. پانْشُلَ = ميرو. ڏوڙ سان پريل. گپ سان پَريل] پَکُلڻ. ميرو ڪرڻ. ڪنو ڪرڻ. لڙاڻ. وجائڻ ـ ڦٽائڻ. پَرڻ (منيءَ ۾). (بَکُليو ـ بَکُليندو ـ بَکُليل).
– **بَکُليو ج بَکُليا:** ذ. صفت. پَکُليو. ميرو گندو. وجايل. ڦٽايل. پَريو ـ پَريل "ڏوڙ بَکليو ماءُ پرين، ڏن بَکُليو جوءِ پرين، اَچين کپڙين سَسُ پرين" (چوٽي).
• **بَکُرُ:** ذ. [ع. بَقَرُ = گاڙھو رنگ] وڻ جو ھک قسم (جو دکن ۽ زنجبار طرف ٿئي، پن بادام جي پنن جھڙا، گُلَ

Gul Hayat Institute

گھٹو ڪري زرد ۽ چوڏي ڳاڙهي جا رگ ناهڻ ۾ ڪم اچي). ڳاڙهي چوڏي (بکر وڻ جي).

• **بَکر کائي:** ث. "بکر" وڻ جي کائي. پسارکي وکرجو هڪ قسم.

– **بَکر مالُ:** ذ. تاڪئون مال ـ نازڪ مال.

• **بُکْرُ:** ذ. صفت. [ع. اَبْکَرُ ج بُکْرُ] ڪنوڻگا.

• **بُکْني:** ث. چانهه جو هڪ قسم ـ سنهي چانهه.

• **بَکَڙُ:** مصدر. [ع. بَتْبَتَ = گھٹو ڳالهائڻ: سن. ۱. وَچْ = ڳالهائڻ؛ ۲. واڪُ = اجايو ڳالهاءُ] گھٹو ڳالهائڻ. بکبک ڪرڻ. بدشد ڳالهائڻ. واهيات ڳالهائڻ. وقلڻ. لٻاڙ هڻڻ. چوري ٽيل مال جي خبر ٻڌائڻ (ت). خلاف شاهدي ڏيڻ (ت). لڳ ڪرڻ (ل). (بَکيو ـ بَکندو ـ بَکيل).

– **بَکڙو ج بَکڙا:** ذ. صفت. گھٹ ڳالهائو ـ بکبکيو ـ واتڙيو.

• **بَکو ج بَکا (ک):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (منهن چلرن سان. وات ويڪرو. وچون حصو هٹ وانگر ويڪرو. ڊيگهه ۳ کان ۹ انچن تائين).

• **بُکو بُکا (ک):** ذ. ڏسو "پُکو". ڏرو. ڪُجورو.

• **بَکْواتَ، بَکْواڊَ، بَکْواسَ:** ث. بَکبَک ـ بَک شک. بيهودي گفتار.

– **بَکواتي، بَکواڊي، بَکْواسي:** ذ صفت. بَکبکيو ـ گھٹ ڳالهائو.

• **بَکَهُ (ل):** ذ. مُگن يا متڙن جو ڪَڇهُ.

• **بُکي ج بُکِيُون:** ث. [سن. بُکي، وُرِڪ] گُردو ـ مٹانو. تنگ جي بني.

• **بُکيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُکيجاڻي:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُکيرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ مشهور ڳوٺ (جتي بهاؤالدين ذڪريا رحـ جي اولاد مان قريشي پيرن جي سڪونت گاهه ۽ درگاهه آهي).

• **بُکيراڻي:** اسم خاص. خليلاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَکَ:** ث. [بکڻ (=چمکڻ) > بَکَ] چمڪ ـ ٽمڪ.

• **بَکَ ج بَکَ:** ذ. [پرا. بَکَ: سن. بَکْش = کائڻ] کاڄ ـ کاڏو ـ پوجن. ٻلُ ـ قرباني. خيرات ـ صدقو. شڪار.

– **بَک ٽيڻ:** کاڄ ٽيڻ. قرباني ٽيڻ. شڪار ٽيڻ.

– **بَک ڏيڻ:** قرباني ڪرڻ ـ صدقو ڏيڻ.

• **بِکَ:** ذ. [سن. وِشَ] وِکُ ـ وِهُ ـ زهر. (ث) [هـ. بکيا] بيڪ ـ خيرات.

• **بُکَ ج بُگُون:** ث. [پرا. بُبّکا: سن. بُبُکْشا > بُجْ = کائڻ] کاڏي جي اشتها. لنگهڻ ـ فاقو ـ تسيو. ڏڪار ـ قحط. حرص ـ هَبچ. لالچ ـ تَمنّا.

– **بُکارو ج بُکارا:** ذ. صفت. بُکايل ـ بُکيو.

– **بُک جا چَمڪ وجهن:** اَجايو قَڏو ڪرڻ. هرو پرو جي لالچ رکڻ. رشوت طور ڪُجهه چڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

– **بُک جا لوڙهه اُجهن:** ڏاڍي بُک سبب پيٽ ۾ وٽ پوڻ.

– **بُکَ ڏيڻ:** کاڏو نه ڏيڻ. سختي ڏيڻ.

– **بُکَ ڪَڍڻ:** کاڏو نه کائڻ ـ لنگهڻ ڪڍڻ.

– **بُکَ مارڻ:** باوجود بُکَ هئڻ جي ڪنهن کي کاڏو نه ڏيڻ. بُک جي اشتها تي ضابطو ڪرڻ.

– **بُکَ مَرڻ:** لنگهڻ ڪڍڻ ـ فاقو ڪڍڻ. کاڏي نه ملڻ سبب وياکل ٽيڻ.

– **بُکَ وجهن:** بازدارن جو اصطلاح. باز کي پيٽ جي دوا کارائڻ.

– **بِکاري ج بِکاري:** ذ. صفت. [سن. بِکْشاهاري (= بِکْشا = خيرات + اَهاري < هرْ = وٽڻ) = خيرات وٺندڙ] پينو ـ گداگر ـ فقير. غريب ـ ڪنگال. عرضدار ـ سُرالي.

• **بُکائِجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. بُبُکْشا = بُکَ] بُکَ لڳڻ ـ بُکَ کان پاهه ٽيڻ. (بُکايو ـ بُکائيو ـ بُکايل).

• **بُکائِڻُ، بُکائِجَڻُ:** مصدر. [سن. پَسْ = چمڪڻ] تجلو ڏيڻ. چمڪائڻ. صيقل ڪرڻ. پري کان ظاهر ٽيڻ. دونڪڻ. دکائڻ ـ ڏڳائڻ (باهه). بخيا ڏيارڻ ـ ٽورا تانڪا ڏيارڻ (ل). (بکايو ـ بکائيندو ـ بکايل).

• **بُکائِڻُ، بُکائِجَڻُ:** مصدر. بُکَ لڳڻ. بک لَڪائڻ. (بُکايو. بُکائيو ـ بُکائيندو ـ بُکايل).

– **بُکايلُ ج بُکايلُ:** ذ. صفت. بُک جو ماريل. بُکيو. سڪايل.

• **بَکَرُ:** اسم خاص. روهڑي ۽ سکر جي وچ تي سنڌو نديءَ ۾ هڪ ٻيٽ، ۽ اُن ٻيٽ تي جهوني تاريخي شهر ۽ تاريخي قلعي جو نالو.

• **بَکْراڻي:** اسم خاص. هڪ ذات يا ڪنهن قوم جي پاڙي جو نالو (هن نالي سان ڪيترن ئي قبيلن جا پاڙا آهن: مثلاً تعلقي ميرپور ساڪري ۾ "بکراڻي ڳبا" (جي بگهياڙ بلوچن جا ڳبا آهن)، جاڪي بندر ڪان ڪوهه ڪن اُپرندي "پاتار درياءَ" تي ويٺل، جن مان بَکر، ڪارو وَرُو، آچار، اسحاق، اِپوڙو ۽ بيگ شاعر ٿي گذريا). ضلعي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَکرو ج بَکرا:** ذ. [ف. بَهْرَه] بخرو ـ حصو ـ پاگو ـ پتي.

Gul Hayat Institute

ہوڻي جو هڪ قسم ـ بَکِڙو.

• **بِکڙڻ:** مصدر. [سن. وِ = پري + کُرِيْ = ڪِرڻ ڪِرڻ ٿيڻ] پکڙڻ ـ منتشر ٿيڻ. (بِکڙيو ـ بکڙندو ـ بِکڙيل).

• **بَکڙ:** ذ. هڪ قسم جو ہوتو (وس تي ٿئي).

• **بَکڙو:** ذ. گاھ يا ہُوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا ڏيلها ڪندن وارا ٿين ۽ انهن ۾ آڇا داڻا ٿين). ووٽن جو هڪ مرض. ساوڪ ـ سبزي.

• **بِکڙو:** ذ. صفت. قَتل (رنگ).

• **بَکڻ:** مصدر. [سن. پا. پَس = چمکڻ] چمکڻ ـ ٽمڪڻ. ڏوٽڪڻ. پري کان روشني نظر اچڻ. ظاهر ٿيڻ. پريان ڏيکاري ڏيڻ. آڏ وسائل باھ جي ڏاندن جو ٽورو چمکڻ. ڏڳڻ (باھ). (بَکيو ـ بَکندو ـ بَکيل).

• **بَکو ڇ بَکا:** ذ. [ف. بَخيه] بخيو ـ بَکيو. ٽوپو ـ سيبو. اُٽ جي پوئين ٽنگ جو ڏڏ کان وٺي پُٺيءَ تائين پاڳو (ل).

• **بَکوري:** اسم خاص. تعقلي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَکو ڪلي:** اسم خاص. تعقلي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَکوءِ پوتا (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بِکيا ڇ بِکيائُنْ:** ث. [سن. پِکْشا] پِنَ ـ گداگري. خيرات ـ دانُ. ڪاڏو (جو ساڏو فقير کي خيرات ۾ ملي).

– **بِکياري ڇ بِکياري:** ذ. صفت. گداگر ـ پينو. عرضدار ـ سُوالي. (ث) بِکيارَڻ.

– **بِکيَڪُ:** ذ. صفت. پينو ـ گداگر.

• **بَکِيارَ (ل):** ث. موجين جو هڪ اوزار ـ بخيي واري آرَ (جا تمام سنهي بخيي يا ٽوپي ڏيڻ لاءِ ڪم اچي).

• **بُکْيَتُ ڇ بُکْيَتَ:** ذ. صفت. بُکايل. هيڇي. هُوندي سوندي سڪندڙ ـ بخيل. نيّت جو بُکيو.

• **بِکيڙڻ:** مصدر. [سن. وِکُرِيْ < وِ = پري + کُرِي = پکيڙڻ] پکيڙڻ ـ منتشر ڪرڻ. (بِکيڙيو ـ بِکيڙيندو ـ بِکيڙيل).

• **بِکيڙو ڇ بِکيڙا:** ذ. [سن. واکّلْ] جهيڙو ـ جهڪڙو ـ تکرار ـ فساد. لڙ ـ شور ـ گوڙ ـ ڏمڪر. رولو ـ گڙٻڙ.

– **بِکيڙائي ڇ بِکيڙائي:** ذ. صفت. جهيڙاڪر ـ معاملائي. گوڙ ڪندڙ.

– **بِکيڙو ڇُڪائڻ:** جهيڙو ختم ڪرڻ. صلح ڪرائڻ ـ سانت ڪرائڻ.

– **بِکيڙو ڪرڻ:** جهيڙو ڪرڻ. رڳڙو ڪرڻ. گوڙ ڪرڻ ـ شور ڪرڻ.

– **بِکيڙو مچائڻ:** معاملو وڌائڻ ـ گوڙ وڌائڻ.

– **بِکيڙو وجهڻ:** جهيڙو وجهڻ.

• **بِکيو ڇ بَکِيا:** ذ. [ف. بَخيَه] بخيو. ٽوپو ـ سيبو. پيٽ جي هڪ بيماري. اُلٽي ـ قيءَ ـ اوچاڙو (ڪ).

• **بِکيو ڇ بُکِيا:** ذ. صفت. [سن. بُيڪُش] بُک وارو ـ بُکايل. هيڇي. لالچي. [هـ بَکيا] تيز طبع ـ چيڙاڪ.

– **بُکِيائِتُ:** ذ. صفت. بُکايل ـ بُکيو.

– **بُکِيي پِيٽ:** ظرف. بُک ۾ ـ بُک سان. نيراني ـ لنگهَڻ.

– **بُکِيي پِيٽ کي پَٽيُون بَڌڻ:** غربت سان وقت نباهڻ. تنگيءَ ۾ ڏينهن ڪاٽڻ.

• **بَگ:** ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم (جا نہ ڦر جهلي ۽ نہ نَر جو ڪم ڏئي).

– **بَگ تاريو (ت):** ذ. صفت. آڇين اکين وارو. منحوس. نياڳو.

– **بَگ ڏاڙيهو:** ذ. صفت. آڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو.

• **بَگُ:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَگُ ڇ بَگَ:** ذ. صفت. [سن. وَكُ = آڇو بَگهُ] آڇو ـ سنيد. (ذ) ڪوڙهه جي بيماري (جنهن ۾ بدن تي آڇا ٽڪا ٿي پون). ڪوڙهه جو آڇو ٽڪو. مٽرن ۽ ڏاڻن جي پوک جو هڪ مرض (جنهن ۾ ساوا پن آڇا ٿي پون). جوئر ۽ باجهريءَ جو هڪ مرض (جنهن ۾ واءَ جي ڦيري سبب سنگن جو اَنَ مارجي وڃي). ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن مان زنانيون پوتيون ٺهن). (صفت) ٺڳ ـ دغاباز.

• **بُگُ:** اسم خاص. تعقلي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُگا:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **بُگا:** اسم خاص. تعقلي موري ۾ هڪ ڳوٺ (جتي جا پڙهيل ۽ عالم "بُگائي بزرگ" جي نالي سان مشهور آهن. جن مان عالم، درويش ۽ شاعر غُلام محمد بگائي مشهور ٿيو).

• **بگاڙڻ:** مصدر. [سن. ١. وِگهَٽَن = پيڇي ڌار ڪرڻ؛ ٢. وِگَتْ < وِ = خراب + گتِ = هلت] خراب ڪرڻ ـ ڦٽائڻ ـ ڪارڻ (ڪنهن شيءِ، ڪم، ڳالهه يا معاملي کي) هي شڪل ڏيڻ ـ روپ بدلائڻ. اُبتو ڪرڻ. (بِگاڙيو ـ بگاڙيندو ـ بگاڙيل).

– **بِگاڙ (ث)، بِگاڙُ (ذ):** بگاڙو ـ خرابي ـ ڦيٽاڙو. ابتري ـ خلل. تبديل. اُٽبٽ. بگيڙو ـ جهيڙو.

– **بِگاڙو ڇ بِگاڙا:** ذ. خرابو ـ ڦيٽاڙو ـ فتنو.

• **بِگاسَنْ:** مصدر. [سن. وِكاسَنَ] ڪلڻ (گل) ـ ٽڙڻ. ظاهر ٿيڻ ـ نڪرڻ. (بِگاسيو ـ بِاسيندو ـ بِگاسيل).

• **بِگاگو:** ذ. ڏسو "بَغاغو".

• **بَگُبگُوتُو:** ث. ڪبوتر جي گهُوگهُو.

Gul Hayat Institute

• **بَگتِي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (پاڑا: ١. راهيجا، ٢. شنباڻي، ٣. بخشلاڻي، ٤. چاڪراڻي، ٥. گدري، ٦. بُگتي، ٧. ميرواڻي، ٨. ڪيازئي، ٩. ڪلڙ، ١٠. مندراڻي، ١١. مشوري، ١٢. نوتاڻي، ١٣. سندراڻي، ١٤. زرڪاڻي، ١٥. بُگراڻي، وغيره).

• **بُگچو** ج **بُگچا:** ذ. [ترڪي. بُغْجَه] بُجڪو. بدڙي ـ ڳنڍ (ڪپڙن جي).

– **بُگچائِي** ج **بُگچائِي:** ذ. صفت. ڪپڙي جي ڦيريءَ وارو ـ بجڪائي.

• **بُگَد (ث):** ذ. [ع. بُغْض] حسد. دل جي کوٽائِي ـ غير ـ هِيائِي.

• **بَگدا (ک):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَگدار، بُگدار:** ث. اَڇيءَ جوئر جو هڪ قِسم اَلَڪَ.

• **بُگدي** ج **بُگدي:** ذ. ڏسو "بُغْدي".

• **بِگر:** ظرف. [ع. بِغَير] کان سواءِ ـ ڌاران ـ سواءِ ـ بنا "ڪونهي ڪميٽيءَ جو بِگر تو بِلو" (شاهه).

• **بُگرُو:** اسر خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَگري** ج **بَگريُون:** ث. [ف. بَغْلي] پيدل سفر ۾ سيڊي وغيره وڇهڻ لاءِ ڳوٽري (جا بغل. يعني ڪچ ۾ ڪٽي هلجي). خرچين مثل ڪپڙي جي ڳوٽري، فقير جي ڪچ ۾ لڙڪندڙ ڳوٽري ـ گداگرن جي گبري "بُک وڏائون بگريين، جوڳي ڪندا جُڳَ" (شاهه). چراگاهه طور ڪم ايندڙ زمين ٽُکر. زمين جو آباد ٽُکر ـ تاکي. سوڙهي جاءِ (ل).

• **بُگري:** ذ. چانورن جو هڪ قسم.

• **بَگڙ** ج **بَگڙ (ت، ل):** ذ. صفت. [سن. وَکَ = اڇو ٻگهه] اَڇو ـ سفيد. پُورو. ڳورو. اڇن وارن وارو. ڳورو.

• **بِگڑَڻ:** مصدر. "بِگڑڻ" مان فعل مجهول. بدلجڻ. خراب ٿيڻ (بِگڑيو ـ بِگڑبو ـ بِگڑيل).

• **بَگڑَدَلو** ج **بَگڑَدَلا:** ذ. صفت. وات ڦاتوڙو. ڇڙڪ (جوابي) ـ هَڏ رَڏئي ـ دمباز. امانت ۾ خيانت ڪندڙ ـ خائن ـ ڪپتيو. بدمعاش ـ ٺڳ. اَڻ گهڙيو. پڙ ڏسو "بغڙدلو".

• **بِگڑڻ:** مصدر. [سن. وِگهٹ = پيڇي جدا ڪرڻ] خراب ٿيڻ ـ ڦٽڻ. صورت بدلجڻ ـ ڦرڻ. ڪاوڙجڻ. ٽهڻ. وڙهڻ. (بگڑيو ـ بگڑندو ـ بگڑيل).

• **بَگڑو** ج **بَگڑا:** ذ. تتر جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قِسم. (صفت) اَڇو ـ سفيد.

• **بِگِلُ** ج **بِگِل:** ذ. [انگ. bugle] پتل جو توتارو (جو فوجي اطلاعن لاءِ وڄايو وڃي) ـ فوجي تُوتارو.

– **بِگل ڦُري وڄڻ:** فوجي توتاري (بگل) وڄڻ تي سپاهيءَ کي جوش اچڻ ۽ سندس دماغ بدلجڻ. جوش سببان دماغ ڦري وڃڻ. سخت جوش ۾ اچڻ. خيال منجي وڃڻ. مغز خراب ٿي وڃڻ. بِگل وڄي وڃڻ ـ جنگ جو اعلان ٿي وڃڻ. حالت بدلجي وڃڻ.

• **بَگلَڻ:** مصدر. پرڻ ـ مالا مال ڪرڻ. آلوده ڪرڻ. مٽيءَ هاٿو ڪرڻ. پڙ ڏسو "بَکلَڻ". (بَگليو ـ بَگليندو ـ بگليل).

• **بَگلا** ج **بَگلو:** ذ. [سن. وَکَ = ٻگهه] ٻگهه پکي (جو همڪ مائيٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر جڏهن کا مڇي ڏسندو آهي، تڏهن اوچتو جهٽ هٿي ڳڙڪائي وٺندو آهي). ڏُنگيءَ جو هڪ قسم. اَڇي رنگ جو گهوڙو جنهن تي سنهان ڪاڙها ٽِڪا هجن.

– **بَگلو پَکَتُ:** ذ. رياڪار ـ مڪّار. منافق ـ اندر ٻهريو.

• **بَگلي** ج **بَگلِيُون:** ث. [ف. بَغل > بَغلي] بَغلي ـ ڪچ. بَگري. بغل ٽيلهي.

– **بَگليون ٽوڪڻ:** ڪچون ٽوڪڻ. خوشيون ڪرڻ.

• **بَگلِيو** ج **بَگلِيا:** ذ. صفت. بُگريءَ وارو درويش. گودڙيءَ وارو فقير. جهوليدار فقير.

• **بَگو** ج **بَگا:** ذ. صفت. [سن. وَکَ = ٻگهه] اَڇو ـ سفيد ـ پورو. (ذ) پُوري رنگ جو ڏاند ـ اَڇي رنگ جو اُٺ. بگي رنگ جو ماڻهو ـ اَلبينو. ٻگهه ـ بگلو.

• **بِگو** ج **بِگا:** ذ. [سن. وِگْرَه] ايڪڙ جو $\frac{5}{8}$ حصو (٢٢٥٠٠ چورس وال) ـ بيگو.

• **بُگو** ج **بُگا:** ذ. ٽڻ مان ڪير چوسڻ لاءِ ڏاڪ ڦر جو ٽُونو. ٽڻ مان گُوهي ڪيڻ لاءِ مُٺ جو زور. ٽونْشو. گڏيل ٻنهي هٿن سان ڏَڪ (راند ۾). تخمينو ـ ڏُکو. ڏنو ـ ڪوڙ.

– **بُگو هٽڻ:** قَرُ (چيلي، گابي، پاڏي، وغيره) جو ڪير پيٽ لاءِ چوپائيءَ جي ٽڻ کي ٽُونو هٽڻ. پوک چگيءَ طرح نه ڪرڻ. ڏنو ڏيڻ.

• **بِگوٽي** ج **بِگوٽِيُون:** ث. زمين جي ماپ جو هڪ نمونو (سينڪلين سان ماپ).

• **بَگو ڏَرُو:** اسر خاص. اُباوڙي ۽ ڪنديارِي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بَگولو** ج **بَگولا:** ذ. [هـ. بَگُولا] واڇوڙو.

• **بَگوئي** ج **بَگوئِيُون (ت):** ث. ڪچ ـ بغل.

– **بَگوئِيُون هٽڻ:** ڪچون ٽوڪڻ. خوشي ڪرڻ. ناز ڪرڻ.

• **بَگِي** ج **بَگِيُون:** ث. صفت. [سن. وَکِّ = هلڻ] اَڇي ـ سفيد. ڏِگِي (اڇي رنگ جي). بَري ٻَکريءَ جو هڪ قِسم (رنگ اڇو. تنگون بلڪل ننڍيون. ڪن ننڍڙا ..... اڳتي وريل. ۽ ٽڻ

Gul Hayat Institute

وڏا). (ث) گھوڙي گاڏيءَ جو هڪ قسم ـ ٻگھي. بنا جوهر ترار. (اسم خاص) ڏوکريءَ ۾ ڳڙھي ياسين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

– **بَگي بورَ:** ث. مينڌن جو هڪ قسم (جنهن جا چارئي آڇا پير ٽين).

• **بِگيڙ ج بِگيڙَ:** ذ. ڏڏو ـ فساد ـ قيناڙو ـ ڏڦير.

• **بِگيڙڻ:** مصدر. بگاڙڻ ـ خراب ڪرڻ ـ ڦٽائڻ. ڦيرائڻ ـ بدلائڻ. ڪاوڙائڻ. (بگيڙيو ـ بگيڙيندو ـ بگيڙيل).

• **بَگيڙي:** ذ. هڪ قسم جو ننڍڙو پکي ـ هيڙهو.

• **بگھاڙي، بَگھاڙي ج بگھاڙيون، بَگھياڙيُون:** ث. لوھ جي ڪلي (هيٺان دوشاخي، جا پاڪڙي ۾ ڪتب جي چيڙي کي پَسر سان مضبوط ڪرڻ لاءِ لڳائيندا آهن) "بگھاڙيون بغلن ۾، لڳين لوھ لڳاس" (شاھ).

• **بَگھَڙ:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاھ ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **بَگھَڙ ج بَگھَڙ:** ذ. [سن. وْرِكَ] وحشيَ جانور جو هڪ قسم ـ گُرگ ـ ناھر. پاڪڙي جي گھوڙي ۽ پَسرن کي مضبوط رکڻ جي هڪ ڪائي. (صفت) چالاڪ. سگھارو.

– **بَگھڙپَوڻ:** مصيبت پوڻ ـ آفت نازل ٿيڻ ـ نقصان پھچڻ.

• **بَگھڙي ج بَگھڙيُون:** ث. پوک جي ٽڪري "گھٽن پيٽاري بگھڙي، ڪائي ويئي جھار" ـ بکري ـ وَکري.

• **بَگھياڙ:** اسر خاص. موجوده ضلعي ٺٽي ۾ هڪ قديم درياٽي ڦاٽ ۽ موجوده واھ جو نالو. بگھاڙ. ڪلمتي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جو مٽن 'بگھياڙ' ڦاٽ تي سندن قديم بستين سببان پيو).

• **بَگھياڙ ج بَگھياڙ (ل):** ذ. بَگھڙ ـ ناھر ـ گُرگ.

• **بَگھياڙو ج بَگھياڙا:** ذ. بگھڙن جون رڙيون ۽ اونايون ـ ھُل. گوڙ ـ ڏمجر. ٻڙڪ ـ مانڊاڻ.

• **بَگھياڙي ج بَگھياڙيُون:** ث. بگھڙجي مادي. نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪائي ـ ٽَهڪڻ. زنجير ـ نيرُ. بگھاڙي. پيڪڙو. (پاڪڙي ۾) لوھ جي جھلَ. (اسم خاص) تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **بَگھيڙ ج بَگھيڙَ:** ذ. بَگھَڙ.

• **بَلْ ج بَلّ:** ذ. [سن. بَلَ] ٻلُ ـ طاقت. بهادريءَ جو زور (لس). وڏو ڪنبو ـ سيلهُ.

• **بِلْ ج بِلّ:** ذ. [انگ. bill] خريداريءَ جي وچور جو ڪاغذ ـ قيمتن جو چٺو. حساب ڪتاب جو ڪاغذ. پگھار وغيره جو ڪاغذ (جو بينڪ مان متائجي). قانون جو مسودو.

• **بُلْ ج بُلّ:** ذ. ٽپو ـ چالُ. ٽينگُ ـ ٻڏُ. لغڙ کي چاڑھڻ لاءِ ڏنل اَڇلَ. ڪينهي جو ٽيڙُ. ڪمند جي گُري. وارو ـ وجھ ـ موقعو ـ ٽـڙُ. ترغيب. گوھـي.

– **بُل ڈيارڻ:** ٽپو ڏيارڻ. وجھ ڏيارڻ.

– **بُلْ ڈيڻ:** ٽپو ڏيڻ. لغڙ کي هوا ۾ اُڇل ڏيڻ. وجھ ڏيڻ ـ موقعو ڏيڻ.

– **بُل کارائڻ:** ٽپو ڏيارڻ ـ ٽيڙ کارائڻ (بال کي).

– **بُل کائڻ:** ٽَپ ڏيڻ. لُڇڻ پڇڻ ـ ڦٽڪڻ ـ بولائيون کائڻ. بيقرار ٽيڻ. ڪوشش ڪرڻ.

• **بَلا ج بَلاؤُنْ:** ث. [ع. بَلاء] مصيبت ـ آفت ـ آپدا. زحمت ـ تڪليف. ڏک ـ ايذاءُ. ڪاب هيبتناڪ شيءِ. جن ـ پُوت. سنهو سَپ. (صطلاحاً) مادي سپ. (صفت) شرير ـ لُڇ. چالاڪ. هوشيار. رِپ. ٽگ. وڏو حريف ـ ترياڪ. خوفناڪ.

– **بَلا آڈي اُڇڻ:** مصيبت درپيش اڇڻ. رندڪ پوڻ. نقصان پھچڻ. ڪنهن به شيءِ جو وڃ مان غائب ٿي وڃڻ. ٺهيل ڪم بگڙي وڃڻ.

– **بَلا اَچي کَڙَکَڻ:** شامت پوڻ ـ مصيبت نازل ٿيڻ.

– **بَلا اَنْگيز:** ذ. صفت. [ع. بلا + ف. انگيز = اثاريندڙ] فتنو يا مصيبت اثاريندڙ.

– **بَلازَدَه:** صفت. [ع. بلا+ف. زده = ماريل] مصيبت جو ماريل.

– **بَلاڪَشْ:** ذ. صفت. [ع. بلا + ف. ڪش] تڪليف سهندڙ. جاکوڙا ڪيندڙ. دُکي. ڪمبخت. عاشق ـ مُحِبُ.

– **بَلانوشْ:** ذ. صفت. گھٽوشراب پيئندڙ. شرابي.

– **بَلائُن کان بَچائڻ:** مصيبت کان محفوظ رکڻ ـ آفتن کان امن ڏيڻ.

– **بَلاي آسْماني ث.** خدائي مصيبت.

– **بَلاي بي دَرْمان:** ث. لاعلاج مصيبت.

– **بَلاي جان:** ث. جيءَ جو جنجال.

– **بَلاي ناگھاني:** ث. اوچتي آپدا.

• **بِلا:** حرف جر. [ف. بِه = ساڻ + ع. لا = نہ] کان سواءِ ـ بغير ـ سواءِ ڏاران ـ بنا.

– **بِلا تاخير:** ظرف. بنا دير ـ يڪدم.

– **بِلا تَرتيب:** ظرف. ترتيب کانسواءِ. بگڙيل.

– **بِلاتَرَدُّدَ:** ظرف. هٽڪ کان سواءِ. بيڌڙڪ.

– **بِلاتَشبيه:** ظرف. پيٽ کان سواءِ.

– **بِلاتَكَلُّف:** ظرف. تڪليف کان سواءِ. آساني ۽ سان.

– **بِلاحُجّت:** ظرف. حُجت يا دليل کان سواءِ. بنا ثابتيءَ جي.

Gul Hayat Institute

– **بِلاحرڪت:** ظرف. ٻُرڻ کانسواءِ.
– **بِلادير:** ظرف. ڪنهن بہ دير کان سواءِ ـ يڪدم.
– **بِلاسبب:** ظرف. سبب کان سواءِ ـ بي سبب.
– **بِلاشَرْط:** ظرف. شرط کان سواءِ.
– **بِلاشڪ:** ظرف. بنا شڪ شبهي جي ـ بيشڪ. واقعي ـ يقيني طور.
– **بِلاطَلَب:** ظرف. طلب کانسواءِ. آڻ ڳوليو.
– **بِلاعِوَض:** ظرف. بَدلي کان سواءِ.
– **بِلافاصِلَه:** ظرف. وچوتيءَ بغير. بنا روڪ. سانده ـ لاڳيتو.
– **بِلافائِده:** ظرف. بنا فائدي ـ اَجايو.
– **بِلافَرق:** ظرف. سواءِ ڪنهن فرق جي ـ بِنا امتياز.
– **بِلاقُصور:** ظرف. ڏوهہ کان سواءِ.
– **بِلامُوجب:** ظرف. سبب کان سواءِ.
– **بِلانصيب:** ظرف. نصيب کان سواءِ. (صفت) بدبخت ـ نياڳو.
– **بِلاواسطه:** ظرف. وسيلي کان سواءِ. پاڻمرادو. بي سبب.
– **بِلاوَجهَ:** ظرف. سبب کان سواءِ ـ ناحق.

• **بُلا:** ذ. پار کي پيار سان سڏڻ جو لفظ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **بُلاشاه:** اسم خاص. پنجابي ـ ملتاني زبان جو هڪ مشهور صوفي شاعر.
• **بِلاتو ج بِلاتا:** ظرف. بِلائتو ـ جايائتو ـ ٽانيڪو ـ هٽيڪو. سلامت. قابو ـ سوگهو "جي: آهي آزمودو رهِ عشق ۾ بِلاتو" (آسو). (ث) بِلاتيِ ج بِلاتيُون.
• **بِلادَ:** ذ. [ع. بَلَدُ ج بَلادَ] شهر ـ ڳوٺ. مُلڪ.
• **بَلادَتَ:** ث. [ع] موڳائي ـ ڪند فهمي. بيوقوفي.
• **بَلادي:** ا سر خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو. هڪ جت قبيلي جو نالو.
• **بَلاڙو ج بَلاڙا (ت):** ذ. صفت. هوشيار ـ چالاڪ.
• **بِلاس ث.** [سن. وِلَس (= راند ڪرڻ) > وِلاس = راند روند. خوشي] راند روند. عيش عشرت. "پوڳ بلاس". خوشي ـ آرام ـ فرحت ـ آنند. بي فڪري. مزو ـ لذّت.
– **بِلاس ڪرڻ:** مزاماڻڻ. عيش ڪرڻ. پوڳ ڪرڻ.
– **بِلاسِي ج بِلاسِي:** ذ. صفت. خوشي جيڙو. مزي ڪوڙيو.
• **بَلاسيا (ت):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بَلاطَ:** ذ. [ع] ميدان. فرش (سرن يا پٿرن جو). بارگاهہ ـ دربار.
• **بَلاغ:** ذ. صفت. [ع] گهٽو ڳڙڪائيندڙ ـ پيٽوڙي ـ هاپو.
• **بَلاغ:** ذ. [ع] نياپو ـ پيغام.
• **بَلاغَتَ:** ث. [ع. بَلَغَ = هو پهتو] ڪلام جي سڀني خوبين ۽ معنائن جي پوري ادائگي. خوش رواني. ڪلامي قابليت. خوش بياني ـ شيرين ڪلامي. ڪلام جون لفظي خواهہ معنوي خوبيون. اعليٰ قسم جي خوش گفتاري سيکاريندڙ ڪلام ـ "عِلمِ بلاغت" (جنهن جون ٽي شاخون آهن: ۱. علم معاني. ۲. عِلم بيان. ۳. علم بديع).
• **بَلاغُونْ:** ذ. ڪَويتَ جي وڻ جو ڇوڏو (جنهن مان ناس وجهڻ لاءِ ڏهليون ناهين). ناس جي ڏهلي ـ بَلاڳَنُون.
• **بَلاقَ ج بَلاقَ:** ذ. [ف] وڏيءَ سٽڻ جو پانڇو.
• **بِلاڪَ ج بِلاڪ:** ذ. [انگ. block] قالب ـ ڪاربُ. ڪنهن لڪيت يا نقش جو سانچو. زمين جو ٽڪَ. زمين جي مخصوص اراضي (۱۶ ايڪڙ) وارو ٽڪر.
• **بِلاڪِيتَ ج بِلاڪِيتَ:** ذ. [انگ. blanket] ٿُلهو اوني ڪڙو. ڪمبل.
• **بِلالَ:** اسم خاص. [ع] حضور پاڪ جن جي مخلص حبشي اصحابيءَ جو نالو (جو نماز لاءِ بانگ ڏيڻ جي ڪم تي مقرر هوندو هو. جنهن ڪري ڪيس 'بِلال بانگو' ب چيو وڃي ٿو). سنڌي شاعر جو نالو (شاهہ عنايت رضوي جو پوٽو. بلال شاهہ بن محمد شريف شاهہ بن شاهہ عنايت. جنهن جا ڪي بيت 'شاهہ جي رسالي' جي ڇاپي توڙي قلمي نسخن ۾ موجود آهن. "بغدادي. بِلال چئي. رک وڏا شيخ شرم"). "مخدوم بلال" (اصل ٽلٽيءَ جو ويٺل هو. وڏو مفسّر ۽ ولي الله جنهن کي شاهہ بيگ ارغون ڏهين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ شهيد ڪرايو. سندس مسجد ٽلٽيءَ ۾ موجود آهي. ۽ سندس مقبره 'باغبان' ضلعي دادو ۾ آهي. جتي 'ماهہ پهرئين جمعي' تي وڏو شغل ٿيندو آهي).
• **بِلالُ ج بِلال:** ذ. ڏاندي پکيءَ جو هڪ قسم (هن قسمن جو ٽئي: ۱. ٽنڍٽي ۲. ساون ڪنين ۽ سائيءَ چهنب سان).
• **بِلاوَلُ:** ذ. "شاهہ جي رسالي" ۾ هڪ سُر جو نالو. راڳ جي اصطلاح ۾ هڪ "ٺاٽ" جو نالو. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. اسم خاص. ماڻهوءَ جو نالو.
• **بِلاوَلي:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
• **بِلاوَلپور:** اسم خاص. تعقلي سيوهڻ ۾ (ٽلٽيءَ جي پرسان) هڪ ديهہ جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **بَلاهَتَ:** ث. [ع] ناداني ـ بيوقوفي.
• **بَلائُو ج بَلائُو:** ذ. ٻارن کي ڏيڇارڻ جو هڪ خيالي جانور ـ ٻائو ـ جيجائو.
• **بِلائِي کَنْدَ:** ذ. [سن. وِداري نَنْدا] پسارکي وکر جو هڪ قسم (جو سنڌن جي سوڄ لاءِ دوا طور ڪم اچي).
• **بَلِيْ:** ظرف. [ع] هالو.
• **بَلْبُ ج بَلْبَ:** ذ. [انگ. bulb] بجليءَ جي روشني ڏيڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو شيشي جو پورو گولو.
• **بَلْبَل:** ث. بَڪ بَڪ. ڏيڪ ويڪ ـ ٽاهہ ٽوهہ. سيٽ ٻٽاڪ.
• **بُلْبُلِ ج بُلْبُلِيُون:** ث. [ف] هڪ مشهور ننڍڙو پکي ـ بُـڙبل ـ پوري (بلبل کي سنڌ جي اُترئين حصي ۾ ڪن شاعرن مذڪر طور به استعمال ڪيو آهي "اصل کان آهہ هي عاقل. اوهان جي باغ جو بُبل" (مولوي محمد عاقل). ميهڙ جي مشهور صحافي ۽ شاعر "رئيس شمس الدين" جو تخلص.
– **بُلبل چَشْمُر:** ذ. جنهن جون اکيون بُلبل جهڙيون هجن. پَٽ جو (ٿهڪن سان) سنهڙو ڪپڙو. تمام سنهون جاريدار ڪپڙو. ڪيس جو هڪ قسم.
– **بُلبلِ شيرازُ:** ذ. 'شيراز' جي مشهور شاعر 'سعدي' جو لقب.
– **بُلبل مِزاج:** ذ. صفت. ناز ڪندڙ. عاشق جيئڙو.
– **بُلبل نَوا:** ذ. صفت. بلبل جهڙو آواز ڪندڙ. خوش آواز.
• **بُلْبُلو ج بُلْبُلا:** ذ. [سن. بُدْبُدَ] جَر ڦوٽو ـ حُباب. (صفت) پياري. نخريلو.
ـ **بُلبلو اُڀائِڻ (ت):** اُفواهہ اُتارڻ. ٽاهہ ٽاهڻ. تهمت مڙهڻ ـ الزام ڏرڻ.
• **بَلْبَنْ:** اسم خاص. [ف] غلامَ گهراڻي جي هڪ بادشاهہ جو نالو (جنهن جو نالو 'غياث الدين' هو. جنهن هندستان تي ١٢٦٤ ع کان ١٢٦٥ ع تائين حڪومت ڪئي).
• **بُلْٽُ ج بُلْٽَ:** ذ. [انگ. bolt] دروازي بند ڪرڻ جو ڪُنڊو.
ـ **بُلٽ کي قيرو اُڇڻ:** خيال ۾ تبديل اڇڻ. محبت گهٽجڻ.
• **بُلْتاکُ ج بُلْتاکَ:** ذ. [انگ. bull dog] ننڍي قد وارو ڪتو. شڪاري ڪتي جو هڪ قسم (مغز وڏو، بدن ٿلهو، منهن موڪرو ۽ قد ڇوٽو).
ـ **بُلتاک بَنجڻ:** بلتاک وانگر ڪنهن جي ڇڃ تي ٻئي سان وڙهڻ. ڪنهن جو خوشامدي بنجڻ. چالاڪ بنجڻ.
• **بَلْخُ:** اسم خاص. [ف] موجوده افغانستان ۾ هڪ قديم تاريخي شهر.
• **بَلَدُ ج بَلَدَ:** ذ [سن. بَلِيوَرْدَ] بَرْدَ ـ ڍڳو ـ ڏاند.
• **بَلَدُ، بَلَده:** ذ [ع] شهر ـ وڏو ڳوٺ. [ف] واقف.
ـ **بَلَدِيه:** ث. شهري انتظام جي جماعت ـ ميونسپل.
ـ **بَلَدِيت:** ث. شهريت. شهري حقوق.
• **بُلْدي:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو ـ بُليدي.
• **بُلْرُ ج بُلْرَ:** ذ. ٽُڪر. ڳُري ـ گُري. ڳُندِ. (صفت) وڏي بُليءَ وارو.
• **بُلْرُ ج بُلْرَ:** ذ. پراڻي شيءِ جو ٽُڪر (ل). گيهہ. ڪٽڪ جو اٽو ۽ ڪنڊ ملائي ٺاهيل ڪاڏو (ڪ). (صفت) ڄور ـ تَڪ (ڪ).
• **بُلْرُو ج بُلْرُو:** ذ. "بُلُو" مان اسم تصغير. ننڍڙو چوڪرڙو. (ث) بُلڑي ج بُلڑيُون.
• **بُلْڑي:** اسم خاص. تعلقي گوٺيءَ ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو (جتي مشهور درويش ۽ ولي الله "شاهہ عبدالڪريم" جو مقبرو آهي).
• **بُلْڑي ج بُلْڑِيُون:** ث. صفت. ننڍڙي (چوڪري). پياري ـ منڙي.
• **بَلَسانُ:** ذ. [ع] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جي ڇڃ مان خوشبودار تيل نڪرندو آهي).
• **بُلْغارَ ج بُلْغارُون:** ث. [ف. ترڪي] آواز. پرواهہ ـ ڇخي "بُلغار ئي ڪانہ ڪيائين = پرواهہ ئي ڪانہ ڪيائين" (جملو). گُل قل ـ ساوڪ ـ سبزي "جيئن هت انب آما آمڑيون، ٻيا باغ چگا بلغار" (ڪبير شاهہ). خوشبودار چمڙو، رُوسي چمڙو، رٻڙ جي نليءَ وانگر چمڙي جو ڏگهونڙ (چلم يا حقي جو). [اسم خاص] يورپ جو هڪ ملڪ بلگيريا (Bulgaria).
– **بُلْغاري:** ث. روسي چمڙو. هڪ قسم جي ننڍي ستار (جنهن کي مضراب يا ڪاڇ سان وڄائبو آهي).
– **بُلْغاري چِلْمَ:** ث. ڏگهي (بلغاري) نڙ سان گڏيل واري وڏي چلم.
• **بُلْغاري حُقّو:** ذ. بلغاري نڙ وارو حُقّو.
• **بُلْغاري نَڙُ:** ذ. رٻڙ جي نليءَ مثل ورن وڪڙن وارو ڏگهو نڙ.
• **بُلْغاريہ:** اسم خاص. يونان جي اُتر ۾ هڪ شهر ۽ ملڪ جو نالو.
• **بُلْغارِ، بُلْغاءِ:** اسم خاص. تعلقي ننڍي الهيار ۾ هڪ ٽپي. ديهہ ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو (جنهن کي هن وقت سلطان آباد چون ٿا).
• **بَلْغَمُ:** ذ. [ع] چئن خلطن (صُفراءَ، بَلغم، خون ۽ سوداءَ)

Gul Hayat Institute

مان هڪ خلط جو نالو. چاتيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ڇارو (جو کانگهاري ذريعي ٻاهر نڪري) ـ گهاتو کانگهارو.

– **بَلْغَمِي ج بَلْغَمِي:** ذ. صفت. بلغمي مزاج وارو (جو ٽلهي بدن وارو ٿيندو آهي). (کناية) سست ـ کاهل.

• **بِلْفِعْل:** ظرف. ڏسو "بِالْفِعْل". حالي ـ في الحال.

• **بَلْقان:** اسم خاص. يورپ جي ڏکڻ اوپر ۾ گڏيل رياستن جو ملڪ (Balkan States).

• **بِلْقِيس:** اسم خاص. [ع] "سبا" ملڪ جي راڻي (جنهن حضرت سليمان سان شادي ڪئي هئي).

• **بَلْكِ:** حرف جملو. [ع. بَل + ف. كِه] پَر ـ انهيءَ هوندي. ويتر ـ کان وڌيڪ.

• **بَلْكُل:** ذ. [سن. وَلْكَلَهْ] وڻ جو ڇوڏو. ڇوڏن مان ٺهيل وَستر (ڪپڙو).

• **بِلْكُل:** ظرف. ڏسو "بِالْكُل" ـ بنهه ـ سراسر ـ سموري.

• **بَلْكُورُ ج بَلْكُورَ (ت):** ذ. صفت. اپرو ـ ڏهرو ـ هيٺو ـ ٽڪل.

• **بِلْمُقْطعو:** صفت. [ع. بِالْمُقاطعه] مقاطعي پٽاندر. بنا حساب جي. دوم شومر ـ اڪو ڏڪو ـ علي الحساب. مفت.

• **بُلَنْدُ ج بُلَنْدَ:** صفت. [ف. بَلند] اُتاهون ـ مٿانهون اعليٰ اُجو. برتر.

– **بُلند اَختر:** صفت. اُوڇي ستاري وارو. وڏي طالع وارو.

– **بُلند آشيان:** ذ. صفت. (اُهو پکي) جنهن جو آکيرو تمام مٿي هجي. وڏي مرتبي وارو.

– **بُلند آواز:** ذ. صفت. وڏي آواز وارو.

– **بُلند اِرادَهْ:** ذ. صفت. وڏي اِرادي وارو.

– **بُلند اِقبال:** ذ. صفت. وڏي طاقت وارو. وڏي اثر ۽ رسوخ وارو.

– **بُلند بالا:** ذ. صفت. وڏي قد وارو. ـ

– **بُلند بَخْتُ:** ذ. صفت. وڏي بخت وارو.

– **بُلند بِينُ:** ذ. صفت. مٿي ڏسندڙ. روحاني رمزون پروڙيندڙ.

– **بُلند پَرْواز:** صفت. مٿي اُڏامندڙ. عالي دماغ. عالي فڪر.

– **بُلند جاه:** صفت. وڏي مرتبي وارو.

– **بُلند حَوصِلَه:** ذ. صفت. وڏيءَ همّت وارو. اُوڇي خيال وارو. فراخ دل ـ سخي. دلير ـ بهادر.

– **بُلند قامَت:** ذ. صفت. وڏي قد وارو.

– **بُلند مَرْتَبَه:** ذ. صفت. وڏي شان وارو ـ وڏي عهدي وارو.

– **بُلند مَكان:** ذ. صفت. وڏي مرتبي وارو.

– **بُلند نظر:** ذ. صفت. وڏيءَ نظر وارو ـ دوراندیش.

– **بُلند نگاه:** ذ. صفت وڏيءَ نظر وارو ـ دور انديش.

– **بُلند همّت:** وڏيءَ همّت وارو.

– **بُلَنْدي ج بُلَنْديُون:** ث. اُتاهين ـ اُچائي. مرتبو ـ وڏائي.

• **بِلَنْگو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻج.

• **بِلو ج بِلا:** ذ. حيلو ـ اُپاءُ ـ تدبير. وسيلو ـ آسرو. بندوبست ـ انتظام. تدارڪ. علاج ـ چارو. مدد ـ واهر ـ همراهي. جاءِ ـ پيٽي ـ ماڳ. ڏس پَتو. ذمو. ليکي جي رقم. ڪٽ جو تفصيل ـ وجور. حوالو ـ ثابتي. (صفت) همراهه ـ ساٿي ـ ساٿي.

– **بِلو ڀيٽي ڪرڻ:** حيلو ڪرڻ. بندوبست ڪرڻ.

– **بِلي آڻڻ:** ڪم آڻڻ ـ ڪتب آڻڻ.

– **بِلي ڪرڻ:** حوالي ڪرڻ.

– **بِلي لاڻڻ لڳائڻ:** ڪم آڻڻ ـ هٿيڪو ڪرڻ.

– **بِلي لڳڻ:** دل سان لڳڻ ـ يادگيري پوڻ.

• **بِلُو ج بِلُو:** صفت. [انگ. blue] نيرو يا آسماني (رنگ).

• **بِلُو:** اسم خاص. مرد جي نالي "بِلاول" جو مخفف.

• **بُلو ج بُلا:** ذ. ماءُ ٻُبو (ٻاراڻي هوليءَ ۾). مڇيءَ جو هڪ قسم (چلر سنهڙا، رنگ ميرو سنهون ڏگهو مُنهن، ۽ پکڙا، تور اٽڪل اڌ پاءُ). (اسم خاص) ڪاڇي جو مشهور ڏاڏو مڙس ۽ پهلوان "بُلو ڪوسو" (بداڻي پاڙو: تعلقي سيوهڻ ۾، 'ڪاڇي ڳنيڙاڇ' جي بُڌيءَ تي وينل، جنهن کي جنگو خان جماليءَ جمالين، لُنڊن ۽ شاهاڻين جو لشڪر چاڙهي مارايو هو) "بُلو بداڻين ۾ ٿو سورهيه سڏائي".

• **بَلوچ:** اسم خاص. هڪ مشهور قديم نسلي قوم جا اوائل ۾ غالباً قديم ايران يا ايران جي اُتر واري خطي جي رهندڙ هئي. جنهن جي بلوچي زبان ۽ قديم پهلوي يا دَري هولين جي شاخ آهي. آڪاڻي وقت ۾ عراق ۾ عربن جي پاڙيسري بنجڻ سببان منجهن عربن واريون شخصي ۽ قومي خصوصيتون پيدا ٿيون: ٨ـ١٥ صديءَ تائين سجي بلوچستان ۾ سندن آبادیون هيون. ١٨ـصدي ڌاري بلوچ قبيلن جي سنڌ، ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ اُتر اولهه پنجاب طرف هجرت ٿي: هن وقت بلوچن جي اڪثريت مغربي پاڪستان ۾ آهي، اُن بعد بتدريج ايران، افغانستان ۽ روس ۾).

• **بَلوچُ ج بَلوچَ:** ذ. بلوچستان ملڪ جو رهاڪو. بلوچ قوم جو فرد. (اسم خاص) اصطلاحاً سسئي جو عاشق سردار پنهون "متان ڇئي بلوچ، تہ ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو" (شاهه).

Gul Hayat Institute

– **بَلوچاڻي:** صفت. بلوچن جي ـ بلوچن واري. بلوچن جهڙي "اُٺي آڏيءَ رات، ڪن بلوچاڻي بات". (اسم خاص) مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **بَلوچ آباد:** اسم خاص. ڪُل ۾ ڪنڊ ڪوٽ تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

• **بَلوچُ خان:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماتيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِلوُرُ ج بِلوَرَ:** ذ. [ع. بَلّوَرُ، بِلوَرُ، بُلوَرُ] ڏُلهو چمڪندڙ ۽ شفاف شيشو. Crystal. شيشي جي گولي ـ چڏو.

– **بِلوُريُ ج بِلوريُ:** ذ. صفت. بِلور جهڙو چمڪندڙ. بِلور مان ٺهيل.

• **بِلوَري:** اسم خاص تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَلوطُ:** ذ. [ع] وڻ جو هڪ قسم.

• **بُلوغَتُ:** ث. [ع. بَلَغَ، بُلوغ = بالغ ٿيڻ] بالغ ٿيڻ واري وهي. سامائجڻ واري حالت. جواني ۽ جي شروعات. جواني. بالغي.

• **بَلوُنَ ج بَلوُنُونْ:** ث. [انگ. balloon] اُڏند ڪتولي ـ غبارو ـ وماڻ.

• **بَلْوو ج بَلْوا:** ذ. [ف. بَلْوا] بغاوت. وڪوڙ ـ فساد. شورش. مارامار ۽ وار و حملو.

• **بُلْهُ:** ذ. صفت. [ع. اَبْلَهُ] بيوقوف.

• **بَلَهْزيرُ ج بَلَهْزيرَ:** ذ. صفت. [ع. بِلاحَذَرْ (؟) < بِلا = سواءِ + حَذَر = ڊپ] بي ڊپو. بيحياءُ ـ بيشرم ـ اَڻاسو. بدفضيلت. خبيث ـ نَحْس ـ پليت. بدمعاش ـ رهزن ـ شرير. چور. ظالم ـ خنزير.

• **بِلَيک:** صفت. [انگ. black] ڪارو ـ سياهه.

– **بِلَيک آئُوٽْ:** ث. [black out] وڏي پيماني تي بتين وسائڻ واري حالت. اونداهي ـ انڌوڪار. خبرن جي اشاعت بند ڪري ڇڏڻ واري حالت.

– **بِلَيک بوڙدُ:** ذ. [blackboard] اسڪول ۾ لکڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪارو تختو.

– **بِلَيک ڪرڻ:** ڪارو ڪرڻ، چور بازاري ڪرڻ. وڏيڪ اڳهه تي وڪڻڻ.

– **بِلَيک مارکيٽ:** ث. رواجي اڳهه کان مٿي وڪرو ـ چور بازاري.

• **بَلَئُوشُ ج بَلَئُوشَ:** ذ. صفت. وحشي ـ جهنگلي. اَڻ سڌريل ـ جٽ. ڪنو ـ گندو.

• **بَلي:** حرف ندا. [ع. بَلىٰ: ف. بَلي = هائو] واهه! ـ خوب!. (ذ) ٻئي تي ٽوڪ جو لفظ. عجب جي اظهار جو لفظ ـ مارا!.

– **بَلي بَلي:** حرف ندا. واهه واهه! ٽاهُوڪو! ـ شاندار!.

– **بَلي هُجڻ:** وڏيءَ پهچ وارو هجڻ. متڪبّر هجڻ.

– **بلي پائي هجڻ:** وڏي رسائي ۽ رهائي هجڻ. عام مقبوليت هجڻ.

• **بُلّيْ ج بُلّيُونْ:** ث. ڪمند جي ڳُري ـ گُري. آگر جي ٽن حصن مان هڪ حصو ـ ڏوڏو. ڪُڏُ ـ ٽنبو (ت). (صفت) پياري ـ مٺڙي. لڏڻ ـ مٺڻ.

– **بُلي ڏيڻ (ت):** خراب صلاح ڏيڻ ـ بدراهه ڪرڻ ـ برغلائڻ. ڦندائڻ ـ آپارڻ ـ هُشي ڏيڻ.

• **بِليخَمُ:** صفت. ڪک ـ عاجز ـ ٽڪل.

– **بِليخم ٽيڻ:** ٽڪجي پوڻ. ڪک ٽيڻ.

• **بُليدي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو (اصل ۾ بُلديه (مڪران) کان آيل).

• **بِليئرڊُ:** ذ. [انگ. billiard] ولائتي راند جو هڪ قسم (جا ڪاٺ جي چورس تختي تي گول سارين سان کيڏندا آهن).

• **بَليغُ:** ذ. صفت. [ع] پاکيزه ڪلام وارو. ادبي زبان جو ماهر. خوش بيان. ماهر ـ هوشيار.

– **بَليغانَهْ:** ظرف. بَليغ نموني ۾.

• **بِليسَ ج بِليسُونْ:** ث. [ف. بالشْتْ] ڪليل هٿ جي چيچ ۽ آڱوٺي جي وچوارو مفاصلو ـ گرانٽ.

• **بَرُ ج بَرَ:** ذ. [سن. وَرْ] فقيرن (جوڳين) جو نعرو "بر بر مَهادیو!". [ف. بَرْ، بِرّ] ڏهل. ڏُڪڙ. پکواز يا نغاري جو نَرُ (ڳرو) پاسو (جنهن تي هٿ يا ڏڪ هٽڻ سان وڏو ۽ ڳرو آواز نڪري). راڳ يا ساز جو ٿُلهو ۽ اُجو آواز ـ "زير" جو ضد. ٻتاڪ ـ لاف. ڏنو ـ ڳلتو ـ گشو ـ دم. خاموشي ـ مات ـ چپ. رعب ـ تاب ـ داب. گهوڙي گاڏيءَ جي هڪ ڪائي (اُها ڊگهي ڪاني، جنهن ۾ گهوڙو ٻڌجي) ـ پول. [انگ. bomb] بارود جو ناس ڪندڙ گولو ـ بم گولو.

– **بَمْبارُ ج بَمْبارَ:** ذ. صفت. بم گولا اُڇلائيندڙ. دلبو ڏيندڙ ـ ٺگ.

– **بَمْباري:** ث. گولن جو وسڪارو ـ گولا بازي.

– **بَر بَکيڙو ج بَر بَکيڙا:** ذ. تجمّل ـ ٺاٽ. وڏو بندوبست. هُل جهيڙو.

– **بَر بَکيڙو ڪرڻ:** تجمّل ڪرڻ. وڏو بندوبست ڪرڻ. گوڙ گهمسان ڪرڻ. هُل جهيڙو ڪرڻ.

– **بَر ہڏڻ:** ڪوڙا دم دلاسا ڏيڻ ـ ڏٽا ڏيڻ. رعب ويهارڻ ـ اجايو دهمان ڪرڻ. آڪڙ ۽ سيٽ ڏيکارڻ.

Gul Hayat Institute

– **بَر جهلڻ:** دم جهلڻ صبر ڪرڻ. مڪر ڪرڻ ـ دت هڻڻ.
– **بَمِرُ ج بَمِرَ:** ذ. صفت. ڏٺئي ـ ٻٽاڪي. ڳلڏو ٻڏندڙ.
– **بَر رکڻ:** رعب رکڻ. دٻدٻو ڏيکارڻ. وڏائي ڪرڻ.
– **بَر ڦٽا ڪَرڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ ـ ڪوڙ هڻڻ. ٻٽاڪون هڻڻ ـ ڦٽاڪا ڇوڙڻ. افواهه اُتارڻ. بم گولا اُڇلائڻ.
– **بَر گولو ج بَر گولا:** ذ. بارود جو گولو ـ گولو.
– **بَر گولو ڇوڙڻ، هڻڻ:** بارود جو گولو اُڇلائڻ. وڏو ڪوڙ هڻڻ ـ اُفواهه اُتارڻ.
• **بَمائِڻُ:** مصدر. ڪا شيءِ گم ڪرڻ. چوري ڪرڻ. ڏاڍيان ڏ ڪ هڻڻ (ل). (بمايو ـ بمائيندو ـ بمايل).
• **بَر باڪَسُ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم.
• **بَمْبَلُ ج بَمْبَلُونْ (ک):** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **بَمْبُو ج بَمْبُو:** ذ. [انگ. Bamboo = بانس جو لڪڙو] ٽيليفون يا تار جو پورو لوهي ٿنبو.
• **بَمْبَئِي:** اسم خاص. هندستان جو هڪ مشهور شهر ۽ بندرگاهه. (ث) مڇيءَ جو هڪ قسم (ک).
• **بَمْجَڻُ:** مصدر "بَمڻ" مان فعل مجهول. هوا سان پرچڻ ـ ڦوڪجڻ. ڏٽجڻ ـ پرچڻ. آڦري پوڻ. سيٽجڻ ـ آڪڙجڻ. (بميو ـ بمبو ـ بميل).
• **بَمْرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾).
• **بَمْرِيو ج بَمْرِيا:** ذ. صفت. ماڻ ۾ ـ خاموش "ڪنهن جنهن ڪي ڪيپ خماريا، بَمريا پُوٽن" (گرهوڙي).
• **بَمَعْ:** ظرف. [ف. بـ = ساڻ + ع. مع] گڏ ـ ساڻ ـ سميت ـ سوڏو.
– **بَمع عيال:** ظرف. عيال سان گڏ ـ ٻارن ٻچن ساڻ.
• **بَمِي:** ذ. صفت. بَمر ـ ٻٽاڪي.
• **بَنْ ج بَنْ:** ذ. [سن. وَنَ] جهنگل ـ ٻيلو. بيابان ـ ويراني. [مصدر. بنجڻ، بنائڻ] ناهه ـ سينگار ـ آراستگي. [انگ. bun] مِٺي ڊبل روٽيءَ جو هڪ قسم. سخت پٿريلي زمين (جاکوهه کوٽيندي ظاهر ٿئي) (ک). پٿر جو هڪ قسم جنهن مان ٽوبي ٺهي (ک). کل جي مٽيئن پاسي وارو سنهون پردو (ث). (اسم خاص) دادو ضلعي ۾ هڪ ٽڪر جو نالو (هن ٽڪر تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو آهي جو اُتي ٽوبين جهڙا پٿر آهن جن تي جابلو ماڻهو ماني پچائيندا آهن).
– **بَن اَڇڻ:** جهنگ ۾ اچڻ. کوهه کوٽيندي هيٺان پٿرا اچڻ.
– **بَن بَنائڻ:** وڏا بندوبست يا انتظام رکڻ. محفلون سينگارڻ. ڪا عجب تجويز رچڻ.
– **بَنْ ٹَنْ:** ذ. جهر جهنگ. هار سينگار.
– **بَن مالا:** ث. جهنگلي گُلن ڦُلن ۽ تُلسيءَ جو هار (جو پيرن تائين ڊگهو هجي).
– **بَنْ چَرُ ج بَنْ چَرَ:** ذ. صفت. جهنگ ۾ گذارينڊڙ ـ وحشي جهنگلي جانور.
– **بَن ديوتا:** ث. جهنگل جي ديوي.
– **بَنَراهَ ج بَنَراهُونْ:** ث. [سن. وَنَ + راجِي] وڻراهه ـ وڻڪار. نباتات ـ اوپڙ.
– **بَن مانُسُ:** ذ. [سن. وَنَ مانُشَ] هڪ قسم جو جهنگلي جانور (جو ڪجهه ماڻهوءَ جهڙو ۽ ڪجهه پولڙي جهڙو ٿيندو آهي).
– **بَنواسُ ج بَنواسَ:** ذ. صفت. [سن. وَنَ + واسَ] جهنگل ۾ واسو يا گذر. جهنگل ۾ رهندڙ ـ جهنگلي. دنيا جو تياڳ. جلاوطني ـ ملڪ نيڪالي. ورثي کان خارج پُٽ. برهمڻ جي حياتيءَ جو هڪ درجو.
– **بَنواسِي ج بَنواسِي:** ذ. صفت. جهنگ وسائيندڙ. تارڪ الدنيا ـ تياڳي. جلاوطن. اُهو برهمڻ جنهن حياتيءَ جا پهريان ٽي دور (وديار ٿي. برهمچاري ۽ گرهستي) گذاري دنيا کي تياڳ ڪيو هجي ـ سنياسِي.
• **بِنْ:** ظرف. [سن. وِنا] بنا ـ سواءِ بغير ـ ڌاران ـ کانسواءِ.
• **بِنْ:** ذ. [ع. "اِبْن" جو مخفف] پُٽ ـ ولد ـ اِبْن.
• **بَنْ:** ذ. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم (ع. حبة خضراء [. شاه بَن]).
• **بِنا، بِنانْ:** ظرف. [سن. وِنا] سواءِ ـ بغير ـ ڌاران ـ بِن.
– **بِنانْ شَرح وارنْڊ نِڪرڻ:** ڪورٽ طرفان ضامن وڻڻ کان سواءِ گرفتاريءَ جو حڪم نامو جاري ٿيڻ.
– **بِنان لَغام گهُمڻ:** سواءِ ٻانديءَ يا بندش جي هلڻ. ڇڙواڳ هلڻ.
• **بِنا ج بِنائُونْ:** ث. [ع. بِناءٌ] بنياد ـ پيڙهه ـ پاڙ. شروعات. اَڏيل جاءِ ـ اڏاوت ـ عمارت. سبب ـ وَجهه.
– **بِنا بَرِينْ:** ظرف. [ع. بِنا + ف. بَر + اِين] انهيءَ ڳالهه جي بناءِ يا مدار تي. انهيءَ ڪري.
– **بِنا بَنائڻ:** پيڙهه ٻڌڻ. پايو وجهڻ. عمارت ٺاهڻ.
• **بَناتَ ج بَناتُونْ:** ث. [ف. بانات] اوني ڪپڙي جو هڪ قسم. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم "موزا ملوڪن جا، پَريا بخمل بَناتُن" (ولي محمد رونجهو).
– **بَناتِي ج بَناتِي:** ذ. صفت. بَنات جو.

Gul Hayat Institute

• **بَنات:** ث. [ع. بِنْتٌ ج بَنات] ڏيُون ـ ڏيئر ـ نياڻيون.
- **بَناتُ النَعْش:** ث. اُتر قطب تاري جي چوڌاري ڦرندڙ ستن تارن واري ميڙ (کَتَ، دُبّ اکبر) جا پچاڙيءَ وارا تي تارا.
• **بنارس:** اسم خاص. هندستان جو هڪ مشهور شهر ۽ هندن جو وڏو تيرٿ ڪاشي.
• **بَنارَڻُ:** مصدر. گوشت کي رڌڻ لاءِ ٻوٽيون ڪرڻ. (بناريو ـ بناريندو ـ بناريل).
• **بِناسُ:** ث. [سن. وِناشَ] تباهي ـ بربادي ـ فنا.
• **بَناسْپَتِي:** ذ. [سن. وَنَسْپَتْر = وڻ جا پن] جهنگل ڦل ـ گاهه (جنهن جو گُل کان سواءِ ڦل ٿئي). سبزيءَ مان ٺهيل گيهه (vegetable oil).
• **بَناوَتَ ج بَناوَتُونْ:** ث. [ع. بَنيٰ، يبْنِي = اَڏڻ] اَڏاوت ـ ساخت ـ گهاڙيتو. جوڙ جڪ ـ مانڊاڻ. ڍول ـ بيهڪ. ظاهري نمائش ـ ڏيکاءُ. ملاوٽ ـ آميزش. ڪوڙ. بهانو.
- **بَناوَتِي ج بَناوَتِي:** ذ. صفت. جُڙتو. ملاوٽي ـ گاڏڙ.
• **بِناءَ:** ث. [ع. بِناءٌ] پيڙهه ـ بنياد. سِڪاءُ ـ نمونو.
• **بَناهو ج بَناها (ث):** ذ. [سن. وِواهْ = وهاڻ، پرڻو] گهوٽ ڪنوار کي شاديءَ وقت يا بعد ۾ ڏنل مٺائي وغيره ـ مُوڙو.
• **بِناءِ ج بِنائُونْ:** ث. [ع. بِناءٌ] بنياد ـ پيڙهه. اَڏاوت. عمارت. پاڙ ـ جڙ. سبب ـ وجه.
• **بَنائِيُ:** مصدر. [ع. بَنَيٰ ـ يَبنِي = بنائَ] رڌڻ ـ سِڪڻ. ٺاهڻ ـ جوڙڻ. اَڏڻ. مندڻ. سينگارڻ. (بنايو ـ بنائيندو ـ بنايل).
- **بَناءِ ج بَناءِ:** ذ. سِڪاءُ ـ مانڊاڻ. جوڙجڪ.
• **بِنْبَ ج بِنْبُون:** ث. آرسي ـ درسني ـ آئينو.
• **بَنْبالُ ج بَنْبالَ:** ذ. [ع. وَبالُ] وبال ـ مصيبت ـ جنجال. پِڇَ ـ هڇا ـ پاپُ "پاپ وسايو پاڻ تي، بابيءَ جو بَنبال" (حنيف).
• **بَنْبَسُ (ڪ):** ذ. ڏيڪ ـ نَڪُ. پيڪو. بار.
• **بَنْبَلَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾).
• **بَنْبَلَ ج بَنْبَلُون (ت):** ث. اَڇي پڇ واري مينهن.
• **بَنْبلِي ج بَنْبلِيُون (ث):** خواري ـ رسوائي. نندڙو ٽڪندو جهندو.
• **بَنْبِلِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپر ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَنْبَڙُ:** (ت. ل): صفت. ٽُلهو ـ متارو.
• **بَنْبُو ج بَنْبُو:** ذ. [انگ. bamboo=] بانس. بانس جو ڍگهو لڙهو] تار جو ٽنيو. لوهه جو چهنبيارو ۽ سوراخدار سُوئو (جو ڳوٽ ۾ هٽي اناج جا ڪجهه داڻا ٻاهر ڪڍي جنس ڏسجي).
• **بَنْيا:** ذ. جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. گهاتا، ڪارا ۽ گهنديدار وار.
• **بَنْيَتُ ج بَنْيَتْ (ل):** ذ. مَجُ. پَنيت ـ پَيڙ.
ـ **بَنيت هَڙ:** مج هڙ. باهه هڙ. فَساد برپا ٿيڻ. معاملو وڌي وڃڻ.
• **بِنْيِرڪو ج بِنْيِرڪا:** ذ. پرهه ڦٽيءَ جو وقت (ذرا اونداهيءَ وارو) ـ پِنيرڪو.
• **بِنْيُري ج بِنْيُرِيُون (ل):** ث. ڏسو "بَنيوري".
• **بَنْيو ج بَنْيا (ل):** ذ. ڪَڪي ـ ڳاڙهي رنگ جي وارن وارو ماڻهو. سهڻو ـ محبوب "ميڙئين مون ڏٺي، بنيا يار بنيور ۾" (نامعلوم). (ث. بَنْيِي ج بَنْيِيُون). (صفت) ڪارو. زال جو مڙس ـ زن مريد. (اسم خاص) مرد توڙي عورت جو نالو "جام بنيو"، "مائي بَنيو".
ـ **بَنيو چوٽو:** ذ. گهاتا گهنديدار ڪارا وار.
• **بِنْيو ج بِنْيا:** ذ. لاڳاپو ـ تعلق ـ آسانگو. "بِنيا هن بنيور جا، نيئي وسائيندءِ ڪڏ" (منڌار).
• **بِنْيُوري، بَنْيُوري ج بِنْيُوريون (ل):** ث. جيت جو هڪ قسم ـ پِنيُوري. ٻهرجي سُڪل پلڙي مان ٺهيل ڦرٽي (جا هوا تي ڦرندي آهي).
ـ **بنيوري ٽيڻ:** تڪڙو پيچي وڃڻ.
• **بَنْيول ج بَنْيولُون:** ث. [سن. وِپُرمْ] حيراني ـ پريشاني ـ پَنْيول.
• **بَنْيِي ج بَنْيِيُون:** ث. ڪڪي اڪ. ڏسو "بَنْيي".
• **بَنّت:** ث. بٽ ـ ناهه ـ ساڙ ـ سلوڪ.
• **بِنْتَ:** ث. [ع] ڏيءُ ـ نياڻي.
ـ **بِنْتُ الْعِنَب:** ث. [ع. لفظي معنيٰ "انگورجي ڏيءُ"] شراب.
• **بَنْتا:** ث. ونيءَ ـ ڪنوار. جوءِ ـ زال. (صفت) لڏڻ ـ نازنين.
• **بَنْجَ:** ث. [ع] پنگ.
• **بَنْجَرَ:** ث. [سن. بَنْدَيا = ويران، سَنْڊ] غيرآباد زمين. نوبتي زمين.
• **بَنجَڻُ:** فعل مجهول. [بَنَيٰ، يَبْنِي] ٺهڻ ـ بڌجڻ. (بنيو ـ بنجندو ـ بنيل).
• **بِنْجَڻُ: ج بِنْجَڻَ (ل):** ذ. [سن. پَكْشْمَن] اک جا وار ـ پِنبٽي.
• **بَنْجهُو ج بَنْجهُو:** ذ. مِٽي. ڪيڙيل ٻنيءَ جي رَوَ واري مِٽي.
ـ **بَنجهو پَرائڻ:** پوک کي پهريون پاڻي ڏيڻ.
ـ **بَنْجهُوءَ تي اَچڻ، هُجڻ:** پوک کي پهرئين پاڻيءَ جي گهرج ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

• **بَنْجِي، بَنْجِي ج بَنْجِيُون، بَنْجِيُون:** ث. [ف. بَـرْجي] بڇڻي ـ نندو پالو ـ نيزو.

• **بَنْدُ ج بَنْدَ:** ذ. [سن. بَنْدَ = بَڌڻ. ف. بَسْتَن، بَندیدن = بَڌڻ] بندڻ يا بند ڪرڻ جي حالت ـ بَنْدَ ـ بَڌَ. روڪ ـ جهل ـ اَٽڪ. قيد ـ جيل "جي ڪر لڌائون، تہ بندیءَ بند نہ ساريو" (شاھ). منع ـ بندش. پاڻيءَ جي اُٽل جي بچاءَ کان مٿيءَ يا پٽرن جو بَنْدُ. پوک جو وڏو ٻنو ـ ڪَڙَ. گوش جي مشڪ ـ بَنْدي. سَنْدَ ـ عضو. گاھ يا ڪاڻن جو گڏو. ڪنھن بہ اوزار جو مُٺيو. ستار جو ڪڙو (جنھن ۾ تارون ٻڌندا آھن). زنجير جو ڪڙو. ھٿڪڙي. گھوڙي يا ڪُتي جو اثرائتو چڪ. شعر جي ھڪ مصرع. راڳ جو ٽُل. نظم جو ھڪ حصو. ملھ جو ھڪ داءُ. (اسر جي پٺيان اچي فاعل جو ڪم ڏيندڙ) بڌندڙ "جلد بند، ازاربند، وغيرہ". (ظرف) ٻڌل ـ بند ٽيل ـ پڪڙيل. قابو ـ سوگھو. گرفتار ـ اسير.

– **بَندباز:** ذ. صفت. بازيگر. رسيءَ تي نچندڙ.

– **بَند بَند پِکڙ وڻڻ:** وائي سُور جو عضوي عضوي ڪي وڻڻ. ڇوڪنيو ٻڌڻ.

– **بَند بَڌڻ:** پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ وڏو ٻنو ڏيڻ. اَڻ ٺھندي ڳالھ ڪرڻ. صلاح ڪرڻ.

– **بَنْدخانو ج بَنْدخانا:** ذ. بنديخانو ـ قيد.

– **بَنْدراھو:** ذ. قيد. بندش.

– **بَندڪرڻ:** پُورڻ. روڪڻ. بندڻ. قيد ڪرڻ. بَڌڻ.

– **بَندگِيرُ ج بَندگِيرَ:** ذ. صفت. باندي ـ قيدي.

– **بَند مِ پَوڻ:** قيد ۾ پوڻ.

– **بَنديخانو ج بَنْدِيخانا:** ذ قيدخانو ـ جيل خانو.

– **بَنْدِي وانُ، بَنْدِي وانْ:** ذ. صفت. قيدي ـ باندي.

• **بَنْدَ:** ث. ڏسو "بَونْدَ".

• **بَنْدائڻ، بَنْدائِڻ:** مصدر. جھنجھولڻ ـ ڏانڊولڻ. (ڪناية) گلا ڪرڻ. بَدنام ڪرڻ. (بندائيو ـ بندائيندو ـ بندائيل).

• **بَنْدُ بَسْتُ:** ذ. [ف] بندوبست.

• **بَنْد پُراڻ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ ھڪ ديھ جو نالو (قديم 'پُراڻ' درياءَ جي بند واري ايراضي).

• **بَنْدجاني:** اسر خاص. تعلقي وارھ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **بَنْدَجڻ:** مصدر "بندڻ" مان فعل مجھول. بڌجڻ. روڪجڻ. جھلجڻ. بند ٽيڻ. قيد ٽيڻ. (بنديو ـ بندبو ـ بنديل).

• **بَنْدَرُ ج بَنْدَرَ:** ذ. [ف] درياءَ يا سمند جي ڪناري تي جھاز، ٻيڙين وغيرہ جي بيھڻ ۽ ماڻھن، مال وغيرہ جي لھڻ چڙھڻ جي جاءِ. درياءَ يا سمند جي ڪناري وارو شھر. ٻيڙين جي سڙھ. بَنْدَر جون رسيون. [ھ] باندر ـ پولڙو.

– **بندر ڪرڻ:** جھاز يا ٻيڙيءَ جو بندر تي اچي بيھڻ.

– **بَندرگاھُ ج بَندرگاھَ:** ذ. بندر ڪرڻ جي جاءِ.

• **بَنْدُرَ:** ث. ننڍي آھَـر. آھن جي قطار (جنھن ۾ گھٽا آھرا ھجن ۽ ھڪ ئي وقت گھٽا جانور قطار ۾ بيھي چارو کائي سگھن).

– **بَنْدُرَ چرڻ:** ويھي پلجڻ. بنا تڪليف سيکجھ (ڪاڏو) ملڻ.

• **بِنرابانِي:** ث. دھل جي وڃت جو ھڪ قِسر.

• **بِنْدرابَنْ:** اسمخ اص. ھندستان ۾ ھڪ بن يا جھنگل (جنھن ۾ ڪرشن مھراج ٻالپڻ جو زمانو گذاريو) ـ برندابن.

• **بِنْدرو ج بِنْدرا:** ذ. صفت. [سن. وامَن] قد جو ننڍو ـ ڇوٽي قد وارو. (ث) بِندري ج بندريون.

• **بِنْدرُو ج بَنْدرَا:** ذ. "بَنْد" مان اسر تصغير. ننڍڙو بند. ڳھ جو ھڪ قِسر ـ پيرَ مُنڊي (جنھن تي اکٽري ميناکاريءَ جو ڪم ھوندو آھي).

– **بَنْدرائِي ج بَنْدرَائِي:** ذ. صفت. بَندرا جوڙيندڙ ـ بندرا وڪڻندڙ.

• **بَنْدِش ج بَندشُون:** ث. [ف] روڪ ـ جھل ـ پَل ـ منع. جملي ۾ لفظن جي بيھڪ.

– **بندشي:** ذ. صفت. بندش وارو. بندش ھيٺ آيل.

• **بِنْدِکرُو ج بِنْدِکرَا:** ذ. صفت. [سن. وامَن] بندرو ـ جامڙو.

• **بَنْدِکورارُ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **بَنْدَگي ج بَنْدگِيُون:** ث. [ف] ٻانھپ. عبادت ـ پوڄا. طاعت. عجز ـ نِيازي. آداب. سلام جو ھڪ لفظ.

– **بَندگي ڪرڻ:** عبادت ڪرڻ. ٻانھپ جا فرض بجا آڻڻ.

• **بَنْدَنْ، بَنْدِنْ:** مصدر. [ف. بَسْتَن = بڌڻ؛ سن. بَنْدَن = بَڌڻ] بند ڪرڻ. روڪڻ ـ جھلڻ. آڏ ڏيڻ. بڌڻ ـ قابو ڪرڻ ـ سوگھو ڪرڻ. پُورڻ. قيد ڪرڻ ـ گرفتار ڪرڻ. (بنديون ـ بنديندو ـ بنديل).

– **بَندائڻ:** مصدر. "بندڻ" مان متعدي بالواسطه. بڌائڻ. قيد ڪرائڻ. پکڙائڻ.

– **بَندجڻ:** مصدر "بندڻ" مان فعل مجھول. بڌجڻ. جھلجڻ. روڪجڻ. گھوڙي وغيرہ سُواريءَ جي وھٽ جو بيمار ٽيڻ.

Gul Hayat Institute

ڪُڙجڻ. لڳ ڇڙهي پوڻ.

• **بَنْدو ج بَنْدا:** ذ. صفت. [ف. بَنْده] ٻانهو ـ گولو ـ غلام ـ نوڪر ـ ٻيلي. انسان ـ آدمي. (ث). بَنْدي ج بَنْديُون.

• **بَنْد واري:** اسم خاص. ميرپور ماٽيلي ۾ ڏِڳهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بَنْدوبَسْتُ ج بَنْدوبَسْت:** ذ. [ف] ترتيب ـ جوڙ جڪ ـ ناهه ٺُوهه ـ انتظام.

• **بَنْدُوق ج بَنْدوقُوْن:** ث. [ترڪي: ف. بُندوق] هٿيار جو هڪ قسم (جنهن ۾ بارود ۽ گوليون يا ڪارتوس وڌهي چوڙجن) ـ تفنگ.

– **بَنْدوقچِي ج بَنْدوقچِي:** ذ. صفت. بندوق هلائيندڙ ـ بندوق بردار ـ تفنگچي.

– **بَنْدوقچِي ج بَنْدوقچِيُون:** ث. ننڍڙي بندوق.

• **بَنْدولْ ج بَنْدولُوْن:** ث. ٻيڙيءَ جو هڪ حصو. درياهي ٻيڙيءَ جي "واڙ" ـ ٻانهين. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي مٿان سطح واريءَ جاءِ جو پاڳو ـ "ڊڪ" جي ٽيڪ واري جاءِ.

• **بَنْدَه ج بَنْدگان:** ذ. [ف] ٻانهو ـ غلام ـ بندو ـ نوڪر.

– **بَنده پَـرْوَر:** ذ. صفت. ٻانهن جي پرورش ڪندڙ. خاوند.

– **بَنْده زادَهْ:** ذ. ٻانهي جو پُٽ.

– **بَنْده نَوازْ ج بَنده نَوازَ:** ذ. صفت. بندن تي مهرباني ڪندڙ. مهربان. (اسم خاص) خواجه معين الدين چشتي رحه اجميريءَ جو لقب.

• **بَنْدي ج بَنْديُوْن:** ث. [ف] قيد. ڪتابڙي ـ چوپڙي ـ ننڍڙو نوٽبڪ. ليکي چوکي جو ڪتاب ـ وهِي. بَنيانُ. ڪُلهي ۾ ڪرائيءَ ۾ سوڊ طور (صفر پوئينءَ اربع تي) ٻڌڻ جو ريشمي يا سوتي ڪارو ڏاڳو ـ رڪڙي. تاجيءَ جي تندن ڪي سلسليوار بيهارڻ جي تند. ڪُتي جي ڳچيءَ جو پٽو. چمڙي جي پٽي (جا مَٽ وارو ميز بحر چيلهه ۾ ٻڌندو آهي) اسم جي پچاڙي (هنر يا ڪسب ڏيڪارينڊ). "جلد بندي، سيج بندي وغيره". ٻانهي ـ نوڪرياڻي. قيدياڻي ـ بندياڻي.

ـ **بَندياڻِي ج بَندياڻِيون:** ث. قيدياڻي "خقانو هَتِ ٽيو. آءٌ هِت بندياڻي" (شاه).

– **بَندِي ڪَرڻ:** قيدي بنائڻ. پوتاميل ڪيڻ.

– **بَندِي موڪ ڪَرڻ (ت):** بَس ڪرڻ. ڪڪ ٽيڻ. حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ.

– **بَندِيُون پَٽڻ:** وهيون جانچڻ. ڦورو ڦولهڻ. عيب اگهاڙڻ.

• **بُنْدِي:** ث. ڏسو "بُونْدِي".

• **بَنْديچا:** اسم خاص. 'جوڪين' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بَنْدي ماتْرمْ:** ذ. [سن. وَنْدي ماتَرمْ = آءٌ پنهنجيءَ ماءُ کي پوڄيان ٿو] ڏرتيءَ ماتا جي پوڄا ڪرڻ وقت هندن جو هڪ گيت. هندستان ۾ برطانيه جي حڪومت وقت آزاديءَ خاطر بنايل هڪ ملڪي ترانو.

• **بُنْڊ ج بُنْڊَ:** ذ. ڪاڪ جو ٽُلهو ٽڪر. وڻ جو ٿُڙ (جنهن کي تاريون نه هجن). ٽُلهو سُڪل ڪاڪ. ٽُلهو (ماڻهو). (صفت) بخيل بي چيو. ڪند ذهن.

– **بُنْدان بُنْدَ:** ذ. صفت. چڙوچاند ـ ڪنوارو. ٽلهو متارو.

– **بُنْد بُنْداڻِي:** صفت. تمام ٽُلهو "بُند بُنداڻي قيصر نظاماڻي" (چوٽي). چڙوچاند. بيپرواهه ـ لاغرض.

– **بُنْد بَنْڊ:** ڳرو مُلهه بَنْڊ.

– **بُنْد تي ڦُوسِي (ت):** محاورو. بيواهو. هيٺو ـ ضعيف ـ ڪمزور ـ بي پهچ.

– **بُنْد تي پاجاري (ت):** محاورو. پڪو آسرو. بيپرواهه.

– **بُنْد ٽِي بهِيڻ:** ڪپ ڪوڙي بيهڻ. ماڻ ڪري موڳو ٽي بيهڻ. سوال جو جواب نه ڏيڻ.

– **بُنْد ٽِيڻ:** ٽُلهو ٽيڻ ـ مڃڻ.

– **بُنْد پَتائِڻ:** ڪنهن ڪم ڪان بيزار وجڻ. ونُڻڻ وجڻ. جند ڇڏائڻ. پڃڻ. ويڇهو نه وجڻ. اصل نه مڃڻ. سخت دِجڻ.

– **بُنْد ڏارڻ (ڪ):** ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ. ٻڌاڪ هڻڻ ـ لاف هڻڻ. گلا ڪرڻ.

– **بُنْد ڪياڻِي:** ث. ناجائز معاوضو ـ رشوت.

– **بُنْد لَنگهائِڻ:** زوريءَ ڪم وٺڻ. ڏکيو ۾ گهٽو ڪم ڪرائڻ.

– **بُنْدن تي پَٽڪو بَنْڊ (ت):** اجائي داڙ هڻڻ.

– **بُنْد وِڃائِڻ:** پاڙ پٽڻ. نيست نابود ڪرڻ. گم ڪرڻ.

– **بُنْد وِڃڻ:** بنياد پَٽجڻ. ناس ٽيڻ. گم ٽيڻ.

– **بُنْد هُئڻ:** چڙوچاند هئڻ. بي اولاد هئڻ.

– **بُنْدِي ج بُنْدِيُوْن:** ث. ٽُلهي ڪائي. هرندڙ ڪائي. اُماڙي. (صفت) ٽُلهو (ماڻهو). ڪارو رُڌ (ماڻهو).

– **بُنْدِي اَڻِئي:** (گار) جيڪي ڪرٽو اٽئي سو ڪرا.

– **بُنْدِي ڏيڻ:** اُماڙي ڏيڻ. خار ڏيڻ.

– **بُنْدِي ڪيڻ:** پاڙ پٽڻ ـ صفا ختم ڪرڻ.

• **بُنْد تارِي:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَنْدَڪ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **بَنْدَلَ ج بَنْدَلَ:** ذ. [انگ. bundle] ٿهو ـ بَستو.
– **بَندل هڻڻ:** گشا هڻڻ ـ ڏنا ڏيڻ.
• **بُنْدو ج بُنْدا:** ذ. صفت. مُڏو. موڳو. ڪند فهم.
• **بَنْراج ج بَنْراج:** ذ. [سن. وَنَراجَ < وَنَ = جهنگ + راج + بادشاهه] جهنگل جو راجا ـ شينهن.
• **بَنْراوَ:** ذ. جهنگل جو بادشاهه ـ شينهن "جنهن ڪيو بانْوَليو بَنراوَ ڪي، چانڪَ لائي چِينَ" (سائينداد).
• **بَنرو بَنْرو ج بَنْرا:** ذ. [بَنو' مان اسم تصغير] گهوٽ ـ وَنو ـ لاڏو "مينديِ لائين بَنرا، سيج ماڻين سَنرا" (سهرو). (ث) بَنْري ج بَنْريُونْ.
• **بَنْس:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
• **بَنْسُ ج بَنْس:** ذ. [سن. وَنْشَ = بانس] بانْس (وڻ). خاندان ـ گهراڻو. نسل. حسب نسب. شجرو.
– **بَنْساوَلي:** ث. [سن. وَنْشَ = نسب + اَوَلِ = قطار، سلسلو] نسب نامو.
• **بِنْس:** ذ. صفت. [سن. ناشَ = زواليت > نَشْ = ناس ٿيڻ] فاني ـ بي بَقا. پُتو ـ ناڪُٽون ـ ڪرسُ.
• **بَنسبَت:** ظرف. [ف. به + ع. نسبت] بابت ـ واسطي ـ پيٽ ۾ ـ متعلق ـ جي باري ۾.
• **بَنَسْپَتي:** ث. [سن. وَنَسْپَتِي] زرعي پيدائش ـ نباتات. وڻ ٽڻ ـ پاڇيون. پوک. اوپڙ ـ ساوڪ ـ سبزي.
• **بَنْسري ج بَنْسرِيُونْ:** ث. [سن. وَنْشِي > وَنْشَ = بانْس] وڄائڻ جو هڪ ساز. (اصل بانْس جي ڪاڻيءَ مان ٺهيل) بانْسري.
• **بَنسلوچَنْ:** ث. [سن. ونش روچن. وَنْشَلوچَن = (وَنْشَ = بانْس + لوچَن = اک) بانس جي پور اندر آڇو ڪير جهڙو ڳَندِو] پساركي وکر جو هڪ قسم ـ طباشير. تامي ۾ جست جو مرڪب.
• **بَنْسِي ج بَنْسِيُونْ:** ث. [سن. وَنْشِي] بانْسري ـ مرلي.
• **بَنَفْشو:** ذ. [ف. بنَفْشَه] ڪَل بَنوشو (جو نيلي رنگ جو خوشبودار ٽئي. سُڪل گل ۾ بَن دوا طور ڪم اچن).
• **بَنْڪو ج بَنْڪا (ث):** ذ. صفت. [سن. وَلْڪ] وريل ـ ڏنگو.
• **بَنْگ:** ذ. [سن. وَنْگَ] قَلعيءَ جو ڪُشتو.
• **بَنْگارَ ج بَنْگارَ:** ذ. ڏاتُوءَ جو هڪ قِسم (جو تامي ۾ جست جي ملاوٽ مان ٺهي) ـ بَنْگارَ.
• **بَنْگال:** اسم خاص. برعظيم هندستان جي هڪ پاڳي جو نالو (جو هن وقت هن پاڳن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصو مشرقي پاڪستان ۾ داخل آهي ۽ ٻيو 'مغربي بنگال' جو پارت ۾ شمار آهي).
– **بَنْگالو:** ذ. بنگال ملڪ (جتي سنڌ جا ميرَ صاحب نظربند رهيا ۽ جتي سنڌ جي مشهور شاعر ميرَ عبدالحسين خان 'سانگي' جي پرورش ٿي) "اسان جو ملڪ بنگالو الا يا آيها الساقي" (سانگي). سڳداسي جانورن جو هڪ قِسم.
– **بَنْگالِي:** ذ. صفت. بنگال جو رهندڙ. بنگال جو. (ث) بنگال جي ٻولي.
– **بَنگالي بات ٻولڻ:** منيون ٻوليون ٻولڻ. طوطي وانگر تنوار ڪرڻ. شيرين زباني اختيار ڪرڻ.
• **بَنْگَدا:** ث. مڇيءَ جو هڪ قِسم.
• **بَنْگڑي ج بَنْگڑِيُونْ:** ث. [هـ. بَنْگري] چُوڙي ـ ڪنگڻ.
• **بَنْگُلْ:** اسم خاص. مرد جو نالو (بنگل چانڊيو ۽ جمال چانڊيو جي ڪنهن وقت مشهور ملهه هئا).
• **بَنْگُلاڻِي:** اسم خاص. سنڌ جي ڪن بلوچ قبيلن يا پاڙن جو نالو.
• **بَنْگُل ديرو:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَنْگُلْزَئِي:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **بَنْگلو ج بَنْگَلا:** ذ. [هـ. بنگلا: انگ. bungalow] ڪشادي ۽ وڏن وراندن واري عمارت (جنهن جي اڳڻ ۾ باغ ۽ چمن هجي). راند جو هڪ قِسم (جنهن ۾ هار مٿي تي چادر يا پوتي وجهي لڪندا آهن). پان جو هڪ قِسم. (اسم خاص) ضلعي خيرپور ميرس ۾ هڪ شهر جو نالو. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَنْگَلَه:** ث. بنگالي زبان.
• **بَنْگُو ج بَنْگُو:** ذ. شراب جي تيزيءَ جاچڻ جو هڪ اوزار. اسپنگر جو ٻج.
• **بَنگو:** اسم خاص. [بلوچي] مرد جو نالو ('بنگو گوپانگ'، خواجه محمد زمان لواريءَ واري بزرگ جو مخلص مريد ۽ هڪ درويش شاعر).
• **بَنْڍو:** ذ. اَٽي جو ڇاڻ (جنهن سان شاديءَ ڪان اڳ ڪنوار جو بدن صاف ڪجي) ـ اُبٽڻ. آٽڻ.
• **بَنو ج بَنا:** ذ. [سن. بنّه، بَتْر = هم شريڪ؛ ع. بَنَي، بناءَ = گهوٽ جو ڪنوار لاءِ تنبو ڪوڙڻ] گهوٽ ـ بنرو "معراج هليو مصطفيٰ، ڪري ويس وڳا، وهواهه بنوا!" (مولود). (ث). بَني ج بَنيُون.
• **بَنُو:** ذ. [ع. بَنُوْنْ (= پُٽ) > حالت اضافي] پُٽ ـ اولاد "بَنُو

Gul Hayat Institute

آدم، بَنُو اسماعيل وغيره".

• **بِنو ج بِنا (ت):** ذ. صفت. پينل نڪ وارو ـ منو. بُرو.

• **بِنِيهِ:** ظرف. [بہ + نهايت = جو مخفف] اصل مُور ـ هرگز ـ بَتِيءَ ـ بلكل "جي مَحو ٿيا معنيٰ ۾، سي ڪُڇَن بِنهِ ڪين" (نواب جان علي).

– **بِنهِي:** ظرف. هرگز ـ مُور ـ بَتِيءَ.

• **بَنَهَرُ:** ذ. سنگن لٺڙ ڪان پوءِ ڪانن جا بجيل سُنڊيا ـ نارُ.

• **بُنهُن:** ث. [پُرون] ٻني "بُنهن ٽاهي خوب ٽار" (ٽيهه اکري بخش علي).

• **بُنهُنْ ڦوڙ ج بُنهُنْ ڦوڙ (ت):** ذ. اوپڙ. جو هڪ قِسر (ڪُنيءَ جي نموني تي نيرا گل جهليندڙ).

• **بِنَتُونْ:** حرف جر. بِنان ـ ڪان سواءِ.

• **بَنِي:** ذ. [ع. بَنُوْنْ (= بُنَّ) > حالت جري] اولاد ـ بُنَّ "بَني آدم، بَني اسرائيل وغيره".

– **بَني آدم:** ذ. آدم جو اولاد. آدم زاد. انسان ذات.

– **بَني اِسرائيل:** اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو. حضرت يعقوب عليه السلام جو اولاد. اسرائيل جا پُٽ ـ يهودي.

– **بَني بَشر:** ذ. انسان ذات ـ آدم زاد.

• **بُنْيادُ ج بُنْيادَ:** ذ. [ف] پيڙهه. پاڙ ـ جڙ "جنهن جو بد بنياد، تنهن جو ميوو منو ئي نه ٿئي" (چوٽي). حسب نسب. بُڌ. اصل. شروعات.

– **بُنْياد ڪَڍي چَڏڻ:** پاڙون پٽي چڏڻ ـ بيخ ڪني ڪرڻ.

– **بُنْيادو ج بُنْيادا:** ذ. صفت. بُنيادي.

– **بُنْيادي ج بُنْيادِي:** ذ. صفت. اصلي. حسب نسب وارو ـ خاندائي شرافت وارو. پيڙهائتو. پُريادو ـ پُريارو. شروعاتي. قديمي.

– **بُنْيادي تَسْهڪو:** ذ. اصلي يا بنيادي مرڪز.

– **بُنْيادي چوڌو:** محاورو. اصلي حسب نسب وارو ماڻهو. پنهنجي وڌن جي پيروي ڪندڙ. ڪنهن چگي خاندان مان بجيل چوڪرو.

• **بُڌ ج بُڌَ:** ذ. [ف. بُنْ: سن. بُنَ] اصل. پاڙ ـ جڙ. منڊ. شروعات. بنياد. پيڙهه. نسل ـ نَسَبُ. اولاد ـ پشت ـ پونيَر. خاندان ـ آکهه پُري. ڪورين جي اصطلاح ۾ گڏيل ۾ تندون.

– **بُڌائتو ج بُڌائتا:** ذ. صفت. بُڌ وارو ـ پيڙهائتو ـ خاندائي. آدِ وارو ـ پنهنجي خاندان تي ويل.

– **بُڌ بُنْيادُ، بُڌ بُڌْيادُ:** ذ. پاڙ ـ جڙ. اصل نسل ـ خاندان.

– **بُڌْيائتو ج بُڌْيائتا:** ذ. صفت. بُڌائتو ـ بُنيادو ـ پيڙهائتو.

– **بُڌْيائتو چوڌو:** محاورو. چگيءَ آکهه جو ماڻهو.

• **بِڌْڻاڻَ:** ث. ووڙ جي سُڪل ڪائي ـ ووڙائي. (صفت) سنهون ـ ضعيف.

• **بِڌْڻاڻس (ت):** ث. بانس ـ بدبو ـ ڏپ.

• **بَڌْڻائي:** ث. ڪنهن شيءِ ٺهرائڻ جو عيوضو ـ جوڙائي ـ ٺهرائي.

• **بَڌْڻا:** ذ. [سن. وَرْڻَن = رنگڻ، سينگارڻ، بيان ڪرڻ: ع. بِناءٌ] ٽاهڻ. ڏيڪ ويڪ. سينگار. سلوڪ ـ اتفاق ـ صلح. سِناءَ ـ رٽ. سازش ـ منصوبو. مرضي ـ خيال.

• **بَڌْڻائڻُ:** مصدر. [سن. وَرْڻَنْ: ع. بَنَي، يَبْنِي] بڌائڻ ـ ٽاهڻ ـ جوڙڻ. پنيلائڻ. (بڌايو ـ بڌائيندو ـ بڌايل).

• **بَڌْڻِ ج بَڌْڻُون:** ث. [سن. وَرْڻَنْ: ع. بِناءٌ] ٽاهه ـ اتفاق ـ سلوڪ.

• **بَڌْجَڻُ:** مصدر. "بڌڻ" مان فعل مجهول. [سن. وَرْڻَنَ] بنجڻ ـ ٺهڻ ـ جُڙڻ. ٽيڻ ـ ٽي پوڻ. (بڌيو ـ بڌبو ـ بڌيل).

• **بَڌْجِي ج بَڌْجِيُون:** ث. [ف. برجي] لوهه جي چهنبدار لٺ ـ پالو ـ نيزو ـ برڇي.

• **بَڌْچُول:** ذ. چمڙي جو اُبتي پاسي وارو حصو (چمڙي کي وڃان ڇيري ۽ حصا ڪندا آهن، سبتي پاسي وارو حصو 'ڪروم' ۽ اُبتي پاسي وارو 'بڌچول').

• **بَڌْڪَجَڻُ (ت):** مصدر. ڪرڻ ـ ڏکو ڪائڻ. حرڪت بازي ڪرڻ. نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ.

• **بَڌْگُولُ ج بَڌْگُولَ (ل):** ذ. صفت. تمام ڏگهو ـ ڄانگهڙيل.

• **بَڌَّنُ:** مصدر. [سن. وَرْڻَنَ = رنگڻ، سينگارڻ، بيان ڪرڻ] ٺهڻ ـ بنجڻ ـ جُڙڻ. جُڙي راس ٽيڻ ـ تيار ٽيڻ. (بڌيو ـ بڌندو ـ بڌيل).

• **بِڌو ج بِڌا (ل):** صفت. بنو ـ منو.

• **بُڌِيلِي ج بُڌِيلِيُون (ل):** ث. سُٽ جي ننڍڙي ڊيري.

• **بُڌِيجُ (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم (جو ٻُهارن ٽاهڻ ۾ ڪم اچي).

• **بُوْ:** اسمي اڪياڙي. [ع. اَبُوْ (= پيءُ) جو مخفف] مرڪب اضافيءَ ۾ مضاف طور ڪم ايندڙ "بُوعلي، بُوتُراب".

• **بُو ج بويُون:** ث. [ف] خوشبوءَ ـ هيڪار "ويراڳي تو واس، بر ۾ بُويون موڪلي". بدبوءَ ـ ڏپ. اَثر. خبر. راز.

• **بَوا (ت):** ث. [ع. وبا > بوا (تقليبي صورت)] وبا ـ پليگ ـ طاعون. ڪابه وڇڙندڙ وڏي بيماري.

Gul Hayat Institute

• **بَواسِيرُ:** ذ. [ع. باسُور (= موکو) ج بواسير] موکا. موکن جي بيماري.
• **بُوالْعَجَب:** ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: عجب جو ابو. عجب وارو] تعجب جهڙو ـ حيرت جهڙو ـ عجيب.
– **بُوالْعَجَبي:** ث. عجب ـ تعجب ـ حيرت.
• **بُوالْفُضُول:** ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: هٿ قاڑائيءَ جو ابو] خرچائو ـ هٿ قاڑ. بکواسي. اجايو ـ بيهودو ـ واهيات. بڪاڪي.
– **بُوالْفُضُولي:** ث. اَجايو خرچ ـ هٿ قاڑائي ـ اسراف. اجائيَ بکواس. چريائپ. بيهودگي.
• **بُوالْهَوَس:** ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: هَوَس جو پيءُ] مَهوسي ـ هوس رکندڙ. حرص وارو. حريص ـ لالچي. شهوت پرست. سڌڙيو ـ سڪٽو. هاراڻي سياڻ وارو ـ بيوقوف.
– **بُوالْهَوَسِي:** ث. حماقت ـ بيوقوفي. حرص و هوس. شهوت پرستي.
• **بُوبُ ج بُوبَ:** ذ. بُونْبُ. حرص و هوس. شهوت پرستي.
• **بُوبُ ج بُوبَ:** ذ. بُونْبُ ـ ڪوهو "جي پائين کارو کيڙيان تہ اُٿي بُوبُ بَناءِ" (شاھ).
• **بُوبَکُ:** ذ. گاھ جو هڪ قسم. کيوڙي جو اڻ ٽڙيل سنگ. بصر جي گل جي ڏاندي. هُدهد (پکي). (اسم خاص) تعلقي سيوهڙ ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو. (ث) ڪنواري ـ عذراءِ.
– **بُوبَکاني، بُوبْکاڻي:** ذ. صفت. بوبکن جو ويٽل ("مُخدوم جعفر بوبکاني" جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي).
• **بُوبَنا:** اسم خاص. مشهور روماني داستان "بوبَنا جراڙ" جي سُورمي "بُوبنا جراڙ لاءِ، روئي رت ندیون".
• **بُوبَني ج بُوبَنيُون (ث، ل):** ث. جوان. سهڻي ءِ ٽُلهي متاري زال (جا گهر جو ڪم ڪار نہ ڪري). (صفت) مِٺڙي ـ سڪيلڙي.
• **بُوبُ (ل):** ذ. ڪَلرُ.
• **بوبَر:** ث. سنهي پور ـ چُور ـ ڪُنو.
• **بُوتاڙَجَنْ (ت):** فعل مجهول. وائڙو ٿيڻ ـ حواس خطا ٿيڻ. (ڳالهائڻ ۾) هيڪڙ. پنهنجيءَ ڳالهه تان ڦري وڃڻ. (بُوتاڙيو ـ بُوتاڙبو ـ بُوتاڙيل).
• **بُوتُراب:** اسر خاص. [ع. بُو = اَبو + تُراب = مٽيءَ جو پيءُ] حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو ڪُنيو (جو ڪين نبي صہ ڏنو هو. جڏهن ڪين مٽيءَ تي ستل ڏنو هئائون).
• **بوتري ج بوترِيُون (ک):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم ءِ رنگ.
• **بوتَلَ ج بوتلُون:** ث. [اَنگ. bottle] ٻاٽلي ـ شيشو. شراب جو شيشو. سوڊا پاڻيءَ جي ٻاٽلي.
• **بوتو ج بوتا:** ذ. [ف. بُتْ] پوڄا جو پتلو (مٽي، ڏاتو، پٿر، وغيره مان ٺهيل ماڻهوءَ جي شڪل تي) ـ بُت. مجسمو ـ صورت. بدن ـ جسم. نقلي صورت. جهار کان فصل بچائڻ لاءِ ڪپڙي مان ٺهيل پُتلو ـ اوڙو. ڏوهه ڪرڻ خاطر ٺاهيل بوتو. دَمرُ ـ ڏنو. ڪوڙو دلاسو. اجايو بهتان. [ف. بوته: ع. بُوتَقَه = ڪوٺاري] ڪوٺاري ـ مُنْگهو. قالب ـ سانچو. [ف. بوته، بوتا] نندو جوان اُٺ ـ گونرو ـ ڪنوات "بوتن ءِ بلوچن جي بَر ۾ آيم بُوءِ" (شاھ)؛ "بوتا پاڙي پاڻ پلاٽي، جُنْبيا مٽي جُوءِ" (ڪبير شاھ).
– **بوتا ڏيڻ:** ڏنا ڏيڻ ـ ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.
– **بوتو بَچڻ:** ڪوڙي ڳالهه ٻڌائي ڪنهن کي هراس ۾ وجهڻ.
– **بوتو بنائڻ:** قالب ٺاهڻ. ڪوڙي ڳالهه ٻڌائڻ ـ ڏونگ پکيڙڻ. ڪا ڳالهه ٺاهڻ ـ ڏنو ڏيڻ. بيڪار بنائڻ ـ ڪارڙ.
– **بتو چاڑهڻ:** سون، چاندي ءِ يا ڪنهن ٻئي ڏاتوءَ جي ڪُشتي ڪرڻ وقت ڪوٺاريءَ جي مٿان ڏک چاڑهڻ ـ گل حڪمت ڪرڻ.
– **بوتو وجهڻ:** ڪاري جادوءَ طور ڪنهن جو بوتو ٺاهي مقام ۾ پورڻ ـ ڏوهه وجهڻ.
• **بُوتو ج بُوتا:** ذ. [هـ بُوتا] طاقت ـ ٻل. زور ـ شڪتي. وِتُ ـ وسعت. مال ـ دولت ـ ڌن. بدن "جيڏا بُوتا، تيڏا ڏُوتا"؛ "سيکو پنهنجي بُوتي آهر کائيندو".
• **بُوتِيمارُ ج بُوتِيمارَ:** ذ. [ع. اَبُو + ف. تيمار = ارمان، درد] هڪ قسم جو ڏانڊي پکي ـ ڳهه پکي ـ ڳهو (جو هڪ ڏنگ تي ارمانجي مچين مارڻ لاءِ تيار رهندو آهي).
• **بوتَرَ:** مچيءَ جو هڪ قسم.
• **بوتَرُو:** اسر خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بوتْ:** ذ. [انگ. boat] ٻيڙي.
• **بُوتُ ج بُوتْ:** ذ. [انگ. boot] انگريزي نموني جي جتي.
• **بُوتَکُ ج بُوتَکَ (ت):** ذ. هَڙ ـ ڳوٽري.
• **بُوتُ مارُ (ک):** ذ. ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم.
• **بوٹ (ل):** ث. ٽورو تپ ـ هلکو تپ ـ تونس "سنهي بوٹ بدن ۾، تونس، گهٽيرو تپ" (الهڏنو فقير). گرمائش ـ تپش ـ تابش.
• **بوٹ (بوٹْ) (ت):** ذ. صفت. جهونو ـ پُرندڙ. بدشڪل ـ

Gul Hayat Institute

کوجهو. سُکل (سانداروا).

• **بُوحا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُوحارو ج بُوحارا:** ذ. صفت. بُجن وارو ـ بُوجرُ.

• **بُوحجَنُ:** فعل مجهول. کتو ٹيڻ. خراب ٹيڻ. ٹَکو ٹيڻ ـ بُسجڻ. سينوارجڻ (اَنّ جو آلاڻ سبب). بيسوادو ٹيڻ. (بُوجيو ـ بُوجيل).

– **بُوحَرُ ج بُوحَرَ:** ذ. کپڙي، جي ٽوپي ۾ نہ آيل ۽ باهر نڪتل تند ـ تاندورو. هڪ قسم جي ڪٽڪ جو بج.

– **بوحَرَ:** ذ. اُڪليل ڏاڙها. بُجَ. منجهيل وارَ.

– **بُوحِرُ ج بُوحِرَ:** ذ. صفت. ٽُلهن وارن وارو ـ بُجن وارو ـ بُوجارو.

– **بُوحِرو ج بُوحِرا:** ذ. صفت. بُجن وارو ـ بوجرُ ـ بُوجارو.

– **بُوحِرو کُنيُونُ:** ذ. وارن وارو ڪُنيُون.

• **بُوحِري:** ث. ڪٽڪ جو هڪ قِسم. هيڊ جو هڪ قِسم (وارن واري هيڊ).

• **بوحو ج بوحا:** ذ. [هـ. بوجھ] ٻوجهو ـ بار ـ وَزن. گري شيءِ. بُهتان.

• **بُوحو ج بُوحا:** ذ. صفت. بُجن وارو ـ بُوجرو. ڪُتي جو هڪ قِسم (وارن وارو ڪُتو).

• **بوجُ ج بوجَ:** ذ. [هـ. بوجھ] بارُ ـ بوجهو.

• **بوجهو ج بوجها:** ذ. [هـ. بوجھ. بار ـ ٻوجهو. بهتان.

• **بوجُ ج بوجَ:** ذ. واڱُون. مانگر مڇ.

• **بُوچَرُ ج بُوچَرَ (ل):** ذ. [انگ. butcher] گوشت وڪڻندڙ ـ ڪاسائي.

• **بوچَ:** ث. بچڙائي ـ بَدي. گناهه. چتي. بُجان ـ ڪراهت.

• **بوچُ ج بوچَ:** ذ. تهمت ـ الزام ـ بهتان (ڪ).

– **بُوچُ وجهڻ:** بهتان مڙهڻ ـ الزام مڙهڻ. بدي وجهڻ. هرج وجهڻ.

• **بوچار بوچارَ:** ث. اوهيرو ـ مينهن جو وسڪارو. هوا جي زور تي مينهن جي اُچل. مينهن واچ.

• **بوچِجَنُ:** فعل مجهول. گهمجڻ ـ ماڪجڻ. ماڪ يا پوسل جي ڪري ڪا شيءِ بيسوادي ٽيڻ. (بوچيو ـ بوچبو ـ بوچيل).

• **بوچَنُ ج بوچَنَ:** ذ. ڏهسنامي جو لفظ. وڳو ـ پوشاڪ.

• **بوچَنُ ج بوچَنَ:** ذ. ڪلهي تي رکڻ يا چيلهه سان ٻڌڻ لاءِ ننڍي چادر يا ننڍو ڪپڙو ـ پوٽڙو ـ انگوڇو ـ ٽوال.

– **بوچنِ چَندي اُڏڻ:** هٿين ٽلهو اُڏڻ ـ خالي هٿين نڪرڻ. لاڳاپو چنڻ ـ واسطو ٽوڙڻ.

– **بوچنُ ڪُلهي تي ڪرڻ:** موڪلائي وڃڻ. ڪاوڙجي هليو وڃڻ. ناتو چنڻ.

• **بوچِڻي ج بوچِڻيُون:** ث. گلڪاريءَ سان پرت پريل ڇني.

• **بود (ث)، بودُ:** ذ. [ف. بُودن (= هئڻ) > بُود > بود] خوشي ـ مستي ـ خمار. اَنڊَ ـ زور ـ هوش ـ سجاڳي. سامت. گُنگر جي وڃ جا پن (ڪ).

– **بود اُچڻ:** خوشيءَ ۾ پرجڻ ـ خوشيءَ مان ڪُدڻ. بيماريءَ کان پوءِ ڪجهه ساهه پَٽڻ. زور وٺڻ. ٽَڪ پَيڃڻ. سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ. سجاڳ ٽيڻ.

– **بود پَرجڻ:** مستيءَ ۾ اُچڻ. مغرور ٽيڻ.

– **بود کارَ (ت):** ذ. مستي ـ خمار. آڪڙ. هَڻ.

– **بود کائي ج بود کايُون:** ث. اَنڊ ـ وڏائي ـ آڪڙ.

– **بود ۾ اُچڻ:** سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ. سُڃيتائيءَ ۾ اچڻ. مغرور ٽيڻ. آڪڙجڻ. ناز نخرا ڪرڻ.

• **بُودُ:** ذ. [ف. بُودَن= هئڻ] هجڻ جي حالت ـ هُئڻ. هستي ـ وجود. بقا "جيلهه ٽيا نابُود. تيلهه رسيا بُوڏ کي" (شاهه).

– **بود باشَ:** ث. رهايش ـ قيام ـ سڪونت.

– **بُود ڪيڻ:** هستي وجائڻ ـ نابود ڪرڻ. ستياناس ڪري ڇڏڻ.

• **بُودُ ج بُودَ:** ذ. مادي‌ءَ جو مخصوص عضوو.

– **بُود ڪيڻ:** ٽڪجي پوڻ. بانڍ ڪرڻ (هلڻ کان).

• **بوداڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بودَڪَ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُودڪي ج بُود ڪيُون:** ث. پُور ـ ريڇڪ ـ جوڇڪي. اوچتو خيال ـ مَن اُچل. موج ـ مَستي ـ لهر. ٽينگ ٽپو. ڇهن سالن کان پوءِ گهوڙي جي عمر جو وقت "گهوڙو بُودڪين ۾ آهي". پويان پساهه ـ هل هلان (ل).

• **بُودَلُ (ل.ث):** ذ. صفت. بيعقل ـ چريو. بودلو ـ واڃان.

• **بودلو ج بود لا:** اسم خاص نالو مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. دل قبيلي جي هڪ نڪ جو نالو.

• **بودلو ج بود لا:** ذ. صفت. عقل جو سادو ـ پورڙو ـ موڱو ـ جرڙيو. دادلو ـ چاڱلو. لاڙلو. سُک جو پاليل. ارڏو. هٺ هيرو. **الله لوک** ـ مستانو. نهنو ـ مائيٽو ـ غريب. ڏيرج وان ـ بُردبار (ت). اُهو جانور جنهن کي جائي جم کان کو فالتو عضوو هجي (وڏيک لڙکندڙ جنگهه يا وڏيک لڙکندڙ ڪن، وغيره) (ث) بودلي ج بودليُون.

– **بودلائي:** ث. عقل جي سادگي ـ ڪم عقلي ـ موڱائي. مستي ـ ارڏائي ـ چريائي. چاڱلائي ـ چلولائي ـ دادلائي.

• **بودليو ج بودليا:** ذ. صفت. گهوڙي جو هڪ رنگ ۽ قِسم

Gul Hayat Institute

(کارو پنج کلیاڻ گھوڑو جنھن جون پويون ڇنگھون جھکيل ھجن).

• **بُودني:** ظرف. [ف] ھڻ جھڙو ـ شدني ـ ممکن.

• **بودو ج بودا:** ذ. [ف. بوته] اُٽ ـ ڪنوات ـ گورو. (صفت) ٿلھو ۽ بي ڏولو. [سن. اَبوڈ > اَ = نہ + بُدْ = سمجھڻ] اڻوجھ ـ بي سمجھ.

• **بودَاري:** اسم خاص. ھک ذات جو نالو.

• **بودِيا، بودِيجا:** اسم خاص. ھندن جي ھک ذات جو نالو.

• **بودِيُ (بودِيْ) ج بودِ (بودِيْ):** ذ. جُونْءَ ـ تولھر. مرمر ـ حياءَ. خيال ـ ويچار (ڪ).

• **بُودِ (بودِيْ) ج بُودِيُون (بُودِيُرُون) (ت):** ث. جانور (خصوصاً اُٽ ۽ ڏاند) جي آلت. ڏُکھي سنھي آلت. (صفت) ڏُکھو ـ لَڏبو.

• **بُودِاڑُ (بودِيْڑاڑ) (ت):** مصدر. زور سان ڇنڻ ۽ پَٽڻ ـ روڙڻ. زور سان کسڻ. (بودِاڑيو ـ بودِاڑيندو ـ بودِاڑيل).

– **بُودِاڑَ (بودِيْڑاڑ):** ث. رھڙ ڏھڙ ـ زوريءَ ھٽ ڪَس. روڙَ.

– **بُودِاڑَ سُودِاڑَ (بودِيْڑاڑ سودِيْڑاڑ):** ث. زبردستي ـ ھٽ کس. روڙَ سوڙَ.

• **بودِو (بودِيْ) ج بودِا (بودِيْڑا):** ذ. گھاتِي سِينگھَ ـ گوبو. منجھيل ڏاڳا.

• **بودِرُ ج بودِرَ:** ذ. صفت. جنھن کي نڪ ۾ سنگھ گھٽي ھجي ـ جنھن جو نڪ سدائين ٻوڏن ۾ گوبن سان ڀريل ھجي ـ گوبرُ. گدلو ـ ڪنو.

• **بُودِي (بودِيْڑي) ج بُودِيُون (بودِيْڑيون) (ت):** ث. جانور جي آلت ـ بُودِ.

• **بُودِينْگ (ک):** ذ. ٻوٽي جو ھک قِسم.

• **بور:** ث. مينھن جو ھک قِسم (جنھن جي پُڄ جي ٻوٽي ۽ ڇڻن ئي پيرن جا مُرا اَڇا ھجن).

• **بورُ ج بورَ:** ذ. گھوڙي جو ھک قِسم ـ سونھري ڳاڙھي رنگ وارو گھوڙو. ھلڪي ڳاڙھي رنگ وارو اُٽ. (ث) بورَ.

– **بورُ سَمَنْدُ:** ذ. اُھو بور گھوڙو جنھن ۾ 'سمند' جا نشان ٻ ھجن.

• **بوراق:** اسم خاص. [ع. بُراق] بُراق (جنھن تي حضور پاڪ جن معراج رات سواري ڪئي ھئي). (ڪنايةً) تمام تکو گھوڙو.

– **بوراق ڪرڻ:** گھوڙي کي ذبح ڪرڻ ـ گھوڙي جي سِسي لاھڻ.

• **بُوراق، بُورَقْ:** ذ. [ع] بوريڪس جو ٻُورو.

• **بوراڪ ج بوراڪُون:** ث. [ع] نئين ساماڻل چوڪري. نوخيز چوڪري ـ بالغ چوڪري.

• **بوراڪُ ج بوراڪ:** ذ. صفت. وھيءَ کي رسيل ـ جوان ـ ساماڻل ـ ڳيرو ـ بالغ.

– **بوراڪِي ج بوراڪِيُون:** ث. ساماڻجڻ جي وھي ـ بلوغت ـ ساماڻپ ـ نئون جوبن.

• **بوراڪِي ج بوراڪِيُون:** ث. وادِڪي اوزار جو ھک قِسم سَلَ ڪيڻ جو اوزار ـ سِيرائِي.

• **بورائو ج بورائا، بوراوا:** ذ. [سن. پُروگہ = اڳيان ھلندڙ پيشوا] اڳواڻ ـ سونھون ـ رھبر ـ رھنما. رستو ڏيکاريندڙ (ھنگلاج وڃڻ وارا زيارتي ڪراچيءَ مان نڪرڻ مھل ھڪ پيادو پاڻ سان ڪٽندا ھئا، جو ھک لٺ جي چوٽيءَ تي جھنڊي ٻڌي، اُھا لٺ پيٽ سان ٻڌي اڳيان ھلندو ھو ۽ سڄ قافلو اُن جي پٺيان ھلندو ھو) "بَر ۾ بورائو ڪڻ پيادي پا سِين"، "بورائو بَرن جو ريڑھي منجھہ رجن" (شاھ). سفر ۾ سائي ـ رفيق ـ بدرقو. نگھبان ـ راکو ـ محافظ ـ پھريدار. قاصد ـ پيغامبر.

• **بورچِي ج بورچِي:** ذ. صفت. [ترڪي. باوَرْچي] ماني ٺاھ وارو ـ رڌ پچاءُ ڪندڙ ـ راڌارو ـ رسويو ـ طبّاخ. (ث) بورچياڻي ج بورچياڻيون.

– **بورچيخانو ج بورچيخانا:** ذ. رڌ پچاءُ ڪرڻ جي جاءِ ـ رڌتو ـ رسوڙو.

• **بورْدُ ج بورْدَ:** ذ. [انگ. board] ڪاٺ يا سيمنٽ جو ڪاري رنگ جو تختو (جنھن تي استاد شاگردن کي لکڻ سيکاري) ـ تختہ سياھ دفتري ـ پاٽو. مجلس ـ ميڙ ـ ڪاميٽي ـ انجمن. اجلاس جي ميز.

• **بورْدَرْ ج بورْدَرَ:** ذ. صفت. [انگ. boarder] بوردِنگ هائوس ۾ رھندڙ شاگرد.

• **بوردِنگ هائُوسُ:** ذ. [انگ. boarding house] شاگردن جي رھڻ جي جاءِ. اقامت گاھ ـ باشگاھ.

• **بورو ج بورا (ک):** ذ. مڇيءَ جو ھک قِسم ـ چلرن سان، وات وڏو، رنگ اڇو، ڊيگھ ۱ کان ائن انچن تائين).

• **بوري:** اسم خاص. شيعہ مسلمانن جو ھک فرقو (جي ستر امامن کي مجيندا آھن) ـ بوھرا ـ وونْرا.

• **بُوري (ل. ک):** ث. چوپائي مال جي پاڄ ـ ڊوڙ ـ ٽاھ.

– **بُوري ڪَرڻ (ک):** ٽھڻ. اڊنگيءَ طرح ڊوڙڻ. اجايو ڳالھائڻ.

• **بُورْيا:** ذ. [ف] تَڏو.

– **بُوريا باف:** ذ. صفت. تَڏا اُڻندڙ ـ تَڏائِي.

– **بوريا اوش:** ذ. صفت. تمام مسڪين.

• **بورِيندو ج بورِيندا:** ذ. ڳھ جو ھک قِسم ـ ڪنن ۾ پائڻ

Gul Hayat Institute

جو هڪ گُهہ.

• **بورينڊي (ل):** ث. پکائين گهر جي پوئين ڏري (جنهن تي پکي جو دنگ ٿئي).

• **بوريو ج بوريا:** ذ. [ف. بُوريا] تڏو ـ تونري.

• **بوريو بستر و بڌڻ:** لڏ پلاڻ ڪرڻ ـ هنڌ بستر و بڌڻ.

• **بوڑ ج بوڑيُون (ڪ):** ث. اُٺ جي مستيءَ جو آواز ـ اُٺ جي گوڙ.

• **بوڑينڊو ج بوڑينڊا:** ذ. ڪنڊ يا ڳڙ ۾ ترڻ مان ٺهيل مِنائي. منيءَ جو پورو گولو (جو هارَ وجائيندا آهن.) منيءَ جو ڳوڙهو (گَليل ۾ ڪم ايندڙ). هڪ قسم جو ننڍڙو پکي.

• **بوڑيو ج بوڑيا:** ذ. [پرا. بُتّ؛ سن. بُدْبُده] پاڻيءَ جو ڦوڪڙو ـ جر ڦوتو ـ حُباب.

ـ **بوڑيا ڪيڻ، ڪرڻ:** بڑ بڑ ڪرڻ. آواز سان ۽ گهٽي انداز ۾ زور سان نڪرڻ (رت يا پاڻي).

• **بُوزُ ج بُوزَ:** ذ. صفت. [ف. بُـزْ = ٻڪر] ٻڪر جهڙو. اَڻ سڌريل ـ اَناڙي ـ چريو. جهنگلي ـ وحشي. ڏسڻ جو پُوتُ. صفائي نه رکندڙ ـ گدلو.

ـ **بُوزانُ ج بُوزانَ:** ذ. صفت. بُوز. ڏنڍو مُتو. پوش. صفا چريو.

• **بوزُ:** ذ. [ف] چينو گهوڙو. (صفت) تکو ـ تيز فهم. [ف. بُـزْ] ٻڪر.

• **بوزاڙ:** ذ. [ف] تيز مصالحن وارو کاڌو.

• **بُوزارو:** ذ. [ف. بُـزْ = ٻڪر] چوپائي مال (خصوصاً ٻڪرين جي) هڪ بيماري (جنهن ۾ ٻڪرين جا چپ زخمجي پوندا آهن ۽ گاهه کائي نه سگهندیون آهن).

• **بوزاگـَـرْ:** ذ. صفت. شراب چڪائيندڙ ـ ڪلال.

• **بوزْدارَ:** اسم خاص. [ف. بُـزْ = ٻڪري + دار = رکندڙ] بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **بُوزْنَه، بُوزِينَهْ:** ذ. [ف] باندر.

• **بوزو:** ذ. [ف. بوذَهْ] مَتل جانورن يا ڪٽڪ جو رس. شراب جو هڪ قسم (اڳئين زماني جو ديسي بير).

ـ **بوزِيخانو:** ذ. شرابخانو ـ ڳٺو.

• **بُوزي:** ذ. [ف] ٻيڙي.

• **بُوسا:** ث. رسيءَ جي ڳنڍ جو هڪ قسم.

• **بُوسْتانُ ج بُوسْتانَ:** ذ. [ف. بُو = خوشبو + آستان = جاءِ] باغ ـ بُستان ـ ڦُلواڙي. (اسم خاص) شيخ سعدي شيرازيءَ جي ناهيل مشهور پارسي ڪتاب جو نالو.

• **بوسُڪي:** ث. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ سِلڪ جو ڪپڙو.

• **بُوسَڻُ:** مصدر. ڏهي پرڻ ـ ڏنڍ. ڏهڻ. ڏهي ڦُسي پيٽ ۾ وجهڻ. هيڇ ڪري ڪائڻ "بُوسي وجهي پيٽ ۾، مرڦاٽي پوءِ". (بُوسيو ـ بُوسيندو ـ بُوسيل).

• **بُوسَڻُ ج بُوسَڻَ:** ذ. ٽلهي ماني ـ بي ڏولو لولو ـ ٽُلهو روٽلو.

• **بوسَڻُ:** مصدر. چيٽ جي فصل واسطي، ڪتيءَ جي موسم ۾ زمين کي ريج ڏيڻ لاءِ جالارو پاڻي ڏيڻ.

• **بوسو ج بوسا:** ذ. مينهن يا ڳئون جو چيٽو ـ گوبر ـ ڦوسو. توري يا چيٽي جي ٽاڦ ـ وڏو چيٽو.

• **بُوسو:** ذ. [پرا. بُس، پُس؛ سن. بُس، بُشَ = ٿهـ] اٽي جو چاڻ ـ ڪَتَر ـ ڪَٽي (جا چوپائي مال کي چاري سان گڏ کارائجي).

• **بوسو، بوسَه ج بوسا:** ذ. [ف] چُمي ـ مِلي ـ سَکر (ت).

ـ **بوسه بازي:** ث. چَٽ چُمر.

• **بوسِي:** ث. درياءَ جي سيلاب يا اُٽل تي ٿيندڙ پوک (جنهن کي فقط شروع ۾ پاڻي مليل هوندو آهي. ۽ لُٻڻ تائين وري پاڻي نه ملندو اٿس).

ـ **بوسِي ٽَڪا:** محاورو. حرام جو مال. مفت جو مال. بنا پورهئي هٿ آيل رقم.

• **بوسِيدو ج بوسِيدا:** ذ. صفت. [ف. بوسيده] پراڻو ـ جهونو. گَريل ـ سڙيل.

ـ **بوسِيدگي:** ث. پُراڻائي ـ جهونائي.

• **بوسيري (ڪ):** ث. ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم (جا ڪلراٹي زمين ۾ ٿئي) ـ اوئن.

• **بُوشُ ج بُوشَ (ل):** ذ. صفت. [ف. بُز] پوش ـ بَوز ـ بُوزان (ت).

• **بوف:** ث. برفت قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي.

• **بوفِلو ج بوفِلا:** ذ. صفت. [انگ. beautiful] سهڻو ـ حسين. ڳاڙهو ڳنلو. ڇهيلو. وٽندڙ.

• **بوفِلي ج بوفِليون:** ث. ڪتاب مٿان ڪپڙي جو پوش. ڍال جي هٿيي تي چڑهيل نرم گدي.

• **بُوقارَ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ پونڦارَ.

• **بوقارُ ج بوقارَ:** ذ. بُنهن قوڙ ـ پُونڦارَ.

• **بُوقُ:** ذ. [ع] ٽوتارو.

• **بوقَلمُونُ:** ذ. صفت. [ع] هر گهڙيءَ بدلجندڙ ـ رنگا رنگ. (ذ) سانڍو. (اسم خاص) هڪ افسانوي جادوگر جو نالو.

ـ **بوقَلمُوني:** صفت. قرندڙ گهرندڙ. رنگا رنگي. بي پروسي.

Gul Hayat Institute

• **بوڪسُ ج بوڪس (ت):** ذ. صفت. ٹُلهو ۽ بي ڊولو ماڻهو.
• **بُوڪڻُ ج بُوڪڻَ (ت):** ظرف. تمام (ٹُلهو يا ڳورو). هي لفظ هميشه "ٹُلهو يا ڳرو" لفظ سان گڏ ڪم اينندو آهي "فلاڻو ٹُلهو بُوڪڻ يا ڳرو بوڪڻ آهي".
• **بُوڪڻُ (ت):** مصدر. تيڪ هڻڻ ـ تِيڪڻ. ڊِجڻ. (بُوڪيو ـ بُوڪيندو ـ بُوڪيل).
• **بُوڪ:** ث. دست ـ تيڪ. (طرف) تمام ڊِجڻو (هميشه 'ڊِجڻو' لفظ سان گڏ ڪم اينندڙ "فلاڻو ڊِجڻو بُوڪ آهي"). [ف] نصيحت. ڪڏ جنهن ۾ ڪٽڪ پورجي. (ظرف) شايد. اتفاق سان.
• **بُوڪِڻو ج بُوڪِڻا:** ذ. صفت. بُوڪيندڙ ـ تِيڪيندڙ ـ ڊِجڻو ـ بزدل.
• **بوڪرُ ج بوڪرَ (ت):** ذ. صفت. بلڪل پُراڻو. جهونو ـ پُتو.
• **بوڪڙو:** ذ. ووٽن جي پوک جو هڪ مرض (جڏهن ووڙ ۾ ـ پنا ٽين. تڏهن ڪيڙو لڳين، جو پن ڪائيندو ويندو آهي. پوک کي پاڻي پيارڻ بعد ئي اهو مرض ويندو آهي).
• **بوڪڙُو ج بوڪڙُو:** ذ. صفت. بُڪايل ـ بُڪيو. سُجو ـ پينگيو ـ ڪنگال. واهيات ـ رڌيل.
• **بُوڪنُ ج بُوڪن:** ذ. [سن. پُوشَڻ] زيور ـ ڳَهَ "ڪنڇن تي بُوڪن جو. جڏ جانب ڪيو جنسار". (راڄن شاه).
• **بوگرگري:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بوگو ج بوگا:** ذ. سنگهه جو گوبو ـ بودو.
• **بول:** ذ. [ع. بَوْلُ] پيشاب ـ مُٽ. پولهه ـ دُبر. اوگهڙ. آندا گجيون. اوجهري.
ـ **بول ڪيڻ:** پچايل مڪڙ کي ڪائڻ اڳ ۾ اڏ ڪري اُن جو پولهه وارو حصو چڪي ڪيڻ. سخت مار ڪيڻ. (ڪهڙي کي) تهبارون ڪرڻ.
ـ **بولدان:** ذ. پيشاب ڪرڻ جو ٽاڻ ۽.
ـ **بول و براز:** ذ. پيشاب ۽ تورو.
ـ **بولاڻي ج بولاڻيُون:** ث. بازولي ـ ڪلابازي. ڦيري. اٽڪل.
ـ **بولاڻي ڪائڻ:** ڪلابازي ڏيڻ. ڦيري ڏيڻ. ڳالهه ڪان ڦري وڃڻ. ڏڪي تي ڦري وڃڻ.
• **بولاڪي:** اسم خاص. [ف] سِبي ۽ ڪوئيٽا جي وچ ۾ هڪ لڪ جو نالو.
• **بولانْدو ج بولانْدا:** ذ. [ع. بَوْلُ] اوجهه. وڏو آندو "مُنهن نه مهانڊو گڏهه جو بولانڊو" (چوٽي). ٻڪريءَ جي ڏاس يا ڏاڳن جو منجهيل ڦورو. ڳنڊين ڳوڙهن وارو ڏاڳو.

• **بُولِڙي ج بُولِڙيُون:** ث. ننڍو بُولو (ڳهه). چوڙ راند ۾ هارائيندڙ ڏُر جي پچاڙيءَ تائين نه چڙايل ۽ مُئل ساري. چلهر (چنهر) راند ۾ ننڍ (جنهن ۾ مئل ساري توڙ تائين راند هارائيندڙ چڙائي نه سگهي).
• **بولو ج بولا (ل):** ذ. پَڇو (متعد جو) ـ چَپ.
• **بُولو ج بُولا:** ذ. [ف. بُلاق] ڳَهَ جو هڪ قسم ـ نَڪ جي نموني نندڙو ڳَهَ (جو نڪ جي ٽُوٽيءَ ۾ سوراخ ڪري پائين).
ـ **بُولِي ج بُوليُوڻ:** ث. ننڍو بُولو.
• **بُولِي ٽُولِي:** ث. چرچو گهبو. ڪل مسخري.
• **بُومُ:** ذ. [ع. بُوم] چهرو ـ اُلو. لُڙ ـ گوڙ ـ شور ـ ڏمچر. (ث) [ف. بُوم؛ سن. يُوم، يُومي] زمين ـ ڌرتي ـ يُونْءِ.
ـ **بُوم خَصْلت:** ذ. صفت. (چهري وانگر) ويراني پسند ڪندڙ ـ منحوس ـ نياڳو.
ـ **بُومِيو ج بُومِيا:** ذ. صفت. [سن. پُومَ] پُومِيو. ترجو واقف. سونهون. اڳواڻ ـ رهبر ـ رهنما.
• **بَوَنْ:** ذ. چيلهه ڪان هيٺ چولي جي ويڪر.
• **بُناڙُ ج بُوناڙَ:** ذ. ٻُوٽ (مرونْءَ جو) ـ دوناڙ.
• **بُونْبُ ج بُونْبَ:** ذ. [سن. بِمْبَ] ڪُوهو (ٻيڙي يا جهاز جو) "جي پائين ڪارو ڪيڙيان. تہ اُٿي بُونب بناء" (شاه). گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي چهنب. ڊاڪُونْءَ جي مٿين پڙ جي چوني. ڪٽ يا هندوري جي پائي جي مٿين چهنب. گول چهنبدار ڏُنڊي يا بُنْبي. دلي جو ڏڪ (ل). نخرو (ل). نڪ يا ڪن جي چوٽي (ت). (صفت) وڏو ـ ٽُلهو ـ متارو (ل).
• **بُونْبار (ڪ):** ث. دهالٽ.
• **بُونْبالو:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بُونْبو ج بُونْبا:** ذ. [سن. بِمْبَ] گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي چهنب. ڪٽ يا هندوري جي سنهي چوٽي. ڪنهن به شيءِ جي چهنبدار ڏُنڊي. ڊاڪُونْءَ جي مٿين پڙ جي چوٽي. دلي جو ڏِڪَ "جانْ وجان واٽ وٽيو. ڏٺم بصرءِ بُونبو: گهڙي ويس گهر ۾، ڪُٽيئون منهنجو ڏُونگو" (پيراڻو پنهرو). هڪ قسم جو نانگ. (ث) بُونْبِي ج بُونْبِيُونْ.
• **بُونْيات ج بُونْياتَ:** ذ. مڇرن يا مڪين جو آواز. سنهون ۽ گڏيل آواز. بُونْيَتُ.
ـ **بُنْيَتُ ج بُونْيَتُ:** ذ. [سن. پِرْمْ = قِرڻ] ڪنهن به قِرندڙ شيءِ (لاٽون، قِرڻي وغيره) جو آواز. تکو آواز تيزيءَ سان اُچليل

Gul Hayat Institute

شيءِ جو (هوا ۾) آواز.
• **بُونيت ڪرڻ:** واڪي وارو آواز ڪرڻ.
• **بُونْتارَجڻ (ت):** فعل مجهول. ڪاوڙجڻ. ضد ڪرڻ. پُوتاڙجڻ (ل). (بونتاريو ـ بُونتاربو ـ بُونْتاريل).
• **بُونْدَ ج بُونْدُون:** ث. [سن. وِنْدَ] مينهن جي ڪُٽي. سنهي ڦُڙ ڦُڙ. سنهون مينهن. پاٽيءَ جي چاٽ "منجهان پيئي مڪڙيءَ ڪا جا پاٽيءَ بُوند" (شاه). تمام ٿورڙي شيءِ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي ٻَرٻَر چاپيل هجي) ـ بُونْدي.
ـ **بُونْد بُونْد:** ث. ڦُڙ ڦُڙ ـ سنهون مينهن.
ـ **بُوندون ڪَرڻ (ڪ):** مينهن جو سنهي ڦُڙ ڦُڙ ڪري وسڻ. خوشبو ڪرڻ ـ هُمڪارون ڪرڻ.
• **بُونْداڙَ ج بُونْداڙُون (ل):** ث. ڪُتي يا بگهڙ جي اوناڙَ.
• **بُونْدي ج بُونْديُون:** ث. مٺائيءَ جو هڪ قسم (جنهن مان لڏون ۽ ٽُنهن) ـ نُختي.
• **بُونْدِ ج بَونْدُون، بُونْديُون:** ث. دُنْدي (جنهن وٽان ميوو تاريءَ سان لٽڪيل رهي ٿو) ـ ڏاڻدي. مُنهن ـ دوناڙ (ل). ڦُوندِ ـ ڇِچو (ڪڪڙ جو) "ڪڪڙ آنو بُوند ۾، سارو لوڪ گواهه" (گرهوڙي).
• **بُونْداڙ ج بُونْداڙُون (ل):** ث. دُوناڙ (جانور يا مرُوڻ جو).
• **بُونْدِڙ ج بُونْدِڙيُون:** ث. سُوئر جي مادي ـ پُونڊِڙ.
• **بُونْدو ج بُونْدا (ڪ):** ذ. پُونْدو ـ بُجو.
• **بَونْري ج بَونْريُون (ڪ):** ث. هڪ قسم جي ٻڪري.
• **بونَسُ:** ذ. [انگ. bonus] مقرر پگهار کان سواءِ وڌيڪ مليل عطيو يا بخشش.
• **بُونْڦاڙَ بُونْڦوڙ:** ذ. ڏٺ جو هڪ قسم (ڪنيءَ جي نموني جهڙو. جو مينهن وسڻ بعد زمين مان اُپري) ـ پڌ پهيڙو ـ بُنْهُن ڦوڙ (ت). مچيءَ جو هڪ قسم (ڪ).
• **بُونِگاهَ ج بُونِگاهَ (ڪ):** ذ. برسات تي آباد ٿيندڙ زمين لاءِ پاٽيءَ کي ڏنل بند جو هيٺيون پاڳو.
• **بُونْهَڙ ج بُونْهَڙيُون:** ث. مچيءَ جو هڪ قسم (ڏگهي، نانگ جي سڪل جهڙي) ـ گوڄ.
• **بُونْءِ:** ث. [ف] بُوءِ ـ بانس.
ـ **بُونْٹائتو:** ذ. صفت. بُوءِ وارو ـ بانْسارو.
ـ **بُونْءِ بَٽاس پوڻ (ت):** ٿوري خبر پوڻ ـ ڪُڙڪ پوڻ.
ـ **بُونْسِي:** ث. بُوءِ ـ بانْس.
• **بُونْسِرَجڻ (ت):** فعل مجهول. ڪاوڙجڻ ـ ناراضپو ڏيکارڻ. (بونسريو ـ بُونسَربو ـ بُونسَريل).
• **بُونْسُرو ج بُونْسُرا (ل):** ذ. بُهرو ـ تهخانو. گهوڙي جو اونداهو طنبيلو.
• **بُوڊَ ج بُوڊُون:** ث. مٽي پاٽيءَ جي مچيءَ جو هڪ قسم.
• **بوڊِينْبو ج بوڊِينْبا:** ذ. بوڙينْبو.
• **بُوو ج بَوا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (جو رات جو دانهون ڪندو آهي).
• **بُوهارَ ج بُوهارُون (ڪ):** ث. اُها ڍڳي يا مينهُن جنهن جا گُوها ڦُوهاري وانگر نڪرن.
• **بُوهارِجڻ (ل):** فعل مجهول. شورجڻ ـ ڪاوڙجڻ ـ قُوندارجڻ. (بُوهاريو ـ بُوهاربو ـ بُوهاريل).
• **بُوهارو ج بُوهارا (ڪ):** ذ. قُوهارو.
• **بُوهاڙِجڻ:** فعل مجهول. ڇُهٽڻ ـ چنبڙڻ. (بُوهاڙيو ـ بُوهاڙبو ـ بُوهاڙيل).
• **بُوهَرُ:** ذ. بُهرو. خال.
ـ **بُوهَر پِرڻ:** پيٽ پرڻ.
• **بوهرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ فرقي جو نالو ـ بوري.
• **بوهرو ج بوهرا:** ذ. "بوهرا" فرقي جو فرد ـ وونْرو ـ بوري.
• **بوهري:** اسم خاص. وونْرا ـ بوري.
• **بُوهَڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. قنبر ۽ جاتي تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.
• **بُوهَڙڪي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بُوهَڻ:** ث. ڪنڌڪهر سِر (جا ٻَڌي ۾ ئي سڙي ڳري ويل هجي). رڍ جو هڪ قسم.
• **بُوهَڻُ:** ذ. پُراڻو لوهه ـ ڪٽيل پراڻو لوهه (جنهن مان خُبث الحديد جو ڪُشتو ناهين). ٻَڌي ۾ سڙيل ۽ ڳريل سرن جو ڍڳُ. ٻُوٽي جو هڪ قسم (ت). مچيءَ جو هڪ قسم (نانگ جهڙي. ڏيکهه ۾ ائين فوٽ ڪن) ـ مار ماهي ـ بُونْهڻ ـ سنگ پا.
• **بوهي ج بوهي:** ذ. سامونڊي مچيءَ جو هڪ قسم. پکيءَ جو هڪ قسم. (اسم خاص) تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بوهياروج بوهيارا:** ذ. واڪو واڪاڻ ـ هُل ـ گوڙ ـ هنگامو. ڏمڙ ـ غلغلو. پوڪ جو تکڙو اوسَرُ.
ـ **بوهياروڳرڻ:** گوڙ ڪرڻ. ويڙهه يا فساد ڪرڻ. بدنام ڪرڻ ـ خوار ڪرڻ (ت).

Gul Hayat Institute

• **بوهِي چَٽو ج بوهِي چَٽا:** ذ. تيلي ڦَرين جو هڪ قِسم (جنهن جا داڻا بيضوي ٿين. ۽ پُڄي کائجن) ـ بوهِي مُگ.
• **بوهِي مُگ ج بوهِي مُگ:** ذ. بوهِي چَٽو ـ مُگ ڦَري.
• **بُوءِ ج بُوئُون:** ث. [ف. بُو] بانُس ـ ڏب ـ ڳَنڊ. واسُ ـ هڳاءُ (۱) "محبتي ميهار جي، باالله پييم بوءِ" (شاه)؛ (۲) "تہ ويراڳي تو واس، بَر ۾ بُوئون موڪلي" (شاه).
ـ **بُوءِ دارُ:** ذ. صفت. بانُس وارو.
• **بُوڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بُوڙا ج بُوڙائُون:** ث. بي‌ءِ جي پيٽ ـ پُٽي "ڏندن بُوڙا، ڏند ڪيندا گَوها" (پهاڪو).
• **بُوڙِدارَ (ت):** ذ. خوشبودار چانورن جو هڪ قِسم ـ سڱڌاسي.
• **بُوڙِڻ:** مصدر. [سن. وَپَنَنْ > وپْ: ه. بونا] پوکڻ ـ ڪاشت ڪرڻ. (بُويو ـ بُوئيندو ـ بُويل).
• **بُوڙو ج بُوڙا:** ذ. صفت. طهر ڪندڙ ـ حجام.
• **بوئي:** ذ. صفت. [انگ. boy] اُٺي ويڙهِ ۽ لاءِ نوڪر ـ ٻَڌلر.
• **بوئِي:** ث. مِڻي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قِسم.
• **بوئِيلو:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بوئِيمادر بُوئِيمادرُ:** ذ. [ف. بوي مادر] دوا طور ڪم ايندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم.
• **بوئي مُگ:** ذ. بوهِي مُگ ـ بوهِي چٽا.
• **بويارو ج بويارا:** ذ. گوڙ گهمسان ـ بوهيارو.
• **بُوِيو ج بُويا:** ذ. [انگ. buoy] سامونڊي بندرتي پاڻيءَ ۾ ڪتل وڏو لوهي ٽُنبو (جو گوگڙوءَ جي شڪل تي ٿئي، ٻيڙين ۽ جهازن کي ٻڌي بيهارڻ لاءِ استعمال ٿئي).
• **بهَ ج بَهُون (ت):** ث. (ڪتن جي) پونڇَ ـ باهوڙَ.
• **بِهْ:** صفت. [ف] چگو ـ سُنو. ٻَيءِ ـ پليتي.
ـ **بِهِ وجهڻ:** پليتي وجهڻ (ڪاڏي ۾). ڏوهه ڪرڻ.
• **بِهُ ج بِهَ:** ذ. [سن. وِسَ] پيٽ جي سوراخِدار پاڙ (جا پاڇيءَ طور ڪم اچي).
• **بُهْ:** [پرا. بُسَ] ڪٽڪ جي ڳاهيل تيلين جو گاهُ (جو مال جي چاري لاءِ) گاري ۾ مِلائڻ لاءِ ڪم اچي].
ـ **بُهِ سان پَرڻ:** جانور جي ڪَل يا ڪنهن ڳوٽريءَ يا ڳوٽ ۾ بُهِ تنبڻ. سخت مار ڏيڻ (هڪ ڪل لاهي بُهِ سان پرڻ). تنبي چڏڻ ـ گَنڊي چڏڻ.
ـ **بُهِ ڪَل پَرائڻ:** ڳري سزا ڏيارڻ ـ سخت سيکت ڏيارڻ.
ـ **بُهِ ڪري چڏڻ:** صنا ڪُٽ ڪري چڏڻ ـ بلڪل ڪمزور ڪرڻ.

• **بَها ج بَهائُون:** ث. [ع. بهاءُ = حُسن: ف. بَها] قيمت ـ اڳهـ ـ مُلهِ ـ دام. عوض ـ بدلو "خون بها".
ـ **بَها بَرڪت:** ث. تورڻ وقت ڏڙوائيءَ جو پهرئين ڏڙي لاءِ آواز. اصلي جوهر ـ ذاتي خصوصيت. فائدو.
ـ **بَها بَرڪت نِڪرڻ:** اصلي جوهر نڪري وڃڻ ـ فائدي جو اثر نڪري وڃڻ.
ـ **بَها ڪرڻ:** مُلهِ ڪٽڻ ـ قيمت ٻڌڻ.
• **بَهاب:** اسم خاص. تعقلي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهادُرُ ج بَهادُرَ:** ذ. صفت. [ف] پهلوان ـ دليرـ شجاع ـ سورهيه. همت وارو ـ جرات وارو.
ـ **بَهادرانهِ:** ظرف. بهادريءَ سان دليرانه.
ـ **بَهادري ج بَهادريُون:** ث. پهلواني ـ دليري ـ سورهيائي ـ شجاعت.
ـ **بهادري ڈيڪارڻ:** سورهيائي ڏيکارڻ ـ پهلواني ڏيکارڻ. (طنزاً) وڏو ڪم ڪرڻ ـ ڦاڙها مارڻ.
• **بَهادُراڻي:** اسم خاص. خليلاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **بَهادُرپور:** اسم خاص. ڪڙِ ۽ ٽل تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **بَهارَ ج بَهارُون:** ث. [ف] گلن جي ڦُٽڻ جي موسم ـ بسنت رُت (جا ڦڳڻ، چيٽ ۽ ويساک واري سِماهي ۾ تقريباً ۱۵ فبروري کان ۱۵ اپريل تائين آهي). خوشي ـ راحت ـ آنند ـ فرحت. رونق ـ جهڳمگ. سبزي ـ ساوڪ.
ـ **بَهاري ج بَهاريُون:** ث. گُلن ڦُٽڻ جي موسم بسنت رت. خوشي ـ راحت ـ آنند. رونق. (صفت) بهار جي.
ـ **بَهاري قَراري:** ث. خوشي ۽ چگيلائي ـ آرام قرار. رونق ۽ تازگي.
• **بَهارُ ج بَهارَ:** ذ. [ف] بسنت جي موسم ـ بَهارَ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. (ذ. صفت) خوش. سرسبز ـ سرهو ـ تڙيل. [ع. بَهارُ] هڪ قِسم جو خوشبودار جهنگلي ٻوٽو (جنهن کي پسند ڪرڻ سببان سپه سالار محمد بن قاسم جو ڪُنيو "اَبُوالبَهار" ٿيو). [سن. وِهارَ] وندر ـ مزو. کيل ـ تماشو. سير. گردش. ٻڌ يا جين ڏرم وارن جو مندر (محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ ۾ ٻڌ ڏرم جي هيئين مندرن جا نالا "فتحنامي" مان ملن ٿا: ۱. اَشبهار ۲. نوبهار ۳. وڪر بهار.
ـ **بَهار بَهار ٿيڻ:** تمام خوش ٿيڻ.
ـ **بَهارِجڻُ:** فعل مجهول. بهاريءَ ۾ اچڻ. بهار بهار ٿيڻ. سر

Gul Hayat Institute

سبز ٽيڻ. گَلن ڦُلن جو نڪرڻ (بهاريو ـ بهاربو ـ بهاريل).

• **بَهاريه:** صفت. [ف] بهار تي ٿيندڙ (قصيدو).

• **بِهارُ بَهارُ:** ذ. [سن. وِهارَ] وندر ـ مزو ـ کيل ـ تماشو. سير ـ گردش. (اسم خاص) پارت جي هڪ مشهور شهر ۽ پرڳڻي جو نالو.

– **بِهاري:** ذ. صفت. "بِهار" جو رهاڪو. (اسم خاص) شري ڪرشن جو نالو.

– **بِهاري خَطُ:** ذ. لکٹيءَ جو هڪ نمونو.

• **بَهارپُور:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهارِسْتانُ:** ذ. [ف] سدا سر سبز باغ. (اسم خاص) مولانا جامي جو تصنيف ڪيل فارسي نثر جو هڪ مشهور ڪتاب (جو هن سعديءَ جي 'گلستان' جي تتبع ۾ لکيو).

• **بَهارَنْ:** اسم خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِهارَنُ:** مصدر. ڏسو "بيهارڻ".

• **بَهارو:** اسم خاص. مرد جو نالو (شاهه بهارو جهنجهڻ. نور محمد ڪلهوڙي جو مشهور سپه سالار هو. جنهن قلات جي والي عبدالله خان سان جنگ واري موقعي تي پاڻ موڪيو "بازي بَهارو شاهه ڪٽي ويو شير ڪون" (جلال). (اسم خاص) رياست خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهارو ڪوڪَرُ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِهاڳُ:** ذ. هندستاني پڪي راڳ جي هڪ راڳٽيءَ جو نالو ڏسو "وهاڳ".

• **بَهانو ج بَهانا:** ذ. [ف. بهانه] عُذر ـ ڪوڙو سبب. حيلو.

– **بَهانائِي ج بَهانائِي:** ذ. صفت. بهاني باز ـ ڪوڙا عذر ڏيندڙ. نٽائُو ـ گوسڙو. مڪار ـ ٺڳ.

– **بَهانو ڪرڻ:** ڪُوڙو عذر ڪرڻ. نٽائڻ.

• **بَهانَهْ:** ذ. [ف] ڏسو "بَهانو".

– **بَهانه جُو:** ذ. صفت. بَهانا ڳولينڊڙ ـ حيلي باز ـ فريبي ـ مڪار ـ چَنڊرَ.

– **بَهانه ساز:** ذ. بهانو جوڙيندڙ ـ ڏونگي.

• **بَهاوَلْپُور:** اسم خاص. پاڪستان جي هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهاول شاهه:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهاءُ الدّين:** اسم خاص. [ع. لفظي معنيٰ "دين جو حُسن"] (شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني) هڪ مشهور درويش ۽ ولي الله جو نالو (جنهن جي درگاهه ملتان شهر ۾ آهي).

• **بَهائِم:** ذ. [ع. بَهيمَه ج بَهائم] مِرون ـ پَسُون ـ حيوان.

• **بُهائِڻُ:** مصدر. ڪنهن جانور جي ڪل کي ڪڻڻ ۽ بُهڻ سان پرڻ. (بُهائيو ـ بُهائيندو ـ بُهايل).

• **بَهائِي:** اسم خاص. [ع] هڪ فرقي جو نالو (جنهن جو پيشوا "بَهاءالله" نالي ايران ۾ ٿي گذريو آهي).

• **بُهْبُود، بُهْبُودي:** ث. [ف. بِه = ڇگو + بُودي < بودن (=هڻڻ)] ڇگائي ـ پلائي ـ خيرخواهي ـ بهتري ـ برتري. فائدو.

• **بُهتانُ ج بُهتانَ:** ذ. [ع] ڪوڙو الزام ـ ڪوڙي تهمت.

– **بُهتان بَنْدَنْ:** ڪوڙي تهمت رکڻ ـ ٺڪر پيڃڻ.

– **بُهتان تَراش:** ذ. صفت. ڪوڙو الزام ڏيندڙ ـ ڪوڙي تهمت لڳائيندڙ.

– **بُهتان تَراشِي:** ث. ڪوڙي تهمت لڳائڻ جو فعل.

– **بُهتانو ج بُهتانا:** ذ. ڪوڙو الزام ـ اجائي تهمت.

– **بُهتاني ج بُهتاني:** ذ. صفت. ڪوڙو الزام لڳائيندڙ.

• **بِهْتَرْ:** صفت. [ف] وڌيڪ چڱو ـ زياده سُٺو ـ زور پلو.

– **بِهتَري:** ث. چڱائي ـ پلائي.

– **بِهتَرين:** صفت. سڀ کان چڱو ـ ازخد چڱو ـ چڱي ۾ چڱو.

• **بَهْجَتَ:** ث. [ع] خوبصورتي ـ حسن و جمال. شان ـ برتري. خوشي ـ فرحت. ڦُڙتي ـ ڇستي.

• **بَهْدُورُ ج بَهْدُورَ (ڪ):** ذ. صفت. بهادر.

• **بَهْرْ:** ظرف. [ف] واسطي ـ ڪارڻ.

– **بَهرِخُدا:** محارو. خدا جي واسطي "قاصد ڏي ڪل بهرخدا. ايندو دوست مٺو دلدار ڪڏهن" (صاحبڏنو شاهه بلڙيءَ وارو).

• **بَهَرْ:** حرف ربط. [ف. بِه + هر] هر ڪنهن سان.

– **بَهَرحال:** ظرف. ڪنهن به طرح ـ جيئن ٿي سگهي.

– **بَهرصُورت:** ظرف. ڪيئن به ڪري ـ ڪنهن به نموني.

• **بَهْرامْ:** اسم خاص. [ف] ايران جي ساساني بادشاهن مان هڪ مشهور بادشاهه جو نالو. بهرام گور. (غالباً 'بهرام گور' جي نالي پويان ناهيل) سنڌي قصي "بانڪو بهرام" جو سُورمو ـ بانڪو بهرام. ضلعي لاڙڪاڻي جي ٻن ڳوٺن ۽ ديهن جو نالو ('بهرام هيڻيون' ۽ 'بهرام مٽيون').

– **بَهرام چَرْخ:** ا سم خاص. مريخ گرهه ـ منگل ديوتا.

– **بَهْرامي:** ث. [ف] بهادري ـ شجاعت. ڪوس.

• **بَهْراٹو ج بَهْراٹا:** ذ. ڏسو "بَهراٹو".

• **بَهَراٹِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **بَهْرو ج بَهْرا:** ذ. [ف. بَهْرَهَ] حصو ـ ياگو ـ بَحرو "سوز عشق جو سپرين، بهرو کو بخشيج" (بيدل). فائدو.
– **بَهرو وڻڻ:** حصو وڻڻ. ورچ وڻڻ. کمر ۾ شريڪ ٿيڻ.
• **بُهْرو ج بُهْرا:** ذ. [سن. پُوم گُرهَمْ] زمين دوز کوٺي ـ تَهخانو. بجاءَ لاءِ اندريون کمرو ـ بجاءَ گهر. ڀُر ـ غار. اونداهو طنبيلو. سوراخ ـ ٽنگ (ت). کنوار جي ونواه ۾ ويهڻ جي جاءِ.
• **بَهَرونْدَ:** بخت واري ـ پلاري.
• **بَهْرَهْ:** ذ. [ف] ڏسو "بَهرو".
– **بَهره بَرْ:** ذ. صفت. ياگي نيندڙ ـ ياگي پائيوار ـ شريڪ.
– **بَهره دار:** ذ. صفت. ڏسو "بهره بر".
– **بَهَرَه مَنْد:** ذ. صفت. ياگي وارو. خوش بخت ـ آسودو.
– **بَهره وَرْ:** صفت. ياگو وٺندڙ ـ حصو وٺندڙ. قسمت وارو. فائدو حاصل ڪندڙ. سوياروـ ڪامياب.
– **بَهره ياب:** ذ. صفت. با مُراد ـ ڪامياب.
• **بُهْري:** اسر خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهْري قِدي:** ث. پڪيءَ جو هڪ قسم.
• **بُهْريُونْ:** اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهْڙڻُ (ت.ل)** مصدر. باهُڙڻ. ٽاپو ڪائڻ ـ ٽڑڻ. پُلجي وڃڻ ـ غلطي ڪرڻ. پٽڪڻ ـ پَٽيُلڻ. (بَهڙيو ـ بَهڙندو ـ بَهڙيل).
– **بَهْڙ ج بَهْڙُونْ:** ث. باهوڙ.
– **بَهْڙائڻُ:** مصدر. "بَهْڙڻ" مان متعدي بالواسطه. باهوڙائڻ. پٽڪائڻ. برغلائڻ ـ پنيلائڻ.
– **بَهڙي وڃڻ:** باهوڙجي وڃڻ. ٽڑي وڃڻ. ٽاپو ڪائڻ.
• **بُهْڙِي ج بُهْڙِيُون (ڪ):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (سڳ وڏا ٿين).
• **بُهْسَڻُ:** مصدر. ڏند ڪڍي ڪلڻ. ڏند شيڪڻ. (بُهسيو ـ بُهسندو ـ بُهسيل).
• **بُهْسَڻُ:** ذ. بگهڙ جي اُوناڙ.
• **بَهِشْ (ڪ):** ذ. بَحث.
– **بَهِشي، بَهِشِيرُ:** ذ. صفت. بَحثي ـ هوڏي ـ ضدي.
• **بِهِشْتُ ج بِهِشْتَ:** ذ. [ف] جنت ـ سرڳ. فرحت ـ آرام ـ آسائش. عيش آرام جي جاءِ.
• **بِهشت ۾ خَجِر (ڪلو) وجهڻ:** صلح ۾ وڳوڙ وجهڻ ـ بدامني ڦهلائڻ. غير مناسب هلت هلڻ. رنگ ۾ ڀنگ وجهڻ.
– **بِهِشْتِي ج بِهِشْتِي:** ذ. صفت. بهشت وارو ـ جنتي. بهشت جي لائق. پکالي ـ سقّاءِ.
• **بِهِشْتِي:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهِشْكارُ:** ذ. [سن. وَهِشْكارَ = اِخراج، نيڪالي] قطع تعلقات ـ ترڪ موالات ـ بائڪاٽ (boycott).
• **بَهَكُ ج بَهَكُون:** ث. ڏسو "بَيهَكَ".
• **بَهْكَنْ، بَهْكَنُ:** مصدر. [سن. بُكّ، بَشَنَ، وُكِ] پونڪڻ "بَهي بَهكي اُٿيو گهڏِي منجهان گهور" (شاه). (بهڪيو ـ بهڪندو ـ بهڪيل).
– **بَهْكُ، بَهْكُ ج بَهْكُون:** ث. پونڪ ـ باهوڙ.
– **بَهكائِنْ:** مدر. پونڪائڻ. بَچ ڪرائڻ ـ ڇيڙڻ. [هـ. بَهاكانا] برغلائڻ ـ پنيلائڻ.
• **بَهْلائِي:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊ ياري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.
• **بَهْلائِنُ:** مصدر. [سن. وِهَرَنْ: اُردو. بهلائيندو ـ بهلايل).
• **بَهْلْكاڻِي:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهْلُوزُ:** اسر خاص. هڪ ٽَئن جو نالو.
• **بَهْلُولُ:** ذ. صفت. [ع. بَهْلُول] گهٽو ڪلندڙ. مسخرو ـ چرچائي ـ ظريف. ڀلومانس. سيني پلاين جو مالڪ. (اسر خاص) هڪ وليءَ جو نالو. لوڏي گهراٽي جي باني بادشاهه (بَهلُول لوڏي) جو نالو.
• **بَهلولاڻِي:** اسر خاص. لغاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو (جنهن مان 'حمل فقير لغاري' شاعر ٿيو).
• **بَهْلِيرُ ج بَهْلِيرَ:** ذ. صفت. پهلوان ـ بهادر ـ سورهيه ـ سورمو. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو جنهن مان مورڙو ٿيو (جنهن مڇ کي ماريو. سندس ڏاڏا 'هالُو' ۽ 'هالاڇ' هئا) 'هالُو ۽ هالاڇ هئا، ذات پلي بهليم".
• **بَهَرْ:** ظرف. [ف. به + هم] پاڻ ۾ ـ گڏ ـ ساڻ.
• **بَهْمَن:** اسر خاص. [ف. بهمن = هوشيار] ايران جي هڪ آڳاتي بادشاهه جو نالو (جنهن کي 'ارد شير' به چوندا آهن، جو 'اسفند يار' جو پٽ هو. هن سنڌ ۾ 'بهمن آباد' جي نالي سان شهر ٻڌايو. جنهن تي پوءِ 'برهمن آباد' جو نالو پيو). ايراني شمسي سال جو نائون مهينو.
• **بَهْمَني:** اسر خاص. [سن. بُرْهْمَنْ > بَهمني (= بهمن يا برهمڻ جو)] دڪن هندستان جي هڪ شاهي خاندان جو نالو (جنهن جو باني 'علاوالدين حسن گنگو' هو ۽ جنهن کي

Gul Hayat Institute

اوائل ۾ هڪ برهمڻ پاليو هو).

• **بَهْمَنَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهْمَنُ:** ذ. [ع. ف. بَهْمَن] پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (جو اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ جو ٽيندو (اسم خاص) تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهمڻ وادي:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهَنُ:** مصدر. [پرا. پَسَنَ: سن. پَشَنَ] پونڪڻ ـ بَهڪڻ "بَهي بَهڪي اُٽيو. گهڏي منجهان گهور" (شاه). باهوڙ ڪرڻ. بَڪڻ. مخالفت ۾ شاهدي ڏيڻ (ت). (بهيو ـ بهندو ـ بهيل).

• **بَهَنُ ج بَهَنَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ نرم ٿئي ۽ خاص طرح جندين جي سامان جوڙڻ ۾ ڪم اچي) ـ باهَنُ.

• **بِهَنَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِهَنُ:** مصدر. ڏسو "بيهڻ".

• **بَهو (ل):** ذ. اُٺ جي بدن جو ڏڌ ڪان وٺي پُٺيءَ تائين حصو.

• **بُهو:** ذ. [سن. پُلوشَ = بهُ: اردو. بهت] جهجهو ـ گهڻو ـ جال ـ ڪور.

• **بَهُورُ ج بَهُورَ:** ذ. ويجار ـ ڳڻتي. سُورائمو ـ جذبو. جوش ـ جَلال.

– **بَهُور چڙهڻ:** ڳڻتيون چڙهڻ ـ ڳڻتين ۾ پوڻ.

– **بَهُور ۾ پوڻ:** ڳڻتيون ڪائڻ ـ خيالن ۾ پوڻ.

• **بَهُورَجَنُ:** فعل مجهول. ڪاوڙجڻ. جوش ۾ اچڻ. خوش ٿيڻ. (بهوريو ـ بهوربو ـ بَهوريل).

• **بَهِي:** ث. [سن. پَشَنَ] ڏَڙهي ـ بَهُڪَ (ڪتي جي).

• **بَهِيَ:** صفت. [ع] سهڻو ـ وٽندڙ.

• **بِهِي:** ث. [ف] بهتري ـ نيڪي ـ چڱائي ـ پلائي. خوشبودار ميوي جو هڪ قسم (جنهن مان بيهي داڻا نڪرندا آهن).

– **بِهي خواهه:** ذ. صفت. پلو چاهيندڙ ـ خيرخواهه.

• **بُهِي ج بُهِيُون (ل):** ث. مال چارڻ جو اُجورو. پگهار ـ معاوضو.

– **بُهِيُون بانڊَ (ت):** محاورو. زمينون ۽ اُن سان واسطو رکندڙ ڪم ڪار ۽ ليکو چوکو.

• **بَهِيرَ ج بَهِيرُونْ:** ث. [ف. بَهِير = لشڪر جا ماڻهو. مڈيءَ جو اتالو] قافلو ـ سات "جنهن جو آرياڻي اڳواڻ. تنهن کي ڪانهي باڪَ بهير ۾" (شاه: ديسي). ماڻهن جو انبوهه. قطارن جي ڳاهه "وهي وٽجارن جي. بندر ڏانهن بهير" (شاه: سربراڳ). "ڪانهي بَس بهير کي. هل چل پيئي پيئي" (شاه: سهڻي).

– **بَهِير بَڌڻ:** انبوهه ڪري اچڻ. تمام گهڻي تعداد ۾ (ماڻهن جو) اچڻ.

• **بُهِيرُ ج بُهِيرَ (ڪ):** ذ. پاڙيسري.

• **بَهِيماڻِي:** اسم خاص. تعقلي لٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهِيمَه:** ذ. [ف] مرون. پَسُون. ڊور.

– **بَهِيمِي:** صفت. مرونءَ جو. حيواني.

• **بَهِين:** اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَٹَ:** ث. [ع. بَيع (= وڪرو) جو بگڙيل] قيمت ـ مُلهه.

– **بَٹَ ڪَرڻ:** قيمت ڪرڻ ـ مُلهه ڪرڻ.

– **بَٹَ ۾:** ظرف. رڪيل ملتوي.

• **بُٹانْڈَرِي:** ث. [انگ. boundary] بائونڊري ـ حد.

• **بَٹِلُ ج بُٹِلَ:** ذ. [سن. بَليوَرْدَ] بيل ـ ڊگو ـ ڏاند. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو (اڪثري ڪراچيءَ ۾).

• **بَٹَنْترو (ت):** ذ. خيال. رُخ (زماني جو) ـ حال چال.

– **بَٹَنترو قَري وڃڻ:** خيال تبديل ٿي وڃڻ ـ طبيعت ۾ قيرو اچڻ.

• **بَٹَنْسر ج بَٹَنْسَرُون:** ث. ڏسو "بَيْنَسر".

• **بَٹَنْسرو ج بَٹَنْسرا:** ذ. باز جو هڪ قسم.

• **بَٹُوتَ (ت):** ث. بَڪ. گهرج. سُڄ. قحط. جهيڙو بخار ـ بوٽ.

• **بَٹُودُ ج بَٹُودَ (لس):** ذ. صفت. پوش ـ وحشي.

• **بَٹُوسَ ج بَٹُوسَ:** ذ. صفت. [ع. وُحُوش] بَٹُوش. وحشي ـ جهنگلي. اَڻ سڌريل. پُڄ ـ بُوزان. ميرو ـ گندو ـ ڪنو. اَناڙي ـ اَڊنگو.

• **بَٹُونْ (ت):** ظرف. وڏائيءَ ۾ ـ تڪبر ۾ ـ هٺ ۾.

• **بَٹِي ج بَٹِيُونْ:** ث. مقرر هنڌ. منزل مقصود.

– **بَٹِي ۾:** ظرف. هلندڙ (معاملو) ـ اَڻ فيصل ـ زير غور.

• **بَٹِي (ل):** ث. طعام ۾ پيل ڪا ناجائز شيءِ.

• **بُٹِي:** ث. [هـ. بويا، بوٹا] ٻيءَ جي پيٽ ـ پَڦي.

• **بي:** صفت. ظرف. [ف] سواءِ ـ ڌاران ـ بغير ـ بن. (ذ) صفاتي اڳياڙي (جا لفظن جي اڳيان اچي نفي يا انڪار جي معنيٰ ڏيڪاري "بيعقل، بي شعور، بي ادب، وغيره").

– **بي آب:** صفت. پاڻيءَ کان سواءِ ـ سُڪل ـ خشڪ. بيعزت. بي مان.

– **بي آبرُو:** صفت. بيعزت ـ بي مانو.

– **بي آبرُوئي:** ث. بيعزتي ـ بي مانائي.

– **بي آبو ج بي آبا:** ذ. صفت. پاڻيءَ کان سراءِ ـ خشڪ.

Gul Hayat Institute

بيعزت ـ بي مانو ـ بي آب.

— **بي آبِي:** ث. پاڻيءَ نہ هئڻ جي حالت ـ سوڪ ڏڪائي ـ بيسوادائي.

— **بي آدرو:** ذ. صفت. بي مانو ـ بيعزت ـ اَڊنگو.

— **بي آڏر:** ذ. صفت. بي آدرو. بي پهچ.

— **بي آرامُ ج بي آرامَ:** ذ. صفت. بي سُکو ـ بيقرار ـ پريشان. بيچين. جنهن کي نند نہ اچي.

— **بي آرامِي:** ث. بيقراري ـ آنڌ مانڌ ـ لوڇ پوڇ. پريشاني.

— **بي آزارُ:** ذ. صفت. آزار کان سواءِ. معصوم.

— **بي آشنا:** ذ. صفت. ناواقف. بي دوست.

— **بي آگاهِ:** ذ. صفت. اَڻواقف. جاهل. بيخيال.

— **بي آگاهِي:** ث. بيخيالي. اڻواقفي. جهالت.

— **بي آگَهِي:** ث. بيخبري ـ جهالت.

— **بي آميز:** ذ. صفت. اَڻ ڳڌيل. صاف.

— **بي آهنگ:** ذ. صفت. بي تالو. بي سُرو. اَڻ تيار.

— **بي اِتفاق:** ذ. صفت. بکيڙائي. جهيڙاڪار. ڦيٽاڙو وجهندڙ.

— **بي اِتفاقِي:** ث. ناسازي ـ اٿبٽ.

— **بي اَثَرُ:** ذ. صفت. اَثر کان سواءِ. بيفائدو ـ عبث ـ اجايو.

— **بي اَجَلُ:** ظرف. اَجل يا مدي کان سواءِ. بيوقتو ـ ڪُمهلو.

— **بي اِحترام:** ذ. صفت. بي لڄو. بي ادب.

— **بي اِحترامِي:** ث. بي اَدبي.

— **بي اِحتياجُ:** ذ. صفت. اَڻ گهُرجائو. آزاد.

— **بي اختيار:** ذ. صفت. اختيار کان سواءِ. بيوس ـ عاجز.

— **بي اختيارانَه:** ظرف. پاڻمرادو ـ اَزخود.

— **بي اختياري:** ث. بيوسي ـ عاجزي.

— **بي اَدَبُ ج بي اَدَبَ:** ذ. صفت. ادب کان سواءِ ـ اَڊنگو. بي ڇيو. گستاخ. بدتميز. شوخ. شرير. بيحيا.

— **بي اَدبانَه:** ظرف. بي ادب نموني ۾. اَڊنگائيءَ سان.

— **بي اَدبِي ج بي اَدبِيُون:** ث. بد فضيلتي. اَڊنگائي. گستاخي. اَهنڌائي. شوخي.

— **بي اَرْتَ:** صفت. [ف. بي + سن. اَرْتَ] بي مطلب ـ اَجايو.

— **بي اَصْلُ:** صفت. بي بنياد.

— **بي اِطلاع:** صفت. بيخبر. بنان سُڌ جي.

— **بي اِعْتِبارُ:** صفت. جنهن تي پروسو نہ ڪري سگهجي ـ بي پروسي. نامعتبر.

— **بي اِعْتِبارو ج بي اِعتبارا:** ذ. صفت. بي اعتبار ـ بي پروسي. خيانتي ـ ڪپتيو.

— **بي اِعْتِباري:** ث. بي ويساهِي ـ بي اعتمادي.

— **بي اِعْتِدالُ:** ذ. صفت. نابرابر ـ ناموافق. وڇڙيءَ حالت وارو نہ.

— **بي اِعْتِدالِي:** ث. نابرابري ـ ناموافقت. ناهموزني.

— **بي اِعْتِقادُ ج بي اِعْتِقادَ:** ذ. ڪنهن ۾ به ويساهه نہ رکندڙ. بي ويساهو. ڪنهن تي به پروسو نہ رکندڙ.

— **بي اِعْتِمادُ:** ذ. صفت. بي پروسي. بي اِعتبار.

— **بي اِعْتِمادي:** ث. پروسي نہ هجڻ جي حالت. بي اعتباري ـ بي ويساهي.

— **بي اِعْتِنا:** ذ. صفت. بيپرواهه ـ لاغرض ـ بي ڌيانو.

— **بي اِعْتِنائي:** ث. بي ڌياني. بيپرواهي ـ لاغرضي.

— **بي اِلْتِفاتُ:** ذ. صفت. بيخيال.

— **بي اِلْتِفاتِي:** ث. بي ڌيانائي ـ بيخيالي ـ بيپرواهي.

— **بي اِمْتِيازُ:** ذ. صفت. پوريءَ طرح سان سوچ ويچار نہ ڪندڙ. بي تميز.

— **بي اَنْتُ:** صفت. جنهن جي پڇاڻي نہ هجي ـ لا اِنتها ـ لاحدّ. اَٿاهه. اونهو ـ عميق اَپار. بيشمار. تمام گهڻو.

— **بي اِنتظامُ:** صفت. خراب انتظام وارو. پورو بندوبست نہ رکندڙ.

— **بي اِنْتِها:** ظرف. بيحد ـ گهڻو ـ بي انت.

— **بي اَنجامُ:** ظرف. جنهن جي پُڇاڻي نہ هجي ـ بي اِنتها.

— **بي اَنْداز:** صفت. بيشمار ـ اَڻ ڳڻيو ـ تمام گهڻو.

— **بي اَنْديشه:** صفت. بيخيال ـ بيپرواهه. غافل. ناعاقبت انديش.

— **بي اِنْصاف:** انصاف نہ ڪندڙ. ستمگر ـ ظالم.

— **بي اِنْصافِي:** ث. ظلم ـ ستم انڌير ـ اَنياءُ ـ ناحق. بي اولاڏ. اَولادي: ذ. صفت. اولاد کان سواءِ ـ جنهن کي اولاد نہ هجي.

— **بي اونُ:** ذ. صفت. بيفڪر ـ اَچنت.

— **بي اونائِي:** ث. بيفڪري. لاپرواهي. اطمينان.

— **بي اونو ج بي اونا:** ذ. صفت. بنا ڳڻتيءَ جي ـ بيفڪر.

— **بي اِيمانُ ج بي اِيمانَ:** صفت. جنهن کي ايمان نہ هجي. بي پروسو. بي اعتبار. بزدل ـ گيدي. ڪپتيو. دغاباز. بيوفا. نمڪ حرام.

— **بي اِيمانَ ٿيڻ:** ايمان وڃائڻ. دغابازي ڪرڻ. بزدل ٿيڻ.

— **بي اِيماني ج بي اِيمانِيُون:** ث. ڪپت ـ دغابازي ـ نگي. خيانت.

Gul Hayat Institute

– **بي باعث:** ظرف. بي سبب.
– **بيباقُ ج بيباق:** ذ. صفت. بنا باقيءَ جي ـ بقايا کان سواءِ ـ دِل کان آزاد. جنهن ڏي کجهہ بہ رهت نہ هجي. چڪتو ـ لٽ پٽ.
– **بيباقي:** ث. پاڇيءَ کان سواءِ. دِل کان آزاد (زمين).
– **بيباڪُ ج بيباڪ:** ذ. صفت. بي ڊپو ـ بيخوف. بيپرواهہ ـ بيفڪر. دلير ـ بهادر.
– **بيباڪي:** ث. بي ڊپائي.
– **بي بال و پر:** ذ. صفت. پَرن ۽ ڪنيڙائين کان سواءِ. ڪٽل. عاجز. بي طاقت.
– **بي بَدَل:** صفت. لاثاني ـ بيمثال. بينظير.
– **بي بَرَگ:** صفت. بي سَرو سامان. مفلس ـ سُجو.
– **بي بَرَگي:** ث. بي سَروسامانِي. سُجائي ـ مفلسي.
– **بي بَسْ:** صفت. عاجز ـ بيوس.
– **بي بَسي:** ث. عاجزي ـ ناتوانائي ـ بيوسي.
– **بي بَصَرْ:** ذ. صفت. اکين کان سواءِ. انڌو. بيوقوف.
– **بي بَصيرَت:** ذ. صفت. اَنڌو. اندر جو انڌو.
– **بي بِضاعَتُ:** صفت. مفلس ـ ڪٽل ـ سجو.
– **بي بَقا:** صفت. ٿوريِ وقت لاءِ ـ عارضي. فاني ـ ناپائدار.
– **بي بِلو:** ذ. صفت. بنا بِلي جي. لاعلاج. بِلاوجہ ـ بي سبب. بي بندوبستو
– **بي بَنْد:** صفت. بند يا قيد کان سواءِ ـ آزاد. غير محفوظ.
– **بي بَنْدوبَسْت:** صفت. بي انتظام. وگوڙيل.
– **بي بَندوبَستي:** ث. بي انتظامي.
– **بي بُنيادُ:** صفت. جنهن جو بنياد نہ هجي. پيڙهہ کان سواءِ. بغير بنياد جي. بد اصل ـ بي بُٽو. جنهن ڳالهہ جو ڪو اصل نہ هجي ـ اُفواهي (ڳالهہ).
ـ **بي بُنيادو ج بي بُنيادا:** ذ. صفت. جنهن جو بُڻ بنياد نہ هجي. پوءِ ڏائو ـ بَداصل.
– **بي بُڻو ج بي بُڻا:** ذ. صفت. بي بنياد. بداصل.
– **بي بُريو ج بي بويا:** ذ. صفت. بي باسو.
– **بي بَها:** صفت. جنهن جي قيمت نہ هجي ـ اَملهہ.
– **بي بَهْرَه:** صفت. بي نصيب. محروم.
– **بي بَيانُ:** صفت. جنهن جو بيان نہ ڪري سگهجي. ڳالهہ ڪرڻ کان مٿي. بيان کان ٻاهر ـ چوڻ کان ٻاهر.
– **بي باجهُ:** صفت. رحم کان سواءِ ـ بيرحم.
– **بي باجهائي ج بي باجهايُون:** ث. بيرحمي ـ بي قياسِي.
– **بي باجهو ج بي باجها:** ذ. صفت. بيرحم ـ ڪُمهِرو ـ نامهربان.
– **بي پَگو ج بي پَگا:** ذ صفت. بي ڊپو ـ بيخوف. دلير ـ بهادر.
– **بي پَرُ:** ذ. صفت. بي ڊپو ـ بيباڪ ـ بيخوف.
– **بيتابُ ج بيتاب:** ذ. صفت. بيچين ـ بيقرار ـ بي آرام. پريشان. گهبرايل.
– **بيتابِي:** ث. بيچيني ـ بيقراري ـ بي آرامي. گهبراهٽ ـ پريشاني.
– **بي تارو ج بي تارا:** ذ. صفت. جيڪو سُر تار تي پورو نہ هجي ـ بيتالو.
– **بيتالُ ج بيتال:** ذ. صفت. تار کان ٻاهر. انداز کان ٻاهر. بي ڍنگو. بدعادتو. گمراهہ ـ پٽڪندڙ.
– **بيتالو ج بيتالا:** ذ. صفت. جو سُر تار تي پورو نہ هجي ـ سُر تار کان ٻاهر. اڍنگو. اَڻ وٽندڙ. آواره ـ رولو. آنچيءَ کان سواءِ (لغڙ) (ث) بيتالِي ج بيتالِيُون.
– **بي تامِلُ:** ظرف. ڏيرج کان سواءِ ـ بي صبر.
– **بي تَحاشا:** ظرف. بي اختيار. اَنڌ ڌنڌ ۾. بي تامل. بيڌڙڪ ـ بنا ڪنهن ڊپ ڍاءَ جي.
– **بي تَدبِير:** صفت. تدبير کان سواءِ. بيخبر.
– **بي تَرتيب:** صفت. پوريءَ سِٽا ۾ نہ بيٺل ـ تنظيم کان سواءِ.
– **بي تَردُدُ:** ظرف. هٽڪ کان سواءِ ـ بنا هيڪ.
– **بي تَعلق:** ظرف. سواءِ ڪنهن لڳ لاڳاپي جي آزادانہ.
– **بي تقريب:** ظرف. بي سبب ـ بي عذر.
– **بي تقصير:** ظرف. ڏوهہ کان سواءِ ـ بيگناهہ.
– **بي تَكَلف:** ظرف. ڏيکاءُ کان سواءِ. بي حجاب. سڌو سنواٽو.
– **بي تكليف:** ظرف. سواءِ تڪليف جي ـ بنا زحمت.
– **بي تُكو ج بي تُكا:** ذ. صفت. غير موزون. اَڻ پورو. فضول.
– **بي تَميز:** ذ. صفت. سواءِ ڪنهن تميز جي. ناشناخت. بي سوجھ.
– **بي تميزي:** ث. ناشناسي. بي سوجهائي.
– **بي تو:** ظرف. توکان سواءِ ـ توريءَ "ڏيان خيز خزان ۾، بي تو منجهہ بهار" (شاهہ).
– **بي تَوجه:** ظرف. بيخيال. لاپرواهہ.
– **بي توشَه:** صفت. بي سامان. سُجو.
– **بي توفِيقُ:** صفت. بي طاقت. بزدل. ناتوان.

Gul Hayat Institute

– **بي توقف:** ظرف. بنا دير.
– **بي تَهہ:** ظرف. تَري کان سواءِ اَتاهہ.
– **بي ثَمَرُ، ثَمَرو ج بي ثَمَر ثَمَرا:** ذ. صفت. [ف. بي + ع. ثَمَر = ميوو. توشو] جنهن کي سفرجو سامان ساڻ نہ هجي ـ بِناتوشي. هٿين خالي. مسڪين.
– **بي ثَمَري:** ث. بي سَر و ساماني‌ءَ واري حالت. تهي دستي ـ تنگدستي ـ غربت.
– **بي ٹانيڪو ج بي ٹانيڪا:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو ٽڪاڻو يا ٽَڙتاڪ نہ هجي. بي گهرو ـ بي جايائتو. آواره ـ دربدر.
– **بي ٹيڪو ج بي ٹيڪا:** ذ. صفت. بغير پُٺ پراڻي‌ءَ جي. بي پُشت ـ بي آڌار. بي بهڄ.
– **بي ڏاهہ (ت):** صفت. نہ ڏهيل ـ ڪاوڙيل ـ بيمار.
– **بي ڏِکاڻي:** ظرف. سواءِ گهر گهاٽ جي.
– **بي ڏِبات:** صفت. جنهن کي جتاءِ نہ هجي. ناپائدار ـ فاني ـ بي بقا.
– **بي ڏَباتي:** ث. ناپائداري ـ فنا.
– **بي پاڙو ج بي پاڙا:** ذ. صفت. اَپاڙو ـ بي بنياد. (ث) بي پاڙي ج بي پاڙيُون.
– **بي پاڙي:** ث. ول جو هڪ قسم (جنهن کي پاڙ ڪانہ ٿئي ۽ وڻ کي ويڙهي سگهائي ڇڏيندي آهي، دوائن ۾ به ڪم اچي) ـ وڻ ويڙهي.
– **بي پاڻيو ج بي پاڻيا:** ذ. صفت. پاڻي‌ءَ کان سواءِ ـ سُڪو ـ خشڪ. جوهر کان سواءِ ـ بي چمڪ ـ بي رونق. بي همت. ڍِڇڪو ـ بزدل.
– **بي پايان:** ظرف. جنهن جو ڇيهہ نہ هجي ـ لاحد ـ لاانتها. بي انت ـ بيحساب ـ بيحد. اَڻ ڪٽ.
– **بي پِتائي:** ث. بيغيرتي. بيحيائي ـ بيشرمي.
– **بي پِتو ج بي پِتا:** ذ. صفت. نِرلَجو. بيغيرت. بيحيا ـ بيشرم. بيعزتو ـ ڪميٽو. نوڙ. بي اثر.
– **بي پَتيائي:** ث. بي اعتباري ـ ڪُويساهي. ڪُپت. بي ايماني.
– **بي پَتيو ج بي پَتيا:** ذ. صفت. بي اعتبار ـ ڪُپتيو ـ ڪُويساهہ.
– **بي پُڄَت:** ذ. صفت. بي بهڄ ـ بيوس. محتاج.
– **بي پُڇو ج بي پُڇا:** ذ. صفت. اَڻ پڇيو. بنا اِجازت. ري موڪل. ازخود ـ پاڻمرادو. پُڇ کان سواءِ ـ لنڊو.
– **بي پِدڙ:** صفت. پي‌ءُ کان سواءِ ـ چورو. حرامي.
– **بي پَرُ:** ذ.صفت. بنا پَرن جي بي طاقت ـ اَڻ سگهو. سُجو ـ مفلس ـ ڪنگال.
– **بي پَرده:** صفت. بنا پردي ـ بي حجاب. بيشرم. اُگهاڙي منهن. ظاهر ـ کليل.
– **بي پَردگي:** ث. بيحيائي. خواري.
– **بي پَرو:** ذ. صفت. بنا پرن جي ـ ڪنهن ڪٽل ـ ٽُرڙ. بي طاقت. سُجو ـ مفلس.
– **بيپرواهہ ج بيپَرواهہ:** ذ. صفت. [ف. بي پروا] جنهن کي پرواهہ نہ هجي ـ لاغرض ـ لاابالي ـ بيخيالو. جنهن کي ڪا ڪاڻ نہ هجي.
– **بيپَرواهِي ج بيپَرواهِيُون:** ث. [ف. بي پروائي] بيخيالي ـ بيفڪري. لاغرضي. بي نيازي. بي ڏپائي.
– **بي پَرهيز:** صفت. پرهيز کان سواءِ ڪِري نہ ڪندڙ. لوئيو.
– **بي پَرهيزي:** ث. ڪِري نہ ڪرڻ واري حالت. بدپرهيزي. لوئيپائي.
– **بي پِريتو ج بي پِريتا:** ذ. صفت. بي قربو ـ بي محبتو. بيمروَت.
– **بي پِيرُ پِيرو ج بي پِيرَ پِيرا:** ذ. صفت. جنهن جو گرمرشد نہ هجي. بي اثر. بي مروَت. شرير.
– **بي پِيرايگي:** ث. ڳُهن نہ هڻڻ واري حالت. بُسائي.
– **بي پِيرايہ:** صفت. سينگار کان سواءِ. بُسو ـ بُسي.
– **بي پِيرو:** ذ. جنهن هنڌ ڪنهن به پير جو نشان نہ هجي ـ اَڻ لتاڙيل (زمين).
– **بي پِيڙهِيو ج بي پِيڙهِيا:** ذ. صفت. اصل نسل کان سواءِ. بد بنياد ـ ڪمذات ـ گهٽ ذات ـ بي بنيادو.
– **بيجا:** ظرف. غيرواجبي ـ نامناسب ـ اجوڳ. فضول ـ اجايو. غلط.
– **بيجان:** صفت. جنهن ۾ ساهہ نہ هجي. مئل.
– **بيجاءِ:** ظرف. بي گهر. بيجا ـ غيرواجبي.
– **بي جائِتو ج بي جائِتا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪا جاءِ نہ هجي ـ بي گهر. جو پنهنجي پوريءَ جاءِ تي نہ هجي. غير موزون ـ نامناسب.
– **بي جائِڪو ج بي جائِڪا:** ذ. صفت. ڏسو "بي جائِتو".
– **بي جَر:** صفت. بنا پاڻي‌ءَ سڪل ـ خشڪ.
– **بي جَس، بي جَسو:** ذ. صفت. بي سوپو ـ ڪُجسو. ناڪام.
– **بي جِگَر:** صفت. ڍِڇڪو ـ گيدي.
– **بي جِگَري ج بي جِگَريُون:** ث. بي ڏپائي. سرويچي.
– **بي جِنس:** صفت. جنس کان سواءِ. بي‌ءِ جنس جو ـ ميل نہ کائيندڙ.

Gul Hayat Institute

– **بي جوتيو ج بي جوتيا:** ذ. صفت. جنهن کي جوت نه هجي. بي رونق. ڏنڏ وارو ـ اُونداهو.
– **بي جوڙ:** ذ. صفت. جوڙ کان سواءِ ـ اَڻ ٺهندڙ. ناموافق. جنهن جو کو ٻاني نه هجي ـ لاثاني ـ بينظير. ناخوش ـ بيمار.
– **بي جوڙائي:** ث. ناچاقائي ـ اڳهائي. بيمزگي. اٽبٽ. نامناسبت.
– **بي جوکو ج بي جوکا:** ذ. صفت. خوف خطري کان سواءِ. سلامت ـ محفوظ.
– **بي جوهر:** ذ. صفت. جوهر يا پاڻيءَ کان سواءِ. بي هنر ـ ڇٽ.
– **بي جيس، بي جيسو:** ذ. صفت. جنهن جو جوڙ جيس نه هجي. بينظير ـ لاثاني ـ لاجواب.
– **بي جيءُ:** ذ. صفت. بيجان ـ بنا ساهه ـ مُردو ـ مئل. بنا ڳپ جي. بنا جذبي جي.
– **بي چاڪ ج بي چاڪ:** ذ. صفت. ناچگو ـ بيمزي ـ سَکالو.
– **بي چال:** ذ. صفت. بي اصول. اڌنگو ـ بدفضيلت.
– **بي چالي:** ث. اڌنگائي ـ بد فضيلتي.
– **بي چسو:** ذ. صفت. بي لذت ـ بيسواد.
– **بي چشم:** صفت. اکين کان سواءِ ـ انڌو.
– **بي چون وچرا:** محاورو. ڪچڻ پچڻ کان سواءِ.
– **بي چين:** صفت. بي آرام ـ بيقرار.
– **بي چيو ج بي چيا:** ذ. صفت. چيو نه مڃيندڙ ـ نافرمان. (ظرف) بنا چوڻ جي. پاڻمرادو.
– **بي حاصل:** صفت. اجايو ـ بيسود.
– **بيحال:** صفت. پريشان ـ عاجز ـ لاچار. ساڏو. ڏڪيل. بلڪل اڳهو.
– **بي حجاب:** صفت. پردي کانسواءِ ـ بي پردي. بيحيا ـ ناديدو. بيپرواهه. بي تڪلف ـ حُجائتو. سڏو سنئون.
– **بي حجابي:** ث. بي پردگي.
– **بي حُرمت:** ث. بيعزت ـ خوار.
– **بي حُرمتي:** ث. بيعزتي ـ نرآدر.
– **بي حس:** صفت. جنهن کي حِس نه هجي يا جيڪو محسوس نه ڪري سگهي. موڳو. بيهوش ـ مورڇا. بيغيرت ـ اَڻاسو. بي درد.
– **بي حساب:** صفت. ليکڻ کان ٻاهر ـ بي انداز ـ بيشمار. اَڻ ڳڻيو.
– **بي حَشْمَت:** صفت. جنهن ۾ رعب تاب نه هجي.
– **بي حَقيقَت:** صفت. بي بنياد. ڪجهه به نه ـ ناچيز ـ غير مخلص.
– **بي حُڪُم، بي حُڪْمو:** ذ. صفت. حڪم کان سواءِ ـ بنا اجازت. بيقاعدي.

– **بي حَواس:** ذ. صفت. حواس کان سواءِ. هوش کان سواءِ.
– **بي حواسي:** ث. بيهوشي ـ بي حضوري. غفلت. گهمنڊ.
– **بي حَوصلہ:** صفت. بي همت ـ بي پتو ـ ڍڄڻو. بي لياقت.
– **بي حَيا، بي حَياءَ:** صفت. بيشرم ـ نرلڄو. بي ديدو ـ اڪين ٻوٽ. ڪمينو.
– **بي حيائي:** ث. بيشرمي ـ نرلڄائي. ڪمينپ.
– **بي حَيائيءَ تي سَندرو ٻَڌڻ:** صفا بيحيا ٿي بيهڻ. ڪليو ڪلايو بيحيا ٿي بيهڻ.
– **بي خَبر:** صفت. جنهن کي ڪا خبر نه هجي ـ جاهل ـ اڻڄاڻ. غير واقف. بيپرواهه ـ غافل.
– **بي خَبر ج بي خبرا:** ذ. صفت. ڏسو "بي خبر".
– **بي خَبري:** ث. اَڻ ڄاڻائي ـ لاعلمي. غفلت ـ بيپرواهي.
– **بي خَرچو:** ذ. صفت. بنا خرچ جي ـ مفت. بي ثمرو.
– **بي خَطا:** صفت. بيگناهه ـ بي ڏوهه ـ بيقصور. (ظرف) اَڻ گَس ـ هڪ ٽڪ.
– **بي خَطَر:** صفت. [ف. بي + ع. خطره] بنا خوف ـ بنا ڊپ. محفوظ ـ سلامت.
– **بي خَواب:** صفت. جاڳندڙ. جاڳيل ـ سجاڳ ـ بيدار. بي آرام.
– **بي خَوابي:** ث. سجاڳي ـ جاڳ ـ بيداري. بي آرامي ـ پريشاني.
– **بي خَوفَ ج بي خوف:** ذ. صفت. بي ڊپو ـ نه ڊڄندڙ. دلير بهادر. لاپرواهه ـ لاغرض.
– **بي خَوفو ج بي خَوفا:** ذ. صفت. بي خوف.
– **بي خَيالُ ج بي خَيال:** ذ. صفت. لاغرض ـ لاپرواهه. بي اونو ـ بي گونڊرو.
– **بي خَيالو ج بي خيالا:** ذ. صفت. ڏسو "بي خيال".
– **بي خَيالائي، بي خَيالي:** ث. لاپرواهي ـ بي اونائي. بي ڌياني.
– **بي داد گَر:** ذ. صفت. ظالم ـ ستمگر.
– **بي داغ:** صفت. بنا داغ. پاڪ صاف. پاڪدامن ـ معصوم. بي ڏوهه.
– **بي داغو ج بي داغا:** ذ. صفت. بي داغ.
– **بي داغي:** صفت. ڏسو "بي داغ".
– **بي دامُ:** صفت. بَڌڻ کان سواءِ ـ بنا بَندَ ـ ڇڏواڳ. ظالم ـ بنا پئسي ـ ري ملهه.
– **بي درَنگ:** ظرف. بنادير ـ ٿهه ٽپ ـ جلد.

Gul Hayat Institute

– **بي دريغ:** ظرف. سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ـ بي تامل. بِنا دير. بنا اِنکار. بِنا روک. گهٽو.
– **بي دست و پا:** محاورو. [لفظي معنيٰ = هٿن پيرن کان سواءِ] عاجز. بي طاقت. بي پهج.
– **بي دَعْوا:** صفت. جنهن جي دعوا يا حجّت هلي نه سگهي ـ لادعوا. (ظرف) حصي يا پتيءَ کان محروم.
– **بي دَعْوَت:** ظرف. دعوت کان سواءِ ـ ري دعوت. اَڻ ڪوٺيو ـ اَڻ سڏيو. پُڇ لڳو.
– **بي دِل:** صفت. بي دليو ـ ناراض. شڪسته دل. غمگين ـ اُداس (عشق ۾).
– **بي دِلي:** ث. دلگيري ـ غمگيني. دل شڪستگي. ناراضگي.
– **بي دليو ج بي دليا:** ذ. صفت. بي دل. دل سان يا چاهه سان ڪم نه ڪندڙ. بي جَسو. غمگين ـ دلگير. اُداس.
– **بي دليو ٽيڻ:** دلگير ٽيڻ ـ دل شڪستو ٽيڻ. دلچسپي نه ٽيڻ.
– **بي دَمْ:** صفت. بِنا ساهه ـ بيجان. تَڪل. سُست.
– **بي دماغ:** صفت. بي سمجهه. چِڙڻو ـ ورچڙو. بي صبر.
– **بي دماغي:** ث. بي سمجهي. چِڙڻي طبيعت.
– **بي دعوا:** صفت. سُجو ـ مسڪين. ڪمبخت.
– **بي دِيانَتْ:** صفت. خيانتي. ظالم.
– **بي دِيد، بي ديدو:** ذ. صفت. اکين ڏيکيو ـ اکين ٻوٽ ـ نادیدو. بيحيا ـ بيشرم ـ نرلجو. بيمروت ـ بي لحاظ. بيوفا.
– **بي دِينْ، بي دِينو:** ذ. صفت. جنهن جو ڪوبه دين ڌرم نه هجي. دين کان قَريل ـ آڌرمي ـ لامذهب. ڪافر.
– **بي دِيني:** ث. لامذهبيٽ ـ آڌرمائي. ڪُفر.
– **بي ڌَرم، بي ڌَرمو:** ذ. صفت. بي دين.
– **بي ڏُرو ج بي ڏُرا:** ذ. صفت. جو ڪنهن بہ ڏر سان نه هجي ـ غيرجانبدار. بي يارو مددگار. بي پُشتو. رولاڪ.
– **بي ڏِيانْ:** ذ.صفت. بيخيال ـ لاغرض. غافل. بيپرواهه. بي لحاظ ـ بيمروت.
– **بي ڏيانو:** ذ. صفت. ڏسو "بي ڏيانْ".
– **بي ڏَنْڊو ج بي ڏَنْڊا:** ذ. صفت. ڏنڊن کان سواءِ ـ ڍڏو ـ ڦڏو.
– **بي ڏوهه:** ظرف. بيقصور هڻڻ واريءَ حالت ۾. راهه گناهه ـ ناحق.
– **بي ڏوهُ، بي ڏوهو:** ذ. صفت. بيگناهه ـ بيقصور.
– **بي ڏوهائي:** ث. بيگناهي.
– **بي ڏوهِي ج بي ڏوهِي:** ذ. صفت. بي ڏوهه.

– **بي ڏِينْهون:** ظرف. ڪنهن مقرر ڪيل ڏينهن کان سواءِ. بيوقتو. اوچتو.
– **بي ڏَولْ ج بي ڏَولْ:** ذ. صفت. جنهن جي بيهڪ ڇگي نه هجي ـ اَڻ ڍولائتو. بدشڪل ـ بدصورت. اَڻ گهڙيل. ناموزون.
– **بي ڏولائي:** ث. بدصورت. ڏنگائي ـ قِڏائي. ناموزوني.
– **بي ڏَولو ج بي ڏَولا:** ذ. صفت. بي ڍول.
– **بي ڍوهُ بي ڍوهو:** ذ. صفت. ڍوهه ۾ دغا ڪانسواءِ. ڍوهه نه ڪندڙ. ڪپٽ نه ڪندڙ. صاف دل. اَڻ ڏکوئيندڙ.
– **بي ڏَهْ، بي ڏَهو:** ذ. صفت. بي ڍنگو ـ دَڏَستو. بي ڍولو. بي سُرو. بي ڪِرو. سنوت نه ڏيندڙ. بي سلسلي ـ بي ترتيب. شرير. بدشڪل.
– **بي ڏَهائي:** ث. بي ڍنگائي.
– **بي ڏَنْگ ج بي ڏَنْگ:** ذ. صفت. اَڍنگو. بي ڍولو. بي سُرو. بي ڪِرو. بدشڪل. واهيات.
– **بي ڏِنْگائي، بي ڏِنْگايُون:** ث. بي ڍهائي. اَڍنگائي. بي ڍولائي.
– **بي ڏَنْهُ، بي ڏَنُو:** صفت. بدصورت. بي ڏَهْ. بي ڍنگ.
– **بي ڏَءِ، بي ڏَئو (ڏُرئو):** ذ. صفت. جنهن ڏؤ نه ڪيو هجي. نه ڏاپڙ وارو. بڪيو.
– **بي ذاتيو ج بي ذاتيا:** ذ. صفت. ذات کان سواءِ. بي بُٽو. ذات پات کان نڪتل ـ ٽالهين لٽل.
– **بي ذَوقْ ج بي ذَوقَ:** ذ. صفت. سهٽي شوق کان سواءِ. حسن جي چاهه کان خالي.
– **بي ذوقي:** ث. چگي چاهه کان محرومي.
– **بي راضِي ج بي راضِي:** ذ. صفت. ناراض ـ اَرهو. بي مزي ـ ناخوش.
– **بي راهه:** ث. اَوجهڙ ـ اَواٽ ـ ڪُواٽ "هِڪو پؤ. بي راهه جو. ٻيو سانيارا سِينهن" (شاهه).
– **بي راهُ ج بي راهَ:** ذ. رستي کان پٽڪيل گمراهه ـ ڪُواٽو.
– **بي راهو ج بي راها:** ذ. صفت. ڏسو "بي راهُ".
– **بي رائِکو، رائُکو ج بي رائِکا، رائُکا:** ذ. صفت. دِل نه پريندڙ. دِل معاف ڪاتيدار.
– **بي رَبْطُ:** صفت. جنهن ۾ ڪو مناسب لاڳاپو نه هجي ـ بي ترتيب.
– **بي رُتو ج بي رُتا:** ذ. صفت. اَڻ مندائتو ـ بي موسمو.

Gul Hayat Institute

– **بي رَحْمُ ج بي رَحْمَ:** ذ. صفت. بي قياس. ظالم ـ ستمگر.
– **بي رَحْمي:** ث. بي قياسي. ستم. وحشانيت.
– **بي رُخْ، بي رُخو:** ذ. صفت. بي توجه ـ بي ڌيان ـ بيپرواه.
– **بي رُخي ج بي رُخيون:** ث. بي اِتفاقي ـ بيمروّتي.
– **بي رَس، بي رَسو:** ذ. صفت. بِنا رش جي. بي سوادو ـ بي چَس. قِـكو ـ آلوٽو.
– **بي رَسْم:** صفت. رسم کان سواءِ. غير مروج (ظرف). بي ڏَول ـ بيقاعدي.
– **بي رَسْمي:** ث. بيقاعدگي. كُريْت.
– **بي رَضا:** ظرف. رضا کان سواءِ. بي موكل ـ بنا اجازت.
– **بي رَنْگ:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪو رنگ نه هجي ـ رنگ روپ کان سواءِ. رنگ روپ کان نيارو ـ بيمثل.
– **بي رَنْگي ج بي رَنْگي:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪو رنگ نه هجي ـ رنگ روپ کان سواءِ. بيمثل ـ لاثاني.
– **بي رَنگي:** ث. بيمثالي ـ لاثانيت.
– **بي روزگارُ ج بي روزگارَ:** ذ. صفت. جنهن کي ڪو ڌنڌو يا ڪمائي نه هجي. بيڪار ـ نِكمٽو.
– **بي روزگاري:** ث. بنا ڌنڌي يا ڪمائي يا گذران. بيڪاري. نكمٽائي.
– **بي رَونَق:** صفت. رونق کان سواءِ. بي چمڪ. بي طراوت. چَلتي کان سواءِ. بدزيبو.
– **بي ريا، بي رياءَ:** ذ. صفت. رياءَ نه رکندڙ. انصاف خاطر ڪنهن جي به نه ٻڌندڙ ـ منصف مزاج.
– **بي رِيائي:** ث غيرجانبداري. منصف مزاجي ـ انصاف پسندي. ديانت داري ـ ايمانداري. صاف دلي ـ سَچائي.
– **بي رِيتو ج بي رِيتا:** ذ. صفت. دستور جي خلاف ڪُريتو. اَڊنگو. غيرواجبي.
– **بي ريجو ج بي ريجا:** ذ. صفت. ريج کان سواءِ. سڪل ـ خشڪ.
– **بي رِيشُ ج بي رِيش:** ذ. صفت. بي ڏاڙهيو. ڪِيرو ـ لاسڙات. ڏاڙهي ڪوڙ.
– **بي زَبانُ:** ذ. صفت. گهٽ ڳالهائو ـ ڪم سخن. مائيٽو. مسڪين ـ غريب. گُـنگو ـ گڏگام. حيوان ـ ڊور.
– **بي زَباني:** ث. ڪم سخني. مائيٽائي. خاموشي.
– **بي زَرْ:** صفت. بنا پئسي جي. هٿين خالي. وِلهو.
– **بي زَنگْ:** صفت. اَڻ ڪٽيل (ڏاتو). صاف.
– **بي زَوالُ:** ذ. صفت. لاڙوال ـ غيرفاني. باقي ـ پائدار.
– **بي زورُ ج بي زورَ:** ذ. صفت. ڪم طاقت ـ ڪمزور ـ نبل. بي پهج. ضعيف.
– **بي زورائي، بي زوري:** ث. بي طاقتي. هيٺائي. عاجزي.
– **بي زورو ج بي زورا:** ذ. صفت. ڏسو "بي زور".
– **بي زيب و زينت:** محاورو. سونهن ۽ سينگار کان سواءِ. ڪوجهو.
– **بي ساجاهُ ج بي ساجاهَ:** ذ. صفت. بي شناس ـ بي لحاظ ـ بي مروت. بيشرم ـ بي حياءَ.
– **بي ساجاهو ج بي ساجاها:** ذ. صفت. ڏسو "بي ساجاهَ".
– **بي ساجاهي:** ث. نِرلجائي ـ اڪين ٻوٽ. بيحيائي ـ بيشرمي.
– **بي ساجَهُ، بي ساجهو:** ذ. صفت. بي ساجاهَ.
– **بي ساختگي:** ث. سادائي. اخلاق.
– **بي ساخْتَه:** ظرف. صاف. ڪليو. بي تكلف. صاف دليءَ سان. اُتي جو اُتي ـ ٽڏي تي ـ يڪدم ـ تڙي ڪڙي. في البديهه. بنا تياري. بنا اِرادي.
– **بي ساكو ج بي ساكا:** ذ. صفت. ڪُسا کي ـ ڪوڙو ـ بي پتيو. (ث) بي ساكي ج بي ساكيون.
– **بي ساگاهُ، بي ساگاهو:** ذ. صفت. جو ساگاهي نه هلي. بي امتياز ـ بي شناسو. بي لحاظ ـ بيمروت. بي ساجاهَ.
– **بي ساگاهي:** ث. بي ساجاهي. ناشناسي. بيحيائي.
– **بي ساگَهُ، بي ساگهو:** صفت. بي ساگاهُ.
– **بي سامان:** ظرف. بي ثمر.
– **بي سانگُ:** ذ. صفت. بي سبب. اوچتو بنا اِرادي.
– **بي سانگو:** ظرف. بي موقعي ـ بي سبب.
– **بي ساهو ج بي ساها:** ذ. صفت. ساهه کان سواءِ ـ مئل. ڪمزور ـ نِستو. ساٽو.
– **بي سَبَبْ:** ظرف. سبب کان سواءِ ـ ڪارڻ. ڏاران. اجايو ـ هروپرو. حق ناحق ـ خالِي پِيلي.
– **بي سُيو ج بي سُيا:** ذ. صفت. نحس. چنڊو ـ ندورو ـ اَپاڳو. بي سويو.
– **بي سَتْر:** صفت. [ف. بي + ع. سِتْر = پردو] بي پردي. اَڻ ڍڪيل. عريان.
– **بي سَتْري:** ث. بي پردگي. اوگهڙ ـ عرياني.

Gul Hayat Institute

– **بي سپاس:** صفت. ناسپاس ـ بيشڪر.
– **بي سِجلائي:** ث. بي زيبائي. بدفضيلتي. گدلائي.
– **بي سِجلو** ج **بي سِجلا:** ذ. صفت. بي زيبو. بي سينگار. غير موزون آڻ سڱائتو. اَجوڙو. بي ڪرو.
– **بي سُخَنْ:** صفت. [ف. بي + سُخَنْ، سُخَنْ، سَخَنْ، سَخَنْ] آڻ گالهائو. بي زبان. خاموش.
– **بي سُڌ:** صفت. بيخبر ـ اَبوجهه. بيهوش ـ غش. گيرو ـ لهيڙو.
– **بي سِڙ:** ذ. صفت. سِر ڪان سواءِ ـ سِسي وڏيل. سِر جو سانگو نه ڪندڙ. سرفروش ـ سرويج. لاغرض ـ مٽي ڦريل ـ هوڏي ـ ضدي. لاثاني.
– **بي سُڙ:** ذ. صفت. سُرتار ڪان سواءِ ـ بي سُرو.
– **بي سُرت:** ذ. صفت. بي سُڌ. بيهوش. غش. گيرو. موڳو. بي سمجهه ـ بيعقل.
– **بي سُرتائي** ج **بي سُرتائيُن:** ث. بيهوشي ـ غشي. بيخبري ـ آڻ ڄاڻائي. بدحواسي. موڳائي. ناسمجهي.
– **بي سُرتي سُرتيو** ج **بي سُرتا، سُرتيا:** ذ. صفت. ڏسو "بي سُرت".
– **بي سِرو:** صفت. اُتاولو. بيفڪر. خودسر.
– **بي سُرو** ج **بي سُرا:** ذ. صفت. سُرڪان سواءِ. سُرتار جو ڪچو. ڪُسرو. بدآواز. اڌنگو.
– **بي سروپا:** ذ. صفت. [ف. لفظي معنيٰ = مُٽي ۽ پيرن ڪان سوا'] ضعيف ـ هيڻو. بي طاقت ـ عاجز. محتاج. سجو. ڪنگال. جنهن جو نه منهن هجي نه مٿو. جنهن جو نڪو اَندُ نڪو بُندُ هجي. بي ترتيبو. بي ڏؤلو. بي بنيادو. واهيات.
– **بي سَروسامانُ:** محاورو. سُجو ـ پينگيو. ٽلهو ـ سڪٽو. محتاج.
– **بي سُڪائي** ج **بي سُڪايُوُ:** ث. بي آرامي. اگهائي ـ بيماري.
– **بي سُڪو** ج **بي سُڪا:** ذ. صفت. سُڪ ڪان سواءِ ـ آڻ سُڪيو. بي آرام ـ بيقرار. اگهو ـ بيمار.
– **بي سُڪٻتائي:** ث. ڪمزوري ـ بي طاقتي.
– **بي سُڪٻتو** ج **بي سُڪٻتا:** ذ. صفت. ڪمزور ـ ڪم طاقت ـ هيڻو ـ نستو. ضعيف.
– **بي سگهائي** ج **بي سَگهايُون:** ث. ڪمزوري ـ ڪم طاقتي. بيماري.
– **بي سگهتو** ج **بي سَگهتا:** ذ. صفت. بي طاقت ـ هيڻو ـ ڪمزور ـ نهل. لاڃهو ـ ضعيف ـ نحيف.
– **بي سَگهو** ج **بي سَگها:** ذ. صفت. سگهه ڪان سواءِ ـ هيڻو ـ ڪمزور. ضعيف ـ نحيف. اگهو ـ بيمار.
– **بي سَلِيقو** ج **بي سَلِيقا:** ذ. صفت. بي لڇڻو ـ اڌنگو ـ بي فضيلت. بي ترتيب. اَناڙي ـ ڪم هنر.
– **بي سَمْجهَ** ج **بي سَمْجهَ:** ذ. صفت. اَبوجهه ـ اَڻڄاڻ. هار (جو بي سُرت آهي).
– **بي سَنْتو** ج **بي سَنْتا:** ذ. صفت. جنهن جو ڪنهن تي چڱي اثر نه پوڻ سببان ڪوبه ڪم نه ٿئي. بي اثر. بي بخت.
– **بي سُنْتو** ج **بي سُنْتا:** ذ. صفت. جنهن جي سنّت ٽيل نه هجي ـ آڻ طهريل.
– **بي سَنْڌو** ج **بي سِنْڌا:** ذ. صفت. جنهن جو سنڌو سيڙهو نه هجي. لاحد ـ لانتها.
– **بي سَنْگ:** ظرف. وزن ڪان سواءِ ـ بي وزنو. بي اَهميّت. خسيس.
– **بي سَنْگو** ج **بي سَنْگو:** ذ. صفت. جنهن جو سنگتي سائي نه هجي ـ بي يارو مددگار. اڪيلو گذارينڌڙ ـ گوشه نشين. جو رلڻو ملڻو نه هجي ـ رکو روح. ڪنهن جو لحاظ يا سانگو نه ڪندڙ. بيپرواهه ـ لاغرض.
– **بي سَوادُ** ج **بي سَوادَ:** ذ. صفت. ڪنهن به سواد ڪان سواءِ ـ بي لذت. بي ذائقي. ڦڪو ـ آلوٽو. بي علم ـ آڻ پڙهيل. جنهن کي ادبي ذوق نه هجي.
– **بي سَوادو:** ذ. صفت. ڏسو "بي سواد".
– **بي سَوادوءِ بي سواڏا:** ذ. صفت. بي سوادو.
– **بي سواڏي** ج **بي سَواڏي:** ذ. صفت. بي سوادي.
– **بي سوڀائي:** ث. ناڪاميابي ـ ناڪامي. نياڳائي ـ چنڊائي ـ آپاڳائي.
– **بي سوڀو** ج **بي سوڀا:** ذ. صفت. جنهن کي فتح حاصل نه ٿئي ـ ناڪامياب ـ نامراد. چنڊو ـ نياڳو ـ ندورو.
– **بي سوچُ** ج **بي سوچَ:** ذ. صفت. سوچ نه ڪندڙ ڳڻ نه ڪندڙ.
– **بي سَنْوَت، بي سَنْوَتو:** ذ. صفت. سنوت نه ڏيندڙ. ڇيو نه ڇيندڙ ـ ڏنگو.
– **بي سُوال:** صفت. سوال نه ڪندڙ ـ نه گهرندڙ. خوددار.
– **بي سِيرَت:** صفت. بي اخلاق.
– **بي سِيل:** صفت. بي سيرت. بي عصمت. بيحيا ـ بيشرم.
– **بي سيڏو بي سيڏيو:** ذ. صفت. يار دوست ڪان سواءِ. جنهن جي سڃاڻپ يا ڏيٺ ويٺ نه هجي.

Gul Hayat Institute

– **بي شاهِدْ:** صفت. شاهد يا گواهه کان سواءِ.
ـ **بي شائِبَه:** ظرف. بلاشڪ ـ بي گمان.
– **بي شُبوج بي شُبا:** ذ. صفت. [ف. بي + سن. شُبِ (= سُن. فال) > شبو] بي سوٽو. بي سُيو. لاخبر ـ بي فيض.
– **بي شُبْه، بي شُبهو:** ظرف. [ف. بي + ث. شُبه] بنا شڪ شبهي ـ پڪ ـ يَقيناً. تحقيق. سچ پچ.
– **بي شَرْطوج بي شَرْطا:** ذ. صفت. ڪنهن به شرط کان سواءِ ـ غير مشروط.
– **بي شَرَفْ:** ذ. صفت. بي عزّت ـ بيمانو.
– **بي شَرْمْ، بي شَرمو:** ذ. صفت. بيحيا ـ نرلجو ـ بي نڪو. بي ادب ـ گستاخ.
– **بي شَرمائي، بي شَرمي:** ث. بيحيائي ـ نرلجائي. بي ادبي ـ گستاخي.
– **بي شُعورْ:** ذ. صفت. بي حس. بي سمجهه.
– **بي شَفْقَت:** صفت. بي مهر. نامهَربان.
– **بي شُڪْرُ بي شُڪْرو:** ذ. صفت. نعمت جو انڪاري. سيڪجهه هوندي شڪايت ڪندڙ.
– **بي شُڪْري:** ث. هوندي سوندي شڪايت واري حالت ـ ڪفران نعمت.
– **بي شُمار:** ظرف. ڳڻڻ کان باهر. اڪيچار. بي انداز ـ بيحساب.
– **بي شَناس:** صفت. بي تميز. بي لحاظ.
– **بي شَهْ (ڪ):** صفت. بيڪار ـ نڪمو. اوباش.
– **بي شَيو:** صفت. جيڪو احسان يا ٿورو نه ڪري. رکو ـ بي وڻو. بي ڳڻو.
– **بي صَبْرُ بي صَبْرو:** ذ.صفت. جنهن کي ڏيرج نه هجي ـ بي تحمّل. بيقرار. بيچين ـ بي آرام.
– **بي صَبْرائي:** ث. صبر يا تحمّل نه ڪرڻ جي حالت. بيقراري ـ بي آرامي.
– **بي صِدْق:** صفت. سچ کان سواءِ. ڪوڙو.
– **بي صَلاح:** صفت. جو صلاح نه وٺي. خودسر.
– **بي صَلاحوج بي صَلاحا:** ذ. صفت. صفت. جو صلاح نه وٺي. خودسر ـ هٺيلو.
– **بي صُولتْ:** صفت. [ف. بي + صُلت < (عامي اُچار) صُورت] بدصورت.
– **بي ضابطگي:** ث. قاعدي جي برخلاف هلت ـ بي قاعدگي. بدانتظامي. ڇڙواڳي.
– **بي ضابِطوج ضابِطا:** ذ. صفت. ضابطي يا نظرداريءَ کان باهر. بي قاعدي. ڇڙواڳ. رواج يا دستور جي خلاف.
– **بي ضابطي:** ظرف. ضابطي کان سواءِ ڇڙواڳ.
– **بي ضَرُورْ:** ظرف. ضرورت کان سواءِ ـ اجايو.
– **بي ضَرُورت:** ظرف. گهرج کان سواءِ بي گهرج.
– **بي طاقَت:** صفت. ڪمزور ـ ضعيف ـ نحيف.
– **بي طالِعْ:** ذ. صفت. بد بخت ـ نياڳو ـ چندو. ڪَپوٽ.
– **بي طالِعي:** ث. بدبختي ـ نياڳ ـ چندائي.
– **بي طَراوَت:** صفت. اَيوگو. خشڪ.
– **بي طَراوَتي:** ث. بي تازگي. اَيوگائي. خشڪي.
– **بي طَرح:** صفت. بي ترتيب. اَڊنگو.
– **بي طَرفدار:** صفت. غيرجانبدار ـ بي رياءِ.
– **بي طَرفداري:** ث. غيرجانبداري. بي رِيائي. عدل ـ انصاف.
– **بي طَلَب:** صفت. خواهش کان سواءِ ـ بنا گهُر.
– **بي طَمْع:** صفت. جنهن کي ڪابه لالچ نه هجي. لأبالي.
– **بي طَمْعوج بي طَمْعا:** ذ. صفت. ڏسو "بي طمع".
– **بي طَور:** صفت. بي ترتيب. بي طرح. اڊنگو.
– **بي عادتوج بي عادتا:** ذ. صفت. بي لڇڻو ـ بدافعالو.
– **بي عَدَد:** ظرف. گڻتيءَ کان باهر ـ بيشمار. بيحد. بيحساب.
– **بي عَدْل:** صفت. [ف. بي + ع. عَدْل] بي انصاف ـ ظالم.
– **بي عِزت:** ذ. صفت. بي آبرو. بدنام ـ خوار. رسوا. ذليل رذيل. بيغيرت.
– **بي عِزّتي:** ث. بي آبرو ئي. بيمانائي. بيحرمتي. توهين. ذلت. رسوائي ـ خواري ـ بدنامي.
– **بي عَقْل:** صفت. [ف. بي + ع. عَقْل] بي سمجهه ـ بيوقوف. نادان ـ اَڻڄاڻ. احمق ـ مورک. چسو ـ ڦهيلو.
– **بي عَقلائِب، بي عَقلائي:** ث. "بي عقلي".
– **بي عَقْلي:** ث. بي سمجهي ـ نادانِي ـ بيوقوفي. حماقت ـ مورکائي.
– **بي عِلاج:** صفت. جنهن جو ڪو علاج ٿي نه سگهي. نه چٽڻ جهڙو (مرض). لاعلاج ـ لادوا..
– **بي عِلْمْ:** ذ. صفت. اڻ پڙهيل. بيخبر. جاهل.
– **بي عِلْمو:** ذ. صفت. بي عِلم.
– **بي عِلْمي:** ث. جهالت. اڻ ڄاڻائي ـ بيخبري.
– **بي عَيب:** صفت. جنهن ۾ ڪابه وڏ نه هجي ـ بي نقص. بي داغ. سالم.

Gul Hayat Institute

– **بي عَيبو ج بي عَيبا:** ذ. صفت. ڏسو "بي عيب"
– **بي غايَت:** صفت. بي مقصد. (ظرف) ازحد ـ بي پايان ـ بي نهايت.
– **بي غُبار:** صفت. بي داغ.
– **بي غَرَض:** صفت. بي مطلب. بي طمع. لاپرواهه.
– **بي غَرَضانَه:** ظرف. سواءِ ڪنهن مطلب جي. اخلاص ۽ سچائيءَ سان.
– **بي غَرَضو ج بي غَرَضا:** صفت. بي غَرَض.
– **بي غَرَضي:** ث. لاطمعي. بي مطلبي.
– **بي غَم:** صفت. جنهن کي ڪو ڏک يا ڇُٽتي نه هجي. بيفڪر.
– **بي غَمو ج بي غَما:** ذ. صفت. بي غم.
– **بي غَمي:** ث. اَڳوندرائي. بيفڪري.
– **بي غور:** ظرف. ويچار کان سواءِ.
– **بي غَيرَت:** صفت. جنهن کي عزت جي بچاءَ لاءِ ڪوبه جوش نه اچي. بي لڄو ـ لوئيو. بيشرم ـ بيحيا.
– **بي غَيرتي:** ث. بيشرمي ـ بيحيائي ـ نِرلجائي.
– **بي فائدو ج بي فائدا:** ذ. صفت. بيسُود ـ اجايو. بيڪار. نڪمو. خواهمخواه
– **بي فائدي:** ظرف. اجايو.
– **في فَرمان:** صفت. نافرمان ـ بي چيو.
– **بي فِڪُر:** صفت. بنا ڇُٽتيءَ ـ اَڇنت. بي غم. بيپرواهه ـ بالمر.
– **بي فِڪرائي:** ث. ڏسو "بي فِڪري".
– **بي فِڪُرو ج بي فِڪُرا:** ذ. صفت. بي فِڪر.
– **بي فِڪُري:** ڇُٽتي نه هئڻ واري حالت ـ اَڇنتا. بيپرواهي. بيخيالي.
– **بي فَهم:** صفت. بي سمجهه. بيعقل.
– **بي فَهمي:** ث. بي سمجهي. بيعقلي.
– **بي فَيض:** صفت. جنهن مان ڪوبه فائدو نه پهچي.
– **بي فَيضو ج بي فَيضا:** ذ. صفت. بي فيض.
– **بي فَلَكو بي فَلَكو:** ذ. صفت. بي همت. بي غم. بي اُلڪو (ت).
– **بي قُرو ج بي قُرا:** ذ. صفت. جيڪو قُرَ نه جهلي. ميوي کان سواءِ. نِڦل. پَرن يا قُرن کان سواءِ (تير).
– **بي قابُو:** صفت. اَڻ جهَل ـ چڙواڳ.
– **بي قاعدگي ج بي قاعدگيُون:** ث. قاعدي يا دستور جي خلاف هئڻ جي حالت. بي انتظامي. بي ضابطگي. بي ترتيبي. بي اُصولي ـ ڪُريت.
– **بي قاعدو:** ظرف. خلاف قانون. اجايو. تمام گهٽو. بي انداز.
– **بي قاعِدي:** ظرف. [ف. بي + ع. قاعده] قانون جي خلاف. خلاف دستور. اصول جي خلاف. بي ترتيبو. خراب نموني پر. غلط طريقي سان.
– **بي قانُون، بي قانوني:** ظرف. قانون جي خلاف ـ بيقاعدي.
– **بي قَدَر:** صف. [ف. بي + ع. قَدْر] قيمت کان سواءِ. جيڪو قدر نه سڃاڻي ـ ڳُڻ چور. ناشناس. پورو معاوضو نه ڏيندڙ. بيعزت.
– **بي قَدُرو:** ذ. صفت. بي قدر.
– **بي قَدْري:** ث. قدر نه سڃاڻڻ جي حالت ـ ناشناسي. بي انصافي. بيعزتي.
– **بي قُرب، بي قُربو:** ذ. صفت. جنهن پر قرب نه هجي. مُنهن رکو. ناشناس. نادیدو. شوخ طبع.
– **بي قَرينو:** صفت. بي ترتيبو. بي رِڻو.
– **بي قَصْد:** صفت. ارادي کان سواءِ.
– **بي قُصور:** صفت. بي ڏوهه ـ بيگناهه.
– **بي قُوّت:** ذ. صفت. بي طاقت ـ ڪم همت ـ ڪمزور.
– **بي قِياس، بي قِياس:** صفت. بيرحم ـ ظالم. سنگدل ـ ڪنور.
– **بي قياسو ج بي قياسا:** ذ. صفت. بي قياس.
– **بي قِياسي:** ث. بيرحمي ـ سنگدلي.
– **بي قَيد:** صفت. اَڻ بَڌل ـ اَڻ جڪڙيل. جو ڪنهن جو پابند نه هجي ـ شتر بي مهار ـ بي لغام. آزاد.
– **بي قِيمَت:** صفت. جنهن جي قيمت ڪٽي نه سگهجي. خسيس.
– **بي كائو:** ذ. صفت. ڪَٽ کان سواءِ. گماني. ظنّي ـ شڪي.
– **بي كاج:** صفت. اَڪاج. بيڪار.
– **بي كام:** صفت. ناامید ـ مايوس. بيفائدي. بيڪار.
– **بي كاٽ بي كاٽيو ج بي كاٽا، بي كاٽيا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ نه هجي. لاغرض. لاطمع. بيپرواهه ـ بي نياز.
– **بي كِرانْ:** صفت. [ف. بي = بنا + كِران = ڪنارو] جنهن جو ڪنارو نه هجي ـ لاحدّ. بيحد ـ گهٽو.
– **بي كُڙْمو ج بي كُڙْما:** ذ. صفت. جنهن کي ڪڙم قبيلو نه هجي. بي مائتو ـ بي آڪاهيو. جو خانداني نه هجي ـ گهٽ ذات وارو. بد ذات. خسيس.
– **بي كَفْش:** صفت. جُتيءَ کانسواءِ. اگهاڙن پيرن سان.
– **بي كَفَن:** صفت. جنهن کي ڪفن به نصيب نه ٿئي.
– **بي كَفْنو ج بي كَفْنا:** ذ. صفت. بي ڪفن.

Gul Hayat Institute

– **بي كفنو ڪي مرڻ:** نهايت مسڪيني يا بيوسيءَ جي حالت ۾ مرڻ. گهرنڙ کان پري رُلي مرڻ.
– **بي ڪَمو ڄ بي ڪَما:** ذ. صفت. بيڪار ـ نِڪمو ـ نڪمٽو. ڪنهن نه ڪم جو. اجايو ـ وٿاڻُ.
– **بي ڪَيتُ ڄ بي ڪَيتَ:** ذ. صفت. [ف. بي = نا + ع. قيد] بي قيد. جنهن لاءِ ڪو قاعدو قانون يا رواج نه هجي ـ بيقاعدي. بي ڪاٽو. بي ريتو ـ بي رسمو. ڪُريتو. ڪُنيمو. ارادي جو ڪچو ـ هڇتو ـ ڇٽتي خور ـ شڪي ـ ڦرندڙ گهرندڙ. اوقاتي ـ گهُوڄائِي. مبهم ـ نامقرر.
– **بي ڪَيتائِي:** ث. شڪّي حالت ـ هِڇتائِي. ڪچائي.
– **بي ڪَيتو ڄ بي ڪَيتا:** ذ. صفت. بي ڪيت.
– **بي ڪَيتي:** ث. بي ڪَيتائِي.
– **بي ڪَنڪي:** ظرف. بنا اون جي ـ ڇُٽتيءَ کان سواءِ. بنا ڊپ ڊاءَ.
– **بي ڪَنُيو ڄ بي ڪَنُيا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنُ نه هجن ـ بي پَرُ. ڪنين ڪٽل.
– **بي گَتيو:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن جي گتي نه هجي ـ بي غرض. جنهن جي ڪا چال چلت نه هجي ـ اڊنگو. بي ڊولو. جنهن جي ڳالهه تي پروسو نه ڪري سگهجي ـ ڦرٽو گهرٽو.
– **بي گُرو:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو پير مرشد نه هجي ـ بي پِير ـ نِگُرو. ڪنهن کي به نه مجيندڙ. خود خيال. هٺيلو.
– **بي گَمْ:** ذ. صفت. جنهن جي گم يا ڄاڻ نه پوي ـ جنهن جي پروڙ نه پوي. غير محسوس ـ اَڻ لکو.
– **بي گُمانُ:** ظرف. بنا شڪ شبهي ـ پَڪ ـ يقيناً.
– **بي گُماني:** ث. پڪ.
– **بي گُناهـ:** فت. بي ڏوهـ ـ بيقصور. (ظرف) هروپرو ـ خالي پيلي ـ حقون ناحق.
– **بي گُناهو:** ذ. صفت. بي ڏوهـ ـ بيقصور.
– **بي گُناهي:** ث. بيقصوري ـ نردوشِي.
– **بي گُنو ڄ بي گُنا:** ذ. صفت. بي ڇُٽو ـ بي وڙو ـ ڇٽچور ـ احسان فراموش. بي هنر ـ بي ڪرو.
– **بي گُنيِ:** صفت. بي گُنو (مرد). بي گُني (عورت).
– **بي گُٽي ڄ بي گُٽِي:** ذ. صفت. بي گُنِي.
– **بي گُونڊَرُ:** ذ. صفت. بي گُوندرو.
– **بي گُندرانِي:** ث. بي غمي. بيفڪري. بيپرواهي.
– **بي گُونڊرو ڄ بي گُونڊرا:** ذ. صفت. بي غمو. بيفڪرو. بي اُلڪي. بي ڊيانو.
– **بي ڇُٽو ڄ بي ڇُٽا:** ذ. صفت. بي گُنو.
– **بي گهر:** ذ. صفت. جنهن کي گهر نه هجي. بي گهرو.
– **بي گهَرو ڄ بي گهَرا:** صفت. جنهن کي گهر گهاٽ نه هجي. رولاڪ. بي بُٽو. بي بنيادو.
– **بي لاڇُ:** ذ. صفت. جو ڪنهن جي پاسخاطري نه ڪري ـ بي طرفدار. غيرجانبدار. بي رياءَ. بنا انعام.
– **بنا اُجوريِ:** جو پُورو نه لڳي سگهي. جو سوگهو نه جهلي سگهي.
– **بي لاڇِي اُنبُورِي:** ث. لوهـ کي سوگهو نه جهلي سگهندڙ انبوري.
– **بي لِباس:** صفت. لباس کان سِواءِ. عريان. بي رياءَ.
– **بي لِباسائِي:** بي لباسِي: ث. اگهاڙپ ـ عرياني. بي رياءِ.
– **بي لَج:** صفت. جنهن کي ڪوبه شرم نه هجي ـ بي لجو ـ بيحيا.
– **بي لَجائِي ڄ بي لَجائِيُون:** ث. نرلجائي ـ بيشرمي ـ بيحيائي. بي لحاظائي ـ بر مروتي. بي ننگائي.
– **بي لَجو ڄ بي لَجا:** ذ. صفت. بي لج.
– **بي لَڇَڻُ، بي لَڇٽو:** ذ. صفت. ڪُلڇٽو. بد فضيلت. بدافعال. بدخصال.
– **بي لِحاظ:** صفت. بي مروت بي ادب ـ گستاخ. منهن رکو. بيحيا.
– **بي لِحاظائِي:** ث. بي مروتي.
– **بي لِحاظو ڄ بي لِحاظا:** ذ. صفت. بي لِحاظُ.
– **بي لِحاظِي:** ث. بي مروتي ـ بي ادبي.
– **بي لَذت:** صفت. مزي ۽ سواد کان سواءِ. بي ذائقي. اَڻ وٺندڙ.
– **بي لذتائي:** ث. بي سوادائي. الوٽائي. بي لطفي.
– **بي لَزتو بي لَذتيو:** د. صفت. بي لذت.
– **بي لَذتي:** ث. بي لذتائي. بي لطفي.
– **بي لُطف:** صفت. بي مزي ـ بي لذت. بي ذائقي.
– **بي لَغام:** صفت. لغام کان سواءِ (گهوڙو). آزاد ـ چڙواڳ. بنان قبضي ـ بنان ضابطي. گستاخ. شوخ. سرڪش. وات ڦاٽوڙو. گهٽ ڳالهائو.
– **بي لغامو ڄ بي لَغاما:** ذ. صفت. بي لغام
– **بي لگامُ ڄ بي لگامَ:** ذ. صفت. بي لغام
– **بي للائِي:** ث. بي هنري. بي لڇٽائي. بي همتي.
– **بي لَلو:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪو لَلُ يا لڇڻ نه هجي. بي هنرو. بي ڪرو. بي انعالو. بي همت. بيڪار.

Gul Hayat Institute

– **بي لَلهو ج بي لَلها:** ذ. صفت. بي لَلو.
– **بي لِهِن بي لِيهو:** ذ. صفت. بي لجو ـ بيشرم.
– **بي ماڙو:** ذ. صفت. جنهن کي ڪا ماڙ يا مدد نه هجي ـ بي سهاري. بيڪس ـ بيوس ـ نڌر. ويچارو.
– **بي ماڳو:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو ماڳ مڪان نه هجي. بيوطن. بي گهر. رولاڪ.
– **بي مانُ:** ذ. صفت. بيعزت ـ بي آبرو. خوار خراب ـ رسوا.
– **بي مانائي:** ث. بيعزتي ـ بي آبروئي. خواري. ذلت.
– **بي مانِکو ج بي مانِکا:** ذ. صفت. بي قيمتو ـ بي مُلهو "صبر سان موتي ٿئي سپ ۾ ڦڙو مانکو: بي مانکا پاڻيءَ تي ڪوڏ" (گل).
– **بي مانو:** ذ. صفت. [ف. بي مايه] کتل ـ محتاج. اڻڄاڻ ـ بي علم.
– **بي مِثالُ:** صفت. لاثاني ـ بينظير.
– **بي مِثْل:** صفت. بي مثال.
– **بي مَجال:** صفت. بي طاقت.
– **بي مُحابُ:** ذ. صفت. بي مُحابو.
– **بي مُحابائي:** ث. بي مروّتي ـ بي لحاظي ـ بي مُنهائي.
– **بي مُحابو ج بي مُحابا:** ذ. صفت. [ف. بي + محابا] بي لحاظ ـ بيمروّت ـ بي ديدو ـ مُنهن رکو.
– **بي مَحَل:** ظرف. بي موقعي ـ بيجاءِ.
– **بي مَدار:** صفت. ٽيڪ کان سواءِ.
– **بي مدد:** صفت. بي همراهه.
– **بي مُراد، بي مُرادو:** ذ. صفت. جنهن کي کنهن ۾ مراد يا عقيدو نه هجي. نااميد ـ آسري. جنهن جي مُراد يا آس پوري نه ٿي هجي. نامراد ـ ناڪام. جنهن وٽان کنهن جي مراد پوري نه ٿئي ـ بي اُميدو.
– **بي مُروّت:** صفت. بي لحاظ ـ بي ديد. نامهربان. شوخ. سخت دل. بي قياس.
– **بي مُروّتائي:** ث. بيمروتي.
– **بي مُروّتي:** ث. بي لحاظائي: شوخي. بي قياسي.
– **بي مزائي:** ث. بيماري ـ ناخوشي ـ اڳهائي ـ ناچاقائي. ڪلفت. ڏکائي. ڪيٽو ـ جهيڙو.
– **بي مَزگي:** ث. بي مزائي.
– **بي مَزي ج بي مَزي:** صفت. اڳهو ـ بيمار ـ ناچاق. ڏکو ـ بيسواد.
– **بي مَطلب:** صفت. بي معنيٰ. بي مقصد. فضول ـ اجايو. بي غرض ـ لاطمع.
– **بي مَطلبو:** ذ. صفت. بنا ڪنهن مطلب جي. بي غرضو.
– **بي مَعلُومُ:** ذ. صفت. اڻ لکو ـ غير محسوس. لِکل ـ مخفي.
– **بي مَعنيٰ:** صفت. بي مقصد. اجايو ـ فضول.
– **بي مَغْن بي مَغْزو:** ذ. صفت. بي دماغ. بيعقل. کند ذهن.
– **بي مَقالَ:** صفت. خاموش ـ چُپ.
– **بي مِقدار:** صفت. بي وزن. نندڙي جسم وارو. خسيس.
– **بي مَقْدُور:** صفت. اختياريءَ کان سواءِ. محتاج ـ اَڌين. مسڪين.
– **بي مُک:** ذ. صفت. منهن موڙيندڙ ـ بي رخو. مک يا سردار کان سواءِ. بي وساهه. وعدي خلاف ـ بيوفا.
– **بي مُک ٽيڻ:** بي سردار (مکي، مکيه) ٽيڻ. ڪنهن جماعت مان چڄي ڏار ٽيڻ. نيات مان نڪرڻ.
– **بي مَلاکو ج بي مَلاکا:** ذ. صفت. منحوس ـ نياڳو ـ چندو.
– **بي مُناسب:** صفت. نامناسب ـ اَجوڳ ـ غيرواجبي ـ اڻ سهائيندڙ.
– **بي مُناسبَتَ:** ث. اڻ سهندائي ـ اَجوڳائي.
– **بي مُناسبو:** ذ. صفت. بي مناسب.
– **بي مناسبي:** ث. بي مناسبت.
– **بي منّت:** صفت. ڪنهن جو ٿورو نه ڪٽندڙ. خوددار.
– **بي مُنڊيو:** ذ. صفت. مُنڊ يا سِري کان سواءِ. بي بنياد ـ بي اصل.
– **بي مُنهائي:** ث. بي مروّتي ـ بي لحاظي. غير واقفيت.
– **بي موسِر:** صفت. موسر کان سواءِ. موسر کان اڳ يا پوءِ. بي وقت.
– **بي موسِمو:** ذ. صفت. بي موسر. بيوقتو ـ ڪمهلو.
– **بي موقعي:** ظرف. بي مهل. بيوقت. نامناسب.
– **بي مُهْت:** بي مُهْتو: ذ. صفت. بي مانو. بيعزتو. ناڪام.
– **بي مُهتو ڪرڻ:** مان نه ڏيڻ. ڳالهه نه مڃڻ. بيعزتي ڪرڻ.
– **بي مِهر:** صفت. جنهن کي مهر يا ڀاڄهه نه پوي. بيرحم ـ بي قياس. سنگدل ـ ڪنور.
– **بي مِهرو:** ذ. صفت. بي مِهر.
– **بي مُهُرو ج بي مُهْرا:** ذ. صفت. مُهرجي ٽپي يا نشان کان سواءِ.
– **بي مِهري:** ث. ڪُمهري. بي قياسي. سنگدلي.
– **بي مَهل:** ظرف. بيوقت.
– **بي نام:** صفت. بنا نالي ـ گمنام.
– **بي ناموس:** صفت. نامشهور. گمنام.

Gul Hayat Institute

– **بي نام ونِشان:** صفت. گمنام. بي اثر.
– **بي نِشان:** صفت. گمنام. بي اثر. مجهول.
– **بي نَصيب، بي نَصِيبو:** ذ. صفت. بدقسمت. نياڳو ـ ندورو. چندو ـ منحوس.
– **بي نَصيبائِي، بي نَصيبِي:** ث. بدقسمتي. بدبختي. ندورائي ـ چندائي ـ نحوست.
– **بي نَظير:** صفت. بي مثال ـ لاثاني. لاجواب. اَمُلهه. اَتور.
– **بي نَعْل، بي نَعْلو:** ذ. صفت. نعل (سنبن هيئان لوهه جون كمانون) لڳل نه (گهوڙو).
– **بي نَكو:** ذ. صفت. جنهن كي نڪ نه هُجي ـ نرلجو. بي ديدو. نِرجو.
– **بي نِمازي:** ذ. صفت. نماز نه پڙهندڙ.
– **بي نَمَكُ:** صفت. اَلُوٽو ـ قِكو.
– **بي نِنڊائِي:** ث. بي آرامي ـ بيقراري.
– **بي نِنڊو:** ذ. صفت. جنهن كي نند نه هجي. بي آرام ـ بيچين. بيدار ـ سجاڳ.
– **بي نُنگ:** ذ. صفت. بي ننگو. بيحيا.
– **بي نَنگائِي:** ث. ننگ جي ناشناسي. بيحيائي ـ بيشرمي. بيوڙائي. بي لحاظي. بيغيرتي.
– **بي نُنگو:** ذ. صفت. ننگ ناموس جي پرواهه نه كندڙ ـ نرلجو. بيشرم. بي وڙو. بي لحاظ ـ بيمروّت. برادريءَ ۾ پير نه پريندڙ.
– **بي نُور:** صفت. معذور ـ نابينا. تاريڪ.
– **بي نهايت:** صفت. بيحد ـ بي غايت.
– **بي نِياز:** صفت. غير محتاج. بي احتياج. بيپرواهه ـ لاپرواهه.
– **بي نِيمو:** ذ. صفت. بي اصول. بيوقتو ـ كُمهلو.
– **بي وانو ج بي وانا:** ذ. صفت. رستي منجهيل ـ رستي كان ٽڙيل. گمراهه.
– **بي وارائتو (ل):** ظرف. زور سان ـ زورائتو ـ ڏاڍو (ڏ ڪ).
– **بي وارث:** صفت. جنهن جو ڪو وصي وارث نه هجي ـ لاوارث.
– **بي وارثو:** ذ. صفت. بي وارث.
– **بي واسِطو:** ذ. صفت. بي وسيلي ـ بي ذريعي. خواهه مخواهه ـ اجايو. غير جانبدار.
– **بي واسطي:** صفت. بي واسطو.
– **بي واڪ:** ذ. صفت. ڪمزور ـ نهل ـ ضعيف. پوڙهو. بوڙو ـ گهبرو (ڪ).
– **بي والِي:** صفت. بنا حاڪم جي. مربّيءَ كان سواءِ.
– **بي واهه:** صفت. جنهن جو ڪو واهه وسليو نه هجي ـ بيوس. اڌين. بي واتو. لاچار. ڏٽڙيل. (ث) بيوهه ـ رن زال ـ رنڊ.
– **بي واهَر:** صفت. جنهن جو ڪو وسيلو يا مددگار نه هجي ـ بيڪس ـ بيوس ـ لاچار.
– **بي واهو:** ذ. صفت. بي واهه. (ث) بي واهِي ج بي واهيون.
– **بي وجود:** صفت. وجود نه ركندڙ. عدم پيدا.
– **بي وَجَه:** ظرف. ڪنهن به سبب كان سواءِ ـ بنا سبب. خواهه مخواهه ـ خالي پيلي ـ هروپرو. اَجايو.
– **بي وڙائِتو:** ذ. صفت. بي وڙو. بي ننگو. ڪميٽو. احسان فراموش.
– **بي وڙائِي:** ث. بي ننگائي. بي محابائي. اڌنگائي. ڪميٽپ.
– **بي وڙو:** ذ. صفت. جو ڪنهن سان وڙ يا لاڙ نه ڪري ـ بي محابو ـ بي لحاظ ـ بيمروت. بي ننگو. ڪميٽو. احسان فراموش ـ ڳڙ چور. بي قربو. نالائق.
– **بي وَس:** صفت. جنهن جو وس يا اختيار نه هلي ـ لاچار ـ مجبور. معذور.
– **بي وَسي:** ث. لاچاريءَ جي حالت. لاچاري ـ مجبوري.
– **بي وَضْع:** صفت. اڌنگو. بي ادب.
– **بي وَطَن:** صفت. جنهنجو ڪو وطن نه هجي ـ سدا مسافر. رولاڪ. پرديسي. جلاوطن ـ ملڪ نيڪالي مليل.
– **بي وَطَني:** ث. جلاوطني. شهر نيڪالي ـ ڏولاٽو.
– **بي وفا:** صفت. انجام نه پاڙيندڙ. دوستي نه نباهيندڙ. غير وفادار. نامهربان.
– **بي وفائِي:** ث. انجام جي اڻ پورائي. وعدي فراموشي. سنگت ۾ ڪوڙائي.
– **بي وَقار:** صفت. بيعزت ـ بي آبرو.
– **بي وقاري:** ث. بيعزتي ـ بي مانائي.
– **بي وَقْت:** ظرف. ڪُمهلو ـ اوبلو. اوچتو ـ اچانڪ.
– **بي وَقْتو ج بي وَقْتا:** ذ. صفت. پوري وقت كان گهٽ اڇ يا پوءِ آيل. ڪُمهلو.
– **بي وَقْعَت:** صفت. بي وزن. بيعزت ـ ذليل. بي تعظيم.
– **بي وَقوفَ ج بي وَقُوفَ:** ذ. صفت. [ف. بي + ع. وقوف] بيعقل ـ نادان ـ احمق. اهوجهه ـ اَڃاڻ ـ بي سمجهه.
– **بي وقُوفاٽو:** صفت. ناداني جو ـ احمقاٽو.
– **بي وَقوفائِي:** ث. بيوقوفي.
– **بي وَقُوفِي:** ث. نااهل ـ ڪم عقلي. چريائي. ناداني ـ حماقت.

Gul Hayat Institute

– **بي ويرمو ج بي ويرما:** ذ. صفت. بنا ديرجي کر ڪندڙ. جلد. ڦڙت.
– **بي ويساھ:** صفت. جنھن تي اعتبار يا پروسو نہ ڪجي ـ بي اعتبار. بي پروسي ـ نامعتبر. ڪنھن تي بہ ويساھ يا اعتبار نہ ڪندڙ ـ شڪيّ.
– **بي ويساھو:** ذ. صفت. بي ويساھ.
– **بي ويساھي:** ث. ويساھ نہ ھئڻ واري حالت ـ بي اعتباري. بي پتيائي ـ بي پَروسائي.
– **بي ويسھُ، بي ويسھو:** ذ. صفت. بي ويساھ.
– **بي وِيڪو:** ذ. صفت. جنھن ۾ ڪا ويڪ يا وِڌ نہ ھجي ـ بي عيب. بي داغ.
– **بي ھٿيار:** صفت. جنھن کي ڪو ھٿيار پنوھار نہ ھجي. ھٿين خالي ـ غير مسلّح. بي پھچ.
– **بي ھٿيارو:** ذ. صفت. بي ھٿيار.
– **بي ھراس:** صفت. بيخوف. بيباڪ.
– **بي ھمّت:** صفت. ڪاڪُڙ ـ گيدي. ڪاھل ـ سست.
– **بي ھمتا:** صفت. بيمثال ـ لاثاني.
– **بي ھمراھ:** صفت. جنھن جو ڪو سنگتي ساڻي نہ ھجي. جنھن جو ڪو ھانھن ٻيلي نہ ھجي. بي مددگار. بيوس.
– **بي ھمراھو:** ذ. صفت. بي ھمراھ.
– **بي ھُنر:** ذ. صفت. جو ڪوبہ ھنر يا ڪاريگري نہ ڄاڻي. جو ڪنھن بہ فن ۾ ماھر نہ ھجي. بي گُڻو "ھنر واري جو ھنر. بي ھنر جي جند" (پھاڪو).
– **بي ھُنري:** ث. جٺپائي.
– **بي ھُنگام:** صفت. [ف] بي وقت. بي موقعي.
– **بي ھوش:** صفت. غش. غافل. بدحواس. بي سمجھ ـ بيخبر.
– **بي ھوشي:** ث. غشي. بدحواسي. بي سُرتائي. بي خبري. غفلت.
– **بي يار:** صفت. بي مددگار. بي ھمراھ. اڪيلو.
• **بَيابانُ:** ذ. [ف. بِيابان < بي آبان = (بي = سواءِ + آب = پاڻي) بنان پاڻيءَ جي] بر ـ صحرا ـ رڻپٽ. بريٽ.
– **بَياباني:** ث. ويراني. سُڃ. (صفت) صحرائي. بَري.
• **بَيادُ ج بَيادَ (ت):** ذ. صفت. گھٽو ـ بيحد.
• **بِياسِ:** اسر خاص. پنجاب جي پنجن ندين مان ھڪ نديءَ جو نالو. (جاسنڌو درياءَ جي پرتي ڪندڙ شاخن مان ھڪ آھي).
• **بَياضُ:** ذ. [ع] اَڇائي. اڇو ڪتاب يا دفتر. خاص نڪتن يا مسئلن يا شعرن جو ڪتاب. ڪتاب جي قلمي نسخي ۾ خالي رھيل ٽڪرو.
– **بَياضِ چشم:** ذ. اک جو اڇو پاڳو.
– **بَياضي:** ث. جلد بنديءَ جو ھڪ قِسم (جنھن ۾ جلد جو پوش يڪي جھڙي جوڙ ٿئي). عمدو شعر يا نظر.
• **بَيانُ:** ذ. [ع] زباني. اظھار. شاھدي. ڳالھ. ذڪر ـ احوال. گفتگو ـ ڪلام. علم بلاغت جو ھڪ قِسم ("عِلم البَيان" جنھن ۾ استعارن ۽ تشبيھن جو بحث ڪيل ھوندو آھي).
– **بَيان ڏيڻ:** اظھار ڏيڻ. شاھدي ڏيڻ.
– **بَيان ڪَيڻ:** اشتھار ڪيڻ. اعلان ڪرڻ.
– **بَيان ڪرڻ:** احوال ڏيڻ. ذڪر ڪرڻ. روئداد ٻڌائڻ. ڳالھ ڪرڻ.
– **بَيان وڃڻ:** ڏوھيءَ يا شاھد کان زباني پڇڻ ۽ ڪاغذ تي لکڻ.
• **بَيانو ج بيانا:** ذ. [ع. بيعانَه = وڪرو] سودي ٻڌڻ لاءِ اڳواٽ ڏنل ڪجھ رقم ـ سوٽي.
– **بَيانو ڏيڻ:** سودي پڪي ڪرڻ لاءِ ڪجھ رقم اڳواٽ ڏيڻ ـ سُوٽي ڏيڻ ـ شاھي ڏيڻ (ت).
• **بي. اي:** ذ. [انگ. Bachelor of Arts جو مخفف] ڪاليج جي ڇوٽين سال جو امتحان (جنھن جي پاس ڪرڻ بعد "گريجوئيٽ" ٿيڻ جي ڏگري ملي).
• **بِيبانُ:** ذ. [ف. بيابان] بيابان "ڪرڙا ڏونگر، ڪَھ گھٽي، جت برپٽ ۽ بيبان" (شاھ).
• **بِيباڻي:** صفت. بياباني واري. بياباني جي.
• **بِيباڻي (لس):** ظرف. چپ ۾ ـ ماڻ ۾ ـ خاموش. بيبيل حالت ۾.
• **بيبَرڪ (ڪ):** ث. پشم جو ھڪ قسم ـ ڏوتل پشم.
• **بيبَڙُ:** مصدر. بيبجڻ. و ڦلڻ. بکڻ. ماليخوليا ٿيڻ. (بيبيو ـ بيبيل).
• **بيب:** ث. وڦل. بَڪ.
– **بيبجڻ:** مصدر. "بيبڙ" مان فعل مجھول. چريو ٿيڻ. ھوش وڃائڻ. بکواس ڪرڻ. بدحواس ٿيڻ.
• **بيبِي ج بِيبِيُون:** ث. [ف] عورت ـ زال. سکر زال ـ شريف عورت. خاتون ـ صاحب. گھرڌياڻي ـ بيگم ـ خانر. سائڻ. گھر واري ـ استري. ڪنوار. سيدياڻي ـ آرياڻي. لکمٽي عورت.
• **بَيتُ ج بَيتَ:** ذ. [ع. بَيتٌ ج اَبيات] شعر. بن ٽُڪن وارو شعر ـ دوھرو. بن کان وڌيڪ ٽُڪن وارو خاص قسم جو سنڌي شعر "شاھ جا بيت" "جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آھين" (شاھ). عام سنڌي ڏڪھو نظر جو نڙ تي آلاپجي "نڙ ۽ بيت". [ع.

Gul Hayat Institute

بَيتُ ج بُيُوت] گهر ـ جاءِ "جوڙي قلب بيت ربي. انسان ۾ سمايو".

– **بَيتُ اللّٰه:** ذ. خدا جو گهر ـ مسجد. (اسم خاص) ڪعبة اللّٰه ـ ڪعبو.

– **بَيتُ الْحَرام:** ذ. وڏيءَ حرمت يا عزت وارو گهر (يعني ڪعبو شريف).

– **بَيتُ الْحُزْن:** ذ. غم جوگهر ـ ماتم جو گهر. (اسم خاص) هڪ جاءِ جو نالو (جتي حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽ يوسف عليه السلام جي جدائيءَ ۾ ڏاڪ ڪندو ۽ روئندو هو). انساني دل. هيءَ دنيا.

– **بَيتُ الْحِكْمة:** ذ. (ع. = دانائيءَ جو گهر) خليفي مامون الرشيد جو جوڙايل درسگاه (حڪمت ۽ علوم (سائنس) جي تعليم لاءِ). اللّٰه جي عشق واري دل.

– **بَيت اللَّحْم:** اسم خاص. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جمڻ جو هنڌ.

– **بَيتُ الخَلاءِ:** ذ. (ع. = خلوت جو گهر) ڪاڪوس ـ پائخانو ـ پُئي ـ موريز.

– **بَيتُ الشَّرَف:** ذ. (ع. = بلندي ۽ بزرگيءَ جو گهر) نجوم جي اصطلاح ۾ اُهو برج جنهن ۾ ستن وڏن گرهن مان ڪنهن به هڪ ڪي سعادت ۽ شرف حاصل ٿئي (جيئن آفتاب جو شرف حمل ۾، چند جو ثور ۾، مشتري جو سرطان ۾، زهره جو حوت ۾، عطارد جو سنبله ۾، مريخ جو جدي ۾ ۽ زحل جو ميزان ۾).

– **بَيتُ الصَّنَم:** ذ. [ع. بَيتُ = گهر + صنم = بُت] بتخانو. محبوب جو گهر.

– **بَيتُ الْعَتيق:** ذ. [ع. بيت + عتيق = ڪَهنو] قديم گهر ـ ڪعبةاللّٰه (جو حضرت آدم جي وقت کان وٺي عبادتگاه هو).

– **بَيتُ الْغَزَل:** ذ. (ع. = غزل جو گهر) سڄي غزل ۾ چوند عمدو شعر.

– **بَيتُ الْمال:** ذ. اسلامي حڪومت جو قومي خزانو. اسلامي حڪومت جي خزاني آفيس. (جنهن مان عام پبلڪ لاءِ خرچ ڪيو وڃي). پبلڪ جو پئسو.

– **بَيتُ الْمَعْمور:** اسم خاص. زمردن ۽ ياقوتن جي مسجد (جا ڪعبي شريف جي بلڪل متان ستن آسمانن تي تصور ڪيل آهي، ۽ حضرت نوح جي طوفان کان اڳي ڪعبو هئي. "معمور" يعني "آباد" نالو انهيءَ تخيل جي ڪري پيو ته هر وقت ان ۾ ملائڪ زيارت لاءِ اچن ٿا). اها دل جا هميشه ماسوا کان منهن ڦيري اللّٰه جي يادگيريءَ ۾ مشغول هجي.

– **بَيتُ الْمُقَدَّس:** ذ. (ع. = پاڪائي جو گهر) جيروسلم (شام جي ملڪ) ۾ اسلام کان اڳ نبين جو قبلو. حضرت سليمان واري مسجد. مسجد اقصيٰ.

– **بَيت بازي:** ث. شعر ۾ سوال جواب. شعر پڇائڻ جي چٽاپيٽي (جنهن ۾ هڪڙو ڇٽو شعر چوي ۽ ٻيو وري ان جي جواب ۾ شعر چوي، جنهن جو پهريون اکر اڳئين شعر جو پويون اکر هجي).

• **بيتال:** ذ. [سن. ويتال = مُردو جنهن ۾ پوت واسو ڪري، هڪ جنّ يا پوت جو نالو] جنّ ـ پُوت.

• **بيتالُ، بيتالو:** ذ. صفت. بي تالو. تار تي نہ گهائيندڙ. تار کان ٻاهر.

• **بيترٽو ج بيترِڻا (ت):** ذ. پير جي ماپ لاءِ چمڙي جو ٽُڪر.

• **بَيتَل (ت):** ث. صفت. [بتال > بيتل] بي سُري ـ بيتالي. چندي ـ نياڳي.

• **بَيتُ ج بَيتَ:** ذ. [ع. "بَيتُ" جو بگڙيل اُچار] بَيتُ.

• **بَيتَ ج بَيتُون:** ث. [انگ. bat] 'ڪرڪيٽ' راند ڪيڏڻ لاءِ هٿئي سان ٽُلهي پَٽي (جنهن سان بال کي ڏ ڪ هٽجي).

• **بِيتَ ج بِيتُون:** ث. [انگ. beat] حد ـ علاقو.

• **بِيتُ:** ذ. وادڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ رندي جو هڪ قسم (جنهن سان ڪائيءَ تي سونهن لاءِ چير وجهجي) ـ جهَري رندو ـ ماهيچو.

• **بِيتُ ج بِيتْ:** ذ. [انگ. beet] پاڃيءَ جو هڪ قسم (گوگڙوءَ جي شڪل جهڙو جو اندران ڳاڙهو ۽ قدري مٺو ٿئي).

• **بِيتُون (ت):** ث. تترن جي هيرائڻ لاءِ ڇوڙ وجهڻ جي جاءِ.

• **بيث:** ث. [سن. ويشْتَ] چيلهه جو سندرو ـ ڪمربٽو (جنهن ۾ تلوار يا خنجر لڙڪيل هجي "ڪاتي بيٽ ۾ هٽبي، پيٽ ۾ ڪان هٽبي"

– **بيث بَنْڊ:** سندرو بڌڻ ـ ڪمر پٽو چاڙهڻ "لوڻيءَ سان لطيف ڇئي، پيڙو بڌي بيٺ" (شاهه). تيار ٿيڻ. سعيو ڪرڻ ـ ڪوشش ڪرڻ. همت ڏيکارڻ.

• **بِيئَڙ:** ظرف. [مصدر. "بيهڻ" مان] بيهڻ واريءَ حالت ۾. بيٺي.

• **بَيئَڪ ج بَيئَڪُون:** ث. [سن. وِشْ = هڪ هنڌ ويهي رهڻ] ويهڪ ـ نشست. ويهڻ جو هنڌ. ويهڻ جو نمونو. ڪسرت ۾ ويهڻ جي حالت ـ ڏنڊ. آسڻ. اوطاق. ڪچهري ـ مجلس. نوآبادي ـ نئين بستي.

ـ **بَينڪي راجُ:** ذ. نوآبادي جو راج. نيم آزاد حڪومت.

Gul Hayat Institute

• **بِيئَلَ ج بِيئَلَ:** ذ. صفت. [سن. وِشْتَ = بيئل] اَٽيل ـ ڪڙو ـ قائم. اَٽ وهندڙ (پاڻي). رهائيءَ يا رسوخ وارو (ماڻهو) ـ هلندي پچندي‌ءَ وارو. سَگهو. سائو ـ سُڪيو. وڏي مرتبي يا عهدي وارو. وڏو ماڻهو.

– **بِيئلائِپ:** ث. هلندي پچندي ـ رسوخ. پهچ. مڙسي ـ همت.

– **بِيئلائِي:** ث. بيئلاٽپ "تہ ڪر بيئلائيءَ ۾ نيڪي سدائين".

– **بِيئَل پاڻِي:** محاورو. بخيل ـ تنگدل. ڪمر همت ـ بزدل.

– **بِيئل ڪارُ:** ذ. صفت. هلندي پچندي‌ءَ وارو (ماڻهو).

– **بِيئلي ٻَڌي:** ث. بيئلائي. هوند. وسعت.

– **بِيئلي پوڪ ڪائڻ:** ڪمائي يا قل هٽ اچڻ کان اڳ خرچ ڪري ڇڏڻ.

– **بِيئلي پير:** ظرف. پيرن ۾ بيئلي ـ ويهڻ يا ترسڻ کان سواءِ. يڪدم ـ جلدي ـ تڙي ڪڙي ـ جهٽ پٽ ـ ٽهه پهه ـ انهيءَ دم.

– **بِيئلي پير آڇڻ:** سواءِ ترسڻ جي فوراً واپس اچڻ ـ يڪدم موٽڻ.

– **بِيئلي ڪَڙي (ت):** ظرف. بيئلي پير.

• **بيجارُو ج بيجارَا (ت):** ذ. نندو هار ـ هارڙو. ٻچو ـ اولاد.

• **بيجَنْتِي:** ث. [سن. وَيْجَيَنْتِي] جهنڈو ـ وائنَٽِي.

• **بِيجو ج بِيجا:** ذ. هارن کي ڊيڄارڻ يا راند ڪرائڻ لاءِ ڪاغذ جو ٺهيل خوفناڪ مُنهن ـ a mask. سانگ.

• **بيجُونْ:** صفت. [ف] بيمثل ـ بينظير ـ اَمٽ ـ لاثاني. لاجواب. (اسر خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "حمد يا حمد بن چوان، جو بيمثل بيچون آ" (رمضان ڪنپر).

• **بيحَدّ:** ظرف. [ف. بي + ع. حدّ] جنهن جو چيهه نہ هجي ـ بي انت ـ لانتها. تمام گهٽو ـ بيحساب ـ بيشمار.

• **بيخَ ج بيخون:** ث. [ف] پاڙ ـ جڙ. پيڙهه. اصليت ـ بنياد. بج ـ تخم.

– **بيخ ڪَڍڻ:** پاڙ پٽڻ" بند ڪڍڻ. جمار ڳارڻ. ٽڪائڻ. ڪ ڪرڻ.

– **بيخ ڪَڻ:** صفت. [ف] پاڙ پٽيندڙ ـ ناس ڪندڙ.

– **بيخ ڪَڻي:** ث. پاڙ پٽڻ جي حالت. بربادي ـ تباهي.

– **بيخ ڪَڻي ڪرڻ:** پاڙون پٽڻ. خراب ڪرڻ. ستياناس ڪرڻ.

• **بيخُود:** صفت. [ف] پنهنجو پاڻ وساريندڙ. پاڻان ڌار بيخود هلج بر ۾ ، آءٌ ٿو چئان ايئن" (شاه). آپي کان ٻاهر. بيهوش. بدحواس.

– **بيخُودِي:** ث. وجد جي حالت (جنهن ۾ پنهنجي بدن جي ڪا سُڌ نہ رهي) ـ بيخبري. بيهوشي. مدهوشي. خمار. بدمستي. بدحواسي.

• **بيدُ:** اسر خاص. شڪارپور ۾ سيوهڻ تعلقن ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بيدُ ج بيدَ:** ذ. [سن. ويتَر] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جا پن دوا طور ڪم ايندا آهن). هيءُ وڻ ڀهاڙن ۾ ٿيندو آهي. هن جون ٽاريون سنهيون ۽ لچڪيدار ٿين. جن جي ڪل سان ڪرسيون واڻبيون آهن. هن جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ: بيد انجير. بيد پياده. بيد خام. بيدروان. بيد ساده. بيد سرخ. بيد سياه. بيد طبري. بيد گربه. بيد مجنون. بيدمشڪ ۽ بيدموش).

– **بيدباف:** ذ. صفت. [ف. بيد + باف > بافتن = اُڻڻ] ڪرسين وغيره کي نيٽ سان مڙهيندڙ. ٽوڪريون ٺاهيندڙ.

– **بيد مال:** ذ. ترار وغيره کي صاف ڪرڻ لاءِ بيد جي ڪائيءَ جو اوزار.

• **بيدَ:** ذ. [هـ] ويدُ. ويجُ.

– **بيدي:** ذ. صفت. ويدن جو جاڻ. وید پڑهيل برهمڻ ـ ودياوان برهمڻ. (اسر خاص) سِکن جو هڪ فرقو (گروبوتا).

• **بيدادُ ج بيدادَ:** ذ. [ف] بي انصافي ـ انياءُ ـ انڌير ـ بغداد. ظلم ـ ستم ـ ڏاڍائي.

– **بيدادي ج بيدادِيُون:** ث. بي انصافي ـ ڏاڍائي ـ ظلم.

• **بيدار:** صفت. [ف] سجاڳ ـ سُچيت ـ جاڳيل خبردار ـ هوشيار.

– **بيدار بَخت:** صفت. پلي پاڳ وارو ـ خوش نصيب ـ سياڳو.

– **بيدار دل:** صفت. زنده دل ـ روشن ضمير.

– **بيدار مَغْز:** ذ. صفت. ڪليل دماغ وارو ـ هوشيار ـ سمجهو ـ عاقل ـ فهيم

– **بيداري:** ث. سجاڳي ـ جاڳرتا. سچيتائي ـ خبرداري. هوشياري. سمجهه ـ عقل.

– **بيدانْتَ:** ذ. ڏسو "ويدانت".

– **بيدانْتِي:** ث. ويدانتي.

• **بيدانُو ج بيدانَا:** ذ. صفت. [ف. بي + دانه] داڻن کان سواءِ. جنهن (ڦل) ۾ داڻا (بج) نہ هجن (ڏاڙهون. زيتون وغيره جو هڪ قسم).

• **بيدَخْلَ:** صفت. [ف. بي + ع. دخل] ڪڍي ڇڏيل. نيڪالي مليل. برطرف. خارج.

– **بيدخل ڪرڻ:** قبضو ڇڏائڻ. ڪڍي ڇڏڻ. خارج ڪرڻ.

– **بيدخلي ج بيدخليُون:** ث. نيڪالي. برطرفي. بيدَرَج بيدَرُونْ (ل): ث. مزوري. خدمت.

• **بيدرْدُ:** صفت. [ف] جنهن کي ڏک سور نہ هجي. بي قياس. بي رحم. بي غم ـ بيفڪر. ڪنور ـ پٿردل ـ سنگدل.

– **بيدردائِي، بيدردي:** ث. بيرحمي ـ بي قياسي. سنگدلي ـ ڪنورائي.

Gul Hayat Institute

– **بيدردو ج بيدردا:** ذ. صفت. بيدرد ـ بيرحم. بي قياس.

• **بيدل:** ذ. صفت. [ف] دل کان سواءِ. بد دل. بي همت. (اسم خاص) سنڌ جي هڪ مشهور شاعر (قادر بخش روهڙيءَ واري) جو تخلص.

• **بيدي ج بيديُون:** ث. [ف. 'بيداد' مان بگڙيل لفظ] بيداد ـ ظلم ـ ناحق. ڏُر ـ ڏاڙو. ڏاڏِ. [ع. 'بَيداءُ' مان بگڙيل لفظ] بيابان ـ رڻ پٽ ـ سُڃ "بيدي ٽيو پنيور، حشر کري هليا" (شاهه). هندو عبادت خانو ـ ٺڪاڻو. [ف. 'بازي' مان بگڙيل لفظ] حرفت ـ انڪل. حرڪت. چيڙ. روڪ ـ اٽڪ.

– **بيديون کيڏڻ:** حرفتون ڪرڻ ـ انڪلون هلائڻ ـ چالبازيون ڪرڻ.

• **بيدَ ج بيدَ (ت):** ذ. [سن. پيدَ] ڳڇ ـ راز.

• **بيدَرَڪ:** ظرف. [بي + دَرَڪ] بنا ڊپ ـ بي ڊپ ـ بيخوف. يڪدم ـ اُمالڪ. ٽهه پهه. بنا رک رکاڻي ـ سنئون سڌو.

• **بيدَڻ:** مصدر. [سن. ويدَنَ] ونڊڻ ـ سوراخ ڪرڻ ـ ٽُنگ ڪيڻ ـ سَلڻ. وِڌڻ. ڪوٽڻ. ڏکوئڻ. (بيڌيو ـ بيڌيندو ـ بيڌيل).

– **بيدي:** ذ. صفت. ونڊيندڙ.

• **بيدَڪ ج بيدَڪُون:** ث. [سن. پاتْدَڪَ = نديڙو ٽانءُ، پيالو. صندوقڙي] نديڙي هڙ ـ ٻُنارڪ ـ بِد ـ بِدڙي.

• **بيرُ ج بيرَ:** ذ. صفت. [سن. ويرَ] پهلوان ـ سُورمو. (ذ) [ع. بئرَ] ڪوهه "بير ڪنيائون برَ ۾، پيارين پهون" (شاهه). [انگ. barium] ڌاتُوءَ جو هڪ قسم ـ پالتو لوهه. [انگ. beer] شراب جو هڪ قسم (جو جَون مان ٺاهيندا آهن).

• **بيراڳ:** ذ. [سن. وَيراگيَه = دنيا جون خواهشون ۽ لذتون ترڪ ڪرڻ، زهد، پڇتي، عبادت، پچتاءُ] دنيا جو ترڪ ـ دنيا کان بيزاري ـ دنيوي ڳالهين کان بُڇان. نفس ڪشي. رياضت. تياڳ ـ ويراڳ. سنياس. غمگيني ـ اُداسائي ـ مايوسي. وچوڙو.

– **بيراڳِيٽو:** ذ. تياڳ ـ ترڪ. بيراڳيءَ جي حياتي (جا تپسيا ۾ گذري). وچوڙو ـ فراق.

– **بيراڳِڻ ج بيراڳِڻيُون:** ث. جنهن زال ويراڳ ورتو هجي ـ ويراڳڻ. جوڳياڻي. [سن. وراڳِي] ڪُنديءَ واري نديءِ لٺ جا بيراڳي فقير ڪچ هينان رکي ٽيڪ ڏيئي ويهندا آهن يا ان تي مٿو نمائي ڏيان ۾ رهندا آهن.

– **بيراڳِي ج بيراڳِي:** ذ. صفت. ويراڳي ـ سنياسي ـ تارڪ. اُداس ـ ملول. عاشق. فقير.

• **بيرانُ:** ذ. [ف. ويران] ويران ـ سُڃ ـ بريت. (صفت) غيرآباد ـ برباد ـ اُجڙ "وصفن تنهنجي ويران ڪيو، برهه بُت بيران ڪيو" (پيرل).

– **بيران ٽيڻ:** ويران ٽيڻ ـ برباد ٽيڻ. حيران ٽيڻ. پريشان ٽيڻ.

– **بيران ڪرڻ:** ويران ڪرن. حيران ڪرڻ. پريشان ڪرڻ.

– **بيرانِي ج بيرانِيُون:** ث. ويراني ـ سُڃ. حيراني. پريشاني. خرابي.

• **بيربَلُ:** اسم خاص. اڪبر بادشاهه جي هڪ وزير جو نالو (جو مزاحيه لطيفن ۽ عقلي تجويزن جي ڪري مشهور آهي).

• **بيرَقَ ج بيرَقُون:** ث. [ترڪي. بَيراق] جهنڊو ـ عَلَم. جهنڊي جو ڪپڙو. تي چار گڏيل جهنڊيون (جي هيڙيءَ جي آڏجي چوتيءَ ۾ هڏندا آهن).

• **بيرِڪ (ڪ):** ث. هڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم.

• **بيرَمُ ج بيرَمَ:** ذ. [ع. بَيرَم = سيراهي. ڊگهو پٽ. پاهوڙو] ڪانٽي يا ساهميءَ جو ڪانو ـ ڏيڪلي (lever). لوهه جي لٺ جنهن سان ڳرو بار هلڪو ڪري ڪڍجي ـ پارائي.

• **بيَرَم خانُ:** اسم خاص. همايون بادشاهه جي هڪ ترڪ امير جو نالو (جو اڪبر بادشاهه جو استاد ۽ صلاحڪار هو).

• **بيرِنگ:** ذ. صفت. [انگ. bearing] لغاو يا ڪاردِ جنهن تي ٽڪلي بلڪل لڳل نه هجي يا گهٽ قيمت واري ٽڪلي لڳل هجي.

• **بيرِٽي ج بيرِٽيُون (ت):** ث. ڪاهه ـ هلان ـ جُلهه ـ حملو "بيرٽي بجر ڪري، وڃي لاڙي لٽ هنئي" (ڪامل تَرَت).

• **بيرو ج بيرا:** ذ. پاڻي چڏي وڃڻ بعد ڪارو ۽ ڪچو سڙيل ٻُهه. [انگ. bearer] هوتلن، دعوتن يا ريلوي وغيره ۾ ماني ڪٽي پهچائيندڙ نوڪر.

• **بيرو ج بيرا (ت):** ذ. ڏسڙ ـ ڏوڙ. ڏز ـ رئي ـ [ع. بئرَ] ڪوهه.

• **بيرُوت:** اسم خاص. شام لڳ لبنان ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ.

• **بيرُونْ:** ظرف. [ف. بيرون] ٻاهر ـ ٻاهرئين پاسي ـ ٻاهران.

– **بيرونجات:** ث. [ف] شهر جون ٻاهريون بستيون ـ ديهات ـ ٻهراڙيون.

– **بيرُونجاتِي:** صفت. ڳوٺاڻو ـ ٻهراڙيءَ وارو.

– **بيرُونِي:** صفت. ٻاهريون. غيرملڪي.

• **بيرُونِي:** اسم خاص. مشهور مسلم عالم ۽ محقق اَبوريْحان البيرُوني (جنهن ڪيترن ئي علمن ۾ ڪتاب لکيا ۽ خاص طرح پنجين صدي هجريءَ جي شروع ۾ هندستان بابت 'ڪتاب الهند' لکيائين، جنهن ۾ استعمال ڪيل ڪي مقامي الفاظ ۽ محاورا 'سنڌي ٻولي، سان ملن ٿا).

Gul Hayat Institute

• **بَيرُون:** صفت. [ف. ويران] ويران. ڏتڙيل. پريشان.
– **بيرون ٽيڻ:** ويران ٽيڻ. بيحال ٽيڻ ـ بد حال ٽيڻ. ڏلجي وڃڻ.
• **بَيرُونڊ ج بَيرُونڊَ:** ذ. بگڙيل صورت ۾ چاول ٻار.
• **بَيرُونڊ ج بَيرُونڊَ (ت):** صفت. ڪاوڙيل (ماڻهو).
• **بيرهِ:** ذ. صفت. ڳرو ـ باري. ٽلهڙ. ڏهڙڏلو. بي ڍولو. وڏي پيڪ يا چپ.
• **بيرهِنْ:** صفت. بيرهِه. (ذ) وڏو ڪچون.
• **بيزار:** صفت. [ف] ڪڪ ـ وياڪُل ـ پريشان. برّ. نفرت ڪندڙ. ناخوش ـ ناراض ـ رنج ـ خفي. دست بردار ـ لاڏعويُ.
– **بيزاري ج بيزاريُون:** ث. پريشاني ـ ناراضگي. رنجش ـ خفو. دست برداري. نفرت.
– **بيزاري ڏنل:** ث. اِها شيءِ جنهن جي دعويُ ڇڏيل هجي. دست برداري ڏنل.
– **بيزاري نامونْ:** ذ. دستبرداريءَ جو دستاويز.
– **بيس:** ذ. ويس ـ لباس.
• **بِيس:** صفت. [هـ] وِيهَ (٢٠) "ڪُونجان رات ڪَرِيڙيو. ٽوليءَ ٽوليءَ بيس" (رسالو: ڍول مارئي).
• **بيساک:** ذ. [سن. وَيشاک] ويساک جو مهينو.
• **بِيسْتْ:** صفت. [ف] وِيهَ (٢٠).
• **بِيسْتُون:** صفت. [ف. بي سُتُون = ٽنڍ ڪان سواءِ] بنا ٽنڍ ٽُوٽيءَ جي. (اسم خاص) ايران ۾ هڪ مشهور جبل جو نالو (جنهن مان فرهاد، شيرين کي حاصل ڪرڻ لاءِ نهر کوٽي هئي).
• **بيسَرْ:** نندي نَڪَ (ڳچ جو هڪ قسم). بينسر.
• **بيسَرْنامونْ:** اسم خاص. ڪلام جي هڪ مجموعي جو نالو (جيڪو چوٽ ۾ اچي ٿو ته شاهه عنايت صوفي رح جي شهيد ٽيڻ بعد سندس سرِ چيو).
• **بيسَرو ج بيسَرا:** ذ. [ع. بَيْسَرَة: ف. بيسَره] باز (پکي) جو هڪ قسم. بِسَر يا بِسرو باز (پکي) جو ٻاشيءَ ۾ ڇِپَڪ جي ميلاپ مان پيدا ٿئي ـ گدو باز.
• **بيسَنْ:** ذ. ندي‌ءَ جو پاڻي، جو چاڙهه سبب ڪنارن کان ائلي وري به اچي ندي‌ءَ ۾ پوي، يا ڪنارن تان ئي وهندو رهي.
• **بيسَنْ ج بيسَنْ:** ذ. [سن. ويسَنَ] چٽڻ يا مٽرن جو اٽو يا ڀُورو.
– **بيسَٽي:** صفت. بيسٽ مان ٺهيل (منائي وغيره)
• **بيسَوا ج بيسَوائون:** ث. [سن. ويشيا] رنڊي ـ ڪسبي. ڪسبياڻي.
• **بيسُودُ، بيسُودو:** ذ. صفت. جنهن مان ڪو فائدو نه ٿئي ـ بيفائدو. بي نتيجي. اجايو ـ فضول.
– **بيسُودائي:** ث. بي فائدگي ـ نقصان. فضولي.
• **بِيسُونْدِي (ت):** ث. گاهه جو هڪ قسم.
– **بيش:** صفت. [ف. بِيش] زيادهه ـ گهٽو ـ وڌيڪ اُچو ـ اعليٰ.
– **بيش بها:** صفت. وڏي اڳهه وارو ـ قيمتي.
– **بيشتَر:** صفت. گهٽو وڌيڪ. بلڪل زياده ـ تمام گهٽو.
– **بيش وَڪَرْ:** صفت. وڏ گهٽ ـ گهٽو ٽورو.
– **بيشي ج بيشيُون:** ث. پريشاني ـ ناراضگي. رنجش ـ خفو. دست برداري. نفرت.
• **بيشَڪ:** طرف. [ف. بي + ع. شڪ] شڪ کان سواءِ. پڪ ـ يقيني طور. ضرور ـ تحقيق.
• **بيشو:** ذ. [ف. بِيشه] بيابان. جهنگل. ٻُوڙو.
• **بَيضاءُ:** صفت. [ع. اَبْيَض' جو مونٿ] اُچو. چمڪندڙ. چٽو. "يَد بيضاء = اچو يا چمڪندڙ هٿ" (حضرت موسيٰ عليه السلام جو معجزو، جو ڪڇ ۾ هٿ وجهي ڪڍندو هو ته اهو چمڪندو هو). هڪ شهر جو سنڌ جي وسيع حدن اندر عربي دؤر حڪومت ۾ ٻڌايو ويو.
– **بَيضاوي:** صفت. اُچو. شمسي دائرو. ايران ۾ شيراز جي علائقي جي شهر 'بَيضاءُ' جو رهاڪو (قاضي ناصرالدين ابوسعيد عبدالله بيضاوي). (اسم خاص) قرآن شريف جي هڪ تفسير جو نالو (جو قاضي ناصرالدين ابوسعيد عبدالله بن محمد بيضاوي تصنيف ڪيو هو ۽ جو عام طور مدرسن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو آهي).
• **بيضو ج بيضا:** ذ. [ع. بَيضه] پکيءَ يا جانور جو آنو.
– **بَيضوي ج بَيضوي:** ذ. صفت. آني جي شڪل جهڙو.
• **بَيطارُ ج بَيطارَ:** ذ. [ع] جانورن جو ڊاڪٽر.
• **بَيعُ:** ث. [ع] وڪرو ـ فروخت.
– **بَيع نامو ج بَيع نامَا:** ذ. وڪري جي قبوليت جو ڪاغذ ـ وڪري جو دستاويز.
– **بَيع وشَرا:** ث. خريد فروخت.
• **بَيعانو ج بَيعانا:** ذ. [ع. بَيعُ + ف. آنه] سودي ۾ ڏنل اڳواٽ رقم ـ سُوٽي ـ شاهي (ت) ـ بَيانو.
• **بَيعَتَ ج بَيعَتُون:** ث. [ع] تابعداريءَ جو اقرار. اطاعت ـ فرمانبرداري.
– **بَيعت ڪرڻ:** مرشد جي هٿ تي هٿ رکي تابعداريءَ جو اقرار ڪرڻ. ڪنهن کي پنهنجو هادي يا رهبر تسليم ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

بيقرار: صفت. [ف. بي + ع. قرار] بي آرام ـ بيچين ـ بيتاب.
بيقراري: ث. بي آرامي ـ بيچيني ـ بيتابي. پريشاني ـ اُٹ تٹ. لوري ـ لوچ پوچ ـ آنڌ مانڌ ـ چور اکورا.
بيڪار: ث. [ف] ڪم ڪار نہ هئڻ جي حالت ـ نڪمائي ـ بيڪاري. بيروزگاري. "بيڪار کان بيگار ڀلي آهي" (چوٽي).
بيڪارُ ج بيڪار: ذ. صفت. [ف] جنهن مان ڪوبہ ڪم نڪري نہ سگهي ـ بي ڪمو. ردي ـ خراب. نڪمٹو ـ واندو. بيروزگار. اجايو ـ فضول. سُست ـ ٹوٹي.
بيڪارو ج بيڪارا: ذ. صفت. بيڪارُ. ڪنهن نہ ڪم جو. ردي ـ چٹ. (ث) بيڪاري ج بيڪاريون.
بيڪاري: ث. بيڪار. بيروزگاري.
بيڪاريو: ذ. صفت. بيڪارُ.
بيڪانيُر: اسم خاص. [بيڪو + سن. نَگَرَ بيڪي جو شهر] بهاولپور کان اوپر طرف دنگئي اڳوٽيءَ رياست جو نالو.
بيڪانيري: صفت. بيڪانير جو. (ذ) بيڪانيري اُٹن جي نسل جو هڪ قسم (مٹي ۾ ڪڌ، پچ نندي، منهن ڇُوني، جهڙو، ڪن ننڍا ۽ ڪُنڌيا نہ. ڪوڙي هيٺ وڏي، بدن ۾ جڙ سنهو ۽ ٽڪل پر هلڻ ۾ تکو. قد ۽ ڳچيءَ ۾ ڏاڍي اُٹن جهڙو).
بيڪس: صفت. [ف. بي = بنا + ڪَس = ڪوبہ ماڻهو] بي يار ـ بي مددگار. بيواهہ ـ بي وسيلو. ويچارو ـ ويڳاڻو. نڌر ـ نڌڻڪو. (اسم خاص) سنڌ جي مشهور شاعر قادربخش "بيدل" جي پٺ "محمد حسن" جو تخلص.
بيڪسي: ث. بي وسيلائي. نڌرائي ـ نڌڻڪائي.
بيڪيتُ ج بيڪيت: ذ. صفت. [ف. بي = بنا + ع. قيد] بي قيد. جنهن لاءِ ڪو قاعدو قانون يا رواج نہ هجي. بي ڪاڻو. بي ريتو. ڪُريتو. بي نيمو ـ ڪُنيمو. ارادي جو ڪچو ـ ڇٽتو ـ ڇٽتي خور. شڪي ـ قرندڙ گهرندڙ. اوقاتي ـ گهوڪائي. مبهم ـ نامقرر.
بيڪيتائي: ث. شڪي حالت. ڇٽتائي. ڪچائي.
بيڪيتو ج بيڪيتا: ذ. صفت. بيڪيت.
بيڪيتي: ث. بيڪيتائي.
بيڪ ج بيڪُون: ث. [ف. بيخ = پاڙ] پاڙ ـ جڙ. بنياد ـ اصل.
بيڪ ڪيڻ: تمام گهٽو رلائي ڪک ڪرڻ ـ گهٽو ٽڪائڻ. جڙهہ ڪيڻ.
بيڪ ج بيڪ: ذ. [سن. ويشَ] ويس ـ لباس ـ پوشاڪ. ٻاهريون ويس. ڀهروپ ـ چمڙا پوش. فقيراٹو لباس "بيڪ کي ٽيڪ" (چوٽي: يعني تہ فقيراٹي لباس کي مٹي ٽيڪ يا مان). نمونو ـ صورت. ڏيک. ڏونگ ـ مڪر ـ فريب.
• **بيڪاري ج بيڪاري:** ذ. صفت. ڀهروپي ـ بيڪ ڌاري. جنهن کي فقيراٹو لباس پيل هجي "ڪالهہ ڪڏيوسين ڪاپڙي، بابو بيڪاري" (شاهہ).
– **بيڪ ڌارڻ:** ڪنهن فقيراٹي ٽولي۽ ۾ داخل ٽيڻ.
– **بيڪ ڌاري ج بيڪ ڌاري:** ذ. صفت. بيڪاري. ڀهروپي. جنهن کي فقيراٹو لباس پهريل هجي. فريبي ـ مڪار.
– **بيڪ ڪرڻ:** ويس بدلائڻ ـ ڏونگ ڪرڻ.
• **بِيڪ:** ث. [سن. پِكْشا > پِكْش = گهرڻ، مگڻ، پنڻ] بکيا ـ پن. گداگري ـ فقيري. خيرات لاءِ سُوال. خيرات (جا سوالي فقير کي ڏجي). گهُر ـ منٺ ـ عرض.
• **بِيڪاري ج بِيڪاري:** ذ. صفت. بيڪ وٺندڙ ـ پينو ـ گداگر. منگتو.
• **بيڪ مگڻ:** گدائي ڪرڻ ـ پنڻ.
• **بِيڪڻ دارُ:** ذ صفت. بيڪاري ـ پينار "ڪوڙين آيا ڪيترا، بايو بيڪڻ دار" (شاهہ).
• **بِيڪاري:** اسم خاص. شڪارپور تعلقي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **بيڪَرُ ج بيڪَر (ت):** ذ. صفت. [ع. ١. بَيعُ = وڪرو + ف. خَرْ > خريدن = خريد ڪرڻ؛ ٢. ف. بَرْ = ميوو + خَرْ > خريدن = خريد ڪرڻ] اُهو ماڻهو جو باغ يا پاڻي مالڪ کان مقاطعي تي وٺي نيڪال ڪري.
• **بيڪوٹِي ج بيڪوٹيُون (ث):** ث. ڪائِي (مُردي کي ڪٹڻ لاءِ). ڪٹ جو هڪ قسم (جا بنان پاون جي ڪرسيءَ وانگر هوندي آهي ۽ خاص ڪري وڏي ماڻهوءَ جي مرڻ وقت ٺاهيندا آهن. جنهن تي مُردن کي سنئون ويهاري گهٽين يا رستن تان گهمائي پوءِ ساڙيندا آهن).
• **بِيڪوري:** اسم خاص تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **بيگ ج بيگُون:** ث. [سن. ويگ] ٽِک (پاڻيءَ جي) ـ تيز وهڪ ـ ڇوهہ. تيز رفتاري ـ تيزي.
• **بَيگ ج بَيگُون:** ث. [انگ. bag] چمڙي وغيره جي ٿيلهي يا پيٽي.
• **بيگ ج بيگ:** ذ. [ترڪي] مغل قوم جو خطاب. امير. حاڪم. خان. نواب. سردار. (ث) بيگم ج بيگمون.

Gul Hayat Institute

• **بيگارَ ج بيگارُون:** ث. [ف] زبردستيءَ سان مفت ۾ ورتل ڪر ـ بيگر (جا اڪثر سرڪاري علمدار يا زميندار غريب ماڻهن کان وٺندا آهن) "بيڪار کان بيگار پلي".

– **بيگاري ج بيگاري:** ذ. صفت. بيگر ۾ وهندڙ. مجبور ٿي ڪم ڪندڙ. مفت ۾ ڪم ڪندڙ. بي دليو ڪم ڪندڙ. جڏو ڪم ڪندڙ. (ث) بيگرياڻي ج بيگارياڻيُون "لاهي لج لطيف چئي، ٿي بيگارياڻي بَر" (شاهه).

• **بيگاري:** اسم خاص. اُتر سنڌ جو هڪ مشهور واهه "بيگاري واهه" (جو سڪر ۽ جيڪب آباد ضلعن وچان وهي ٿو ۽ انگريزن جي شروعاتي دور ۾ بيگر تي کوٽايو ويو هو).

• **بيگانگي:** ث. [ف] ڏاريائي ـ اجنبيت. ناواقفيت ـ اَسونهپ.

• **بيگانو ج بيگانا:** ذ. صفت. [ف. بيگانه] ڏاريو ـ پرائو. اوپرو ـ اجنبي. ناواقف ـ اَڻ سونهون. نڏٺڪو ـ بي گهر. پرديسي.

– **بيگانه:** ذ. صفت. [ف] بيگانو.

– **بيگانه بُوم:** ذ. ڏارئين ملڪ جو ماڻهو.

– **بيگانه رُو:** ذ. صفت. ڏاريو ـ ناآشنا.

– **بيگانه نهاد:** ذ. عجب طبيعت جو ماڻهو.

• **بيگاهَ:** ظرف. [ف] بي وقتو ـ ڪُمهلو ـ اويلو. سُتي لوڪ.

• **بيگرَ ج بيگرَون:** ث. [ف. بيگار] بيگار.

• **بيگر تارڻ:** زبردستيءَ واري ڪم ڪي ڪنهن حيلي سان هٽائڻ. کو ڪم بي دليءَ سان ڪرڻ.

– **بيگر ڪرڻ:** ماڻهن کي زوريءَ ڪم ۾ لڳائڻ. زبردستيءَ وارو ڪم ڪرڻ. تکڙ سان ڪم ڪرڻ ـ بيخيالو ڪم ڪرڻ.

– **بيگر لاهڻ:** تکڙو ۽ آڏورو ڪم ڪرڻ.

– **بيگر ۾ وهڻ، بيگر وهڻ:** زبردستيءَ سان مفت جو ڪم ڪرڻ. بيدليو ٿي ڪم ڪرڻ.

– **بيگر هڻڻ:** ماڻهن کي زوريءَ ڪنهن ڪم ۾ لڳائڻ ـ زوريءَ ڪم وٺڻ.

• **بيگرَڻ، بيگرِڻ:** مصدر. پَلي ۾ مختلف مصالحا گڏي تياري ڪرڻ ـ مصالحا ڏيئي پلو پچائڻ.

• **بيگمَ ج بيگمُون:** ث. [ترڪي] "بيگ" جو مونث. اميرياڻي ـ اميرزادي. بيبي ـ خاتمون. زال. عورت جي نالي پٺيان عزت طور ڪم ايندڙ لفظ "نورجهان بيگم". عورت جو نالو مائي "بيگم".

• **بيگمانجي:** اسم خاص. خيرپور ۽ روهڙيءَ جي وچ تي هڪ ڳوٺ، اسٽيشن ۽ ديهه جو نالو.

• **بيگنَ ج بيگنَ (ت):** ذ. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڏو ڳاڙهو، چڙيون مضبوط، سُوئا ڊگها، ڪاهر مضبوط ۽ گو چدا ٿين).

• **بيگو ج بيگا:** ذ. [سن. وِگُرهـ: هـ بيگها] زمين جو (جنهن ۾ ۲۲۵۰۰ چورس فوٽ يا ۲۵۰۰ چورس و ٿيندا آهن).

– **بيگوتي ج بيگوتيُون:** ث. اُها زمين جا بيگن پٽاندر ما ٻيل هجي (۽ جنهن جي ڏَل پڙ بيگن موجب مقرر هجي).

– **بيگوتي ماپ:** ث. زنجيرن سان ڪيل ماپ. وڏي ايراضي وڏن سروي نمبرن مان جيترو ٽڪرآباد ڪيل هجي. فقط آبادي‌ءَ جي ماپ (ڏل مقرر ڪرڻ خاطر).

• **بيلَ:** ث. [سن. وَلِيْ] وَلِ. [سن. مَلّي] موتئي جي گلن ج ول. ڪپڙي وغيره تي گلڪاري (پريل، چاپيل). [سن. وِلْ هڪ قسم جو ميوو ـ بيل ڦل.

– **بيلاٽُون، بيلاڻُون:** ذ. صفت. اُها شيءِ جنهن تي گلڪار نڪتل هجي.

• **بيلَ:** ث. [ف] ڪوهه مان مٽيءَ ڪڍڻ لاءِ وڏي ڪوڏر. ڪوڏ

– **بيلدار ج بيلدارَ:** ذ. ڪوڏر بردار. واهن ۽ رستن جي ٽور گهٽي مرمت ۽ سنيال ڪندڙ ملازم.

• **بيلُ:** ذ. [انگ. bell] گهنڊُ [انگ. ball] ضامن.

• **بَيلُ ج بَيلَ:** ذ. [سن. بَلِيوَرْدَ: پرا. بئلا] ڍڳو ـ ڏاڍ (صفت) طاقتور. بيوقوف. گهٽ ڪائڪ.

– **بَيل گاڏي، بيل گاڏي:** ث. ڍڳي گاڏي ـ ڏاند گاڏي.

• **بِيلَ (ث):** ث. پٽ ۾ ٽهيل جارو (جنهن ۾ سُونهن لاءِ تا رکجن).

• **بيلاڪَ ج بيلاڪَ (ت):** ذ. [انگ. block] زمين ج ايراضيءَ جو هڪ حصو (۱۶ ايڪڙ) ـ بِلاڪ ٻيلي جو اُه پاڳو جنهن ۾ مال چارڻ جي منع هجي.

– **بيلاڪ پيلاڻ:** رَڪ وارو ٻيلو زيان ڪرائڻ. سخت نقصا ڪرائڻ.

• **بيلْجيَم:** اسم خاص. [انگ. belguim] يورپ جي ا اولهه طرف هڪ ننڍو ملڪ.

• **بيلچو ج بيلچا:** ذ. [ف. بيلچه] لوهو پاهوڙو ـ هڪ خاص قسم جي ڪوڏر.

• **بيلدارَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **بَيلَفُ ج بَيلَفَ:** ذ. [انگ. bailiff] سول ڪورٽ جو ملازم جيڪو ڏرين کي ڪورٽ جي سڏ کان آگاهه ڪري ۽ ڊڪري وغيره تعميل ڪري.
• **بِيم:** ذ. [ف] خوف ـ ڊپ ـ ڊاءُ.
– **بِيمناڪ:** ذ. صفت. ڊڄندڙ. ڊيڄاريندڙ ـ پوائتو ـ خوفناڪ.
• **بِيمارُ ج بِيمار:** ذ. صفت. [ف. بيم = خوف + آر = وارو]. مريض ـ اڌهو.
• **بِيمارپُرسي:** ث. بيمار جي طبيعت جي پڇا ڳاڇا ـ عيادت.
– **بِيمارخانو ج بِيمارخانا:** ذ. بيمارن جي رهڻ ۽ علاج ٽيڻ جي جاءِ ـ اسپتال.
– **بِيماري ج بِيماريون:** ث. اڌهائي ـ ناچاقائي. مرض.
– **بِيماري ڪاڻ:** مريض ٿي رهڻ. ڊڌهي ۽ تڪليف واري بيماريءَ ڪان پوءِ چاق ٽيڻ. ضعيف ٽيڻ.
• **بِيمات:** ث. [هـ. سن. وِمانا] نِڇي ماءُ "بِيماتي ياءُ = نِڇو پاءُ".
• **بِيمگو (ث):** ظرف. سَوير.
• **بِيمُونْ ج بِيمُونْ (ث):** ث. وياڪ ڪي ويجهي.
• **بَيْنْ:** ذ. [هـ] پارَ ڪڍي (لاش تي) روئڻ جي حالت ـ ماتم.
• **بَيْنْ:** ظرف. [ع] وچ ۾.
– **بَيْن الاَقْوامي:** صفت. قومن جي وچ ۾. اَنترراشٽريه.
– **بَيْن بَيْن:** ظرف. وچئون وچ. درميانو ـ وچولو.
• **بَيْنْ:** ذ. [ع] فاصلو ـ فرق.
• **بَيْنْ:** صفت. [ع] صاف ـ چٽو.
• **بِيڻ ج بِيڻُونْ:** ث. [سن. وِيڌا] ساز جو هڪ قِسم (جنهن جي هنهي پاسن کان ۽ وچ ۾ ست تارون وڄائڻ لاءِ ٽيندیون آهن: هندن جي عقيدي موجب اهو ساز پهريائين 'نارد مني' جوڙيو هو). طوطو (چمڙي جي ڳوڙيءَ ۽ توتارين مان ٺهيل ساز. جنهن ۾ هوا ڦوڪي وڄائبو آهي ـ bag_pipe). بنسري. مُرلي.
• **بِينا ج بِينا:** ذ. صفت. [ف] ڏسندڙ ـ پسندڙ. پروڙيندڙ ـ پُرجهندڙ.
– **بِينائي:** ث. اکين سان ڏسڻ جي حالت. بصار. نظر ـ ديد.
– **بِينا ڪَرڻ:** اکين کي روشن ڪرڻ. روشني بخشڻ. اندر جا طاق کولڻ.
• **بينامدار:** صفت. جهن جي نالي 'بينامي' سودو ٽيل هجي.
• **بينامي:** ذ. [ف] اُهو سودو جو پنهنجي نالي جاڻائڻ بدران ٻئي جي نالي ڪجي، پر اُن جو فائدو پاڻ کائجي. گمنامي ـ اَڻ مشهوري.
• **بِينْ بلجو ج بِينْ بلجا:** ذ. [سن. وِيڌا + وادْيَ] هڪ قِسم جو ساز. طوطو ساز (bage_pipe). هارمونيم.
– **بِين باجا وجڻ:** شادمانا ٽيڻ ـ خوشيون ٽيڻ.
• **بِينْبِي ج بِينْبِيُونْ (ڪ):** ث. ماٺهن جي پيڙ ـ گهٽو ميڙ. معاملو ـ جهيڙو.
• **بِينْجهُ ج بِينْجهَ (ث):** ٽنگ ـ سوراخ ـ ڳڙڪ.
• **بَيْنْچُ ج بَيْنْچَ:** ذ. ڏسو "بَيْنْچِ".
• **بَيْنْچِ، بينچ ج بَيْنْچُونْ:** ث. [انگ. bench] اسڪولن ۾ شاگردن جي ويهڻ لاءِ پاون سان هڪ خاص قِسم جو تختو ـ بانڪ ـ بانڪڙو. آفيس. اسٽيشن. باغ. تفريح گاهه وغيره جاين تي آرام لاءِ (ڪاٺ. لوهه. سيمنٽ وغيره مان ٺهيل) ويهڪ. ججن جو مقرر گروهه.
• **بَينچ ماجسٽريٽ:** ذ. [bench magistrate] اهو جج جو بين ججن سان گڏ فيصلا هلائي.
• **بَيْنْڈَ ج بَيْنْڈُونْ:** ث. [انگ. band] انگريزي واڄو. ولايتي سازَ. ولايتي سازن تي ڳائڻ وارن جي ٽولي.
• **بِينْڈِي:** ث. [هـ] وارن جي ڳُنڍ.
• **بِينرُ ج بِينرَ:** ذ. [ف. بِينِي = نڪ] ڪبوتر جو هڪ قِسم (جنهن جي چهنب ٽلهي ٽئي).
• **بَيْنْسرِ:** ث. [ف. بِينِي = نڪ + سَر = متان. طوق. سينگار] نڪ جي زيور جو هڪ قِسم ـ نٿ. بُولي جو هڪ قِسم.
ـ **بَيْنْسرِي بُولو:** ذ. هڪ قِسم جو بُولو ـ جهانجهر سان بولو.
• **بَيْنْسرو:** ذ. [ع. بَيسَرَه: ف. بيسره] باز (پکيءَ) جو هڪ قِسم (جو 'باشي' ۽ 'چِڙَڪَ' جي ميلاپ مان پيدا ٿئي) ـ بِسرو باز ـ گدو باز.
• **بَيْنْسري ج بَيْنْسرِيُونْ:** ث. [سن. وَنْشِي] ساز جو هڪ قِسم ـ بانْسري.
• **بِينْش:** ث. [ف] بينائي ـ نظر. دور انديشي.
• **بَيْنْشُ ج بَيْنْشَ:** ذ. [. 'بَحَثَ' جو عامي اُچار] بحث.
• **بَيْنْكَ ج بَيْنْكُونْ:** ث. [انگ. bank] پئسن جي ڏراوت. ڏيتي ليتي.
• **بَينو ج بَينا:** ذ. [ع. بَين = وچ: سن. وِنْدَ = پرن جي وچ ۾ نراڙ جو ٽڪر. پاڻيءَ جو قڙو. بُوند: هـ. بَينا] نراڙ ـ پيشاني. هڪ قِسم جو ڳهه (جو پيشانيءَ تي هڏبو آهي) ـ ٽڪڙو.
– **بَينو چاڙهڻ:** وارن کي پيشانيءَ تي ڳُنڍڻ. پيشانيءَ ۾ گهنڊ وجهڻ ـ سُونڊ پائڻ. ڪاوڙجڻ.
• **بِينو:** ذ. صفت. [ف. بِيني = نڪ] بِنو ـ مِنو.

Gul Hayat Institute

• **بينَوا:** صفت. [ف] بي سامان ـ بي ثمر. سُجو ـ سکٹو. غريب ـ مسڪين. بيڪس.

— **بينَوائي:** ث. مفلسي ـ سجائي.

• **بيَنوايو ج بينوايا (ڪ):** ذ. صفت. بيعقل ـ بيوقوف. هالو پولو.

• **بيني ج بِينيوُن:** ث. [ف] نڪ. نڪ جو اندريون پاسو ـ نڪ جي ٽوٽي. درجي طاق جي هڪ پَٽي. (ڪڙي لاءِ) ڪنڊو. ترار جي مُنڍي جو اُهو مٿيون حصو جو هٿ جو بچاءُ ڪري. ڏَنُوٽ جي مٿئين تختي تي "آ" جي نموني لڳل ڪائيون (جي تختن کي مضبوط ڪن).

• **بيني:** ث. ڏسو "بينْدي".

• **بِيوگ:** ذ. [سن. وِيوگ] وڇوڙو ـ جدائي.

— **بِيوگِي:** ذ. صفت. وڇوڙيل عاشق.

• **بُيُوُن:** ث. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) سُرهيون پُڙيون (جي سوڙن ۾ خوشبوءِ طور وجهندا آهن) ـ پُڙا. (ذ. صفت). [سن. پُوم = زمين، پومِيَه = زمين جو] جاڻو ـ واقف. ٻڙيءَ جو سکاني ـ ناڪئو.

• **بِيوَنْت:** ث. [هـ بيونت = وضع، ڪپڙن جي ڪٽ سٽ] ڪَٽ ڪوٽَ ـ گهٽ وڌائي ـ ڪاٽ چانٽ. تقسيم. ماپ.

• **بيوَه:** ث. [ف] رن زال ـ وڌوا.

• **بَيْهَ ج بَيهُون:** ث. لوهار يا سوناري جي ڏَوٽيءَ جي ڏَنُوٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻن ڪائين مان هڪ ڪائي.

• **بِيهَ ج بِيهَ:** ذ. [سن. بِسَ] بِهُ ـ ڪُوٽيءَ جي پاڙ (جا ڏندن يا ڪُنبن ۾ ٿيندي آهي، جنهن جو گل "ڪنول" يا نيلوفر" آهي).

— **بيهي ج بيهي:** ذ. صفت. بِيهه جو ـ بيهه وارو. بيهه مان ٺهيل.

• **بِهارَڻُ:** مصدر. اُپو ڪرڻ. ڪڍو ڪرڻ. (بيهاريو ـ بيهارينڊو ـ بيهاريل).

• **بيهَڪَ ج بِيهَڪُون:** ث. بيهڻ جي حالت. استقامت ـ بيلائي. هائي. اڏاوت ـ بناوت.

— **بيهڪ وڻڻ:** مصدر. ڪڍو ٽيڻ ـ اُپو ٽيڻ. (بيهندو ـ بيلو ـ بيئل).

• **بِيهَڻُ:** مصدر. ڪڍو ٽيڻ ـ اُپو ٽيڻ. (بيهندو ـ بيلو ـ بيئل).

— **بِيهي وڃڻ:** هڪ هنڌ ڪپي وڃڻ. هڪ جاءِ تي بيهي رهڻ. ٽِڪَ ٻڌڻ. ڇُڪي وڃڻ ـ زور ختم ٽيڻ. نہ لهڻ (قرض). نہ پڄڻ. (ڳجهارت).

• **بِيهِلو (ث):** ظرف. سوير ـ جلدي. جهٽ پٽ.

• **بيهُودو ج بيهُودا:** ذ. صفت. [ف. بيهوده] بدفضيلتو ـ بدافعال ـ بداخلاق. ناشائستو. واهيات نالائق. بيمروّت. خراب ـ بد. بيفائدو ـ اجايو ـ فضول (ث) بيهُودي ج بيهُوديون.

ـ **بيهودگِي ج بيهودگِيُون:** ث. بدافعالي. بداخلاقي. بدتهذيبي. نالائقي. بداُسلوبي. حماقت ـ بيوقوفي.

• **بيهِيْداڙو ج بيهِيداڙا:** ذ. [ف. بيهيدانه] پسارڪي وڪر جو هڪ قسم. "بيهي ڦل" جا داڙا (جي دوا ۾ ڪم اچن).

• **بيهي مُگ:** ذ. تيلي ٻج جو هڪ قسم ـ بوهي ڇٽا.

• **بِيءَ:** ث. [سن. پُومي] يُونْءِ ـ جاءِ ـ هنڌ ـ ماڳ ـ ٺڪاڻو ـ منزل "اڄي بينا بِيءَ تي. ڪري سُڌ سهي" (حنيظ). وج. وٽي ـ وڇوتي.

— **بِيءَ تي اُڇڻ:** ماڳ تي پهچڻ ـ پوري پير تي اچڻ.

• **بِيئُنْ:** ث. بِيءَ. وج. وڇوتي ـ وٽي.

• **بِيئَرَرْ:** ذ. [انگ. bearer = ڪٽندڙ. جهليندڙ] مٿيون ڪم ڪار وارو نوڪر. هوٽل يا گهر ۾ ڪانو ڪارائيندڙ. بيرو. حمال.

• **بيئرر چيڪ:** ذ. [انگ. bearer cheque] هڪ خاص قسم جو چيڪ (جو جنهن جي هٿ ۾ هجي سو وڃي بئنڪ مان متائي).

Gul Hayat Institute

ب

● **ب:** ث [سنڌي] سنڌي 'الف ـ بي' جو ٽيون اکر: ابجد موجب عدد 'ب' جي برابر: عددي قيمت ٢؛ تلفظ "بي".

● **بَ:** صفت. [پرا. بَ] هڪ عدد (٢) ـ هڪ جي ٻيڻ "بہ تہ ہارهن" (پهاڪو).

– **بَ اکر:** محاورو. بہ حرف. ٽورا لفظ. ڪجهہ بيان ـ مختصر ذڪر ـ ٽورو احوال.

– **بَ اکر چوڻ:** ٽورو گهٽو چوڻ. ڪجهہ احوال ٻڌائڻ. مختصر طرح ٻڌائڻ. سفارش ڪرڻ.

– **بَ اکيون ڪرڻ:** ساڳي حيثيت وارن مان هڪڙي کي گهٽ ۽ ٻئي کي وڌ سمجهڻ. رياءُ ڪرڻ. منافقي ڪرڻ. مُنجهي پوڻ.

– **بَ بَ:** صفت. جوڙو جوڙو. جوڙي جوڙي.

– **بَ بَ ڄڻڻ:** دل اُداس ٽيڻ. اُڪيرجڻ. پشيمان ٽيڻ.

– **بَ بَ گوڙها روئڻ (ت):** تمام گهٽو روئڻ ـ ٻِنا ٻِنا لُڙڪ وهائڻ.

– **بَ تہ ہارهن:** محاورو. ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي. جيئن گهٽا ماڻهو تيئن فائدو.

– **بَ پَهَر:** ذ. ڇهن ڪلاڪن جو عرصو. اَڌ ڏينهن يا رات.

– **بَ پَهَر وهڻ:** انجام موجب اڌ ڏينهن يا اڌ رات تائين ڪم ۾ مدد ڪرڻ. ميار لاهڻ. وقت تي همدردي ڪرڻ.

– **بَ گِدرا مُٺ ۾ اَچڻ:** هڪ وقت ۾ ڪم ٽيڻ (جو ناممڪن آهي). هڪ ئي وقت ۾ فائدا حاصل ٽيڻ.

– **بَ گهَر هارڻ:** ٻن گهرن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ. ٻن گهرن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ. فتنو اُٿارڻ ـ فساد جاڳائڻ ـ چيٽو پورڻ.

– **بَ لَڇون:** (ڪنايةً معنيٰ ۾ واقعا) ١. دولت حاصل ٽيڻ جي لت (يعني دولت جمع ٽيڻ سان ماڻهو هوش حواس وڃائي ٽو) ٢. دولت ختم ٽيڻ جي لت (يعني دولت ختم ٽيڻ سان ماڻهو تباهہ ۽ برباد ٽئي ٽو).

● **ہِ:** صفت. [بَ > ہِ (زير اضافت جي پڇاڙي بمعنيٰ "وارو")] ٻِن سان.

● **ہِ اَکيائي:** ث. ٻيائي ـ دوئي. رياڪاري ـ پاسخاطري. ناانصافي.

– **ہِ اَکيو ج ہِ اَکيا:** ذ. صفت. ٻيائي ڪندڙ. رياڪار. بي انصاف. منافق.

– **ہِ تارُ:** ذ. ٻن تارُين جو ٽڪاءُ. تارُي ٽوڪ (زنانو) جهيڙو. ڏمجر ـ ٻائيتال ـ هُل ـ گهٽو گوڙ. فساد ـ ماندار.

– **ہِ پاڙو ج ہِ پاڙا:** ذ. صفت. ٻن پاڙُن وارو. مضبوط ـ ڏاڍو. (ذ) هڪ قسم جو ٻوٽو.

– **ہِ پڑوچ ہِ پڑا:** ذ. صفت. ٻن پڙن وارو. ٻن ڏِڪن وارو. ٻن تَهن وارو اُڦراتو.

– **ہِ پڑي ج ہِ پڑيُون:** ث. صفت. ٻن پڙن واري ـ ٻن تهن واري. ٻنهي طرفن کان هڪ جهڙي رگيل اجرڪ.

– **ہِ پُور پاسڪ ڏِڪندو:** ذ. اُهو ڏکندو جنهن جا ٻہ پاسا پاڻ ۾ برابر هجن.

